# نهج البلاغه

(سنڌيءَ ۾)

علامه السيد الشريف الرضي رحه

المجتبيٰ فائونڊيشن طلاب سنڌ ، پاڪستان

Presented by Ziaraat.Com

Presented by Ziaraat.Com

Under Permission from:

**AlMujtaba Foundation Applications, Sindh, Pakistan**

WhatsApp: +989390912866

Email: alhussaini4all@gmail.com

Website: http://www.almujtaba14.com

Download Nehj ul-Balagha Sindhi on your android:

https://play.google.com/store/apps/details?id=pk.almujtaba.nahj

Presented by Ziaraat.Com

# فهرست

## خُطبا


خطبہ 1: هن ۾ زمين ۽ آسمان جي شروعات ۽ حضرت آدم... ........ 1

خطبہ 2: جنگ صفين کان واپس اچڻ بعد........ 7

خطبہ 3: شقشقيہ ........ 9

خطبہ 4: رسول جي آل جا احسان ۽ قريش جي حالت ........ 12

خطبہ 5: رسول الله صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن جي رحلت... ........ 13

خطبہ 6: جڏهن حضرت امير عليہ السلام کي مشورو ڏنو........ 14

خطبہ 7: منافقن جي حالت جو منظر ........ 15

خطبہ 8: حال جي منشا مطابق - زبير بابت........ 16

خطبہ 9: جمل وارا اصحاب ۽ دشمنن جون ڌمڪيون ........ 17

خطبہ 10: معاويہ ۽ ان جي لشڪر جي حالت........ 18

خطبہ 11: جڏهن جمل واري جنگ ۾... ........ 19

خطبہ 12: جڏهن الله تعاليٰ جناب امير عليہ السلام کي... ........ 20

خطبہ 13: بصري وارن جي هجو ۾ ........ 21

خطبہ 14: هي بہ بصري وارن جي هجو ۾ فرمايل آهي........ 22

خطبہ 15: حضرت عثمان جون عطا ڪيل........ 23

خطبہ 16: جناب امير عليہ السلام جي جڏهن مديني ۾... ........ 24

خطبہ 17: اُنهن ماڻهن جي باري ۾ جيڪي اُمت... ........ 26

خطبہ 18: اسلام جي مفتين ۾ اختلاف راءِ ........ 28

خطبہ 19: منافق کي خطاب ........ 29


Presented by Ziaraat.Com

خطبہ 20: خدا جي نافرماني ڪرڻ وارو ........ 30

خطبہ 21: پيو جهان........ 31

خطبہ 22: حضرت عثمان جو قتل........ 32

خطبہ 23: دولت جي تقسيم ........ 33

خطبہ 24: بد ڪردار کان بيزاري ........ 35

خطبہ 25: پڇڻ وارا رفيق ........ 36

خطبہ 26: نهروان واري جنگ کان پهرين ........ 38

خطبہ 27: جهاد ........ 39

خطبہ 28: دين ۽ دنيا ........ 41

خطبہ 29: تنبيهہ........ 42

خطبہ 30: حضرت عثمان جي قتل بابت حقيقت........ 43

خطبہ 31: زبير ڏانهن پيغام ........ 44

خطبہ 32: ماحول........ 45

خطبہ 33: بصري جي طرف روانگي........ 47

خطبہ 34: غفلت شعار ساٿين جي ملامت... ........ 48

خطبہ 35: تحڪيم تي اظهار راءِ........ 50

خطبہ 36: خوارج کي خطاب ........ 51

خطبہ 37: اصحابِ رسول جي ڪيفيت........ 52

خطبہ 38: ڪل نفس ذائقة الموت........ 53

خطبہ 39: پنهنجي اصحابن کي روڪي منع ڪرڻ........ 54

خطبہ 40: خارجين کي جواب........ 55

خطبہ 41: وفاداري........ 56

خطبہ 42: وڏين اميدن کان منع ڪرڻ........ 57

خطبہ 43: قاصد جو انتظار........ 58

خطبہ 44: مصلقہ جي فرار کان پوءِ........ 59

خطبہ 45: حمد باري تعالىٰ ۽ دنيا جي ناپائداري ........ 60


Presented by Ziaraat.Com

خطبہ 46: دعا بارگاھ رب الارباب ۾.......................................................... 61
خطبہ 47: ڪوفي جي متعلق غيب جي خبر.............................................................. 62
خطبہ 48: شام جي سفر واري راھ ۾ .................................................................... 63
خطبہ 49: صفات باري تعالیٰ ............................................................................. 64
خطبہ 50: فتني فساد جو سبب............................................................................ 65
خطبہ 51: فرات جي ڪناري تي معاويہ جو قبضو...................................................... 66
خطبہ 52: دنيا کان بيزاري جي تلقين ................................................................... 67
خطبہ 53: صفين ۾ جنگ کان روڪڻ تي ماڻھن جو هجوم ۽ بيقراري .................................. 69
خطبہ 54: صفين ۾ حضرت جي اصحابن , جڏھن جهاد ڪرڻ........................................... 70
خطبہ 55: پيغمبر صلعم جن جي اصحابن جي شجاعت ۽ استقلال جو ذڪر............................. 71
خطبہ 56: امير المومنين تي سب و شتم ................................................................ 72
خطبہ 57: خارجين کي مخاطب ڪندي فرمايائين...................................................... 73
خطبہ 58: خارجين جي متعلق پيشن گوئي ............................................................. 74
خطبہ 59: قرباني جي جانور جون صفتون ............................................................... 75
خطبہ 60: مون کان پوءِ خارجين سان جنگ.............................................................. 76
خطبہ 61: قتل جي ڌمڪي.................................................................................. 77
خطبہ 62: اعمال صالح جي طرف ترغيب ................................................................ 78
خطبہ 63: دنيا کان بيزاري................................................................................ 79
خطبہ 64: صفات باري تعالیٰ ............................................................................. 81
خطبہ 65: مجاهدن کي اصول جنگ جي، صفين ۾ تعليم................................................ 82
خطبہ 66: جڏھن سقيفہ بني ساعده جون خبرون جناب امير عليہ السلام کي پھتيون.................. 83
خطبہ 67: محمد بن ابي بڪر جي شهادت کان پوءِ........................................................ 84
خطبہ 68: پنهنجي اصحابن جي شڪايت ڪندي ........................................................ 85
خطبہ 69: امير المومنين هي ڪلمات ضربت واري رات جي سحر وقت................................ 86
خطبہ 70: عراق وارن جي شڪايت ڪندي ............................................................... 87
خطبہ 71: صلوات پڙهڻ جو طريقو ........................................................................ 88

Presented by Ziaraat.Com

خطبہ 72: مروان بن حڪم جي باري ۾ اخبار بالغيب ........................................ 89
خطبہ 73: جڏهن ماڻهن عثمان جي بيعت جو ارادو ڪيو ........................................ 90
خطبہ 74: عثمان جي قتل ۾ شريڪ ٿيڻ جو الزام ........................................ 91
خطبہ 75: باعمل مرد جي شان ۾........................................ 92
خطبہ 76: سعد بن عاص ڪوفي جي حاڪم جو هديو ........................................ 93
خطبہ 77: مناجات ........................................ 94
خطبہ 78: ضرار جو بيان........................................ 95
خطبہ 79: عورتن جا فطري نقص ........................................ 96
خطبہ 80: زهد ۽ تقويٰ جو مفهوم........................................ 97
خطبہ 81: دنيا جي بي ثباتي ........................................ 98
خطبہ 82: خطبہ غراءَ........................................ 99
خطبہ 83: عمرو بن عاص جي باري ۾ ........................................ 106
خطبہ 84: صفات باري تعاليٰ ........................................ 107
خطبہ 85: صفات باري تعاليٰ ۽ ان جي عبادت جي ضرورت ........................................ 108
خطبہ 86: اهل علم ۽ تقويٰ جو تعارف ۽ مصنوعي علماء جي شناخت ........................................ 110
خطبہ 87: خود رائي تي تنبيهہ ۽ ملامت........................................ 113
خطبہ 88: بعثت حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم ........................................ 114
خطبہ 89: صفاتِ باري تعاليٰ ........................................ 116
خطبہ 90: خطبہ اشباح........................................ 118
خطبہ 91: عثمان جي قتل کان پوءِ سندس هٿ تي بيعت ڪرڻ ........................................ 129
خطبہ 92: نهروان واري جنگ کان پوءِ ........................................ 130
خطبہ 93: انبياءَ عہ و رسل جي مدح و ثنا........................................ 132
خطبہ 94: رسول جي بعثت وقت ماڻهن جي حالت ........................................ 134
خطبہ 95: پيغمبر اسلام جي بعثت وقت حالتن جي تصوير ........................................ 135
خطبہ 96: دنيا ۾ ظالمن کي مهلت........................................ 136
خطبہ 97: بني اُميّن جي افعالن متعلق پيشن گوئي........................................ 138

Presented by Ziaraat.Com

خطبہ 98: زهد جي طرف ترغيب ........................................ 139
خطبہ 99: الطاف و عنايات باري تعالىٰ........................................ 141
خطبہ 100: عظيم حادثا........................................ 142
خطبہ 101: قيامت جو ڏينهن........................................ 143
خطبہ 102: زهد و ورع جي طرف، رغبت جي ضرورت ........................................ 144
خطبہ 103: حضور نبي اڪرم صہ جن جي بعثت ........................................ 146
خطبہ 104: بني اُمين جي حڪومت جي زوال جي پيشن گوئي........................................ 147
خطبہ 105: اسلام جا فضائل ۽ خصوصيتون ........................................ 149
خطبہ 106: صفين واري زماني ۾........................................ 151
خطبہ 107: حادثن ۽ فتنن جون پيشن گوئيون ........................................ 152
خطبہ 108: اوصاف باري تعالىٰ، فرشتن جا حالات، دنيا جي بي ثباتي........................................ 155
خطبہ 109: عظمت ايمان........................................ 160
خطبہ 110: دنيا جي نا پائداري ........................................ 161
خطبہ 111: ملڪ الموت ۽ روح جي قبض ٿيڻ جو ذڪر........................................ 164
خطبہ 112: دنيا جي بي ثباتي ........................................ 165
خطبہ 113: پرهيزگاري........................................ 167
خطبہ 114: بارانِ رحمت جي وسڻ لاءِ دعائيہ ڪلمات........................................ 170
خطبہ 115: سردارِ دو جهان، جن جي نعت ........................................ 172
خطبہ 116: ڪنجوسن جي مذمت........................................ 173
خطبہ 117: جنگ جمل کان پوءِ سپاهين جي تعريف ........................................ 174
خطبہ 118: اسين بہ توهان سان گڏ هلڻ لاءِ........................................ 175
خطبہ 119: اهلبيت جو شان........................................ 176
خطبہ 120: جنگ ليلة الهرير کان پوءِ ........................................ 177
خطبہ 121: خارجين کي خطاب........................................ 179
خطبہ 122: جنگ جي ميدان ۾ پنهنجي اصحابن کي خطاب ........................................ 181
خطبہ 123: جهاد ۾ سستي جو نتيجو ........................................ 182

Presented by Ziaraat.Com

خطبہ 124: پنهنجي اصحابن کي فنونِ جنگ جي تعليم ........................................ 183
خطبہ 125: تحڪيم جي باري ۾ ........................................ 185
خطبہ 126: جڏهن مال جي ورهاست ۾ حضرت جي برابري واري اصول تي........................................ 187
خطبہ 127: اسوه رسول جي روشني ۾ خارجين کي جواب........................................ 188
خطبہ 128: بصره جي متعلق اهم پيشن گوئيون........................................ 190
خطبہ 129: حصول جنت جا شرط ۽ ساهمي ۽ وزنن جي ذڪر ۾ ........................................ 192
خطبہ 130: جڏهن ابوذر رحمة الله عليہ کي ”ربذه“ ڏي جلا وطن ڪيو ويو ........................................ 194
خطبہ 131: امام جون وصفون ........................................ 195
خطبہ 132: الله تعالىٰ جي حمد........................................ 196
خطبہ 133: الله تعالىٰ جي عظمت ........................................ 198
خطبہ 134: روم جي جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ حضرت سان مشورو........................................ 200
خطبہ 135: جناب امير ۽ عثمان بن عفان ۾ ڪجهه بحث ........................................ 201
خطبہ 136: بيعت کان پوءِ ماڻهن جي خود غرضي........................................ 202
خطبہ 137: طلحہ ۽ زبير جي باري ........................................ 203
خطبہ 138: اچڻ وارن فتنن ۽ هنگامن ڏي اشارا ........................................ 205
خطبہ 139: شوریٰ جي موقعي........................................ 207
خطبہ 140: بدگوئي ۽ غيبت ........................................ 208
خطبہ 141: حق ۽ باطل ۾ فرق ........................................ 209
خطبہ 142: دولت جو مصرف........................................ 210
خطبہ 143: بارش جي لاءِ دعا........................................ 211
خطبہ 144: عظمت اهلبيت عليهم السلام ........................................ 213
خطبہ 145: پند و نصائح ........................................ 215
خطبہ 146: فارس جي جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ حضرت سان مشورو ........................................ 216
خطبہ 147: اچڻ واري زماني جا حالات ........................................ 217
خطبہ 148: طلحہ ۽ زبير جي مسلڪ تي اظهارِ افسوس ........................................ 219
خطبہ 149: ابن ملجم جي حملي کان پوءِ........................................ 220

Presented by Ziaraat.Com

خطبہ 150: اچڻ وارو زمانو ........ 222
خطبہ 151: فسادن ۽ شرارتن جا دؤر........ 224
خطبہ 152: صفات باري عين ذات آهي........ 226
خطبہ 153: وعظ ۽ نصيحت ........ 228
خطبہ 154: اهل زماني جي شڪايت ۽ ذڪر آئمہ اطهار عليهم السلام........ 230
خطبہ 155: چمڙي جي عجيب ۽ غريب خلقت........ 232
خطبہ 156: فتنن کان آگاهي........ 234
خطبہ 157: تقوىٰ جي اهميت ۽ توشہ ۽ آخرت........ 236
خطبہ 158: بعثت نبي صلعم ۽ قرآن مجيد ........ 238
خطبہ 159: سٺو پاڙيسري ........ 239
خطبہ 160: حمد ۽ صفات باري تعالىٰ........ 240
خطبہ 161: صفت رسول........ 244
خطبہ 162: خلافت جي باري ۾ سائل کي جواب ........ 246
خطبہ 163: صفات باري تعالي ........ 247
خطبہ 164: حضرت عثمان جي شڪايت ........ 249
خطبہ 165: مور جي عجيب غريب پيدائش ........ 251
خطبہ 166: نصيحتون ........ 255
خطبہ 167: ملت اسلاميہ جا گرانقدر اصول........ 257
خطبہ 168: حضرت جي بيعت ٽيڻ کان پوءِ ........ 258
خطبہ 169: جڏهن ( جنگ ) جمل وارن بصره ڏي رخ ڪيو ........ 259
خطبہ 170: جڏهن امام امير المومنين عليہ السلام بصري جي ويجهو پهتو ........ 260
خطبہ 171: صفين ۾ دشمن سان دوبدو ٿي وڙهڻ ........ 261
خطبہ 172: جنگ جمل جو ذڪر........ 262
خطبہ 173: خلافت جي انتخاب جو آسان طريقو ........ 264
خطبہ 174: طلحہ ابن عبيد الله جي باري ۾........ 266
خطبہ 175: حضرت علي المرتضيٰ ۽ علم غيب ........ 267


Presented by Ziaraat.Com

خطبہ 176: قرآن مقدس ........ 268
خطبہ 177: حڪمين جي باري ۾ ........ 272
خطبہ 178: ظاهري آغازِ خلافت........ 273
خطبہ 179: ذِعلَب يماني جو سوال ........ 275
خطبہ 180: لشڪر کي خطاب ........ 276
خطبہ 181: باغي جماعت........ 278
خطبہ 182: وعظ ۽ نصيحت سان لبريز تقرير ........ 279
خطبہ 183: وعظ ۽ نصيحت ........ 284
خطبہ 184: برج مسهر طائي خطاب ........ 288
خطبہ 185: حيوانات جي خلقت ۾ قدرت جون صنعتون ........ 289
خطبہ 186: توحيد........ 293
خطبہ 187: فتنن ۽ حادثن جو ذڪر ........ 297
خطبہ 188: وعظ........ 298
خطبہ 189: جيڪي پڇڻ چاهيو سو پڇو ........ 300
خطبہ 190: وعظ ۽ نصيحت ........ 301
خطبہ 191: دنيا ۽ دنيا پرست........ 303
خطبہ 192: خطبہءِ قاصعہ ........ 306
خطبہ 193: خطبہ المتقين........ 319
خطبہ 194: منافقن جون علامتون........ 323
خطبہ 195: ميدانِ حشر........ 325
خطبہ 196: موت ........ 327
خطبہ 197: حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي رحلت ........ 328
خطبہ 198: اسلام ۽ قرآن........ 329
خطبہ 199: نماز جي پابندي........ 333
خطبہ 200: معاويو ........ 335
خطبہ 201: حضرت صالح جي ڏاچي ........ 336

Presented by Ziaraat.Com

خطبہ 202: خاتون جنت جي دفن وقت ........................................ 337

خطبہ 203: دنيا ۽ آخرت ........................................ 338

خطبہ 204: موت ........................................ 339

خطبہ 205: طلحہ ۽ زبير ساڻس شڪايت ڪئي ........................................ 340

خطبہ 206: سب و شتم جي ممانعت ........................................ 341

خطبہ 207: جنگ صفين جي موقعي تي ........................................ 342

خطبہ 208: "تحڪيم" جي باري ۾ ........................................ 343

خطبہ 209: گهر نهايت وڏو ڏسي ........................................ 344

خطبہ 210: من گهڙت ۽ اعتراض جوڳين حديثن بابت ........................................ 345

خطبہ 211: آيات الاهي ........................................ 348

خطبہ 212: مناجات ........................................ 349

خطبہ 213: حمد و نعت ........................................ 350

خطبہ 214: الله تعالیٰ جا احسانات ........................................ 351

خطبہ 215: دعا ........................................ 353

خطبہ 216: ملڪي اصلاح ۽ بنيادي حقوق ........................................ 354

خطبہ 217: بارگاه خدا ۾ قريشن جي شڪايت ........................................ 357

خطبہ 218: طلحہ ۽ عبدالرحمان ........................................ 358

خطبہ 119: مومن ........................................ 359

خطبہ 220: سوره الهڪم التڪاثر حتي زرتم المقابر ........................................ 360

خطبہ 221: آيت رجال لا تُلهيهم تِجاره ........................................ 364

خطبہ 222: يَا أَيُّهَا الْإِنسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيمِ جي تفسير ........................................ 366

خطبہ 223: امانت ۽ ديانت جا ٻہ سبق ........................................ 368

خطبہ 224: امير المومنين جي هڪ دعا ........................................ 370

خطبہ 225: دنيا ........................................ 371

خطبہ 226: دعا ........................................ 372

خطبہ 227: هڪ صحابي جو ذڪر ........................................ 373


Presented by Ziaraat.Com

خطبہ 228: بيعت جي ذڪر ۾ ........ 374

خطبہ 229: خدا جو خوف ۽ قبر جو منظر ........ 375

خطبہ 230: (ذي قار) واري هنڌ تي خطبو ........ 377

خطبہ 231: عبدالله ابن زمعہ ........ 378

خطبہ 232: ڪلام الامام امام الڪلام........ 379

خطبہ 233: ماڻهن جو اختلاف ........ 380

خطبہ 234: رسول الله صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن کي غسل ۽ ڪفن ڏيڻ وقت ........ 381

خطبہ 235: هجرت کانپوءِ پنهنجي ڪيفيت........ 382

خطبہ 236: ابو موسىٰ ۽ عمروابن عاص جي باري ۾ ........ 383

خطبہ 237: آل محمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم جو بيان ........ 384

خطبہ 238: عمل جي مهلت ........ 385

خطبہ 239: پنهنجي اصحابن کي تياري جو حڪم ........ 386

خطبہ 240: عبد الله ابن عباس ان جو خط کئي... ........ 387


## خَطَ


مڪتوب 1: جيڪو مديني کان بصري ڏانهن رواني ٿيڻ وقت... ........ 389

مڪتوب 2: جيڪو بصره جي فتح کان پوءِ ڪوفہ وارن... ........ 390

مڪتوب 3: جيڪو پاڻ شريح ابن حارث، ڪوفہ جي قاضي... ........ 391

مڪتوب 4: هڪ لشڪر جي سالار جي نالي........ 393

مڪتوب 5: اشعث ابن قيس آذر بائيجان جي حاڪم نالي........ 394

مڪتوب 6: معاويہ ابن ابي سفيان جي نالي ........ 395

مڪتوب 7: معايہ ابن ابي سفيان جي نالي........ 396

مڪتوب 8: جڏهين جرير ابن عبد الله بجلي کي معاويہ ڏي موڪليائين ۽ هن موٽي اچڻ ۾... ........ 397

مڪتوب 9: معاويہ جي نالي ........ 398

مڪتوب 10: معاويہ ڏانهن........ 400

مڪتوب 11: دشمن جي طرف موڪليل لشڪر کي... ........ 402

مڪتوب 12: جڏهن معقل ابن قيس رياحي کي ٽن هزارن جي هر اول دستي........ 403


Presented by Ziaraat.Com

مڪتوب 13: لشڪر جي ٻن سردارن جي لاني........................................................................ 404
مڪتوب 14: صفين ۾ دشمن سان مقابلي ڪرڻ کان پهرين پنهنجي.................................................. 405
مڪتوب 15: جڏهن امير المومنين وڙهڻ لاءِ دشمن جي سامهون.. ............................................. 406
مڪتوب 16: جنگ جي موقعي تي پنهنجي ساٿين کي فرمائيندو.. ............................................... 407
مڪتوب 17: معاويہ جي خط جي جواب ۾........................................................................ 408
مڪتوب 18: بصري جي والي عبد الله ابن عباس جي نالي.......................................................... 409
مڪتوب 19: هڪ عامل جي نالي.................................................................................... 410
مڪتوب 20: زياد ابن ابيہ جي نالي ............................................................................... 411
مڪتوب 21: زياد ابن اُبيہ جي نالي .............................................................................. 412
مڪتوب 22: عبد الله ابن عباس جي نالي........................................................................ 413
وصيت 23: رحلت کان ڪجهہ اڳ ۾ وصيت .......................................................................... 414
وصيت 24ؒ: حضرت جي ان باري ۾ وصيت........................................................................ 415
وصيت 25: جن ڪم ڪندڙن کي زڪواة ۽ صدقن جي وصول.................................................... 416
مڪتوب 26: هڪ ڪم ڪندڙ جي نالي .............................................................................. 419
مڪتوب 27: محمد ابن ابي بڪر جي نالي......................................................................... 420
مڪتوب 28: معاويہ جي نالي ....................................................................................... 422
مڪتوب29: بصري وارن ڏانهن ...................................................................................... 426
مڪتوب 30: معاويہ جي نالي ....................................................................................... 427
وصيت 31: امام حسن عليہ السلام لاءِ هي وصيت نامو ........................................................ 428
مڪتوب 32: معاويہ جي نالي ....................................................................................... 441
مڪتوب 33: مڪي جي والي قثم ابن عباس جي نالي............................................................. 442
مڪتوب 34: محمد بن ابي بڪر جي نالي .......................................................................... 443
مڪتوب 35: مصر ۾ محمد ابن ابي بڪر جي شهيد ٿي وڃڻ کان پوءِ.............................................. 444
مڪتوب 36: پنهنجي ڀاءُ عقيل ابن ابي طالب جي خط جي جواب ۾.............................................. 445
مڪتوب37: معاويہ ابن ابي سفيان جي نالي ...................................................................... 446
مڪتوب 38: مصر وارن جي نالي.................................................................................. 447

Presented by Ziaraat.Com

مڪتوب 39: عمرو ابن عاص جي نالي ........................................................................ 448

مڪتوب 40: هڪ عامل جي نالي................................................................................... 449

مڪتوب 41: هڪ عامل جي نالي................................................................................... 450

مڪتوب 42: بحرين جي حاڪم عمر ابن ابي سلمہ مخزومي جي نالي.......................................... 452

مڪتوب 43: مصقلہ ابن هبيره شيباني جي نالي ....................................................................... 453

مڪتوب 44: زياد ابن ابيہ جي نالي ............................................................................... 454

مڪتوب 45: بصري جي والي عثمان ابن حنيف.. ..................................................................... 455

مڪتوب 46: هڪ عامل جي نالي................................................................................... 459

وصيت 47: جڏهن ابن ملجم لعنہ اللہ امير المومنين کي ضربت............................................... 460

مڪتوب 48: معاويہ ابن ابي سفيان جي نالي ........................................................................ 462

مڪتوب 49: معاويہ جي نالي ...................................................................................... 463

مڪتوب 50: لشڪر جي سردارن جي نالي .......................................................................... 464

مڪتوب 51: ڍل جي مختيار ڪارن جي نالي ......................................................................... 465

مڪتوب 52: نماز جي باري ۾ مختلف شهرن جي حڪمرانن جي نالي.......................................... 466

عهد نامو 53: هن دستاويز کي (مالڪ) اشتر نخعي رحمہ اللہ جي لاءِ ........................................... 467

مڪتوب 54: جيڪو عمران ابن حصين خزاعي جي هٿان طلحہ................................................... 484

مڪتوب 55: معاويہ جي نالي ...................................................................................... 485

وصيت 56: جڏهن شريح ابن هاني کي شام ڏانهن ويندڙ لشڪر................................................... 486

مڪتوب 57: مديني کان بصره ڏي، رواني ٿيڻ وقت .................................................................. 487

مڪتوب 58: جيڪو مختلف علائقن جي رهندڙن کي صفين جي. .................................................. 488

مڪتوب 59: اَسوَد ابن قطيبہ والي حلوان جي نالي................................................................. 489

مڪتوب 60: حڪومت جي انهن حاڪمن ڏي ........................................................................ 490

مڪتوب 61: ”هيت“ جي حاڪم ڪميل ابن زياد نخعي جي نالي................................................. 491

مڪتوب 62: جڏهن مالڪ اشتر کي ”مصر“جو حاڪم تجويز ڪيو ويو ........................................ 492

مڪتوب 63: ڪوفي جي حاڪم ابو موسیٰ اشعري جي نالي ....................................................... 494

مڪتوب 64: معاويہ جي جواب ۾ ................................................................................ 495


Presented by Ziaraat.Com

مڪتوب 65: معاويہ جي نالي ........................................................................ 497

مڪتوب 66: عبد الله ابن عباس جي نالي........................................................ 498

مڪتوب 67: مڪي جي والي قُثم ابن عباس جي نالي.......................................... 499

مڪتوب 68: پنهنجي خلافت واري زماني کان اڳ ............................................ 500

مڪتوب 69: حارث همداني جي نالي............................................................. 501

مڪتوب 70: مديني جي واليءِ سهل ابن حنيف انصاري جي نالي............................... 503

مڪتوب 71: مُنذر ابن جارود عبدي جي نالي................................................... 504

مڪتوب 72: عبد الله ابن عباس رحمة الله عليہ جي نالي..................................... 505

مڪتوب 73: معاويہ جي نالي ........................................................................ 506

مڪتوب 74: ربيعہ قبيلي ۽ يمن وارن جي وچ ۾ معاهدي جي طور تحرير.................... 507

مڪتوب 75: معاويہ ابن ابي سفيان جي نالي تحرير .......................................... 508

وصيت 76: عبد الله ابن عباس جي نالي......................................................... 509

هدايت 77: جيڪا عبد الله ابن عباس کي خارجين سان مناظره.................................. 510

مڪتوب 78: ابو موسىٰ اشعري جي نالي......................................................... 511

مڪتوب 79: ظاهري خلافت تي قائم ٿيڻ کان پوءِ فوجي سپهہ سالارن........................ 512


# حڪيمانا جملا


حڪمت 1: فتني ۽ فساد کان عليحدگي............................................................. 514

حڪمت 2: چند وصفون .................................................................................. 515

حڪمت 3: خود پسندي.................................................................................. 516

حڪمت 4: انساني حواس ............................................................................... 517

حڪمت 5: خوش بختي ۽ بد نصيبي ................................................................ 518

حڪمت 6: سٺي حياتي گذارڻ.......................................................................... 519

حڪمت 7: عفو ۽ اقتدار................................................................................ 520

حڪمت 8: عجز ۽ درماندگي.......................................................................... 521

حڪمت 9: ناشڪري..................................................................................... 522

حڪمت 10: پنهنجا ۽ پراوا ............................................................................ 523


Presented by Ziaraat.Com

حڪمت 11: مبتلائي فتنہ ........ 524
حڪمت 12: تدبير جي لاچاري ........ 525
حڪمت 13: خضاب ........ 526
حڪمت 14: غير جانبداري ........ 527
حڪمت 15: وڏي اميد ........ 528
حڪمت 16: لحاظ ۽ مروت ........ 529
حڪمت 17: شرم و حيا ........ 530
حڪمت 18: حق کان محرومي ........ 531
حڪمت 19: عمل ۽ نسب ........ 532
حڪمت 20: دستگيري ........ 533
حڪمت 21: مهلت ........ 534
حڪمت 22: ڳالھ لڪي تي سگھي ........ 535
حڪمت 23: همت نہ ڇڏيو ........ 536
حڪمت 24: زهد کي لڪائڻ ........ 537
حڪمت 25: موت ........ 538
حڪمت 26: پرده پوشي ........ 539
حڪمت 27: ايمان ۽ ڪفر ........ 540
حڪمت 28: نيڪي ۽ بدي ........ 542
حڪمت 29: ميانہ روي ........ 543
حڪمت 30: اميدن جو ترڪ ڪرڻ ........ 544
حڪمت 31: جيڪو هر ڳالھ ۾ خوش رهي ........ 545
حڪمت 32: ڊگھيون اميدون ........ 546
حڪمت 33: تعظيم جو هڪ طريقو ........ 547
حڪمت 34: حضرت امام حسن عہ کي نصيحت ........ 548
حڪمت 35: فرضن جي اهميت ........ 549
حڪمت 36: دانا ۽ نادان ........ 550

Presented by Ziaraat.Com

حڪمت 37: عقلمند ۽ بيوقوف ........ 551
حڪمت 38: ثواب ۽ عيوض........ 552
حڪمت 39: خَبّاب بن ارت ........ 553
حڪمت 40: مومن ۽ منافق........ 554
حڪمت 41: خود پسندي........ 555
حڪمت 42: قدر افزائي ........ 556
حڪمت 43: هشياري ۽ احتياط........ 557
حڪمت 44: شريف ۽ رذيل........ 558
حڪمت 45: وحشت واريون دليون........ 559
حڪمت 46: خوش بختي........ 560
حڪمت 47: معاف ڪرڻ........ 561
حڪمت 48: سخاوت جي معنىٰ........ 562
حڪمت 49: چند وصفون ........ 563
حڪمت 50: صبر جا ٻه قسم........ 564
حڪمت 51: اميري ۽ غريبي ........ 565
حڪمت 52: قناعت ........ 566
حڪمت 53: . مال ۽ دولت........ 567
حڪمت 54: نصيحت ڪندڙ جي تلخ بياني ........ 568
حڪمت 55: زبان دراز........ 569
حڪمت 56: عورت وڇون آهي........ 570
حڪمت 57: احسان جو بدلو ........ 571
حڪمت 58: سفارش ........ 572
حڪمت 59: دنيا وارن جي غفلت........ 573
حڪمت 60: دوستن کي وڃائڻ ........ 574
حڪمت 61: نا اهل کان سوال........ 575
حڪمت 62: . سائل کي واپس نہ موٽايو ........ 576

Presented by Ziaraat.Com

حڪمت 63: پاڪائي ۽ شڪر ........ 577

حڪمت 64: ناڪامي ڪي خيال ۾ نہ آڻيو ........ 578

حڪمت 65: افراط و تفريط ........ 579

حڪمت 66: عقل جو ڪمال ........ 580

حڪمت 67: زماني جو رويو ........ 581

حڪمت 68: پيشوا جون وصفون ........ 582

حڪمت 69: هي ساه ........ 583

حڪمت 70: وڃڻ ۽ گذرڻ وارو ........ 584

حڪمت 71: آغاز ۽ انجام ........ 585

حڪمت 72: ضرار جو بيان ........ 586

حڪمت 73: قضا و قدر ........ 587

حڪمت 74: حڪمت ........ 588

حڪمت 75: حڪمت جو سرمايو ........ 589

حڪمت 76: قدر هنر جي و قيمت ........ 590

حڪمت 77: . پنج نصيحتون ........ 591

حڪمت 78: مدح سرائي ........ 592

حڪمت 79: تلوار ڪان بچيل ........ 593

حڪمت 80: سيني عملن ڪان واقف ........ 594

حڪمت 81: وڏن جو مشورو ........ 595

حڪمت 82: استغفار ........ 596

حڪمت 83: هڪ نازڪ نتيجو ........ 597

حڪمت 84: آخرت ڪي سنوارڻ ........ 598

حڪمت 85: پورو علم ........ 599

حڪمت 86: دل جي مفلسي ........ 600

حڪمت 87: علم بي عمل ........ 601

حڪمت 88: فتني جو تفسير ........ 602


Presented by Ziaraat.Com

حڪمت 89: خير جي تشريح ........................................................ 603
حڪمت 90: ويجهڙائي جي ڪسوٽي ........................................................ 604
حڪمت 91: هڪ خارجي جي عبادت ........................................................ 605
حڪمت 92: زباني نقل ۽ دانائي ........................................................ 606
حڪمت 93: انا لله و انا اليہ راجعون جو تفسير ........................................................ 607
حڪمت 94: مدح جو جواب ........................................................ 608
حڪمت 95: حاجت روائي ........................................................ 609
حڪمت 96: هڪ پيشن گوئي ........................................................ 610
حڪمت 97: پراڻو لباس ........................................................ 611
حڪمت 98: دنيا ۽ آخرت ........................................................ 612
حڪمت 99: نوف بڪالي جو بيان ........................................................ 613
حڪمت 100: فرضن جي پابندي ........................................................ 614
حڪمت 101: دين کان بي پرواهي ........................................................ 615
حڪمت 102: بي فائدو علم ........................................................ 616
حڪمت 103: دل جي حالت ........................................................ 617
حڪمت 104: هدايت جو مرڪز ........................................................ 618
حڪمت 105: حاڪم جون وصفون ........................................................ 619
حڪمت 106: سهل ابن حنيف ........................................................ 620
حڪمت 107: اهل بيت جي محبت ........................................................ 621
حڪمت 108: وڻندڙ وصفون ........................................................ 622
حڪمت 109: خوش گماني ۽ بدگماني ........................................................ 623
حڪمت 110: خير عافيت پڇڻ جو جواب ........................................................ 624
حڪمت 111: آزمائش ........................................................ 625
حڪمت 112: دشمن ۽ دوست ........................................................ 626
حڪمت 113: موقعي وڃائڻ جو نتيجو ........................................................ 627
حڪمت 114: دنيا جو هڪ مثال ........................................................ 628

Presented by Ziaraat.Com

حڪمت 115: قريش جون خصوصيتون ........ 629
حڪمت 116: بي عمل ........ 630
حڪمت 117: جنازي جي پٺيان هلڻ ........ 631
حڪمت 118: چند صفتون ........ 632
حڪمت 119: غيرت ........ 633
حڪمت 120: حقيقي اسلام ........ 634
حڪمت 121: تعجب واريون ڳالهيون ........ 635
حڪمت 122: عمل جي ڪوتاهي جو نتيجو ........ 636
حڪمت 123: بهار ۽ خزان ۾ احتياط ........ 637
حڪمت 124: خالق جي عظمت ........ 638
حڪمت 125: مئلن کي خطاب ........ 639
حڪمت 126: دنيا جي تعريف ........ 640
حڪمت 127: فرشتي جي ندا ........ 641
حڪمت 128: فاني دنيا ........ 642
حڪمت 129: دوستي جا شرط ........ 643
حڪمت 130: چار ڳالهيون ........ 644
حڪمت 131: ڪن عبادتن جي تشريح ........ 645
حڪمت 132: صدقو ........ 646
حڪمت 133: رزق ۽ روزي ........ 647
حڪمت 134: ڪفايت شعاري ........ 648
حڪمت 135: راحت ۽ آسودگي ........ 649
حڪمت 136: صبر ........ 650
حڪمت 137: عمل بي روح ........ 651
حڪمت 138: صدقو ۽ زڪوات ........ 652
حڪمت 139: علم جي فضيلت ........ 653
حڪمت 140: انسان جي زبان ........ 655

Presented by Ziaraat.Com

حڪمت 141: قدر و منزلت .... 656
حڪمت 142: وعظ ۽ نصيحت .... 657
حڪمت 143: انجام .... 659
حڪمت 144: فنا ٿيڻ .... 660
حڪمت 145: صبر .... 661
حڪمت 146: عمل ۽ ان تي رضامندي .... 662
حڪمت 147: عهد ۽ پيمان .... 663
حڪمت 148: امام جي معرفت .... 664
حڪمت 149: نصيحت .... 665
حڪمت 150: برائي جو بدلو .... 666
حڪمت 151: تهمت .... 667
حڪمت 152: جانبداري .... 668
حڪمت 153: غريبي .... 669
حڪمت 154: حق جي ادائگي .... 670
حڪمت 155: مخلوق جي اطاعت .... 671
حڪمت 156: حق تان دستبرداري .... 672
حڪمت 157: خود پسندي .... 673
حڪمت 158: موت جي ويجهڙائي .... 674
حڪمت 159: صبح جو سوجهرو .... 675
حڪمت 160: توبہ ۾ مشڪلات .... 676
حڪمت 161: حرص ۽ طمع .... 677
حڪمت 162: جهل ۽ ناداني .... 678
حڪمت 163: مشورو .... 679
حڪمت 164: نيت جو روزو .... 680
حڪمت 165: خوف جو علاج .... 681
حڪمت 166: سردار جي علامت .... 682

Presented by Ziaraat.Com

حڪمت 167: بدي کان روڪڻ جو طريقو ........ 683
حڪمت 168: دل جي صفائي........ 684
حڪمت 169: ضد ۽ وڏائي ........ 685
حڪمت 170: طمع ........ 686
حڪمت 171: دور انديشي ........ 687
حڪمت 172: خاموشي........ 688
حڪمت 173: ۾ مختلف دعوتون ........ 689
حڪمت 174: يقين ........ 690
حڪمت 175: صدق بياني........ 691
حڪمت 176: ظلم جو انجام........ 692
حڪمت 177: هل هلان جو هنگامو........ 693
حڪمت 178: حق کان منهن ڦيرائڻ ........ 694
حڪمت 179: صبر ........ 695
حڪمت 180: خلافت جو معيار........ 696
حڪمت 181: دنيا جي حالت ........ 697
حڪمت 182: پين جو حق........ 698
حڪمت 183: خوشدلي ۽ بددلي ........ 699
حڪمت 184: ڪاوڙ ۽ انتقام ........ 700
حڪمت 185: گندگي کي ڏسندي ........ 701
حڪمت 186: عبرت جي قدر و قيمت........ 702
حڪمت 187: . دلين جي مفلسي ........ 703
حڪمت 188: . خارجن جو قول........ 704
حڪمت 189: عوام ........ 705
حڪمت 190: تماشي وارا ........ 706
حڪمت 191: محافظ فرشتا ........ 707
حڪمت 192: طلحہ ۽ زبير جي جواب ۾........ 708

Presented by Ziaraat.Com

حڪمت 193: موت جي گرفت ........ 709
حڪمت 194: قدرت جي قدرداني ........ 710
حڪمت 195: علم جو ظرف ........ 711
حڪمت 196: حلم ۽ بردباري ........ 712
حڪمت 197: بردبار ٿي ........ 713
حڪمت 198: حساب ڪرڻ وارو ........ 714
حڪمت 199: آخري دور ........ 715
حڪمت 200: آخرت ........ 716
حڪمت 201: چند هدايتون ........ 717
حڪمت 202: خود پسندي ........ 718
حڪمت 203: درگذر ........ 719
حڪمت 204: نرمي ........ 720
حڪمت 205: اجائي مخالفت ........ 721
حڪمت 206: نافرماني ........ 722
حڪمت 207: لاهيون چاڙهيون ........ 723
حڪمت 208: حسد ........ 724
حڪمت 209: طمع ۽ حرص ........ 725
حڪمت 210: بدگماني ........ 726
حڪمت 211: ظلم ۽ تعدي ........ 727
حڪمت 212: چشم پوشي ........ 728
حڪمت 213: شرم و حياءُ ........ 729
حڪمت 214: چند وصفون ........ 730
حڪمت 215: هي حاسد ........ 731
حڪمت 216: طمع ........ 732
حڪمت 217: ايمان جي تعريف ........ 733
حڪمت 218: دنيا جو غم ........ 734

Presented by Ziaraat.Com

حڪمت 219: قناعت ........................................................................................ 735
حڪمت 220: قناعت، بهترين زندگي ................................................................... 736
حڪمت 221: شرڪت.......................................................................................... 737
حڪمت 222: عدل ۽ احسان.............................................................................. 738
حڪمت 223: جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي ................................................................ 739
حڪمت 224: مقابلي جي دعوت ........................................................................ 740
حڪمت 225: مرد ۽ عورت جون صفتون ............................................................... 741
حڪمت 226: عاقل ۽ جاهل.............................................................................. 742
حڪمت 227: دنيا جي بيقدري ........................................................................... 743
حڪمت 228: عبادت جا قسم............................................................................ 744
حڪمت 229: عورت جي مذمت........................................................................... 745
حڪمت 230: سستي ۽ عيب جوئي ...................................................................... 746
حڪمت 231: غضب.......................................................................................... 747
حڪمت 232: ظالم ۽ مظلوم ............................................................................ 748
حڪمت 233: . تقوىٰ ......................................................................................... 749
حڪمت 234: جوابن جي ڪثرت ........................................................................ 750
حڪمت 235: شڪر ۽ احسان.............................................................................. 751
حڪمت 236: خواهش جي ڪمي.......................................................................... 752
حڪمت 237: . ڪفران نعمت.............................................................................. 753
حڪمت 238: ڪرم جو جذبو.............................................................................. 754
حڪمت 239: نيڪ گمان.................................................................................... 755
حڪمت 240: بهترين عمل ................................................................................ 756
حڪمت 241: خدا شناسي ................................................................................. 757
حڪمت 242: تلخي ۽ شيريني............................................................................ 758
حڪمت 243: فرضن جا حڪم ۽ مصلحتون.............................................................. 759
حڪمت 244: ڪوڙو قسم.................................................................................. 760

Presented by Ziaraat.Com

حڪمت **245:** خير جي ڪمن جي وصيت................................................................ 761
حڪمت **246:** غيظ و غضب.................................................................... 762
حڪمت **247:** حسد............................................................................ 763
حڪمت **248:** حاجت روائي .................................................................... 764
حڪمت **249:** صدقو .......................................................................... 765
حڪمت **250:** وفا ۽ غداري ................................................................... 766
حڪمت **251:** آزمائش......................................................................... 767
حڪمت **252:** بيوفا ساٿي ..................................................................... 768
حڪمت **253:** حارث ابن حوط .................................................................. 769
حڪمت **254:** بادشاه جا ساٿي.................................................................. 770
حڪمت **255:** حسن سلوڪ .................................................................... 771
حڪمت **256:** حڪيمن جو ڪلام ................................................................ 772
حڪمت **257:** هڪ سائل جي جواب ۾.......................................................... 773
حڪمت **258:** سپاٽي جو فڪر.................................................................. 774
حڪمت **259:** دوستي ۽ دشمني ۾ احتياط...................................................... 775
حڪمت **260:** دنيا ۽ آخرت جا عمل ........................................................... 776
حڪمت **261:** خانهء ڪعبه جا زيور............................................................ 777
حڪمت **262:** بيت المال جي چوري............................................................ 778
حڪمت **263:** حڪمن ۾ ترميم ................................................................ 779
حڪمت **264:** تقدير ۽ تدبير.................................................................... 780
حڪمت **265:** علم ۽ يقين ..................................................................... 781
حڪمت **266:** طمع ۽ حرص.................................................................... 782
حڪمت **267:** ظاهر ۽ باطن.................................................................... 783
حڪمت **268:** هڪ قسم........................................................................ 784
حڪمت **269:** مفيد عمل ...................................................................... 785
حڪمت **270:** فرضن جي اهميت .............................................................. 786

Presented by Ziaraat.Com

حڪمت 271: آخرت ........................................................................... 787
حڪمت 272: عقل جي راهبري ................................................................ 788
حڪمت 273: غفلت.......................................................................... 789
حڪمت 274: عالم ۽ جاهل ................................................................... 790
حڪمت 275: عذر جو ختم ٿيڻ ................................................................ 791
حڪمت 276: مهلت جي طلب ................................................................. 792
حڪمت 277: خراب ڏينهن.................................................................... 793
حڪمت 278: قضا و قدر .................................................................... 794
حڪمت 279: علم کان محرومي ................................................................ 795
حڪمت 280: هڪ ديني ڀاءُ .................................................................. 796
حڪمت 281: گناهه جو ترڪ ڪرڻ ............................................................. 797
حڪمت 282: تعزيت ......................................................................... 798
حڪمت 283: رسول جن جي قبر تي............................................................. 799
حڪمت 284: بيوقوف جي صحبت............................................................... 800
حڪمت 285: مغرب ۽ مشرق جو فاصلو ........................................................ 801
حڪمت 286: دوست ۽ دشمن................................................................... 802
حڪمت 287: ايذا رسائڻ ..................................................................... 803
حڪمت 288: عبرت ۽ بصيرت.................................................................. 804
حڪمت 289: دشمني ۾ خدا جي خوف جو لحاظ............................................... 805
حڪمت 290: توبهه .......................................................................... 806
حڪمت 291: حساب ۽ ڪتاب ................................................................. 807
حڪمت 292: قاصد .......................................................................... 808
حڪمت 293: دعا جو محتاج.................................................................. 809
حڪمت 294: دنيا دار ....................................................................... 810
حڪمت 295: خدا جو موڪليل.................................................................. 811
حڪمت 296: غيرتمند ....................................................................... 812

Presented by Ziaraat.Com

حڪمت 297: زندگي جو محافظ ........................................ 813
حڪمت 298: مال سان محبت ........................................ 814
حڪمت 299: دوستي ۽ قرابت ........................................ 815
حڪمت 300: مومنن جا گمان ........................................ 816
حڪمت 301: الله تعالىٰ تي ڀروسو ........................................ 817
حڪمت 302: انس ابن مالڪ........................................ 818
حڪمت 303: . دلين جي حالت ........................................ 819
حڪمت 304: قرآن جي جامعيت ........................................ 820
حڪمت 305: پٿر جو جواب پٿر سان........................................ 821
حڪمت 306: خطاطي جي سهڻائي ........................................ 822
حڪمت 307: يعسوب المومنين ........................................ 823
حڪمت 308: هڪ يهودي........................................ 824
حڪمت 309: غلبي جو سبب........................................ 825
حڪمت 310: اڻ هوند ۽ مسڪيني........................................ 826
حڪمت 311: سوال جو طريقو ........................................ 827
حڪمت 312: هڪ مشورو........................................ 828
حڪمت 313: ڪوفي جون عورتون ........................................ 829
حڪمت 314: نهروان جا خارجي........................................ 830
حڪمت 315: گواهہ بہ ۽ حاڪم بہ ........................................ 831
حڪمت 316: محمد ابن ابي بڪر جو موت........................................ 832
حڪمت 317: عذر قبول ڪرڻ وارو ........................................ 833
حڪمت 318: غلط طريقي سان ڪاميابي ........................................ 834
حڪمت 319: فقيرن جو حصو ........................................ 835
حڪمت 320: عذر خواهي........................................ 836
حڪمت 321: نعمت جو اجايو صرف ........................................ 837
حڪمت 322: فرض جي ادائگي جو موقعو ........................................ 838

Presented by Ziaraat.Com

حڪمت 323: بادشاھ جي حيثيت 839
حڪمت 324: مومن جون وصفون 840
حڪمت 325: اميدن جا ڌوڪا 841
حڪمت 326: ٻہ حصيدار 842
حڪمت 327: وعده وفائي 843
حڪمت 328: بي عمل جي دعا 844
حڪمت 329: علم جا ٻہ قسم 845
حڪمت 330: بد اقبالي 846
حڪمت 331: شڪر ۽ پاڪدامني 847
حڪمت 332: ظالم ۽ مظلوم 848
حڪمت 333: وڏي دولتمندي 849
حڪمت 334: ڪن ماڻهن جي حالت 850
حڪمت 335: گناھ کان مجبوري 851
حڪمت 336: سوال 852
حڪمت 337: مدح ۾ برابري جي حد 853
حڪمت 338: وڏو گناھ 854
حڪمت 339: نيڪ ۽ بد وصفون 855
حڪمت 340: ظالم جون نشانيون 856
حڪمت 341: سختي کان پوءِ آساني 857
حڪمت 342: زال ۽ پٽ سان محبت 858
حڪمت 343: عيبن ڳولڻ وارو 859
حڪمت 344: پٽ جي مبارڪباد 860
حڪمت 345: دولت جا آثار 861
حڪمت 346: رزق رساني 862
حڪمت 347: عذر خواهي 863
حڪمت 348: دولت ۽ عذاب 864


Presented by Ziaraat.Com

حڪمت 349: نفس جي اصلاح ........................................ 865

حڪمت 350: بدگماني ........................................ 866

حڪمت 351: دعا جو طريقو ........................................ 867

حڪمت 352: عزت جي سنڀال ........................................ 868

حڪمت 353: موقعو ۽ مهل ........................................ 869

حڪمت 354: بي فائدو سوال ........................................ 870

حڪمت 355: وڻندڙ صفتون ........................................ 871

حڪمت 356: علم و عمل ........................................ 872

حڪمت 357: انقلاب جو ڦيرو ........................................ 873

حڪمت 358: ثواب ۽ عذاب ........................................ 874

حڪمت 359: ڪو زمانو ........................................ 875

حڪمت 360: تقوىٰ ۽ پرهيزگاري ........................................ 876

حڪمت 361: نيڪ ۽ بد صفتون ........................................ 877

حڪمت 362: جابر ابن عبد الله ........................................ 878

حڪمت 363: امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر 1 ........................................ 879

حڪمت 364: امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر 2 ........................................ 880

حڪمت 365: امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر 3 ........................................ 881

حڪمت 366: حق ۽ باطل جو نتيجو ........................................ 882

حڪمت 367: اميد ۽ نا اميدي ........................................ 883

حڪمت 368: ڪنجوس ........................................ 884

حڪمت 369: رزق ۽ روزي ........................................ 885

حڪمت 370: زندگي ۽ موت ........................................ 886

حڪمت 371: زبان جي سنڀال ........................................ 887

حڪمت 372: خاموشي ........................................ 888

حڪمت 373: گناه ........................................ 889

حڪمت 374: پروسي وارو موقعو ........................................ 890


Presented by Ziaraat.Com

حڪمت 375: دنيا.......... 891
حڪمت 376: ڳوليندڙ ليندڙ.......... 892
حڪمت 377: نيڪي ۽ بدي.......... 893
حڪمت 378: وڏي نعمت.......... 894
حڪمت 379: حسب ۽ نسب.......... 895
حڪمت 380: مومن جا وقت.......... 896
حڪمت 381: دنيا جو زهد.......... 897
حڪمت 382: انسان ۽ ان جي زبان.......... 898
حڪمت 383: دنيا جي طلب.......... 899
حڪمت 384: ڳالهه جو اثر.......... 900
حڪمت 385: قناعت.......... 901
حڪمت 386: ٻه ڏينهن.......... 902
حڪمت 387: مشڪ.......... 903
حڪمت 388: فخر ۽ اقبال مندي.......... 904
حڪمت 389: پيءُ ۽ پٽ جا حقوق.......... 905
حڪمت 390: با اثر ۽ بي اثر.......... 906
حڪمت 391: اخلاق ۾ هڪجهڙائي.......... 907
حڪمت 392: بي موقعي ڳالهائڻ.......... 908
حڪمت 393: طَلَب الڪلّ فوت الڪلّ.......... 909
حڪمت 394: لاحول و لا قوة جي معنىٰ.......... 910
حڪمت 395: مغيره ابن شعبه.......... 911
حڪمت 396: تواضع ۽ خود داري.......... 912
حڪمت 397: عقل.......... 913
حڪمت 398: حق سان ٽڪراءُ.......... 914
حڪمت 399: دل.......... 915
حڪمت 400: تقوىٰ.......... 916

Presented by Ziaraat.Com

حڪمت **401:** استاد جو احترام........................................................................................ 917

حڪمت **402:** نفس جي درستي ........................................................................................ 918

حڪمت **403:** صبر ........................................................................................ 919

حڪمت **404:** عذر خواهي........................................................................................ 920

حڪمت **405:** دنيا جي حالت ........................................................................................ 921

حڪمت **406:** امام حسن ع کي هدايت ........................................................................................ 922

حڪمت **407:** استغفار جي معنىٰ ........................................................................................ 923

حڪمت **408:** حلم ۽ بردباري........................................................................................ 924

حڪمت **409:** بيڪسي........................................................................................ 925

حڪمت **410:** بي پرواهه نگاهون ........................................................................................ 926

حڪمت **411:** عقل جي راهبري ........................................................................................ 927

حڪمت **412:** ننڍي ۽ وڏي نيڪي........................................................................................ 928

حڪمت **413:** آخرت کي سنوارڻ........................................................................................ 929

حڪمت **414:** حلم ۽ عقل........................................................................................ 930

حڪمت **415:** نعمت جا حق ........................................................................................ 931

حڪمت **416:** دولت منديءَ ۽ صحت ........................................................................................ 932

حڪمت **417:** الله تعالىٰ جو شڪوهه........................................................................................ 933

حڪمت **418:** عيد........................................................................................ 934

حڪمت **419:** حسرت ۽ اندوهه........................................................................................ 935

حڪمت **420:** ناڪام ڪوشش........................................................................................ 936

حڪمت **421:** رزق ۽ روزي ........................................................................................ 937

حڪمت **422:** خدا جا دوست ........................................................................................ 938

حڪمت **423:** موت جي ياد ........................................................................................ 939

حڪمت **424:** آزمائش........................................................................................ 940

حڪمت **425:** شڪر، دعا ۽ توبهه........................................................................................ 941

حڪمت **426:** شرافت جي رڳ ........................................................................................ 942


Presented by Ziaraat.Com

حڪمت 427: عدل ۽ سخاوت ........ 943
حڪمت 428: جهالت ........ 944
حڪمت 429: زهد جي تعريف ........ 945
حڪمت 430: غفلت ........ 946
حڪمت 431: حڪومت ........ 947
حڪمت 432: بهترين شهر ........ 948
حڪمت 433: مالڪ اشتر ........ 949
حڪمت 434: استقلال ........ 950
حڪمت 435: صفتن ۾ هڪجهڙائي ........ 951
حڪمت 436: غالب ابن صعصعہ ........ 952
حڪمت 437: تجارت ........ 953
حڪمت 438: وڏي مصيبت ........ 954
حڪمت 439: نفس جي عزت ........ 955
حڪمت 440: خوش طبعي ........ 956
حڪمت 441: خودداري ........ 957
حڪمت 442: فقيري ۽ اميري ........ 958
حڪمت 443: عبد الله ابن زبير ........ 959
حڪمت 444: وڏائي ۽ تڪبر ........ 960
حڪمت 445: امراء القيس ........ 961
حڪمت 446: دنيا جو ترڪ ڪرڻ ........ 962
حڪمت 447: ٻہ طلبگار ........ 963
حڪمت 448: ايمان جي علامت ........ 964
حڪمت 449: تقدير ۽ تدبير ........ 965
حڪمت 450: همت جي بلندي ........ 966
حڪمت 451: گلا ........ 967
حڪمت 452: ثنا جي خوبصورتي ........ 968

Presented by Ziaraat.Com

**حڪمت 453:** دنيا........ 969
**حڪمت 454:** بني اميہ ........ 970
**حڪمت 455:** انصار........ 971
**حڪمت 456:** استعاره........ 972
**حڪمت 457:** هڪ والي........ 973
**حڪمت 458:** خريد و فروخت ........ 974
**حڪمت 459:** دوست ۽ دشمن........ 975
**حڪمت 460:** توحيد ۽ عدل ........ 976
**حڪمت 461:** ڪلام ۽ خاموشي........ 977
**حڪمت 462:** مينهن جي طلب ........ 978
**حڪمت 463:** خضاب جو ترڪ ڪرڻ........ 979
**حڪمت 464:** پاڪائي ........ 980
**حڪمت 465:** قناعت ........ 981
**حڪمت 466:** زياد بن ابيہ ........ 982
**حڪمت 467:** ڪاهل ........ 983
**حڪمت 468:** علم سکڻ ۽ سيکارڻ ........ 984
**حڪمت 469:** ظاهر داري ........ 985
**حڪمت 470:** وچوڙو ........ 986

## مشڪل جملا

1: حجت جو ظهور........ 988
2: ڪامل خطيب ........ 989
3: لڙائي ۽ جهيڙو ........ 990
4: مڙس جي انتخاب جو حق........ 991
5: ايمان ........ 992
6: زڪواة........ 993
7: لشڪر کي هدايت........ 994

Presented by Ziaraat.Com

:8ڪامياب انسان .......... 995
:9ميدان جنگ .......... 996
خطبہ فدڪيہ حضرت بيبي فاطمہ زهرا س .......... 997
نهج البلاغہ جي باري ۾ .......... 1006

Presented by Ziaraat.Com

# خُطبا

Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 1: هن ۾ زمين ۽ آسمان جي شروعات ۽ حضرت آدمر...

هن ۾ زمين ۽ آسمان جي شروعات ۽ حضرت آدمر ع جي پيدائش جو بيان فرمايل آهي:

سيڪا تعريف، ساراہ ۽ حمد ان الله جي لاءِ آهي، جنهن جي مدح تائين، بيان ڪرڻ وارن جي رسائي نٿي ٿئي، جنهن جي نعمتن کي ڳڻڻ وارا ڳڻي نٿا سگهن ۽ نہ ڪوشش ڪرڻ وارا سندس (نعمتن جي ڳڻڻ جو) حق ادا ڪري سگهن ٿا. نہ (وري) بلند پرواز همتون کيس حاصل ڪري سگهين ٿيون، نہ عقل ۽ فهم جون گهرايون ان جي تهہ تائين پهچي سگهن ٿيون. سندس ذات جي ڪمال جي ڪا حد مقرر نہ آهي، نہ ان جي وصف بيان ڪرڻ لاءِ لفظ آهن، نہ سندس (ابتدا) لاءِ ڪو وقت آهي، جنهن کي شمار ۾ آڻي سگهجي، نہ ان جي ڪا مدت آهي، جيڪا ڪٿي وڃي ختم ٿئي. هن مخلوقات کي پنهنجي قدرت سان پيدا ڪيو، پنهنجي رحمت سان هوائن کي هلايو ۽ ڏڪندڙ زمين تي جبلن جا ڪِلَ ٺوڪيا.

دين جي ابتدا سندس معرفت آهي، معرفت جو ڪمال ان جي تصديق آهي، تصديق جو ڪمال توحيد آهي، توحيد جو ڪمال اخلاص ۽ پاڪيزگي آهي ۽ اخلاص و پاڪيزگي جو ڪمال اهو آهي تہ ان جي صفتن کان نفي ڪئي وڃي، ڇو تہ هر صفت شاهد آهي، تہ اها پنهنجي موصوف کان الڳ آهي ۽ هر موصوف بہ شاهد آهي، تہ اهو پڻ صفت کان ڪا جدا شيءِ آهي، تنهنڪري جنهن خدا جي ذات کان سواءِ (منجهس الڳ) صفتون مڃيون، تنهن سندس ذات جو ڪو ٻيو ساٿي (مددگار) مڃيو ۽ جنهن ان جي ذات جو ڪو ٻيو ساٿي مڃيو، تنهن (ان جي ذات سان) دوئي پيدا ڪئي، جنهن سندس ذات ۾ دوئي پيدا ڪئي، تنهن خدا جي لاءِ ٻيو جزو بڻايو ۽ جيڪو بہ شخص ان جي جزن جو قائل ٿيو، سو ڪانئس بي خبر رهيو ۽ جيڪو هن کان بيخبر رهيو، تنهن هن کي اشاري جي لائق ڄاتو ۽ جنهن هن کي اشاري جي لائق ڄاتو، تنهن سندس حدبندي ڪئي ۽ جنهن کيس محدود ڄاتو، تنهن ان کي ٻين حقيقتن (مخلوقات) جي قطار ۾ آندو. جنهن هيئن چيو تہ : اهو ڪهڙي شيءِ ۾ آهي؟ تنهن کيس ڪنهن شيءِ ۾ فرض ڪيو ۽ جنهن ائين چيو تہ اهو ڪنهن شيءِ تي آهي، تنهن ان کان ٻيا هنڌ خالي سمجها. ""هو"" آهي، ٿيو نہ آهي. موجود آهي، ليڪن عدم يعني نہ هجڻ کان پوءِ وجود ۾ نہ آيو. هو هر شيءِ سان گڏ آهي، پر ائين نہ، جيئن جسم گڏ هوندو آهي. هو هر شيءِ کان جدا آهي، پر جسم جي جدائي وانگر نہ. هو فاعل آهي پر چرڻ پرڻ ۽ اوزارن جو محتاج نہ آهي. هو ان وقت بہ ڏسڻ وارو هو، جڏهن اجا مخلوقات ۾ ڪا بہ شيءِ



Presented by Ziaraat.Com

ڏسڻ جهڙي هئي ڪانہ! هو اهڙو اڪيلو آهي، جنهن جو ڪو ساٿي نہ آهي، جنهن سان ڪيس انس (يا محبت) ٿئي يا ان کي وڃائي پريشان ٿئي. هن شروع شروع ۾ خلق کي ايجاد ڪيو، سواءِ ڪنهن سوچ ويچار جي ۽ سواءِ ڪنهن آزمودي جي، جنهن مان ڪيس فائدي ٿيڻ جي ضرورت ٿي هجي ۽ سواءِ ڪنهن چرپر جي، جنهن کي هن پيدا ڪيو هجي ۽ سواءِ ڪنهن ولولي ۽ جوش جي، جنهن ڪان هو بيتاب ٿيو هجي. هر شيءِ کي سندس وقت جي حوالي ڪيائين.

بي جوڙ شين ۾ توازن ۽ هڪجهڙائي پيدا ڪيائين، هر شيءِ کي جدا جدا طبيعتن ۽ مزاجن جو حامل بنايائين. پڻ انهن طبيعتن لاءِ مناسب شڪليون (۽ ضروري صورتون) مقرر ڪيائين. هو انهن شين کي سندن وجود ۾ آڻڻ ڪان اڳ ۾ ئي ڄاڻيندو هو. سندن حدون بلڪل احاطي اندر مقرر ڪيل هيون، جن جي نفسن ۽ عضون کي (بہ) ڄاڻيندو هو، پوءِ هن ڪشادي فضا، نهايت وسيع طرف ۽ ڪنارا ۽ خلا جون موڪرايون خلقيون ۽ انهن ۾ ايترو تہ پاڻي وهايائين، جنهن جون دريائي موجن جون طوفاني لهرون ۽ اٿاھ سمنڊ جي موجن جا (هڪ ٻي مٿان) تهن تي تہ هئا. ان پاڻيءَ کي تند ۽ تيز هوائن جي پٺي تي سوار ڪيائين، پوءِ ان (هوا کي) پاڻي جي اٿلائڻ (پٽلائڻ) جو حڪم ڪري، پاڻي کي هوائن جي قبضي ۾ ڏنائين، ۽ ان کي پاڻي جي سرحد سان ملائي ڇڏيائين، جنهن جي هيٺان هوا پري پري تائين وڇايل هئي ۽ مٿس پاڻي زبردست ڇوليون (۽ لهرون) هڻي رهيو هو. پوءِ خدا تعالي ان پاڻي ۾ هڪ اهڙي هوا پيدا ڪئي، جنهن جو هلڻ (يا لڳڻ) بي ثمر (سنڌي) هو ۽ ان کي سندس مرڪز تي برقرار رکيائين. ان هوا جون تيز لهرون ڪيائين ۽ ان جي لڳڻ جي حد پري پري تائين وڌايائين. پوءِ ان هوا کي مقرر ڪيائين، تہ اها پاڻي جي (اڻ ڪٿ) ذخيري کي ڇولين جا ڌڪ هڻي ۽ ان اٿاھ سمنڊ جي موجن کي مٿي اڇلائي. ان هوا پاڻي کي اهڙيءَ طرح ولوڙيو، جيئن ڇاڏيءَ ۾ ڏونئري کي ولوڙبو آهي ۽ ان پاڻي کي ڌڪيندي، تيزي سان لڳي، جيئن خالي فضا ۾ لڳندي آهي ۽ پاڻي جي ابتدائي حصي کي آخري حصي تي ۽ بيٺل پاڻي کي، وهندڙ پاڻي تي اٿلائڻ لڳي، تانجو ان ڇوليون هڻندڙ پاڻيءَ جي سطح، بلند ٿي وئي. اهو پاڻي تهن تي تہ ٿي، گجي ڏيڻ لڳو. الله تعالي اها گجي (پنهنجي قدرت سان) کليل هوا ۽ ڪشادي فضا ڏي ڪنئي، جنهن مان ستئي آسمان پيدا ڪيائين. (هن طرح جي) هيٺين آسمان کي بيٺل موج وانگر بنايائين ۽ مٿئين آسمان کي محفوظ ڇت ۽ بلند عمارت جي صورت ۾ اهڙي طرح قائم ڪيائين، جنهن کي نہ ٿنين جي ٽيڪ جي ڪا ضرورت ٿي ۽ نہ وري ان کي طنابن (يا رسين) سان ٻڌي، جوڙڻ جي ڪا ضرورت ٿي. پوءِ ان کي ستارن جي زيب و زينت ۽ روشن تارن کي چمڪ دمڪ سان سينگاريائين ۽ ان ۾ روشني ڏيندڙ چراغ (سج) ۽ چمڪندڙ چنڊ کي هلايائين، جيڪو هلندڙ آسمان، ڦرندڙ گهرندڙ ڇت ۽ جنبش ڪائڻ واري لوح ۾ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

پوءِ خداوند عالم انهن بلند آسمانن جي وچ ۾ شگاف پيدا ڪيا ۽ انهن جي گنجائش ڪي طرح طرح جي فرشتن سان پريائين، جن مان ڪي سجدي ۾ آهن، جيڪي رڪوع نٿا ڪن، ڪي وري رڪوع ۾ آهن، سي قيام نٿا ڪن، جيڪي صفون ٻڌيو بيٺا آهن، سي پنهنجي جاءِ نہ ٿا ڇڏين، ڪي تسبيح حمد پڙهي رهيا آهن، اهي ٿڪجن ئي نٿا، نہ انهن کي اکين ۾ ننڊ اچي ٿي، نہ انهن جي عقلن ۾ ڪا پل چڪ پيدا ٿئي ٿي، نہ انهن جي بدنن ۾ ڪا سستي يا ڪاهلي اچي ٿي ۽ نہ انهن تي ويساري جي غفلت طاري ٿئي ٿي.

انهن مان ڪي تہ الله جي وحي جا امين، پيغام پهچائڻ لاءِ حق سچ جي زبان ۽ ان جي رسول ڏانهن سندس قطعي فيصلن ۽ فرمانن کي کڻي اچڻ وڃڻ وارا آهن. ڪي ان جي بندن جا نگهبان ۽ جنت جي دروازن جا محافظ آهن. ڪي اهڙا آهن، جن جا قدم تہ زمين جي تهہ تائين ڄميل آهن ۽ سندن پاسا سموري دنيا کان بہ اڳتي وڌيل آهن. انهن جا ڪلها عرش جي پاين سان پيا لڳن، جن جون اکيون عرش اڳيان جهڪيل رهن ٿيون ۽ ان جي هيٺان پنهنجن پرن ۾ ويڙهيل آهن ۽ انهن ۾ ۽ ٻي مخلوقات جي وچ ۾ عزت جا پردا ۽ قدرت جون ديواريون پيل آهن. اهي پنهنجي پالڻهار لاءِ ڪنهن بہ شڪل يا صورت جو تصور پڻ نٿا ڪن، ۽ نہ الله تي مخلوق واريون صفتون جائز ڄاڻن ٿا، نہ ان کي ڪنهن محل يا مڪان ۾ وڪوڙيل ٿا سمجهن ۽ نہ تشبيهن ۽ مثالن سان هن ڏي اشارا ڪن ٿا.

حضرت آدم جي پيدائش بابت فرمائي ٿو تہ:

الله تعالي سخت ۽ نرم مٽي ۽ ڪلراٺي زمين مان مٽي گڏ ڪري، ان کي پاڻيءَ سان ايترو تہ پسايو، جو اها صاف ٿي آئرجي پئي ۽ آلاڻ سان ايترو ڳوٿيائين، جو ان ۾ لعاب پيدا ٿيو. پوءِ ان مان اهڙي صورت جوڙيائين، جنهن ۾ ور وڪڙ ۽ سنڌن وارا عضوا آهن، بلڪ جدا جدا حصا. نيٺ ان کي ايترو تہ سڪايائين، جو اها (مٽي) پاڻ بيهي سگهي ۽ (وري ان کي) ايترو تہ سخت ڪيائين، جو اها کڙڪڻ (آواز ڪرڻ) لڳي. پوءِ ان کي ساڳي حالت ۾ مقرر ڪيل وقت ۽ معلوم مدت تائين ائين ئي رهڻ ڏنائين. پوءِ ان ۾ روح ڦوڪيائين، جنهن بعد اهو اهڙي انسان جي شڪل ۾ اٿي کڙو ٿيو، عضون ۽ رڳن کان ڪم وٺڻ وارو ۽ هٿن پيرن کي هلائڻ وارو آهي، بلڪ اهڙي سڃاڻپ جو صاحب آهي، جنهن کان حق ۽ باطل ۾ تميز ڪري ٿو ۽ جدا جدا لذتن، ذائقن، خوشبوئن، رنگن ۽ جنسن ۾ پڻ فرق ڪري ٿو. سندس خمير، رنگارنگي مٽين، پاڻ ۾ مليل جليل موافقت رکندڙ شين، بر خلاف، بر عڪس ۽ مختلف خلطن مان ٺهيل آهي، يعني سردي، گرمي، پوسل ۽ خشڪي جو پتلو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

پوءِ الله تعالي فرشتن کان چاهيو، تہ هو سندس سونپيل امانت جو حق ادا ڪن ۽ سندن ورتل وعدي ۽ وصيت کي پورو ڪن، يعني اهو واعدو، جيڪو آدم کي سجدي ڪرڻ واري حڪم کي مڃڻ ۽ ان جي بزرگي اڳيان جهڪڻ ۽ سر تسليم خم ڪرڻ لاءِ ڪيل هو.

بهرنوع، خدا فرمايو تہ : ””آدم کي سجدو ڪريو. پوءِ ابليس کان سواءِ ٻين سڀني سجدو ڪيو، جو کيس تعصب ۽ ساڙ ٿيو، بد بختي مٿس غالب ٿي. باھ مان پيدا ٿيڻ سبب پاڻ کي بزرگ ۽ برتر سمجهائين ۽ ڪڙڪندڙ مٽي مان ٺهيل مخلوق کي ذليل سمجهائين. الله تعالي کيس مهلت ڏني، تہ جيئن هو پوري طرح غضب جو مستحق ٿئي ۽ (بني آدم جي) آزمائش بہ تڪميل تي پهچي ۽ ڪيل واعدو بہ پورو ٿي وڃي. نيٺ، خدا کيس فرمايو تہ : تو کي مقرر ڪيل وقت جي ڏينهن تائين مهلت آهي““. پوءِ خدا، آدم کي اهڙي گهر ۾ رهايو، جتي هن جي زندگيءَ کي خوشگوار رکيو ويو. هن کي ابليس ۽ ان جي عداوت کان بہ هوشيار ڪيو ويو، پر سندس دشمن هن جي جنت ۾ رهڻ ۽ نيڪو ڪارن سان ملي جلي رهڻ تي حسد ڪيو. آخرڪار آدم کي فريب ۾ آندائين (جنهن بعد) آدم يڪ کي شڪ سان ۽ پختي ارادي کي ڪمزوري وارن هٿن سان سودو ڪيو. خوشي کي خوف سان بدلائي ڇڏيائين ۽ ڌوڪي کائڻ سبب شرمندگي حاصل ڪيائين. آخر الله، آدم لاءِ توبھ جي گنجائش رکي، کيس رحمت جا ڪلمات سيکاريائين، جنت ۾ ٻيهر پهچائڻ جو ساڻس وعدو ڪيائين ۽ ان بعد کيس آزمائش واري گهر ۾، يعني نسل وڌائڻ واري محل ۾ لاٿائين.

حق سبحانہ سندس اولاد مان نبي چونديا ۽ وحي جي وسيلي انهن کان انجام اقرار ورتائين. رسالت جي تبليغ جو انهن کي امين بنايائين، جڏهن تہ اڪثر ماڻهن الله جو عهد بدلائي ڇڏيو، ان جي حق ادا ڪرڻ کان بيخبر ٿي ويا. ٻين کي خدا جو شريڪ بنايائون، شيطانن، کين خدا جي معرفت کان ڦيرائي ۽ ان جي عبادت کان الڳ ڪري ڇڏيو.

خدا تعالي انهن ۾ پنهنجا رسول موڪليا، پڻ هڪٻئي پٺيان نبي موڪليائين، تہ جيئن انهن کان فطرت جا ورتل انجام اقرار پورا ڪرائين، هن جون وساريل نعمتون ۽ عنايتون ياد ڏيارين، پڻ رباني پيغام پهچائي مٿن حجت پوري ڪن، دفن ٿيل عقلن کي ڪڍي ظاهر ڪن، انهن کي قدرت جون نشانيون ڏيکارين (تہ جيئن) مٿن هي بلند ڇت وارو آسمان، ان جي هيٺان وڇايل زمين جو فرش، زندھ رکڻ وارو گذران جو سامان، فنا ڪرڻ وارا موت، پوڙهي ڪرڻ واريون بيماريون ۽ هڪٻئي پٺيان اچڻ وارا حادثا (کين ياد ڏيارين.(



Presented by Ziaraat.Com

الله تعالي پنهنجي مخلوق کي بغير ڪنهن موڪليل پيغمبر يا آسماني ڪتاب يا ڪامل واضح دليل (۽ حجت) يا روشن راه جي ڪڏهن به ائين نه ڇڏيو آهي. اهڙا رسول (آيا) جي ڳاڻاٽي ۾ ته ٿورا هئا، پر ڪين ڪوڙي ڪرڻ وارن جي گهڻائي، ڪڏهن به عاجز ۽ دل شڪسته نه ڪيو. انهن مان جيڪو به پهرين ٿي آيو، تنهن پاڻ کان پوءِ اچڻ واري جو نالو نشان پئي ٻڌايو. جيڪو پوءِ ٿي آيو، تنهن جي کانئس پهريون (نبي) سڃاڻپ ڪرائي ويو. اهڙي طرح مدتون گذرنديون ويون، زمانا ختم ٿيا، پيءُ ڏاڏي جي جاين تي انهن جو اولاد اچي آباد ٿيو. تانجو حق سبحانه پنهنجي عهد کي وفا ڪرڻ ۽ نبوت جي سلسلي کي ختم ۽ ڪامل ڪرڻ لاءِ حضرت محمد مصطفي صلي الله عليه و آله وسلم جن کي مبعوث فرمايو؛ جن بابت (سيني) نبين کان انجام اقرار ورتا ويا هئا، جن جي ظهور (پر نور) جون نشانيون مشهور هيون. پڻ سندن پيدائش واري جاءِ مبارڪ مسعود هئي.

ان وقت زمين تي رهڻ وارن جي رهڻي ڪهڻي جدا جدا، ارادا ۽ عقيدا الڳ الڳ ۽ سندن طور طريقا منتشر هئا؛ ايتري قدر جو ڪي خالق کي مخلوق سان تشبيهه ڏيندا هئا، ڪن سندس نالن کي ٿي بگاڙيو (۽ ڦيرايو)، ڪي الله کي ڇڏي، ٻين جي طرف رجوع ٿيندا هئا، تن کي خداوند عالم آنحضرت صلعم جن جي معرفت انهن کي گمراهي (جي اونداهي) مان ڪڍي هدايت جي (نوراني) راه تي آندو ۽ سندن وجود (مسعود) جي صدقي کين جهالت کان نجات ڏني. نيٺ خدا تعالي، محمد صلي الله عليه و آله و سلم جن کي پنهنجي لقاء ۽ قرب لاءِ منتخب ڪيو. پنهنجا خاص انعام سندن لاءِ پسند ڪيائين ۽ فاني دنيا جي رهڻي ڪهڻي کان کين بلند تر سمجهيو ۽ مصيبتن، زحمتن سان وڪوڙيل هنڌ کان سندن رخ کي موڙي ۽ (فاني) دنيا مان کين عزت (۽ احترام) سان گهرائي ورتو.

آنحضرت صلعم جن توهان ۾ اهڙي طرح شيءِ ڇڏي ويا، جيئن اڳيان نبي پنهنجن امتن ۾ ڇڏي هليا ويا. ان ڪري جو اهي واضح طريقا ۽ محڪم نشان قائم ڪرڻ کان سواءِ کين ڪڏهن به ڇڙواڳ نه ڇڏيندا ويا. آنحضرت جن توهان جي پالڻهار جو ڪتاب توهان وٽ ڇڏيو آهي، جنهن ۾ حلال ۽ حرام کي، فرض ۽ فضيلتن کي، منسوخ ٿيل ڳالهين کي، اختيار ڪرڻ جهڙين ڳالهين کي ۽ ڇڏي ڏيڻ جهڙين ڳالهين کي، عام ۽ خاص ڳالهين کي، عبرت جهڙين ۽ مثالي ڳالهين کي، واضح ۽ پيٺ ڪرڻ جهڙين ڳالهين کي، چڱي طرح کولي بيان ڪيو اٿن. پڻ مختصر (مجمل) آيتن جو تفسير ڪري ٻڌايائون. ان جي رمزن کي پڻ سمجهايو ويو آهي. ان ۾ ڪي اهي آيتون آهن، جن کان واقف ٿيڻ جي پابندي لازم ڪئي وئي آهي، ۽ ڪي اهي آهن، جو جيڪڏهن سندس بندا انهن کان ناواقف رهن ، ته ڪا وڏي ڳالهه نه آهي. ان ۾



Presented by Ziaraat.Com

ڪي حڪم اهڙا آهن، جن جو واجب هئڻ ڪتاب مان تہ ثابت آهي، پر حديث مان انهن جي منسوخ ٿيڻ جي خبر پوي ٿي. پڻ ڪي حڪم اهڙا بہ آهن، جن تي عمل ڪرڻ حديث جي لحاظ کان تہ واجب آهي، پر ڪتاب ۾ انهن کي ترڪ ڪرڻ جي اجازت آهي. هن ڪتاب ۾ ڪي اهڙا بہ واجبات آهن، جن جو واجب هئڻ وقت سان وابستہ آهي ۽ آئينده زماني ۾ انهن جو واجب هجڻ بر طرف ٿي وڃي ٿو. قرآن ۾ حرام ڪيل ڳالهين ۾ بہ فرق آهي. ڪي وڏا گناهہ اهڙا آهن، جن جي لاءِ دوزخ جي باهہ جا دڙڪا ڏنل آهن ۽ ڪي ننڍا گناهہ آهن. جن لاءِ معاف ڪرڻ جا موقعا ۽ اميدون پيدا ڪيل آهن. ڪي نيڪ ڪم اهڙا آهن، جن جو ٿورو حصو بہ مقبول آهي ۽ منجهن گهٽ کان گهٽ وڌائڻ جي بہ گنجائش رکيل آهي.

حج بيت الله جي باري ۾ فرمائي ٿو تہ :

مسلمانئو! الله تعالي پنهنجي گهر جو حج توهان تي فرض ڪيو آهي، جنهن کي پنهنجي بندن جو قبلو بنايو اٿس، جتي ماڻهو اهڙي طرح ڇڪجي اچن ٿا، جهڙي طرح پياسا جانور پاڻي ڏانهن ايندا آهن، بلڪ اهڙي چاهہ سان اوڏانهن تڪڙا تڪڙا بي خود ٿي اچن ٿا، جهڙي ريت ڪبوتر پنهنجن آکيرن ڏانهن اچن ٿا.

الله سبحانہ ڪعبي کي پنهنجي برتري، بزرگي ۽ شان شوڪت جي اڳيان عاجزي، نوڙت ۽ پنهنجي عزت جي اقرار مڃائڻ لاءِ نشان بنايو آهي. هن پنهنجي مخلوق مان ٻڌڻ وارا ماڻهو منتخب ڪيا، جن سندس سڏ تي لبيڪ چيو ۽ سندس ڪلام جي تصديق ڪئي ۽ اهي نبين جي جڳهين تي بيٺا ۽ عرش تي طواف ڪندڙ فرشتن سان مشابهت ڪيائون. اهي پنهنجي عبادت جي تجارت گاهہ ۾ فائدن کي ڪٺو ڪن ٿا ۽ سندس معافي جي وعده گاهہ ڏي وڌن ٿا. حق سبحانہ ان گهر کي اسلام جو نشان ۽ پناهہ گهرڻ وارن لاءِ حرم بنايو آهي. ان جو حج فرض ڪيو آهي ۽ حق جي ادا ڪرڻ کي واجب ڪيو آهي، ۽ ان ڏانهن وڃڻ فرض ڪيو اٿس. جيئن قرآن ۾ فرمايل آهي تہ : خدا جو واجب الادا حق ماڻهن تي اهو آهي، تہ اهي خانہءِ ڪعبہ جو حج ڪن، جن کي ان تائين پهچڻ جي طاقت هجي، ۽ جنهن انڪار ڪيو، تہ پوءِ ڄاڻو، تہ خدا ساري جهان کان بي پرواهہ آهي.“



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 2: جنگ صفين کان واپس اچڻ بعد

جنگ صفين کان واپس اچڻ بعد فرمايائين تہ:

الله تعالي جو حمد ۽ ثنا ڪريان ٿو، سندس نعمتن جي تڪميل گهرڻ، ان جي عزت ۽ جلال جي اڳيان سر جهڪائڻ ۽ سندس نافرماني ڪرڻ کان حفاظت حاصل ڪرڻ لاءِ هن کان مدد گهران ٿو. هن جي ڪفايت ۽ دستگيري جي محتاج هئڻ سبب، جنهن جي بہ هو هدايت ڪري، سو گمراهہ نٿو ٿئي، جنهن کي هو دشمن ڪري تنهن کي ڪٿي بہ امان نٿي ملي. جنهن جو هو سنڀاليندڙ هجي، سو ڪنهن جو بہ محتاج نٿو ٿئي. هي (حمد ۽ امداد جي طلب) اها (نعمت) آهي، جنهن جو پڙ هر وزن ۾ اچڻ واري شيءَ کان ڳرو آهي ۽ هر گنج قيمتي کان قيمتي بهتر ۽ برتر آهي. آءٌ شاهدي ڏيان ٿو، تہ الله کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي، جيڪو يڪتا ۽ لاشريڪ آهي. اهڙي شاهدي جنهن جو خلوص پرکيل آهي ۽ جنهن جو نچوڙ سواءِ ڪنهن شڪ شبهي جي دل جو عقيدو بڻجي چڪو آهي. اسين سموري زندگي هن سان ئي وابستہ رهنداسين ۽ ان عقيدي کي پيش اچڻ وارن خطرن لاءِ ذخيرو بنائي رکنداسون. اها ئي شاهدي ايمان جو مضبوط بنياد ۽ صالح عملن جو پهريون قدم آهي، جيڪو خدا جي خوشنودي جو ذريعو ۽ شيطان کي دور ڪرڻ جو سبب آهي.

۽ آءٌ اها بہ شاهدي ڏيان ٿو تہ: ”محمد صلي الله عليہ و آلہ و سلم) ان الله تعالي جا عبد ۽ رسول آهن“، جن کي، شهرت يافتہ دين، پڌايل نشان، لکيل ڪتاب، روشن نور، (معجزات) چمڪندڙ روشني ۽ مضبوط حڪم سان موڪليو ويو، تہ جيئن شڪ شبهات واري نجاست دور ٿئي ۽ واضح طور دليلن (۽ مثالن) سان حجت پوري ڪئي وڃي، آيتن جي ذريعي ديڃاريو وڃي، گويا انهن عذابن کان پڻ خوفزده ڪيو وڃي. ان وقت اها حالت هئي، جو ماڻهو اهڙن فتنن ۽ فسادن ۾ مبتلا هئا، جو دين جي رسي شڪستہ، يقينن جا ٿنڀا لڏندڙ جدا جدا اصول ۽ پريشان حالتون هيون، نڪرڻ جون راهون تنگ ۽ نظر نٿي آيون.

هدايت گمنام ۽ ضلالت عام هئي، بي ڌڙڪ الله جي نافرماني ٿيندي هئي ۽ شيطان جي مدد ڪئي پئي وئي. ايمان بي يار و مددگار هو، جو ان جا ٿنڀا ڪريل هئا، جنهن جا نشان بہ سڃاڻپ ۾ نٿي آيا. ان جا رستا مٽجي چڪا هئا، بلڪ شاهراهون ” برباد، نيست ۽ نابود ٿيل هيون. هو شيطان جي پيروي ڪري، ان جي رستن تي هلڻ لڳا ۽ ان جي پٽڻ تي لهي پيا، جنهن جي سببان شيطاني جهنڊا هر طرف کان ڦڙڪڻ لڳا. اهڙن فتنن ۾ ڪين پنهنجي سنبن سان پامال ڪري ۽ پنهنجي کرن سان چيڀاٽيندو هو ۽ پنهنجن چنبن پر



Presented by Ziaraat.Com

مضبوطي سان بيٺو هو، ۽ اهي ماڻهو، ان جي وچ ۾ حيران ۽ پريشان، جاهل ۽ فريب خورده بيٺل هئا. (ڄڻ ته) هڪ اهڙي گهر ۾ بيٺل هئا، جيڪو پاڻ ته ڏاڍو سهڻو هو، پر ان ۾ رهڻ وارا بڇڙا هئا، جتي ننڊ ۽ آرام جي بجاءِ بي آرامي ۽ بي قراري هئي ۽ سرمي جي بجاءِ هنن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا، هي سڀڪجهه ان سر زمين تي ٿي رهيو هو، جتي عالم جي زبان تي لغام چڙهيل هو ۽ جاهل با عزت ۽ سرفراز هو.

متئين خطبي جو اهو حصو، جيڪو اهلبيت نبي جي شان ۾ آهي:

اهي الله جي رازن جا امانت دار ۽ ان جي دين جي پناه واري جاءِ آهن. خدائي علم جا خزانا ۽ حڪمتن جا آستان آهن. (آسماني) ڪتابن جون راهون ۽ رستا ۽ دين جا پهاڙ آهن. انهن جي ئي طفيل، الله تعالي دين جي پشت جو (خم) ور سڌو ڪيو ۽ ان جي پاسن کان ضعف واري ڏڪڻي دور ڪئي.

ساڳئي خطبي جو هڪ حصو، جيڪو ٻين جي متعلق آهي:

انهن نافرماني ۽ بد ڪاري جي پوک پوکي، غفلت ۽ فريب جو ريج ڏئي ۽ ان مان تباهي ۽ هلاڪت جي جنس حاصل ڪيائون. هن امت ۾ ڪنهن کي به محمد جي آل تي قياس نٿو ڪري سگهجي. جن ماڻهن تي آل محمد جا احسان هميشه جاري رهيا هجن، سي انهن جي برابر ٿي نٿا سگهن. اهي (اهلبيت) دين مبين جو بنياد ۽ يقين جا ٿنيا آهن. (ياد رکو) اڳتي وڌي وڃڻ وارن کي انهن ڏانهن واپس اچڻو آهي ۽ پوئتي رهجي وڃڻ وارن کي اڳتي هلي، انهن سان ملڻو آهي. سرپرستي جي مرتبي واريون خصوصيتون انهن لاءِ ئي آهن ۽ انهن جي حق ۾ پيغمبر جي وصيت آهي، اهي نبي جا وارث آهن. هاڻي هي اهو وقت آهي، جو حق پنهنجي اهل جي طرف موٽي آيو ۽ پنهنجي صحيح جڳهه تي منتقل ٿي ويو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 3: شقشقيہ

هي خطبو شقشقيہ جي نالي سان مشهور آهي

خدا جو قسم! ابو قحافہ جي فرزند خلافت جو پهراڻ پائي ورتو، حالانڪ منهنجي متعلق هن کي چڱيءَ طرح خبر هئي، تہ خلافت ۾ منهنجو اهو مقام آهي، جيڪو جنڊ ۾ ڪير جو هوندو آهي. آءُ اهو (بلند ۽ بالا پهاڙ) آهيان، جنهن تان علم جي سيلاب جو پاڻي وهي هيٺ ڪرندو آهي ۽ مون تائين (منهنجي منزلت تائين) ڪو بہ پکي پر نٿو هڻي سگهي. (تنهن هوندي بہ) مون خلافت جي اڳيان پردو لٽڪائي ڇڏيو ۽ ان کان پاسو ڪيم ۽ سوچڻ شروع ڪيم تہ پنهنجن وڍيل هٿن سان حملو ڪريان يا هن خوفناڪ اونداهي تي صبر ڪريان، جنهن ۾ ٻار پوڙهو ۽ پوڙهو بلڪل ضعيف ٿئي ٿو، ۽ مومن ان ۾ جدوجهد ڪندو، پنهنجي پالڻهار وٽ پهچي ٿو. مون کي اونده تي صبر ڪرڻ ئي عقل واري ڳالھ نظر آئي، تنهن ڪري مون صبر ڪيو. حالانڪ اکين ۾ (غم ۽ فڪر ڏک جي) چيڪار هئي ۽ نڙي ۾ (رنج ۽ ڏک جا) گرھ ڦاٿل هئا. آءُ پنهنجي ميراث کي تلف ۽ تاراج ٿيندو ڏسي رهيو هوس، تانجو پهرئين پنهنجي اصلي راه ورتي ۽ پاڻ کان پوءِ خلافت خطاب جي فرزند جي حوالي ڪري ويو (پوءِ جناب امير عليہ السلام مثال طور اعشي جو هي شعر پڙهيو: (

”ڪٿي هي ڏينهن، جيڪي ڏاچي جي پاکڙي تي گذرن ٿا ۽ ڪٿي اهي ڏينهن، جيڪي جابر جي ڀاءُ حيان جي دوستيءَ ۾ گذرندا هئا.“

تعجب آهي تہ هو پنهنجي جيئري، خلافت تان سبڪدوش ٿيڻ چاهيندو هو، پر پنهنجي مرڻ کانپوءِ ان جو بنياد ٻين لاءِ مضبوط ڪري ويو. بيشڪ مذڪور ٻنهي سختي سان خلافت جي ٿڻن کي پاڻ ۾ ورهايو. انهن خلافت کي هڪ سخت ۽ نا هموار محل ۾ رکي ڇڏيو، جنهن جي غلاظت خطرناڪ هئي، جنهن کي ڇهڻ سان بد خلقي محسوس ٿيندي هئي، جتي هر ڳالھ تي ٿاٻو کائڻ ۽ وري بهانو ڳولڻ هو، جنهن جو ان سان واسطو پيو، سو اهڙو آهي، جهڙو ڪنهن سرڪش ڏاچي جو سوار، سو جيڪڏهن واڳ کي ڍرو ڪري ٿو، تہ پوءِ هو سوار ڏاچي سان گڏ خوفناڪ کڏن ۾ وڃي ٿو پوي. جنهن ڪري خدائي لايزال جو قسم! تہ ماڻهو ابتي چال وارا سرڪش وسواسي ۽ بد چلن ٿي ويا. مون اهڙي ماحول جي ڊگهي مدت ۽ سخت مصيبت تي صبر ڪيو، تانجو ”ٻيو“ بہ پنهنجي راه لڳو ۽ خلافت کي هڪ جماعت ۾ روڪي ويو ۽ مون کي پڻ ان جماعت جو هڪ فرد ڄاتائين.



Presented by Ziaraat.Com

بار الھا! منھنجو ان ”شوري“ سان ڪھڙو واسطو؟ سڀ کان پھرئين جي مقابلي ۾ منھنجي حقدار ٿيڻ جو ۽ فضيلت جو پلا ڪنھن کي شڪ ھو، جو ھاڻي مون کي بہ انھن ۾ شامل ڪيو ويو آھي! مگر مون اھو طريقو اختيار ڪيو، تہ جڏھن ھو زمين جي ويجھا ٿي اڏامڻ لڳن، تہ آءُ بہ ائين ڪريان ۽ جڏھن ھو مٿي بلندين تي اڏامن، تہ پوءِ آءُ بہ اھڙي طرح پرواز ڪريان (يعني جيترو ٿي سگھي تہ ڪنھن صورت ۾ نباھيندو رھان.(

انھن مان ھڪ شخص بغض ۽ دشمني سبب مون کان باغي ٿي ڦري ويو ۽ ٻيو دامادي ۽ ڪن تہ ٻڌائڻ جھڙين ڳالھين سبب ھوڏانھن جھڪي پيو، تانجو ان قوم جو ٽيون ماڻھو پيٽ کي ڦندائي حيواني گوبر ۽ ڏاري جي وچ ۾ اٿي بيٺو ۽ ان سان گڏ سندس ساٿي بہ اٿي کڙا ٿيا، جيڪي خدا جي مال کي اھڙي طرح ڳھندا ھئا، جيئن بھار (ربيع) جي فصل ۾ اٺ چرندو آھي. نيٺ اھو بہ وقت اچي ويو، جو سندس وٽيل رسي جا ور کلي پيا ۽ سندس ئي بد افعالن سندس ڪم تمام ڪيو ۽ سندس شڪم پري کيس منھن ڀر ڪيرايو. ان وقت ماڻھن جي انبوھ مون کي پريشان ڪري ڇڏيو، جو مون ڏي ”ڳورپٽ“ جي ڪنڌ جي وارن وانگر ھر طرف کان (بيعت ڪرڻ لاءِ) سانده ايترا تہ ماڻھو آيا، جو حسنين پيھ ۽ چپ ۾ ويڙھجي ويا ۽ منھنجي چادر جا ٻئي پلاند ڦاٽي پيا، اھي سيئي مون کي ٻڪرين جي ڌڻ وانگر چوڌاري گھيرو ڪري بيٺا، پر ان ھوندي بہ جڏھن آءُ خلافت جو امر حاصل ڪري اٿيس، تہ ھڪ ٽولي (اھل جمل) بيعت ٽوڙي ڇڏي، ٻيا دين مان (خارجي اھل نھروان) نڪري ويا ۽ ٽئين گروھ (اھل صفين) حڪم جي عدولي اختيار ڪئي؛ ڄڻ تہ انھن الله جو ھي ارشاد ٻڌو ئي نہ ھو تہ : ”ھي آخرت جو گھر اسان انھن ماڻھن لاءِ مقرر ڪيو آھي، جيڪي نہ دنيا ۾ بلندي چاھين ٿا ۽ نہ وري فساد پکيڙين ٿا ۽ نيڪ اجر پرھيزگارن لاءِ ئي آھي“. ھائو! ھائو! خدا جو قسم! بيشڪ، انھن ماڻھن مذڪور آيت کي ٻڌو ھو ۽ ياد بہ ڪيو ھو، پر سندن نگاھن ۾ دنيا جو جمال کپي ويو ۽ ان جي سونھن ۽ سينگار کين موھي ڇڏيو. ڏسو! انھي ذات جو قسم، جنھن داڻي کي چيريو ۽ جاندار پيدا ڪيائين. جيڪڏھن بيعت ڪرڻ وارن جي موجودگي ۽ مدد ڪرڻ وارن جي وجود کان مون تي حجت پوري نہ ٿي ھا ۽ اھو عھد نہ ھجي ھا، جيڪو الله تعالي علمائن کان ورتي ڇڏيو آھي، تہ ھو ظالم جي پيٽ ڀرائي ۽ مظلوم جي بک تي سڪون سان نہ ويھن، تہ پوءِ آءُ خلافت جي واڳ ان جي ڪلھن تي رکان ھا ۽ ان جي آخر کي انھي پيالي مان سيراب ڪريان ھا، جنھن پيالي مان ان کي اول سيراب ڪيو ھوم، ۽ توھان پنھنجي دنيا کي منھنجي نظرن ۾ ٻڪري جي نڇ کان بہ وڌيڪ حقير ڏسو ھا.



Presented by Ziaraat.Com

ماڻهن جو چوڻ آهي ته جڏهن جناب امير عليہ السلام خطبو پڙهندي ان هنڌ پهتو، ته هڪ عراقي شخص اڳتي وڌي ڪيس هڪ خط ڏنو. حضرت ان خط کي پڙهڻ لڳو. جڏهن پڙهي بس ڪيائين، ته حضرت عبد الله ابن عباس عرض ڪيو، ته يا امير المومنين! اوهان جتي خطبو ڇڏيو هو، اتان وري ان سلسلي کي اڳتي وڌائي بيان فرمايو! پاڻ فرمايائين ته: اي ابن عباس افسوس!! اها ته ڇڻ اٺ جي مستي واري ”دلي“ هئي، جيڪا ٻاهر نڪتي ۽ واپس وڃي پنهنجي جاءِ تي پهتي. ابن عباس چوي ٿو، ته مون ڪي ڪڏهن به ڪنهن ٻئي ڪلام متعلق ايترو افسوس نہ ٿيو، جيترو مٿين ڪلام متعلق، انهي ڪري ته، حضرت امير عليہ السلام اوستائين پهچي نہ سگهيو، جيستائين ڪيس پهچڻ گهربو هو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 4: رسول جي آل جا احسان ۽ قريش جي حالت

رسول جي آل جا احسان ۽ قريش جي حالت

اسان (اهلبيت) جي سببان، توهان (گمراهين) جي اونداهين ۾ هدايت جي روشني حاصل ڪئي. ازانسواءِ عظمت ۽ شان ۽ بلندين جي چوٽين تي قدم رکيو ۽ اسان جي ئي سهاري، توهان (ظلم ۽ بي ايماني جي) اونداهي راتين مان صبح (هدايت ۽ امن) جي روشنين ۾ آيئو.

اهي ڪن شل ٻوڙا ٿين، جيڪي رڙين ڪرڻ واري جي دانهن کي نٿا ٻڌن. ڀلا اهي ڇو منهنجي ڪمزور ۽ جهيڻي آواز کي ٻڌندا، جيڪي الله ۽ رسول جي بلند آواز صدائن جي ٻڌڻ کان به ٻوڙا رهجي چڪا هجن.

تن دلين کي شل سڪون ۽ قرار نصيب ٿئي، جن کان خدا جي خوف ۾ ڪنبڻ ۽ ڏڪڻ، جدا نٿو ٿئي.

آءٌ هميشہ توهان کان بهانن ۽ بيوفائين جي نتيجن جو منتظر رهيو آهيان، ۽ ڌوکي ڪاڌل ماڻهن واري هلت چلت کان توهان کي به سڃاڻي ڇڏيم. جيتوڻيڪ دين جي نقاب مون کي توهان کان لڪائي رکيو، ليڪن منهنجي نيڪ نيتي ۽ سچائي مون کي توهان جون صورتون ڏيکاري ڇڏيون، ۽ دربدر ٿيڻ وارن رستن تي آءٌ توهان لاءِ صدق ۽ سچائي وارن پيچرن تي بيٺو هوس، جتي توهان ملندا جلندا هئا؛ مگر ڪو به توهان کي راهه ڏيکارڻ وارو نہ هو. توهان کوهه پيا کوٽيندا هئا، مگر پاڻي نٿي ڪڍي سگهيا. اڄ مون هن پنهنجي خاموش زبان کي کوليو آهي، جنهن ۾ ڳالهائڻ جي وڏي طاقت آهي. ان شخص جي راءِ کان پري رهو، جنهن مون سان قطع تعلقات ڪيا، جڏهن کان مون حق کي (سچ) ڏٺو آهي، تڏهن کان مون ڪڏهن به ان ۾ شڪ شبهو نہ ڪيو. حضرت موسي ع پنهنجي جان خاطر ڪڏهن به خوف نہ ڪيو، پر ڪيس جاهلن جي غلبي ۽ گمراهي جي حڪومت جو دپ هو. (ساڳي طرح اڄ تائين منهنجي خاموشي کي به ائين ئي سمجهو.) اڄ اسين ۽ توهين حق ۽ باطل جي "ہ واٽي" تي بيٺل آهيون، جنهن کي پاڻي هجڻ بابت تسلي آهي، تنهن کي پياس نٿي محسوس ٿئي، تهڙي طرح منهنجي موجودگي ۾ توهان وٽ منهنجو قدر نہ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 5: رسول الله صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن جي رحلت...

جڏهن رسول الله صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن هن دنيا مان رحلت فرمائي، تڏهن عباس ۽ ابو سفيان ولد حرب پنهي اچي عرض ڪيو، تہ اسين توهان جي بيعت ڪرڻ چاهيون ٿا، جنهن تي حضرت امير المومنين فرمايو تہ:

اي انسانو! نجات جي ٻيڙين جي ذريعي، فتنن ۽ فسادن جي لهرن کي چيري پار ٿي پلئہ ڪڍي وڃو. تفرقن ۽ انتشار وارين راهن کان پنهنجا رخ موڙيو، فخر ۽ وڏائي جا تاج مٿن تان لاهيو. زمين تي اچلائي ڇڏيو. صحيح عمل جي طريقن اختيار ڪرڻ ۾ ڪامياب اهو آهي. جيڪو اٿي تہ پنهنجي طاقت سان اٿي، ورنہ اقتدار جي ڪرسي ٻين لاءِ ڇڏي، ويهي رهي. ۽ اهڙي طرح بدامني کان ڪناره ڪشي ڪري جو، خدا جي خلق کي راحت ۾ رکي. (هن وقت خلافت جي طلب ۾ اٿڻ) اهو هڪ گندو پاڻي ۽ اهڙو گرهہ آهي، جيڪو کائڻ واري جي نڙي ۾ ڦاسي پوندو. جيئن تہ، پچڻ کان اڳ ميوي پٽڻ وارو ائين آهي، جهڙو پرائي زمين کي پوکڻ وارو. جيڪڏهن ڪڇان ٿو تہ ماڻهون چوندا، تہ هي دنيوي حڪومت ڏانهن راغب آهي، ۽ جي ماٺ ٿو ڪريان، تہ چوندا تہ موت کان ڊنو آهي.

افسوس! جو اها ڳالهہ هيئنر ٿا چئو، جيڪڏهن آءُ دنيا جا هر طرح جا لاها چاڙها ڏسي چڪو آهيان. خدا جو قسم! ابوطالب جو پٽ موت سان ايترو تہ گهائل مائل آهي" جيترو ٿڃ پيئاڪ ٻار بہ پنهنجي ماءُ جي ٿڃن سان پيار نٿو ڪري، البتہ هڪ پوشيده علم منهنجي سيني جي تهن ۾ اهڙو تہ لڪل آهي، جو جيڪڏهن ان کي ظاهر ٿو ڪريان، تہ پوءِ توهان بيقرار ۽ اهڙي تہ لوچ پوچ ۾ پوندوءِ. جهڙي طرح اونهن ڊگهن کوهن ۾ رسيون ڏڪنديون ۽ ڪنبنديون آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 6: جڏهن حضرت امير عليہ السلام کي مشورو ڏنو...

جڏهن حضرت امير عليہ السلام کي مشورو ڏنو ويو، تہ پاڻ نہ طلحہ ۽ زبير جو پيڇو ڪري ۽ نہ انهن سان جنگ ڪرڻ جو ارادو ڪري، تڏهن پاڻ فرمايائين تہ:

خدا جو قسم! آءٌ ان جانور وانگر نہ ٿيندس، جيڪو لڳاتار ٺڪ ٺڪ ڪرڻ يا (دروازي) کڙڪائڻ سان بہ سمهي رهندو آهي، تانجو ان جو طلبگار (شڪاري) اچي مٿس ڪڙڪندو آهي ۽ وجهہ ڳولي تاڙ ۾ لڳي ويهڻ وارو، اوچتو مٿس حملو ڪري، پهچي قابو ۾ ڪندو آهي.

ليڪن آءٌ تہ حق جي طرف وڌڻ وارن ۽ ڪن تي آواز پوڻ سان اطاعت ڪندڙن کي ساٿ ڪري، انهن گناهن ڪندڙن ۽ شڪن ۾ پوڻ وارن تي پنهنجي تلوار هلائيندو رهندس، تانجو منهنجي موت جو ڏينهن اچي وڃي.

خدا جو قسم، جڏهن کان الله تعالي پنهنجي رسول کي دنيا مان کڻي ورتو! تڏهن کان ﭘﻴﻦ کي مون تي مقدم ڪيو ويو، بلڪ مون کي پنهنجي حق کان محروم ڪيو ويو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 7: منافقن جي حالت جو منظر

منافقن جي حالت جو منظر

انهن پنهنجي سمورن ڪمن جو عام مختار، شيطان کي بڻائي رکيو آهي ۽ شيطان وري کين پنهنجي ڪم ڪرڻ جو ذريعو بڻايو آهي.

شيطان انهن جي سينن ۾ آنا لاهي ڦوڙيا، جن مان ٻچا نڪري انهن جي ئي هنجن ۾ اهي ٻچا پيٽ ڀر رڙهي ڪڏي ٽينگ ٽپا پيا ڏين. هو انهن جي ئي اکين سان ڏسي ٿو ۽ انهن جي ئي زبانن سان ڳالهائي ٿو. هو کين گناهن جي راهن تي هلائي پيو ۽ بڇڙيون ڳالهيون ٺاهي جوڙي سينگاري، انهن جي سامهون رکيون اٿس، ڄڻ ته هن کين پنهنجي قبضي ۾ شريڪ بڻائي ڇڏيو هجي ۽ انهن جي ئي زبانن سان پنهنجو ڪوڙو ڪلام پيو بڪي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 8: حال جي منشا مطابق ـ زبير بابت

حال جي منشا مطابق ـ زبير بابت

)جناب امير عليہ السلام زبير جي متعلق هي ڪلام، ان وقت فرمايو: جڏهن حالتون انهي قسم جي تقاضا ڪرڻ لاءِ هيون(

هو (زبير) ائين پيو ظاهر ڪري، ته گويا هن بيعت هٿ سان ڪئي هئي، مگر دل سان نہ ڪئي هئي. بهر صورت هي بيعت جو تہ اقرار ڪيو. ليڪن هن جي ان دعوي سان سندس دل ۾ کوٽ هو. هاڻي هن کي گهرجي، تہ مذڪوره دعوي لاءِ ڪو واضح دليل پيش ڪري، ورنہ جنهن ڪان ڦريو آهي، تنهن ۾ واپس اچي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 9: جمل وارا اصحاب ۽ دشمنن جون ڌمڪيون

جمل وارا اصحاب ۽ دشمنن جون ڌمڪيون

هو (ماڻهو) ڪنوڻ وانگر گجگوڙ ڪري چمڪيا، مگر انهن ٻنهي ڳالهين جي باوجود بہ بزدلي ڏيکاريائون ۽ اسين جيسين دشمن تي حملو نٿا ڪريون، تيسين هل هنگامو نٿا ڪريون، ۽ جيستائين (عملي طور تي) گهڻ وڌ نٿا ڳالهايون، (تيسين)لفظن جو سيلاب نٿا وهايون.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 10: معاويہ ۽ ان جي لشڪر جي حالت

شيطان پنهنجي گروهه کي گڏ ڪيو آهي ۽ پنهنجن سوارن ۽ پيادن کي بہ تيار ڪيو اٿس. يقينا مون سان منهنجي دانائي ۽ عقلمندي شامل آهن. نہ مون ڪڏهن (ڄاڻي ٻجهي) خود پاڻ کي ڌوڪو ڏنو آهي ۽ نہ ڪڏهن واقعي ڪو مون کي ڌوڪو ٿيو آهي.

خدا جو قسم! آءٌ انهن لاءِ هڪ اهڙو حوض ڪنارن تان اٿلندڙ ڇلڪائيندس، جنهن جو پاڻي ڪڍڻ وارو آءٌ ئي آهيان. انهن کي هميشہ لاءِ نڪرڻ يا (نڪري) وري واپس اچڻ جو ڪو بہ امڪان ئي نہ رهندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 11: جڏھن جمل واري جنگ ۾...

جڏھن جمل واري جنگ ۾ جناب امير عليہ السلام پنھنجي فرزند محمد حنفيہ کي علم عطا ڪيو، تڏھن ڪيس مخاطب ٿي جنگ جي فضيلتن جي تعليم ڏئي فرمايائين تہ:

جبل ٽلي پنھنجي جاءِ ڇڏي ڏين، پر تون پنھنجي جڳھ تان نہ ھٽجان. تنھنجا ڏند ڀيچل ھجن. پنھنجو ڪاسئہ سر عاريتا الله جي حوالي ڪجئين، پنھنجا پير زمين ۾ کوڙي بيھجان، لشڪر جي آخري صفن تي پنھنجي نظر رکجان ۽ (دشمن جي گھڻائي ۽ طاقت کان) اکين کي بند ڪجئين ۽ يقين ڪجئين تہ مدد الله جي ئي طرف کان ٿئي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 12: جڏهن الله تعالي، جناب امير عليہ السلام کي...

جڏهن الله تعاليٰ جناب امير عليہ السلام کي، جمل واري جنگ ۾ دشمن تي غلبو عطا فرمايو، تڏهن ان موقعي تي سندس ڪنهن صحابي کيس عرض ڪيو تہ آقا، هتي جيڪر منهنجو فلاڻو ڀاءُ بہ هجي ها، تہ اهو بہ ڏسي ها، تہ الله تعالي توهان کي ڪيڏي نہ دشمنن تي فتح ۽ ڪامراني عطا فرمائي آهي، تڏهن حضرت فرمايو تہ: ـ

ڇا، تنهنجو ڀاءُ اسان کي دوست سمجهي ٿو؟ هن چيو تہ هائو!

تڏهن وري پاڻ فرمايائين تہ ”هو، اسان وٽ موجود هو! بلڪ اسان جي هن لشڪر ۾ اهي بہ شخص موجود هئا، جيڪي اڃا مردن جي پشتن ۾ ۽ عورتن جي پيٽن ۾ آهن. عنقريب زمانو انهن کي ظاهر ڪندو، ۽ انهن کان ايمان کي سهارو ۽ تسلي پهچندي.“



Presented by Ziaraat.Com

# خطبه 13: بصري وارن جي هجو ۾

بصري وارن جي هجو ۾

”توهان هڪ عورت جا سپاهي ۽ هڪ چوپائي جي فرمانبرداريءَ ۾ هئا. هُو ڇيڇلائي بيقرار ٿيو، توهان لبيڪ چوندا وڌيا ۽ جڏهن هو زخمي ٿيو، تڏهن توهان ڀڄي ويا. توهان نيچ اخلاق ۽ انجام ٽوڙڻ وارا آهيو. توهان جي دين جو ظاهر هڪ آهي، ته اندر ۾ لڪل ٻيو آهي. توهان جي سر زمين جو پاڻي به کارو آهي. توهان سان گڏ رهڻ وارو گناهن جي ڄار ۾ جڪڙيل آهي ۽ توهان مان نڪري وڃڻ وارو، پنهنجي پروردگار جي رحمت کي حاصل ڪرڻ وارو آهي.

اهو ( اڄڻ وارو) منظر منهنجي اکين اڳيان پيو ڦري، جڏهن ته توهان جي مسجد ائين ڏسڻ ۾ ايندي، جهڙي طرح ٻيڙي جو سينو. اُن صورت ۾ الله تعاليٰ توهان جي شهر جي مٿان ۽ اُن جي هيٺان عذاب نازل ڪري چڪو هوندو ۽ هُو پنهنجي رهڻ وارن سميت غرق ٿي چڪو هوندو.

)هڪ روايت ۾ هيئن آهي ته) خدا جو قسم، توهان جو شهر غرق ٿي رهندو، ايستائين جو اُن جي مسجد، ٻيڙي جي اڳئين حصي يا سيني ڀَر ويٺل شتر مرغ وانگر، ڇڻ ته مون کي ڏسڻ ۾ پئي اچي.

)ٻئيءَ روايت ۾ هيئن آهي ته) جيئن پاڻيءَ جي گهرائيءَ ۾ پکيءَ جو سينو.

)هڪ ٻي روايت ۾ هن طرح آهي ته) توهان وارو شهر ( بصرو) الله تعاليٰ جي سمورن شهرن کان مٽي جي لحاظ کان گندو ۽ بدبودار آهي.

هيءُ ( شهر سمنڊ جي) پاڻي کان ويجهو ۽ آسمان کان پري آهي. برائين ۽ بڇڙاين جي ڏهن حصن مان نَوَ حصا هن (شهر) ۾ ٿا ڏسجن. جيڪو هن ۾ اچي پهتو، سو پنهنجن گناهن ۾ ڦاٿو ۽ جيڪو هتان هليو ويو، تنهن سان الله تعاليٰ جي معافي شامل حال رهي. ڇڻ ته آءٌ پنهنجي اکين سان هن وسندي آباديءَ کي ڏسي رهيو آهيان، ته سيلاب هن کي اهڙو ته ڍڪي ڇڏيو آهي، جو مسجد جي ڪنگرن کان سواءِ ٻيو ڪجھ به ڏسڻ ۾ نٿو اچي ۽ اهي ائين پيا معلوم ٿين، جيئن سمنڊ جي گهرائي ۾ پکي جو سينو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 14: هي بہ بصري وارن جي هجو ۾ فرمايل آهي

هي بہ بصري وارن جي هجو ۾ فرمايل آهي

توهان جي زمين ( سمنڊ جي) پاڻي کان ويجهو ۽ آسمان کان پري آهي. توهان هلڪن عقلن وارا ۽ دانائي ۾ ڪچا آهيو. توهان هر تير انداز جا نشانا، هر ڪائڻ واري جا گرهہ ۽ هر شڪاري جا شڪار ٿيڻ وارا شڪار آهيو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 15: حضرت عثمان جون عطا ڪيل...

حضرت عثمان جون عطا ڪيل جاگيرون، مسلمانن کي واپس ڪري فرمايائين ته:

خدا جو قسم! جيڪڏهن مون کي ڪٿي به اهڙو مال نظر اچي ها، جيڪو زالن جي مَهَر ۽ غلام عورتن جي خريداري تي خرچ ڪيل هجي ها، ته آءٌ اهو به واپس موٽائي وٺان ها، جيئن ته عدل جي گهرجن کي پوري ڪرڻ ۾ طاقت آهي ۽ جنهن کي عدل (ڪرڻ) صورت ۾ تنگي محسوس ٿئي ٿي، تنهن کي ظلم جي صورت ۾ پاڻ وڏيڪ تنگي محسوس ٿيندي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 16: جناب امير عليہ السلام جي جڏهن مديني ۾...

جناب امير عليہ السلام جي جڏهن مديني ۾ بيعت ٿي چڪي، تڏهن فرمايائين تہ:

آءٌ پنهنجي قول جو ذميدار ۽ اُن جي صحت جو ضامن آهيان. جنهن شخص کي سندس عبرت جي نگاهن گذريل عذاب، واضح طور ڏيکاريا هجن، تنهن کي پرهيزگاري، شڪ شبهن ۾ سوچ ويچار کان سواءِ ٽپي پوڻ کان روڪي ٿي. توهان کي ڄاڻڻ گهرجي، تہ توهان جي لاءِ اُهي امتحانات ۽ مصيبتون وري موٽي آيون آهن، جيڪي رسول جي مبعوث ٿيڻ وقت ٿيون هيون. ان ذات جو قسم، جنهن رسول کي حق ۽ صداقت سان موڪليو.

توهين بُري طرح تہ و بالا ڪيا ويندؤ! ۽ اهڙي طرح تہ ڇنڊجي ڌار ڪيا ويندؤ، جهڙي طرح ڇاڻي مان ڪنهن شيءِ کي ڇاڻبو آهي، ۽ وري اهڙي طرح تہ درهم برهم منجهيل ڪيا ويندؤ جهڙي طرح چمچو هنڊيءَ ۾ هلائبو آهي، تانجو توهان جا ادنيٰ اعليٰ ۽ اعليٰ وري ادنيٰ ٿي ويندا. جيڪي پوئتي هوندا سي اڳتي وڌندا، ۽ جيڪي هميشہ اڳيان اڳيان هوندا هئا، سي پٺتي ٿي ويندا. خدا جو قسم! مون ڪابہ ڳالهہ لڪائي نہ آهي، نہ ڪڏهن ڪوڙ ڳالهايو اٿم. مون کي اُن جاءِ جي، اُن ڏينهن جي، اڳي ئي خبر پئجي چُڪي آهي. توهان کي معلوم هئڻ گهرجي، تہ گناهہ اُن سرڪش گهوڙن وانگر آهن، جن تي سوارن کي سوار ڪيو ويو هجي ۽ لغام بہ اُنهن جا لاٿا ويا هجن، ۽ پوءِ اُهي اُنهن کي کڻي وڃي هڪ ئي ڀرانگهہ سان دوزخ ۾ پون، ۽ پرهيزگاري، اُنهن سوارن جي مثل آهي، جن تي اُنهن جي سوارن کي سوار ڪيو ويو هجي. اهڙيءَ طرح، جو واڳون اُنهن جي هٿن ۾ جهليل هجن ۽ پوءِ هُو انهن کي اطمينان سان کڻي وڃي، جنت ۾ لاهين. هڪڙو حق هوندو آهي ۽ ٻيو ڪفر. ڪي حق وارا بہ ٿين ٿا ۽ ڪي ناحق وارا بہ. هاڻي جيڪڏهن باطل (ڪوڙ) زياده ٿي ويو، تہ ائين اڳ ۾ بہ ٿيندو رهيو آهي ۽ جيڪڏهن حق (سچ) گهٽ ٿي ويو آهي، تہ بارها اڪثر ائين ٿيو آهي ۽ نهايت ممڪن آهي، تہ اهو هن باطل تي غالب اچي، توڙي جو ائين ورلي ٿيندو آهي، جو ڪا شيءِ پٺتي هٽي وري اڳتي وڌي.

ساڳئي خطبي جو هي بہ حصو آهي (اسرار ۽ حڪم: (



Presented by Ziaraat.Com

جنهن جي پيشِ نظر جنت ۽ دوزخ هجن؛ تنهن جي نظر ڪنهن ٻي پاسي ڏي نٿي سگهي. جيڪو تيز قدم ڊوڙڻ وارو آهي، سو نجات يافته آهي ۽ جيڪو سست رفتار طلبگار هوندو، تنهن کي به اميد ڏي سگهي ٿي، مگر جيڪو ( ارادةً ) ڪوتاهي ڪرڻ وارو هوندو، تنهن کي ته دوزخ ۾ ئي ڪِرڻو آهي. سڄي کاٻي گمراهي جا رستا آهن ۽ وچون رستو ئي ( صراط مستقيم) سڌو رستو آهي. ان رستي تي الله جو هميشه رهڻ وارو ڪتاب ۽ نبوت جون نشانيون آهن. اُنهن کان ئي شريعت جا حڪم جاري ٿيا ۽ انهي طرف آخرڪار واپس ٿيڻو آهي. جنهن غلط دعويٰ ڪئي، سو تباه ۽ برباد ٿيو ۽ جنهن ڪوڙ تي سندرو ٻڌو، سو ناڪام ۽ نامراد رهيو. جيڪو حق جي مقابلي ۾ اُٿي ٿو، سو تباه ٿئي ٿو، ۽ انسان جي جهالت اُن کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ٿيندي، جو هُو پنهنجي عزت ۽ درجي کي نه سڃاڻي. اُها جڙ ۽ بنياد جيڪا تقويٰ تي هجي، سا برباد نٿي ٿئي ۽ اُن جي هوندي ڪنهن قوم جو فصل يا پوک ( نيڪي ۽ عمل ) بي آب ۽ خشڪ نٿي ٿئي. توهان پنهنجن گهرن جي ڪنڊن ۾ لڪي ويهو، پنهنجن جهڳڙن جي اصلاح ڪريو، توبه توهان جي پٺيان آهي. حمد ڪرڻ وارو فقط پنهنجي پروردگار جي حمد ڪري ۽ برو ڀلو چوڻ وارو فقط پنهنجي نفس کي ملامت ڪري.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 17: اُنهن ماڻهن جي باري ۾، جيڪي اُمت...

اُنهن ماڻهن جي باري ۾، جيڪي اُمت جي فيصلن ڪرڻ لاءِ عدالت ۽ انصاف جي مسند تي ته ويهن ٿا، جيتوڻيڪ اُهي اُن جا اهل ۽ لائق نہ آهن:

مخلوقات مان سڀني کان وڏيڪ خدا جي بارگاهہ ۾ غضب جا لائق ٻہ شخص آهن: هڪ اُهو، جنهن کي الله تعاليٰ سندس نفس جي حوالي ڪري ڇڏيو هجي، ( يعني! سندس بڇڙاين ۽ بد اعمالن سببان الله تعاليٰ هن کان پنهنجي غيبي توفيق کسي ڇڏي هجي)، جنهن کان پوءِ هُو سڌي رستي تان هٽيل، بدعت جي ڳالهين تي فريفتہ ۽ گمراهي جي تبليغ تي محڪم هجي. هُو پنهنجي خير خواهن لاءِ فتنو ۽ اڳئين زماني وارن ماڻهن جي هدايت کان ڦريل آهي. هُو انهن سڀني ماڻهن لاءِ، جيڪي سندس جيئري يا مرڻ کانپوءِ سندس پيروي ڪن، هو گمراهہ ڪرڻ وارو، ٻين جي گناهن جا بار کڻڻ وارو، سو پاڻ خود پنهنجن خطائن ۾ جڪڙيل آهي.

ٻيو اُهو شخص آهي، جنهن جهالت جون ڳالهيون ( هِتان هُتان جون) ميڙي گڏ ڪيون آهن، سو اُمت جي جاهل ماڻهن ۾ ڊوڙي ڊڪي ٿو، ۽ فتنن وارين اونداهين ۾ غافل ۽ بيهوش پيو هوندو آهي. صلح ۽ حفاظت جي فائدن کان اکيون بند ڪري ڇڏي ٿو.

چند انساني شڪلين ۽ صورتن سان ملندڙ جُلندڙ شخصن، هن کي عالم جو لقب ڏئي ڇڏيو آهي. حالانڪ هُو عالم نہ آهي، بلڪ هو اهڙين اجاين ڳالهين کي گڏ ڪرڻ لاءِ ( صبح جو(

نهايت سويل نڪري ٿو، جن جو نہ هئڻ، هجڻ کان بهتر آهي، تانجو جڏهن هو اُنهي گندي پاڻي کي پي ڍؤ ڪري بي معنيٰ ڳالهين کي گڏ ڪري ٿو، ته جيئن ماڻهن ۾ قاضي بڻجي ويهي ۽ ٻين ماڻهن تي شڪ ۾ رهڻ وارن مسئلن جي حل ڪرڻ جو ذمو کڻي ٿو.

جيڪڏهن ڪو مُنجهيل مسئلو اُن جي سامهون اچي ٿو، ته پوءِ هو پنهنجي راءِ سان اُن لاءِ پراڻا گندا ۽ خراب دليل مهيا ڪري وٺي ٿو ۽ پوءِ وري اُن تي يقين بہ ڪري ڇڏي ٿو. اهڙيءَ طرح هو شڪ شبهن وارن جهڳڙن ۾ ڦاٿل آهي، جيئن ڪوريئڙو پنهنجي ڄار جي اندر هوندو آهي. هو پاڻ تہ نٿو سمجهي، تہ هن صحيح حڪم ڪيو آهي يا غلط جيڪڏهن صحيح ڳالهہ بہ چئي اٿس، تڏهن بہ کيس انديشو ٿئي ٿو،



Presented by Ziaraat.Com

تہ ڪٿي متان اها غلط هجي ۽ جيڪڏهن غلط جواب هجي، تہ پوءِ هن کي اهو ڀروسو ٿئي ٿو، تہ شايد اهو صحيح هجي. هو جهالتن ۾ گمراهہ جاهل هو، پنهنجي ڏنڊ وارين نظرن سان اونداهين ۾ ٿاپن کائڻ وارين سوارين تي سوار آهي. نہ هن علم جي حقيقت کي پرکيو، نہ ان جي تہ تائين پهتو. هُو روايتن کي اهڙي طرح هيٺ مٿي ڪري ٿو، جهڙي طرح هوا سُڪل پنن کي. خدا جو قسم! هُو انهن مسئلن جي حل ڪرڻ جو اَهل نہ آهي، جيڪي اُن کان پڇا وڃن ٿا ۽ نہ اُن منصب جي لائق آهي، جيڪو هن جي سپرد ڪيو ويو آهي. جنهن ڳالهہ کي هُو نٿو ڄاڻي، تنهن ڳالهہ کي غور ڪرڻ جهڙو؛ علم جي لائق ئي نٿو سمجهي، ۽ جيستائين هُو پهچي سگهي ٿو، تنهن کان اڳتي هن جي نظر ۾ ڪوبہ پهچي نٿو سگهي، ۽ جيڪا ڳالهہ سندس سمجهہ ۾ نٿي اچي، تنهن کي ڪائي ٿو ڇڏي؛ ڇو جو هو پنهنجي جهالت کي خود پاڻ ڄاڻي ٿو. ( ناحق وهايل خون) مقتول هن جي ناروا فيصلن سببان فرياد ڪري رهيا آهن ۽ جيڪي مستحق نہ آهن، تن کي مليل ميراثون، دانهون ڪري رهيون آهن. الله تعاليٰ کان بہ اُنهن کي شڪايت آهي، جيڪي جهالت ۾ زندگي بسر ڪن ٿا ۽ گمراهي ۾ مرن ٿا. جڏهن قرآن کي پنهنجي شايان شان اُنهن جي اڳيان پيش ڪجي ٿو، جهڙو پيش ڪرڻ جو حق آهي، تہ پوءِ اُنهن وٽ ان وقت قرآن جي نهايت ڪا قدر و قيمت نہ آهي، پر جڏهن قرآن جي آيتن جو بي موقع استعمال ڪجي ٿو، تہ پوءِ اُن وقت قرآن کان زياده مقبول ۽ قيمتي شيءِ اُنهن لاءِ ڪا بہ نہ آهي. هنن وٽ نيڪي کان زياده ڪا برائي ۽ برائي کان زياده ڪا نيڪي نہ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 18: اسلام جي مفتين ۾ اختلاف راءِ

اسلام جي مفتين ۾ اختلاف راءِ

جڏهن اُنهن مان ڪنهن هڪ جي اڳيان ڪو فيصلي لاءِ معاملو پيش ٿئي ٿو، تہ پوءِ هُو پنهنجي راءِ سان اُن تي حڪم ڪري ٿو. وري اهو ئي مسئلو ساڳي صورت ۾ ٻئي جي سامهون پيش ٿئي ٿو، تہ اُهو وري هن اڳئين جي ابتڙ حڪم ڪري ٿو. پوءِ اُهي سمورا قاضي پنهنجي اُن خليفي وٽ اچي گڏ ٿين ٿا، جنهن اُنهن کي قاضي ڪري رکيو، تہ پوءِ اُهو انهن سڀني جي فيصلن کي پنهنجي راءِ مطابق صحيح ٿو ڪري مڃي. حالانڪ هنن جو الله هڪ، نبي هڪ ۽ ڪتاب هڪ آهي. ( ڪين غور ڪرڻ گهرجي) ڇا! الله تعاليٰ هنن کي اختلاف ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو؟ جو اُهي اختلاف ڪري اُن جو حڪم مڃن ٿا، يا هُن تہ حقيقت ڪري اختلاف ڪرڻ کان منع ڪئي آهي، پر هي ڄاڻي ٻجهي اختلاف ڪري، اُن جي نافرماني ڪرڻ چاهين ٿا، يا الله تعاليٰ دين کي اڌورو ڇڏيو هو؟ ۽ اُنهن کان دين جي مڪمل ڪرائڻ جو خواهشمند ٿيو؟ يا ائين آهي، تہ اُهي الله تعاليٰ جا شريڪ هئا ۽ اُنهن کي الله تعاليٰ جي حڪمن ۾ دخل ڏيڻ جو حق هجي، ۽ جيئن الله تي لازم هجي، تہ هو هنن تي راضي رهي يا ائين هجي، تہ الله تعاليٰ تہ دين کي مڪمل ڪري لاٿو هو، مگر اُن جي رسول، دين کي پهچائڻ ۽ ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي هئي؟.

الله تعاليٰ قرآن ۾ فرمايو آهي تہ: " اسان ڪتاب ۾ ڪنهن شيءِ جي بيان ڪرڻ ۾ ڪوتاهي نہ ڪئي آهي. اُن ۾ هر شيءِ بابت واضح بيان ڪيل آهي، ۽ هيئن بہ فرمائي ٿو تہ قرآن جا ڪي حصا ٻين حصن جي تصديق ڪن ٿا، جنهن ۾ ڪوبہ اختلاف نہ آهي. جيتوڻيڪ الله تعاليٰ جو اهو بہ ارشاد آهي، تہ جيڪڏهن هي قرآن، الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو موڪليل هجي ها، تہ پوءِ توهان اُن ۾ ڪافي اختلاف ڏسو ها. ازانسواءِ پڻ اها بہ ڳالھ آهي، تہ اُن جو ظاهر نهايت عمدو ۽ سهڻو ۽ باطن اونهو آهي. نہ اُن جا عجائبات ختم ٿيڻ وارا آهن ۽ نہ ان جا لطائف ختم ٿيڻ وارا آهن. اونداهيءَ جو پردو انهي سان ئي ڦاڙيو وڃي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 19: منافق کي خطاب

منافق کي خطاب

جناب امير عليہ السلام جڏهن پاڻ ڪوفي جي مسجد ۾ منبر تي ارشاد فرمائي رهيو هو تڏهن اشعث بن قيس چيو، تہ يا امير المومنين! اها ڳالھ تہ توهان جي حق ۾ نہ آهي بلڪ توهان جي خلاف آهي، تڏهن پاڻ ان کي غضبناڪ نظر سان ڏسي فرمايو:

”توکي ڪهڙي خبر تہ ڪهڙي ڳالھ منهنجي حق ۾ آهي ۽ ڪهڙي ڳالھ منهنجي خلاف ٿئي ٿي. تو تي الله جي لعنت ۽ ڦٽڪار هُجي، تون ڪوريءَ جو پُٽ، ڪوري ۽ ڪافر جي هنج ۾ پليل منافق آهين. تون هڪ دفعو ڪافرن وٽ ۽ ٻيو دفعو مسلمانن وٽ قيد ٿئين، ليڪن توکي تنهنجو مال ۽ حسب اُن ڦڪائي کان بچائي نہ سگهيو، ۽ جيڪو شخص پنهنجي قوم تي تلوار هلائي ۽ اُنهن جي طرف موت کي دعوت ڏي، تباهي ۽ بربادي کي سڏي، سو انهي جي لائق آهي تہ، ويجها اُن کان نفرت ڪن ۽ پري وارا بہ اُن تي ڀروسو نہ ڪن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 20: خدا جي نافرماني ڪرڻ وارو

)خدا جي نافرماني ڪرڻ وارو) موت ڪانپوءِ

جن ڳالهين کي توهان جي مرڻ وارن ڏٺو آهي، جيڪڏهن توهان بہ اُنهن کي ڏسو ها، تہ خوفزده ٿي حيران پريشان ۽ بي آرام ٿيو ها ۽ ( حق جي ڳالهہ) ٻڌو ها ۽ اُن تي عمل ڪريو ها، ليڪن جيڪي اُنهن ڏٺو آهي، سو اجا توهان کان لڪل آهي ۽ اهو قريب آهي، تہ اهو پردو کنيو وڃي. جيڪڏهن توهان کي اصلي اکيون ۽ ٻڌڻ وارا ڪن آهن تہ پوءِ توهان کي ڏيکاريو ۽ ٻڌايو ويو آهي، ۽ جي هدايت جي طلب اٿوَ، تہ توهان کي هدايت بہ ٿي چڪي آهي. آءٌ سچ ٿو چوان، تہ عبرتون توهان کي بلند آواز سان پڪاري چڪيون آهن ۽ ڌمڪائڻ وارين ڳالهين کان توهان ڌمڪجي بہ چُڪا آهيو. آسماني رسولن ( فرشتن) ڪانپوءِ بشر ئي هوندا آهن، جيڪي توهان تائين الله تعاليٰ جو پيغام پهچائن ٿا

اهڙي طرح منهنجي زبان مان بہ جيڪا هدايت ٿي رهي آهي، ( سا بہ در اصل) الله جو پيغام آهي، جيڪو توهان تائين پهچي رهيو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 21: پيو جهان

توهان جي مقصد واري منزل، توهان جي سامهون آهي، توهان جي موت وارو وقت توهان جي پٺيان آهي، جيڪو توهان کي اڳتي هلائيندو پيو هلي. هلڪا سلڪا اِيرا سيرا ۽ سادا سودا رهندا ڪريو، ته جيئن اڳتي وڌي وڃڻ وارن کي پُهچي سگهو. توهان کان پهرين وڃڻ وارن کي، پوين جو انتظار ڪرايو پيو وڃي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 22: حضرت عثمان جو قتل

معلوم ھئڻ گھرجي، تہ شيطان پنھنجي گروھ کي ھُشي ڏني ۽ برغلائڻ شروع ڪيو آھي ۽ پنھنجون فوجون گڏ ڪيون اٿس، تہ جيئن ظلم پنھنجي انتھائي حد تائين ۽ ڪوڙو پنھنجي اصلي جاءِ تي واپس پھچي.

خدا جو قسم! ھن مون تي سچو الزام نہ لڳايو ۽ نہ وري ھن منھنجي ۽ پنھنجي وچ ۾ ڪو انصاف ڪيو.

ھُو مون کان اُن حق جو مطالبو پيا ڪن، جنھن کي ھنن پاڻ خود ڇڏي ڏنو آھي ۽ اُن خون جو عيوضو گھرن ٿا، جنھن کي ھنن خود وھايو آھي. ھاڻي جيڪڏھن آءٌ ان ۾ ساڻن شامل ٿيو ھوس، تہ پوءِ اُن ۾ ھنن جو بہ حصو ٿئي ٿو، ۽ جيڪڏھن اُھي ئي ان فعل جا ڪرڻ وارا آھن ۽ آءٌ نہ، تہ پوءِ اُن جي سزا بہ صرف اُنھن کي ئي ڀوڳڻ گھرجي. پوءِ سڀ کان وڏو دليل ھو منھنجي خلاف پيش ڪندا، جيڪو انھن جي ئي خلاف ٿيندو. ھُو اُن ماءُ جي ٿڃ پيئڻ چاھين ٿا، جنھن جي ٿڃ سُڪي بند ٿي چڪي آھي ۽ (مئل) ختم ٿيل رخني کي وري جيئرو ڪرڻ چاھين ٿا. افسوس! جنگ جي لاءِ سڏڻ وارو ڪھڙو نہ نا مراد آھي، پر ھي آھي ڪير، جيڪو پڪاري رھيو آھي، ۽ ڪھڙي مقصد جي لاءِ ھن جي ڳالھ کي ٻڌو پيو وڃي؟ ۽ آءٌ تہ پاڻ ھن کان خوش آھيان، جو ھن تي الله جي حجت ختم ٿي چڪي آھي، ۽ ھر ڪا ڳالھ ھن جي علم ۾ آھي. سو جيڪڏھن اُنھن ماڻھن ( تابعداري) اطاعت کان انڪار ڪيو، تہ پوءِ آءٌ تلوار جي ڌار ھنن جي سامھون رکندس، جيڪا باطل کان شفا ڏيارڻ ۽ حق جي نصرت لاءِ ڪافي آھي. حيرت آھي، جو ھو مون ڏانھن اھو پيغام موڪلين ٿا، تہ آءٌ نيزي ھڻڻ لاءِ ميدان ۾ لھي اچان ۽ تلوار جي جنگ ۾ ڄمي بيھڻ لاءِ تيار رھان. روئڻ واريون تہ ھنن جي غم ۾ رئنديون. آءٌ تہ ھميشہ اھڙو رھيو آھيان، جو جنگ کان مون کي ڌمڪائي نہ سگھيا ۽ نہ وري شمشير زني سان مون کي ڊيڄاري سگھيا، ۽ آءٌ پنھنجي پروردگار جي طرفان يقين جي منزل تي فائز آھيان، ۽ پنھنجي دين جي سچائيءَ ۾ مون کي ذرو بہ شڪ نہ آھي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 23: دولت جي تقسيم

دولت جي تقسيم

پروردگار عالم جا حڪم آسمان تان زمين تي اهڙي طرح اچن ٿا, جيئن مينهن جون ڦڙيون. بهرنوع ڪو شخص پنهنجي ڪنهن ڀاءُ جي اولاد, دولت ۽ طاقت ۾ گهٽائي ۽ ڪشادگي ڏسي, تہ پوءِ اُهي ڳالهيون ان لاءِ رنجيدگي جو سبب نہ ٿين. جيستائين ڪو مرد مسلمان ڪنهن اهڙي ذليل اجائي ڪم ڪرڻ جو ڏوهاري نٿو ٿئي, ۽ پوءِ ظاهر ٿئي, تہ ان جي ذڪر ٿيڻ سان هن کي اکيون هيٺ ڪرڻيون پون, ۽ جنهن ڪان ذليل ماڻهن جي همت وڌي, سو ان ڪامياب جوئاري وانگر آهي, جيڪو جُوئا جي تيرن جو ڍارو اڇلائي شروع ۾ ئي اهڙي جوئا کٽڻ جي اميد رکندو آهي, جنهن کان هن کي فائدو بہ حاصل ٿئي ۽ جيڪڏهن پهرين نقصان ٿيو اٿس, تہ اهو بہ دور ٿي ويندو آهي.

اهڙي طرح اهو مسلمان, جيڪو ٺڳي ۽ فريبي کان پاڪ دامن هجي, سو ٻن نيڪين مان هڪ جو انتظار ڪري ٿو, يا تہ الله جي طرفان (موت جي) دعوت اچي, تہ پوءِ ان حالت ۾ الله تعاليٰ وٽ هن لاءِ جيڪي ڪجهہ نعمتون آهن, سي ئي هن لاءِ بهتر آهن, يا وري الله تعاليٰ جي طرفان دنيوي نعمتون حاصل ٿين, تہ اُن صورت ۾ هو مال, دولت ,اولاد وارو بہ ٿيندو ۽ هن جو دين ۽ عزت برقرار رهندي. بيشڪ! مال ۽ اولاد دنيوي زراعت آهي ۽ نيڪ عمل, آخرت جي پوکي آهن, ۽ ڪن ماڻهن لاءِ تہ الله تعاليٰ انهن ٻنهي ڳالهين کي هڪ ئي هنڌ موجود ڪيو آهي. جيترو الله تعاليٰ ڊيڄاريو آهي, اوترو ئي الله کان ڊڄندا رهو ۽ اوترا ئي خوف ۾ رهو, جو پوءِ توهان کي عذر ۽ بهانو نہ ڪرڻو پوي. بي ريا ٿي عمل ڪريو. ان ڪري تہ جيڪو شخص ٻئي کي ڏيکارڻ لاءِ عمل ڪري ٿو, تہ الله تعاليٰ اُهو عمل ٻئي جي حوالي ڪري ٿو. اسين تہ الله تعاليٰ کان شهيدن وارو درجو, نيڪ انسانن سان دوستي ۽ نبين سان رفاقت بابت دعا گهرون ٿا.

اي انسانؤ! ڪوبہ شخص جيتوڻيڪ اُهو مالدار هجي, سو پنهنجي قبيلي وارن کان بي طمع رهي نٿو سگهي. ان ڪري تہ اُهي پنهنجي هٿن ۽ زبانن سان سندس حمايت ڪن. هو بي پرواهہ نٿو ٿي سگهي, ڇو تہ اهي ئي سيني کان زياده سندس پشت پناهہ ۽ اُن جي پريشانين کي دور ڪرڻ وارا ۽ مصيبت نازل ٿيڻ جي صورت ۾ مٿس شفيق ۽ مهربان ٿين ٿا. الله تعاليٰ جنهن شخص جو سچو ۽ نيڪ ذڪر ماڻهن ۾ قائم



Presented by Ziaraat.Com

ڪري ٿو، تہ پوءِ اُهو ان دولت کان ڪيئي مرتبا زياده بهتر آهي، جنهن جو هو پين کي وارث بڻائي وڃي ٿو.

هن خطبي جو ٻيو حصو هيءُ بہ آهي:

خبردار! توهان مان جيڪڏهن ڪوبہ شخص پنهنجي عزيزن کي، اڻ هوند ۽ غربت ۾ ڏسي، تہ انهن جي ضرورتن کي مدد ڪرڻ ۾ پوئتي نہ پوي، جنهن جي (مال دولت) روڪڻ سان ڪو (مال) وڌي نہ ويندو، ۽ نہ وري خرچ ڪرڻ سان ڪا اُن ۾ ڪمي ٿيندي. جيڪو شخص پنهنجي قبيلي جي مدد ڪرڻ کان، هٿ کي روڪي ٿو، تہ پوءِ ان جو تہ هڪ هٿ رڪجي ٿو، ليڪن وقت پوڻ تي ٻيا ڪيترائي هٿ سندس مدد ڪرڻ کان روڪجي وڃن ٿا. جيڪو شخص رحم دل ۽ نرم طبيعت وارو هوندو، سو ئي پنهنجي قوم جي سدائين باقي محبت رکي سگهي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 24: بد ڪردار ڪان بيزاري

بد ڪردار ڪان بيزاري

مون ڪي پنهنجي زندگيءَ جو قسم! آءٌ حق جي خلاف هلڻ وارن ۽ گمراهي ۾ رلڻ ۽ در بدر ٿيڻ وارن سان جنگ ڪرڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي طرفداري ۽ سستي نہ ڪندس.

الله جا بندؤ! الله ڪان ڊڄو ۽ اُن جي غضب ڪان ڀڄي، اُن جي رحمت واري دامن ۾ پناه حاصل ڪريو. الله جي ڏيکاريل رستي تي هلو ۽ اُن جي سونپيل حڪمن ڪي بجا آڻيو. (جيڪڏهن ائين ڪندؤ تہ) " علي) توهان جي آخرت واري نجات جو ضامن آهي. پوءِ ڪٽي دنيوي خوش نصيبي توهان ڪي حاصل نہ بہ هجي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 25: پڇڻ وارا رفيق

پڇڻ وارا رفيق

جڏهن جناب امير عليہ السلام کي مسلسل خبرون مليون، تہ معاويہ جا ماڻهو (توهان جي) مقبوضہ شهرن تي قبضو ڪري رهيا آهن ۽ يمن جي گورنر عبيد الله ابن عباس ۽ لشڪر جي سپهہ سالار سعيد بن نمران، اهي ٻئي بسر ابن ابي ارطات جي هٿان شڪست کائي، حضرت جي خدمت ۾ موٽي آيا، تڏهن پاڻ پنهنجي صحابن جي جهاد ڪرڻ کان سستي ۽ چوڻ نہ مڃڻ ڪري ناراض ٿي، منبر تي تشريف ٿي فرمايو:

اهو آهي حال ڪوفہ جو، جنهن جو بندوبست منهنجي هٿ ۾ آهي. ( اي ڪوفہ جا شهر)! جيڪڏهن تنهنجو اهو حال رهيو، تہ تو ۾ ڏوڙ وارا طوفان لڳندا رهن، تہ پوءِ خدا توکي ويران ڪري. پوءِ پاڻ شاعر جو هي شعر مثال طور پڙهيائين: اي عمرو! تنهنجي نيڪ پيءُ جو قسم! مون کي تہ هن برتن مان بلڪل ٿورڙو، سٺي مليو آهي. (جيڪو برتن جي خالي ٿيڻ کانپوءِ اُن تي لڳل رهجي ويندو آهي(

مونکي اها خبر ملي آهي، تہ "بسر" يمن تي قبضو ڪيو آهي. خدا جو قسم! هاڻي آءٌ تہ اُنهن ماڻهن بابت اهو خيال ڪري رهيو آهيان، تہ هو عنقريب توهان کان مال دولت ۽ حڪومت کسي وٺندا، ان ڪري جو اُهي ڪوڙ جي(مرڪز) تي هڪ هنڌ متحد آهن ۽ توهان پنهنجي حق (مرڪز) تي بہ پريشان ۽ ٽڙيل پکڙيل آهيو. توهان حق جي حڪم ۽ فعل تي بہ پنهنجي امام جا نافرمان آهيو ۽ هو ڪوڙ ۽ ناحق تي هوندي بہ، پنهنجي امام جا مطيع ۽ فرمانبردار آهن. هو پنهنجي ساٿي (معاويہ) سان امانتداري جا فرض پورا ٿا ڪن ۽ توهان خيانت ڪرڻ کان بہ باز نٿا اچو. هو پنهنجن شهرن ۾ امن کي بحال ٿا رکن ۽ توهان هنگاما ۽ فساد پيا برپا ڪريو. آءٌ جيڪڏهن توهان مان ڪنهن کي ڪاٺ جي هڪ پيالي جو امين ٿو ڪريان، تہ پوءِ اِهو ٿو ڊپ ٿئيمہ تہ اُهو متان ان جي ڪنڊي کي پچي کڻي وڃي."

"اي منهنجا الله! هيءُ مون کان تنگدل ٿي چڪا آهن ۽ آءٌ هنن کان. هو مون کان ڪڪ ٿي چڪا آهن ۽ آءٌ هنن کان. مون کي هنن جي بدران نيڪ ماڻهو عطا ڪر ۽ منهنجي بدران هنن کي ڪو ٻيو نقصانڪار ڪميڻو حاڪم ڏي. خدايا! هنن جي دلين کي (پنهنجي غضب سان) اهڙي طرح پگهاري ڳاري نرم ڪر، جهڙي طرح پاڻي ۾ لوڻ ڳرندو آهي. خدا جو قسمہ تہ آءٌ ان ڳالھ کي پسند ٿو ڪريان، تہ توهان جي بجاءِ مون وٽ بني فراس ابن غنم جا هڪ هزار سوار ئي هجن، ( اهڙا جن جي وصف ۾ ڪنهن



Presented by Ziaraat.Com

شاعر چيو آهي تہ) جيڪڏهن توهان ڪنهن بہ موقعي تي اُنهن کي سڏيندؤ، تہ توهان وٽ اهڙا سوار پهچندا، جيڪي تيز رفتاريءَ ۾ سانوڻ جي ڪڪرن مثل آهن. ان کانپوءِ حضرت منبر تان لهي هيٺ آيو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 26: نهروان واري جنگ کان پهرين

نهروان واري جنگ کان پهرين

الله تبارڪ و تعاليٰ، محمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن کي سيني جهانن جي (خدا جي عذاب کان) ڊيڄارڻ وارا ۽ پنهنجي وحي جا امين ڪري موڪليائون.

اي عرب جا باشندؤ! ان وقت توهان بدترين مذهب تي ۽ بدترين گهرن ۾ هئا! کهرن پٿرن ۽ زهريلن نانگن جي وچ ۾ رهندا ۽ گذاريندا هئا، توهان جي وچ ۾ بت کتل هوندا هئا

۽ گناهہ توهان سان چنبڙيل هئا.

هن خطبي جو هڪ حصو هيءُ بہ حصو آهي تہ:

مون نظر ڪئي ڏٺو تہ، مون کي پنهنجي اهلبيت کان سواءِ ڪوبہ پنهنجو معاون ۽ مددگار نظر نہ آيو، مون انهن کي موت جي منهن ۾ ڏيڻ کان بخل ڪيو. اکين ۾ (ننڊڙا) ڪک ڪانا هئا. تڏهن بہ مون چشم پوشي ڪئي. نڙي ۾ ڇڻ تہ گرها ڦاٿل هئا. ليڪن مون غم ۽ غصي جا ڍڪ پريا، ۽ نڙي جي گهٽجڻ جي باوجود بہ " ٿوهہ" کان وڌيڪ تلخ حالتن تي صبر ڪيم.

هن خطبي جو هڪ هيءُ بہ پاڱو آهي تہ:

هن اُن وقت تائين معاويہ جي بيعت نہ ڪئي، جيستائين ان کان اهو شرط نہ مڃرايائين، تہ هو ان بيعت جي قيمت ادا ڪري، شل انهن بيعت ڪرڻ وارن هٿن کي فتح ۽ ڪاميابي نصيب نہ ٿئي ۽ خريد ڪرڻ واري جي انجامن، قولن کي ذلت ۽ خواري نصيب ٿئي. (هاڻي! اُهو وقت اچي ويو تہ) توهان جنگ لاءِ تيار ٿي وڃو ۽ ان جي لاءِ سازو سامان گڏ ڪريو، جنهن جا شعلا پڙڪو ڪائي اٿيا آهن ۽ جنهن جا ور وڪڙ بلند ٿي چڪا آهن ۽ صبر جي پوشاڪ پايو، تہ ان کان فتح ۽ نصرت حاصل ٿيڻ جو وڌيڪ امڪان آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 27: جهاد

جهاد

جهاد، جنت جي دروازن مان هڪ دروازو آهي، جنهن کي الله تعاليٰ پنهنجي خاص دوستن لاءِ کوليو آهي. اها پرهيزگاري جي پوشاڪ، الله تعاليٰ جي محڪم زره ۽ مضبوط ڍال آهي. جيڪو هن کان پاسو ڪري ان کي ڇڏي ٿو ڏي، الله تنهن کي ذلت ۽ خواري جو لباس ڍڪائي ۽ مصيبت ۽ آزمائش جي چادر پارائي ٿو ۽ ذلتن ۽ خوارين سان پامال ٿئي ٿو. پڻ مدهوشي ۽ غفلت جو پردو هن جي دل تي ڇانئجي وڃي ٿو ۽ جهاد کي ضايع ۽ برباد ڪرڻ سبب حق ان جي هٿن مان کسيو ويندو آهي. ان کي ذلت سهڻي پوندي آهي ۽ هن کان انصاف کي روڪيو وڃي ٿو. مون ان قوم سان وڙهڻ لاءِ رات جو به ۽ ڏينهن جو به، ظاهر به ۽ لڪ ۾ به توهان کي هڪل سان پڪاري سڏيو. پوءِ توهان کي چيم، ته هو جو جنگ لاءِ وڌي اچن، تنهن کان اڳ ۾ ئي توهان انهن تي چڙهائي ڪري حملو ڪريو.

خدا جو قسم! ته جنهن قوم جي فردن تي سندس گهرن جي حدن اندر حملا ٿيندا آهن، سي ذليل ۽ خوار ٿيندا آهن. پر توهان ته جهاد کي ٻين تي ٽاري ڇڏيو، ۽ هڪٻئي جي مدد ڪرڻ کان پاڻ بچائيندا رهيا! تانجو توهان تي تباهي ۽ بربادي نازل ٿي ۽ توهان جي شهرن تي زبردستي قبضو ڪيو ويو. ان بني غامد جي ماڻهو (سفيان ابن عوف) کي ئي ڏسو، ته ان جي فوج جا سوار (شهر) انبار ۾ پهچي ويا، ۽ حسان ابن حسان بڪري کي قتل ڪيائون، ۽ توهان جي محافظ سوارن کي سرحدن تان هٽائي ڇڏيائون، ۽ مون کي ته اهي به اطلاع مليا آهن ته: انهي جماعت جو هڪ مسلمان، غير مسلم عورتن جي گهرن ۾ گهڙي ويندو هو ۽ پوءِ انهن جي پيرن مان ڪڙيون، هٿن مان ڪنگڻ، ڳچي جو هس ۽ ايرينگ به لاهي پئي آيو، ۽ اُنهن عورتن وٽ اُن کان پاڻ بچائڻ جو ڪو به ذريعو نظر نٿي آيو، سواءِ ان جي ته" اِنا لله و انا اليہ راجعون" پڙهي صبر کان ڪم وٺن يا خوشامد ڪري، ان کي رحم جي التجا ڪن. هو ته بار سان ڀريل ڪنيل مال کڻي مري ڪپي هليا ويا، انهن مان نہ ڪنهن کي زخم رسيو ۽ نہ ڪنهن جو خون وهيو. هاڻي جيڪڏهن ڪو مسلمان اهڙن واقعن ۽ حادثن کانپوءِ ڏک درد ۾ مري وڃي، ته ان کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ يا ڦِٽڪار نٿي ڪري سگهجي، بلڪ منهنجي نظر ۾ ته ائين ئي ٺيڪ گهرجي.

تعجب جي ڳالھ آهي! خدا جو قسم ته اُنهن ماڻهن جو باطل تي اتحاد ۽ ايڪو ڪرڻ ۽ توهان جي لشڪر جو حق کان هيڏانهن هوڏانهن ٿيڻ، دل کي ڪمزور ۽ هيٺو ڪري ٿو، بلڪ درد ۽ غم کي وڌائي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

توهان جا شل بڇڙا حال ٿين! شل رنج ۽ غم ۾ مبتلا رهو، توهان تہ از خود تيرن جا نشانا ٿيل آهيو، توهان کي ڦري لٽي ماريو پيو وڃي، پر (اهڙي حالت ۾) بہ توهان جا قدم حملي ڪرڻ لاءِ نٿا اڳتي وڌن. هو توهان سان خواه مخواه پيا وڙهن ۽ توهان پيا جنگ کان نٽايو. الله جون نافرمانيون ٿي رهيون آهن ۽ توهان ان تي خوش ٿي رهيا آهيو. جيڪڏهن اونهاري ۾ توهان کي اُنهي جي طرف حملي ڪرڻ لاءِ چوان ٿو، تہ پوءِ توهان چئو ٿا، تہ هي سخت گرمي جي موسم آهي، سو فقط ايتري مهلت ڏيو، تہ گرمي گهٽ ٿئي، پلا جيڪڏهن سياري ۾ هلڻ لاءِ چوان ٿو، تہ بہ چئو ٿا تہ ڏڪائيندڙ سيءُ پيو پئي، تنهن ڪري ٿورو ترسو تہ هي سردي جي موسم تہ گذري وڃي. اهي سڀ سردي ۽ گرمي کان پاڻ بچائڻ لاءِ بهانا آهن. جڏهن توهان سردي ۽ گرمي کان ايتري قدر ڀڄو ٿا، تہ پوءِ خدا جو قسم! توهان تلوارن کي ڏسي ان کان وڌيڪ تکا ٿي ڀڄي ويندؤ.

اي مردن جي شڪل و صورت وارا نامردؤ! توهان جا عقل ٻارن جهڙا آهن ۽ توهان جي سمجھ سيج تي ويٺل ڪنوار جهڙي آهي. آءٌ تہ اهو ئي چاهيندو هوس، تہ نہ توهان کي ڏسان ۽ نہ توهان سان ڪا ڄاڻ سڃاڻ ٿئي ها. اهڙي ڄاڻ سڃاڻ، جيڪا پڇتائڻ ۽ شرمندگي جو سبب ۽ رنج و غم جو باعث ٿئي.

الله تعاليٰ توهان کي نابود ڪري، توهان منهنجي دل کي (زخم جي گند) پونءِ سان ڀريو آهي، ۽ منهنجي سيني کي غيظ و غضب سان پُر ڪيو آهي. توهان مون کي ڏکن ۽ غمن جا لڳاتار ڍُڪ پياريا آهن. نافرماني ڪري توهان منهنجي سوچ ۽ فڪر ۽ راءِ کي تباه ڪيو آهي. ايتري قدر جو قريش چون ٿا تہ: ” علي“ بيشڪ مرد شجاع ۽ بهادر آهي، ليڪن جنگ جي طريقن کان واقف نہ آهي.

الله تعاليٰ اُنهن جو ڀلو ڪري، ڇا اُنهن ۾ ڪو آهي، جيڪو مون کان وڌيڪ جنگي فن ۾ مهارت رکندو هجي! ۽ جنگ جي ميدان ۾ مون کان پهرين نمايان ڪارناما ڏيکاريا هجن. آءٌ تہ اڃا ويهن ورهن جو مس هوس، تہ جنگ لاءِ بار بار اٿي کڙو ٿيس، ۽ هاڻي تہ سٺ سالن کان بہ مٿي آهيان، ليڪن اُن جي راءِ ڪهڙي، جنهن جي ڳالھ نہ مڃي وڃي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 28: دين ۽ دنيا

دين ۽ دنيا

الله تعاليٰ جي حمد ڪانپوءِ واضح هجي تہ:

دنيا پٺ ورائي پنهنجي موڪلائڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ عقبيٰ جي منزل (بقا واري جهان) سامهون اچي پنهنجي آمد ڪان آگاهہ ڪيو آهي. اڄوڪو ڏينهن تياريءَ جو آهي ۽ سڀاڻڪو ڊوڙڻ لاءِ ٿيندو. جيڏانهن وڌڻو آهي، سا جنت آهي ۽ جتي ماڻهو ( بي اختيار) پهچي ويندا، سو دوزخ آهي.

ڇا! موت ڪان پهرين پنهنجي گناهن کان توبهہ ڪرڻ وارو ڪوبہ ناهي؟ ۽ ڇا! قيامت جي اچڻ کان پهرين نيڪ عملن ڪرڻ وارو هڪ بہ نہ آهي؟ توهان اُميدن جي دؤر ۾ آهيو، جنهن جي پٺيان موت جي هلچل آهي. سو جيڪو شخص موت کان اڳ اُنهن اميدن جي زماني ۾ نيڪ عمل ڪري ٿو، تہ پوءِ اهي عمل ان لاءِ سودمند ثابت ٿين ٿا ۽ موت اُن جو ڪجهہ بہ نٿو بگاڙي سگهي، ۽ جيڪو ماڻهو موت ڪان اڳ اميدن واري زماني ۾ ڪوتاهيون ڪري ٿو، تہ اهو شخص عمل جي اعتبار کان نقصان ۾ ٿئي ٿو ۽ موت ان لاءِ ضرر وارو پيغام آڻي ٿو، تنهن ڪري جهڙي طرح ناپسند حالتن جي انديشي ۾ نيڪ اعمال ڪريو ٿا، تهڙي طرح خوشي ۽ راحت ۾ بہ نيڪ اعمال ڪريو. مون ڪي جنت ئي اهڙي شيءَ نظر اچي ٿي، جنهن جو طلبگار ستو پيو هجي ۽ دوزخ بہ اهڙي ڏيکائي پيو ڏي، جنهن کان پري ڀڄڻ وارو غفلت ۾ محو هجي، جيڪو حق مان فائدو حاصل نٿو ڪري تنهن ڪي باطل جو نقصان ۽ ضرر سِر تي ڪٽڻو پوندو. جنهن ڪي هدايت ثابت قدم نٿي رکي، تنهن ڪي گمراهي تباهي جي طرف ڇڪي وٺندي. توهان ڪي (دنيا مان) ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ملي چڪو آهي. سفر جي خرچ جي بہ خبر پئجي چڪي آهي. مون ڪي توهان جي متعلق فقط ٻن ڳالهين جو ئي انديشو آهي: هڪ خواهشن جي پيروي، ٻيو اميدن جو وڌڻ. هن دنيا ۾ رهي ڪري، هن مان ايترو تہ سفر جو خرچ حاصل ڪريو، جنهن جي وسيلي سڀاڻي پنهنجي نفس کي بچائي سگهو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 29: تنبيه

تنبيھ

اي اُهي انسانؤ! جن جا جسم تہ يڪجا هجن ۽ خواهشون جدا جدا آهن. توهان جون ڳالهيون تہ سخت پٿرن کي بہ نرم ڪري ڇڏين ٿيون، ۽ توهان جو عمل اهڙو آهي، جيڪو دشمنن کي لالچ ۾ مبتلا ڪري ٿو. پنهنجي ڪچهرين ۾ تہ چوندا وَتو ٿا، تہ اسين هينئن بہ ڪنداسين ۽ هُونئن بہ ڪنداسون، پر جڏهن جنگ ٿئي ٿي، تڏهن توهان ان کان پناهہ گهرو ٿا. جيڪو توهان کي مدد لاءِ سڏي، تنهن جو سڏڻ بيڪار ۽ جنهن شخص جو توهان جهڙن سان واسطو پيو هجي، تنهن جي دل سدائين بي قرار. اهي غلط سلط حيلا بهانا آهن، توهان جنگ ۾ دير ڪرڻ لاءِ ائين خواهشون ڪريون ٿا، جيئن قرض نہ ڏيڻ وارو پنهنجي قرضدار کي ٽارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ذليل ماڻهو ظلم کي نٽو روڪي سگهي ۽ حق بہ سواءِ ڪوشش جي نہ ملندو آهي. هن گهر کان پوءِ پيو ڪهڙو گهر آهي، جنهن جي حفاظت ڪندؤ؟ ۽ مون کان پوءِ پئي ڪهڙي امام سان گڏجي جهاد ڪندؤ؟

خدا جو قسم! جنهن کي توهان ڌوڪو ڏنو هجي، تنهن جي فريب خورده ٿيڻ ۾ ڪو شڪ نہ آهي ۽ جنهن کي توهان جهڙا ماڻهو مليا هجن، تنهن کي ڇڻ اهڙو تير مليو، جيڪو خالي هوندو آهي، ۽ جنهن توهان کي (تيرن وانگر) دشمنن تي اُڇلايو هجي، تنهن گويا اهڙو تير اُڇلايو، جنهن جي ڇهنب ڀڳل هجي ۽ ڪمان بہ ٽٽل هجي.

خدا جو قسم! منهنجي تہ حالت هاڻي اها رهي آهي، جو نہ آءٌ توهان جي ڪنهن ڳالهہ کي سچو سمجهي سگهان ٿو، ۽ نہ توهان جي مدد جي ڪا مون کي اُميد باقي رهي آهي، ۽ نہ توهان جي آسري دشمن کي جنگ جي ڌمڪي ڏئي سگهان ٿو. توهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ توهان کي ڪهڙي بيماري آهي ۽ اُن جو علاج ڪهڙو آهي؟ هن (دشمن واري) قوم جا ماڻهو (اهل شام) بہ تہ توهان جي ئي شڪل ۽ صورت وارا مرد آهن. ڇا (اجا بہ رڳو) ڳالهيون ئي ڳالهيون رهنديون؟ ڇاڻ سمجهڻ کان سواءِ فقط بي پرواهي ۽ بيهوشي آهي، تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ کان سواءِ (بلندي جو) حرص ئي حرص آهي، جنهن ۾ حق ناهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 30: حضرت عثمان جي قتل بابت حقيقت

حضرت عثمان جي قتل بابت حقيقت جو انڪشاف ڪندي فرمايائين ته:

جيڪڏهن آءٌ هن جي قتل جو حڪم ڪريان ها، ته البته هن جي قاتلن مان ٿيان ها ۽ جيڪڏهن هن جي قتل کان ( ٻين کي) روڪيان ها، ته هن جو مددگار ٿيان ها. (آءٌ بلڪل غير جانبدار رهيس) ليڪن حالات اهڙا نازڪ هئا، جو جنهن هن جي مدد ڪئي، سو ائين نٿو چئي سگهي، ته جنهن مدد نه ڪئي آءٌ تنهن کان بهتر آهيان ۽ جنهن هنجي مدد نه ڪئي سو به ائين نه ٿو چئي سگهي ته جنهن هن جي مدد ڪئي سو مون کان بهتر آهي.

آئون اصل حقيقت توهان جي اڳيان بيان ٿو ڪريان، جيڪا اها آهي، ته هن (پنهنجي عزيزن جي) طرفداري ڪئي، ( سا به طرفداري سختي سان ڪيائين) جنهن تي توهان وائڙا ٿي خوفزده ٿيئو، سو به سختي واري برتاؤ سان خوفزده ۽ وائڙا ٿيئو. هاڻي (انهن ٻنهي ٽولن) بيجا طرفداري ڪرڻ وارن ۽ وائڙا ٿي خوفزده ٿيڻ وارن جي وچ ۾ اصل فيصلي ڪرڻ وارو الله آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبه 31: زبير ڏانهن پيغام

زبير ڏانهن پيغام

جنگ جمل شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ جناب امير عليه السلام حضرت عبد الله ابن عباس کي زبير ڏانهن ان مقصد لاءِ موڪليو، ته هو کيس دائره اطاعت ۾ واپس آڻي، تڏهن اُن موقعي تي پاڻ فرمايائين.:

طلحه سان ملاقات نه ڪجئين، جيڪڏهن تون اُن سان ملندين، ته اُن کي اهڙو ڏسندين، جهڙو سرڪش ۽ ويڙهو ڍڳو، جنهن جا سڱ ڪنن طرف لڙيل هوندا. هو سرڪش جانور تي سوار هوندو آهي، ۽ چوندو آهي، ته هيءَ سهولت واري سواري آهي، ليڪن تون فقط زبير سان ملاقات ڪجاءِ، ان ڪري جو هو نرم طبيعت وارو آهي، ۽ کيس ائين چئجانءِ ته تنهنجي ماروٽ چيو آهي، ته تون حجاز ۾ ته مون کي سڃاڻندو هئين، مگر هتي عراق ۾ اچڻ کان پوءِ بلڪل اجنبي ٿي ويو آهين، آخر انهيءَ تبديليءَ جو ڪهڙو سبب آهي؟



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 32: ماحول

اي انسانو! اسين هڪ اهڙي ڪج رفتار زماني ۽ ناشڪر گذار دنيا ۾ پيدا ٿيا آهيون، جنهن ۾ نيڪي ڪرڻ واري کي خطا ڪار سمجهو وڃي ٿو ۽ ظالم پنهنجي سرڪشيءَ ۾ وڌندو ئي رهي ٿو. جن ڳالهين کي اسين ڄاڻون ٿا، تن مان فائدو نہ ٿا وٺون ۽ جن ڳالهين کان ناواقف آهن، تن بابت ڄاڻ وارن کان بہ نٿا پڇون ۽ جيستائين اسان تي مصيبت نٿي اچي، تيسين نٿا ڊڄون. (هن زماني ۾) چئن قسمن جا ماڻهو آهن:

1. انهن مان ڪي اهي آهن، جنکي فقط پنهنجي نفسن جي پستي ۽ بيوسي ۽ تلوار جي مڏائپ ۽ مال دولت جي ڪمي، فساد کان باز رکي ٿي.

2. ڪي اهي آهن، جن پنهنجي تلوار مياڻ مان ڪڍي، پنهنجي شرارت جو اعلان ڪيو آهي، ۽ پنهنجي سوارن ۽ پيادن کي ڪٺي ڪيو آهي ۽ هنن پنهنجي نفسن کي شرارت تي آماده ڪيو آهي، بلڪہ پنهنجو پاڻ کي تباهہ ۽ برباد ڪيو اٿن فقط هن دنيا جي لاءِ جنهن کي هو حاصل ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجي لشڪر لاءِ جنهن جي اڳواڻي ڪري رهيا آهن، ۽ هن منبر لاءِ جنهن تي چڙهيو ويٺا آهن (وعظ ڪرڻ لاءِ) ۽ اهو ئي نهايت بڇڙو سودو آهي، جو توهان دنيا کي پنهنجي نفس جي قيمت ۽ الله تعالىٰ وارين نعمتن جو بدلو سمجهو آهي.

3. ڪي وري اهي آهن، جيڪي آخرت جي عملن جي عيوض، دنيا جي طلب ڪن ٿا، ليڪن دنيا ۾ نيڪ عمل ڪري آخرت جا طلبگار نٿا ٿين، انهن پنهنجي جسمن کي باوقار بڻائي رکيو آهي، آهستي آهستي قدم کڻي دامن کي مٿي ويڙهين ٿا ۽ پنهنجوپاڻ کي اهڙو نہ سجائي سينگارين ٿا، جو ماڻهو هنن کي امين سمجهن ٿا، پر هو الله جي پرده پوشي جو فائدو وٺي گناه ڪن ٿا.

4. انهن ۾ اهي بہ آهن، جن کي نفس جو مقابلو ۽ ساز و سامان جي غير موجودگي، ملڪ ۽ دولت جي طلب کان پري رکيو آهي، ۽ اهڙين حالتن کين ترقي ۽ بلندي حاصل ڪرڻ کان عاجز ڪري ڇڏيو آهي، تنهن ڪري هنن پاڻ کي قناعت جي نالي سان سجايو آهي ۽ زاهدن جي لباس سان پاڻ کي آراستہ ڪيو آهي، حالانڪہ هنن جو نہ زهد سان صبح وارو تعلق رهيو آهي نہ شام وارو.



Presented by Ziaraat.Com

ان بعد اهي ماڻهو باقي رهن ٿا، جن جون اکيون آخرت جي ياد ۽ محشر جي خوف کان جهڪيل آهن ۽ انهن مان ڳوڙها وهندڙ آهن، وري انهن مان ڪي ته اهڙا به آهن جيڪي مردود آهن ۽ دنيا وارن کان الڳ آهن، ڪي وري خوفزده، ذلت ۽ خواري ۾ مبتلا آهن ۽ ڪي وري اهڙا ته صبر ۾ آهن جو چڻ ته هنن جي واتن تي پٽيون ٻڌل آهن، ۽ ڪي وري دل جي سچائي سان دعائون گهري رهيا آهن ڪي غم ۽ درد ۾ مبتلا آهن، ظالمن جي خوف ۽ دٻپ هنن کي گوشه نشين ڪيو آهي ۽ ذلت ۽ خواري ۾ هي هر طرف کان گهيريل آهن.

گويا اهي کاري درياءُ ۾ پيل آهن، هنن جا وات بند ۽ دليون زخمي ٿيل آهن. هو ماڻهن کي سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پيا، ۽ انهن تي ايترو ته ظلم ڪيو ويو جو هو دٻجي ويا، ۽ انهن مان ايترا ته قتل ڪيا ويا جو انهن ۾ نمايان ڪمي اچي وئي.

هيءَ دنيا، توهان جي نظرن ۾ ٻٻر جي ڇوڏن ۽ ان جي رهيل ڪيل ذرڙن کان به وڌيڪ حقير ۽ گهٽ اهميت واري هئڻ گهرجي.

۽ انهن کان عبرت حاصل ڪريو، جيڪي توهان کان پهرين گذري ويا آهن تنهن کان پهرين، جيڪي توهان کان پوءِ اچڻ وارا، توهان کان عبرت حاصل ڪن هن دنيا کي، اڻ وڻندڙ نقصانڪار ۽ منحوس سمجهي ڇڏيو. ان ڪري جو، هن دنيا آخر ۾ انهن کي به ڇڏي ڏنو، جيڪي توهان کان به زياده ان جا عاشق ۽ شيدائي هئا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 33: بصري جي طرف روانگي

بصري جي طرف روانگي

جناب امير عليہ السلام جڏهن بصري ڏانهن جنگ لاءِ نڪتو، تڏهن عبد الله بن عباس تو چوي تہ آءُ مقام "ذي قار" ۾ حضرت جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، ڏٺم تہ پاڻ پنهنجي جتي کي ٽاڪا پيو هڻي. مون کي ڏسي فرمايائين تہ : اي ابن عباس هن جتي جي قيمت گهڻي هوندي؟ مون عرض ڪيو هاڻي تہ هن جي قيمت ڪجهہ بہ نہ هوندي. تڏهن فرمايائين: تہ جيڪڏهن منهنجي نزديڪ حق کي قائم ڪرڻ ۽ باطل کي مٽائڻ ضروري نہ هجي ها، تہ توهان جي ماڻهن تي حڪومت ڪرڻ کان، هيءَ جتي مونکي گهڻو پسند آهي. پوءِ پاڻ ٻاهر تشريف فرما ٿي چيائين تہ: -

الله تعالي محمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن کي ان وقت موڪليو، جڏهن عربن ۾ ڪوبہ (آسماني) ڪتاب پڙهڻ واور نہ هو، ۽ نہ ڪو نبوت جو دعويدار هو پاڻ انهن کي سندن(صحيح) جاءِ تي آڻي ۽ کين نجات جي منزل تي پهچايو. ايتري قدر جو انهن جي سموري ٽيڙهائپ ۽ رفتار واري ڪجي منجهائن هلي وئي حالتون مضبوط ۽ پڪيون پختيون ٿي ويون.

خدا جو قسم! تہ آءُ بہ انهن ماڻهن ۾ هوس، جيڪي اهڙين حالتن ۾ انقلاب پيدا ڪري رهيا هئا، تانجو انقلاب مڪمل ٿي ويو، مون (ان ڪم ۾) نہ ڪمزوري ڏيکاري ۽ نہ بزدلي کان ڪم ورتو، ۽ هاڻي بہ منهنجا قدم ساڳئي مقصد لاءِ آهن، تہ آءُ باطل کي چيري، حق کي ان جي پاسي مان ڪڍي وٺان، مون کي قريش سان وڙهڻ جو ٻيو ڪهڙو سبب آهي! خدا جوقسم! ، تہ مون انهن سان ان وقت بہ جنگ ڪئي، جڏهن اهي ڪافر هئا ۽ هاڻي بہ جنگ ڪندس، جڏهن تہ هو باطل جي ورغلائڻ ۾ اچي چڪا آهن ، ۽ جنهن شان سان آءُ اڳ ۾ انهن جو مد مقابل رهي چڪو آهيان تهڙو ئي اڄ بہ پاڻ کي ثابت ڪندس.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 34: غفلت شعار سا ٿين جي ملامت...

غفلت شعار سا ٿين جي ملامت لاءِ ماڻهن کي اهل شام سان جنگ ڪرڻ لاءِ آماده ڪندي فرمايائين ته:۔

حيف آهي توهان تي، آءُ ته توهان کي ملامت ڪري ڪري ٿڪجي پيو آهيان، ڇا ! توهان کي آخرت جي بدران دنيوي زندگي ۽ عزت جي بدران ذلت گوارا آهي؟ جڏهن به توهان کي دشمنن سان وڙهڻ لاءِ سڏيان ٿو، تڏهن توهان اکيون ائين ٿا ڦيرايو، جو ڄڻ ته توهان موت جي ڪُنَ ۾ آهيو، ۽ سڪرات واري غفلت ۽ مدهوشي توهان تي طاري آهي، ڄڻ ته منهنجون ڳالهيون توهان جي سمجھ ۾ ئي نٿيون اچن، جو توهان ششدر ٿي وڃو ٿا. معلوم ٿئي ٿو، ته ڄڻ توهان جي دل ۽ دماغ تي ديوانگي جو اثر آهي، جو توهان عقل کان ڪم وٺي نٿا سگھو. توهان هميشہ لاءِ مون وٽ پنهنجو اعتماد وڃائي ويٺا آهيو. نہ توهان قوي سهاري وارا آهيو، جو توهان تي ڀروسو ڪري دشمنن جي طرف رخ ڪيو وڃي، ۽ نہ توهان عزت ۽ ڪامراني جا وسيلا آهيو، جو توهان جي ڪا ضرورت محسوس ٿئي، توهان جو مثال ته انهن اٺن جهڙو آهي جن جا جت گم ٿي ويا هجن. جيڪڏهن انهن کي هڪ طرف کان گڏ ڪيو وڃي، ته ٻئي طرف وري ڇڙوڇڙ ٿي وڃن.

خدا جو قسم! توهان جنگ جي شعلن ڀڙڪائڻ لاءِ نهايت برا ثابت ٿيا آهيو. توهان جي خلاف هر طرح جون تدبيرون پيون ٿين، ۽ توهان دشمنن لاءِ ڪا بہ تدبير نٿا ڪريو. توهان جي (شهرن جون) حدون (روز بروز) گھٽبيون وڃن ٿيون ۽ توهان کي ڪاوڙ ئي نٿي ٿئي! هو توهان جي طرف کان ڪڏهن بہ غافل نٿا ٿين، ۽ توهان آهيو جو غافل ٿي، سڀ ڪجھ وساري ويٺا آهيو. خدا جو قسم! ته هڪ ٻئي تي ٽارڻ وارا ئي هارائيندا آهن. خدا جو قسم! ته هاڻي آءُ توهان جي باري ۾ اهو ئي گمان ڪريان ٿو، ته جيڪڏهن جنگ زور ٿي وئي، ۽ موت جي گرم بازاري ٿئي ته، توهان ابنِ ابيطالب کان اهڙي طرح جدا ٿي ويندو جيئن بدن کان سر، جيڪو شخص پنهنجي دشمن کي اهڙي طرح پنهنجو پاڻ حوالي ڪري ڇڏي، جو اهي ان جي هڏن تان گوشت بہ لاهي وٺن، ۽ هڏن کي ڀڃي ڇڏين ۽ کل کي بہ ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏين، ته پوءِ ڇئبو ته ان شخص جي هيڻائي ۽ منٿ ميڙ انتها تي پهتل آهي، ۽ سيني جي پاسيرين ۾ گھيريل (دل) ڪمزور ۽ هيڻي آهي. جيڪڏهن توهان اهڙا ٿيڻ چاهيو ٿا ته ڀلي ٿيو، مگر آءُ ته اهڙو ان وقت تائين ٿيڻ نہ ڏيندس، جيستائين "مقام مشارف " جون (تيز ڌار) تلوارون نہ هلايان، جن سان سر جي هڏين جون ڇتڙيون اڏامن، ۽ ٻانهون ۽ ٽنگون وڍجي ڪٽجي ڪرڻ لڳن. ان بعد جيڪي الله تعالي چاهيندو سو ئي ٿيندو.



Presented by Ziaraat.Com

اي انسانو! هڪ ته منهنجو توهان تي حق آهي، ۽ هڪ توهان جو به مون تي حق آهي، ته آءُ توهان جي به خير خواهي پيش نظر رکان ۽ بيت المال مان توهان کي پورو پورو حصو ڏيان، ۽ توهان کي تعليم ڏيان، ته جيئن توهان جاهل نه رهو، ۽ اهڙي طرح توهان کي تهذيب پڻ سيکاريان، جنهن تي توهان عمل ڪريو ۽ منهنجوتوهان تي اهو به حق آهي ، ته توهان بيعت جي ذميدارين کي پورو ڪريو۽ روبرو توڙي پرپٺ خير خواهي ڪريو، جڏهن سڏيان ته منهنجي سڏ تي لبيڪ چئو، ۽ جڏهن ڪو حڪم ڪريان ته ان جي تعميل ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 35: تحڪيم تي اظھار راءِ

تحڪيم تي اظھار راءِ

)ھر حالت ۾) الله تعالي جي لاءِ حمد و ثنا آھي. توڙي جو زمانو (اسان جي لاءِ) سخت مصيبتون ۽ صبر آزما حادثا ڪٺي آيو آھي، آءٌ شاھدي ٿو ڏيان ، تہ ان ڪان سواءِ ڪو بہ ٻيو معبود نہ آھي، اھو اڪليو لا شريڪ آھي، ان سان گڏ ڪو ٻيو خدا نہ آھي ۽ محمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن سندس عبد ۽ رسول آھن .

)توھان کي معلوم ھئڻ گھرجي تہ) مھربان، باخبر ۽ تجربيڪار نصيحت ڪندڙ جي مخالفت جو نتيجو ارمان ۽ پڇتائڻ ٿئي ٿو. مون ھن "تحڪيم" (يعني ڪنھن کي پنھنجي ارادي کان باز رکڻ) جي باري ۾ پنھنجو فرمان ٻڌائي ڇڏيو ھو، ۽ پنھنجي قيمتي راءِ جو نچوڙ توھان جي اڳيان رکي ڇڏيو، ڪاش جو " قيصر" جو حڪم مڃيو وڃي ھا.

پر توھان تہ تندخو، مخالف ۽ عھد شڪن، نافرمانن وانگر انڪار تي تُريا بيٺا آھيو. ايتري قدر جو خود نصيحت ڪندڙ پنھنجي نصيحت متعلق سوچ ۾ پئجي ويو، ۽ طبيعت ان چقمق وانگر وسامي ويئي، جنھن شعلا پڙڪائڻ بند ڪيا ھجن. منھنجي ۽ توھان جي حالت " بني ھوازن" جي شاعر جي ھن قول مطابق آھي:

مون ٽلھي (دڙي) جي موڙ تي، توھان کي پنھنجي حڪم کان آگاھہ ڪيو (پوءِ ان وقت توھان منھنجي نصيحت تي ڪٺي عمل نہ ڪيو) ليڪن ٻئي ڏينھن منجھند جو منھنجي نصيحت جي صداقت کي توھان ڏسي ڇڏيو"



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 36: خوارج کي خطاب

خوارج کي خطاب

نهروان وارن کي سندن بري قدم کڻ جي نتيجي کان ڊيڄاريندي فرمايائين تہ: -

آءٌ توهان کي تنبيہ ٿو ڪريان، تہ توهان ماڻهو ان نهر جي ور وڪڙن ۽ ان هيٺاهين واري هموار زمينن تي قتل ٿي ڪري، ڪريا پيا هوندو، اهڙي حالت ۾ جو نہ توهان وٽ الله جي سامهون (عذر ڪرڻ لاءِ ) ڪو واضح دليل هوندو، نہ ڪو روشن ثبوت، اهڙيءَ طرح، جو توهان پنهنجي گهرن کان بي گهر ٿي ويا هجو، ۽ پوءِ قضاءِ الاهي توهان کي پنهنجي ڄار ۾ ڇڪي ٻڌي ڇڏيو. مون شروع ۾ ئي توهان کي ان " تحڪيم" کان منع ڪئي، پر توهان منهنجي حڪم مڃڻ کان مخالف انجام شڪن ماڻهن وانگر انڪار ڪري ڇڏيو، تانجو (لاچار) مون کي پنهنجي راءِ کي هوڏانهن موڙڻو پيو، جيڏانهن توهان جي مرضي هئي، توهان هڪ اهڙي جماعت آهيو جن جي فردن جا سر عقلن کان خالي ۽ فهم ۽ دانش کان عاري آهن . خدا توهان جو خانو خراب ڪري، مون نہ توهان کي ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسايو آهي، ۽ نہ توهان جو نقصان ڪرڻ ٿي چاهيو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 37: اصحابِ رسول جي ڪيفيت

اصحابِ رسول جي ڪيفيت

)دين جي حمايت لاءِ) مون ان وقت پنهنجا فرائض بجا آندا، جڏهن ٻيا سيئي ان راه ۾ قدم وڌائڻ جي همت نہ ڪري رهيا هئا، ۽ انهي وقت آءُ آزادانہ اعلانيہ سامهون آيس، جڏهن ٻيا (ماڻهو) ڪندبن ۾ لڪا پيا هئا. ۽ مون ان وقت زبان کولي، جڏهن ٻيا گنگا ٿي ڏسڻ ۾ آيا ۽ ان وقت خدائي نور جي (روشني) ۾ اڳتي وڌيس جڏهن ٻيا زمين تي بہ چري نٿي سگهيا. جيتوڻيڪ منهنجو آواز سيني کان جهيٺو هو، مگر اڳتي پيشقدمي ۾ آءُ ئي سيني کان اڳ ۾ هوس، منهنجي هن تحريڪ جي واڳ جهلڻ سان اها روڪجي وئي، پر فقط مون ئي ان ميدان ۾ گوءِ کنئي. معلوم پئي ٿيو، تہ جيئن پهاڙ جنهن کي نہ تيز هوائون لوڏي سگهن ٿيون ۽ نہ (مٿي سان واءُ) تيز جهڪ ان کي پنهنجي جاءِ تان لوڏي سگهي، تنهن وانگر ڪنهن کي بہ مون مان عيب ڪڍڻ جو موقعو ۽ نڪتہ چيني ڪرڻ جي ڪا گنجائش ئي نہ هئي. (يادرکو) مظلوم ۽ دٻايل ئي منهنجي نظرن ۾ طاقتور آهي، جيسين آءُ کين سندن حق نہ ڏياريان! تہ طاقت وارو منهنجي اڳيان ڪمزور آهي، ايستائين جو آءُ ان کان ٻين کي پنهنجو حق نہ ڏياريان. اسين قضاءِ الاهي تي راضي ٿي چڪا آهيون، ۽ ان جي حوالي ئي پنهنجا سمورا معاملا ڪري ڇڏيا اٿئون، ڇا، توهان ! اهو گمان ڪريو ٿا تہ آءُ رسول الله تي ڪوڙ مڙهيان ٿو؟ خدا جو قسم! تہ آءُ اهو آهيان، جنهن سيني کان پهرين حضور صلعم جن جي تصديق ڪئي، تہ پوءِ هاڻي آءُ حصور جن تي ڪوڙ مڙهڻ ۾ ڪيئن اڳرائي ڪري سگهان ٿو. مون پنهنجي حالات تي نظر ڪئي، ڏٺم تہ ، منهنجي لاءِ هر قسم جي بيعت کان پهرين، حضور جن جي تابعداري مقدم هئي ، ۽ انهن سان ڪيل انجام اقرار جو شرط منهنجي گردن ۾ هو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 38: كل نفس ذائقة الموت

شڪ کي شڪ انهي ڪري چيو ويچي ٿو، جو اهو حق سان مشابهت رکي ٿو، تہ پوءِ جيڪي خدائي دوست هوندا آهن، تن لاءِ انهن شبهن (جي اونداهي) ۾ روشني جو يقين ۽ هدايت جي راهہ خود رهنما جوڪم ڏي ٿي، ۽ جيڪي خدا جا دشمن آهن، سي انهن شڪن شبهن ۾ گمراهي جي دعوت ۽ تبليغ ڪندا وتن ٿا، ۽ نابينائي ۽ انڌيپڻ انهن جي رهنما ٿئي ٿي. موت اهو آهي جنهن کان ڊڄڻ وارا ڇوٽڪارو ٿا حاصل ڪري سگهن ۽ دائمي زندگي طلبڻ وارا، دائمي زندگي ٿا حاصل ڪري سگهن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 39: پنهنجي اصحابن کي روڪي منع ڪرڻ

پنهنجي اصحابن کي روڪي منع ڪرڻ

منهنجو اهڙن ماڻهن سان واسطو پيو آهي، جن کي حڪم ڪريان ٿو، ته نٿا مڃن، جي سڏيان ٿو، ته سڏ تي لبيڪ نٿا چون،

اي ڪم بختو! هاڻي پنهنجي رب جي مدد ڪرڻ ۾ توهان کي ڪهڙي ڳالھ جو انتظار آهي؟ ڇا ! دين توهان کي هڪ هنڌ نٿو ڪٺو ڪري، ۽ غيرت ۽ ننگ توهان کي جوش ۾ نٿو آڻي؟ آءُ توهان جي وچ ۾ بيهي توهان کي سڏيان پيو، ۽ مدد لاءِ پڻ دانهون پيو ڪريان پر نہ توهان منهنجي ڪا ڳالھ ٻڌو ٿا ۽ نہ منهنجو ڪو حڪم مڃو ٿا . ايستائين، جو انهن نافرمانين جا برا نتيجا ظاهر ٿي سامهون اچن. مون تہ توهان کي توهان جي ڀائرن جي مدد لاءِ سڏيو هو، مگر توهان ان اٺ وانگر ڇيڇلائڻ لڳا، جنهن جي دن ۾ سور ٿي رهيو هجي، بلڪ ان لاغر ۽ ڪمزور اٺ وانگر ڍرا ٿي ويو، جنهن جي پٺي زخمي ٿيل هجي، پوءِ مون وٽ توهان جي هڪ ننڍي ڏڪندڙ ۽ ڪمزور فوج آئي، اهڙي حالت ۾ ، جو ڄڻ تہ انهن کي سندن نظرن جي سامهون موت جي طرف ڌڪيو پيو وڃي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 40: خارجين کي جواب

جڏهن امير المومنين خارجين جو قول ” لا حڪم الا لله“ (يعني حڪم الله جي لاءِ ئي خاص آهي) سو ٻڌي فرمايائين: تہ اهو جملو تہ صحيح آهي ، مگر جيڪو مطلب هو وٺن ٿا ، سو غلط آهي. هائو بيشڪ حڪم تہ الله تعالي جي لاءِ ئي خاص آهي ، پر اهي ماڻهو تہ ائين بہ ٿا چوڻ گهرن تہ حڪومت بہ الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي ٿي نٿي سگهي، حالانڪ ماڻهن لاءِ هڪ حاڪم جو هجڻ ضروري آهي ، پوءِ اهو نيڪ هجي يا نقصانڪار (جيڪڏهن سٺو هوندو تہ) مومن ان جي حڪومت ۾ نيڪ عمل ڪري سگهندا. پر جي (بچڙو هوندو تہ) ڪافر ان جي عهد ۾ لذتن کان مزا ماڻيندا ۽ الله تعالي ان حڪومت جي نظام ۾ هر ڳالهہ کي ان جي آخري حدن تائين پهچائيندو. ان ئي حاڪم جي هوندي، مال (خراج ۽ غنيمت) گڏ ٿو ٿئي. دشمن سان وڙهي سگهي ٿو، رستا راهون پر امن ٿين ٿا ۽ طاقت واري کان ڪمزور کي حق ڏياري سگهي ٿو، تانجو نيڪ حاڪم (مري يا معزول ٿي) راحت حاصل ڪندو ۽ بچڙي حاڪم جي مرڻ يا معزول ٿيڻ سان ٻين کي راحت ٿي پهچي.

هڪ ٻي روايت ۾ هن طرح (مرقوم) آهي، تہ جڏهن حضرت تحڪيم جي سلسلي ۾ (انهن جو قول) ٻڌو، تڏهن فرمايائين: تہ آءٌ توهان جي باري ۾ الله تعالیٰ جي حڪم جو منتظر آهيان.

ان کان پوءِ وري فرمايائين تہ جيڪڏهن نيڪ حڪومت هوندي ، تہ ان ۾ متقيءَ پرهيزگار نيڪ عمل ڪن ٿا ۽ جي خراب حڪومت هوندي، تہ ان ۾ بد بخت ماڻهو، جيءُ ڀري لطف اندوز ٿي مزا ماڻين ٿا، تانجو انهن جو عهد ختم ٿي وڃي ۽ موت سان واسطو پوين.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 41: وفاداري

وعدي جي وفائي ۽ سچائيءَ جو پاڻ ۾ هميشہ جو ساٿ آهي ، ۽ منهنجي علم ۾ انهن کان وڌيڪ حفاظت لاءِ ٻي ڪا ڍال نہ آهي. جيڪو ماڻهو پنهنجي بازگشت واري حقيقت ڄاڻي ٿو، سو ڪڏهن بہ غداري نٿو ڪري، مگر اسان جو زمانو اهڙوآهي، جنهن ۾اڪثر ماڻهن عذر ۽ فريب کي عقل ۽ سمجهہ ڄاتو آهي، ۽ جاهلن انهن جي (چالن) کي تدبير جي حسن سان منسوب ڪيو آهي. الله انهن کي غارت ڪري ، انهن کي ڇا ٿيو آهي؟ اهو شخص، جيڪو زماني جا لاهَا چاڙهَا ڏسي چڪو آهي، ۽ ان جي هيري ڦيري کان واقف آهي، سو جڏهن بہ ڪا تدبير پنهنجي لاءِ ڏسندو آهي، تہ وري الله تعالیٰ جا (حڪم) اوامر ۽ نواهي سندس رستو روڪي بيهن ٿا، تہ جيئن هو ان حيلي ۽ تدبير کي پنهنجي اکين سان ڏسڻ ۽ انهن تي قابو پائڻ جي باوجود ڇڏي ڏيندو آهي، ۽ جنهن بہ ديني احساس واري کي ڪا روڪ يا جهل (ٿمر) ناهي، سو ن موقعي مان فائدو وٺي ڇڏي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 42: وڏين اميدن کان منع ڪرڻ

اي انسانو! مونکي توهان جي باري ۾ سڀ کان وڌيڪ ٻن ڳالهين جو انديشو آهي: هڪ خواهش جي پيروي ۽ ٻي اميدن جي ڪثرت، خواهشن جي پيروي اها آهي، جيڪا حق کان روڪي ٿي، ۽ گهڻيون اميدون آخرت کي وساري ڇڏين ٿيون، توهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته دنيا تيزيءَ سان هلي رهي آهي، ۽ ان مان ڪجھ نه باقي رهيو آهي، پر فقط ايترو رهيو آهي جو جنهن ٿانءَ کي اونڌي ڪرڻ کان پوءِ منجهس آلاڻ رهندي آهي، ۽ آخرت هيڏانهن رخ ڪري اچي رهي آهي، ۽ ان ۾ دنيا و آخرت جا مخصوص ماڻهو هوندا آهن، ته پوءِ توهان آخرت جا فرزند بڻجو ۽ نه دنيا جا اولاد ٿيو، ان ڪري جو قيامت ۾ هر هڪ پٽ پنهنجي ماءُ سان وابسته ٿيندو، اڄ عمل جو ڏينهن آهي ۽ حساب نه آهي، ۽ سڀاڻي حساب جو ڏينهن ٿيندو ۽ عمل نه ٿي سگهندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 43: قاصد جو انتظار

جناب امير عليہ السلام جڏھن جرير بن عبد الله بجلي کي معاويہ ڏي (بيعت وٺڻ لا) موڪليو ، تہ اصحابن کيس جنگ جي تياري جي صلاح ڏني، جنھن بعد پاڻ فرمايائين تہ : ـ

منھنجو جنگ لاءِ تيار ٿيڻ جڏھن تہ جرير اجا اتي آھي، (جڻ تہ) شام جو دروازو بند ڪرڻو آھي. اتي جا ماڻھو ڪٿي بيعت جو ارادو بہ ڪن، تہ پوءِ انھن کي ان نيڪ ڪم کان روڪڻ جي برابر آھي. بيشڪ مون جرير جي لاءِ ھڪ وقت مقرر ڪري ڇڏيو آھي، پوءِ جيڪڏھن ھو اتي رھندو، تہ پوءِ يا تہ ھو ھن (معاويہ) جي فريب ۾ مبتلا ٿي رھندو يا عمدا نافرماني ڪندو، صحيح راءِ جي تقاضا آھي : صبر ۽ ترسڻ، تنھن ڪري اجا صبر ڪريو. ھا! آءٌ ان ڳالھ کي بہ خراب نٿو سمجھان تہ (اندروني طرح) جنگ جو سامان بہ تيار ڪندا رھو.

مون ان ڳالھ کي چڱيءَ ريت پرکي ڇڏيو آھي ۽ اندر ٻاھر کان ڏسي ڇڏيو آھي. مون کي تہ سواءِ جنگ جي ٻيو ڪو چارو نظر نٿو اچي، يا وري ھيئن تہ رسول جي ٻڌايل ڳالھين ۽ خبرن کان انڪار ڪريان. حقيقت ھيءَ آھي ، تہ (مون کان اڳ) ھن امت تي ھڪ اھڙو حڪمران ھو جنھن دين ۾ بدعتون پکيڙيون ۽ ماڻھن کي طعنن ھڻڻ جا موقعا ڏنا. شروع ۾ تہ ماڻھن ھيئنئن زباني پئي چيوءِ ٻڌو، پر پوءِ مٿس بگڙيا ۽ نيٺ سارو خاڪو بدلائي ڇڏيائون.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 44: مصلقہ جي فرار کان پوءِ

جيئن تہ هن جناب امير جي هڪ عامل (حاڪم) کان بني ناجيہ جا ڪجهہ قيدي خريد ڪيا هئا. جڏهن حضرت ان کان انهن جي قيمت جي گهر ڪئي ، تڏهن هو بد ديانتي ڪندي شام ڏي هليو ويو. اها خبر ٻڌي فرمايائين تہ :

خدا مصلقہ کي ٻچڙو ڪري، هن ڪم تہ شريفن جهڙو ڪيو ليڪن غلامن وانگر ڀڄي ويو. هن مدح ڪرڻ واري جو واتہ تعريف ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي بند ڪري ڇڏيو، ۽ وصف بيان ڪرڻ واري جي قول مطابق پنهنجي عمل ڏيکارڻ کان اڳ ۾ ئي کيس خاموش ڪري ڇڏيائين. جيڪڏهن هو ترسي ها، تہ اسين هن کان ايترو حاصل ڪيون ها جيترو هن لاءِ ممڪن هجي ها، ۽ بقايا لاءِ سندس مال جي زياده ٿيڻ جو پڻ انتظار ڪريون ها.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 45: حمد باري تعاليٰ ۽ دنيا جي ناپائداري

سيڪا تعريف ان الله تعاليٰ جي لاءِ آهي، جنهن جي رحمت کان نا اميدي نہ آهي. ۽ جنهن جي نعمتن کان ڪنهن جي بہ جهولي خالي نہ آهي، نہ سندس مغفرت کان ڪو مايوس آهي، ۽ نہ ان جي عبادت کان ڪنهن کي ڪو عار ٿي سگهي ٿو، ۽ نہ وري سندس رحمتن جو ڪو سلسلو ٽٽي ٿو. ۽ نہ ان جي نعمتن جا وڏا فائدا ڪڏهن کٽن ٿا ، دنيا هڪ اهڙو گهر آهي ، جنهن جي لاءِ فنا ٿئي ٿيل امر آهي ، ۽ ان ۾ رهڻ وارن کي هتان نڪرڻ هر صورت ۾ لازمي آهي، هيءَ دنيا مٺي، سرسبز ۽ شاداب آهي. پنهنجي چاهڻ وارن ڏي تيزيءَ سان وڌي ٿي، ۽ ڏسڻ واري جي دل ۾ اثر ڪري ٿي،توهان وٽ جيڪو بہ بهتر کان بهتر توشو ٿي سگهي ٿو، سو کڻي دنيا مان نڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃو. هن دنيا ۾ پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ چاهيو ۽ جيتري قدر زندگي بسر ٿي سگهي، تنهن کان وڌيڪ خواهش نہ ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 46: دعا بارگاھ رب الارباب ۾

جڏھن پاڻ شام جي ملڪ ڏي وڃڻ جو ارادو ڪيائين، تڏھن ھيئن فرمايائين تہ: ـ

بار الھا! آءُ سفر جي تڪليف ۽ واپسي جي فڪر ۽ اھل و مال جي بدبختي واري منظر کان پناھ تو گھران. اي منھنجا الله! تون ئي سفر ۾ حامي۽ ھمراھ ۽ پڻ اھل و عيال جو محافظ آھين. سفر ۾ گھر ۽ ھڪجھڙو ساٿي ۽ ھمراھہ ھجڻ توکان سواءِ ٻيو ڪو ٿي نٿو سگھي، ڇاڪاڻ جو جنھن کي پوئتي ڇڏي اچجي، اھو ئي ساٿي نٿو ٿي سگھي، ۽ جنھنکي ساڻ ڪري ھلجي، تنھن کي پوئتي نٿو ڇڏي سگھجي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 47: ڪوفي جي متعلق غيب جي خبر

اي ڪوفہ! اهو ئي منظر گويا پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو آهيان، تہ توکي اهڙي طرح ڇڪيو پيو وڃي، جيئن عڪاظ واري بازار جو رگيل چمڙو، ۽ ڏکن ڏوجهرن، غمن واري تباهيءِ برباد ڪرڻ سان توکي ڇپي ڇڙي چلهي پامال ڪيو پيو وڃي، ۽ تون سختين ۽ حادثن جي سواري بنيل آهين، مون کي خبر آهي، تہ جيڪو ظالم ۽ سرڪش توسان بڇڙائي جو ارادو ڪندو ، تنهن کي الله تعالیٰ ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ڪندو، ۽ ان کي ڪنهن قاتل جي ور چاڙهيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 48: شام جي سفر واري راھ ۾

الله تعاليٰ جي لاءِ ئي حمد و ثنا آھي، جڏھن بہ رات ٿئي ۽ اونداھي ٿي وڃي، تہ الله تعاليٰ جي اھا بہ تعريف ۽ توصيف آھي. جڏھن بہ ستارو نڪري ۽ وري گم ٿئي، سا بہ الله تعاليٰ جي تعريف ۽ ساراھ آھي، جنھن جا انعام ڪڏھن بہ ختم نٿا ٿين، ۽ جنھن جي احسانن جو عيوض نٿو لاھي سگھجي.

)توھان کي خبر ھجي تہ) مون فوج جي دستي جي اڳيان، ھلڻ واري گھوڙي سوار کي موڪلي ڇڏيو آھي، ۽ ان کي حڪم ڪيو اٿم، تہ منھنجي فرمان پھچڻ تائين، ھو دريا جي ڪناري تي منزل ڪري، ۽ منھنجو ارادو آھي تہ دريا پار ٿي، ان ننڍي گروھ وٽ پھچي وڃان، جيڪو "دجلي" جي طرف (مدائن) ۾ آباد آھي. ۽ انھن کي بہ توھان سان گڏ دشمنن جي مقابلي ۾ ڪڙو ڪيان، ۽ انھن کي بہ توھان جي فوجي امداد لاءِ ذخيرو ڪريان.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 49: صفات باري تعاليٰ

سڀ تعريفون ان الله جي لاءِ آهن، جيڪو ڳجهين شين جي گهراين تائين پهتل آهي، ان جي ظاهر ۽ پڌري ثبوتن جون نشانيون سندس وجود ذي جود جون ثابتيون ڏين ٿيون. جيتوڻيڪ هو ڏسڻ واري اک سان نظر نٿو اچي، مگر پوءِ به نه ڏسڻ واري اک ان جو انڪار نٿي ڪري سگهي، جنهن ان (جي هجڻ) جو اقرار ڪيو، تنهن جي دل به ان جي اصليت يا حقيقت کي حاصل نٿي ڪري سگهي.

هو ايترو بلند ۽ بالا آهي، جو ڪا به شي، ان کان وڌيڪ بلند تر ٿي نٿي سگهي، ۽ ايترو ته ويجهي کان ويجهو آهي، جو ڪا به شي ان کان وڌيڪ قريب تر نه آهي، ۽ نه سندس بلندي کيس مخلوقات کان پري ڪري ڇڏيو آهي، ۽ نه سندس ويجهڙائي کيس ٻين جي سطح تي آڻي، انهن جي برابر ڪيو آهي. هن عقلن کي پنهنجي صفتن جي حدن ۽ آخر (تمام) کان آگاهه نه ڪيو آهي، ۽ نه وري ضروري انداز (مقدار ۾) معرفت حاصل ڪرڻ لاءِ انهن اڳيان پردا حائل ڪيا اٿس، هو اهڙي ذات آهي، جو جنهن جي وجود جا نشان، اهڙي ريت شاهدي ڏين ٿا، جو (زبان سان) انڪار ڪرڻ واري جي دل اقرار ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿي سگهي. الله تعالي انهن ماڻهن جي ڳالهين کان نهايت بلند ۽ برتر آهي، جيڪي مخلوقات سان سندس تشبيهه ڏين ٿا، ۽ سندس وجود جو انڪار ڪن ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 50: فتني فساد جو سبب

فتنن جي ظاهر ٿيڻ جو آغاز اهي نفساني خواهشون ٿين ٿيون، جن جي پيروي ڪئي ويندي آهي، ۽ اهي نوان ايجاد ڪيل حڪم ﺑﻪ آهن، جن ۾ قرآن جي مخالفت ڪئي وڃي ٿي. جن کي رونق ڏيڻ لاءِ ڪجھ ماڻهو دين الاهي جي خلاف گڏ ٿي، هڪ ٻئي جا مددگار ٿين ٿا، ۽ چون ٿا، تہ جيڪڏهن باطل حق جي آميزش کان خالي هجي ها، تہ اهو ڳولڻ وارن کان پوشيده نہ هجي ها ۽ جيڪڏهن حق باطل جي شڪ کان پاڪ صاف ٿي سامهون اچي ها، تہ بغض رکڻ واريون، زبانون بہ بند ٿي وڃن ها، ليڪن ائين ٿو ٿئي، تہ ڪجھ هتان ٿو ورتو وڃي ۽ ڪجھ هتان، ۽ پوءِ ٻنهي کي پاڻ ۾ گڏ ڪيو وڃي ٿو انهيءَ موقعي تي شيطان پنهنجي دوستن تي ميڙو ڪري ٿو، ۽ فقط اهي ئي ماڻهو بچندا رهن ٿا، جن لاءِ خدائي قوتون ۽ عنايتون اڳي ئي موجود هيون ۽ رڳو اهي شخص بچي وڃن ٿا، جن جي لاءِ خدا ئي توفيق ۽ الاهي عنايتون اڳ ۾ ئي موجود هجن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 51: فرات جي ڪناري تي معاويہ جو قبضو

جڏهن صفين واري جنگ ۾ معاويہ جي ماڻهن، جناب امير عليہ السلام جي اصحابن تي غلبو ڪري، فرات جي ڪناري تي قبضو ڄمايو ۽ پاڻي بند ڪيائون ، تڏهن پاڻ فرمائين ٿا: -

هو توهان کان جنگ جا لقما طلب ڪن ٿا، تہ پوءِ هاڻي يا تہ توهين ذلت ۽ پنهنجي حيثيت جي پستي ۽ حقارت تي سر تسليم خم ڪريو، يا تلوارن جي پياس خون سان لاهي، پنهنجي پياس پاڻي سان اجهايو. توهان جو انهن کان دٻجي ۽ دٻجي وڃڻ، گويا جيئري موت آهي. ۽ (دشمن تي) غالب اچي مرڻ بہ جيئڻ جي برابر آهي، معاويہ گمراهن جو ۽ سر ڦريلن جو هڪ ننڍو جٿو ساڻ ڪري وٺي ڦرندو. ۽ انهن کي اصل حقيقتن کان اونداهي ۾ رکي ڇڏيو اٿس، ايتري قدر جو هنن پنهنجن سينن کي، موت (جي تيرن) جو نشانو بڻايو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 52: دنيا کان بيزاري جي تلقين

)آگاھ ٿيو تہ) دنيا پنھنجو دامن ويڙھي رھي آھي، ۽ ان پنھنجي رخصت ٿيڻ جو پڻ اعلان ڪري ڇڏيو آھي. سندس چاتل سڃاتل شيون اڻ واقف ٿي ويون آھن ھو تيزي سان پوئتي ھٽي رھي آھي، ۽ پنھنجن رھندڙن کي فنا جي طرف ڌڪي رھي آھي ، ۽ پنھنجي پاڙي ۾ رھندڙن کي موت جي طرف اچلائي رھي آھي، ان جا مٺاڻ (وارا مزا) ڪڙا ۽ صاف شفاف گھڙيون ۽ ساعتون ميريون ٿي چڪيون آھن، دنيا منجھان بس ايترو رھجي ويو آھي، جيترو ڪنھن ٿانءَ ۾ بچيل پاڻي يا ماپيل پاڻي جو ڍڪ، جنھن کي اڃايل جيڪڏھن پيئي ، تہ ان جي اڃ بہ نہ لھي.

الله جا ٻانھو! ھن دار دنيا مان، جنھن ۾ رھندڙن لاءِ زوال لازمي امر آھي، نڪرڻ جي تياري ڪريو. پوءِ ائين نہ ٿئي ، جو اميدون توھان تي غالب ٿي وڃن، ۽ (ھن چند ڏينھن جي زندگي) جي موت کي طويل سمجھي ويھو، خدا جو قسم! جيڪڏھن توھان انھن ڏاچين وانگر فرياد ڪريو، جيڪي پنھجن گورن کي وڃائي چڪيون آھن ، ۽ انھن ڪبوترن وانگر رو ج راڙو ڪيو (جيڪي پنھنجي ساٿين ) کان جدا ٿيا ھجن. ۽ انھن گوشہ نشين راھبن وانگر چيخ و پڪار ڪريو، جيڪي گھر ٻار ڇڏي چڪا ھجن ۽ مال ۽ اولاد تان بہ پنھنجا ھٿ کڻي ڇڏيو انھي مقصد سان ، تہ الله جي بارگاھ ۾ توھان کي ويجھڙائي نصيب ٿئي، يعني ان وٽان بلند درجي جي حاصل ٿيڻ سان، يا وري انھن گناھن جي معاف ٿيڻ سان، جيڪي صحيفہ اعمال ۾ لکيل آھن ۽ ڪراما ڪاتبين کي ياد آھن تہ پوءِ اھي سموريون آہ و زاريون ۽ بيتابيون، ان ثواب جي لحاظ کان ، جنھن جو آءُ توھان لاءِ اميدوار آھيان ۽ ان عتاب (عذاب) جي اعتبار کان ، جنھن جو مون کي توھان لاءِ انديشو آھي، سو تمام گھٽ ٿيندو.

خدا جو قسم! تہ جيڪڏھن توھان جون دليون ڳري رجي وڃن، ۽ توھان جون اکيون اميد ۽ ڊپ ڪري رت روئن ۽ پوءِ رھندي دنيا تائين (انھي حالت ۾) جيئرا بہ رھو، تہ پوءِ توھان جا اعمال جيتوڻيڪ توھان انھن جي ڪرڻ ۾ ڪا ڪثر نہ ڇڏي ھجي، تہ انھن عظيم نعمتن جي بخشش ، عنايتن، ۽ ايمان جي طرف رھنمائي جو بدلو لاھي نٿا سگھو.

ھن ۾ عيد قربان ۽ انھن صفتن جو ذڪر فرمايل آھي، جيڪي قرباني ۾ ھئڻ گھرجن.

قرباني جي جانور جون صفتون



Presented by Ziaraat.Com

قرباني جي جانور جو مڪمل هئڻ هيءُ آهي تہ : ان جا ڪن مٿي ڪڇيل هجن، (يعني وڏيل نہ هجن) ۽ ان جون اکيون صحيح ۽ سالم هجن، جيڪڏهن ڪن ۽ اکيون سالم آهن ، تہ قرباني بہ سالم ۽ هر طرح سان مڪمل آهي. جيتوڻيڪ ان جا سگ ٽٽل هجن۽ ذبح واري جاءِ تائين پنهنجن پيرن سان ڪٽي گهلبو پهچي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 53: صفين ۾ جنگ کان روڪڻ تي ماڻهن جو هجوم ۽ بيقراري

اهي اهڙي طرح بي ڌڙڪ ٻوڙي اچي مونکي چنبڙيا، جهڙي طرح پاڻي پيئڻ جي ڏينهن اهي اٺ هڪٻئي تي ٽٽندا آهن، جن جي پيرن جا ٻنڌڻ، جت چوڙي ڪليو ڇڏي ڏيندو آهي، تانجو مونکي اهو گمان ٿيڻ لڳو ته، يا ته مون کي ماري ڇڏيندا يا منهنجي سامهون انهن مان ڪو ڪنهن کي خون ڪري ڇڏيندو، مون ان معاملي کي اندران توڙي ٻاهران اٿلائي پٿلائي ڏٺو، ته مونکي جنگ کان سواءِ ٻي ڪا صورت نظر نه آئي ، يا ائين ته حضرت محمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي آندل حڪمن کان انڪار ڪريان، ليڪن آخرت جي سختين سهڻ کان مون کي جنگ جون سختيون سهڻ آسان نظر آيون، ۽ آخرت جي تباهين کان دنيا جون تباهيون منهنجي لاءِ آسان نظر آيون.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 54: صفين ۾ حضرت جي اصحابن ، جڏهن جهاد ڪرڻ...

صفين ۾ حضرت جي اصحابن ، جڏهن جهاد ڪرڻ جي اجازت ملڻ ۾ دير ڪرڻ جي باري ۾ بيقراري ڏيکاري، تڏهن پاڻ ارشاد ڪيائين ته: ـ

توهان ماڻهن جو هيئن چوڻ، ته ائين دل من هٽڻ انهيءَ ڪري آهي ، ته آءُ موت کان بيزار آهيان، ۽ ان کان پڇان ٿو، سو خدا جو قسم! ته مونکي ذري برابر به پرواه ناهي ته آءُ موت جي طرف وڃان يا موت منهنجي طرف وڃي، پڻ اهڙي طرح توهان جو ائين به چوڻ آهي ته مون کي شام وارن سان جهاد ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ ۾ شڪ آهي، ته پوءِ خدا جو قسم، ته مون ڪڏهن به جنگ کي هڪ ڏينهن جي لاءِ به ملتوي نه ڪيو آهي، مگر ان خيال سان ته شايد، انهن مان ڪو گروه اچي مون سان ملي، ۽ منهنجي ڪري هدايت حاصل ڪري، ۽ پنهنجن چڇين اکين سان منهنجي روشنيءَ کي به ڏسي وٺي، ۽ مون کي اها ڳالهہ هن کي گمراهي جي حالت ۾ قتل ڪرڻ کان وڌيڪ پسند آهي، جيتوڻيڪ پنهنجي گناهن جا ذميوار هي خود ٿيندا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 55: پيغمبر صلعم جن جي اصحابن جي شجاعت ۽ استقلال جو ذڪر

پيغمبر صلعم جن جي اصحابن جي شجاعت ۽ استقلال جو ذڪر

اسين(مسلمان) رسول الله صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن سان گڏ تي پنهنجن، پيئن، پٽن، ڀائرن ۽ چاچن کي قتل ڪندا هئا سين، جنهن ڪان اسان جو ايمان وڌندو هو . تابعداري ۽ حق جي راه جي پيروي ڪرڻ ۾ واڌارو ٿيندو هو. پڻ ڏکن، دردن جي تڪليفن تي صبر ڪرڻ ۾ اضافو ٿيندو هو. ۽ دشمنن سان جهاد ڪرڻ جون ڪوششون وڌي وينديون هيون، جهاد (جي صورت اها هئي تہ) اسان مان هڪ شخص ۽ دشمن جي فوج جو ڪو بہ سپاهي، ٻئي پهلوانن وانگر پاڻ ۾ ڳنڍجي مقابلو ڪندا هئا ۽ مارڻ لاءِ پيا لامارا ۽ جهٽ هڻندا هئا. تہ ڪير ٿو پنهنجي حريف کي موت جو پيالو پيئاري، پوءِ ڪڏهن اسان جي فتح ٿيندي هئي تہ ڪڏهن اسان جي دشمن جي، اهڙي طرح جڏهن الله تعالىٰ اسان جي (نيتن جي) سچائي ڏٺي.تڏهن اسان جي دشمنن کي ذليل ۽ خوار ڪيائين، اسان جي تائيد ۽ مدد ڪيائين. ايتري قدر جو اسلام جو سينو تاڻي پنهنجي جاءِ تي ڄمي ويو ۽ پنهنجي منزل تي برقرار ٿي ويو. خدا جو قسم! تہ جيڪڏهن اسين بہ توهان وانگر ڪيون ها تہ نہ اسلام جو ٿنبو(مضبوطي سان) کُپي ها، ۽ نہ ايمان جو وڻ ميوو جهلي ها.

خدا جوقسم! تہ توهان پنهنجي ڪئي جي عيوض ۾ (کير جي بجاءِ) سراسر خون ڏهندو ۽ آخر ۾ توهان کي پشيماني ۽ شرمندگي ڪٽڻي پوندي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 56: امير المومنين تي سب و شتم

پنهنجي اصحابن کي فرمايائين تہ: ـ

ياد رکو! مونکان پوءِ جلد ئي توهان تي اهڙو شخص غالب ٿيندو، جنهن جو حلق ڪشادو ۽ پيٽ وڏو هوندو، جيڪي ملندس سو ڳهي ويندو، ۽ جيڪي نہ ملندس تنهن جي تلاش لڳي رهندس (چڱو تہ ائين آهي جو) توهان هن کي قتل ڪري ڇڏيو، ليڪن مونکي اها خبر آهي، تہ توهان هن کي ڪڏهن بہ قتل نہ ڪندؤ. هو توهان کي حڪم ڪندو، تہ مونکي برو ڀلو چئو، ۽ مون کان بيزاريءَ جو اظهار ڪريو. جيستائين بري چوڻ جو تعلق آهي، مون کي ڀلي ڳالهائجو. ان ڪري جو اها منهنجي لاءِ پاڪيزگيءَ جو سبب ۽ توهان جي لاءِ (دشمنن کان) نجات حاصل ڪرڻ جو سبب آهي. ليڪن ( دل سان ڪڏهن بہ) بيزاري اختيار نہ ڪجو. ان ڪري جو آءُ فطرت (جي دين) تي پيدا ٿيو آهيان. پڻ ايمان ۽ هجرت ۾ اڳ ۾ ۽ ڀهريون آهيان.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 57: خارجين کي مخاطب ڪندي فرمايائين

توهان تي (ڌوڙ وارا) طوفان اچن ۽ توهان ۾ ڪو بہ سڌارڻ يا درست ڪرڻ وارو باقي نہ رهي. ڇا! آئون الله تي ايمان آڻڻ ۽ رسول الله جن سان گڏجي جهاد ڪرڻ کان پوءِ پاڻ تي ڪفر جي شاهدي ڏئي سگهان ٿو؟ پوءِ تہ آءٌ گمراه ٿي ويس. ۽ هدايت حاصل ڪرڻ وارن ماڻهن مان نہ رهيس. توهين پنهنجن (پراڻن) ٻڇڙن (گهرن) هنڌن ڏانهن موٽي وڃو ، ۽ پنهنجن ڪڙين جي نشانن تي واپس هليا وڃو. ياد رکو! توهان کي مون کان پوءِ ڇانئجي ويندڙ ذلت ۽ وڍڻ واري تلوار سان واسطو پوڻو آهي، ۽ ظالمن جي ان روش سان بہ واسطو پوڻو آهي، جو اهي توهان کي محروم ڪري، هر شيءِ کي پنهنجي لاءِ مخصوص ڪندا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 58: خارجين جي متعلق پيشن گوئي

جڏهن پاڻ خارجين سان جنگ ڪرڻ جو خيال ظاهر ڪيائين، تڏهن ڪيس چيو ويو ته اهي ”نهروان“جي پل پار ڪري، هن پاسي وچي چڪا آهن. اهو ٻڌي فرمايائين ته:

هنن جي ڪرڻ جو هنڌ ته پاڻي جي هن پاسي آهي. خدا جو قسم! ته انهن مان ڏهه به بچي هتان نه وڃي سگهندا۽ توهان مان ڏهه ڄڻا به نه مرندا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 59: قرباني جي جانور جون صفتون

قرباني جي جانور جون صفتون

قرباني جي جانور جو مڪمل هئڻ هيءُ آهي تہ : ان جا ڪن متي ڪڇيل هجن، (يعني وڍيل نہ هجن) ۽ ان جون اکيون صحيح ۽ سالم هجن، جيڪڏهن ڪن ۽ اکيون سالم آهن ، تہ قرباني بہ سالم ۽ هر طرح سان مڪمل آهي. جيتوڻيڪ ان جا سڱ ٽٽل هجن۽ ذبح واري جاءِ تائين پنهنجن پيرن سان ڪٽي گهلبو پهچي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 60: مون کان پوءِ خارجين سان جنگ

مون کان پوءِ خارجين سان جنگ نہ ڪجو ڇو جو جيڪو حق کي ڳولي ۽ غلطي ڪري اهو ان جيان نہ آهي جيڪو باطل کي ڳولي ۽ ان کي حاصل ڪري وٺي. (ترجمو: مولانا غلام قاسم تسنيمي(



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 61: قتل جي ڌمڪي

جڏهن مولا کي اوچتي قتل ڪرائڻ جو خوف ڏياريو ويو تہ فرمايائين:

مون تي الله تعالىٰ جي هڪ پختي ڍال آهي، جڏهن موت جو ڏينهن ايندو ، تہ اها مون کي موت جي حوالي ڪري، مون کان جدا ٿي ويندي، تہ پوءِ ان وقت نہ تيرگسندو ۽ نہ وري زخم ڀرجي سگهندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 62: اعمال صالح جي طرف ترغيب

توهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ دنيا هڪ گهر آهي، جو ان جي (انجامن اختتامن) کان بچڻ جو ساز سامان انهي ۾ ئي رهي ڪري ٿاهي سگهجي ٿو، ۽ ڪنهن (بہ) اهڙي ڪم کان، جيڪو فقط هن دنيا جي لاءِ ڪيو وڃي، تنهن کان ڇوٽڪارو نٿو ملي سگهي. ماڻهو هن دنيا ۾ آزمائش ۾ وڌا ويا آهن. ماڻهن هن دنيا ۾ جيڪي ڪجهہ بہ هن دنيا لاءِ گڏ ڪيو هوندو، تنهن کان کين جدا ڪيو ويندو ۽ ان حاصلات جو کائنئن حساب ورتو ويندو ، پر جيڪي ڪجهہ هن دنيا مان آخرت جي لاءِ ڪمايو هوندائون . اهو اڳتي هلي کين ملندو، ۽ انهيءَ ۾ ئي رهندا گذاريندا ، هيءُ دنيا ڏاڻهن ( عقلمندن) جي اڳيان هڪ وڌندڙ پاڇو آهي، جنهن کي اجا هاڻي وڌيل ۽ ڦهليل ڏسي رهيا هئا، سو ڏسندي ڏسندي گهٽجي ۽ ويڙهجي ويو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 63: دنيا کان بيزاري

الله جا بندؤ! الله کان ڊڄو ۽ موت کان پهرين پنهنجي نيڪ اعمالن جو ذخيرو گڏ ڪريو ۽ دنيا فاني جون شيون ڏئي، بقا واريون شيون خريد ڪريو. هلڻ جي تياري ڪريو ڇو جو توهان کي تيزيءَ سان نيو وڃي ٿو، ۽ موت لاءِ آماده ٿي وڃو، جو هو توهان جي سرن جي مٿان لامارا پيو هڻي. توهان کي اهڙن ماڻهن وانگر ٿيڻ گهرجي، جو انهن کي سڏيو ويو ته اهي اٿي کڙا ٿيا، ۽ اهو سمجهي ڇڏيائون ته دنيا انهن جو گهر نه آهي، جنهن کي (آخرت سان) بدلايو ويو هجي. ازانسواءِ الله تعاليٰ توهان کي بيڪار پيدا نه ڪيو آهيءِ نه وري ان توهان کي ڇڙواڳ ڪري ڇڏيو آهي. موت توهان جي راهه ۾ اٽڪاءُ ڪيو بيٺو آهي، جنهن جي اچڻ سان ئي توهان کي جنت ملندي يا دوزخ ملندو. اهو حياتيءَ جو عرصو جنهن کي هر گذرڻ وارو لحظو گهٽ ڪري رهيو هجي. ۽ هر ڪا ساعت ان جي عمارت کي ڊاهي رهي هجي، سا گهٽ ئي سمجهڻ جي لائق آهي ۽ اهو مسافر، جنهن کي هر ڪو نئون ڏينهن ۽ هر ڪا نئين رات (لڳا تار) ڇڪيندي وٺي پئي وڃي، تنهن جو منزل تائين پهچڻ جلد ئي سمجهڻ گهرجي، ۽ اهو سفر جي ارادي ڪرڻ وارو، جنهن جي سامهون هميشہ جي فتح يا ناڪاميءَ جو سوال آهي، تنهن کي بهتر کان بهتر پنهنجي لاءِ ثمر مهيا ڪرڻ جي ضرورت آهي.

بهر نو ع هن دنيا ۾ رهندي ان مان ايترو ته آخرت لاءِ ثمر حاصل ڪري وٺو، جنهن جي ذريعي سڀاڻي ( محشر ۾) پنهنجي نفسن کي بچائي سگهو. جنهن جي صورت فقط اها آهي ته بندو پنهنجي الله کان ڊڄي، پنهنجي نفس سان خير خواهي ڪري ( مرڻ کان پهرين) توبہ تائب ٿئي. پنهنجي خواهشن کي قابو ۾ رکي جيئن ته موت ان جي نظر کان غائب (لڪل) آهيءِ اميدون ڏوڪي ڏيڻ واريون آهن ۽ شيطان ان تي سوار ٿيو بيٺو آهي جيڪو گناهن کي ٺاهي ڪري ان جي سامهون آڻي ٿو، ته هو ان ۾ مبتلا ٿئي ۽ توبہ جي دلاسي ۽ ڏيڍ ۾ رهي، ان جي غفلت سان ٽال مٽول ڪري ٿو، تانجو بي خبري ۽ غفلت واري حالت ۾ مٿس اوچتو موت اچي ڪڙڪي ٿو.

افسوس! جو ان غافل ۽ بيخبر جي حياتيءَ وارو عرصو ان جي خلاف هڪ ثابتي ۽ دليل بڻجي وڃي ٿو، ۽ پوءِ ان جي زندگيءَ جو انجام بدبختيءَ جي صورت ۾ ٿئي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

اسين الله سبحانہ کي عرض ڪريون ٿا، تہ هواسان کي ۽ توهان کي اهڙو ڪري جو (دنيا جون) نعمتون سرڪش ۽ نافرمان نہ ڪري سگهن، ۽ ڪنهن بہ منزل تي پروردگار جي اطاعت کان مصيبت زده ۽ عاجز نہ ٿيون، ۽ مرڻ کان پوءِ نہ شرمساري ڪٽڻي پوي نہ رنج و غم سهڻو پوي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 64: صفات باري تعاليٰ

هر طرح جي حمد ان الله تعاليٰ جي لاءِ آهي جنهن جي هڪ صفت کان ٻي صفت کي ترجيح نہ آهي، جو هو آخر ٿيڻ کان اول ۽ ظاهر ٿيڻ کان پهرين باطن ٿيو هجي. الله تعاليٰ کانسواءِ جنهن کي بہ هڪ چيو ويندو سو تنگي ۽ ڪمي ۾ ٿيندو. هن کانسواءِ هر عزت وارو ذليل آهي. ۽ هر طاقتور ڪمزور ۽ عاجز آهي، ۽ هر مالڪ مملوڪ آهي، ۽ هر ڄاڻڻ وارو سکڻ واري جي منزل ۾ آهي. هن کانسواءِ هر قدرت ۽ حڪومت ڪرڻ وارو ڪڏهن قادر ٿئي ٿو، تہ ڪڏهن عاجز هن کانسواءِ هر ٻڌڻ وارو هيٺن ۽ جهيڻن آوازن جي ٻڌڻ سان لاچار ٿئي ٿو. بلند آواز ( پنهنجون رڙيون) ان کي ٻوڙو ڪن ٿيون، ۽ پوءِ پري جا آواز ان تائين نٿا پهچن ۽ هن کان سواءِ هر ڪو ڏسڻ وارو مخفي رنگن ۽ لطيف جسمن کي ڏسڻ سان نابينو ٿئي ٿو هن کانسواءِ ڪو بہ ظاهر باطن نٿو ٿي سگهي ۽ ڪوبہ باطن ظاهر نٿو ٿي سگهي.

ان پنهنجي ڪنهن بہ مخلوق کي ان ڪري پيدا نہ ڪيو تہ هو پنهنجي اقتدار جي بنيادن کي پختو ڪري يا وري زماني جي ڪمن جي نتيجن ۽ انجامن کان ان کي ڪو خطرو هو، يا ڪنهن هڪ جهڙي جي حملي ڪرڻ جو يا اڪثريت حاصل ڪندڙ شريڪ يا بلندي ۾ ٽڪر کائڻ واري مد مقابل جي خلاف ڪيس مدد حاصل ڪرڻي هئي.

پر هي سموري مخلوق سندس قبضي ۾ آهي، ۽ سيئي هن جا عاجز ۽ ڪمزور بندا آهن. هو ٻين شين ۾ ائين سمايل نہ آهي، جو چئي سگهجي تہ هو انهن ۾ اندر آهي، ۽ نہ انهن شين کان پري آهي، جو چيو وڃي تہ هو انهن کان جدا آهي، مخلوق جي بنائڻ ۽ عالم جي سو چ ويچار ڪيس ماندو يا بيوس نہ ڪيو آهي ۽ نہ وري ( مرضي موجب ) شين کي پيدا ڪرڻ سان ڪيس ڪمزوري ۽ هيٺائي ورتو هجي ۽ نہ ان کي پنهنجي فيصلن ۽ اندازن ڪرڻ ۾ ڪو شڪ ٿيو آهي، بلڪ سندس فيصلا مضبوط ۽ احڪام بلڪل ضروري ۽ آخري آهن. مصيبت جي وقت بہ ان ۾ اميد ۽ آسرو رهندو آهي، ۽ نعمت جي وقت بہ ان جو خوف لڳندو رهي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 65: مجاھدن کي اصول جنگ جي، صفين ۾ تعليم

اي مسلمانؤ ! الله جي خوف کي پنھنجي عادت بڻايو، دلجاءِ ۽ عزت واري چادر ڍڪيو ۽ پنھنجن ڏندن کي پيڙيو، ائين ڪرڻ سان تلوارون سرن سان چنبڙي وڃن ٿيون. زره جي پوئواري ڪريو ( يعني ان سان "خود" مٿي تي فولادي ٽوپي بہ پايو) ۽ تلوارن کي ٻاھر ڪڍڻ کان پھرين مياڻن کي اندران چڱي طرح لوڏي ڏسو، ۽ دشمن کي گھوري ڪاوڙ واري نظر سان ڏسندا رھو، ۽ سڄي کٻي (ٻنھي پاسي) نيزن سان وار ڪريو ۽ دشمن کي تلوارن جي نوڪن تي رکو ۽ تلوارن سان گڏ پنھنجن قدمن کي بہ اڳتي وڌائيندا ھلو، ۽ يقين ڪريو تہ توھين الله جي روبرو ۽ رسول جن جي سوٽ سان گڏ آھيو، بار بار حملو ڪريو، ۽ پڇڻ کان شرم ڪريو. ان ڪري جو ائين ڪرڻ سان، پيڙھي بہ پيڙھي شرمندگي ۽ ڦڪائي جو سبب آھي، ۽ محشر ۾ جھنمي باھ جو سبب آھي، خوشيءَ سان پنھنجون جانيون الله جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ اطمينان واري رفتار سان موت ڏي پيش قدمي ڪريو ۽ ( شامين جي) ھن وڏي جماعت ۽ طنابن سان ڇڪيل خيمن کي پنھنجي پيش نظر رکو، ۽ انھن جي وچ تي حملو ڪريو ڇو تہ شيطان انھن جي ڪنھن ڪنڊ ڪڙڇ ۾ لڪو ويٺو آھي جنھن ھڪ طرف تہ حملي ڪرڻ لاءِ ھٿ وڌايو آھي ۽ ٻئي طرف وري پڇڻ لاءِ پنتي قدم ھٽائي ڇڏيو آھي. توھان مضبوطي سان پنھنجي ارادي تي مستحڪم رھو تانجو حق ( صبح جي) روشني وانگر ظاھر ٿي پوي، (نتيجي ۾ ) توھين غالب آھيو ۽ الله توھان سان گڏ آھي، اھو توھان جي اعمالن کي ضايع ۽ برباد نہ ڪندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 66: جڏهن سقيفہ بني ساعده جون خبرون جناب امير عليہ السلام کي پهتيون

آنحضرت صلعم جن جي رحلت کانپوءِ جڏهن سقيفہ بني ساعده جون خبرون جناب امير عليہ السلام کي پهتيون تہ پاڻ پڇائين تہ انصار ڇا ٿا چون؟ چيائون، تہ اهي چون ٿا تہ هڪ اسان مان امير ٿئي ۽ هڪ توهان

مان جنهن تي حضرت فرمايو تہ:

توهان اها ثابتي ڇو نہ پيش ڪئي تہ رسول الله صليٰ الله عليہ و آلہ وسلم جن وصيت فرمائي هئي تہ انصارن مان جيڪو بہ چڱو هجي، تنهن سان سٺو برتاءُ ڪريو ۽ جيڪو برو هجي، تنهن کي درگذر ڪيو وڃي ماڻهن عرض ڪيو تہ ان ۾ انهن جي خلاف ڪهڙو ثبوت آهي؟ جناب امير فرمايو تہ جيڪڏهن حڪومت ۽ امارت انهن جو حق هجي ها، تہ پوءِ انهن جي باري ۾ رسول پين کي ڇو وصيت ڪري ها، وري حضرت پڇيو تہ قريشن ڇاچيو؟ ماڻهن عرض ڪيو تہ انهن رسول خدا جي شجري مان هئڻ سبب پنهنجو مستحق ٿيڻ جو دليل پيش ڪيو اهو ٻڌي حضرت فرمايو تہ: انهن شجري جو هڪ هجڻ جو تہ دليل پيش ڪيو. پر ان جي ميون کي ضايع ۽ برباد ڪيائون.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 67: محمد بن ابي بڪر جي شهادت کان پوءِ

محمد بن ابي بڪر جي شهادت کان پوءِ

محمد بن ابي بڪر کي جڏهن حضرت مصر جي حڪومت سپرد ڪئي ۽ نتيجي ۾ ان جي خلاف غلبو حاصل ڪيو ويو ۽ هو قتل بہ ڪيوويو تڏهن پاڻ فرمايائين تہ:

مون تہ چاهيو ٿي تہ هاشم ابن عتبہ کي مصر جو والي ڪريان ۽ جيڪڏهن ان کي حاڪم ڪريان ها، تہ هو ڪڏهن بہ دشمنن جي لاءِ ميدان خالي نہ ڪري ها ۽ نہ انهن کي مهلت ڏي ها. ان مان محمد بن ابوبڪر جي مذمت مقصود نہ آهي، پر هو تہ منهنجو پيارو ۽ منهنجو پاليل هو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 68: پنهنجي اصحابن جي شڪايت ڪندي

پنهنجي اصحابن جي شڪايت ڪندي فرمايائين تہ:

ڪيستائين آءُ توهان سان اهڙي نرمي ۽ رعايت ڪندو رهندس جهڙي انهن اٺن سان ڪئي ويندي آهي، جن جا ٿوها اندران کوکلا ٿي ويا هجن، يا انهن پراڻن ڦاٽل ڪپڙن وانگر جن کي هڪ پاسي کان ٽوپو ڏجي. تہ ٻئي پاسي کان ڦاٽي پوندا آهن. جڏهن بہ شامين جي پهرين فوجي دستن مان ڪو بہ دستو توهان تي چڙهائي ڪري ٿو تہ توهان سمورن جا سمورا ( پنهنجن گهرن جا ) دروازا بند ڪري ٿا ڇڏيو، ۽ اهڙي طرح اندر لڪي ٿا ويهو، جيئن گوهہ پنهنجي ٻر ۾ يا چراخ پنهنجي چرم ۾. جنهن جا توهان جهڙا مددگار هجن تنهن کي تہ ذليل ٿيڻو پوندو. ۽ جنهن تي توهان کي ( تير وانگر ) اڇلبو وڃي، تہ ان تي گويا اهڙو تير اڇلبو ويو جنهن جي ڇهنب بہ ڀڳل هجي ۽ ڪمان بہ ٽٽل هجي. خدا جو قسم تہ ( گهرن جي ) صحنن ۾ تہ توهان وڏي تعداد ۾ ڏسڻ ۾ اچو ٿا. پر جهنڊن جي هيٺان ٿورا، آءُ چڱي طرح ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻان ٿو تہ توهان جي ڪهڙي طرح اصلاح ۽ڪهڙي طرح ابتي چال دور ٿي سگهي ٿي، ليڪن آءُ پنهنجي نفس کي بگاڙي، توهان جي اصلاح ٿيو ڪرڻ چاهيان. الله تعالىٰ توهان جي چهرن کي بي آبرو ڪري ۽ توهان کي بدنصيب ڪري جهڙي توهان باطل سان سڃاڻپ رکو ٿا، تهڙي حق سان توهان جي ڄاڻ سڃاڻ نہ آهي ۽ جيترو حق کي برباد ٿا ڪريو، اوترو باطل توهان کان ٽٽو ڏيجي سگهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 69: امير المومنين هي ڪلمات ضربت واري رات جي سحر وقت

امير المومنين هي ڪلمات ضربت واري رات جي سحر وقت فرمايا تہ :

آءُ ويٺو هوس، تہ منهنجي اک لڳي ويئي، ايتري ۾ رسول الله صلیٰ الله عليہ و آلہ و سلم جن منهنجي سامهون تشريف فرما ٿيا، مون چيو تہ يا رسول الله! مونکي توهان جي امت جي مٿان طرح طرح جي ابتي چالن وارن ۽ دشمنين سان واسطو پيو آهي، تڏهن رسول الله جن فرمايو تہ: تون انهن لاءِ بد دعا گهر، جنهن بعد مون ( فقط ايترو ) چيو تہ: بار الها مون کي انهن جي عيوض ۾ انهن کان نيڪ ماڻهو عطا ڪر ۽ انهن کي منهنجي بدران ڪو برو ( حاڪم ) ڏي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 70: عراق وارن جي شڪايت ڪندي

عراق وارن جي شڪايت ڪندي فرمايائين تہ:

اي عراق وارؤ! توهان ان پيٽ واري زال وانگر آهيو، جيڪا حاملہ ٿيڻ کان پوءِ جڏهن حمل وارا ڏينهن پورا ڪري ، تہ مئل ٻار ڪيرائي ۽ سندس مڙس بہ مري ويو هجي، ۽ رنڍاپڻ واري مدت بہ ڊگهي ٿي وئي هجي، ۽ ويجهن مائٽن نہ هئڻ سبب پري جا مائٽ ان جا وارث هجن.

سو بخدا آءٌ توهان وٽ خوشيءَ سان نہ آيو آهيان، پر حالتن کان مجبور ٿي آيو آهيان، مون کي اها بہ خبر پيئي آهي تہ " علي " ڪوڙ کان ٿو ڪم وٺي. خدا توهان جي ستياناس ڪري، (ڀلا ٻڌايو !) آءٌ ڪنهن تي ڪوڙ مڙهي سگهان ٿو؟ ڇا الله تي؟ آءٌ سڀ کان پهرين ان تي ايمان آڻڻ وارو آهيان. ڀلا ان جي نبي تي! آءٌ تہ سيني کان پهرين ان جي تصديق ڪرڻ وارو آهيان.

خدا جو قسم، تہ ائين هر گز نہ آهي، بلڪ اهو هڪ اهڙي ڪلام جو انداز هو، جيڪو توهان جي سمجهڻ جو نہ هو، ۽ نہ وري توهان ۾ ڪا ان جي سمجهڻ جي قابليت هئي، خدا توهان کي سمجهي، آءٌ بغير ڪنهن عيوض جي ( پنهنجو علم ) توري تڪي ڏئي رهيو آهيان.

ڪاش ! ان لاءِ ڪنهن جي ظرف ۾ ڪا جاءِ هجي ها، پر ( ترسو ) ٿوري دير کان پوءِ توهان بہ ان جي حقيقت کي سمجهي ويندؤ.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 71: صلوات پڑهڻ جو طريقو

هن ۾ امير المومنين ماڻهن کي حضور رسول مقبول صلیٰ الله عليہ و آلہ و سلم جن تي صلوات پڙهڻ جو طريقو ٻڌايو آهي:

بار الها! اي زمين جي فرش وڇائڻ وارا ۽ بلند آسمانن کي ( بغير سهاري جي ) بيهارڻ وارا، دلين کي چڱين ۽ برين فطرتن تي پيدا ڪرڻ وارا، پنهنجون پاڪيزه رحمتون ۽ وڌڻ واريون برڪتون قائم رک. پنهنجي عبد ۽ رسول محمد صلیٰ الله عليہ و آلہ وسلم جن جي لاءِ جيڪي پهرين ( نبوتن جي) ختم ڪرڻ وارا ۽ بند ( دلين جي) کولڻ وارا ۽ حق جي طاقت سان حق جي اعلان ڪرڻ وارا باطل جي زيادتي کي ختم ڪرڻ وارا، ۽ ضلالت جي حملن کي چيپاڻي پامال ڪرڻ وارا ها. جيترو ( ذمہ داري جو) بار سندن حوالي ڪيو ويو هو.تنهن کي پاڻ کنيائون ۽ تنهنجي خوشيءِ راضپي ۽ رضامنديءَ ڏي وڌڻ لاءِ مضبوطيءَ سان قائم تي بيٺا، نہ اڳتي وڌڻ کان منهن موڙيائون ۽ نہ وري ارادي ۾ ڪمزوري کي جڳھ ڏنائون. هو تنهنجي وحي جا حافظ ۽ تنهنجي انجامن وعدن جا محافظ هئا، ۽ تنهنجي حڪمن کي مشهور ڪرڻ جي ڌن ۾ لڳا رهڻ وارا هئا. ايتري قدر جو پاڻ روشني ڳولڻ وارن لاءِ شعلا ڀڙڪائي ڇڏيائون ۽ اونداهي ۾ ڀٽڪڻ وارن لاءِ رستو روشن ڪيائون. فتن فسادن جي وڌڻ کانپوءِ دلين، حضور صلیٰ الله عليہ و آلہ وسلم جن جي طفيل هدايت حاصل ڪئي. حضور صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن راه ڏيکارڻ وارا نشان قائم ڪيا، روشن ۽ چمڪندڙ حڪم جاري ڪيا. هو تنهنجا امين اعتماد وارا ۽ تنهجي مخفي علم جا خزانچي هئا. ۽ قيامت جي ڏينهن لاءِ تنهنجا شاهد ۽ تنهنجا سچا پيغمبر ۽ مخلوقات ڏي موڪليل رسول هئا.

يا الله! تون سندن منزل کيءِ پنهنجي زير سائي وسيع ۽ ڪشادو بناءِ ۽ پنهنجي فضل سان کين ڀيٽيون نيڪيون ۽ ڀلايون عطا ڪر. خداوندا، سيني بنياد قائم ڪرڻ وارين عمارتن تي سندن بنياد وڌل عمارت کي فوقيت عطا فرماءِ ۽ کين باعزت مرتبي سان سرفراز فرماءِ ۽ سندن نور کي صحيح صحيح روشني ۽ رونق ڏيءِ ۽ کين رسالت جي صلي ۾، شهادت جي قبوليت ۽ پذيرائي ۽ قول ۽ سخن جي پسنديدگي عطا ڪر، جيئن تہ سندن ڳالهيون سراسر عدل ۽ سندن فيصلا حق ۽ باطل کي جدا ڪرڻ وارا آهن.

اي الله! اسان کي بہ ساڻن گڏ پاڪيزه ۽ خوشگوار زندگي ۽ نعمتن واري منزل ۾ يڪجا ڪر ۽ وڻندڙ ۽ دل پسند خواهشن ۽ لذتن ۽ آرام ۽ سک ۽ خوشحالي ۽ شرف ۽ ڪرامت جي تحفن ۾ شريڪ بناءِ.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 72: مروان بن حڪم جي باري ۾ اخبار بالغيب

مروان بن حڪم جي باري ۾ اخبار بالغيب

جنگ جمل جي موقعي تي جڏهن مروان بن حڪم قيد ڪيو ويو، تڏهن هن امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام جن کي عرض ڪيو، ته توهين اميرالمومنين کي چئي مون کي ڇڏايو، ته توهان جي مهرباني ٿيندي. نيٺ ٻنهي شهزادن جناب امير عليہ السلام جي خدمت ۾ سفارش ڪري کيس ڇڏايو. تنهن کان پوءِ ٻنهي کيس عرض ڪيو ته يا امير المومنين! هي توهان جي بيعت به ڪرڻ ٿو چاهي. تنهن تي پاڻ فرمايائين ته:

ڇا هن شخص عثمان جي قتل ٿيڻ کان پوءِ منهنجي بيعت نہ ڪئي هئي؟ هاڻي مون کي هن جي بيعت جي ڪا به ضرورت نہ آهي، هي يهودي قسم جو هٿ آهي، جيڪڏهن هٿ سان بيعت ڪندو، ته ذليل طريقي سان ٽوڙي به ڇڏيندو.

توهان کي معلوم ٿيڻ گهرجي ته هي به ايتري دير، جو ڪتو پنهنجي نڪ چٽڻ کان فارغ ٿئي. حڪومت ڪندو ۽ هن جا چار پٽ به حڪمران ٿيندا ۽ امت هن جي ۽ سندس پٽن جي عهد ۾ نهايت سختين وارا ڏينهن ڏسندي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 73: جڏهن ماڻهن عثمان جي بيعت جو ارادو ڪيو

جڏهن ماڻهن عثمان جي بيعت جو ارادو ڪيو ته پاڻ فرمايائين ته:

توهان کي خبر آهي ته مون کي ٻين کان وڌيڪ خلافت جو حق حاصل آهي، خدا جو قسم! ته جيستائين مسلمانن جي معاملن جو انتظام ۽ بندوبست برقرار رهندو، تيسين فقط منهنجي ذات ئي ظلمن ۽ سختين جو نشانو پئي بڻبي رهندي. آءُ خاموشي پيو اختيار ڪندو رهندس، ته جيئن ( ان صبر تي) الله کان اجر ۽ ثواب گهران، ۽ هن (دنيا جي) زينت ۽ سينگار کي ٺڏي ڇڏيان. جنهن تي توهان فريفته آهيو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 74: عثمان جي قتل ۾ شريڪ ٿيڻ جو الزام

جڏهن ڪيس ٻڌايائون، تہ بني اميہ عثمان جي قتل ۾ شريڪ ٿيڻ جو الزام مٿس ٿا رکن، تڏهن فرمايائين تہ:

مون سان تعلق رکڻ واري سموري چاڻ ۽ علم بني اميہ کي مون تي بهتان ۽ تهمت هڻڻ کان باز نہ رکيو، ۽ منهنجو، سيني کان پهرين ايمان آڻڻ ۽ ڪيترن ئي پراڻين اسلامي خدمت بہ، هنن جاهلن کي بهتان هڻڻ کان نہ روڪيو، ۽ الله تعالىٰ ( ڪوڙ ۽ افترا ڪرڻ جي باري ۾ ) هنن کي جيڪا نصيحت ڪرڻ فرمائي آهي، سا منهنجي بيان ڪرڻ کان گهڻو مٿي آهي. آءُ ( انهن ) بي دينن تي حجت آڻڻ وارو آهيان. ۽ ( دين ۾ ) شڪ شبها ڪرڻ وارن جو مخالف آهيان، ۽ سيني شڪي ڳالهين کي قرآن شريف تي پيش هڻڻ گهرجي ۽ بندن کي سندن نيت مطابق ڦل ملندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 75: باعمل مرد جي شان ۾

باعمل مرد جي شان ۾

خدا ان شخص تي رحم ڪري، جنهن جڏهن به ڪي حڪمت ( سياڻپ) جا لفظ ٻڌا، ته انهن کي ڳنڍ ۾ ٻڌي ڇڏيائين. جڏهن ڪيس هدايت ڏي سڏيو ويو، ته ڊوڙندو ويجهو آيو. صحيح رهبر جي دامن جهلي نجات حاصل ڪيائين. الله کي هر وقت ڌيان ۾ رکيائين. ۽ گناهن کان خوف ڪري، بي ريا عمل پيش ڪيائين. نيڪ ڪم ڪري، اجر جو ذخيرو گڏ ڪيائين، بچڙين ڳالهين کان پاسو ڪيائين. ۽ صحيح مقصد کي حاصل ڪري پنهنجو اجر ۽ ثواب گڏ ڪيائين خواهشن جو مقابلو ڪيائين. اميدن کي ڪوڙو ڪيائين. صبر کي ڇوٽڪاري جي سواري بڻائي ڇڏيائين. موت جي لاءِ پرهيزگاري جو توشو ۽ سامان ڪيائين، روشن راه تي سوار ٿيو، حق جي شاهراه تي قدم ڄمائي، حياتي جي مهلت کي غنيمت ڄاڻي، موت جي پاسي قدم وڌائي ۽ نيڪين جو توشو ساڻ کڻي هليو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 76: سعد بن عاص ڪوفي جي حاڪم جو هديو

بني اميہ مون کي محمد صلیٰ الله عليہ و آلہ و سلم جن جو ورثو تورو تورو ڪري تا ڏين. خدا جو قسم! تہ جيڪڏهن آءُ جيئرو رهيس تہ انهن کي اهڙي طرح ڇنڊي ڦٽو ڪندس،جيئن قاصائي مٽي واري گوشت جي ٽڪرتان مٽي ڇنڊيندو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 77: مناجات

مناجات

بار الها! تون اهي شيون عطا ڪر، جن کي تون مون کان وڌيڪ ڄاڻين ٿو. جيڪڏهن آءُ گناه جي طرف ٿيان، ته تون پنهنجي مغفرت سان مون کي وراءِ! خدايا! جنهن نيڪ ڪم جي بجا آڻڻ جو مون پنهنجو پاڻ سان وعدو ڪيو هو، پر تو انکي پورو ٿيندو نه ڏٺو، تنهن کي به بخش ڪر. منهنجا الله ! زبان مان نڪتل اهي لفظ، جن سان تنهنجو تقرب ( ويجهڙائي) پئي چاهيم، مگر دل انهن سان همنوا ٿي نه سگهي، ته انهن کي به درگذر ڪر، پروردگار! تون اکين جي ( فاسد يا خيانت وارن) اشارن ۽ بچڙن لفظن ۽ دل جي ( بچڙين) خواهشن ۽ زبان جي بيهودگي ياوه گوئي کي (به) معاف فرماءِ.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 78: ضرار جو بيان

ضرار جو بيان

جڏهن پاڻ خارجين سان جنگ ڪرڻ لاءِ نڪرڻ جو ارادو ڪيائين، تڏهن هڪ شخص چيو ته يا اميرالمومنين جيڪڏهن توهين هينئر نڪرندؤ، ته علم نجوم مطابق مون کي انديشو آهي ته توهين پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ۽ ڪامران نه ٿيندؤ جنهن تي فرمايائين ته:

ڇا تنهنجو اهو خيال آهي ته تون ان وقت جي خبر ڏين ٿو، ته جيڪڏهن ڪو ان وقت نڪرندو ته ان لاءِ ڪا برائي نه ٿيندي، ۽ ان گهڙي کان به واقف ڪرين ٿو، ته جيڪڏهن ڪو ان گهڙي ۾ نڪرندو ته ڪيس نقصان ٿيندو! ته پوءِ ان ڳالهه کي سچو سمجهو، تنهن قرآن کي ڪوڙو ڄاتو، ۽ مطلب حاصل ڪرڻ ۽ مصيبت ٽارڻ جي باي ۾ الله جي مدد کان گويا اهو بي پرواهه ٿي ويو. تنهنجي مرضي آهي، ته جيڪو تنهنجي چوڻ تي هلي، سو الله کي ڇڏي تنهنجا ڳڻ ڳائي، ڇو ته تو پنهنجي خيال ۾ ان گهڙي جي خبر ٻڌائي، جنهن ۾ ان لاءِ فائدي جو سبب ۽ سندس نقصان کان بچڻ جو ذريعو ٿئي.

پوءِ ماڻهن ڏي ڏسي فرمايائين! اي انسانؤ! (علم) نجوم جي سکڻ کان پرهيز ڪريو، پر رڳو ايترو (سکو) جنهن مان خشڪي ۽ پاڻي ۾ رستو معلوم ڪري سگهو. ان ڪري جو نجوم جو سکڻ اڳڪٿي ۽ غيب بڪڻ ڏي ڇڪي ٿو. ۽ منجم حڪم ۾ مثل جوتشي يا ڪاهن جي آهي،۽ ڪاهن مثل ساحر (جادوگر) جي آهي، ۽ ساحر مثل ڪافر جي آهي ۽ ڪافر جي جاءِ جهنم ۾ آهي. بس ! الله جو نالو وٺي اٿي کڙا ٿيو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 79: عورتن جا فطري نقص

عورتن جا فطري نقص

جنگ جمل جي فارغ ٿيڻ کان پوءِ عورتن جي مذمت ۾ فرمايائين ته:

اي انسانؤ! عورتون ايمان ۾ ناقص حصي يا ڀاڱي (ورثي) ۾ به ناقص ۽ عقل ۾ پڻ ناقص هونديون آهن. نقص ايمان جو ثبوت اهو آهي، ته ڪين ڪن خاص ڏينهن (ڪپڙن اچڻ) ۾ نمازون ۽ روزا ڇڏڻا پوندا آهن ۽ ناقص العقل هجڻ جو به ثبوت اهو آهي ته ٻن عورتن جي شاهدي (شرعا) هڪ مرد جي برابر هوندي آهي، ۽ حصي ونڊ ۽ نصيب ۾ گهٽتائي هيئن آهي ته ميراث ۾ انهن جو حصو مرد جي اڌ جيترو هوندو آهي. بڇڙين عورتن کان ڊڄو، ۽ نيڪ عورتن کان به خبردار رهندا ڪريو. توهان انهن جون چڱيون ڳالهيون به نه مڃيو، ته جيئن اڳتي هلي توهان کي انهن جون بڇڙيون ڳالهيون به مڃڻيون نه پون.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 80: زهد ۽ تقويٰ جو مفهوم

زهد ۽ تقوىٰ جو مفهوم

اي انسانؤ! اميدن کي گهٽ ڪرڻ, نعمتن تي شڪر ادا ڪرڻ ۽ حرام ڪمن کان دامن بچائڻ ئي زهد ۽ پارسائي آهي. جيڪڏهن ( اميدن کي گهٽائڻ) توهان کي ڏکيو لڳي, ته پوءِ به ايترو ته ڪجي, ته جيئن حرام توهان جي صبر ۽ بردبار ٿيڻ تي غالب نه ٿئي, ۽ نعمتن (ملڻ) وقت شڪر کي نه وساريو. الله تعالىٰ روشن ۽ کليل دليلن سان ۽ حجت پوري ڪرڻ وارن واضح ڪتابن جي ذريعي, توهان جي لاءِ حيلن ۽ حجتن ڪرڻ جو موقعو نه ڇڏيو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 81: دنيا جي بي ثباتي

دنيا جي بي ثباتي

آءٌ هن دنيا جي حالت بابت ڪهڙو بيان ڪريان. جنهن جي ابتدا رنج ۽ انتها فنا هجي. جنهن جي حلال ۾ حساب ۽ حرام ۾ سزا هجي. هتي جيڪڏهن ڪو آسودو آهي تہ فتنن سان واسطو ۽ فقير آهي تہ ڏکن سورن سان واسطو ٿئي ٿو. جيڪو دنيا جي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۾ لڳو رهي ٿو، تنهن جون دنيوي اميدون وڌنديون ئي رهن ٿيون. ۽ جيڪو ڪوشش تان هٿ کڻي ڇڏي ٿو، تنهن سان موافقت رکي ٿي. جيڪو شخص دنيا کي عبرتن جو آئينو سمجهي ان کي ڏسي ٿو، تہ پوءِ اها انجي اکين کي روشن ۽ چٽو ڏسندڙ بنائي ڇڏي ٿي. ۽ جيڪو فقط دنيا تي نظر رکي ٿو، تنهن کي انڌو ڪري ڇڏي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 82: خطبہ غراءَ

هن خطبہ جو نالو "خطبہ غراءَ" آهي، جيڪو جناب امير عليہ السلام جي نهايت عجيب و غريب خطبن مان، شمار ڪيو ويندو آهي:

سڀڪا تعريف ان الله جي لاءِ آهي، جيڪو پنهنجي طاقت جي لحاظ کان بلند، پنهنجي بخشش جي وسيلي سان ويجهو آهي، هو نفعو ۽ واڌارو عطا ڪرڻ وارو ۽ هر مصيبت ۽ آزمائش کي ٽارڻ وارو آهي، آءٌ سندس ڪرم ڪرڻ جي نوازشن ۽ ان جي نعمتن جي گهٽائي تي حمد ۽ ثنا ڪريان ٿو. منهنجو ان تي ايمان آهي. جيئن ته هو اول ۽ ظاهر آهي، پڻ ان کان هدايت طلب ڪريان ٿو، جيئن ته هو تمام ويجهو ۽ هادي آهي، ۽ ان کان ئي مدد گهران ٿو، جيئن ته هو قادر ۽ نهايت طاقت وارو آهي، مٿس ڀروسو ڪريان ٿو، جيئن ته هو هر طرح جي سنڀال ۽ مدد ڪرڻ وارو آهي.

آءٌ شاهدي ٿو ڏيان ته محمد صلیٰ للہ عليہ و آلہ و سلم جن ان جا عبد ۽ رسول آهن، حڪمن پهچائڻ ۽ ثابتي کي پوري ڪرڻ ۽ عبرتناڪ واقعات کي پيش ڪري شروعات کان ئي ڊيڄاريندڙ طور کين موڪليو ويو.

خدا جا بندؤ! آءٌ توهان کي ان الله کان ڊڄڻ جي هدايت ڪريان ٿو، جنهن توهان جي ( سمجهائڻ جي) لاءِ ( ڪيئي) مثال پيش ڪيا، ۽ توهان جي زندگيءَ جا وقت مقرر ڪيا، توهان کي (مختلف) پوشاڪن سان ڍڪيائين، ۽ توهان جي رزق جو ڪيترو ئي سامان مهيا ڪيائين. هن توهان جي چڱي جاچ ڪئي آهي، ۽ توهان جي لاءِ نيڪين جا عيوض مقرر ڪري ڇڏيا آهن. ۽ توهان کي پنهنجي ڪيترين ئي وسيع نعمتن ۽ ڪثير عطين سان نوازيو آهي. پڻ اثر ڪندڙ دليلن سان توهان کي ڊيڄاريو (بہ) آهي. هن توهان کي هڪ هڪ ڪري ڳڻي بہ ڇڏيو آهي. ۽ هن آزمائش واري جاءِ ( دنيا ۾) ۽ نصيحت ۽ اڇرج واري محل ۾ توهان جون عمرون بہ مقرر ڪري ڇڏيون آهن. ان ۾ توهان جي آزمائش آهي، ۽ ان جي آمد و رفت ( اچڻ ۽ وڃڻ) تي توهان جو حساب (ڪتاب) ٿيندو. هن دنيا جو رستو غليظ ۽ سيراب ٿيڻ جو هنڌ (گپ چڪ سان) ڀريل آهي، ان جو ظاهر تہ نهايت سهڻو ۽ باطن تباه برباد ڪندڙ آهي. هيءَ (دنيا) هڪ تباه ٿيڻ وارو ڌوڪو، (غروب ٿيڻ) لهي وڃڻ واري روشني ۽ گم ٿيڻ وارو پاڇو ۽ جهڪيل ٿنڀ آهي. جڏهن ان کان نفرت ڪرڻ وارو ان سان دل لڳائي ٿو، ۽ اڻ واقف ان کان مطمئن ٿئي ٿو، تڏهن هيءَ پنهنجي پيرن کي کڻي زمين تي هڻي ٿي، ۽ پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائي ٿي ۽ پڻ پنهنجي تيرن جو نشانو بنائي ٿي ۽ پوءِ ان جي ڳلي



Presented by Ziaraat.Com

۾ موت جو ڦندو وجهي تنگ ۽ اونداهي واري قبر ۽ دهشتناڪ منزل تائين وٺي وڃي ٿي ته جيئن اتان هو پنهنجي (اصل) جاءِ (جنت يا دوزخ) ڏسي وٺي، ۽ پنهنجي ڪئي جو ڦل حاصل ڪري، بعد ۾ اچڻ وارن جي حالت به اڳين جهڙي آهي،نه موت پنهنجي ڪاٽ ڪوٽ واري ڪم کان منهن موڙي ٿو. ۽ نه باقي رهڻ وارا گناهن کان باز اچن ٿا. پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي راهه رسم واري پيروي ڪن ٿا. ۽ هڪ ٻئي پويان توڙ تائين ( آخري) فنا جي منزل ڏي وڌي رهيا آهن. ايستائين جو جڏهن سمورا معاملا ختم ٿي ويندا، ۽ هن دنيا جي عمر پوري ٿيندي، ۽ قيامت جو وقت اچي ويندو، تڏهن الله تعالىٰ سڀني کي قبرن جي ڪندن ڪڙڇن پکين جي آکيرن حيوانن جي چرن ۽ مرڻ وارين جڳهين مان ڪڍندو، ٽولن جا ٽولا چپ ۽ خاموش اٿيل ۽ صفن ۾ بيٺل امر الاهي جي طرف وڌندا، پنهنجي واپس ٿيڻ واري جاءِ ڏانهن ڀيا ڊوڙندا هوندا. ( ان حالت ۾) قدرت جي نگاهه مٿن حاوي ۽ سڏڻ واري جو آواز انهن سڀني جي ڪنن تي پيو ايندو رهندو، هنن کي هيڻائي ڪمزوري ۽ بيوسي جو لباس پيل هوندو، ۽ عجز ۽ بي ڪسيءَ جي سببان ذلت انهن تي ڇانيل هوندي. حيلا، بهانا ۽ اٽڪليون ختم ۽ اميدون به ختم ٿيل هونديون ، دليون مايوسي ۽ خاموشين سان ٻڏل هونديون، آواز دٻجي خاموش ٿي ويندا، پگهر منهن ۾ ڦندو وجهندو. ڊپ، خوف، هيبت وڌي ويندي ۽ جڏهن انهن کي آخري فيصلو ٻڌائڻ عملن جو عيوضو ڏيڻ، ۽ کين دردن تڪليفن ۽ جٽ واري سزا يا نيڪ عملن جي عيوضي ۾ انعام ڏيڻ لاءِ سڏيو ويندو، تڏهن سڏڻ واري جي گنجدڙ آواز سان، ڪن ڏڪڻ لڳندا، (در اصل) هي بندا ان جي اقتدار جو ثبوت ڏيڻ جي لاءِ وجود ۾ آيا آهن، ۽ پڻ زور زبردستي، حڪومت سان سندن ناهه جوڙ ٿي آهي.

سڪرات وقت سندن روح قبض ڪيا وڃن ٿا ۽ قبرن ۾ رکيا وڃن ٿا. (جتي) اهي ذرا ذرا ٿي ويندا ۽ (وري) قبرن مان اڪيلا اٿاريا ويندا، ۽ عملن جي مطابق نيڪين جا عيوض حاصل ڪندا، ۽ سڀني کي جدا جدا حساب ڏيڻو پوندو. کين دنيا ۾ رهندي نجات ۽ ڇوٽڪاري جو موقعو ڏنو ويو هو، ۽ سڌو رستو به ڏيکارجي چڪو هو، ۽ الله تعالىٰ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ (کين) مهلت به ڏني وئي هئي، شڪ ۽ شبهن جون اونداهيون به انهن کان دور ڪيون ويون هيون ۽ ان حياتي جي مدت ۽ عملن واري جڳهه ۾ انهن کي آزاد ڇڏيو ويو هو، ته جيئن آخرت لاءِ ڊوڙڻ جي تياري ۽ سوچ ويچار سان مقصد جي تلاش ڪري وٺن، ۽ ايتري مهلت حاصل ڪن. جيتري فائدن حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي آئنده منزل جي سامان گڏ ڪرڻ لاءِ ضروري آهي، هي ڪهڙا نه صحيح مثال ۽ شفا بخش نصيحتون آهن، بشرطيڪ انهن کي پاڪيزه دليون ۽ ٻڌڻ وارا ڪن ۽ مضبوط رايا، ارادا ۽ هوشيار عقل حاصل هجن.



Presented by Ziaraat.Com

الله کان ڊڄو ان شخص وانگر جنهن نصيحت جي ڳالهين کي ٻڌو ته جهڪي ويو، گناه ڪيائين، ته مڃيائين، ڊنو ته (نيڪ) عمل ڪيائين خوف جي سببان نيڪين جي طرف وڌيو، قيامت جو يقين ڪيائين ته سٺا اعمال بجا آڻيندو، عبرتون ڏنائين ته عبرت ۽ نصيحت حاصل ڪيائين، ۽ ڊيڄاريو ويس، ته بچڙائين کان رڪجي ويو، ۽ (خدا جي سڏ تي) لبيڪ چئي ڪري اوڏانهن منهن ڪيائين، ۽ ان جي طرف توبهه تائب ٿي متوجه ٿيو، ( اڳين خدا وارن جي) پوري پوري پيروي ڪيائين ۽ حق سچ ڏيکارڻ سان ان کي ( چڱي طرح) ڏٺائين، اهڙو ماڻهو حق سچ جي حاصل ڪرڻ لاءِ سرگرم عمل رهيو، ۽ (دنيا جي گورک ڌنڌن کان ) ڇٽي ڀڄي نڪتو. ان پنهنجي لاءِ خزانو ڪٺو ڪيو، ۽ باطن کي پاڪ صاف رکيو. ۽ آخرت جو گهر آباد ڪيائين، آخرت جي سفر ۽ ان جي (راهه) پيچرن لاءِ حاجتن جي موقعن ۽ فقر و فاقه جي جڳهين جي پيش نظر هن پاڻ سان ثمر کنيو آهي.

الله جا بندؤ! پنهنجي پيدا ٿيڻ جي مقصد موجب ان کان ڊڄندا رهو. ۽ جنهن حد تائين ان توهان کي ڊيڄاريو آهي، خوف ڪندا رهو ۽ ان کان سندس سچن وعدن کي پوري ڪرڻ لاءِ ۽ قيامت جي دهشت کان ڊڄندي انهن ڳالهين ( نعمتن) جو لائق ۽ مستحق ٿيڻ پاڻ ۾ پيدا ڪريو، جيڪي ( نعمتون) هن توهان جي لاءِ تيار ڪري رکيون آهن.

هن خطبي جا هي به جملا آهن:

الله تعالىٰ توهان جي لاءِ ڪن بنايا آهن ته جيئن ضروري ڳالهين کي ٻڌي، محفوظ رکو. ۽ ان توهان کي اکيون عطا ڪيون آهن. ته جيئن نابينائي ۽ انڌپڻ مان نڪري روشن ۽ چمڪندڙ ٿين. پڻ جسم جا جدا جدا حصا بنايائين، جن مان هر هڪ ۾ ڪيئي عضوا آهن. جن جا پيچ ۽ خم انهن جي مناسبتن سان آهن. بهر نو ع، اهي عضوا پنهنجي صورتن جي ترتيب ۽ عمر جي مدت جي تناسب سان گڏوگڏ، اهڙن بدنن سان گڏ آهن جيڪي تنهنجي ضرورتن کي پورو ڪري رهيا آهن، ۽ اهڙين دلين سان گڏ آهن، جيڪي پنهنجي روحاني غذا،نعمتن ۽ بخشش ۽ نجات وارين جڳهين جي تلاش ۾ لڳل

رهن ٿيون . تنهن کان سواءِ ٻين وڏين نعمتن ۽ احسانمند بنائڻ وارين بخشش ۽ سلامتيءَ وارن قلعن جي ۽ هن توهان جون عمريون مقرر ڪري ڇڏيون آهن، جيڪي هن توهان کان مخفي رکيون آهن، ۽ گذريل ماڻهن جا حالات ۽ واقعن مان توهان جي لاءِ عبرت حاصل ڪرڻ جا باقي موقعا رکيا آهن . اهڙا ماڻهو، جيڪي پنهنجي بختاوري ۽ نصيب سان مزا ماڻيندا هئا، ۽ آزادي سان گهمندا ڦرندا هئا، تن کي ڪيئن نه



Presented by Ziaraat.Com

اميدن جي پوري ٿيڻ کان اڳ، موت انهن کي پڪڙي ورتو، ۽ عمر جي هٿ انهن کي اميدن کان پري ڪري ڇڏيو. ان وقت هنن ڪوبہ ثمر نہ ڏٺو، جڏهن هنن جا بدن تندرست هئا ۽ ان وقت هنن عبرت ۽ نصيحت حاصل نہ ڪئي جڏهن جواني جو دؤر هو. ڇا اهي قوه جوانيءَ وارا، ڪمر جهڪائڻ واري پيريءَ جا منتظر آهن، ۽ صحت جي تر و تازگي وارا ڏٿي پوڻ وارين بيمارين جي انتظار ۾ آهن، ۽ هي حياتي وارا ، فنا جون گهڙيون ڏسي رهيا آهن ؟ جڏهن هل هلان جو وقت ويجهو ايندو ۽ ڪوچ ڪرڻ جو وقت قريب ٿيندو ۽ (موت جي بستر تي ) درد ۽ بي آرامي ۽ گهبراهٽ ۽ بي قراريون ۽ دردن سورن جي گرمي ۽ وات جي گگن جا نڙي ۾ ڪوڙڪا هوندا، ۽ پڻ عزيز و اقارب ۽ اولاد ۽ دوستن کان مدد جي لاءِ فرياد ڪندي ۽ هيڏانهن هوڏانهن پاسن کي ورائڻ جو وقت آيل هوندو، تہ قريب موت کي روڪي ڇڏيو، يا روئڻ وارن ( جي روئڻ) ڪجهہ فائدو پهچايو ؟ ان کي تہ قبرستان ۾ قبر جي هڪ سوڙهي ڪنڊ ۾ ڇڪي ڇڏي اڪيلو ڇڏيو ويندو، نانگن ۽ وڇن ان جي کل کي پروڻ ڪري ڇڏيو آهي، ۽ (اتي جون) پاماليون هن جي ترو تازگي کي فنا ڪري ڇڏينديون ، طوفان هن جا آثار ڊاهي برباد ڪندا، ۽ حادثن ان جا نشان ميساري ڇڏيا. تر و تازا جسم، ڪمزور، هيٺا ۽ اداس ڪوماڻيل تي ويا ، هڏا ڳري سڙي ويا ۽ (سندن) روح (گناهن جي ) ڳري بار جي هيٺان دٻيا پيا آهن، (هاڻي اهي) غيب جي خبرن تي يقين ڪري چڪا آهن، ليڪن هاڻي نہ انهن لاءِ چڱن عملن ۾ واڌاري جي ڪا صورت آهي ۽ نہ بڇڙاين کان توبهہ ڪرڻ جي ڪا گنجائش آهي. ڇا توهان انهن مري ويلن جا پٽ، پيءُ، ڀائر ۽ ويجها عزيز قريب نہ آهيو؟ آخر توهان کي بہ تہ، هو بهو انهن مري ويلن جا پٽ ، پيءُ ڀائر ۽ ويجها عزيز قريب نہ آهيو؟ آخر توهان کي بہ تہ هوبهو انهن ئي حالتن سان منهن ڏيڻو آهي، ۽ اوڏانهن ئي هلڻو آهي، ۽ ان ئي شاهراه تان گذرڻو آهي. پر دليون اجان بہ اهڙي حظ ۽ سعادت کان پري ۽ هدايت کان بي پرواه آهن، ۽ غلط ميدان ڏانهن وڃي رهيون آهن، ڄڻ تہ انهن کانسواءِ ڪي ٻيا مقصد اٿن . گويا انهن لاءِ ئي دولت کي گڏ ڪرڻ وارو صحيح رستو آهي. ياد رکو! توهان کي پل صراط تان لنگهڻو آهي، ۽ اهڙين جاين تان گذرڻو آهي، جتي قدم ٿڙي، پير ترڪي وڃن ٿا، قدم قدم تي خوف ۽ دهشت جا خطرا آهن، سو الله کان اهڙي طرح ڊڄو، جيئن ڪو دانا مرد ۽ هوشيار ڊڄندو آهي، جنهن جي دل کي ( آخرت جي ) سوچ ويچار ٻين ڳالهين کان غافل ڪري ڇڏيو هجي، ۽ خوف سندس بدن کي تڪليف ۽ ڪلفت ۾ وجهي ڇڏيو هجي، ۽تهجد جي نماز ان جي ٿوريگهڻي ننڊ کي سجاڳي سان بدلائي ڇڏيو هجي ۽ ثواب جي اميد ۾ سندس ڏينهن جون تتل منجهندون پياس ۾ گذرنديون هجن . پڻ زهد ۽ تقوي ان جي خواهشن کي روڪي ڇڏيو هجي، ۽ ذڪر الاهي کان سندس زبان هر وقت هلندي پئي هجي، خطرن جي اچڻ کان پهريائين هو خوف ۾ هجي ۽ ڏنگن ڦڏن رستن کان پاڻ بچائيندو سڌو رستو اختيار



Presented by Ziaraat.Com

ڪيو هجيس مطلب تہ مقصد واري رستي تي اچڻ لاءِ سڌو رستو اختيار ڪيو هجيس ۽ نہ خوش فريبين، هن ۾ ڪا لوچ پوچ پيدا ڪئي هجي ۽ نہ شڪ شبهن وارين ڳالهين ان جي اکين تي پردا وڌا هجن، بشارت هجي خوشخبرين ۽ نعمتن جي سکن آرامن کي ماڻي، مئي، قرار واري ننڊ ۾ سمهي ٿو. امن ۽ چين سان ڏينهن گذاري ٿو. هو دنيا مان پار ٿي لنگهي، تعريف جي لائق خصلتن ۽ عادتن سان لنگهي ويو ۽ آخرت واري منزل تي سعادتن سان وڃي پهتو. ( اتي جي ) آخرت جي خطرن کي ڌيان ۾ رکي، هن نيڪين ڏي قدم وڌايو ۽ چڱاين لاءِ هن حياتي جي (مختصر) وقفي ۾ تڪڙو تکو ٿي هليو، آخرت جي طلب ۾ دلجاءِ ۽ شوق ذوق سان وڌندو رهيو ۽ بڇڙاين کان پاسو ڪندو رهيو ۽ اڄ واري ڏينهن ۾ سڀاڻي جو خيال رکيائين ۽ شروعات کان ئي پنهنجي ضرورتن تي نظر رکيائين. سچ پچ تہ، بخشش ۽ عطا ڪرڻ لاءِ جنت، عذاب ۽ سختي جي لاءِ دوزخ کان وڌيڪ ٻيو ڇا هوندو. پڻ انتقام وٺڻ ۽ مدد ڪرڻ لاءِ الله کان وڌيڪ ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو. سند ۽ حجت طور اسان جي خلاف سامهون اچڻ لاءِ قرآن کان وڌيڪ ٻيو ڇا آهي ؟

آءٌ توهان کي الله کان ڊڄڻ لاءِ وصيت ڪريان ٿو، جنهن ڊيڄارڻ وارين حقيقتن جي وسيلي بهاني بنائڻ جي ڪا گنجائش نہ رکي آهي. سڌو رستو ڏيکاري حجت پوري ڪري ڇڏي اٿس. پڻ توهان کي ان دشمن کان بہ خبردار ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو لڪي لڪي سينن ۾ گهڙي اثر انداز ٿي حڪم ڪندو وتي ٿو ۽ سس پس ڪري، ڪنن ۾ ڦوڪون ڏي ٿو. ازانسواءِ هو گمراھ ڪري تباھ ۽ برباد ڪري ٿو ۽ واعدا ڪري ڀاراٿين تسلين سان دلدارين جي آسري ۾ رکي ٿو، پهرين تہ وڏا گناھ سينگاري سنواري سامهون ٿو

آڻي، (ان بعد) وڏن قتل ڪرڻ وارن گناهن کي هلڪا ۽ نازڪ معمولي ڪري اسان کي ڏيکاري ٿو ۽ جڏهن ڪنهن (حق کان ) ٿڙيل نفس جي اڳيان گمراهي جي گلن ڦلن واري ڀوئنتي کي پهچائي، پوءِ ان کي پنهنجي (مڪر جي) ڄار ۾ چڱي طرح ڦاسائي ٿو، تہ پوءِ جنهن فعل) کي سينگاريائين تنهن کي برو چوڻ لڳي ٿو ۽ پوءِ جنهن کي هلڪو ۽ نازڪ ڪري ڏيکاريائين، تنهن جي ڳراڻ ۽ ضرورت ٿو ٻڌائي ۽ جنهن کان مطمئن ۽ بيخوف ڪيائين، تنهن کان ڊيڄاري ٿو.

مٿين خطبي جو هيءُ بہ ڀاڱو آهي، جنهن ۾ انسان جي پيدا ٿيڻ جو ذڪر آهي:

يا وري ان کي ڏسو، جنهن کي (الله تعالي) ماءُ جي پيٽ جي اونداهين ۽ پردي جي اندرين تهن ۾ بنايو، جيڪو هڪ (حياتي جي جراثيم) سان ڇلڪندڙ نطفو ۽ بغير شڪل و صورت جي بي ڊولو ڄميل خون هو. (پوءِ انساني شڪل جي نقشي واري سانچي ۾ آڻي) (ماءُ جي پيٽ ) ۾ ٻار ٺهيو ۽ (وري) طفل ڪير پياڪ



Presented by Ziaraat.Com

۽ (وري تج ڇڏائڻ ڪانپوءِ) صغير ٻار ۽ (پوءِ) نوجوان ٿيو. (پوءِ) الله تعاليٰ ڪيس حفاظت ڪرڻ واري دل ۽ ڳالهائڻ واري زبان ۽ ڏسڻ واريون اکيون عطا ڪيون، ته جيئن عبرت حاصل ڪندي، ڪجھ سمجهي ۽ نصيحت جو اثر حاصل ڪري، بڇڙاين کان باز رهي، مگر ٿيو ائين ته جڏهن سندس عضون ۾ هڪ جهڙائي ۽ درستي پيدا ٿي ۽ سندس قد پنهنجي بلندي تي پهتو، تڏهن غرور ۽ مستي ۾ اچي (هدايت ڀڄڻ کان ) ڪاوڙجي پيو ۽ اکيون پوري پٽڪڻ لڳو، اهڙي طرح جو بد ڪاري، شهوت ۽ لالچ جا ڏول پري پري ڇڪيندو رهيو، ۽ عيش و عشرت ۽ فرحتن حاصل ڪرڻ جي ڪيفيت ۽ هوس بازي جي تمنائن کي پوري ڪرڻ ۾ سر ڌڙ جي بازي لائي ڏنائين، نه ڪنهن مصيبت کي خاطر ۾ آڻي ياد ڪندو هو ۽ نه ڪنهن خوف يا خطري جو اثر ٿيندو هوس، نيٺ اهڙين پريشانين ۾ غافل ۽ مدهوش حالت ۾ مري ويو ۽ جيڪا ٿوري گهڻي زندگي هيس، تنهن کي بيهود ڳين ۾ گذاريائين، نه ثواب ڪمايائين ۽ نه ڪو فريضو پورو ڪيائين . اچا هو رهيل سر ڪشين واري راه تي ئي هو ته موت آڻڻ واريون بيماريون اچي مٿس ٽٽيون، پاڻ وائڙو ۽ پريشان ٿيندو رهيو ۽ اها رات فڪرن ڏکن ۽ تڪليفن ۽ سورن دردن جي سختين ۾ جاڳندي اهڙي طرح گذاريائين، جو حقيقي ڀاءُ مهربان پيءُ ڦٿڪندي، فرياد ڪندڙ ماءُ ۽ بيقراري سان سيني ڪٽڻ واري ڀيڻ جي اڳيان، سڪرات جي بيهوشين ۽ نهايت بدحواسين ۽ دردناڪ رڙين ۽ ساهه نڪرڻ واري بي آرامي، سڪرات ۾ ماندي ڪرڻ ۽ بيوس ڪرڻ وارين سختين ۾ پيو هو.

پوءِ ان کي ڪفن ۾ نامراديءَ جي صورت ۾ ويڙهيو ويو، ۽ هو نهايت خاموشي جي حالت ۾ سواءِ ڪنهن روڪ جهل جي ٻين جي نقل و حرڪت جو پابند رهيو. پوءِ ڪيس تختي تي رکيو ويو، اهڙي حالت ۾ جو هو محنت ۽ مشقت کان بدحال ۽ بيمارين جي سبب کان ٿڪل ماندو ٿي چڪو هو. هن کي سهارو ڏيندڙ نوجوانن مدد ڪندڙ ڀائرن ڪلهو ڏئي، پرديس جي گهر تائين پهچائي ڇڏيو، جتي ملڻ جلڻ ۽ ملاقات جا سمورا سلسلا ٽٽي وڃن ٿا ۽ جڏهن ڪانڌي ۽ مصيبت جا ماريل (عزيز قريب) واپس آيا، تڏهن ان کي قبر جي ڪوٺڙي ۾ اٿاري وهاريو ويو، فرشتن سان سوال جواب لاءِ ۽ سوالن جي دهشتن ۽ امتحان جي ٺڏن ٿاٻن ۽ دڙڪن کائڻ لاءِ ۽ پوءِ اُتي جي سڀ کان وڏي مصيبت، ٽهڪندڙ پاڻي جي مهماني ۽ جهنم ۾ داخل ٿيڻ آهي، ۽ دوزخ جو ٻاهيون، پڙڪندڙ شعلن جون تيزيون آهن، نه ان ۾ راحت لاءِ ڪو وقفو آهي ۽ نه وري سڪون ۽ آرام لاءِ ڪجھ دير لاءِ ڪا وٿي آهي، نه (اتي) روڪڻ يا جهلڻ واري طاقت آهي، ۽ نه وري ڪو اتي سڪون حاصل ڪرڻ وارو موت آهي، نه تڪليف کي وسارڻ واري ننڊ آهي، بلڪ هو هر وقت قسمين قسمين جي موتن ۽ گهڙي گهڙي جي (نت نون) عذابن ۾ هوندو.



Presented by Ziaraat.Com

اسين الله کان ئي پناهہ جا اميدوار آهيون

الله جا بندؤ! اهي ماڻهو ڪٿي آهن؟ جن کي عمريون ڏنيون ويون، تہ اهي نعمتن سان بهرياب ٿيندا رهن، ۽ انهن کي پڙايو ويو، تہ اهي سڀ ڪجهہ سمجهي ويا، ۽ کين مهلت ڏني وئي تہ انهن اهو وقت غفلت ۾ گذاري ڇڏيو، ۽ صحتمند سالم رکيا ويا، تہ وري نعمتن کي وساري ويٺا، بلڪہ انهن کي ڊگهي مهلت ڏني وئي هئي، سٺيون سٺيون شيون بہ کين بخشيون ويون هيون، دردناڪ عذابن سان انهن کي بہ ڊيڄاريو ويو هو، ۽ وڏين نعمتن جا بہ انهن سان واعدا ڪيا ويا هئا، (تہ هاڻي توهين) بہ، مرڻ واري (پاڻي جي) ڪُن ۾ وجهندڙ گناهن ۽ الله تعالي کي ناراض ڪندڙ خطائن کان بچندا رهو.

اي اکين ۽ ڪنن کي رکڻ وارو! اي صحت ۽ ملڪيت کي رکڻ وارؤ! ڇا بچاءُ جو ڪو هنڌ يا ڇوٽڪاري جي ڪا گنجائش آهي ؟يا ڪا پناهہ گاهہ يا ڪو ٽڪڻ جو هنڌ آهي؟ پڃي نڪرڻ جو موقعو يا وري دنيا ۾ موٽي اچڻ جي ڪا صورت آهي؟ جيڪڏهن نہ آهي، تہ پوءِ ڪيڏانهن رلي دربدر ٿي رهيا آهيو، ۽ ڪهڙي پاسي رخ ڪيو اٿو، يا ڪهڙين ڳالهين جي فريب ۾ اچي ويا آهيو؟ حالانڪ هن وڏي ڪشادي زمين ۾ توهان لاءِ هر هڪ جو حصو فقط پنهنجي قد آهر آهي، جنهن ۾ هو مٽي سان مليل هوندو ۽ منهن پر پيو رهندو.

اي خدا جا بندؤ ! اڃان بہ هي غنيمت آهي، جو گردن ۾ ڦندو پيل نہ آهي ۽ روح بہ آزاد آهي.

تنهن کان اڳ جو تنگي ۽ دشواري ۽ گهٽ واري جڳهہ ۾ وڃي پئو، ۽ خوف ۽ بيقراري توهان تي ڇانئجي وڃي، ۽ ان کان بہ اڳ، جو موت اچي ڪڙڪي، قادر ( الله تعالي) ۽ غالب جي گرفت ۾ اچي وڃو. سو توهان کي هدايت حاصل ڪرڻ جي فرصت ۽ جسمن جي راحت ۽ مجلسن ۾ گڏ ٿيڻ ۽ زندگي جي باقي مهلت ۽ از سر نو اختيار کان (نيڪ) ڪم وٺڻ جا موقعا ۽ توبهہ جي گنجائش ۽ اطمينان جي حالت ميسر آهي.

سيد رضي فرمائي ٿو. تہ منقول آهي، تہ جڏهن حضرت امير عليہ السلام هيءُ خطبو ارشاد فرمايو، تڏهن سندس بدن لرزڻ لڳو، وار ڪاندار جي ويس، اکين مان ڳوڙها زار و قطار وهڻ لڳا ۽ دل ڌڪڻ لڳي.

ڪي ماڻهو هن خطبہ کي خطبہ غراءَ جي نالي سان ياد ڪن ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 83: عمرو بن عاص جي باري ۾

عمرو بن عاص جي باري ۾ فرمايائين تہ:

نابغہ جي پٽ تي حيرت آهي، جو هو منهنجي باري ۾ شام وارن کي چوندو وتي ٿو تہ مون ۾ ”کل چرچو“ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ۽ آءٌ کيل ۽ تفريح ۾ پيو هوندو آهيان! ليڪن هن غلط چيو، ۽ ائين چئي گنهگار ٿيو، ياد رکو، تہ نهايت بڇڙي ڳالهہ اها آهي، جيڪو ڪوڙ هجي، ۽ هو جيڪا ڳالهہ پاڻ خود ڪري ٿو سا ڪوڙي آهي ۽ جيڪو انجام ڪري ٿو تہ ان جي برعڪس ڪري ٿو، جڏهن پاڻ گهري ٿو، تہ پٺيان لڳو وتي ٿو، ۽ جڏهن ڪائنس گهريو وڃي ٿو، تہ بخل ٿو ڪري، هو عهد شڪني ۽ بي رحمي ٿو ڪري ۽ جنگ جي موقعي تي وڏي شان شوڪت سان اڳتي وڌي هڪلون ٿو ڪري، ۽ حڪم ٿو هلائي.

پر اهو سڀ ڪجهہ تيستائين تلوارون پنهنجي پنهنجي جاءِ تي زور نہ وٺن پر جڏهن اهو وقت ايندو آهي تہ ان جي وڏي مڪاري اها هوندي آهي تہ هو پنهنجي حريف جي اڳيان اگهاڙو ٿي وڃي ٿو.

خدا جو قسم! مون کي تہ موت جي ياد کيڏڻ ڪڏڻ کان پري رکيو آهي ۽ هن کي وري عاقبت جي فراموشي سچ ڳالهائڻ کان روڪي ڇڏيو آهي، هن معاويہ جي بيعت ائين نہ ڪئي آهي پر اڳ ۾ ئي هن کان اهو شرط قبول ڪرايو اٿس تہ کيس ان جو عوض ڏيڻو پوندو، ۽ دين کي ڇڏڻ تي هڪ هديو بہ پيش ڪرڻو پوندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 84: صفات باري تعاليٰ

صفات باري تعاليٰ

آءُ شاهدي ٿو ڏيان تہ ان الله کان سواءِ ٻيو ڪو بہ (معبود ) نہ آهي، جيڪو يڪتا ۽ لا شريڪ آهي، هو اهڙو تہ اول آهي جنهن کان ڪابہ شيءِ پهرين نہ آهي ، هو اهڙو تہ آخر آهي، جنهن جي ڪا (انتها) پڇاڙي نہ آهي هن جي ڪنهن بہ صفت کان شڪ ۽ وسوسا باخبر ٿي نٿا سگهن ۽ هن جي ڪهڙي بہ حالت تي ، دلين جو عقيدو حاوي ٿي نٿو سگهي، نہ هن جا جزا آهن، جن جو تجزيو ڪري سگهجي ۽ نو (وري) دل ۽ اکيون ان جي منزل تائين پهچن ٿيون.

هن خطبي جو هڪ حصو هيءُ بہ آهي.

خدا جا بندؤ! فائدي وارين عبرتن مان نصيحت، هدايت ۽ ڪليل دليلن مان وري عبرت حاصل ڪريو، ۽ اثر واري خوف مان نتيجو حاصل ڪريو، نصيحتن وعظن۽ ذڪرن مان پڻ فائدا وٺو، ڇو جو ائين سمجهڻ گهرجي تہ موت جو چنبو توهان ۾ کپجي چڪو آهي، ۽ توهان جي اميدن ۽ خواهشن جي ٻنڌڻن واريون پٽيون يڪ لخت ٽٽي چڪيون آهن، سختيون توهان تي اچي ڪڙڪيون آهن ۽ (موت جي) گهاٽ تي جتي لهڻو پوندو اهي اوڏانهن توهان کي گهليو پيو وڃي، ۽ هر فرد سان هڪ هڪلڻ وارو ۽ هڪ شاهدي ڏيڻ وارو ٿئي ٿو، هڪلڻ وارو ان کي محشر واري ميدان تائين پيو هڪليندو ويندو ۽ گواه ان جي عملن جي شاهدي ڏيندو.

هن خطبي جو هڪ هيءُ بہ حصو آهي جيڪو جنت جي متعلق آهي

جنت ۾ هڪ ٻئي کان وڌيڪ درجا آهن ۽ جدا جدا معيار واريون منزلون پڻ آهن. نہ انهن جي نعمتن جو سلسلو ٽٽندو ۽ نہ وري انهن ۾ رهندڙن کي ڪوچ ڪرڻو پوندو ۽ نہ وري انهن ۾ هميشہ جي رهڻ وارن کي ڪو پوڙهو ٿيڻو آهي ۽ نہ ان ۾ آباد ٿيڻ وارن کي مسڪيني ۽ محتاجي سان ڪو واسطو پوندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 85: صفات باري تعاليٰ ۽ ان جي عبادت جي ضرورت

صفات باري تعالىٰ ۽ ان جي عبادت جي ضرورت

اهو (الله) دلين جي نيتن ۽ اندر جي رازن کي چاڻي سڃاڻي ٿو، هو هر شيءِ تي حاوي آهي ۽ هر ڳالھ تي غالب آهي ۽ هر شيءِ تي سندس زور هلي ٿو توهان مان جنهن کي بہ ڪي ڪجھ ڪرڻو هجي سو موت اچڻ کان اڳ مهلت وارن ڏينهن ۾ ۽ مصروفيت کان پهريان فرصت وارين گهڙين ۾ ۽ گلي گهٽجڻ کان پهرين ساهہ کڻڻ واري زماني ۾ ڪرڻ گهرجي اهو پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي منزل تي پهچڻ جي لاءِ سامان تيار ڪري وٺي ۽ هن گذر گاهہ مان محشر ۾ بيهڻ واري منزل جي لاءِ ثمر گڏ ڪندو وڃي.

اي انسانو! خدا پنهنجي ڪتاب ۾ جن شين جي حفاظت توهان کان گهري آهي ۽ جيڪي بہ حق توهان جي ذمي ڪيا آهن تن جي باري ۾ الله کان ڊڄندا رهو، ڇو تہ الله سبحانہ توهان کي بيڪار پيدا نہ ڪيو آهي ۽ نہ وري هن توهان کي ڇڙواڳ جهالت ۽ گمراهي ۾ ڪليل ڇڏي ڏنو آهي، هن توهان جي ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ جوڳا چڱا ۽ بڇڙا ڪم تجويز ڪري ڇڏيا، ۽ (رسول جي ذريعي) سيکاري ڇڏيا آهن هن توهان جون عمريون لکي ڇڏيون آهن ۽ توهان ڏي اهڙو ڪتاب موڪليو آهي جنهن ۾ هر شيءِ جو ڪليل بيان ڪيل آهي پنهنجي پيغمبر کي حياتي ڏئي مدتن تائين توهان جي وچ ۾ رهايائين تانجو هن پنهنجي نازل ڪيل ڪتاب ۾ پنهنجي نبي ۽ توهان جي لاءِ ان دين کي جيڪو هن کي پسند آهي ، ڪامل ڪيائين پڻ ان جي زبان سان وڻندڙ ۽ نہ وڻندڙ فعلن ( جا تفصيل ) ۽ پنهنجي امر ڪرڻ ۽ منع ڪرڻ واريون حقيقتون توهان تائين پهچايائين هن پنهنجا دليل (۽ ثابتيون) توهان جي سامهون رکيا ۽ توهان تي پنهنجي حجت قائم ڪري ڇڏي، ۽ شروع کان ئي ڊيڄاريائين ۽ ڌمڪايائين ۽ پڻ (اچڻ واري) سخت عذاب کان خبردار ڪيائين تہ پوءِ هاڻي توهان پنهنجي حياتي جي باقي ڏينهن ۾ (اڳين ڪوتاهين جو ) تدارڪ ڪريو ۽ پنهنجي نفسن کي انهن ڏينهن (جي تڪليفن) لاءِ سهندڙ ۽ صابر ڪريو ان ڪري جو اهي ڏينهن تہ انهن ڏينهن جي مقابلي ۾ نهايت ٿورا آهن، جيڪي توهان غفلتن ۾ گذاريا آهن ۽ وعظ ۽ نصيحت کان بي رخي ۾ ڪٽجي ويا پنهنجي نفس لاءِ جائز ڳالهين ۾ بہ ڍر نہ ڏيو نہ تہ اها ڍر توهان کي ظالمن واري راهہ تي آڻيندي ۽ (مڪروهات ۾ بہ ) آرام طلبي ۽ سستي کان ڪم نہ وٺو، ورنہ اهو نرم رويو ۽ بي پرواهي توهان کي گناهن جي طرف ڌڪي وٺي ويندي.



Presented by Ziaraat.Com

الله جا بندؤ ! توهان مان اهو ئي سڀ کان وڌيڪ پنهنجي نفس جو خير خواهه آهي جيڪو پنهنجي الله جو سيني کان وڌيڪ تابعدار ۽ فرمانبردار آهي، ۽ اهو ئي سڀ کان زياده پنهنجي نفس کي فريب ڏيڻ وارو آهي، جيڪو پنهنجي الله جو سڀ کان زياده گنهگار آهي، اصلي ڏوڪي ۾ آيل اهو آهي، جنهن پنهنجي نفس کي ڏوڪو ڏئي نقصان ۾ وڌو ۽ پڻ ريس ۽ رشڪ ڪرڻ جي لائق اهو آهي، جنهن جو دين محفوظ رهيو، ۽ نيڪ بخت اهو اهي جنهن ٻين کان نصيحتون ۽ هدايتون پرايون ۽ بدبخت اهو آهي جيڪو هواۓ هوس جي چڪر ۾ ڦئجي ويو ۽ ۽ ياد رکو! ته (ٿورڙو ريا) يعني ڏيکاءُ ۽ بناوٽ ۽ ڪوڙ به شرڪ آهي، ۽ هوس پرستن جي سنگت صحبت، ايمان کي وسارڻ واري منزل ۽ شيطان جي اچڻ جو هنڌ آهي. ڪوڙ کان پاڻ بچايو ! ان ڪري جو اهو ايمان کان جدا آهي . سچ ڳالهائڻ وارو نجات ۽ بزرگي جي بلندين تي آهي، ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ وارو پستي ۽ ذلت جي ڪناري تي آهي پاڻ ۾ حسد نه ڪريو، ان ڪري جو حسد ايمان کي اهڙي طرح کائي وڃي ٿو، جهڙي طرح باهه ڪاٺي کي. ڪينو ۽ بغض به نه رکو، ان ڪري جو هو (نيڪين کي) ڇلي ٿو، ۽ اهو به سمجهو ته اميدون عقلن تي غلطي جو ۽ الله جي ياد تي ويساري جو پردو وجهي ڇڏين، اميدن کي ڪوڙو ڪريو، ان ڪري جو اهي سراسر ڏوڪو آهن ۽ اميد ڪرڻ وارو ڏوڪي ۾ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 86: اهل علم ۽ تقويٰ جو تعارف ۽ مصنوعي علماء جي شناخت

اهل علم ۽ تقوىٰ جو تعارف ۽ مصنوعي علماء جي شناخت

الله جا بندؤ! الله کي پنهنجن بندن مان سيني کان وڌيڪ اهو بندو پسند آهي، جنهن کي الله تعالىٰ نفس جي خلاف ورزي ڪرڻ جي طاقت ڏني آهي، جنهن جو اندروني لباس ڏک، غم، فڪر ۽ بيروني پوشاڪ خوف آهي، (يعني غم ۽ ڏک ان کي ڇهتيل رهي ٿو ۽ خوف ان تي غالب رهي ٿو ) هن جي دل ۾ هدايت جو چراغ روشن آهي ۽ اچڻ واري ڏينهن جي مهماني جو هن تهيو ڪري ڇڏيو آهي، (موت کي ) جيڪو پري آهي، تنهن کي هو ويجهو ٿو سمجهي . سختين ۽ تڪليفن کي پنهنجي لاءِ آسان سمجهي ٿو، (هو جيڪي ) ڏسي ٿو، تہ بصيرت ۽ معرفت ٿو حاصل ڪري، (الله کي) ياد ٿو ڪري، تہ عمل ڪرڻ تي تري بيهي ٿو، (اهو شخص سرچشمۂ هدايت جو) مٺو ۽ لذيذ پاڻي پي سيراب ٿيو آهي، جنهن جي گهاٽ تائين (الله جي رهنمائي سان ) هو آساني سان پهچي ويو آهي. ان پهرين دفعي ڪنا تار پي ڇڏيو آهي، ۽ سنئين راهه تي هلي رهيو آهي ، شهوتن جو لباس لاهي اڇليو اٿس . (دنيا جي) سيني ڳڻتين کان بي فڪر ٿي رڳو هڪ ئي ڏن ۾ لڳل آهي، هو گمراهيءَ جي حالت ۽ نفس پرستن واري هوس ۽ حصي وٺڻ کان پري ٿو گذاري. هو هدايتن جا در کولڻ ۽ گمراهي ۽ هلاڪت جا دروازا بند ڪرڻ جو سبب بڻجي چڪو آهي. ان پنهنجو رستو ڏسي ڇڏيو آهي، جنهن تي تيز رفتاريءِ سان هلي رهيو آهي. (هدايت جي ) مناري کي سڃاتو اٿس ۽ تيز لهرن کي طئي ڪري ان تائين پهچي ويو آهي، محڪم وسيلن ۽ مضبوط سهارن کي قابو ڪيو اٿس، هو يقين جي سببان اهڙي روشني ۾ آهي، جيڪا سج جي سوجهري وانگر آهي، هو فقط الله تعالي جي خاطر سڀ کان وڏي مقصد کي پوري ڪرڻ جي لاءِ اٿي کڙو ٿيو آهي، تہ هر مشڪل کي، جيڪو هن جي سامهون ٿئي، تنهن کي مناسب طريقي سان حل ڪري، هر ٽاري کي ان جي اصل ۽ بنياد ڏي موڪلي، هو اونداهين ۾ روشني پکيڙڻ وارو ، مشڪوڪ ڳالهين کي نبيرڻ وارو، منجهيل مسئلن کي سلجهائڻ وارو، مشڪلاتن کي دور ڪرڻ وارو، برپٽ بيابانن ۾ رستن ڏيکارڻ وارو آهي. هو ڳالهائي ٿو، تہ چڱي طرح سمجهائي ٿو، ۽ هو ماٺ ڪري

ٿو ان وقت جڏهن خاموشي ۾ رهڻ سلامتي جو ذريعو آهي. هن هر ڪم الله جي خوشنودي لاءِ ڪيو آهي تہ پوءِ الله تعاليٰ بہ هن کي پنهنجو بڻائي ڇڏيو آهي. هو الله جي دين جو خزانو ۽ ان جي زمين ۾ لڳل



Presented by Ziaraat.Com

ڪلي وانگر آهي. هن پنهنجي لاءِ عدل کي لازم ڪيو آهي جيئن ته هن جي عدل جو پهريون قدم خواهشن کي پنهنجي نفس کان پري رکڻ آهي. حق کي بيان ڪري ٿو ۽ ان تي عمل به ڪري ٿو. ڪا نيڪي جي حد اهڙي نه آهي جنهن جو هن ارادو نه ڪيو هجي ۽ ڪا جڳهه اهڙي ناهي جتي نيڪي جو امڪان هجي ۽ (تنهن جو) هن قصد نه ڪيو هجي. هن پنهنجي واڳ قرآن جي هٿن ۾ ڏئي ڇڏي آهي. اهو ئي سندس رهبر ۽ اهو ئي سندس پيشوا آهي. جتي قرآن جو ڳرو سامان لهي ٿو، اتي هن جو به سامان لهي ٿو ۽ جتي قرآن جي منزل ٿئي ٿي اتي هي به منزل انداز ٿئي ٿو. (هن کان سواءِ) هڪ ٻيو به شخص هوندو آهي، جنهن (زبردستي) پنهنجو نالو عالم رکيو آهي حالانڪ هو عالم نه آهي. هن جاهلن ۽ گمراهن ( جي صحبتن) ۾ جهالتن ۽ گمراهين کي گڏ ڪيو آهي ۽ ماڻهن جي لاءِ مڪر ۽ فريب جا ڦندا ۽ غلط سلط ڳالهين جي ڄار وڇائي رکي آهي. قرآن کي پنهنجي راءِ تي ۽ حق کي پنهنجن خواهشن تي موڙي ٿو. نهايت سنگين ڏوهن جو خوف ماڻهن جي دلين مان ڪڍي ٿو ڇڏي ۽ ڪبيره گناهن جي اهميت کي گهٽ ڪري ٿو. چوي ته ائين ٿو ته آءُ شڪن شبهن کان پاڻ روڪيان ٿو حالانڪ هو اُنهن ۾ (غرق ٿيو) پيو آهي. سندس چوڻ آهي ته آءُ بدعتن کان جدا ۽ پري رهان ٿوجيتوڻيڪ سندس اٿڻ ويهڻ انهن ۾ ئي آهي، هن جي شڪل ته انسانن جهڙي آهي پر هن جي دل حيوانن جهڙي آهي نه ڪيس هدايت جي دروازي جي خبر آهي، جو اوستائين اچي سگهي ۽ گمراهيءَ جو دروازو سڃاڻي ٿو جنهن کان پنهنجو مُنهن موڙي سگهي. هي ته جيئرن ۾ (گهمندڙ ڦرندڙ) لاش آهي. پوءِ هاڻي توهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو ۽ توهان کي ڪيڏانهن پيو موڙيو وڃي؟ حالانڪ هدايت جا جهنڊا ته بلند، نشان ظاهر ۽ روشن آهن ۽ حق سچ جا منارا نصب ڪيل آهن ۽ توهان کي ڪهڙي پاسي گمراه ڪيو پيو وڃي ۽ ڇو هيڏانهن هوڏانهن در بدر ٿي رهيا آهيو؟ جڏهن ته توهان جي نبي جي عترت (اطهار) توهان جي اندر موجود آهي. جيڪي حق جون واڳون دين جا جهنڊا ۽ سچائيءَ جون زبانون آهن جيتري قرآن جي بهتر کان بهتر منزل سمجهي سگهو اتي انهن کي به جاءِ ڏيو ۽ اڃايل اٺن وانگر انهن جي هدايت واري سر چشمي تي لهي پئو!

اي انسانؤ! خاتم النبيين صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي، ان ارشاد کي ٻڌو، جيڪو فرمايو (اُٿن ته) اسان مان جيڪو به مري ٿو، سو مئل نه آهي ۽ اسان مان (جيڪو به بظاهر مري) بوسيده ٿو ٿئي، سو در اصل ڪڏهن به ڳري نٿو سڙي. جيڪي ڳالهيون توهين نٿا ڄاڻو، تن جي باري ۾ زبان مان ڀڙڪ به نه ڪيو. ان ڪري جو حق جو وڏو حصو انهن ئي ڳالهين تي ٿئي ٿو، جن کان توهين بي خبر هوندا آهيو. (جنهن شخص جي حجت پوري ٿيل هجي) ۽ توهان جي ڪاٻم حجت مٿس پوري ٿيل نه هجي، تنهن کي عذر يا بهانو سمجهو ۽ اهو آءُ آهيان. ڇا ! مون توهان جي سامهون ثقل اڪبر (وڏي بار واري) قرآن مجيد تي عمل



Presented by Ziaraat.Com

نہ ڪيو ۽ ثقل اصغر (اهل بيت) کي توهان ۾ نہ ڇڏيو! مون توهان جي وچ ۾ ايمان جو جهنڊو نصب ڪيو، حلال ۽ حرام جون حدون ٻڌايم ۽ پنهنجي عدل سان توهان کي سلامتي، نيڪي، ڀلائي جون پوشاڪون پارايم ۽ پنهنجي قول ۽ عمل سان نيڪ ۽ سهڻي سلوڪ جو فرش توهان لاءِ وڇائي ڇڏيم. پاڻ توهان سان سدائين پاڪيزه اخلاق سان پيش آيس. ( تہ پوءِ توهان جي) نگاهہ جنهن بہ ڳالهہ جي اونهائين تائين نہ پهچي سگهي ۽ غور فڪر جون جولانيون عاجز رهن، تنهن ۾ پنهنجي راءِ زني نہ ڪريو.

هن خطبي جو هيءُ بہ هڪ حصو بني اميہ جي باري ۾ آهي:

ايتري قدر جو گمان ڪرڻ وارا اهو گمان ڪندا تہ بس هاڻي دنيا بني اميہ جي دامن سان ئي ٻڌل رهندي ۽ انهن کي ئي پنهنجا سمورا فائدا بخشيندي رهندي ۽ انهن کي ئي پنهنجي صاف چشمي تي سيراب ٿيڻ لاءِ لاهيندي رهندي ۽ هن امت جي (گردن تي) انهن جي تلوار ۽ (پشت تي) چهبڪ سدائين رهندو، جيڪو اهو خيال ڪندو، سو غلط خيال ڪندو، بلڪ هي تہ زندگيءَ جي مزن مان ڪي ٿورا ماکي جا قطرا آهن، جن کي ڪجهہ دير تائين هو چوسيندا ۽ آخر ۾ سيئي ٿوڪاري ڇڏيندا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 87: خود رائي تي تنبيه ۽ ملامت

خود رائي تي تنبيھ ۽ ملامت

الله تعاليٰ جي حمد کان پوءِ واضح هجي تہ:

الله تعاليٰ زماني جي ڪنهن بہ سرڪش جو ڪنڌ ايستائين نہ ڀوڙيو جيستائين ان کي مهلت ۽ وٿي نہ ڏنائين ۽ ڪنهن بہ امت جي هڏي کي ايستائين نہ جوڙيائين جيستائين ان کي تڪليفہ سختيہ آزمائش ۾ نہ وڌائين. جيڪي مصيبتون توهان تي اچڻ واريون آهن ۽ جن سختين مان توهان گذري چڪا هجوہ تن مان ٿوريون بہ عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. هر هڪ دل رکڻ وارو صاحبہ عاقل نٿو ٿئي ۽ نہ وري هر هڪ ڪنن وارو ٻڌندڙ ٿئي ٿو ۽ نہ هر هڪ اکين وارو بينا هوندو آهي. مون کي حيرت آهي ۽ ڪيئن نہ حيرت ٿئي انهن فرقن جي خطائن تيہ جن پنهنجي دين جي حجتن ۾ اختلاف پيدا ڪيا آهن. جيڪي نڪو نبي جي قدمن جي نشانن تي هلن ٿا ۽ نہ وصي جي عمل جي پيروي ڪن ٿاہ نہ غيب تي ايمان آڻين ٿا ۽ نہ عيب کان دامن بچائين ٿا. شڪ شبهن وارين ڳالهين تي انهن جو عمل آهي ۽ پنهنجي خواهشن واري واھ تي هلندا وتن ٿا. جنهن ڳالھ کي هو چڱو ٿا سمجھنہ انهن جي نزديڪ بس اها ئي سٺي آهي ۽ جنهن ڳالھ کي هو برو ٿا سمجھن بس انهن وٽ اها ئي بري آهي. هنن منجهيل ڳنڍيل کي سلجهائڻ لاءِ پنهنجي نفسن تي اعتماد ڪري ورتو آهي. هو شڪي معاملن ۾ پنهنجي راءِ تي ڀروسو ڪن ٿاہ ڄڻ تہ انهن مان هر شخص پاڻ پنهنجو امام آهي ۽ هن پنهنجي جيڪا راءِ قائم ڪري ورتي آهي تنهن بابت سمجهي ٿو تہ ان کي هن اطمينان بخش وسيلن ۽ مضبوط ذريعن سان حاصل ڪري ورتو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 88: بعثت حضرت محمد مصطفيٰ صلي اللہ عليہ وآلہ وسلم

بعثت حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم

الله تعاليٰ پنهنجي پيغمبر کي ان وقت موڪليو، جڏهن رسولن جي آمد جو سلسلو رڪيل هو ۽ سيئي امتون ڪيتري مدت کان ننڊ ۾ ستل هيون. فتنا فساد ٿي رهيا هئا. سموريون ڳالهيون بي اتفاقي ۾ هيون. جنگ جا شعلا پئي دکيا. گويا دنيا بي رونق ۽ بي نور هئي ۽ ان جا فريب، ڌوڪا، چالاڪيون عام کليل هيون. ان وقت ان جي پنن ۾ پيلاڻ ڦري رهي هئي ۽ ميون (ملڻ) کان نا اميدي هئي. پاڻي زمين ۾ تهہ نشين ٿي چڪو هو. هدايت جو منارو ڊهي چڪو هو. تباهي ۽ گمراهي جا جهنڊا کليل هئا ۽ دنيا وارن جي سامهون (دنيا) غضب ۽ ڪاوڙ جو مظاهرو ڪري رهي هئي، جنهن جو ميوو، فتنو فساد هو ۽ ان جي غذا مردار هئي. اندر وارو ويس خوف ۽ ٻاهر وارو لباس تلوار هئي. الله جا بندؤ! عبرت حاصل ڪريو ۽ انهن (برن ڪرتوتن) کي ياد ڪريو جن ( جي نتيجن) ۾ توهان جا پيءُ، ڀائر قابو ڪيا پيا آهن ۽ جن تي انهن کان حساب ٿيڻ وارو آهي. مون کي پنهنجي زندگيءَ جو قسم! تہ توهان جو زمانو انهن جي زماني کان گهڻو پوئتي پيل نہ آهي ۽ نہ وري انهن جي ۽ توهان جي وچ ۾ ڪو صدين ۽ زمانن جو فاصلو آهي. توهان اڄا ان ڏينهن کان پري نہ ٿيا آهيو جڏهن توهان بہ انهن جي صلبن (پشت) ۾ هئا. خدا جو قسم تہ رسول جيڪي ڳالهيون انهن جي ڪنن تائين پهچايون هيون اهي ئي ڳالهيون اڄ بہ توهان کي ٻڌائي رهيو آهيان ۽ جيڪي انهن کي ٻڌايو ويو هو، توهان کي بہ ان کان گهٽ نٿو ٻڌايو وڃي. جهڙي طرح (ان وقت) انهن جون اکيون کوليون ويون هيون ۽ دليون ٺاهيون ويون هيون، تهڙيءَ طرح هاڻي بہ توهان کي اهڙيون ئي اکيون ۽ دليون ڏنيون ويون آهن.

خدا جو قسم! تہ ان کان پوءِ توهان کي ڪا اهڙي نئين ڳالھ نہ ٻڌائي وئي آهي جنهن کان اهي بي خبر رهيا هجن ۽ ڪا بہ اهڙي خاص شيءِ توهان کي نہ ڏني وئي آهي جنهن کان هو محروم رهيا هجن.

هائو! توهان تي هڪ اهڙي مصيبت پيش اچي وئي آهي (جيڪا ان ڏاچي وانگر آهي) جنهن جي ناڪيلي ڍڳهي ۽ ڍري آهي ۽ سندس تنگ بہ ڍرو ٿي ويو آهي. ( جا ڪٿي نہ ڪٿي هلي ٺوڪر کائيندي)، ياد رکو!



Presented by Ziaraat.Com

اھڙن فريبن ۾ ڦاٿل ماڻھن جو ڏيڍيو ۽ تاھ توھ توھان کي برغلائي نہ ڇڏي ان ڪري جو ھي ھڪ پڪڙيل پاڇو آھي جنھن جي وقت جي حد مقرر ڪيل آھي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 89: صفاتِ باري تعاليٰ

صفاتِ باري تعاليٰ

سڀ ڪا تعريف ان الله تعاليٰ جي لاءِ آهي جيڪو ڏسڻ کان سواءِ ڄاتل سڃاتل آهي. جيڪو سوچ ويچار ڪرڻ کان سواءِ پيدا ڪرڻ وارو آهي. هو ان وقت به دائم ۽ برقرار هو، جڏهن نه برجن وارو آسمان هو ۽ نه بلند دروازن وارا پردا هئا نه اونداهيون راتيون هيون، نه بيٺل سمنڊ، نه ڊگهن ويڪرن رستن وارا جبل، نه آڏيون ٽيڏيون پهاڙي راهون ۽ نه هي وڇايل فرش جهڙي زمين هئي ۽ نه ڪنهن زور طاقت رکڻ واري مخلوق هئي. هو ئي مخلوقات کي پيدا ڪرڻ وارو ۽ ان جو وارث آهي ۽ هي ڪائنات جو معبود ۽ ان جو رازق آهي. سج ۽ چنڊ ان جي منشا مطابق ( هڪ قانون تي) (پنهنجي محور تي) وڏي وڄڻ جي سرتوڙ ڪوشش ۾ رڌل آهن جيڪي هر نئين شيءِ کي پراڻو ۽ پري وارين شين کي ويجهو ڪن ٿا. هن سڀ ڪنهن جي روزي تقسيم ڪري ڇڏي آهي. هو سڀ جي عمل ۽ ڪردار ۽ پساهن جي شمار کي به ڄاڻي ٿو. هن لڪل نگاهن ۽ سيني ۾ ڳجهين نيتن پشت (صلب) ۾ انهن جي ٺڪاڻن ۽ پيٽ ۾ انهن کي سونپيل جاين جي حد بندي ڪري ڇڏي آهي. ايستائين جو انهن جون عمريون پنهنجي حد ۽ انتها تائين پهچي وڃن. هو اهڙي ذات (باري تعاليٰ) آهي جو پنهنجي رحمتن جي وسعتن هئڻ جي باوجود سندس عذاب دشمنن تي سخت آهي ۽ عذاب جي سختين جي باجود دوستن جي لاءِ سندس رحمت وسيع آهي. جيڪو ان کي دٻائڻ چاهي تنهن تي غالب ٿيڻ وارو آهي ۽ جيڪو ان سان مقابلو ڪرڻ چاهي ته پوءِ ان کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ وارو آهي ۽ جيڪو هن جي مخالفت ڪندو تنهن کي خوار ۽ ذليل ڪرڻ وارو آهي ۽ جيڪو ان سان دشمني رکندو تنهن تي غالب ٿيڻ وارو آهي ۽ جيڪو مٿس ڀروسو ڪري ٿو ته پوءِ هو اُن لاءِ ڪافي آهي ۽ جيڪو اُن کان جيڪي گهري ٿو، تنهن کي اُهو ئي ڏئي ٿو ڇڏي ۽ جيڪو ڪيس قرض (سندس راهه ۾ خرچ ڪري ٿو) ڏئي ٿو، تنهن کي هو ادا ٿو ڪري. جيڪو شڪر ڪري ٿو تنهن کي عيوضو ٿو ڏئي.

الله جا بندؤ! پنهنجن نفسن کي تورجڻ کان پهرين توري ڇڏيو ۽ حساب (ڪتاب) ٿيڻ کان پهرين پنهنجو حساب پاڻ ڪري وٺو. ڳچي جي ڦاهي، سوڙهي (سڪرات) ٿيڻ کان پهرين اُن مان، پساهه کڻي وٺو ۽ سختيءَ سان (قيامت ۾) هڪلجڻ کان پهرين مطيع ۽ فرمانبردار ٿي وڃو ۽ ياد رکو! ته جنهن کي به پنهنجي نفس لاءِ



Presented by Ziaraat.Com

اها توفيق نہ هوندي تہ هو خود پنهنجو پاڻ کي نصيحت ۽ هدايت ڪري ۽ پنهنجن برائين تي پنهنجو پاڻ کي تنبيھ ڪري تہ پوءِ (اهڙي حالت ۾) ڪنهن بہ ٻئي جي نصيحت ان تي اثر ڪري نہ سگهندي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 90: خطبہ اشباح

)امير المومنين جو بهترين ۽ مشهور خطبو(

هيءُ خطبو " خطبہ اشباح" جي نالي سان مشهور آهي ۽ هن کي جليل ترين خطبات مان شمار ڪيو وڃي ٿو. اصل حقيقت هيءُ آهي تہ ڪنهن شخص حضرت امير عليہ السلام کي عرض ڪيو تہ توهان الله تعاليٰ جي اهڙي طرح تعريف بيان ڪري ٻڌايو، جو گويا ائين معلوم ٿئي تہ اسين ان کي ڏسي رهيا آهيون، جنهن تي حضرت غضبناڪ ٿي فرمايو تہ:

سيڪا تعريف ان الله تعاليٰ جي لاءِ آهي جيڪو فيض ۽ عنايتن جي روڪڻ سان مالدار نٿو ٿئي ۽ سخاوت ۽ عطا ڪرڻ سان ڪڏهن بہ ڪمزور ۽ لاچار نٿو ٿئي. ان ڪري جو هن کان سواءِ ٻئي هر ڪنهن ڏيندڙ وٽ خيرات ۽ فياضي ڪرڻ سبب ڪمي ٿئي ٿي ۽ هٿ روڪڻ تي ان کي برو سمجهيو وڃي ٿو. هو فائدي بخشڻ وارين نعمتن ۽ عطين جي گهٽائي( ۽ رزقن جي تقسيم) سان احسان مند بنائڻ وارو آهي. سموري مخلوق سندس ڪنبو (عيال) آهي. هي سيني جي رزق جو ذمو کنيو آهي ۽ سيني جي روزي مقرر ڪري ڇڏي اٿس. هن پنهنجي سائلن ۽ نعمتن جي طلبگارن لاءِ رستو کولي ڇڏيو آهي. هو نہ گهرڻ واري تي بہ ايترو ڪريم آهي جيترو گهرڻ واري تي. هو اهڙو اول آهي جنهن کان ڪوبہ پهرين نہ آهي. يا جنهن کان پهرين ڪا شيءِ موجود هجي ۽ اهڙو تہ آخر آهي جنهن لاءِ بعد آهي ئي ڪانہ. جنهن کان پوءِ بہ ڪنهن شيءِ جو فرض ڪري سگهجي. هو اکين جي ماڻڪين کي (پري کان ئي) روڪڻ وارو آهي تہ متان اهي کيس حاصل ڪري سگهن يا سندس حقيقت معلوم ڪري سگهن. هن تي زماني جا مختلف دور نٿا گذرن تہ جيئن ان جي حالتن ۾ ڪابہ تبديلي ۽ بدلجڻ پيدا ٿئي. هو ڪهڙي بہ جاءِ تي نہ آهي جو هن جو اچڻ وڃڻ صحيح ٿي سگهي. جيڪڏهن هو سون ۽ چاندي جهڙن نفيس ڌاتن، جن کي جبلن جون کاڻيون، (وڏا وڏا) ساھ کڻي اڇلائن ٿيون ۽ پکڙيل موتي ۽ مرجان جون وڏيل شاخون جن کي سمنڊ جون سپون کلندي ڪڏندي اوڳاڇين ٿيون، سي بخشي ڇڏي، تہ سندس بخشش ۽ سخاوت تي ڪوبہ اثر نٿو پوي ۽ نہ سندس دولت ائين ڪرڻ سان ڪا ختم ٿي سگهي ٿي. پوءِ بہ ان هوندي بہ وٽس انعامن اڪرامن جا ايترا تہ ذخيرا موجود رهندا جن کي ماڻهن جي طلب ختم ڪري نہ سگهندي. ان ڪري جو هو اهڙو تہ فياض آهي جنهن کي سوالن جو پورو ڪرڻ مفلس نٿو بنائي سگهي ۽ هن کي ٻاڏائي، عاجزيون ڪندڙن جون حد کان وڌيڪ التجائون بہ بخل تي آماده نٿيون ڪري سگهن. اي (الله جي صفتن کي)



Presented by Ziaraat.Com

پڇڻ وارؤ، ڏسو! تہ جن صفتن بابت توهان کي قرآن ڏس ڏنو آهي (تنهن ۾) توهين ان جي پيروي ڪريو ۽ ان جي هدايت واري نور کان روشن عمل ڪندا رهو ۽ جيڪي ڳالهيون قرآن مطابق واجب نہ آهن ۽ نہ وري سنت پيغمبر ۽ آئمہ هديٰ ۾ انهن جو ڪو نالو نشان آهي ۽ فقط شيطان ئي انهن جي ڄاڻڻ جي توهان کي زحمت ڏني آهي تہ ان جو علم الله وٽ ئي رهڻ ڏيو ۽ اها ئي توهان تي الله جي حق جي آخري حد آهي. ۽ هن ڳالهہ کي ياد رکو تہ علم ۾ راسخ ۽ مضبوط ماڻهو اُهي ئي آهن جيڪي غيب جي پردن ۾ لڪل سيني ڳالهين جو اجمالي طور تي اقرار ڪن ٿا (۽ انهن تي اعتقاد رکن ٿا) جيتوڻيڪ انهن جو تفصيل ۽ تفسير نٿا ڄاڻن ۽ اهو ئي اقرار انهن کي غيب تي پيل پردن ۾ داخل ٿيڻ کان بي نياز بڻائي ٿو ۽ الله ان ڳالهہ تي انهن جي تعريف ڪئي آهي تہ جيڪا شيءِ انهن جي علم جي دائري کان ٻاهر آهي ان تائين پهچڻ کان پنهنجي ڪمزوري جو اقرار ڪن ٿا ۽ الله تعاليٰ جنهن ڳالهہ جي حقيقت کان بحث ڪرڻ جي تڪليف نہ ڏني آهي تنهن ۾ غور ڪرڻ وارن ڪوشش کي ترڪ ڪرڻ جو نالو ئي "رسوخ" رکيو آهي. بهر نوع بس! انهي تي ئي ڪفايت ڪريو ۽ پنهنجي عقل (۽ معمولي ڄاڻ) جي پيماني مطابق الله جي عظمت ۽ شان کي محدود نہ بڻايو ورنہ توهان جو شمار هلاڪ ٿيڻ وارن ۾ ٿيندو.

هو اهڙو قادر آهي جو جڏهن بہ ان جي قدرت جي انتها معلوم ڪرڻ لاءِ وهم يا گمان پنهنجا تير هلائي ٿو ۽ فڪر هر طرح جي وسوسن جي سوچ ويچار کان آزاد ٿي، ان جي حڪومت واري پادشاهي جي اونهن رازن کان آگاهہ ٿيڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿو ۽ دليون ان جي صفتن جي ڪيفيتن سمجهڻ لاءِ شوق سان ڊڪن ٿيون ۽ ذاتِ الاهي کي ڄاڻڻ لاءِ عقلن جي تلاش ۽ ڳولا واريون راهون بيان جي حد کان گهڻو پري تائين هليون ويون هجن تہ پوءِ الله تعاليٰ ان وقت جڏهن اهي غيب جي اونداهين وارن کڏن ۽ غارن کي عبور ڪري رهيون هجن تڏهن انهن سيني کي (ناڪاميابين سان) موٽائي واپس ٿو ڪري. نيٺ جڏهن اهي ڊِڪو کائي موٽن ٿا تہ انهن کي اهو اعتراف ڪرڻو پوي ٿو تہ اهڙي آوارگي، بد چلني سان هن جي معرفت جي ڳولا، ڪا خبر يا نشان بابت ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهجي ۽ نہ وري فڪر ڪندڙن جي دلين ۾ هن جي عزت، شان شوڪت ۽ جلال بابت ذري جيترو بہ شڪ يا گمان اچي سگهي ٿو. هو اهو ئي آهي جنهن مخلوقات کي ايجاد ڪيو بغير ان جي ڪو پيو مثال پنهنجي سامهون رکيائين ۽ سواءِ ان جي تہ پاڻ کان پهرين ڪنهن ٻئي خالق ۽ معبود جي بنايل شين جو خاڪو يا نقل اتاريو هجيس. هن پنهنجي قدرت جي بادشاهت ۽ انهن عجيب و غريب شين جي وسيلي سان جن مان سندس حڪمت ۽ دانائيءَ جا آثار (گويا) پنهنجي زبان سان پڌائي رهيا آهن ۽ مخلوق جي ان اعتراف سان تہ هو پنهنجي رڪجڻ ۽ ترسڻ ۾ الله تعاليٰ جي ئي سهاري جو محتاج آهي. اسان کي اُهي شيون پڻ ڏيکاريون اٿس، جن زبردستي، جبر سان



Presented by Ziaraat.Com

دليل قائم ٿيڻ جي دپاءُ سان، سندس معرفت جي طرف اسان جي رهنمائي ڪئي آهي ۽ سندس پيدا ڪيل عجيب و غريب شين ۾ سندس صنعت جا نقش و نگار ۽ حڪمت جون نشانيون ۽ آثار ڪليل ۽ ظاهر آهن. اهڙي طرح هر مخلوق سندس هڪ حجت ۽ ثابتي بڻجي وئي آهي. چاهي اها خاموش مخلوق ڇو نہ هجي. پر الله جي تدبير ۽ ڪار سازيءَ جو هڪ ٻوليندڙ دليل آهي ۽ صانع جي هستي طرف سندس رهنمائي ثابت ۽ برقرار آهي.

آءٌ گواهي ڏيان ٿو تہ جنهن توکي تنهنجي ئي مخلوق مان، ان جي عضون جي ڌار ڌار ٿيڻ ۽ تنهنجي حڪمت جي ڪارسازين سان گوشت ۽ کل ۾ ڍڪيل، ان جي سنڌن جي جوڙن جي ملڻ سان تشبيهہ ڏني، تنهن پنهنجي لڪل ضمير کي تنهنجي معرفت سان وابستہ نہ ڪيو ۽ ان جي دل کي اهو يقين ڇهي بہ نہ سگهيو تہ تنهنجو ڪو بہ شريڪ نہ آهي. گويا هن (شخص) پنهنجي پيروي ڪندڙ جو اهو قول نہ ٻڌو، جيڪي پنهنجي مرشدن کان بيزار ٿيندي ائين چوندا تہ " خدا جو قسم" تہ اسين تہ بلڪل هڪ کليل گمراهي ۾ هئاسون. جڏهن توهان کي اسين ساري جهان جي پالڻهار جي برابر ڄاڻندا هئاسون. اهي ماڻهو ڪوڙا آهن جيڪي توکي پين جي برابر سمجهي پنهنجن بتن سان تشبيهہ ڏين ٿا ۽ پنهنجي گمان ۾ توتي مخلوقات واريون صفتون ٿا مڙهين ۽ پنهنجي خيال ۾ اهري طرح تنهنجا حصا تقسيم ڪن ٿا جهڙي طرح مجسم شين جا سنڌ ڌار ڌار ڪيا وڃن ٿا ۽ پنهنجن عقلن جي سمجهہ مطابق، توکي جدا جدا قوتن واري مخلوقات تي تصور ڪن ٿا.

)اي خدا) آءٌ شاهدي ٿو ڏيان تہ جنهن توکي تنهنجي مخلوق مان ڪنهن ٻئي جي برابر ڄاتو تنهن تنهنجو همسر بنائي ورتو ۽ تنهنجو همسر بنائڻ وارو تنهنجي ڪتاب جي مضبوط آيتن جي مضمونن ۽ انهن جي حقيقتن جو جن کي تنهنجي طرفان روشن دليل ظاهر ڪري رهيا آهن، سو منڪر آهي. تون اهو الله آهين جو عقلن جي دائري ۾ اچي نٿو سگهين. (جيڪو هنن جي) سوچ ۽ ويچار جي چپيٽ ۾ اچي، ڪيفيتن کي قبول ڪري ۽ نہ انهن جي غور ۽ فڪر جي دوڙن دڪن ۾ تون سمائجي ٿو سگهين؟ جو تون محدود ٿي، هنن جي فڪري دست اندازي جو پابند بڻجي سگهين.

هن ئي خطبي جو هڪ حصو هيءُ بہ آهي:

هن جيڪي بہ شيون پيدا ڪيون آهن تن جو هڪ طريقو ۽ ڍنگ رکيائين، جيڪو مضبوط ۽ پڪو آهي ۽ انهن جو انتظام بہ ڪيائين جيڪو عمدو ۽ پاڪيزه آهي ۽ انهن کي پنهنجن جاين تي اهڙي طرح



Presented by Ziaraat.Com

لڳائين جو نہ اهي پنهنجي آخري منزل جي حدن کان اڳتي وڌن ٿيون ۽ نہ وري آخري منزل تائين پهچڻ ۾ ڪوتاهي ڪن ٿيون. جڏهن انهن کي الله جي ارادي تي هلڻ جو حڪم ڪيو ويو تڏهن انهن سرڪشي نہ ڪئي ۽ اهي ڀلا ائين ڪري ڪيئن ٿي سگهيون؟ جڏهن تہ سموريون ڳالهيون سندس ئي مرضي ۽ ارادي سان جاري ٿيون آهن. هو رنگارنگي شين جو ايجاد ڪندڙ آهي. هو سواءِ ڪنهن سوچ ويچار جي ڪنهن طرف ڌيان ۽ لاڙي رکڻ جي ۽ سواءِ طبيعت جي ڪنهن ٻوڙ ٻڪ جي جنهن کي دل ۾ لڪايو هجيس ۽ سواءِ ڪنهن تجربي جي جيڪو زماني جي حادثن سان حاصل ڪيو هجيس ۽ سواءِ ڪنهن شريڪ ٿيڻ واري جي جيڪو انهن عجيب قسم جي شين ايجاد ڪرڻ ۾ سندس مددگار رهيو هجي. بهرنوع مخلوق بڻجي مڪمل ٿي وئي ۽ هن (مخلوقات) الله تعاليٰ جي تابعداري ۾ سرن کي جهڪايو ۽ (يڪدم) هن جي سڏ تي لبيڪ چئي اڳتي وڌي. نہ ڪنهن دير ڪرڻ جهڙي سست رفتاري هئي ۽ نہ ڪنهن حيلي بهاني ڪرڻ جهڙي سستي ۽ ڍرائپ وچ ۾ اٽڪاءُ هجي. هن انهن شين جي ڏنگ کي سڌو ڪيو ۽ انهن جون حدون مقرر ڪيائين ۽ پوءِ پنهنجي قدرت سان انهن متضاد شين ۾ ساڳين رنگن سان، هڪجهڙائي پيدا ڪئي ۽ نفسن جا رشتا (بدنن سان) جوڙيا ۽ پوءِ انهن کي مختلف جنسن ۾ ورهايائين جيڪي پنهنجي پنهنجي حدن، اندازن، طبيعتن ۽ صورتن ۾ جدا جدا آهن. هي نئين ايجاد ٿيل مخلوق آهي جنهن جي ساخت هن مضبوط ڪئي آهي ۽ پنهنجي مرضي مطابق ان کي بنايائين ۽ ايجاد ڪيائين.

هن خطبي جو هي بہ هڪ حصو آهي، جيڪو آسمان جي وصف ۾ آهي:

هن بغير ڪنهن (ٻئي شيءِ سان) ملائڻ جي ان جي شگافن جي هيٺاهين ۽ مٿاهين کي مرتب ڪيو ۽ ان جي چيرن ۽ شگافن ۽ ويڪراين کي ملائي ڇڏيائين ۽ انهن کي هڪٻئي سان ملائي قابو ڪيائين ۽ سندس حڪمن کي ڪٺي هيٺ لهڻ وارن (ملائڪن) ۽ خلق جي عملن کي ڪٺي مٿي چڙهڻ وارن جي لاءِ ان جي بلندين جي دشوارين کي آسان ڪري ڇڏيو. اجا آسمان دونهين جي شڪلين ۾ ئي هئا تہ الله تعاليٰ کين سڏيو تہ (يڪدم) سندن تسمن جا رشتا پاڻ ۾ ملي ويا. هن سندن بند دروازن کي ٻڌل هئڻ کان پوءِ کولي ڇڏيو ۽ انهن جي سوراخن تي ٽٽندڙ تارن جا نگهبان بيهاري ڇڏيا ۽ کين پنهنجي زور سان روڪي ڇڏيائين تہ جيئن اهي هوا جي گهراين ۾ هيڏي هوڏي نہ ٿي وڃن ۽ انهن کي مقرر ڪيائين تہ اهي سندس حڪم جي سامهون سر جهڪائي پنهنجي مرڪز تي موجود رهن. هن، آسمان جي سج کي ڏينهن جي روشن نشاني ۽ چنڊ کي رات جي چانڊوڪي (منهن اونداهي) ڏئي مقرر ڪيو ۽ انهن کي پنهنجن منزلن تي هلايائين ۽ انهن جي هلڻ وارن هنڌن ۾ انهن جي رفتار مقرر ڪيائين تہ جيئن انهن جي ذريعي رات ۽ ڏينهن



Presented by Ziaraat.Com

۾ سجاڳ تي سگهي ۽ انهن جي مدد سان سالن جي ڳڻپ ۽ (ٻيا) حساب ڄاڻي سگهجن ۽ پوءِ هن آسماني فضا ۾ ان آسمان کي ٽنگيل ٻيهاريو جنهن ۾ سندس سينگار لاءِ ننڍن ننڍن موتين جهڙن تارن ۽ چراغن وانگر چمڪندڙ ستارن کي آويزان ڪيو ۽ لڪي ڇُپي ڪن ٻڌڻ وارن تي ٽٽندڙ تارن جا تير هلائي ۽ تارن کي پنهنجي جبر ۽ قهر سان سندن جڳهين تي لڳايائين ته جيئن ڪو ثابت رهي ڪو بيٺل رهي ته ڪو هلندڙ ڪڏهن چڙهي ته ڪڏهن لهي، پڻ ڪنهن ۾ نحوست هجي ته ڪنهن ۾ سعادت.

هن خطبي جو هي به هڪ حصو فرشتن جي باري ۾ آهي:

اما بعد، الله سبحانہ پنهنجي آسمانن ۾ رهائڻ ۽ پنهنجي مملڪت جي بلند طبقن کي آباد ڪرڻ لاءِ فرشتن جي عجيب و غريب مخلوق پيدا ڪئي. انهن سان آسمانن جي وسيع رستن جي ڪندن ڪڙڇن کي ڀري ڇڏيو ۽ ان جي فضا جي ويڪرائين جون سموريون ڪندبون ڀري ڇڏيائين ۽ پڻ انهن موڪرن طرفن جي ويڪرائين ۾ تسبيح ڪرڻ وارن فرشتن جا آواز قدس ۽ پاڪيزگي جي ڇڻ ديوارين ۽ عظمت جي عميق پردن ۽ بزرگي و جلال جي شاهي قناتن ۾ پيا گجن ۽ انهن زور وارن پڙاڏن جي پٺيان جنهن کان ڪن ٻوڙا ٿي وڃن ٿا، (اتي) نور جي تجلين جي ايتري ته ڪثرت آهي جيڪي نگاهن کي پاڻ تائين پهچڻ کان روڪي ٿيون ڇڏين. جنهن ڪري اهي نا اميد ۽ نامراد ٿي پنهنجن جاين تي بيهي ٿيون رهن. خدا انهن (فرشتن) کي جدا جدا صورتن ۽ الڳ الڳ نمونن ۾ پيدا ڪيو آهي، انهن کي کنڀ ۽ پر به آهن ۽ اهي الله جي جلال ۽ عزت جي تسبيح ڪندا رهن ٿا ۽ مخلوق ۾ جيڪي به انهن جون صنعتون روشن ٿيون آهن، تن کي پاڻ ڏي منسوب نٿا ڪن ۽ اها به دعويٰ نٿا ڪن ته هو ڪنهن به اهڙي شيءِ کي پيدا ڪري نٿا سگهن، جنهن جي پيدا ڪرڻ ۾ هو (الله) اڪيلو ۽ يڪتا آهي، بلڪ هو ته سندس معزز ٻندا آهن. جيڪي ڪهڙي به ڳالهه جي ڪرڻ ۾ ان کان واڌارو نٿا ڪري سگهن ۽ هو سندس چوڻ تي ئي ٿا هلن. الله تعاليٰ انهن کي اتي پنهنجي وحي جو امانتدار ۽ پنهنجي امرن ۽ نهي جي امامت جو حامل بنائي، رسولن جي طرف موڪليو آهي. شڪ ۽ شبهات جي خوفن کان انهن کي پڻ محفوظ رکيو آهي ته پوءِ هاڻي انهن مان ڪوبہ سندس مرضيءَ جي راهه کان ڀري ٿيڻ وارو نہ آهي ۽ هن پنهنجي طاقت ۽ مدد سان سندس حمايت ڪئي، پڻ خضوع ۽ خشوع جي عاجزي سان انهن جي دلين کي ڍڪي ڇڏيو آهي ۽ تسبيح ۽ تقديس جي سهوليتن جا دروازا انهن جي لاءِ کولي ڇڏيا اٿس ۽ پنهنجي توحيد جي نشانن تي انهن لاءِ روشن منارا نصب ڪيا آهن. نہ گناهن جي ڳري بار انهن کي جُهڪايو آهي نہ رات ڏينهن جي ڦيرن انهن تي (سواري لاءِ) پلاڻ وڌا آهن ۽ نہ وري شڪن ۽ گمانن انهن جي ايمان جي پختائي تي تير هلايا آهن ۽ نہ انهن



Presented by Ziaraat.Com

جي يقين جي پختگين تي وهمن ۽ گمانن وار ڪيا آهن ۽ نہ وري انهن جي وچ ۾ ڪڏهن ڪيني ۽ حسد جون چٽنگون دکيون آهن ۽ نہ حيراني ۽ موڳائپ انهن جي دلين ۾ سمايل معرفت کي ۽ انهن جي سينن تي تهن ۾ ڇميل خدائي عظمت ۽ جلال الاهي جي هيبت کي، ڪسي سگهيون آهن نہ ڪڏهن وسوسن انهن تي پنهنجا ڏند ڪرٽيا آهن تہ متان انهن جي فڪرن کي زنگ ۽ ڪٽ سان ميرو يا گندو ڪن. انهن ۾ ڪجھ اهي بہ آهن جيڪي الله جي پيدا ڪيل ڳرن ڪڪرن ۽ وڏن پهاڙن جي بلندين ۽ اونده انڌوڪار جي سياه اونداهين جي صورتن ۾ آهن ۽ انهن ۾ ڪجھ اُهي بہ آهن جن جا قدم تحت الثريٰ جي حدن کي چيري نڪري ويا آهن. اهي سفيد جهنڊن وانگر آهن جيڪي فضا جي ويڪرائين کي چيريندي اڳتي وڌي ويا آهن. ۽ انهن جهنڊن بيرقن جي آخري ڇيڙن تائين هلڪي هوا لڳي رهي آهي جيڪا انهن کي روڪي بيٺي آهي.

انهن فرشتن کي عبادت جي مشغولين هر ڳالھ کان بيفڪر ڪري ڇڏيو آهي ۽ ايمان جي سخت عقيدن انهن کي الله جي معرفت جو وسيلو بنايو آهي. پڻ يقين ڪامل ٻين ڳالهين کان کين پري ڪري، فقط ان ذات سان ئي لنئون لڳائي ڇڏي آهي. الله جي طرف جي نعمتن کان سواءِ ڪنهن بہ ٻئي غير جي عطا ۽ انعام جي انهن کي خواهش ئي نٿي ٿئي. هنن معرفت جا مٺا مزا چکيا آهن ۽ هن (الله) جي محبت جي سيراب ڪرڻ واري جام سان سرشار آهن. انهن جي دلين جي تهن ۾ الله تعاليٰ جو خوف مضبوط پاڙون هڻي چڪو آهي. هنن طويل عبادتن سببان پنهنجون ڇيلهون ڏنگيون ڪري ڇڏيون آهن ۽ سمورو وقت هن ( الله) جي طلب ۾ لڳي رهڻ جي باوجود انهن جي آه و زاري ۽ عاجزي جا ذخيرا ختم نٿا ٿين. الاهي قرب جي بلندين جي باوجود خوف ۽ عاجزي جا ڦندا هنن ( جي ڳلي) تان نٿا لهن. نہ هنن ۾ ڪڏهن خود پسندي پيدا ٿي آهي جو هو پنهنجن گذريل اعمالن کي زياده خيال ۾ ڪرڻ لڳن ۽ نہ وري پروردگار جي جلال جي سامهون هنن جي عجز ۽ انڪساري، ڪو اهڙو موقعو پيدا ٿيڻ ڏنو آهي جو هو پنهنجي نيڪين کي اعليٰ ڪري سمجهن. انهن ۾ مسلسل رنج ۽ ڏک سهڻ جي باوجود سستي نٿي اچي ۽ نہ وري انهن جي طلب ۽ شوق يا خواهش ۾ ڪڏهن ڪا ڪمي پيدا ٿي آهي، جو پوءِ هو پنهنجي پالڻهار جي آسن اميدن کان سرڪشي ڪن ۽ نہ مسلسل مناجاتن ڪرڻ سان انهن جي زبانن جون نوڪون خشڪ ٿين ٿيون ۽ نہ وري ڪڏهن ائين ٿيو آهي تہ اهي ٻين شغلن سببان زاري ۽ عاجزي ڪندڙ پنهنجي آوازن کي هلڪو يا جهڪو ڪن ۽ نہ عبادت جي صفن ۾ انهن جا ڪلها اڳي پوءِ ٿا ٿين ۽ نہ اهي آرام ۽ راحت جي ڪاڻ الله تعاليٰ جي حڪمن جي تعميل ۾ ڪوتاهي ڪري، پنهنجي گردنن کي هيڏانهن هوڏانهن ڪن ٿا ۽ نہ انهن جي ڪوشش جي ارادن تي غفلت جون نادانيون چڙهت ڪن ٿيون ۽ نہ انهن



Presented by Ziaraat.Com

جي (بلند) همتن ۾ فريب ڏيڻ وارن وسوسن جو ڪم گذر ٿئي ٿو. انهن ضرورت (احتياج) واري ڏينهن لاءِ عرش جي صاحب (الله) کي پنهنجو ذخيرو (خزانو) بنائي رکيو آهي ۽ جڏهن ٻيا ماڻهو مخلوقات جي طرف پنهنجي خواهشن کي کڻي وڃن ٿا ته پوءِ بس انهن سان ئي لنئون لڳائن ٿا. هو انهن جي عبادت جي انتها تائين نٿا پهچي سگهن. هنن کي عبادت جو عاشقانه انداز سان شوق (ڪنهن ٻئي طرف وٺي وڃڻ جي بجاءِ) هنن کي دلي اميد ۽ خوف جي انهن سر چشمن ڏي وٺي وڃي ٿو جن جا چشما ڪڏهن به بند نٿا ٿين، انهن لاءِ خوف ڪرڻ جا سبب ختم نٿا ٿين، جو هو پنهنجي ڪوشش ۾ سستي ڪن ۽ نه وري دنيا جي طمعداري ڪو هنن کي سوگهو ڪري رکيو آهي ته دنيا لاءِ وقتي ڪوشش کي پنهنجي ان جدو جهد تي ترجيح ڏين ۽ نه هنن پنهنجي سابقه اعمالن کي ڪڏهن ڪو اعليٰ سمجهيو آهي. جيڪڏهن اعليٰ سمجهن ها ته پوءِ سندن اميدون خدا جي خوف جي انديشن کي انهن ( جي دل جي صفحي) تان هٽائي ڇڏين ها ۽ نه وري شيطان جي ورغلائڻ سان انهن ۾ پنهنجي پروردگار جي متعلق ڪڏهن ڪو اختلاف پيدا ٿيو ۽ نه هڪٻئي سان نفاق سبب ڪو پاڻ ۾ ڌار ڌار ٿيا ۽ نه پاڻ ۾ حسد رکڻ جي سبب انهن جي دلين ۾ ڪينو ۽ بغض پيدا ٿيو ۽ نه شڪ شبهن ۾ پوڻ سببان هيڏانهن هوڏانهن ٿيا ۽ نه ڪڏهن بزدل ڊڄڻ هنن تي قبضو ڪيو. هو ايمان جا پابند آهن. هنن کي سندن ٻنڌڻ سان ٽيڙهائپ، سرڪشي، سستي يا ڪاهلي ڪڏهن نه ڇڏايو. آسمان جي سطح تي گل جي برابر به ڪو اهڙو هنڌ نه آهي جتي ڪنهن سجدي ڪرڻ وارو فرشتو يا تيزي سان ڊوڙ ڊڪ ڪرڻ وارو ملڪ نه هجي. پروردگار جي اطاعت وڌڻ سان انهن جي علم ۾ واڌارو ئي ٿيندو رهي ٿو ۽ انهن جي دلين ۾ هن (الله) جي عزت ۽ عظمت ۽ جلالت وڌندي رهي ٿي.

هن خطبي جو هڪ حصو هي به آهي، جنهن ۾ زمين ۽ ان کي پاڻيءَ تي وڇائڻ جي ڪيفيت بيان فرمايل آهي:

)الله تعاليٰ) زمين کي هيٺ (ته و بالا) مٿي ڪرڻ وارين هيبتناڪ لهرن ۽ ڀرپور سمندن جي نهايت گهراين جي مٿان ڊڪي ڇڏيو، جتي موجون موجن سان ٽڪرائجي، ڇولين جا ڏڪ کائي پوءِ لهرون لهرن کي ڏکي، گجگوڙ واري آواز سان اٿنديون هيون ۽ اهڙي طرح گِجي (پاڻي) مان نڪرندي هئي، جهڙي طرح مستي ۽ جوش جي عالم ۾ نر اُٺ، بهرنوع اهڙي موجزن پاڻي جي گهٽائي ۽ اٿل ٿٿل زمين جي ڳري وزن جي دٻاءَ گهٽ ٿي وئي.



Presented by Ziaraat.Com

جڏهن ان (زمين) پنهنجو سينو انهن جي مٿان رکي انهن کي دٻايو، تڏهن ان جو سارو جوش ختم ٿي ويو ۽ جڏهن زمين پنهنجا ڪلها مستحڪم ڪري انهن تي اچي پئي تڏهن ذلتن ۽ خوارين سان (اهو پاڻي) قبضي ۾ ٿي ويو. جتي ٻه اهي موجون لڳي رهيون هيون. اتي هي عاجز ۽ بيوس ٿي ٿمجي ويون. ان بعد ذلت جي لغامن ۾ قيد ٿي تابعدار ٿيون ۽ زمين ان طوفان خيز پاڻي جي گهراين ۾ پنهنجو دامن ڦهلائي بيهي رهي. سندس سرڪش غرور ۽ تڪبر سان منهن مٿي ڪرڻ ۽ وهڪرٽي ۾ سر بلندي ۽ فوقيت ڏيکارڻ جو خاتمون ٿي ويو ۽ سندس رواني جي زيادتي تي اهڙا بند ٻڌائين جو اهو اٿلڻ ۽ ڪڏهن ڪان پوءِ بلڪل ( بي دم) ٿي ويهي رهيو ۽ اٿڻ اپرڻ واريون سر مستيون ڏيکاري بيهي رهيو. جڏهن سندس ڪنارن جي هيٺان پاڻي جي اٿل جو زور شور ماٺ ۾ اچي ويو ۽ سندس ڪلهن تي وڏن وڏن ۽ نهايت موڪرن جبلن جو بار پيو تڏهن (الله) هن جي نڪ جي ناسن مان پاڻي جا چشما جاري ڪيا. جن کي دور دراز جهنگلن ۽ کوٽيل کڏن ۾ ڦهلائي ڇڏيو ۽ پٿرن جي مضبوطي، ٽڪرين ۽ بلند چوٽين وارن جبلن سان ان جي حرڪت ۾ برابري پيدا ڪئي. ٻهر نو ع هن جي بالائي حصن جي مختلف ڀاڱن ۾ جبلن جي ٻڏي وڃڻ ۽ انهن جي گهرائين جي تهن ۾ گهڙي وڃڻ ۽ ان جي هموار حصن جي بلندين ۽ نندين سطحن تي سوار ٿي وڃڻ جي سببان ان جي ڏڪٽي ويندي رهي ۽ الله تعاليٰ زمين کان وٽي وسيع فضا تائين پکيڙ ۽ ويڪرائي رکي. ۽ ان ۾ رهڻ وارن جي ساهه کڻڻ لاءِ هوا موجود ڪئي ۽ ان ۾ رهندڙ کي سندن سمورين ضرورتن سان رهايو پوءِ هن پوٽي ۽ صاف ميدان وارين زمينن کي جن جي بلندين تائين نه چشمن جو پاڻي پهچي ٿي سگهيو ۽ نه وري نهرن جي واهن جو اوستائين پهچڻ جو ڪو ذريعو هو پر انهن کي ٻه ائين ڇڏي نه ڏنائين، بلڪ انهن لاءِ هوا تي هلندڙ ڪارا ڪڪر پيدا ڪيائين جيڪي مرده زمين ۾ زندگي جون ڇوليون ۽ موجون ڊوڙائين ٿا ۽ ان مان گاهه ۽ ساوڪ اپارين ٿا تن ڪڪرن جا جدا جدا ٽيل ٽڪر ۽ جدا پکڙيل بادل هڪ هنڌ ڪري، گهيرو ڪندڙ بادل بنايائين ۽ جڏهن انهن ۾ اندر پاڻي جا ذخيرا حرڪت ۾ آيا ۽ انهن ڪارن ڪڪرن جي ڪنارن ۾ بجليون (و چ) تڙڦڻ لڳيون ۽ بجلي جي چمڪ اڇن ڪڪرن جي تهن ۽ گهاٽن ڪڪرن ۾ سانده چمڪندي رهي تڏهن الله انهن کي زور سان وسڻ لاءِ موڪليو.

اهڙيءَ طرح جو ان پاڻي سان پريل حصا زمين تي لامارا ڏئي رهيا هئا ۽ ڏکڻ جون هوائون انهن مان رکي رکي وسڻ وارو مينهن وسائي رهيون هيون. جڏهن بادلن پنهنجو سينو هٿن پيرن سميت زمين تي رکيو ۽ پاڻي جو سمورو بار ان تي اڇليو تڏهن الله تعاليٰ ان غير آباد زمين مان سر سبز پوکون پيدا ڪيون. خشڪ پهاڙن تي سر سبز ساوڪ پکيڙيائين ، زمين ٻه پنهنجي ساون سلن سان سينگار جي خوش ٿي جهولڻ لڳي ۽ انهي



Presented by Ziaraat.Com

سبز پوشاڪ سان جيڪا ڪيس ڍڪائي وئي هئي ۽ انهن شاداب مکڙين جي زيورن سان جيڪي ان کي پارايا ويا هئا، تن تي ٻهڪڻ لڳي.

الله تعالىٰ انهن شين کي ماڻهن جي زندگي جو وسيلو ۽ چوپائي مال جو رزق مقرر ڪيو آهي ۽ انهي زمين جي طرفن ۾ ڪشادا رستا ڪڍيا آهن ۽ انهن شاهراهن تي هلڻ وارن لاءِ روشني جا منارا نصب ڪيا آهن. جڏهن الله تعالىٰ زمين جو فرش وڇايو ۽ پنهنجو ڪم پورو ڪيو تڏهن آدم عليہ السلام کي ٻي مخلوق جي مقابلي ۾ برگزيده ٿيڻ سببان منتخب ڪيو ۽ ان کي انساني نوع جو پهريون فرد مقرر ڪيائين ۽ ان کي پنهنجي جنت ۾ رهايائين جتي پنهنجي سخا سان ان جي کائڻ پيئڻ جو انتظام ڪيائين ۽ جنهن کان منع ڪرڻي هيس تنهن کان پهريائين خبردار ڪيائينس، بلڪ ٻڌايائينس ته ان جي طرف قدم وڌائڻ ۾ حڪم جي انحرافي جو گندو سامان آهي ۽ پنهنجي مرتبي کي خطري ۾ وجهڻو آهي، پر جنهن شيءِ کان (آدم) کي منع ڪيل هئي تنهن ڏي رخ ڪيائين ڇڻ ته شروع ۾ ئي ان بابت کي خبر هئي. بهر حال توبهه کان پوءِ ان کي جنت مان هيٺ لاٿو ويو ته جيئن پنهنجي زمين کي پنهنجي اولاد سان آباد ڪري ۽ ان جي ذريعي سان (الله) جي بندن تي حجت پيش ڪري. الله تعالىٰ آدم کي کڻي وٺڻ کان پوءِ به پنهنجي مخلوق کي اهڙين شين کان خالي نه رکيو جيڪي سندس ربوبيت جي دليلن کي مضبوط ڪنديون رهن ۽ بندن لاءِ معرفت جو سبب ٿينديون رهن ۽ هڪ ٻئي پٺيان هر دؤر ۾ الله پنهنجي برگزيدن نبين ۽ رسالت جي امينن جي زبانن سان حجت جي سچائڻ جو نئين سر انتظام ڪندو رهيو، تانجو اسان جي نبي محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي وسيلي اها حجت ( چڱي طرح) پوري ٿي وئي. پڻ حجت پوري ڪرڻ ۽ ديڄارڻ پنهنجي آخري نقطي تي پهچي ويو. هن رزق مقرر ڪري ڇڏيا آهن. (ڪنهن جي لاءِ) زياده ۽ (ڪنهن جي لاءِ) گهٽ ۽ پنهنجي تقسيم ۾ ڪٿي تنگي رکي اٿس ۽ ڪٿي فراخي، جيڪا بلڪل عدل جي مطابق هئي. اهڙيءَ طرح هن جنهن جنهن نموني چاهيو، امتحان ورتو آهي. رزق جي آساني يا دشواري سان دولتمند ۽ فقير جي شڪر ۽ صبر کي پرکيو آهي. وري ان رزق جي فراخي سان گڏ فقر ۽ فاقہ جا خطرا ۽ ان جي سلامتين ۾ نت نئين سر آفتن جا خوف ۽ فراخي ۽ وسعت جي شادمانين سان غم ۽ غصي جا نڙي گهٽيندڙ ڦندا به هٿي ڇڏيا آهن. هن زندگي جي مدت مقرر ڪري ڇڏي آهي ڪنهن کي زياده ڪنهن کي گهٽ. ڪنهن کي اڳتي ۽ ڪنهن کي پوئتي ڪيو آهي. هن مدتن جي رسين جي ڳنڍ، موت سان ٻڌي ڇڏي آهي ۽ اهو موت انهن کي ڇڪيندو وتي ٿو ۽ انهن جي مضبوط رشتن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

هو راز لڪائڻ وارن جي نيتن کي، سس پس ڪرڻ وارن، اشارن ۽ ڪن ۾ ڳالهه ڪرڻ وارن. شڪن ڪرڻ وارن ۽ بي بنياد خيالن وارن، دل ۾ ڄميل يقيني ارادن، اکين جي پلڪن جي هيٺان لڪل اشارن، دل جي تهن ۽ غيب جي گهراين ۾ لڪل ڳالهين کي ڄاڻي ٿو ۽ ( انهن آوازن جي ٻڌڻ وارو آهي) جن کي ٻڌڻ لاءِ ڪنن جي سوراخن کي جهڪائڻو پوندو آهي. هو ڪيولن جي اونهاري وارين جاين ۽ حشرات الارض جي سياري وارين جاين کان بخوبي واقف آهي. هو مري ويل پٽن جي مائن جا ( درد ڀريل) ويڻ ۽ آهُن دانهن ۽ پيڙ (هلڻ واري) جي معمولي قدمن جي آهٽ به ٻڌڻ وارو آهي ۽ سبز پنن جي غلافن جي اندروني پوشن ۾ ميون جي نشو و نما حاصل ڪرڻ وارين جاين ۽ پهاڙي ڪاٽين ۽ انهن جي هيٺاهين، وحشي جانورن جي پناُ گاهن ۽ وڻن جي ٿڙن ۽ انهن جي ڇوڏن ۾ مڇرن جي سر لڪائڻ وارن سوراخن ۽ ٽارين ۾ پنن جي ڦٽي نڪرڻ وارين جاين ۽ پشت (صلب) جي گذر گاهن ۾ نطفن جي رهڻ وارن هنڌن ۽ زمين تان اٿڻ وارن ڪڪرن جي لڪن ۽ پاڻ ۾ ڳنڍيل بادلن ۽ تهن تي تهه ڄميل ڪڪرن مان وسندڙ مينهن جي ڦڙين کان ( به) باخبر آهي ۽ واريءَ (بيابان) جي ذرڙن، جن کي واچوڙن پنهنجي دامنن سان اڏايو آهي ۽ اُهي نشان جن کي مينهن جي ٻوڏ ميٽي ڇڏيو آهي، سي به هن جي علم ۾ آهن. هو واريءَ جي دڙن تي زمين جي ڪيڙن ماڪوڙين جي گهمڻ ڦرڻ ۽ سر بلند پهاڙن جي چوٽين تي پرن ۽ کنين وارن پکين جي آکيرن جي اونداهين ۾ ٻولندڙ پکين جي نغمن کي به ڄاڻي ٿو ۽ جن شين کي سپن ويڙهي رکيو آهي ۽ جن شين کي درياءُ جي ڇولين پنهنجن پاسن جي هيٺان دٻائي رکيو آهي ۽ جن شين کي رات (جي اونداهي وارن پردن) لڪائي ڇڏيو آهي ۽ جن شين تي ڏينهن جي سج پنهنجي ڪرڻن سان نور وڇايوآهي ۽ جن تي ڪڏهن اونداهي جي ڪاراڻ جا تهه ڄمي وڃن ٿا ۽ ڪڏهن نور جا واه وهي نڪرن ٿا تن کي به ڄاڻي ٿو.

هو (الله) هر قدم جو نشان هر شيءِ جي چرپر، هر لفظ جو آواز، هر لب جي جنبش، هر جاندار جي جڳهه، هر ذري جو وزن ۽ هر ساه واري جي سڏڪن جو آواز مطلب ته جيڪي ڪجهه هن زمين تي آهي سو سڀ سندس علم ۾ آهي. هو وڻن جي ميون يا هيٺ ڪرندڙ پنن يا نطفي يا ڄميل خون جي جاءِ يا گوشت وانگر ڇيچڙو يا ( ان کان پوءِ) بنجڻ واري مخلوق ۽ پيدا ٿيڻ وارو ٻار ( انهن ڳالهين جي ڄاڻڻ ۾) هن (الله) کي ڪا تڪليف يا رنج نه ڪٽڻو پيو ۽ نه وري ڪيس پنهنجي مخلوق جي حفاظت ڪرڻ ۾ ڪا رڪاوٽ در پيش ٿي ۽ نه ڪيس پنهنجي حڪمن هلائڻ ۽ مخلوقات جي انتظام ڪرڻ سببان ڪا سستي ۽ ڪاهلي ٿي بلڪ سندس علم ته انهن ڳالهين جي گهراين تائين آهي ۽ هڪ هڪ شيءِ سندس ڳڻپ ۾ آهي. سندس عدل همہ گير ۽ سندس فضل سيني سان شامل حال آهي ۽ ان سان گڏ اهي سندس شايانِ شان حق جي ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهيون ڪرڻ وارا آهن.



Presented by Ziaraat.Com

بار الٰها! تون ئي توصيف ۽ ثنا ۽ انتهائي درجي تائين ساراهڻ جو مستحق آهين. جيڪڏهن توسان آس ۽ اميد وابسته ڪئي وڃي ته تون دلين جو بهترين ڏيڻ ۽ آسرو آهين ۽ جيڪڏهن تو مِ اميدون آسون رکيون وڃن ته (بيشڪ) تون ئي بهترين اميدن جو سر چشمو آهين توئي ته مون کي اهڙي ڳالهائڻ جي (بيان ڪرڻ جي) طاقت عطا ڪئي آهي، جو آءُ توکان سواءِ ڪنهن به ٻئي جي مدح ۽ ساراه تي ڪريان ۽ آءُ پنهنجي مدح جو رخ ڪڏهن به انهن ماڻهن جي طرف تي موڙڻ چاهيان، جيڪي نا اميدين جا مرڪز ۽ بدگمانين جا هنڌ آهن، مون پنهنجي زبان کي انسان ذات جي مدح ۽ پاليل مخلوق جي تعريف و ثنا کان پري ڪري ڇڏيو آهي.

بار الٰها ! هر ڪو ثنا خوان پنهنجي ممدوح کان انعام و اڪرام و عطا و بخشش حاصل ڪرڻ جو حقدار ٿئي ٿو، سو آءُ به تو مِ اها اميد رکيو ويٺو آهيان ته تون رحمت جي ذخيرن ۽ مغفرت جي خزانن جي خبر ڏيڻ وارو آهين.

بار الٰها! هي تنهنجي سامهون اهو شخص بيٺو آهي جنهن تنهنجي توحيد ۽ يڪتائي مِ توکي اڪيلو مڃيو آهي ۽ انهن تعريفن ۽ ساراهن جو توکان سواءِ ڪنهن به ٻئي کي اهل تي سمجهي. منهنجي حاجت ۽ غرض توسان ئي وابسته آهي، تنهنجي ئي بخشش ۽ ڪامرانين سان ان بيڪسي، بي پهچي، اڻ هوند جو علاج ٿي سگهي ٿو ۽ جن جي فقر ۽ فاقه کي تنهنجو ئي ڪرم، بخشش، سخاوت ۽ احسان سهارو ڏئي سگهي ٿو. اسان کي تون هن ئي جڳهه تي پنهنجون خوشنوديون بخش ڪر ۽ ٻين جي اڳيان هٿ ڊگهيڙڻ کان بي نياز ڪر. ( ڇو جو تون هر شيءِ تي قدرت رکڻ وارو آهين.(



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 91: عثمان جي قتل کان پوءِ سندس هٿ تي بيعت ڪرڻ

جڏهن حضرت عثمان جي قتل کان پوءِ سندس هٿ تي بيعت ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو، تڏهن فرمايائين ته:

مون کي ڇڏي ڏيو ۽ (هن خلافت لاءِ) مون کان سواءِ ڪو ٻيو ڳوليو. اسان جي اڳيان هي هڪ اهڙو معاملو آهي جنهن جا ڪيئي رخ ۽ ڪيئي رنگ آهن. جنهن کي نه دل برداشت ڪري سگهي ٿي ۽ نه عقل انهن کي مڃي سگهن ٿا. (ڏسو) عالم جي افق تي ڪارا ڪڪر ڇانئيل آهن. رستو به سڃاڻڻ ۾ نٿو اچي. توهان کي خبر هئڻ گهرجي ته جيڪڏهن آءُ توهان جي هن خواهش کي مڃان به ته، پوءِ توهان کي ان راهه تي وٺي هلندس، جيڪا منهنجي علم ۾ آهي ۽ پوءِ ان متعلق ڪنهن به چوڻ واري جي ڳالهه ۽ ڪنهن به ملامت ڪرڻ واري جي تنبيهه تي ڪَنُ نه ڏيندس ۽ پوءِ جيڪڏهن توهان منهنجو پيڇو ڇڏي ڏنو ته پوءِ جهڙا توهين آهيو، تهڙو مان به آهيان ۽ ٿي سگهي ٿو ته جنهن کي توهان پنهنجو امير بنايو، تنهن جي آءُ توهان کان زياده ٻڌان ۽ مڃان ۽ منهنجو (توهان جي دنيوي فائدي جي لاءِ) امير ٿيڻ کان وزير ٿيڻ بهتر آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 92: نهروان واري جنگ کان پوءِ

نهروان واري جنگ کان پوءِ فرمايائين تہ:

اي انسانؤ! حمد و ثنا کان پوءِ واضح هجي تہ مون فتني فساد ۽ شر جون اکيون کڍي ڇڏيون آهن، ۽ جڏهن ان جون اونداهيون (لهرن وانگر) هيٺ مٿي ٿي رهيون هيون ۽ (چِتن ڪتن وانگر) سندس ديوانگي زور مستي تي هئي، تہ مون کان سواءِ ڪنهن هڪ ۾ بہ جرائت نہ هئي، جو هو ان ڏي وڌي. هاڻي (بہ موقعو آهي) جيڪي چاهيو، سو مون کان پڇو، تنهن کان اڳي جو آءٌ توهان ۾ نہ هجان.

ان ذات جو قسم! جنهن جي قبضہءِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي. توهان هن وقت کان وٺي قيامت تائين جي درمياني عرصي واري جيڪا بہ ڳالھ مون کان پڇندو، سان آءٌ ٻڌائيندس، ۽ ڪنهن بہ اهڙي گروھ متعلق پڇندو، جنهن سئو (ماڻهن) کي هدايت ڪئي هجي، ۽ سئو کي گمراھ ڪيو هجي، تہ آءٌ ان جي للڪارڻ واري ۽ ان جي اڳيان ڇڪڻ واري ۽ پٺيان ڌڪڻ واري ۽ ان جي سوارين جي منزل ۽ ان جي (ساز و سامان سان لڏيل) پلاڻن جي لهڻ واري جڳھ تائين ٻڌائيندس، ۽ اهو بہ تہ ڪير انهن مان قتل ڪيو ويندو ۽ ڪير (پنهنجي موت) مرندو، ۽ جڏهن آءٌ نہ هوندس ۽ نہ وٽڻ واريون ڳالهيون، ۽ نهايت سخت مشڪل پيش ٿيندا تہ (پوءِ ڏسجو تہ) ڪيترائي پڇڻ وارا پريشانيءَ سبب ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيندا، ۽ ٻڌڻ وارا عاجز ۽ مانده ٿي ويندا. اهو ان وقت ٿيندو، جڏهن توهان تي، لڙائيون اچي ڪڙڪنديون، ۽ انهن جون سختيون ظاهر ٿينديون، ۽ دنيا توهان تي اهڙي طرح تنگ ٿي ويندي، جو مصيبت وارن ڏينهن کي توهان ائين سمجهڻ لڳندو، تہ اهي وڏندا پيا وڃن، تان جو خداوند عالم توهان جي باقي بچيل ماڻهن کي فتح ۽ ڪامراني عطا ڪندو. فتنن جي اها صورت ٿئي ٿي، تہ جڏهن اهي ايندا آهن، تہ اهڙي طرح اونداهي ۾ وجهي ڇڏيندا آهن (حق ۽ باطل) جو امتياز نہ ٿيندو آهي ۽ جڏهن اهي واپس ٿيندا آهن، تہ هوشيار ڪري وڃن ٿا، جڏهن اچن ٿا تہ سڃاڻپ نتي ٿئي، پر جڏهن واپس ٿين ٿا، تڏهن سڃاتا وڃن ٿا. اهي هوائن وانگر چڪر لڳائن ٿا، ڪنهن شهر کي پنهنجي زد ۾ آڻين ٿا، تہ ڪو شهر انهن کان رهجي وڃي ٿو. منهنجي نظر ۾ سيني فتنن کان زياده خوفناڪ توهان لاءِ بني اميّن وارو فتنو آهي، جن کي نہ خود ڪجھ نظر اچي ٿو ۽ نہ انهن ۾ ڪي ڪجھ سُجهي ٿو. انهن جا اثر تہ سيني سان شامل آهن، ليڪن خصوصيت سان انهن خون آفتون خاص فردن لاءِ آهن، پوءِ جيڪو انهن مان حق کي پيش نظر رکندو، تنهن تي مصيبتون اينديون. پر جيڪو اکيون بند ڪندو، سو ئي انهن کان بچندو.



Presented by Ziaraat.Com

خدا جو قسم! مون کان پوءِ توهان بني اميّن کي پنهنجي لاءِ بدترين حڪمران ڏسندو. اهي ته ان پوڙهي ۽ سرڪش ڏاچي وانگر آهن، جيڪا چڪ هڻندي آهي ۽ هيڏانهن هوڏانهن هٿ پير هڻي پئي هلندي ڦرندي آهي، ۽ ڏهڻ واري کي لتون پئي هڻندي آهي، ۽ کير ڏيڻ کان انڪار ڪندي آهي.

هو برابر توهان جو قلعو مسمار ڪندا رهندا، تانجو فقط انهن کي ڇڏيندا، جيڪي انهن جي مفيد مطلب جا هوندا، يا (گهٽ ۾ گهٽ) انهن لاءِ نقصان رسان نه هوندا. ۽ انهن جي مصيبت اهڙي طرح پکڙيل هوندي، جو انهن کان داد خواهي اهڙي مشڪل ٿي ويندي، جيئن غلام جي پنهنجي آقا کان ۽ مريد جي پنهنجي پير کان. توهان تي انهن جو فتنو اهڙي ته هيبتناڪ صورت ۾ ايندو، جو جنهن کان توهان کي خوف پيو ٿيندو، ۽ جهالت جي زماني واريون حالتون پاڻ سان کنيو ايندو. نه ان ۾ هدايت جو منارو نصب ٿيل هوندو ۽ نه رستي ڏيکارڻ وارو ڪو نشان نظر ايندو. اسين (اهل بيت رسول!) انهن فتنه انگيز گناهن کان بچيل هونداسون، ۽ انهن جي طرف ماڻهن کي سڏڻ ۾ اسان جو ڪو حصو يا هٿ نه هوندو. پوءِ هڪڙو ڏينهن اهڙو به ايندو، جو الله تعاليٰ ان شخص جي ذريعي سان، جيڪو انهن کي ذلت (۽ خواري) جو مزو چکائيندو، ۽ سختيءَ سان هڪلي ۽ (موت جو) تلخ جام پيئاريندو، ۽ پڻ انهن جي اڳيان تلوار رکي، انهن ۾ خوف پيدا ڪندو. انهن کي فتنن کان اهڙي طرح جدا ڪندو، جهڙي طرح ذبح ڪيل (جانور) جي کل جدا ڪئي ويندي آهي. ان وقت قريش سموري دنيا جي عيوض ۾ اهو چاهيندا، ته هو مون کي فقط هڪ دفعو ايتري عرصي لاءِ ڏسن، جيترو وقت اٺ جي ذبح ٿيڻ ۾ لڳي ٿو، ته پوءِ جيئن آءٌ ان شيءِ کي قبول ڪريان، جنهن جو اڄ به ڪجهه حصو طلب ڪرڻ جي باوجود (هو) ڏيڻ لاءِ تيار نٿا ٿين.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 93: انبياءَ عہ و رسل جي مدح و ثنا

انبياءَ عہ و رسل جي مدح و ثنا

برڪت وارو آهي اهو خدا، جنهن جي ذات تائين بلند پرواز همتن جي رسائي نہ آهي، ۽ نہ وري عقل ۽ فهم جون طاقتون ان کي حاصل ڪري سگهن ٿيون. هو اهڙو تہ اول آهي، جنهن جي لاءِ نہ ڪو ابتدائي نقطو آهي، جو هو محدود ٿي وڃي ۽ نہ وري ڪو هن جو آخر ئي آهي جو (اتي پهچي) ختم ٿي وڃي.

هن ئي خطبي جو حصو انبياءَ جي تعريف ۾:

هن (نبين) کي نهايت بهترين جاين ۾ رکيو ۽ نهايت بهترين ٺڪاڻن ۾ ورهايو. اهي بلند مرتبي وارن صلبن مان پاڪيزه شڪمن جي طرف منتقل ٿيندا رهيا. جڏهن انهن مان ڪو رحلت ڪرڻ وارو رحلت ڪري ويو، تہ پيو، خدا جي دين کي کڻي اچي بيٺو، تانجو اهو الاهي شرف حضرت محمد صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن تائين پهتو، جن کي اهڙين کاڻين (صلبن) مان پيدا ڪيو، جيڪي وڌڻ ويجهڻ جي اعتبار کان بهترين ۽ اهڙن اصلن مان جيڪي نشو و نما جي لحاظ کان نهايت با وقار هئي، بلڪ انهي شجري مان جنهن مان انبياءَ عہ پيدا ڪيائين، ۽ پڻ جنهن مان پنهنجا امين منتخب فرمايائين. سندن عزت بهترين عزت ۽ قبيلو بهترين قبيلو ۽ شجرو بهترين شجرو آهي، جيڪي حرم جي سرزمين تي پيدا ٿيا ۽ بزرگي جي سائي ۾ وڌيا. جن جون شاخون دراز ۽ ميوو وَس کان ٻاهر آهي. پاڻ پرهيزگارن جا امام، هدايت حاصل ڪرڻ وارن جي لاءِ دانائي جا سرچشما آهن. پاڻ اهڙا چراغ آهن، جن جي روشني يڪ سوئي ڏي ٿي. پاڻ اهڙا ستارا آهن، جنهن مان چمڪندڙ نور نڪري ٿو. بلڪ اهڙا چقمق آهن، جنهن جي روشني نهايت خوبصورت آهي. سندن (ذاتي جوهر) سوانح حيات (حد اعتدال جي ڪمي بيشي کان بچي ڪري) سڌي راه تي هلڻ ۽ سنت هدايت ڪرڻ آهي. سندن ڪلام، حق ۽ باطل جي فيصلي ڪرڻ وارو ۽ حڪم عين عدل آهي.

الله تعالىٰ کين ان وقت موڪليو، جڏهن رسولن جي آمد جو سلسلو روڪيل هو. بدعملي ڦهليل هئي ۽ امتن تي غفلت ڇانيل هئي.

الله تعالىٰ توهان تي رحم ڪري، روشن نشانن تي پختا ٿي عمل ڪريو. رستو بلڪل سڌو آهي، جيڪو توهان کي سلامتين واري گهر (جنت) ڏي سڏي رهيو آهي، ۽ هاڻي بہ توهان اهڙي گهر ۾ آهيو، جتي توهان



Presented by Ziaraat.Com

ڪي ايتري مهلت ۽ فراغت آهي، جو ان جون خوشنوديون حاصل ڪري سگهو. اجا به موقعو اٿوَ. جيئن ته اعمال ناما کليل آهن، قلم هلي رهيا آهن، بدن تندرست ۽ توانا آهن. زبان آزاد آهي. توبهه به پڙي سگهجي ٿي ۽ اعمال به قبول ڪري سگهجن ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 94: رسول جي بعثت وقت ماڻهن جي حالت

رسول جي بعثت وقت ماڻهن جي حالت

پيغمبر جن کي، ان وقت موڪليو ويو، جڏهن ماڻهو حيرت ۽ پريشاني جي عالم ۾ گمراه هئا، ۽ فتنن ۾ هٿ چراند پيا ڪندا هئا، نفساني خواهشن هنن کي دربدر ڪري ڇڏيو هو، ۽ غرور ۾ هي پانيولجي ويا هئا، ۽ ڏٽيل جاهليت هنن جي عقلن کي ضايع ڪري ڇڏيو، ۽ حالتن سببان ٽڙيل پکڙيل ۽ جهالتن جي بلائن سببان حيران ۽ پريشان هئا. جيئن ته نبي صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن هنن کي سمجهائڻ ۽ پنهنجو پورو حق ادا ڪيو، ۽ جيئن ته پاڻ سڌي رستي تي قائم رهيا، ۽ حڪمت ۽ دانائي ۽ چڱين نصيحتن جي طرف هنن کي سڏيندا رهيا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 95: پيغمبر اسلام جي بعثت وقت حالتن جي تصوير

پيغمبر اسلام جي بعثت وقت حالتن جي تصوير

سڀ ڪا تعريف ان الله جي لاءِ آهي، جيڪو اول آهي ۽ ڪا بہ شيءِ هن کان پهرين نہ آهي ۽ آخر بہ آهي ۽ ڪا بہ شيءِ هن کان پوءِ بہ نہ آهي، ۽ هو ظاهر بہ آهي ۽ ڪا بہ شيءِ هن کان اعلیٰ نہ آهي ۽ باطن بہ آهي ۽ ڪا بہ شيءِ هن کان وڌيڪ قريب نہ آهي.

ساڳي خطبي جي ذيل ۾

رسول الله صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن جو ذڪر ڪندي فرمايائين تہ:

بزرگي ۽ شرافت جي کاڻين ۽ پاڪيزگي جي جڳهين ۾ سندن مقام بهترين مقام آهي ۽ سندن وطن ۽ پيدائشگاهہ بهترين وطن ۽ پيدائشگاهہ آهي. سندن طرف نيڪ ماڻهن جون دليون جهڪايل آهن ۽ نگاهن جا رخ موڙيا ويا آهن. الله تعالیٰ سندن صدقي فتنا ٺاري ڇڏيا ۽ (عداوتن جا) شعلا وسائي ڇڏيا. ياڻرن ۾ الفت پيدا ڪيائون، ۽ جيڪي ڪفر ۾ گڏ هئا، تن کي جدا جدا ڪري ڇڏيائيون. (اسلام جي) پستي ۽ ذلت کي عزت بخشي ۽ (ڪفر جي) عزت ۽ بلندي کي ذليل ڪيائون. سندن ڪلام (شريعت جو) بيان ۽ خاموشي (حڪمن) جي زبان هئي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبه 96: دنيا ۾ ظالمن کي مهلت

جيڪڏهن الله ظالم کي مهلت ڏئي ڇڏي آهي، ته هو سندس گرفت کان هرگز بچي نٿو سگهي، ۽ هو (الله تعاليٰ) ان جي گذرگاهه ۽ ان جي نڙي ۾ ڦاسڻ واري هنڌ تي، موقعي جو منتظر آهي. ان ذات جو قسم! جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي، اها قوم (شام وارا) توهان تي غالب اچي ٿيندا. ان ڪري نه، ته انهن جو ڪو حق توهان تي وڌو آهي، بلڪ ان ڪري، ته هو پنهنجي ساٿي (معاويه) جي طرف، هن جي باطل تي هئڻ جي باوجود تيزيءَ سان پيا ڊوڙن ۽ توهان منهنجي حق تي هئڻ جي باوجود سستي ڪري رهيا آهيو. رعيتون پنهنجي حڪمرانن جي ظلم ۽ جور کان ڊڄنديون هيون ۽ آءٌ پنهنجي رعيت جي ظلم کان ڊڄان ٿو، مون توهان کي جهاد ڪرڻ جي لاءِ اڀاريو، ليڪن توهان (پنهنجي گهرن کان) نه نڪتوءَ! مون توهان کي (ڪم جهڙين ڳالهين کي) ٻڌائڻ چاهيو، مگر توهان هڪ ٻه نه ٻڌي. جيتوڻيڪ مون توهان کي پوشيده به ۽ ظاهري طور به توهان کي جهاد جي لاءِ سڏيو ۽ ڏاڍي وڏي سڏ سڏيو، ليڪن توهان هڪ ٻه نه مڃي ۽ وري سمجهايم ڪيم، مگر توهان منهنجون نصيحتون قبول نه ڪيون. ڇا! توهان، موجود هوندي به غائب رهو ٿا؟ مطيع ۽ فرمانبردار هوندي گويا توهان پاڻ خود مالڪ آهيو؟ آءٌ توهان جي سامهون حڪمت ۽ دانائي جون ڳالهيون پيو بيان ڪريان ۽ توهين انهن کان بيزار پيا ٿيو. توهان کي بلند پائي جون نصيحتون پيو ٻڌايان ۽ توهان حيران ۽ پريشان پيا ٿيو. آءٌ توهان کي انهن باغين سان جهاد ڪرڻ لاءِ پيو آماده ڪريان، ته اڃا منهنجي ڳالهه ختم به نٿي ٿئي، ته آءٌ ڏسان پيو، ته توهان سبا جي اولاد وانگر ٽڙي پکڙجي پيا وڃو، ۽ پنهنجي گهرن ڏانهن پيا هليا وڃو، ۽ انهن نصيحتن کان غافل ٿي، هڪٻئي جي ڏٽن ۾ پيا اچو. (جيڪڏهن) صبح جو آءٌ توهان کي سڌو ٿو ڪريان ته شام جو جڏهن اچو ٿا، ته (اهڙي جا اهڙا) ڪمان جي پٺ وانگر ٽيڙها. سڌي ڪرڻ وارو عاجز ٿي ويو، ۽ جنهن کي سڌو ڪيو وڃي ٿو، سو لا علاج ثابت ٿيو. اي اهي انسانو! جن جا جسم ته حاضر آهن، پر عقل غائب ۽ خواهشون جدا جدا آهن. انهن تي حڪومت ڪرڻ وارا انهن جي ئي آزمائش وارن هٿن ۾ پيل آهن. توهان جو حاڪم الله جي اطاعت ڪري ٿو. ۽ توهان ان جي نافرماني ڪريو ٿا، ۽ اهل شام جو حاڪم الله جي نافرماني ڪري ٿو، مگر هو ان جي اطاعت ڪن ٿا. خدا جو قسم! ته آءٌ ته اهو ٿو چاهيان ته معاويه توهان مان ڏهه ڄڻا مون کان وٺي، انهن جي عيوض ۾ پنهنجو هڪ ماڻهو مون کي ڏئي ڇڏي. جهڙي طرح دينار جي مٽا سٽا درهمن سان ٿئي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

اي ڪوفي وارو! آءُ توهان جي ٽن ڳالهين ۽ انهن کان سواءِ ٻن ڳالهين ۾ پڻ مبتلا آهيان. پهرين ته توهان کي برابر ڪن آهن، پر توهان ٻوڙا آهيو. ٻيو ته ڳالهائڻ ٻولاهڻ جي باوجود به گُنگا آهيو ۽ اکين هوندي به انڌا آهيو، ۽ وري اهو به ته، توهان نه جنگ جي موقعي تي سچا جوانمرد آهيو ۽ نه وري قابل اعتماد ڀائر آهيو. اي اهڙن اٺن جي هلت چلت وارو جن جا جت ته گم ٿي چڪا هجن ۽ انهن کي هڪ طرف کان گهيرو ڪيو ويو هجي، ته وري ٻئي طرف کان ٽڙي پکڙجي ويندا هجن.

خدا جو قسم! ته جهڙو توهان جي باري ۾ منهنجو خيال آهي، سو منظر منهنجي سامهون آهي. جيڪڏهن جنگ شدت اختيار ڪري ۽ ميدان ڪارزار گرم ٿي وڃي، ته پوءِ توهان ابن ابي طالب کان اهڙي ته شرمناڪ طريقي سان جدا ٿي ويندو، جيئن ڪا عورت بلڪل برهنه ٿي وڃي. آءُ پنهنجي پروردگار جي طرف کان روشن دليل ۽ پنهنجي نبي صہ جي طريقي ۽ حق جي شاهراه تي آهيان. (جنهن کي آءُ باطل جي رستن مان ڳولي ڳولي حاصل ڪندو رهيو آهيان). پنهنجي نبي جي اهلبيت کي ڏسو، انهن جي سيرت تي هلو ۽ انهن جي نقش قدم جي پيروي ڪريو. هو توهان کي هدايت کان ٻاهر نه ٿيڻ ڏيندا، ۽ نه وري گمراهي ۽ هلاڪت جي طرف موٽائيندا. جيڪڏهن هو ڪٿي به ترسن، ته پوءِ توهان به ويهي رهو، ۽ جيڪڏهن هو اٿن، ته پوءِ توهان به اٿي کڙا ٿيو. هنن کان اڳتي نه وڌو، ورنه گمراه ٿي ويندو، ۽ نه (انهن کي ڇڏي) پوئتي رهجي وڃو، ورنه تباه ٿي ويندو. مون محمد صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن جا خاص خاص اصحاب ڏٺا آهن، مون کي ته توهان مان هڪ به اهڙو نظر نٿو اچي، جيڪو انهن جي مثل هجي. هو اهڙي حالت ۾ صبح ڪندا هئا، جو سندن وار پکڙيل ۽ سندن چهرا خاڪ سان ڀريل هوندا هئا. جڏهن هو رات وارو عرصو سجدي ۽ قيام جي حالت ۾ گذاريندا هئا. اهڙي عالم ۾ ڪڏهن پيشانيون سجدن ۾ رکندا هئا ۽ ڪڏهن رخسار ۽ محشر جي ياد ۾، اهڙي طرح بي چين ٿيندا هئا، جو چڻ ته ٽانڊن تي ويٺل آهن. ۽ طويل سجدن جي سببان هنن جي اکين جي درميان (پيشانين تي) ٻڪرين جي گوڏن جهڙا نشان پئجي ويندا هئا. جڏهن به انهن جي اڳيان الله جو ذڪر ٿيندو هو، ته انهن جون اکيون (برسات وانگر) پيون وسنديون هيون. ايتري قدر جو انهن جا گريبان پُسي ويندا هئا، هو اهڙي طرح ته ڪنبندا رهندا هئا، جهڙي طرح تيز هوائن ۾ وڻ لڏندا آهن. هنن کي سزا جو خوف ۽ ثواب جي اميد هوندي هئي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 97: بني اُميّن جي افعالن متعلق پيشن گوئي

بني اُمي ّن جي افعالن متعلق پيشن گوئي

خدا جو قسم! تہ اهي سدائين ائين ئي (ظلم ڪندا) رهندا ۽ الله تعالىٰ جي ڪا بہ حرام ڪيل شيءِ اهڙي نہ هوندي، جنهن کي هو حلال نہ سمجهندا، ۽ هڪڙو بہ عهد اهڙو نہ هوندو، جنهن جي هو پيڄڙي نہ ڪندا. ايتري قدر، جو بہ سرن ۽ پٿرن جو ٺهيل گهر ۽ خيما، انهن جي ظلم جي زد کان محفوظ نہ رهندا.

۽ هنن جي بڇڙي ظلم واري نگهداشت سببان ماڻهن جو پنهنجي گهرن ۾ رهڻ بہ مشڪل ٿي ويندو. ايستائين جو ٻن قسمن جي رئڻ وارا کڙا ٿي ويندا. هڪڙو دين جي لاءِ روئڻ وارو ۽ ٻيو دنيا جي لاءِ. ايتري قدر جو توهان مان ڪنهن بہ هڪ جو، انهن مان ڪنهن بہ هڪ کان انصاف گهرڻ اهڙو ٿيندو، جهڙو غلام جو پنهنجي آقا کان، يعني جيڪو پنهنجي آقا جي روبرو تہ سندس اطاعت ڪري ٿو، ليڪن پرپٺ آقا جون گلائون ٿو ڪري. (يعني دل جا بخار پيو ڪڍي) بلڪ ايستائين نوبت رسندي، جيڪو توهان مان زياده الله تعالىٰ ۾ اعتقاد رکندو، اوترو ئي اهو زحمت ۽ مشقت ۾ ڦاٿل رهندو. اهڙي صورت ۾، جيڪڏهن الله تعالىٰ توهان کي امن ۽ عافيت ۾ رکي، تہ (ان جو شڪر ڪندا رهجو) ان کي قبول ڪجو، ۽ جيڪڏهن آزمائش ۾ وڌا وڃو، تہ پوءِ صبر ڪجو. انهي ڪري جو نيڪ عاقبت پرهيزگارن لاءِ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 98: زهد جي طرف ترغيب

زهد جي طرف ترغيب

جيڪي ٿو چڪو، تنهن تي اسين الله جو حمد ڪريون ٿا ۽ جيڪي ٿيندو، تنهن جي مقابلي ۾ ان کان ئي مدد گهرون ٿا، جهڙي طرح ان کان جسمن جي چڱيلائيءَ لاءِ دعا گهرون ٿا، تهڙي دين ۽ ايمان جي سلامتي جا به طلبگار آهيون.

الله تعاليٰ جا بندو! آءُ توهان کي هن دنيا جي ڇڏڻ بابت وصيت ڪريان ٿو، جيڪا توهان کي ڇڏڻ واري آهي، حالانڪ توهان هن کي ڇڏڻ پسند نٿا ڪريو. جيتوڻيڪ هو توهان جي جسمن کي پراڻو ۽ بوسيده ڪرڻ واري آهي. حالانڪ توهان هن کي تر و تازه رکڻ جي ڪوشش ڪريو ٿا. توهان جو ۽ هن دنيا جو مثال اهڙو آهي، جيئن چند مسافر ڪنهن رستي تي هلندا هجن ۽ هلندي اها منزل طئي ڪري وٺن، ۽ پوءِ ڪنهن بلند نشان جو پڻ قصد ڪن، ۽ يڪدم اوستائين پهچي وڃن. ڪيترو نه ٿورو وقفو آهي. ان (گهوڙي ڊوڙائڻ واري) جو، جيڪو ان کي ڊوڙائي انتهائي منزل تائين پهچي وڃي. پوءِ ان شخص جو ڪهڙو بقا آهي؟ جنهن لاءِ هڪ اهڙو ڏينهن هجي، جنهن کان اڳتي هو وڌي نٿو سگهي، ۽ دنيا ۾ هڪ تيز گام طلب ڪرڻ وارو، ان کي هڪلي رهيو هجي، تانجو هو دنيا کي ڇڏي وڃي. دنيا واري عزت ۽ ان ۾ فخر ۽ سربلندي جي خواهش نه ڪريو، ۽ ان جي زينتن ۽ نعمتن تي خوش ٿيو، ۽ نه ان جي تڪليفن ۽ سختين تي بي صبري سان دانهون ڪوڪون ڪريو، ڇو ته ان جي عزت ۽ فخر ۾ئي مٽجي وڃڻ وارا آهن، ۽ ان جون زينتون ۽ نعمتون زائل ٿيڻ واريون آهن، ۽ ان جون سختيون ۽ تنگيون آخر ختم ٿي وينديون. ان جي هر مدت جو نتيجو اختتام ۽ هر زنده جو انجام فنا ٿيڻ آهي. ڇا گذري ويل ماڻهن جي واقعن ۾ توهان لاءِ ڪافي تنبيهه جو سامان نه آهي؟ ۽ توهان جي گذريل ويل ابن ڏاڏن جي حالات ۾ توهان جي لاءِ عبرت ۽ (سبق آموز) دانائي نه آهي؟ جيڪڏهن توهان سوچو ۽ سمجهو، ته پوءِ ڇا توهان گذري ويل ماڻهن کي نٿا ڏسو، ته اهي وري واپس نٿا اچن ۽ انهن کان پوءِ باقي رهڻ وارا به جيئرا نٿا رهن.

توهان دنيا وارن تي نظر نٿا ڪريو، جيڪي مختلف حالتن ۾ صبح ۽ شام گذارين ٿا. ڪٿي ڪا ميت آهي، جنهن تي رنو پيو وڃي، ۽ ڪٿي وري ڪنهن سان عذر خواهي ڪئي پئي وڃي. ڪو عاجز ۽ ڪو، نه ڇري سگهڻ واري مرض ۾ مبتلا آهي. ڪٿي ڪو بيمار پرسي ڪرڻ وارو، عيادت ڪري رهيو آهي. ڪٿي ڪو مرڻ وارو آهي، ڪو دنيا تلاش ڪندو ڦري پيو ۽ موت وري ان جي تلاش ڪندو رهي



Presented by Ziaraat.Com

تو، ۽ ڪو غفلت ۾ پيو آهي، ليڪن (موت) ان کان غافل نہ آهي. مري ويلن جي ئي نقش قدم تي باقي رهيل ماڻهو هلي رهيا آهن. آءٌ توهان کي تنبيهہ ٿو ڪريان، تہ بد اعمالين جي ارتڪاب وقت موت کي بہ ياد ڪندا ڪريو، جيڪو سمورين لذتن کي مٽائڻ وارو ۽ سمورين نفساني لذتن کي خراب ڪري ختم ڪرڻ وارو آهي.

الله تعاليٰ جا واجب حق، ادا ڪرن ۽ سندس بي شمار نعمتن ۽ لا تعداد احسانن جي شڪر بجا آڻڻ لاءِ ان کان ئي مدد گهرندا رهو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 99: الطاف و عنايات باري تعالىٰ

الطاف و عنايات باري تعالىٰ

ان الله جي لاءِ حمد و ثنا آهي، جنهن مخلوقات ۾ پنهنجي فضل (۽ ڪرم جي دامن کي) ڦهلائي ۽ پنهنجي ڪرم واري هٿ کي ڊگهيريو آهي. اسين سمورن معاملن ۾ سندس حمد ڪريون ٿا ۽ سندس حقن جي لحاظ رکڻ ۾ ڪائنس ئي مدد گهرون ٿا. ۽ اسين گواهي ڏيون ٿا، ته ان (الله تعالىٰ) کان سواءِ ٻيو ڪو به عبادت جي لائق نہ آهي، ۽ محمد صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن سندس عبد ۽ رسول آهن، جنهن کي الله تعالىٰ پنهنجا حڪم واضح ڪري ٻڌائڻ ۽ پنهنجو ذڪر زبان تي آڻڻ لاءِ موڪليو. حضور صلعم جن امانت داري سان اهي پهچايا، ۽ سڌي رستي تي برقرار رهندي، دنيا مان رخصت ٿيا، ۽ اسان ۾ حق جو اهو پرچم ڇڏيائون، جيڪو اڳتي وڌندو. اهو دين کان خارج ٿيندو، جيڪو پوئتي رهجي ويندو، بلڪ اهو پڻ مٽجي ويندو، ۽ جيڪو ان سان چنبڙي ويندو، سو ئي حق سان رهندو. هن جهنڊي ڏانهن رهنمائي ڪرڻ وارو اهو آهي، جيڪو ڳالهه ڪرڻ ۾ جلد بازي نٿو ڪري، ۽ (چڱي طرح غور ڪرڻ لاءِ) پنهنجي اڳتي وڌڻ ۾ تاخير ڪري ٿو ۽ جڏهن ڪنهن ڳالهه کي ڪٽي ٿو، تہ پوءِ هو تيزگام آهي، جڏهن توهان ان جي سامهون گردنون خم ڪندا، ۽ (ان جي عظمت و جلال جي پيش نظر)، ان جي طرف آڱرين جا اشارا ڪرڻ لڳندا، تہ ان تي موت طاري ٿيندو، ۽ کيس وٺي ويندو، پوءِ جيستائين الله تعالىٰ چاهي توهان (انتظار ۾) رهندو، ايستائين جو الله تعالىٰ ان شخص کي ظاهر ڪري، جيڪو توهان کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ۽ توهان جي شرازه بندي ڪري، جيڪي ڪجهه ٿيڻ وارو نہ آهي، تنهن جي لالچ نہ ڪريو. نهايت ممڪن آهي، تہ باغي جو هڪ قدم پاڙئون پٽجي ويو هجي، ۽ ٻيو قدم اڃا ڄميل هجي، ۽ پوءِ ڪا اهڙي صورت ٿئي، جو ٻئي قدم ڄمي وڃن.

توهان کي معلوم هئڻ گهرجي، تہ آل محمد آسمان جي ستارن وانگر آهن، تہ پوءِ جڏهن هڪڙو لهي ٿو تہ ٻيو ابري ٿو. گويا توهان تي الله جون نعمتون مڪمل ٿي ويون آهن، ۽ جنهن جي توهان آس لڳايو ويٺا هئا، سا الله تعالىٰ توهان کي ڏيکاري ڇڏي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 100: عظيم حادثا

عظيم حادثا

هو هر اول کان پهريون اول آهي ۽ هر آخر کان بعد وارو آخر آهي. سندس اوليت جي سبب واجب آهي، تہ هن کان پهرين ڪو بہ نہ هجي ۽ هن جي آخر هجڻ جي سببان ضروري آهي، تہ هن کان پوءِ ڪو بہ نہ هجي. آءٌ شاهدي ٿو ڏيان تہ، الله کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي، اهڙي گواهي، جنهن ۾ ظاهر ۽ باطن هڪجهڙو ۽ دل ۽ زبان هڪ آواز آهن.

اي انسانو! توهان منهنجي مخالفت جي جرم ۾ مبتلا نہ ٿيو، ۽ منهنجي نافرماني ڪري حيران ۽ پريشان نہ ٿيو، منهنجي ڳالهين ٻڌڻ وقت هڪ ٻئي کي اکين سان اشارا نہ ڪريو. ان ذات جو قسم! جنهن داڻي کي شگافتہ ڪيو ۽ ساهہ واري کي پيدا ڪيو، تہ آءٌ جيڪا خبر توهان کي ٻڌايان ٿو، سا مون نبي صلعم جن کان پهتل آهي، نہ تہ خبر ڏيڻ واري ڪوڙ ڳالهايو ۽ نہ وري ٻڌڻ وارو ڪو جاهل هو.

تہ پوءِ هاڻي (ٻڌو) آءٌ گويا سخت گمراهين ۾ پيل هڪ شخص پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو آهيان، جيڪو شام (ملڪ) ۾ ويٺو تمام ڏاڍي پيو سڏ ڪري، ۽ هن پنهنجا جهنڊا ڪوفي ۽ ان جي آسپاس کليل ميدانن ۾ کوڙي ڇڏيا آهن، پوءِ جيئن تہ سندس وات (ڦاڙي ڪائڻ لاءِ) کلي ويو ۽ ان جي لغام جو وات پڻ مضبوط ٿي ويو؟ ۽ زمين ۾ سندس پامالين سخت کان سخت ٿي ويون، تہ (پوءِ) فتنن پنهنجي ڏندن سان دنيا وارن کي ڪترڻ شروع ڪيو، ۽ جنگ جو درياءُ چولين جون ڇڙون هڻڻ لڳو، ۽ ڏينهن جي سختي جي سامهون اچي وئي، ۽ راتين جي تڪليف شدت اختيار ڪري ويئي. بس! هيڏانهن سندس پوک پچي وئي ۽ فصل تيار ٿيو، ۽ هن جون مستيون جوش ڏيکارڻ لڳيون، بلڪ تلوارون چمڪڻ لڳيون. هيڏانهن سخت فتني ۽ شر جا جهنڊا کپي ويا ۽ اونداهي رات ۽ چولين واري درياءُ وانگر اڳتي وڌي آيا. تنهن کان سواءِ ٻيا ڪيترائي تيز واچوڙا ڪوفي کي اکيڙي ڇڏيندا، ۽ ڪيترائي سخت طوفان ان تي ايندا، ۽ عنقريب جماعتون جماعتن سان (پاڻ ۾) جنبي وينديون، ۽ بيٺل فصلن کي وڍي ڇڏيندا، ۽ وڍيل پيدائش کي ڍاهہ ڊوهہ ڪري ڇڏيندا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 101: قيامت جو ڏينهن

ڪو اهڙو ڏينهن ٿيندو، جو الله تعالىٰ حساب بابت پڇا ڳاڇا ۽ عملن جي جزا لاءِ اڳين پوين کي گڏ ڪندو. اهي نهايت عاجزي واري حالت ۾ سندس سامهون اچي بيهندا. پسينو وات تائين پهچي، انهن جي وات ۾ لغام ٿي پوندو. زمين انهن ماڻهن سميت ڌڪندي ۽ پئي ڪنبدي هوندي. ان وقت سڀ کان وڌيڪ خوش حال اهو هوندو، جنهن کي پنهنجي ٻنهي پيرن رکڻ جي جڳهه ۽ ساهه کڻڻ لاءِ ڪليل فضا مليل هوندي.

هن خطبي جو هڪ هي ٻہ جزو آهي تہ:

اهي اهڙا فتنا هوندا، جهڙا اونداهي رات جا ٽڪرا. انهن جي مقابلي لاءِ (گهوڙن جا) پير ڄمي نہ سگهندا، ۽ نہ انهن جا جهنڊا موٽائي سگهبا. اهي توهان وٽ اهڙي طرح ايندا، جو انهن جا لغام ڇڪيل هوندا، ۽ انهن تي سنج پڻ ڇڪيل هوندا. انهن جو اڳواڻ انهن کي تيزي سان هڪليندو، ۽ سوار ٿيڻ وارو انهن کي هلڪو ڪري ڇڏيندو. اهي ماڻهو ان قوم مان آهن، جن جا حملا سخت ٿيندا آهن ۽ ڦر لٽ گهٽ. انهن سان اها قوم في سبيل الله جهاد ڪندي، جيڪي تڪبر ڪرڻ وارن جي اڳيان پست ۽ ذليل هوندا. زمين تي گمنام ۽ آسمان ۾ چاتل سڃاتل هوندا. اي (شهر) بصره! تنهنجي حالت تي افسوس آهي، جو جڏهن تو تي الله جي عذاب جو لشڪر اچي ٽٽندو، جنهن ۾ نہ ڌوڙ اڏامندي ۽ نہ گوڙ گمسان ٿيندو، ۽ تو ۾ رهڻ وارا قتل ۽ سخت بک ۾ مبتلا ٿيندا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 102: زهد و ورع جي طرف، رغبت جي ضرورت

زهد و ورع جي طرف، رغبت جي ضرورت

دنيا کيۡ زهد اختيار ڪرڻ وارن ۽ ان کان پاڻ بچائڻ وارن جي نظرن سان ڏسو. خدا جو قسم! هو جلد پاڻ سان رهڻ وارن کي پاڻ کان جدا ڪري ڇڏيندي. امن ۽ خوشحالي ۾ وقت گذارڻ وارن کي رنج ۽ اندوه ۾ وجهي ڇڏيندي ۽ ان جي جيڪا بہ شيءِ منهن کي موڙائي پٺي ڏئي هلندي، تہ اها وري واپس نہ ايندي ۽ اچڻ واري شيءِ جي ڪا بہ خبر نہ هوندي آهي، جو ان جي راهہ کي نهاريو وڃي. هن جون خوشيون ڏکن ۾ سمايل آهن، ۽ جوانمردن جي همت ۽ طاقت ان ۾ ناتواني ۽ ڪمزوري جي طرف وڌي رهي آهي. (ڏسو) دنيا کي خوش ڪرڻ وارين شين جي زيادتي توهان کي مغرور نہ ڪري ڇڏي. ان ڪري جو جيڪي شيون توهان جو ساٿ ڏينديون، سي تمام ٿوريون آهن.

الله تعالىٰ! ان شخص تي رحم ڪري، جيڪو سوچ ويچار سان عبرت ۽ عبرت سان بصيرت (دانائي) حاصل ڪري. دنيا جون سموريون موجود شيون نابود ٿي وينديون، ڇڻ تہ اهي موجود ئي نہ هيون، ۽ آخرت ۾ پيش اچڻ واريون شيون جلد ئي موجود ٿي وينديون، جي ڇڻ تہ هينئر کان ئي موجود هيون. هر ڳڻپ ۾ اچڻ واري شيءِ ختم ٿي ويندي آهي، ۽ جنهن جي آمد جو انتظار هجي، تنهن کي آيل ئي سمجهو، ۽ هر اچڻ واري کي ويجهو ۽ (پاڻ تائين) پهتل سمجهو.

هن خطبي جو هڪ جزو هي بہ آهي:

عالم اهو آهي، جيڪو پنهنجو مرتبو سڃاڻي، ۽ انسان جي جهالت ان کان وڌيڪ ڀي کهڙي ٿي سگهي ٿي، جو هو پنهنجو قدر و منزلت نہ سڃاڻي. ماڻهن ۾ سڀني کان زيادہ الله وٽ ناپسند اهو بندو آهي، جنهن کي الله سندس نفس جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. اهڙيءَ طرح هو سڌي رستي تان هٽيل ۽ بغير رهنمائي جي هلڻ وارو آهي. جيڪڏهن هن کي دنيوي پوک (پوکڻ) لاءِ سڏيو وڃي ٿو، تہ سرجوشي ٿو ڏيکاري، پر جي آخرت جي پوک (پوکڻ) لاءِچئجيس ٿو، تہ پوءِ سستي ڪري ٿو. ڇڻ تہ جنهن ڳالهہ تان هن سرجوشي ڏيکاري، سا نهايت ضروري هئي، ۽ جنهن ۾ هن سستي ۽ ڪوتاهي ڪئي آهي، سان هن کان ڪِرڻ واري هئي.

هن خطبي جو هڪ جزو هي بہ آهي:



Presented by Ziaraat.Com

ڪو اهڙو زمانو ٿيندو، جنهن ۾ اهو سٽل مومن ئي بچي نڪري سگهندو. جيڪو سامهون اچڻ سان ٻه نه سڃاتو ويندو، ۽ نگاهن کان غائب ٿيڻ تي ڪيس ڳوليو نه وڃي. اهي ئي انسان ته هدايت جا روشن ۽ چمڪندڙ چراغ ۽ اونداهي راتين ۾ ظاهر نشان آهن. نه اهي هيڏانهن جو هوڏانهن ۽ نه ڪجهه جو ڪجهه ڪندا وتن ٿا، نه وري ماڻهن جا عيب بيان ڪن ٿا ۽ نه انهن جا راز فاش ڪن ٿا. الله تعالیٰ انهن انسانن لاءِ رحمت جا دروازا کوليندو، ۽ انهن تان پنهنجي عذاب جون سختيون دور ڪندو.

اي انسانو! اهو زمانو توهان جي سامهون اچڻ وارو آهي، جنهن ۾ اسلام کي اهڙي طرح اونڌو ڪيو ويندو، جهڙي طرح برتن کي (انهن شين سميت، جيڪي ان ۾ هوندو) اونڌو ڪيو وڃي. اي انسانو! الله تعالیٰ توهان کي ان امر کان محفوظ رکيو آهي، ته هو توهان تي ظلم ڪري، مگر ان کان پناه نه آهي. ته هو توهان کي آزمائش ۾ وجهي، ان بزرگ ۽ برتر چوڻ واري جو ارشاد آهي، ته ان ۾ (اسان جون) ڪيتريون ئي نشانيون آهن، ۽ اسين ته فقط انهن جو امتحان وٺندا آهيون.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 103: حضور نبي اڪرم صہ جن جي بعثت

حضور نبي اڪرم صہ جن جي بعثت

هڪ ہي روايت موجب هي خطبو پهرين درج ٿي چڪو آهي:

جڏهن الله تعاليٰ، محمد صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن کي موڪليو، تڏهن عربن ۾ نہ ڪو (آسماني) ڪتاب کي پڙهڻ وارو هو، ۽ نہ ڪو نبوت ۽ وحي جو دعويدار. پاڻ، اطاعت ڪرڻ وارن کي ساڻ ڪري، پنهنجي مخالفن سان جنگ ڪيائون. جيتوڻيڪ پاڻ انهن ماڻهن کي نجات جي طرف وٺيو پئي ويا، تنهن کان اڳ جو موت انهن تي اچي ڪڙڪي. سو انهن کي هدايت ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيا هئا. جيڪڏهن ڪو ٿڪل ۽ ماندو ٿيل بيهي رهندو هو، ۽ زخميل، ڏکويل ۽ لاچار ماندو رڪجي ويندو هو، تہ پاڻ حضور جن ان جي (مٿان) اچي بيهندا هئا، ۽ ان کي سندس منزل مقصود تائين پهچائي ڇڏيندا هئا. اها ہي ڳالھ آهي تہ ڪو اهڙو تباهہ حال هجي، جو جنهن ۾ ذري جيتري بہ ڀلائي نہ هجي، تانجو پاڻ، انهن کي بہ نجات جي منزل ڏيکاري، ڪين سندن مرتبي تي پهچايائون، ۽ هاڻي جيئن تہ انهن جو جند ڦرڻ لڳو، انهن جي نيزي جو خم ويندو رهيو.

خدا جو قسم! تہ آءُ بہ انهن کي هڪلڻ وارن مان هوس، تانجو اهي چڱي طرح پامال ٿي ۽ پنهنجي تنجڻ ۾ جڪڙجي ويا. اهڙي دوران نہ آءُ عاجز ٿيس، نہ بزدلي ڏيکاريم ۽ نہ ڪنهن قسم جي خيانت ڪيم، ۽ نہ مون ۾ ڪا ڪمزوري آئي. خدا جو قسم! آءُ (هاڻي بہ) باطل کي چيري، حق کي ان جي پاسي مان ڪڍي وٺندس.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 104: بني اُمين جي حڪومت جي زوال جي پيشن گوئي

بني اُمين جي حڪومت جي زوال ۽ بني عباس جي حڪومت جي قيام جي پيشن گوئي

نيٺ الله تعاليٰ محمد صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن کي موڪليو. ان حالت ۾ تہ پاڻ شاهدي ڏيڻ وارا، خوشخبري ٻڌائڻ وارا ۽ ديڄارڻ وارا هئا. پاڻ ننڍپڻ ۾ بہ بهترين خلائق ۽ سن رسيده هئڻ تي بہ اشرف ڪائنات هئا. پڻ پاڪ ماڻهن ۾ بہ خوءِ خصلت جي لحاظ کان بهترين پاڪيزه ۽ جود و سخا ۾ ابر صفت وسائڻ وارن ۾ سڀني کان وڌيڪ سانده وسڻ وارا هئا. دنيا تنهن وقت پنهنجي مزن ۾ توهان جي لاءِ مٺي ۽ وڻندڙ ٿي ۽ ان وقت توهان سندس ٿڻن مان کير پيئڻ تي قادر ٿيا، تنهن کان پهرين جو، ان جون مهارون ڍريون ۽ لڏي رهيون هيون ۽ ان جو تنگ (ڍرو ٿي) لڏي رهيو هو. (يعني ان جو) ڪو بہ سوار ۽ سنڀال ڪرڻ وارو نہ هو، جيڪو ان جون واڳون وٺي ۽ سندس تنگ کي چڪي. ڪجھ قومن لاءِ تہ حرام، ان ٻير وانگر (مٺو ۽ مزيدار) ٿي ويو هو، جنهن جون شاخون ميون جي سببان جهڪيل هجن ۽ حلال انهن لاءِ (ڪوهن جا ڪوهہ) پري ۽ ناياب هو.

خدا جو قسم! هيءَ دنيا ڊگهي پاڇي جي صورت ۾ هڪ مقرر وقت تائين توهان وٽ آهي، مگر هن وقت تہ زمين سواءِ ڪنهن روڪ ٽوڪ جي توهان جي قبضي ۾ آهي ۽ توها جا هٿ هن ۾ کليل آهن ۽ پيشوائن جا هٿ ٻڌل آهن. توهان جون تلوارون انهن تي ڇانيل آهن ۽ انهن جون تلوارون روڪيل آهن. توهان کي معلوم هئڻ گهرجي، تہ هر خون جي قصاص وٺڻ وارو ۽ هر حق جو ڪو گُهر ڪرڻ وارو بہ هوندو آهي ۽ اسان جي خون جي قصاص وٺڻ وارو ان حاڪم وانگر آهي، جيڪو پنهنجي لئي حق جي باري ۾ فيصلو ڪري، سو اهو الله آهي، جنهن کي اهو تلاش ڪري، تہ هو ان کي بيوس ٿيو بنائي سگهي، ۽ جيڪو ڀڄڻ جي ڪوشش ڪري، سو ان جي هٿان بچي نڪري سگهي.

اي بني اميہ! آءُ الله جو قسم کڻي ٿو چوان، تہ جلد ئي توهان پنهنجي (دنيا ۽ ان جي) دولت کي ٻين جي هٿن ۽ پنهنجي دشمنن جي گهرن ۾ ڏسندا! سڀني اکين کان زياده ڏسڻ واري اها اک آهي، جنهن جي نگاهہ نيڪين ۾ پيل هجي، ۽ سڀني ڪنن کان وڌيڪ ٻڌڻ وارو اهو ڪن آهي، جيڪو نصيحت جون ڳالهيون ٻڌي ۽ انهن کي قبول ڪري.



Presented by Ziaraat.Com

اي انسانو! با عمل واعظ جي هدايت جي چراغ جي وَٽ مان پنهنجا چراغ روشن ڪريو ۽ ان صاف شفاف چشمي مان پاڻي پريو، جيڪو (شڪ شبهن جي) آميزشن ۽ ڪدورتن کان آتجي چڪو آهي. اي الله جا بندو! پنهنجي جهالت جي طرف نہ موٽو ۽ نہ ئي پنهنجي خواهشن جي تابع ٿيو. ان ڪري جو خواهشن جي منزل ۾ لهڻ وارو اهڙو آهي، جهڙو ڪو بہ ڪلر کاڌل پٽ جي ڪناري تي بيٺل هجي، ۽ اها ڪرڻ تي هجي. هو هلاڪتن جون پريون پنهنجي پٺن تي کڻي ڪڏهن هن ڪلهي تي ٿو رکي ۽ ڪڏهن هن ڪلهي تي. پنهنجي انهن راين جي صورت ۾ جن کي هو بدلائيندو رهي ٿو، ۽ چاهي ٿو، تہ انهن تي (ڪو دليل) چنبڙائي ڇڏي، مگر جيڪي چنبڙائڻ واريون نٿيون ٿين، تن کي (ذهنن جي) قريب ڪرڻ چاهي ٿو، جيڪي قريب ٿيڻ جي قابل نہ آهن. الله تعالىٰ کان ڊڄو! جيڪڏهن توهان پنهنجون شڪايتون ان شخص جي اڳيان آڻي ويهي رهو، جيڪو (توهان جي خواهشن موجب) توهان جي شڪايتن جي ڏکن، سورن، دردن کي دور نہ ڪندو، ۽ نہ شريعت جي محڪم مضبوط حڪمن کي ڪو پڄندو.

امام جو فرض تہ بس اهو آهي، تہ جيڪو ڪم هن کي پنهنجي پروردگار جي طرفان سونپيل آهي، (اهو پورو ڪري) ۽ اهو هي آهي، تہ پند و نصيحت جون ڳالهيون انهن تائين پهچائي، کين سمجهائڻ ۽ سيکارڻ ۾ پوري پوري ڪوشش ڪري، سنت کي زنده رکي ۽ جن تي حد جاري، ٿيڻي هجي، تن تي حد جاري ڪري، ۽ (غضب ڪيل) حصا، انهن جي اصلي وارثن تائين پهچائي. توهان کي گهرجي، تہ علم ڏي وڃو. تنهن کان اڳ جو انهن جو سر سبز (مال) خشڪ ٿي وڃي ۽ علم وارن کان علم سکڻ ۾ پنهنجي ئي نفسن جون مصروفتيون اٽڪاءُ ۾ پئجي وڃن، سو ٻين کي بہ برائين کان روڪيو، ۽ پاڻ بہ رڪيل رهو. ان ڪري جو توهان کي براين کان بچڻ جو حڪم پهرين آهي، ۽ ٻين کي بچائڻ جو حڪم بعد ۾ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 105: اسلام جا فضائل ۽ خصوصيتون

اسلام جا فضائل ۽ خصوصيتون

سموري تعريف ان الله جي لاءِ آهي، جنهن اسلامي شريعت کي جاري ڪيو، ۽ هدايت واري پاڻي جي وهڪري جي مُنهن تي لهڻ وارن لاءِ پنهنجي قانونن کي آسان ڪيو، ۽ ان جي رڪنن کي حريفن جي مقابلي ۾ غلبو ۽ سرفرازي عطا ڪئي. جيڪو ان سان وابسته ٿيو، تنهن لاءِ امن، جيڪو ان ۾ داخل ٿيو، تنهن لاءِ صلح ۽ دوستي. جيڪو ان بابت ڳالهائي، تنهن لاءِ دليل، ۽ جيڪو ان جي مدد سان مقابلو ڪري، تنهن لاءِ ڪيس گواهه مقرر ڪيو ويو، ۽ ان مان روشني حاصل ڪرڻ واري لاءِ نور، سوچڻ، سمجهڻ ۽ غور و فڪر ڪرڻ واري لاءِ عقل ۽ دانائي. غور ڪرڻ واري لاءِ (روشن) نشاني، ارادي ڪرڻ واري لاءِ بصيرت، نصيحت قبول ڪرڻ واري لاءِ عبرت، تصديق ڪرڻ واري لاءِ ڇوٽڪارو، ڀروسي ڪرڻ واري لاءِ اطمينان، پنهنجي سڀ ڪا ڳالهه ان جي سپرد ڪرڻ واري لاءِ راحت ۽ صبر ڪرڻ واري لاءِ ڍال آهي. اها (شريعت) سمورن سڌن رستن ۾ وڌيڪ روشن ۽ سمورن عقيدن ۾ زياده واضح آهي. هن جا منارا بلند، رستا سوجهري وارا ۽ چراغ روشن آهن. هن جي (عمل) وارو ميدان با عزت ۽ هن جو آخري مقصد بلند آهي. هن جي ميدان ۾ تيز رفتار گهوڙن جو مجموعو آهي. هن جي طرف وڌي وڃڻ، ڪم ايندڙ ۽ وٺندڙ ڳالهه آهي. هن جا بهترين عزت وارا سوار آهن ۽ هن جو رستو (الله ۽ رسول جي) تصديق آهي، ۽ نيڪ اعمال (رستي جا) نشان آهن. دنيا ڊوڙ ڊڪ جو ميدان ۽ موت ڏانهن پهچڻ جي حد ۽ قيامت گهوڙن جي گڏ ٿيڻ جو هنڌ ۽ جنت، اڳتي وڌندڙن لاءِ انعام آهي.

هن ئي خطبي جو هي بہ حصو آهي، جيڪو حضرت نبي صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن جي متعلق آهي:

ايتريقدر جو پاڻ روشني ڳولڻ وارن لاءِ سوجهرن کي ڀڙڪايائون، ۽ (رستي وڃايل)، سواري کي روڪڻ واري لاءِ روشن نشان ڪيائون. (بارِ الها) هو تنهنجي ڀروسي جا امين ۽ قيامت جي ڏينهن جا تنهنجا (مقرر ڪيل) گواهه آهن، ۽ پاڻ تنهنجا نبي مرسل ۽ رسول برحق آهن، جيڪي (دنيا لاءِ) سراسر نعمت ۽ رحمت آهن. (خدايا) تون کين پنهنجي عدل ۽ انصاف سان سندن حصو عطا فرماءِ! ۽ پنهنجي فضل سان کين اجر ۾ ٻيڻيون نيڪيون ڏي.



Presented by Ziaraat.Com

)يا الله) سندن عمارت کي، ٻين سڀني معمارن جي عمارتن تي فوقيت عطا فرماءِ ۽ پاڻ وٽ سندن عزت ۽ آبرو سان مهماني ڪر ۽ سندن مرتبي کي بلندي ۽ شرف بخش، ۽ کين اعلىٰ درجو عطا فرماءِ ۽ رفعت ۽ فضيلت عطا فرماءِ ۽ اسان کي سندن جماعت ۾ اهڙي طرح محشور ڪر جو نہ اسين ذليل ۽ خوار ٿيون، نہ شرمندا ۽ پريشان ۽ نہ حق کان ڦريل، نہ انجام شڪن، نہ گمراھ نہ گمراھ ڪندڙ ۽ نہ ڌوڪي کاڌل ٿيون.

)سيد رضي فرمائي ٿو تہ جيتوڻيڪ هي ڪلام پهرين اڳي چڪو آهي، مگر اسان وري ان کي دهرائڻ لاءِ پيش ڪريون ٿا، جيئن تہ ٻنهي روايتن جي لفظن ۾ ڪجھ اختلاف آهي( :

ساڳئي خطبي جو جزو آهي، جنهن ۾ پنهنجي اصحابن کي خطاب ڪندي فرمايائين تہ :

توهان پنهنجي الله جي لطف ۽ ڪرم سان ايڏي مرتبي تي پهتا، جو توهان جون ٻانهيون بہ عزت واريون سمجهيون ويون، ۽ توهان جي پاڙي وارن سان بہ سٺو برتاءُ ڪيو ويو. ۽ اهي ماڻهو بہ توهان جي عزت ڪرڻ لڳا، جن تي نہ توهان کي ڪا فضيلت هئي ۽ نہ توهان جو ڪو انهن تي احسان هو، ۽ اهي ماڻهو بہ توهان کان ڊڄڻ لڳا، جن کي توهان جي حملي جو بہ ڪو انديشو نہ هو، ۽ نہ وري توهان جي انهن تي حڪومت هئي. پر هاڻي توهان ڏسي رهيا آهيو، تہ الله جا عهد (قانون) ٽوڙيا پيا وڃن ۽ توهان کي ڪاوڙ بہ نٿي لڳي! حالانڪ توهان جي ابن ڏاڏن جي قائم ڪيل رسمن ۽ رواجن جي ٽوڙڻ سان، توهان جي غيرت جون رڳون جوش ۾ اچن ٿيون. جيتوڻيڪ اڄ تائين الله جا معاملات توهان جي ئي سامهون پيش ٿيندا رهيا ۽ توهان جي ئي ذريعي انهن جو حل ٿيندو رهيو آهي، ۽ وري توهان جي ئي طرف ڦري گهري اچن ٿا، ليڪن توهان پنهنجون جايون ظالمن جي حوالي ڪري ڇڏيون آهن، ۽ پنهنجي واڳ ڏور انهن جي ئي حوالي ڪري ڇڏي آهي، ۽ الله وارا معاملات بہ انهن جي ئي حوالي ڪري ڇڏيا آهن! جيڪي شڪ شبهن تي عمل پيرا ۽ نفساني خواهشن تي تيزي سان هلي رهيا آهن.

خدا جو قسم! جيڪڏهن هو توهان کي هر ستاري جي هيٺان پکيڙي ڇڏين، تڏهن بہ الله تعالىٰ توهان کي ان ڏينهن (ضرور) گڏ ڪندو. جيڪو انهن لاءِ نهايت خراب ڏينهن ٿيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 106: صفين واري زماني ۾

صفين واري زماني ۾

مون توهان کي پچندو ۽ صفن مان منتشر ٿيندي ڏٺو. (جڏهن) توهان کي چند قسمن جي بدچلن ماڻهن ۽ شام جي بدوئن پنهنجي گهيري ۾ آندو. حالانڪ توهان عرب جا جوانمرد ۽ بزرگي جا سردار (قوم) ۾ عالي مرتبت ۽ بلند درجي رکڻ وارا آهيو. منهنجي سيني مان نڪرندڙ ڪنجهڻ جا آواز ان وقت دېجي سگهن ٿا، جڏهن آءُ ڏسان ته، آخرڪار جهڙي طرح هنن توهان کي پنهنجي گهيري ۾ آندو آهي، تهڙي طرح توهان به کين پنهنجي نرغي ۾ ڦاسايو، ۽ جهڙي طرح هنن توهان جا قدم اکيڙيا آهن، تهڙي طرح توهان به هنن جا قدم سندن جاين تان هٽائي ڇڏيا هجن. تيرن جي مينهن سان انهن کي قتل ڪندا هجو ۽ نيزن جا اهڙا هٿ هلائيندا وڃو، جنهن کان انهن جون پهريون صفون پوين صفن تي چڙهي وينديون هجن، جهڙوڪ: اجايل اٺن کي هڪليو ويندو آهي، ڇڻ ته انهن کي سندن تلائن کان پري اڇلايو ويو هجي، بلڪ انهن کي تلائن جي ڪنارن کان الڳ ڪيو ويو هجي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 107: حادثن ۽ فتنن جون پيشن گوئيون

حادثن ۽ فتنن جون پيشن گوئيون

هي خطبو انهن خطبن مان آهي، جنهن ۾ زماني جي حادثن ۽ فسادن جا بيان ڪيل آهن:

سڀ ڪا تعريف ان الله جي لاءِ آهي، جيڪو پنهنجي مخلوقات جي سببان، مخلوقات جي سامهون ظاهر آهي، ۽ پنهنجي ثابتي ۽ دليل جي ذريعي سان دلين ۾ بہ ظاهر آهي. هن بنا سوچ ويچار ۾ پوڻ جي مخلوق کي پيدا ڪيو. ان ڪري جو سوچ ۽ ويچار ڪرڻ ان لاءِ مناسب ٿئي ٿو، جنهن کي دل ۽ دماغ (جهڙا عضوا) هجن، ليڪن هو (الله تعالىٰ) دل ۽ دماغ جي احتياج کان پاڪ آهي. سندس علم، غيب جي پردن ۾ سمايل آهي، ۽ عقيدن جي گهراين جي تهن تائين پهتل آهي.

هن خطبي جو هي بہ جزو آهي، جيڪو حضرت نبي اڪرم صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن جي باري ۾ آهي:

)الله تعالىٰ) کين نبين جي شجري، روشني جي مرڪز (آل ابراهيم)، بلندي جي پيشاني (قريش)، بطحا جي دُن، (مڪہ)، ۽ اونداهي جي چراغن ۽ حڪمت واري پاٽي جي وهڪري جي منهن تان منتخب ڪيو.

هن خطبي جو هي جزو بہ جناب رسولِ خدا جن جي متعلق فرمايل آهي:

هو هڪ طبيب هو، جيڪو پنهنجي حڪمت ۽ طب کي ڪٺي چڪر لڳائيندو هجي. هن پنهنجي ملم ٺيڪ ٺاڪ ڪئي هجي، ۽ ڏنين ڏيڻ جا اوزار پڻ گرم ڪيا هجن. هن انڌين دلين، ٻوڙن ڪنن، گنگين زبانن، (جي علاج معالجہ) ۾ جتي بہ ضرورت هجي، انهن مٿين شين کي استعمال ۾ آندو هجي ۽ (ٻاڻ سان) دوا ڪئي، غفلت ۾ پيل ۽ حيراني ۽ پريشاني ۾ ورتل ماڻهن جي جاچ ۾ لڳل هجي. مگر نہ ماڻهن حڪمت جي نورن مان روشنيءَ جا سوجهرا حاصل ڪيا، ۽ نہ وري سوجهرن وارن علمن جي چقمق کي گهي، نوراني شعلا پيدا ڪيائون. اهي (ماڻهو) هن معاملي ۾ چرندڙ حيوانن ۽ سخت پٿرن وانگر آهن. بصيرت وارن ماڻهن لاءِ لڪل شيون ظاهر ٿي ويون آهن، ۽ ڀٽڪڻ وارن لاءِ حق جي راه واضح ٿي وئي ۽ اچڻ وارين، ساعتن پنهنجن چهرن تان نقاب لاهي ڇڏيا، غور سان ڏسڻ وارن لاءِ علامتون ظاهر ٿي چڪيون آهن، ليڪن آءٌ توهان کي ڏسان ٿو، تہ (توهان) بغير روح جي جسم ۽ روح بغير قالب جي ٻٽيا ويٺا آهيو. عابد ٻٽيو ڦرو ٿا،



Presented by Ziaraat.Com

سواءِ نيڪي ۽ تقويٰ جي ۽ واپاري ٻٽيا ويٺا آهيو، بغير فائدي جي. بيدار ته آهيو، مگر ستا پيا آهيو. حاضر ته آهيو، مگر اهڙا جهڙا غائب آهيو. ڏسڻ وارا ته آهيو، مگر جهڙا انڌا. ٻڌڻ وارا آهيو، مگر ٻوڙا. ڳالهائڻ وارا ته آهيو، مگر گُنگا. گمراهي جو جهنڊو ته پنهنجي مرڪز تي کُپي چڪو آهي، ۽ ان جون شاخون (هر طرف) ڦهلجي چڪيون آهن، توهان کي (تباهه ڪرڻ لاءِ) پنهنجي ساهمين ۾ توري رهيو آهي ۽ پنهنجي هٿن سان توهان کي هيڏي هوڏي ٽيڙي رهيو آهي. هن جو اڳواڻ (اسلامي) ملت کان خارج آهي، ۽ گمراهي تي سنبريو بيٺو آهي. ان ڏينهن توهان مان ڪو به نه بچندو، مگر ڪي ڪريل ماڻهو، جيئن ديڳ جي ڪرڙ يا ٿيلهي کي چنڊڻ سان ڪريل ريزو، اها گمراهي توهان کي اهڙي طرح نپوڙيندي، جهڙي طرح چمڙي کي نپوڙيو ويندو آهي، ۽ اهڙي طرح لتاڙيندي، جيئن لاباري ڪيل پوک کي لتاڙيو ويندو آهي، ۽ (مصيبت ۽ آزمائش جي لاءِ) توهان مان (ڪامل) مومن کي اهڙي طرح چونڊيندي، جهڙي طرح پکي سنهڙن داڻن مان ٿلها داڻا چونڊيندو آهي. اهي (غلط) عادتون توهان کي ڪيڏانهن وٺي پيون وڃن، ۽ اهي اونداهيون توهان کي ڪهڙين پريشانين ۾ وجهي رهيون آهن، ۽ هي ڪوڙيون اميدون توهان کي ڪهڙو ڏوڪو ڏئي رهيون آهن، ڪٿان توهان کي آندو وڃي پيو، ۽ ڪهڙي طرف نيو وڃي پيو؟ هر مدت جو هڪ هڪ توشئو ٿئي ٿو، ۽ هر غائب کي موٽي اچڻو آهي. پنهنجي رباني عالم کان ٻڌو! پنهنجي دلين کي حاضر ڪريو. جيڪڏهن توهان کي سڏي، ته جاڳي اٿو. قوم جي نمائنده کي پنهنجي قوم سان سچ ئي ڳالهائڻ گهرجي، ۽ پنهنجي پريشان خاطري ۾ يڪسوئي پيدا ڪرڻ ۽ پنهنجي ذهن کي حاضر رکڻ گهرجي. جيئن ته هن حقيقت کي اهڙي طرح کوليو آهي، جهڙي طرح (ڌاڳي ۾ پوئڻ لاءِ) مهري کي چيريو ويندو آهي، ۽ اهڙي طرح ان کي تهه کان ڇليو اٿس، جيئن (وڻ مان) کئونر. ان جي باوجود باطل وري پنهنجي مرڪز تي اچي ويو ۽ جهالت پنهنجي سوارين تي چڙهي ويٺي. ان جون ٻوڏون ۽ اٿلون وڌي ويون آهن، ۽ حق جو آواز دٻجي ويو آهي. ۽ زماني چيري کائڻ واري جانور وانگر حملو ڪيو آهي، ۽ باطل جو اٺ چپ رهڻ کان پوءِ پري ڇيچلائڻ لڳو آهي. ماڻهن فسق ۽ فجور تي پاڻ ۾ ڀائيچارو ڪري ڇڏيو آهي، ۽ دين جي سلسلي ۾ انهن ۾ ڦوٽ پيل آهي، ڪوڙ تي هڪٻئي سان ياراڻي رکي اٿن، ۽ سچ جي معاملي ۾ هڪٻئي سان ضد ٿا رکن. (اهڙي موقعي تي) پُٽ (اکين جو ٺار هجڻ جي بجاءِ) غيظ و غضب جو سبب ٿيندو، ۽ بارشون، گرمي ۽ تپش جو باعث ٿينديون. ڪميڻا پکڙجي ويندا ۽ شريف گهٽ ٿيندا ويندا. ان زماني جا ماڻهو بگهڙ هوندا ۽ حڪمران جانور. وچولي طبقي وارا ماڻهو کائي پي مست رهڻ وارا ۽ فقير ۽ محتاج بلڪل مرده. سچائي دٻجي ويندي ۽ ڪوڙ ابري ايندو. محبت (جا لفظ) فقط زبانن تي ايندا ۽ ماڻهو دلين ۾ هڪٻئي سان



Presented by Ziaraat.Com

ڪشيده رهندا. نسب جو معيار زنا هوندو، پرهيزگاري، پاڪائي ۽ پاڪدامني نرالي ڳالهه سمجهي ويندي، ۽ اسلام جو چوغو پوستين وانگر ابتو پاتو ويندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 108: اوصاف باري تعاليٰ، فرشتن جا حالات، دنيا جي بي ثباتي

اوصاف باري تعاليٰ، فرشتن جا حالات، دنيا جي بي ثباتي

هر شيءِ هن جي اڳيان عاجز ۽ جهڪيل ۽ هر شيءِ سندس سهاري سان وابستہ آهي. هو، هر فقير جو سرمايو، هر ذليل جي عزت، هر ڪمزور جي طاقت ۽ هر مظلوم جي پناهہ جو هنڌ آهي. جيڪو (ماڻهو) ڳالهائي ٿو، تنهن جي بہ هو ٻڌي ٿو، ۽ جيڪو ماٺ ۾ رهي ٿو، تنهن جي ڀيد کان بہ هو آگاهہ آهي. جيڪو جيئرو آهي، تنهن جي رزق جو ذمو ان تي آهي ۽ جيڪو مري ٿو، تنهن جو واپس ٿيڻ بہ هن جي طرف آهي. (بار الها) اکين تو کي ڏٺو نہ آهي، جو تنهنجي خبر ڏئي سگهن، بلڪ تون تہ هن وصف ڪرڻ واري مخلوق کان پهرين موجود هئين. تون (اڪيلائي جي) وحشتن کان بيزار ٿي مخلوق کي پيدا نہ ڪيو (آهي)، ۽ نہ پنهنجي ڪنهن فائدي لاءِ انهن کان اعمال ڪرايا. جنهن کي تون گرفت ۾ آڻڻ چاهين، سو تو کان اڳتي وڌي نڪري نٿو سگهي، ۽ جنهن کي تو پنهنجي گرفت ۾ آڻي ڇڏيو، سو بہ نڪري نٿو سگهي. جيڪو تنهنجي مخالفت ٿو ڪري، سو ائين نہ آهي، تہ هو تنهنجي فرمانروائي کي ڪو نقصان ٿو رسائي، ۽ جيڪو تنهنجي اطاعت ٿو ڪري، سو ملڪ (جي وسعتن) کي وڌائي نٿو ڇڏي، ۽ جيڪو تنهنجي قضا ۽ قدر تي بگڙجي بيهي، سو تنهنجي امر کي رد نٿو ڪري سگهي، ۽ جيڪو تنهنجي حڪم کان منهن موڙي، سو تو کان بي پرواهہ نٿو ٿي سگهي. هر لڪل شيءِ تنهنجي لاءِ ظاهر ۽ هر غيب تنهنجي اڳيان بي نقاب آهي. تون ابدي آهين، جنهن جي ڪا حد نہ آهي، ۽ تون ئي (سڀني جي) آخري منزل آهين، جنهن کان ڀڄڻ جي ڪا بہ راهہ نہ آهي، ۽ تون ئي وعده ڪيل هنڌ آهين، جو تو کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ جي ڪا بہ جڳهہ نہ آهي، مگر فقط تنهنجي ذات آهي، جو هر واڳڙو تنهنجي قبضي ۾ آهي، ۽ هر هڪ ساهہ واري جو واپس ٿيڻ تنهنجي طرف آهي.

سبحان الله! هيءَ تنهنجي ڪائنات، جيڪا اسين ڏسي رهيا آهيون، ڪيڏي نہ عظيم الشان آهي، ۽ تنهنجي قدرت جي سامهون ان جي عظمت ڪيتري نہ گهٽ آهي، ۽ هي تنهنجي بادشاهت، جيڪا اسان جي نظرن جي سامهون آهي، ڪيڏي نہ شانائتي آهي، ليڪن تنهنجي ان سلطنت جي مقابلي ۾ جيڪا اسان جي گناهن کان لڪل آهي، تنهن کان ڪيتري نہ حقير آهي، ۽ دنيا ۾ هي تنهنجون نعمتون ڪيڏيون نہ مڪمل ۽ همہ گير آهن، پر آخرت جي نعمتن جي سامهون اهي ڪيتريون نہ مختصر آهن.



Presented by Ziaraat.Com

ساڳئي خطبي جو هي ٻه حصو آهي:

بارِ الها! تو فرشتن کي آسمانن ۾ رهايو ۽ انهن کي زمين جي فرش کان مٿي رکيو، انهن کي سموري مخلوق کان وڌيڪ تنهنجي معرفت حاصل آهي، ۽ سڀني کان زياده تو کان ڊڄن ٿا، ۽ سڀني کان زياده تنهنجا خاص دوست آهن، نه اهي صلبن (پشتن) ۾ رهيا، نه (اهي مائن جي) پيٽن ۾ رکيا ويا، نه ذليل پاڻي (نطفي) مان انهن جي پيدائش ٿي، ۽ نه زماني جي حادثن انهن کي هيٺ مٿي ڪيو. هو تنهنجي قرب (ويجهڙائي) ۾ پنهنجي مقام ۽ منزلت جي بلندي ۽ تنهنجي باري ۾ خيالن جي يڪسوئي ۽ تنهنجي عبادت جي گهڻائي ۽ تنهنجي حڪمن ۾ غفلت نه ڪرڻ جي باوجود، جيڪڏهن تنهنجي قدرتي رازن جي ته تائين پهچي وڃن، جيڪي انهن کان پوشيده آهن، ته اهي پنهنجي اعمالن کي نهايت حقير سمجهندا، ۽ پنهنجن نفسن تي ملامت ڪندا، ۽ ائين سمجهندا، ته انهن تنهنجي عبادت جو حق ادا نه ڪيو آهي، ۽ نه تنهنجي ايتري ڪا اطاعت ڪئي اٿن.

آءُ (تو کي) پنهنجو خالق ۽ معبود سمجهندي، تنهنجي تسبيح ڪريان ٿو. تنهنجي ان بهترين سلوڪ جي بنياد تي، جيڪو تنهنجو، پنهنجي مخلوقات سان آهي. تو هڪ اهڙو گهر (جنت ۾) بڻايو آهي، جنهن ۾ مهماني لاءِ کائڻ پيئڻ جون شيون، حورون، غلمان، محل، نهرون، باغ ۽ ميوا مهيا ڪيل آهن. ازانسواءِ تو انهن نعمتن جي طرف دعوت ڏيڻ وارو موڪليو، پر نه انهن سڏڻ واري جي، آواز تي لبيڪ چئي ۽ نه انهن شين جي طرف راغب ٿيا، جن جي تو رغبت ڏياري هئي، ۽ نه انهن شين جا مشتاق ٿيا، جن جو تو اشتياق ڏياريو هو. هو ته انهي مردار دنيا تي ڪري پيا، جنهن جي چِني کائڻ ۾ پنهنجي عزت ۽ آبرو وڃائي رهيا آهن ۽ ان جي چاهت تي ٻڌي ڪيائون. جو شخص ڪنهن شيءِ سان تمام گهڻي محبت ڪري ٿو، ته اها ان جي اکين کي انڌو ۽ دل کي مريض ڪري ٿي ڇڏي. پلا جي هو ڏسي ٿو، ته بيمار اکين سان ٻڌي ٿو ته نه ٻڌڻ وارن ڪنن سان، شهوتن هن جي عقل جو دامن ڦاڙي ڇڏيو آهي، ۽ دنيا هن جي دل کي مرده بنايو آهي، ۽ هن جو نفس ان تي مري چڪو آهي. هي دنيا جو ۽ انهن ماڻهن جو جن وٽ ڪجهه به دنيا آهي، تن جو بندو ۽ غلام بڻجي چڪو آهي. جيڏانهن اها مڙي ٿي، تيڏانهن هي به مڙي ٿو. جيڏانهن هن جو رخ ٿئي ٿو، تيڏانهن هن جو به رخ ٿئي ٿو. هو نه الله جي طرف کان ڪنهن روڪڻ واري جي چوڻ ٻڌڻ سان رڪجي ٿو، ۽ نه وري ان جي ڪنهن وعظ ڪرڻ واري جي نصيحت مڃي ٿو. حالانڪ هو انهن ماڻهن کي ڏسي ٿو، جن کي عين غفلت جي حالت ۾ اتي ئي پڪڙيو ويو، جتي نه تدارڪ جي گنجائش ۽ نه دنيا جي طرف واپس ٿيڻ جو موقعو هوندو، ۽ ڪهڙي طرح اهي شيون اچي انهن تي ٽٽيون، جن کان هو بيخبر



Presented by Ziaraat.Com

هئا، ۽ ڪهڙي طرح هن دنيا کان جدائي (جي ساعت سامهون) اچي وئي، جنهن کان چڱي طرح مطمئن هئا، ۽ ڪهڙي طرح آخرت جي انهن شين تائين پهچي ويا، جن جي انهن کي خبر ڏني وئي هئي. هاڻي جيڪي مصيبتون انهن تي اچي ٿيون آهن. تن کي بيان نٿو ڪري سگهجي. موت جون سختيون ۽ دنيا کي ڇڏڻ جون حسرتون پاڻ ۾ ملي جلي انهن کي گهيري ۾ آڻين ٿيون، جنهن ڪري هنن جا هٿ پير ڍرا ٿي وڃن ٿا، ۽ رنگ بدلجي وڃن ٿا، پوءِ انهن (جي عضون) ۾ موت جون دخل اندازيون وڌي وڃن ٿيون. ڪو اهڙو به ٿئي ٿو، جنهن جي پهرين زبان بند ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ سندس عقل درست ۽ هوش حواس به سالم هوندا اٿس.

هو پنهنجي گهر وارن جي سامهون پيل، پنهنجي اکين سان ڏسي ٿو، ۽ پنهنجي ڪنن سان ٻڌي به ٿو، ۽ انهن شين بابت سوچي به ٿو، جن ۾ هن پنهنجي عمر وڃائي ڇڏي، ۽ پنهنجو زمانو گذاريائين، ۽ پنهنجي گڏ ڪيل مال و متاع کي ياد ڪري ٿو، جنهن جي طلب ڪرڻ ۾ (جائز ۽ نا جائز) اکيون بند ڪري ڇڏيائين، ۽ جن کي صاف ۽ مشڪوڪ هر طرح جي جڳهن تان حاصل ڪيائين، تن جو وبال پنهنجي سر تي کڻي، انهن کي ڇڏڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. اهو مال (هاڻي) سندس پوين لاءِ رهجي ويندو، ته اهي ان مان عيش ۽ آرام ماڻين ۽ آتشبازي ڪن. اهڙي طرح اهو مال ٻين کي ته بنا ڪنهن هٿ پير هڻڻ جي ملي ويو، ليڪن ان جو بار سندس ڪلهن تي ٿيو، ۽ پاڻ ان مال جي سببان اهڙو ته گروي ٿيو جو پاڻ کي ڇڏائي نٿو سگهي. مرڻ وقت جڏهن اها حقيقت ظاهر ٿي سندس سامهون آئي، تڏهن پشيمانيءَ کان پنهنجي هٿن کي پيو چڪ هڻندو، ۽ عمر ڀر جن شين جو طلبگار رهيو، تن کان هاڻي ڀڄڻ جي ٿو ڪري، ۽ اها تمنا ٿو ڪري، ته جيڪي هن مال جي سببان ساڻس حسد ۽ رشڪ پيا ڪندا هئا (ڪاش) اهي ئي هن مال کي سميٽي گڏ ڪن ها، (پر) هاڻي موت جي قبضي، سندس جسم ۾ اچا به واڌارو ڪيو، تانجو زبان سان گڏ ڪنن تي به موت ڇانئجي ويو.

هاڻي گهر وارن جي سامهون سندس اها حالت ٿئي ٿي، جو نه زبان سان ڳالهائي ٿو سگهي، ۽ نه ڪنن سان ٻڌي ٿو سگهي. اکين کي ڦيرائيندي انهن جي چهرن کي تڪيندو رهي ٿو. انهن جي زبانن جي چرپر کي ڏسي ٿو، ليڪن ڳالهه ٻولهه جا آواز نٿو ٻڌي سگهي. هاڻي اتي پاڻ وڌيڪ موت چنبڙي ويس ۽ سندس اکين کي بند ڪري ڇڏيائين، جهڙي طرح ان جي ڪنن کي بند ڪيائين، ۽ پوءِ روح به سندس بدن مان مفارقت (جدائي) ڪري هليو ويو.



Presented by Ziaraat.Com

هاٺي هو، گهر وارن جي سامهون هڪ لاش جي صورت ۾ پيو آهي، ۽ انهن کي (لاش) جي طرفان ڏپ ۽ هيبت محسوس ٿئي ٿي، ۽ ان جي ويجهو اچڻ کان پري ٿائين ٿا پڇن. هاٺي نه هو روئڻ وارن جي ڪا مدد ڪري سگهي ٿو، ۽ نه سڏڻ وارن جو ڪو جواب ڏئي سگهي ٿو. پوءِ هن کي ڪٽي زمين تي آڻين ٿا، جتي ان جي قبر ٺهٽي آهي، ۽ لاش کي ان جي حوالي ڪري ڇڏين ٿا، ته هاٺي هو پاڻ چاٽي ۽ سندس ڪم چاٽي، ۽ پوءِ ان جي ملاقات کان هميشه لاءِ منهن موڙي ٿا وڃن. تان جو تقدير جو لکيو پنهنجو مقرر ڪيل وقت تي ۽ پڻ الله جو حڪم پنهنجي مقرر ٿيل حد کي پهچي ويندا.

)ان بعد) پونين کي اڳين سان ملايو ويندو، ۽ قضا جو فرمان وري مند کان پيدا ڪرڻ جو ارادو ڪٽي ايندو، ته هو آسمانن کي جنبش ۾ آڻيندو، ۽ انهن کي ڦاڙيندو، ۽ زمين کي لوڏي ڇڏيندو، ۽ ان جي بنيادن کي کوکلو ڪندو. ۽ جبلن جي بنيادن کي اکيڙي ڇڏيندو، ۽ پوءِ اهي سندس جلال جي هيبت ۽ غلبي ۽ قهر جي دهشت کان پاڻ ۾ ٽڪرجڻ لڳندا، پوءِ هو زمين مان سيني کي ٻاهر ڪڍندو، ۽ انهن کي سڙي ڳري وڃڻ کان پوءِ وري نئين سر تر و تازه ڪندو، پڻ جدا جدا ۽ پکڙجي ڌار ٿيڻ کان پوءِ وري گڏ ڪندو. پوءِ انهن جي لڪل اعمالن ۽ پوشيده ڪارگذارين جي متعلق پڇا ڳاڇا ڪرڻ لاءِ انهن کي جدا جدا ڪندو، ۽ ڪين ٻن حصن ۾ ورهائيندو. هڪ کي هو انعام اڪرام ڏيندو، ۽ ٻئي کان انتقام وٺندو. جيڪي فرمانبردار هئا، تن کي جدا (نيڪي جو عيوض) ڏيندو، ته اهي سندس جوارِ رحمت ۾ رهن، ۽ پنهنجي گهر ۾ انهن کي هميشه لاءِ رهائيندو، جتي رهڻ وارا ڪڏهن به ڪوچ نه ڪندا، ۽ نه انهن جا حالات بدلبا رهندا، ۽ انهن کي گهڙي گهڙي خوف ستائيندو، نه بيماريون انهن کي ٿينديون، ۽ انهن کي خطرا درپيش ٿيندا، ۽ نه انهن کي سفر هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه ڏانهن ڪٽي ويندو.

پر جيڪي نافرمان هوندا، تن کي بڇڙي گهر ۾ اچلايو ويندو. انهن جا هٿ پنيان ڳچي سان (ڇڪي) ٻڌندو، ۽ انهن جي پيشانين تي لٽڪيل وارن سان سندن پيرن کي ٻڌي ڇڏيندو، ۽ کين تارڪول (ڏامر) جون قميصون ۽ باهه سان سڙيل ڪپڙا پارايا ويندا (يعني انهن تي تيل چاڙاري کين باهه ۾ ڦُسي وجهندا. اهي اهڙي عذاب ۾ هوندا، جنهن جي تپش نهايت گرم هوندي ۽ (اهڙي جڳهه ۾ هوندا جتي) انهن جا دروازا بند ڪيا ويندا ۽ اهڙي باهه ۾ هوندا، جنهن جا تيز اُلا، پڙڪندڙ آواز، اٿندڙ شعلا ۽ هيبت ناڪ چيخون هونديون، ان ۾ رهڻ وارا نڪري نه سگهندا، ۽ نه وري انهن قيدين جو فديو ڏئي کين ڇڏائي سگهجي ٿو، ۽ نه انهن جون هٿڪڙيون ڪو ٽٽي سگهنديون. ان گهر جي ڪا مدت مقرر ڪيل نه آهي، جو ان کان پوءِ ان کي ناس



Presented by Ziaraat.Com

ڪيو وڃي. نہ وري رهڻ وارن لاءِ مقرر ڪيل عرصو آهي، جو اهو پورو ٿئي. (تہ پوءِ ڪين آزاد ڪيو وڃي.)

هن خطبي جو هي حصو، آنحضرت صلي الله عليہ و آلہ جن جي باري ۾ آهي:

انهن (حضور جن) هن دنيا کي ذليل ۽ خوار ڄاتو ۽ پست ۽ حقير سمجهو. ڪين خبر هئي، تہ الله تعالیٰ سندن شان کي بالاتر سمجهي، دنيا جو رخ ڪانئن موڙي ڇڏيو. ۽ دنيا کي حقير ڄاڻي ٻين لاءِ ان جو دامن وڇائي ڇڏيو. تنهن ڪري حضور صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن دنيا تان دل ڪٽي ڇڏيائون، ۽ ان جي ياد پنهنجي نفس تان هٽائي ڇڏيائيون، ۽ ائين چاهيندا رهيا، تہ ان جو شان شوڪت سندن نظرن کان پري رهي، جو نہ ان مان عمدا لباس حاصل ڪن، ۽ نہ وري ان ۾ رهڻ جي اميد رکن. حضور صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن سمورا عذر ڇڏي، پنهنجي پروردگار جو پيغام پهچائي ڇڏيو، ۽ ڊيڄاريندي امت کي پند و نصيحت ڪيائون. پڻ خوشخبري ٻڌائيندي، جنت جي طرف دعوت ڏنائون.

اسين نبوت جو شجرو، رسالت جي منزل، ملائڪن جي هيٺ لهڻ واري جاءِ، علم جي کاڻ ۽ حڪمت جا سرچشما آهيون، اسان جي مدد ڪرڻ وارو ۽ اسان سان محبت ڪرڻ وارو رحمت لاءِ منتظر آهي، ۽ اسان سان دشمني ۽ بغض رکڻ واري کي، (خدائي غضب) قهر جو منتظر رهڻ گهرجي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 109: عظمت ايمان

عظمت ايمان

الله تعاليٰ جي طرف وسيلي ڳولڻ وارن لاءِ نهايت بهترين وسيلو الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻڻ آهي، ۽ ان جي راھ ۾ جهاد ڪرڻ، ڇو تہ اھا اسلام جي سربلند چوٽي آهي، ۽ توحيد جو ڪلمو، جيڪو فطرت (جو آواز) آهي، ۽ نماز جي پابندي سان عين دين آهي، ۽ زڪوات ادا ڪرڻ سو واجب ۽ فرض آهي، ۽ ماه رمضان جا روزا رکڻ سان عذاب جي ڍال آهي ۽ خانہ ڪعبہ جو حج ۽ عمره بجا آڻڻ، سو فڪر کي دور ڪري ٿو ۽ گناهن کي ڌوئي صاف ڪري ٿو، ۽ عزيزن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ سان مال جي فراواني ۽ عمر جي درازي جو سبب آهي، ۽ لڪي خيرات ڪرڻ، سو گناهن جو ڪفارو آهي، ۽ ظاهر ظهور خيرات ڪرڻ سو بڇڙي موت کان بچائي ٿو، ۽ ماڻهن تي احسان ڪرڻ، سا ذلت ۽ خواري جي موقعن کان بچائي ٿي.

الله جي ذڪر ۾ وڌندا رهو. ان ڪري جو اهو بهترين ذڪر آهي، ۽ ان شيءِ جا خواهشمند ٿيو، جنهن جو الله تعاليٰ پرهيزگارن سان وعدو ڪيو آهي، ان ڪري جو هن جو وعدو سڀني وعدن کان زياده سچو آهي. نبي صہ جن جي سيرت جي پيروي ڪريو، جيڪا بهترين سيرت آهي، ۽ سندن سنت تي هلو، جيڪا سڀني طريقن کان وڌيڪ هدايت ڪرڻ واري آهي، ۽ قرآن جو علم حاصل ڪريو، جيڪو بهترين ڪلام آهي، ۽ ان ۾ غور ۽ فڪر ڪريو، جيڪو دلين لاءِ بهار آهي، ۽ ان جي نور کان شفا حاصل ڪريو، جيڪا سينن (جي اندر لڪل بيمارين) لاءِ شفا آهي، ۽ ان جو خوبيءَ سان دور ڪريو، جو ان جا واقعات سڀني واقعن کان وڌيڪ فائدي رسائڻ وارا آهن.

اهو عالم، جيڪو پنهنجي علم جي مطابق عمل نٿو ڪري، سو ان پريشان جاهل وانگر آهي، جيڪو جهالت جي سرمستين سبب هوش ۾ نٿو اچي، بلڪ ان تي (الله تعاليٰ جي) حجت زياده آهي، پڻ حسرت ۽ افسوس ان جي لاءِ لازم ۽ ضروري آهي، ۽ الله جي نزديڪ اهو زياده ڦٽڪار جي لائق آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 110: دنيا جي نا پائداري

دنيا جي نا پائداري

الله جي حمد کان پوءِ آءٌ توهان کي دنيا کان ڊيڄاريان ٿو، ان ڪري جو اها (بظاهر) مٺي ۽ وڻندڙ سر سبز ۽ شاداب آهي، پڻ نفساني خواهشون ان جي چوڌاري ڦريو بيٺيون آهن. اها پنهنجي جلد ميسر ٿيڻ وارين شين جي سببان ماڻهن کي نهايت پسند هوندي آهي، ۽ پنهنجي ٿورڙي (زينت ۽ سخاوت) سان مشتاق بنائي ڇڏي ٿي، اها (ڪوڙين) اميدن سان سينگاريل ۽ ڌوکي، فريب سان سنواريل آهي. نہ ان جون خوشيون بقا واريون آهن، ۽ نہ ان جي اوچتين مصيبتن کان مطمئن رهي سگهجي ٿو. اها ڌوکي باز، نقصانڪار، ڦرڻ گهرڻ واري، ۽ فنا ٿيڻ واري آهي، ختم ٿيڻ واري ۽ مٽجڻ واري آهي، اها کائي کپائڻ ۽ مارڻ واري آهي. جڏهن اها پنهنجي طرف مائل ٿيندڙن ۽ خوش ٿيڻ وارن جي انتهائي اميدن تائين پهچي وڃي ٿي، تہ پوءِ اهو ئي ٿئي ٿو، جيڪو الله سبحانہ فرمايو آهي (هن دنيائي زندگي جو مثال اهڙو آهي) جهڙو اهو پاڻي، جنهن کي اسان آسمان مان لاٿو، تہ زمين جي ساوڪ ان سان ملي گڏجي هڪ ٿي وئي، ۽ (نهايت سٺي سرسبز آباد ٿي) پوءِ وري سڪي ڪک پن جي مثل ٿي وئي، جن کي هوائون (هيڏانهن هوڏانهن) اڏائينديون ڦرن ٿيون، ۽ الله تعالىٰ هر شي تي قادر آهي.

جيڪو شخص هن دنيا جو عيش آرام حاصل ڪري ٿو تہ ان کان پوءِ ان جا ڳوڙها (اکين مان) وهن ٿا ۽ جيڪو شخص دنيا جي خوشين جو رخ ڏسي ٿو، تنهن کي دنيا مصيبتن ۾ ڌڪي، ڪيس پنهنجي بي رخي ڏيکاري ٿي، ۽ جنهن شخص تي راحت ۽ آرام جي بارشن جون هلڪيون ڦڙيون پون ٿيون، تنهن تي مصيبتن ۽ تڪليفن جا دونهان بارش وانگر بہ وسن ٿا. هن دنيا جا ئي اهڙا حال آهن، جو صبح جو ڪنهن جي دوست بڻجي، ان جي (دشمن کان) بدلو وٺي ٿي، ۽ شام جو ائين ٿي وڃي ٿي، ڄڻ تہ ڪا ڄاڻ سڃاڻ ئي ڪا نہ هيس. جيڪڏهن هن جو هڪ طرف مٺو ۽ خوشگوار آهي، تہ ٻيو حصو وري ڪڙو ۽ مصيبت ۽ بلا وارو آهي. جيڪو شخص دنيا جي تر و تازگيءَ سان پنهنجي ڪا تمنا پوري ڪري ٿو، تہ اها مٿس مصيبتن جو بو ج آڻي ٿي، جنهن کي امن ۽ سلامتي جي پرن تي شام ٿئي ٿي، تنهن کي صبح وري خوف جي پرن تي ٿئي ٿو. اها ڌوکي باز آهي ۽ ان جي هر شيءِ ڌوکو. اها خود بہ فنا ٿيڻ واري آهي ۽ ان ۾ رهڻ وارو بہ فاني آهي. هن جي ڪنهن بہ ثمر ۾ تقوىٰ جي ثمر کان سواءِ ڀلائي نہ آهي. جيڪو شخص گهٽ حصو وٺي ٿو، سو پنهنجي لاءِ راحت جا سامان وڌائي ٿو، ۽ جيڪو ماڻهو دنيا کي زياده سميٽي ٿو ڪري،



Presented by Ziaraat.Com

سو پنهنجي لاءِ تباهه ڪندڙ ڳالهين جو اضافو ڪري ٿو. (حالانڪ) هن ڪي پنهنجي مال ۽ متاع کان به جلد ئي جدا ٿيڻو آهي. ڪيترائي ماڻهو اهڙا آهن، جن دنيا تي پروسو ڪيو ۽ ان ڪين مصيبتن ۾ وجهي ڇڏيو ۽ ڪيترائي مٿس اطمينان ڪيو ويٺا هئا، جن کي هن پٺيرو ڪيرائي دسي رکيو. ڪيترائي رعب ۽ حشمت وارا هئا، جن کي حقير ۽ پست ڪري ڇڏيائين، ۽ ڪيترائي هٺ ۽ غرور وارا هئا، جن کي ذليل ڪري ڇڏيائين. هن جي بادشاهي هٿئون هٿ منتقل ٿيڻ واري شيءِ، هن جو سرچشمو گندو ۽ مزيدار پاڻي به کارو، هن جا ذائقا ايريئي (وانگر ڪڙا) آهن. هن جون خوراڪون زهر قاتل ۽ جن جا اسباب ۽ ذريعن جا سلسلا ڪمزور ۽ اجايا آهن، جيئرو رهڻ وارو مرڻ واري جاءِ ۾ آهي، تندرست کي بيمارين جو خطرو آهي. هن جي بادشاهي کسجڻ واري آهي، هن جو زبردست، زيردست ٿيڻ وارو، مالدار بدبختين جو ستايل ۽ هن جي پاڙي ۾ رهڻ وارو ڦريل ۽ لٽيل آهي. ڇا! توهان انهن گذري ويل ماڻهن جي گهرن ۾ ڪو نه ويٺا آهيو، جيڪي وڏين عمرين وارا، پائدار نشانين وارا، وڏين اميدن رکڻ وارا، زياده ڳڻپ ۾ شمار وارا، ۽ وڏي لائو لشڪر وارا هئا؟ اهي دنيا جي ڪهڙي طرح نه پوڄا ڪندا هئا، ان کي آخرت تي ڪيئن نه ترجيح ڏيندا هئا، پوءِ بغير ڪنهن اهڙي ٿمر ۽ سواري جي، جيڪو انهن کي رستو طئي ڪرائي منزل تي پهچائي هليا ويا. ڇا توهان کي ڪڏهن اها خبر پئي آهي، ته دنيا ان جي عيوض ۾ ڪنهن امداد جي آڇ ڪئي هجي يا انهن کي ڪا مدد پهچائي هجي، يا چڱي نموني ۾ انهن سان رهي هجي، بلڪ هن ته انهن تي مصيبتن جا پهاڙ ڪيرايا. آفتن سان انهن کي عاجز ۽ پريشان ڪيائين، ۽ موتي ايندڙ زحمتن سان انهن کي جهنجهوڙي ڇڏيائين، ۽ منهن پر انهن کي مٽي تي اڇلائي ڇڏيائين، ۽ پنهنجي کرن سان انهن کي چيپاٽي ڇڏيائين، ۽ انهن جي خلاف زماني جي حادثن جو هٿ وندايو.

توهان ته ڏٺو آهي، ته جيڪو ٿورو به دنيا جي طرف جهڪيو، ۽ ان کي اختيار ڪيائين، ۽ ان کي چنبڙيو ته هن به (پنهنجو رخ بدلائي ان سان ڪهڙي نه) اجنبيت اختيار ڪئي، تانجو اها ان کان هميشه جي لاءِ پڻ جدا ٿي هلي وئي.

۽ پوءِ هن به ڪين بک کان سواءِ ٻيو ڪو به توشو نه ڏنو، ۽ هڪ تنگ جڳهه کان سواءِ ٻيو ڪو به رهڻ جو بندوبست نه ڪيو، ۽ سواءِ گهگهه اونده جي ٻي ڪا به روشني نه ڏني ۽ شرمندگي، پڇتائڻ کان سواءِ ڪو ڦل نه ڏنائين.



Presented by Ziaraat.Com

تہ پوءِ ڇا! توهان اهڙي دنيا کي فوقيت ڏيو ٿا يا ان تي مطمئن ٿيا آهيو يا ان تي مرو پيا؟ جيڪو دنيا تي بي اعتماد نہ رهيو، ۽ ان ۾ بي خوف و خطر ٿي رهيو، تنهن لاءِ هي بڇڙو گهر آهي. سمجهو، ۽ در اصل توهان سمجهو بہ ٿا، تہ (هڪ نہ هڪ ڏينهن) توهان کي دنيا ڇڏڻي آهي، ۽ هتان لاڏاڻو ڪرڻو آهي.

انهن ماڻهن مان عبرت حاصل ڪريو، جيڪي چوندا وتندا هئا، تہ ”اسان کان زياده طاقت ۽ قوت ۾ ڪير آهي؟“ انهن کي بہ لڏائي قبرن تائين پهچايو ويو، مگر اهڙي طرح نہ، جو انهن کي سوار سمجهيو وڃي، انهن کي بہ قبرن ۾ لاٿو ويو، مگر اهي مهمان نٿا سڏجن، پٿرن سان انهن جي قبرن کي بہ بند ڪيو ويو، ۽ خاڪ جا ڪفن انهن تي وڌا ويا، ۽ ڳريل سڙيل هڏن کي سندن پاڙيسري بنايو ويو، ۽ اهي اهڙا پاڙيسري آهن، جيڪي سڏ ڪرڻ سان جواب نٿا ڏين ۽ نہ ڏاڍائن کي روڪي سگهن ٿا، نہ ڪا رئڻ وارن جي ڪا پرواهہ ڪن ٿا. جيڪڏهن بادل انهن جي مٿان وسن، تہ خوش نٿا ٿين ۽ ڏڪار ٿئي تہ، انهن تي ڪا مايوسي نٿي ٿئي. هو هڪ هنڌ آهن، مگر جدا جدا. هو پاڻ ۾ پاڙيسري آهن، مگر پري پري. هو هڪٻئي سان گڏ آهن، مگر ميلاپ يا ملاقات نہ. آهن تہ هڪٻئي جي ويجهو، مگر هڪٻئي وٽ نٿا اچن. هو بردبار بنيا بي خبر ٿيو ويٺا آهن، هنن جا بغض ۽ حسد ختم ٿي ويا، ۽ دشمنيون پڻ ختم ٿيون، نہ هنن مان ڪنهن کي نقصان جو انديشو آهي، نہ وري ڪنهن تڪليف کي دور ڪرڻ جو توقع آهي، هنن، زمين جو مٿيون حصو، اندرين حصي سان ۽ ڪشادگي ۽ وسعت، تنگي سان ۽ گهر ٻار پرديس سان ۽ روشني اوندهہ سان بدلائي آهي، ۽ جهڙي طرح اگهاڙن پيرن ۽ اگهاڙي بدن سان پيدا ٿيا هئا، تهڙا ئي زمين ۾ (پيوند خاڪ) ٿي ويا، ۽ هن دنيا مان فقط عمل کڻي هميشہ واري زندگي ۽ سدائين رهڻ واري گهر ڏانهن ڪوچ ڪري ويا.

جيئن الله سبحانہ فرمايو آهي تہ: جهڙي طرح اسان مخلوقات کي پهرين دفعي پيدا ڪيو هو، تهڙي طرح پيهر پيدا ڪنداسين، ان وعدي جو پورو ڪرڻ اسان جي ذمي آهي ۽ اسين ان کي ضرور پورو ڪنداسين.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 111: ملڪ الموت ۽ روح جي قبض ٿيڻ جو ذڪر

ملڪ الموت ۽ روح جي قبض ٿيڻ جو ذڪر:

هن ۾ ملڪ الموت ۽ ان جي روح قبضي ڪرڻ جو ذڪر ڪيل آهي:

جڏهن (ملڪ الموت) ڪنهن گهر ۾ داخل ٿئي ٿو، ته پوءِ ڪڏهن توهان ان جي پيرن جي آواز کي محسوس ڪريو ٿا، ۽ يا جڏهن هو ڪنهن جو روح قبض ڪري ٿو، ته ڇا توهان ان کي ڏسو ٿا؟ حيرت آهي، جو هو ڪهڙي طرح ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار جو روح قبض ڪري وٺي ٿو! ڇا، هو ماءُ جي جسم جي ڪنهن حصي مان اتي پهچي ٿو، يا الله تعالىٰ جي حڪم سان روح، ان جي آواز تي لبيڪ چوندي اڳتي وڌي ٿو، يا هو ٻار سان گڏ، ماءُ جي پيٽ ۾ ترسيل آهي؟ جيڪو ان جهڙي مخلوق جي باري ۾ ڪجهه به نٿو ٻڌائي سگهي، سو ڀلا پنهنجي رب جي متعلق ڇا ٻڌائي سگهندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 112: دنيا جي بي ثباتي

دنيا جي بي ثباتي

آءٌ توهان کي دنيا کان خبردار ڪريان ٿو، تہ هيءَ اهڙي شخص جي منزل آهي، جنهن لاءِ قرار نہ آهي، ۽ اهڙو گهر آهي، جنهن ۾ داڻو پاڻي تتو ڳولي سگهجي. هي پنهنجي باطل سان سينگاريل آهي ۽ پنهنجي زينتن سان ڌوڪو ڏي ٿي. هي هڪ اهڙو گهر آهي، جيڪو پنهنجي رب جي نظرن ۾ ذليل ۽ خوار آهي. جيئن تہ هن حلال سان گڏ حرام ۽ ڀلاين سان گڏ برايون، حياتي سان گڏ موت ۽ شيريني سان ڪڙاڻ مليل جليل ڪيون آهن. ۽ (الله تعالىٰ) پنهنجي دوستن لاءِ ان کي بي دريغ نہ رکيو، ۽ نہ وري دشمنن کي ڏيڻ ۾ بخل ڪيائين، هن دنيا جون ڀلايون تمام گهٽ ۽ برايون (جتي چاهيو) موجود آهن، هن جي گڏ ڪيل پونجي ختم ٿيڻ واري ۽ هن جو ملڪ کسجي وڃڻ وارو ۽ هن جون آباديون ويران ٿيڻ واريون آهن. ڀلا ان گهر ۾ خير ۽ خوبي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي، جيڪا ڪرنڊڙ عمارت وانگر ڪِري پوي، ۽ ان عمر ۾ راهہ جي سفر وانگر ختم ٿي وڃي، ۽ ان مدت ۾ هلڻ ڦرڻ وانگر پوري ٿي وڃي.

جن شين جي توهان کي طلب ۽ تلاش رهي ٿي، تن الله تعالىٰ جي فرضن کي بہ داخل ڪريو ۽ جيڪي ڪجهہ الله تعالىٰ توهان کان گهريو آهن، تن کي پوري ڪرڻ جي توفيق بہ ان کان گهرو. موت جي پيغام اچڻ کان پهرين، موت جو سڏ پنهنجي ڪنن کي ٻڌائي ڇڏيو. هن دنيا ۾ زاهدن جون دليون رئن ٿيون، جيتوڻيڪ اهي کلنديون هجن، ۽ انهن جو غم ۽ اندوهہ حد کان وڌيل ٿئي ٿو، جيتوڻيڪ انهن (جي چهرن) مان خوشي ٻهڪندي هجي ۽ انهن کي پنهنجي نفسن سان انتهائي دشمني هوندي آهي، توڙي جو انهي رزق جي سبب انهن کي مليل آهي، تنهن تي رشڪ ڪيو ويندو هجي. توهان جي دلين مان موت جي يادگيري هلي وئي آهي ۽ ڪوڙيون اميدون (توهان جي اندر) موجود آهن. آخرت کان وڌيڪ دنيا توهان تي غالب آهي، ۽ اها عقبىٰ کان زياده توهان کي پنهنجي طرف ڇڪي ٿي. توهان الله تعالىٰ جي دين جي سلسلي ۾ هڪٻئي جا ڀائر آهيو، پر بدنيتي ۽ بدظني توهان ۾ تفرقو (نفاق) وجهي ڇڏيو آهي، نہ توهان هڪٻئي جو بار ورهائي کڻو ٿا، نہ پاڻ ۾ هڪٻئي کي نصيحت ۽ هدايت ڪريو ٿا، نہ هڪٻئي تي ڪجهہ خرچ ڪريو ٿا، ۽ نہ توهان کي هڪٻئي سان قرب ۽ محبت آهي.

ٿورڙي دنيا هٿ اچڻ تي خوش ٿيو ٿا، پر آخرت جي وڏي حصي کان محرومي توهان کي غمگين نٿي ڪري. ٿورڙي دنيا جو بہ توهان جي هٿن مان نڪري وڃڻ، توهان کي بي چين ڪري ڇڏي ٿو، تان جو



Presented by Ziaraat.Com

بي چيني توهان جي چهرن مان ظاهر ٿيڻ لڳي ٿي، ۽ وچايل شين تي توهان جي بي صبري ظاهر ٿي پوي ٿي. گويا هيءَ دنيا توهان جو مستقل مقام آهي، ۽ دنيا جو ساز و سامان هميشه رهڻ وارو آهي. توهان مان ڪنهن کي به ڪنهن جي عيب ظاهر ڪرڻ ۾ فقط اها ڳالهه روڪي ٿي، متان هو به توهان جا عيب کولي، توهان جي اڳيان رکي. توهان آخرت کي وساري ۽ دنيا کي چاهڻ تي پاڻ ۾ عهد ڪري ڇڏيو آهي. توهان ماڻهن جو دين ائين آهي، ڄڻ ته هڪ دفعو زبان چَٽي ڇڏيو اٿو (يعني فقط زباني اقرار). توهان ته اهڙي شخص وانگر مطمئن ٿي چڪا آهيو، جيڪو پنهنجي ڪمن ڌنڌن کان فارغ ٿي ويو هجي، ۽ پنهنجي مالڪ جي رضامندي حاصل ڪئي هجيس.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 113: پرهيزگاري

پرهيزگاري

سموريون تعريفون ان الله لاءِ آهن، جيڪو حمد جو پيوند نعمتن سان ۽ نعمتن جو سلسلو شڪر سان ملائڻ وارو آهي. اسين سندس نعمتن تي اهڙي طرح حمد ڪريون ٿا، جهڙي طرح سندس آزمائشن تي ثنا ۽ شڪر بجا آڻيون ٿا، ۽ انهن نفسن جي خلاف ڪائنس مدد گهرون ٿا، جيڪي حڪمن جي بجا آڻڻ ۾ سست قدم ۽ منع ڪيل شين جي طرف وڌڻ ۾ تيزگام آهن، ۽ انهن (گناهن) کان مغفرت گهرون ٿا، جن تي سندس علم گهيرو ڪيل ۽ اعمالن تي حاوي آهي. نہ (سندس) علم ڪا ڪمي ڪرڻ وارو آهي، ۽ نہ (وري) اعمال نامو ڪنهن شيءِ کي ڇڏڻ وارو آهي. اسين ان شخص وانگر مٿس ايمان رکون ٿا، جنهن غيب جي شين کي (پنهنجي اکين سان) ڏسي ڇڏيو هجي، ۽ وعدي ڪيل شين کان آگاھ ٿي چڪو هجي. اهڙو ايمان جنهن جي خلوص، شرڪ کي ۽ يقين شڪ کي پري اچلائي ڇڏيو هجي، ۽ اسين گواهي ٿا ڏيون تہ الله کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي، جيڪو وحده لاشريڪ آهي ۽ پڻ اهو بہ، تہ محمد صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن هن جا عبد ۽ رسول آهن. اهي ٻئي شاهديون (سٺين) ڳالهين کي اُچو ۽ نيڪ عملن کي بلند ڪن ٿيون. جنهن بہ ساهميءَ ۾ انهن کي رکيو ويندو، تنهن جو پڙ هلڪو نہ ٿيندو، ۽ جنهن ميزان کان انهن کي جدا ڪيو ويندو، تنهن جي پڙ ڳرو ٿي نٿو سگهي.

اي الله تعاليٰ جا بندو! آءٌ توهان کي الله کان ڊڄڻ جي نصيحت ڪريان ٿو، ان ڪري جو اها ئي تقويٰ راه جو توشو آهي، ۽ اها ئي ڪٽي موٽڻو آهي. اهو ثمر (منزل تائين) پهچائڻ وارو ۽ اهو ئي موٽڻ ڪامياب موٽڻ آهي. ان جي طرف، سڀ کان وڌيڪ بهتر ٻڌائڻ واري دعوت ڏني. ۽ بهترين ٻڌڻ واري اها ٻڌي، محفوظ رکي. جيئن تہ دعوت ڏيڻ واري ٻڌايو ۽ ٻڌڻ وارو بهره اندوز ٿي ويو.

الله تعاليٰ جا بندو! تقويٰ (پرهيزگاري) ئي الله جي دوستن کي، انهن حرام افعالن ڪرڻ کان بچايو آهي، ۽ انهن جي دلين ۾ خوف پيدا ڪيو آيو، تانجو انهن جون راتيون جاڳندي ۽ تپندڙ ڏينهن پهرن جو وقت، اڃ ۾ گذرن ٿا، ۽ ان تڪليف، ڏک ۽ رنج جي عيوض (دائمي) راحت ۽ ان اڃ جي عيوض (تسنيم ۽ ڪوثر تان) سيرابي حاصل ڪن ٿا. انهن موت کي قريب سمجهي، اعمالن (ڪرڻ) ۾ جلدي ڪئي، ۽ اميدن کي ڪوڙو سمجهي، اجل کي نگاه ۾ رکيو، ڇو جو هيءَ دنيا فنا، تڪليف، تغير ۽ عبرت واري جاءِ آهي، جيئن تہ فنا ڪرڻ جي صورت اها آهي، تہ زمانو پنهنجي ڪمان ڇڪيو بيٺو آهي، جنهن جو تير گسڻ وارو نہ آهي ۽



Presented by Ziaraat.Com

نہ وري انهن جي زخمن جو ڪو علاج ٿي سگهي ٿو. جيئري ٿي موت جا، تندرست ٿي بيماري جا ۽ محفوظ ٿي تباهي جا تير هلائيندو رهي ٿو. هو اهڙو تہ ڪائو هيڇي آهي، جيڪو ڊاپجي ٿڻو. ۽ اهڙو پيئڻ وارو آهي، جنهن جي پياس ئي ٿني لهي، پڻ ڏکن ۽ تڪليفن جي اها صورت آهي، جو ماڻهو مال جمع ڪري ٿو، پر ان مان کائڻ کيس نصيب ٿئو ٿئي. گهر ٺاهي ٿو، پر ان ۾ رهڻ نصيب ٿئو ٿئيس، ۽ الله تعالیٰ جي طرف اهڙي طرح هليو وڃي ٿو، جو نہ مال پاڻ سان کڻي وڃي ٿو ۽ نہ وري گهر ئي ان طرف منتقل ڪري سگهي ٿو، ۽ ان جي تبديليءَ جي اها حالت آهي، جو توهان هڪ اهڙي شخص کي ڏسو ٿا، جنهن جي حالت رحم جي لائق هوندي آهي، ۽ اهو (ڏسندي ڏسندي) اهڙو ٿي وڃي ٿو، جنهن تي رشڪ ڪيو وڃي ٿو، ۽ قابل رشڪ ماڻهو کي ڏسندا، تہ (ٿورن ئي ڏينهن ۾) ان جي حالت تي ترس اچڻ لڳي ٿو. ان جو اهو ئي تہ سبب آهي، جو ان وٽان، نعمت هلي وئي، ۽ مٿس غربت ۽ فقيري اچي ڪڙڪيون. ان مان عبرت حاصل ڪرڻ جي اها صورت آهي، تہ انسان اجا پنهنجي اميدن جي انتها تائين پهچڻ وارو ئي ٿئي ٿو، تہ موت پهچي، سندس اميدن جا سمورا سلسلا ٽوڙي ڇڏيندو آهي، پوءِ اهڙي طرح نہ اميدون پوريون ٿين ٿيون ۽ نہ وري اميدن رکڻ وارو ئي باقي ڇڏيو ويندو.

الله اڪبر! هن دنيا جي خوشين جون ڌوڪي بازيون ۽ ان جي سيرابي جون اڃُون ڪيتريون تہ زياده آهن! ۽ هن جي پاڇي ۾ اس ڪيتري تہ زياده آهي. نہ اچڻ واري موت کي موٽائي سگهجي ٿو، ۽ نہ وڃڻ وارو موٽي اچي سگهي ٿو. سبحان الله! جيئرو، مئلن ۾ انهن سان ملي وڃڻ سبب ڪيترو تہ ويجهو آهي، ۽ مئل، جيئرن ۾ سمورن تعلقات جي ٽٽي وڃڻ سببان ڪيترو تہ پري آهي. بيشڪ، ڪا بہ بڇڙي کان بڇڙي ڳالهہ سواءِ ان جي عذاب جي ناهي، ۽ ڪا بہ سٺي کان سٺي ڳالهہ سواءِ ان جي ثواب جي ناهي. دنيا ۾ هر ڳالهہ جو ٻڌڻ، ان جي ڏسڻ کان عظيم تر آهي، مگر آخرت جي ڳالهہ جو ڏسڻ، ٻڌڻ کان ڪيئي مرتبا زياده آهي. پوءِ توهان ان ٻڌڻ مان ان جي اصلي حالت، جيڪا ڏسڻ ۾ ايندي، تنهن مان اندازو ۽ خبر وٺي ان غيب جي تصديق ڪريو. توهان کي معلوم هئڻ گهرجي، تہ دنيا جي ڪمي ۽ آخرت جو اضافو، عقبیٰ جي ڪمي ۽ دنيا جي اضافي کان گهڻو بهتر آهي. ڪيترائي نقصان کڻڻ وارا فائدي ۾ رهن ٿا، ۽ ڪيترا ئي گڏ ڪرڻ وارا نقصان ۾ رهن ٿا، جن ڳالهين جو الله تعالیٰ توهان کي حڪم ڏنو آهي، (۽ توهان جي لاءِ جائز رکيون آهن) تن جو دامن انهن ڳالهين کان گهڻو وسيع آهي، جن کان روڪيو اٿس، ۽ حرام شين کان حلال شيون تمام گهڻيون آهن، تنهن ڪري گهڻين شين جي ڪري ٿورين شين کي ڇڏي ڏيو، ۽ حرام جي تنگين مان نڪري، حلال جي وسعتن ۾ اچو. هن توهان جي رزق جو ذمو کنيو آهي ۽ توهان کي اعمال بجا آڻڻ جو حڪم ڏنو آهي، تنهن ڪري جنهن ڳالهہ جو ذمو کنيو ويو آهي، تنهنجي جي تلاش ۽



Presented by Ziaraat.Com

طلب، عملن ۽ فرضن جي بجا آڻڻ کان توهان جي نگاهن ۾ مقدم نہ هئڻ گهرجي، مگر خدا جو قسم! توهان جي عمل جو طريقو اهڙو آهي، جو ڏسڻ واري کي شڪ ٿيڻ لڳي ٿو، ۽ ائين معلوم ٿو ٿئي، تہ رزق جو حاصل ڪرڻ تہ توهان تي فرض آهي، پر جيڪو واقعي توهان تي فرض آهي، يعني واجبات جو بجا آڻڻ، تنهن ۾ توهان ڪريل آهيو. عمل جي طرف وڌو ۽ موت جي اوچتي اچڻ کان ڊڄو، ان ڪري جو عمر جي واپس اچڻ جي اميد ڪري نٿي سگهجي، جڏهن تہ رزق جي موٽي اچڻ جي اميد ٿي سگهي ٿي. جيڪو رزق اڄ هٿ نہ آيو، تہ سڀاڻي ان جي واڌاري جي اميد ٿي سگهي ٿي، پر اها اميد نٿي ڪري سگهي، تہ عمر جو ڪالهوڪو ڏينهن اڄ موٽي ايندو! اميد تہ اچڻ واري جي ٿي سگهي ٿي، پر جيڪو گذري ويو، تنهن کان تہ مايوسي ٿيندي آهي.

الله کان ڊڄو، جيترو ان کان ڊڄڻ جو حق آهي، ۽ جڏهن موت اچي، تہ توهان کي بهرصورت مسلمان هئڻ گهرجي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 114: بارانِ رحمت جي وسڻ لاءِ دعائيہ ڪلمات

بارانِ رحمت جي وسڻ لاءِ دعائيہ ڪلمات

بار الها! (مينهن نہ پوڻ سبب) اسان جي پهاڙن جي ساوڪ بلڪل سڪي وئي آهي ۽ زمين تان مٽي اڏامي رهي آهي. اسان جو چوپايو مال اڃايل آهي ۽ پنهنجن وٿاڻن ۾ ماندا ٿي پيا ڦرن. ۽ اهڙي طرح دانهون ڪري رهيا آهن، جهڙي طرح روئڻ واريون پنهنجي ٻارن تي پار ڪدي ويڻ ڪنديون آهن. ۽ پنهنجن چَرڻ وارن هنڌن تي هلندي چلندي ۽ تلائن ڏي گهڻي شوق سان وڃڻ کا هاڻي عاجز آهن. بار الها! انهن دانهن ڪندڙ ٻڪرين ۽ اهڙي شوق ڀريل لهجي ۾ سڏڻ وارن اٺن تي رحم ڪر. بار الها! تون رستن تي انهن جي پريشانين ۽ گهرن ۾ انهن جي دانهن رنين تي ترس ڪر.

خداوندا! جڏهن ڏڪار جا ماريل ضعيف ۽ ڪمزور اٺ اسان جي طرف موٽن ٿا، ۽ بظاهر وسڻ وارا ڪڪر ايندي ۽ بنا وسڻ جي هليا وڃن ٿا، تڏهن اسين تنهنجي طرف نڪري اچون ٿا. تون ئي ڏکن دردن جي ماريلن جي آس آهين ۽ تون ئي التجا ڪرڻ وارن جو سهارو آهي. جڏهن ماڻهو نا اميد ٿيا آهن، ۽ ڪڪرن جو ايرڻ بند ٿي ويو، ۽ چوپايو مال مرڻينگ تي ويو، تڏهن اسين تو کان ئي دعا گهرون ٿا، تہ اسان جي اعمالن سببان اسان جي گرفت نہ ڪر، ۽ اسان جي گناهن سببان اسان کي (پنهنجي عذاب ۾) نہ وجهہ. يا الله! تون زور سان مينهن وسڻ وارن ڪڪرن سان پنهنجي رحمت جو دامن وسيع ڪر ۽ مينهن اهڙي طرح لڳاتار مسلسل وسي، جنهن کان مئل شيون زنده ٿين ۽ گذري ويل بهارن کي وري موٽاءِ.

بار الها! ايترو تہ مينهن وساءِ، جنهن کان اهڙي سيرابي ٿئي، جو (مرده زمينن کي) زنده ڪرڻ وارو، سيراب بنائڻ وارو، ۽ ڀرپور وسڻ وارو، ۽ هر هنڌ ڦهلجڻ وارو، ۽ پاڪيزه ۽ با برڪت ۽ خوشگوار ۽ شاداب هجي، جنهن کان نباتات وڌي ويجهي، آباد ۽ سائي ٿئي. ٽاريون ميوي واريون ۽ پن ساوا پيدا ٿين، ۽ جنهن کان تون پنهنجي عاجز ۽ زمين تان نہ چرڻ وارن ٻندن کي سهارو ڏئي، مٽي ڪٽين، ۽ پنهنجي مرده شهرن کي زندگي بخش ڪر. بارِ الها! اهڙي سيرابي ٿئي، جنهن کان اسان جا دڙا ۽ ٽٻون سائي ويس ۾ ٿين، ۽ نديون ۽ نالا وهي نڪرن، ۽ چوطرف جا اوسا پاسا سرسبز ۽ شاداب ٿين، ۽ ميوا پيدا ٿين، ۽ چوپائي مال ۾ ساه پئجي وڃي، ۽ اوري پري واريون زمينون پڻ سرسبز ڪر، ۽ کليل ميدان بہ ان مان مدد حاصل ڪن. تون پنهنجي ڦهلجڻ وارين برڪتن ۽ نهايت وسيع بخشش سان پنهنجي تباه حال مخلوق ۽ بنا ڌنار جي چڙواڳ گهمندڙ حيوانن جي مدد ڪر.



Presented by Ziaraat.Com

اسان تي اهڙي برسات وساءِ جيڪا پاڻي سان ڀرپور ڪرڻ واري ۽ لڳاتار مسلسل پاڻي وسائڻ واري هجي. اهڙي طرح وسي، جو برسات، برسات سان ٽڪرجي ۽ ڦڙيون ڦڙين کي تيزي سان ڏڪين (جيئن تار ڀڃجي) ان جي ڪنوڻ ڌوڪي ڏيڻ واري نہ هجي، ۽ نہ آسمان تي چانيل ڪڪر پاڻ کان خالي هجن ۽ نہ سفيد ڪڪرن جا ٽڪر ڇڙوڇڙ هجن، ۽ نہ فقط ٿڌي هوا جي لهرن واريون سنهيون ڦڙيون وسي بند ٿي وڃن. (اهڙي طرح وساءِ جو) ڏڪر جا ماريل ان جي ساوڪ ۽ سرسبزين کان خوشحال ٿين، ۽ خشڪ سالي جي سختين سهڻ وارا، ان جي برڪتن سان جيئرا ٿي اٿن. تون ئي اهو آهي، جيڪو ماڻهن جي نا اميد ٿيڻ کان پوءِ مينهن وسائين ٿو، ۽ پنهنجي رحمت جا دامن وسيع ڪرين ٿو، ۽ تون ئي والي ۽ وارث ۽ (سهڻين) صفتن وارو آهين.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 115: سردارِ دو جهان، جن جي نعت

سردارِ دو جهان، جن جي نعت

الله تعاليٰ کين (آنحضرت صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن کي) حق سچ جي طرف سڏڻ وارو ۽ مخلوق جي گواهي ڏيڻ وارو بڻائي موڪليو. جيئن تہ پاڻ پنهنجي پروردگار جي پيغامن کي پهچايائون، نہ ان ۾ ڪا سستي ڪيائون ۽ نہ ڪوتاهي، ۽ الله جي راهہ ۾ سندس دشمنن سان جهاد ڪيائون، جنهن ۾ نہ ڪمزوري ڏيکاريائون ۽ نہ حيلا بهانا ڪيائون. پاڻ پرهيزگارن جا امام ۽ هدايت حاصل ڪرڻ وارن (جي اکين) لاءِ روشني آهن.

ساڳئي خطبي جو هي بہ حصو آهي:

جيڪي ڳالهيون توهان کان غيب جي پردي ۾ لڪل آهن، جيڪڏهن توهين انهن کي ڄاڻو ها، جيئن آءٌ انهن کي ڄاڻان ٿو، تہ ضرور توهان پنهنجي بد اعمالين تي رئندا ۽ پنهنجي نفسن تي ماتم ڪندا ۽ پنهنجي مال متاع کي سواءِ ڪنهن نگهبان ۽ سواءِ ڪنهن سار سنڀال ڪرڻ واري جي، ائين ئي ڇڏي، کليل ميدانن ۾ نڪرو ها، ۽ هر شخص کي پنهنجي نفس جي لڳل هجي ها، ڪنهن ٻئي ڏانهن خيال بہ نہ ڪريو ها، ليڪن جيڪي توهان کي ياد ڏياريو ويو هو، تنهن کي توهان وساري ڇڏيو، ۽ جن ڳالهين کان توهان کي ڊيڄاريو ويو هو، تن کان توهان بي خوف ٿي ويا. اهڙي طرح توهان جا خيالات گمراهہ ٿي پيا، ۽ توهان جا سڀ ڪم الٽ پلٽ ٿي ويا. آءٌ چاهيان ٿو تہ الله تعالي منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ جدائي وجهي ۽ مون کي انهن ماڻهن سان ملائي، جيڪي توهان کان زياده منهنجا حقدار آهن. خدا جو قسم! اهي اهڙا ماڻهو آهن، جن جا خيالات مبارڪ ۽ عقل پختا هئا، هو ظاهر ظهور حق ڳالهہ ڪرڻ وارا ۽ سرڪشي ۽ بغاوت کان پري رهڻ وارا هئا. اهي اڳتي قدم وڌائي الله جي راهہ تي ٿي پيا، ۽ سڌي راهہ تي (بنا ڪٽڪي جي) ڊڪندا ويا، جيئن انهن هميشہ رهڻ واري آخرت ۽ عمده ۽ پاڪيزه نعمتن کي حاصل ڪيو. توهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ توهان تي بني ثقيف جو هڪ ڇوڪرو حڪومت ڪندو، جيڪو دراز قد وارو هوندو، ۽ وٽ کائي ڪاوڙ سان ناراض ٿي ڏنگو هلندو. اهو توهان جي سرسبز پوک کائي ختم ڪندو، بلڪ توهان جي بدن جي چربي تائين ڳاريندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبه 116: ڪنجوسن جي مذمت

پنهنجي اصحابن کي جيڪي جند ڇڏائڻ وارا ۽ ڪنجوس هئا، تن جي مذمت ۾

جنهن توهان کي مال و متاع بخشيو آهي، تنهن جي راهه ۾ توهان خرچ نٿا ڪريو، ۽ نه پنهنجي سرن کي ان لاءِ خطري ۾ وجهو ٿا، جنهن انهن کي پيدا ڪيو آهي، توهان الله جي وسيلي سان بندن ۾ عزت ۽ آبرو حاصل ڪئي، پر ان جي بندن سان نيڪ سلوڪ ڪري، انهن جو احترام ۽ اڪرام نٿا ڪريو! جن جاين ۾ (گذريل) اڳيان ماڻهو آباد هئا، تن ۾ هاڻي توهان رهو ٿا، ۽ ويجهي ۾ ويجها يائر گذاري وڃن ٿا، ۽ توهان رهجي ويا آهيو، ان مان عبرت حاصل ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 117: جنگ جمل کان پوءِ سپاهين جي تعريف

جنگ جمل کان پوءِ سپاهين جي تعريف

توهان حق جي قائم ڪرڻ ۾ (منهنجا) ناصر ۽ مددگار آهيو، ۽ دين ۾ (هڪٻئي جا) ڀائر آهيو، ۽ سختين ۾ (منهنجي) ڍال آهيو، ۽ سيني ماڻهن کان سواءِ توهان ئي منهنجا رازدار آهيو. توهان جي مدد سان منهن ڦيرائڻ واري تي آءٌ تلوار هلايان ٿو، ۽ پيش قدمي ڪرڻ وارن جي اطاعت جي اميد رکان ٿو. اهڙي خير خواهي سان منهنجي مدد ڪريو، جو جنهن ۾ ڌوڪو فريب ذرو به نہ هجي، ۽ شڪ ۽ بدگماني جو شبهو به نہ هجي. تنهنڪري آءٌ ئي ماڻهن (جي امامت) لاءِ سيني کان زياده اوليٰ (سڀ کان بهتر) ۽ مقدم (پهرين) آهيان.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 118: اسين بہ توهان سان گڏ هلڻ لاءِ...

امير المومنين عليہ السلام ماڻهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري، کين جهاد تي آماده ڪرڻ ٿي چاهيو، تہ اهي ماڻهو ڪيتري دير تائين ماٺ ۾ هئا. تڏهن پاڻ انهن کي فرمايائين تہ، توهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ ڇا، توهان گُنگا ٿي ويا آهيو؟ تڏهن هڪڙي گروه چيو، تہ يا امير المومنين! جيڪڏهن توهان هلو، تہ اسين بہ توهان سان گڏ هلڻ لاءِ تيار آهيون، جنهن تي حضرت فرمايو تہ:

توهان کي ڇا ٿيو آهي؟ توهان کي هدايت جي توفيق شامل نہ ٿئي، ۽ نہ سڌي راه ڏسڻ نصيب ٿئي. ڇا اهڙين حالتن ۾ فقط آءٌ ئي نڪران؟ هن وقت تہ توهان جي جوان مردن ۽ طاقتور مان، جنهن بہ شخص کي آءٌ پسند ڪريان، تنهن کي وڃڻ گهرجي.

منهنجي لاءِ مناسب نہ آهي، تہ آءٌ لشڪر، شهر، بيت المال، زمين جي ڍل کي جمع ڪرڻ، مسلمانن جي مقدمن جا فيصلا ۽ مطالبي ڪرڻ وارن جي حقن جي سار سنڀال ڇڏي ۽ لشڪر وٺي، ٻئي لشڪر جي پٺيان نڪري پوان. جهڙي طرح خالي ترڪش ۾ بنا ڇهنب وارو تير پيو ڦرندو رهندو آهي، (۽ ائين) آءٌ بہ لڏندو ڦرندو رهان. (ياد رکو) آءٌ جنڊ جي وچ واري ان (ڪير جي مثل) قطب آهيان، جنهن تي اهو ڦرندو آهي، جيستائين آءٌ پنهنجي جڳهہ تي ويٺو هجان، پر جيڪڏهن آءٌ پنهنجو مقام ڇڏي ڏيان، تہ ان جي ڦرڻ جو (دائرو) مرڪزي هيڏي هوڏي ٿي ويندو، ۽ ان جي هيٺ وارو پٿر بہ ڀتڪندڙ ٿي پوندو.

خدا جو قسم! تہ اهو نهايت خراب مشورو آهي. خدا جو قسم! جيڪڏهن دشمن جي مقابلي ڪرڻ ۾ مون کي شهادت جي اميد نہ هجي ها، جڏهن تہ اهو مقابلو منهنجي لاءِ مقدر ۾ ٿي چڪو هجي، تہ آءٌ پنهنجي سوارين کي (سوار ٿيڻ لاءِ) ويجهو ڪري ڇڏيان ها، ۽ توهان کي ڇڏي نڪري وڃان ها، ۽ جيستائين ڏکڻ ۽ اتر جون هوائون لڳنديون رهن ها، تيسين توهان کي ڪڏهن بہ طلب نہ ڪريان ها! توهان جي تعداد جي واڌاري ۾ ڪهڙو فائدو؟ جڏهن توهان هڪ خيال ۾ نہ آهيو. مون توهان کي صحيح ۽ سڌي رستي تي آندو آهي، ۽ ان تي اهڙو شخص تباه ۽ برباد ٿيندو، جيڪو خود پنهنجي لاءِ هلاڪت جو سامان ڪيو ويٺو هجي، ۽ جيڪو ان راه تي ڄميو ويٺو هوندو، سو ئي جنت جي طرف ويندو، ۽ جيڪو ترڪي ويندو، سو دوزخ جي طرف وڃندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 119: اهلبيت جو شان

اهلبيت جو شان

خدا جو قسم! مون کي پيغامن جي پهچائڻ، وعدن جي پوري ڪرڻ ۽ آيتن جي صحيح تاويل بيان ڪرڻ جو، سٺو عمدو علم آهي. اسان اهلبيت (نبوت) وٽ علم ۽ معرفت جا دروازا ۽ شريعت جو راهون آهن. توهان کي معلوم هجي، تہ دين جي سمورتن قاعدن جو روح هڪ ۽ ان جون راهون سڌيون آهن، پوءِ جيڪو انهن تي هليو، سو ئي منزل تائين پهچندو، ۽ خوش قسمت، ڪامياب ٿيندو. پر جيڪو بيهي رهيو سو گمراه ٿيو ۽ (آخرڪار) نادم ۽ پشيمان ٿيو. ان ڏينهن لاءِ عمل ڪريو، جنهن ڏينهن لاءِ عملن جا ذخيرا گڏ ڪيا وڃن ٿا، ۽ جنهن ۾ نيتن کي جانچيو ويندو، جنهن کي پنهنجو ئي عقل فائدو نہ پهچائيندو. جيڪو وٽس موجود آهي، تہ پوءِ ان کي (ٻين جا) عقل جيڪي ان کان پري ۽ لڪل آهن، سي فائدي رسائڻ ۾ نهايت عاجز ۽ قاصر ٿيندا. (دوزخ) جي باه کان ڊڄو، جنهن جي تيز تپش ۽ اونهائي نهايت زياده آهي. (جتي پائڻ لاءِ) لوه جا زيور ۽ (پيئڻ لاءِ) پُونءِ سان پريل رت آهي.

ها! جنهن شخص جو نيڪ ذڪر الله تعالیٰ ماڻهن ۾ برقرار رکي، سو ان لاءِ سندس ان مال کان ڪيترائي دفعا بهتر آهي، جنهن جو اهڙن کي وارث وارث بڻايو وڃي ٿو، جيڪي ان کي خالي ساراهين بہ ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 120: جنگ ليلة الهرير کان پوءِ

جنگ ليلة الهرير کان پوءِ هڪ سوال جو جواب:

هڪ دفعي جناب امير عليہ السلام جي اصحابن مان ڪو شخص اٿي سندس سامهون آيو ۽ چيائين تہ يا امير المومنين! پهرين تہ توهان مون کي تحڪيم کان روڪيو پوءِ وري ان جو حڪم بہ ڏئي ڇڏيو، خبر ناهي تہ انهن ٻنهي ڳالهين مان ڪهڙي ڳالهہ زياده صحيح آهي؟ (اهو ٻڌي) حضرت پنهنجي هٿ تي هٿ هڻي ۽ فرمايو تہ:

جنهن وفا جي عهد کي ٽوڙيو هجي، تنهن جي اها ئي سزا ٿئي ٿي. خدا جو قسم! جڏهن مون تو کي تحڪيم جي مڃڻ جو حڪم ڏنو هو. جيڪڏهن انهي نہ وڻندڙ امر (جنگ) تي تو کي قائم رکان ها، جنهن ۾ الله تعالىٰ تنهنجي لاءِ ڀلائي رکي هئي، ۽ تون ان تي محڪم رهين ها، تہ آءٌ تو کي سڌي راه تي هلايان ها، پر جي ٽيڙهو ٿين ها، تہ تو کي سڌو ڪريان ها، ۽ جي انڪار ڪرين ها، تہ تنهنجو تدارڪ ڪريان ها، تہ اهو بنا شڪ جي هڪ مضبوط طريقي ڪار هجي ها، ليڪن ڪنهن جي مدد سان ۽ ڪنهن جي ڀروسي تي؟ آءٌ توهان کان پنهنجو علاج چاهيان ٿو، پر توهان ئي منهنجا مرض نڪتوءِ؟ جيئن ڪنڊي کي ڪنڊي سان ڪيڻ وارو، جيڪو سمجهي ٿو، تہ اهو بہ ان جي طرف جهڪندو. خداوندا! هن موذي مرض کان طبيب عاجز ٿي ويا آهن، ۽ هن کوه جي رسين ڇڪڻ وارا ٿڪجي ويهي رهيا آهن. اهي ماڻهو ڪٿي آهن؟ جن کي اسلام جي طرف دعوت ڏني وئي، تہ انهن ان کي قبول ڪيو، ۽ قرآن کي پڙهيائون، تہ ان تي عمل بہ ڪيائون. جهاد جي لاءِ انهن کي همٿايو ويو، تہ اهي بہ انهي طرح شوق سان وڌيا، جيئن سٺائون ڏاچيون پنهنجي ٻچن جي طرف وڌنديون آهن. انهن تلوارن کي مياڻن مان ڪڍيو ۽ هٿ هٿن ۾ ڏئي ۽ صفن جون صفون ٿي، وڌندا زمين جي چئني طرفن کي پنهنجي قابو ۾ آندائون. (انهن مان) ڪجهہ مري ويا ڪجهہ بچي ويا. اهي نہ جيئرن جي خوشخبرين کان خوش ٿين ٿا ۽ نہ مرڻ وارن جي تعزيت کان متاثر ٿين ٿا. رئڻ سان انهن جون اکيون سفيد، روزن جي ڪري انهن جا پيٽ ضعيف ۽ اندر دعائن گهرڻ سان انهن جا چپ خشڪ ۽ جاڳڻ جي ڪري انهن جا رنگ پيلا ٿي ويا هئا، مسڪينن ۽ غريبن وانگر هنن جا چهرا خاڪ آلوده هوندا هئا.

اهي منهنجا اهي ڀائر هئا، جيڪي (دنيا مان) لاڏاڻو ڪري ويا. هاڻي اسين حق بجانب آهيون، جيڪڏهن انهن جي ديدار جا خواهان آهيون تہ انهن جي فراق ۾ پنهنجو پاڻ پٽوڙيون.



Presented by Ziaraat.Com

بيشڪ! توهان جي لاءِ شيطان پنهنجون راهون آسان ڪيون آهن. هو چاهي ٿو، ته توهان جي دين جي هڪ هڪ ڳنڍ کولي ڇڏي، ۽ توهان ۾ يڪجهتي جي بجاءِ ڦوٽ پيدا ڪري. توهان هن جي وسوسن ۽ ٽوٽڻ ڦيٽڻ کان منهن موڙيندا رهو، ۽ نصيحت جي پيشڪش ڪرڻ وارن جو هديو قبول ڪريو، ۽ پنهنجي نفسن ۾ ان جي ڳنڍ ٻڌي ڇڏيو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 121: خارجين کي خطاب

خارجين کي خطاب

جڏهن خارجي تحڪيم جي نہ مڃڻ تي هوڏ ڪري بيٺا، تڏهن جناب امير عليہ السلام انهن جي منزل تي تشريف فرما ٿي انهن کي چيو تہ:

ڇا، توهان سمورا اسان سان گڏ "صفين" ۾ موجود هئا؟ هنن چيو تہ اسان مان ڪي هئا ۽ ڪي نہ هئا، تڏهن حضرت فرمايو، تہ پوءِ توهان ٻن گروهن ۾ جدا جدا ٿي وڃو. هڪڙا اهي جيڪي صفين ۾ موجود هئا، ۽ ٻيا اهي جيڪي اتي موجود نہ هئا، تہ پوءِ جيئن آءٌ هر هڪ سان ائين گفتگو ڪريان، جيڪا ان لاءِ مناسب هجي. بعد ازان پڪاري چيائين، تہ بس هاڻي (پاڻ ۾) ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪريو، ۽ خاموشي سان منهنجي ڳالهہ ٻڌو، بلڪ دل جي توجهہ سان ٻڌو، ۽ جنهن کان آءٌ گواهي طلب ڪريان، سو پنهنجي علم مطابق (بلڪل ائين) گواهي ڏي.

ان کان پوءِ حضرت انهن سان هڪ طويل گفتگو ڪئي تہ، جڏهن انهن ماڻهن مڪر، فريب ۽ حيلا ڪري، قرآن (نيزن تي) کنيا، تڏهن ڇا توهان نہ چيو هو تہ اهي اسان جا ڀائر ۽ اسان سان گڏ (اسلام جي) دعوت قبول ڪرڻ وارا آهن. هاڻي انهن جي مرضي آهي، تہ اسين جنگ تان هٿ کڻون، ۽ هو الله سبحانہ جي ڪتاب تي (فيصلي ڪرڻ لاءِ) تيار آهن. صحيح راءِ اها آهي، تہ انهن جي ڳالهہ مڃي وڃي، ۽ انهن جي جند ڇڏي ڏجي، تڏهن مون توهان کي چيو هو، تہ ان ڳالهہ بابت، ٻاهر ايمان ۽ اندر عداوت ۽ دشمني آهي ان جي ابتدا شفقت ۽ مهرباني آهي، پر نتيجو ندامت ۽ پشيماني آهي. تنهنڪري توهان پنهنجي رويي تي قائم رهو، ۽ پنهنجي راهہ تي مضبوطي سان بيٺا رهو، ۽ جهاد لاءِ پنهنجي ڏندن کي ڪرٽيو، ۽ هنن جي رڙين ڪرڻ تي ڌيان نہ ڏيو. جيڪڏهن انهن جي آواز تي لبيڪ چيو ويو، تہ هو توهان کي گمراهہ ڪندا، پر جيڪڏهن کين ائين ئي ڇڏيو ويو، تہ هو ذليل ٿي رهندا. (ليڪن) جڏهن تحڪيم واري صورت ختم ٿي، تڏهن آءٌ توهان کي ڏسي رهيو هوس، تہ ان ڳالهہ تي توهان ئي رضامندي ڏيڻ وارا هئا. خدا جو قسم! تہ جيڪڏهن آءٌ انهن سان انڪار ڪريان ها، تہ مون تي انهن جو ڪو فرض واجب نہ ٿئي ها،۽ نہ الله تعالىٰ کي مون تي ان (جي ترڪ) ڪرڻ جو گناهہ عائد ڪري ها . خدا جو قسم! تہ جيڪڏهن آءٌ انهن جي طرف وڌان ها، تہ ان صورت ۾ بہ آءٌ ئي اهو حق پرست آهيان، جنهن جي پيروي ڪرڻ گهرجي ۽ خدا جو ڪتاب مون سان گڏ آهي، ۽ جڏهن کان منهنجو ان سان ساٿ ٿيو آهي، تڏهن کان آءٌ هن کان جدا نہ ٿيو



Presented by Ziaraat.Com

آهيان. آءُ (جنگين ۾ بہ) رسول الله صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن سان گڏ هوس، ۽ قتل ٿيڻ وارا بہ اهي ئي هئا. جيڪي هڪبئي جا پيءُ، پٽ، ڀائر ۽ رشتيدار هئا، ليڪن هر مصيبت ۽ سختي ۾ منهنجو ايمان وڌندو رهيو، ۽ حق جي پيروي ۽ دين جي اطاعت ۾ واڌارو ٿيندو رهيو، ۽ زخمن جي سٽن تي پاڻ صبر ۾ اضافو پئي ٿيو، پر هاڻي اسان کي انهن ماڻهن سان جنگ ڪرڻي پئي آهي، جيڪي اسلام جي لحاظ کان (پاڻ کي) اسان جا ڀائر سڏائن ٿا، ڇاڪاڻ تہ (انهن جي ڪري) گمراهي، ٽيڙهائپ، شڪ شبها ۽ غلط سلط تاويلون داخل ٿي ويون آهن، سو جڏهن اسان کي ڪو اهڙو ذريعو نظر ايندو، جنهن سان (ممڪن آهي تہ) الله تعالىٰ اسان جون پريشانيون دور ڪري ۽ ان جي سببان اسان جي وچ ۾ جيڪو لاڳاپو يا واسطو آهي، ان ڏانهن وڌندا رهون، جو اسين بہ تہ انهي ڳالهہ جا خواهشمند آهيون، ۽ ٻي ڪا بہ صورت جيڪا ان جي خلاف هوندي، تنهن تان هٿ روڪيندا سين.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 122: جنگ جي ميدان ۾ پنهنجي اصحابن کي خطاب

جنگ جي ميدان ۾ پنهنجي اصحابن کي خطاب ڪندي فرمايائين:

توهان مان جيڪو بہ شخص جنگ جي موقعي تي پنهنجي دل ۾ حوصلو ۽ دليري محسوس ڪري، ۽ پنهنجي ڪنهن ڀاءُ ۾ ڪمزوري جا آثار ڏسي، تہ ان کي گهرجي، تہ پنهنجي پهلواني جي برتري جي ذريعي جنهن سبب جو ان تي فوقيت رکي ٿو، تنهن کان (دشمنن کي) اهڙي طرح پري ڪري، جهڙي طرح هو ان کي پاڻ کان (دشمن کي) پري رکي ٿو، ڇو تہ جيڪڏهن الله چاهي، تہ هن کي بہ اهڙو ئي (پهلوان) ڪري ڇڏي. بيشڪ، موت تيزي سان ڳولڻ وارو آهي، نہ بيهڻ وارو ان کان بچي نڪري سگهي ٿو ۽ نہ ڀڄڻ وارو ان کي عاجز ڪري سگهي ٿو. بيشڪ، قتل ٿيڻ عزت جو موت آهي. انهي ذات جو قسم! جنهن جي قبضہ قدرت ۾ ابن ابي طالب جي جان آهي، تہ بستري تي پنهنجي موت جي مرڻ کان، تلوار جا هزار وار کائڻ مون کي آسان آهن.

هن خطبي جو هڪ حصو هي بہ آهي:

گويا آءُ توهان کي ڏسي رهيو آهيان، تہ توهان (شڪست ۽ ڀڄڻ جي وقت) اهڙي طرح جا آواز ڪري رهيا آهيو، جهڙي طرح ڳوهن جي ازدهام ٿيڻ وقت، سندن جسمن جي رڳڙڻ سان آواز ٿيندا آهن. نہ توهان پنهنجو حق ٿا وٺو ۽ نہ وري ذ ّليل زيادتين جي روڪٿام ڪري ٿا سگهو. توهان کي رستي تي کليل ڇڏيو ويو آهي. نجات (ڇوٽڪارو) انهي لاءِ آهي، تہ جيڪو پاڻ کي جنگ ۾ وجهي ڇڏي، ۽ جيڪو سوچيندو ئي رهجي وڃي، تنهن لاءِ تباهي ۽ بربادي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 123: جهاد ۾ سستي جو نتيجو

جهاد ۾ سستي جو نتيجو

گويا آءٌ توهان کي ڏسي رهيو آهيان، تہ توهان (شڪست ۽ ڀڄڻ جي وقت) اهڙي طرح جا آواز ڪري رهيا آهيو، جهڙي طرح ڳوهن جي ازدهام ٿيڻ وقت، سندن جسمن جي رڳڙڻ سان آواز ٿيندا آهن. نہ توهان پنهنجو حق ٿا وٺو ۽ نہ وري ذ ّليل زيادتين جي روڪٿام ڪري ٿا سگهو. توهان کي رستي تي کليل ڇڏيو ويو آهي. نجات (ڇوٽڪارو) انهي لاءِ آهي، تہ جيڪو پاڻ کي جنگ ۾ وجهي ڇڏي، ۽ جيڪو سوچيندو ئي رهجي وڃي، تنهن لاءِ تباهي ۽ بربادي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 124: پنھنجي اصحابن کي فنونِ جنگ جي تعليم

پنھنجي اصحاب کي جنگ تي آماده ڪرڻ لاءِ فرمايائين تہ:

زره پوش فوجين کي اڳيان بيھاريو ۽ بي زره فوجين کي پوئتي، ۽ ڏندن کي ڪرڙي پيڙيو، جو ائين ڪرڻ سان تلوارون سرن تان ٿڙنديون آھن، ۽ نيزن جي اُنين جا پاسا بدلائي خالي ڪندا ڪريو، ڇو تہ ائين ڪرڻ سان انھن جا رخ بدلجي وڃن ٿا، ۽ اکين کي جھڪايو، جنھن کان حوصلا مضبوط ٿا رھن ۽ دليون قرار ۾ ٿيون رھن ۽ آوازن کي وڏي سڏ نہ ڪريو، جنھن کان بزدلي ختم ٿي ٿئي، ۽ پنھنجي جھنڊن کي سرنگون نہ ٿيڻ ڏيو ۽ نہ انھن کي اڪيلو ڇڏيو. انھن کي پنھنجي جوان مردن ۽ عزت جي نگھبانن جي ئي ھٿن ۾ ڏيو، جيئن تہ مصيبتن جي نٽي پوڻ تي اھي ئي ماڻھو صبر ڪن ٿا، جيڪي پنھنجي جھنڊن جي چوڌاري گھيرو ڪري ساڄي کاٻي ۽ اڳيان پٺيان انھن جو احاطو ڪن ٿا، اھي پٺتي ٿا ھٽن، (متان دشمنن جي ھٿن ۾ اچن) ۽ نہ اڳتي ٿا وڌن، جو انھن کي اڪيلو ڇڏي ڏين. ھر شخص پنھنجي مقابلي ڪندڙ سان پاڻ خود نبيري ۽ دل و جان سان پنھنجي ياءُ جي بہ مدد ڪري، ۽ پنھنجي حريف کي ڪنھن ٻئي جي حوالي نہ ڪري، متان اھو ۽ ان جو حريف ٻئي ڪري ان تي اچي ڪڙڪن. خدا جو قسم! تہ توھان جيڪڏھن دنيا جي تلوار کان ڀڄندا، تہ آخرت جي تلوار کان بچي نہ سگھندا! توھان تہ عرب جا جوان مرد ۽ سربلند ماڻھو آھيو. (ياد رکو تہ) ڀڄڻ ۾ الله جو غضب ۽ نہ مٽجڻ واري خواري ۽ ھميشہ جي لاءِ شرمساري آھي. ڀڄڻ وارو پنھنجي عمر نٿو وڌائي ۽ نہ ان ۾ ۽ ان جي موت جي ڏينھن ۾ ڪا شيءِ حائل ٿئي ٿي. الله تعالىٰ ڏي وڃڻ وارو تہ ائين آھي، جيئن ڪو پياسو پاڻي تائين پھچي وڃي. جنت نيزن جي ڇھنبن ھيٺان آھي. اڄ حالتون پرکيون وينديون. خدا جو قسم! آءُ انھن دشمنن سان دوبدو ٿي وڙھڻ جو ان ڳالھ کان زياده مشتاق آھيان، (جيترو) اِھي (ماڻھو) پنھنجي گھرن ڏانھن موٽڻ جا شائق ھوندا آھن. خداوندا! جيڪڏھن ھي حق کان انڪار ڪري ڇڏين، تہ تون انھن جي جٿي کي ٽوڙي ڇڏ ۽ انھن کي ھڪ آواز تي گڏ ٿيڻ نہ ڏي، ۽ انھن جي گناھن جي عيوض ۾ ھنن کي تباھ ۽ برباد ڪر.

ھي پنھنجي موقف (شر ۽ فساد) کان ان وقت تائين ھٽڻ وارا نہ آھن، جيستائين مٿن نيزن جا اھڙا وار ٿين، (جنھن کان زخمن جا منھن اھڙي طرح کلي وڃن جو) ھوا جون لھرون وڃي سگھن، ۽ تلوارن جا اھڙا ڌڪ لڳن، جيڪي سندن سرن کي اڌو اڌ ڪن ۽ ھڏن جا ٽڪر اڏامي وڃن، ۽ ٻانھن ۽ پيرن کي ڀڃي اڇلائي



Presented by Ziaraat.Com

چڏين ۽ متواتر لشڪرن جو نشانو ٿيندا رهن، ۽ اهڙيون فوجون اچي هنن تي ڪڙڪن، جن جي پٺيان (ڪمڪ لاءِ) بين شهسوارن جا دستا به هجن، ۽ سندن شهرن تي هڪٻئي پٺيان فوجون متواتر چڙهايون ڪن، تان جو انهن جا گهوڙا سندن زمينن کي آخر تائين لتاڙي ناس ڪن، ۽ انهن جي سائن پوکن ۽ چراگاهن کي پيلي پامال ڪن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 125: تحڪيم جي باري ۾

تحڪيم جي باري ۾ فرمايائين تہ:

اسان ماڻهن کي نہ، پر قرآن کي ”حَڪم“ (فيصلي ڪرڻ وارو) مقرر ڪيو هو. جيئن تہ هي قرآن ٻن دفترين جي جلد جي وچ ۾ هڪ لکيل ڪتاب آهي، جيڪو زبان سان نٿو ڳالهائي، تنهن ڪري ضرورت هئي، تہ ان جي لاءِ ڪو ترجمان هجي، ۽ اهي ماڻهو ئي هوندا آهن، جيڪي هن جي ترجماني پيا ڪندا آهن. جڏهن انهن ماڻهن اسان کي اهو پيغام ڏنو تہ: اسين پنهنجي وچ ۾ قرآن کي ”حَڪم“ مقرر ڪريون، تہ اسين اهڙا ماڻهو نہ هئاسون، جو الله جي ڪتاب کان منهن موڙيون، جڏهن الله تعالىٰ جو ارشاد آهي، تہ جيڪڏهن توهان پاڻ ۾ جهيڙو ڪريو، تہ (ان فيصلي، نبيرڻ لاءِ) الله ۽ رسول جي طرف رجوع ڪريو. الله جي طرف رجوع ٿيڻ، جو مطلب اهو آهي، تہ اسين ان جي سنت تي هلون. سو جيڪڏهن الله جي ڪتاب مان سچائي سان حڪم(فيصلو) ڪيو وڃي، تہ پوءِ ان جي روشني ۾ سيني ماڻهن کان وڌيڪ (خلافت جا) حقدار اسان ئي ٿينداسون، ۽ جيڪڏهن رسول جي سنت مطابق فيصلو ڪيو وڃي، تڏهن بہ انهن کان زياده اسان ئي ان جا اهل ثابت ٿينداسون. هاڻي رهيو توهان جو اهو قول، تہ توهان ”تحڪيم“ جي لاءِ پنهنجي ۽ انهن جي وچ ۾ مهلت ڇو رکي! تہ اهو مون ان ڪري ڪيو تہ (ان عرصي ۾) نہ ڄاڻڻ وارو تحقيق ڪري، ۽ ڄاڻڻ وارو بہ پنهنجي مسلڪ تي پختو ٿي بيهي، ۽ شايد الله تعالىٰ ان صلح جي ڪري، هن امت جون حالتون درست فرمائي، ۽ اها (امت بہ بي خبريءَ ۾) گلو گهٽي تيار نہ ڪئي وڃي، جو حق سچ جي ظاهر ٿيڻ کان پهرين جلدي ۾ ڪو قدم نہ کڻي ويهي، ۽ پهرين گمراهي جي پٺيان لڳي وڃي. بيشڪ الله جي نزديڪ سيني کان بهتر اهو شخص آهي، جيڪو حق جي پيروي ڪندڙ هجي، چاهي اهو هن جي لاءِ نقصان ۽ تڪليف جو سبب هجي ۽ باطل جي طرف رخ نہ ڪري، چاهي اهو ان لاءِ فائدي جو سبب هجي. توهان کي تہ گمراهہ ڪيو پيو وڃي، آخر توهان ڪٿان (شيطان جي راہ تي) آندا ويا آهيو؟ توهان ان قوم جي طرف وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهيو، جيڪا حق کان منهن موڙي گمراهہ ٿي رهي آهي، ۽ اهو ڏسي ئي نٿي تہ انهن کي ڏنگ يسان گمراهہ ڪيو ويو آهي، جو ان کان هٽي سڌي رستي تي نٿا اچڻ چاهين. اهي ماڻهو الله جي ڪتاب کان جدا رهڻ وارا ۽ سڌي رستي کان ٿڙيل آهن، ليڪن توهان تہ پختا وسيلا نہ آهيو، جو توهان تي ڀروسو ڪيو وڃي، ۽ نہ عزت جا سهارا آهيو، جو توهان سان واسطو رکيو وڃي، توهان (دشمن لاءِ) جنگ جي باهہ وڌائڻ جا اهل نہ آهيو. توهان تي افسوس آهي، جو توهان کان مون کي ڪيترين ئي تڪليفون سهٽيون پيون آهن. آءٌ ڪهڙي بہ ڏينهن توهان کي (دين جي مدد لاءِ) سڏيان ٿو،



Presented by Ziaraat.Com

ڪهڙي به ڏينهن توهان سان (جنگ جون) رازدانه ڳالهيون ڪريان ٿو، مگر توهان نه سڏڻ وقت سچا جوان مرد ۽ نه راز جي ڳالهين ٻڌائڻ لاءِ اعتماد جوڳا پائر ثابت ٿيو ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 126: جڏهن مال جي ورهاست ۾ حضرت جي برابري واري اصول تي...

جڏهن مال جي ورهاست ۾ حضرت جي برابري واري اصول تي، ڪن ماڻهن اعتراض ڪيو، تڏهن ان وقت پاڻ فرمايائين ته:

ڇا، توهان مون تي اها ڳالهه مڙهڻ ٿا چاهيو، ته آءُ جن ماڻهن جو حاڪم آهيان، تن تي ظلم ۽ زيادتي ڪري، (ڪجهه ماڻهن جي) مدد حاصل ڪريان؟ ته پوءِ خدا جو قسم! جيستائين دنيا جو ڪاروبار هلندو رهندو ۽ ڪجهه ستارا ٻين ستارن جي طرف جهڪندا رهندا، آءُ ان ڳالهه جي ويجهو به نه ويندس. جيڪڏهن اهو خود منهنجو مال هجي ها، تڏهن به ان کي سيني ۾ هڪ جيترو تقسيم ڪريان ها، جيتوڻيڪ هي مال الله جو مال آهي. ڏسو! بغير ڪنهن حق جي ڏيتي ليتي ڪرڻ، بي اعتدالي ۽ فضول خرچي آهي. اها پنهنجي مرتڪب کي دنيا ۾ بلند ڪري ٿي، پر آخرت ۾ پست ڪري ٿي، ۽ ماڻهن ۾ ته عزت وڌائي ٿي، مگر الله جي نزديڪ ذليل ۽ خوار ڪري ٿي. جيڪو شخص مال کي بغير ڪنهن حقدار جي يا نا اهل ماڻهن کي ڏيندو، ته الله تعالىٰ ان کي پنهنجي ڪرم ڪان محروم رکندو، ۽ ان جي دوستي ۽ محبت به ٻين جي حصي ۾ هلي ويندي، پر جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن ان جا پير ترڪي ويندا (يعني فقيري ۽ مسڪيني ڪيس گهيري ۾ آڻيندي)، ته پوءِ انهن جي مدد جو محتاج ٿيندو، جيڪي ان لاءِ نهايت بڇڙا ساٿي ۽ ڪمينا دوست ثابت ٿيندا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 127: اسوہ رسول جي روشني ۾ خارجين کي جواب

اسوہ رسول جي روشني ۾ خارجين کي جواب

خارجين جي باري ۾ فرمايائين تہ:

جيڪڏهن توهان ان خيال کان باز نٿا اچو تہ، پوءِ مون غلطي ڪئي ۽ گمراھ ٿيو آهيان، جو منهنجي گمراهي سببان توهان محمد صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن جي امت مان عام ماڻهن کي ڇو ٿا گمراھ سمجهو. ۽ منهنجي غلطي جو عيوضو انهن کي ڇو ٿا ڏيو، ۽ منهنجي گناهن ڪري، انهن کي ڪافر ڇو ٿا چئو؟ تلوارون ڪلهن تي ڪري هر موقعي ۽ بي موقعي جڳھ تي وار ڪندا پيا رهو، ۽ بي خطائن کي خطاڪارن سان ملائي ٿا ڇڏيو، حالانڪ توهان کي خبر بہ آهي، تہ رسول الله صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن جڏهن بہ زنا ڪرڻ واري کي سنگسار ڪيو، تڏهن ان جي جنازه تي بہ نماز پڙهيائون، ۽ ان جي وارثن کي بہ سندس ورثو ڏياريائون، ۽ قاتل کان قصاص ورتائون، تہ ان جي ميراث جي وارثن کي بہ سندس گهر وارن کي ڏياريائون،چور جا هٿ وڍرايائون ۽ شادي شده پاڪدامن عورت سان زنا ڪرڻ واري مرتڪب کي تازيانہ لڳرايون، تہ ان سان گڏ کين غنيمت واري مال مان بہ سندس حصو ڏياريائون، ۽ انهن (مسلمان هئڻ جي حيثيت ۾) مسلمان عورت سان نڪاح بہ ڪيا. اهڙي طرح رسول الله صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن انهن جي گناهن جي کين سزا بہ ڏني، ۽ جيڪو انهن جي باري ۾ الله جو حق (شرعي حد) هو، تنهن کي بہ جاري ڪيائون، پر انهن کي اسلام جي حق کان محروم نہ ڪيائون، نہ وري اهل اسلام مان انهن جا نالا خارج ڪيائون. ان کان پوءِ (انهن شر انگيزين جي اها معنيٰ آهي تہ) توهان تہ آهيو ئي شر پسند، بلڪ اهي جن کي شيطان، پنهنجي مقصد کي پوري ڪرڻ واري راھ تي آندو آهي، بلڪ گمراهي جي سنسان بيابان ۾ آڻي اڇليو آهي. (ياد رکو) منهنجي باري ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو تباھ ۽ برباد ٿيندا، هڪڙا حد کان زياده چاهڻ وارا، جن کي (محبت جي ڪثرت) غلط راھ تي آڻيندي، ۽ ٻيا جيڪي، منهنجي مرتبي ۾ گهٽتائي آڻي دشمني رکڻ وارا ٿيندا، جو انهن کي اها مون سان عداوت حق کان بي راھ (گمراھ) ڪري ڇڏيندي، منهنجي متعلق درمياني راھ اختيار ڪرڻ وارا ئي سيني کا بهتر حالت ۾ هوندا. توهان انهي راھ تي مضبوط قائم رهو ۽ انهي وڏي گروھ سان ملي وڃو،ڇو جو الله تعاليٰ جو هٿ اتفاق ۽ اتحاد ڪرڻ وارن تي



Presented by Ziaraat.Com

آهي. تفرقي ۽ انتشار کان باز اچو. ان ڪري جو، جماعت کان جدا ٿيڻ وارو شيطان جي حصي ۾ هليو وڃي ٿو. جهڙي طرح ڌڻ کان ڌار ٿيڻ واري رڍ، بگهڙ جي ور چڙهندي آهي.

خبردار! جيڪو به اهڙا نعرا هڻي پنهنجي طرف سڏي، تنهن کي قتل ڪريو، پوءِ ڇو نه اهو هن عمامہ جي هيٺان هجي (يعني آءٌ خود ڇو نه هجان)، ۽ اهي ٻئي حَڪم (ابو موسيٰ اشعري ۽ عمرو بن عاص) فقط انهي ڪري ثالث مقرر ڪيا ويا، ته اهي انهن ڳالهين کي زنده رکن، جن کي قرآن زنده ڪيو آهي، ۽ انهن ڳالهين کي نيست ۽ نابود ڪن، جن کي قرآن نيست ۽ نابود ڪيو آهي. ڪنهن به ڳالهه کي زنده ڪرڻ جي اها معنيٰ آهي، ته ان تي يڪجهتي سان متحد ٿي وڃجي، ۽ ان جي نيست ۽ نابود ڪرڻ جو اهو مطلب آهي، ته ان کان علحدگي اختيار ڪئي وڃي. هاڻي جيڪڏهن قرآن اسان کي انهن ماڻهن (جي اطاعت) جي طرف وٺي وڃي ها، ته پوءِ اسين انهن جا پيروي ڪندڙ بڻجون ها، پر جيڪڏهن انهن کي اسان جي طرف آندو وڃي، ته پوءِ انهن کي اسان جي اطاعت ڪرڻ گهرجي.

توهان جو خانو خراب ٿئي! مون ڪا مصيبت ته ڪڙي نه ڪئي، ۽ نه ڪنهن ڳالهه توهان کي ڪو ڌوڪو ڏنو اٿم ۽ نه ان ۾ ڪا فريبڪاري ڪئي اٿم. توهان جي ئي جماعت ته اها راءِ قائم ڪئي هئي، ته ٻه ماڻهو چونڊيا وڃن، جن کان اسان اهو اقرار ورتو هو، ته هو قرآن جي انحرافي نه ڪندا، ليڪن هو چڱي طرح ڏسڻ وائسڻ جي باوجود قرآن کان ڦري ويا، ۽ حق کي ڇڏي ويٺا، ۽ انهن جا جذبات بي راه روي جا مقتضي ٿيا، جيتوڻيڪ هو انهي روش تي هليا. حالانڪ اسان ته شروع کان ئي انهن سان اهو شرط ڪيو هو، ته هو عدل ۽ انصاف سان فيصلي ڪرڻ ۽ حق جي مقصد کي پيش نظر رکڻ ۾ بد نيتي ۽ بي راه روي کي دخل نه ڏيندا. (جيڪڏهن ائين ٿيو، ته اهو فيصلو اسان جي لاءِ قابل قبول نه ٿيندو.(



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 128: بصره جي متعلق اهم پيشن گوئيون

بصره جي متعلق اهم پيشن گوئيون ۽ امير زنجہ جو خروج هن ۾ بصري شهر جي اندت برپا ٿيل هنگامن جو تذڪرو بہ ٿيل آهي:

اي احنف! آءُ ان شخص کي پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو آهيان، تہ هو هڪ اهڙي لشڪر کي ساڻ ڪري وڌي رهيو آهي، جنهن ۾ نہ گرد و غبار آهي، نہ گوڙ گمسان، نہ لغامن جا آواز آهن ۽ نہ گهوڙن جون هڻڪارون آهن. اهي ماڻهو زمين کي پنهنجي پيرن سان، جيڪي شتر مرغ جي پيرن وانگر آهن، سي لتاڙي خراب ڪري رهيا هوندا.

)سيد رضي فرمائي ٿو تہ، حضرت جو اشارو حبشين جي سردار ڏانهن هو.(

وري حضرت فرمايو تہ:

انهن ماڻهن جي هٿان، جن جي قتل ٿيڻ تي ويڻ ڏنا ڪيا وڃن ۽ گم ٿيڻ وارن کي ڳوليو نٿو وڃي. توهان جي انهن آباد گهٽين ۽ سنواريل سينگاريل جاين جي لاءِ تباهي آهي، جن جا ڪنهڙا ڳجهن جي پرن ۽ هاٿين جي سونڊين وانگر آهن. آءُ دنيا کي اونڌي منهن ڪيرائڻ وارو ۽ ان جي طاقت جي صحيح اندازي رکڻ وارو ۽ ان جي حالات کي نگاهن سان ڏسڻ وارو آهيان.

ساڳئي خطبي ۾ ترڪن جي حالت ڏي اشارو ڪيل آهي تہ:

آءُ اهڙن ماڻهن کي ڏسي رهيو آهيان، جن جا چهرا اهڙين ڍالن وانگر آهن، جن تي چمڙي جا تهہ چڙهيل هجن. اهي ابريشم ۽ اطلس جا ڪپڙا پائين ٿا ۽ اصيل گهوڙن کي چاهين ٿا، ۽ اتي خون ۽ قتل جي گرم بازاري ٿيندي، تان جو زخمي مقتولن جي مٿان لنگهندا ۽ بچي پچڻ وارا، قيد ٿيڻ وارن کان گهٽ هوندا.

)ان موقعي تي( سندس اصحابن مان ڪنهن شخص، جيڪو بني ڪلب جي قبيلي مان هو، تنهن عرض ڪيو، تہ يا امير المومنين! توهان کي تہ غيب جو علم معلوم آهي؟! جنهن تي پاڻ مشڪي فرمايائين تہ: اي ڪلبي جا ڀاءُ! اهو غيب جو علم نہ آهي، بلڪ علم واري حضرت (رسول صلعم) جن کان حاصل



Presented by Ziaraat.Com

ڪيل ڳالهيون آهن. غيب جو علم ته قيامت جي گهڙي ۽ انهن ڳالهين جي ڄاڻ جو نالو آهي، جن کي الله سبحانہ "ان الله عنده علم الساعة" واري آيت ۾ شمار ڪيو آهي.

جيئن ته الله ئي ڄاڻي ٿو ته: مائن جي پيٽن ۾ ڇا آهي، نر آهي يا مادي، خوبصورت آهي يا بدصورت آهي، سخي آهي يا بخيل آهي، بدبخت آهي يا خوش نصيب، ۽ دوزخ جي باڻ لاءِ ڪوئلا ڪاٺيون ڪير ٿيندو ۽ ڪير بهشت ۾ نبين جو رفيق ٿيندو. هي اهو غيب جو علم آهي، جنهن کي الله کان سواءِ ڪو به نٿو ڄاڻي. باقي رهيو ٻين ڳالهين جو علم، سو اهو الله تعالىٰ پنهنجي نبي کي ڏنو ۽ نبي صلعم جن مون کي سيکاريو، ۽ منهنجي لاءِ دعا گهريائون، ته منهنجو سينو انهن کي محفوظ رکي، ۽ منهنجون پاسريون انهن کي سميٽي رکن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 129: حصول جنت جا شرط ۽ ساهمي ۽ وزنن جي ذڪر ۾

حصول جنت جا شرط ۽ ساهمي ۽ وزنن جي ذڪر ۾

هن ۾ پاڻ وزنن ۽ ساهمين جو بيان فرمايو آهي:

الله جا بندو! توهان ۽ توهان جون هي دنيا سان وابستہ ٿيل اميدون، مقرر ڪيل مدت جون مهمان آهن، ۽ اهڙا قرضدار، جن کان ادائگي جي گهر ڪئي وئي وڃي. عمر بہ گهٽبي پئي وڃي ۽ اعمال بہ محفوظ ٿيندا رهن ٿا. ڪيترا ئي ڪولا ڊوڙ ڊڪ ڪرڻ وارا پنهنجي محنت اجائي ڪرڻ وارا آهن، ۽ ڪيترائي ڪوشش ۽ محبت وارا ٽوٽي ۽ نقصان ۾ وڃي رهيا آهن. توهان اهڙي زماني ۾ آهيو، جنهن ۾ ڀلائي وارا قدم پٺتي هٽي رهيا آهن ۽ برائي اڳتي وڌي رهي آهي، ۽ ماڻهن کي تباهہ ڪرڻ ۾ شيطان جو حرص تيز ٿيندو پيو وڃي. جيئن تہ هي اهو وقت آهي، جو ان جو (هٽ ناٽ ۽ چالاڪي) جو سر و سامان مضبوط ٿي چڪو آهي ۽ سندس سازشون پکڙجي رهيون آهن. ۽ ان جا شڪار آساني سان قابو ٿي رهيا آهن. جيڏانهن بہ چاهيو ماڻهن تي نگاهہ رکو. توهان اهو ئي ڏسندا، تہ هڪ طرف ڪو فقير، فقر ۽ فاقا ڪڍي رهيو آهي، ۽ ٻئي طرف دولتمند نعمتن کي نعمتن جي ڪفر سان بدلائي رهيو آهي، ۽ ڪو بخيل الله جي حق کي دٻائي مال وڌائي رهيو آهي، ۽ ڪو سرڪش وعظ ۽ نصيحت کان ڪن بند ڪيو پيو آهي. ڪٿي آهن توهان جا نيڪ ۽ صالح ماڻهو ۽ ڪٿي آهن توهان جا عالي حوصلن ۽ ڪريم النفس ماڻهو. ڪٿي آهن ڪاروبار ۾ (دغا ۽ فريب کان) بچڻ وارا ۽ پنهنجي طور طريقن ۾ پاڪ پاڪيزه رهڻ وارا.

ڇا اهي سمورن جا سمورا هن ذليل دنيا ۽ زندگي جا مزا وڃائڻ واري تڪڙي دنيا مان لنگهي نہ ويا؟ ۽ ڇا توهان ان کان پوءِ اهڙن رذيل ۽ ادنيٰ ماڻهن ۾ رهجي نہ ويا آهيو؟ جن جي مرتبي کي حقير سمجهندي ۽ انهن جي ذڪر کان پاسو ڪندي، چپ بہ انهن جي مذمت ۾ کلڻ گوارا نٿا ڪن. ”انا لله و انا اليہ راجعون“

فساد ايري آيو آهي، برائي جو اهو دور اهڙو آهي، جو انقلاب جو تہ ڪو آثار بہ ناهي ۽ نہ وري ڪو روڪڻ وارو آهي، جيڪو پاڻ بہ ان کان پري رهي. ڇا انهن ڪرتوتن هوندي بہ جنت ۾ الله جي نزديڪ رهڻ ۽ ان جي گهري دوست بڻجڻ جو اجا بہ ارادو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

توبهہ الله تعالیٰ کي ڏوڪو ڏئي، ان کان جنت تي وٺي سگهجي، ۽ بغير ان جي اطاعت جي، ان جون رضامنديون حاصل ٿيون ٿي سگهن. الله تعالیٰ انهن ماڻهن تي لعنت ڪري، جيڪي ٻين کي ته ڀلائي جو حڪم ڏين، ۽ پاڻ انهن کي ڇڏي ويهن، ۽ ٻين کي ته برين ڳالهين کان منع ڪن ۽ پاڻ ان تي عمل ڪندا رهن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 130: جڏهن ابوذر رحمة الله عليہ کي ”ربذه“ ڏي جلا وطن ڪيو ويو

جڏهن ابوذر رحمة الله عليہ کي ”ربذه“ ڏي جلا وطن ڪيو ويو، تڏهن حضرت کيس خطاب ڪندي فرمايو تہ:

اي ابوذر! تون الله تعالىٰ جي خاطر غضبناڪ ٿيو آهين، تہ پوءِ جنهن ذات لاءِ هي سڀ غم ۽ غصو آهي، تنهن ۾ اميد بہ رک! هنن ماڻهن کي تو مان پنهنجي دنيا جي متعلق خطرو آهي ۽ تو کي انهن مان پنهنجي دين جي متعلق انديشو آهي، تنهنڪري جنهن ڳالهہ جي لاءِ کين تو کان ڪٽڪو آهي، سا انهن جي هٿن ۾ ڇڏي ڏي، ۽ جنهن ڳالهہ جي لاءِ تو کي انهن کان انديشو آهي سا کڻي، انهن کان ڀڄي نڪر.

جنهن ڳالهہ کان تون انهن کي محروم ڪري وڃي رهيو آهين، ڪاش! جيڪر هو سمجهن ها تہ هو پاڻ ڪيترا ان جا حاجتمند آهن، ۽ جنهن ڳالهہ کي انهن تو کان روڪيو آهي، تنهن کان تون گهڻو ئي بي پرواهہ آهين، ۽ جلد ئي تو کي خبر پوندي، تہ سڀاڻي فائدي ۾ رهڻ وارو ڪير آهي، ۽ ڪنهن تي حسد ڪرڻ وارا زياده آهن. جيڪڏهن هي زمين ۽ آسمان ڪنهن بندي تي بند هجن ۽ هو الله تعالىٰ کان ڊڄي، تہ اهو ان لاءِ زمين ۽ آسمان جا رستا کولي ڇڏيندو. تو کي فقط سچ سان دلچسپي هئڻ گهرجي، ۽ فقط باطل کان ئي ڊڄڻ گهرجي. جيڪڏهن تون انهن جي دنيا قبول ڪرين ها، تہ اهي بہ تو کي چاهين ها، ۽ جي تون بہ ان ۾ ڪو حصو پٽي پنهنجي لاءِ مقرر ڪرائين ها، تہ اهي تو کان مطمئن ٿي وڃن ها.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 131: امام جون وصفون

هن خطبي ۾ امام جون وصفون بيان ڪيل آهن:

اي جدا جدا طبيعتن ۽ پريشان دل ۽ دماغ وارو! جن جا جسم ته موجود آهن. پر عقل گم آهن! آءُ توهان کي نرمي ۽ مهرباني سان حق جي طرف آڻڻ چاهيان ٿو، ۽ توهان ان کان اهڙي طرح ڀڄو ٿا، جهڙي طرح شينهن جي گجگوڙ کان رڍون ۽ ٻڪريون. ڪهڙي نه دشواري آهي، جو آءُ توهان جي سهاري تي لڪل عدل کي ظاهر ڪريان يا حق ۾ پيدا ٿيل ڏنگاين کي سڌو ڪريان! بار الها! تون چڱي طرح ڄاڻين ٿو، ته هي جيڪي ڪجھ به مون کان (جنگ ۽ مقابلي جي شڪل ۾) ظاهر ٿيو، سو ان ڪري نه هو ته اسين دين جي نشانين کي (وري سندن جاين تي) موٽايون، ۽ تنهنجي شهرن ۾ امن ۽ بهبود واري صورت پيدا ڪريون، ته جيئن تنهنجي ستم رسيده بندن کي ڪو کٽڪو نه رهي. ۽ تنهنجا اهي حڪم (وري) جاري ٿين، جن کي بيڪار بنايو ويو آهي. اي الله! آئون پهريون شخص آهيان، جنهن تنهنجي طرف رجوع ڪيو، ۽ تنهنجي حڪم کي ٻڌي لبيڪ چئي، ۽ رسول الله صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن کان سواءِ ٻئي ڪنهن به مون کان پهرين نماز نه پڙهي آهي!

)اي انسانو) توهان کي معلوم آهي، ته ناموس، خوف، مال غنيمت، احڪامن، (جو جاري ڪرڻ) ۽ مسلمانن جي پيشوائي لاءِ ڪنهن به طرح مناسب نه آهي، ته ڪو بخيل حاڪم هجي، ڇو ته هن جو ڏند مسلمانن جي مال تي لڳو رهندو، ۽ نه ڪو جاهل، جيڪو ڪين پنهنجي جهالت جي ڪري گمراهه ڪندو، ۽ نه ڪج خُلق، جيڪو پنهنجي تند مزاجي سان دٻائيندو رهندو، ۽ نه ڪو مال ۽ دولت ۽ بي راهه روي ڪرڻ وارو جيڪو، ڪي ڪجھ ماڻھن کي ڏيندو ۽ ڪجھ ماڻھن کان محروم ڪندو، ۽ نه وري فيصلي ڪرڻ ۾ رشوت وٺندو هجي، جيڪو (ٻين جي) حقن کي رائگان ڪري، انهن کي انجام تائين نه پهچائيندو، ۽ نه وري سنت کي بيڪار ڪرڻ وارو (حاڪم هجي) سو امت کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 132: اللّٰہ تعاليٰ جي حمد

اللہ تعاليٰ جي حمد

هو جيڪي ڪجھ وٺي ۽ جيڪي ڪجھ ڏي، ۽ جيڪي نعمتون بخشي، ۽ جن آزمائشن ۾ وجهي، (سيني تي) اسين سندس حمد ۽ تعريف ڪريون ٿا. هو هر لڪل ڳالهہ جي گهراين کان آگاهہ ۽ هر لڪل شي تي حاضر ۽ ناظر آهي. هو سينن ۾ لڪل ڳالهين ۽ اکين جي لڪل ڳجهن اشارن جي ڄاڻ وارو آهي. اسين گواهي ڏيون ٿا، تہ ان کان سواءِ ڪو بہ معبود نہ آهي، ۽ محمد صلي اللہ عليہ و آلہ و سلم جن سندس برگزيده (بندا) ۽ موڪليل رسول آهن. اهڙي شاهدي، جنهن ۾ ظاهر ۽ باطن هڪجهڙا ۽ دل ۽ زبان همنوا آهن.

هن خطبي جو هڪ حصو هي بہ آهي:

خدا جو قسم! تہ اها ڳالهہ جيڪي سراسر حقيقت آهي، سا کل چرچو نہ آهي، ۽ سراسر حق آهي، ڪوڙ نہ آهي، سو فقط موت آهي. هن جي سڏڻ واري پنهنجو آواز پهچائي ڇڏيو آهي، ۽ هن جي هڪلڻ واري جلدي مچائي رکي آهي. هي (جيئرن) ماڻهن جي ڪثرت توهان جي نفس کي ذوڪو نہ ڏي (جو پنهنجي موت کي وساري ويهو)، توهان انهن ماڻهن کي، جيڪي توهان کان اڳ ۾ هئا، جن مال ۽ دولت کي گڏ ڪيو هو، جيڪي غربت کان ڊڄندا هئا ۽ اميدن جي درازي ۽ موت جي دوري جو (فريب کائي) نتيجن کان بيخوف بنجي چڪا هئا. پوءِ توهان ڏٺو، تہ موت ڪهڙي طرح انهن تي اچي ڪڙڪيو، جو انهن کي وطن مان ڪڍي ٻاهر ڪيائين، ۽ کين امن واري جاءِ مان پنهنجي گرفت ۾ ورتئين. اهڙي حالت ۾ جو هو تابوت تي لڏايل هئا، ۽ ڪاندي هڪٻئي جي پٺيان کين ڪلهو ڏئي رهيا هئا، ۽ پنهنجي آڱرين (جي سهاري) سان روڪيل هئا. ڇا توهان انهن ماڻهن کي نہ ڏٺو، جيڪي پري جون اميدون لڳايو ويٺا هئا. جن مضبوط محل بنايا هئا ۽ دنيا جا مال گڏ ڪيائون؟ ڪهڙي طرح نہ انهن جا گهر قبرن ۾ بدلجي ويا، ۽ گڏ ڪيل مال ۽ دولت تباهہ ٿي وئي، ۽ انهن جو مال وارثن جو ٿيو، ۽ انهن جون زالون ٻين وٽ پهچي ويون؟ (هاڻي) نہ اهي نيڪين ۾ اضافو ڪري سگهن ٿا ۽ نہ وري انهن کي ڪو موقعو آهي، جو اهي ڪنهن گناهہ ڪرڻ کان پوءِ (توبهہ ڪري) اللہ جون رضامنديون حاصل ڪن.



Presented by Ziaraat.Com

جنهن شخص پنهنجي دل کي تقويٰ (پرهيزگاري) جو عادي بنايو، سو نيڪين ۾ اڳرائي ڪري ويو، ۽ سندس ڪيو ڪريو سجايو ٿيو. تقويٰ حاصل ڪرڻ جو موقعو غنيمت ڄاڻو ۽ جنت لاءِ جيڪو به عمل هئڻ گهرجي، سو پورو ڪريو، ڇو ته دنيا توهان جي رهڻ جي جڳهه نه بڻائي وئي آهي، بلڪ هي ته توهان جي لاءِ گذرگاهه (وڃڻ وارو رستو) آهي، ته جيئن توهان ان ۾ پنهنجي مستقل قيام گاهه لاءِ ثمر (رستي جو خرچ) گڏ ڪري سگهو. هن دنيا مان هلڻ نڪرڻ لاءِ تيار رهو ۽ ڪوچ ڪرڻ لاءِ سواريون پنهنجي قريب ڪريو (ته وقت اچڻ تي آساني سان سوار ٿي سگهو.(



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 133: الله تعاليٰ جي عظمت

الله تعاليٰ جي عظمت

دنيا ۽ آخرت، پنھنجون واڳون الله تعاليٰ کي سنونپي ڇڏيون، جنھن جي فرمان ھيٺ آھن. آسمان ۽ زمين بہ پنھنجون ڪنجيون ھن جي اڳيان رکي ڇڏيون آھن، پڻ تر و تازہ سرسبز وڻ ٽڻ صبح ۽ شام ھن جي اڳيان سر بسجود آھن، ۽ پنھنجي ٽارين مان چمڪندڙ باھ (جا شعلا) پيا دکائن، ۽ ھن جي حڪم سان (گل ڦل) ۽ پڪل ميون (جون ٽاريون) پيش پيا ڪن.

ھي بہ ساڳئي خطبي جو حصو آھي:

الله تعاليٰ جو ڪتاب توھان جي اڳيان اھڙي طرح (ڪُلي) ڳالھائڻ وارو آھي، جو ان جي زبان ڪٿي بہ نٿي اٽڪي، ۽ اھڙو گھر آھي، جنھن جا ٿنيا نٿا جھڪن ۽ اھڙي عزت آھي، جو ان جا مددگار ڪڏھن بہ شڪست نٿا کائن.

وري فرمايائين تہ:

الله تعاليٰ کين اھڙي وقت موڪليو، جڏھن رسولن جي بعثت جو سلسلو روڪيل ھو، ۽ ماڻھن جا جيترا وات ھئا، اوتريون ڳالھيون ھيون، سو جيئن تہ کين سيني رسولن کان پوءِ آخر ۾ موڪليائين، ۽ کائن بعد وحي جي اچڻ جو سلسلو بہ ختم ڪيائين، پاڻ الله جي راھ ۾ انھن ماڻھن سان جھاد ڪيائون، جيڪي کائن منھن موڙي چڪا ھئا، ۽ ٻين کي سندن ھمسر ڪيو ويٺا ھئا.

وري فرمايائين تہ:

)دل جي) انڌي جي نظر جي انتھا ھي دنيا آھي، جو ھن کي ان کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نظر نٿو اچي ۽ نظر رکڻ وارن جون نگاھون ان کان پار ھليون وڃن ٿيون، ۽ ھو ان امر تي يقين رکي ٿو تہ ھن کان پوءِ ٻيو ھڪ گھر آھي. نگاھ رکڻ وارو ھن مان نڪرڻ چاھي ٿو، ۽ انڌو ھن (دنيا) تي ئي نگاھ ڄمايو ويٺو آھي. بصيرت وارو ھن (دنيا) مان (آخرت لاءِ) ثمر حاصل ڪري ٿو، ۽ بي بصيرت ھن (دنيا) جي ئي ٺاھ ٺوھ واري سروسامان ۾ رڌل رھي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

وري فرمايائين ته:

توهان کي چاڻ گهرجي، ته هر شيءِ مان ماڻهو ڪڍهن، ڍوءِ ڪري سير ٿئي ٿو ۽ ڪڍهن ڪڪ به ٿئي ٿو. سواءِ زندگي جي هو ڪڍهن به مرڻ ۾ راحت نٿو محسوس ڪري، ۽ هي انهي حڪمت وانگر آهي ته، مرده قلب لاءِ حياتي، انڌين اکين لاءِ بينائي، ٻوڙن ڪنن لاءِ ٻڌڻ، ۽ اڃايل لاءِ سيرابي آهي، ۽ انهي ۾ ئي ڪفايت وارو سامان ۽ حفاظت جو ثمر آهي.

هي الله تعالىٰ جو ڪتاب آهي، جنهن جي ذريعي توهان کي ياد ڏياري ٻڌائي ٿو، توهان جي زبانن ۾ ڳالهائڻ جي طاقت ٿئي ٿي، ۽ (حق جو آواز) ٻڌو ٿا. هن جا ڪجهه حصا، ڪجهه حصن جي وضاحت ڪن ٿا، ۽ (ڪي) ڪن ٻين جي صداقت جي گواهي ڏين ٿا. هي الله تعالىٰ جي ذات متعلق جدا جدا نظريا پيش نٿو ڪري ۽ نه پنهنجي ساٿي کي ان جي راهه کان هٽائي، ڪنهن ٻي راهه تي لڳائي ٿو. (پر) توهان جي دلين جي ڪدورت ۽ گند، ڪچري تي ڦٽل ساوڪ جي خواهشن تي ٻڌي ڪري ڇڏي آهي، اميدن جي چاهت تي ته توهان ۾ صلح صفائي آهي، ۽ مال جي ڪمائڻ تي هڪٻئي سان دشمني ٿا ڪريو. توهان کي (شيطان) خبيث ڀٽڪائي ڇڏيو آهي، ۽ فريبن توهان کي گمراهه ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي ۽ توهان جي نفسن جي مقابلي ۾ الله ئي مددگار آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 134: روم جي جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ حضرت سان مشورو

جڏهن حضرت عمر ابن خطاب روم جي جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ حضرت سان مشورو ڪيو، تڏهن پاڻ فرمايائين ته:

الله تعالىٰ دين وارن جي حدن کي تقويت پهچائڻ ۽ انهن جي غير محفوظ جڳهين کي (دشمن جي) نظر کان بچائي رکڻ جو ذمو کنيو آهي. اهو ئي خدا (هينئر به) زنده ۽ غير فاني آهي، جنهن ان وقت به انهن جي تائيد ۽ مدد ڪئي، جڏهن اهي ايترا ته ٿورا هئا جو دشمن کان انتقام نٿي وٺي سگهيا ۽ انهن جي حفاظت ڪيائين، جيئن ته اهي ايترا ته ٿورا هئا، جو پاڻ کي محفوظ نٿي رکي سگهيا. جيڪڏهن تون پاڻ خود انهن دشمنن ڏانهن وڌندين ۽ انهن سان وڙهندين، ۽ پوءِ ڪنهن اوچتي تڪليف ۾ وجي پئين، ته ان صورت ۾ مسلمانن لاءِ ڏورانهن شهرن کان اورتي ڪا به جڳهه نه هوندي، ۽ نه وري تو کان پوءِ اهڙي واپس ٿيڻ واري ڪا جڳهه هوندي، جتي هو موٽي اچي سگهن. تون اوڏانهن (پنهنجي بجاءِ) ڪو تجربہ ڪار ماڻهو موڪل ۽ ان سان گڏ سٺي ڪارڪردگي وارا ۽ خير خواهي ڪرڻ وارا به روانا ڪر، پوءِ جيڪڏهن الله تعالىٰ غلبو عطا ڪيو ته پوءِ تون به اهي ئي چاهين تو. جيڪڏهن ٻي صورت ۾ (شڪست) ٿي، ته پوءِ تون ماڻهن لاءِ هڪ مددگار ۽ انهن مسلمانن جي واپس ٿيڻ جو مقام هوندين.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 135: جناب امير ۽ عثمان بن عفان ۾ ڪجھ بحث

جناب امير ۽ عثمان بن عفان ۾ ڪجھ بحث ٿيو، تڏهن مغيره ابن اخنس، عثمان کي چيو تہ آءٌ تنهنجي طرفان ٿو نبيريان، جنهن تي پاڻ مغيره کي فرمايائين تہ:

اي بي اولاد لعين جا پٽ! ۽ اهڙي وڻ جا ڦر جنهن جو نہ ڪو بڻ آهي نہ ڪا شاخ! تون ڀلا مون سان ڇا نبيريندي.

خدا جو قسم! جنهن جو تو جهڙو مددگار هجي، تنهن کي الله تعالىٰ فتح ۽ سرفرازي نٿو ڏي ۽ جنهن جو تو جهڙو اڀارڻ وارو هجي، سو (پنهنجي پيرن تي) نٿو بيهي سگهي. اسان ڪان پري ٿي. الله تنهنجي منزل کي ڪوهن جا ڪوهہ پري ڪري. ان ڪان پوءِ جيڪي وڻئي سو ڪر ۽ جيڪڏهن تورو بہ مون تي ترس اچئي، تہ (شل) خدا تو تي رحم نہ ڪري.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 136: بيعت کان پوءِ ماڻھن جي خود غرضي

بيعت کان پوءِ ماڻھن جي خود غرضي ڏسي فرمايائين تہ:

توھان منھنجي بيعت اوچتو ۽ بنا سوچ سمجھڻ جي نہ ڪئي ھئي ۽ نہ توھان جو ۽ منھنجو معاملو ڪو ھڪجھڙو آھي. آءٌ توھان کي الله تعالىٰ جي ڪاڻ چاھيان ٿو، ۽ توھان مون کي پنھنجي شخصي فائدن لاءِ چاھيو ٿا. اي انسانو! پنھنجي نفساني خواھشن جي مقابلي ۾ منھنجي مدد ڪريو. خدا جو قسم! تہ آءٌ مظلوم جو، ان جي ظالم کان بدلو وٺندس، ۽ ظالم جي نڪ ۾ واڳ وجھي، ان کي حق جي سرچشمي تائين گھلي ويندس، توڙي جو ان کي چو نہ اھو ناگوار ٿئي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 137: طلحہ ۽ زبير جي باري

طلحہ ۽ زبير جي باري ۾ فرمايائين تہ:

خدا جو قسم! تہ انهن مون تي ڪو سچو الزام نہ هنيو آهي، ۽ نہ انهن منهنجي ۽ پنهنجي وچ ۾ ڪو انصاف ڪيو آهي. اهي مون کان ان حق جو مطالبو ٿا ڪن، جنهن کي هنن خود ڇڏي ڏنو آهي، ۽ ان خون جو عيوضو ٿا گهرن، جيڪو خود هنن ڪيو آهي.

هاڻي جيڪڏهن آءُ بہ انهن جو شريڪ هيس، تہ پوءِ ان ۾ انهن جو بہ تہ حصو ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن اهي (خود) ان جا مجرم آهن ۽ آءُ نہ آهيان، تہ پوءِ ان جو مطالبو رڳو انهن کان ئي ٿيڻ گهرجي، ۽ هنن جي عدل ۽ انصاف جو پهريون قدم اهو هئڻ گهرجي، تہ هو پنهنجي خلاف حڪم صادر ڪن. مون سان گڏ منهنجي بصيرت واري جلوه گري آهي. نہ مون خود ڪڏهن (ڇاڻي ٻجهي) پاڻ کي ڌوڪوڏنو آهي، ۽ نہ مون کي واقعي ڪڏهن ڌوڪو ٿيو آهي. بيشڪ اهو ئي اهو باغي گروهہ آهي، جنهن ۾ هڪ اسان جو سڳو (زبير) ۽ هڪ وچون جو ڏنگ (حميرا) آهي، ۽ (اهي) حق تي سياه پردا وجهڻ وارا شبها آهن. هاڻي تہ حقيقت حال کلي سامهون اچي چڪي آهي، ۽ باطل پنهنجي بنيادن کان لوڏن ۾ اچي چڪو آهي، ۽ شر انگيزي کان سندس زبان بند ٿي چڪي آهي. خدا جو قسم! آءُ انهن لاءِ هڪ اهڙو حوض ڇلڪائيندس، جنهن جو پاڻي ڪڍڻ وارو آءُ پاڻ آهيان. جنهن مان سيراب ٿي موٽڻ انهن جي وس ۾ نہ هوندو، ۽ نہ ان کان پوءِ ڪو ڪڏ ڪوٺي پاڻي پي سگهندا.

انهي خطبي جو هڪ حصو هي بہ آهي:

توهان اهڙي طرح (شوق ۽ سڪ سان) بيعت، بيعت ڪري مون ڏانهن وڌيا، جهڙي طرح نئين وياڻل ڏاچي پنهنجي ٻچن ڏانهن، مون پنهنجا هٿ پوئتي هٽايا، تہ وري توهان انهن کي پنهنجي طرف ڊگهيريو. مون پنهنجا هٿ توهان کان ڇڏائڻ چاهيا، پر توهان انهن کي پاڻ ڏي پئي ڇڪيو.خداوندا! انهن ٻنهي منهنجي حقن کي نظر انداز ڪيو آهي ۽ مون سان ظلم ڪيو اٿن، ۽ منهنجي بيعت کي ٽوڙيو اٿن، ۽ هاڻي منهنجي خلاف ماڻهن کي ورغلائين پيا، تنهن ڪري انهن جيڪي (شرارت جون) ڳنڍيون ٻڌيون آهن، تن کي کولي ڇڏ، ۽ جيڪي انهن وٽيو آهي، تنهن کي مضبوط ٿيڻ نہ ڏي، ۽ کين سندن اميدن ۽ ڪرتوتن جو بڇڙو



Presented by Ziaraat.Com

نتيجو ڏيڪار. مون جنگ تيڻ ڪان پهرين هنن کي باز رکڻ چاهيو، ۽ لڙائي کان اڳ هنن کي ڍر ڏيندو رهيس، پر انهن ان نعمت جو قدر نہ ڪيو بلڪ فرحت ۽ آرام کي ٺڪرائي ڇڏيئون.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 138: اچڻ وارن فتنن ۽ هنگامن ڏي اشارا

هن ۾ اچڻ وارن فتنن ۽ هنگامن ڏي اشارا ڪيل آهن:

هو، خواهشن کي هدايت ڏي موڙيندو، جڏهن ته ماڻهن هدايت کي خواهشن جي طرف موڙي ڇڏيو هوندو ۽ انهن جي راين کي قرآن جي طرف ڦيريندو،جڏهن ته انهن قرآن کي (وٽي سٽي) قياس ۽ راءِ جي وڏي عام رستي تي آندو هوندو.

هن خطبي جو هڪ هي بہ حصو آهي:

)ان حق ڏي سڏڻ واري کان پهرين) ايستائين نوبت پهچندي، جو جنگ پنهنجن پيرن تي بيهي رهندي. ڏند نڪتل ۽ ٿڻ پريل، جن جو کير مٺو ۽ وڻندڙ پيو معلوم ٿيندو، ليڪن ان جو نتيجو ڪڙو ۽ مڪروهہ بي ذائقي هوندو. ها! سڀاڻي ۽ اها سڀاڻي نهايت نزديڪ آهي ۽ اهڙين شين کي پاڻ سان آڻي ٿي، جن کان توهان اجا تائين بي خبر آهيو. حاڪم ۽ والي، جيڪو ان جماعت مان نہ هوندو، سو سڀني حاڪمن کان انهن جي بدڪارين سببان پڪڙ ڪندو ۽ زمين سندن اڳيان پنهنجا خزانا ڍير ڪري ڇڏيندي، ۽ پنهنجون ڪنجيون آساني سان ان جي اڳيان رکندي. جيئن تہ هو توهان کي ڏيکاريندو، تہ حق ۽ عدالت جي روش ڪهڙي ٿيندي آهي، ۽ هو دم ڏيڻ واري ڪتاب ۽ سنت کي نئين سر جيئرو ڪندو.

هن خطبي جو هڪ حصو هي بہ آهي:

چڻ تہ آءٌ اهو منظر پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو آهيان، ۽ هو (باطل جي طرف سڏڻ وارو) شام ۾ بيٺو ڏاڍيان سڏ ڪري، ۽ ڪوفہ جي پسگردائي ۾ پنهنجا جهنڊا ڦڙڪائي رهيو آهي ۽ چڪن هڻڻ واري ڏاچي وانگر ان تي (حملي ڪرڻ لاءِ) جهڪيل آهي، ۽ هن زمين تي (ماڻهن جي) سرن جو فرش وڇائي ڇڏيو آهي. سندس وات (ڦاڙي کائڻ لاءِ) کلي چڪو آهي، ۽ زمين ۾ هن جون پاماليون نهايت سخت ٿي چڪيون آهن. هو پري پري تائين وڏي وجھ وارو ۽ وڏي شد و مد سان حملي ڪرڻ وارو آهي. بخدا، هو توهان کي زمين جي پسگردائي ۾ پکيڙي ڇڏيندو، تان جو توهان مان ڪي ٿورا وڃي بچندا. جيئن اک ۾ سرمو. توهان اهڙي پريشاني جي عالم ۾ رهندو، تان جو عربن جا عقل وري پنهنجي جاين تي ايندا. توهان مضبوط



Presented by Ziaraat.Com

طريقن، روشن نشانين ۽ ان ئي ويجهڙائي واري انجام تي قائم رهو، جنهن ۾ نبوت جا پائدار آثار آهن، ۽ پڻ توهان کي معلوم هئڻ گهرجي، تہ شيطان پنهنجي قدم بقدم هلائڻ لاءِ رستا آسان ڪندو رهي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 139: شوريٰ جي موقعي

شوريٰ جي موقعي تي فرمايائين تہ:

مون کان اڳ ۾ حق جي تبليغ، رحم جو صلو، سخا ۽ ڪرم ڏانهن ڪنهن بہ تڪڙو قدم نہ وڌايو. تنهن ڪري توهان منهنجي قول کي ٻڌو ۽ منهنجي ڳالهين کي ياد رکو تہ توهان جلد ئي ڏسندو تہ ان ڏينهن کان پوءِ خلافت جي لاءِ تلوارون اپيون ٿي ويندیون ۽ عهد ۽ اقرار ٽوڙيا ويندا. تان جو ڪي ماڻهو گمراهہ ماڻهن جا پيشوا بنجي کڙا ٿي ويندا ۽ ڪجهہ جاهلن جا پوئلڳ ٿي ويندا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 140: بدگوئي ۽ غيبت

بدگوئي ۽ غيبت

هن ۾ ماڻهن کي ٻين جا عيب بيان ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي:

جن ماڻهن جو دامن خطائن کان پاڪ صاف آهي، سي الله جي فضل سان گناهن کان محفوظ آهن، (ليڪن) انهن کي گهرجي ته اهي گنهگارن ۽ خطاڪارن تي رحم ڪن. انهي ڳالھ جو شڪر آهي (ته خدا کين گناهن کان بچائي ڇڏيو آهي)، ۽ انهن تي غالب ۽ ٻين جي عيبن کولڻ کان پاڻ روڪيائون. ائين نہ ٿئي، جو اهو عيب لڳائڻ وارو پنهنجي ڪنهن ڀاءُ جي پر پٺ گلائون ڪري ۽ ان جا عيب کولي ٻڌائي. مٿس طعنہ زني ڪري، ڪيس برو ڀلو چوي. اهي آخر الله تعاليٰ جي ان پرده پوشي کي ڇو نٿا ياد ڪن، جيڪا هن خود سندن اهڙن گناهن تي ڪئي آهي. اهي ته گناه انهن کان بہ وڏا هئا، جن جي هو غيبت ڪري رهيا آهن، ۽ ڇو ڀلا ڪنهن اهڙي گناه بابت ٻئي جي برائي ڪري ٿو، جڏهن پاڻ خود اهڙن گناهن جو مجرم ٿي چڪو آهي! پر جيڪڏهن هوبهو اهڙا گناه پاڻ نہ ڪيا اٿس، ته بہ اهڙا ته گناه ڪيا اٿس، جيڪي ٻين جي گناهن کان وڏا آهن.

خدا جو قسم! جيڪڏهن هن ڪبيره گناه نہ بہ ڪيا هئا، ۽ فقط صغيره گناهن جو مجرم هو، تڏهن بہ ٻين جي عيبن کي کولڻ وڏو گناه آهي.

اي خدا جا بندا! جهٽ ۾ ڪنهن تي گناه جو عيب نہ لڳائي رکيءَ شايد، الله تعاليٰ اهو بخشي ڇڏيو هجي، ۽ پنهنجي ڪنهن بہ ننڍي (کان ننڍي) گناه تي اطمينان نہ ڪر. شايد ان جو تو تي عذاب ٿئي، تنهنڪري توهان مان جيڪو شخص ڪنهن ٻئي جا عيب ڄاڻي ٿو، تنهن کي انهن جي ظاهر ڪرڻ کان باز رهڻ گهرجي.

ان ڄاڻ سبب جيڪا خود هن کي پنهنجي گناهن متعلق آهي، ۽ ان امر جي شڪريہ ۾ ته، الله تعاليٰ کيس انهن ڳالهين کان محفوظ رکيو آهي، جو جن ۾ ٻيا مبتلا آهن، (تنهن ڪري کيس) ڪنهن ٻئي طرف ڌيان نہ ڏيڻ گهرجي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 141: حق ۽ باطل ۾ فرق

حق ۽ باطل ۾ فرق

اي انسانو! جيڪڏهن توهان کي پنهنجي ڪنهن ڀاءُ جي دينداري جي پختگي ۽ اٽي ويهڻي ۾ سڌي سنئين هلڻ جي چڱي طرح خبر آهي، ته پوءِ ان جي باري ۾ افواهي ڳالهين تي ڪن نہ ڏيو. سڌي! ڪڏهن تير هڻڻ وارو تير هلائي ٿو، ته ان اتفاق سان اهو گسي ٿو وڃي، ۽ پوءِ ڳالهه ذري ۾ هيڏانهن جو هوڏانهن ٿي وڃي ٿي، ۽ جيڪا ڳالهه غلط هوندي، سان از خود نيست و نابود ٿي ويندي. الله تعالیٰ هر ڳالهه جي ٻڌڻ وارو ۽ هر شي جي خبر رکڻ وارو آهي. معلوم هئڻ گهرجي، تہ سچ ۽ ڪوڙ ۾ فقط چئن آڱرين جو فاصلو آهي.

جڏهن امير المومنين کان ان جو مطلب پڇيو ويو، تڏهن پاڻ پنهنجي (چئن ئي) آڱرين کي گڏ ڪري پنهنجي ڪن ۽ اک جي وچ تي رکي ۽ فرمايائين تہ: ڪوڙ اهو آهي، جنهن بابت توهان چئو، تہ مون ٻڌو آهي، ۽ سچ اهو آهي، جنهن بابت توهان چئو، تہ مون ڏٺو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 142: دولت جو مصرف

دولت جو مصرف

جيڪو شخص، غير مستحق سان سهڻي سلوڪ جو برتاءُ ڪري ۽ نا اهلن تي احسان تو ڪري، تنهن جي پناري اهو ئي ٿئي ٿو، تہ ڪمينا ۽ شرير ان جي مدح و ثنا ڪرڻ لڳن ٿا، ۽ جيستائين هو ڏيندو ڪندو رهي، (تيسين) جاهل چوندا رهندا، تہ هن جو هٿ ڪيترو نہ سخي آهي. حالانڪ الله جي معاملي ۾ هو بخل ڪري ٿو. تيڻ تہ ائين گهربو هو، تہ جنهن کي الله تعالىٰ دولت ڏني آهي، سو پنهنجي عزيزن قريبن سان سٺو سلوڪ ڪري، خوش اسلوبي سان مهمان نوازي ڪري. قيدين ۽ خستہ حال اسيرن کي آزاد ڪرائي. محتاجن ۽ قرضدارن کي ڏي. بلڪ ثواب جي خواهش ۾ حقن جي ادائگي ۽ جدا جدا زحمتن ۽ تڪليفن کي پنهنجي جان تي برداشت ڪري. ان ڪري، جو انهن خصلتن ۽ نيڪ عادتن سان سينگارجڻ، دنيا جي بزرگين سان شرفياب ٿيڻ، سو آخرت جي فضيلتن کي حاصل ڪرڻو آهي. انشاءَ الله تعالىٰ.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 143: بارش جي لاءِ دعا

بارش جي لاءِ دعا

مينهن جي طلب جي سلسلي ۾ فرمايائين تہ:

ڏسو! هي زمين جيڪا توهان کي کنيو بيٺي آهي ۽ هي آسمان جيڪو توهان تي ڇانيل آهي، ٻئي توهان جي پروردگار جي فرمان ۾ آهن. هي پنهنجي برڪتن سان انهي ڪري توهان کي مالا مال نٿا ڪن، جو انهن جي دل توهان تي ڳري پچي افسوس ڪري ٿي، يا توهان جي ويجهڙائي نزديڪي چاهين ٿا، يا ڪنهن نيڪي ۽ ڀلائي جا توهان کان اميدوار آهن؟ بلڪ اهي تہ توهان کي فائدي رسائڻ تي مامور آهن، جن کي بجا آڻين ٿا ۽ توهان جي مصلحتن جي حدن تي انهن کي بيهاريو ويو آهي، جنهن ڪري هي بيٺل آهن.

البتہ الله سبحانہ بندن کي انهن جي بد اعمالين وقت، ميون جي گهٽ ڪرڻ، برڪتن کي روڪڻ ۽ انعامن جي خزانن کي بند ڪرڻ سان آزمائي ٿو، تہ جيئن توبهہ ڪرڻ وارو توبهہ ڪري، (انڪار ۽ وڏائي کان) باز اچڻ وارو باز اچي، نصيحت ۽ عبرت حاصل ڪرڻ وارو نصيحت ۽ دانائي حاصل ڪري، ۽ گناهن کان رڪجڻ وارو رڪجي وڃي. الله سبحانہ توبهہ ۽ استغفار کي رزق جي وافر ٿيڻ جو سبب ۽ پنهنجي مخلوق تي رحم ڪرڻ جو ذريعو بڻايو آهي. جيئن سندس ارشاد آهي، تہ پنهنجي پالڻهار جي بارگاهہ ۾ توبهہ ۽ استغفار ڪريو. بيشڪ اهو نهايت بخشڻهار آهي. اهو ئي توهان تي تمام گهڻو زورائتو مينهن وسائي ٿو. ۽ مال ۽ اولاد سان توهان کي سهارو ڏي ٿو. الله تعالىٰ ان شخص تي رحم ڪري، جيڪو توبهہ جي طرف متوجهہ ٿئي، ۽ گناهن ڪرڻ تان هٿ ڪڍي ۽ موت اچڻ کان پهرين نيڪ اعمال ڪري.

بار الها! تنهنجي رحمت جي خواهش ڪندي ۽ نعمتن جي فراواني چاهيندي ۽ تنهنجي عذاب کان غضب کان ڊڄندي، اسين پردن ۽ گهرن جي ڪنڊن ڪڙڇن مان تنهنجي طرف نڪري آيا آهيون. ان وقت جڏهن چوپايو مال رنيون ڪري رهيو آهي، ۽ انهن جا ڦر دانهون ڪري رهيا آهن. خداوندا! اسان کي بارش سان سيراب ڪر ۽ اسان کي مايوس نہ ڪر ، ۽ خشڪ سالي سان اسان کي برباد ٿيڻ نہ ڏي ۽ اسان مان ڪن بيوقوفن جي ڪرتوتن تي اسان کي پنهنجي گرفت ۾ نہ آڻ. اي رحم ڪرڻ وارن مان نهايت رحم ڪرڻ وارا، بار الها! جڏهن اسان کي سخت تنگين، بيقرار ۽ بي حال ڪيو آهي، ۽ قحط سالين بي وس بڻايو آهي ۽ شديد ضرورتن لاچار بڻايو آهي، ۽ بد زبانن شرير سرڪشن جي فتنن جون تانجيون ڀڏجي ويون آهن،



Presented by Ziaraat.Com

تڏهن اسين تنهنجي طرف نڪري آيا آهيون جا ڳالهه شڪون شڪايتن سان جيڪي تو کان پوشيده نہ آهي.

بار الها! اسين تو کان دعا گهرون ٿا, تہ تون اسان کي محروم ڪري نہ موٽاءِ ۽ نہ اهڙي طرح جو اسين پنهنجي نفسن تي لوچ پوچ ۾ ڪِرندي ۽ ڪاوڙ ڪري رهيا هجون, ۽ اسان جي گناهن جي ڪري اسان سان (عتاب آميز) خطاب نہ ڪر ۽ اسان جي ڪئي مطابق اسان سان اهو سلوڪ نہ ڪر. بار الها! تون اسان تي باران ۽ برڪت ۽ رزق ۽ رحمت جو دامن ڪشادو ڪر ۽ اهڙي سيرابي سان اسان کي نوازي مالا مال ڪر, جوفائدي بخشن واريون ۽ سيراب ڪرڻ واريون ۽ گاهہ ڪک, ڪن ڦٽڻ واريون هجن. جنهن کان پوکن ۾ گذريل رونق ۽ تر و تازگي ۽ نشو نما اچي وڃي, ۽ مرده زمينن ۾ وري حياتي جون لهرون ڊوڙي اچن اهڙي سيرابي ٿئي جنهن جي تر و تازگي (سموري) فائديمند ۽ چوندا ميون جا انبار ڪنيو اچي, جنهن کان هموار ۽ زمينن کي پاڻي سان پري ڇڏ, ۽ نديون, واهہ وهي نڪرن ۽ وڻن کي ٽارين ۽ پنن سان سرسبز ڪر ۽ اگهہ سستا ڪر. بيشڪ تون جيڪي چاهين, تنهن تي قادر آهين.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 144: عظمت اهلبيت عليهم السلام

عظمت اهلبيت عليهم السلام

الله تعاليٰ پنهنجي رسولن کي وحي جي امتيازن سان موڪليو ۽ انهن کي پنهنجي مخلوق تي حجت مقرر ڪيو، ته جيئن اهي مٿس اهو عذر نہ ڪري سگهن، ته انهن جي حجت پورو نہ ٿي. سو خدا ڪين صداقت جي زبانن سان حق جي راه جي دعوت ڏني. (هونئن ته) الله تعاليٰ مخلوق کي چڱي طرح ڄاڻي سڃاڻي ٿو ۽ ماڻهن جي ڳجهن رازن کان بہ بي خبر نہ آهي، جن کي اهي لڪائن ٿا. (تنهن هوندي بہ هي حڪم احڪام ان لاءِ ڪيا اٿس) ته هو انهن ماڻهن کي آزمائي ظاهر ڪري ڇڏي، ته انهن ۾ نيڪ اعمالن جي لحاظ کان ڪير بهتر آهي، ته جيئن ثواب انهن جي جزا ۽ عتاب انهن جي (بد اعمالين) جي سزا ٿئي. ڪٿي آهن اهي ماڻهو، جيڪي ڪوڙو ڳالهائيندي، اسان تي ستم روا رکندي، اها دعويٰ ٿا ڪن، ته هو ماڻهو، راسخون في العلم آهن ۽ اسين ناهيون، جيئن ته الله تعاليٰ اسان کي بلند ڪيو آهي ۽ انهن کي ڪيرايو اٿس، ۽ اسان کي امامت جو عهدو ڏنو آهي، ۽ هنن کي محروم رکيو اٿس، اسان کي (علم جي منزل ۾) داخل ڪيو آهي، ۽ انهن کي پري ڪيو اٿس. اسان کان ئي هدايت جي طلب ۽ گمراهي جي اونداهين کي چٽڻ ۽ چندڻ جي خواهش ڪري سگهجي ٿي. بيشڪ "امام" قريشن مان ٿيندا، جيڪي انهيءَ قبيلي جي هڪ شاخ بني هاشم جي کيتي ۽ زراعت مان ابرندا، نہ امامت ڪنهن ٻئي کي زيب ڏي ٿي ۽ نہ انهن کان سواءِ ڪو ان جو اهل ٿي سگهي ٿو.

هن خطبي جو هڪ حصو هي بہ آهي:

هنن ماڻهن دنيا کي اختيار ڪيو آهي ۽ آخرت کي پوئتي ڪيو اٿن. صاف پاڻي ڇڏي ۽ ڪنو پاڻي پيئڻ لڳا آهن. گويا آءُ انهن جي فاسق کي ڏسي رهيو آهيان، ته هو براين ۾ ايتري قدر ته رهيو، جو هن کي انهن براين سان محبت ٿي وئي آهي ۽ هي انهن سان گهائل مائل ٿيو، ۽ انهن سان اتفاق ڪندو رهيو، تان جو (انهن بڇڙاين ۾) سندس مٿي جا وار اڇا ٿي ويا، ۽ انهي رنگ ۾ سندس طبيعت رنگجي وئي. وري هيئن جو هو (وات مان) ڪف ڪيندو چوليون هڻندڙ دريا وانگر اڳتي وڌيو سواءِ ان خيال ڪرڻ جي، ته هو ڪنهن کي ٻوڙي رهيو آهي ۽ ٻُوسي کي لڳل باه وانگر پکڙجي ويو، ۽ اها پرواه نہ ڪيائين ته ڪهڙين شين کي جلائي رهيو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

ڪتي آهن هدايت جي چراغن کي روشن ڪرڻ وارا عقل ۽ ڪتي آهن تقوىٰ جي روشن منارن ڏانهن ڏسڻ واريون اکيون، ۽ ڪتي آهن خدا جا ڏنل قلب ۽ ان جي اطاعت تي ڄمي بيهڻ واريون دليون، هو ته دنيا جي مال تي ڪري پيا ۽ حرام (مال تي) وڙهي رهيا آهن، انهن جي اڳيان بهشت ۽ دوزخ جا جهنڊا بلند آهن، ليڪن انهن بهشت کان پنهنجا منهن موڙي ڇڏيا آهن، ۽ پنهنجي ڪرتوتن جي ڪري دوزخ ڏي وڌي رهيا آهن. الله تعالىٰ هنن کي سڏيو، ته هو ڪاوڙجي اٿي ۽ پٺ ڏئي هليا ويا، ۽ شيطان هنن کي دعوت ڏني ته لبيڪ چوندي ان جي طرف ڊوڙندا ويا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 145: پند و نصائح

پند و نصائح

اي انسانو! توهان هن دنيا ۾ موت جي تير اندازين جا نشان آهيو. (جتي) هر ڏُڪ سان اٿهڙجڻ ۽ هر گرهہ ۾ نڙي گهٽيندڙ ڦندو آهي. جتي (ڪا بہ) هڪ نعمت ان وقت تائين حاصل ڪري نٿا سگهو، جيسين ٻي نعمت کان جدا نہ ٿيو، ۽ توهان مان ڪو بہ زندگي حاصل ڪرڻ وارو هڪ ڏينهن جي زندگي ۾ قدم نٿو رکي، جيسين هن جي حياتي واري عرصي مان هڪ ڏينهن گهٽ نٿو ٿئي، ۽ ان جي کاڌي ۾ ڪنهن ٻئي رزق جو اضافو نٿو ٿئي، جيستائين پهريون رزق پورو نہ ٿئي، ۽ جيستائين هڪڙو نقش نٿو مٽجي، تيسين ٻيو نقش نٿو اڀري. جيستائين ڪا بہ نئين شي، پراڻي ۽ بوسيده نہ ٿئي، تيسين ٻي نئين شيءِ حاصل نٿي ٿئي، ۽ جيستائين بيٺل فصل وڍيو نہ ويندو، تيسين ٻيو نئون فصل تيار نٿو ٿئي. ابا ڏاڏا گذاري ويا ۽ اسين انهن جون شاخون آهيون، جڏهن جڙ ئي نہ هوندي، تہ شاخون ڪٿان رهي سگهنديون.

هن خطبي هڪ هي بہ حصو آهي:

ڪا بہ بدعت وجود ۾ نٿي اچي، مگر ائين تہ ان جي ڪري سنت کي ڇڏڻو پوي ٿو. بدعتي ماڻهن کان پاڻ بچايو، روشن طريقي تي پختا رهو، پراڻيون ڳالهيون سٺيون آهن ۽ (دين ۾) پيدا ڪيل نيون ڳالهيون بدترين آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 146: فارس جي جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ حضرت سان مشورو

جڏهن عمر ابن خطاب فارس جي جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ حضرت سان مشورو ڪيو، تڏهن ڪيس حضرت امير عليہ السلام فرمايو تہ:

هن امر ۾ ڪاميابي ۽ نا ڪاميابي جو دارو مدار فوج جي گهٽائي يا ٿورائي تي نہ رهيو آهي. هي تہ الله جو دين آهي، جنهن کي هن (سيني دينن تي) غالب رکيو آهي، ۽ ان جو ئي لشڪر آهي، جنهن کي هن تيار ڪيو آهي، ۽ ان جي اهڙي مدد ڪئي اٿس، جيڪو وڏي پنهنجي موجوده حدن تائين پهچي ويو آهي، ۽ پکڙجي پنهنجي موجوده بلندي تي آيو آهي، ۽ الله تعالىٰ جو اسان سان هڪ وعدو آهي، ۽ هو پنهنجي وعدي کي پورو ڪندو، ۽ پنهنجي لشڪر جي خود ئي مدد ڪندو. امور (سلطنت) ۾ حاڪم جي حيثيت اها ٿئي ٿي، جيڪا مهرن (ڳوٽن) ۾ ڌور جي، جيڪا انهن کي سميٽي رکي ٿي. جيڪڏهن ڌور ٽٽي ويندي، تہ سمورا مهرا پکڙجي ويندا، ۽ وري ڪڏهن بہ گڏ ٿي نہ سگهندا.

اڄ عرب وارا جيتوڻيڪ ڳڻپ ۾ گهٽ آهن، مگر اسلام جي ڪري اهي گهڻا آهن ۽ پاڻ ۾ ٻڌي جي ڪري (فتح) ۽ غلبي حاصل ڪرڻ وارا آهن. تون پنهنجي جاءِ تي مضبوط ٿي ڪلي وانگر بيٺو هج ۽ عرب جو انتظام برقرار رک، ۽ انهن کي ئي جنگ جي باھ سان مقابلو ڪرڻ ڏي. ان ڪري جو جيڪڏهن تو ان سرزمين کي ڇڏيو، تہ عرب هر طرف کان تو تي اچي ٽٽندا. تان جو تو کي پنهنجي سامهون وارين حالتن کان زياده انهن هنڌن جو فڪر ٿيندو جن کي تون پنهنجي پس پشت غير محفوظ ڇڏي ويو آهين. سڀاڻي جيڪڏهن عجم وارا تو کي ڏسندا، تہ (پاڻ ۾) ائين چوندا، تہ هي آهي (عرب جو سردار). جيڪڏهن تو هنن جو قلعو پاڙون پٽي ڊاهي ڇڏيو، تہ آسودو ٿي ويندي، جنهن ڪري هنن جو حرص ۽ طمع تو تي زياده ٿي ويندو، ليڪن تون جو چئين ٿو، تہ ماڻهو مسلمانن سان وڙهڻ لاءِ اٿي هليا آهن، سو الله تعالىٰ هنن جي وڏي اچڻ کي تو کان وڌيڪ برو سمجهي ٿو ۽ هو جنهن کي برو سمجهي، تنهن جي بدلائڻ (۽ روڪڻ) تي کيس پوري قدرت حاصل آهي ۽ انهن جي تعداد جي متعلق جيڪي چوين ٿو (تہ اهي گهڻا آهن) سو اسين گذريل دور ۾ ڪثرت جي ڀروسي تي نہ وڙهندا هئاسون، بلڪ (الله جي) تائيد ۽ مدد (جي سهاري) تي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 147: اڇڻ واري زماني جا حالات

اڇڻ واري زماني جا حالات

الله سبحانہ محمد صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن کي حق سان موڪليو، تہ جيئن سندس بندن کي محڪم ۽ واضح قرآن جي ذريعي، بتن جي پوڄا کان، الله جي عبادت جي طرف وٺي وڃن، تہ جيئن بندا، پنهنجي پرودگار کان جاهل ۽ بي خبر رهڻ کان پوءِ وري ڪيس سڃاڻن هٺ ڌرمي ۽ انڪار کان پوءِ ان جي وجود جو يقين ۽ اقرار ڪن. الله تعاليٰ انهن جي سامهون ڏسڻ کان سواءِ بہ پنهنجي قدرت جي (انهن نشانين) سبب ديدار سان سينگاريل آهي. جيڪي هن پنهنجي ڪتاب ۾ (نشانيون) ڏيکاريون آهن، ۽ پنهنجي رعب، قهر ۽ شان شوڪت جي (زبردست قوت طاقت سان) پڻ ظاهر آهي، جن کان ڊيڄاريو بہ اٿس ۽ ڏسڻ جي ڳالھ اھا آهي تہ، جن کي ختم ڪرڻو هو، تن کي ڪيئن نہ پنهنجي عقوبتن سان نابود ڪري ڇڏيائين، ۽ جن کي الٽ پلٽ ڪرڻو هو، تن کي ڪيئن نہ پنهنجي عذابن سان الٽ پلٽ ڪري ڇڏيائين.

مون کان پوءِ توهان تي هڪ اهڙو دور اچڻو آهي، جنهن ۾ حق نهايت پوشيده ۽ باطل ظاهر هوندو. ۽ الله ۽ رسول تي تهمتن ۽ الزامن هڻڻ جو زور ٿيندو، ان زماني وارن جي نزديڪ قرآن کان زيادھ ڪا بي قيمت شيءِ نہ هوندي، جڏهن ان کي اهڙي طرح پيش ڪيو ويندو جهڙي طرح پيش ڪرڻ جو حق آهي. ۽ هن قرآن کان زيادھ وٽن ڪا مقبول ۽ قيمتي شيءِ نہ هوندي، ان وقت جڏهن تہ ڪين آيتن جو بي محل استعمال ڪرڻ جو سوال هوندو، ۽ نہ (انهن جي) شهرن ۾ نيڪي کان زيادھ ڪا برائي ۽ برائي کان زيادھ ڪا نيڪي هوندي، تنهن ڪري قرآن جو بار کڻڻ وارا ان کي اڇلائي جدا ڪندا، ۽ حفظ ڪرڻ وارن جي (تعليم) وساري ويهندا، ۽ قرآن ۽ قرآن وارا (اهلبيت) بي گهر ۽ دربدر هوندا، ۽ هڪ ئي راھ ۾ هڪٻئي جا ساٿي هوندا، انهن کي ڪو پناھ ڏيڻ وارو نہ هوندو. اهي (بظاهر) ماڻهن ۾ هوندا، پر انهن کان الڳ ٿلڳ، انهن سان هوندا، مگر بي تعلق، ان ڪري جو گمراهي، هدايت سان سازگار ٿي نٿي سگهي، پوءِ ڪٺي اهي هڪ هنڌ جو نہ هجن. ماڻهن ڦوٽ وجهڻ وارن تي تہ اتفاق ڪيو آهي ۽ جماعت کان جدا ٿي ويا آهن، ڄڻ تہ اهي ڪتاب جا پيشوا آهن، ڪتاب انهن جو پيشوا نہ آهي. انهن وٽ فقط قرآن جو نالو رهجي ويو آهي، ۽ فقط ان جي لفظن ۽ نقشن کي سڃاڻي سگهن ٿا. ان اڇڻ واري دور کان پهرين اهي نيڪ بندن کي طرحين طرحين جون اذيتون پهچائي چڪا هوندا، ۽ الله تعاليٰ جي متعلق سندس سچين ڳالهين جو نالو پڻ بهتان رکيو ويو هوندو، ۽ نيڪين جي عيوض ۾ انهن کي بڇڙيون سزائون ڏنيون ويون هونديون.



Presented by Ziaraat.Com

توهان کي پهرين گذريل ماڻهن جي تباهي جو سبب هي آهي، تہ هو اميدن جو دامن ڪشادو ڪندا رهيا، ۽ موت کي نظرن کان غائب سمجهائون، تان جو جڏهن وعدي ڪيل (موت) اچي ويو، تڏهن انهن جي بهانن کي رد ڪيو ويو ۽ توبهہ بہ بند ڪئي وئي ۽ مصيبت ۽ بلا انهن تي اچي ڪڙڪي.

اي انسانو! جيڪو الله کان نصيحت ٿو چاهي، تنهن کي ئي توفيق نصيب ٿئي ٿي، ۽ جيڪو ان جي حڪمن کي رهنما بنائي، سو ئي سڌي رستي تي اچي ٿو، تنهنڪري الله تعالیٰ جي همسايگي (قرب) ۾ رهڻ وارو امن ۽ سلامتي ۾ آهي، ۽ سندس دشمن خوف ۽ هراس ۾. جيڪو الله جي عظمت ۽ جلالت کي سڃاڻي چڏي، تنهن کي ڪهڙي بہ طرح زيب نٿو ٿئي، تہ هو پنهنجي عظمت جي نمائش ڪري.

جيئن تہ جيڪي ان جي عظمت کي سڃاڻي چڪا آهن، تن جي رفعت ۽ بلندي ان ۾ آهي، تہ اهي سندس بارگاهہ ۾ سر کي جهڪائين، ۽ جيڪي ان جي قدرت کي سڃاڻي چڪا آهن، تن جي سلامتي انهن ۾ آهي تہ هن جي اڳيان سر تسليم خم ڪري ڇڏين. حق سچ کان اهڙي پڙڪجي نہ اٿو، جهڙي طرح صحتمند، (وچڙندڙ مرض) خارش کان يا چڱو ڀلو بيمار کان، توهان هدايت کي ان وقت تائين نہ سڃاڻندو، جيستائين ان جي ڇڏڻ وارن کي سڃاڻندو، ۽ قرآن جي انجام ۽ اقرار جا تيستائين پابند نہ ٿي سگهندو، جيستائين ان جي ٽوڙڻ وارن کي نہ سڃاڻندو، ۽ هن (قرآن) سان وابستہ ٿنا رهي سگهو. جيستائين ان کي پري اڇلائڻ وارن جي شناخت نہ ڪندو.

جيڪي هدايت وارا آهن، تن کان ئي هدايت حاصل ڪريو، اهي ئي علم جي زندگي ۽ جهالت جو موت آهن. اهي اهڙا انسان آهن، جو انهن جو (ڏنل) هر حڪم انهن جي علم جو ۽ انهن جي خاموشي، انهن جي گويائي جي خبر ڏيندي، ۽ انهن جو ظاهر سندن باطن جو آئينہ دار آهي. اهي نہ دين جي مخالفت ڪن ٿا ۽ نہ ان جي باري ۾ هڪٻئي سان اختلاف رکن ٿا. دين انهن جي سامهون هڪ سچو گواهہ آهي، ۽ هڪ اهڙو بي زبان آهي، جيڪو ڳالهائي رهيو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 148: طلحہ ۽ زبير جي مسلڪ تي اظھارِ افسوس

طلحہ ۽ زبير جي مسلڪ تي اظھارِ افسوس

انھن ٻنھي (طلحہ ۽ زبير) مان ھر ھڪ پنھنجي لاءِ خلافت جو اميدوار آھي ۽ ان کي پنھنجي ئي طرف موڙي، آڻڻ چاھين ٿا، نہ پنھنجي ساٿي جي طرف. ھو الله جي طرف ڪنھن وسيلي سان توسل (ذريعو) ٿا ڳولين، ۽ نہ ڪنھن ٻئي ذريعي سان ھن جي طرف وڌڻ چاھين ٿا. ھو ٻئي ھڪٻئي ڏانھن (دلين ۾ بغض) رکن ٿا، ۽ جلد ئي ان سلسلي ۾ بي نقاب ٿي ويندا. خدا جو قسم! تہ جيڪڏھن ھو پنھنجي ارادن ۾ ڪامياب ٿي وڃن تہ انھن مان ھڪڙو ٻئي کي ماري ڇڏي، ۽ ڪيس پورو ڪري ساھ ڪڍندو. (ڏسو) باغي گروھ اٿي کڙو ٿيو آھي. (ھاڻي) ڪٿي آھن اجر ۽ ثواب جي چاھڻ وارا. جڏھن حق، سچ جون راھون مقرر ٿي چڪيون آھن، ۽ اھا خبر انھن کي شروع کان ئي ڏني وئي آھي. ھر گمراھي لاءِ حيلا بھانا ھوندا آھن ۽ ھر انجام ٽوڙڻ وارو (ٻين کي) شبھن ۾ وجھڻ لاءِ ڪا نہ ڪا ڳالھ ٺاھيندو ڪندو آھي. خدا جو قسم! آءٌ ان شخص وانگر نہ ٿيندس، جيڪو ماتم جي آواز تي ڪن ڏئي، موت جي خبر ڏيڻ واري جو آواز نہ ٻڌي، ۽ روئڻ واري (ماتم پرسي لاءِ) بہ وڃي، ۽ پوءِ بہ عبرت حاصل نہ ڪري.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 149: ابن ملجم جي حملي کان پوءِ

ابن ملجم جي حملي کان پوءِ آخري وقت ارشاد فرمايائين تہ:

اي انسانو! هر ڪو شخص، انهي ڳالهہ جي مقابلي ڪرڻ وارو آهي، جنهن کان هو ڀڄڻ واري راه اختيار ڪندو وتي، ۽ جتي زندگي جو سفر چڪي وٺي وڃي ٿو، اها ئي حياتي جي انتها واري منزل آهي. موت کان ڀڄڻ چڻ تہ ان کي حاصل ڪرڻ آهي. مون هن موت جي لڪل رازن جي ڳولا ۾ ڪيترو ئي عرصو گذاريو. پر ايزدي مشيت اها ئي رهي آهي تہ ان جا (تفصيل) بي نقاب نہ ٿين. ان جي منزل تائين پهچڻ ڪٿي آهي. هو تہ هڪ پوشيدو علم آهي. تہ هائو! منهنجي وصيت اها آهي، تہ الله جو ڪو بہ شريڪ نہ ڪريو، ۽ محمد صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن جن سنت کي ضايع ۽ برباد نہ ڪريو. انهن ٻنهن ستونن کي قائم ۽ برقرار رکو، ۽ انهن ٻنهي چراغن کي روشن ڪندا رهو. جيستائين ٽڙيل پکڙيل ۽ پريشان حال ڇڙوڇڙ نہ ٿيو، توهان ۾ ڪا بہ برائي نہ ايندي. توهان مان هر شخص پنهنجي طاقت آهر بارکڻي نہ چاٽڻ وارن جو بار بہ هلڪو رکيو ويو آهي، (ڇو جو) الله تعاليٰ رحم ڪرڻ وارو، دين سنئون سڌو (جنهن ۾ ڪو بہ مونجهارو يا پيچيدگي نہ آهي) ۽ پيغمبر عالم ۽ دانا آهي.

آءُ ڪالهہ توهان جو ساٿي هوس ۽ اڄ توهان جي لاءِ عبرت بڻيل آهيان، ۽ سڀاڻي توهان کان جدا ٿي ويندس. الله تعاليٰ مون کي ۽ توهان کي مغفرت عطا فرمائي.

جيڪڏهن ان ترڪڻ واري جڳهہ تي قدم مضبوط ۽ ڄميا رهيا، تہ خير، پر جيڪڏهن پيرن جو ڄمڻ اکڙجي ويو (تہ پوءِ ائين سمجهو تہ) اسان انهن گهاٽن وڻن جي ٽارين جي ڇانئن ۾ هوادار رستن ۽ ڇانو ڪيل ڪڪرن جي پاڇن ۾ هئاسون، (ليڪن) ان جا تهن تي تهہ ڄميل لڪ، عليحده ٿي ويا، ۽ هوائن جا نشان پڻ مٽجي ويا.

آءُ توهان جو پاڙيسري هوس، منهنجو جسم چند ڏينهن توهان جي پاڙي ۾ رهيو. ۽ منهنجي وفات کان پوءِ مون کي (بغير روح جي بدن) ڏسندا، جيڪو چرڻ پرڻ کان بيهي رهيو ۽ ڳالهائڻ کان پوءِ خاموش ٿي ويو، تہ جيئن منهنجي اها ماٺ ۽ سڪون ۽ بيهڪ ۽ اکين جو پورجي وڃڻ ۽ هٿن پيرن جو بي طاقت ٿيڻ (شل) توهان جي لاءِ نصيحت ۽ هدايت ٿئي، ڇو تہ عبرت حاصل ڪرڻ وارن لاءِ اهو (منظر) بليغ لفظن ۽ ڪن ۾ اچڻ وارين ڳالهين کان زياده نصيحت ۽ عبرت ڏيارڻ وارو ٿئي ٿو. آءُ توهان کان اهڙي طرح رخصت ٿي



Presented by Ziaraat.Com

رهيو آهيان، جيئن ڪو شخص (ڪنهن جي) ملاقات لاءِ رستو ويٺو نهاري. سيائي توهان منهنجي هن دور کي ياد ڪندا، ۽ منهنجون نيتون کلي توهان جي سامهون ايندين، ۽ منهنجي جاءِ جي خالي ٿيڻ ۽ ٻين جو ان جاءِ تي اچڻ، سو يقينا تنهن کان پوءِ توهان کي منهنجي قدر و منزلت جي سڃاڻپ ٿيندي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 150: اچڻ وارو زمانو

اچڻ وارو زمانو

)اهي ماڻهو) گمراهي جي رستن تي لڳي ۽ هدايت واري راهه کي ڇڏي (افراط ۽ تفريط جي) ساڄي کاٻي وارن رستي تي هلي رهيا آهن. جيڪا ڳالهه ٿيڻ واري ۽ وقت جي انتظار ۾ هجي، تنهن لاءِ جلدي نہ ڪريو، ۽ جنهن کي"سڀاڻي" پاڻ سان آڻي رهي آهي، تنهن جي دوري محسوس ڪندي ناگواري (ڏک) ظاهر نہ ڪريو. ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي ڪنهن شيءِ کي حاصل ڪرڻ لاءِ جلدي ڪن ٿا، ۽ جڏهن ان کي حاصل ٿا ڪن، تہ پوءِ ائين چاهين ٿا، تہ جيڪر اها هٿ نہ ڪريون ها، تہ چڱو ٿئي ها."اڄ" اچڻ وارو "سڀاڻي" جي سوجهرن کي ڪيترو نہ ويجهو آهي. اي منهنجي قوم! هيءُ ئي تہ وعده ڪيل شين جي اچڻ ۽ انهن فتنن جي ظاهر ٿي ويجهي ٿيڻ جو زمانو آهي، جنهن کان اڄا توهين آگاهہ نہ آهيو. ڏسو! اسان (اهلبيت) مان جيڪو (انهن فتنن جو زمانو) ڏسندو، سو ان وقت (هدايت جو) چراغ کڻي اٿندو، ۽ نيڪ انسانن جي نقش قدم تي هلندو، تہ جيئن منجهيل ڳنڍين کي کولي ۽ بندن کي آزاد ڪري، ۽ حسب ضرورت جڙيل کي ٽوڙي ۽ ٽٽل کي جوڙي. اهو ماڻهن جي نگاهن کان پوشيده هوندو. جاچ ڪرڻ وارا سانده نظرن ڪرڻ جي باوجود بہ ان جي نقش قدم کي نہ ڏسي سگهندا. ان وقت هڪ قوم کي (حق جي سراڻ تي) اهڙي طرح تيز ڪيو ويندو، جهڙي طرح لوهار تلوار جي ڌار کي تيز ڪندو آهي. قرآن سان هنن جي پنهنجن اکين ۾ رونق ۽ چمڪ دمڪ پيدا ڪئي ويندي. ان جا مطلب سندس ڪنن ۾ پوندا رهندا، ۽ حڪمت جا ڇلڪندڙ ساغر کين صبح ۽ شام پيئاريا ويندا.

هن خطبي جو هڪ هي بہ حصو آهي:

انهن جي (گمراهين جو) زمانو وڌندو ئي رهندو، تہ جيئن هو پنهنجي خوارين جي تڪميل ۽ سختين جي حقداري يا اختياري پيدا ڪن، تان جو جڏهن اها مدت ختم ٿيڻ جي ويجهو آئي، ۽ هڪ (فتنہ انگيز) جماعت، فتنن جو سهارو وٺي وڌي، ۽ جنگ جي ٻج ڇٽڻ لاءِ ڪڙي ٿي، تہ ان وقت ايمان آڻڻ وارا پنهنجي صبر، بردباري ۽ تحمل سان الله تي احسان ڪرڻ نہ ٻڌائيندا، ۽ نہ حق جي راهه ۾ سر ڏيڻ ڪو وڏو ڪارنامو سمجهندا، تان جو جڏهن قضا جي حڪم اهو مصيبت جو زمانو ختم ڪري ڇڏيو، تہ انهن نهايت دانائي سان تلوارون ڪڍيون، ۽ پنهنجي هادي جي حڪم سان پنهنجي رب جي حڪمن جي اطاعت ڪرڻ لڳا، ۽ جڏهن رسول الله صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن کي الله تعالیٰ هن دنيا مان کڻي



Presented by Ziaraat.Com

ورتو، تڏهن هڪ گروهه پوين پيرن تي پٺتي هٽيو ۽ گمراهي جي راهن انهن کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو، ۽ هو پنهنجي غلط سلط عقيدن تي ڀروسو ڪري ويٺا. (اهو گروهه قريبن کي ڇڏي) ڌارين سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ لڳو، ۽ جن (هدايتن جي) وسيلن سان کيس مودت جو حڪم ڏنو ويو هو، تنهن کي ڇڏي ويٺو، ۽ (خلافت کي) ان مضبوط بنيادن تان هٽائي اتي نصب ڪيائون، جيڪا ان جي جڳهه نه هئي. اهي ئي ته گناهن جا مخزن ۽ گمراهي ۾ ڀٽڪڻ وارن جا دروازا آهن، اهي حيرت ۽ پريشاني ۾ سرگردان ۽ آل فرعون وانگر گمراهي جي نشي ۾ مدهوش پيا هئا. ڪي ته آخرت کي ڇڏي دنيا جي طرف متوجهه ٿيا ۽ ڪي حق کان منهن موڙي دين کي ڇڏي چڪا هئا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 151: فسادن ۽ شرارتن جا دؤر

فسادن ۽ شرارتن جا دؤر

بني امين ۽ بني عباسين جي عهد ۾ ٿيڻ وارن فتنن جي طرف اشارا

آءٌ الله جو حمد ۽ ثنا ڪريان ٿو ۽ انهن ڳالهين لاءِ ان کان مدد گهران ٿو، جيڪي شيطان کي تڙڻ ۽ پري ڪرڻ واريون ۽ هن جي ڪوڙڪن ۽ هن جي هٿ ناٽ، چالاڪين کان، پنهنجي پناھ ۾ رکڻ واريون آهن.

آءٌ گواهي ٿو ڏيان تہ محمد صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن، سندس ٻانها ۽ رسول ۽ منتخب ممتاز آهن، نہ سندن فضل ۽ ڪمال جي برابري ۽ نہ وري سندن وڃڻ جو ڪو عيوض ٿي سگهي ٿو. سياھ گمراهين ۽ پرپور جهالتن ۽ غصي وارين (خصلتن) کان پوءِ شهرن (جا شهر) سندن سببان روشن ۽ منور ٿي ويا. جڏهن تہ ماڻهو حلال کي حرام ۽ مرد هشيار ۽ دانا کي ذليل ڄاڻندا هئا. نبين کان خالي زماني ۾ جيئندا هئا ۽ گمراهي جي حالت ۾ مرندا هئا. پوءِ اهو بہ تہ اي عرب گروھ وارؤ! توهان اهڙين آزمائشن ۽ مصيبتن جا نشانا بنجڻ وارا آهيو، جيڪي قريب پهچي چڪيون آهن، عيش و عشرت ۽ ناز و نعمت سان آرام سان زندگي بسر ڪرڻ وارين بدمستين کان بچو ۽ عذابن جي تباھ ڪارين کان ڊڄو، شبهن جي منهن اونداهين ۽ فتني جي اڊنگين ۾ پنهنجي قدمن کي روڪيو. جيسين ان جو لڪل خوف ظاهر ٿئي، ۽ مخفي انديشو سامهون اچي، ۽ ان جي ڪاٺ جو ڪلو مضبوط ٿئي. فتنا هميشہ لڪل رستن تان ظاهر ٿيندا آهن، ۽ آخرڪار ان جي ڪليل براين جي سامهون ٿيٺو پوندو آهي، ۽ انهن جو اُٺاءُ (اُڀار) اهڙو ٿئي ٿو، جهڙو نوخيز ٻار جو، ۽ انهن جا نشانات اهڙا ٿين ٿا، جهڙا پٿر (جا ڏڪيل) ظالم، پاڻ ۾ عهد ۽ پيمان ڪري ان جا وارث ٿيندا آيا آهن. اڳيون، پوئين جو رهنما ۽ پويون، اڳئين جو پوئلڳ ٿئي ٿو. اهي هن رذيل دنيا تي مري مٽ ٿيندا آهن، بلڪ هن گندي مردار تي اچي ٽٽندا آهن، جلدي ئي پيروي ڪندڙ پنهنجي رهنمائن کان بيزاري جو اظهار ڪندا، ۽ هڪٻئي جي دشمني سببان جدائي اختيار ڪندا، ۽ سامهون ٿيڻ تي هڪٻئي تي لعنتون ڪندا. هن اهڙي دؤر کان پوءِ هڪ فتنو اهڙو ايندو، جنهن ۾ امن ۽ سلامتي کي تھ و بالا ڪرڻ وارو ۽ تباهي مچائڻ وارو ۽ الله جي خلق تي سختي سان حملہ آور ٿيندو، پوءِ ڪيترين ئي دليون دلجاءِ ٿيڻ کان پوءِ ڊانوان ڊول ۽ ڪيترائي ماڻهو (ايمان جي) سلامتي کان پوءِ گمراھ ٿي ويندا. ان جي حملہ آور ٿيڻ وقت خواهشون ورهائجي ونديون ۽ ان جي اپرڻ وقت رايا شڪي ٿي ويندا. جيڪو ان فتني کي چتائي ڏسندو، تنهن کي هو تباھ ڪري ڇڏيندو، ۽ جيڪو ان ۾ سعيو ۽ ڪوشش ڪندو، تنهن کي ڀاڙون پٽي



Presented by Ziaraat.Com

ڪيندو، ۽ پاڻ ۾ هڪٻئي کي اهڙي طرح ويڙهندا ڪٽيندا، جهڙي طرح وحشي گڏهه پنهنجي هجوم ۾ هڪٻئي کي ڏندن سان چڪ هڻندا آهن. اسلام جي وٽيل رسي جا ور کلي ويندا. صحيح طريقه ڪار لڪي ويندو، حڪمت جو پاڻي خشڪ ٿي ويندو، ۽ ظالمن جون زبانون کلي وينديون. اهو فتنو باديه نشينن (جهنگلن بيابان ۾ رهندڙن) کي پنهنجي مترڪن سان چيپاٽي ڇڏيندو، ۽ پنهنجي سيني سان ذرا ذرا ڪري ڇڏيندو. ان جي گرد و غبار ۾ اڪيلا ٻڪيلا تباه و برباد ٿي ويندا، ۽ سوار ان جي رستن ۾ ختم ٿي ويندا. اهو خدائي حڪم جون تلخيون کڻي ايندو، ۽ (کير جي بجاءِ) خالص رت ڏهندو. دين جي منارن کي ڍاهي ڇڏيندو ۽ يقين جي اصولن کي ٽوڙي ڇڏيندو. عقلمند هن کان ڀڄندا ۽ شر پسند ان جا ڪرتا ڌرتا ٿيندا. هو گجگوڙ وارو چمڪندڙ هوندو ۽ پوري طاقت سان سامهون ايندو. سمورا رشتا ناتا ان ۾ ٽٽي ويندا، ۽ اسلام کان علحدگي اختيار ڪئي ويندي. ان کان الڳ ٿلڳ رهڻ وارو به ان ۾ مبتلا ٿي ويندو، ۽ ان مان نڪري ڀڄڻ وارو به پنهنجا قدم ان کان ٻاهر نه ڪڍي سگهندو.

هن خطبي جو هڪ هي به حصو آهي:

)جنهن ۾ ايمان وارن جي حالت جو ذڪر ڪيل آهي(

ڪجهه ته انهن مان شهيد به هوندا، جن جو بدلو وٺي نه سگهبو. ۽ ڪجهه خوفزده هوندا، جيڪي پنهنجي لاءِ پناه ڳوليندا وتندا. انهن کي قسمن ۽ (ظاهري) ايمان جي فريب ڪارين سان ڌوڪو ڏنو ويندو. توهان فتنن جي طرف راه ڏيکارڻ وارا نشان ۽ بدعتن جا سربراه نه ٿيو. توهان ايمان واري جماعت جي اصولن ۽ انهن جي عبادت ۽ اطاعت جي طريقن تي مضبوط ٿي بيهو. الله تعالىٰ وٽ مظلوم ٿي وڃو. ظالم ٿي نه وڃو. شيطان جي راهن ۽ نمرود جي سرڪشي وارن هنڌن کان پاڻ بچايو. پنهنجي پيٽ ۾ حرام جا گرها نه وجهو، ڇو جو توهان هن جي نظرن جي سامهون آهيو. جنهن گناه ۽ خطا کي توهان تي حرام ڪيو آهي، ۽ اطاعت جون راهون آسان ڪيون آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 152: صفات باري عين ذات آهي

صفات باري عين ذات آهي

هر قسم جي ساراهہ ۽ هر قسم جو حمد ان الله جي لاءِ آهي، جيڪو خلق (جهانن)کان پنهنجي وجود جو ۽ پيدا ٿيل مخلوقات کان پنهنجي قديم ۽ ازلي هجڻ جو، ۽ انهن جو پنهنجو پاڻ ۾ شڪل و صورت ۾ هڪجهڙا ٿيڻ سببان پنهنجي بي نظير هجڻ جو، پتو ڏي ٿو. نہ حواس ان کي ڇهي سگهن ٿا ۽ نہ وري پردا کيس لڪائي سگهن ٿا. جيئن تہ بنائڻ وارو ۽ بنجڻ وارو، گهرڻ وارو ۽ گهيري ۾ اچڻ وارو، پالڻ وارو ۽ پلجڻ وارو، تن ۾ فرق ٿئي ٿو.

هو هڪ (احد) آهي، ليڪن اهڙو نہ جيڪو ڳڻپ ۾ اچي سگهي. هو پيدا ڪرڻ وارو آهي، ليڪن انهي معنىٰ سان نہ، تہ کيس حرڪت (چرڻ) ڪرڻ ۽ اچرج ۾ پوڻ. هو ٻڌڻ وارو آهي، ليڪن نہ ڪنهن جسم جي حصي جي ذريعي سان، ۽ ڏسڻ وارو آهي، ليڪن نہ ان طرح سان، تہ اکيون ڪشاديون ڪري کولي. هو حاضر آهي ليڪن ان طرح سان نہ، تہ هن کي ڇُهي سگهجي. هو جدا آهي، ليڪن ان طرح سان نہ، تہ ڪا وچ ۾ فاصلي واري دوري هجي. هو ظاهر بظاهر آهي، ليڪن اکين سان ڏسڻ ۾ نٿو اچي سگهي. هو حقيقي پوشيدو آهي، ليڪن جسماني سنائي، نزاڪت ۽ خوبي جي لحاظ کان نہ. هو سيني شين کان انهي ڪري جدا آهي تہ هو انهن تي ڇانيل آهي، ۽ انهن تي ڪلي اختيار رکي ٿو، ۽ سموريون شيون انهي ڪري کائنس جدا آهن، جو اهي سموريون سندس اڳيان جهڪيل ۽ ان ڏانهن موٽڻ واريون آهن. جنهن بہ (ذات کان سواءِ) هن لاءِ صفتون تجويز ڪيون، تنهن هن جي حد مقرر ڪري ڇڏي، ۽ جنهن هن کي محدود ڄاتو، تنهن هن کي ڳڻپ وارين شين جي قطار ۾ آندو. ۽ جنهن هن کي ڳڻپ جي لائق سمجهيو، تنهن هن جي قديم هجڻ کان انڪار ڪيو، ۽ جنهن ائين چيو تہ هو ڪهڙو آهي؟ سو هن لاءِ جدا صفتون ڳولڻ لڳو، ۽ جنهن ائين چيو تہ هو ڪٿي آهي؟ تنهن کيس ڪنهن جڳهہ ۾ محدود ڄاتو. هو ان وقت بہ عالم هو، جڏهن معلوم جو وجود ئي نہ هو، ۽ ان وقت بہ رب (پالڻهار) هو، جڏهن پلجڻ وارا نہ هئا، ۽ ان وقت بہ قادر هو، جڏهن هي قدرت زير ٿيندڙ مخلوق نہ هئي.

هن خطبي جو هڪ هي بہ حصو آهي:



Presented by Ziaraat.Com

ايرڻ وارو ايري آيو. چمڪڻ وارو چمڪي اٿيو، ۽ ظاهر ٿيڻ وارو ظاهر ٿيو، اڙانگا معاملا سڌا ٿي ويا. الله تعاليٰ جماعت کي جماعت سان ۽ زماني سان بدلائي ڇڏيو آهي. اسين ان انقلاب جا اهڙي طرح انتظار ۾ هئاسون، جهڙي طرح ڏڪاريل برسات جا. بيشڪ آئم، الله تعاليٰ جا مقرر ڪيل حاڪم آهن، ان جي بندن کي سڃاڻڻ وارا آهن. جنت ۾ اهي ئي ويندا، جن کي انهن جي (حقيقي) معرفت (ڄاڻ) هوندي، ۽ اهي به انهن کي سڃاڻندا هجن، ۽ دوزخ ۾ اهي ئي وڃا ويندا، جيڪي نه انهن کي سڃاڻندا هوندا ۽ نه وري اهي کين سڃاڻندا هوندا.

الله تعاليٰ توهان کي اسلام لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو آهي، ۽ انهي لاءِ توهان کي چونڊيو ويو آهي، ۽ اهو ان طرح ته اسلام سلامتي جو نالو ۽ انساني عزت جو سرمايو آهي. سندس راهه کي الله تعاليٰ توهان جي لاءِ چونڊيو آهي، ۽ پنهنجي ڪليل حڪمن ۽ لڪل حڪمتن سان ان جا دليل واضح ڪري ڇڏيا آهن. نه هن عجائبات ملجڻ وارا آهن ۽ نه هن جا لطائف ختم ٿيڻ وارا آهن. انهي ۾ نعمتن جون بارشون ۽ اونداهين جا چراغ آهن. انهن جي ڪنجين سان نيڪين جا درواز کوليا وڃن ٿا. ۽ انهي جي چراغن سان اونداهين جو دامن، چاڪ ڪيو وڃي ٿو. الله تعاليٰ ان جي منع ڪيل جڳهين کان روڪيو آهي، ۽ ان جي چراگاهن ۾ چرڻ جي اجازت ڏني آهي. شفا چاهڻ وارن لاءِ ان ۾ شفا ۽ بي نيازي چاهڻ وارن لاءِ ان ۾ بي نيازي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 153: وعظ ۽ نصيحت

وعظ ۽ نصيحت

ان کي الله تعاليٰ جي طرفان مهلت ملي آهي. هو غفلت ڪندڙن سان (تباهين ۾) ڪري ٿو. بغير سڌي راه اختيار ڪرڻ جي ۽ بغير ڪنهن هادي ۽ رهبر سان ساٿ ڏيڻ جي صبح سوير گنهگارن سان وڃي ملي ٿو.

هن خطبي جو هي به حصو آهي:

آخرڪار جڏهن الله تعاليٰ سندن گناهن جو نتيجو انهن جي اڳيان آڻيندو ۽ غفلت جي پردن مان ڪين ڪڍي ٻاهر ڪندو، تہ پوءِ انهي شيءِ جي طرف وڌندا، جنهن کي پٺن پويان ڪندا هئا. ۽ وري ان شيءِ ڏانهن پٺ ڏيندا، جنهن شيءِ ڏانهن رخ ڪندا هئا، انهن پنهنجي گهربل مال مال اسباب کي حاصل ڪري ۽ خواهشن کي پورو ڪري، ڪو فائدو بہ

حاصل نہ ڪيو.

آءُ توهان کي ۽ خود پاڻ کي (بہ) انهيءَ مرحلي کان تنبيہ ڪريان ٿو. انسان کي گهرجي تہ هو پنهنجي نفس کان فائدو وٺي، ڇو تہ اکين وارو اهو آهي، جيڪو ٻڌي تنهن تي غور ڪري ۽ نظر ڪري، تہ حقيقتن کي ڏسي ۽ عبرتن مان فائدو حاصل ڪري، پوءِ واضح رستو اختيار ڪري، انکان پوءِ کڏن ۾ ڪرڻ ۽ شڪ شبهن ۾ گمراه ٿيڻ کان بچندو رهي ۽ حق کان بي راه ٿيڻ ۽ ڳالھ ۾ رد وبدل ڪرڻ ۽ سچائي ۾ خوف کائڻ سان گمراهن جي مدد ڪري زيان ڪار نہ بڻجي.

اي ٻڌڻ وارؤ: پنهنجي سرمستين کان هوش ۾ اچو، غفلت مان اکيون کوليو، هن دنيا جي ڊوڙ ڊڪ کي گهٽايو، ۽ جيڪي ڳالهيون نبي امي صلعم جن جي زبان (مبارڪ) مان پهتيون آهن، تن ۾ چڱي طرح غور ۽ فڪر ڪريو. جو نہ انکان سواءِ ڪو چارو آهي نہ ئي ڀڄڻ جي راه.جيڪو ان جي خلاف ورزي ڪري، تہ توهان بہ انکان ٻئي طرف منهن ڦيرايو، ۽ انکي ڇڏي ڏيو، تہ هو (ڀلي) پنهنجي نفس جي مرضي تي هلندو رهي.فخر جي طرف نہ وڃو ۽ وڏائي (واري ڪنڌ کي) هيٺ ڪريو. پنهنجي قبرن کي ياد ڪريو، جو توهان جو بہ اهوئي رستو آهي.جهڙو ڪندؤ تهڙوئي ڦل ملندو، ۽ جيڪي پوکيندؤ، سوئي لڻندؤ.



Presented by Ziaraat.Com

جيڪي اڄ اڳتي لاءِ موڪليندؤ، سوئي سياڻ حاصل ڪندؤ.اڳتي جي لاءِ تياري ڪريو ۽ ان ڏينهن (قيامت جي) لاءِ توشو تيار رکو.

اي ٻڌڻ وارؤ: ڊڄو ڊڄو ۽ اي غفلت ڪرڻ وارؤ ڪوشش ڪريو: ڪوشش ڪريو. توهان کي خبر رکڻ وارو جيڪي ٻڌائيدو، سو ٻيو نٿو ٻڌائي سگهي. قرآن حڪيم ۾ الله تعاليٰ جي انهن اٽر اصولن مان، جن تي هو جزا ۽ سزا ڏئي ٿو ۽ راضي ۽ ناراض ٿئي ٿو، ۽ ائين به آهي ته ڪنهن بندي کي پوءِ هو ڪيتري به ڪوشش ڪندي دنيا مان نڪري الله جي بارگاه ۾ وڃڻ ذرو به فائدو نه ٿيندس، جيستائين هو انهن خصلتن مان ڪنهن هڪ خصلت کان توبه ڪرڻ بغير مري وڃي. ( اهي خصلتون هي آهن) عبادت جي فرضن ۾ ڪنهن کي، هن (الله) جو شريڪ ڪيو هجيس، يا ڪنهن کي قتل ڪري پنهنجي غضب کي ٿڌو ڪيو هجيس، يا ٻئي جي عملن تي عيب لڳايو هجيس، يا دين ۾ بدعتون وجهي ماڻهن مان پنهنجو مقصد حاصل ڪيو هجيس، يا ماڻهن سان ٻچاپڙي چال هليو هجي، يا ٻن زبانن سان ماڻهن سان گفتگو ڪندو هجي، سو ان ڳالهه کي سمجهو، ڇو ته هڪ نظير ٻئي نظير جو دليل ٿيندو آهي.

بيشڪ چوپائي مال جو مقصد پيٽ (ڀرڻ ) ۽ حيوانن جو مقصد ٻين تي حمله آور ٿيڻ ۽ زالن جو مقصد هن پست دنيا کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۽ فتنا برپا ڪرڻ آهي. مومن اهي آهن، جيڪي ڊڄڻا ۽ خوف زده هجن، مومن اهي آهن جيڪي خدا جي غضب کان ڪنبدا ۽ ڏڪندا هجن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 154: اهل زماني جي شڪايت ۽ ذڪر آئمہ اطهار عليهم السلام

اهل زماني جي شڪايت ۽ ذڪر آئمہ اطهار عليهم السلام

عقلمند پنهنجي دل جي اکين سان پنهنجو آخر ڪار ڏسي ٿو ۽ پنهنجي لاهن چاڙهن يا (چڱي مٺي راه) کي سڃاڻي ٿو.دعوت ڏيڻ واري سڏيو ۽ سنڀالڻ واري سنڀال ڪئي. سڏڻ واري جي آواز تي لبيڪ چئو ۽ سنڀال ڪرڻ واري جي پيروي ڪريو.

ڪي ماڻهو فتنن جي دريائن ۾ لٿل آهن، ۽ سنتن کي ڇڏي بدعتن ۾ پئجي چڪا آهن، ايمان ورا هيسايل آهن ۽ گمراهن ۽ ڪوڙن جو زبانون کليل آهن. اسين قريبي تعلق رکڻ وارا ۽ خاص ساٿي ۽ خزانچي ۽ دروازا آهيون، ۽ گهرن ۾ دروازن کان ئي داخل ٿبو آهي، ۽ جيڪو دروازن کي ڇڏي ڪنهن ٻئي طرفان کان اچي تنهن جو نالو چور ٿئي ٿو.

هن خطبي جو هڪ هي ٻہ حصو آهي:

)آل محمد صلعم) انهن جي باري ۾ قرآن جون نفيس آيتون نازل ٿيون آهن، ۽ هو الله تعالىٰ جا خزانا آهن، جيڪڏهن ڳالهائن ٿا تہ سچ ڳالهائن ٿا، ۽ جيڪڏهن خاموش رهن ٿا تہ پوءِ ڪنهن ٻئي کي ڳالهائڻ ۾ اڳرائي ڪرڻ جو حق نہ آهي. اڳيان هلڻ واري اهلڪار کي پنهنجي قوم قبيلي سان (هر ڪا ڳالهہ) سچي بيان ڪرڻ گهرجي ، ۽ پنهنجي عقل کي گم ٿيڻ نہ ڏي ، ۽ آخرت وارن مان ٿئي. انهيءَ ڪري جو هو اتان ئي آيو آهي ۽ وري اوڏانهن ئي واپس ٿيڻو اٿس، ۽ دل (جي اکين) سان ڏسڻ واري ۽ بصيرت سان عمل ڪرڻ واري جي عمل جي ابتداء ائين ٿيندي آهي، تہ هو ( پهرين) اهو سمجهن ٿا، تہ اهو عمل انهن لاءِ فائديمند آهي يا نقصانڪار آهي. جيڪڏهن مفيد آهي تہ اڳتي وڌي ٿو پر جي نقصان ڪار ٿئي ٿو تہ پوءِ بيهي رهي ٿو، چاڪاڻ تہ بغير سوچڻ ۽ سمجهڻ جي اڳتي وڌڻ وارو ائين آهي جيئن ڪو غلط رستي تي نڪري هلي. پوءِ جيترو بہ ان رستي تي وڌندو هلندو اوتروئي مقصد کان پري ٿيندو ويندو ، ۽ علم جي ( روشني ۾) عمل ڪرڻ وارو ائين آهي، جيئن ڪو روشن راه تي هلي رهيو هجي، (تہ هاڻي) ڏسڻ واري کي گهرجي، تہ اهو ڏسي، تہ اڳتي وڌي رهيو آهي يا پٺتي موٽي رهيو آهي؟



Presented by Ziaraat.Com

توهان کي چاڻ گهرجي، تہ هر ظاهر جو باطن بہ اهڙوئي ٿيندو آهي، جنهن جو ظاهر نيڪ ٿئي ٿو، تنهن جو باطن بہ نيڪ هوندو آهي، پر جنهن جو ظاهر برو ٿئي ٿو، تنهن جو باطن بہ برو هوندو آهي ۽ ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي، جيئن رسول صادق صلعم جن فرمايو آهي تہ : الله تعالیٰ هڪ بندي کي ( ايمان جي سببان ) دوست رکي ٿو، ۽ ان جي عمل کي برو سمجهي ٿو، ۽ ڪٿي وري عمل کي پسند ڪري ٿو ۽ عمل ڪرڻ واري ذات کان نفرت ڪري ٿو.ڏسو: هر عمل هڪ ٿڌنڊڙ سائو سلو آهي ۽ سائي سلي جي لاءِ پاڻي جو هجڻ ضروري آهي، ۽ پاڻي بہ مختلف قسمن جو ٿئي ٿو، جتي پاڻي سٺو ڏنو ويندو اتي پوک بہ سٺي ٿيندي ۽ ان جو ميوو بہ مٺو ٿيندو، پر جتي خراب پاڻي ڏنو ويندو اتي پوک بہ اهڙي ٿيندي ۽ ميوو بہ ڪڙو ٿيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 155: چمڙي جي عجيب ۽ غريب خلقت

هن خطبہ ۾ چمڙي جي عجيب ۽ غريب خلقت جو ذڪر فرمايل آهي

هر قسم جي حمد ان الله جي لاءِ آهي، جنهن جي معرفت جي حقيقت ظاهر ڪرڻ کان وصفون عاجز آهن، ۽ ان جي عظمت ۽ بلندي عقلن کي روڪي ڇڏيو آهي، جنهن کان هو سندس فرمانروائي جي سرحد تائين پهچڻ جو ڪوبہ رستو حاصل ڪري نٿا سگهن اهو الله اقتدار جو مالڪ آهي، ۽ )سمورو) حق ۽ ( حق جي) ظاهر ڪرڻ وارو آهي. هو انهن شين کان بہ وڌيڪ ( پنهنجي جاءِ تي ) ثابت ۽ آشڪار آهي ، جن کي اکيون ڏسن ٿيون. عقل ان جي حد بندي ڪري ان تائين پهچي نٿا سگهن، متان هو پين سان مشابہ ٿي وڃي، ۽ نہ وري ڪو اسين ان جو اندازو لڳائي سگهون ٿا ، تہ جيئن متان هو ڪنهن شيءِ جهڙو ٿي وڃي. هن ، سواءِ ڪنهن نموني ۽ مثال جي ۽ بغير ڪنهن صلاحڪار جي صلاح مشوري جي، ۽ سواءِ ڪنهن مددگار جي مدد جي ، مخلوقات کي پيدا ڪيو ، سندس ئي حڪم سان مخلوق پنهنجي ڪمال تي پهچي وئي ، ۽ ان جي اطاعت لاءِ جهڪي وئي، ۽ بنا دير جي لبيڪ چيائين، ۽ سواءِ ڪنهن نزاع ۽ اٽڪاءِ جي ان جي تابعدار ٿي وئي. سندس صنعت جون نزاڪتون ۽ خوبيون ۽ خلقت جي عجيب و غريب ڪار فرمائين ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون گهريون حڪمتون آهن، جيڪي هن اسان کي چمڙن ۾ ڏيکاريون آهن، جن جي اکين کي ( ڏينهن جي ) روشنائي سسائي ٿي. حالانڪ هو سيني اکين ۾ روشني ڦيلائڻ وارو آهي ۽ اونداهي هن جي اکين کي کولي ٿي. حالانڪ هو هر هڪ جيئري جي اکين تي نقاب وجهڻ وارو آهي، ۽ ڪهڙي طرح چمڪندڙ سج ۾ ان جون اکيون چنجهيون ٿين ٿيون ، تہ جيئن هو ان جي نور پريل سج جي ڪرڻن کان مدد وٺي، پنهنجي رستن تي اچي سگهي، ۽ سج جي روشني جي پکيڙ ۾ پنهنجي ڄاتل سڃاتل هنڌن تائين پهچي سگهي. (سج) تہ پنهنجي نوراني ڪرڻن جي تابش سان کين نور جي تجلين ۾ وڌڻ کان روڪي ڇڏيو آهي، ۽ انهن کي سندن لڪيل جاين ۾ لڪائي ڇڏيو آهي، تہ جيئن هو روشني وارن سوجهرن ۾ اچي سگهن. ڏينهن جي وقت تہ اهڙي طرح ٿين ٿا، جو انهن جو پنبٽيون چمڪي اکين تي لٽڪي اچن ٿيون، ۽ رات جي اونداهي کي پنهنجو چراغ بڻائي رزق جي ڳولڻ ۾ ان (اونداهي) کان مدد وٺي ٿو. رات جون اونداهيون ان جي اکين کي ڏسڻ کان نٿيون روڪين، ۽ نہ وري ڪو گهگهہ اونداهيون کين رستن تي گهمڻ کان باز رکن ٿيون. مگر جڏهن سج پنهنجي چهري تان نقاب کي هٽائي ٿو، ۽ ڏينهن جا سوجهرا ايري اچن ٿا، ۽ سج جا ڪرڻا ڳوه جي ٻرن ۾ اندر تائين پهچي وڃن ٿا، تڏهن هو پنهنجي پنبٽين کي



Presented by Ziaraat.Com

اکين تي جهڪائي ڇڏي ٿو، ۽ رات جي اونداهي ۾ جيڪا خوراڪ حاصل ڪيائين، تنهن تي ئي پنهنجو وقت گذاري ٿو.

سبحان الله: جنهن رات هن جي روزي حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ ڏيهن هن جي آرام ۽ سڪون لاءِ بنايو آهي، ۽ ان جي ئي گوشت مان سندس پر ٺاهيا آهن ، ۽ جڏهن اڏامڻ جي ضرورت ٿئيس ٿي، ته انهن ئي پرن سان مٿي ٿيندو آهي.ڄڻ ته اهي ڪنن جون پاپڙيون آهن. نه انهن ۾ پر و بال آهن نه ڪنجيل بازو. پر توهان ان جي رڳن جي جڳهين کي ڏسندؤ ته انهن جا نشان ظاهر آهن، ۽ ان کي ٻه پر آهن جيڪي نه اهڙا سنهڙا آهن جو ڦاٽي پون نه اهڙا ٿلها آهن جو ڳرا ٿي پون (جو اڏامي نه سگهن). هو اڏامن ٿا ته ٻچا به انهن سان چنبڙيل هوندا آهن، ۽ جڏهن هيٺ لهڻ جي ڪن ٿا، ته ٻچا به لهن ٿا. ۽ جڏهن اهي مٿي وڃن ٿا ته انهن جا ٻچا به مٿي وڃن ٿا، ۽ ان وقت تائين جدا نٿا ٿين جيستائين انهن جي عضون ۾ مضبوطي نه اچي، ۽ بلند ٿيڻ لاءِ انهن جا پر مٿي اڏامڻ جو بوجهه کڻڻ جي قابل ٿين هو پنهنجي زندگي جون راهون ۽ پنهنجي مصلحتن کي سڃاڻن ٿا.

پاڪ آهي اهو الله، جنهن بغير ڪنهن نموني جي، جيڪو انکان پهرين ڪنهن ٺاهيو هجي، سو انهن سيني شين جي پيدا ڪرڻ وارو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 156: فتنن کان آگاهي

هن خطبہ ۾ پاڻ بصره وارن کي مخاطب ٿي انهن کي فتنن کان آگاه ڪيو آهي:

جيڪو شخص انهن (فتنہ انگيزين) جي وقت پنهنجي نفس کي الله جي اطاعت تي آڻڻ جي طاقت رکي ٿو، تنهن کي ائين ئي ڪرڻ گهرجي.

جيڪڏهن توهان منهنجي اطاعت ڪندؤ تہ ، آءُ انشاء الله توهان کي جنت جي راه تي آڻيندس، جيتوڻيڪ اهو رستو سخت مشڪل دشوارين ۽ تلخ مزن سان آهي. باقي رهيا فلاڻا، تہ انهن ۾ زالن واري ڪم عقلي اچي وئي آهي، ۽ لوهار جي ڪڙاهي وانگر ڪينو ۽ بغض سندن سيني ۾ جوش کائي رهيو آهي، ۽ جيڪو سلوڪ مون سان ڪري رهيا آهن، جيڪڏهن مون کان سواءِ ڪنهن ٻئي سان اهڙي سلوڪ ڪرڻ لاءِ کين چيو وڃي ها، تہ هو نہ ڪن ها. انهن سيني ڳالهين کان پوءِ بہ اسان کي انهن جي سابقہ حرمت جو لحاظ آهي، جنهن جو حساب ڪتاب الله جي ذمي آهي.

هن خطبي جو هڪ هي بہ حصو آهي:

ايمان جي راه سڀني راهن کان واضح ۽ سمورن چراغن کان زياده نوراني آهي. ايمان سان نيڪين تي ثبوت ڏنا ويندا آهن ۽ نيڪين سان ايمان تي دليل ڏنا ويندا آهن، ايمان سان علم جي دنيا آباد ٿئي ٿي، ۽ علم جي بدولت موت کان ڊيڄاريو وڃي ٿو، ۽ موت کان دنيا جا سمورا جهيڙا ختم ٿي وڃن ٿا، ۽ دنيا سان آخرت پڻ حاصل ڪئي وڃي ٿي. مخلوقات لاءِ قيامت کان هن طرف ڪا منزل نہ آهي.اها انهيءَ ميدان ۾ انتها جي حد تائين پهچڻ لاءِ ڊڪڻ واري آهي.

ساڳئي خطبي جو هڪ هي بہ حصو آهي:

هو پنهنجي قبرن وارن ٺڪاڻن ما اٿي کڙا ٿيا، ۽ پنهنجي آخرت وارين جاين ڏي روانا ٿيا. هر گهر لاءِ انجا اهل آهن، جيڪي نہ ان کي تبديل ڪري سگهندا نہ وري اتان منتقل ٿي سگهندا، نيڪين جو حڪم ڏيڻ ۽ بڇڙاين کان روڪڻ اهڙا بہ ڪم آهن، جيڪي خدائي اخلاق مان آهن، نہ انهن جي سببان موت وقت کان اڳ اچي سگهي ٿي، ۽ نہ وري مقرر ڪيل رزق ۾ ڪا ڪمي ٿي سگهي ٿي. توهان کي خدا جي ڪتاب تي عمل ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ڪري جو اها هڪ مضبوط رسي، واضح ۽ روشن نور، نفعي بخش شفا،



Presented by Ziaraat.Com

پياس اجهائڻ واري سيرابي، مضبوط جهلڻ واري لاءِ حفاظت وارو سامان ۽ وابسته رهڻ واري لاءِ نجات آهي، جنهن ۾ غلطي تي تئي سگهي، جنهن کي وري درست ڪيو وڃي. نه حق کان جدائي ٿئي ٿي، جو ان جو منهن موڙيو وڃي، ڪثرت سان وري وري پڙهڻ ۽ بارِبار ڪنن سان ٻڌڻ انکي پراڻو نٿو ڪري. جيڪو ان مطابق چئجي سو سچ آهي ۽ جيڪو ان تي عمل ڪندو سو بازي کٽي وڃڻ وارو آهي.

)ان وچ ۾) هڪ شخص اٿي بيهي چيو ته: اسان کي فتنن جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو ۽ ڇا توهان ان متعلق رسول صلعم کان ڪجهه پڇو هو؟ پاڻ فرمايائين ته ها: جڏهن الله تعالىٰ جڏهن اها آيت نازل ڪئي ته: "ڇا ماڻهن سمجهو آهي ته سندن رڳو ائين چوڻ تي ته اسان ايمان آندو آهي کين ڇڏيو ويندو ۽ اهي فتنن ۾ نه پوندا" ته مون سجهو ته فتنو اسان ڏي نه ايندو، جيستائين رسول صلعم جن اسان جي وچ ۾ موجود آهن، جيئن ته مون چيو ته: يا رسول الله اهو فتنو ڪهڙو آهي جنهن جي الله تعالىٰ توهان خبر ڏني آهي؟ تڏهن پاڻ فرمايائون: اي علي مون کان پوءِ منهنجي امت جلد ئي فتنن ۾ پئجي ويندي، تڏهن مون چيو ته يارسول الله: احد جي ڏينهن جڏهن شهيد ٿيڻ وارا مسلمان شهيد ٿي چڪا هئا ۽ مون کان شهادت روڪي وئي جيڪا مون تي گران بار ٿي گذري، تڏهن پاڻ مونکي فرمايائون: توکي بشارت هجي جو شهادت توکي ملڻ واري آهي، ۽ اهو به فرمايائون ته اهو ائين ئي ٿي رهندو( پر اهو ٻڌاءِ) ته ان وقت تنهنجي صبر جي ڇا حالت هوندي؟ تڏهن مون چيو ته: يا رسول الله اهو صبر جو ته ڪو موقعو نه آهي بلڪ اها ته (منهنجي لاءِ ) خوشخبري ۽ شڪر جو مقام ٿيندو. تڏهن پاڻ وري فرمايائون ته: ياعلي حقيقت اها آهي ته ماڻهون مونکان پوءِ مال ۽ دولت جي ڪري فتنن ۽ فسادن ۾ پوندا ۽ دين اختيار ڪرڻ سان الله تعالىٰ تي احسان ڪرڻ ٻڌائيندا. ان جي رحمت جون تمنائون ته ڪندا، ليڪن ان جي قهر ۽ غلبه (جي گرفت) کان بي خوف ٿي ويندا، ۽ ڪوڙ بدوڙ جي شبهن ۽ غافل ڪرڻ وارين خواهشن سببان حلال کي حرام ڪندا. شراب کي انگورن ۽ خرمن جو پاڻي چئي ۽ رشوت جو هديو رکي ۽ وياج کي خريد و فروخت (واپار) مقرر ڪري جايز سمجهدا. (تڏهن) مون چيو: ته يا رسول الله يلاء آءُ اهڙي موقعي تي انهن کي ڪهڙي مرتبي تي سمجهان؟ انهيءَ مرتبي تي ته هو مرتد (بي دين) ٿي ويا آهن، يا ان مرتبي تي ته هو فتنن ۾ مبتلاء آهن، تڏهن پاڻ فرمايائون ته: فتنن جي مرتبي تي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 157: تقويٰ جي اهميت ۽ توشہءِ آخرت

تقويٰ جي اهميت ۽ توشہءِ آخرت

هر طرح جو حمد ان الله جي لاءِ آهي ، جنهن حمد کي پنهنجي ذڪر جي شروعات، پنهنجي فضل ۽ احسان جي وڌائڻ جو ذريعو، ۽ پنهنجي نعمتن ۽ عظمتن جي راه جو دليل مقرر ڪيو آهي.

اي الله جا بندؤ: باقي رهيل ماڻهن سان بہ زماني جي اها ئي روش رهندي، جيڪا گذري ويلن سان هئي، جيترو زمانو گذري چڪو آهي سو وري واپس نہ ايندو ۽ جيڪي ڪجھ ان ۾ آهي سو بہ هميشہ رهڻ وارو نہ آهي. آخر ۾ بہ سندس ڪار گذاريون اهي ئي هونديون، جيڪي پهرين تي چڪيون آهن. ان جون مصيبتون هڪٻئي کان وڌي وڃڻ چاهين ٿيون، ۽ هن جا جهنڊا هڪ ٻئي جي پٺيان آهن. گويا توهان قيامت جي دامن سان وابستہ آهيو، جيڪا توهان کي ڌڪيندي اهڙي طرح وٺي وڃي رهي آهي جهڙي طرح هڪلڻ وارو پنهنجي ڏاچين کي. جيڪو شخص پنهنجي نفس کي سنوارڻ جي بجاءِ ، ٻين ڳالهين ۾ پوي ٿو سو اونداهين ۾ حيران پريشان ۽ تباهين ۾ڦاٿل رهي ٿو، ۽ شياطين ان کي سرڪشين ۾ ڇڪي وٺي وڃي رهيا آهن، ۽ سندس بد اعمالين کي ان جي سامهون سينگارين ٿا. اڳتي وڌندڙن جي آخري منزل جنت آهي ۽ ڇاڻي پڇهي ڪوتاهين ڪرڻ وارن جي حد جهنم آهي.

الله تعاليٰ جا بندؤ! ياد رکو تہ تقويٰ هڪ مضبوط قلعو آهي ۽ بدڪاري، ڪڏا ڪرتوت هڪ (ڪمزور) پت جي مثل آهن، جيڪا نہ پنهنجي رهڻ وارن لاءِ تباهين کي روڪي سگهي ٿي ۽ نہ وري انهن جي ڪا حفاظت ڪري سگهي ٿي، ڏسو! تقويٰ ( پرهيز گاري ئي ) اها آهي ۽ جنهن سان گناهن جا ڏنگ وڍيا وڃن ٿا، ۽ يقين سان ئي آخري مقصد جو ڪامرانيون حاصل ٿين ٿيون.

اي الله جا بندؤ! پنهنجي نفس جي باري ۾ جيڪو توهان کي سيني نفسن کان زياده عزيز ۽ محبوب آهي، الله کان ڊڄو، جنهن توهان لاءِ حق جو رستو کولي ڇڏيو آهي. ۽ ان جون راهون ظاهر ڪيون اٿس. پوءِ هاڻي يا تہ ، اڻمٽ بدبختي ٿيندي يا دائمي خوشبختي ۽ سعادت. دار فاني ۾ ، بقا واري عالم لاءِ توشو مهيا ڪيو. توهان کي سفر واري رستي جي ثمر بابت خبر ملي چڪي آهي ۽ ڪوچ ڪرڻ جو حڪم بہ ملي چڪو آهي، ۽ هل هلان جي لاءِ بہ جلدي مچائي پئي وڃي. توهان بيٺل سوارن وانگر آهيو، جو توهان کي اها خبر نہ آهي، تہ ڪڏهن روانگي جو حڪم ڏنو ويندو. ڀلا هو دنيا کي حاصل ڪري ڇا ڪندو،



Presented by Ziaraat.Com

جيڪو آخرت جي لاءِ پيدا ڪيو ويو هجي، ۽ ان مال کي ڇا ڪندؤ، جيڪو انقريب انڪان کسجڻ وارو آهي، ۽ جنهن جي دادخواهي ۽ حساب ان جي ذمي ٿيڻ وارو آهي.

الله جا بندؤ! الله تعالىٰ جنهن پلائي جو وعدو ڪيو آهي تنهن کي ڇڏي ٿتو سگهجي ۽ جنهن برائي کان روڪيو اٿس، تنهن جي تمنا نٿي ڪري سگهجي.

الله تعالىٰ جا بندؤ! ان ڏينهن کان ڊڄو، جنهن ڏينهن عملن جي جاچ پڙتال ۽ زلزلن جي ڪثرت ٿيندي، ۽ ٻارن تائين ان ۾ پوڙها ٿي ويندا.

اي الله تعالىٰجا بندؤ! يقين ڪريو ته خود توهان جو ضمير توهان جو نگهبان ۽ خود توهان جا عضوا ۽ هٿ پير وغيره توهان جا ڏسندڙ ۽ سنڀاليندڙ آهن. ۽ توهان جي عملن ۽ پساهن جي ڳڻپ کي صحيح صحيح ياد رکڻ وارا ( ڪراما ڪاتبين ) آهن. جن کان نه اونداهي راتين جون اونداهيون لڪائي سگهن ٿيون، ۽ نه بند دروازا توهان کي لڪل رکي سگهن ٿا. بيشڪ اچڻ وارو سڀاڻي اڄ واري ڏينهن کي ويجهو آهي.

”اڄوڪو ڏينهن“ پنهنجو سڀ ڪجھ کڻي هليو ويندو، ۽ سڀاڻي ان جي پٺيان ئي اچڻ چاهي ٿو.

گويا توهان مان هر شخص زمين جي ان حصي تي ، جو جتي تنهائي جي منزل ۽ کڏ جو نشان (قبر) آهي پهچي چڪو آهي. ان تنهائي واري گهر، خوف ۽ ڊپ واري منزل ۽ مسافري جي تنهائي واري (خوفائتي) عالم جو ڪهڙو حال بيان ڪجي. گويا صور (اسرافيل) جو آواز توهان تائين پهچي چڪو آهي، ۽ قيامت توهان تي ڇانئجي وئي آهي، ۽ آخري فيصلي ٻڌڻ لاءِ توهان (قبرن مان) نڪري آيا آهيو. باطل جا پردا توهان جي اکين تان هٽايا ويا آهن، ۽ توهان جا حيلا بهانا ڊهجي چڪا آهن، ۽ حقيقتون توهان جي لاءِ ثابت ٿي ويون آهن، ۽ سموريون شيون پنهنجي پنهنجي (اصلي) جاين تي موٽي رهيون آهن. عبرتن مان هدايتون ۽ نصيحتون ۽ زماني جي اٿلي ڦيري کائڻ مان پڻ عبرت حاصل ڪريو ۽ ڊيڄارڻ وارين ڳالهين ما فائدو وٺو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 158: بعثت نبي صلعم ۽ قرآن مجيد

بعثت نبي صلعم ۽ قرآن مجيد:

الله تعالىٰ کين ان وقت رسول ڪري موڪليو، جڏهن پيغمبرن جي (اچڻ جو) سلسلو روڪيل هو، ۽ امتون عرصي کان ستيون پيون هيون، ۽ (دين جي) مضبوط رسي جا ور کلي چڪا هئا. جيئن ته پاڻ انهن ڏي اڳين ڪتابن جي تصديق ( ۽ شاهدي ڏيڻ وارو ڪتاب ) ۽ هڪ اهڙو نور آندائون ، جنهن جي پيروي ڪئي پئي وڃي، سو اهو قرآن آهي. ان ڪتاب کان پڇو: ليڪن هي ڳالهائيندو نه ، البته آءُ توهان کي ان جي طرفان خبر ڏيان ٿو، ته ان ۾ آئينده جي معلومات، گذريل واقعات ۽ توهان جي بيمارين جا علاج ۽ توهان جي باهمي لاڳاپن جي شيرازه بندي آهي.

هن خطبي جو هڪ هي به حصو آهي:

ان وقت ڪو به پڪو پختو گهر ۽ ڪو به اوني خيمو اهڙو نه بچندو، جنهن ۾ ظالم ، غم ۽ ڏک کي داخل نه ڪري، ۽ تڪليفن کي انهن ۾ نه پهچائين. اهو ڏينهن اهڙو ٿيندو ، جو آسمان ۾ توهان جو ڪو به عذر خواه ۽ زمين تي ڪو به توهان جو مددگار نه رهندو.

توهان امر (خلافت) لاءِ نا اهلن کي چونديو، ۽ ان کي اهڙي جڳهه تي لاٿو اٿو، جيڪا ان جي لهڻ جي جڳهه نه هئي. عنقريب الله تعالىٰ ظلم ڪرڻ وارن کان بدلو وٺندو، کائڻ جي بدلي ۾ کائڻ جو ۽ پيئڻ جي بدلي ۾ پيئڻ جو. اهڙو عيوض، جو انهن کي کائڻ لاءِ ٿوه ۽ پيئڻ لاءِ ايريو ۽ زهر قاتل ڏنو ويندو، ۽ انهن جو اندروني لباس خوف ۽ ٻاهريون لباس تلوار هوندي. هو گناهن جون سواريون ۽ خطائن جي بار کڻڻ وارا اٿ آهن.

آءُ قسم تي قسم کڻي چوان ٿو ته مون کان پوءِ بني اميه کي ، هي خلافت اهڙي طرح ٿوڪارڻي پوندي، جهڙي طرح بلغم وارو کانگهارو ٿوڪاريو ويندو آهي، پوءِ جيستائين ڏينهن ۽ رات جو چڪر هلندو رهندو، تيسين اهي ان جو وري ذائقو نه چکيندا ۽ نه ئي وري ان جو مزو وٺي سگهندا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 159: سٺو پاڙيسري

سٺو پاڙيسري

آءُ توهان جو سٺو پاڙيسري ٿي رهيس، ۽ پنهنجي طاقت آهر توهان جي نگهداشت ۽ حفاظت ڪندو رهيس، ۽ توهان کي مون ذلت جي ڦندن ۽ ظلم جي ٻنڌڻن مان آزاد ڪيو. (اهو فقط) توهان جي ٿورڙي ڀلائي جو شڪر ادا ڪرڻ ۽ توهان جي ڪيترين ئي اهڙين براين کان چشم پوشي ڪرڻ لاءِ، جيڪي منهنجي اکين اڳيان ۽ منهنجي موجودگي ۾ ٿيديون هيون.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 160: حمد ۽ صفات باري تعاليٰ

حمد ۽ صفات باري تعاليٰ

ان ( الله تعاليٰ ) جو حڪم ، فيصلو ڪندڙ ۽ حڪمت پريو آهي ، ۽ سندس خوشنودي سراسر امان ۽ رحمت آهي. هو پنهنجي علم سان فيصلو ڪري ٿو ۽ پنهنجي حلم سان معاف ڪري ٿو ، بار الها! تون جيڪي ڪجهه (ڏئي) وٺين ٿو ، ۽ جيڪي ڪجهه عطا ڪرين ٿو، ۽ جن ( بيمارين کان ) شفاء ڏين ٿو ، ۽ جن آزمائشن ۾ وجهين ٿو ، (تن سڀني تي ) تنهنجي لاءِ حمد ۽ ثنا آهي. اهڙي حمد جيڪا انتهائي درجي تائين توکي پسند اچي ، ۽ انتهائي درجي تائين اها توکي وڻي ، ۽ تنهنجي اڳيان اها هر تعريف ڪرڻ کان وڌيڪ هجي. اهڙي حمد ، جيڪا ڪائنات کي پري ۽ جيڪي تو چاهيو آهي ، تنهن جي حد تائين پهچي وڃي. اهڙي حمد ، جنهن جي اڳيان تنهنجي بارگاه تائين پهچڻ کان نہ ڪو حجاب آهي ۽ نہ ان لاءِ ڪا بندش آهي. اهڙي حمد ، جنهن جو ڳاڻاٽو ڪٽي بہ نہ ٽٽي ۽ نہ وري ڪو ان جو سلسلو ختم ٿئي. اسين تنهنجي عظمت ۽ بزرگي جي حقيقت کي نٿا ڄاڻيون ، مگر ايترو تہ تون زنده ۽ ڪارساز (عالم ) آهين ، نہ توکي غنودگي (ننڊ وارو جهوٽو ) اچي ٿو ، ۽ نہ ننڊ ٿي اچي ، ۽ نہ ڪا نظر جي ڏار تو تائين پهچي سگهي ٿي، ۽ نہ نگاهون توکي ڏسي سگهن ٿيون ، ۽ نہ نظرون تنهنجون حاصل ڪيل آهن ، ۽ (تو) عمرين جو احاطو مقرر ڪري ڇڏيو آهي ،۽ پيشاني جي وارن کي پيرن (سان ملائي) پنهنجي گرفت ۾ آندو اٿئي. هي ڪهڙي نہ تنهنجي مخلوق آهي جيڪا اسين ڏسون پيا، ۽ ان ۾ تنهنجي قدرت (جي ڪاسازين ) تي تعجب ڪريون ٿا ، ۽ تنهنجي عظيم فرمانروائي (جي ڪار فرمائين) تي تنهنجي توصيف ڪريون ٿا. حالانڪ در حقيقت اها (مخلوقات) جيڪا اسان جي نظرن کا پوشيده آهي، جيستائين پهچڻ لاءِ اسان جون نگاهون عاجز ۽ عقل حيران ۽ مجبور آهن، ۽ اسان جي ۽ جن جي وچ ۾ غيب جا پردا پيل آهن ، تنهن کان گهڻو وڌيڪ با عظمت آهي. جيڪو شخص (وسوسن کان ) پنهنجي دل کي ، خالي ڪري ، ۽ غور ۽ فڪر (جي طاقت) کان ڪم وٺي اهو ڄاڻڻ چاهي تہ ، تو ڪيئن عرش کي قائم ڪيو آهي ۽ ڪهڙي طرح مخلوقات کي پيدا ڪيو آهي، ۽ ڪيئن آسمانن کي فضا ۾ لٽڪايو اٿئي ، ۽ ڪهڙي طرح پاڻي جي چولين تي زمين کي وڇايو اٿئي ؟ تہ انهن جون نگاهون ٿڪجي ۽ عقل مغلوب ٿي ۽ ڪن حيران پريشان ٿي ۽ غور و فڪر گم ٿي ، واپس موٽي اچن ٿا.

هن خطبي جو هڪ هي بہ حصو آهي:



Presented by Ziaraat.Com

هو پنهنجي خيال ۾ انهي ڳالهه جو دعويدار ٿئي ٿو ، تہ سندس اميد جو دامن الله سان وابستہ آهي.

خدا ۽ برتر جو قسم : تہ هو ڪوڙو آهي ( جيڪڏهن ائين آهي تہ ) پوءِ ڇو ، سندس اعمالن ۾ ان اميد جي جهلڪ ظاهر نٿي ٿئي ؟ جڏهن هر اميدوار جي ڪمن ۾ اميد جي سچائپ ٿي ويندي آهي. سواءِ ان اميد جي ، جيڪا الله تعالىٰ ۾ رکجي ، جو ان ۾ کوٽ ڏنو وڃي، ۽ هر خوف ۽ هراس جيڪو ( پين مان هجي ) سا هڪ مجيل حقيقت رکي ٿو ، مگر الله جو خوف غير يقيني آهي. هو الله کان وڏين ڳالهين جو ۽ بندن کان ننڍين ڳالهين جو اميدوار ٿئي ٿو. پوءِ بہ جيڪو عاجزي جو رويو بندن ۾ رکي ٿو ، اهو رويو الله سان نٿو نيائي ، تہ پوءِ آخر ڪڙي ڳالهه آهي؟ خدا جي حق ۾ ايترو بہ نٿو ڪيو وڃي جيترو بندن جي لاءِ ڪيو وڃي ٿو. ڇا توهان کي ڪڏهن ان جو انديشو ٿيو آهي ، تہ ڪٿي توهين انهن اميدن جي دعوائن ۾ ڪوڙا تہ نہ آهيو ؟ يا تہ وري توهين ڪيس اميد جو ڳو سمجهو ئي نٿا.

ائين تہ انسان جيڪڏهن ان جي بندن مان ڪنهن بندي کان ڊڄي ٿو تہ پوءِ جيڪا خوف جي صورت ان لاءِ اختيار ڪري ، سا الله لاءِ بہ اهڙي صورت نٿو اختيار ڪري . انسانن جو خوف تہ ان نقد جي صورت ۾ رکيو آهي ، ۽ خدا جو خوف فقط ٽال مٽول ۽ ( غلط سلط ) وعدن جي صورت ۾ ، جنهن جي نظرن ۾ دنيا عظمت حاصل ڪري ٿي ، ۽ ان جي دل ۾ ان جي عظمت ۽ وقعت وڏي وڃي ٿي ، تہ اهو ، ان کي الله تي ترجيح ڏي ٿو ، ۽ ان جي طرف جهڪي ٿو، ۽ ان جو بندو ٿي ڪري رهي ٿو. توهان جي لاءِ رسول الله صلعم جن جو قول ۽ عمل پيروي ڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهي ۽ انهن جي ذات (والا صفات) دنيا جي عيب ۽ نقص ۽ ان جي خوارين ۽ براين جي ڪثرت ڏيکارڻ لاءِ رهنما آهي. ان ڪري جو هن دنيا جي دامنن کي ( حضور جن ) کان سميٽيو ۽ ٻين جي لاءِ هن (دنيا) جون وسعتون مهيا ڪيون ويون ، ۽ هن ( زال دنيا جي ٿڻ مان ) سندن ٿڃ ڇڏائي ويئي، ۽ ان جي آرائشين کان سندن رخ کي موڙيو ويو. جيڪڏهن ٻيو نمونو گهروٿا، تہ موسىٰ ڪليم الله آهي، جنهن پنهنجي پالڻهار کي چيو: تہ پروردگار تون جيڪي ڪجهہ بہ هن وقت ٿوري گهڻي نعمت موڪليدين ، آءُ تنهن جو محتاج آهيان. خدا جو قسم تہ هن فقط کائڻ لاءِ ماني جي دعا گهري. جيئن تہ هو زمين جو ساڳ پاڇي کائيندو هو ۽ ضعيفي ۽ ( جسم تي ) گوشت جي ڪمي سببان سندس پيٽ جي نازڪ کل مان ساڳ پاڇي جي ساواڻ ڏسڻ ۾ ايندي هئي.

جيڪڏهن چاهيو ، تہ ٽيون مثال دائود عليہ السلام جو سامهون رکو ، جيڪو "زبور" جو صاحب ۽ جنت وارن جو قاري آهي. هو پنهنجن هٿن سان کجي جي پنن مان ٽوڪريون ٺاهيندو هو ، ۽ پنهنجي ساٿين کي



Presented by Ziaraat.Com

فرمائيندو هو ۽ ته توهان مان اهو ڪير آهي جيڪو هنن کي وڪٽي منهنجي مدد ڪري ۽ ( پوءِ ) جيڪا قيمت ملندي هئي ۽ تنهن مان جون جي ماني کائيندو هو.

جيڪڏهن چاهيو ۽ ته عيسىٰ ابن مريم ع جو حال بيان ڪريان ۽ جيڪو ( متي جي هيٺيان ) پٿر جو وهاڻو رکندو هو ۽ سخت ۽ کهرا ڪپڙا پائيندو هو ۽ ۽ ( کائڻ ) ۾ پوڙ جي بجاءِ بک ۽ رات جو چراغ جي بجاءِ چنڊ جي روشني ۽ سياري ۾ اجهي جي بجاءِ ( سندس سر تي ) زمين جي اوپر اوله جو چپر هوندو هو، ۽ پڻ زمين جيڪو گاهه چوپائي مال لاءِ ڦٽائيندي هئي. سو هن لاءِ ميوي جي مثل هو، نه سندس ڪا زال هئي ۽ جيڪا کيس دنيا ( جهڳڙن ) ۾ مبتلا ڪري ۽ نه ٻار ٻچا هئس ۽ جيڪي ان جي لاءِ ڳڻتي ۽ اندوه جا سبب ٿين ۽ نه وري مال دولت هئس ۽ جو سندس خيال کي موڙي ۽ ۽ نه ڪا طمع هئس ۽ جيڪا کيس خوار ڪري. سندس سواري ان جا پنهنجا پير هئا ۽ سندس نوڪر ۽ ان جا پنهنجا ٻه هٿ هئا.

سو توهان پنهنجي پاڪ ۽ پاڪيزه نبي جي پيروي ڪريو ۽ جيئن ته سندن ذات ( والا صفات ) پيروي ڪرڻ وارن لاءِ نمونو ۽ صبر ڪرڻ وارن لاءِ دلداري ۽ تسلي آهي. سندن پيروي ڪرڻ وارو ۽ سندن نقش قدم تي هلڻ وارو ۽ الله تعالىٰ وٽ سڀ کان وڏيڪ پيارو آهي. جن دنيا کي ( فقط ضرورت آهر ) چکيو، ۽ ان کي نگاه ۾ ئي نه آندائون ۽ پاڻ دنيا ۾ سيني کان وڏيڪ بک ۾ گذر بسر ڪرڻ وارا ۽ خالي پيٽ سان رهڻ وارا هئا. کين دنيا جي پيشڪش ڪئي وئي ۽ تڏهن پاڻ ان کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيائون ۽ جڏهن ڄاتائون ۽ ته الله تعالىٰ هڪ شيءِ کي برو سمجهيو آهي، تڏهن پاڻ به ان کي برو ڄاتائون، ۽ الله تعالىٰ هڪ شيءِ کي حقير ڄاتو آهي ۽ تڏهن پاڻ به ان کي حقير سمجهائون، ۽ الله تعالىٰ جنهن شيءِ کي پست مقرر ڪيو آهي، تنهن کي پاڻ به پست ڄاتائون. جيڪڏهن اسان ۾ فقط اها ڳالهه هجي ته اسين ان شيءِ کي پسند ڪريون ۽ جنهن کي الله تعالىٰ ۽ رسول برو سمجهن ٿا ۽ ۽ ان شيءِ کي اعلىٰ سمجهون ۽ جنهن کي انهن حقير سمجهو آهي ۽ ته الله جي نافرماني ۽ ان جي حڪم سان سرڪشي ڪرڻ لاءِ ۽ اها ئي گهڻي آهي. رسول الله صلعم جن زمين تي ويهي ۽ کاڌو کائيندا هئا ۽ غلامن وانگر وهندا هئا ۽ پنهنجن هٿن سان جتي کي ٽاڪا هڻندا هئا ۽ پنهنجن هٿن سان ڪپڙن کي چتيون هڻندا هئا ۽ ۽ پڻ گڏهه تي بنا پلاڻن جي سوار ٿيندا هئا ۽ ۽ پاڻ سان گڏ (پيلهه ) ڪنهن ٻئي کي به ويهاريندا هئا.

)هڪ دفعي) گهر جي دروازي تي اهڙو پردو، لڳل هو ۽ جنهن تي تصويرون هيون، تڏهن پاڻ پنهنجي ازواج مان ڪنهن حرم مبارڪ ڏي مخاطب ٿي فرمايائون ته هن پردي کي منهنجي نظرن کان هٽائي ڇڏيو.جڏهن به منهنجون نظرون انهيءَ تي پون ٿيون ۽ تڏهن اسان کي دنيا ۽ ان جون آرائشون ياد اچن ٿيون ۽



Presented by Ziaraat.Com

حضور صلعم جن دنيا مان دل ڪٽي ڇڏيائون ۽ ان جي ياد بہ ذهن تان لاهي ڇڏيائون ۽ اهو ئي چاهيندا هئا تہ ان دنيا جو سينگار ڏاهم جوڙ سندن نگاهن کان پوشيده رهي ۽ تہ جيئن نہ ان مان عمدو لباس حاصل ڪري سگهجي ۽ نہ ان کي خيال ۾ پنهنجي منزل ڪجي ۽ نہ ان ۾ وڌيڪ رهڻ جي آس رکجي. پاڻ ان جو خيال نفس مان ڪڍي ڇڏيائون ۽ دل مان ان کي هٽائي ڪڍيائون ۽ بلڪ نگاهن کان پڻ ان کي غايب ڪيائون . ائين تہ جيڪو شخص ڪنهن شيءِ کي برو ٿو سمجهي، تہ نہ انکي ڏسڻ چاهيندو ۽ نہ ان جو ذڪر ٻڌڻ گوارا ڪندو.

رسول الله صلعم جن جي عادتن ۽ خصوصيتن ۾ اهڙيون خوبيون آهن جيڪي توهان کي دنيا جي عيبن ۽ قبيح براين بابت معلومات ڏينديون، جڏهن پاڻ هن دنيا ۾ پنهنجي خاص شخصيتن سميت بکايل رهندا هئا ۽ باوجود انتهائي قرب منزلت جي، دنيا جون آرائشون کانئن دور رکيون ويون . ڏسڻ واري کي گهرجي تہ عقل جي روشني سان ڏسي، تہ الله تعاليٰ کين دنيا نہ ڏي ۽ سندن عزت وڌائي آهي. يا اهانت يعني ( ڪا گهٽتائي ) ڪئي آهي؟ جيڪڏهن ڪو ائين چوي تہ ۽ اهانت ڪئي اٿس تہ ان ڪوڙ ڳالهايو ۽ نهايت وڏو بهتان هنيائين ۽ پر جيڪڏهن ائين چوي تہ الله تعاليٰ سندن عزت وڌائي آهي تہ پوءِ ان کي ڄاڻڻ گهرجي ۽ تہ الله تعاليٰ ٻين جي بي عزتي ظاهر ڪئي آهي ۽ جڏهن تہ انهن کي دنيا جي زياده کان زياده فراخي دنيا ڏئي ڇڏيائين انهن جو رخ پنهنجي ويجهن پيارن بندن کان ۽ موڙي ڇڏيائين.

پيروي ڪرڻ واري کي گهرجي ۽ تہ سندن پيروي ڪري ۽ ۽ سندن قدمن جي نشانن تي هلي ۽ انهن واري منزل ۾ اچي ۽ نہ تباه ٿيڻ کان محفوظ نہ رهي سگهندو ۽ ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ کين قيامت جي ( قريب ٿيڻ جي ) نشاني ۽ جنت جي خوشخبري ٻڌائڻ وارو ۽ عذاب کان ديڄارڻ وارو مقرر ڪيو آهي. دنيا مان پاڻ بکايل ٿي هليا ويا ۽ ۽ آخرت ۾ سلامتين سان پهچي ويا. پاڻ تعمير لاءِ ڪڏهن پٿر تي پٿر نہ رکيائون ۽ تانجو پاڻ آخرت جي راه وٺي اسهيا، ۽ الله تعاليٰ جي طرف، سڏڻ واري جي سڏ تي لبيڪ چيائون . اهو الله تعاليٰ جو اسان تي ڪيڏو نہ وڏو احسان آهي، جنهن اسان کي هڪ اهڙي هادي ۽ پيشوا جهڙي نعمت عظميٰ بخشي ۽ جن جي اسين پيروي ڪريون ٿا، ۽ قدم بقدم هلون ٿا. (سندن پيروي ڪندي ) خدا جو قسم : تہ مون پنهنجي هن قميص ۾ ايتريون تہ چتيون هڻايون آهن جو مون کي چتين لڳائڻ واري کان شرم ٿو اچي. مونکي هڪ چوڻ واري چيو تہ ڇا، توهان اها قميص نہ لاهيندا؟ تڏهن مون هن کي چيو ۽ تہ منهنجي نظرن کان پري ٿي ۽ صبح جي وقت ئي ماڻهن کي رات جي وڃڻ جو قدر ٿيندو آهي ۽ ۽ پوءِ اهي ان جي تعريف ڪندا آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 161: صفت رسول

صفت رسول

الله تعاليٰ پنهنجي رسول کي چمڪندڙ نور ، روشن دليل ، شريعت جي ڪليل راه ۽ هدايت ڏيڻ واري ڪتاب سان موڪليو. سندن قوم ۽ قبيلو ، بهترين قوم ۽ قبيلو ۽ شجرو سيني کان بهترين شجرو آهي ، جنهن جو ٽاريون سڌيون ۽ ميوا نميل آهن . سندن ولادت جي جاءِ مڪہ ۽ هجرت جو مقام مدينو آهي. جتان سندن نالو وڌيو ۽ هنڌين ماڳين ساک ٿيڻ شروع ٿي، ۽ چئو طرف سندن آواز پکڙيو. الله تعاليٰ کين مڪمل دليل ، شفا بخش نصيحت ۽( اڳين جهالتن جي ) تدارک ڪرڻ وارو پيغام ڏئي موڪليو، ۽ سندن وسيلي ( شريعت جون) نامعلوم راهون ظاهر ڪيون ، ۽ غلط سلط بدعتن کي ٽوڙي ڇڏيو. پڻ ( قرآن ۽ سنت ۾ ) بيان ڪيل حڪم واضح ڪيا ، تہ هاڻي جيڪو شخص بہ اسلام کان سواءِ ڪو ٻيو دين چاهي تہ ان جي بدبختي ظاهر آهي ، ۽ ان جو شيرازو درهم برهم ۽ ان جو منهن پر ڪرڻ لازمي ، ۽ پڇاڙي نهايت تڪليفن ۽ هلاڪ ٿيندڙ عذابن سان آهي.

آءُ الله تعاليٰ تي ڀروسو رکان ٿو. اهڙو ڀروسو، جنهن ۾ مڪمل سمورو ان جي طرف توجهہ آهي ۽ اهڙي رستي جي هدايت چاهيان ٿو، جيڪو سندس جنت تائين پهچائڻ وارو ، ۽ مطلب جي منزل ڏي وڃڻ وارو آهي.

الله جا بندؤ! آءُ توهان کي الله کان ڊڄڻ ۽ ان جي اطاعت ڪرڻ جي وصيت ڪريان ٿو، ڇو جو پرهيزگاري ، سموري ڇوٽڪاري ( جو وسيلو ) ۽ نجات جي دائمي منزل ٿيندي. هن پنهنجي عذاب کان ڊيڄاريو ، تہ سيني کي خبردار ڪري ڇڏيو ، ۽ جنت جي رغبت ڏنائين ، تہ ان ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏيائين . دنيا ۽ ان جي فنا ۽ زوال ۽ ان جي واپس موٽڻ جو ڪولي بيان ڪيائين. جيڪي ڳالهيون هن دنيا مان توهان کي مٺيون ٿيون لڳن ، تن کان پاڻ بچائيندا رهو ، ڇو جو انهن سان گڏ هلڻ واريون ( شيون ) تہ تمام ٿورڙيون آهن. دنيا جي منزل الله جي ناراضپي کي ويجهو ۽ ان جي رضامندي کان پري آهي.

الله جا بندؤ! ان جي فڪرن ۽ ان جي ڌنڌن کان اکيون بند ڪريو. انهيءَ ڪري جو توهان کي يقين آهي ، تہ آخر اها توهان کان جدا ٿيڻ واري آهي، ۽ ان جون حالتون تبديل ٿيڻ واريون آهن. هن دنيا کان اهڙي طرح



Presented by Ziaraat.Com

ڏجو ، جھڙي طرح ڪو ڏجڻ وارو ۽ پنھنجي نفس جو خيرخواه ۽ جانفشاني سان ڪوشش ڪرڻ وارو ڏجندو آهي.

توهان اڳين ماڻھن جون جيڪي ڪريل ڏٺل جڳھيون ڏٺيون آهن ، تن مان عبرت حاصل ڪريو ، جو انھن جا سنڌ سنڌ جدا جدا ٿي ويا. نہ انھن جون اکيون رهيون ۽ نہ ڪن.

انھن جو وقار ۽ شرف ختم ٿي ويو . انھن جون خشيون ۽نعمتون ويندڍيون رهيون ۽ ٻارن ٻچن سان ويجھڙائي جي بجاءِ عليحدگي ۽ زالن سان هم نشيني جي بجاءِ انھن کان جدائي ٿي وئي هاڻي نہ اهي فخر ڪن ٿا ، ۽ نہ وري انھن جو اولاد ئي ڪو اهڙو آهي . نہ هڪٻئي سان ملن ملائن ٿا ، ۽ نہ وري پاڻ ۾ هڪٻئي جا پاڙيسري ٿي رهن ٿا

اي الله جا بندؤ! ڏجو ، جھڙي طرح ڪو پنھنجي نفس تي ضابطي رکڻ وارو ۽ پنھنجي خواهشن کي دٻائڻ وارو ۽ دانائي جي اکين سان ڏسڻ وارو ڏجندو آهي ، چو تہ هر ڳالھ واضح ٿي چڪي آهي . نشانات قائم آهن ، رستو هموار آهي، ۽ راهہ سڌي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 162: خلافت جي باري ۾ سائل کي جواب

خلافت جي باري ۾ سائل کي جواب

حضرت جي اصحابن ما ڪنهن شخص سوال ڪيو تہ ڪهڙو سبب آهي ، جو ماڻهن توهان کي توهان جي منصب کان جدا ڪيو ، حالانڪ توهان ان جا وڌيڪ حقدار هئا ، تڏهن پاڻ فرمايائين تہ اي برادر بني اسد ! تون نهايت تنگ حوصلي وارو آهين ، ۽بي راهہ تي نڪتو آهين . ان جي باوجود جئين تہ اسان کي تنهنجي قرابت جو لحاظ آهي ۽ تو کي سوال ڪرڻ جو حق بہ آهي ، هاڻي جو پڇيو اٿئي تہ ٻڌ : هنن ماڻهن جو انهي منصب تي خود اختياري سان ڇمي وڃڻ ، با وجود ان ڳالهہ جي ، تہ اسين نسب جي اعتبار کان نهايت بلند هواسون ۽ پيغمبر صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن سان قرابت جو رشتو بہ قوي هيو ، هنن جي اها خود غرضي هئي ، جنهن ۾ ڪن ماڻهن جا نفس ، ان ڳالهہ تي سر ڏڙ جي بازي لائي بيٺا ۽ ڪن ماڻهن جي نفسن ان جي پرواهہ بہ نہ ڪئي ۽ فيصلي ڪرڻ وارو الله تعالي آهي ۽ قيامت جي ڏينهن سندس بارگاهہ ۾ پچا ڳاڇا ٿيندي . ( تنهن کان پوءِ پاڻ مثال طور هي مصرع پڙهيائين تہ) "ڇڏيو انهي ڦرلٽ جي ذڪر کي ، جنهن جي چوڌاري هل هنگامو هيو" هاڻي تہ ان مصيبت کي ڏس جيڪا ابوسفيان جي پٽ سببان آئي آهي . مون کي تہ ان ڳالهہ تي زماني رئاڙي وري کلايو آهي ۽ زماني جي موجوده حالت تي خدا جو قسم ! تہ ڪو بہ تعجب ناهي ، پر هن مصيبت تي تعجب ٿئي ٿو تہ ، جنهن جي حيرت جي حد ناهي ۽ جنهن جي بي قاعدين کي حد کان وڌائي ڇڏيو آهي . ڪن ماڻهن الله جي روشن چراغ جي نور کي وسائڻ چاهيو ۽ ان جي سرچشمي ( هدايت جي ) ڦوهاري کي بند ڪرڻ جي پٺيان پيا . منهنجي ۽ پنهنجي وچ ۾ زهريلي ڍڪن جي ملاوٽ ڪيائون . جيڪڏهن هن آزمائش جون دشواريون اسان جي ۽ انهن جي وچ مان نڪري وڃن تہ آءٔ انهن کي خالص حق جي راهہ تي وٺي هلندس ، پر جيڪڏهن ڪا ٻئي صورت ٿي وئي تہ پوءِ ان تي حسرت ۽ افسوس ڪندي ، توهان جو ساهہ نہ نڪري ، ان ڪري تہ اهي ماڻهو ، جيڪي ڪري رهيا آهن ، الله تعالي تنهن کي چڱي طرح ڄاڻي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 163: صفات باري تعالي

صفات باري تعالي

سيڪا تعريف ان الله تعالىٰ جي لاءِ آهي ، جيڪو بندن جي پيدا ڪرڻ وارو ، زمين جي فرش وڇائڻ وارو ، ندين ۽ واهن جي وهائڻ وارو ، ۽ دڙن ، دڀن ، ٽڪن کي سرسبز شاداب بنائڻ وارو آهي ، نہ هن جي اوليت جي ڪا ابتداء آهي ۽ نہ ان جي ازليت جي ڪا انتها آهي ، هو اهڙو اول آهي ، جيڪو هميشہ کان آهي ، ۽ بغير ڪنهن مدت جي حد بندي ڪانسواءِ سدائين رهڻ وارو آهي پيشانيون ان جي اڳيان (سجدن ۾) جهڪيل آهن، ۽ لب ان جي توحيد جا اقراري آهن ، هن انهن سيني ڳالهين کي سندن پيدا ڪرڻ واري وقت کان ئي ( جدا جدا صورتن ۽ شڪلين ۾ ) محدود ڪري ڇڏيائين تہ جيئن پنهنجي ذات کي انهن جي مشابهت کان الڳ رکي . تصورات ڪيس ، حدن ، چرڻ پرڻ ، عضون ۽ حواسن سان مقرر ڪري نہ ٿا سگهن ، جنهن جي لاءِ ائين نہ ٿو چئجي سگهجي تہ هو " ڪڏهن کان آهي " ۽ نہ وري ائين چئي هن جي حد مقرر ڪري سگهجي ٿي تہ هو " ڪيستائين آهي . هو ظاهر آهي ، ليڪن ائين نہ ٿو چئي سگهجي تہ " ڪنهن مان " ظاهر ٿيو . هو باطن بہ آهي ، مگر ائين نہ چئبو تہ " ڪنهن ۾ " هو نہ پري کان نظر اچڻ وارو ڪو خاڪو يا ڍڳل آهي ، جيڪو متجي وڃي ، ۽ نہ ڪنهن پردي ۾ آهي ، جو محدود ٿي وڃي . هو شين جي اهڙي طرح قريب ناهي ، جو ان کي ڇهي سگهجي ، ۽ نہ وري هو جسماني طور انهن کان الڳ ٿي ، پري ٿيو آهي ، هن کان ڪنهن جو بہ گهوري نهارڻ ، ڪنهن بہ لفظ جو دهرائڻ ، ڪنهن بہ بلندي جو پري کان چمڪڻ ۽ ڪنهن بہ قدم جو اڳتي وڌڻ پوشيدو نہ آهي ، نہ اونداهين راتين ۾ ۽ نہ چانئجي ويندڙ گهگهہ اونداهين ۾ ، جن تي روشن چنڊ ، پنهنجي چانڊوڪي جو سايو وجهندو آهي ۽ نوراني سج اڀرڻ ۽ لهڻ ( جي چڪرن ) ۾ ۽ زماني جي گردش ( ڦيرن گهيرن ) ۾ اونداهين کان پوءِ نور ڦهلائي ٿو ، جيڪي اچڻ واري رات ۽ وڃڻ واري ڏينهن جي اچڻ وڃڻ سان پيدا ٿين ٿا . هو هر مدت ، انتها ، هرڳاڻاٽي ۽ ڳڻپ کان اڳ ۾ آهي هن کي محدود سمجهڻ وارا جن اندازن ، طرفن ، پاسن جي حدن ۽ جڳهين ۾ رهڻ ، ۽ گهرن ۾ ٽڪڻ کي هن جي طرف منسوب ڪن ٿا ، سو ، هو انهن نسبتن کان نهايت بلند آهي . حدون تہ ان جي مخلوق لاءِ قائم ڪيون ويون آهن ، ۽ ٻين طرفن ئي انهن جي نسبت ڏني ويندي آهي. هن شين کي اهڙي مواد مان پيدا نہ ڪيو ، جيڪي هميشہ کان هجن ۽ نہ اهڙن مثالن تي بنايائين ، جيڪي پهرين کان موجود هجن ، بلڪ هن جيڪا بہ شئي پيدا ڪئي ، تنهن کي مستحڪم ڪيائين ۽ جيڪو خاڪو جوڙيائين ، تنهن کي سٺي صورت ۽ شڪل ڏنائين . ڪا بہ شيءِ سندس (حڪمن کان) سر تابي نہ ٿي ڪري سگهي



Presented by Ziaraat.Com

۽ نہ وري هن کي ڪنهن جي اطاعت ڪرڻ سان ڪو فائدو پهچي ٿو . هن کي پهرين مرڻ وارن جو اهو ئي علم آهي ، جهڙا باقي رهڻ وارن جيئرن ماڻهن جو ۽ جهڙي طرح بلند آسمانن جو شين کي ڄاڻي ٿو ، تهڙو ئي پست زمينن جي شين کي بہ سڃاڻي ٿو.

هن خطبي جو هڪ هي حصو بہ آهي:

اي اهڙا مخلوق ، جنهن جي خلقت کي چڱي طرح درست ڪيو ويو آهي ۽ جنهن کي پيٽ جي گهگهہ اونداهين ۽ پيٽن ٽيٽن پردن ۾ بنايو ويو آهي ، ۽ هر طرح سان ان جي نگهداشت ڪئي وئي آهي . تنهنجي ، ابتدا ، مٽي جي چيدي نچوڙ مان ٿي ، ۽ تو کي ڄاتل سڃاتل وقت ۽ طئي ٿيل مدت تائين هڪ مضبوط حاصل ڪيل جڳهہ ۾رکيو ويو . جو تو حمل واري حالت ۾ ماءُ جي پيٽ ۾ پيو ڦرندو هئين ۽ نہ تون ڪنهن سڏ جو جواب ڏيندو هئين ۽ نہ وري ڪو آواز ٻڌندو هئين ، پوءِ تون پنهنجي رهڻ واري جاءِ مان اهڙي گهر ۾آندو وئين ، جيڪو تنهنجو ڏٺل وائٺل نہ هو ، ۽ نہ وري ان مان نفعي حاصل ڪرڻ جي طريقن کان ڪو واقف هئين . ڪنهن تو کي ماءُ جي ڇاتي مان غذا حاصل ڪرڻ جي واٽ ٻڌائي ۽ ضرورت جي وقت مقصدن واريون جايون ڪنهن تو کي سڃاڻايون ، ڀلا جيڪو شخص هڪ صورت ۽ عضون واري (مخلوق) جي سڃاڻ کان بہ عاجز هجي ، سو پنهنجي پيداڪرڻ واري جي صفتن کان ڪيئن نہ عاجز ۽ بيوس هوندو ، ۽ ڇو نہ هو مخلوقات جي حد بندين ڪرڻ سان ڪيس حاصل ڪرڻ کان قاصر هوندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 164: حضرت عثمان جي شڪايت

جڏهن ماڻهو حضرت عثمان جي شڪايت ڪٽي ۽ امير المومنين جي خدمت ۾ آيا ۽ ۽ خواهش ڪيائون تہ پاڻ انهن جي طرفان سفير جي حيثيت ۾ حضرت عثمان سان گفتگو ڪري ڪيس سمجهائي ۽ ماڻهن ڪي رضامند ڪرڻ جو مطالبو ڪري ۽ چنانچہ پاڻ تشريف فرما ٿي حضرت عثمان کي فرمايائين تہ:

ماڻهو منهنجي پٺيان ( منتظر ) آهن ۽ ۽ مون کي ان مقصد سان تو ڏي موڪليو اٿن ۽ تہ آءُ تنهنجي ۽ انهن جي جهيڙن کي نبيريان . خدا جو قسم ! تہ منهنجي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ آءُ تو کي ڇا چوان ۽ جڏهن آءُ ( ان سلسلي ۾ ) اهڙي ڪا ڳالهہ نہ ٿو ڄاڻان ۽ جنهن کان تون بيخبر هجين ۽ ۽ نہ وري ڪا اهڙي ڳالهہ ٻڌائڻ وارو آهيان ۽ جنهن جو تو کي علم نہ هجي ۽ جيڪي تون ڄاڻين ٿو ۽سو آءُ بہ ڄاڻان ٿو . نہ تو کان پهرين مون ڪي ڪنهن ڳالهہ جي خبر هئي ۽ جو تو کي ٻڌايان ۽ ۽ نہ وري عليحدگي ۾ ڪجهہ ٻڌو اٿم ۽ جيڪو تو تائين پهچايان . جئين مون ڏٺو تئين تو بہ ڏٺو ۽ ۽ جهڙي طرح مون ٻڌو ۽ تئين تو بہ ٻڌو . جهڙي طرح آءُ رسول الله جن جي صحبت ۾ رهيس ۽ تئين تون بہ رهئين ۽ ۽ حق تي عمل پيرا ٿيڻ جي ذميداري ۽ ابن ابي قحافہ ۽ ابن خطاب تي انهي کان وڌيڪ نہ هئي ۽ جيتري تو تي هئڻ گهرجي ۽ ۽ تون تہ رسول الله صلعم جن سان خانداني قرابت سبب هنن ٻنهي کان نهايت ويجهو بہ آهين ۽ ۽ سندن هڪ قسم جي دامادي بہ تو کي حاصل آهي ۽ جيڪا انهن کي حاصل نہ هئي . پنهنجي دل ۾ ڪجهہ الله تعالىٰ جو خوف بہ تہ ڪر ! خدا جو قسم جو تو کي ان ڪري نہ ٿو سمجهايو وڃي ۽ تہ تو کي ڪجهہ نظر نہ ايندو هجي ۽ ۽ نہ انهي لاءِ تو کي اهي ڳالهيون ٻڌايون پيون وڃن ۽ تہ تو کي خبر نہ هجي ۽ ۽ ( بي خبري ڇا جي لاءِ ) جڏهن تہ شريعت جون راهون واضح ۽ دين جا نشانات قائم آهن . ياد رک ۽ تہ الله تعالي جي نزديڪ سيني بندن کان بهتر اهو انصاف پرور حاڪم آهي ۽ جيڪو پاڻ بہ هدايت حاصل ڪري ۽ ٻين کي بہ هدايت ڪري ۽ ۽ ڄاتل سڃاتل سنت کي مضبوط ڪري ۽ ۽ اڻڄاتل بدعتن کي فنا ڪري ۽ سنت جا نشان چمڪي رهيا آهن ۽ بدعتن جون علامتون بہ واضح آهن ۽ الله تعالي جي نزديڪ سيني ماڻهن کان بدتر اهو ظالم حڪمران آهي ۽ جيڪو پاڻ بہ گمراهي ۾ پيو رهي ۽ ۽ ان جي ڪري ٻيا بہ گمراهي ۾ پوندا هجن ۽ ( رسول صلعم جن کان ) حاصل ڪيل سنتن ( ۽ طريقن ) کي برباد ۽ ترڪ ڪرڻ جي لائق بدعتن کي جيئرو ڪري . مون رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کان ٻڌو ۽ پاڻ فرمايائون تہ : قيامت جي ڏينهن ظالم کي اهڙي طرح آندو ويندو ۽ جو نہ ان جو ڪو مددگار هوندو ۽ نہ ڪو سندس عذرخواهہ هوندو ۽ ۽ کيس ( سڌو ) جهنم ۾ وڌو ويندو ۽ هو ان ۾ اهڙي طرح چڪر ڏيندو ۽ جهڙي طرح



Presented by Ziaraat.Com

جنڊ ڦرندو آهي ۽ پوءِ ڪيس جهنم جي اونهائي ۾ قابو ڪري سوگهو ڪيو ويندو . آءُ تو کي الله جو قسم ڏيان ٿو ، تہ تون هن جي امت جو اهڙو سربراهہ نہ بڻج جنهن کي قتل ٿيڻو آهي . جئين تہ چيو ويو آهي تہ : هن امت ۾ هڪ اهڙو حاڪم ماريو ويندو ، جيڪو هن جي (امت) جي لاءِ قيامت تائين قتل ۽ خونريزي جو دروازو کوليندو ۽ ان (امت) جي سيني ڳالهين کي گمانن ۽ شبهن ۾ وجهي ڇڏيندو ۽ ان ۾ فتنن کي ڦهلائيندو . جو اهي ماڻهو حق کي باطل کان الڳ ڪري نہ ڏسي سگهندا ۽ اهي فتنن ۾ (دريا جي) لهرن وانگر الٽ پلٽ پيا ٿيندا ، ۽ ان ۾ هيٺ مٿي پيا ٿيندا رهندا . تون مروان جي سواري نہ بڻج ، جو هو تو کي جيڏاهن چاهي ڇڪيندو وتي . جئين تہ تون عمر رسيده بہ ٿي چڪو آهين ۽ عمر بہ ڪافي گذري چڪي آهي

)عثمان ) چيو ، توهان انهن ماڻهن سان ڳالهايو ، تہ هو مون کي (ڪجهہ عرصي لاءِ) مهلت ڏين ، تہ جئين آءُ انهن جي حق تلفين کان آجو ٿي پنهنجو فرض ادا ڪريان . اهو ٻڌي پاڻ فرمايائين تہ : جن ڳالهين جو واسطو مديني جي شهر سان آهي ، تن ۾تہ مهلت جي ضرورت ناهي ، البتہ جيڪي جڳهيون نگاهن کان پري آهن ، تن جي لاءِ ايتري مهلت ٿي سگهي ٿي ، تہ جيئن تنهنجو فرمان انهن تائين پهچي وڃي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 165: مور جي عجيب غريب پيدائش

طائوس

هن ۾ مور جي عجيب غريب پيدائش جو تذڪرو فرمايل آهي:

قدرت هر قسم جي مخلوق ڪي ، پوءِ اها (جاندار) هجي ساهه واري هجي يا (ساڪن) بيجان يا متحرڪ هجي ، جنهن ڪي عجيب وغريب پيدائش جي پوشاڪ پهرائي ايجاد ڪيو آهي ۽ پنهنجي لطيف صنعت ۽ عظيم قدرت تي اهڙيون واضح نشانيون شاهد ڪري قائم ڪيون آهن ، جن جي سامهون عقل ان جي هستي جو اعتراف ۽ سندس (فرمانبرداري) جو اقرار ڪندي اطاعت جا سرجهڪائي چڪا آهن ، ۽ ان جي يڪتائي تي اهي ئي عقل جون تسليم ڪيل ۽ ( ان جي بيمثال خالق هجڻ تي ) مختلف شڪلين ۽ صورتن جي پکين جي آفرينش مان ابرندڙ دليل پڙاڏي يا پڙلاءُ جي صورت ۾ اسان جي ڪنن ۾ پهچي رهيا آهن . اهي پکي جن ڪي (الله تعالي) زمين جو چرن ، لڪن جي شگافن ۽ مضبوط پهاڙن جي چوٽين تي وسايو آهي . جن ڪي مختلف قسمن جا پر ۽ ڪنب ، ۽ جدا جدا شڪلين ۽ صورتن وارا آهن . هنن ڪي خدائي حڪومت جي واڳ سان گهمايو ڦيرايو پيو وڃي ۽ پڻ اهي ڪشادين هوائن جي وسعتن ۽ کليل فضائن ۾ پرن ڪي ڦڙڪائيندا پتن پيا.

انهن ڪي جڏهن هو موجود نہ هئا ، عجيب و غريب ظاهري صورتن سان (سينگاري) پيدا ڪيائين ۽ (گوشت ۽ پوست ۾) ڍڪيل سنڌن جي مٿن سان انهن جي (جسمن جي) ساخت قائم ڪئي . انهن مان ڪي اهي آهن ، جن ڪي سندن جسمن جي ڳري هجڻ سببان فضا ۾بلند ٿي تيز پروازي ڪان روڪيو ويو آهي، ۽ انهن ڪي اهڙو بنايو اٿس، جو اهي زمين ڪان ٿورو مٿي ٿي پرواز ڪري سگهن. هن (الله تعالي) پنهنجي لطيف قدرت ۽ باريڪ صنعت سان انهن قسمين قسمين پکين ڪي (مختلف) رنگن سان ترتيب ڪيو آهي . جئين تہ انهن مان ڪي اهڙا بہ آهن ، جيڪي هڪ ئي رنگ جي سانچي ۾ گهڙيل آهن . جڻ تہ انهن ڪي ڪنهن رنگ ۾ ٻوڙيو ويو آهي . ان ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي رنگ جي انهن ۾ ملاوٽ نہ ڪئي وئي آهي ، ۽ ڪي وري اهڙي طرح رنگ ۾ ٻوڙيا ويا آهن ، جو جڻ تہ انهن ڪي ڪنهن رنگ جو طوق پارايو ويو آهي . اهي ان رنگ سان نہ ٿا ملن ، جنهن سان خود هو رنگيل آهن . انهن سيني پکين مان زياده عجيب الخلقت مور آهي (الله تعالي) جنهن جي (عضون ڪي) سونهن جي محڪم ترين سانچي سان گهڙيو آهي ، ۽ ان جي رنگن ڪي هڪ سهڻي ترتيب سان پڻ جوڙيو آهي . اها (سهڻائپ ۽ هڪجهڙائي) انهن پرن جي سببان آهي ،



Presented by Ziaraat.Com

جن جي پاڙن کي ( هڪبئي سان) جوڙيو اٿس ، ۽ اهڙي پڇ سببان ئي آهي جيڪو پري تائين وڏو ٿيندو وڃي ٿو . جڏهن هو پنهنجي مادي جي طرف وڃي ٿو ،تڏهن پنهنجي ويڙهيل پڇ کي کولي ٿو ، ۽ پوءِ ان کي اهڙي طرح بلند ڪري ٿو ، چڻ ته سندس مٿان ڇانو ڪري پکڙجي بيهي ٿو . گويا اهو( مقام) دارين جي انهي ٻيڙي جو بادبان ( سکان ) آهي ، جنهن کي ان جو ملاح هيڏانهن هوڏانهن موڙي رهيو آهي هو پنهنجي رنگن تي فخر ڪري ٿو ، ۽ ان جي جنبش سان پاڻ به نچڻ لڳي ٿو ، ۽ پکين وانگر جفتي ( لڳ ) ڪري ٿو ، ۽ ( پنهنجي مادي کي ) حامله ڪرڻ لاءِ جوش ۽ لاڙي ۾ پرجي نر وانگر اچي ٿو.

آءُ هن ( بيان ) لاءِ پنهنجي مشاهدي کي توهان جي سامهون پيش ڪريان ٿو . ان شخص وانگر نٿو چوان ، جيڪو ڪنهن ڪمزور ڳالهه جو حوالو ڏئي رهيو هجي . گمان ڪرڻ وارن جو فقط اهو وهم ۽ گمان آهي ، ته هو پنهنجي اکين جي پاسن کان وهايل ڳوڙهن سان پنهنجي مادي کي آنن لاهڻ جهڙو ڪري ٿو ، جيڪي سندس پنبڙين جي ٻنهي ڪنارن وٽ اچي بيهن ٿا ۽ مادي اهي پي وٺي ٿي ۽ پوءِ اها آنا لاهڻ شروع ڪري ٿي ، ۽ نر ( مور ) انهن نڪرندڙ ڳوڙهن کانسواءِ مادي سان جفتي نٿو ڪري

جيڪڏهن ائين هجي به ( ته ان جي خيال مطابق ) ڪانگ پنهنجي مادي کي ( ٻچن جي گجي پرڻ لاءِ ۽ داڻي چڳڻ لاءِ ) پري ، آنن ڏيڻ کان وڌيڪ ، حيرت جي ڳالهه نه آهي. ( توهان جيڪڏهن کيس غور سان ڏسندا ) ته ان جي پرن جي وچ وارين تيلين کي چاندي جون سرايون تصور ڪندا ، ۽ انهن تي جيڪي عجيب وغريب ( گهيريدار گول ) نشان ٺهيل آهن ، ۽ سج (جي ڪرڻن) وانگر (جيڪي پر ۽ کنب ڦٽا بيٺا آهن ، تن کي وري (زردي ۾) خالص سون ۽ (ساواڻ ۾) زمرد جا ٽڪرا چاٽندؤ. پلا جي توهان انهن کي زمين مان ڦٽل ٻين ساوڪن سان تشبيهه ڏيندؤ، ته ائين چوندؤ ، ته اهي بهار جي هر موسم ۾ چونڊيل گونچن ، گلن ۽ مکڙين جو گلدستو آهي ، پر جيڪڏهن ڪپڙن سان تشبيهه ڏيندؤ، ته اهي ڇٽيل پوشاڪن يا خوشنما يمني چادرن وانگر آهن ، پر جيڪڏهن زيورن سان تشبيهه ڏيندؤ ، ته پوءِ اهي رنگين ( نگين ) ننگن وانگر آهن جيڪي جڙاءُ چاندي جي دائرن واري صورت ۾ سينگاريل ۽ پکڙيل هجن ، هو اهڙي طرح ، جهڙي طرح نهايت خوش چڱو پلو ۽ مغرور ، ناز ۽ لوڏ سان ٽلندو آهي ، ۽ پنهنجي پڇ ۽ پرن کنين کي غور سان ڏسندو آهي . تڏهن پنهنجي پهراڻ جي حسن و جمال ۽ پنهنجي ڳچي وارن رنگن سببان ٽهڪ ڏئي کلندو آهي ، پر جڏهن پنهنجي پيرن تي نظر ڪندو آهي ، تڏهن اهڙي طرح بلند آواز سان رئندو آهي ، جو چڻ ته پنهنجي فرياد کي ظاهر ڪري رهيو آهي، ۽ پنهنجي سچي درد ( دل) جي گواهي ڏئي رهيو آهي . ان ڪري جو سندس پير ميرانجهڙي رنگ جا جهنگلي پکين جي پيرن وانگر سنهان ۽ نرم ٿين ٿا ، ۽ سندس پنيءَ جي



Presented by Ziaraat.Com

پاسي کان هڪ سنهو ڪنڊو ظاهر هوندو آهي ۽ سندس( ڳچي تي ) سائي رنگ جي سهڻن ڪنڍن جو چڱو تئي تو ۽ ڳچي جو فهلاءُ ائين معلوم ٿيندو آهي ، جئين ( صراحي ) گهگهي ۽ ان جي ڳچي کان پيٽ تائين جيڪو حصو آهي ، سو يمني خضاب جي رنگ وانگر ( گهرو سائو ) آهي يا ان جي ريشم وانگر آهي ، جيڪو صيقل ڪيل آئيني تي پهرايو وڃي . چڻ ته هو سياهه رنگ جي رئي ۾ ويڙهيل آهي ، ليڪن سندس چمڪ دمڪ جي گهڻائي ڏيک ويک جي زيادتي مان اهڙو گمان ٿئي ٿو ، ته هن ۾ سرسبز ۽ تازي سبز ( رنگ ) جي آميزش ڪئي وئي آهي هن جي ڪنن جي شگافن کان مليل "بابونه " جي گلن جهڙي هڪ سفيد چمڪندڙ ليڪ هوندي آهي ، جيڪا قلم جي سنهڙي نوڪ وانگر آهي ، اها ( ليڪ ) پنهنجي سفيدي سان ان هنڌ جي ڪاراڻ ۾ چمڪندڙ آهي .اهڙا ڪي رنگ ٿورا هوندا ، جن ۾ سفيد ڏار جو ڪجهه حصو مليل نه هجي ، ۽ اها انهن رنگن تي پنهنجي آب و تاب جي گهڻائي سببان ۽ پنهنجي ريشمي جسم جي چمڪ دمڪ ۽ سهڻائپ جي سببان ڇانئيل هوندي آهي ، اها انهن پکڙيل مکڙين وانگر آهي ، جو جن کي نه بهار جي فصل جي بارشن تيار ڪيو هجي ۽ نه گرمين ۾ ، سج جي پرورش ڪيل هجي . مور ڪڏهن پنهنجي پرن ۽ کنين کان اگهاڙو ۽ پنهنجي رنگين لباس کان پڻ ننگو به ٿيندو آهي . هن جا پر ۽ کنبي ڇڻندا آهن ، ۽ وري مسلسل لڳاتار ڦٽڻ لڳندا آهن ، اهي سندس پرن مان اهڙي طرح ڇڻندا آهن ، جئين ٽاري مان پن ، تانجو ڇڻڻ کان پهرين جيڪا شڪل ۽ صورت هيس ، تنهن تي موٽي اچي ٿو . پنهنجي پهرين رنگ روپ کان ذرو به هيڏي هوڏي نه ٿيندو آهي ، ۽ نه ڪو رنگ پنهنجي جاءِ ڇڏي ڪا ٻي جاءِ اختيار ڪري ٿو ، جڏهن ان جي پرن جي ريشن مان ڪنهن ريشي کي غور سان ڏسندا ، ته اهي توهان کي ڪڏهن گلاب جي گلن جهڙي سرخي ۽ ڪڏهن زمرد جهڙي سبزي ۽ ڪڏهن سون جهڙي زردي جون ( جهلڪيون ) ڏسڻ ۾ ايندیون . ( خيال ته ڪريو) هڪ اهڙي مخلوق جي صفتن تي ( انساني ) فڪرن جون گهرايون ڪئين ٿيون پهچي سگهن يا عقلن جون طبع آزمايون ڪهڙي طرح اوستائين رسائي ڪري ٿيون سگهن ، يا بيان ڪرڻ وارن جا ڪلمات ڪئين ان جي وصفن کي ترتيب ڏئي ٿا سگهن ، جو ان جي ننڍي کان ننڍي جز ، تخيل جي قوتن کي سمجهڻ کان عاجز ۽ زبانن کي بيان ڪرڻ کان بيوس ڪري ڇڏيو هجي.

ته پاڪ آهي اها ذات ، جنهن هڪ اهڙي مخلوق جي حالت بيان ڪرڻ کان به عقلن کي مغلوب ڪري رکيو آهي ، جن کي اکين جي سامهون ظاهر ڪيو ويو هو ، ۽ انهن اکين ان کي ڪنهن حد تائين گهيري ۾ ورتو به آهي ، ۽ ( اجزاء ) مان مرڪب ۽ (جدا جدا رنگن مان) رنگين صورت ۾ ڏسي به ڇڏيو ، پر تڏهن به زبانن کي ان (مخلوق) جي وصفن جي بيان ڪرڻ کان بيوس ڪري ڇڏيو آهي



Presented by Ziaraat.Com

۽ پاڪ آهي اهو خدا ، جنهن ڪيولي ۽ مچر ڪان وٺي وڏي مخلوق مڇين ۽ هاٿين تائين سيني جي پيرن کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪيو آهي ، ۽ پنهنجي ذات تي لازم ڪري ڇڏيو آهي ، ته ڪو به جسم ، جنهن ۾ ان روح داخل ڪيو آهي ،سو جنبش نه ڪائيندو سواءِ ان وقت جي ، جڏهن موت ان جي وعده گاهه واري جڳهه ڏانهن ۽ فنا ان کي ان جي آخري حد تائين پهچائي.

هن خطبي جو هي حصو جنت جي باري ۾ آهي:

جيڪڏهن توهان جي دل جي اکين سان جنت جي انهن ڪيفيتن تي نظر ڪريو ، جيڪي توهان کي ٻڌايون ٽيون وڃن ، ته توهان جو نفس دنيا ۾ پيش ڪيل عمده کان عمده خواهشن ۽ لذتن ۽ ان جي نظارن جي ٿاهه ٿوهه ۽ سونهن کان نفرت ڪرڻ لڳندو ، ۽ اهي ( ماڻهو ) انهن وڻن جي پنن جي کڙڪڻ جي آوازن ۾ ، جن جون پاڙون جنت جي نهرن جي ڪنارن تي مشڪ جي دڙن ۾ پوريل آهن ، گم ٿي ويندا ، ۽ انهن وڻن جي وڏين توڙي ننڍڙن ٽارن ۾ تر و تازه موتين جي ڇڳن جي لٽڪڻ ۽ ساون پنن جي غلافن ۾ جدا جدا قسم جي ميون جي نڪرڻ ( نظارن ) ۾ محو ٿي ويندا . اهڙا ميوا ، جيڪي بغير ڪنهن زحمت جي چونڊي سگهجن ٿا ، ۽ چونڊڻ وارن جي خواهشن مطابق اڳتي وڌي اچن ٿا ، اتي جي بلند ايوانن جي صحنن ۾لهڻ وارن مهمانن جي چئو طرف پاڪ صاف ماکي ۽ صاف ستري شراب ( جا جام ) گردش ۾ آندا ويندا.

اهي اهڙا انسان آهن ، جن سان الله تعالي جي بخشش ۽ عنايت هميشه ساٿن شامر رهي ، تانجو اهي پنهنجي قيام ڪرڻ واري جاءِ تي اچي لٿا ، ۽سفرن جي لڏ پلاڻ کان آسوده ٿي ويا ، اي ٻڌڻ وارا ! جيڪڏهن تون ، ان دلڪش نظاري تائين پهچڻ لاءِ پنهنجي نفس کي متوجه ڪرين ، جيڪو هڪدم تو وٽ اچڻ وارو آهي ، ته ان جي اشتياق ۾ تنهنجو ساه نڪري ويندو ، ۽ ان کي جلد کان جلد حاصل ڪرڻ لاءِ ، منهنجي هن مجلس ما اٿي قبرن ۾ رهندڙ جي ويجهڙائي اختيار ڪرڻ لاءِ آمادو ٿي ويندي.

الله سبحانه پنهنجي رحمت سان مونکي ۽ توهان کي شل انهن ماڻهن ما ڪري ، جيڪي نيڪ بندن جي منزل تائين پهچڻ لاءِ ڪوششون ڪن ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 166: نصيحتون

نصيحتون

توهان جي ننڍن کي گهرجي ته اهي پنهنجن وڏن جي پيروي ڪن ۽ وڏن کي گهرجي ته اهي ننڍن سان مهرباني ۽ شفقت سان پيش اچن . جاهليت جي زماني وارن انهن بيوقوفن وانگر نہ ٿيو ، جيڪي نہ دين ۾ فهم ۽ بصيرت کان ڪم وٺندا هئا ، ۽ نہ الله جي باري ۾ عقل ۽ فهم کان . اهي انهن آنن جي کلن وانگر آهن ، جيڪي ( اٺ پکي ) شتر مرغ جي آنن ڏيڻ واري جاءِ تي رکيا هجن ، جن جو ڀڃڻ تہ گناهہ معلوم ٿئي ٿو ، مگر انهن کي ڦٽڻ لاءِ ڇڏي ڏيڻ ، ايذاء رسائيندڙ ٻچن جي نڪرڻ جو سبب ٿئي ٿو.

هن خطبي جو هڪ هي بہ حصو آهي:

هو الفت ۽ يڪجهتي کان پوءِ جدا جدا ۽ پنهنجي مرڪز کان منتشر ٿي ويا هوندا ، البتہ انهن مان ڪجهہ ماڻهو اهڙا هوندا ، جيڪي هڪ شاخ ئي جهليندا رهندا ، جو اها جيڏاهن بہ جهڪندي تہ هو بہ اوڏانهن جهڪندا ، تانجو الله تعالي جلد ئي ان ڏينهن لاءِ جيڪو بني امين جي لاءِ بدترين ڏينهن هوندو . انهن کي اهڙي طرح جمع ڪندو جيئن خريف جي موسم ۾ ڪڪرن جا ٽڪرا جمع ٿيندا آهن . الله تعالي انهنجي وچ ۾ محبت ۽ دوستي پيداڪندو ، ۽ پوءِ انهن جو تهن تي تهہ چميل ڪڪرن وانگر هڪ مضبوط جٿو بنائيندو ۽ انهن جي لاءِ دروازن کوليندو ، تہ هو پنهنجي اڀرڻ واري مقام کان شهر سبا جي ٻن باغن جي ان سيلاب وانگر وهي نڪرندا ، جنهن کان نہ ڪا ڇپ محفوظ رهي هئي ۽ نہ ڪو دڙو ان جي سامهون بيهي سگهيو ، ۽ نہ جبل جي مضبوطي ۽ نہ زمين جي اوچائي ان جي وهڪري کي موڙي سگهندي ، الله سبحانہ انهن کي جبلن جي هيٺاهين ۾ جدا جدا ڪري ڇڏيندو ، پوءِ وري انهن کي چشمن ( جي وهڪرن ) وانگر زمين تي وهائي پکيڙي ڇڏيندو ۽ انهن جي ذريعي ڪجهہ ماڻهن جا حق ڪن ماڻهن کان وٺندو ، ۽ هڪڙي قوم کي ٻئي شهرن ۾ رهائيندو . خدا جو قسم ! تہ سندن سربلندي ۽ اقتدار کانپوءِ جيڪي ڪجهہ انهن جي هٿن ۾ هوندو، سو اهڙي طرح رجي ڳري ويندو ، جهڙي طرح باهہ تي چربي.

اي انسانؤ ! جيڪڏهن توهان حق جي نصرت ۽ امداد ڪرڻ کان پاڻ نہ بچايو ها ، ۽ باطل کي ڪمزور ڪرڻ کان ڪمزوري نہ ڏيکاريو ها تہ جيڪو توهان جو ساٿي نہ هو ، سو بہ توهان تي ڏند نہ ڪرتي ها ،



Presented by Ziaraat.Com

۽ جنهن توهان تي قبضو حاصل ڪيو ، سو توهان تي قابض نہ ٿئي ها، ليڪن توهان تہ بني اسرائيلن وانگر " تيہ " جي صحراء ۾ ڀٽڪي ويا ، ۽ پنهنجي جان جو قسم ! تہ مون ڪانپوءِ توهان سرگرداني ۽ پريشاني ڪيئي دفعا وڌي ويندي ڇا ڪاڻ تہ توهان حق کي پٺتي ڪري ڇڏيو ۽ قريبن سان واسطا ٽوڙي ڇڏيا آهن ۽ ڏوراهن سان رشتا جوڙيا اٿو

يقين ڪريو تہ جيڪڏهن توهان دعوت ڏيڻ واري جي پيروي ڪريو ها ، تہ هو توهان کي رسول الله ص جن واري راهہ تي وٺي هلي ها ، ۽ توهان گمراهيءَ جي زحمتن کان بچي وڃو ها ، ۽ پنهنجي گردنن مان ڳرو بار لاهي اڇلايو ڇڏيو ها.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 167: ملت اسلاميہ جا گرانقدر اصول

ملت اسلاميہ جا گرانقدر اصول

الله تعالي اهڙو تہ هدايت ڪرڻ وارو ڪتاب نازل فرمايو آهي ، جنهن ۾ چڱاين ۽ براين کي ( کولي) بيان ڪيو آهي . توهان ڀلائي جو رستو اختيار ڪريو ، تہ جيئن هدايت حاصل ڪري سگهو ، ۽ برائي جي راهہ کان رخ کي موڙيو ، تہ جيئن سڌي راهہ تي هلي سگهو . فرضن کي اڳيان رکو ۽ انهن کي الله ڪارڻ بجا آڻيو ، تہ جيئن اهي توهان کي جنت تائين پهچائين . الله سبحانہ انهن شين کي حرام ڪيو آهي ، جيڪي اڻڄاتل نہ آهن ، ۽ انهن شين کي حلال ڪيو آهي ، جن ۾ ڪو عيب ۽ نقص نہ ٿو ملي ، هن مسلمانن جي عزت ۽ حرمت کي سڀني حرمتن تي فضيلت ڏني آهي ، ۽ مسلمانن جي حقن کي سندن موقعي ۽ محل تي ، اخلاص ۽ توحيد جي دامن سان ٻڌي ڇڏيو آهي ،سو مسلمان اهو آهي ، جنهن جي زبان ۽ هٿ کان مسلمان بچندا رهندا ، مگر ائين جو ڪنهن حق جي لحاظ کان انهن تي هٿ ڊگهيريو وڃي ۽ انهن کي ايذاء پهچائڻ جائز نہ آهي ، پر جتي واجب ٿئي ، ان شيءِ جي طرف وڌو ،جيڪا همہ گير ۽ توهان مان هر هڪ لاءِ مخصوص آهي ، ۽ اهو موت آهي ، جيئن تہ ( گذري وڃڻ وارا ) ماڻهو توهان جي سامهون آهن ۽ (موت جي) گهڙي توهان کي پٺيان کان پئي اڳتي لاءِ ڌڪي . سنهڙا سادا رهو ، تہ جيئن اڳتي وڌي وڃڻ وارن کي هلي پهچو . توهان جي اڳين کي پوين جو انتظار ڪرايو پيو وڃي . الله تعالي کان سندس بندن ۽ ان جي شهرن جي باري ۾ ڊڄندا رهو . انهي ڪري جو توهان کان ( هر ڳالهہ جي باري ۾) سوال ڪيو ويندو ، حتاڪ زمينن ۽ چوپائي مال جي متعلق بہ . الله تعالي جي اطاعت ڪريو ، ۽ ان جي نافرماني نہ ڪريو ، جڏهن ڀلائي کي ڏسو، تہ ان کي حاصل ڪريو ، ۽ جڏهن برائي کي ڏسو، تہ ان کان منهن موڙيو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 168: حضرت جي بيعت ٿيڻ کان پوءِ

حضرت جي بيعت ٿيڻ کان پوءِ ، صحابن جي هڪ جماعت کيس چيو ، ته چڱو ائين آهي ، ته توهان انهن ماڻهن کي سزا ڏيو جن حضرت عثمان تي چڙهائي ڪئي ، تڏهن پاڻ فرمايائين ته :

اي ڀائرو ! جيڪي توهان ڄاڻو ٿا ، تنهن کان آءُ بي خبر نه آهيان ، ليڪن مون وٽ ايتري قوت ۽ طاقت ڪٿي آهي ؟ جڏهن ته فوج ڪشي ڪرڻ وارا پنهنجي انتهائي زور تي آهن . هو هن وقت اسان تي مسلط آهن ، اسين انهن تي مسلط نه آهيون ، ۽ حالت اها آهي جو توهان جا غلام به انهن سان گڏ اٿي کڙا ٿيا آهن ، ۽ صحرائي عرب وارا به انهن سان ملي جلي ويا آهن ۽ هن وقت به اهي توهان جي وچ ۾ اهڙي حالت ۾ آهن ، جو جيڪڏهن هو چاهين، ته توهان کي نقصان پهچائي سگهن ٿا ، ڇا ! توهان جيڪي چاهيو ٿا ، تنهن تي قابض ٿيڻ جي ڪا صورت توهان کي نظر اچي ٿي ؟ بيشڪ اهو جهالت ۽ ناداني جو مطالبو آهي . انهن ماڻهن جي پشت تي مدد جو هڪ ذخيرو آهي . جڏهن اهو قصو ڇڙندو ته ان معاملي ۾ ماڻهن جا جدا جدا خيال هوندا . ڪن ماڻهن جي راءِ ته اها هوندي ، جيڪا توهان جي آهي ۽ ڪجهه ماڻهن جي راءِ توهان جي راءِ جي خلاف هوندي ، ۽ ڪن ماڻهن جي راءِ نه هيڏانهن هوندي ۽ نه هوڏانهن ايترو صبر ڪريو جو ماڻهو سڪون سان ويهن ۽ دليون قرار ۾ اچن ۽ آساني سان حق حاصل ڪري گهجن . توهان منهنجي طرفان مطمئن رهو ، ۽ ڏسندا رهو، ته منهنجو حڪم توهان وٽ ڪهڙو ٿو اچي ، ڪا به اهڙي حرڪت نه ڪريو ، جيڪا طاقت کي ڏڪندڙ ۽ ٽڙڪندڙ ۽ قوت کي پامال ڪري ، ۽ ڪمزوري ۽ خواري جو سبب بڻجي . آءُ هن جنگ کي جيستائين رڪجي سگهي ، روڪيندس ۽ جڏهين ڪو چارو نظر نه ايندو ، ته پوءِ يا آخري علاج ، يا آهي نفعو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 169: جڏهن ( جنگ ) جمل وارن بصره ڏي رخ ڪيو

جڏهن ( جنگ ) جمل وارن بصره ڏي رخ ڪيو ۽تڏهن پاڻ ارشاد فرمائين ته:

بيشڪ الله تعالىٰ پنهنجي رسول کي هادي بڻائي ، ڳالهائڻ واري ڪتاب ۽ برقرار رهڻ واري شريعت سان موڪليو ، جنهن کي تباهہ ۽ برباد ٿيڻو آهي ، اهو ئي ان جي مخالفت سببان تباهہ ٿيندو ، ۽ حق سان مشابهہ ٿيڻ واريون بدعتون ئي تباهہ ڪنديون آهن ، مگر اهي جن ۾ مبتلا ٿيڻ کان پوءِ الله تعالىٰ بچائي رکي بيشڪ الله تعالىٰ جي حجت ( اطاعت ۾) توهان لاءِ حفاظت جو سامان آهي ، بهرنوع توهان هن جي اهڙي اطاعت ڪريو ، جيڪا تنبيهہ جي لائق نہ هجي ، ۽ نہ وري بددلي سان بجا آندي وئي هجي.

خدا جو قسم ! يا تہ توهان کي اها اطاعت ڪرڻي پوندي ، يا الله تعالىٰ اسلامي اقتدار توهان کان منتقل ڪري ڇڏيندو ، ۽ پوءِ وري ڪڏهن بہ توهان کي موٽائي نہ ڏيندو ، تانجو اهو اقتدار ٻين جي طرف رخ موڙيندو ، جيتري قدر انهن ماڻهن جو ، جن جو منهنجي خلافت سان نارضامندي جو تعلق آهي ، سي پاڻ متفق ٿي چڪا آهن ، ۽ مون کي بہ جيستائين توهان جي ڇڙوڇڙ ٿيڻ جو انديشو نہ ٿيندو ، تيسين صبر ڪندو رهندس . جيڪڏهن هو پنهنجي راءِ جي ڪمزوري جي با وجود بہ ان ۾ ڪامياب ٿي ويا ، تہ مسلمانن جو رشتو انتظام ختم ٿي ويندو

اهي ماڻهو انهي شخص تي حسد ڪن ٿا ، جنهن کي الله تعالىٰ امارت ۽ خلافت ڏني آهي . هو هن دنيا جا طلبگار بنجي ويا آهن ، ۽ چاهين ٿا ، تہ شريعت جي سڄني ڳالهين کي ڦيرائي جاهليت جي اڳين دور ڏي ڪري ڇڏيون جيڪڏهن توهان ثابت قدم رهيا تہ توهان جو مون تي اهو حق ٿيندو ، تہ آءُ توهان جي معاملن جي تصفيہ لاءِ الله تعالىٰ جي ڪتاب ۽ پيغمبر صلعم جن جي سيرت تي عمل ڪريان ، ۽ ان جي حق کي قائم ۽ ان جي سنت کي بلند ڪريان.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 170: جڏهن امام امير المومنين عليہ السلام بصري جي ويجهو پهتو

جڏهن امام امير المومنين عليہ السلام بصري جي ويجهو پهتو ، تڏهن اتي جي هڪ جماعت ڪنهن شخص کي ان مطلب لاءِ موڪليو ، تہ وڃي جمل وارن جي لاءِ حضرت جي ارادي کان واقف ٿي اچ ، تہ جيئن انهن جي دلين مان شڪ شبها لهي وڃن . بهرڪيف ، حضرت ان جي سامهون جمل وارن سان پنهنجي رويہ جي وضاحت ڪئي ، جنهن مان ان کي معلوم ٿيو ، تہ حضرت حق تي آهي ، تڏهن کيس فرمايائين تہ :

)جڏهن حق تنهنجي سامهون ظاهر ٿيو تہ هاڻي) بيعت ڪر ! هن چيو تہ آءُ هڪ قوم جو قاصد ٿي آيو آهيان تنهن ڪري جيستائين آءُ انهن ڏي موٽي نہ ويندس تيسين ڪو بہ نئون قدم نہ ٿو کڻي سگهان تڏهن حضرت فرمايو : تہ ڀوءِ ڏس جيڪڏهن اهي ماڻهو جيڪي تنهنجي پٺيان آهن ، سي تو کي ڪٿي بہ اڳواڻ ڪري موڪلين ، تہ تون انهن جي لاءِ اهڙي جڳهہ تلاش ڪر ، جتي برسات پئي هجي ، ۽ تون تلاش کان پوءِ انهن ڏي موٽي وڃين ۽ کين ٻڌائين تہ اتي ساوڪ بہ آهي ۽ پاڻي بہ ۽ اهي تنهنجي مخالفت ڪندي خشڪ ۽ ويران هنڌ جو رخ ڪن تہ پوءِ تون انهي موقعي تي ڇا ڪندي ؟ان چيو تہ انهن جو ساٿ ڇڏي ڏيندس ۽ انهن کان منهن موڙي ساوڪ ۽ پاڻي ڏي هليو ويندس. تڏهن حضرت فرمايو جڏهن ائين آهي تہ بيعت جي لاءِ هٿ وڌاءِ اهو شخص چوي ٿو تہ خدا جو قسم حجت جي قائم ٿيڻ کان پوءِ منهنجي وس ۾ نہ هو تہ آءُ بيعت کان انڪار ڪيان ، بس مون بيعت ڪئي (ان شخص جو نالو ڪليب هيو.(



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 171: صفين ۾ دشمن سان دوبدو ٿي وڙهڻ

جڏهن صفين ۾ دشمن سان دوبدو ٿي وڙهڻ جو ارادو ڪيو ويو تڏهن فرمايائين تہ:

بار الها ! اي ان بلند آسمان ۽ محڪم فضا جا پرودگار جنهن کي تو رات ۽ ڏينهن جي سر لڪائڻ ، سج ۽ چنڊ جي گردش ڪرڻ ۽ هلندڙ ڦرندڙ تارن جي آمد و رفت جي جڳهہ بڻائي آهي ۽ جنهن ۾ رهڻ وارن فرشتن جو اهو گروهہ بڻايو آهي جيڪي تنهنجي عبادت مان نہ ٿا ٿڪجن

اي زمين جا پروردگار جنهن کي تو انسانن جي قيام گاهہ چوپاين ۽ لاتعداد ڏٺل ۽ اڻ ڏٺل مخلوق جي گهمڻ ڦرڻ جي جاءِ بڻايو آهي

اي مضبوط پهاڙن جا پرودگار ، جن کي تو زمين لاءِ ميخ ۽ مخلوقات لاءِ جيئڻ جو سهارو بڻايو آهي

اي الله جيڪڏهن تون اسان کي دشمنن تي غلبو ڏنو تہ ظلم کان اسان جي دامن کي بچائج ۽ حق جي سڌي رستي تي برقرار رکج ۽ جيڪڏهن دشمنن کي اسان تي غلبو ڏنئي ، تہ پوءِ اسان کي شهادت جو درجو نصيب ڪج پڻ حياتي جي فريب کان بچاءِ رکج ڪٿي آهن عزت ۽ آبرو جا پاسبان ۽ ڪٿي آهن مصيبت جي نازل هجڻ وقت ننگ ۽ ناموس جي حفاظت ڪرڻ وارا باغيرت ! جيڪڏهن ڀڄندا تہ ننگ و عار توهان جي پٺيان آهي ۽ جيڪڏهن محڪم رهندا تہ جنت توهان جي سامهون آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 172: جنگ جمل جو ذڪر

جنگ جمل جو ذڪر

سيڪا تعريف ان خدا جي لاءِ آهي ، جنهن کان هڪ آسمان ٻئي آسمان کي ۽ هڪ زمين ٻي زمين کي نہ تي لڪائي

انهي خطبي ۾ فرمايائين تہ :

مون کي هڪ چوڻ واري چيو تہ اي ابن ابي طالب توهان کي تہ هن خلافت جي لالچ آهي تڏهن مون چيو تہ خدا جو قسم تون انهي تي مون کان وڌيڪ حريص آهين ۽ هن منصب جي اهليت کان پري آهين ۽ آءٌ ان جو اهل ۽ پيغمبر کي ويجهو آهيان مون تہ پنهنجو حق طلب ڪيو آهي ۽ تون منهنجي ۽ منهنجي حق جي وچ ۾ اٽڪاءُ تي وجين ٿو ۽ جڏهن بہ آءٌ ان کي حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو تہ تون منهنجو رخ موڙي ڇڏين ٿو سو جڏهن ڀري محفل ۾ مون انهي دليل سان سندس (ڪنن جي پردن) کي کڙڪايو ، تڏهن سجاڳ ٿيو ۽ اهڙي طرح وائڙو ٿي ويو جو ڪيس ڪو بہ جواب ڏيڻ نہ سجهو.

خدايا! آءٌ قريش ۽ انهن جي مددگارن جي خلاف تو کان مدد گهران ٿو ، ڇو تہ انهن غزازت وارو قطع تعلق ڪري ۽ منهنجي مرتبي جي بلندي کي انهن پست سمجهيو ۽ هن (خلافت ) تي جيڪا منهنجي لاءِ مخصوص هئي ، تنهن تان مونسان وڙهڻ لاءِ پاڻ ۾ اتحاد ڪيائون وري چون هيئن ٿا تہ حق تہ ائين آهي ، تہ اها توهان وٺو ۽ پوءِ ايئن بہ چون ٿا ، تہ حق اهو آهي ، تہ توهان ان تان دستبردار ٿي وڃو.

هن خطبي جو هي بہ جزو اصحاب جمل جي باري ۾ آهي:

اهي ماڻهو (مڪي کان) بصره ڏي رخ ڪري اهڙي طرح نڪتا آهن جو رسول الله صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن جي حرمت ۽ ناموس کي ائين ڇڪيندا ٿي وتيا ، جهڙي طرح ڪنهن ٻانهي کي وڪڻڻ لاءِ شهر بہ شهر ڦيرائيندا آهن.

انهن ٻنهي پنهنجن زالن کي تہ گهرن ۾ ويهاري ڇڏيو آهي ۽ رسول لله صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن جي حرم کي پنهنجي ۽ ٻين جي سامهون کلئي منهن وٺي آيا هڪ اهڙي لشڪر ۾ جنهن جو هڪ هڪ



Presented by Ziaraat.Com

فرد منهنجي اطاعت تسليم ڪري چڪو هو ۽ رضا خوشي سان منهنجي بيعت ڪري چڪو هو، اهي ماڻهو بصري ۾ منهنجي (مقرر ڪيل گورنر) عامل ۽ مسلمانن جي بيت المال جي خزانچين ۽ اتي جي ٻين رهاڪن تائين پهچي ويا ۽ ڪن ماڻهن کي جيل ۾ ماري ماري شهيد ڪيائون ۽ ڪن کي حيلي ۽ مڪر سان شهيد ڪيائون.

خدا جو قسم ! جيڪڏهن هو مسلمانن مان فقط هڪڙي بي ڏوهي مسلمان کي ڄاڻي ٻجهي قتل ڪن ها ، ته ان حالت ۾ به مون کي جائز هو ، ته آءُ ان سموري لشڪر کي قتل ڪريان ، ڇو جو اهي موجود هئا ، ۽ انهن نه انهي قتل جي فعل کي برو سمجهو ، ۽ نه زبان ۽ هٿ سان ان جي روڪٿام ڪيائون ، تانجو انهن مسلمانن جا ايترا سمورا ماڻهو قتل ڪيا ويا ، جيترو تعداد خود انهن جي لشڪر جو هو ، جن کي وٺي انهن تي چڙهائي ڪيائون.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 173: خلافت جي انتخاب جو آسان طريقو

خلافت جي انتخاب جو آسان طريقو

اهي ( حضرت محمد صلي الله عليہ و آلہ سلم جن ) الله جي وحي جا امانتدار ، ان جي رسولن مان آخري فرد ، سندس رحمت جي خوشخبري ٻڌائڻ وارا ۽ ان جي عذاب کان پڻ ڊيڄارڻ ورا هئا.

اي انسانو ! سڀني ماڻهن ۾ هن جي خلافت جو اهل اهو آهي ، جيڪو هن (جي انتظام ۽ بندوبست کي برقرار رکڻ ) جي سڀني کان وڌيڪ قوت، طاقت (۽ صلاحيت) رکندو هجي ۽ ان جي باري ۾ الله تعاليٰ جي حڪمن کي سڀني کان زياده ڄاڻندو هجي.

اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن ڪو فتنہ انگيز ، فتنو پيدا ڪري ، تہ ( پهرين ) ان کي توبہ ڪرڻ ۽ موٽي وڃڻ لاءِ چيو وڃي ، پوءِ جيڪڏهن هو انڪار ڪري ، تہ ان سان جنگ ڪئي ويندي ، پنهنجي جان جو قسم ! جيڪڏهن خلافت جي منعقد ٿيڻ لاءِ سموري امت جي سڀني فردن کي هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ سان ٿئي ، تہ ان لاءِ ڪو اعتراض نہ آهي (پر هنن تہ اها صورت رکي هئي تہ ) ان جا ڪرتا ڌرتا ۽ خاص ماڻهو پنهنجي فيصلي جو انهن ماڻهن کي بہ پابند بڻائيندا جيڪي (بيعت جي وقت) موجود نہ هوندا ، ۽ وري موجود ماڻهن کي اهو اختيارنہ هوندو تہ اهي (بيعت کان) انحرافي ڪن ، ۽ نہ وري غير موجود کي اهو حق هوندو ، تہ اهو ڪنهن ٻئي کي منتخب ڪري، ڏسو تہ!

آءُ ٻن شخصن سان ضرور جنگ ڪندس ، هڪ اهو جيڪو اهڙي شيءِ جي دعويٰ ڪري ، جيڪا ان جي نہ هجي ، ۽ ٻيو اهو جيڪو پنهنجي ڪيل انجام تي پابند نہ رهي.

هن خطبي جو هڪ هي بہ حصو آهي:

اي الله تعاليٰ جا بندؤ ! آءُ توهان کي تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي هدايت ڪريان ٿو، ڇو تہ بندا جن ڳالهين جي هڪٻئي کي هدايت ڪندا آهن ، تن مان تقويٰ سڀ کان بهتر ۽ (جيڪا) الله وٽ بہ سڀني ڳالهين جي نتيجن کان بهتر ۽ افضل آهي .توهان جي ۽ ٻين اهل قبلہ جي وچ ۾ جنگ جو دروازو کلي ويو آهي ۽ هن (جنگ) جي جهنڊي کي اهو ئي کڻندو، جيڪو نظر رکڻ وارو (مصيبتن تي) صبر ڪرڻ وارو ۽ حق جي مقامات کي سڃاڻڻ وارو هوندو. توهان کي جيڪو حڪم ڪيو وڃي، تنهن تي عمل ڪريو، ۽ جنهن



Presented by Ziaraat.Com

ڳالھ کان منع ڪئي وڃي، سا نہ ڪريو ۽ ڪنهن بہ ڳالھ ۾ تڪڙ نہ ڪريو، جيستائين ان کي چڱي طرح نہ سوچيو سمجھو. مون کي انهن ڳالھين ۾، جن تي توهان ناپسنديدگي جو اظهار ڪريو ٿا، غير معمولي انقلابن جو انديشو رهي ٿو. ڏسو! هي دنيا جنهن جي توهان تمنا ڪريو ٿا ۽ جنهن جي طرف خواهش ۽ رغبت سان وڌو ٿا، جيڪا ڪڏهن توهان کي ڪاوڙ بہ ڏياري ٿي ۽ ڪڏهن توهان کي خوش ڪري ٿي (سو) توهان جو (اصلي) گھر نہ آهي ۽ نہ وري اها منزل آهي، جنهن جي لاءِ توهان پيدا ڪيا ويا آهيو ۽ نہ اها جڳھ آهي، جنهن جي طرف توهان کي دعوت ڏني وئي آهي، ڏسو! اها توهان لاءِ باقي ( هميشہ) رهڻ واري نہ آهي ۽ نہ توهان ان ۾ هميشہ رهڻ وارا آهيو. جيڪڏهن هن توهان کي پنهنجي سجاوٽ سان فريب ڏنو آهي، تہ پنهنجي براين کان بہ خوف ڏياريو آهي.

تنهن ڪري توهان ان جي ديچارڻ کان متاثر ٿي، ان جي فريب ۾ نہ اچو ۽ ان جي خوفزده ڪرڻ جي بِنا تي ان جي طمع ۾ نہ اَچو. ان گھر جي طرف وڌو، جنهن جي توهان کي دعوت ڏني وئي آهي ۽ هن دنيا تان پنهنجي دلين کي ڪٽي ڇڏيو. توهان مان ڪوبہ شخص دنيا جي ڪنهن بہ شيءِ جي رڪجي وڃڻ تي ڇوڪرين وانگر نہ روئي. الله تعالیٰ جي اطاعت تي صبر ڪندي ۽ جن شين جي هن پنهنجي ڪتاب ۾ توهان کان حفاظت گھري آهي، تنهن جي حفاظت ڪندي، ان جي نعمتن جي تڪميل گھرو.

ڏسو! جيڪڏهن توهان دين جا اصول محفوظ رکيا، تہ پوءِ دنيا جي ڪنهن بہ شيءِ کي وڃائي ويهڻ توهان کي نقصان نہ پهچائي سگھندو، پر دين کي ضايع ۽ برباد ڪرڻ کانپوءِ توهان کي دنيا جي ڪابہ اهڙي شيءِ نفعو نہ پهچائيندي، جنهن کي توهان محفوظ ڪيو هجي. الله تعالیٰ اسان جي ۽ توهان جي دلين کي حق جي طرف متوجھ ڪري ۽ اسان کي ۽ توهان کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 174: طلحہ ابن عبيد اللہ جي باري ۾

طلحہ ابن عبيد الله جي باري ۾ فرمايائين تہ:

مون کي تہ ڪڏهن بہ جنگ ۽ جدل کان ڌمڪائي ۽ ڊيڄاري نہ سگهيا آهن. آءٌ پنهنجي پروردگار جي ڪيل، نصرت جي وعدي تي مطمئن آهيان. خدا جو قسم! تہ هو عثمان جي خون جي بدلي وٺڻ لاءِ نڪتل تلوار وانگر اٿي کڙو ٿيو آهي. ان ڪري جو هن کي اهو خوف آهي، تہ متان ڪائنس ان ( عثمان) جي خون جو مطالبو نہ ٿيڻ لڳي، ڇو جو (عوام جو) يقين ۽ پڪو ارادو سندس ئي متعلق آهي، ۽ اها حقيقت بہ آهي، تہ (قتل ڪرڻ واري) جماعت ۾ هن کان وڌيڪ ان جي خون جو پياسو ٻيو ڪوبہ نہ هو، سو هن خون جي عيوض وٺڻ جي سلسلي ۾ جيڪي فوجون گڏ ڪيون آهن، تنهن مان سندس مقصد اهو آهي، تہ عوام کي مغالطي ۾ وجهي، تہ جيئن اصل حقيقت شڪي حالت ۾ ٿي وڃي. خدا جو قسم! (هن) عثمان جي معاملي ۾ انهن ٽن ڳالهين مان، هڪ ڳالهہ تي بہ عمل نہ ڪيو. جيڪڏهن ابن عفان، سندس خيال مطابق ظالم هو تہ (ان صورت ۾) کيس مناسب هو، تہ ان جي قاتلن جي مدد ڪري ها يا سندس مددگارن کان عليحدگي اختيار ڪري ها، ۽ جيڪڏهن هو مظلوم هو، تہ ان صورت ۾ هن لاءِ مناسب هو، تہ ان جي قتل کان روڪڻ وارن ۽ ان جي طرفان عذر ۽ معذرت ڪرڻ وارن مان هجي ها، ۽ جيڪڏهن انهي ٻنهي ڳالهين مان کيس شڪ هو، تہ ان حالت ۾ کيس مناسب هو، تہ انهن کان ڪناره ڪش ٿي، ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ويهي رهي ها، ۽ اهي ڳالهيون عوام جي هٿن ۾ ڇڏي ڏي ها. (تہ اهي ڄاڻن ۽ انهن جو ڪم)، ليڪن هن انهن ڳالهين مان هڪ تي بہ عمل نہ ڪيو، بلڪ هڪ اهڙي ڳالهہ کي کڻي، سامهون ٿيو آهي، جنهن جي نہ صحت جي ڪا صورت آهي، ۽ نہ وري ڪو ان جو عذر درست آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 175: حضرت علي المرتضيٰ ۽ علم غيب

حضرت علي المرتضيٰؑ ۽ علم غيب

اي غافلؤ! جن جي طرفان غفلت نٿي ڪئي وڃي، ۽ اي ڇڏي ڏيڻ وارؤ! جن کي نہ ڇڏيو ويندو، تعجب آهي، تہ آءٌ توهان کي انهي حالت ۾ ڏسان ٿو، تہ توهان الله تعالىٰؑ کان پري ٿيندا وڃو ٿا ۽ ٻين جي طرف شوق سان وڌندا وڃو ٿا. گويا توهان اهي اٺ آهيو، جن کي جت هڪ تباه ڪرڻ واري گاه جي ميدان ۽ برباد ڪرڻ واري گهاٽ تي آندو هجي. هي انهن چوپائي مال وانگر آهن، جن کي ڇرين سان ذبح ڪرڻ وقت، ڏارو گاه ڏنو ويندو هجي، ۽ انهن کي اهو معلوم نہ هجي، تہ جڏهن انهن سان سٺو برتاءُ ڪيو وڃي ٿو، تہ ان مان اصل مقصد سندن ڇا آهي. اهي تہ پنهنجن ڏينهن کي پنهنجو پورو زمانو سمجهن ٿا، ۽ پيٽ ڀري کائڻ ئي پنهنجو ڪم سمجهن ٿا.

خدا جو قسم! تہ جيڪڏهن آءٌ ٻڌائڻ چاهيان، تہ توهان مان هر شخص کي ٻڌائي سگهان ٿو، تہ هو ڪٿان آيو آهي، ۽ هن کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي، ۽ هن جا سمورا حالات ڪهڙا آهن، ليڪن مون کي اهو انديشو آهي، تہ توهان مون ۾ (گم ٿي) پيغمبر صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن سان ڪفر اختيار ڪندؤ.

البتہ آءٌ پنهنجي مخصوص دوستن تائين اهي ڳالهيون ضرور پهچائيندس، جن جي ڀٽڪجي وڃڻ جو انديشو ناهي. ان ذات جو قسم! جنهن پيغمبر جن کي حق سان مبعوث فرمائي ۽ سموري مخلوقات مان کين منتخب فرمايو.

آءٌ جيڪي ڪجهہ چوان ٿو، سو سچ ٿو چوان، تہ مون کي رسول الله صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن انهن سمورين ڳالهين ۽ تباه ٿيڻ وارن جي تباهين ۽ نجات حاصل ڪرڻ وارن جي نجاتن ۽ انهي امر (خلافت) جي انجام جون پڻ خبرون ٻڌايائون، ۽ هر اها ڳالهہ جيڪا سر تي ٿي گذرندي، تنهن کي بہ منهنجي ڪنن تائين پهچائڻ ۽ مون تائين پهچائڻ بغير نہ ڇڏيائون.

اي انسانؤ! خدا جو قسم! تہ آءٌ توهان کي ڪنهن اطاعت ڪرڻ تي آماده نٿو ڪريان، پر توهان کان پهرين آءٌ ئي ان طرف وڌان ٿو، ۽ ڪنهن گناه کان توهان کي نٿو روڪيان، مگر اهو ائين، تہ توهان کان پهرين آءٌ خود ان کان باز رهان ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 176: قرآن مقدس

قرآن مقدس

خداوند عالم جي ارشادن مان فائدو حاصل ڪريو، ۽ ان جي وعظن مان نصيحتون پرايو، ۽ ان جي نصيحتن کي مڃو، ڇو جو هن واضح دليلن سان توهان لاءِ ڪنهن بہ عذر جي گنجائش نہ رکي آهي، ۽ توهان تي ( چڱي طرح) حجت کي پورو ڪري ڇڏيو آهي، ۽ پنهنجا پسنديده خواه ناپسند اعمال توهان کي ٻڌائي ڇڏيا آهن، تہ جيئن نيڪ اعمال بجا آڻيو ۽ برن ڪمن ڪرڻ کان بچو. رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو ارشاد آهي، تہ جنت ڏکين ڳالهين (۽ شرعي پابندين) ۾ گهريل آهي، ۽ وري دوزخ خواهشن ۾ وڪوڙيل آهي. ياد رکو! تہ الله تعالیٰ جي هر اطاعت ناگوار صورت ۾ ۽ ان جي هر معصيت عين خواهش بڻجي سامهون اچي ٿي. خدا ان شخص تي رحمت ڪري، جنهن خواهش کان دوري اختيار ڪئي ۽ پنهنجي نفس جي هوا و هوس کي جڙ بنياد کان پٽي ڇڏيائين، ڇو جو نفس خواهشن ۾ لا محدود درجي تائين وڌڻ وارو آهي، ۽ هو هميشہ خواهشن ۽ گناهن جي آرزو ڏانهن مائل ٿئي ٿو.

الله جا بندؤ! توهان کي معلوم هئڻ گهرجي، تہ مومن (زندگي جي) صبح ۽ شام جو پنهنجي نفس کان بد گمان رهي ٿو، ۽ ان تي ڪوتاهين جو الزام لڳائي ٿو، ۽ ان کان (عبادتن ۾) اضافي جو خواهشمند رهي ٿو. توهان انهن ماڻهن وانگر ٿيو، جيڪي توهان کان پهرين اڳتي وڌي چڪا آهن، ۽ توهان کان پهرين انهي رستي تان گذري چڪا آهن. هنن دنيا مان اهڙي طرح پنهنجي سفر جو ثمر پٽو، جهڙي طرح مسافر پنهنجو لڏو ڪٽندو آهي، ۽ دنيا کي اهڙي طرح طئي ڪيائين جهڙي طرح (سفر جي) منزلن کي. ياد رکو، تہ هي قرآن اهڙو نصيحت ڪرڻ وارو آهي، جيڪو فريب نٿو ڏئي، ۽ اهڙي هدايت ڪرڻ وارو آهي، جيڪو گمراهہ نٿو ڪري ۽ اهڙو بيان ڪرڻ وارو آهي، جيڪو ڪوڙ نٿو ڳالهائي. جيڪو بہ هن قرآن جو همہ نشين ٿيو، سو هدايت کي وڌائي ۽ ضلالت ۽ گمراهي کي گهٽائي، ان کان الڳ ٿيو، سمجهي ڇڏيو، تہ ڪنهن کي بہ قرآن (جي تعليمات) کانپوءِ (ڪنهن) ٻئي لائحہ عمل جو احتياج نٿو رهي، ۽ نہ وري قرآن مان (ڪجهہ سکڻ) کان پهرين ان کان بي نياز ٿي سگهي ٿو. هن کان پنهنجن بيمارين جي شفا گهرو ۽ پنهنجي مصيبتن تي هن کان مدد گهرو. هن ۾ ڪفر ۽ نفاق، هلاڪت ۽ گمراهي جهڙن وڏن وڏن مرضن جي شفا ملي ٿي. هن جي ئي وسيلي سان الله تعالیٰ کان گهرو ۽ هن جي دوستي کي حاصل ڪري ان ڏي رخ ڪريو، ۽ هن کي ماڻهن کان گهرڻ جو ذريعو نہ بڻايو. يقناً بندن جي لاءِ الله جي طرف متوجہ ٿيڻ جو هن جهڙو



Presented by Ziaraat.Com

ڪو ٻيو ذريعو نہ آهي. توهان کي معلوم هئڻ گهرجي، تہ قرآن اهڙي شفاعت ڪرڻ وارو آهي، جنهن جي شفاعت مقبول ۽ اهڙو ڪم ڪرڻ وارو آهي (جنهن جي هر ڳالهہ) تصديق ٿيل آهي، قيامت جي ڏينهن جنهن جي هي شفاعت ڪندو، تہ اها ان جي حق ۾ مڃي ويندي، ۽ ان ڏينهن جنهن جا عيب ٻڌائيندو، تہ ان جي باري ۾ بہ سندس قول جي تصديق ڪئي ويندي. قيامت جي ڏينهن هڪ ندا ڏيڻ وارو پڪاري چوندو، تہ ڏسو! قرآن جي پوک پوکڻ وارن کانسواءِ هر ٻيو پوکڻ وارو پنهنجي پوک ۽ پنهنجي اعمال جي نتيجي ۾ مبتلا آهي، تنهن ڪري توهان قرآن جي پوک پوکڻ وارا ۽ ان جي پيروي ڪرڻ وارا ٿيو، ۽ پنهنجي پروردگار تائين پهچڻ لاءِ ان کي راه جو دليل بڻايو، ۽ پنهنجي نفسن جي لاءِ ان مان پند و نصيحت پرايو، ۽ ان جي مقابلي ۾ پنهنجي خواهشن کي غلط ۽ فريب خورده سمجهو، عمل ڪريو، ۽ عاقبت ۽ پنهنجي پڇاڙي تي نظر ڪري، سدا سنوان ۽ برقرا رهو، ۽ پوءِ اهو تہ، صبر ڪريو، صبر ڪريو، تقويٰ ۽ پرهيزگاري اختيار ڪريو. توهان جي لاءِ هڪ آخري منزل آهي، پاڻ کي اوستائين پهچايو ۽ توهان جي لاءِ اهو هڪ نشان آهي، تنهن کان هدايت حاصل ڪريو. اسلام جي هڪ حد آهي، توهان ان حد ۽ انتها تائين پهچو. الله تعاليٰ جن بہ حقن جي ادائگي کي توهان تي فرض ڪيو آهي، ۽ جن فرضن بابت توهان کي ٻڌايو اٿس، تن کي ادا ڪري پنهنجا فرض پورا ڪريو. آءٌ توهان جي اعمالن جو گواه ۽ قيامت جي ڏينهن توهان جي طرفان حجت پيش ڪرڻ وارو آهيان.

ڏسو! جيڪي ڪجهہ ٿيڻ وارو هو، سو ٿي چڪو، ۽ جيڪو خدائي فيصلو هو سو سامهون اچي ويو. آءٌ الهي وعدي ۽ ثابتي جي لحاظ کان ڳالهايان ٿو. الله تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ: بيشڪ اهي ماڻهو، جن چيو تہ اسان جو پروردگار الله تعاليٰ آهي، تہ پوءِ هو انهي (عقيدي) تي مستحڪم رهيا. انهن تي فرشتا لهن ٿا، ۽ (کين چون ٿا تہ) توهان خوف نہ ڪريو ۽ غمگين نہ ٿيو. توهان کي ان جنت جي بشارت هجي، جنهن جو توهان سان وعدو ڪيو ويو آهي. هاڻي توهان جو اهو قول آهي، تہ اسان جو پروردگار الله تعاليٰ آهي، تہ پوءِ ان جي ڪتاب ۽ ان جي شريعت جي راه ۽ ان جي عبادت نيڪ طريقي تي قائم رهو، ۽ پوءِ ان کان نڪري نہ وڃو، ۽ نہ ان ۾ بدعتون پيدا ڪريو، ۽ نہ ان جي خلاف هلو. ان ڪري جو انهي راه کان نڪري وڃڻ وارا قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ (جي رحمت) کان جدا ٿيڻ وارا آهن. پوءِ توهان، پنهنجي اخلاق ۽ اطوار کي بدلائڻ ۽ انهن کي بدل سدل ڪرڻ کان پرهيز ڪريو. دوزخي، وهم ۽ وسواس کان بچندا رهو، ۽ هڪ زبان وارا ٿيو. انسان کي گهرجي، تہ هو پنهنجي زبان کي قابو ۾ رکي، ان ڪري جو اها پنهنجي مالڪ سان زور آوري ڪرڻ واري آهي.



Presented by Ziaraat.Com

خدا جو قسم! مون ڪنهن به پرهيزگار کي نه ڏٺو، جنهن لاءِ تقويٰ مفيد ثابت ٿي هجي، پر فقط ان حالت ۾ جيستائين هن پنهنجي زبان جي حفاظت نه ڪئي هجي، بيشڪ، مومن جي زبان سندس دل جي پٺيان آهي ۽ منافق جي دل ان جي زبان جي پٺيان آهي، ڇو جو مومن جڏهن به ڳالهائڻ چاهي ٿو، ته پهرين ان کي دل ۾ سوچيندو آهي، پوءِ جيڪڏهن اها ڳالهه چڱي هوندي آهي، ته ان کي ظاهر ڪندو آهي، پر جيڪڏهن بري هوندي آهي، ته ان کي لڪل ئي رهڻ ڏيندو آهي، ۽ منافق جي زبان تي جيڪي ايندو اٿس، سو چئي ڏي ٿو. کيس اها خبر نه پوندي آهي، ته ڪهڙي ڳالهه سندس حق ۾ مفيد آهي، ۽ ڪهڙي نقصانڪار، رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو آهي ته: ڪنهن به بندي جو ايمان ان وقت تائين مستحڪم نٿو ٿئي، جيستائين ان جي دل مستحڪم نه هوندي. ۽ دل ان وقت تائين مستحڪم نٿي ٿئي جيستائين زبان مستحڪم نه هوندي. بهرنوع، توهان مان جنهن کان ٿي سگهي، ته هو الله تعالىٰ جي حضور ۾ اهڙي طرح پهچي، جو ان جو هٿ مسلمانن جي خون ۽ انهن جي مال کان پاڪ صاف هجي، ۽ ان جي زبان انهن جي آبرو ريزي کان محفوظ رهي هجي،ته ان کي ائين ئي ڪرڻ گهرجي.

الله تعالىٰ جا بندؤ! ياد رکو، ته مومن هن سال به انهي شيءِ کي حلال ٿو سمجهي، جنهن شيءِ کي پر سال حلال سمجهي چڪو آهي، ۽ هن سال به انهي شيءِ کي حرام ٿو چوي جنهن کي گذشته سال به حرام ڪري چڪو آهي ۽ ياد رکو! ته ماڻهن جون پيدا ڪيل بدعتون انهن شين کي جيڪي الله تعالىٰ جي طرفان حرام آهن، تن کي حلال نٿيون ڪري سگهن، بلڪ حلال اها آهي، جنهن کي الله تعالىٰ حلال ڪيو آهي ۽ حرام اهو آهي، جنهن کي الله تعالىٰ حرام ڪيو آهي. توهان سمورين شين کي تجربي ۽ آزمايش سان پرکي چڪا آهيو ۽ اڳين ماڻهن کان به توهان کي پند و نصيحت ڪئي وئي آهي ۽ (حق ۽ باطل) جا مثال به توهان جي سامهون پيش ٿي چڪا آهن ۽ واضح حقيقتن جي طرف توهان کي دعوت ٿي چڪي آهي. هاڻي هن آواز جي ٻڌڻ کان لاچار ۽ مجبور اهو ٿي سگهي ٿو، جيڪو واقعي ٻوڙو هجي، ۽ ان جي ڏسڻ کان معذور سمجهيو ويندو، جيڪو انڌو هجي ۽ جنهن کي الله تعالىٰ جي آزمائشن ۽ تجربن مان فائدو نه پهچي، سو ڪنهن به پند و نصيحت مان فائدو حاصل نٿو ڪري سگهي. ان کي نقصان ۽ خسارا در پيش ٿيندا، تانجو هو برين ڳالهين کي نيڪ ۽ نيڪ ڳالهين کي بريون سمجهندو. جيئن ته ماڻهو ٻن قسمن جا ٿين ٿا، هڪڙا شريعت جا پيروڪار ۽ ٻيا بدعت ساز، جن وٽ نه پيغمبري سنت جي ڪا سَند هوندي آهي ۽ نه وري دليل ۽ ثابتي جي ڪا روشني. بيشڪ، الله تعالىٰ سبحانه ڪنهن کي به اهڙي نصيحت نه ڪئي، جيڪا قرآن وانگر هجي، ڇو جو هي الله تعالىٰ جي مضبوط رسي ۽ امانتدار وسيلو



Presented by Ziaraat.Com

آهي. انهي ۾ ئي دل جون بهاريون ۽ علم جا سر چشما آهن. انهي سان دل جي (آئيني) تي روشني ٿئي ٿي. باوجود ان جي ياد ڪرڻ وارا گذري ويا ۽ وسارڻ وارا يا ويسر ۾ وجهڻ وارا باقي رهجي ويا آهن. هاڻي توهان جو ڪم اهو آهي ته ڀلائي کي ڏسو ته ان کي تقويت، طاقت پهچايو ۽ برائي کي ڏسو ته ان کان (پاسو ڪري) پڇي پري ٿيو. انهي ڪري جو رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن جو ارشاد آهي ته: اي آدم جا اولاد! نيڪ ڪم ڪريو ۽ براين کي ڇڏي ڏيو. جيڪڏهن توهان ائين ڪيو ته توهان نيڪ هلت چلت وارا ۽ صحيح راه تي آهيو. ڏسو! ظلم ٽن قسمن جا ٿين ٿا، هڪڙو ظلم اهو جيڪو بخشيو نه ويندو ۽ ٻيو ظلم اهو جنهن جو (مواخذه) حساب وٺڻ نه ڇڏيو ويندو ۽ ٽيون ظلم اهو جيڪو بخشيو ويندو ۽ ان جي پڇا ڳاڇا نه ٿيندي، ليڪن اهو ظلم، جيڪو بخشيو نه ويندو سو آهي الله سان ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ. جيئن الله سبحانه جو ارشاد آهي ته: الله تعالىٰ ان گناه کي نٿو بخشي جنهن ان سان شرڪ ڪيو ۽ اهو ظلم جيڪو بخشيو ويندو سو اهو آهي جيڪو بندو، ننڍين ننڍين گناهن جو مرتڪب ٿي پنهنجي نفس تي ڪري ٿو ۽ اهو ظلم جنهن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي، سو بندن جو هڪٻئي تي ظلم ۽ زيادتي ڪرڻ آهي، جنهن جو آخرت ۾ سخت بدلو ورتو ويندو. اهو عذاب چرين سان يا چير ڏيڻ يا ڦٽڪن هڻڻ سان نه آهي، بلڪ هڪ اهڙو سخت عذاب آهي جنهن جي مقابلي ۾ اهي ٻيا عذاب ڪجهه به نه آهن. خدا جي دين ۾ رنگ بدلائڻ کان بچو، چو جو توهان جو حق تي اتحاد ڪرڻ، جنهن کي توهان ناپسند ڪريو ٿا، سو باطل رستن تي ورڇجي وڃڻ، توهان کي پنهنجي محبوب مشغلي کان بهتر آهي.

تحقيق، الله سبحانه اڳين ۽ پوين مان ڪنهن کي به (متفرق) جدا جدا ۽ پريشان ٿيڻ سان ڪا ڀلائي نه ڏني.

اي انسانو! مبارڪ جي لائق اهو شخص آهي جنهن کي پنهنجا عيب ٻين جي عيبن کولڻ کان باز رکن ۽ مبارڪباد جي قابل اهو شخص آهي جيڪو پنهنجي گهر (جي ڪنڊ) ۾ ويهي رهي ۽ جيڪو ڪاڏو ملي سو کائي ۽ پنهنجي الله جي عبادت ۾ لڳو رهي، بلڪ پنهنجي گناهن تي ڳوڙها ڳاڙي ۽ اهڙي طرح بس هو پنهنجي ذات جي فڪر ۾ رهي جو ٻيا ماڻهو ان کان آرام ۾ رهن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 177: حڪمين جي باري ۾

حڪمين جي باري ۾ ارشاد فرمايائين تہ:

توهان جي جماعت ٻن شخصن کي چونڊڻ لاءِ راءِ ڏني هئي، جيئن تہ اسان انهي ٻنهي کان اهو عهد ورتو هو تہ هو قرآن جي مطابق عمل ڪن ۽ ان کان تر جيترو بہ پري نہ ٿين ۽ انهن جون زبانون ان سان هم نوا ۽ انهن جون دليون ان جي پيروي ڪندڙ رهن، مگر هو قرآن کان گمراهہ ٿي ويا ۽ حق کي ڇڏي ويٺا، حالانڪ اهو سندن نگاهن جي سامهون هو. ظلم انهن جي عين خواهش ۽ ڪجروي انهن جي روش هئي. حالانڪ اسان انهن سان پهريائين طئي ڪري ڇڏيو تہ هو عدل ۽ انصاف سان فيصلو ڪندا ۽ حق تي عمل ڪرڻ ۾ بد نيتي ۽ نا انصافي کي دخل نہ ڏيندا. هاڻي جڏهن انهن حق جي راهہ کان انڪار ڪيو آهي ۽ طئي ٿيل انجامن جي بر عڪس حڪم ڪيا اٿن تہ پوءِ اسان جي هٿن ۾ بہ (انهن جي فيصلي کي ٺڏي ڇڏڻ لاءِ) هڪ مضبوط دليل (۽ معقول سبب) موجود آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 178: ظاهري آغازِ خلافت

ظاهري آغازِ خلافت

خداوند عالم ڪي هڪڙي حالت ٻي حالت ۾ نٿي آڻي ۽ نہ زمانو ڪا اُن ۾ تبديلي پيدا ڪري ٿو. نہ وري ڪا جڳهہ ان کي گهيري ٿي ۽ نہ زبان ان جي وصف بيان ڪري سگهي ٿي. هن کان پاڻي جي قطرن ۽ آسمان جي ستارن ۽ نهايت تيز هوائن جي جهڪن جو شمار لسي پٿر تي ڪيولي جي هلڻ جو آواز ۽ اونداهي رات ۾ ننڍين ڪيولين جي رهڻ جي جڳهہ پوشيده نہ آهي.

هو (الله) پنن جي ڪرڻ وارين جاين ۽ اکين جي لڪل اشارن کي پڻ ڄاڻي ٿو. آءٌ شاهدي ڏيان ٿو تہ الله کان سواءِ ڪوبہ معبود نہ آهي، نہ ان جو ڪو همسر آهي نہ ان جي هستي ۾ ڪو شبهہ آهي، نہ ان جي دين کان ڪا انحرافي ٿي سگهي ٿي ۽ نہ ان جي پيدا ڪرڻ کان انڪار هي ان شخص جهڙي گواهي آهي جنهن جي نيت سچي، باطن پاڪيزه، يقين (شڪ شبهن کان) پاڪ ۽ انجي (نيڪ اعمالن جو) پلڙ ڳرو هجي ۽ گواهي ڏيان ٿو تہ محمد صلعم جن ان جا عبد ۽ رسول آهن ۽ مخلوقات ۾ منتخب شريعت جي ٻڌائڻ ۾ برگزيدا وڏن وڏن بزرگن ۾ مخصوص ۽ عمدن پيغامن ( جي پهچائڻ) لاءِ منتخب آهن. سندن ذريعي سان هدايتن جا نشانات روشن ڪيا ويا ۽ گمراهين جي اونداهين کي ڇنڊي ننڊو ڪيو ويو.

اي انسانؤ! جيڪو شخص دنيا جون تمنائون ڪري ٿو ۽ ان ڏي ڇڪجي وڃي ٿو تنهن کي آخر ۾ اها فريب ڏي ٿي ۽ جيڪو ان جو خواهشمند ٿئي ٿو، تنهن سان بخل نٿي ڪري ۽ جيڪو ان تي ڇانئجي وڃي ٿو سو ان تي قابض ٿئي ٿو.

الله تعالیٰ جو قسم! تہ جن ماڻهن وٽ زندگي جون تر و تازه ۽ شاداب نعمتون هيون ۽ پوءِ انهن جي هٿن مان نڪري ويون تہ اها انهن جي گناهن جي مرتڪب ٿيڻ جي سزا آهي ڇو تہ الله تعالیٰ تہ ڪنهن تي ظلم نٿو ڪري، جيڪڏهن ماڻهو ان وقت جڏهن انهن تي مصيبتون اچي رهيون هجن ۽ نعمتون بہ انهن کان زائل ٿي رهيون هجن، تہ پوءِ صدق نيت ۽ دل جو رجوع سان پنهنجي رب جي طرف متوجہ ٿين، تہ جيئن هو (مالڪ) برباد ٿيڻ وارين نعمتن کي وري ان جي طرف واپس ڪندو، ۽ هر خرابي جي اصلاح ڪندو.



Presented by Ziaraat.Com

مون کي توهان کان اهو انديشو آهي تہ ڪٿي توهان جهالت ۽ ناداني ۾ نہ پئجي وڃو. ڪجھ واقعات اهڙا ٿي گذريا آهن ، جن ۾ توهان نامناسب جذبن کان ڪم ورتو آهي. مون وٽ توهان ساراهڻ جوڳا نہ رهيا آهيو. جيڪڏهن توهان کي پهرين روش تي وري آندو وڃي، تہ توهان يقينن نيڪ بخت ۽ سعادتمند بنجي ويندو، منهنجو ڪم تہ فقط ڪوشش ڪرڻ آهي. جيڪڏهن آءُ ڪجھ چوڻ چاهيان، تہ البتہ اهو ئي چوندس، تہ الله تعالیٰ (توهان جي) گذشتہ خطائن کي درگزر ڪري.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 179: ذِعلَب يماني جو سوال

ذِعلَب يماني، جناب امير المومنين کان پڇو، تہ چا توهان پنهنجي پروردگار کي ڏٺو آهي؟ تڏهن پاڻ جواب ۾ فرمايائين، تہ چا آءٌ ان الله تعاليٰ جي عبادت ڪريان ٿو، جنهن کي مون ڏٺو بہ ناهي؟ (هن پڇو) پلا توهان ڪيئن ٿا ڏسو؟ تڏهن پاڻ ارشاد فرمايائين تہ:

اکيون ان کي ظاهر ظهور نہ ٿيون ڏسن ، بلڪ دل ايماني حقيقتن سان ان کي سڃاڻي ٿي. هو هر شيءِ کان ويجهو آهي، ليڪن جسماني ملڻ جلڻ جي طور تي نہ، هو هر شيءِ کان پري آهي، مگر جدا ناهي. هو غور فڪر ڪرڻ کان سواءِ ڪلام ڪرڻ وارو ۽ بغير آمادگي جي قصد ۽ ارادي ڪرڻ وارو ۽ بغير اعضاءِ (جي مدد) جي، خلقڻ وارو آهي. هو لطيف آهي، ليڪن پوشيدگي سان ان کي موصوف نٿو ڪري سگهجي. هو بزرگ ۽ برتر آهي مگر تند خوئي ۽ بدخلقي جي صفت ان ۾ نہ آهي. هو ڏسڻ وارو آهي مگر حواسن سان ان کي موصوف نہ ٿو ڪري سگهجي. هو رحم ڪرڻ وارو آهي مگر ان صفت کي نرم دلي سان تعبير نہ ٿو ڪري سگهجي. چهرا ان جي عظمت جي اڳيان ذليل ۽ خوار ۽ دليون ان جي خوف کان لرزان ۽ هراسان آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 180: لشڪر کي خطاب

لشڪر کي خطاب

پنهنجي اصحابن جي شڪايت ۾ فرمايائين ته:

آءُ الله جي حمد ۽ ثنا ڪريان ٿو انهي امر تي، جنهن جو هن فيصلو ڪيو آهي ۽ هر انهي ڪم تي جيڪو سندس تقدير طئي ڪيو هجي ۽ ان آزمائش تي جيڪا توهان جي هٿان ان منهنجي ڪئي آهي. اي انسانو! جن کي ڪو به حڪم ڏيان ٿو ته نافرماني ڪن ٿا ۽ سڏيان ٿو ته منهنجي سڏ تي لبيڪ نه ٿا چون. جيڪڏهن توهان کي (جنگ کان) ڪجهه مهلت ملي ٿي ته ڊاڙون هڻندا وتو ۽ جيڪڏهن جنگ ٿيڻ لڳي ٿي، ته بزدلي ڏيکاريو ٿا ۽ جڏهن ماڻهو امام سان اتحاد ڪن ٿا، ته پوءِ توهان انهن تي ڪل ٺٺوليون ڪري برو پلو چئو ٿا. ۽ جيڪڏهن توهان کي (ڀڄي قابو ڪري) جنگ جي طرف آندو وڃي ٿو ته پوئين پيرين پڇي وڃو ٿا. توهان جي دشمنن جو برو (حال) ٿئي. توهان هاڻي نصرت جي لاءِ آماده ٿيڻ ۽ پنهنجي حق جي لاءِ جهاد ڪرڻ ۾ ڪهڙي ڳالهه جا منتظر آهيو. موت جا يا پنهنجي ذلت ۽ رسوائي جا؟ خدا جو قسم! جيڪڏهن منهنجي موت جو ڏينهن ايندو، ۽ البته اچي رهندو ته اهو منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ جدائي آڻيندو. ان حالت ۾ جو آءُ توهان جي همنشيني کان بيزار ۽ (توهان جي گهڻائي هوندي به) اڪيلو آهيان. هاڻي توهان کي الله تعالىٰ ئي اجر ڏي. ڇا ڪو به دين توهان کي ڪنهن هڪ مرڪز تي گڏ نه ٿو ڪري. ۽ غيرت توهان کي (دشمن جي روڪڻ تي) آماده نه ٿي ڪري. ڇا اها عجب ڳالهه نه آهي ته معاويو ڪن تند مزاج ۽ رزيلن کي دعوت ڏي ٿو ۽ اهي بغير ڪنهن امداد، مدد ۽ بخشش ۽ عطا جي هن جي پيروي ڪن ٿا، ۽ آءُ توهان کي امداد کان سواءِ توهان جي مقرر ڪيل عطين سان دعوت ڏيان ٿو، مگر توهان مون کان پريشان ۽ منتشر ٿي وڃو ٿا. ۽ مخالفتون ڪريو ٿا. حالانڪه توهان اسلام جا رهيل کهيل فرد آهيو ۽ مسلمانن مان باقي بچيل آهيو. توهان منهنجي ڪنهن به فرمان تي نه راضي ٿيو ٿا ۽ نه ان تي متحد ٿيو ٿا، پوءِ چاهي اهو توهان جي جذبات جي موافق هجي يا مخالف. آءُ جن ڳالهين جي مقابلي ڪرڻ وارو آهيان تن مان سڀ کان زياده محبوب مون کي موت آهي. مون توهان کي قرآن جي تعليم ڏني ۽ دليلن ۽ ثابتين سان توهان جي وچ ۾ فيصلا ڪيم، ۽ انهن ڳالهين کان توهان کي روشناس ڪيم جن کي توهان نه ڄاڻندا هئا. ۽ انهن شين کي توهان لاءِ خوشگوار بڻايم جن کي توهان ٿوڪاري ڇڏيندا هئا.



Presented by Ziaraat.Com

ڪاش! (جيڪر) انڌي ڪي ڪجھ ڏسڻ ۾ اچي ۽ سمھڻ وارو (غفلت جي ننڊ مان) بيدار ٿئي. اھا قوم الله تعاليٰ (جي احڪامن) کان ڪيتري نہ جاھل آھي، جو جنھن جو پيشوا معاويو ۽ معلم نابغہ جو پٽ آھي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 181: باغي جماعت

باغي جماعت

جناب امير عليہ السلام پنهنجي اصحاب مان هڪ شخص کي ڪوفہ جي سپاه جي هڪ جماعت جي خبر وٺڻ لاءِ موڪليو. جنهن خارجين سان الحاق ڪرڻ جو تهيو ڪري ڇڏيو هو، ليڪن حضرت کان خوفزده هئا. بهرنوع، جڏهن هو شخص موٽي آيو، تڏهن پاڻ ان کان پڇيائين تہ: ڇا اهي مطمئن ٿي ويٺا آهن. يا ڪمزوري ۽ بزدلي ڏيکاري هليا ويا آهن؟ هن عرض ڪيو تہ، يا امير المومنين! هو تہ هليا ويا! تڏهن پاڻ ارشاد فرمايائين تہ شل اهي الله تعالیٰ جي رحمت کان، ثمود جي قوم وانگر پري هجن. ڏسجو! جڏهن نيزن جا منهن انهن جي طرف سڌا ٿيندا ۽ تلوارن (جا وار) انهن جي کوپڙين تي اچي ڪڙڪندا، تڏهن پوءِ هو پنهنجي ڪئي تي پڇتائيندا. اڄ تہ شيطان هنن کي منتشر ڪيو آهي ۽ سڀاڻي انهن کان بيزاري جو اظهار ڪندي، هنن کان جدا ٿي ويندو. هنن جو هدايت کان نڪري وڃڻ، گمراهي ۽ ضلالت ۾ وڃي پوڻ، حق کان منهن موڙڻ ۽ ضلالتن ۾ زور آوري ڪري ڏيکارڻ ئي هنن جي (عذاب جي مستحق) ٿيڻ لاءِ ڪافي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 182: وعظ ۽ نصيحت سان لبريز تقرير

وعظ ۽ نصيحت سان لبريز تقرير

نوف بڪالي کان روايت آهي، تہ هي خطبو حضرت امير عليہ السلام اسان جي سامهون ڪوفي ۾ ان پٿر تي بيهي ارشاد فرمايو، جنهن کي جعده ابن هبيره مخزومي نصب ڪيو هو. ان وقت سندس جسم مبارڪ تي هڪ اوني جبو هو ۽ تلوار جو ڪمربند ڪجي جي پنن جو هو. بلڪ پيرن ۾ جتي بہ کجور جي پنن مان ٺهيل هئي. ۽ سجدن جي سببان پيشاني وارو نشان ائين پئي معلوم ٿيو جيئن اٺ جي گوڏي تي ڪارو داغ:

سڀ ڪا تعريف الله تعالىٰ کي جڳائي، جنهن جي طرف سموري مخلوق جو موٽڻ ۽ هر ڳالھ جي انتها آهي. اسان هن جي عظيم احسان، روشن ۽ واضح دليل ۽ ان جي لطف و ڪرم جي واڌاري تي سندس حمد و ثنا ڪريون ٿا. اهڙي حمد، جنهن کان ان جو حق پورو ٿئي ۽ شڪر ادا ٿئي ۽ ان جي ثواب جي قريب وٺي وڃڻ وارو ۽ ان جي بخشش کي وڌائڻ وارو هجي. اسين هن کان اهڙي طرح مدد گهرون ٿا، جهڙي طرح ان جي فضل جا اميدوار، سندس نفعي جا آرزومند (دفع بليات جي) اطمينان رکڻ وارا ۽ بخشش و عطا جا مڃيندڙ ۽ قول و عمل سان سندس مطيع ۽ فرمانبردار، کانئس مدد گهرندا هجن ۽ اسين ان شخص وانگر مٿس ايمان آڻيون ٿا، جيڪي يقين سان ان ۾ آس لڳايو ويٺا هجن ۽ ايمان (ڪامل) سان ان جي طرف رجوع هجن ۽ اطاعت و فرمانبرداري سان سندس سامهون عاجزي ۽ فروتني ڪندا هجن ۽ ان کي هڪ ڄاڻندي ساڻس خلوص وارو سلوڪ ڪندو هجي ۽ شڪرگزاري سان ڪيس برتر اعلىٰ ڄاڻندو هجي ۽ رغبت و ڪوشش سان ان جي دامن ۾ پناھ ڳوليندو هجي. ان جو ڪو والد نہ آهي جيڪو عزت ۽ بزرگي ۾ ان جو شريڪ هجي. نہ وري ڪو سندس اولاد آهي، جنهن کي ڇڏي هو دنيا مان موڪلائي وڃي ۽ پوءِ هو ان جا وارث ٿين، نہ هن کان پهرين وقت ۽ زمانو هو ۽ نہ ان تي هڪ ڪانپوءِ ٻي ڪا ڪمي ۽ زيادتي طاري ٿئي ٿي، بلڪ جيڪي هن مضبوط نظام (ڪائنات) ۽ اٽل حڪمن جون علامتون اسان کي ڏيکاريون آهن. انهن جي ڪري هو عقلن جي لاءِ ظاهر ٿيو آهي، جيئن تہ مخلوقات جي پيدائش تي گواهي ڏيڻ وارن مان آسمانن جي خلقت بہ آهي، جيڪي بغير ٿنين جي ثابت ۽ برقرار ۽ سواءِ ڪنهن سهاري جي قائم آهن. (جڏهن) خداوند عالم انهن کي سڏيو، تڏهن اهي بغير ڪنهن سستي ۽ دير جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪندي لبيڪ چئي آتيا. جيڪڏهن هو سندس ربوبيت جو اقرار نہ ڪن ها، ۽ ان



Presented by Ziaraat.Com

جي اڳيان اطاعت جو سر نہ جهڪائين ها، تہ هو انهن کي پنهنجي عرش جو مقام ۽ پنهنجي فرشتن جو مسڪن ۽ پاڪيزه ڪلمن ۽ مخلوق جي نيڪ عملن جي بلند هئڻ جي جڳهہ نہ بنائي ها.

الله تعالىٰ انهن جي ستارن کي اهڙيون روشن نشانيون قرار ڏنيون آهن، جن کان حيران ۽ سرگردان، زمين جي پاسن وارين راهن ۾ اچڻ وڃڻ لاءِ رهنمائي حاصل ڪن. اونداهي رات جا اونداها سياه پردا، انهن جي نور جي نڪرندڙ سوجهرن ۽ روشني جي ڪرڻن کي تنا روڪين، ۽ نہ وري اونداهي راتين جا سياه پردا ڪا اها طاقت رکن ٿا، تہ هو آسمانن ۾ پکڙيل چنڊ جي نور جي چمڪڻ کي ورائي واپس ڪن.

پاڪ آهي اها ذات، جنهن تي پست زمين جي ٽڪرن ۽ پاڻ ۾ مليل سياه پهاڙن جي چوٽين ۾ اونده واري رات جون اونداهيون ۽ پرسڪون رات جون گهگهہ انداهيون بہ پوشيده نہ آهن ۽ نہ وري زمين آسمان جي وچ ۾ کنوڻ جي گجگوڙ ڪا انهن کان مخفي آهي، ۽ نہ وري اهي شيون، جن تي ڪڪرن جون بجليون چمڪڻ سان، تباه ۽ ناس ٿين ٿيون ۽ نہ وري اهي پن، جيڪي ڇٽي ڪرن ٿا، جن کي (بارش جي قمر وارين منزلن) جون تند هوائون ۽ لڳاتار وسندڙ بارشون انهن جي ڪرڻ وارين جڳهين تان هٽائن ٿيون. هو ڄاڻي ٿو، تہ بارش جون ڦڙيون ڪٿي ڪرنديون، ۽ ڪٿي بيهنديون، ۽ ننڍيون ڪيوليون ڪٿي رڙهي رسنديون، ۽ ڪٿي (پاڻ کي) گهلي وينديون ۽ مڇرن لاءِ ڪهڙي روزي ڪافي ٿيندي، ۽ مادي پنهنجي پيٽ ۾ ڇا ٿي کنيو وتي.

سيڪا تعريف ان الله تعالىٰ جي لاءِ آهي، جيڪو عرش و ڪرسي، زمين، آسمان ۽ جنن ۽ انسانن کان پهرين موجود هو. جنهن کي نہ (انساني) گمانن سان ڄاڻي سگهجي ٿو، ۽ نہ عقل ۽ فهم سان ان جو اندازو ٿي سگهي ٿو. ان کي ڪو سوال ڪرڻ وارو (ٻين سائلن کان) غافل نہ ٿو ڪري ۽ نہ بخشش ۽ عطا ڪرڻ سان هن وٽ ڪا ڪمي ٿئي ٿي. هو اکين سان نہ ٿو ڏسي سگهجي ۽ نہ ڪنهن جاءِ ۾ ان جي حدبندي ٿي سگهي ٿي . نہ ساٿين سان گڏ ان جي وصف ڪري سگهجي ٿي، ۽ نہ (اعضاء و جوارح) جي حرڪت سان هو پيدا ڪري ٿو ۽ نہ حواسن سان هو ڄاڻي سڃاڻي سگهجي ٿو. ۽ نہ انسانن تي ان جو قياس ٿي سگهي ٿو. اهو خدا جنهن سواءِ اعضاء و جوارح ۽ بغير گويائي ۽ بغير حلق جي چلن کي چورڻ جي، موسىٰ عليہ السلام سان ڳالهيون ڪيون ۽ ان کي پنهنجون عظيم نشانيون ڏيکاريون. اي الله جي توصيفن (بيان ڪرڻ) ۾ رنج ۽ تڪليف کي سهڻ وارا! جيڪڏهن تون (ان جي حق ادا ڪرڻ ۾) سچو آهين تہ پهرين جبرائيل ۽ ميڪائيل ۽ مقرب فرشتن جي لشڪرن جي صفت بيان ڪر، جيڪي پاڪيزگي ۽ طهارت جي حجرن ۾ اهڙي عالم ۾ سر کي جهڪايو پيا آهن، جو انهن جا عقل ششدر و حيران آهن، تہ هو



Presented by Ziaraat.Com

پنهنجي بهترين خالق جون وصفون بيان ڪري سگهن! صفتن جي ذريعي اهي شيون ڄاتيون سڃاتيون وڃن ٿيون، جيڪي شڪل و صورت ۽ اعضاء و جوارح رکندا هجن، ۽ اهي جيڪي پنهنجي حد انتها (پڇاڙي) کي پهچي موت جي هٿان ختم ٿي وڃن. ان الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي، جنهن پنهنجي نور سان سمورين اونداهين کي روشن ۽ منور ڪيو، ۽ ظلمت (عدم) سان هر نور کي اونداهي وارو بڻايائين.

الله تعاليٰ جا بندو! آءُ توهان کي ان الله کان ڊڄڻ جي وصيت ڪريان ٿو، جنهن توهان کي لباس سان ڍڪيو، ۽ هر طرح جي زندگي ۽ روزگار جو سامان توهان لاءِ مهيا ڪيو. جيڪڏهن ڪو بہ دنيوي بقا جي (بلندين تي) چڙهڻ جو ڏاڪو يا موت کي دور ڪرڻ جو رستو حاصل ڪري سگهي ها، تہ اهو سليمان بن دائود (عليهما السلام) ئي هجي ها. جنهن کي نبوت ۽ انتهائي تقرب سان گڏ جنن ۽ انسانن جي پڻ حڪومت قبضہ ۾ ڏني وئي هئي. ليڪن جڏهن هو پنهنجو داڻو پاڻي پورو ڪري ۽ پنهنجي حياتي جو عرصو ختم ڪري چڪو، تڏهن فنا جي ڪمانن ان کي موت جي تيرن جي زد تي رکي ڇڏيو. گهر ان کان خالي ٿي ويا. ڳوٺ آباديون وسنديون برباد تباه ٿي ويون ۽ ٻيا ماڻهو ان جا وارث ٿي ويا. توهان جي لاءِ گذشتہ دورن (جي هر دور) ۾ عبرتون (ئي عبرتون) آهن. ڪجهہ سوچو ڪٿي آهن عمالقہ ۽ ان جا پٽ ۽ ڪٿي آهن فرعون ۽ ان جا اولاد ۽ ڪٿي آهن اصحاب الرس جي شهرن جا باشندا، جن نبين کي قتل ڪيو، پيغمبرن جي روشن طريقن کي ڊاهي ڦٽائي ڇڏيائون، ۽ ظالمن جي طور طريقن کي زنده ڪيائون. ڪٿي آهن اهي ماڻهو، جيڪي لشڪرن کي ساڻ ڪري وڌيا، هزارن کي شڪست ڏنائون ۽ فوجن کي گڏ ڪري شهرن کي آباد ڪيائون.

هن ئي خطبہ ۾ فرمايائين تہ:

اهو حڪمت جي سپر پهريل هوندو ۽ ان کي ان جي سمورن شرطن ۽ آدابن سان حاصل ڪيو هوندائين، (جيڪي هي آهن تہ) سمورو خيال ان ڏي هجي، هن جي چڱي طرح معرفت هجي ۽ دل (دنيا جي شهرن کان) خالي هجي. جيئن تہ هو ان جي ويجهو، ان جي گم ٿيل شيءِ ۽ ان جي حاجت ۽ آرزو آهي، جنهن جو هو طلبگار ۽ خواستگار آهي، هو ان وقت (نظرن کان پري ٿي ڪري) غريب ۽ مسافر هوندو. جو جڏهن اسلام غربت جي عالم ۾ ۽ مثل ان اٺ وانگر هوندو جيڪو ٿڪ کان پنهنجو پڇ زمين تي پيو هڻندو ۽ ڳچي جو اڳيون حصو زمين تي رکيل هجيس. اهو الله تعاليٰ جي باقي رهيل حجتن جو بقيہ ۽ انبيا عہ جي جانشينن مان هڪ وارث ۽ جانشين آهي.



Presented by Ziaraat.Com

ان ڪانپوءِ حضرت فرمايو تہ:

اي انسانو! مون توهان کي اهڙي طرح نصيحتون ڪيون آهن، جهڙي طرح نبي پنهنجي امتن کي ڪندا آيا آهن، ۽ انهن ڳالهين کي توهان تائين مون پهچايو آهي، جيئن وصي بعد وارن تائين پهچائيندا آهن. مون توهان کي پنهنجي چهبڪ سان ادب سيکارڻ چاهيو، مگر توهان سڌا نہ ٿيا. ۽ دڙڪن داٻن ملامتن سان توهان کي هڪليم، پر توهان هڪ هنڌ نہ ٿيا. الله تعاليٰ توهان کي سمجهي، ڇا مون کان سواءِ توهان ڪنهن ٻئي امام جا اميدوار آهيو، جيڪو توهان کي سڌي راه تي هلائي ۽ صحيح رستو ڏيکاري؟ ڏسو! دنيا جي طرف رخ ڪرڻ وارين جن شين جو رخ ڪيل هو، تن پٺ ڏني، ۽ جن پٺ ڏني هئي، تن ان ڏي رخ ڪيو آهي.

الله تعاليٰ جي نيڪ بندن (دنيا مان) ڪوچ ڪرڻ جو تهيو ڪري ڇڏيو آهي، ۽ فنا ٿيڻ واري ٿوري دنيا هٿ سان ڏئي، هميشہ رهڻ واري ۽ گهٽائي واري آخرت خريد ڪئي آهي. ڀلا، اسان جي انهن يائرن کي، جن جا خون صفين ۾ وهايا ويا ڪهڙو نقصان پهتو؟ جيڪي اڄ جيئرا موجود نہ آهن، (بس ايترو تہ جي اهي هجن ها تہ) ڪڙن ڍڪن کي گوارا ڪري ۽ گندو پاڻي پيئن ها. خدا جو قسم! اهي خدا جي حضور ۾ پهچي ويا. هن کين پورو پورو اجر ڏئي ڇڏيو، ۽ هراس ۽ خوف کان پوءِ انهن کي امن ۽ چين وارن گهرن ۾ رهايو. ڪٿي آهن اهي منهنجا يائر؟ جيڪي سڌي راه تي هلندا رهيا، ۽ حق تي ئي گزري ويا. ڪٿي آهي عمار ۽ ڪٿي آهي ابن تيهان؟ ۽ ڪٿي آهي ذوالشهادتين ۽ ڪٿي آهن انهن جا اهڙا ٻيا يائر؟ جيڪي مرڻ تي عهد و پيمان سان ٻڌل هئا، ۽ جن جي سرن کي فاسقن ڏي روانو ڪيو ويو.

نوف چوي ٿو، تہ ان کان پوءِ حضرت پنهنجو هٿ ريش مبارڪ تي ڦيرايو، ۽ ڪيتري دير تائين پئي رنائين، ۽ پوءِ فرمايائين تہ هاءِ! منهنجا اهي يائر، جن قرآن کي پڙهيو، تہ ان کي مضبوط ڪيائون، پنهنجي فرضن ۾ غور ۽ فڪر ڪيائون، تہ انهن کي ادا ڪيائون، سنت کي زنده ڪيائون ۽ بدعت کي ختم ڪيائون، جهاد جي لاءِ انهن کي سڏيو ويو، تہ انهن لبيڪ چيو، ۽ پنهنجي پيشوا تي يقين ڪامل سان ڀروسو ڪيائون، تہ پوءِ ان جي پيروي بہ ڪيائون، ( تنهن کان پوءِ حضرت بلند آواز سان فرمايو تہ) جهاد، جهاد، اي الله تعاليٰ جا بندو! ڏسو! آءٌ اڄ ئي لشڪر کي ترتيب ڏئي رهيو آهيان، جيڪو الله تعاليٰ جي طرف وڃڻ چاهي، سو نڪري اچي.



Presented by Ziaraat.Com

)نوف چئي ٿو ته مذڪور خطبي جي فرمائڻ بعد هڪ هفتو به نه گزريو هو ته ابن ملجم، حضرت جي سر اقدس تي ضرب هنئين ۽ پاڻ شهيد ٿيو(.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 183: وعظ ۽ نصيحت

وعظ ۽ نصيحت

سيڪا تعريف ان الله تعالىٰ جي لاءِ آهي، جيڪو بنا ڏسڻ جي بہ ڇاتل سڃاتل آهي، ۽ بغير رنج ۽ تڪليف سهڻ جي (هر شيءِ جي) پيدا ڪرڻ وارو آهي. هن پنهنجي قدرت سان مخلوق کي پيدا ڪيو، ۽ پنهنجي عزت و جلالت جي پيش نظر فرمانروائن کان پنهنجي اطاعت ۽ بندگي ڪرائي، پنهنجي جود و عطا جي وسيلي عظمت وارن ماڻهن تي سرداري ڪئي. اهو الله تعالىٰ جنهن دنيا ۾ پنهنجي مخلوقات کي آباد ڪيو، ۽ پنهنجي رسولن کي جنن ۽ انسانن ڏانهن موڪليو، تہ جيئن انهن جي اڳيان دنيا کي بينقاب ڪن، ۽ ان جي نقصانن کان انهن کي ڊيڄارين ۽ ڏمڪائين. ان جي (بيوفائي جا) مثال بيان ڪن ۽ ان جي صحت ۽ بيماري جي تبديلين کان هڪدم انهن کي صحيح عبرت ڏيارين، ۽ ان جي عيبن ۽ حلال حرام جي (ڪمائڻ جا ذريعا) ۽ فرمانبردارن ۽ نافرمانن جي لاءِ جيڪو بهشت و دوزخ ۽ عزت و ذلت جو سامان الله تعالىٰ مهيا ڪيو آهي، سو کين ڏيکارين. هن هر شيءِ جو اندازو ۽ هر اندازي جي هڪ مدت ۽ هر مدت لاءِ هڪ نوشتہ (لکت) مقرر ڪئي آهي.

انهي خطبہ جو هڪ هي بہ جزو آهي:

قرآن (چڱائين جو) جو حڪم ڏيڻ وارو، برائين کان روڪڻ وارو (بظاهر) خاموش ۽ (باطن ۾) ڳالهائڻ وارو ۽ مخلوقات تي الله تعالىٰ جي حجت آهي، جنهن تي (عمل ڪرڻ جو) هن بندن کان عهد ورتو آهي، ۽ انهن جي نفسن کي ان جو پابند بڻايو آهي. ان جي نور کي ڪامل ۽ ان جي ذريعي دين کي مڪمل ڪيو آهي، ۽ نبي (صلي الله عليہ و آلہ وسلم) جن کي ان حالت ۾ دنيا مان کنيائين، جڏهن پاڻ ماڻهن کي اهڙن قرآني حڪمن جي تبليغ ڪرڻ کان فارغ ٿي چڪا هئا، جيڪي (حڪم) هدايت ۽ نجات جا سبب آهن، تنهن ڪري الله سبحانہ کي اهڙي بزرگي ۽ عظمت سان ياد ڪريو، جهڙي پنهنجي بزرگي پاڻ ٻڌائي اٿس. ان ڪري جو هن (الله) پنهنجي دين جي ڪا بہ ڳالهہ توهان کان نہ لڪائي آهي، ۽ ڪنهن بہ ڳالهہ کي ، پوءِ اها ان کي پسند هجي يا نہ هجي، سا سواءِ ڪنهن کليل نشاني ۽ محڪم علامت جي نہ ڇڏي آهي، جيڪا ناپسند ڳالهين کان روڪي ۽ وڻندڙ ڳالهين جي طرف دعوت ڏي. (انهن حڪمن جي متعلق) سندس خوشنودي ۽ ناراضگي جو معيار ايندڙ زماني ۾ بہ ساڳيو رهندو. ياد رکو! هو توهان کان ڪنهن بہ اهڙي ڳالهہ تي راضي نہ ٿيندو، جنهن تي توهان جي اڳين کان ناراض ٿي چڪو هجي، ۽ نہ وري ڪنهن



Presented by Ziaraat.Com

اهڙي ڳالهه تي غضبناڪ ٿيندو، جنهن تي اڳين ماڻهن کان خوش ٿي چڪو هجي. توهان کي ته بس ائين ڪرڻ گهرجي، ته توهان واضح نشانين تي هلندا رهو، ۽ توهان کان اڳين ماڻهن جيڪي ڪجهه چيو آهي، تنهن کي دهرائيندا رهو. هو توهان جي دنيوي ضرورتن جو ذمو کڻي چڪو آهي، ۽ توهان کي فقط شڪرگزار ٿي رهڻ جي ترغيب ڏنل آهي، ۽ توهان تي واجب ڪيل آهي، ته پنهنجي زبان سان ان جو ذڪر ڪندا رهو، ۽ توهان کي تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي هدايت ڪئي اٿس، ۽ ان کي پنهنجي رضا ۽ خوشنودي جي آخري حد ۽ مخلوق کان پنهنجي مدعا مقرر ڪئي اٿس . الله تعاليٰ کان ڊڄو، جنهن جي نظرن جي سامهون آهيو، ۽ جنهن جي هٿ ۾ توهان جي پيشانين جا وار ۽ جنهن جي قبضہ ۽ قدرت ۾ توهان جو اٿڻ ويهڻ ۽ هلڻ ڦرڻ آهي. جيڪڏهن توهان ڪا به ڳالهه مخفي رکندا، ته هو ان کي ڄاڻندو، ۽ ظاهر ڪندو، ته ان کي لکي ڇڏيندو. ( اهڙي طرح) ان توهان تي نگهباني ڪرڻ وارا مڪرم فرشتہ مقرر ڪري رکيا آهن. اهي ڪنهن حق کي نظر انداز ۽ ڪنهن غلط ڳالهه کي ثبت نه ٿا لکن. ياد رکو! ته جيڪو الله تعاليٰ کان ڊڄندو، تنهن جي لاءِ هو ، فتنن کان (بچي) نڪرڻ جي راهه ڪڍي وٺندو، ۽ اونداهين مان ڪڍي ڪيس روشنائيءَ ۾ آڻيندو. ۽ ان جي حسب دلخواهه نعمتن ۾ ان کي هميشہ رکندو. ان کي پاڻ وٽ اهڙي گهر ۾ جنهن کي هن اسان جي لاءِ منتخب ڪيو آهي، عزت ۽ بزرگي جي منزل ۾ لاهيندو، ان گهر جو سايو عرش، ان جي روشني قدرتي جمال ( جي روشني) ان ۾ ملاقاتي ملائڪ ۽ رفيق ۽ پاڙيسري نبي ۽ مرسل آهن، پنهنجي موٽڻ واري جڳهه ڏي وڌو، ۽ نيڪ عملن جو ثمر گڏ ڪرڻ ۾ موت کان اڳرائي ڪريو، ڇو جو اهو وقت قريب آهي، جنهن ۾ ماڻهن جون اميدون ختم ٿي وينديون، موت انهن تي اچي سهڙي ۽ توبہ جو دروازو انهن جي لاءِ بند ٿي وڃي. هاڻي ته توهان انهي دؤر ۾ آهيو، جنهن جي طرف موٽڻ جي خواهش، توهان کان اڳ گذري ويل ماڻهو تمنا ڪن ٿا.توهان هن دار دنيا جيڪو توهان جي رهڻ جو گهر نہ آهي. تنهن ۾ تيز هلڻ وارا مسافر آهيو، هن مان توهان کي ڪوچ ڪرڻ جون خبرون ڏنيون ويون آهن، جنهن ۾ رهندي توهان کي ثمر مهيا ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

ياد رکو! هن نرم ۽ نازڪ کل ۾ دوزخ جي باهه سهڻ جي طاقت نہ آهي ( ته پوءِ) پنهنجي جان تي رحم ڪريو، ڇو ته توهان ان کي دنيا جي مصيبتن ۾ آزمائي ڏٺو آهي. ڇا! توهان پاڻ مان ڪنهن هڪ کي ڏٺو آهي، ته اهو (جسم ۾) ڪنڊي لڳڻ سان يا اهڙي ڏڪ لڳڻ سان جيڪو ڪيس رتورت ڪري ڇڏي، يا اهڙي گرم واريءَ جي تپش کان، جيڪا ڪيس ساڙي ڇڏي. پوءِ ڪهڙي طرح اهو بي چين ٿي دانهون ڪندو آهي؟ ( ٿورو سوچيو ته) ان وقت ڪهڙي حالت ٿيندي، جڏهن هو جهنم جي ٻن باهين جي ڍيرن جي وچ ۾ ( پرندڙ) پٿرن جو ساٿي ۽ شيطان سان گڏ هوندو، ڇا! توهان کي خبر آهي ته جڏهن مالڪ (



Presented by Ziaraat.Com

دوزخ جو داروغو) باھ تي غضبناڪ ٿيندو، تہ اھا ان جي ڪاوڙ کان ( پڙڪجي پاڻ ۾ ٽڪرجڻ لڳندي ۽) ان جا جزا ھڪ ٻئي کي ٽوڙڻ جي ڪندا، ۽ جڏھن ان کي ڌمڪائيندو، تہ ان جي ڌمڪائڻ کان ( لڇي ماندو ٿي) اھا باھ دوزخ جي دروازن مان اڇلجڻ لڳندي.

اي عمر ڪاڏل پيرسن! جنھن تي پيري چانئجي وئي آھي. ان وقت تنھنجي ڪھڙي حالت ٿيندي، جڏھن باھ جو طوق ڪنڌ جي ھڏن ۾ پيوست ٿي ويندو، ۽ (ھٿن ۾) ھٿڪڙيون گھڙي ويندديون؟ تانجو اھي ڪرائين جو گوشت کائي ويندديون.

اي الله تعالیٰ جا بندؤ! ھاڻي جڏھن توھان بيمارين ۾ مبتلا ٿيڻ ۽ ساھ جي تنگي ۽ ايساھي ۾ پوڻ کان پھرين صحت ۽ خلاصگائي جي عالم ۾ صحيح ۽ سالم آھيو، تہ پوءِ الله تعالیٰ جو خوف ڪريو، ۽ پنھنجي گردنن کي ان کان پھرين جو اھي اھڙي طرح گروي ٿين، جو انھن کي ڇڏائي نہ سگھجي، (تن) کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪريو، پنھنجي اکين کي سجاڳ ۽ پيٽن کي لاغر بنايو، (ڪوشش جي ميدان ۾) پنھنجي قدمن کي ڪم ۾ آڻيو، ۽ پنھنجي مال کي ( ان جي راھ ۾) خرچ ڪريو. پنھنجي جسمن کي پنھنجي نفسن تي نثار ڪريو، ۽ ان کان بخل نہ ڪريو، ڇو تہ الله تعالیٰ جو ارشاد آھي، تہ جيڪڏھن توھان خدا جي مدد ڪندؤ تہ ھو ( الله تعالیٰ) توھان جي مدد ڪندو، ۽ توھان کي ثابت قدم رکندو، ۽ (وري) ارشاد فرمايائين تہ " ڪير آھي جيڪو الله تعالیٰ کي نيڪ قرض ڏي تہ الله تعالیٰ ان جي اجر کي ٻيڻو ڪندو، جيڪو ان جي لاءِ سٺو عيوض آھي" الله تعالیٰ ڪنھن ڪمزوري جي ڪري ڪا توھان کان مدد نہ گھري آھي، ۽ نہ ڪنھن لاچاري جي ڪري توھان کان قرض گھريو آھي. ھن توھان کان مدد گھري آھي. توڙي جو وٽس آسمان ۽ زمين جا لشڪر آھن، ۽ ھو غلبي ۽ حڪمت وارو آھي، ۽ توھان کان قرض گھريو اٿس، توڙي جو سندس قبضہءِ قدرت ۾ آسمانن ۽ زمين جا خزانا آھن، ۽ ھو بي نياز ۽ حمد و ثنا جي لائق آھي. ھن اھو چاھيو آھي تہ توھان کي آزمائي تہ توھان مان اعمالن جي لحاظ کان ڪير بھتر آھي، توھان پنھنجي عملن کي ساڻ ڪري وڌو، تہ جيئن الله تعالیٰ جي پاڙيسرن سان گڏ سندس گھر ( بھشت برين) ۾ رھو، اھي اھڙا پاڙيسري آھن، جو الله تعالیٰ جن کي پيغمبرن جو رفيق بڻايو آھي، ۽ فرشتن کي سندن ملاقات جو حڪم ڏنو آھي. ۽ انھن جي ڪنن کي ھميشہ جي لاءِ محفوظ رکيو آھي، تہ جيئن باھ جي اذيتين جي پٽڪاٽ يا ڪٽڪ بہ انھن وٽ نہ اچي ۽ انھن جي جسمن کي بچائي رکي، تہ جيئن ھنن کي رنج ۽ ٿڪ نہ محسوس ٿئي. اھو خدا جو فضل آھي، جو ھو جنھن کي چاھي ٿو، عطا ڪري ٿو، ۽ الله تعالیٰ تہ وڏي



Presented by Ziaraat.Com

فضل ۽ ڪرم وارو آهي، آءُ اهو ئي چئي رهيو آهيان، جيڪو توهان ٻڌي رهيا آهيو، منهنجي ۽ توهان جي نفسن لاءِ الله تعالىٰ ئي حامي ۽ مددگار آهي، ۽ اهو ئي منهنجي لاءِ ڪافي ۽ بهترين ڪارساز آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 184: برج مسھر طائي خطاب

برج مسھر طائي خطاب

برج ابن مسهر " طائي " جيڪو خارجين مان هو، تنهن ( مشهور نعرو) " لاحڪم الا لله " ( حڪم جو اختيار فقط الله کي آهي ) اهڙي طرح بلند ڪيو ته جيئن حضرت امير عليہ السلام ٻڌي بهر نو ع پاڻ ٻڌي ارشاد فرمايائين تہ : خاموش! خدا تو کي بڇڙو ڪري. اي پڳل ڏندن وارا! خدا جو قسم، جڏهن حق ظاهر ٿيو، تڏهن ان وقت تنهنجي شخصيت ذليل ۽ تنهنجو آواز دٻيل ۽ جهڪو هو، ۽ جڏهن باطل زور سان دانهون ۽ ڪوڪون تو ڪري تڏهن بہ ٻڪري جي سنگَن وانگر اڀريو آهين.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 185: حيوانات جي خلقت ۾ قدرت جون صنعتون

سڀڪا تعريف انهي الله تعاليٰ کي جڳائي، جنهن کي حواس حاصل ڪري نٿا سگهن ۽ نہ جڳهيون ان کي گهيري ٿيون سگهن، نہ پردا ان کي لڪائي ٿا سگهن. هو مخلوقات جي نيست کانپوءِ هست هجڻ کان اڳ بہ پنهنجي هميشہ کان هجڻ جي ۽ انهن جي باهم مشابهہ ٿيڻ کان پنهنجي بي مثل ۽ بي نظير هئڻ جي خبر ڏي ٿو. هو پنهنجي وعدن ۾ سچو ۽ بندن ، تي ظلم ڪرڻ کان بالاتر آهي، هو مخلوق جي باري ۾ عدل سان هلي ٿو ۽ پنهنجي حڪم ۾ انصاف جو ورتاءُ ڪري ٿو، هو شين جي وجود پذير هئڻ کان پنهنجي قديم هئڻ تي انهن جي عجز ۽ ڪمزورين جي نشانين سان پنهنجي قدرت تي ۽ انهن جي فنا ٿيڻ جي بي آرامي وارين ڪيفيتن سان پنهنجي هميشہ رهڻ تي ( عقل سان) گواهي حاصل ڪري ٿو، هو ڳڻپ ۽ شمار ۾ اچڻ کان سواءِ " هڪ " (يگانو) آهي، هو ڪنهن بہ ( مقرر ڪيل) مدت کان سواءِ هميشہ کان آهي ۽ هميشہ رهندو، ۽ ٿنين ( عضون) جي سهاري کان سواءِ قائم ۽ برقرار آهي، حواسن کان سواءِ ذهن ان کي قبول ڪن ٿا، ۽ ان تائين پهچڻ کان سواءِ نظر اچڻ واريون شيون، ان جي هستي جي گواهي ڏين ٿيون، عقل ان جي حقيقتن جو گهيرو نٿا ڪري سگهن ، بلڪ هو تہ عقلن جي وسيلي، عقلن جي لاءِ ظاهر ٿيو آهي، ۽ عقلن جي ذريعي ئي عقل ۽ فهم ۾ اچڻ کان انڪاري آهي، ۽ انهن جي معاملي ۾ خود انهن کي " حڪم" ڪيو اٿس، هو انهي معنيٰ ۾ وڏو نہ آهي، تہ ان جون حدون ۽ طرف پکڙيل آهن، جيڪي ان کي مجسم صورت ۾ وڏو ڪري ڏيکارين ٿيون، ۽ نہ وري انهي اعتبار کان عظيم آهي، تہ هو جسامت ۾ انتهائي حدن تائين پکڙيل آهي. بلڪ هو شان ۽ منزلت جي لحاظ کان وڏو آهي، ۽ هو دٻدٻي ۽ اقتدار جي لحاظ کان پڻ عظيم آهي.

آءٌ گواهي ڏيان ٿو، تہ محمد ( صلعم ) جن ان جا عبد ۽ برگزيده رسول ۽ پسند ڪيل امين آهن، الله تعاليٰ مٿن ۽ سندن اهلبيت تي رحمت ڪثير نازل فرمائي، الله تعاليٰ کين نا قابل انڪار دليلن واضح ڪامرانين ۽ )شريعت( جي راه وارين رهنمائين سان موڪليو. جيئن تہ پاڻ )حق کي باطل کان( چندي ان جو پيغام پهچايائون. حق جي راھ ڏيکاري، ان تي ماڻهن کي هلايائون، هدايت جا نشان ۽ روشني جا منارا قائم ڪيائون، اسلام جي رسين ۽ ايمان جي ڳنڍين کي مستحڪم ( پڪو) ڪيائون،

هن خطبي جو هڪ هي بہ حصو آهي:



Presented by Ziaraat.Com

جنهن ۾ مختلف قسمن جي جانورن جي عجيب و غريب پيدائش جو ذڪر فرمايل آهي:

جيڪڏهن ماڻهو الله جي عظيم الشان قدرتن ۽ بلند درجي وارين نعمتن ۾ غور ۽ فڪر ڪن ته سڌي راهه جي طرف موٽي اچن ۽ دوزخ جي عذاب کان ڊڄڻ لڳن، ليڪن سندن دليون بيمار ۽ بصيرتون ( دانائيون) کوٽيون آهن. ڇا! اهي ماڻهو انهن ننڍن ننڍن جانورن کي جن کي هن پيدا ڪيو آهي، تن کي تڪا ڏسن؟ ته ڪيئن انهن جي پيدائش کي پختگي بخشي آهي، انهن جي سنڌن کي پاڻ ۾ سنئون سڌو ملايو آهي، ۽ انهن لاءِ ڪنن ۽ اکين ( جا سوراخ کوليا آهن) ۽ انهن جي هڏن ۽ کلن کي ( پوري مناسبت سان ) درست ڪيو آهي. ان ننڍڙي ڪيولي کي ڏسو، ان جي جسم جي ننڍڙائپ ۽ شڪل و صورت جي سنهڙائپ جي حالت تي نظر ڪريو، ايڏڙي ننڍڙي جنهن کي اک جو ڪنارو به مشڪل سان ڏسي سگهي ۽ نه وري فڪرن ۾ سمائجن ٿيون، ڏسو ته ڪيئن ٿيون زمين تي رڙهن ۽ پيون ڦرن ۽ پنهنجي رزق جي طرف تڪڙو ڊوڙن ٿيون، ۽ داڻي کي پنهنجي سوراخن جي طرف کڻي وڃن ٿيون ۽ ان کي پنهنجي قيام گاهه ۾ محفوظ رکن ٿيون ۽ گرمين ۾ سردي جي موسم لاءِ طاقت ۽ توانائي واري زماني ۾ عجز ۽ لاچاري، مجبوري جي ڏينهن لاءِ ذخيرو ڪري گڏ ڪن ٿيون . انهن جي روزي جو ذمو به کنيو ويو آهي، ۽ انهن جي حال موافق انهن کي رزق پهچندو رهي ٿو. الله تعاليٰ انهن کان به غفلت نٿو ڪري، عطا و جزا جو صاحب انهن کي به محروم نٿو ڪري، توڙي جو اهي خشڪ پٿر ۽ ڄميل سخت پٿر جي اندر ڇو نه هجن. جيڪڏهن توهان ان جي کاڌي وارين نالين ۽ ان جي بلند ۽ پست حصن ۽ ان جي کل ۾ پيٽ طرف جهڪيل پاسرين جي ڪنارن ۽ ان جي مٿي ۾ ( ننڍين ننڍين) اکين ۽ ڪنن جي ( ساخت ۾ ) غور فڪر ڪندؤ ته ان جي پيدائش تي توهان کي تعجب ٿيندو ، ۽ ان جي ساراهه ڪرڻ تي توهان کي تڪليف سهڻي پوندي.

اعليٰ آهي اهو جنهن ان کي سندس پيرن تي بيهاريو آهي، ۽ ٿنڀن (عضون) تي ان جو بنياد رکيو آهي، ان جي بنائڻ ۾ ڪو به بنائڻ وارو ان سان شريڪ نه ٿيو، ۽ نه ان جي پيدا ڪرڻ ۾ ڪنهن طاقت ۽ توانائي سندس مدد ڪئي. جيڪڏهن توهان سوچ ويچار جي راهن کي طئي ڪندي ان جي آخري حد تائين پهچي وڃو، ته عقل جي رهنمائي توهان کي، بس ان نتيجي تي پهچائيندي، ته جيڪو ڪيولي جو پيدا ڪرڻ وارو آهي، اهو ئي کجور جي وڻ جو پيدا ڪرڻ وارو آهي، ڇو جو هر شيءِ جو تفصيل نزاڪت، خوبي ۽ باريڪي سان پريل آهي، ۽ هر هڪ ساهه واري جي مختلف عضون ۾ ڪو ٿورو ئي فرق آهي ، سندس مخلوقات ۾ وڏيون ۽ اهڙي طرح آسمان ۾ وڏيون ۽ ننڍيون، ڳريون ۽ هلڪيون، طاقتور ۽ ڪمزور سيئي يڪسان آهن، ۽ اهڙي طرح آسمان، فضا، هوا ۽ پاڻي برابر آهن، انهي ڪري توهان سج، چنڊ،



Presented by Ziaraat.Com

ساوڪ، وڻ، ٻاٽي ۽ پٿر جي طرف ڏسو، ۽ ان رات ڏينهن جي هڪٻئي پٺيان اچڻ وڃڻ ۽ انهن دريائن جي جاري ٿيڻ ۽ انهن پهاڙن جي گهٽائي ۽ انهن جي چوٽين جي اوچائي طرف نگاهه ڊوڙايو. ۽ انهن نعمتن ۽ جدا جدا زبانن جي اختلاف تي نظر ڪريو.

ان کان پوءِ افسوس آهي انهن تي، جيڪي قضا و قدر جي مالڪ ذات ۽ نظم ۽ انتظام جي قائم ڪرڻ واري هستي کان انڪار ڪن ٿا، انهن ته ائين سمجهو آهي، ته اهي گاهه ٻوٽي وانگر خود بخود اپري آيا آهن، نه انهن جو ڪو پوکڻ وارو آهي ۽ نه وري انهن جي رنگارنگي صورتن جو ڪو بنائڻ وارو آهي، انهن پنهنجي انهي دعوىٰ جو بنياد ڪنهن به دليل تي نه رکيو آهي، ۽ نه وري ٻڌل سڌل ڳالهين جي تحقيق ڪئي آهي.( سوچو ته) ڇا ، ڪا به عمارت بغير ڪنهن ٺاهڻ واري جي ٺهندي آهي؟ ۽ ڪو به جرم بغير ڪنهن مجرم جي ٿئي ٿو، جيڪڏهن چاهيو ته ( ڪيولي وانگر) مڪڙ جي متعلق به ڪجهه چئو جو ان جي لاءِ لال ٽانڊي جهڙيون ٻه اکيون پيدا ڪيائين ۽ ان جي اکين جي چنڊ جهڙن ٻنهي ماڻڪن جا چراغ روشن ڪيائين ۽ ان جي لاءِ نهايت ئي ننڍا ننڍا ڪن بنايائين ۽ مناسب ۽ وچولو وات جو شگاف بنايائين. ۽ ان جي عقل ۽ سمجهه کي قوي ۽ تيز بڻايائين، ۽ اهڙا ٻه ڏند بنايائينس جن سان هو پنن کي ڪتري ٿو، ۽ ڏاٽي وانگر ٻه پير ڏنائينس جن سان هو ( سڪي آلي گاهه کي) جهلي ٿو، هاري پنهنجي پوک جي باري ۾ مڪڙ کان خوفزده رهي ٿو، جيڪڏهن هو پنهنجي ٽولي کي گڏ ڪري تڏهن به مڪڙن جي گروهه کي هڪلي ڪيڻ سندس وس ۾ نه آهي، تانجو اهي ٽپندا اڏامندا انهن جي پوکن تي اچي ٽٽن ٿا، ۽ ان مان پنهنجي خواهشن کي پورو ڪن ٿا، حالانڪ انهن جو جسم هڪ باريڪ آڱر جي برابر ٿئي ٿو.

پاڪ آهي اها ذات، جنهن جي سامهون آسمان ۽ زمين ۾ جيڪي ڪجهه به آهي، سو خوشي يا مجبوري سان بهر صورت سجدي ۾ ڪريل آهي، ۽ ان ذات جي لاءِ ڳلن ۽ چهري کي خاڪ تي ملي رهيو آهي، ۽ عجز و انڪساري سان ان جي اڳيان سرنگون آهي، ۽ خوف و دهشت کان پنهنجي واڳ ان جي حوالي ڪري ڇڏي آهي، پکي سندس حڪم ( جي زنجيرن) ۾ جڪڙيل آهن، هو انهن جي پرن ۽ ساهه جي ڳڻپ تائين کين سڃاڻي ٿو، ۽ ( انهن مان ڪن جا) پير پاڻي تي ۽ ( ڪن جا) خشڪي تي ڄمائي ڇڏيا اٿس، ۽ انهن جي نمونن ۽ قسمن تي ضابطو رکي ٿو. ته هي ڪانگ آهي ۽ عقاب ، هي ڪبوتر آهي، هي اٺ پکي ( شتر مرغ) آهي، هن هر پکي کي سندس نالي تي دعوت ( وجود) ڏنو آهي، ۽ ان جي روزي جو ذمو کنيو آهي، ۽ هي ڳرا وڏا ڪڪر پيدا ڪيا آهن، ته انهن مان گهڻو مينهن وسائي ۽ حصي طور مختلف ( سر زمينن



Presented by Ziaraat.Com

تي) انهن کي ورهائي ڇڏيائين ۽ زمين کي ان جي خشڪ ٿي وڃڻ کان پوءِ آباد ڪري ڇڏيو، ۽ غير آباد ٿيڻ کانپوءِ ان مان ( سر سبز جهومندڙ) ساوڪ پيدا ڪيائين.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 186: توحيد

هي خطبو ”توحيد“ جي متعلق آهي، ۽ علم و (خدا جي) معرفت جي ايترين بنيادي ڳالهين تي مشتمل آهي، جن تي ڪو ٻيو خطبو حاوي نہ آهي:

جنهن الله تعالیٰ کي مختلف ڪيفيتن سان موصوف ڪيو، تنهن ان کي يڪتا نہ سمجهو، جنهن ان جو مثل بڻايو، تنهن ان جي حقيقت کي نہ سڃاتو، جنهن هن کي ڪنهن شيءِ سان تشبيهہ ڏني، تنهن ان جو قصد نہ ڪيو، جنهن هن کي، اشاري جي لائق سمجهو ۽ پنهنجي تصور جو پابند بنايو، تنهن هن ڏانهن رخ نہ ڪيو، جيڪو پنهنجي ذات سان سڃاتو وڃي سو مخلوق هوندو، ۽ جيڪو ٻئي جي سهاري تي قائم هوندو، سو علت جو محتاج ٿيندو، هو فاعل آهي، سواءِ اوزار جي حرڪت ۾ آڻي، هو هر شيءِ جو اندازو مقرر ڪرڻ وارو آهي. جنهن ۾ فڪر کي ڪتب نٿو آڻي، هو غني ۽ تونگر آهي، بغير ٻين کان فائدي وٺڻ جي، نہ زمانو هن جو هم نشين آهي ۽ نہ وري ڪو اوزار هن جا مددگار ۽ مقرر ڪيل آهن، هن جي هستي زماني کان اڳ ۾ ، هن جو وجود عدم کان پهرين آهي، ۽ هن جي هميشگي، آغاز جي نقطي کان بہ اڳ جي آهي، هن جن احساس ۽ شعور جي قوتن کي ايجاد ڪيو ، تن کان معلوم ٿيو تہ هو خود حواس ۽ شعور جا اوزار نٿو رکي ۽ شين ۾ ضديت هئڻ سان معلوم ٿيو تہ هن جو ڪو ضد تي نٿو سگهي ۽ شين کي جو هن ( الله تعالیٰ) هڪ ٻئي سان گڏ رکيو آهي، تنهن مان معلوم ٿيو تہ هن جو ڪو ساٿي نہ آهي، هن نور کي ظلمت جو، روشني کي اونداهي جو، خشڪي کي تري ( آلاڻ) جو ۽ گرمي کي سردي جو ” ضد“ مقرر ڪيو آهي، هو ( الله) هڪٻئي جي دشمن ( متضاد) شين کي هڪ مرڪز تي جمع ڪرڻ وارو، متضاد شين کي ملائڻ وارو هڪ ٻئي کان پري وارين شين کي پاڻ ۾ ويجهي ڪرڻ وارو ۽ پاڻ ۾ مليل شين کي جدا جدا ڪرڻ وارو آهي، هو ڪنهن حد ۾ محدود نہ آهي، ۽ نہ ڳڻڻ سان شمار ۾ اچي ٿو، جسماني قوتون تہ جسماني شين کي ئي گهيرو ڪنديون آهن، ۽ پاڻ جهڙين ڏانهن ئي اشارو ڪري سگهنديون آهن. هن کي لفظ ” منذ“ قديم هئڻ کان روڪي وڌو آهي ۽ لفظ ” قد “ هميشگي کان منع ڪري ڇڏيو آهي ۽ لفظ ” لولا“ ڪمال کان هٽائي ڇڏيو آهي، هنن عضون ، حواسن ۽ شعورن جي ذريعي انهن شين جو ايجاد ڪندڙ عقلن جي سامهون جلوه گر ٿيو آهي، ۽ انهن جي ئي تقاضائن سبب هو اکين جي مشاهدي کان بري ٿي ويو آهي، حرڪت ۽ سڪون ان تي طاري تي نٿي سگهي، پلا جيڪا شيءِ هن مخلوقات تي طاري ڪئي هجي، سا هن تي طاري ڪيئن ٿي سگهي ٿي، ۽ جيڪا شيءِ شروع شروع ۾ هن پيدا ڪئي آهي، سا هن جي طرف ڪيئن ذمي ٿي سگهي ٿي، ۽ جنهن شيءِ کي هن پيدا ڪيو هجي سا ان ۾ ڪيئن



Presented by Ziaraat.Com

موجود ٿي سگهي ٿي، جيڪڏهن ائين هجي، ته هن جي ذات تبديلي حالت واري سمجهي ويندي، ۽ ان جي هستي تقسيم جي قابل ٿيندي، ۽ ان جي حقيقت هميشگي ۽ دوام هجڻ کان عليحده ٿي ويندي، جيڪڏهن هن لاءِ سامهون وارو پاسو آهي، ته پويون طرف به هوندو، ۽ جيڪڏهن هن ۾ ڪمي اچي ٿي ته پوءِ هو ان جي تڪميل جو به محتاج رهي ٿو، ۽ پوءِ ان صورت ۾ مخلوق واريون علامتون به اچي وينديون ۽ جڏهن ته سموريون حقيقتون سندس هستي جو دليل هيون، تنهن صورت ۾ هو خود ڪنهن خالق جي وجود جو دليل بڻجي ويندو، حالانڪ ان مجيل ڳالهه جي ڪري ته هن ۾ مخلوق جي صفتن جو هجڻ ممنوع آهي، تن کان هو پاڪ آهي، جو هن ۾ اها شيءِ اثر انداز ٿئي، جيڪا مخلوق ۾ اثر انداز ٿئي ٿي، هو بدلجي سدلجي ٿو، نه زوال پذير ٿئي ٿو ۽ نه وري غروب ٿيڻ هنجي لاءِ روا آهي، هن جو ڪو اولاد نه آهي ۽ نه هو ڪنهن جو اولاد آهي، ورنه هو محدود ٿي رهجي ويندو، هو ( الله ) آل اولاد رکڻ کان بالاتر ۽ زالن کي ڇهڻ کان پاڪ آهي، تصورات هن کي حاصل ڪري نٿا سگهن، جيڪي سندس اندازو ڪري سگهن ۽ عقل هن جو تصور نٿا ڪري سگهن، جيڪي هن جي ڪا صورت مقرر ڪري سگهن.حواس هن جو ادراڪ نٿا ڪري سگهن، جو هن کي محسوس ڪري سگهجي، ۽ هٿ ان کي ڇهي نٿو سگهي، هو ڪنهن به حالت ۾ نٿو بدلجي، ۽ نه مختلف حالتن ۾ منتقل ٿيندو رهي ٿو، ۽ نه رات ۽ ڏينهن هن کي ڪو پراڻو ڪن ٿا نه روشني ۽ اونداهي هن کي بدلائي ٿي، هن کي عضون ، جزن جي صفتن مان ڪنهن به هڪ صفت سان ۽ ذات کان سواءِ ڪنهن به شيءِ ۽ حصن سان موصوف ڪري نٿو سگهجي، هن جي لاءِ ڪا حد ۽ خاتمون يا پڇاڙي ۽ زوال پذيري ۽ انتها بابت چئي نٿو سگهجي، ۽ نه وري اهي ڳالهيون ان تي حاوي آهن. جيڪي خواه ڪيس بلند ڪن. ۽ خواه ڪيس پست ڪن، نه وري اهي شيون ڪيس ڪنيو بيٺيون آهن، جو هن کي هيڏانهن يا هوڏانهن موڙي سگهن يا سڌو رکن، نه هو شين جي اندر آهي ۽ نه انهن کان ٻاهر. هو خبر ڏئي ٿو، سواءِ زبان، تارون ۽ واڇن جي حرڪت جي. هو بغير ڪنن جي سوراخن ۽ ٻڌڻ جي حواسن کان سواءِ ٻڌي ٿو، هو ڳالهائي ٿو بغير تلفظ جي. هو هر ڳالهه کي ياد رکي ٿو ياد ڪرڻ جي تڪليف کان سواءِ هو ارادو ڪري ٿو. بغير قلب ۽ ضمير جي. هو دوست رکي ٿو ۽ خوشنود ٿئي ٿو، سواءِ طبيعت جي رقت جي. هو دشمن رکي ٿو، ۽ غضبناڪ به ٿئي ٿو، سواءِ غم ۽ ڪاوڙ جي تڪليف جي. جنهن کي پيدا ڪرڻ چاهي، تنهن کي "ٿيءُ" چوي ٿو، جنهن کان هو ٿي وڃي ٿو، سواءِ ڪنهن اهڙي آواز جي، جيڪو ڪن ( جي پردن) سان ٽڪرائي ۽ سواءِ اهڙي آواز جي، جيڪو ٻڌي سگهجي بلڪ سبحانه جو ڪلام بس ان جو ايجاد ڪيل فعل آهي ۽ اهڙي طرح وارو ڪلام جيڪو شروع کان موجود ٿي نه ٿو سگهي ۽ جيڪڏهن اهو قديم هجي ها ته ٻيو خدا به هجي ها. ائين به نٿو چئي سگهجي ته



Presented by Ziaraat.Com

اهو عدم کان پوءِ وجود ۾ آيو آهي، ۽ مٿس حادث صفتون يڪسان ٿيڻ لڳيون ، ۽ ان ۾ ۽ مخلوقات ۾ ڪو فرق نہ رهيو، ۽ نہ هن کي ان تي ڪا فوقيت ۽ برتري رهي، جنهن جي نتيجي ۾ خالق ۽ مخلوق هڪ سطح تي اچن ۽ صانع ۽ مصنوع برابر ٿي وڃن، هن مخلوقات کي بغير ڪنهن اهڙي نموني جي پيدا ڪيو، جيڪو ان کان پهرين ڪنهن ٻئي قائم ڪيو هجي، ۽ ان جي بنائڻ ۾ هن مخلوقات مان ڪنهن هڪ کان بہ مدد نہ گهري، هن زمين کي وجود ۾ آندو ۽ سواءِ ان ڪم ۾ منجهڻ جي ان کي روڪي رکيو، ۽ سواءِ ڪنهن شيءِ جي ٽيڪ ڪانسواءِ ان کي برقرار ڪري ڇڏيو، ۽ سواءِ ٿنين جي قائم ۽ سواءِ سهارن جي ان کي بلند ڪيائين. ڪجي ۽ جهڪاءُ کان ان کي محفوظ ڪيائين، ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ڪرڻ ۽ ڦاٽڻ کان ان کي بچائي رکيائين، ان جي جبلن کي ڪلن وانگر کوڙيائين ۽ ميدانن کي مضبوطي سان نصب ڪيائين . ان جي چشمن کي جاري ۽ پاڻي جي گزر گاهن کي چيريل ڪيائين . هن جيڪي ڪجھ بنايو، تنهن ۾ ڪا سستي نہ آئي ، ۽ جنهن کي مضبوط ڪيائين، تنهن ۾ ڪمزوري پيدا نہ ٿي، هو پنهنجي عظمت ۽ شاهي سان زمين تي غالب، علم ۽ دانائي جي ڪري ان جي اندروني رازن کان واقف ۽ پنهنجي جلال ۽ عزت سببان ان جي هر شيءِ تي ڇانيل آهي. هو جنهن شيءِ جو ان کان خواهان ٿئي ٿو، سا سندس دسترس کان ٻاهر ٿي نٿي سگهي، ۽ نہ ان کان منهن ڦيري مٿس غالب اچي سگهي ٿو. ۽ نہ ڪو تيزرو سندس قبضي مان نڪري سگهي ٿو، تہ ان کان وڌي وڃي ، ۽ نہ هو ڪنهن مالدار جو محتاج ئي جي اڳيان ذليل ۽ خوار آهن. سندس سلطنت ( جي وسعتن) مان نڪري ڪري ٻئي طرف ڀڄي وڃڻ جي ڪنهن کي بہ همت نہ آهي، جو هن جي جود و عطا کان پاڻ کي ( بي نياز) ۽ هن جي گرفت کان پاڻ کي محفوظ سمجهي، نہ هن جو ڪو همسر آهي، جيڪو ساڻس برابري ڪري ۽ نہ ان جو ڪو مثل ۽ نظير آهي، جيڪو ان سان برابري ڪري سگهي، اهو ئي شين کي وجود ۾ آڻڻ کان پوءِ فنا ڪرڻ وارو آهي، تانجو هي موجود شيون انهن شين وانگر ٿي وڃن، جي ڪڏهن هيون ئي ڪين ۽ هن دنيا کي پيدا ڪرڻ کان پوءِ وري نابود ڪرڻ ان جي شروع شروع ۾ وجود آڻڻ کان وڌيڪ تعجب خيز ( ۽ ڏکيو) نہ آهي پر ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو. جڏهن تہ سمورا حيوان ، پرنده هجن يا چوپايو مال، رات جو گهرن ڏانهن موٽي ايندڙ هجن ها، يا جهنگ ۾ چرندا هجن، ڪهڙي بہ قسم جا هجن ۽ جنهن بہ قسم جا هجن اهي ۽ سمورا ماڻهو ڪند ذهن هجن يا ڪم فهم هجن يا زيرڪ ۽ هوشيار، سي سيئي پاڻ ۾ ملي ڪري جيڪڏهن هڪ مڇر کي پيدا ڪرڻ چاهين تہ اهي ان جي پيدا ڪرڻ تي قادر نہ ٿيندا، ۽ نہ وري اها حقيقت سمجهي سگهندا، تہ ان جي پيدا ڪرڻ جي ڪهڙي صورت آهي ۽ ان ڄاڻ جي باري ۾ انهن جا عقل حيران ۽ سرگردان ۽ طاقتور عاجز ۽ پريشان ٿي ويندا ۽ اهو ڄاڻندي تہ هو شڪست خورده آهن ۽ اهي



Presented by Ziaraat.Com

اقرار ڪن ٿا تہ هو ان جي ايجاد کان عاجز آهن ۽ اهو قبول ڪندي تہ اهي انهن کي فنا ڪرڻ کان بہ عاجز آهن، زخمي ڏکويل ٿي واپس موٽي ويندا بيشڪ الله سبحانہ دنيا جي متجي وڃڻ کانپوءِ هڪ اڪيلو هوندو، ڪا بہ شيءِ ان سان نہ هوندي جهڙي طرح دنيا جي ايجاد ۽ پيدائش کان پهرين هو، تيئن ان جي فنا ٿي وڃڻ کانپوءِ سواءِ وقت ۽ جڳهہ ۽ مهل ۽ زمان جي هوندو. ان وقت مدتون اوقات (وقت) سال ۽ گهڙيون سڀ نابود ٿينديون سواءِ ان خدا واحد ۽ قهار جي، جنهن ڏانهن سڀني کي موٽڻو آهي، ڪا بہ شيءِ باقي نہ رهندي انهن جي پيدائش جي ابتدا سندن اختيار ۽ قدرت کان ٻاهر هئي ۽ انهن جو فنا ٿيڻ بہ انهن جي روڪڻ جي بغير ٿيندو، جيڪڏهن ڪين انڪار ڪرڻ تي قدرت هجي ها تہ انهن جي زندگي بقا سان همڪنار هجي ها جڏهن هن ڪنهن بہ شيءِ کي بنايو ، تہ ان جي بنائڻ ۾ ڪيس ڪا ڏکيائي پيش نہ آئي. ۽ جنهن بہ شيءِ کي ان خلقيو ۽ ايجاد ڪيو، تنهن جي پيدائش ڪيس نڪو ماندو ڪيو ۽ نہ ٿڪايو.

هي پنهنجي سلطنت ( جي بنيادن) کي استوار ڪرڻ ۽ ( مملڪت جي) زوال ۽ (عزت جي) وڃڻ جي خطرن ( کان بچائڻ) ۽ ڪنهن گڏ ٿيل حريف ٽولي جي خلاف مدد حاصل ڪرڻ ۽ ڪنهن حملو ڪندڙ غنيم کان محفوظ رهڻ ۽ ملڪ ۽ سلطنت جي دائري کي وڌائڻ ۽ ڪنهن شريڪ جي مقابلي ۾ پنهنجي ڪثرت تي فخر ڪرڻ لاءِ انهن شين کي پيدا ڪيائين ۽ نہ انهي ڪري تہ هن ( تنهائي جي) وحشت کان (ڊڄي ) اهو چاهيو تہ انهن شين سان دل وندرائي ، پوءِ هو انهن شين کي بنائڻ کانپوءِ وري فنا ڪندو . انهي ڪري نہ تہ انهن ۾ رد بدل آڻڻ ۽ انهن جي نگهباني ڪرڻ سان سندس دل تنگ ٿي هجي ۽ نہ آسودگي ۽ راحت جي خيال جيڪي ( انهن کي برباد ڪري) ڪيس حاصل ٿيڻ جو ڪو توقع هجي ۽ نہ وري انهي سبب کان، تہ انهن مان ڪنهن شيءِ جو مٿس ڪو بار هجي ڪيس انهن شين جو طول طويل بقا، تڪليف يا مونجهاري ۾ نٿي وجهي تہ هو انهن کي جلدي سان فنا ڪرڻ گهري ٿو، بلڪ الله سبحانہ پنهجي لطف ۽ ڪرم سان انهن جو بندوبست ڪيو آهي ۽ پنهنجي حڪم سان انهن جي روڪٿام فنا ڪرڻ چڏي آهي، ۽ پنهنجي قدرت سان انهن کي مضبوط بنايو آهي ۽ وري هو انهن کي فنا ڪرڻ کانپوءِ واپس ڪندو، ان لاءِ تہ انهن مان ڪنهن شيءِ جو ڪيس احتياج آهي ۽ نہ ان جي مدد جو خواهان آهي ۽ نہ تنهائي جي الجهن دور ٿئي دل وندرائڻ جي حالت کي پيدا ڪرڻ لاءِ جهالت ۽ بي عقلي جي حالت کان واقفيت ۽ تجربات جي دنيا ۾ اچڻ لاءِ ۽ نہ محتاجي ۽ مسڪيني کي مال دولت جي واڌاري لاءِ ۽ نہ ذلت ۽ پستي کان عزت ۽ تونگري ڏي اچڻ جي لاءِ انهن کي دوبارا پيدا ڪري ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 187: فتنن ۽ حادثن جو ذڪر

هي خطبو، فتنن ۽ حادثن جي ذڪر سان مخصوص آهي:

هائو! منهنجا ماءُ پيءُ انهن اڻ ڳڻين فردن تان قربان ٿين جن جا نالا آسمانن ۾ ته ڄاتل سڃاتل آهن ۽ زمين تي اڻ ڄاتل آهن، تنهن ڪري ان صورتحال جا متوقع رهو ته جڏهن توهان ڪي مسلسل ناڪاميون ٿينديون رهن، ۽ توهان جا تعلقات درهم برهم ٿين، ۽ توهان مان ننديا ڪم ڪار ۾ نظر اچن ته، پوءِ هي اهو وقت هوندو جڏهن مومن لاءِ حلال جي طريقي سان هڪ درهم حاصل ڪرڻ کان تلوار جو وار سهڻ آسان هوندو، سو اهو وقت ٿيندو، جڏهن وٺڻ واري ( فقير بنيو!) جو اجر ثواب ڏيڻ وارن اميرن کان وڌيڪ هوندو. هي اهو زمانو هوندو جڏهن توهان مست ۽ سرشار هوندا (رڳو) شراب سان نه بلڪ عيش ۽ آرام سان ۽ سواءِ ڪنهن مجبوري جي ( ڳالهه ڳالهه تي) قسم کڻندؤ ۽ سواءِ ڪنهن لاچاري جي ڪوڙ ڳالهيندؤ، هي وقت هوندو جڏهن مصيبتون توهان کي اهڙي طرح کائينديون، جهڙي طرح اٺ جي ٿوهي کي پاڪڙو، ( افسوس) انهن سختين جي مدت ڪيڏي نه وڏيل ۽ ان مان نڪرڻ جون) اميدون ڪيتريون نه گهٽ آهن.

اي انسانؤ! انهن سوارين جون واڳون لاهي اڇلايو، جن جي پٺين توهان جي هٿان گناهن جا بار کنيا آهن، پنهنجي حاڪم کان ڌار ٿي عليحده نه ٿيو، ورنه بد اعمالين جي نتيجي ۾ پنهنجي نفسن کي برو ڀلو چوندؤ ۽ جيڪا فتني جي باھ توهان جي اڳيان ڀيڙ ٿي پئي ٻري، تنهن ۾ اڪيون پوري ٽپي نه پئو. ان (باھ) کان پاسو ڪري هلو ۽ درمياني راھ اختيار ڪريو، ڇو جو منهنجي سر جو قسم! ته هي اها باھ آهي جنهن ۾ مومن ان جي لپيٽن ۾ تباھ ۽ برباد ۽ ڪافر ان ۾ سالم ۽ محفوظ رهندو. توهان جي وچ ۾ منهجو مثال ائين آهي. جيئن اونداهي ۾ چراغ. پوءِ جيڪو ان ۾ داخل ٿيندو سو ان مان روشني حاصل ڪندو.

اي انسانؤ! ٻڌو ۽ ياد رکو! ۽ دل جي ڪنن کي (کولي) سامهون ڪريو، ته جيئن سمجهي سگهو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 188: وعظ

وعظ

اي انسانؤ! آءٌ توهان کي الله تعاليٰ کان ڊڄندي رهڻ جي وصيت ڪريان ٿو، ۽ ان جي انهن نعمتن تي جيڪي هن توهان کي عطا ڪيون آهن، انهن انعامن تي جيڪي هن توهان کي بخشا آهن ۽ انهن احسانن تي، جيڪي هن توهان تي سدائين ڪيا آهن تن تي ڪثرت سان حمد ۽ تعريف ڪرڻ جي نصيحت ڪريان ٿو. هن ڪيئن نہ توهان کي پنهنجي نعمتن لاءِ مخصوص ڪيو، ۽ پنهنجي رحمت سان توهان جي دستگيري ڪئي. توهان ظاهر ظهور برايون ڪيون، ليڪن هن توهان جي پرده پوشي ڪئي، توهان اهڙيون حرڪتون ڪيون ، جيڪي گرفت ڪرڻ جي لائق هيون، مگر توهان کي ڍر ڏني. آءٌ توهان کي سمجهايان ٿو تہ موت کي ياد ڪريو، ۽ ان کان پنهنجي غفلت کي گهٽ ڪريو، ۽ آخر توهان ان غفلت ۾ ڇو پيا آهيو، جيڪو توهان کان هرگز غافل نہ آهي. ۽ ڇو ان (موت جي فرشتي) ۾ اميد ڪريو ٿا، جيڪو توهان کي ذرو بہ مهلت نہ ڏيندو، توهان کي نصيحت ۽ عبرت ڏيڻ لاءِ اهي ئي مرڻ وارا ڪافي آهن، جن کي توهان ڏسندا رهو ٿا ، انهن کي (ڪلهن تي) کڻي قبرن جي طرف آندو ويو، اهڙي حالت ۾ جو هو خود سوار ٿي نہ سگهيا، ۽ انهن کي قبرن ۾ لاٿو ويو، جڏهن تہ هو خود لهڻ جي لائق نہ هئا.

)ائين فنا ٿي ويا) جو ڄڻ تہ هي دنيا ۾ ڪڏهن آيا ئي نہ هئا، ۽ گويا اهو ئي آخرت ( جو گهر) انهن جو هميشہ وارو گهر هو، جنهن کي وطن بنايو هئائون. تنهن کي سنسان ڇڏي ويا ۽ جنهن کان ڊڄندا هئا، اتي هاڻي وڃي سڪونت اختيار ڪئي اٿن. هميشہ انهي گهر پٺي انتظام ڪيائون جنهن کي ڇڏڻو هو، ۽ اتي جو ڪو فڪر نہ ڪيائون جتي وڃڻو هو.

)هاڻي) نہ برائين کان (توبہ ڪري) واپس اچڻ هنن جي وس ۾ آهي ۽ نہ پنهنجن نيڪين کي وڌائڻ انهن جي اختيار ۾ آهي، هنن دنيا سان دل لڳائي تہ سهي پر هن انهن کي ڌوڪو ڏنو، ۽ ان تي ڀروسو ڪيائون تہ ان هنن کي پٺيرو ڪيرائي دسيو، الله تعاليٰ توهان تي رحم ڪري، انهن گهرن ڏانهن توجهہ ڪرڻ ۾ جلدي ڪندا ڪريو، جن جي آبادي ڪرڻ جو توهان کي حڪم ڪيو ويو آهي، ۽ جن جو توهان کي شوق ڏياريو ويو آهي ۽ جن جي طرف توهان کي سڏيو ويو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

هن ( الله) جي اطاعت تي صبر ۽ گناهن کان پاسو ڪري، سندس نعمتن کي جيڪي توهان تي عطا ڪيل آهن، تن کي پايهءِ تڪميل تائين پهچايو، ڇو جو اچڻ واري "سياٽي" اڄوڪي ڏينهن کي نهايت ويجهي آهي.

ڏينهن ۾ گهريون ڪيتريون نه تيز قدم آهن، ۽ مهينن ۾ ڏينهن نه تيز رو آهن، ۽ سالن ۾ مهينا ڪيترا نه تيز گام آهن، ۽ عمر ۾ ڪيترا نه سال تيز رفتار آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 189: جيڪي پڇڻ چاهيو سو پڇو

جيڪي پڇڻ چاهيو سو پڇو

هڪڙو تہ ايمان اهو ٿئي ٿو، جيڪو دلين ۾ چميل هجي ۽ برقرار هوندو آهي ۽ هڪڙو اهو، جيڪو دلين ۽ سيني ( جي تهن) ۾ ڪنهن مقرر مدت تائين عاريتا هوندو آهي، تنهن ڪري جيڪڏهن ڪنهن بہ هڪ ۾ توهان کي ڪا برائي اهڙي نظر اچي جنهن کان توهان کي اظهار بيزاري ڪرڻي پوي، تہ ان کي ان وقت تائين موقوف رکو جيسين ان شخص جو موت اچي، ڇو جو ان موقعي تي بيزاري جو اظهار پنهنجي حد تي واقع ٿيندو.

هجرت جو اصول اڳي وانگر هاڻي بہ برقرار آهي، زمين وارن مان ڪهڙو بہ گروهہ چپ چاپ سان الله تعالىٰ جو رستو اختيار ڪري يا ظاهر ظهور، بهرحال الله تعالىٰ کي ڪو ان جو احتياج نہ آهي. زمين ۾ خدا جي حجت جي معرفت کان سواءِ ڪنهن بہ هڪ کي صحيح معنىٰ ۾ مهاجر نٿو چئي سگهجي. ها! جيڪو ان کي سڃاڻي ۽ ان جو اقرار ڪري، سو ئي مهاجر آهي. ۽ جنهن تائين حجت ( الاهيہ) جي خبر پهچي، ۽ ان جا ڪن ٻڌن ۽ دليون محفوظ ڪن، تہ ان کي مستضعف ( جن تي هجرت لازم نہ آهي) تن ۾ داخل نٿو سمجهي سگهجي. تحقيق اسان جو معاملو هڪ امر مشڪل ۽ دشوار آهي جنهن جي سهڻ وارو اهو ئي مومن بندو ٿيندو، جنهن جي دل کي الله تعالىٰ ايمان جي لاءِ پرکيو هجي، ۽ اسان جي قولن ۽ حديثن کي فقط امانتدار سينا ۽ پختا عقل ئي محفوظ رکي سگهن ٿا، اي انسانؤ! مون کي وڃائڻ کان پهرين مون کان پڇو ۽ آءُ زمين جي رستن کان وڌيڪ آسمان جي رستن کان واقف آهيان، تنهن ڪري ان کان پهرين ( پڇي وٺو) جو اهو فتنو پنهنجا پير کڻي، جنهن جي مهار کي بہ پنهنجي پيرن هيٺان لتاڙيو ويو هجي، ۽ جنهن، ماڻهن جي عقلن کي پڻ زائل ڪيو هجي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 190: وعظ ۽ نصيحت

آءُ هن ( الله تعالىٰ ) جي ڏنل انعامات جي شڪريہ ۾ سندس حمد ڪريان ٿو، ۽ سندس سمورن حقن کي ادا ڪرڻ لاءِ انهي کان مدد گهران ٿو. هو نهايت وڏي لاؤ لشڪر ۽ وڏي شان وارو آهي ۽ آءُ شاهدي ڏيان ٿو تہ محمد صلعم جن سندس عبد ۽ رسول آهن، جن سندس اطاعت جي طرف ماڻهن کي سڏيو، ۽ دين جي راه ۾ جهاد ڪري، هن جي دشمنن تي غلبو حاصل ڪيائون، ڪين ڪوڙي ڪرڻ تي، ماڻهن جي پڌي ڪرڻ ۽ ان جي نور کي وسائڻ لاءِ ڪوشش تلاش ۾ لڳو رهڻ، ڪين ان ( تبليغ ۽ جهاد جي) راه کان هٽائي نہ سگهيا.

هاڻي توهان تي لازم آهي، تہ الله تعالىٰ جي خوف ۾ لڳا رهو، ان ڪري جو ان جي رسي جي ڳنڍ مضبوط ۽ ان جي پناه چوٽي هر طرح محفوظ آهي. ۽ موت ۽ ان جي سختين ( جي اچڻ) کان اڳ ۾ پنهنجا عمل ۽ فرض پورا ڪريو، ۽ ان جي اچڻ کان پهرين اتي جو ثمر ڪري وٺو، ۽ ان جي وارد ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي تهيو ڪريو، ڇو جو آخري منزل قيامت آهي، ۽ اها عقلمندي جي لاءِ نصيحت ڏيڻ ۽ نادان لاءِ عبرت بنجڻ لاءِ ڪافي آهي. ۽ خوفناڪي، خوف جو دهشتون، ( فشار قبر کان) پاسيرن جو هيڏي کان هوڏي ٿيڻ، ڪنن جي ٻوڙائپ. لحد جي اونداهي، عذاب جون ڌمڪيون قبر جي منهن ( شگاف) جو بند ٿيڻ ۽ ان تي پٿرن يا سرن جو گڏ ڪري رکڻ.

اي الله جا بندؤ! الله کان ڊڄو، ڊڄو ڇو جو دنيا توهان جي لاءِ هڪ ئي نموني تي هلي رهي آهي، پڻ توهان ۽ قيامت هڪ ئي رسي ۾ ٻڌل آهيو، گويا هو پنهنجي علامتن کي ظاهر ڪري اچي چڪي آهي. (قيامت) پنهنجي جهنڊن کي ڪٽي قريب پهتي آهي ۽ توهان کي پنهنجي رستي تي بيهاري ڇڏيو اٿس. ڇڻ تہ اها پنهنجي مصيبتن کي ساڻ ڪري ، توهان جي سرن تي اچي بيٺي آهي، بلڪ پنهنجو سينو تاڻي بيٺي آهي. ۽ دنيا پنهنجي رهڻ وارن کان ڪناره ڪشي ڪري چڪي آهي ۽ ڪين پنهنجي هنج کان الڳ ڪيو اٿس، ڇڻ تہ اهو هڪڙو ڏينهن هو، جيڪو ختم ٿي چڪو. ۽ هڪ مهينو هو، جيڪو گذري ويو ان جون نيون شيون پراڻيون ۽ ٿلها متارا (جسم) سنهڙا ٿي ويا. هڪ اهڙي جڳهہ تي جيڪا تنگ آهي. ۽ اهڙين شين ۾ (ڦاسجي) جيڪي ايرندڙ شعلا، ڀڙڪڻ جا غضبناڪ آواز، جهڙپون تکيون ۽ تيز وسائڻ مشڪل، ڀڙڪڻ تکو، دهشتناڪ خطرا، اونهائي تي نگاه نہ پهچي سگهي، پاسا ۽ طرف ڪاري اونداهي ( باه جون) ديڳيون ٽهڪندڙ ۽ سڀ ڳالهيون سخت ۽ ناگوار آهن. ۽ جيڪي ماڻهو خدا جو خوف ڪندا



Presented by Ziaraat.Com

هئا، تن کي ٽولن جي صورت ۾ جنت جي طرف نيو ويندو، اهي عذاب کان محفوظ، سيڪت ۽ ملامت کان عليحده ۽ ٻاهه کان بري ٿيندا، انهن جو گهر پر سڪون ۽ اهي پنهنجي منزل ۽ قرار جي جاءِ ۾ خوش هوندا. هي اهي ماڻهو آهن، جن جا دنيا ۾ اعمال پاڪ و پاڪيزه هئا، ۽ اکيون اشڪبار رهنديو هيون، دنيا ۾ انهن جون راتيون خضوع ۽ خشوع ۽ توبہ ۽ استغفار ۾ (بيداري جي سببان) ۽ ڏينهن، ماڻهن کان وحشت ۾ وجهڻ وارا ۽ عليحده رهڻ سببان انهن جي لاءِ رات هئا. تہ الله جنت کي انهن لاءِ واپسي جي جڳهه ۽ اتي جي نعمتن کي انهن لاءِ جزا مقرر ڪيو آهي ۽ اهي ان ڳالهه جا لائق ، اهل ۽ حقدار هئا، هن هميشہ رهڻ واري سلطنت ۽ برقرار رهڻ وارين نعمتن ۾.

تنهن ڪري اي الله تعاليٰ جا بندؤ! انهن ڳالهين جي پابندي ڪريو، جن جي پابندي ڪرڻ سان توهان مان ڪامياب ٿيڻ وارو ڪامياب ۽ انهن کي ضائع ۽ برباد ڪرڻ وارو غلط هلڻ وارو هاڃي ۾ هوندو. موت جي اچڻ کان اڳ ۾ نيڪ عملن جو توشو گڏ ڪريو، انهي ڪري جو جن عملن کي توهان اڳ ۾ موڪلي چڪا هوندؤ، تنهن جي ئي هٿن ۾ توهان گروي هوندؤ، ۽ جيڪي ڪار گذاريون ڪري چڪا هوندو تن جو عيوض ملندو، ۽ اهو سمجهندا رهو تہ ڇڻ موت توهان تي وارد ٿي چڪو آهي، جنهن کان پوءِ نہ تہ توهان کي موٽڻو آهي ۽ نہ گناهن ۽ خطائن کان ڇٽڻ جو ڪو موقعو ئي آهي، خداوند عالم اسان کي ۽ توهان کي پنهنجي ۽ پنهنجي رسول جي اطاعت جي توفيق عطا فرماءِ ۽ پنهنجي رحمت جي گهٽائي سان اسان کي ۽ توهان کي عفو واري دامن ۾ جڳهه عطا ڪري. زمين سان چهٽا رهو، مصيبت ۽ سختي کي برداشت ڪندا رهو ۽ پنهنجي زبان جي خواهشن سان مغلوب ٿي ڪري پنهنجي هٿن ۽ تلوارن کي حرڪتن ۾ نہ آڻيو ۽ جن ڳالهين ۾ خدا تڪڙ نہ ڪئي آهي تن ۾ جلدي نہ ڪريو. بيشڪ توهان مان جيڪو شخص الله ۽ ان جي رسول ۽ ان جي اهلبيت جي حق کي سڃاڻيندي بستري تي ساهه ڏئي ٿو سو شهيد ٿي مري ٿو ۽ ان جو اجر الله جي ذمي آهي، ۽ جنهن عمل خير جي نيت هن ڪئي آهي سو ثواب جو مستحق ٿئي ٿو ۽ ان شخص جي اها نيت تلوار ڪڍڻ جي برابر آهي، بيشڪ هر ڳالهه جي هڪ مدت ۽ معياد ٿيندو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 191: دنيا ۽ دنيا پرست

دنيا ۽ دنيا پرست

سڀ کان تعريف ان الله تعالىٰ کي جڳائي جنهن جو حمد همہ گير آهي، جنهن جو لشڪر غالب ۽ شان ۽ عظمت بلند آهي آءُ ان جي لڳاتار نعمتن ۽ بلندپايہ عطين تي ان جي حمد و ثنا ڪريان ٿو. سندس حلم جو درجو بلند آهي جيئن تہ هن گنهگارن کي درگذر ڪيو ۽ انهن جو هر فيصلو عدل ۽ انصاف تي رکيل آهي هو گزريل ۽ گذرندڙ ڳالهين کي ڄاڻي ٿو ۽ هو ڪنهن جي نقش قدم تي هلڻ کانسواءِ ڪنهن جي سيکارڻ ۽ پڙهائڻ کانسواءِ ڪنهن بافهم صنعت گر جي نموني ۽ مثال جي پيروي ڪرڻ کانسواءِ ڪن خطائن ڪرڻ کانسواءِ ۽ بغير ڪن ( مشيرن) جي جماعت جي موجودگي جي، هو پنهنجي علم ۽ دانش سان مخلوقات کي ايجاد ڪري بنائڻ وارو آهي، ۽ آءُ گواهي ڏيان ٿو تہ محمد صلعم جن هن جا عبد ۽ رسول آهن جن کي ان وقت موڪليائين جڏهن ماڻهو گمراهين ۾ چڪر ڪاٽي رهيا هئا ۽ حيرانين ۾ غلطان ۽ پريشان هئا تباهي ۽ بربادي جون مهارون انهن کي پاڻ ڏي ڇڪي رهيون هيون، ڪٽ ۽ ڪدورت جا ڪٽيل تالا هنن جي دلين تي لڳل هئا.

اي الله جا بندؤ! آءُ توهان کي الله کان ڊڄندي رهڻ جي وصيت ڪريان ٿو اها تہ الله تعالىٰ جو توهان تي حق آهي ۽ توهان جي حق کي بہ الله تعالىٰ ثابت ڪرڻ وارو آهي ۽ پرهيزگاري جي لاءِ الله تعالىٰ کان مدد گهرو ۽ الاهي (تقرب) جي لاءِ پڻ انهي کان مدد گهرو انهي ڪري جو پرهيزگاري اڄ ( دنيا ۾ ) پناه ۽ ڍال آهي، ۽ سڀاڻي (هن دنيا ۾) جنت جي راه آهي ان جو رستو ظاهر ۽ ان جو مسافر واٽهڙو ، نفعي ۾ رهڻ وارو آهي. پوءِ اهو جنهن جي سپردگي ۾ آهي، سو ان جو نگهبان آهي اها تقوىٰ پنهنجو پاڻ کي گذري ويلن ۽ پوئتي رهجي ويلن امتن جي اڳيان هميشہ پيش ڪندي رهي آهي ڇو جو اهي سڀئي ان جا حاجتمند هوندا سڀاڻي جڏهن خدا وند عالم پنهنجي مخلوق کي پيو پيرو موٽائيندو ۽ جيڪي ڏنو اٿس سو واپس وٺندو ۽ پنهنجي عطا ڪيل نعمتن جي باري ۾ سوال ڪندو تڏهن ان کي قبول ڪرڻ وارا ۽ ان جو پورو پورو حق ادا ڪرڻ وارا نهايت ئي ٿورا نڪرندا. اهي ڳڻپ جي لحاظ کان گهٽ ۽ انهي ساراه جي مصداق آهن. جو الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ: منهنجي بندن مان شڪر گذار بندا گهٽ آهن. تنهن ڪري تقوىٰ جي (آواز تي) پنهنجا ڪن ڏيو. ۽ سعي ۽ ڪوشش سان برابر ان جي پابندي ڪريو ۽ ان (تقوىٰ) کي گذريل ڪوتاهين جو عيوض مقرر ڪريو ۽ هر مخالفت ڪرڻ واري جي بدلي ۾ هن کي پنهنجو همنوا بنايو.



Presented by Ziaraat.Com

ان (تقويٰ) کي غفلت جي خواب مان پنهنجي جاڳائڻ جو ذريعو بڻايو ۽ انهي ۾ ئي پنهنجا ڏينهن گذاريو ۽ ان کي پنهنجي دلين جو طور طريقو ۽ عادت بڻايو ۽ گناهن کي ان جي ذريعي سان ڌوئي ڇڏيو. ۽ ان سان پنهنجي بيمارين جو علاج ڪريو ۽ موت کان پهرين ان جو توشو حاصل ڪريو، ۽ جن ان کي ضايع ۽ برباد ڪيو آهي تن کان عبرت حاصل ڪريو ائين نہ ٿئي جو ٻيا تقويٰ تي عمل ڪرڻ وارا. توهان کان عبرت اندوز ٿين، ڏسو ! ان جي حفاظت ڪريو ۽ ان جي وسيلي پنهنجي لاءِ حفاظت جو سامان گڏ ڪريو، دنيا جي گندگين (گناهن) کان پنهنجي دامن کي پاڪ صاف رکو ۽ آخرت جي طرف سچائي واري انداز سان وڃو، جنهن کي تقويٰ بلندي بخشي هجي تنهن کي گهٽ نہ سمجهو ۽ جنهن کي دنيا اوج ۽ بلندي تي پهچايو هجي تنهن کي بلند مرتبي وارو نہ سمجهو. ان جي چمڪندڙ ڪڪرن تي نظر نہ ڪريو ان جي ڳالهين ڪرڻ واري جي ڳالهين تي ڪن نہ ڏيو. ۽ نہ ان جي دعوت ڏيڻ واري جي (آواز تي) لبيڪ چئو ۽ نہ ان جي چمڪڻ کان ڪا روشني جي اميد ڪريو، ۽ نہ ان جي عمدين ۽ نفيس شين تي ساهہ ڏيو. ڇاڪاڻ تہ ان جون (دنيوي) چمڪندڙ بجليون فقط نمائش (ڏيکاءُ) آهن. ۽ ان جون ڳالهيون ڪوڙيون آهن، ان جو ورثو تباهہ ۽ ان جو عمدو مال متاع برباد ٿيڻ وارو آهي، ڏسو ! هي دنيا پنهنجي جهلڪ ڏيکاري منهن موڙڻ واري چنبال، بدلغام، سرڪش ۽ نهايت بد ديانت، تيسر، ضدي بي صبر، بي قرار ۽ سڌي راهہ کان مڙڻ ، منهن ڦيرائڻ واري ۽ ٽيڙهي چال هلڻ واري، لو ڇ پو ڇ ڳڻتي واري آهي، هن جو اهو شيوو آهي تہ ( هڪ کان ٻئي جي طرف) موٽ کائي واپس ٿئي ٿي، ۽ هن جو هر قدم زلزلہ انگيز آهي هن جي عزت (سراسر) ذلت، هن جي سنجيدگي عين بيهودگي ۽ هن جي بلندي سر تا سر پستي آهي. هي ڦر لٽ ۽ تباهہ ڪرڻ واري ۽ هلاڪت ۽ بربادي جو گهر آهي، هن ۾ رهڻ وارا آماده سفر، هل هلان جا منتظر، وصل ۽ هجر جي ڪشمڪش ۾ گرفتار، هن جون راهون پري پري، متفرق ۽ پريشان هن کان پڇڻ جون راهون ڏکيون ۽ هن جا منصوبا ناڪام آهن. جيئن تہ هن جي مضبوط ڪنارن ان کي ( بي يار و مددگار) ڇڏي ڏنو. ۽ ان جي گهرن کين پري اڇلي ڇڏيو، ۽ ان جي سمورين دانشمندين کين درمانده ڪري ڇڏيو. هاڻي باقي جيڪي آهن، (تن جي اها حالت آهي) جو ڪن جون ڪچون وڍيل آهن، ۽ ڪي گوشت جا ڇيڇڙا آهن، جن جون کلون لٿل آهن، ۽ ڪي ڪپيل جسم آهن ۽ ڪي وهندڙ خون آهن ۽ ڪي (ڏک ۽ غم کان) پنهنجا هٿ ڪپڻ وارا ۽ ڪي افسوس ۾ هٿن ملڻ وارا ۽ ڪي (فڪر ۽ ڳڻتي ۾) ڳل گوڏن تي رکيو ويٺا آهن ۽ ڪي پنهنجي سمجهہ کي وڃائڻ وارا ۽ ڪي پنهنجن ارادن کان ڦري وڃڻ وارا آهن. ليڪن هاڻي ڇا ٿيندو، جڏهن ڇوٽڪاري جو موقعو هٿن مان نڪري چڪو، اوچتو مصيبت سامهون اچي وئي، (تڏهن) هاڻي نڪري پڇڻ جو وقت ڪٿي آهي اها تہ هڪڙي اڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي جيڪا شيءِ



Presented by Ziaraat.Com

هٿن مان نڪري وئي سا نڪري وئي، ۽ جيڪو وقت گذري چڪو سو گذري چڪو، ۽ دنيا پنهنجي ضد ۽ هٺ موجب گذري وئي، ان تي نہ آسمان رنو نہ زمين ۽ نہ وري انهن کي مهلت ئي ڏني وئي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 192: خطبۂ قاصعہ

خطبۂ قاصعہ

هن خطبي جو نالي ” خطبۂ قاصعہ“ آهي. جنهن ۾ ابليس جي مذمت آهي ان جي تڪبر ۽ غرور پڻ آدم (عليہ السلام) جي اڳيان سجدي نہ ڪرڻ تي، ۽ اهو پهريون فرد آهي جنهن تعصب جو مظاهرو ڪيو، وڏائي ۽ نخوت جي راهہ اختيار ڪئي، ۽ ماڻهن کي ان جي طور طريقن تي هلڻ کان تنبيهہ ڪيل آهي:

سڀ ڪا ساراهہ ان الله تعاليٰ جي لاءِ آهي جيڪو عزت ۽ ڪبريائي جي چادر پهريل آهي، ۽ جنهن انهن پنهي صفتن جي، ڪنهن ٻئي جي شريڪ ٿيڻ کان سواءِ پنهنجي ذات لاءِ مخصوص ڪئي آهي ۽ ٻين جي لاءِ ممنوع ۽ ناجائز مقرر ڪندي فقط پنهنجي لاءِ انهن کي منتخب ڪيو آهي، ۽ سندس بندن مان جيڪو انهن صفتن ۾ ان سان ٽڪر کائيندو تنهن تي لعنت ڪئي اٿس ۽ انهي ڪري هن پنهنجي مقرب فرشتن جو امتحان ورتو، تہ جيئن انهن مان عاجزي، خاڪساري ڪندڙن کي تڪبر ڪرڻ وارن مان چونڊي جدا ڪري، بهر حال الله سبحانہ انهي جي باوجود تہ هو دلين جي ڳجهن ۽ غيب جي پردن ۾ لڪل ڳالهين کان بہ آگاهہ آهي، فرمايائين تہ: آءُ مٽيءَ مان هڪ بشر بنائڻ وارو آهيان جڏهن آءُ ان کي تيار ڪريان ۽ پنهنجو خاص روح ڦوڪيان تہ توهان ان جي اڳيان سجدي ۾ ڪري پئجو سمورن فرشتن سجدو ڪيو، مگر ابليس ان کي سجدي ڪرڻ ۾ عار ڪيو، ۽ پنهنجي طبعي تخليق جي بنياد تي حضرت آدم جي مقابلي ۾ تڪبر ڪيائين ۽ پنهنجي اصليت جي لحاظ کان ان جي سامهون آڪڙ ڪيائين. بهرحال هي الله تعاليٰ جو دشمن تعصب ڪرڻ وارن جو اڳواڻ ۽ سرڪش جو پيشوا آهي، جنهن تعصب جو بنياد رکيو. الله تعاليٰ کان سندس عظمت ۽ ڪبريائي جي چادر کسڻ جو تصور ڪيائين. تڪبر ۽ سرڪشي جو لباس پهريائين، ۽ عاجزي ۽ خاڪساري جو نقاب لاهي ڇڏيائين، پوءِ توهان ڏسو نہ تہ الله ان کي وڏي بنجڻ سببان ڪهڙي طرح ننڍو ڪري ڇڏيو ۽ بلندي جي گمان سببان ڪهڙي طرح پستي ڏنائينس. دنيا ۾ ان کي رانده درگاهہ ڪيائين ۽ آخرت ۾ ان لاءِ ڀڙڪندڙ باهہ مهيا ڪئي، ۽ جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها تہ آدم کي هڪ اهڙي نور مان پيدا ڪري ها جنهن جي روشني اکين کي چنجهو ڪري ڇڏي. ۽ ان جي خوشنمائي عقلن تي ڇانئجي وڃي ۽ جنهن جي خوشبوءِ سان ساهہ بہ واسجي وڃن. ۽ جيڪڏهن ائين ڪري ها تہ هن جي اڳيان گردنون جهڪي وڃن ها، ۽ ان جي باري ۾ فرشتن جي آزمائش هلڪي ٿي وڃي ها، ليڪن الله سبحانہ پنهنجي مخلوقات کي اهرين شين سان آزمائي



Presented by Ziaraat.Com

ٿو، جن جي اصل ۽ حقيقت کان اهي ناواقف ٿين ٿا. ته جيئن ان آزمائش جي ذريعي ( چڱن ۽ برن فردن ۾) فرق ڪري سگهجي. انهن کان هٺ ۽ وڏائي کي الڳ ۽ غرور ۽ سرڪشي کي پري ڪري ڇڏي. توهان کي گهرجي ته الله تعاليٰ جيڪي شيطان سان ڪيو، تنهن مان عبرت حاصل ڪريو، ته ان جي طول طويل عبادتن ۽ ڀرپور ڪوششن تي ان جي هڪ گهڙي جي تڪبر سببان پاڻي ڦيري ڇڏيو، حالانڪ هن (شيطان) ڇهه هزار سالن تائين (جن جي بابت ڪا خبر نه آهي ته دنيا جا سال هئا يا آخرت جا) هن جي عبادت ڪئي، ته هاڻي ابليس کان پوءِ ڪير رهجي وڃي ٿو. ان جهڙا گناهه ڪري الله تعاليٰ جي عذاب کان محفوظ رهي سگهندو هجي؟ هر گز نه ائين نٿو ٿي سگهي، جو الله تعاليٰ جنهن ڳالهه جي سببان هڪ ملائڪ کي جنت مان ڪڍي ٻاهر ڪيو هجي ( ۽ انهي جي بدران) ڪنهن بشر کي جنت ۾ جڳهه ڏي.!

هن جو حڪم ته آسمان وارن ۽ زمين وارن لاءِ هڪجهڙو آهي. الله ۽ مخلوقات مان ڪنهن خاص فرد جي وچ ۾ دوستي ته نه آهي، جنهن کي اهڙن منع ٿيل امرن جي اجازت هجي، جن کي سمورن جهان وارن لاءِ هن حرام ڪيو هجي.

الله تعاليٰ جا بندؤ! الله جي دشمن کان ڊڄو، ته متان هو توهان کي به پنهنجو مرض نه لڳائي ڇڏي. پنهنجي سڏ سان ڪٿي توهان کي گمراهه نه ڪري ڇڏي، ۽ پنهنجا پيادا ۽ سوار وٺي توهان تي چڙهي نه وڃي، انهي ڪري منهنجي جان جو قسم! ته ان شر انگيزي جي تير کي ڪمان ۾ چڪي رکيو آهي، ته جيئن ڪنهن ويجهڙائي واري هنڌ تان توهان کي پنهنجي نشاني جي زد تي آڻي، ڪمان کي زور سان چڪي ورتو آهي، جيئن الله تعاليٰ ان جي زباني فرمايو آهي ته: اي منهنجا پالڻهار! جيئن تو مون کي برغلايو آهي، هاڻي آءُ به انهن جي سامهون زمين تي گناهن کي سينگاري سنواري پيش ڪندس، ۽ انهن سڀني کي گمراهه ڪندس، حالانڪ اهو هن پنهنجي غلط گمان سان بلڪل اٽڪل بازي جي بنا تي ( اونده ۾) تير اڇلايو هو. ليڪن غرور جي فرزندن تعصب جي ڀائرن ۽ تڪبر ۽ جاهليت جي شهسوارن ان جي ڳالهه کي سچو ڪري ڏيکاريو. ايستائين جو توهان مان سرڪش ۽ مغرور ماڻهو ان جا فرمانبردار ٿي ويا، ۽ پڻ توهان جي باري ۾ ان جو هوس ۽ طمع قوي ٿي ويو، ۽ صورتحال لڪل پردي مان نڪري ظاهر ظهور سامهون اچي وئي ۽ ان جو پورو پورو تسلط توهان تي ٿي ويو ۽ هو پنهنجي لشڪر ۽ سپاهه کي ساڻ ڪري توهان ڏي وڌي آيو، ۽ انهن توهان کي ذلت جي غارن ۾ ڌڪو ڪيو ۽ قتل ۽ خون جي ڪنن ۾ آڻي ڪيرايو، ۽ زخمن تي زخم ڪندي توهان کي چيڀاٽي ڇڏيو، توهان جي اکين ۾ نيزا ٽنبي توهان جون سسيون ڪپي، توهان جا نڪ ۾ دم آڻي پرزا پرزا ڪري، توهان جي هڪ هڪ سنڌ کي ڀڃي، ۽ توهان جي نڪن ۾ غلبي ۽



Presented by Ziaraat.Com

تسلط جون مهارون وجهي، توهان کي ان باھ جي طرف گهليندو وڃي ٿو، جيڪا توهان جي لاءِ تيار ڪئي وئي آهي. اهڙي طرح انهن دشمنن کان جن جي توهان سان کلي مخالفت آهي، ۽ جن جي مقابلي لاءِ توهان فوجون جمع ڪريو ٿا، تن کان وڌيڪ هو توهان جي دين کي مجروح ڪرڻ وارو ۽ دنيا ۾ توهان جي لاءِ ( فتني ۽ فساد) جا شعلا ڀڙڪائڻ وارو آهي. تنهن ڪري توهان تي لازم آهي، تہ پنهنجي جوش ۽ غضب جو پورو مرڪز ان کي بڻايو، ۽ سموري ڪوشش ان جي خلاف صرف ڪريو ڇو جو ان شروعات کان ئي توهان جي اصل (آدم) سان فخر ڪيو. توهان جي حسب ( قدر ۽ منزلت) تي حرف آندو ۽ توهان جي نسب ( اصل ۽ طينت) تي طعنہ زني ڪئي ۽ پنهجي سوارن کي ساڻ ڪري توهان تي چڙهائي ڪئي. ۽ پنهنجي پيادن کي وٺي توهان جي رستي ڏي قصد ڪيائين. هو هر هنڌان توهان کي شڪار ڪن ٿا، ۽ توهان جي (آڱر جي) هڪ هڪ پور تي ( چوٽون) ڏڪ هڻن ٿا. توهان نہ ڪنهن حيلي ۽ تدبير سان پاڻ بچايو ۽ نہ چڱي طرح تهيو ڪري ان کي روڪي سگهو ٿا. جيتوڻيڪ توهان رسوائي جي ڪن ۾، تنگ ۽ سوڙهي دائري ۾، موت جي ميدان ۾ ۽ مصيبت ۽ بلا جي ڊوڙ واري ميدان ۾ آهيو، توهان تي لازم آهي تہ پنهنجي دلين مان لڪل تعصب جون باهيون ۽ جاهليت جي بغضن کي ڪڍي ڇڏيو، ڇو جو مسلمان ۾ اهو غرور خود پسندي ، شيطاني وسوسن جا طريقا، تڪبر پسندي ، فتنہ انگيزي ۽ جادوگري جا نتيجا ٿين ٿا. عجز ۽ نوڙت کي سر جو تاج بنائڻ وڏائي ۽ خودپرستي کي پيرن ۾ لتاڙڻ ۽ تڪبر ۽ هٺ جو طوق گردن مان لاهڻ جو عزم بالجزم ڪريو، پنهنجي ۽ پنهنجي دشمن شيطان ۽ ان جي سپاھ جي وچ ۾ تواضع ۽ نوڙت جو مورچو قائم ڪريو، ڇو جو هر جماعت ۾ انجا لشڪر يار مددگار ۽ سوار پيادا موجود آهن، توهان ان وانگر نہ ٿيو جنهن پنهنجي ماءُ ڄائي ڀاءُ جي مقابلي ۾ غرور ڪيو، سواءِ ڪنهن فضيلت ۽ بلندي جي جيڪا الله تعالىٰ ان ۾ مقرر ڪئي هجي سواءِ ان جي تہ حاسدانہ عداوت سببان ان ۾ پنهنجي وڏائي جو احساس پيدا ٿيو ۽ خوپسندي ان جي دل ۾ غيظ و غضب جي باھ ڀڙڪائي ڇڏي ۽ شيطان ان جي نڪ ۾ تڪبر ۽ غرور جي هوا ڦوڪي ڇڏي، جنهن ڪري الله تعالىٰ ندامت ۽ پشيماني کي ان جي پويان لڳائي ڇڏيو ۽ قيامت تائين (ٿيندڙ) قاتلن جا گناھ ان جي ذمي هڻي ڇڏيا.

ڏسو! توهان الله سان ظاهر ظهور دشمني تي لهي ۽ مومنين سان وڙهڻ لاءِ آماده ٿي ظلم ۽ تعدي جي انتها ڪري ڇڏي ۽ زمين تي فساد مچائي ڇڏيو آهي. توهان جاهليت واري زماني جي خود بيني جي بنا تي فخر ۽ وڏائي ڪرڻ کان الله تعالىٰ جو خوف ڪريو، ڇو جو اهو دشمني ۽ عناد جو سرچشمو ۽ شيطان جي جادوگريءَ جو مرڪز آهي، جنهن سان ان گذريل امتن ۽ اڳين قومن کي ورغلايو، تانجو اهي ( قومون) ان جي ڏڪڻ ۽ سيرڻ ۽ اڳين طرف کان ڇڪڻ تي سواءِ چون و چرا ڪرڻ جي جهالت جي اونداهين ۽



Presented by Ziaraat.Com

ضلالت جي ڪڏن ۾ تيزي سان وجي ڪريون, اهڙي صورت سان جنهن ۾ اهڙن ماڻهن جون سموريون دليون ملنديون هجن, ۽ صدين جا حال هڪجهڙا ئي رهيا آهن. ۽ اهڙو غرور جنهن جي لڪائڻ سان سينن جون ويڪرايون تنگ ٿيون ٿين.

ڏسو, پنهنجي انهن سردارن ۽ وڏن جي پيروي ڪرڻ کان ڊڄو, جيڪي پنهنجي جاهه ۽ حشمت تي آڪڙ ڪندا ۽ پنهنجي نسب جي بلندين تي غرور ڪندا هجن ۽ بدنما شيئن کي الله تعالىٰ تي هڻندا هجن, پڻ ان جي قضا ۽ قدر سان ٽڪرائيندا هجن, ۽ ان جي نعمتن تي غلبي حاصل ڪرڻ لاءِ ان جي احسانن کان بلڪل انڪاري ٿيندا هجن. اهي ئي ماڻهو ته تعصب جي عمارت جا اونها بنياد, فتني جي محل ۽ ايوان جا ٿنيا ۽ جاهليت جي نسبي فخر جي ياد ڏيارڻ جون تلوارون آهن. بهر ڪيف الله تعالىٰ کان ڊڄو ۽ ان جي ڏنل نعمتن جا دشمن نه ٿيو, ۽ نه وري ان جي فضل ۽ ڪرم جا حاسد ٿيو, جيڪي توهان تي ڪيا ويا آهن, ۽ انهن ڪوڙن اسلام جي دعوىٰ ڪندڙن جي پيروي نه ڪريو, جو انهن جو گندو پاڻي توهان پنهنجي صاف پاڻي ۾ ملائي پيئو ٿا ۽ پنهنجي چڱاين سان انهن جي خرابين کي ملائي گڏيو ٿا, ۽ پنهنجي حق ۾ انهن جي باطل لاءِ به راهه پيدا ڪريو ٿا, هو فسق ۽ فجور جا بنياد آهن, ۽ نافرمانين سان مليل جليل آهن, جن کي شيطان گمراهي, جي بار کڻندڙ سواري لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو آهي, ۽ اهڙو لشڪر جنهن کي ساڻ ڪري ماڻهن تي حملو ڪري ٿو, ۽ اهڙا ترجمان جن جي زبان سان هو ڳالهائي ٿو ته جيئن توهان جا عقل ضايع ڪري ڇڏي, توهان جي اکين ۾ گهڙي وڃي, ۽ توهان جي ڪنن ۾ ڦوڪون ڏي, اهڙي طرح ان توهان کي پنهنجي تيرن جو نشان پنهنجي پيرن ۾ لتاڙڻ جو ميدان ۽ پنهنجي هٿن جو رانديڪو بنايو آهي, توهان تي لازم آهي ته توهان کان اڳين سرڪش امتن تي جيڪي قهر ۽ عذاب ۽ عتاب ۽ عقاب نازل ٿيا, تن مان عبرت حاصل ڪريو, ۽ انهن جي منهن ڀر ڪرڻ ۽ پاسن ڀر ليٽڻ جي مقامات مان نصيحت حاصل ڪريو, جهڙي طرح زماني جي مصيبتن کان پناهه گهرو ٿا, تهڙي طرح مغرور ۽ سرڪش بنائڻ وارين ڳالهين کان الله تعالىٰ جي دامن ۾ پناهه گهرو, جيڪڏهن خداوند عالم پنهنجي ٻندن مان ڪنهن هڪ کي به تڪبر ۽ وڏائي ڪرڻ جي اجازت ڏئي سگهي ها, ته هو پنهنجي مخصوص انبياءَ ۽ اولياءَ کي ان جي اجازت ڏي ها, ليڪن هن انهن کي تڪبر ۽ وڏائي ڪرڻ کان بيزار ئي رکيو ۽ انهن لاءِ غريبي ۽ ناداري کي ئي پسند فرمايو, تنهن ڪري انهن پنهنجا رخسار زمين سان پيوسته ۽ چهرا خاڪ آلوده رکيا ۽ مومنن جي اڳيان تواضع ۽ انڪساري سان جهڪندا رهيا ۽ هو دنيا ۾ بي وس ۽ ڪمزور هئا جن کي الله تعالىٰ بک سان آزمايو, مشقتن ۽ ڏکن ۽ غمن ۾ مبتلا ڪيو, خوف ۽ خطري جي موقعن سان انهن جو امتحان ورتائين ۽ آزمائش ۽ مصيبت سان انهن کي زير بار ڪيائين. تنهن ڪري الله تعالىٰ جي



Presented by Ziaraat.Com

خوشنودي ۽ ناخوشنودي جو معيار اولاد ۽ مال کي نہ سمجھو، ڇا ڪاڻ تہ توھان نہ ٿا سمجھو تہ الله تعالىٰ دولت ۽ اقتدار سان ڪھڙي طرح بہ بندن جو امتحان وٺي ٿو، جيئن تہ الله سبحانہ جو ارشاد آھي تہ: اھي ماڻھو اھو خيال ڪن ٿا تہ اسين جو ڪين مال ۽ اولاد جو انھن کي سھارو ڏيون ٿا سو اسين انھن سان ڀلائين ڪرڻ ۾ سرگرم آھيون مگر ( جا اصل ڳالھ آھي تنھن کي) اھي ماڻھو نٿا سمجھن اھڙي طرح حقيقت اھا آھي تہ الله پنھنجي انھن بندن جو ، جيڪي پنھنجي وڏائي جو گھمنڊ رکن ٿا، تن جو امتحان وٺي ٿو، پنھنجي انھن دوستن جي ذريعي سان جيڪي انھن جي نظرن ۾ عاجز ۽ بي وس آھن ( جيئن تہ ان جو مثال اھو آھي تہ) موسىٰ ( عليہ السلام) پنھنجي ڀاءُ ھارون ( عليہ السلام) کي ساڻ ڪري ان حالت ۾ فرعون وٽ آيا، جو سندن جسمن تي اوني جبا ۽ ھٿن ۾ لٺيون ھيون ۽ ھن سان اھو قول ۽ اقرار ڪيائون تہ جيڪڏھن ھو اسلام قبول ڪندو تہ ان جو ملڪ بہ باقي رھندو ۽ ان جي عزت بہ برقرار رھندي ( تنھن تي ھن پنھنجي دربارين کي) چيو تہ توھان کي ھنن تي تعجب نٿو ٿئي. جو ھي ٻئي مون کي ائين چئي رھيا آھن تہ منھنجي عزت بہ برقرار رھندي ۽ منھنجو ملڪ بہ باقي رھندو، ۽ جنھن ڦاٽل حالت ۽ ذليل صورت ۾ ھي آھن، سو توھان ڏسي رھيا آھيو ( جيڪڏھن انھن ۾ اھڙي طاقت ھجي ھا تہ پوءِ) انھن جي ھٿن ۾ سونا ڪنگڻ ڇو ڪو نہ پيل آھن؟ فرعون اھو ان ڪري چيو تہ ھو سون ۽ ان جي گڏ ڪرڻ کي وڏي ڳالھ سمجھندو ھو ۽ وارن جي ( اوني ) ڪپڙن کي حقارت جي نظر سان ڏسندو ھو، جيڪڏھن خداوند عالم اھو چاھي ھا تہ جنھن وقت ھن پنھنجي نبين کي مبعوث ڪيو، تڏھن انھن لاءِ سون جي خزانن ۽ خالص سون جي کاڻين جا منھن کولي ڇڏي ھا، ۽ باغن جي فصلن کي انھن لاءِ مھيا ڪري ھا، ۽ فضا جي پکين ۽ زمين جي صحرائي جانورن کي انھن سان گڏي ھا، تہ ڪري سگھيو ٿي، ۽ جيڪڏھن ايئن ڪري ھا تہ پوءِ آزمائش ختم جزا ۽ سزا بيڪار ۽ (آسماني) خبرون بيڪار ۽ ضايع ٿي وڃن ھا، ۽ آزمائش ۾ پوڻ وارن جو اجر اھڙي طرح جي مجڻ وارن لاءِ ضروري نہ ھجي ھا، ۽ نہ اھڙا ايمان آڻڻ وارا، نيڪ ڪردارن جي جزا جا مستحق رھن ھا، ۽ نہ الفاظ پنھنجي معنىٰ جو ساٿ ڏين ھا، ليڪن الله سبحانہ پنھنجي رسولن کي ارادن ۾ قوي ۽ ظاھري حالت ۾ ڪمزور ۽ ناتوان قرار ڏيندو آھي، ۽ انھن کي اھڙي قناعت سان سرفراز فرمائي ٿو، جو ( ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارن جي) دلين ۽ اکين کي بي نيازي سان پري ڇڏي ٿو، ۽ اھڙي مسڪيني ۽ مفلسي انھن جي دامن سان وابستہ ڪري ٿو، جنھن کي اکيون ڏسي ۽ ڪن ٻڌي اذيت محسوس ڪن ٿا، جيڪڏھن نبي اھڙي طاقت ۽ قوت رکن ھا جنھن کي دٻائڻ جو ارادو بہ ڪري نٿو سگھجي، ۽ اھڙو تسلط ۽ اقتدار رکن ھا، جنھن تي ظلم ممڪن ئي نہ ھجي ھا، ۽ اھڙي سلطنت جا مالڪ ھجن ھا جنھن ڏانھن ماڻھن جون گردنون مڙن ھا، ۽ اوڏانھن سوارين جا پلاڻ ڇڪي ٻڌجن ھا، تہ اھي ڳالھيون نصيحت حاصل



Presented by Ziaraat.Com

ڪرڻ لاءِ نهايت آسان ۽ ان جو انڪار ۽ سرتابي نهايت پري هجي ها، ماڻهو چاڻنيل خوف يا مائل ڪرڻ واري اسباب جي ڪري ايمان آڻين ها، ته ان صورت ۾ انهن جون نيتون مشترڪ ۽ نيڪ عمل ورهايل هجن ها، ليڪن الله سبحانه ته اهو چاهيو ته سندس پيغمبرن جي تابعداري ۽ سندس ڪتابن جي تصديق ۽ سندس سامهون انڪساري، سندس حڪمن جي فرمانبرداري ۽ سندس اطاعت اهي سڀ ڳالهيون ان لاءِ ئي مخصوص هجن، ۽ انهن ۾ ٻيو ڪو شڪ نه رهي، ۽ جيتري آزمائش مشڪل هوندي اوترو اجر ۽ ثواب وڏيڪ هوندو.

توهان ڏسو نٿا ته، الله سبحانه آدم کان وٺي، هن جهان جي آخر تائين اڳين پوين کي اهڙن پٿرن سان آزمايو آهي، جيڪي نه نقصان پهچائي ٿا سگهن، نه فائدو، نه ٻڌي ٿا سگهن ۽ نه ڏسي ٿا سگهن، الله تعالیٰ انهن پٿرن کي ئي پنهنجو محترم گهر مقرر ڪري، ان کي ماڻهن لاءِ ( امن جي ) قيام جو ذريعو مقرر ڪيو آهي، پوءِ هن ان کي زمين جي رقبن مان هڪ ٽڪرائتي حصي ۾ دنيا ۾ بلندين وارين آبادين مان هڪ گهٽ مٽي واري مقام مان هڪ سوڙهي طرف واري لڪ ۾ مقرر ڪيو، جنهن جي چوڌاري خشڪ پهاڙ واريءسي ميدان، ٿوري پاڻي ڏيڻ وارن چشمن ۽ پري پري جدا جدا ٻهراڙي واري ڳوٺن جي وچ ۾ ، جتي اٺ گهوڙا ۽ ڍڳيون ٻڪريون وڏي ويجهي ٿيون سگهن.

پوءِ به الله تعالي، آدم ۽ ان جي اولاد کي حڪم ڪيو ته، پنهنجا منهن ان جي طرف موڙين، جيئن ته هو انهن جي سفرن مان فائدن حاصل ڪرڻ جو مرڪز ۽ پلاڻن لاهڻ جي منزل بنجي ويو، ان ڪري جو، پري پري کان بيابانن ۽ بي آب و گياه زمينن تان، دور دراز لڪن ۽ جبلن جي هيٺانهين راهن ۽ (زمين کان) ڪٽيل دريائن جي ٻيٽن کان ساه وارا انسان ان طرف متوجه ٿين ٿا، تانجو هو پوري فرمانبرداري سان پنهنجن ڪلهن کي لوڏيندا، ان جي چوڌاري ڦري "لبيڪ اللهم لبيڪ" جا بلند آواز ڪن ٿا، ۽ پنهنجن پيرن سان گهوڙي جي تيز رفتار وانگر ڊوڙن ٿا.اهڙي حالت ۾ جو انهن جا وار ڪليل ۽ بدن مٽي ۾ پيوت ٿيل هوندا آهن، انهن پنهنجو لباس پٺن تي ڪري ڇڏيو هوندو آهي، ۽ وارن کي وڏو ڪري پاڻ کي بدصورت بنائين ٿا. اها وڏي آزمائش نهايت تڪليف ظاهر ظهور امتحان ۽ پوري پوري مڪمل جانچ آهي. الله تعالیٰ انهن کي پنهنجي رحمت جو ذريعو ۽ جنت تائين پهچڻ جو وسيلو مقرر ڪيو آهي، ۽ جيڪڏهن خداوند عالم اهو چاهي ها، ته هو پنهنجو محترم گهر ۽ بلند پايه عبادتگاهون اهڙي هنڌ بنائي ها، جن جي چوڌاري باغ ۽ باغيچن جون قطارون ۽ وهندڙ نهرون هجن، زمين نرم ۽ سڌي هجي ( جنهن ۾) وڻن جا جهڳٽا ۽ ( انهن ۾) پڪل ميون جا ڇڳا هجن، جتي عمارتن جي چار وچايل هجي، ۽ آبادين جو سلسلو مليل هجي، جتي



Presented by Ziaraat.Com

سرخي مائل ڪٽڪ جا ٻوٽا، سر سبز مرغزار چمن ، ساوڪ ۽ پاڻي ۾ تربتر ميدان، جهومندڙ فصل ۽ آباد رستا هجن، ته البته الله تعالىٰ جزا ۽ ثواب کي انهي انداز سان گهٽ ڪري ها، جنهن انداز سان تڪليف ۽ آزمائش ۾ ڪمي ٿي آهي، جيڪڏهن اهو بنياد جنهن تي انهي گهر جي تعمير ٿي آهي. ۽ اهو پٿر، جنهن تي ان جي عمارت بنائي ويئي آهي، اهي سائي زمرد ۽ ڳاڙهي ياقوت جا هجن ها، ۽ ( انهن پٿرن ۾) نور ۽ روشني ( جون چمڪون) هجن ها، ته اهي ڳالهيون سينن ۾ شڪ ۽ شبهن جي پيدا ٿيڻ کي گهٽ ڪن ها، ۽ دلين مان شيطاني وسوسن ( جو اثر) ختم ڪن ها، ۽ ماڻهن مان شڪن جا فڪر ڪدي ڇڏين ها، ليڪن الله تعالىٰ سبحانه، پنهنجن بندن کي طرحين طرحين جي سختين سان آزمائي ٿو، ۽ انهن کان اهڙي عبادت جو خواهان آهي جيڪا طرح طرح جي تڪليفن سان بجا ڪئي وئي هجي، ۽ انهن کي قسمين قسمين جي اڻ سهائيندڙ تڪليفن سان جانچي ٿو، ته جيئن انهن جي دلين مان تڪبر ۽ وڏائي کي ڪڍي ٻاهر ڪري، ۽ انهن جي نفسن ۾ عجز ۽ مسڪيني کي جاءِ ڏي، ۽ اهو ٻه ته انهي تڪليف ۽ آزمائش ( واري راهه) سان پنهنجي فضل ۽ احسان جي ڪليل دروازن تائين انهن کي پهچائي، ۽ ان کي پنهنجي معافي ۽ بخشش جو آسان وسيلو ۽ ذريعو مقرر ڪري، دنيا ۾ نافرماني جو عيوضو ۽ آخرت ۾ ظلم جي پريشانين جا عذاب پڻ غرور ۽ وڏائي جي برن نتيجن جي خيال کان، الله تعالىٰ جو خوف ڪريو، ڇو جو اهي (سرڪشي، ظلم، غرور ۽ وڏائي) شيطان جا نهايت وڏا ڇار ۽ ان جي هٽ جو ڪيل ۽ چالاڪيون آهن. جيڪي ماڻهن جي دلين ۾ قاتل زهر وانگر وجي پون ٿيون، نه ان جو اثر ڪڏهن رايگان ٿئي ٿو. ۽ نه ان جو وار ڪنهن تي گسي ٿو. نه عالم کان ان جي علم هوندي، ۽ نه وري ڦاٽل پراڻن ڪپڙن پاتل فقير کان، اها ئي ته اها ڳالهه آهي،جنهن سان خداوند عالم ايمان سان سرفراز ٿيڻ وارن بندن کي نماز، زڪوات ۽ مقرر ڪيل ڏينهن ۾ روزن جي جهاد جي ذريعي محفوظ رکي ٿو، ۽ اهڙي طرح سندن هٿن پيرن (جي بغاوتن ۽ سرڪشين) کي سڪون جي سطح تي آڻي ٿو. انهن جي اکين کي عجز ۽ شڪستگي سان جهڪائي ، نفس کي نهٺو ۽ دلين کي نماڻو بنائي، خود پسندي ۽ وڏائپ کي انهن کان پري ڪري ٿو. (نماز ۾) نازڪ چهرن کي عجز ۽ نيازمندي جي لحاظ کان خاڪ آلوده ڪيو وڃي ٿو. ۽ روزن ۾ فرمانبرداري ڪندي پيٽ پٺي سان وڃي لڳن ٿا. ۽ زڪوات ۾ زمين جي پيداوار وغيره کي، فقيرن، مسڪينن ۽ غريبن تائين پهچايو وڃي ٿو.

ڏسو! انهن عملن ۽ عبادت ۾ غرور جي ايريل اثرن کي ختم ڪرڻ ۽ تڪبر جي ظاهر ٿيندڙ آثارن کي دٻائڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا نه فائدا لڪل آهن. مون نگاهه ڊوڙائي ته سموري دنيا ۾ هڪ ماڻهو کي ٻه اهڙو نه ڏٺم جيڪو ڪنهن ڳالهه جي پاسداري ڪندو هجي. پر فقط انهي حالت ۾، جو ان جي نظرن ۾ ان لاءِ



Presented by Ziaraat.Com

سبب ضرور ٿئي ٿو، جيڪو جاهلن جي شبهن جو باعث بڻجي ٿو. يا ڪو اهڙو دليل هوندو آهي جيڪو بيوقوفن جي عقلن سان ڇهڻندو آهي، سواءِ توهان جي ، جو توهان هڪ ڳالهه جي طرفداري ته ڪريو ٿا، مگر ان جو ڪو سبب ته معلوم نٿو ٿئي. ابليس جو ئي مثال وٺو جو هن آدم جي سامهون جاهليت واري غيرت جو مظاهرو ڪيو پنهنجي اصليت ( باھ) جي سببان بلڪ هن جي اڳيان فخر ڪيائين . پنهنجي خلقت ۽ پيدائش جي زور تي، بهرنوع هن آدم کي چيو ته آءٌ باھ مان خلقيو ويو آهيان، ۽ تون مٽي مان، (اهڙي طرح) خوشحال قومن جا مالدار ماڻهو پنهنجي نعمتن تي فخر ڪندا آهن ته ” اسين مال ۽ اولاد ۾ اڳتي وڌيل آهيون، سو اسان تي ڪيئن عذاب ڪري سگهجي ٿو؟“ سو هاڻي جيڪڏهن توهان کي فخر ڪرڻو آهي ته ان اخلاق جي پاڪيزگي، ڪردار جي بلندي ۽ نيڪ سيرت تي فخر ۽ ناز ڪريو، جنهن ۾ عرب گهراڻن جا با عظمت ۽ بلند همت قومن جا سردار، پنهنجي نيڪ طريقن، بلند پايه دانائين، اعليٰ مرتبن ۽ پسند ڪيل ڪارنامن جي ڪري هڪٻئي تي فوقيت ۽ برتري ثابت ڪندا هئا. توهان به اهڙين تعريف جوڳين خصلتن جي طرفداري ڪريو، جهڙوڪ: پاڙيسرن جي حقن جي حفاظت ڪرڻ، انجام اقرار کي نڀائڻ، نيڪن جي اطاعت ڪرڻ ۽ سرڪشن جي مخالفت ڪرڻ، نيڪ سلوڪ جو پابند رهڻ ۽ ظلم ۽ ستم کان ڪناره ڪشي ڪرڻ، خونريزي ڪرڻ کان پناھ گهرڻ، الله تعاليٰ جي خلق سان عدل ۽ انصاف ڪرڻ، ڪاوڙ کي ڪائي وڃڻ، زمين ۾ شرارت ڪرڻ کان پنهنجي دامن بچائڻ. توهان کي انهن عذابن کان ڊڄڻ گهرجي، جيڪي توهان کان اڳين امتن تي سندن بد اعمالين ۽ بد ڪردارين جي سببان نازل ٿيا هئا. ۽ (پنهنجي) نيڪ ۽ برين حالتن ۾ انهن جي احوالن ۽ وارداتن کي سامهون رکو ۽ انهي (امر) ڳالهه کان ڊڄو ۽ خوف ڪريو ته متان توهان به انهن جهڙا نه ٿي پئو. جيڪڏهن توهان انهن جي ٻنهي (چڱين ۽ برين) حالتن تي غور ڪيو آهي ته پوءِ هر انهي ڳالهه جي پابندي ڪريو جنهن جي سببان عزت ۽ برتري هر حال ۾ انهن جو ساٿ ڏنو ۽ دشمن انهن کان بلڪل پري رهيا ۽ عيش ۽ آرام جي دامن انهن تي پکڙجي وئي ۽ نعمتون سر جهڪائي انهن سان گڏ رهيون. ازانسواءِ عزت ۽ سرفراز پنهنجون ڳنڍيون انهن سان ٻڌي ڇڏيون. (اهي ڪهڙيون ڳالهيون هيون؟) اهي ته هُو نفاق کان بچيا رهيا ۽ اتفاق ۽ ٻڌي تي قائم رهيا. انهي تي هڪٻئي کي همٿائيندا هئا ۽ انهي جي پاڻ ۾ پرچار ڪندا هئا. توهان هر ان ڳالهه کان بچندا رهو جنهن انهن جي پٺي جي ڪنڊي کي ڀڃي ڇڏيو ۽ قوت ۽ توانائي کي ضعف سان بدلايو. ( ۽ اهو ان ڪري ٿيو) جو هنن دلين ۾ ڪينو ۽ سينن ۾ بغض رکيو. هڪٻئي جي مدد ڪرڻ کان منهن ڦيرائي هڪٻئي جي مدد ڪرڻ تان هٿ ڪئي ورتا. هاڻي توهان تي لازم آهي ته گذريل زماني جي ايمان وارن جي واقعن ۽ حالتن تي غور ۽ فڪر ڪريو ته (صبر آزما) آزمائش ۽ (درد ۽ ڏک ڏيندڙ) مصيبتن ۾ انهن جي ڪهڙي



Presented by Ziaraat.Com

حالت هئي. ڇا هو سموري ڪائنات کان وڌيڪ مشڪلن ۾ ڦاٿل سيني ماڻهن کان زياد درد، غم ۾ مبتلا ٿيل ۽ دنيا ۾ زياده تڪليفن ۾ تنگي جي عالم ۾ نہ هئا، جن کي دنيا جي فرعونن پنهنجو غلام بنائي رکيو هو. ۽ انهن کي سخت کان سخت اذيتون پهچائيندا هئا ۽ تلخين جا ڍڪ پياريندا هئا. انهن جي اها وچي حالت ٿي، جو هو تباهي ۽ هلاڪت جي ذلتن ۽ غلبي ۽ تسلط جي ظلمن ۾ ويا گهيريا ۽ ڦاسندا. نہ انهن جي بچاءَ جي ڪا تدبير هئي ۽ نہ روڪٽام جو ڪو ذريعو سُجهندو هو، تانجو جڏهن الله سبحانہ ڏٺو تہ هي منهنجي محبت ۾ اذيتن تي پوري ڳولا تلاش سان صبر ڪندا رهن ٿا. ۽ منهنجي سببان مصيبتن کي سهي رهيا آهن، تڏهن انهن لاءِ مصيبت ۽ تڪليف جي تنگ راهن مان وسيع رستا ڪڍيا ۽ انهن جي ذلت کي عزت ۽ خوف و هراس کي امن سان بدلايو. جيئن تہ هو فرمانروائي جي تخت تي سلطان ۽ هدايت جي مسند تي رهنما ٿيا ۽ انهن کي پڻ اميدن کان بہ وڌيڪ عزت ۽ سرفرازي الله تعالیٰ کان حاصل ٿي.

غور ڪريو! جڏهن انهن جون جماعتون هڪ هنڌ خيالات هڪجهڙا ۽ دليون هڪ جهڙيون مطمئن هيون ۽ انهن جا هٿ هڪٻئي کي سهارا ڏيندا هئا ۽ تلوارون هڪٻئي جون مقرر ٿيل مددگار هيون ۽ انهن جون بصيرتون تيز ۽ ارادا متحد هئا تڏهن ان وقت انهن جو ڇا عالم هو! ڇا، اهي زمين جي اردگرد فرمانروا ۽ دنيا وارن جي گردنن تي حڪمران نہ هئا؟

۽ تصوير جو ٻيو رخ بہ ڏسو! تہ جڏهن انهن ۾ ڦوٽ پئجي وئي، يڪجهتي درهم برهم ٿي وئي، انهن جي ڳالهين ۽ دلين مان اختلافات جا فتنا ۽ فساد ڦٽي نڪتا ۽ اهي مختلف جماعتن ۾ روهائجي ويا ۽ جدا جدا جٿا بڻجي هڪٻئي سان وڙهڻ جهڙڻ لڳا. تڏهن انهن جي وچي اها نوبت ٿي، جو الله تعالیٰ انهن کان عزت ۽ بزرگي جو پهراڻ لهرائي ورتو ۽ نعمتن جو سک (آسائش) انهن کان کسي ورتائين ۽ توهان جي وچ ۾ انهن جي واقعن جون حڪايتون عبرت حاصل ڪرڻ وارن لاءِ عبرت بڻجي رهجي ويون.

)هاڻي ڏورو) اسماعيل جي اولاد، اسحاق جي پٽن ۽ يعقوب جي فرزندن جي حالات مان عبرت ۽ نصيحت حاصل ڪريو تہ حالتون ڪيتريون نہ ملندڙ جلندڙ آهن ۽ طور طريقا ڪيترا نہ هڪجهڙا آهن. انهن جي منتشر ۽ پريشان ٿي وڃڻ جي صورت ۾ جيڪي واقعات رونما ٿيا، تن ۾ فڪر ۽ غور ڪريو تہ جڏهن عجم جا بادشاه ۽ روم جا سلاطين انهن تي حڪمران هئا، تڏهن اهي انهن کي عالم جي سبز زمينن، عراق جي دريائن ۽ دنيا جي سر سبز آبادين کان ڪندن وارن وڻن، هوائن جي بي روڪ رستن، بيابانن ۽ معيشت جي دشوارين جي طرف ڌڪي ڇڏيندا هئا. بهرنوع، انهن کي فقير ۽ نادار ۽ زخميل پُٺي وارن اٺن جا جت ۽



Presented by Ziaraat.Com

ڪکائن جهوپڙين جا رهاڪو بنائي ڇڏيندا هئا. انهن جا گهر دنيا جي گهرن کان وڌيڪ خسته حال، خراب ۽ سندن رهڻ جا هنڌ خشڪ سالين کان تباه حال هئا. نه انهن جو ڪو آواز هو، جنهن جي پرن ۽ ڪنين جو سهارو وٺن، ۽ نه وري انس ۽ محبت جي ڪا ڇانو هئي، جنهن تي ڀروسو ڪن. انهن جا حالات پريشان، هٿ جدا جدا هئا سندن گهڻائي ورهايل ۽ سخت مصيبتن ۽ جهالتن جي تهن تي تهه چڙهيلن تي پيا هوندا هئا. ائين ڇڻ ته ڇوڪريون زنده ئي قبرن ۾ (پوريل هيون) (گهر گهر) بتن جي پوڄا ٿيندي هئي. رشتا ناتا ٽوڙيا ويا هئا ۽ ڦرلٽ جي بازار گرم هئي.

ڏسو! الله تعالیٰ انهن تي ڪيترا ته احسان ڪيا، جو انهن ۾ پنهنجو رسول موڪليائين، جنهن پنهنجي اطاعت جو انهن کي پابند بنايو ۽ انهن کي هڪ وحدت جي مرڪز تي جمع ڪيو ۽ پوءِ ڪيئن نه خوشحالي پنهنجا پر انهن تي ڦهلائي ۽ انهن جي لاءِ بخشش ۽ فيضان جون نهرون وهائي ۽ شريعت به انهن کي پنهنجي برڪت جي بي بها فائدن ۾ ويڙهي ڇڏيو. جيئن ته اهي ان جي نعمتن ۾ تربتر ۽ زندگي جي سرخ ۽ سفيد تازن ميون ۽ هڪ مسلط فرمانروا ( اسلام جي زير سائي انهن جي زندگي) جا سمورا شعبا (انتظام ۽ ترتيب سان) قائم ٿي ويا ۽ انهن جي حالات ( جي درستگي) انهن کي غلبي ۽ بزرگي جي پهلو ۾ جڳهه ڏني ۽ هڪ مضبوط سلطنت جي سر بلند چوٽين ۾ (دين ۽ دنيا جون) سعادتون انهن تي جهڪي پيون. هو سموري دنيا تي حڪمران ۽ زمين جي سطح تي تخت و تاج جا مالڪ بڻجي ويا ۽ جن پابندين جي لحاظ کان ٻين جا زيردست هئا. هاڻي هي انهن کي پابند بنائي انهن تي مسلط ٿي ويا ۽ جن جا زير فرمان هئا، تن جا فرمانروا بڻجي ويا. (هاڻي) نه انهن جي مضبوطي ڪسي سگهجي ٿي ۽ نه ئي انهن جي زور طاقت کي ڪو ٽوڙي سگهجي ٿو.

ڏسو! توهان اطاعت جي ڳنڍين مان پنهنجا هٿ ڪولايا ۽ جهالت جي زماني جي طور طريقن کان پنهنجي چوڌاري ٺهيل قلعي ۾ رخنو وجهي ڇڏيو. خداوند عالم ان امت جي ماڻهن تي ان بي بها نعمت جي ذريعي سان لطف ۽ احسان فرمايو آهي جنهن جي قدر و قيمت کي مخلوقات مان ڪوبه نٿو ڄاڻي ڇو جو اها هر (مقرر ڪيل) قيمت کان وڌيڪ مهانگي ۽ هر شرف ۽ بلندي کان بالاتر آهي ۽ اها نعمت هي آهي ته انهن جي وچ ۾ انس ۽ اتحاد جو رابطو (اسلام) قائم ڪيو، جنهن جي سائي ۾ هو منزل انداز ٿين ٿا ۽ جنهن جي ڪناري (شفقت) ۾ پناه وٺن ٿا.

اهو سمجهي ڇڏيو ته توهان (جهالت ۽ ناداني) کي خيرباد چئي ڇڏڻ کان پوءِ وري جهنگلي بدو ۽ باهمي دوستي کان پوءِ وري مختلف گروهن ۾ ورهائجي ويا آهيو. اسلام سان توهان جو واسطو وڃي نالي ماتر



Presented by Ziaraat.Com

رهيو آهي ۽ ايمان سان چند ظاهري، لِيڪُن ڪان سواءِ توهان ڪي ڪجھ بہ نٿو سُجهي. توهان جو اهو قول آهي تہ باھ ۾ ٽپي پونداسين پر عار قبول نہ ڪنداسين. گويا توهان اهو چاهيو ٿا تہ اسلام جي حرمت ۽ ان جي عهد کي ٽوڙي ان کي منهن ڀر ڪيرايو وڃي. اهو عهد، جنهن کي الله تعالىٰ زمين ۾ پناھ ۽ مخلوقات ۾ امن قرار ڏنو آهي. (ياد رکو! تہ) جيڪڏهن توهان اسلام کان سواءِ ڪنهن ٻئي طرف رخ ڪيو تہ ڪفار توهان سان جنگ ڪرڻ لاءِ اٿي کڙا ٿيندا پوءِ نہ ڪو جبرئيل ۽ ميڪائيل آهن ۽ نہ انصار ۽ مهاجر آهن جيڪي توهان جي مدد ڪن، سواءِ ان جي تہ تلوارن کي کڙڪايو ۽ چمڪايو، تانجو الله تعالىٰ توهان جي وچ ۾ فيصلو ڪري. الله جو سخت عذاب، ڏونڌاڙڻ وارو عتاب آهي، آزمائش ۽ مصيبتن جا ڏينهن، سزائن ۽ تباهين جا حادثا توهان جي سامهون آهن. هن (الله) جي گرفت کان اٽڪڻ ٿي ۽ هن جي پڪڙ آسان سمجهي ۽ هن جي سختي کان غافل ٿي هن جي قهر ۽ عذاب کي پري نہ سمجهو.

خداوند عالم گذشتہ امتن کي فقط انهي ڪري پنهنجي رحمت کان پري رکيو جو هو چڱائي جي حڪم ڏيڻ کان ۽ برائي جي روڪڻ کان منهن موڙي چڪا هئا. انهي ڪري الله تعالىٰ، بيوقوفن تي انهن جي گناهن ڪرڻ سببان ۽ دانشمندن تي خطائن ڪرڻ کان ۽ باز نہ اچڻ سببان لعنت ڪئي آهي.

ڏسو! توهان اسلام جون پابنديون ٽوڙي ڇڏيون ۽ ان جون حدون بيڪار ڪري ڇڏيون ۽ ان جا حڪم منڍ کان ئي ختم ڪري ڇڏيا آهن. معلوم هئڻ گهرجي تہ الله تعالىٰ مون کي باغين، عهد شڪن وارن ۽ زمين ۾ فساد ڦهلائڻ وارن سان جهاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي، جنهن ڪري مون انجام ٽوڙڻ وارن ( اصحاب جمل) سان جنگ ڪئي، نافرمانن (صفين وارن) سان جهاد ڪيو ۽ بي دينن ( نهروان جي خارجين) کي بہ چڱي طرح ذليل ڪري ڇڏيو، مگر کڏ ( ۾ ڪري مرڻ) واري شيطان جي مهم منهنجي لاءِ سر تي وئي. هڪ اهڙي رنڀ سان، جنهن ۾ ان جي دل جي ڌڙڪن ۽ سيني جي ڏڪڻ جو آواز منهنجي ڪنن ۾ پهچي رهيو هو، هاڻي باغين مان ڪجھ باقي رهجي ويا آهن. جيڪڏهن الله تعالىٰ مون کي وري بہ انهن تي حملي ڪرڻ جي اجازت ڏني تہ آءُ انهن کي برباد ۽ اُلٽ پُلٽ ڪري، دولت ۽ سلطنت جو رخ ٻئي طرف موڙيندس (پوءِ رڳو) اهي ماڻهو بچي سگهندا جيڪي جدا جدا شهرن جي دور دراز حدن ۾ هيڏي هوڏي ٿي چڪا هوندا. مون تہ ننڍپڻ کان ئي عرب جو سينو زمين ۾ دفن ڪري ڇڏيو هو ۽ " ربيعہ" ۽ "مضر" وارن قبيلن جي ابريل سنگن کي ٽوڙي ڇڏيو هو. توهان کي خبر بہ آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن سان ويجهي عزيز داري ۽ مخصوص قدر و منزلت سببان، سندن نظرن ۾ منهنجو ڪهڙو مقام هو. آءُ اڃا ننڍڙو ئي هوس تہ رسول صلعم جن مون کي هنج ۾ کنيو ۽ پنهنجي سيني سان چنبڙائي



Presented by Ziaraat.Com

چڙهيائون. بستري تي به پنهنجي پاسي ۾ جڳهه ڏيندا هئا. پنهنجي جسم مبارڪ کي مون سان مس ڪندا هئا ۽ پنهنجي خوشبوءِ مون کي سنگهائيندا هئا. پهرين پاڻ ڪنهن شيءِ کي چٻاڙي پوءِ ان جو گرهو ڏاهي منهنجي وات ۾ وجهندا هئا. انهن نه منهنجي ڪنهن ڳالهه ۾ ڪوڙ جو ڪو شبهو ڏٺو ۽ نه وري منهنجي ڪنهن ڪم ۾ ڪا ڪمزوري ۽ خطا ڏٺائون. الله سبحانه سندن ٿڃ ڇڏائڻ واري وقت کان وٺي فرشتن مان هڪ عظيم المرتبت فرشتي ( روح القدس) کي ساڻن گڏي ڇڏيو هو، جيڪو کين رات ڏينهن بزرگ خصلتن ۽ پاڪيزه سيرتن جي راه تي وٺي هلندو هو ۽ آءُ سندن پٺيان ائين هلندو هوس جيئن ڏاچي جو ڳورو پنهنجي ماءُ جي پٺيان. پاڻ هر روز منهنجي لاءِ نيڪ اخلاقن جا پرچم بلند ڪندا هئا ۽ مون کي انهن جي پيروي جو حڪم ڏيندا هئا ۽ هر سال (جبل) حرا ۾ ڪجهه عرصو قيام فرمائيندا هئا ۽ اتي مون کان سواءِ ڪوبه کين نه ڏسندو هو. ان وقت رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم ۽ (ام المومنين) بيبي خديجه جن جي گهر کان سواءِ ڪنهن به گهر جي چار ديواري ۾ اسلام نه هو، البته ٽيو انهن ۾ آءُ هوس. آءُ وحي ۽ رسالت جو نور ڏسندو هوس ۽ نبوت جي خوشبوءِ سُنگهندو هوس. جڏهن مٿن (پهرين دفعي) وحي نازل ٿيو، تڏهن مون شيطان جي هڪ ڪوڪ ٻڌي جنهن تي مون پڇيو ته يا رسول الله! هي ڪنهن جو آواز هو؟ پاڻ فرمايائون ته هي شيطان آهي جيڪو پاڻ پنهنجي پوڄڻ کان مايوس ٿي ويو آهي. ( اي علي) جيڪي آءُ ٻڌان ٿو، سو تون به ٻڌين ٿو ۽ جيڪي آءُ ڏسان ٿو سو تون به ڏسين ٿو. فرق ايترو آهي جو تون نبي نه آهين بلڪ (منهنجو) وزير ۽ جانشين به آهين ۽ يقيناً ڀلائي جي راه تي آهين. آءُ رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن سان هوس ته قريش جي هڪ جماعت وٽن آئي ۽ انهن کين چيو ته اي محمد! توهان هڪ نهايت وڏي دعويٰ ڪئي آهي. اهڙي دعويٰ نه توهان جي والد ۽ ڏاڏي جن ڪئي ۽ نه توهان جي خاندان وارن مان ڪنهن ٻئي ڪئي. اسين توهان کان هڪ امر جو مطالبو ڪريون ٿا. جيڪڏهن توهان ان کي پورو ڪري اسان کي ڏيکاريو ته پوءِ اسين به يقين ڪنداسين ته توهان نبي ۽ رسول آهيو ۽ جيڪڏهن نه ڪري سگهيا ته پوءِ اسين سمجهنداسون ته (معاذ الله) توهان جادو ڪوڙ چاڙهو ٿا. جنهن بعد پاڻ فرمايائون ته توهان جو اهو ڪهڙو مطالبو آهي؟ انهن چيو ته توهان اسان جي لاءِ هن وڻ کي سڏيو ته جيئن هو پاڙ سميت پٽجي اچي ۽ توهان جي سامهون اچي بيهي. تڏهن پاڻ فرمايائون ته: بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي پوءِ جيڪڏهن توهان جي لاءِ ائين ڪري ڏيکاريو ته پوءِ ڇا توهان ايمان آڻيندؤ؟ ۽ حق جي گواهي ڏيندؤ؟ هنن چيو ته هائو! تڏهن پاڻ فرمايائون ته: چڱو جيئن توهان چاهيو ٿا تيئن توهان کي ڪري ڏيکاريون ٿا، پر اهو به اسين چڱي طرح ڄاڻون ٿا ته توهان چڱائي جي طرف موٽڻ وارا نه آهيو. يقيناً توهان مان ڪجهه ماڻهو اُهي آهن جن کي کوه (بدر) ۾ ڦٽو ڪيو ويندو ۽ ڪي



Presented by Ziaraat.Com

آهي آهن جيڪي احزاب ( جي جنگ) ۾ ٽولا ٺاهيندا. ان بعد پاڻ فرمايائون ته: اي وڻ! جيڪڏهن تون الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکين ٿو ۽ اهو به يقين رکين ٿو ته آءُ الله جو رسول آهيان ته پوءِ تون پنهنجي پاڙ سميت پٽجي، هيستائين تون الله تعالىٰ جي حڪم سان منهنجي اڳيان اچي بيهه. (حضور جن اڃا ائين فرمايو ته) انهي ذات جو قسم! جنهن کين حق سان مبعوث فرمايو، اُهو وڻ پاڙ سميت پٽجي آيو ۽ اهڙي طرح آيو جو ان مان سخت کڙڪا ٿيا ۽ پکين جي پرن جي ڦڙڪڻ جهڙا آواز پئي آيا، تانجو اهو وڻ جهومندو لڏندو اچي رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن جي روبرو بيٺو ۽ ڪي بلند ٿاريون مٿن ۽ ڪجهه ٽاريون منهنجي ڪلهن تي اچي پيون ۽ آءُ سندن ساڄي پاسي بيٺو هوس. جڏهن قريش وارن اهو ڏٺو تڏهن غرور ۽ تڪبر سان چوڻ لڳا ته هاڻي هن وڻ کي حڪم ڪريو ته اڌ توهان وٽ اچي ۽ اڌ پنهنجي جڳهه تي رهي. جيئن ته پاڻ حضور جن وڻ کي اهو حڪم ڪيو تڏهن ان جو اڌ حصو حضور جن جي طرف وڌي آيو ۽ اهڙي طرح ان جو اچڻ (پهرين دفعي اچڻ کان به) زياده عجيب صورت سان ۽ زياده تيز آواز سان هو، ۽ هاڻي قريب هو ته هو رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن سان اچي چنبڙي تڏهن هنن ڪفر ۽ سرڪشي سان چيو ته چڱو هاڻي هن اڌ کي حڪم ڪريو ته هي پنهنجي ٻئي اڌ حصي سان وڃي ملي. جهڙي طرح پهرين هو. بهرنوع حضور جن ٻيهر حڪم ڪيو ۽ هو موٽي ويو.

مون (اهو ڏسي) چيو ته: لا اله الا الله_ اي الله جا رسول! آءُ توهان جي سيني کان پهرين ايمان آڻڻ وارو آهيان ۽ سيني کان پهرين پڻ اقرار ڪرڻ وارو آهيان ته هن وڻ الله تعالىٰ جي حڪم سان توهان جي نبوت جي تصديق ۽ توهان جي ڪلام جي عظمت ۽ برتري ڏيکارڻ لاءِ جيڪي ڪجهه ڪيو اهو امر سچو آهي. (ڪا به نظربندي نه آهي) اهو ٻڌي، اها سموري قوم چوڻ لڳي ته هي (پناه بخدا) پهرين درجي جو ڪوڙو ۽ جادوگر آهي. هن جو جادو عجيب و غريب آهي ۽ آهي به ان ۾ چالاڪ.

هن امر جي سندن تصديق، هن (علي) جهڙا ئي ڪري سگهن ٿا ۽ ان مان مراد مون کي ڪيائون (جيڪي وٽيو سو چئو) آءُ ته ان جماعت مان آهيان جن تي الله جي باري ۾ ڪا به ملامت اثر انداز نٿي ٿئي. اها اهڙي جماعت آهي جن جا چهرا، سچن جون تصويرون ۽ جن جو ڪلام نيڪن جي ڪلام جو آئينه دار آهي. اُهي سڄي رات عبادت ڪرڻ ۽ جاڳڻ وارا، ڏينهن جا روشن منارا ۽ الله تعالىٰ جي رسي سان وابسته آهن. اهي ماڻهو الله تعالىٰ جي حڪمن ۽ پيغمبر جي سُنتن کي زندگي بخشين ٿا. اهي نه تڪبر ڪن ٿا نه خيانت ڪن ٿا ۽ نه فساد برپا ڪن ٿا. هنن جون دليون جنت ۾ اٽڪيل ۽ جسم اعمالن ۾ رڌل رهن ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 193: خطبہ المتقين

منقول آهي تہ امير المومنين (عليہ السلام) جي هڪ اصحاب، جنهن جو نالو ”همام“ چيو وڃي ٿو ۽ جيڪو نهايت عبادت گذار شخص هو تنهن حضرت کي عرض ڪيو تہ يا امير المومنين! مون کي پرهيزگارن جو احوال اهڙي طرح ٻڌايو جو انهن جي تصوير منهنجي نظرن ۾ ڦرڻ لڳي. حضرت جواب ڏيڻ ۾ ڪجھ دير ڪئي ۽ پوءِ ايترو فرمايائين تہ اي همام! الله تعالىٰ کان ڊڄ ۽ نيڪ عمل ڪر، ڇو جو الله تعالىٰ انهن ماڻهن سان آهي جيڪي متقي ۽ نيڪ ڪردار آهن. همام سندس ان جواب تي ڪفايت نہ ڪئي بلڪ حضرت امير المومنين کي (وڌيڪ بيان فرمائڻ لاءِ) قسم وڌو، جنهن تي حضرت الله تعالىٰ جي حمد و ثنا ڪئي ۽ نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن تي درود ۽ سلام موڪلي ۽ فرمايائين تہ:

الله سبحانہ جڏهن مخلوقات کي پيدا ڪيو تڏهن انهن جي اطاعت کان بي پرواهہ ۽ سندن گناهن کان بي خطر ٿي پنهنجي بارگاهہ ۾ ڪين جڳھ ڏني ڇو جو اُن کي نہ ڪنهن گنهگار جي گناهہ ڪرڻ مان ڪو نقصان ۽ نہ ڪنهن فرمانبردار جي اطاعت ڪرڻ مان ڪو فائدو پهچي ٿو. هن زندگي جو سامان انهن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي ۽ دنيا ۾ هر هڪ کي پنهنجي مناسب حال، محل ۽ مقام تي رکيو آهي. جيئن تہ فضيلت انهن جي لاءِ آهي جيڪي پرهيزگار آهن، ڇو جو انهن جي گفتگو ٺيڪ توريل تڪيل، انهن جو لباس درميانو ۽ چال عجز ۽ انڪساري آهي. الله جي حرام ڪيل شين کان هنن اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ فائديمند علم تي ڪن ڏنو اٿن. هنن جا نفس، زحمت ۽ تڪليف ۾ بہ اهڙائي رهن ٿا جهڙا آرام ۽ آسائش ۾. جيڪڏهن (زندگي جي مقرر ڪيل) مدت نہ هجي ها جيڪا الله تعالىٰ هنن جي لاءِ لکي ڇڏي آهي تہ ثواب جي شوق ۽ عذاب جي خوف کان انهن جا روح سندن جسمن ۾ هڪ پل لاءِ بہ نہ رهن ها. خالق جي عظمت هنن جي دلين ۾ ويٺل آهي. ان ڪري جو هن کان سواءِ هر ڪا شيءِ سندن نظرن ۾ ذليل ۽ خوار آهي. هنن کي جنت جو اهڙو يقين آهي، جهڙو ڪنهن کي اکين ڏٺل شيءِ جو هوندو آهي، ڄڻ تہ هو اُن ئي وقت کان جنت جي نعمتن سان سرفراز آهن ۽ دوزخ جو بہ اهڙو ئي يقين اٿن جيئين ڪنهن شيءِ کي اهو اکين سان ڏسي رهيا هجن ۽ انهن کي ائين پيو محسوس ٿئي ڄڻ تہ اتي جو عذاب انهن جي چئو طرف موجود آهي. انهن جون دليون غمگين ۽ ڏک ۾ ڀريل ۽ ماڻهو انهن جي شر ۽ ايذاءَ کان محفوظ ۽ امن ۾ آهن. هنن جا بدن سنهڙا ۽ ڪمزور ضرورتون گهٽ ۽ نفس، نفساني خواهشن کان آزاد آهن. هنن چند مختصر ڏينهن جي (تڪليفن تي) صبر ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ دائمي آرام ۽ سک



Presented by Ziaraat.Com

حاصل ڪيائون. هيءَ هڪ فائديمند تجارت آهي، جيڪا الله تعالىٰ انهن لاءِ مهيا ڪئي آهي. دنيا انهن کي چاهيو، مگر انهن دنيا کي نہ چاهيو. ان انهن کي قيدي بڻايو، تڏهن بہ هنن پنهنجي نفسن جو فديو ڏئي پاڻ کي ڇڏايو. رات ٿئي تي تڏهن پنهنجي پيرن تي بيهي قرآن جون آيتون آهستي آهستي تلاوت ڪن ٿا، جنهن ڪان پنهنجي دلين ۾ غم ۽ اندوه تازو ڪن ٿا. ۽ پنهنجي مرض جو علاج ڳولين ٿا جڏهن ڪنهن اهڙي آيت تي انهن جي نگاهہ پوي ٿي جنهن ۾ جنت جي ترغيب ڏني وئي هجي تڏهن ان جي طمع ۾ اوڏانهن جهڪي پون ٿا ۽ ان جي اشتياق ۾ سندن دليون بي تاب ٿي اوڏانهن ڇڪجي وڃن ٿيون ۽ هو خيال ٿا ڪن تہ اهو ( پُر ڪيف) منظر سندن نظرن جي سامهون آهي، پر جڏهن ڪنهن اهڙي آيت تي سندن نظر پوي ٿي جنهن ۾ (دوزخ کان) ڊيڄاريو ويو هجي تہ ان جي طرف دلين جي ڪنن کي جهڪائين ٿا ۽ اهو گمان ڪن ٿا تہ جهنم جي شعلن جا آواز ۽ اتي جون رڙيون ۽ دانهون، انهن جي ڪنن جي اندر پهچي رهيون آهن. هو (رڪوع ۾) پنهنجون چيلهيون جهڪائي ۽ (سجدي ۾) پنهنجون پيشانيون، هٿن جون ترِيون، گوڏا، پيرن جا ڪنارا (آڱوٺا) زمين تي وڇائين ٿا. الله تعالىٰ کي ڇوٽڪاري ۽ نجات لاءِ التجائون ڪن ٿا. ڏينهن ٿئي ٿو تڏهن اُهي دانشمند عالم، نيڪو ڪار ۽ پرهيزگار ڏسڻ ۾ اچن ٿا. خوف انهن کي تيرن وانگر سنهڙو ۽ ضعيف ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڏسڻ وارو انهن کي ڏسي مريض سمجهي ٿو. حالانڪ انهن کي ڪابہ بيماري نہ ٿي ۽ جڏهن انهن جي ڳالهين کي ٻُڌن ٿا تڏهن چوڻ لڳن ٿا تہ هنن جي عقلن ۾ فتور آهي، (ائين نہ آهي) بلڪ انهن کي تہ هڪ ٻئي خطري جو انديشو آهي. هو پنهنجي گهٽ عملن هئڻ ڪري مطمئن نٿا ٿين ۽ زياده کي زياده نٿا سمجهن. هو پنهنجي ئي نفسن تي (ڪوتاهين) جو الزام هڻن ٿا ۽ پنهنجي عملن کان خوفزده رهن ٿا. جڏهن انهن مان ڪنهن هڪ کي صلاح ۽ تقوىٰ جي ڪري ساراهيو وڃي ٿو تڏهن هو پنهنجي حق ۾ چيل ڳالهين کان لرزجي وڃي ٿو ۽ ائين ٿو چوي تہ آءٌ ٻين کان زياده پنهنجي نفس کي ڄاڻان ٿو ۽ منهنجو پروردگار تہ مون کان بہ زياده منهنجي نفس کي ڄاڻي ٿو. خداوندا! انهن جي ڳالهين تي منهنجي گرفت نہ ڪجئين. منهنجي باري ۾ جيڪو اهو نيڪ گمان رکن ٿا، مون کي تنهن کان بهتر بڻاءِ ۽ منهنجي انهن گناهن کي بخش ڪجئين جيڪي انهن جي علم ۾ ناهن. انهن مان هڪ جي علامت اها بہ آهي تہ توهان هن جي دين ۾ استحڪام، نرمي ۽ خوش خلقي سان دور انديشي، ايمان ۾ يقين ۽ مضبوطي، بردباري سان دانائي، خوشحالي ۾ مياني روي، عبادت ۾ عجز و نيازمندي، فقر ۽ فاقي ۾ مان شان مرتبو، مصيبت ۾ صبر، رزق جي طلب ۾ حلال تي نظر، هدايت ۾ ڪيف ۽ سُرور ۽ طمع کان نفرت ۽ بي تعلقي ڏسندؤ. هو نيڪ عملن ڪرڻ جي باوجود بہ خوفزده رهي ٿو. شام ٿئي ٿي تہ ان جي پيش نظر الله تعالىٰ جو شڪر ۽ صبح ٿئي ٿو، تہ ان جو



Presented by Ziaraat.Com

مقصد الله تعالىٰ جي ياد ۾ گذري ٿو. رات، خوف ۽ خطري ۾ گذاري ٿو ۽ صبح جو خوش ٿي اٿندو آهي. خطرو ان جو ته متان رات غفلت ۾ گذري وڃي ۽ خوشي ان فضل و رحمت جي دولت تي جيڪا کيس نصيب ٿي آهي. جيڪڏهن سندس نفس ڪنهن نه وڻندڙ صورتحال جي برداشت ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو ته هو ان جي مرضي واري خواهش کي پورو نٿو ڪري. دائمي رهڻ وارين نعمتن ۾ ان لاءِ اکين جو سرور آهي. ۽ دار فاني وارين شين کان کيس بي تعلقي ۽ بيزاري آهي. هن علم ۾ حلم ۽ قول ۾ عمل کي سمايو آهي. توهان ڏسندؤ ته ان جي اميدن جو دامن نهايت ننڍڙو، غلطيون، خطائون نهايت گهٽ، دل تواضع ۽ عاجزي ڪرڻ واري ۽ نفس قناعت پسند، غذا قليل، روش بي ضرر، دين محفوظ، خواهشون مئل ۽ ڪاوڙ جي اڻ هوند ۾ آهي. هن مان ڀلائي جو ئي توقع ٿي سگهي ٿو ۽ هن مان ڪڏهن به نقصان جو انديشو نٿو ٿئي. جنهن وقت به هو الله تعالىٰ جي ذڪر نه ڪرڻ وارن ۾ ڏسجي ٿو تڏهن به ذڪر ڪرڻ وارن ۾ لکيو وڃي ٿو جيئن ته هن جي دل غافل نٿي ٿئي ۽ پوءِ جڏهن به ذڪر ڪرڻ وارن ۾ رهي ٿو تڏهن ظاهر آهي ته هن کي غفلت شعارن ۾ شمار نٿو ڪيو وڃي. جيڪو هن تي ظلم ڪري ٿو تنهن کي هو درگذر ڪري ٿو ڇڏي. جيڪو ان کي محروم ڪري ٿو، تنهن جي دامن پنهنجي عطا سان پري ٿو ڇڏي. جيڪو ان سان ڦٽائي ٿو تنهن سان هي ٻٽائي ٿو. بيهودي بڪواس هن جي قريب ئي نٿي اچي. هن جون ڳالهيون نرم، براين جي اڻ هوند ۽ نيڪيون ظاهر آهن. هن جون خوبيون اُڀري سامهون اچن ٿيون ۽ بديون پوئتي هٽنديون نظر اچن ٿيون. هي مصيبت جي سٽن ۽ لوڏن ۾ حلم و وقار جو جبل، سختين تي صابر ۽ خوشحالي ۾ شاڪر رهي ٿو. هي جنهن جو به دشمن هوندو، تنهن جي خلاف بيجا زيادتي نٿو ڪري ۽ جنهن جو به دوست ٿئي ٿو، تنهن جي خاطر به ڪو گناه نٿو ڪري. تنهن کان اڳ جو هن جي ڪنهن ڳالھ جي خلاف گواهي جي ضرورت پوي، ته پوءِ هو خود بخود حق جو اعتراف ڪري ٿو. امانت کي ضايع ۽ برباد نٿو ڪري. جيڪو هن کي ياد ڏياريو وڃي ٿو تنهن کي نٿو وساري، نه ٻين کي وڏن نالن ۽ لقبن سان ياد ڪري ٿو ۽ نه پاڙيسرن کي ايذاءُ رسائي ٿو، ۽ نه وري ٻين جي مصيبتن تي ڪو خوش ٿئي ٿو. نه باطل جي سرحد ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ نه حق واري دائري کان قدم ٻاهر ڪڍي ٿو. جيڪڏهن چپ رهي ٿو ته انهي خاموشي کان هن جي دل نٽي ڪومائجي ۽ جيڪڏهن کلي ٿو ته آواز بلند نٿو ٿئي. جيڪڏهن مٿس زيادتي ڪئي وڃي ته سهي وڃي ٿو ته جيئن الله تعالىٰ ئي ان جو انتقام وٺيءَ هن جو نفس سندس ئي هٿان مصيبتن ۾ مبتلا رهي ٿو ۽ ٻيا ماڻهو ان کان امن ۽ راحت ۾ آهن. هي آخرت جي خاطر پنهنجي نفس کي زحمت ۾ رکي ٿو ۽ خدا جي خلق کي پنهنجي نفس ( جي شر) کان راحت ۾ رکي ٿو. جن کان دوري اختيار ڪري ٿو ته اها زهد ۽ پاڪيزگي لاءِ هوندي آهي ۽ جن جي قريب



Presented by Ziaraat.Com

ٿئي ٿو ته اها به خوش خلقي ۽ رحم دلي جي بنياد تي آهي. نه هن جي دوري غرور ۽ هٺ جي سببان آهي ۽ نه هن جو ميل ميلاپ ڪنهن فريب ۽ مڪر جي بنياد تي هوندو آهي.

واري جو بيان آهي ته انهن ڪلمات کي ٻڌندي ”همام“ تي بيهوشي طاري ٿي ۽ اهڙي ئي عالم ۾ هن جو روح پرواز ڪري ويو. امير المومنين فرمايو ته: خدا جو قسم! مون کي ان جي باري ۾ اهو ئي خطرو هو. وري فرمايائين ته: تاثير ڪرڻ واريون نصيحتون، نصيحت حاصل ڪرڻ وارين طبيعتن تي اهڙو ئي اثر ڪنديون آهن. ان وقت هڪ چوڻ واري چيو ته: يا امير المومنين ! پوءِ ڪهڙي ڳالهه آهي جو خود توهان تي اهڙو اثر نٿو ٿئي؟ تڏهن حضرت فرمايو ته! بيشڪ، موت ڪاءِ هڪ وقت مقرر ڪيل آهي ۽ اهو ان کان اڳتي وڌي نٿو سگهي؟ جنهن جو هڪڙو سبب هوندو آهي جيڪو ٽري نٿو سگهي. اهڙي (بي معنيٰ) گفتگو کان، جيڪا شيطان تنهنجي زبان تي جاري ڪئي آهي باز اچ ۽ اهڙي ڳالهه وري زبان تي نه آڻ.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 194: منافقن جون علامتون

منافقن جون علامتون

اسين ان جي حمد و ثنا ڪريون ٿا، جنهن اسان کي اطاعت جي توفيق عطا ڪئي ۽ گناهن ڪرڻ کان روڪيائين. اسين هن کان نعمتن کي تڪميل جي پايہ تي پهچائڻ لاءِ خواهش ڪريون ٿا ۽ ان کان (اسلام جي) رسي سان وابستہ رهڻ لاءِ دعا گهرون ٿا ۽ اسين گواهي ٿا ڏيون تہ محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن سندس عبد ۽ رسول آهن. جيڪي الله تعالیٰ جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ هر سختي ۾ ٽپي پيا ۽ جنهن هن لاءِ غم ۽ غصي جا ڍڪ پي ورتا. جن جي قريبن بہ مختلف رنگ بدلايا ۽ پري وارا بہ سندن دشمني تي ہڏي ڪئي ۽ عرب وارا بہ سندن خلاف تمام تکا چڙهي ڊوڙيا ۽ دور دراز جڳهين ۽ فاصلي تي واقع سرحدن کان سوارين جي پيٽن تي اڙيون ۽ ڪڙيون هڻندا، حضور جن سان وڙهڻ لاءِ اچي جمع ٿيا ۽ عداوتن جون (پريون) اچي سندن صحن ۾ لاٿئون.

اي الله تعالیٰ جا بندؤ! آءُ توهان کي الله کان ڊڄڻ جي وصيت ڪريان ٿو ۽ منافقن کان بہ خبردار ڪريان ٿو، ڇو جو هو گمراه ۽ گمراه ڪرڻ وارا، بي راه ۽ بي راهروي تي آماده ڪرڻ وارا آهن، هو مختلف رنگ ۽ هر ڳالهہ ۾ جداگانہ ڪشتي جو داءُ بدلائن ٿا ۽ (توهان کي هم خيال بنائڻ لاءِ) هر قسم جي مڪر و فريب ۾ اڙائڻ جو سهارو ڏين ٿا ۽ هر داءُ فريب واري هنڌ تي توهان جي (تاڪ) موقعي جي تلاش ۾ رهن ٿا. هنن جون دليون (نفاق جي) روڳ ۾ مبتلا ۽ چهرا (بظاهري ڪدورتن کان) پاڪ ۽ صاف آهن. هو اندر ئي اندر پنهنجون چالون چلائن ٿا ۽ (گمراه ڪرڻ لاءِ) اهڙي طرح رڙهندا وڃن ٿا جهڙي طرح مرض آهستي اثر ڪري ٿو. انهن جا طور طريقا دوا مثل ، ڳالهيون شفا مثل ۽ ڪرتوت، لا علاج درد آهن. (ٻين جي) خوشحالي تي جلڻ وارا، انهن کي مصيبت ۾ ڦاسائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ وارا ۽ انهن کي اميدن کان نا اميد ڪرڻ وارا آهن. هر رستي (طريقي) تي انهن جو هڪ ستايل ۽ هر دل ۾ گهر ڪرڻ جو انهن وٽ وسيلو آهي ۽ هر غم جي لاءِ انهن جي (اکين ۾ مانگر مڇ جا) ڳوڙها آهن هڪ ٻئي جي قرض جي طور تي تعريف ۽ ساراه ڪندا آهن ۽ ان جي بدلي ملڻ جي آس رکن ٿا. جيڪڏهن گهرن ٿا تہ وڙهن ٿا ۽ بري پلي ڳالهائڻ تي آماده ٿين ٿا. ۽ پوءِ رسوا ڪري ڇڏين ٿا. جيڪڏهن ڪو فيصلو ڪن ٿا تہ بي راه روي ۾ حد کان وڌي وڃن ٿا. انهن هر حق جي مقابلي ۾ باطل ۽ هر سچ جي مقابلي ۾ ڪوڙ ۽ ڦڏو، هر جيئري جي لاءِ قاتل زهر، هر دروازي جي لاءِ ڪنجي ۽ هر رات جي لاءِ چراغ مهيا ڪري رکيا آهن. هو نا اميدي ۾ اميد



Presented by Ziaraat.Com

پيدا ڪن ٿا جنهن ڪان پنهنجي بازار چمائن ٿا يعني پنهنجا مقصد پورا ڪن ۽ پنهنجي مال کي جاري ڪن ٿا. غلط ڳالھ کي صحيح ڳالھ جي انداز ۾ پيش ڪن ٿا ۽ باطل کي حق جو رنگ ڏئي پيش ڪن ٿا. انهن ( پنهنجي لاءِ) تہ رستا آسان بنائي ڇڏيا آهن ۽ ٻين جي لاءِ پيچيدگيون وڌيون اٿن. هو شيطان جو گروه آهي ۽ سمجهي ڇڏيو تہ شيطان جو گروه ئي گهاٽي خساري ۾ پوڻ وارو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 195: ميدانِ حشر

ميدانِ حشر

سموري تعريف ان الله جي لاءِ آهي جنهن پنهنجي فرمانروائي ۽ جلال ڪبريائي جي آثارن کي نمايان ڪري پنهنجي قدرت جي عجيب ۽ غريب نقش آرائي کان اکين جي ماڻڪين کي حيرت ۾ محو ڪيو آهي. ۽ انساني وهم جي قوتن کي پنهنجي صفتن جي تھ تائين پهچڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. آءُ اقرار ٿو ڪريان تہ الله کان سواءِ ڪوبہ معبود ناهي. اهڙو اقرار جيڪو سراپا ايمان، يقين، اخلاص ۽ فرمانبرداري آهي ۽ گواهي ڏيان ٿو تہ محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن سندس عبد ۽ رسول آهن، جن کي ان وقت رسول بڻائي موڪليائين جڏهن هدايت جا نشان مٽجي چڪا هئا ۽ دين جون راهون برباد ٿي چڪيون هيون. پاڻ اچي، حق کي ظاهر ڪيائون خلقِ خدا کي نصيحت ڪيائون، هدايت جي راه ڏي رهنمائي فرمايائون ۽ (افراط و تفريط جي طرفن کان بچي) درمياني راه تي هلڻ جو حڪم فرمايائون. الله تعالىٰ مٿن ۽ سندن اهلبيت تي رحمت نازل فرمائي.

اي الله تعالىٰ جا بندؤ! ان ڳالھ کي سمجهي ڇڏيو تہ هن توهان کي بيڪار پيدا نہ ڪيو آهي ۽ نہ وري ائين ڇڙواڳ ڪري ڇڏيو اٿس. جيڪي نعمتون هن توهان کي عطا ڪيون آهن تن جي مقدار کان آگاه آهي ۽ جيڪي احسان توهان تي ڪيا اٿس، تن جو شمار بہ ڄاڻي ٿو هن کان ئي فتح، ڪامراني ۽ حاجت روائي طلبيو. هن جي سامهون ئي دعا جا هٿ ڊگهيريو، هن کان ئي بخشش ۽ عطا جي خيرات پنو، توهان جي ۽ هن جي وچ ۾ ڪو پردو حائل نہ آهي ۽ نہ وري توهان جي لاءِ ڪو هن جو دروازو بند آهي. هو هر هنڌ ۽ هر گهڙي ۽ هر وقت ۽ هر جن ۽ انسان سان گڏ موجود آهي. نہ سندس سخا ۽ ڪرم سان ان ۾ ڪو رخنو پوي ٿو ۽ نہ وري سخاوت ڪرڻ سان ڪا ڪمي ٿئي ٿي. نہ گهرڻ وارا هن جي خزانن کي ختم ڪري سگهن ٿا ۽ نہ بخشش ۽ فيضان هن جي نعمتن کي انتها تائين پهچائي سگهن ٿا. نہ هڪ طرف ڌانهن ڌيان ڏيڻ جي ڪري سندس توجھ (ڪنهن ٻئي طرف کان) موڙي سگهجي ٿي ۽ نہ وري هڪ آواز ۾ محويت، کيس ڪنهن ٻئي آواز کان بي خبر ڪر سگهي ٿي. نہ وري هن کي (بيڪ وقت) هڪ نعمت جو عطا ڪرڻ ٻي نعمت جي کسڻ کان منع ڪري ٿو ۽ نہ غضب ( جا ٽاندا) رحمت ( جي برڪت) کان هن کي روڪين ٿا ۽ نہ لطف و ڪرم هن کي تنبيھ ۽ پڪڙ (ڪرڻ) کان غافل ڪن ٿا. هن جي ذات جي پوشيدگي، سندس آثارن جي جلون تي نقاب نٿي وجهي. ۽ نہ سندس آثارن جو جلوو سندس ذات جي



Presented by Ziaraat.Com

پوشيدگي کي جدا ڪري سگهي ٿو. هو ويجهو، مگر پوءِ بہ پري آهي ۽ بلند، مگر نزديڪ آهي. هو ظاهر، مگر ان سان گڏ باطن، هو پوشيدو، مگر ظاهر آهي. هو نيڪي جو عيوضو ڏي ٿو، مگر هن کي نيڪي جو عيوضو ڏئي نٿو سگهجي. هن خلق ڪائنات کي سوچ ويچار ڪري ايجاد نہ ڪيو آهي ۽ نہ وري ٽڪ جي سببان ڪنهن کان مدد وٺڻ جو محتاج ٿيو آهي.

اي الله تعالىٰ جا بندؤ! آءُ توهان کي خدا کان خوف ڪرڻ جي نصيحت ڪريان ٿو، ڇو جو اها سعادت جي واڳ ۽ (دين جو) مضبوط سهارو آهي. ان جي ڳنڍين سان وابستہ رهو ۽ ان جي حقيقتن کي مضبوطي سان جهليو، جيڪي توهان کي آسائشن جي جڳهين، آسودگي جي گهرن، حفاظت جي قلعن ۽ عزت جي منزلن ۾ پهچائينديون. جنهن ڏينهن اکيون (خوف جي سببان) ڦاٽل ئي رهجي وينديون، هر طرف اونده ئي اونده هوندي. ڏهن ڏهن مهينن جون ڏُڪيون ڏاچيون بيڪار ڪيون وينديون ۽ صور ڦوڪي ويندي، تڏهن هر ڪا جان بدن مان نڪري ويندي، زبانون گُنگيون ٿي وينديون ۽ وڏا وڏا پهاڙ مضبوط جبل ٽڪر ٽڪر ٿي ويندا ۽ سخت پٿر (پاڻ ۾ ٽڪرائجي) چمڪندڙ سراب (يعني اها ريت، جنهن تي اُس جي وقت پاڻي جو ڏوکو ٿئي) وانگر ٿي ويندا ۽ جتي آباديون (۽ آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ عمارتون) هيون، سي جڳهيون هموار ميدان جي صورت ۾ ٿي وينديون. (ان وقت) نہ ڪو سفارش ڪرڻ وارو هوندو جيڪو سفارش ڪري نہ ڪو عزيز هوندو جيڪو (ان عذاب کان) بچائي ۽ نہ عذر و معذرت پيش ٿي سگهندي جيڪا فائدو بخشي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 196: موت

موت

الله تعالىٰ پنهنجي رسول کي ان وقت موڪليو جڏهن (هدايت) جو ڪو نشان نہ رهيو هو نہ (دين جو) ڪو بلند منارو ۽ نہ (شريعت جي) ڪا واضح راه موجود هئي.

اي الله تعالىٰ جا بندؤ! آءُ توهان کي الله تعالىٰ کان ڊڄڻ جي نصيحت ڪريا ٿو ۽ هن دنيا کان توهان کي تنبيهه ڪريان ٿو جو هي ڪوچ ڪرڻ جي جڳهه ۽ بي لطفي ۽ رنجش جو مقام آهي. هن ۾ رهڻ وارو آخر هتان سفر ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيندو ۽ ترسڻ وارو پنهنجو رخ موڙي هن کان الڳ ٿي ويندو. هي پنهنجي رهڻ وارن سميت اهڙي طرح ڊانوا ڊول ٿي رهي آهي جهڙي طرح اها ٻيڙي جنهن کي تيز هوائون لوڏي رهيون هجن. ڪجهہ تہ انهن مان برباد ۽ غرق ٿي ويا آهن ۽ جيڪي بچيا آهن سي لهرن جي لوڏن ۾ چولين جا ڌڪ کائي رهيا آهن ۽ هوائون پنهنجي دامنن سان انهن کي ڌڪي رهيون آهن ۽ تباهين ۾ نئي رهيون آهن جيڪو غرق ٿي چڪو آهي سو هٿ نہ ايندو ۽ جيڪو بچو آهي سو بہ تباهين ۾ پيو رهندو.

اي الله تعالىٰ جا بندؤ! نيڪ اعمال بجا آڻيو، جڏهن تہ هينئر زبانن لاءِ ڪا رڪاوٽ نہ آهي، بدن تندرست ۽ هٿن پيرن ۾ چُر پُر آهي (جيڪي چاهيو، سو انهن کان ڪم وٺي سگهو ٿا) اچڻ وڃڻ جي جڳهه وسيع ۽ (عمل جي) ميدان ڪشادو آهي. تنهن کان اڳ جو پوءِ فرصت نہ ملي ۽ موت اچي ڪڙڪي، سو پنهنجي لاءِ موت کي ائين سمجهو تہ ڄڻڪ هو اچي چڪو آهي. ائين هن جو انتظار نہ ڪريو تہ ڪو ايندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 197: حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي رحلت

حضور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي رحلت

پيغمبر جا اهي اصحاب جيڪي (شريعت جي حڪمن جا) امين مقرر ڪيل هئا، سي هن ڳالهه کان چڱي طرح واقف آهن تہ مون ڪڏهن بہ اک چنڀ لاءِ الله ۽ سندس رسول جي حڪمن کان بي پرواهي نہ ڪئي ۽ مون ان جوانمردي جي زور ۽ طاقت تي جنهن کان الله تعاليٰ مون کي سرفراز ڪيو آهي تہ پيغمبر صلعم جن جي دل و جان سان مدد انهن موقعن تي ڪئي ، جن موقعن تان بهادر (بہ نتائي) پٺڀري ويندا هئا ۽ قدم (اڳتي وڌائڻ جي بجاءِ) پوئتي هٽندا هئا. جڏهن رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن رحلت فرمائي، تڏهن سندن سر (اقدس) منهنجي سيني تي هو ۽ جڏهن منهنجي هٿن ۾ سندن طيب (پاڪ) روح مفارقت (جدائي) ڪئي تڏهن مون (تبرڪاً) پنهنجا هٿ منهن تي ڦيرايا. مون سندن غسل جو فريضو ادا ڪيو. انهي عالم ۾ جو ملائڪ منهنجي مدد ڪري رهيا هئا. (سندن رحلت سببان) گهر ۽ ان جو اوسو پاسو ۽ اوڙو پاڙو نالہ و فرياد (روڄ راڙي) ۾ گهمسان سان مصروف هو. (فرشتن جي اچڻ وڃڻ جو سلسلو قطارن جي صورت ۾ جاري هو) هڪڙو گروه لٿو پئي تہ ٻيو گروه چڙهيو پئي. اهي حضرت جن تي نماز پڙهي رهيا هئا ۽ انهن جا هيٺا آواز برابر اَءُ ٻڌي رهيو هوس، تانجو مون کين قبر (مطهر) ۾ دفنايو تہ پوءِ هاڻي سندن زندگي ۾ ۽ سندن رحلت کان پوءِ مون کان وڌيڪ ڪير سندن حقدار ٿي سگهي ٿو؟ (جڏهن منهنجو حق توهان کي معلوم ٿي چڪو آهي) تہ پوءِ توهان دانائيءَ جي لغام سان دشمن سان جهاد ڪرڻ لاءِ صدقِ نيت سان اڳتي وڌو. ان ذات جو قسم! جنهن کان سواءِ ڪوبہ معبود نہ آهي. بغير شڪ شبهي جي تحقيق اَءُ حق جي راه تي آهيان ۽ هو (شام وارا) باطل جي اهڙي سوڙهي لڪ واري پيچري جي ترڪڻ تي آهن، جتان اجهو ٿا ترڪن. اَءُ جيڪي چئي رهيو آهيان، سو توهان ٻڌي رهيا آهيو. اَءُ پنهنجي ۽ توهان جي لاءِ الله تعاليٰ کان بخشش جو طلبگار آهيان.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 198: اسلام ۽ قرآن

اسلام ۽ قرآن

اهو (الله تعالیٰ) بيابانن ۾ چوپاين جا فرياد (ٻڌي ٿو) تنهائين ۾ بندن جي گناهن کان آگاهه آهي ۽ اٿاهه سمندن ۾ مڇين جي اچڻ وڃڻ ۽ تيز هوائن جي ٽڪرجڻ کان پاڻي جي ڇولين جي ڏڪن کي بہ ڄاڻي ٿو.

آءٌ گواهي ڏيان ٿو تہ محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن الله تعالیٰ جا برگزيده (بندا) ۽ ان جي وحي جا ترجمان ۽ رحمت جا پيغمبر آهن.

آءٌ توهان کي ان الله تعالیٰ کان ڊڄڻ جي نصيحت ڪريان ٿو جنهن توهان کي پيدا ڪيو ۽ جنهن جي طرف توهان کي واپس ٿيڻو آهي. اهو ئي توهان جي ڪامرانين جو ذريعو ۽ توهان جي تمنائن جي آخري منزل آهي. انهي جي طرف توهان جي حق واري راه واپس ٿئي ٿي ۽ اهو ئي خوف ۽ هراس جي وقت توهان جي لاءِ پناه گاه آهي. (دل ۾ الله تعالیٰ جو خوف رکيو) ڇو جو اهو توهان جي دلين جي روڳ جو علاج، فڪر ۽ شعور جي اونداهين جي لاءِ روشني، جسمن جي بيمارين لاءِ شفا، سيني جي تباه ڪارين لاءِ اصلاح، نفس جي ڪثافتن لاءِ پاڪيزگي، اکين جي ڌنڌلائپ لاءِ اُجارڻ واري چمڪ دمڪ، دل جي دهشت لاءِ تسلي ۽ جهالت جي انڌوڪار لاءِ روشني آهي. رڳو ظاهري طور تي الله جي اطاعت جو لباس نہ ڍڪيو، (بلڪ) ان کي پنهنجي لاءِ اندروني پوشاڪ بہ بڻايو، نہ رڳو اندروني پوشاڪ بلڪ ائين ڪريو جو اها توهان جي باطن ۾ سمائجي وڃي ۽ پاسرين جي اندر (دل ۾) رچي وڃي ۽ ان کي پنهنجي معاملات تي حڪمران ۽ (حشر ۾) وارد ٿيڻ وقت سر چشمو، مقصد جي منزل تائين پهچڻ جو وسيلو، خوف جي ڏينهن لاءِ ڍال، قبر جي لاءِ چراغ، (اڪيلائي جي) طويل وحشتن لاءِ سڪون جو ذريعو ۽ منزلن جي تڪليفن کان رهائي (نجات جو ذريعو) مقرر ڪريو، ڇو جو الله جي اطاعت، گهيرڻ وارين تباه ڪارين، پيش ايندڙ دهشت جي مرحلن ۽ ڀڙڪندڙ باه جي لپيٽ کان، پناه گاه آهي، جيڪا تقویٰ کي مضبوطي سان پڪڙي ٿي، تہ پوءِ مصيبتون ان جي ويجهي هئڻ جي باوجود بہ پري هٽي وڃن ٿيون. سمورا معاملا تلخي ۽ رنجش کان پوءِ بہ شيرين ۽ خوشگوار ٿي وڃن ٿا. (تباهي ۽ هلاڪت جون) لهرون ۽ جوش گڏ ٿيڻ کان پوءِ بہ هٽي وڃن ٿا ۽ دشواريون، سختين ۾ مبتلا ڪرڻ کان پوءِ آسان ٿين ٿيون. قحط ۽ اٽاٽ کان پوءِ لطف و ڪرم جو مينهن وسي ٿو، رحمت منهن ڦيرائڻ کان پوءِ وري اچي جهڪي ٿي. زمين جي خشڪ ٿيڻ کان پوءِ ان ۾



Presented by Ziaraat.Com

نعمتن جا چشما وري اُيامي پون ٿا. ڦوهاري جي ڪمي ڪان پوءِ برڪت جون نهايت زور واريون بارشون وسڻ لڳن ٿيون. ان الله ڪان ڊڄو! جنهن نصيحت ۽ هدايت سان توهان کي فائدو پهچايو، بلڪ پنهنجي پيغام جي ذريعي توهان کي وعظ ۽ نصيحت ڪئي. پنهنجي نعمتن سان توهان تي لطف ۽ احسان ڪيا. هن جي بندگي ۽ نيازمندي لاءِ پنهنجي نفسن کي مطيع ڪريو ۽ ان جي فرمانبرداري جو پورو پورو حق ادا ڪريو. پوءِ اهو ته اسلام ئي اهو دين آهي جنهن کي الله پنهنجي سڃاڻ لاءِ پسند ڪيو، پنهنجي نظرن جي سامهون ان جي سنڀال ڪيائين. ان جي (تبليغ جي لاءِ) بهترين خلق جو انتخاب فرمايو. پنهنجي محبت تي ان جا ٿنيا کڙا ڪيائين، ان جي برتري سڀبان سمورن دينن کي سرنگون ڪيائين ۽ ان جي بلندي جي سامهون سيني ملتن کي پست ڪيائين. ان جي عزت ۽ بزرگي جي ذريعي دشمنن کي ذليل ۽ ان جي نصرت ۽ تائيد سان مخالفن کي رسوا ڪيائين، ان جي ٿنين سان گمراهي جي پاين کي ڪيرائي ڇڏيو. پياسن کي ان جي تلائن مان سيراب ڪيائين ۽ پاڻي ڪڍڻ وارن جي ذريعي حوضن کي پريائين. پوءِ اهو ته (دين کي) اهڙي طرح مضبوط ڪيائين جيڪو ان جي ڳنڍيين لاءِ شڪست ۽ نقصان نه آهي، نه ان جي حلقي (جون ڪڙيون) جدا جدا ٿي سگهن ٿيون، نه ان جا بنياد ڪري سگهن ٿا، نه ان جا ٿنيا پنهنجي جاءِ ڇڏي سگهن ٿا، نه ان جو وڻ پٽجي سگهجي ٿو، نه ان جي مدت ختم ٿي سگهي ٿي، نه ان جا قاعدا ڊهي سگهن ٿا، نه ان جون شاخون ڪٽجي سگهجن ٿيون، نه ان جون راهون تنگ، نه ان جون آسانيون دشوار آهن، نه ان جي سفيد دامن تي سياهي جو داغ، نه ان جي سڌائي ۾ وريا ڏِنگ، نه ان جي ڪاٺي ۾ ٽيڙهائپ، نه ان جي ڪشادي راه ۾ ڪا دشواري آهي، نه ان جا چراغ گل ٿين ٿا، نه ان جي خوشگوارين ۾ تلخين جو ڪو گذر ٿئي ٿو. اسلام اهڙن ٿنين تي حاوي آهي، جن جا پاوا الله تعالیٰ حق ( جي سرزمين) ۾ قائم ڪيا آهن ۽ انهن جي پيڙه ۽ بنياد کي مضبوطي بخشي آهي ۽ (اُهي) اهڙا سر چشما آهن جن جا چشما پاڻي سان پرپور ۽ اهڙا چراغ آهن جن جون لاٽون روشني بخشيندڙ آهن. اهڙا منارا آهن، جن جي روشني ۾، مسافر قدم وڌائن ٿا ۽ اهڙا نشان آهن جن جي وسيلي سڌين راهن جو قصد ڪيو وڃي ٿو ۽ اهڙا گهاٽ آهن جن تي لهڻ وارا انهن مان سيراب ٿين ٿا. الله تعالیٰ اسلام ۾ پنهنجي انتهائي رضامندي، بلندترين رڪن ۽ پنهنجي اطاعت جي ڊگهي سطح کي مقرر ڪيو آهي. بهرنوع الله تعالیٰ جي نزديڪ ان جا ٿنيا مضبوط، ان جي عمارت سر بلند، دليل روشن ۽ روشنيون منور آهن. هن جي سلطنت غالب ۽ منارا بلند آهن ۽ ان جي بنياد کي ختم ڪرڻ نهايت مشڪل آهي. ان جي عزت ۽ وقار کي باقي رکو. ان جي (حڪمن جي) پيروي ڪريو، ان جا حق ادا ڪريو ۽ ان جي (هرحڪم کي) ان جي جاءِ تي قائم ڪريو، پوءِ اهو ته الله سبحانه، محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن کي ان وقت حق سان موڪليو، جڏهن فنا دنيا جي ويجهو



Presented by Ziaraat.Com

اچي پنهنجي جاءِ ڪئي ۽ آخرت مٿان لامارا هڻي رهي هئي. ان جي رونق جون روشنيون اونداهي سان بدلجڻ لڳيون ۽ پنهنجي رهڻ وارن ۽ پنهنجي رهاڪن لاءِ مصيبت بنجي بيٺي. ان جو فرش سخت کُهرو ۽ ناهموار ٿي ويو ۽ فنا جي هٿن ۾ واڳ ڏيڻ لاءِ آماده ٿي وئي. اهو ان وقت ٿيو جڏهن ان جي مدت ختم ٿيڻ تي هئي. ۽ ( فنا جون) علامتون ويجهو ٿيون. ان جا رهڻ وارا تباه ۽ ان جي حلقہ جون ڪڙيون جدا ٿيڻ لڳيون. ان جا تنجڻ چڙوچڙ ۽ نشانات پراڻا ٿي ويا. ان جا عيب کلڻ لڳا ۽ ڦهليل دامن ويڙهجڻ لڳي. الله تعالیٰ ان (رسول صلعم جن) کي پيغام رسائڻ ۽ امت جي سرفرازي جو ذريعو، جهانن وارن لاءِ بهار ۽ يارن، انصارن جي رفعت ۽ عزت جو سبب مقرر ڪيو. وري مٿن هڪ اهڙو ڪتاب نازل فرمايو جيڪو (سمورو) نور آهي، جنهن جا قنديل گل نٿا ٿين. اهڙو چراغ آهي جنهن جا شعاع خاموش نٿا ٿين. اهڙو سمنڊ آهي جنهن جو منجهه نٿو لڳائي سگهجي. اهڙي شاهراه آهي جيڪا مسافر کي گمراه نٿي ڪري. اهڙو ڪرڻو آهي جنهن جو پرتو جهڪو نٿو ٿئي. اهو اهڙو تہ (حق ۽ باطل ۾) امتياز ڪرڻ وارو آهي جنهن جا دليل ڪمزور نٿا ٿين. اهڙو تہ کولي بيان ڪرڻ وارو آهي جنهن جا ٿنيا ڍاهي نٿا سگهجن. هو سراسر شفا آهي، (جنهن جي هوندي روحاني) بيمارين جو ڪتڪو نہ آهي. هو سراسر عزت ۽ غلبو آهي جنهن جا يار ۽ مددگارشڪست نٿا کائن. هو (سمورو) حق آهي، جنهن جا معاون ۽ مددگار بي مدد نٿا ڇڏيا وڃن. هو ايمان جي کاڻ ۽ مرڪز آهي. ان ما علم جا چشما نڪري ۽ دريا ٿي وهن ٿا. ان ۾ عدل جا چمن ۽ انصاف جا حوض آهن جيڪو اسلام جو سنگ بنياد ۽ ان جي پيڙه آهي. حق جي وادي ۽ ان جو سڌو ميدان آهي. هو اهڙو درياءُ آهي جنهن کي پاڻي پرڻ وارا ختم ڪري نٿا سگهن. هو اهڙو چشمو آهي جنهن مان پاڻي ڪيڻ ۽ هارڻ وارا ان کي خشڪ ڪري نٿا سگهن. هو اهڙو گهاٽ (تڙ) آهي جتي لهڻ وارا ان جو پاڻي گهٽ ڪري نٿا سگهن. هو اهڙي منزل آهي جنهن جي راه ۾ ڪوبہ مسافر گمراه نٿو ٿئي. هو اهڙو نشان آهي جو هلڻ وارن جي نظرن کان غائب نٿو ٿئي. هو اهڙو دڙو آهي جو حق جي قصد ڪرڻ وارا ان کان اڳتي وڌي نٿا سگهن. الله تعالیٰ ان کي عالمن جي پياس اجهائڻ لاءِ سيرابي، فقيهي جي دلين لاءِ بهار ۽ نيڪن جي رهگذر لاءِ شاهراه مقرر ڪيو آهي. هي اهڙي دوا آهي جنهن کان ڪوبہ مرض نٿو رهي. اهڙو نور آهي جنهن ۾ اونداهي جو گذر نہ آهي. اهڙي رسي آهي جنهن جا وڪڙ مضبوط آهن. اهڙي چوٽي آهي جنهن جي پناه گاه محفوظ آهي. جيڪو ان سان وابستہ رهيو تنهن لاءِ عزت جو سرمايو آهي. جيڪو ان جي حدن ۾ داخل ٿيو تنهن لاءِ صلح جو پيغام ۽ امن آهي. جيڪو ان جي پيروي ڪري تنهن لاءِ هدايت آهي. جيڪو ان کي پنهنجي طرف نسبت ڏي تنهن لاءِ حجت آهي. جيڪو ان جي روشني ۾ ڳالهائي تنهن لاءِ دليل ۽ برهان آهي. جيڪو هن جي بنياد تي بحث ۽ مناظرو ڪري تنهن لاءِ



Presented by Ziaraat.Com

گواه آهي. جيڪو هن ڪي حجت ٻڌائي پيش ڪري تنهن لاءِ فتح ۽ ڪامراني آهي. جيڪو هن جو بار کڻي، هي ان جو بار گهڻائڻ وارو آهي. جيڪو هن کي پنهنجو دستور العمل بنائي تنهن لاءِ سواري (تيز گام) آهي. هي حقيقت شناس لاءِ هڪ واضح نشان آهي. (جيڪو ضلالت سان ٽڪرائڻ لاءِ) هٿيار بند هجي تنهن لاءِ ڍال آهي. جيڪو هن جي هدايت کي ڳنڍي ٻڌي ڇڏي تنهن لا علم و دانش آهي. بيان ڪرڻ واري لاءِ بهترين ڪلام ۽ فيصلي ڪرڻ واري جي لاءِ قطعي حڪم آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 199: نماز جي پابندي

جناب امير عليہ السلام پنهنجي اصحابن کي هڪ نصيحت ڪرڻ فرمائيندو هو تہ:

نماز جي پابندي ۽ ان جي حفاظت ڪريو ۽ ان کي گهڻي کان گهڻو بجا آڻيو ۽ ان جي ذريعي سان الله تعاليٰ جي ويجهڙائي چاهيو. ڇو جو نماز مسلمانن تي وقت جي پابندي سان واجب ڪئي وئي آهي. ڇا (قرآن ۾) دوزخين جي جواب کي توهان نہ پڙهو آهي تہ جڏهن انهن کان پڇيو ويندو تہ " ڪهڙي ڳالهہ توهان کي دوزخ جي طرف ڇڪي آندو آهي"؟ تڏهن هو چوندا تہ اسين نمازي نہ هئاسين." بيشڪ نماز گناهن کي پهاري اهڙي طرح جدا ڪري ٿي جهڙي طرح (وڻ مان) پن ڇڻندا آهن ۽ انهن کي اهڙي طرح الڳ ڪري ٿي جهڙي طرح (چوپاين جي ڳچن مان) رسيون کولي، انهن کي رها ڪيو ويندو آهي. رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن نماز کي ان گرم چشمي سان تشبيهہ ڏني آهي جيڪو ڪنهن شخص جي گهر جي دروازي تي هجي ۽ هو ان مان رات ڏينهن پنج دفعا غسل ڪري تہ پوءِ ڇا اميد ڪري سگهجي ٿي تہ ان جي (جسم تي) ڪا مير رهجي وڃي؟ نماز جو قدر تہ اهي خدا وارا مرد ڄاڻن ٿا جن کي دنيا جو سينگاريل مال ۽ اولاد جو سرور، انهن کي غفلت ۾ نٿو وجهي. (جيئن تہ) الله سبحانہ جو ارشاد آهي تہ: " ڪجهہ ماڻهو اهڙا آهن، جن کي خدا جي ذڪر ۽ نماز پڙهڻ ۽ زڪوات ڏيڻ کان ڪين نہ تجارت غافل ڪري ٿي، نہ خريد ۽ فروخت" ۽ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي جيتوڻيڪ ڪين جنت جي خوشخبري ڏني وئي هئي تڏهن بہ (ڪثرت سان) نماز پڙهڻ ڪري پاڻ کي زحمت ۽ تڪليف ۾ وجهندا هئا جيئن تہ انهن کي الله تعاليٰ جو حڪم هو تہ " پنهنجي گهر وارن کي نماز جو حڪم ڏيو ۽ پاڻ خود بہ ان جي پابندي ڪريو". تنهن ڪري حضرت جن پنهنجي گهر وارن کي خصوصيت سان نماز جو تاڪيد پڻ فرمائيندا هئا ۽ پاڻ خود بہ ان جي گهڻائي ۽ بجا آوري ۾ زحمت ۽ مشقت برداشت ڪندا هئا. پوءِ مسلمانن لاءِ نماز سان گڏ زڪواة کي بہ خدا جي تقرب جو ذريعو مقرر ڪيو ويو آهي. سو جيڪو شخص ان کي رضا و رغبت سان ادا ڪندو، تنهن جي لاءِ هي گناهن جو ڪفارو ۽ دوزخ کان اوٽ ۽ بچاءُ آهي. (ڏسو! ادا ڪرڻ کان پوءِ) ڪوبہ شخص ان جو خيال بہ دل ۾ نہ آڻي ۽ نہ ان تي زياده هاءِ هاءِ مچائي، ڇا ڪاڻ تہ جيڪو شخص، خلوص دل کان سواءِ، زڪواة ڏئي ڪري، ان کان بهتر شيءِ جي لاءِ واجهائي ٿو، سو سنت کان بي خبر، اجر جي اعتبار کان نقصان کڻڻ وارو، غلط ڪم ۽ دائمي پريشاني ۽ ندامت ۾ گرفتار آهي. پوءِ امانت جو ادا ڪرڻ آهي، جيڪو پاڻ کي امانت جو اهل نہ بڻائي سگهي، سو ناڪام ۽ نامراد آهي. ان امانت کي مضبوط آسمانن، پکڙيل زمينن ۽ وڏن ڊگهن پهاڙن تي پيش ڪيو ويو. پلا، انهن



Presented by Ziaraat.Com

ڪان وڏيڪ وڏي ڏکهي ۽ ڪشادي ڪابہ شيءِ نہ آهي، تہ پوءِ جيڪڏهن ڪا بہ شيءِ ڏيگهہ اوچائي يا قوت ۽ غلبي جي زور تي انحرافي ڪري سگهي پئي، تہ اهي ئي ڪري سگهن پيا. ليڪن اهي تہ سندس خوف ۽ عتاب ڪان ڏنا، ۽ ان ڳالهہ کي سمجهي ويا، جنهن کي انهن ڪان ڪمزور تر مخلوق انسان، نہ سمجهي سگهيو. بيشڪ، انسان وڏو بي انصاف ۽ وڏو جاهل آهي.

اهي خدا جا بندا رات (جي پردن) ۽ ڏينهن (جي روشني) ۾ جيڪي گناه ڪن ٿا، سي الله ڪان لڪل نہ آهن. هو تہ هر ننڍي شيءِ ڪان آگاه ۽ هر شيءِ تي ان جو علم گهيرو ڪيل آهي. توهان جا ئي عضوا ان جي سامهون گواه بڻجي پيش ٿيندا، ۽ توهان جا ئي هٿ پير ان جا لاؤ لشڪر آهن، ۽ توهان جا ئي قلب ۽ ضمير ان جا جاسوس آهن، ۽ توهان جي تنهائين ( جي عيش عشرت جا گهر) ان جي نظرن جي سامهون آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 200: معاويو

**معاويو**

خدا جو قسم! تہ معاويہ مون کان زياده چَلتو پُرزو ۽ چالاڪ نہ آهي، پر فرق اهو آهي تہ هو غدارين کان نٽو ڏڄي ۽ بد ڪردارين کان باز نٽو اچي. جيڪڏهن مون کي (عياري) دغا ۽ فريب ۽ (غداري) بغاوت کان نفرت نہ هجي ها، تہ آءُ سيني ماڻهن کان زياده هشيار ۽ چالاڪ هجان ها، ليڪن هر ڪا غداري گناه ۽ هر ڪو گناهہ خدائي حڪم جي نافرماني آهي. جيئن قيامت جي ڏينهن هر غدار جي هٿن ۾ هڪ جهنڊو هوندو، جنهن سان هو سڃاتو ويندو. خدا جو قسم! تہ مون کي هٿن جي ڪيڏن ۽ چالاڪين ۽ مڪرن سان غفلت ۾ نٽو وجهي سگهجي، ۽ نہ سختين سان هيسائي سگهجي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 201: حضرت صالح جي ڏاچي

حضرت صالح جي ڏاچي

اي انسانؤ! هدايت جي راه ۾ هدايت حاصل ڪرڻ وارن جي گهٽ هجڻ ڪان نہ ڊڄو، ڇو جو عام ماڻهو تہ هن ئي دنيا جي اهڙي دستر خوان تي ٿتي پوڻ وارا آهن، جنهن مان پيٽ ڀرڻ جي مدت گهٽ ۽ بک جو عرصو دراز آهي.

اي انسانؤ! (افعال ۽ اعمال چاهي جدا جدا هجن پر) رضا ۽ ناراضگي جا جذبات سڀني ماڻهن کي هڪ حڪم ۾ آڻي ڇڏيندا آهن. آخر ثمود جي قوم جي ڏاچي جا پير هڪ شخص وڍي ڇڏيا، ليڪن الله عذاب سڀني تي ڪيو، ڇو جو هو سمورا انهي ڳالھ تي رضامند هئا. جيئن تہ الله جو ارشاد آهي، تہ " انهن ڏاچي جا پير وڍي ڇڏيا، ۽ صبح جي وقت (جڏهن عذاب جا آثار ڏٺائون، تڏهن پنهنجي ڪئي تي) نادم ۽ پريشان ٿيا. (عذاب جو اچڻ هيئن ٿيو) جو زمين جي ڏڪڻ ) زلزلن جي جهٽڪن سان) اهڙو آواز اچڻ لڳو، جيئن نرم زمين ۾ هر جي تتل ڳهوڙي جي هلائڻ سان آواز ٿيندو آهي. اي انسانؤ! جيڪو روشن ۽ واضح راه تي هلندو آهي، سو سر چشمہ ۽ (هدايت) تي پهچي ٿو، ۽ جيڪو بي راه روي ڪري ٿو. سو جهنگل بيابان ۾ وڃي پوندو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 202: خاتون جنت جي دفن وقت

خاتون جنت جي دفن وقت

امير المومنين، سيدة النساء حضرت فاطمہ سلام الله عليها جي دفن ٿيڻ واري موقعي تي فرمايو تہ :

يا رسول الله! توهان تي منهنجي طرفان ۽ توهان جي پاڙي ۾ لهڻ واري ۽ توهان سان جلد ملڻ واري توهان جي دختر نيڪ اختر جي طرفان سلام هجن. يا رسول الله ! توهان جي برگزيده (دختر جي رحلت) کان منهنجي خاموشي ۽ صبر ويندو رهيو. منهنجي همت ۽ توانائي منهنجو ساٿ ڏيڻ ڇڏي ڏنو، ليڪن توهان جي جدائي جي عظيم صدمي ۽ توهان جي رحلت جي ڏک درد ڏيڻ واري حادثي تي صبر ڪرڻ کان پوءِ مون کي هن مصيبت تي بہ صبر ۽ خاموشي کان ئي ڪم وٺڻو پوندو. جڏهن مون پنهنجي هٿن سان توهان کي قبر جي لحد ۾ لاٿو، ۽ انهي عالم ۾ توهان جي روح پرواز ڪيو جو، توهان جو سر (اقدس) منهنجي گردن ۽ سيني جي وچ تي رکيل هو. انا لله و انا اليہ راجعون. هاڻي هي امانت بہ واپس ورتي وئي. گروي رکيل شيءِ بہ ڇڏائي وئي، ليڪن منهنجو غم بي انداز بيحد ۽ منهنجون راتيون بيخواب رهنديون، تانجو خداوند عالم بہ منهنجي لاءِ انهي گهر کي منتخب ڪري، جنهن ۾ توهان رونق افروز آهيو. اهو وقت اچي ويو، جو توهان جي دختر توهان کي ٻڌائي، تہ ڪهڙي طرح توهان جي امت مٿس ظلم ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ ٻڌي ڪئي. توهين هن کان چڱي طرح پڇو، ۽ سموري واردات معلوم ڪريو. اهي سموريون مصيبتون مٿس گذري ويون. حالانڪ توهان جي وڃڻ کي ڪو زياده عرصو بہ نہ گذريو هو. ۽ نہ وري توهان جي تذڪرن کان زبانون بند ٿيون هيون. توهان ٻنهي تي منهنجو رخصتي سلام هجي. نہ اهڙو سلام، جو ڪنهن ملول ۽ تنگدل جي طرف کان هوندو آهي. هاڻي جيڪڏهن آءُ (هن جڳهہ تان) موٽي وڃان، تہ اهو ان ڪري نہ آهي، تہ توهان کان منهنجي دل ڀرجي وئي آهي، ۽ جيڪڏهن ويٺو هجان، تہ اهو ان ڪري نہ آهي، تہ آءُ انهي وعدي کان بدظن آهيان، جيڪو الله تعاليٰ صبر ڪرڻ وارن سان ڪيو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 203: دنيا ۽ آخرت

دنيا ۽ آخرت

اي انسانئو! هي دنيا مانجهاندي جو ماڳ (گذرگاه) آهي، ۽ آخرت رهڻ جي جاءِ آهي. هن گذرگاه مان پنهنجي منزل لاءِ توشو کڻو، جنهن جي اڳيان توهان جو ڪوبہ ڀيد (عيب) لڪي نٿو سگهي، هن جي سامهون پنهنجا پردا چاڪ نہ ڪريو، تنهن کان اڳي جو توهان جا جسم دنيا کان جدا ڪيا وڃن، پنهنجي دل هن تان کڻي ڇڏيو. هن دنيا ۾ توهان کي جانچيو پيو وڃي، ليڪن توهان کي ٻي جڳھ لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي. جڏهن ڪو انسان مري ٿو، تہ ماڻهو پڇندا آهن، تہ ڇا ڇڏي ويو آهي؟ ۽ فرشتا چون ٿا، تہ هن اڳتي جي لاءِ ڪهڙو ثمر ڪيو آهي؟ الله تعالیٰ توهان جو ڀلو ڪري، ڪجھ اڳتي جي لاءِ بہ موڪليو، جو اهو توهان جي لاءِ هڪ طرح سان (الله جي ذمي) قرض هوندو. سڀ جو سڀ پٺتي نہ ڇڏي وڃو، جو اهو، توهان جي لاءِ بار ٿيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 204: موت

موت

گهڻو ڪري پاڻ پنهنجي اصحابن کي فرمائيندو هو تہ:

الله تعاليٰ توهان تي رحم ڪري، ڪجھ سفر جو بہ ثمر ڪريو. ڪوچ ڪرڻ جون صدائون توهان جي ڪنن تي پهچي چڪيون آهن. دنيا ۾ رهڻ واري وقفي کي زياده تصور نہ ڪريو، ۽ جيڪو توهان جي هٿ وس ۾ بهترين ثمر آهي، تنهن کي کڻي (الله تعاليٰ جي طرف موٽو)، ڇو جو توهان جي سامهون هڪ دشوار لڪ وارو سوڙهو پيچرو ۽ هيبتناڪ خوفناڪ منزلون آهن، جتي لهڻ ۽ ترسڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ آهي. توهان کي ڄاڻڻ گهرجي، تہ موت جون گهوري ڏسڻ واريون نظرون، توهان جي ويجهو پهچي چڪيون آهن، ۽ گويا توهان هن جي چنبي ۾ آهيو جيڪي توهان تي هٿي چڙهيا اٿس، ۽ موت جون سختيون ۽ مشڪلاتون توهان تي ڇانئجي ويون آهن. دنيا سان سمورا تعلقات ٽوڙي ڇڏيو، ۽ تقويٰ (پرهيزگاري) واري ثمر سان پاڻ کي تقويت پهچايو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 205: طلحہ ۽ زبير ساڻس شڪايت ڪئي

امير المومنين جي هٿ تي بيعت ڪرڻ کان پوءِ طلحہ ۽ زبير ساڻس شڪايت ڪئي، تہ اسان کان مشورو ڇو نہ ورتو ويو؟ ۽ اسان کان مدد جي طلب ڇو نہ ڪئي وئي. تڏهن امير المومنين فرمايو تہ:

ٿورڙي ڳالھ تي توهان جون نظرون ڦري ويون آهن. جيتوڻيڪ ڪيترين ئي ڳالهين کي توهان پٺن پويان ڪري ڇڏيو آهي. ڇا مون کي ٻڌائي سگهو ٿا، تہ ڪهڙي ڳالھ ۾ توهان جو حق هو، ۽ مون ان کي دٻايو هجي، يا توهان جي حصي ۾ ڪا شيءِ ايندي هجي، ۽ مون ان کان ڏک يا بخل ڪيو هجي، يا ڪنهن مسلمان منهنجي سامهون ڪا دعويٰ پيش ڪئي هجي، ۽ آءٌ ان جي فيصلي ڪرڻ کان عاجز يا ان جي حڪم کان جاهل رهيو هجان، يا صحيح طريقي سان خطا ڪئي هجي. خدا جو قسم! مون کي تہ ڪڏهن بہ پنهنجي لاءِ خلافت ۽ حڪومت جي حاجت ۽ تمنا نہ رهي آهي. توهان ماڻهن ئي مون کي ان جي دعوت ڏني، ۽ ان تي آماده ڪيو.

جيئن تہ اها مون تائين پهچي وئي، تڏهن مون الله جي ڪتاب کي نظر ۾ رکيو، ۽ جيڪو لائحہ عمل ان اسان جي سامهون پيش ڪيو، ۽ جهڙي طرح فيصلي ڪرڻ جو ان حڪم ڏنو، آءٌ انهي جي مطابق هليس، ۽ جيڪا پيغمبر صلعم جن جي سنت مقرر ڪيل هئي، تنهن جي پيروي ڪيم. تنهن ۾ نہ توهان کان ڪڏهن مون کي راءِ وٺڻ جو احتياج ٿيو، ۽ نہ توهان کان سواءِ ڪنهن ٻئي کان. ليڪن توهان جو هي ذڪر ڪيو آهي، تہ مون (بيت المال) مان هڪ جيتري ورهاست (ڪرڻ شروع) ڪئي آهي. تہ اهو منهنجي راءِ جو حڪم ۽ منهنجي نفساني خواهشن جو فيصلو نہ آهي، بلڪ هي تہ اها ئي طئي ٿيل ڳالھ آهي، جنهن کي رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کڻي آيا، جيڪا منهنجي بہ سامهون آهي، ۽ توهان جي بہ پيش نظر آهي، تہ پوءِ جنهن ڳالھ جي الله تعاليٰ حد بندي ڪري ڇڏي آهي، ۽ انهي جو قطعي حڪم ڏئي ڇڏيو آهي، تنهن ۾ توهان کان راءِ وٺڻ جو مون کي احتياج نہ آهي. خدا جو قسم! تہ توهان کي ۽ توهان کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي بہ انهي معاملي ۾ شڪايت ڪرڻ جو ڪو حق نہ آهي. الله تعاليٰ اسان جي ۽ توهان جي دلين کي حق تي آڻي، ۽ اسان کي ۽ توهان کي صبر عطا فرمائي.

وري فرمايائين، تہ خدا ان شخص تي رحم ڪري، جيڪو حق کي ڏسي، تہ ان جي مدد ڪري، باطل کي ڏسي، تہ ان کي ٽڏي ڇڏي، ۽ حق جي مالڪ جو حق سان مددگار ٿئي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 206: سب و شتم جي ممانعت

سب و شتم جي ممانعت

امير المومنين جنگ صفين جي موقعي تي پنهنجي ساٿين سان ڪن ماڻهن واتان ٻڌو تہ هو شامين تي سب و شتم ڪري رهيا آهن، تڏهن پاڻ فرمايائين تہ:

آءُ توهان لاءِ اهڙي ڳالهہ کي پسند نٿو ڪريان، تہ توهان گاريون ڏيڻ لڳو. جيڪڏهن توهان انهن جا ڪرتوت کوليو، ۽ انهن جا صحيح حالات پيش ڪريو، تہ پوءِ اها هڪ مناسب ڳالهہ آهي، ۽ اهو عذر پوري ڪرڻ لاءِ صحيح طريقہ ڪار ٿيندو. توهان گار گند ڏيڻ جي بجاءِ ائين چئو، تہ خدايا! اسان جو بہ خون محفوظ رک، ۽ انهن جو بہ، ۽ اسان جي ۽ هنن جي وچ ۾ اصلاح جي صورت پيدا ڪر، ۽ انهن کي گمراهي کان هدايت جي طرف آڻ! تہ جيئن حق کان بغير بہ، حق کي سڃاڻن، ۽ گمراهي ۽ سرڪشي جا شيدائي بہ ان کان پنهنجو مُنهن موڙين.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 207: جنگ صفين جي موقعي تي

جنگ صفين جي موقعي تي جڏهن پاڻ پنهنجي فرزند حسن (عليہ السلام) کي جنگ جي طرف تيزي سان ويندي ڏٺو، تڏهن فرمايائين تہ:

منهنجي طرفان هن جوان کي روڪيو. ڪٿي (هن جو موت) مون کي خستہ ۽ بي حال نہ ڪري ڇڏي، ڇو جو انهي پنهي نوجوانن (حسن ۽ حسين عليهما السلام) کي موت جي منهن ۾ ڏيڻ کان بخل ڪريان ٿو، تہ متان انهن جي (مرڻ کان) رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو نسل قطع نہ ٿي وڃي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبه 208: ”تحڪيم“ جي باري ۾

جڏهن ”تحڪيم“ جي باري ۾ سندس اصحاب بي چين ٿيا، تڏهن ارشاد ڪيائين ته :

اي انسانؤ! جيستائين جنگ توهان کي ساڙو نه ڪري، تيسين منهنجي منشا مطابق، منهنجي ڳالهه توهان سان ٺٻي رهي. خدا جو قسم! ته هن توهان مان ڪن کي ته پنهنجي گرفت ۾ وٺي ڇڏيو ۽ ڪن کي ڇڏي ڏنو، ۽ توهان جي دشمنن کي ته هن بلڪل نستو ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن توهان ڇميا رهو ها، ته پوءِ سوپ توهان جي هئي، پر ان ڳالهه جو ڪهڙو علاج آهي، جو ڪالهه تائين ته آءُ امر ۽ نهي جو مالڪ هوس، ۽ اڄ ٻين جي امر ۽ نهي تي مون کي هلڻو پوي ٿو. توهان (دنيا جي ) زندگاني چاهڻ لڳا ۽ اها ڳالهه منهنجي وس ۾ نه رهي، ته جيئن ڳالهه (جنگ) کان توهان بيزار ٿي چڪا هئا، ان ڳالهه تي آءُ توهان کي برقرار رکان.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 209: گھر نهايت وڏو ڏسي

بصري ۾ پنهنجي هڪ صحابي علاءُ ابن زياد حارثي وٽ سندس عيادت لاءِ تشريف فرما ٿيو، تڏهن ان جو گھر نهايت وڏو ڏسي فرمايائين ته:

تون دنيا ۾ هن گھر جي ڪشادگي کي ڇا ڪندين؟ ان حالت ۾ جڏهن آخرت ۾ تون گھر جي ڪشادگي جو زياده محتاج هوندين. (جتي توکي هميشه رهڻو آهي) ها، جيڪڏهن هن سان گڏ تون آخرت ۾ به وسيع گھر چاهين ٿو ته پوءِ هن ( گھر ۾ ) مهمانن جي مهمان نوازي، قريبن سان سهڻو سلوڪ ۽ موقعي ۽ محل مطابق حقن جي ادائيگي ڪر. جيڪڏهن ائين ڪيئي ته ان جي ذريعي آخرت جي ڪامرانين کي حاصل ڪندين .علاءُ ابن زياد چيو ته يا امير المومنين مون کي پنهنجي ڀاءُ عاصم بن زياد جي توهان سان شڪايت ڪرڻي آهي. حضرت پڇو ته ڇو وري ان کي ڇا ٿيو؟ علاءُ چيو ته هن وارن جي ( اوني ) چادر ويڙهي آهي ۽ دنيا کان بلڪل بي تعلق ٿي ويو آهي. تڏهن امير المومنين فرمايو ته ان کي مون وٽ آڻيو. جڏهن هو آيو، تڏهن پاڻ فرمايائين ته ، اي پنهنجي جان جا دشمن توکي شيطان خبيث گمراه ڪيو آهي. توکي پنهنجي آل اولاد تي ترس نه ٿو اچي؟ تو ڇا سمجهو آهي؟ ته الله تعالي جن پاڪيزه شين کي تنهنجي لاءِ حلال ڪيو آهي، پوءِ جيڪڏهن تون انهن کي ڪائيندين ۽ استعمال ڪندين ته اها ڳالھ ان کي ناگوار ٿيندي؟ تون الله تعالي جي نظرن ۾ انهي کان به وڌيڪ ڪريل آهين جو هو تنهنجي لاءِ ائين چاهي.

تڏهن هن چيو ته يا امير المومنين توهان جو لباس به ته ٿلهو ۽ سنهو ۽ کاڌو به ته سادو سودو آهي، تڏهن وري حضرت فرمايو ته توکي حيف آهي آءُ تو وانگر نه آهيان. الله تعالي حق جي ائمه تي فرض ڪيو آهي ته هو پاڻ کي مفلس ۽ نادار ماڻهن جي سطح تي رکن ته جيئن مسڪين ۽ غريب پنهنجي فڪر جي سببان ڏوڪو نه کائين.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 210: من گهڙت ۽ اعتراض جوڳين حديثن بابت

هڪ شخص حضرت کان من گهڙت ۽ اعتراض جوڳين حديثن بابت پڇو، جيڪي (عام طور سان ) ماڻهن وٽ موجود آهن، تڏهن پاڻ فرمايائين تہ:

ماڻهن جي هٿن ۾ حق ۽ باطل، سچ ۽ ڪوڙ، ناسخ ۽ منسوخ، عام ۽ خاص، واضح ۽ مبهم، صحيح ۽ غلط سڀ ڪجهہ آهي. خود رسول الله صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي دور ۾ مٿن بهتان لڳايا ويا، تانجو کين خطبي ۾ بيهي چوڻو پيو تہ، جيڪو شخص مون تي ڄاڻي ٻجهي بهتان هڻندو تہ اهو پنهنجو گهر جهنم ۾ ٺاهيندو. توهان وٽ چئن قسمن جا ماڻهو حديث آڻڻ وارا آهن ( انهن کان سواءِ ) ٻيو پنجون نہ آهي. هڪ تہ اهو جنهن جو ظاهر هڪڙو ۽ باطن ٻيو. هو ايمان جي نمائش ڪري ٿو ۽ مسلمانن وانگر وضع قطع بڻائي ٿو. هو نہ گناه ڪرڻ کان ڊڄي ٿو ۽ نہ وري ڪنهن مصيبت ۾ پوڻ کان ڇرڪي ٿو. هو ڄاڻي ٻجهي رسول الله صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن تي ڪوڙ هڻي ٿو. جيڪڏهن ماڻهن کي پتو پئجي وڃي تہ اهو منافق ۽ ڪوڙو آهي تہ ان کان نڪا حديث قبول ڪن ۽ نہ ان جي ڳالهہ جي تصديق ڪن، ليڪن اهي تہ ائين چون ٿا تہ هي رسول الله صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جو صحابي آهي، هن آنحضرت جن کي ڏٺو بہ آهي؟ ۽ انهن کان حديثون بہ ٻڌيون آهن؟ ۽ حضور جن کان علم بہ پرايو اٿس؟ تنهن ڪري اهي ماڻهو ( سواءِ سوچڻ سمجهڻ جي ) ان ڳالهہ کي قبول ڪن ٿا. حالانڪ الله تعالي توهان کي منافقن جي متعلق خبر بہ ڏني ڇڏي آهي ۽ انهن جي رنگ ڍنگ کان بہ توهان کي آگاهہ ڪيو اٿس. پوءِ اُهي رسول صلعم جن کان بعد بہ باقي ۽ برقرار رهيا، ۽ ڪوڙ ۽ بهتان جي ذريعي گمراهي جي پيشوائن ۽ جهنم ڏانهن دعوت ڏيندڙن وٽ اثر رسوخ پيدا ڪيو. بهرنوع هن وري انهن کي (چڱن چڱن) عهدن تي مقرر ڪيو ۽ حاڪم بنائي ماڻهن جي گردنن تي مسلط ڪيو ۽ انهن جي ذريعي چڱي طرح دنيا کي حلق ۾ ڳڙڪائي ويا ۽ ماڻهن جو تہ اهو قاعدو آهي تہ هو بادشاهن ۽ دنيا وارن جو ساٿ ڏيندا آهن. مگر سواءِ انهن (محدود چند فردن جي ) جن کي الله تعالي پنهنجي حفظ امان ۾ رکي.

ٻئي مان هڪڙو تہ اهو ٿيو ۽ ٻيو شخص اهو آهي، جنهن ( ٿورو گهڻو) رسول الله (صلعم) جن کان ٻڌو ڪيو، ليڪن جيئن جو تيئن ان کي ياد ڪري نہ رکي سگهيو ۽ ان مان ڪائنس سهو ٿي وئي. اهو شخص ڄاڻي ٻجهي ڪوڙ نٿو ڳالهائي ۽ جيڪي ڪجهہ هن جي دسترس ۾ آهي، اهوئي ٻين سان بيان ڪري ٿو ۽ انهي تي پاڻ خود بہ عمل ڪري ٿو، ۽ چوي بہ ائين ٿو تہ مون رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن



Presented by Ziaraat.Com

ڪان ٻڌو آهي جيڪڏهن مسلمانن کي اها خبر پئجي وڃي ته هن جي يادگيري ۾ ڀل چڪ ٿي آهي ته هو جيڪر ان جي ڳالهه کي نه مڃن ۽ جيڪڏهن کيس به اهو علم ٿي وڃي ته پوءِ پاڻ به ان کي ڇڏي ڏي.

ٽيون شخص اهو آهي، جنهن رسول الله صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن کان زباني ٻڌو ته حضور صلعم جن هڪ شيءِ جي بجا آڻڻ لاءِ حڪم ڪيو اٿن، پر وري پيغمبر صلعم جن ان کان روڪي ڇڏيائون. ليڪن اهو ان کي معلوم ٿي نه سگهيو يا ائين ته هن حضور صلعم جن کي هڪ شيءِ کان منع ڪندي ته ٻڌو، پر پوءِ وري پاڻ ان جي اجازت ڏئي ڇڏيائون، ليڪن هن جي علم ۾ اها ڳالهه نه اچي سگهي. هن (قول) منسوخ کي ته ياد رکيو ۽ (حديث) ناسخ کي محفوظ نه رکي سگهيو. جيڪڏهن هن کي خود معلوم ٿئي ها ته هي منسوخ آهي ته پوءِ هو به جيڪر ان کي ڇڏي ڏي ها ۽ مسلمانن کي به جيڪڏهين ان جي منسوخ ٿي وڃڻ جي خبر هجي ها ته هو به ان کي نظر انداز ڪري ڇڏين ها.

۽ چوٿون شخص اهو آهي، جيڪو الله ۽ ان جي رسول تي ڪوڙ نه ٿو هڻي. هو خدا جي خوف ۽ رسول جي عظمت جي ڪري ڪوڙ کان نفرت ٿو ڪري. هن جي يادداشت ۾ غلطي واقع نٿي ٿئي، بلڪ جهڙي طرح ٻڌائين، تهڙي طرح ان کي ياد ڪيائين. انهي طرح ان کي بيان ڪيائين. نه ان ۾ ڪجهه وڌايائين ۽ نه ڪجهه گهٽايائين ۽ حديث ناسخ کي ياد رکيائين، ۽ پوءِ ان تي عمل به ڪيائين. حديث منسوخ کي به پنهنجي نظر ۾ رکيائين ۽ ان کان پاسو به ڪيائين. هو انهي حديث کي به ڄاڻي ٿو. جنهن جو دائرو محدود ۽ ان کي به جيڪا همہ گير ۽ سيني لاءِ آهي پڻ هر حديث کي ان جي محل ۽ موقعي تي رکي ٿو ۽ ائين ئي واضح ۽ مبهم حديثن کي پڻ ڄاڻي ٿو.

ڪڏهن، رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو ڪلام به، ٻن رخن سان هوندو هو. ڪجهه ڪلام اهو، جيڪو ڪنهن وقت يا فردن لاءِ مخصوص هوندو هو، ۽ ڪجهه اهو، جيڪو سيني وقتن ۽ سيني فردن سان شامل هوندو هو ۽ اهڙا ماڻهو پڻ ٻڌندا هئا، جيڪي سمجهي نه سگهندا هئا ته الله تعالي ان مان ڪهڙي مراد ورتي آهي؟ ۽ پيغمبر صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جو، ان مان ڪهڙو مقصد آهي؟ سو اهي ٻڌڻ وارا ته ٻڌندا هئا ۽ ڪجهه ان جو مفهوم به سمجهندا هئا، مگر ان جي حقيقي معني ۽ مقصد ۽ سبب کان ناواقف هوندا هئا ۽ نه وري پيغمبر جي اصحابن مان سيئي اهڙا هئا، جن کي حضور صلعم جن کان سوال ڪرڻ جي همت هجي، بلڪ هو ته ائين چاهيندا هئا ته ڪو صحرائي بدو يا پرديسي اچي وڃي ۽ اهو ڪجهه پڇي ته اهي به ٻڌن، مگر منهنجي سامهون ڪا به اهڙي شيءِ نه گذرندي



Presented by Ziaraat.Com

هئي، پر آءُ ان جي متعلق پڇندو هوس ۽ وري ان کي ياد ڪندو هوس. اهي آهن ماڻهن جي حديثن ۽ روايتن ۾ اختلافن جا سبب.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 211: آيات الاهي

آيات الاهي

الله سبحانہ جي زور فرمانروائي ۽ عجيب و غريب صنعت جي لطيف نقش آرائي هڪ اها بہ آهي تہ هن هڪ اٿاه دريا جي پاڻي مان جنهن جون سطحون تهن تي تهہ ۽ لهرون ڏڪ هڻي رهيون هيون. هڪ خشڪ ۽ بي حرڪت زمين کي پيدا ڪيائين، پوءِ ان پاڻي (جي بخار) جي تهن تي تهہ چاڙهي ڇڏيا، جيڪي پاڻ ۾ مليل جليل هئا ۽ انهن کي جدا جدا ڪري ست آسمان ٺاهيائين، جيڪي سندس حڪم سان بيٺل ۽ پنهنجي مرڪز تي ترسيل آهن ۽ زمين کي اهري طرح قائم ڪيائين، جو ان کي هڪ نيري رنگ جو اونهون ۽ (خدائي فرمان جي حدن ۾) گهيريل دريا کنيو بيٺو آهي، جيڪو ان جي حڪم اڳيان بيوس ۽ ان جي هيبت جي سامهون ڪنڌ نوڙايل آهي ۽ ان جي خوف کان سندس رواني روڪيل آهي۽ سخت ڳرا صاف سٽرا پٿر مٿانهين وَڏن پهاڙن کي پيدا ڪيائين ۽ انهن کي انهن جي جاين تي نصب ڪيو ۽ وسندين جڳهن تي مستحڪم ڪيو. جيئن تہ انهن جون چوٽيون فضا کي چيرينديون نڪري ويون آهن ۽ بنياد پاڻي ۾ ڪتل آهن. اهڙي طرح هن پهاڙن کي پست ۽ هموار زمين کان بلند ڪيو ۽ انهن جي بنيادن کي ڦهلاءَ ۽ ان جي اٽڪاءَ واري جڳهہ ۾ زمين ۾ اندر لاهي ڇڏيو. انهن جي چوٽين کي فلڪ بوس ۽ بلندين کي آسمان پيما بڻائي ڇڏيو. پڻ انهن کي زمين لاءِ ٿنيا مقرر ڪيا ۽ ڪلين جي صورت ۾ انهن کي کوڙي ڇڏيو، سو اهي لڏڻ لمڻ بعد بيهجي ويا، تہ متان ائين ٿئي، جو اهي پنهنجي رهاڪن سوڌا هيٺ هليا وڃن، يا پنهنجي بار سبب هيٺ هليا وڃن، يا پنهنجي جڳهہ ڇڏي وڃن.

پاڪ آهي اها ذات، جنهن پاڻي جي اٿلن پٿلن ۽ پوڏن کان پوءِ زمين کي جهلي رکيو، ۽ ان جي پاسن ۽ طرفن کي تربتر ٿيڻ کان پوءِ خشڪ ڪيو، ۽ ان کي پنهنجي مخلوقات لاءِ ( آرام جو ) پينگهو بنايو ۽ هڪ اهڙي اونهي درياءَ جي سطح تي ان جي لاءِ فرش وڇايو، جيڪو بيٺل آهي، وهي نٿو ۽ رڪيل آهي، ۽ جنبش نٿو ڪري، جنهن کي تيز هوائون هيڏانهن هوڏانهن ڏڪينديون رهن ٿيون، ۽ وسڻ وارا بادل ان کي ولوڙي پاڻي ڪڍندا رهن ٿا. بيشڪ، انهن ڳالهين ۾ عبرت آهي ان شخص جي لاءِ، جيڪو الله تعالىٰ کان ڊڄي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 212: مناجات

مناجات

خدايا تنهنجي بندن مان جيڪو بندو اسان جي انهن ڳالهين کي ٻڌي، جيڪي عدل جي تقاضائن سان ۽ ظلم و جور کان جدا آهن. جيڪي دين ۽ دنيا جي اصلاح ڪرڻ واريون ۽ شرانگيزي کان دور آهن ۽ ٻڌڻ کان پوءِ بہ انهن کي مڃڻ کان انڪار ڪري تہ پوءِ انهن جي معنیٰ اها ئي آهي تہ هو تنهنجي نصرت کان منهن موڙڻ وارو ۽ تنهنجي دين کي ترقي ڏيڻ کان ڪوتاهي ڪرڻ وارو آهي. اي گواهن ۾ سڀني کان اعلیٰ گواه اسين توکي ۽ انهن سڀني کي، جن کي تو آسمانن ۽ زمينن ۾ آباد ڪيو آهي، ان شخص جي خلاف گواه ڪريون ٿا. ان کان پوءِ تون ئي ان نصرت ۽ امداد کان بي نياز ڪرڻ وارو ۽ ان جي گناه جو انهي کان جواب طلب ڪرڻ وارو آهين.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 213: حمد و نعت

حمد و نعت

سيڪا حمد ان الله جي لاءِ آهي، جيڪو مخلوقات جي مشابهت کان بلندتر، توصيف ڪرڻ وارن جي تعريفي ڪلمات کان بالاتر، پنهنجي عجيب و غريب انتظام ڪري ڏسڻ وارن جي سامهون آشڪار ۽ پنهنجي جلال جي عظمت سببان وهم ۽ گمان ڊوڙائڻ وارن جي فڪر ۽ وهم کان پوشيده آهي. هو عالم آهي، بغير ان جي، ته هو ڪنهن کان ڪجهه سکيو يا علم ۾ اضافو يا ڪنهن کان فائدو وٺي ۽ هو سواءِ ڪنهن خيال ۽ سوچڻ جي هر شيءِ جو اندازو مقرر ڪرڻ وارو آهي. نہ هن کي اونداهيون ڍڪين ٿيون، نہ هو روشنين مان سوجهري جو فائدو وٺي ٿو، نہ رات کيس گهيرو ڪري ٿي، نہ ( ڏينهن جي ) گردش جو مٿس گذر ٿئي ٿو. ان جو ڄاڻڻ پڇهڻ اکين جي ذريعي نہ آهي ۽ نہ وري هن جو علم ٻين جي ٻڌائڻ تي منحصر آهي.

هن ئي خطبي ۾ نبي صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جو ذڪر فرمايل آهي:

الله کين روشني سان موڪليو، ۽ انتخاب جي منزل ۾ سيني کان اڳي رکيائين، ۽ سندن ئي ذريعي سان سمورين پريشانين کي دور ڪيو، ۽ غلبہ پائڻ وارن تي تسلط ڄمايو. مشڪلن کي آسان ۽ دشوارين کي سهل بنايائين، تانجو ساڄي کاٻي ( افراط ۽ تفريط ) جي طرفن کان گمراهي کي پري ڪري ڇڏيائين.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 214: الله تعاليٰ جا احسانات

الله تعاليٰ جا احسانات

آءُ گواهي ڏيان ٿو، تہ هو اهڙو عادل آهي، جنهن عدل جي راه اختيار ڪئي آهي، ۽ هو اهڙو حاڪم آهي، جيڪو (حق ۽ باطل کي) جدا جدا ڪري ٿو، ۽ آءُ گواهي ڏيان ٿو، تہ محمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن سندس بندا، ۽ رسول ۽ بندن جا سيد ۽ سردار آهن.

شروع کان انساني نسل ۾ جتان جتان (نسل جون) شاخون جدا ٿيون ۽ هر منزل ۾ اها شاخ، جنهن ۾ الله تعاليٰ کين مقرر ڪيو هو، سا ٻين سيني شاخن (شجرن) کان بهتر هئي. سندن نسب ۾ ڪنهن بہ بدڪار ۽ ڪنهن بہ فاسق جي شرڪت نہ آهي.

ڏسو الله تعاليٰ حق وارن جي ڀلائي لاءِ ٿنڀ ۽ اطاعت لاءِ حفاظت جو سامان مهيا ڪيو آهي، هر اطاعت جي موقعي تي توهان جي لاءِ الله جي طرف کان نصرت ۽ دستگيري تائيد لاءِ موجود ٿئي ٿي (جنهن کي) هن زبانن سان ادا ڪيو آهي، ۽ ان سان دلين کي تسلي ڏني آهي، جنهن ۾ بي نيازي چاهڻ وارن لاءِ بي نيازي ۽ شفا چاهڻ وارن لاءِ شفا آهي. ڄاڻڻ گهرجي تہ الله جا اهي بندا، جيڪي الاهي علم جا امانتدار آهن، سي محفوظ شين جي حفاظت ڪن ٿا، ۽ ان جي چشمن کي (علم ۽ معرفت جي پياسن لاءِ) وهائين ٿا. هڪٻئي جي (مدد لاءِ) پاڻ ۾ ملن جُلن ٿا. پڻ خلوص ۽ محبت سان ميل ملاقات ڪن ٿا، ۽ (علم و حڪمت جي) سيراب ڪرڻ وارن ساغرن سان، ٽپ ٽار ٿي سيراب ٿين ٿا، ۽ سيراب ٿي (سرچشمہ) علم کان موٽن ٿا. ان ۾ شڪ شبهي جو گمان بہ نٿو ٿئي. الله تعاليٰ انهن جي پاڪيزه اخلاق کي سندن عادتن ۽ بنياد ۾ سمايو آهي. انهن ئي خوبين جي ڪري هو پاڻ ۾ محبت ۽ اُنس رکن ٿا ۽ هڪٻئي سان ملن جُلن ٿا. هو ماڻهن ۾ اهڙي طرح نمايان آهن، جهڙي طرح (ٻجن ۾) صاف سترو ٻج. جن مان (سٺن ٻجن کي) کڻبو آهي، ۽ (بيڪار ٻجن کي) اڇلائبو آهي. انهي صفائي ۽ پاڪيزگي انهن کي ڌار ڪري، پرکي اجاريو آهي. انسان کي گهرجي، تہ هو انهن وصفن جي قبوليت سان پنهنجي لاءِ شرف ۽ عزت قبول ڪري، ۽ قيامت جي وارد ٿيڻ کان پهرين ان کان ڊڄندو رهي، ۽ کيس ايترو گهرجي، تہ هو (زندگي جي) مختصر ڏينهن ۽ هن گهر جي ٿوري قيام کي، جيڪو بس ايترو ئي آهي، تنهن کي آخرت جي گهر سان بدلائي اکيون کولي (۽ غفلت ۾ نہ پوي) ۽ پنهنجي موٽي وڃڻ واري جاءِ ۽ آخرت واري منزل جي ڄاتل سڃاتل مرحلن (قبر) برزخ، ۽ حشر جي لاءِ نيڪ اعمال ڪري.



Presented by Ziaraat.Com

مبارڪ هجي ان پاڪ ۽ پاڪيزه دل واري کي، جيڪو هدايت ڪرڻ واري جي پيروي ۽ تباهي ۾ وجهڻ واري کان، ڪنارو ڪري ٿو، ۽ دانائي واري اک ۾ سوجهري بخشڻ واري جي روشني ۽ هدايت ڪرڻ واري جي حڪم جي فرمانبرداري سان سلامتي واري راه اختيار ڪري ٿو، ۽ هدايت جي دروازن جي بند ٿيڻ ۽ وسيلن ۽ ذريعن جي قطعم ٿيڻ کان پهرين هدايت جي طرف وڌي ٿو، توبهہ جو دروازو کولائي ٿو، ۽ (پوءِ) گناه جي داغن کي پنهنجي دامن تان ڌوئاري ٿو. اهو سڌي رستي تي بيهاريو ويو آهي، ۽ واضح راه هن کي ڏيکاري وئي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 215: دعا

دعا

جناب امير المومنين عليہ السلام جا اُهي دعائيہ ڪلمات، جيڪي اڪثر سندس زبان تي جاري رهندا هئا:

سيڪا حمد ان الله کي جڳائي، جنهن مون کي انهي حالت ۾ رکيو، جو نہ مرده آهيان، نہ بيمار، نہ منهنجي رڳن تي ڪوڙهہ جي جيوڙن جو حملو ٿيو آهي، نہ برن اعمالن (جي نتيجن) ۾ گرفتار آهيان، نہ بي اولاد آهيان، نہ دين کان ڦريل، ۽ نہ پنهنجي پروردگار جو منڪر آهيان، ۽ نہ ايمان کان پاسيرو، نہ منهنجي عقل ۾ ڪو فتور آيو آهي، ۽ نہ اڳين امتن واري عذاب ۾ مبتلا آهيان. آءُ ان جو بي اختيار بندو ۽ پنهنجي نفس تي ستمران آهيان. (اي الله) تنهنجي حجت مون تي پوري ٿي چڪي آهي، ۽ منهنجي لاءِ هاڻي ڪا عذر جي گنجائش ناهي. خدايا مون ۾ ڪنهن بہ شيءِ جي حاصل ڪرڻ جي قوت نہ آهي. سواءِ انهي جي، جيڪا تون مون کي عطا ڪرين ٿو، ۽ ڪنهن شيءِ کان بچڻ جي طاقت نہ آهي، سواءِ ان جي، جنهن کان تو مون کي بچائي رکيو. اي الله آءُ توکان پناه جو خواستگار آهيان، جو تنهنجي سرمائي هوندي بہ فقير ۽ مفلس رهان، يا تنهنجي رهنمائي جي هوندي بہ گمراه ٿيان، يا تنهنجي سلطنت ۾ رهندي بہ ستايو وڃان يا ذليل ڪيو وڃان، جڏهن سمورا اختيارات توکي حاصل آهن. خداوندا منهنجي انهن نفيس شين مان جن کي تون مون کان ڏار ڪندين، (تن مان) منهنجي روح کي اولويت جو درجو عطا ڪر، ۽ مون کي سونپيل انهن امانتن مان، جن کي تون واپس وٺندين، (تن مان روح کي) پهرين امانت مقرر فرماءِ.

يا الله اسين توکان پناه جا طلبگار آهيون، ان ڳالهہ کان تہ تنهنجي ارشاد کان منهن موڙيون يا اهڙن فتنن ۾ پئجي وڃون، جنهن ڪري تنهنجي دين کان ڦري وڃون، يا تنهنجي طرفان آيل هدايت کي قبول ڪرڻ جي بجاءِ نفساني خواهشون اسان کي برائي جي طرف وٺي وڃن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 216: ملڪي اصلاح ۽ بنيادي حقوق

ملڪي اصلاح ۽ بنيادي حقوق

حضرت علي هي خطبو جنگ صفين جي موقعي تي ارشاد فرمايو تہ:

الله سبحانہ مون کي توهان جي معاملن جو اختيار ڏئي، منهنجو حق توهان تي قائم ڪيو آهي، ۽ جهڙي طرح منهنجو توهان تي حق آهي، تهڙي طرح توهان جو بہ مون تي حق آهي، ائين تہ حق جي باري ۾ هڪٻئي جون وصفون ضايع ڪرڻ ۾ نهايت وسعت آهي، ليڪن پاڻ ۾ حق ۽ انصاف ڪرڻ جو دائرو نهايت تنگ آهي. ڀن ماڻهن مان هڪ جو حق ٻئي تي انهي وقت آهي، جڏهن ٻئي جو بہ حق مٿس هجي، ۽ هڪ جو حق ٻئي تي تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن ٻئي جو بہ حق هڪ تي ٿيندو، ۽ جيڪڏهن ائين ٿي سگهي ٿو، تہ هڪ جو حق ٻين تي هجي، ليڪن ان تي ٻين جو حق نہ هجي، تہ اهو امر فقط ذات باري تعالىٰ لاءِ مخصوص آهي، ۽ نہ ان جي مخلوق لاءِ ڇو جو هو پنهنجي بندن تي پورو تسلط ۽ اقتدار رکي ٿو، ۽ هن انهن سمورين ڳالهين ۾، جن تي سندس قضا جا فرمان جاري ٿيا آهن، عدل ڪندي (هر حقدار جو حق ڏئي ڇڏيو آهي)، هن بندن تي پنهنجو اهو حق رکيو آهي، تہ هو سندس اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪن، ۽ هن محض پنهنجي فضل ۽ ڪرم ۽ پنهنجي احسان کي وسعت ڏيڻ جي بنا تي، جيڪو جنهن جو اهل آهي، تنهن جو ڪيئي درجا اجر مقرر ڪيو آهي. پوءِ هن انساني حقن کي بہ، جن کي هڪ جي لاءِ ٻئي تي مقرر ڪيو آهي، پنهنجي ئي حقن ۾ مقرر فرمايو آهي، ۽ انهن کي اهڙي طرح مقرر ڪيو آهي، جو اهي هڪٻئي جي مقابلي ۾ برابر جا ٿين، ۽ انهن مان ڪي حق، ٻين حقن جي باعث ٿيندا آهن، ۽ اهي ان وقت تائين واجب نٿا ٿين، جيسيتائين ان جي مقابلي ۾ حق ثابت نہ ٿين، ۽ سڀني کان وڏو حق، جنهن کي الله سبحانہ واجب ڪيو آهي، (سو آهي) حڪمران جو رعيت تي ۽ رعيت جو حڪمران تي، جنهن کي الله تعالىٰ "والي" ۽ رعيت مان هر هڪ تي فريضو بڻائي سونپيو آهي، ۽ جنهن کان ان ۾ محبت قائم ڪرڻ ۽ ان جي دين کي سرفرازي بخشڻ جو ذريعو مقرر ڪيو آهي. سو رعيت ان وقت خوشحال رهي سگهي ٿي، جڏهن حاڪم جا طور طريقا درست هجن، ۽ حاڪم بہ ان وقت صلاح ۽ درستگي سان آراستہ ٿي سگهي ٿو، جڏهن رعيت ان جي حڪمن جي بجا آوري لاءِ تيار هجي. جڏهن رعيت حاڪم جا حق پورا ڪري، ۽ حاڪم بہ رعيت جا حق حقوق ادا ڪري، تہ پوءِ انهن ۾ حق باوقار، دين جون راهون مضبوط ۽ پڻ عدل ۽ انصاف جا نشان برقرار ٿي ويندا، ۽ پيغمبر جون سنتون پنهنجي هڪڙيئي ڍنگ تي پيون هلنديون



Presented by Ziaraat.Com

رهنديون، ۽ زمانو سڌري ويندو ۽ سلطنت جي بقا جون اميدون پيدا ٿينديون، ۽ دشمنن جو حرص ۽ طمع مايوسي ۽ نا اميدي ۾ بدلجي ويندو، پر جڏهن رعيت حاڪم تي مسلط ٿي وڃي يا حاڪم، رعيت تي ظلم ڪرڻ لڳي، تڏهن ان موقعي تي هر ڳالھ ۾ اختلاف ٿيندو. ظلم جا نشان اڀري ايندا، دين ۾ فساد وڌي ويندا، شريعت جون راهون ترڪ ٿي وينديون، ۽ خواهشن تي عمل درآمد ٿيندو، شريعت جا حڪم پامال ٿي ويندا، نفساني بيماريون وڌي وينديون، ۽ وڏي کان وڏي حق کي ٺڪرائڻ ۽ وڏي کان وڏي باطل تي عمل ڪرڻ کان ڪوبہ نہ گهبرائيندو. اهڙن موقعن تي نيڪوڪار ذليل ۽ بدڪردار باعزت ٿي وڃن ٿا، ۽ بندن تي الله جون ناراضگيون وڌي وڃن ٿيون، تنهن ڪري ان حق جي ادائگي ۾ هڪٻئي کي سمجهائڻ ۽ هڪٻئي سان چڱي طرح تعاون ڪرڻ توهان جي لاءِ ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪو بہ شخص الله جي اطاعت ۽ بندگي ۾ ان حد تائين نٿو پهچي سگهي، جنهن جو هو اهل آهي، پوءِ ڪٿي هو، سندس خوشنودين کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترو ئي حريص هجي، ۽ ان جون عملي ڪوششون بہ چڙهيل هجن، پوءِ بہ هن بندن تي اهو حق واجب ڪيو آهي، تہ هو وس آهر پند و نصيحت ڪن، ۽ پنهنجي وچ ۾ حق کي قائم ڪرڻ لاءِ هڪٻئي جي مدد ڪن. ڪو بہ شخص پاڻ کي انهي کان بي نياز نٿو رکي سگهي، جو الله تعالي جنهن ذمہ داري جو مٿس بار رکيو آهي، تنهن ۾ ان جي مدد ڪجي، پوءِ ڪٿي هو حق ۾ ڪيترو ئي بلند منزل تي ڇو نہ هجي ۽ دين ۾ ان کي فضيلت ۽ برتري ڇو نہ حاصل هجي ۽ ڪو بہ شخص ڳالھ کان ويل نہ آهي تہ حق ۾ تعاون ڪري، يا ان جي طرف مدد جو هٿ وڌائي، پوءِ ڪٿي ان کي ماڻهو ذليل سمجهن ۽ پنهنجي حقارت جي سببان اکين ۾ جانچيل نہ هجي.

ان موقعي تي حضرت جي اصحابن مان هڪ اٿيو ۽ حضرت جي آواز تي لبيڪ چوندي، طويل گفتگو شروع ڪئي، جنهن ۾ جناب امير المومنين جي وڏي مدح و ثنا ڪيائين، ۽ سندس ڳالهين تي ڪن ڏيڻ ۽ ان جي هر حڪم جي اڳيان سرجهڪائڻ جو اقرار ڪيائين، تڏهن مولا فرمايو تہ :

جنهن شخص جي دل ۾ الاهي جلال جي عظمت ۽ قلب ۾ خداوندي منزلت جي رفعت جو احساس هجي، تنهن تي لازم آهي، تہ ان جي جلالت ۽ عظمت جي پيش نظر رب العزت کان سواءِ هر شيءِ کي حقير ڄاڻي، ۽ اهڙن ماڻهن ۾ اهو شخص پڻ ان جو زياده اهل آهي، جنهن کي هن وڏيون نعمتون عطا ڪيون هجن، ۽ مٿس نيڪ احسان ڪيا هجن، انهي ڪري تہ جيتريون الله جون نعمتون ڪنهن تي وڌيڪ هونديون، اوترو ئي ان تي الله جو حق زياده ٿيندو، نيڪ بندن وٽ فرمانروائن جي ذليل ترين صورتحال اها آهي، جو انهن متعلق اهو گمان ٿيڻ لڳي، تہ هو فخر ۽ سربلندي کي پسند ڪن ٿا. انهن جون حالتون تڪبر ۽ غرور



Presented by Ziaraat.Com

تي سمجهي سگهجن. مون کي اهو بہ ناگوار ٿو معلوم ٿئي، تہ متان توهان کي اهو وهم ٿئي، تہ آءُ ساراهجڻ يا تعريف ٻڌڻ کي پسند ڪريان ٿو. بحمد الله (خدا جو شڪر آهي) جو آءُ اهڙو نہ آهيان ۽ جيڪڏهن مون کي ان جي خواهش بہ هجي ها، تہ پوءِ ائين ڇيو وڃي، تہ بہ الله جي سامهون عاجزي ڪندي ان کي ڇڏي ڏيان ها. ائين تہ اڪثر ماڻهو چڱي ڪم ڪرڻ کان پوءِ مدح و ثنا کي خوشگوار تہ سمجهندا آهن، (ليڪن) منهنجي ان تي مدح ۽ تعريف نہ ڪريو، تہ آءُ الله جي اطاعت ۽ توهان جي حقن ادا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهيان، ڇو جو اڃان تہ انهن حقن جو خوف آهي، جن کي پوري ڪرڻ کان اڃا آءُ فارغ بہ نہ ٿيو آهيان، ۽ انهن فرضن جو بہ انديشو آهي، جن جو جاري ٿيڻ ضروري آهي. مون سان اهڙيون ڳالهيون نہ ڪندا ڪريو، جهڙيون جابر ۽ سرڪش حاڪمن سان ڪيون وڃن ٿيون، ۽ نہ مون کان اهڙي طرح بچاءُ ڪريو، جهڙي طرح طيش کائڻ وارن حاڪمن کان بچاءُ ڪيو ويندو آهي، ۽ مون سان اهڙي طرح جي دوستي ۽ محبت نہ ڪريو، جنهن مان چاپلوسي ۽ خوشامد جو گمان ٿئي. منهنجي متعلق پڻ اهو گمان بہ نہ ڪريو، تہ منهنجي سامهون جيڪڏهن ڪا حق جي ڳالھ ڪئي ويندي، تہ اها مون کي ڏکي لڳندي، ۽ نہ وري اهو خيال ڪريو، تہ آءُ توهان کي درخواست ڪندس، تہ مون کي ڇڙهيل نالي وارو ڪريو، ڇو جو جيڪو پنهنجي سامهون حق چوڻ ۽ عدل جي پيش ٿيڻ کي ڏکيو سمجهي ٿو، تنهن کي حق ۽ انصاف تي عمل ڪرڻ زياده دشوار ٿيندو. توهان پاڻ کي حق جي ڳالھ چوڻ ۽ عدل جي مشوري ڏيڻ کان نہ روڪيو، ڇاڪاڻ تہ آءُ پاڻ کي انهي ڳالھ کان بالاتر نٿو سمجهان جو خطا ڪريان، ۽ نہ پنهنجي ڪنهن ڪم کي خطا کان محفوظ سمجهان ٿو، مگر اهو تہ الله تعالي منهنجي نفس کي ان کان بچائي، جنهن تي هو مون کان زياده اختيار وارو آهي. اسين ۽ توهان انهي رب جا بي اختيار بندا آهيون، جنهن کان سواءِ ڪو ٻيو رب نہ آهي. هو اسان تي ايترو اختيار رکي ٿو، جهڙو اختيار اسين خود پنهنجي نفسن تي نٿا رکون. انهي، اسان کي پهرين حالت مان ڪڍي، جنهن ۾ اسين هئاسون، بهبودي واري راه تي آندو، ۽ انهي اسان جي گمراهي کي هدايت سان بدلايو، ۽ بي خبري کان پوءِ دانائي عطا ڪيائين.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 217: بارگاہ خدا ۾ قريشن جي شڪايت

بارگاہ خدا ۾ قريشن جي شڪايت

خدايا آءٌ قريشن کان انتقام وٺڻ لاءِ توکان مدد جو طلبگار آهيان، ڇو جو انهن منهنجي قرابت ۽ عزازت جا تنجڻ ٽوڙي ڇڏيا، ۽ منهنجي ظرف (عزت ۽ حرمت) کي اونڌو ڪري ڇڏيائون، ۽ انهي حق ۾، جنهن جو آءٌ سيني کان زياده اهل آهيان، سو وڙهڻ لاءِ پاڻ ۾ ٻڌي ڪيائون، ۽ ائين چوڻ لڳا، تہ اهو بہ حق آهي، توهان هن کان وٺو، ۽ اهو بہ حق آهي جو توهان کي ان کان روڪيو وڃي، يا تہ ڏک ۽ غم جي حالت ۾ صبر ڪريو، يا رنج ۽ ڏک ۾ مري وڃو. مون نظر ڊوڙائي، تڏهن مون کي پنهنجي اهل بيت کان سواءِ، نہ ڪو مددگار نظر آيو، ۽ نہ ڪو سينہ سپر ۽ نہ معين ڏسڻ ۾ آيو. مون انهن کي موت جي منهن ۾ ڏيڻ کان بخل ڪيو. اکين ۾ (چڻ تہ) ڪک پن پيل هئا، مگر مون چشم پوشي ڪئي، نڙي ۾ (ڏک ۽ درد جا) گرھ ڦاٿل هئا، مگر آءٌ لعاب دهن ڳهندو رهيس، ۽ غم ۽ غصي کي پيئڻ سببان اهڙين حالتن تي صبر ڪيم، جيڪي ٿوھ کان زياده ڪڙيون ۽ دل جي لاءِ ڇرين جي ڇهڪن کان زياده المناڪ هيون.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 218: طلحہ ۽ عبدالرحمان

طلحہ ۽ عبدالرحمان

جڏهن امير المومنين، طلحہ ۽ عبدالرحمان ابن عتاب ابن اسيد جي طرف کان لنگهيا، جو هو جمل جي ميدان ۾ مقتول ٿيا پيا هئا، تڏهن کين ڏسي فرمايائين تہ:

ابو محمد (طلحہ)هن هنڌ پنهنجي ٻچن کان پري پيو آهي. خدا جو قسم آءُ پسند نٿو ڪريان، تہ قريش ستارن جي هيٺان (ڪليل ميدانن ۾) مقتول پيا هجن. مون عبد مناف جي اولاد کان (ان جي ڪيئي جو) بدلو ورتو آهي. (ليڪن) بني جمع جا اڪابر منهنجي هٿن مان بچي نڪتا آهن. هنن انهي ڳالهہ ڏانهن پنهنجون گردنون کنيون، جنهن جا هو اهل نہ هئا، سو انهي تائين پهچڻ کان پهرين انهن جو گردنون ڏار ڪيون ويون.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبه 119: مومن

مومن

مومن پنهنجي عقل کي زنده رکيو۽ پنهنجي نفس کي ماري ڇڏيو. ايتري قدر جو هن جو جسم ڏٻرو۽ بدن هلڪو ٿي ويو. هن لاءِ پرپور روشنين وارو هدايت جو نور چمڪيو، جنهن هن جي سامهون رستو ظاهر ڪيو، ۽ ان کي سڌي راه تي وٺي هليو، ۽ مختلف دروازن کان هن کي ڌڪيندي سلامتي واري دروازي ۽ (دائمي) قرار گاه تائين وٺي ويا، ۽ هن جا پير بدن جي قيام سان امن ۽ راحت جي مقام تي ڄمي ويا. ان ڪري جو هن پنهنجي دل کي عملن ۾ مشغول رکيو، ۽ پنهنجي پروردگار کي راضي ۽ خوشنود ڪيو هو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 220: سوره الهكم التكاثر حتي زرتم المقابر

سوره الهكم التكاثر حتي زرتم المقابر

جناب امير عليہ السلام آيت الهكم التكاثر حتي زرتم المقابر ( توهان کي قوم ۽ قبيلي جي ڪثرت تي فخر ۽ وڏائي غافل ڪيو، تانجو قبرون بہ ڏٺيون) جي تلاوت ڪرڻ کان پوء فرمايائين تہ :

ڏسو تہ انهن پراڻن هڏن تي فخر ڪرڻ وارن جو مقصد ڪيترو نہ عقل کان دور آهي. ۽ اهي قبرن تي اچڻ وارا ڪيڏا نہ غافل ۽ بي خبر آهن، ۽ اها مهم ڪيتري نہ سخت ۽ دشوار آهي.انهن، مرڻ وارن کي ڪهڙين ڪهڙين عبرت سيکارڻ وارين ڳالهين کان خالي سمجهو، ۽ انهن کي دور دراز جڳهہ تان ( فخر جي سرمايہ بنائڻ لاءِ) ڪٺي ورتو آهي. ڇا ! اهي پنهنجي پيءُ ڏاڏن جي لاشن تي فخر ڪن ٿا يا هلاڪ ٿيڻ وارن جي تعداد کان پنهنجي ڪثرت ۾ اضافو محسوس ڪن ٿا. هو انهن جسمن کي موٽائڻ چاهين ٿا، جيڪي بي روح ٿي چڪا آهن، ۽ انهن جنبشن کي واپس ڪرڻ چاهين ٿا، جيڪي آڏ ٿي چڪيون آهن. اهي افتخار جي سبب بنجڻ کان زيادہ، عبرت جي سامان بنجڻ جي قابل آهن. انهن جي سببان عجز ۽ انڪساري جي جڳهہ تي لهڻ عزت ۽ سرفرازي جي مقام تي ترسڻ کان زياده مناسب آهي. هنن، ڇنجهين اکين سان انهن کي ڏٺو، ۽ ان مان (عبرت وٺڻ جي بجاءِ) جهالت جي اونهائي ۾ لهي پيا. جيڪڏهن اهي (ماڻهو) انهن جي سرگذشت کي ٽٽل جڳهين ۽ خالي گهرن جي صحنن کان پڇن، تہ اهي چوندا، تہ هو گمراهي جي حالت ۾ زمين جي اندر هليا ويا، ۽ توهان بہ بي خبري ۽ جهالت جي عالم ۾ انهن جي پٺيان وڃندا وڃو پيا. توهان سندن کوپرين کي لتاڙيو پيا، ۽ انهن جي جسمن جي مٿان عمارتون جوڙڻ چاهيو ٿا. جن ڳالهين کي انهن ڇڏي ڏنو آهي، تنهن ۾ چري رهيا آهيو، ۽ جنهن کي هو خالي ڪري ڇڏي ويا آهن، تنهن ۾ اچي آباد ٿيا آهيو، ۽ هي ڏينهن بہ جيڪي توهان جي ۽ انهن جي وچ ۾ آهن. سي توهان تي روئي رهيا آهن ۽ نوحا پڙهي رهيا آهن. اهي توهان جي آخري منزل تي اڳ ۾ ئي پهچڻ وارا ۽ توهان جي سرچشمن تي اڳ ۾ ئي وارد ٿيڻ وارا اهي ماڻهو آهن، جن جي لاءِ عزت جون منزلون هيون، ۽ فخر ۽ سربلندي جي فراواني هئي. ڪجهہ تاجدار هئا، ڪجهہ ٻئي درجي جي بلند منصب تي هئا، پر هاڻي تہ اهي برزخ جي گهراين ۾ سفر ڪري رهيا آهن، جتي زمين انهن تي مسلط ڪئي وئي آهي، جنهن انهن جو گوشت کائي ۽ رت چوسي ڇڏيو آهي. جيئن تہ هو قبر جي شگافن ۾ نشو و نما وڃائي بي جان جي صورت ۾ پيا آهن، ۽ ائين نظرن کان غائب ٿي ويا آهن، جو (ڳولڻ سان) بہ نٿا ملن. نہ خوف سان پريل خطرات جو اچڻ انهن کي خوفزده ڪري



Presented by Ziaraat.Com

ٿو، ۽ نہ وري حالتن جو انقلاب انهن کي غمگين بڻائي ٿو. نہ زلزلن جي پرواهہ ڪن ٿا، نہ ڪنوڻ جي گوڙ تي ڪن ڏين ٿا. هو اهڙا غائب آهن، جن جو انتظار نٿو ڪيو وڃي، ۽ اهڙا موجود آهن، جو سامهون نٿا اچن. هو پاڻ ۾ مليا جليا رهندا هئا، پر هاڻي وچڙي ويا آهن، ۽ پاڻ ۾ محبت ۽ اتفاق رکندا هئا. جيڪي هاڻي جدا ٿي ويا آهن، انهن جي واقعن کان بي خبري ۽ انهن جي گهرن جي خاموشي، زماني جي مدت ۽ منزل جي دوري سبب ناهي، بلڪ هنن کي (موت جو) اهڙو ساغر پيئاريو ويو آهي، جنهن سندن ڳالهائڻ جي طاقت کسي انهن کي گنگو بڻائي ڇڏيو آهي، ۽ ٻڌڻ جي طاقت بہ کسي ٻوڙو ڪيو آهي، ۽ انهن جي چُرڻ پرڻ کي سڪون ۽ بي طاقتي سان بدلايو ويو آهي. ڄڻ تہ هو سرسري نظر ۾ ائين پيا ڏسڻ ۾ اچن. جيئن تہ ننڊ ۾ ليٽيا پيا هجن. هو اهڙا تہ پاڙيسري آهن، جو هڪٻئي سان اُنس ۽ محبت جو ناتو نٿا رکن، ۽ اهڙا دوست آهن، جو پاڻ ۾ ملن جُلن نٿا. هنن جي ڄاڻ سڃاڻ وارا تعلقات پراڻا ٿي چڪا آهن، ۽ ڀائي بندي وارا سلسلا ٽٽي ويا آهن. هو هڪٻئي سان گڏ هوندي بہ اڪيلا آهن، ۽ پاڻ ۾ دوست هوندي بہ وري الڳ ۽ جدا آهن. هي ماڻهو، رات هوندي تہ ان جي صبح کان بي خبر، جي ڏينهن هوندو تہ ان جي شام کان نا آشنا آهن. جنهن رات يا جنهن ڏينهن هنن سفر جو سامان ٻڌو آهي، اها ساعت انهن تي هميشہ ۽ (يڪسان)هڪجهڙي رهڻ واري آهي. هنن آخرت جي منزل جي خوفن ۽ خطرن کي انهي کان بہ زياده خطرناڪ ڏٺو، جيترو هنن کي ڊپ هو، ۽ اتي جي آثارن کي بہ ان کان عظيم تر ڏٺو، جيترو انهن اندازو ڪيو ٿي. (مومنن ۽ ڪافرن جي) آخري منزل کي موٽڻ واري جاءِ (دوزخ ۽ بهشت تائين) ڦهلايو ويو آهي. هو (ڪافرن جي لاءِ) هر خوف جي درجي کان بلندتر ۽ (مومنن جي لاءِ) هر اُميد جي درجي کان بالاتر آهن. جيڪڏهن هو ڳالهائي سگهن ها، تڏهن بہ ڏٺل شين جي بيان ڪرڻ کان انهن جون زبانون گنگيون هجن ها.

جيتوڻيڪ انهن جا نشانات مٽجي چڪا آهن، ۽ انهن جي خبرن جو سلسلو ٽٽي چڪو آهي، ليڪن دانائي واريون اکيون انهن کي ڏسن ٿيون، ۽ عقل ۽ سمجهہ وارا ڪن، انهن جي ٻڌن ٿا، هنن ڳالهايو پر گفتگو واري طريقي تي نہ، بلڪ هنن زبان حال سان چيو تہ اسان جا ٽڙيل تازا چهرا بگڙجي ويا. نرم ۽ نازڪ بدن مٽي سان ملي ويو، ۽ اسين پراڻي ڪفن ۾ آهيون، ۽ قبر جي (تنگي) سوڙهائپ اسان کي عاجز ڪيو آهي، خوف ۽ دهشت جو هڪٻئي کان ورثو مليو آهي، اسان جون خاموش منزلون ويران ٿي ويون، اسان جي جسمن جي خوبصورتي مٽجي وئي. اسان جون ڄاتل سڃاتل، ڏٺل وائٺل شڪليون بدلجي ويون، هنن وحشت وارين جڳهين ۾ اسان جي رهائش جي مدت دراز ٿي وئي. نہ بي چيني کان ڇوٽڪارو نصيب ۾ آهي ۽ نہ تنگي کان ويڪرائي حاصل آهي. هاڻي انهي حالت ۾ جڏهن ڪيڙن جي سببان انهن جا ڪن ٻڌڻ جي طاقت وڃائي ٻوڙا ٿي چڪا آهن، ۽ انهن جون اکيون مٽي جو سرمو پائي ڏرا ڏئي ويون آهن،



Presented by Ziaraat.Com

۽ انهن جي واتن ۾ زبانون، پنهنجي زبانن جي دراز زباني ۽ تيز رواني ڏيکارڻ کان پوءِ ٽُڪر ٽُڪر ٿي چڪيون آهن، ۽ سينن ۾ دليون هوشيار ۽ خبردار رهڻ کان پوءِ بي حرڪت يعني ساڪن ٿي چڪيون آهن. انهن جي هڪ هڪ عضوي کي هر روز سدائين، بدحالين، تباه حالين برباد ڪري بدشڪل بڻائي ڇڏيو آهي، ۽ اهڙي حالت ۾ به هو (هر مصيبت جي سهڻ لاءِ) سواءِ روڪ جي راضي ۽ تيار آهن. انهن ڏانهن آفتن جو رستو هموار ڪيو ويو آهي. هاڻي نه ڪو هٿ آهي، جيڪو انهن جو بچاءُ ڪري، ۽ نه وري نرم يا ترس کائڻ واريون دليون آهن، جيڪي بي چين ٿين.

جيڪڏهن توهان پنهنجي عقلن ۾ انهن جو نقشو ڄمايو ۽ تصور ڪريو، يا ائين ته توهان جي سامهون انهن جي مٿان پيل پردن کي هٽايو وڃي، تڏهن توهان البته انهن جي دلين جي درد غم ۽ اکين ۾ پيل ڪکن پنن کي ڏسندا، انهن تي شدت ۽ سختي جي اهڙي حالت آهي، جيڪا بدلجي نٿي، ۽ اهڙي مصيبت دردن ڏيڻ واري آهي، جيڪا وڃڻ جو نالو نٿي وٺي، ۽ توهان کي معلوم هوندو، ته زمين ڪيترن باوقار جسمن ۽ دلفريب رنگ روپ وارن کي کائي ڪپايو، جيڪي رنج جي گهڙين ۾ به خوشين پيدا ڪرڻ وارن ڇهرن سان دل وندرائيندا هئا. جيڪڏهن ڪا مصيبت انهن تي اچي پوندي هئي، ته پنهنجي عيش جي تازگين تي لالچجي ۽ کيل تفريح تي فريفته ٿيڻ جي سببان خوش وقتين جو سهارو ڳوليندا هئا. انهي دوران هو غافل ۽ مدهوش ڪرڻ واري زندگي جي ڇانوَ ۾ دنيا کي ڏسي ڏسي پيا کلندا هئا، ۽ وري دنيا هنن کي به ڏسي ڏسي ٺهڪ ڏئي رهي هئي، ته اوچتو زماني انهن کي ڪنڊن وانگر لتاڙيو، ۽ انهن جا سمورا زور ٽوڙي ڇڏيا، ۽ ويجهڙائي مان موت جون نظرون انهن تي پوڻ لڳيون، ۽ اهڙو غم ۽ اندوه انهن تي طاري ٿيو، جنهن کان هو آشنا نه هئا، ۽ اهڙين اندروني مصيبتن ۾ مبتلا ٿيا، جنهن سان ڪڏهن به واسطو نه پيو هو. ان حالت ۾ جڏهن هو صحت سان زياده شير و شڪر ٿيا، تڏهن انهن ۾ مرض جون ڪمزوريون پيدا ٿيون، پوءِ هو انهن ئي شين ڏانهن رجوع ٿيا، جن جو طبيبن کين عادي ڪري ڇڏيو هو، ته گرمي جي زور کي سرد دوائن سان هٽائجي، ۽ سردي کي گرم دوائن سان گهٽائجي، مگر سرد دوائن گرمي جي گهٽائڻ جي بجاءِ وڌيڪ ڀڙڪايو، ۽ گرم دوائن ٿڌ کي گهٽائڻ جي عيوض پاڻ تيز ڪيو، ۽ نه انهن طبيعتن ۾ مخلوط ٿيڻ وارن شين کان انهن جو مزاج نقطه اعتدال تي آيو، بلڪ انهن دوائن هر عضو مائوف جو آزار پاڻ وڌائي ڇڏيو. ايتري قدر جو حڪيم سست ٿي ويا، تيماردار (مايوس ٿي) غفلت ڪرڻ لڳا، گهر وارا مرض جي حالت بيان ڪرڻ کان عاجز ٿي ويا، ۽ مزاج پرسي ڪرڻ وارن جي جواب کان خاموشي اختيار ڪئي، ۽ انهن کان لڪائيندي انهي اندوه ناڪ خبر جي باري ۾ اختلاف راءِ ڪرڻ لڳا. هڪڙي چوڻ واري ائين چيو، ته هن جي حالت جيڪا به آهي سا ظاهر آهي، ۽ ٻيو وري ان جي صحت ۽ تندرستي جي واپس اچڻ



Presented by Ziaraat.Com

جي اميد ڏياري ٿو، ۽ ٽيون مٿس (ٽيڻ واري) موت تي انهن کي صبر جي تلقين ڪري ٿو، ۽ ان کان اڳ پهرين گذري ويل ماڻهن جون مصيبتون کين ياد ڏياري ٿو. انهي دوران هو دنيا مان وڃڻ ۽ دوستن کي ڇڏڻ لاءِ سواري جو سامان ڪري رهيو هو، ته اوچتو ڳچي ۾ ويڙهيل ڇڪيل هار سان هڪ اهڙو اڙائڻ لاءِ نڙي ۾ ڦاٿل گره وانگر ڪوڙڪو اچي پيو، جنهن کان هن جا هوش حواس دور دور ۽ هي حيران پريشان ٿي ويو، ۽ زبان خشڪ ٿي وئي، ۽ ڪيترائي اهم سوال هئا، جن جا هو جواب ڄاڻيندو هو، مگر هاڻي بيان ڪرڻ کان عاجز ٿي ويو، ۽ ڪيترين ئي دلسوز صدائون سندس ڪنن سان ٽڪرجڻ لڳيون، جن جي ٻڌڻ سان هو ٻوڙو ٿي ويو. اهو آواز يا ته اهڙي بزرگ جو هوندو، جنهن جو هي وڏو احترام ڪندو هو يا ته ڪنهن اهڙي ننڍي ٻار جو هوندو، جنهن کي هي گهڻو پيار ڪندو هو ۽ مٿس مهربان ۽ شفيق هو.

موت جون سختيون ايتريون ته آهن، جن کي بيان جي دائري ۾ آڻڻ نهايت مشڪل آهي يا اهڙيون آهن، جو دنيا وارن جا عقل انهن جو اندازو ڪري ڪرئي نٿا سگهن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 221: آيت رجال لا تُلهيهم تِجاره

آيت رجال لا تُلهيهم تِجاره وَ لا بَيع عَن ذِكـرِ الله_ اُهي ماڻهو اهڙا آهن، جن کي تجارت ۽ خريد و فروخت الله جي ذڪر ڪرڻ کان غافل نٿي ڪري، ان آيت جي تلاوت ڪري پوءِ فرمايائين تہ:

بيشڪ الله سبحانہ پنهنجي ذڪر کي دلين جو صيقل (صفائي) مقرر ڪيو آهي، جنهن جي باعث اهي ( اَوامر و نواهي کان) ٻوڙي ٿيڻ کان پوءِ ٻڌڻ لڳا، ۽ اَنڌاپ کان پوءِ ڏسڻ لڳا، ۽ دشمني ۽ عناد کان پوءِ فرمانبردار ٿي ويا. هڪيئي کان پوءِ هر عهد ۾ ۽ نبين کان خالي دور ۾ حضرت رب العزت جا ڪجھ مخصوص بندا هميشہ موجود رهيا آهن، جن جي ذڪرن ۾ سُس پُس جي صورت ۾ ( حقيقتن ۽ معرفتن جو ) (القا) الهام ڪري ٿو، ۽ انهن جي عقلن سان الهامي آوازن سان ڪلام ڪري ٿو. سو هنن پنهنجي اکين، ڪنن ۽ دلين ۾ بيداري جي نور سان ( هدايت ۽ دانائي جا) چراغ روشن ڪيا. اهي مخصوص ياد رکڻ (جي قابل) ڏينهن جي ياد ڏيارين ٿا، ۽ هن جي جلالت ۽ بزرگي کان ديڄارين ٿا. هو بيابانن صحرائن ۾ راه جا دليل آهن. جيڪو ميانہ روي اختيار ڪري ٿو، تنهن جي طور طريقي تي تحسين ۽ آفرين ڪن ٿا. ۽ ان کي نجات جي خوشخبري ٻڌائن ٿا، پر جيڪو ( گهٽائي ۽ ٿورائي جي) ساڄي کاٻي ٿئي ٿو، تنهن جي روش جي هي مذمت ڪن ٿا، ۽ ان کي تباهي ۽ هلاڪت جو خوف ڏيارين ٿا. انهن خصوصيتن جي ڪري هي انهن اونداهين جا چراغ ۽ انهن شڪ شبهن لاءِ راه نما آهن. ڪي اهل ذڪر هوندا آهن، جن الله تعالي جي ياد کي دنيا جي عيوض ۾ وٺي ڇڏيو. انهن کي نہ تجارت ان کان غافل ڪري ٿي، ۽ نہ خريد و فروخت، انهي سان گڏ زندگي جا بہ ڏينهن بسر ڪن ٿا، ۽ الله تعالي جي حرام ڪيل شين کان تنبيهہ ڪرڻ وارن آوازن سان غفلت شعارن جي ڪنن ۾ پڪارين ٿا، عدل ۽ انصاف جو حڪم ڏين ٿا. ۽ خود بہ ان تي عمل ڪن ٿا، ۽ برائين کان روڪين ٿا ۽ خود بہ انهن کان باز رهن ٿا. ڄڻ تہ انهن دنيا ۾ رهي ڪري، آخرت واري منزل کي طئي ڪري ڇڏيو، ۽ جيڪي ڪجھ دنيا جي آخرت ۾ آهي، تنهن کي پنهنجي اکين سان ڏسي ڇڏيائون، ۽ گويا اهي اهل برزخ جا انهن لڪل حالات تي، جيڪي سندن رهڻ واري ڊگهي عرصي ۾ پيش نہ آيا، تن کان بہ آگاه ٿي چڪا آهن، ۽ ڄڻ تہ قيامت هنن جي لاءِ پنهنجن واعدن کي پورو ڪري ڇڏيو، ۽ انهن دنيا وارن جي سامهون (انهن ڳالهين کان) پردو کڻي ڇڏيو. ايستائين، جو ڄڻ تہ اهي سڀ ڪجھ ڏسي رهيا آهن.جن کي ٻيا نٿا ڏسي سگهن، ۽ اهي سڀ ڪجھ ٻڌي رهيا آهن، جن کي ٻيا نٿا ٻڌي سگهن.



Presented by Ziaraat.Com

جيڪڏهن توهان انهن جي پاڪيزگي جڳهين ۽ وڻندڙ محفلن ۾ انهن جي تصوير پنهنجي ذهن ۾ ڏاهيو، جڏهن انهن پنهنجي اعمال نامن کي کوليو هجي، ۽ پنهنجي نفسن کان، هر ننڍو وڏو فعل جي محاسبي ڪرڻ تي آماده هجي. اهڙا ڪم، جن تي هو مقرر ڪيل هئا ۽ هنن ڪوتاهي ڪئي، يا اهڙا جن کان انهن کي روڪيو ويو هيو ۽ انهن کان تقصير ٿي. ۽ هميشه پنهنجي پنن کي پنهنجي گناهن جي بار سان پريل محسوس ڪري رهيا هجن، ۽ جن جي کڻڻ سان هو پاڻ کي عاجز ۽ ماندو ڄاڻندا هجن ۽ تنهن ڪري رئندي رئندي سندن هڏڪيون بند ٿي ويون هجن ۽ سڏڪي سڏڪي رئندي هڪيئي کي جواب ڏئي رهيا هجن، ندامت ۽ گناهن جي اعتراف واري منزل تي بيهي الله تعالي کي آهون دانهون، ڪوڪون ڪري فرياد ڪري رهيا هجن ۽ ته پوءِ ان صورت ۾ توهان کي هدايت جا نشان ۽ اونداه جا چراغ نظر ايندا، جن جي چوڌاري فرشتا حلقي جي صورت ۾ هوندا ۽ تسلي ۽ سڪون جو متن ورود هوندو ۽ آسمان جا دروازا انهن لاءِ کليل هوندا ۽ عزت جون مسندون انهن لاءِ مهيا هونديون اهڙي جڳه تي جتي الله تعالي جي توجه جي نظر انهن تي هوندي، هو انهن جي ڪوششن سان خوش هوندا ۽ ۽ انهن جي منزلت تي کين آفرين ڪندا هوندا. هو ان کي ڏسڻ جي سببان عفو ۽ بخشش جي هوا ۾ ساه کڻندا هوندا، هو ان جي فضل ۽ ڪرم جي احتياج ۾ گروي هوندا، ۽ ان جي عظمت ۽ رفعت جي سامهون ذلت ۽ پستي ۾ جڪڙيل هوندا. غم ۽ اندوه جي طويل عرصي انهن جي دلين کي زخمي ۽ گريو بڪاء جي ڪثرت انهن جي اکين کي مجروح ڪيو هوندو . هر انهي دروازي تي سندن هٿ ڪڙڪائڻ وارو آهي جيڪو ان جي طرف متوجه ۽ راغب ڪري هو ان کان گهرن ٿا ۽ جنهنجي وجود ۾ جود و ڪرم جون وسعتون تنگ ٿيون ٿين ۽ ۽ نه وري خواهش ڪري اڳتي وڌندڙ ۽ نا اميد ٿي واپس ٿين ٿا. توهان پنهنجي ترقي ۽چڱائي لاءِ پنهنجي ئي نفس جو حساب ڪتاب ڪريو ۽ چو جو ٻين جي محاسبي ڪرڻ وارو توهان کان سواءِ ڪو ٻيو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 222: يَا أَيُّهَا الْإِنسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيمِ جي تفسير

**آيت ''**يَا أَيُّهَا الْإِنسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيمِ**'' اي انسان توکي ڪهڙي ڳالھ پنهنجي ڪريم پالڻهار جي باري ۾ ڌوڪو ڏنو آهي؟ ) جي تلاوت ڪري فرمايائين تہ:**

اهو شخص جنهن کان اهو سوال ٿي رهيو آهي ، سو جواب ڏيڻ ۾ ڪيترو تہ ( عام ) فريب خورده ۽ عزر پيش ڪرڻ ۾ ڪيترو نہ قاصر آهي. هن پنهنجي نفس کي سختي سان جهالت ۾ وڌو آهي.

اي انسان !توکي ڪهڙي ڳالھ گناه (ڪرڻ) تي دلير ڪيو آهي ، ۽ ڪهڙي ڳالھ توکي پنهنجي پروردگار جي باري ۾ ڌوڪو ڏنو آهي ، ڪهڙي ڳالھ توکي پنهنجي تباهي تي مطمئن بنايو آهي؟ ڇا! تنهنجي بيماري لاء شفا ۽ تنهنجي خواب(غفلت) لاء بيداري نہ آهي. ڇا! توکي پاڻ تي ايترو بہ رحم نٿو اچي، جيترو ٻين تي ترس ڪرين ٿو؟ اگر تون تتل اس ۾ ڪنهن کي ڏسين ٿو ، تہ ان تي ڇانو ڪرين ٿو ، يا ڪنهن کي درد يا تڪليف ۾ ڏسين ٿو ، تہ ان تي شفقت جي بنا تي تنهنجا ڳوڙها نڪري پون ٿا ، مگر خود پنهنجي بيماري تي ڪنهن توکي صبر ڪرايو آهي، ۽ ڪنهن توکي پنهنجي مصيبتن تي طاقتور ڪيو آهي ، ۽ خود پاڻ تي روئڻ کان تسلي ڏني آهي؟ حالانڪ سيني کان وڌيڪ توکي پنهنجي جان پياري آهي ، ۽ ڪيئن الله جي عذاب جو خطرو رات جي ئي اچڻ سان توکي ڇو نٿو سجاڳ ۽ هوشيار ڪري؟ حالانڪ تون پنهنجي گناهن جي سبب هن جي قهر تسلط جي راه ۾ پيو آهين. دل جي ڪوتاهين جي بيماري جو علاج مضبوط ارادي سان، اکين جي خواب غفلت جو علاج بيداري سان ڪر. الله تعالي جو مطيع ۽ فرمانبردار ٿي. ۽ انجي ياد سان دل لڳاء ٿورو انهي حالت جو تصور ڪر، جيڪو تنهنجي طرف وڌي رهيو آهي ، ۽ تون ان کان منهن ڦيري رهيو آهين ، ۽ هو توکي پنهنجي معافي جي دامن ۾ وٺڻ لاء سڏي رهيو آهي ، ۽ پنهنجي لطف ۽ احسان سان توکي ڍڪڻ چاهي ٿو ، پر تون اهو آهين جو هن کان پٺيرو آهين ، بلڪ ٻئي طرف رخ ڪيو ويٺو آهين. بلند ۽ برتر آهي اهو الله تعالي، قوي ۽ قادر، جيڪو ڪيترو نہ وڏو ڪريم آهي ۽ وري تون ايترو عاجز ۽ ناتوان ۽ ايترو پست ٿي ڪري گناهن تي ڪيترو نہ جري ۽ دلير آهين، حالانڪ تون انهي جي پناه واري دامن ۾ قرار سان ويٺو آهين، انهي جي لطف ۽ احان جي وسعتن ۾ اٿين ويهين ٿو. هن پنهنجي لطف و ڪرم کي تو کان روڪيو نہ آهي ۽ نہ تنهنجو پردو چاڪ ڪيو آهي. بلڪ هن جي ڪنهن بہ نعمت ۾ جيڪا هن تنهنجي لاء پيدا ڪئي آهي يا ڪنهن گناه ۾، جنهن تي هن پردو وڌو يا ڪنهن مصيبت ۽ تڪليف ۾ جنهن جو رخ تو کان موڙيائين، تون هن جي لطف ۽ ڪرم سان



Presented by Ziaraat.Com

هڪ گهڙي به محروم نه ٿيو آهين. اهو ان صورت ۾ آهي جڏهن تون هن جا گناه ڪرين ٿو ته پوءِ تنهنجو ان باري ۾ ڇا خيال آهي جيڪڏهن تون هن جي اطاعت ڪرين ها!

خدا جو قسم! جيڪڏهن اهو رويو ٻن اهڙن شخصن ۾ هجي ها جيڪي طاقت ۽ قدرت ۾ برابر جا هجن ها ۽ انهن مان هڪ تون هجين ها جو بي رخي ڪرين ها ۽ ٻيو توتي احسان ڪري ها ته پوءِ تون ئي سڀ کان پهرين پنهنجي نفس تي ڪج خلقي ۽ بد ڪرداري جو حڪم ڪرين ها سچ چوان ٿو ته دنيا توکي ڌوکو نه ڏنو آهي، بلڪ تون خود ڄاڻي ٻجهي ان جي فريب ۾ آيو آهين هن تنهنجي سامهون نصيحتن کي کولي رکيو، ۽ توکي هر ڳالهه کان هڪجهڙو آگاه ڪيائين ان جن بلائين کي تنهنجي جسم تي نازل ٿيڻ ۽ جنهن ڪمزوري جي تنهنجي طاقتن تي طاري ٿيڻ جو وعدو ڪيو آهي تنهن ۾ ان جي ذات سچ چوڻ ۽ وعدي وفائي ڪرڻ واري آهي، بجاءِ ان جي ته توسان هن ڪوڙ ڪيو هجي يا فريب ڏنو هجيس.

ڪيترائي هن دنيا جي باري ۾ سچا نصيحت ڪرڻ وارا آهن، جيڪي تنهنجي نزديڪ اعتبار جوڳا آهن، ۽ ڪيترائي هن جي حالات کي صحيح صحيح بيان ڪرڻ وارا آهن، جيڪي ڪوڙا ڪيا وڃن ٿا. جيڪڏهن تون ٽٽل گهرن ۽ ويران ۽ سنسان جاين مان دنيا جي معرفت حاصل ڪرين ته تون انهن کي چڱي يادگيري ۽ موثر نصيحت جي لحاظ کان هڪ مهربان مثل ڏسندين. جيڪي تنهنجي (هلاڪت ۾ پوڻ کان) بخل ڪن ٿا. هي دنيا انهي ڪري سٺو گهر آهي، جو تون ان کي سٺي گهر جي سمجهڻ تي خوش نه ٿين، ۽ انهي ڪري سٺي جڳهه آهي، جيڪو هن کي پنهنجو وطن بنائي نه رهي. هن دنيا جي وسيلي سعادت جي منزل تي سياڻي اهي ئي ماڻهو پهچندا، جيڪي اڄ هن کان گريزان آهن.

جڏهن زمين زلزلي ۾، ۽ قيامت پنهنجي خطرناڪين سان ايندي، ۽ هر عبادت گاه کان ان جا پوڄاري، هر معبود وٽان ان جا پرستار، ۽ هر پيشوا وٽان ان جا مقتدي اچي گڏ ٿيندا، تڏهن ان وقت فضا ۾ شگاف ڪرڻ واري نظر ۽ زمين ۾ قدمن جي هلڪي آواز جو بدلو به هن جي عدالت گستري ۽ انصاف پروري جي پيش نظر حق ۽ انصاف سان پورو پورو ڏنو ويندو. انهي ڏينهن ڪيترائي دليل غلط ۽ بي معنىٰ ٿي ويندا، ۽ حيلي بهاني جون ڳنڍيون ٽٽي وينديون. ته هاڻي انهي ڳالهه کي اختيار ڪريو، جنهن سان توهان جو عذر قبول ۽ توهان جي حجت ثابت ٿي سگهي. جنهن دنيا مان توهان هميشه بهرياب نه ٿا ٿيو، تنهن مان اهي ڳالهيون حاصل ڪريو جيڪي توهان جي لاءِ هميشه باقي رهڻ واريون هجن. پنهنجي سفر لاءِ تيار رهو، (دنيا جي اونداهين ۾) نجات ۽ ڇوٽڪاري جي چمڪ تي نظر ڪريو ۽ جدوجهد جي سوارين تي پلاڻ وجهو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 223: امانت ۽ ديانت جا ﭘہ سبق

امانت ۽ ديانت جا ﭘہ سبق

خدا جو قسم! تہ مون کي سعدان (ان ڪنڊن واري وڻ جنهن کي اٺ چرندو آهي) تنهن جي ڪنڊن تي جاڳندي رات گزارڻ ۽ طوق ۽ زنجيرن سان قيدي ٿي گهلجڻ، انهي کان زياده پسند آهي، تہ آءُ الله ۽ ان جي رسول (صلعم) جن سان ان حالت ۾ ملاقات ڪريان جو مون ڪنهن بندي تي ظلم ڪيو هجي، يا دنيا جي مال مان ڪا شي غصب ڪئي هجي. آءُ انهي نفس خاطر ڪيئن ڪنهن تي ظلم ڪري سگهان ٿو، جيڪو جلد ئي فنا جي طرف موٽڻ وارو ۽ مدت تائين مٽي جي هيٺان پئجي رهڻ وارو آهي.

خدا جو قسم! تہ مون پنهنجي ڀاءُ عقيل کي سخت فقر ۽ فاقي جي حالت ۾ ڏٺو، ايتريقدر جو هو توهان جي (حصي جي) ڪڻڪ مان هڪ صاع (234 تولن جو پيمانو) مون کان گهريائين، ۽ مون سندس ٻارن کي بہ ڏٺو جن جا وار ڪليل پکڙيل هئا. بک ۽ اڃهوند سببان رنگ ڪاراڻ ڏي مائل هو، گويا انهن جي چهرن تي نير چاڙهي ڪارا ڪيا ويا هئا، مگر هو اصرار ڪندي مون وٽ آيو ۽ انهي ڳالهہ کي بار بار دهرايائين، مون بہ ان جي ڳالهہ کي ڪن ڏئي ٻڌو تڏهن هن اهو خيال ڪيو تہ شايد آءُ هن جي هٿان پنهنجو دين وڪڻي ڇڏيندس ۽ پنهنجي روش بدلائي سندس ڇڪتاڻ تي ان جي پويان لڳي پوندس. پر مون ڪيو ائين تہ، هڪ لوهہ جي ٽڪر کي تپايو، ۽ پوءِ هن جي جسم ويجهو ڪيم تہ جيئن هو عبرت حاصل ڪري. بهرنوع هو اهڙي طرح دانهون ڪرڻ لڳو جيئن ڪو بيمار درد ۽ تڪليف ۾ دانهون ڪندو آهي ، ۽ ذري گهٽ سندس جسم ڏنبي ڏيڻ سان سڙي وڃي ها. پوءِ مون ان کي چيو تہ اي عقيل! روئڻ واريون تو تي روئن! ڇا تون رڳو هن تتل لوهہ جي ٽڪر کان دانهون ٿو ڪرين. جنهن کي هڪ انسان کل مذاق ۾ (بغير ساڙڻ جي نيت) تپايو آهي. ۽ تون مون کي انهي باهہ ڏانهن ڇڪي رهيو آهين، جنهن کي قهار پنهنجي غضب سان ڀڙڪايو آهي. تون تہ اذيت کان دانهون ڪرين ٿو ۽ آءُ جهنم جي شعلن کان دانهون نہ ڪريان؟ ان کان بہ عجيب تر واقعو اهو آهي تہ هڪ شخص رات جي وقت ماکي مان ڳوهيل حلوه هڪ بند ٿيل ٿانو ۾ کڻي منهنجي گهر آيو، جنهن کان مون کي ايتري تہ نفرت ٿي، جو ائين پئي محسوس ٿيو تہ گويا اهو نانگ جي ٿڪ يا ان جي قي مان ڳوهيل آهي. بهرنوع مون ان کي چيو تہ ڇا! هي ڪهڙي ڳالهہ جو انعام آهي يا زڪات آهي يا صدقو آهي، جيڪو اسان اهل بيت تي حرام آهي. تڏهن هن چيو، تہ نہ هي اِهو آهي نہ اُهو آهي. بلڪ هي تحفو آهي، تڏهن وري مون چيو تہ مئل پٽن جون مائون تو تي



Presented by Ziaraat.Com

روئن! ڇا، تون دين جي راه کان مون کي ڦيڙو ڏيڻ لاءِ آيو آهين؟ ڇا، تون گمراه ٿي ويو آهين؟ يا پاگل ٿيو آهين يا ائين هذيان وڦلجي بڪواس پيو ڪرين؟ خدا جو قسم! ته جيڪڏهن (هفت اقليم) ست بادشاهيون انهن شين سميت جيڪي آسمانن جي هيٺان آهن، مون کي ڏنيون وڃن ته الله جو ايترو گناه ڪريان جو آءٌ ڪيولي کان هڪ جَوَ جو داڻو کسي وٺان سو ڪڏهن به آءٌ ائين نه ڪندس. هي دنيا ته منهنجي نظر ۾ ان پن کان به زياده بي قدر آهي، جيڪو مڪڙ جي وات ۾ هجي، جنهن کي هو چٻاڙي رهيو هجي. علي کي فنا ٿيڻ وارين نعمتن ۽ مٽجي وڃڻ وارين لذتن سان ڪهڙو واسطو. اسين عقل جي غفلت واري خواب ۾ پوڻ ۽ خطائن جي براين ۾ پوڻ کان الله تعالي جي دامن ۾ پناه وٺون ٿا، ۽ انهي کان ئي مدد جا خواستگار آهيون.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 224: امير المومنين جي هڪ دعا

امير المومنين جي هڪ دعا

بار الهٰا! منهنجي آبرو کي ، دولت منديءَ بي پرواهي ۽ تونگري کان محفوظ رک ۽ مسڪيني ۽ تنگدستي کان منهنجي مرتبي کي نظرن کان نہ ڪيراءِ جو تو کان رزق گهرڻ وارن مان، رزق گهرڻ لڳان ۽ تنهنجي بندن جي لطف ۽ ڪرم وارين نگاهن کي پنهنجي طرف موڙڻ جي تمنا ڪريان ۽ جيڪي مون کي ڏين تنهن جي مدح و ثنا ڪرڻ لڳان ۽ جيڪي نہ ڏين تن جي برائي ڪرڻ ۾ مبتلا ٿي وڃان ۽ انهن سڀني ڳالهين جي اوٽ ۾ تون ئي عطا ڪرڻ ۽ روڪڻ جو اختيار رکين ٿو. بيشڪ تون ئي هر شيءِ تي قادر آهين.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 225: دنيا

دنيا

)هي دنيا) هڪ اهڙو گهر آهي جيڪو مصيبتن ۾ بند ۽ قابو ٿيل ۽ دغا، مڪر ۽ ڌوڪي ڏيڻ ۾ مشهور آهي. هن جون حالتون ڪڏهن بہ هڪ جهڙيون نہ ٿيون رهن ۽ نہ هن دنيا ۾ قيام ڪرڻ وارا صحيح ۽ سالم رهي سگهن ٿا. هن جون مختلف حالتون ۽ طور طريقا، بدلجندڙ ۽ ڦرندڙ رهن ٿا. خوشي گذارڻ واري صورت هن ۾ مذمت جي لائق ۽ امن ۽ سلامتي جي هن ۾ ڪا خبر ئي نہ آهي. هن ۾ رهڻ وارا تير اندازي لاءِ اهڙا نشانا آهن جن تي دنيا پنهنجا تير هلائيندي رهي ٿي، ۽ موت جي ذريعي انهن کي فنا ڪندي رهي ٿي.

اي الله جا بندو! انهي ڳالهہ کي ياد رکوتہ توهان کي ۽ هن دنيا جي انهن ڳالهين کي جن ۾ توهان آهيو. انهن ماڻهن واري راه تان گذرڻو آهي، جيڪي توهان کان پهرين گذري چڪا آهن جيڪي توهان کان زياده وڏين عمرن وارا، توهان کان زياده آباد گهرن وارا ۽ توهان کان زياده پائدار نشانين وارا هئا تن جا آواز خاموش ٿي ويا، مقرره هوائون منتشر ٿي ويون، بدن سڙي ڳري ويا گهر سنسان ٿي ويا ۽ نالي نشان مٽجي ويا هنن مضبوط محلن ۽ وڇايل مسند کي پٿرن ۽ چونديل سرن ۽ زمين ۾ پيوند ٿيڻ وارين ۽ لحد وارين قبرن سان بدلايو جو انهن جي صحنن جو بنياد تباهي ۽ ويراني تي آهي ۽ مٽي مان ئي انهن جون عمارتون مضبوط ڪيون ويون آهن. انهن قبرن جون جڳهيون پاڻ ويجهيون ويجهيون آهن، جن ۾ رهڻ وارا پري پري جا مسافر آهن اهڙي مقام ۾ جتي هو موڳا آهن ۽ اهڙي جڳهہ ۾ جتي (دنيا جي ڪمن کان) فارغ ٿي ڪري آخرت جي فڪرن ۾ مشغول آهن هو پنهنجي وطن سان انس نٿا رکن، ۽ پاڻ ۾ ويجها پاڙيسري ۽ ويجهن گهرن جي هوندي پڻ پاڙيسرين وانگر ميل ميلاپ نٿا رکن ۽ ڪيئن پاڻ ۾ ملڻ جلڻ ٿي سگهي ٿو . جڏهن تہ بوسيدگي ۽ تباهي پنهنجي سيني سان انهن کي پيهين وڌو آهي، ۽ پٿرن ۽ مٽي انهن کي کائي ڇڏيو آهي.

توهان بہ ائين سمجهو تہ (گويا) اتي پهچي ويا آهيو جتي هو پهچي چڪا آهن، ۽ انهي خواب گاه (قبر) بہ توهان کي چڪي ڀڏو آهي، ۽ اها امانت گاه (لحد) بہ توهان جي پٺيان لڳي ڇهتي آهي. ان وقت توهان جي ڇا حالت ٿيندي جڏهن توهان جا سمورا مرحلا انتها تي پهچي ويندا ۽ قبرن مان نڪري کڙا ٿيندا اتي هر شخص پنهنجي اعمالن جي (نفعي ۽ نقصان) جي جانچ ڪندو ۽ پوءِ اهي پنهنجي سچي مالڪ الله تعالي جي طرف موٽايا ويندا ۽ جيڪي بہ ٻين تي تهمتون ۽ الزام هڻندا هئا سي تن کي ڪم نہ ايندا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 226: دعا

دعا

بار الھا! تون پنھنجي دوستن سان ۽ سمورن محبت رکڻ وارن کان، زياده راغب ۽ گھائل مائل آھين، ۽ جيڪي توتي ڀروسو رکڻ وارا آھن تن جي حاجت روائي لاءِ ھر وقت پيش پيش آھين، تون انھن جي باطني ، ڪيفيتن کي ڏسين ٿو، ۽ انھن جي لڪل رازن کي ڄاڻين ٿو ۽ انھن جي بصيرتن جي رسائي کان با خبر آھين انھن جا راز تنھنجي اڳيان آشڪارا ۽ انھن جون دليون تنھنجي اڳيان فريادي آھن. جيڪڏھن اڪيلائي کان انھن جي دل گھبرائي ٿي تہ تنھنجو ذڪر انھن جي دلين کي وندرائي ٿو جڏھن اھو ڄاڻن ٿا تہ سيني ڳالھين جي واڳ تنھنجي دامن ۾ پناه وٺڻ لاءِ ملتجي ٿين ٿا ۽ اھو ڄاڻن ٿا تہ سيني ڳالھين جي واڳ تنھنجي ھٿ ۾ آھي ۽ انھن بابت حڪم جاري ٿيڻ ۽ منظور ڪرڻ جون جڳھيون تنھنجي ئي فيصلن سان وابستہ آھن،

بار الھا ! جيڪڏھن آءٌ سوال ڪرڻ کان عاجز رھان يا پنھنجي مطلب تي نظر نہ ڪري سگھان تہ تون منھنجي مصلحتن جي طرف رھنمائي فرماءِ ۽ منھنجي دل کي اصلاح ۽ بھبودي جي صحيح منزل تي پھچاءِ اھا ڳالھہ تنھنجي رھنمائين ۽ حاجت روائين کي ڏسندي ڪا نرالي نہ آھي.

خدايا! منھنجو معاملو پنھنجي عفو ۽ بخشش سان طئي ڪر، نہ پنھنجي عدل ۽ انصاف جي معيار سان.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 227: هڪ صحابي جو ذڪر

هڪ صحابي جو ذڪر

فلاڻي شخص جي ڪارڪردگين جي جزا الله ڏي، هن ٽيڙهائپ کي سڌو ڪيو، ۽ مرض جو علاج ڪيو ، فتني فساد کي پٺتي ڇڏيو سنت کي قائم ڪيائين ۽ صاف ستري دامن ۽ گهٽ عيبن سان دنيا مان رخصت ٿيو. (دنيا جي) ڀلائين کي حاصل ڪيائين ۽ ان جي شر انگيزين کان اڳتي وڌي ويو، الله جي اطاعت بہ ڪيائين ۽ ان جو پورو پورو خوف بہ ڪيائين خود تہ هليو ويو ۽ ماڻهن کي اهڙي متفرق رستن تي ڇڏي ويو، جن ۾ گمراه رستو تہ حاصل ڪري سگهن ۽ هدايت يافتہ يقين تائين تہ پهچي سگهن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 228: بيعت جي ذڪر ۾

سندس بيعت جي ذڪر ۾ اهڙو ئي هڪ خطبو هن کان پهرين پر مختلف لفظن ۾ اچي چڪو آهي:

توهان (بيعت جي لاءِ) منهنجو هٿ( پاڻ ڏي) وڌائڻ چاهيو تڏهن مون ان کي روڪيو ۽ توهان ڇڪيو تڏهن آءُ ان کي سميٽيندو رهيس مگر توهان مون تي اهڙي طرح هجوم ڪيو جهڙي ريت پياسا اٺ پاڻي پيئڻ جي ڏينهن تلائن تي اچي ٽٽن ٿا تانجو جتي )جا تسما( ٽٽي پيا ۽ عبا ڪلهي تان ڪري پئي ڪمزور ۽ ضعيف لتاڙجي ويا ۽ منهنجي بيعت تي ماڻهن جون خوشيون ايستائين پهچي ويون جو ٻيو ته ٺهيو پر ننڍا ننڍا ٻار به خوشيون ڪرڻ لڳا ۽ پوڙها به ٿڙندڙ ڏڪندڙ قدمن سان بيعت لاءِ وڌيا بيمار به اٿندا وهندا پهچي ويا ۽ نوجوان ڇوڪريون به پردي مان نڪري ڊوڙنديون آيون.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 229: خدا جو خوف ۽ قبر جو منظر

خدا جو خوف ۽ قبر جو منظر

بيشڪ الله جو خوف، هدايت جي ڪنجي ۽ آخرت جو توشو آهي. (خواهشن جي) هر غلامي کان آزادي ۽ هر تباهي کان رهائي جو باعث آهي. ان جي ذريعي طلبگار منزل مقصود تائين پهچي ٿو ۽ (سختين کان) ڀڄڻ وارو نجات حاصل ڪري ٿو ۽ مطلب وارن ڳالهين تائين پهچي ٿو. (سٺا) اعمال بجا آڻيو، جڏهن ته اعمال بلند ٿي رهيا آهن ته اهو فائدو به ڏئي سگهن ٿا ۽ سڏ به ٻڌجي رهيو آهي حالات پر سڪون ۽ ( ڪراما ڪاتبين جا) قلم لکي رهيا آهن ضعف ۽ پيري جي طرف موٽائڻ واري عمر پيرن ۾ زنجيرن وانگر پوڻ وارو مرض ۽ جهٽڪو ڏيندڙ موت کان پهريان پنهنجي اعمالن جي طرف جلدي ڪريو. ڇو جو موت توهان جي لذتن کي تباه ڪرڻ وارو، خواهشن کي ميري گندي بنائڻ وارو، ۽ توهان جي منزلن کي دور ڪرڻ وارو آهي، هي ناپسنديده ملاقاتي ۽ شڪست نه کائڻ وارو حريف آهي ۽ اهڙو خونخوار آهي، جو ان کان ( خون بها جو) مطالبو ڪري نٿو سگهجي هن جي ڄار توهان کي جڪڙيون بيٺي آهي ۽ هن جون تباه ڪاريون توهان کي گهيري بيٺيون آهن، ۽ هن جي (تيرن جا) ڦر توهان کي سڌو نشان بڻايو بيٺا آهن، ۽ توهان تي هن جو غلبو ۽ تسلط عظيم ۽ توهان تي هن جوظلم ۽ تعدي برابر جاري آهي، ۽ هن جي وار جي ڳُسي وڃڻ جو امڪان گهٽ آهي، نزديڪ آهي ته موت جي ڪڪر جون اونداهيون، مرض الموت جون جان وٺڻ واريون ڇٽنگون. سختين جون گهگهه اونداهيون ساه ڪڍڻ جون بيهوشيون ۽ ڍڪرجڻ، سڪرات جون اذيتون، هن جي هر طرف کان پکڙيل اونداهيون، نڙي ۽ وات لاء ان جون ذائقي واريون خرابيون توکي گهيري وٺن، گويا هو توتي اوچتو اچي(موت) ٽٽو آهي، جنهن توسان آهستي آهستي ڳالهين ڪرڻ واري کي خاموش ڪيو، ۽ تنهجي جماعت کي متفرق ۽ منتشر ڪري ڇڏيو، ۽ تنهنجي نشانن کي ختم ڪيائين ۽ تنهنجي گهرن کي سنسان ڪيائين ۽ تنهنجي وارثن کي تيار ڪيائين، ته هو تنهنجي ملڪيت کي مخصوص عزيزن ۾، جن توکي ڪجھ به فائدو نه ڏنو، ۽ انهن غم زده قريبن ۾ جيڪي موت کي روڪي نه سگهيا، ۽ انهن خوش ٿيڻ وارن (رشتيدارن ) ۾ جيڪي ذرو به بي چين نه ٿيا، تقسيم ڪن، به هر نوع توهان تي لازم آهي ته توهان سعي ۽ ڪوشش ڪريو ۽ (آخرت جي سفر لاء) تيار ٿي وڃو، ۽ سر وسامان مهيا ڪريو، ۽ ثمر حاصل ڪريو ( ته جيئن) دنيا توهان کي فريب نه ڏي، جهڙي طرح توهان کان اڳ گذري وڃڻ وارن امتن ۽ گذشته ماڻهن کي فريب ڏنو، جن هن دنيا جو کير ڏڌو ۽ ان غفلت مان فائدو حاصل ڪري ويا، ۽ ان جي ڳٽيل (ڏينهن کي) فنا ۽ تازگين کي پامال ڪري ڇڏيو، انهن جي



Presented by Ziaraat.Com

گهرن، قبرن جي صورت اختيار ڪئي، هنن جو مال ڇڏيل ورثو بڻجي ويو. جيڪو انهن جي قبرن تي اچي ٿو، تن کي سڃاڻن ٿا، جيڪو انهن تي روئي ٿو تنهن جي پرواهه ٿا ڪن، جيڪو سڏي ٿو تنهن کي جواب ٿا ڏين، هن دنيا کان ڊڄو. ڇو جو هي غدار آهي ڌوڪي باز ۽ فريب ڪار آهي ڏيڻ واري ( ۽ پوءِ) وٺڻ واري به آهي پوشاڪ پارائڻ واري (۽ پوءِ) لهرائڻ واري به آهي هن جا سُک ۽ آرام هميشه ٿا رهن، نه ان جون سختيون ختم ٿين ٿيون، ۽ نه ان جون مصيبتون رڪجن ٿيون.

هن خطبي جو هي حصو، زاهدن جي وصفن ۾ آهي:

اهي اهڙا ماڻهو هئا جيڪي اهل دنيا مان هئا مگر (حقيقتا) دنيا وارا نه هئا. هو دنيا ۾ اهڙي طرح رهيا ، جو ڄڻ ته دنيا مان نه هئا انهن جو عمل انهن ڳالهين تي آهي، جن کي چڱي طرح ڄاڻن سڃاڻن ٿا ۽ جن ڳالهين کان ڊڄن ٿا،تن کان بچڻ لاءِ جلدي ڪن ٿا. انهن جا جسم ڄڻ ته آخرت وارن جي مجمع ۾ ڦري رهيا آهن. هو دنيا وارن کي ڏسن ٿا ته هو انهن جي جسماني موت کي وڏي اهميت ڏين ٿا ۽ هو انهن ماڻهن جي حال کي زياده غمناڪ سمجهن ٿا جيڪي جيئرا ته آهن مگر انهن جون دليون مرده آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 230: (ذي قار) واري هنڌ تي خطبو

جناب امير عليہ السلام ”بصري“ ڏانهن ويندي (ذي قار) واري هنڌ تي هي خطبو ارشاد فرمايو:

جيڪو ”واقدي“ پنهنجي ڪتاب الجمل ۾ ذڪر ڪيو آهي : رسول صلعم جن کي جيڪو حڪم هو ، تنهن کي پاڻ کولي بيان ڪيائون ۽ الله جا پيغامات پهچايائون، الله تعالي سندن زريعي منتشر ٽيل ماڻهن جي شيرازه بندي ڪئي، سينن سان پريل سخت عداوتن ۽ دلين ۾ پڙڪو کائي جلڻ وارن ڪينن کان پوءِ خويش و اقارب کي پاڻ ۾ شير و شڪر ڪيائون.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 231: عبدالله ابن زمعہ

عبدالله ابن زمعہ جيڪو سندس جماعت ۾ ليکيو ويندو هو، سو سندس خلافت واري زماني ۾ ڪجھ رقم طلب ڪرڻ لاءِ حضرت وٽ آيو، تڏهن پاڻ ارشاد فرمايائين تہ: هي مال نہ منهنجو آهي ۽ نہ تنهنجو بلڪ سڀني مسلمانن جو گڏيل حق آهي ۽ انهن جي تلوارن سان گڏ ڪيل سرمايو آهي جيڪڏهن تون انهن سان جنگ ۾ شريڪ هجين ها تہ تنهنجو حصو بہ انهن جي برابر هجي ها، ورنہ انهن جي هٿن جي ڪمائي ٻين جي وات ۾ پوندڙ گره لاءِ نہ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 232: ڪلام الامام امام الڪلام

ڪلام الامام _امام الڪلام

معلوم هئڻ گھرجي تہ انسان جي زبان ( سندس بدن جو) هڪ ٽڪرو آهي جڏهن انسان (جو ذهن) رڪجي وڃي تہ پوءِ ڳالهائڻ ان جو ساٿ نٿو ڏيءِ ۽ جڏهن ان کي (معلومات ۾) وسعت هجي تہ پوءِ ڳالهائڻ زبان کي رڪجڻ جي مهلت نٿو ڏيءِ ۽ اسين (اهلبيت) اقليم سخن جا فرمانروا آهيون، هو اسان جي رڳ ۾ سمايل آهي ۽ ان جون شاخون اسان تي جھڪيل آهن،

الله تعالي توهان تي رحم ڪري، هن ڳالهہ کي سمجهو ، تہ توهان اهڙي دور ۾ آهيو جنهن ۾ سچ چوڻ وارا گھٽ، زبانون سچ چوڻ کان ڪُند ۽ حق وارا ذليل ۽ خوار آهن اهي ماڻهو گناه ۽ نافرماني تي چميل آهن ۽ ظاهر داري ۽ نفاق جي بنياد تي هڪٻئي سان صلح ۽ صفائي رکن ٿا انهن جا جوان بد اخلاق انهن جا پوڙها گنهگار انهن جا عالم منافق ۽ انهن جا واعظ چاپلوس آهن نہ وري ننديا وڏن جي تعظيم ڪن ٿا، ۽ نہ دولت مند فقير ۽ محتاج جي مدد ڪن ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 233: ماڻھن جو اختلاف

ذعلبِ يماني، ابن قتيبہ کان ۽ ان عبدالله ابن يزيد کان ۽ هن مالڪ ابن وَحيہ کان روايت ڪئي آهي، تہ انهن چيو تہ اسين جناب امير المومنين جي خدمت ۾ حاضر هئاسون تہ ماڻهن جو اختلاف (صورت ۽ سيرت ) جي ذڪر تي نڪتو، تڏهن پاڻ فرمايائين تہ : انهن جي ابتدائي عادتن منهجن جدائي عليحدگي پيدا ڪئي آهي ۽ اها انهي طرح جو هو نمڪين ۽ شيرين زمين ۽ سخت۽ نرم مٽي مان پيدا ٿيا آهن جنهن ڪري هو زمين جي قرب جي لحاظ کان متفق بہ ٿين ٿا ۽ اختلافن جي مناسبت سان پاڻ ۾ اختلاف بہ ڪن ٿا، ( هنن ۾ ائين بہ ٿين ٿا تہ) نيڪ صورت انسان عقل ۾ ناقص ۽ بلند قامت ماڻهو پست همت ٿين ٿا ۽ نيڪو ڪار بد صورت ۽ ننڍڙي قد وارو دوانديش ٿئي ٿو، ۽ نيڪ طبعيت ۽ فطرت وارو برين عادتن جي پٺيان لڳي ٿو، ۽ پريشان دل وارو عقل ۾ منتشر۽ روان زبان وارو هوشمند دل رکي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبه 234: رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن کي غسل ۽ ڪفن ڏيڻ وقت

رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جن کي غسل ۽ ڪفن ڏيڻ وقت فرمايائين ته:

يا رسول الله ؛ منهنجا ماء پيء توهان تان قربان ٿين توهان جي رحلت فرمائڻ سان نبوت، خدائي احڪام ۽ آسماني خبرن جو سلسو بند ٿي ويو جيڪو ڪنهن ٻئي (نبي ) جي انتقال ڪرڻ ڪان بند نه ٿيو هو، (توهان) هن مصيبت ۾ پنهنجي اهلبيت کي مخصوص ڪيو، تانجو توهان ٻين جي غمن ڪان تسلي ڏئي ڇڏي ۽ (هن غم کي) به عام ڪري ڇڏيو ۽ سيئي ماڻهو توهان جي (ماتم ۾) برابر جا شريڪ آهن جيڪڏهن توهان صبر جو حڪم ۽ ناله و فرياد ڪان نه روڪيو ها ته اسان توهان جي غم ۾ ڳوڙهن جو سمورو ذخيرو ختم ڪريون ها ۽ هي درد احسان مڃڻ وارو علاج نه ٿئي ها ۽ اهو غم ۽ حزن ساٿ نه ڇڏين ها (ته پوء به) اهو رئڻ ۽ آه و زاري ۽ رنج و غم توهان جي مصيبت جي مقابلي ۾ گهٽ ٿئي ها ليڪن موت اهڙي شيء آهي جنهن جو موٽائڻ اختيار ۾ نه آهي ۽ نه وري ان کي دور ڪرڻ وَس ۾ آهي منهنجا ماء پيء توهان تان نثار ٿين اسان کي به پنهنجي پروردگار وٽ ياد ڪجو ۽ اسان جو به خيال ڪجو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 235: هجرت کانپوءِ پنهنجي ڪيفيت

هن خطبي ۾ پيغمبر صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي هجرت کانپوءِ پنهنجي ڪيفيت ۽ وري حضور جن تائين پهچڻ ، جي حالت جو بيان فرمايل آهي : آءُ رسول الله صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي راه تي روانو ٿيس ، ۽ سندن ذڪر وارن خطن تي قدم رکندو عَرَج واري مقام تائين پهچي ويس.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 236: ابو موسيٰ ۽ عمروابن عاص جي باري ۾

ٻن ثالثن ( ابو موسيٰ ۽ عمروابن عاص )جي باري ۾ ۽ پڻ شام وارن جي مذمت ۾ فرمايائين تہ :

اهي تندخوء آوارہ، ڪمينا ۽ بد قسم جا آهن ، جيڪي هر طرف کان گڏ ڪيا ويا آهن ، ۽ مخلوط نسب ماڻهن مان چونڊيا ويا آهن . اهي انهن ماڻهن مان آهن جيڪي جهالت جي بنياد تي ان لائق آهن تہ انهن کي ( اجا اسلام جي متعلق ) ڪجھ پڙايو وڃي، ۽ تهذيب پڻ سيکاري وڃي، ۽ ( چڱائي ۽ برائي جي تعليم ) ڏني وڃي، ۽ ( عمل جي ) مشق ڪرائي وڃي، ۽ انهن تي ڪنهن نگهبان کي رکيو وڃي ، جيڪو انهن کي هٿ کان جهلي هلائيندو هلي ، نہ ، تہ اهي مهاجر آهن ۽ نہ انصار ، ۽ نہ انهن ماڻهن مان آهن ، جيڪي مديني ۾ رهندڙ هئا.

ڏسو ! شام وارن تہ پنهنجي لاء اهڙي شخص کي منتخب ڪيو آهي ، جيڪو انهنجي وڻندڙ مقصدن جي نهايت قريب آهي، ۽ توهان اهڙي شخص کي چونديو آهي ، جيڪو توهان جي نہ وڻندڙ مقصدن کي انتهائي ويجهو آهي . توهان کي عبد الله ابن قيس ( ابو موسي )جو ڪالهو ڪو وقت ياد هوندو ،( جو هو چوندو وتي پيو ) تہ " هي جنگ فتنو آهي ، تنهن ڪري پنهنجي ڪمانن جي چلن کي پڇي ڇڏيو ، ۽ تلوارن کي مياڻ ۾ رکي ڇڏيو " جيڪڏهن هو پنهنجي ان قول ۾ سچو هجي ها ، تہ (اسان سان گڏ( يڪدم اٿي هلڻ ۾ خطاڪار آهي ، جڏهن تہ ان تي ڪو بہ جبر نہ آهي، ۽ جيڪڏهن ڪوڙو هو ، تہ (ان تي توهان کي ) بي اعتباري هئڻ گهرجي . تنهن ڪري عمرو بن عاص کي ڌڪي ڪيڻ لاء عبد الله ابن عباس کي منتخب ڪريو . هنن ڏينهن جي مهلت غنيمت سمجهو ۽ اسلامي ( شهرن جي ) سرحدن کي گهيرو ڪريو . ڇا توهان پنهنجي شهرن کي نٿا ڏسوٰ تہ انهن تي حملا ٿي رهيا آهن ، توهان جي قوت ۽ طاقت کي نشانو بڻايو پيو وڃي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 237: آل محمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم جو بيان

هن ۾ آل محمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم جو بيان فرمايل آهي:

هو علم جي لاء حيات جا سبب ۽ جهالت جي لاء موت جا ڪارڻ آهن . انهن جو حلم ، سندن علم جو ۽ انهن جو ظاهر سندن باطن جو ۽ انهن جي خاموشي سندن ڪلام جي حڪمتن جي خبر ڏدائي ٿي. هو نہ حق جي خلاف ورزي ڪن ٿا ۽ نہ وري ان ۾ اختلاف پيدا ڪن ٿا. هو اسلام جا ٿنيا ۽ بچاء جا هنڌ آهن هنن جي ئي سببان حق پنهنجي اصلي مقام تي موٽي آيو ، ۽ باطل پنهنجي جاء تان هٽي ويو ، ان جي زبان پاڙئون پٽجي وئي . هنن دين کي سمجهي ان تي عمل ڪري ان کي سڃاتو ، نہ فقط نقل ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي سببان ان کي سمجهو آهي .ائين تہ علم جا راوي گهڻا ئي آهن ، مگر ان تي عمل ڪرڻ وارا ۽ ان جي سنڀال ڪرڻ وارا گهٽ آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 238: عمل جي مهلت

اعمال بجا آڻيو اجا جڏهن توهان زندگي جي فراخي ۽ وسعت ۾ آهيو اعمال نامہ کليل ۽ توبہ جو دامن ڦهليل آهي الله کان منهن ڦيرائڻ وارن کي سڏيو پيو وڃي ۽ گنهگارن کي اميد ڏياري پئي وڃي تنهن کان اڳ جو عمل جي روشني گل ٿي وڃي ۽ مهلت هٿن مان نڪري وڃي ۽ مدت ختم ٿي وڃي ۽ توبہ جو دروازو بند ٿي وڃي ۽ ملائڪ آسمان تي چڙهي وڃن.

سو گهرجي تہ انسان خود پاڻ کان پنهنجي خاطر ۽ جيئري کان مردي لاءِ ۽ فاني کان باقي جي خاطر ۽ گذري ويل زندگي کان هميشہ واري زندگي لاءِ فائدو ۽ نفعو حاصل ڪري، اهو انسان ، جنهن کي ڪنهن مدت تائين حياتي ڏني وئي آهي ، ۽ پڻ عملن ڪرڻ لاءِ ڪين مهلت بہ مليل آهي ، تنهن کي الله کان ڊڄڻ گهرجي . مرد اهو آهي ، جيڪو پنهنجي نفس کي لغام چاڙهي ۽ ان جون واڳون ڇڪي پنهنجي قابو ۾ رکي ، ۽ لغام جي ذريعي ان کي الله جي نافرمانين کان روڪي ، ۽ ان جون واڳون جهلي الله جي اطاعت جي طرف ان کي ڇڪي وڃي.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 239: پنهنجي اصحابن کي تياري جو حڪم

پنهنجي اصحابن کي تياري جو حڪم

الله تعالي توهان کان شڪر جي ادا ڪرڻ جو طلبگار آهي ۽ توهان کي پنهجي اقتدار جو مالڪ بڻايو آهي ۽ توهان کي هن (زندگي جي) محدود ميدان ۾ مهلت بہ ڏني ڇڏي آهي تہ جيئن سبقت (واڌاري) جي انعام حاصل ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي کان وڌڻ جي ڪوشش ڪريو، ڇيلهيون مضبوطي سان ڪشي ڇڏيو، ۽ قرڻ واري دامن کي جهليو، بلند همتي ۽ دعوتن جي خواهش گڏ ٿيون هلي سگهن رات جي گهري ننڊ ڏينهن جي معاملن ۾ وڏي ڪمزوري پيدا ڪرڻ واري آهي ۽ (ان جون) گهگهه اونداهيون همت ۽ جرئت جي ياد کي نهايت ختم ڪرڻ واريون آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ 240: عبد الله ابن عباس ان جو خط کٽي...

جن ڏينهن ۾ عثمان بن عفان محاصري ۾ هو . تڏهن عبد الله ابن عباس ان جو خط کٽي جناب امير المومنين عليہ السلام وٽ آيو ، جنهن ۾ پاڻ خواهش ڪيائين تہ توهان پنهنجي جاگير "ينبع" جي طرف هليا وڃو ،تہ جيئن خلافت جي لاء حضرت ( علي )جو نالو پڪاريو وڃي ، سو تنهن ۾ ڪجھ ڪمي ايندي، ۽ هو اهڙي درخواست پهرين بہ ڪري چڪو هو. جنهن تي امير المومنين ابن عباس کي فرمايو تہ :

اي ابن عباس! عثمان تہ بس اهو ئي چاهي ٿو ، تہ هو مونکي پنهنجو اجايل اٺ بڻائي، جيڪو پاڻي جي ڏول سان ڪڏهن اڳتي وڌي ٿو . ۽ ڪڏهن پنتي هٽي ٿو. هن پهرين بہ اهو پيغام موڪليو هو. تہ آء مديني مان نڪري ٻاهر وڃان ، ۽ ان کان پوء وري ائين چوائي موڪليائين ، تہ آء موٽي اچان . هاڻي وري اهو پيغام موڪلي ٿو ، آء هتان هليو وڃان ، ( جيسيتائين مناسب هو ) مون هن کي بچايو ، ليڪن هاڻي تہ مون کي ڊپ آهي تہ ( هن جي مدد ڪرڻ سان ) ڪٿي آء گنهگار نہ ٿي وڃان.



Presented by Ziaraat.Com

# خَطَ



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 1: جيڪو مديني ڪان بصري ڏانهن رواني ٿيڻ وقت...

جيڪو مديني ڪان بصري ڏانهن رواني ٿيڻ وقت، ڪوفي وارن جي وارن جي نالي تحرير فرمايو ويو

الله جي بندي علي، امير المومنين جي طرفان ڪوفي وارن جي نالي، جيڪي مددگارن مان سر ڪڍڻ وارا ۽ سرڪش ڪٺڻ وارا ۽ سرڪش ۽ عرب قوم ۾ بلند نالي وارا آهن. آءُ "عثمان" جي معاملي ۾ توهان کي اهڙي طرح آگاهه ڪريان ٿو، ته جيئن ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۾ ڪو فرق نه رهي. ماڻهن هن تي اعتراض ڪيا، ۽ مهاجرن مان هڪ آءُ ئي اهڙيو هوس، جو زياد کان زياده ڪوشش ڪري رهيو هوس، ته هن جي مرضي جي خلاف ڪا به ڳالهه نه ٿئي، ۽ شڪوه به گهٽ ڪري رهيو هوس، البته هن جي باري ۾ طلحه ۽ زبير جي هلڪي کان هلڪي رفتار به تيز کان تيز هئي، ۽ نرم کان نرم آواز پڻ ڪُهرو ۽ سختي وارو هو، ۽ هن تي عائشه کي به بي تحاشا گهڻو عضو هو، جنهن ڪري هڪ گروهه آماده ٿيو، ۽ ان کيس قتل ڪري وڌو، ۽ ماڻهن منهنجي بيعت ڪئي. اهڙي طرح جو انهن تي نه ڪا زبردستي ڪئي وئي، ۽ نه وري ڪو انهن کي مجبور ڪيو وييو هو، بلڪ هنن رغبت ۽ اختيار سان ائين ڪيو.

۽ توهان کي معلوم هئڻ گهرجي، ته دارالهجرت (مدينه) پنهنجي رهندڙ کان خالي ٿي ويو آهي، ۽ اتي جي رهاڪن جا قدم اکڙهي چڪا آهن، ۽ اهو (شهر) ديڳ وانگر ٽهڪي رهيو آهي، ۽ فتني جي چڪي هلي رهي آهي، تنهن ڪري پنهنجي امير جي طرف تيزيءَ سان وڌو، ۽ پنهنجي دشمنن سان جهاد ڪرڻ لاءِ ستت ئي نڪري ڪڙا ٿيو.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 2: جيڪو بصره جي فتح ڪان پوءِ، ڪوفہ وارن...

جيڪو بصره جي فتح ڪان پوءِ، ڪوفہ وارن ڏانهن تحرير فرمايل آهي:

الله تعالي توهان شهر وارن کي، توهان جي نبي جي اهلبيت جي طرفان بهتر ڪان بهتر اهو اجر ڏئي، جيڪو اطاعت ڪندڙن، ۽ پنهنجي نعمتن تي شڪر ڪندڙن کي عطا ڪندو آهي.

توهان منهنجو آواز ٻڌو ۽ اطاعت لاءِ آماده ٿيا، ۽ توهان کي سڏيو ويو، تہ توهان لبيڪ چوندا اٿي کڙا ٿيا.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 3: جيڪو پاڻ شريح ابن حارث، ڪوفہ جي قاضي...

جيڪو پاڻ شريح ابن حارث، ڪوفہ جي قاضي لاءِ تحرير فرمايو:

روايت آهي، تہ امير المومنين جي قاضي شريح ابن حارث، سندس دؤر خلافت ۾ هڪ جڳهہ اسي (80) دينارن ۾ خريد ڪئي. حضرت کي ڪا اها خبر پئجي وئي، تڏهن کيس گهرائي فرمايائين تہ:

مون کي اطلاع مليو آهي، تہ تو هڪ جڳهہ اسي (80) دينارن ۾ خريد ڪئي آهي. ۽ دستاويز بہ تحرير ڪيو آهي، جنهن ۾ شاهدن جون شاهديون پڻ ڏنل آهن؟ شريح چيو تہ يا امير المومنين! ها برابر ائين ئي آهي. (راوي چئي ٿو تہ) انهيءَ تي امير المومنين شريح کي ڪاوڙ جي نظر سان ڏسي فرمايو، تہ ڏس! جلد ئي هو (ملڪ الموت) تو وٽ ايندو، جيڪو نہ دستاويز ڏسندو، ۽ نہ توکان گواهن بابت پڇندو، ۽ هو تنهنجو بسترو ٻڌرائي، هتان ڪڍي ٻاهر روانو ڪندو، ۽ قبر ۾ اڪيلو توکي ڇڏيندو. اي شريح ڏس! ائين تہ نہ آهي جو تو، ان گهر کي ٻين جي مال مان خريد ڪيو آهي؟ يا حرام جي ڪمائي مان قيمت ادا ڪئي اٿئي؟ جيڪڏهن ائين آهي، تہ پوءِ سمجهي ڇڏ، تہ تو پنهنجي هيءَ دنيا بہ وڃائي ۽ آخرت بہ. ڏس! ان (جڳهہ) جي خريداري وقت جي تون مون وٽ اچين ها، تہ آءُ انهيءَ وقت تنهنجي لاءِ هڪ اهڙو دستاويز لکان ها، جو تون هڪ درهم، بلڪ ان کان بہ گهٽ (قيمت) ۾ ان جڳهہ جي خريد ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿين ها.

اهو دستاويز هي آهي:

هي اها (جڳهہ) آهي، جيڪا هڪ ذليل بندي، هڪ اهڙي بندي کان خريد ڪئي آهي، جيڪو آخرت جي سفر لاءِ تيار آهي. هي هڪ اهڙو گهر آهي، جيڪو فريب سان ڀريل واري دنيا ۾ مرڻ وارن جي محلي ۽ برباد ٿيڻ وارن جي خطي ۾ واقع اهي، جنهن جون چار حدون هي آهن:

پهرين حد آفتن جي سامان سان مليل آهي، ٻي حد مصيبتن جي سامان سان مليل آهي، ٽين حد برباد ڪرڻ وارين نفساني خواهشن تائين پهچي ٿي ۽ چوٿين حد گمراهہ ڪرڻ واري شيطان سان تعلق رکي ٿي، ۽ انهيءَ حد ۾ ان جو دروازو کلي ٿو. ان اميدن ۽ آرزوئن جي فريب کاڌل، ان شخص کان گهر خريد ڪيو



Presented by Ziaraat.Com

آهي، جنهن کي موت ڏڪي رهيو آهي، ۽ اهڙي قيمت تي جو هن قناعت جي عزت تان هٿ کڻي ڇڏيو آهي ۽ خواهشن ۽ طلبن جي ذلت ۾ وڃي پيو آهي.

هاڻي جيڪڏهن ان سودي ۾ خريدار کي ڪو نقصان پهتو، ته اهو ان هستي جي ذمي آهي، جيڪو بادشاهن جي جسمن کي هيٺ مٿي ڪرڻ وارو آهي، جيڪو نافرمانن ۽ مغرورن جي ساهه ڪڍڻ وارو آهي، ۽ جيڪو ڪسرىٰ ۽ قيصر ۽ تسع... ۽ حمير جهڙن فرمانروائن جي سلطنتن کي اونڌي ڪرڻ وارو آهي، ۽ دولت گڏ ڪري ان کي وڌائڻ وارن، ۽ وڏن وڏن محلن بنائڻ وارن، ۽ انهن کي سينگارڻ وارن، ۽ انهن ۾ فرش فروش وڇائڻ وارن، ۽ اولاد جي لاءِ ذخيرا (دولت) گڏ ڪرڻ وارن، ۽ جاگيرن بنائڻ وارن کان سيڪجهه کسڻ واري جي ذمي آهي. اهو (موت) انهن سڀني کي وٺي، حساب و ڪتاب ڏيڻ واري جڳهه ۽ عذاب و ثواب جي محل ۾ ڪڙو ڪندو. ان وقت جڏهن حق ۽ باطل جو پورو پورو فيصلو ڏيندو، ۽ باطل وارا اتي خساري ۾ ڏيندا. ان تي عقل گواهه ڏيندو، جڏهن اهو خواهشن جي ڳنڍين کان جدا ۽ دنيا جي وابستگين کان آزاد هجي.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 4: هڪ لشڪر جي سالار جي نالي

هڪ لشڪر جي سالار جي نالي:

جيڪڏهن هو اطاعت جي ڇانئُن ۾ موٽي اچي، ته اهو ته اسين ائين چاهيون ٿا، ۽ جيڪڏهن انهن جو ٽانجيون رڳو بغاوت ۽ نافرمانين تي چڙهي پون، ته توهان فرمانبردارن کي وٺي نافرمانن جي طرف ڪاهي پئو، ۽ جيڪو توهان جو مددگار توهان سان گڏ آهي، تنهن جي هوندي توهان منهن موڙن وارن جي پرواهه نه ڪريو، ڇاڪاڻ ته جيڪو بد دلي وارو گڏ هجي، تنهن جو نه هجڻ ئي هجڻ کان بهتر آهي، ۽ انجو ويٺو رهڻ، ان جي اٿي بيهڻ کان زياد مفيد ثابت سگهي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 5: اشعث ابن قيس آذر بائيجان جي حاڪم نالي

اشعث ابن قيس آذر بائيجان جي حاڪم نالي:

هي عهدو تنهنجي لاءِ ڪو معمولي ٽورو ڪاڏو نہ آهي، بلڪ اهو تنهنجي گردن ۾ هڪ امانت جو ڳٽ آهي، ۽ تون پنهنجي بالا حڪمران جي طرفان حفاظت تي مامور آهين توکي اهو حق نہ آهي، تہ رعيت جي معاملي ۾ جيڪي ڪجھ چاهين، سو ڪري گذرين. خبردار! ڪنهن مضبوط دليلي ڪانسواءِ ڪنهن وڏي ڪم ۾ هٿ نہ وجهندو ڪر! تنهنجي هٿن ۾ خدا ۽ بزرگ و برتر جي مالن مان هڪ مال آهي. ۽ تون ان مال جو ان وقت تائين خزانچي آهين، جيستائين اهو منهنجي حوالي نہ ڪرين.

بهرحال آءُ غالباً تنهنجي لاءِ برو حڪمران تہ نہ آهيان. و السلام



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 6: معاويہ ابن ابي سفيان جي نالي

معايہ ابن ابي سفيان جي نالي:

جن ماڻهن ابوبڪر، عمر ۽ عثمان جي بيعت ڪئي هئي، تن منهنجي هٿ تي بہ انهي اصول جي مطابق بيعت ڪئي، جنهن اصول تي هو انهن جي بيعت ڪري چڪا هئا، ۽ انهي بنا تي جيڪو حاضر اهي، تنهن کي نظر ثاني ڪرڻ جو ڪو حق ناهي، ۽ جيڪو بر وقت موجود نہ هجي، تنهن کي بہ رد ڪرڻ جو اختيار نہ آهي. ۽ شوریٰ جو حق فقط مهاجرن ۽ انصارن کي آهي. اهي جيڪڏهن ڪنهن ڳالھ تي اتفاق ڪن، ۽ ان کي خليفو سمجهن، تہ ان ۾ الله جي رضا ۽ خوشنودي سمجهي ويندي. هاڻي جيڪڏهن ڪو ان جي شخصيت تي اعتراض يا نئون نظريو اختيار ڪندي جدا ٿي وڃي، تہ ان کي اهي سيئي انهيءَ طرف واپس آڻيندا، جنهن طرف کان هو باغي ٿيو آهي. ۽ جيڪڏهن هو اڃان بہ انڪار ڪري، تہ ان سان وڙهو، ڇو جو هو مومنن جي طريقي تان هٽي ٻي راھ تي وڃي بيٺو آهي، ۽ جتان هو ڦري ويو آهي، الله تعالیٰ بہ ان کي اوڏانهن ئي ڦيري ڇڏيندو.

اي معاويہ! مونکي پنهنجي جان جو قسم! تہ جيڪڏهن تون پنهنجي نفساني خواهشن کان هٽي عقل سان ڏسندين، تہ سيني ماڻهن کان زياد مون کي عثمان جي خون کان بري سمجهندين، پر تون تہ بهتان لڳائي، اصل ڳالهين تي پردو وجهي رهيو آهين. والسلام



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 7: معاويہ ابن ابي سفيان جي نالي

معاويہ ابن ابي سفيان جي نالي:

تنهنجو بي جوڙ نصيحتن جو مجموعو، ٺهيل ٺڪيل خط مون کي پهتو، جنهن کي پنهنجي گمراهي جي بنا تي تو لکيو آهي، ۽ پنهنجي بي عقلي سببان موڪليو، هي هڪ اهڙي شخص جو خط آهي جنهن کي نہ روشني نصيب آهي، جيڪا ان کي سڌي راهہ ڏيکاري، ۽ وري ڪو رهبر ئي اٿس، جو ان کي صحيح رستي تي آڻي. جنهن کي نفساني خواهش پڪاريو، تہ هو لبيڪ چئي اٿيو، ۽ گمراهي ان جي رهبري ڪئي، تہ هو ان جي پٺيان لڳي پيو، ۽ بيهودي بڪواس ڪندي پهريون قول بڪڻ لڳو ۽ بي راهہ ٿيندي، ڀٽڪندو رهيو.

هن مڪتوب جو هڪ هي بہ حصو آهي:

ڇو جو هي بيعت هڪ ئي دفعو ٿيندي، ۽ نہ وري ان ۾ ڪا نظر ثاني جي گنجائش ٿئي ٿي ۽ نہ وري چونڊ ٿي سگهي ٿي. ان کان منحرف ٿيڻ وارو، اسلامي نظام تي معترض سمجهو وڃي ٿو ۽ غور ۽ فڪر کان ڪم وٺڻ وارو منافق سمجهو ويندو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 8: جڏهين جرير ابن عبد الله بجلي کي معاويہ ڏي موڪليائين ۽ هن موٽي اچڻ ۾...

جڏهين جرير ابن عبد الله بجلي کي معاويہ ڏي موڪليائين ۽ هن موٽي اچڻ ۾ دير ڪئي، تڏهن کيس لکيائين تہ:

منهنجو خط ملندي ئي معاويہ کي ہموزون فيصلي تي آماده ڪر ۽ ان لي کنهن آخري ۽ قطعي راءِ جو پابند بڻاءِ ۽ ٻن ڳالهين مان هڪ کنهن بہ هڪ ڳالھ جي اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪر يعني گهر کان بي گهر ڪرڻ واري جنگ يا خوار ڪرڻ صلح ۔ جيڪڏهن هو جنگ کي اختيار ڪري، تہ سمورا تعلقات ۽ گفت و شنيد ختم ڪري ڇڏ ۽ جيڪڏهن صلح چاهي، تہ کائنس بيعت وٺ. والسلام



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 9: معاويہ جي نالي

معاويہ جي نالي

اسان جي قوم ( قريش) اسان جي نبي کي قتل ڪرڻ ۽ اسان جي جڙ اکيڙي اڇلائڻ جو ارادو ڪيو ۽ اسان جي لاءِ غمن ۽ ڏکن جو سامان مهيا ڪيو ۽ خراب کان خراب ورتاءُ اسان سان روا رکيائون. اسان کي آرام ۽ راحت کان روڪيو ويو ۽ مستقل طور تي خوف ۽ دهشت جي سامهون ڪيو ويو ۽ هڪ سخت پٿريلي ۽ ناهموار پهاڙ ۾ پناه وٺڻ تي مجبور ڪيو ويو بلڪ اسان جي لاءِ جنگ جي باھ ڀڙڪائي وئي، مگر الله تعالىٰ اسان کي عمت عطا فرمائي. تہ جيئن اسين پيغمبر جن جي دين جي حفاظت ڪريون ۽ سندن حرمت واري دامن تي داغ اچڻ نہ ڏيون. اسان جا مومن انهن سختين جي سببان ثواب جا اميدوار هئا ۽ اسان جا ڪافر، مائٽي جي سببان بہ حمايت ضروري سمجهندا هئا پر قريش وارن مان جن ماڻهن ايمان آندو هو، اهي اسان تي ايندڙ مصيبتن کان، ڪوهن جا ڪوه پري هئا. انهيءَ عهد و پيمان جي سببان جيڪي انهن جي حفاظت ڪندا هئا يا ان قبيلي جي ڪري، جيڪو انهن جي حفاظت لاءِ اٿي کڙوٿيندو هو، تنهن ڪري هو، قتل کان محفوظ هئا ۽ رسالت مآب جن جو اهو طريقو هو تہ جڏهن جنگ جا شعلا ڀڙڪي اٿندا هئا ۽ ماڻهن جا قدم پوئتي هٽڻ لڳندا هئا، تڏهن پيغمبر صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن، پنهنجي اهلبيتن کي اڳتي وڌائي ڇڏيندا هئا. ۽ اهڙي طرح انهن کي سينو سپري ڪري، اصحابن کي نيزي ۽ تلوار جي مار کان بچائيندا هئا جهڙوڪ: عبيده ابن حارث بدر ۾، حمزه احد ۾، جعفر موتہ واري جنگ ۾ شهيد ٿي ويا، هڪ ٻيو شخص بہ جيڪڏهن آءُ چاهيان تہ ان جو نالو وٺي سگهان ٿو، جنهن انهن شخصيتن وانگر شهيد ٿيڻ چاهيو، ليڪن انهن جون عمريون تہ جلد پوريون ٿي يوين، ۽ موت انهن جي پويان ڪاهي پيو.

هن ابتي رفتار واري زماني تي حيرت ٿئي ٿي. جو مون سان گڏ اهڙن جا نالا ورتا وڃن ٿا، جن جدوجهد واري ميدان ۾ مون جهڙي تيزي ڪڏهن بہ نہ ڏيکاري، ۽ نہ وري مون جهڙيون قديمي اسلامي خدمتون ڪيون، سي بہ اهڙيون خدمتون جن جهڙو ڪو مثال پيش نتو ڪري سگهي، مگر ائين تہ ڪو مدعي، اهڙي ڳالھ جي دعوىٰ ڪري ويهي، جنهن کي آءُ نتو ڄاڻان ، ۽ آءُ نتو سمجهان، تہ الله تعالىٰ ان کي ڄاڻندو هوندو، ( يعني ڪجھ بہ هجي تہ هو بہ ڄاڻي) بهرحال الله تعالىٰ جو شڪر آهي.



Presented by Ziaraat.Com

اي معاويه ! تنهنجو اهو جيڪو مطالبو آهي، ته آءٌ عثمان جي قاتلن کي تنهنجي حوالي ڪريان ، سو مون ان تي هر پهلو کان غور ۽ ويچار ڪيو، ۽ انهيءَ نتيجي تي پهتس ته انهن کي تنهنجي يا توکان سواءِ ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪرڻ، سو منهنجي اختيار کان ٻاهر آهي، ۽ مون کي پنهنجي جان جو قسم! ته جيڪڏهن تون پنهنجي گمراهي ۽ انتشار پسندي کان باز نه ايندين، ته نهايت جلد ئي انهن کي سڃاڻي وٺندين، اهي خود تو کي ڳوليندا ايندا ۽ تو کي جهنگلن، دريائن، پهاڙن ۽ ميدانن ۾ ڪين ڳولڻ جي تڪليف نه ڏيندا، مگر اهو هڪ اهڙو گهربل مقصد هوندو، جنهن جو حاصل ڪرڻ تنهنجي لاءِ ناگواري جو باعث ٿيندو، ۽ اهي اچڻ وارا اهڙا هوندا جن جون ملاقاتيون تو کي خوش ڪري نه سگهنديون، سلام ان تي ، جيڪو سلام جي لائق هجي.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 10: معاويہ ڏانهن

تون ان وقت ڇا ڪندين، جڏهن دنيا جا هي لباس جن ۾ تون ڍڪيل آهين، سي تو تان لهي ويندا، هي دنيا جيڪا پنهنجي ٺاهه جوڙ ۽ سينگار جي چمڪ ڏيکاري ٿي، ۽ پنهنجي نشي واري مزي سان ورغلائي ٿي، جنهن تو کي سڏيو، تہ تو لبيڪ چيو.هن تو کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو، تہ تون ان جي پويان لڳي پئين، ۽ هن تو کي حڪم ڪيو، تہ تون ان جي پيروي ڪئي، اهو وقت پري نہ آهي، جو ٻڌائڻ وارو تو کي انهن ڳالهين کان آگاهہ ڪندو، جن کان ڪا بہ ڍال تو کي بچائي نہ سگهندي، تنهن ڪري انهيءَ دعوىٰ کان باز اچ. حساب و ڪتاب وارو سامان تيار ڪر ۽ اچڻ واري موت جي لاءِ ڦرڻ واري دامن ڪري، تيار ٿي ويهہ ۽ گمراهن جي ڳالهين تي ڪن نہ ڏي، جيڪڏهن تو ائين نہ ڪيو، تہ پوءِ آءٌ تنهنجي غفلتن تي تو کي ( ڌونڌاڙي) تنبيهہ ڪندس، تون عيش و عشرت ۾ پيو آهين، شيطان تو کي گرفت ۾ قابو ڪري ورتو آهي. جيڪو تنهنجي باري ۾ پنهنجون خواهشون پوريون ڪري چڪو آهي، جيڪو تنهنجي اندر ۾ روح وانگر اثر ڪري ويو آهي ۽ رت وانگر ( تنهنجي رڳ رڳ ۾) دورو ڪري رهيو آهي.

اي معاويہ! ڀلا توهان ماڻهو ( اميہ جو اولاد) ڪڏهن رعيت تي حڪمراني جي صلاحيت رکندا هئا؟ ۽ ڪڏهن امت جي معاملن جا والي ۽ سرپرست هئا؟ اسين سواءِ ڪنهن پيشقدمي ۽ سواءِ ڪنهن بلند عزت ۽ منزلت جي، ديرينہ بد بختين جي طلب کان، الله تعالىٰ کان پناهہ گهرون ٿا، آءٌ ان ڳالهہ تي تو کي تنبيهہ ڪريان ٿو، تہ تون هميشہ خواهشن جا فريب تي فريب کائين ٿو ۽ تنهنجو ظاهر باطن کان جدا رهي ٿو.

تو مون کي جنگ لاءِ للڪاريو آهي، تہ پوءِ ائين ڪر جو ماڻهن کي هڪ پاسي ڪر ۽ تون پاڻ ( منهنجي مقابلي ۾) باهر نڪري اچ. ٻنهي گروهن کي خون خرابي کان معافي ڏي. تہ جيئن خبر پئي، تہ ڪنهن جي دل تي ڪٽ جا تهہ چڙهيل آهن ۽ اکين تي پردا پيل آهن. آءٌ ( ڪو ٻيو نہ آهيان) اهو ئي ابو الحسن آهيان ، جنهن تنهنجي ناني، تنهنجي ماممن ۽ تنهنجي ڀاءُ جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري اڏائي بدر جي ڏينهن ماري ڇڏيا هئا، اها ئي تلوار هينئر بہ مون وٽ آهي ، ۽ انهيءَ دل ۽ جگر سان هاڻي بہ دشمن سان مقابلو ڪريان ٿو، نہ مون دين بدلايو آهي ۽ نہ وري ڪو نئون نبي کڙو ڪيو اٿم، ۽ آءٌ تحقيق انهيءَ نيڪ راهہ تي آهيان جنهن کي تو پنهنجي اختيار سان ڇڏي ڏنو آهي، وري مجبوري سان ان ۾ داخل ٿئين، ۽ تون ائين ظاهر ڪرين ٿو تہ ڇڻڪ تون عثمان جي خون جي بدلي وٺڻ لاءِ اٿيو آهي حالانڪ تو کي چڱي



Presented by Ziaraat.Com

طرح معلوم آهي. ته ان جو خون ڪنهن جي سر تي آهي؟ جيڪڏهن واقعي بدلو وٺڻ منظور اٿئي، ته وڃي انهيءَ کان وٺ،هاڻي ته اهو ( اڇڻ وارو) منظر منهنجي اکين اڳيان ڦري رهيو آهي، جڏهن جنگ تو کي ڏندن سان ڪائي رهي هوندي، ۽ تون اهري طرح ڇيچلائيندو هوندين ، جهڙي طرح ڳري بار کان اٺ رَنيندا آهن، ۽ تنهنجي جماعت تلوار سان گهڙي گهري قتل ٿي سرن تي لامارا هڻڻ واري قضا ۽ لاشن جا ڍير لڳي وڃڻ کان گهبرائجي دڇي، مون کي الله جي ڪتاب جي طرف دعوت ڏئي رهي هوندي، حالانڪ اهي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي ڪافر ۽ حق جا منڪر آهن، يا بيعت ڪرڻ کان پوءِ ان کي ٽوڙڻ وارا آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 11: دشمن جي طرف موڪليل لشڪر کي...

دشمن جي طرف موڪليل لشڪر کي، هي هدايتون فرمايائين:

جڏهن توهان دشمن ڏي وڌو، يا دشمن توهان جي طرف وڌي، تڏهن توهان جي منزل مٿانهين دڙن جي اڳيان يا پهاڙ سان گڏ يا واري مٿانهين زمين يا نهرن جي موڙ ۾ هئڻ گهرجي، ته جيئن اهي ڳالهيون توهان جي لاءِ پشت پناهي ۽ روڪ جو ڪم ڏين، ۽ جنگ فقط هڪ طرف کان يا (وڌ ۾ وڌ) ٻن طرفن کان هئڻ گهرجي، ۽ پهاڙن جي چوٽين ۽ مٿانهين دڙن جي بلند سطحن تي محافظن کي ويهاريو، ته جيئن دشمن ڪنهن خوفائتي طرف کان يا اطمينان واري هنڌان (اوچتو) نه اچي ڪڙڪي، ۽ هي ڳالهه ياد رکو، ته فوج جو پهريون دستو، فوج جو خبر ڏيندڙ ٿئي ٿو، ۽ وري انهيءَ اڳئين دستي کي اطلاعات، انهن خبرن ڏيندڙ کان حاصل ٿين ٿيون (جيڪي اڳتي وڌي جاسوسي ڪندا آهن) ڏسو! ڇڙو ڇڙ ٿيڻ کان بچندا رهجو، لهو ته گڏ ٿي لهو ۽ جي ڪوچ ڪريو، ته اهو به گڏجي ڪريو، ۽ جڏهن رات توهان تي پئجي وڃي، تڏهن نيزن کي (پنهنجي چوڌاري) کوڙي، هڪ دائرو ٺاهيو، ۽ فقط ننڊ جي جهوٽي کائڻ ۽ هڪ اڌ اکين چنيڻ کانسواءِ ننڊ جو مزو نه چکيو.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 12: جڏهن معقل ابن قيس رياحي کي ٽن هزارن جي هر اول دستي...

جڏهن معقل ابن قيس رياحي کي ٽن هزارن جي هر اول دستي سان "شام" ڏي روانو ڪيائين، تڏهن هيءَ هدايت فرمايائين:

ان الله کان ڊڄندا رهجو، جهنجي روبرو پيش ٿيڻ لازمي آهي. جنهن کان سواءِ توهان جي لاءِ ڪا ٻي آخري منزل نہ آهي، جيڪو توهان سان جنگ ڪري، تنهن کان سواءِ ٻئي سان جنگ نہ ڪريو، ۽ صبح ۽ شام جو ٿڌي وقت سفر ڪرڻ ۽ ٻنپهرن جي وقت ماڻهن کي ساهي کڻڻ ۽ آرام ڪرڻ لاءِ موقعو ڏجو، آهستي هلڻ ۽ رات جي شروعات ۾ سفر نہ ڪجو، ڇو جو الله تعاليٰ رات سڪون لاءِ پيدا ڪئي آهي، ۽ ان کي قيام ڪرڻ لاءِ بڻايو اٿس، ۽ نہ سفر ۽ مسافري لاءِ. ان ۾ پنهنجي بدن ۽ پنهنجي سواري کي آرام پهچايو، ۽ جڏهن ڏسو، تہ پرھ ڦٽي آهي ۽ صبح صادق ٿيڻ لڳو آهي، تڏهن الله تعاليٰ جي برڪت سان اٿي ڪڙا ٿي هلو.

جڏهن دشمن سامهون هجي، تڏهن پنهنجي ساٿين جي وچ ۾ رهو، ۽ ڏسو! دشمن جي ايترو قريب نہ پهچي وڃو، جيئن ڪو جنگ ڇيڙڻ ٿو چاهي، ۽ نہ ايترو پري هٽي بيهو، جيئن ڪو لڙائي کان خوفزده هجي. ان وقت تائين، جيستائين منهنجو حڪم توهان تائين پهچي، ۽ ڏسو! ائين نہ ٿئي، جو انهن جي عداوت توهان کي ائين ڪرڻ تي آمادو ڪري، تہ توهان حق جي دعوت ڏيڻ ۽ انهن تي حجت پوري ڪرڻ کان پهرين انهن سان جنگ ڪرڻ لڳو.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 13: لشڪر جي ٻن سردارن جي لاني

لشڪر جي ٻن سردارن جي لاني:

مون مالڪ ابن حارث اشتر کي توهان تي ۽ توهان جي ما تحت لشڪر تي امير مقرر ڪيو آهي، تنهن ڪري ان جي حڪم جي پيروي ڪريو" ۽ ان کي پنهنجي لاءِ زره ۽ ڍال سمجهو، ڇا ڪاڻ ته اهي اهڙن ماڻهن مان آهن، جن مان ڪمزوري ۽ ڀل چڪ خطا جو، ۽ جتي جلدي ڪرڻ هوشمندي جي تقاضا هجي، اتي سستي جو، ۽ جتي ڍر ڪرڻ مناسب هجي، اتي جلد بازي ڪان (ڪم وٺڻ جو) انديشو نه آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 14: صفين ۾ دشمن سان مقابلي ڪرڻ ڪان پهرين پنهنجي...

صفين ۾ دشمن سان مقابلي ڪرڻ ڪان پهرين پنهنجي لشڪر کي هدايت ڪيائين ته:

جيستائين هو اڳرائي نه ڪن، توهان انهن سان جنگ نه ڪجو، ڇو جو توهان بحمد الله دليل ۽ حجت وارا آهيو، ۽ توهان جو انهن کي ڇڏي ڏيڻ ته، پهرين هو اڳرائي ڪن . اها هنن تي ٻي حجت ٿيندي خبردار! جڏهن دشمن ( منهن پر ڪري) ميدان ڇڏي ڀڄي، تڏهن ڪنهن پٺ ڏئي ڀڄندڙ کي قتل نه ڪجو، ڪنهن لولي لنگڙي تي وار نه ڪجو، ڪنهن زخميل کي نه مارجو، ۽ عورتن کي اذيت پهچائي ستائڻ نه گهرجي، پوءِ ڪٿي اهي توهان جي عزت ۽ آبرو تي گارين سان حملو ڪن. ۽ توهان جي آفيسرن کي به گاريون ڏين، ڇو جو انهن جو قوتون، انهن جا بدن ۽ انهن جا عقل ڪمزور ۽ ضعيف هوندا آهن. اسان کي ته (پيغمبر جن جي زماني ۾ به) انهن سان دست ڪش ٿي رهڻ جو حڪم هو، ته جيئن نه وري انهن کي ڪو روڪي، حالانڪ اهي مشرڪياڻيون هيون، جيڪڏهن جاهليت ۾ به ڪو شخص ڪنهن عورت کي پٿر يا لٺ سان ايذاءُ رسائيندو هو، ته ان کي ۽ ان جي پونئيرن کي بدنام ۽ خوار ڪيو ويندو هو.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 15: جڏهن امير المومنين وڙهڻ لاءِ دشمن جي سامهون...

جڏهن امير المومنين وڙهڻ لاءِ دشمن جي سامهون ايندو هو، ته بارگاه الاٰهي ۾ هيئن عرض ڪندو هو:

بار الاٰها! دليون تنهنجي طرف ڇڪجي رهيون آهن ۽ گردنون به تنهنجي ئي طرف آهن، ۽ اکيون به توڏانهن ئي لڳل آهن. قدم حرڪت ۾ اچي چڪا آهن ۽ بدن پڻ ضعيف ٿي چڪا آهن.

بار الاٰها! لڪل دشمنيون اپري آيون آهن، ۽ بغض و حسد جون ديڳيون ٽهڪي ايامي رهيون آهن.

خداوندا! اسين توکان، پنهنجي نبي جي، نظرن کان پرده رحلت ۾ وڃڻ، ۽ پنهنجي دشمنن جي وڌي وڃڻ، ۽ پنهنجي خواهشن ۾ نا اتفاقي پئجي وڃڻ بابت فرياد ڪريون ٿا.

پروردگار! تون ئي اسان جي ۽ اسان جي قوم جي وچ ۾ سچائي وارو فيصلو ڪر، جو تون ئي سڀ کان اعليٰ فيصلي ڪرڻ وارو آهين.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 16: جنگ جي موقعي تي پنهنجي ساٿين کي فرمائيندو...

جنگ جي موقعي تي پنهنجي ساٿين کي فرمائيندو هو تہ:

اها واپسي، جنهن کان پوءِ واپس ٿيڻو پوي، ۽ اهو پنهنجي جڳهہ تان هٽڻ، جنهن کان پوءِ حملو ڪرڻ مطلب هجي، سو توهان کي ڳرو نہ لڳي. تلوارن جو حق ادا ڪريو، ۽ پاسي پر ڪرڻ وارن (دشمنن) لاءِ ميدان تيار رکو. زور سان نيزا هڻڻ ۽ تلوارن سان دو دستي حملي ڪرڻ لاءِ پاڻ کي آماده ڪريو. آوازن تي ضابطو رکو، جنهن کان هيڻائپ قريب تتي اچڻ ڏي.

ان ذات جو قسم! جنهن داڻي کي چيريو، ۽ ساهوارين شين کي پيدا ڪيو، انهن ماڻهن اسلام نہ آندو، پر فقط اطاعت ڪيائون، ۽ دلين ۾ ڪفر کي لڪائي رکيائون. هاڻي جڏهن يار ۽ مددگار پاڻ ۾ ملي ويا آهن، تڏهن ان کي ظاهر ڪيو اٿن.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 17: معاويہ جي خط جي جواب ۾

تنهنجو اهو مطالبو، تہ آءُ شام جو علائقو تنهنجي حوالي ڪريان، سو اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو، جو اها شيءِ توکي اڄ ڏيان، جنهن جي ڏيڻ کان مون ڪالهه انڪار ڪيو آهي، ۽ تنهنجو ائين چوڻ، تہ جنگ، عرب کي اهڙو کائي تباهہ ڪيو آهي، جو آخري پساهہ کان سواءِ ان ۾ ڪجهہ بہ نہ رهيو آهي، تہ پوءِ توکي هاڻي معلوم هئڻ گهرجي، تہ جنهن کي حق کاڌو آهي، سو جنت ڏانهن روانو ٿيو آهي، ۽ جنهن کي باطل لقمو بڻايو آهي، سو دوزخ ۾ وڃي ڪريو آهي، باقي رهي اها ڳالهہ، تہ اسين جنگ جي فن ۽ تعداد جي ڪثرت ۾ برابر جا آهيون، تہ پوءِ ياد رک، تہ تون شڪ ۾ ايترو سر گرم عمل نٿو ٿي سگهين، جيترو آءُ يقين تي قائم رهي سگهان ٿو ۽ شام وارا دنيا تي ايترو نٿا مرن، جيترو عراق وارا آخرت تي جان ڏيڻ وارا آهن، ۽ تنهنجو ائين چوڻ، تہ اسين "عبد مناف" جو اولاد آهيون، سو اسين بہ ائين آهيون، پر اميہ، هاشم جي ۽ حرب، عبد المطلب جي ۽ ابو سفيان، ابو طالب جي برابر نہ آهن. (مڪہ جي فتح کان پوءِ) ڇڏي ڏيڻ وارو ماڻهو، مهاجر جي هم مرتبي نہ آهي، ۽ ڌار ڪيل ڌڪاريل کي ملائي شامل ڪرڻ، سو روشن ۽ پاڪيزه نسب واري جي برابر نہ آهي، ۽ غلط فعل ۽ ڪرتوتن وارو، سو حق جي خدمت بجا آڻڻ واري جي برابر نہ آهي، ۽ منافق، مومن جي درجي وارو نہ آهي، ڪيترو نہ بڇڙو نسل اهو نسل آهي، جيڪو جهنم ۾ ڪرندڙ پيءُ ڏاڏن واري پيروي ڪري رهيو آهي.

ازانسواءِ اسان کي نبوت جو شرف پڻ حاصل آهي، جنهن جي ذريعي اسان طاقتور کي ڪمزور ۽ پست کي بلند و بالا ڪري ڇڏيو، ۽ جڏهن الله تعاليٰ عرب کي پنهنجي دين ۾ گروهن جي صورت ۾ داخل ڪيو، ۽ امت پنهنجي خوشي سان يا ناراضپي سان اسلام اختيار ڪيو، تڏهن ان وقت توهان اهي ماڻهو هئا، جن لالچ يا خوف کان اسلام آندو. جڏهن ان وقت واڌاري ڪرڻ وارا اڳتي واڌارو حاصل ڪري چڪا هئا، ۽ مهاجر بہ اولين فضل و شرف حاصل ڪري چڪا هئا.

)پڻ) شيطان جي پاڻ ۾ شراڪت يا حصہ داري نہ رک، ۽ نہ ان کي پنهنجي مٿان ڇانئجي وڃڻ ڏي.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 18: بصري جي والي عبد الله ابن عباس جي نالي

بصري جي والي عبد الله ابن عباس جي نالي:

توکي معلوم هئڻ گهرجي، ته "بصره" اها جڳهه آهي، جتي شيطان لهندو آهي، ۽ فتنا بپا ٿيندا آهن، اتي جي رها ڪن کي سهڻي سلوڪ سان خوش رک، ۽ انهن جي دلين مان خوف جون ڳنڍيون کولي ڇڏ. مون کي اها خبر پئي آهي، ته تون "بني تميم" وارن سان سختي سان پيش اچين ٿو، ۽ انهن تي سختي روا رکين ٿو، "بني تميم" ته اهي آهن، جو جڏهن به انهن جو ڪو ستارو پڏندو آهي، ته ان جي جڳهه تان وري ٻيو ابرندو آهي، ۽ جاهليت توڙي اسلام ۾ ڪوبه انهن کان جنگ ڪرڻ ۾ وڌي نه سگهيو، ۽ وري انهن جو اسان سان قرابت وارو ناتو ۽ مائٽي وارو تعلق به آهي. اسين جيڪڏهن ان جو خيال رکنداسين، ته اجر حاصل ڪنداسين، ۽ جي ان جو لحاظ نه ڪنداسين، ته گنهگار ٿينداسين. ڏس، ابن عباس! الله تعاليٰ توتي رحم ڪري. (رعيت جي باري ۾) تنهنجي هٿان ۽ زبان مان جيڪا چڱائي ۽ برائي ٿيڻ واري هجي، تنهن ۾ جلد بازي نه ڪندو ڪر، ڇاڪاڻ ته پاڻ ٻئي ان (ذمه داري) ۾ برابر جا شريڪ آهيون، توکي ان نيڪ گمان جي مطابق ثابت هئڻ گهرجي، جيڪو مون کي تنهنجي باري ۾ آهي، ۽ تنهنجي باري ۾ منهنجي راءِ غلط ثابت نه هئڻ گهرجي. والسلام



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 19: هڪ عامل جي نالي

هڪ عامل جي نالي:

تنهنجي شهر جي زميندارن، تنهنجي سختي، سنگدلي، حقارت جهڙي ورتاءَ ۽ تشدد واري رويي جي شڪايت ڪئي آهي، مون غور ڪيو، ته هو شرڪ جي سببان انهيءَ جي لائق ته نظر نٿا اچن، جو انهن کي ويجهو ڪيو وڃي، ۽ معاهدي جي بنا تي انهن کي پري اڇلائي ۽ مٿن ڦٽڪار به نٿي ڪري سگهجي، تنهن ڪري انهن لاءِ نرمي جو اهڙو طريقو اختيار ڪر جنهن ۾ ڪٿي سختي جي به جهلڪ هجي. انهن سان ڪڏهن سختي ڪر، ته ڪڏهن نرمي، ويجهڙائي ۽ دوري جي وچ ۾ هڪ وچولو رستو اختيار ڪر_ انشاءَ الله.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 20: زياد ابن ابيہ جي نالي

زياد ابن ابيہ جي نالي:

جڏهن ابن عباس بصري ۽ اهواز جي آسپاس ۽ فارس ۽ ڪرمان تي حڪمران هو، تڏهن هي (زياد) بصره ۾ ان جو قائم مقام هو. آءُ الله تعاليٰ جو سچو قسم کڻي چوان ٿو، تہ جيڪڏهن مون کي اها خبر پئجي وئي، تہ تون مسلمانن جي مال ۾ خيانت ڪندي، ڪنهن وڏي يا ننڍي شيءِ ۾ هيرا ڦيري ڪرين ٿو، تہ پوءِ ياد رک! تہ آءُ توکي اهڙو تہ مارين‍دس، جو هٿين خالي ڪِبي چيلهہ ۽ بي عزتو ٿي پوندين_ و السلام



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 21: زياد ابن اُبيہ جي نالي

زياد ابن اُبيہ جي نالي:

مياني روي اختيار ڪندي، فضول خرچي کان باز اچ. اڄوڪي ڏينهن، سڀاڻي کي نہ وسار، فقط ضرورت جيترو مال روڪي، باقي محتاجي جي ڏينهن لاءِ اڳتي موڪل.

ڇا، تون اها اميد رکيو ويٺو آهين، تہ الله توکي عجز انڪساري ڪرڻ وارن جو اجر ڏيندو؟ حالانڪ تون ان جي بارگاهہ ۾ تڪبر ڪرڻ وارن مان آهين! ۽ پوءِ بہ اها طمع رکين ٿو، تہ هو خيرات ڪرڻ وارن جو ثواب تنهنجي لاءِ مقرر ڪندو؟ حالانڪ تون عيش و عشرت ۾ غلطان آهين، ۽ مسڪينن ۽ بيواهن (رنن زالن) کي محروم ڪيو اٿئي. انسان پنهنجي ڪئي جي جزا حاصل ڪري ٿو، ۽ جيڪو اڳتي موڪلي چڪو آهي، سو ئي اڳتي وڃي حاصل ڪندو_ والسلام



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 22: عبد الله ابن عباس جي نالي

عبد الله ابن عباس جي نالي:

عبدالله ابن عباس چوندو هو، ته جيترو فائدو مون هن ڪلام مان حاصل ڪيو آهي، اوترو فائدو مون پيغمبر صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ڪلام کان پوءِ ڪنهن بئي ڪلام مان حاصل نه ڪيو آهي.

انسان کي ڪڏهن، اهڙي شيءِ جو هٿ اچڻ خوش ڪندو آهي، جيڪو سندس هٿن مان وڃڻ وارو هوندو نه آهي، ۽ ڪڏهن اهڙي شيءِ جو هٿن مان نڪري وڃڻ کيس غمگين ڪري ٿو، جيڪا کيس حاصل ٿيڻ واري هوندي نه آهي اها خوشي ۽ غم بيڪار آهي. توهان کي خوشي فقط آخرت جي حاصل ڪيل شين تي هئڻ گهرجي، ۽ انهن مان ڪا شيءِ نڪري وڃي، ته پوءِ ان تي رنج هئڻ گهرجي، ۽ جيڪا شيءِ دنيا جي حاصل ڪريو، ان تي زياده خوش نه ٿيو، ۽ جيڪا شيءِ ان مان وڃي هلي، تنهن تي بيقرار ٿي، افسوس ڪرڻ نه لڳو، بلڪ توهان کي ته موت کان پوءِ پيش اچڻ وارين حالتن جي طرف پنهنجو توجه ڏيڻ گهرجي.



Presented by Ziaraat.Com

# وصيت 23: رحلت کان ڪجھ اڳ ۾ وصيت

جڏهن ابن ملجم سندس سر اقدس تي ضرب هنئين، تڏهن رحلت کان ڪجھ اڳ ۾ وصيت طور ارشاد فرمايائين:

توهان ماڻهن کي منهنجي وصيت آهي، ته ڪنهن کي به الله جو شريڪ نه بڻايو، ۽ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي سنت کي ضايع ۽ برباد نہ ڪجو، انهن ٻنهي ٿنڀن کي قائم ڪندا رهجو، ۽ انهن ٻنهي چراغن کي روشن رکجي، ته پوءِ برايون توهان جو پيڇو ڇڏي ڏينديون. آءُ ڪالھ توهان جو ساٿي هوس، ۽ اڄ توهان جي لاءِ (سراپا) عبرت آهيان، سڀاڻي کان توهان جو ساٿ ڇڏي ڏيندس. جيڪڏهن آءُ جيئرو رهيس، ته مون کي پنهنجي خون جو اختيار هوندو، ۽ جيڪڏهن رحلت ڪيم، ته موت منهنجو وعده گاهہ آهي. جيڪڏهن معاف ڪريان، ته اهو منهنجي لاءِ رضا الاهي جو سبب آهي، ۽ توهان جي لاءِ بہ نيڪي ٿيندي. ڇا! توهان نٿا چاهيو، ته الله تعاليٰ توهان کي بہ بخشي؟ خدا جو قسم! ته هي موت جو اوچتو حادثو اهڙو نہ آهي، جو آءُ ان کي پسند نہ ڇاڻندو هجان، ۽ نه وري هي اهڙو سانحو آهي، جنهن کي آءُ برو ڄاڻندو هجان. منهنجو مثال بس ان شخص جهڙو آهي، جيڪو سڄي رات پاڻي جي تلاش ۾ هلندو رهي، ۽ صبح ٿيڻ سان چشمي تي پهچي وڃي، ۽ ان ڳولڻ واري وانگر آهيان، جيڪو مقصد حاصل ڪري وٺي. بيشڪ، جيڪي الله وٽ آهي، سو ئي نيڪو ڪارن لاءِ بهتر آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# وصيت 24ھَين: حضرت جي ان باري ۾ وصيت

حضرت جي ان باري ۾ وصيت، ته سندس مال ۾ ڇا عملدر آمد ٿيندو. جنهن کي صفين کان واپس اچڻ بعد تحرير فرمايائين:

هي اهو (امر) آهي، جيڪو خدا جي بندي امير المومنين علي ابن ابي طالب، پنهنجي مال (اوقاف) جي باري ۾ حڪم ڏنو، فقط الله جي خوشنودي جي لاءِ، ته جيئن هو ان جي سببان مون کي جنت ۾ داخل ڪري، ۽ امن، آرام ۽ سک عطا فرمائي.

هن وصيت جو هڪ حصو هي به آهي:

حسن بن علي (عليهما السلام) ان (املاڪ) جو متولي ٿيندو. جيڪو ان مال مان مناسب طريقي سان روزي حاصل ڪندو، ۽ خير جي ڪمن ۾ خرچ ڪندو. جيڪڏهن حسن کي ڪجھ ٿي پوي ۽ حسين زنده هجي، ته اهو ان کان پوءِ ان کي سنڀاليندو، ۽ انهي راھ تي هلائيندو. علي جي اوقاف ۾ جيترو حصو علي جي فرزندن جو آهي، اوترو ئي فاطمہ جي اولاد جو پڻ آهي. بيشڪ مون فقط الله جي رضامندي، رسول جن جو تقرب (ويجهڙائي) ۽ سندن عزت ۽ حرمت جي اعزاز ۽ سندن قرابت جي احترام جي ڪري، فاطمہ جي ٻنهي فرزندن جي توليت ( اوقاف جو متولي) مخصوص ڪيو آهي.

۽ جيڪو انهيءَ جائداد جو متولي هجي، تنهن تي اها پابندي لازم ٿيندي، ته هو مال کي ان جي اصلي حالت تي رهڻ ڏي، ۽ ان جي ميون کي انهن تي خرچ ڪري، جن بابت هدايت ڪئي وئي آهي، ۽ اهو به ته هو انهن ڳوٺن جي کجين جي باغن جي تازين ڇڪين جو وڪرو نہ ڪري، جيستائين انهن ڳوٺن جي زمين جي، انهن نون وڻن جي ڇمڻ ڪري ڪا رونق ئي ٻي تي وڃي.

۽ اُهي ٻانهيون، جيڪي منهنجي تصرف ۾ آهن، تن مان جنهن جي هنج ۾ ٻار آهي يا پيٽ ۾ آهي، ته اها ٻار جي ڪري رکي ويندي، ۽ ان جي حصي ۾ شمار ٿيندي، پوءِ جيڪڏهن ٻار مري به وڃي يا اهو جيئرو هجي، تڏهن به اها آزاد ٿيندي. ان تان غلامي ختم ٿي وئي، ۽ آزادي ان کي حاصل ٿي چڪو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# وصيت 25: جن ڪم ڪندڙن کي زڪواة ۽ صدقن جي وصول

جن ڪم ڪندڙن کي زڪواة ۽ صدقن جي وصول ڪرڻ لاءِ مقرر ڪندو هو، تن جي لاءِ هي هدايت نامون لکي ڏيندو هو، ۽ اسان ان جا چند ٽڪرا هتي انهيءَ ڪري درج ڪيا آهن، ته جيئن معلوم ٿئي، ته پاڻ هميشہ حق جا ٿنيا بيهاريندو هو، ۽ هر ننڍي وڏي ۽ پوشيده ۽ ظاهر ڳالهين ۾ عدل جا نمونا قائم ڪندو هو.

الله وحده لا شريڪ جو خوف دل ۾ رکي، اٿي ڪڙا ٿيو، ۽ ڏسو! ڪنهن مسلمانن کي خوفزده نہ ڪجو، ۽ ان ( جي املاڪ) تي اهڙي طرح نہ هلجو، جو ان کي ناگوار لڳي، ۽ جيترو ان جي مال مان الله تعاليٰ جو حق نڪري، تنهن کان وڌيڪ نہ وٺجو. جڏهن ڪنهن قبيلي جي طرف وڃو، تہ ماڻهن جي گهرن ۾ گهڙڻ جي بجاءِ پهرين انهن جي کوهن تي وڃي لهجو، پوءِ سڪون ۽ وقار سان انهن جي طرف وڌجو، تانجو جڏهن انهن وٽ وڃي پهچو، تڏهن انهن تي سلام ڪجو، ۽ آداب و تسليم ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏجو.

تنهن کان پوءِ انهن کي چئجو، تہ اي الله جا بندؤ! مون کي الله جي ولي ۽ ان جي خليفي توهان ڏي موڪليو آهي، جيڪڏهن توهان جي مال مان الله تعاليٰ جو حق نڪري ٿو، تہ ان کي وصول ڪريون، تنهن ڪري توهان جي مال ۾ الله تعاليٰ جو ڪو واجب الادا حق آهي، تہ ان کي الله جي ولي تائين پهچايون. جيڪڏهن ڪو چوڻ وارو چئي، تہ نہ پوءِ ان کان ٻيهر نہ پڇجو، ۽ جيڪڏهن ڪو ها چوڻ وارو ها چئي، تہ پوءِ ان سان ڊيڄارڻ، ڌمڪائڻ يا ان تي سختي ۽ تشدد ڪرڻ کان سواءِ، ان سان شامل ٿجو، ۽ جيڪو سون يا چاندي (درهم ۽ دينار) هوڏي، سو وٺجو، ۽ جيڪڏهن ان وٽ ڍڳي، ٻڪري يا اٺ هجي، تہ ان جي ڌڻ ۾ ان جي اجازت کان سواءِ داخل نہ ٿجو، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ زياده حصو تہ انهيءَ (مالڪ) جو آهي، ۽ جڏهن (اجازت کانپوءِ) توهان ان وٽ وڃو، تڏهن اهڙي روش اختيار نہ ڪجو، جو ڄڻ تہ توهان انهيءَ تي قبضو ڪري ورتو آهي، ۽ گويا توهان کي مٿس تشدد ڪرڻ جو حق حاصل آهي. ڏسجو! نہ ڪنهن جانور کي هيسائجو ۽ نہ ايذائجو، ۽ نہ انهن جي باري ۾ پنهنجي غلط رويي سان مالڪ کي رنجيده ڪجو. جيترو بہ مال هجي، تنهن جا ٻہ حصا ڪجو، ۽ مالڪ کي اهو اختيار ڏجو، تہ ان جي انتخاب تي اعتراض نہ ڪجو، پوءِ وري باقي حصي جا ٻہ حصا ڪجو، ۽ مالڪ کي وري بہ اختيار ڏجو ( تہ هو جيترو بہ حصو چاهي سو کڻي) ۽ جيترو بہ هو حصو منتخب ڪري کڻي، تہ ان جي انتخاب تي اعتراض نہ



Presented by Ziaraat.Com

ڪجو. اهڙي طرح ائين ئي ڪندا رهجو، تانجو باقي ايترو وڃي رهي، جيترو ان مال ۾ الله تعالي جو حق هجي. اهو پورو ٿئي، تڏهن پوءِ توهان اهو پنهنجي قبضي ۾ ڪجو، ۽ ان تي به جيڪڏهن هو پنهنجي انتخاب کي مسترد ڪري، دوباره انتخاب ڪرڻ چاهي، ته ان کي اهو موقعو ڏجو، ۽ پوءِ ٻنهي حصن کي ملائي وري نيئن سر ائين ڪجو، جيئن شروعات ۾ ڪيو هو، ايتري تائين. جو ان جي مال مان الله تعالي جو حق وٺڻ ڇڏيو.

ها! ڏسجو! ڪو پوڙهو ۽ بلڪل بيڪار اٺ يا جنهن جي چيلھ ڀڳل هجي يا پير ٽٽل هجي يا بيماري جو ستايل يا عيبدار هجي، ته اهو نه وٺجو، ۽ انهن کي ڪنهن اهڙي شخص جي امانت ۾ ڏجو، جنهن جي ديانداري تي توهان کي اعتماد هجي، جيڪو مسلمانن جي مال جي نگهداشت ڪندو هجي، ۽ ان جي امير تائين پهچائي، ته جيئن هو ان امال کي مسلمانن ۾ ورهائي ڇڏي. (اهو مال) ڪنهن اهڙي ئي شخص جي سپرد ڪجو، جيڪو خير خواه، خدا ترس، امانتدار ۽ نگهبان هجي، جيڪو نه انهن تي سختي ڪري ۽ نه ڊوڙائي ڊوڙائي انهن کي لاغر ڪري ٿڪائي ڇڏي، نه انهن کي ڏک ڏئي ۽ نه انهن کي تڪليف ۽ مصيبت ۾ وجهي. (ان بعد) پوءِ جيڪي ڪجهه توهان وٽ جمع هجي، تنهن کي جلدي جلدي مون ڏي موڪليندا رهجو، ته جيئن آءُ ان کي جتي به الله جو حڪم هجي، اتي ڪم ۾ آڻيان.

جڏهن توهان جو امين ان مال کي پنهنجي سنڀال ۾ رکي.

تڏهن ان کي فهمائش ڪجو، ته هو ڏاچي ۽ ان جي کير پيئاڪ گوري کي هڪٻئي کان ڌار نه رکي، ۽ ان جو سمورو کير پاڻ ڪٺي، جيڪو گوري جي لاءِ نقصان جو باعث ٿئي، ۽ ان تي سواري ڪري ان کي ٿڪل يا ماندو نه ڪري. ان ۾ ۽ ان سان گڏ ٻين ڏاچين ۾ (سواري ڪرڻ ۽ کير ڏهڻ ۾) انصاف ۽ هڪجهڙائي کان ڪم وٺي، ٿڪل ماندي اٺ کي ٿڪ ڀڃڻ ۽ ساهي کڻڻ جو موقعو ڏئي، ۽ جنهن جا پير گسي ويا هجن يا پير مندا ٿي ويا هجن، تنهن کي آهستگي ۽ نرمي سان هلائي، ۽ واٽ تي جيڪڏهن ڪو تلاءُ اچي، ته اتي ان کي پاڻي پيئارڻ لاءِ ترسائي، ۽ ڪنهن ساوڪ کان ان جو منهن موڙي (ڪنهن غير آباد) رستن تان نه هلائي، ۽ وقت بوقت انهن کي آرام پهچائيندو رهي، ۽ جتي ٿورو گهڻو گاهه، پاڻي ۽ ساوڪ هجي، اتي انهن کي ڪجهه دير تائين مهلت ڏئي، ته جيئن اهي اسان وٽ پهچن، ته اهي بحڪم خدا ٿلها متارا هجن، ۽ انهن جا هڏا ساس سان ڀرجي ويا هجن، ۽ ٿڪل ماندا ۽ خسته حال نه هجن، ته پوءِ جيئن اسين انهن کي الله جي ڪتاب ۽ رسول اڪرم صلي الله عليه و آله و سلم جن جي سنت مطابق تقسيم



Presented by Ziaraat.Com

ڪريون. بيشڪ، هي تنهنجي لاءِ ثواب جو باعث آهي، ۽ هدايت جي منزل تائين پهچڻ جو ذريعو آهي.

انشاءَ الله.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 26: هڪ ڪم ڪندڙ جي نالي

هڪ ڪم ڪندڙ جي نالي، جنهن کي زڪوات گڏ ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو تنهن لاءِ هي عهدنامون تحرير ڪيائين:

آءُ انهن کي حڪم ٿو ڏيان، ته هو پنهنجي پوشيده ارادن ۽ لڪل ڳالهين ۾ الله تعالي کان ڊڄندا رهن، جتي نه الله کانسواءِ ڪو گواهه هوندو، ۽ ان کان سواءِ ڪو نگران آهي، ۽ انهن کي حڪم ٿو ڏيان، ته هو ظاهر ۾ الله جو ڪو اهڙو فرمان بجا نه آڻين، جو انهن جا لڪل اعمال ان کان مختلف هجن، ۽ جنهن شخص جا باطن ۽ ظاهر ڪردار ۽ گفتار مختلف نه هجن، تنهن امانتداري جا فرض بجا آندا، ۽ الله تعالي جي عبادت ۾ خلوص سان ڪم ڪيا.

۽ آءُ انهن کي حڪم ٿو ڪريان، ته هو ماڻهن کي ناخوش نه ڪن، ۽ نه انهن کي پريشان ڪن، ۽ نه انهن سان پنهنجي عهدي جي برتري سببان بي زخي جو ورتاءُ ڪن، ڇو جو اهي ديني ڀائر ۽ زڪوات ۽ صدقن جي اٽڻ ۾ ساٿ ڏيڻ وارا ۽ مددگار آهن.

اهو معلوم آهي، ته هن زڪوات ۾ توهان جو به مقرر ڪيل حصو ۽ ڄاتل سڃاتل حق آهي، ۽ ان ۾ ويچارا مسڪين ۽ فاقه ڪش ماڻهو به توهان سان شريڪ آهن، ۽ اسين توهان جو پورو پورو حق ادا ڪريون ٿا، ته توهان به انهن جو پورو پورو حق ادا ڪريو، نه ته ياد رکو! ته قيامت جي ڏينهن توهان جا ئي سڀئي زياده دشمن هوندا ۽ افسوس آهي ان شخص جي بدبختي تي، جنهن جي خلاف الله تعالىٰ جي حضور ۾ فريق بڻجي اٿي بيهڻ وارا فقير، نادار، سائل ڌتڪاريل ماڻهو قرضدار ۽ (بي خرچ) مسافر هوندا.

ياد رکو! جيڪو شخص امانت کي بي وقعت سمجهي، ان کي ٺڪرائي ڇڏي، ۽ خيانت جي ڍورن چارڻ واري گاهه جي ميدان ۾ چرندو ڦري، ۽ پاڻ کي ۽ پنهنجي دين کي ان جي گندگي کان نه بچائي، ته اهڙي شخص دنيا ۾ پاڻ کي ذلتن ۽ خوارين ۾ وڌو، ۽ آخرت ۾ به رسوا ۽ ذليل ٿيندو. سڀ کان وڏي خيانت امت جي خيانت آهي، ۽ سڀ کان زياده فريبڪاري، دين جي پيشوا کي دغا ڏيڻ آهي. والسلام



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 27: محمد ابن ابي بڪر جي نالي

محمد ابن ابي بڪر جي نالي، جڏهن ڪيس ”مصر“ جي حڪومت سپرد ڪيائين:

ماڻهن سان نهٺائي سان ملجانءِ، انهن سان نرمي وارو ورتاءُ ڪجئين، خوش اخلاقي سان پيش اچجانءِ ۽ سڀني کي هڪ ئي نظر سان ڏسجئين، ته جيئن وڏا ماڻهو تو مان پنهنجي ناحق طرفداري جي اميد نه رکن، ۽ نه وري ننڍا ماڻهو تنهنجي عدل ۽ انصاف کان انهن (وڏن) جي مقابلي ۾ نااميد نه ٿي وڃن، ڇو جو الله جا بندؤ! الله توهان جي ننڍي وڏي، ظاهر ۽ لڪل اعمالن جي توهان کان پڇا ڳاڇا ڪندو، ۽ ان کان پوءِ جيڪڏهن هو توهان تي عذاب ڪري، ته پوءِ اهو خود توهان جي ظلم جو نتيجو آهي، ۽ جيڪڏهن هو معاف ڪري ڇڏي، ته اها ان جي ڪرم جي تقاضا آهي.

خدا جا بندؤ! توهان کي ڄاڻڻ گهرجي، ته پرهيزگارن، هن وڃڻ وري دنيا ۽ اچڻ واري آخرت ٻنهي مان فائدو حاصل ڪيو. اهي دنيا وارن سان انهن جي دنيا ۾ شريڪ رهيا، مگر دنيادار انهن جي اخرت ۾ حصو نه وٺي سگهيا. هو دنيا ۾ بهترين طريقي سان رهيا، ۽ سٺي کان سٺا طعام کاڌائون، ۽ اهڙي طرح هو انهن سمورين ڳالهين کان بهره ياب ٿيا، جيڪي عيش پسند ماڻهن کي حاصل هيون، ۽ انهن اهو سڀڪجهه حاصل ڪيو، جيڪو سرڪش ۽ تڪبر وارن ماڻهن کي حاصل هو، پوءِ اهي منزل مقصود تي پهچائڻ واري ثمر جو سامان ۽ نفعي جو سودو ڪري، دنيا مان روانا ٿي ويا. انهن دنيا ۾ رهي ڪري به دنيا کي ترڪ ڪرڻ واري لزت کي چکيو، ۽ پڻ اهو يقين ڪيائون، ته هو سڀاڻي الله تعالي جي قريب هوندا، جتي نه انهن جو ڪو آواز ٺڪرايو ويندو، ۽ نه وري انهن جي لطف ۽ نصيب ۾ ڪاڪمي ٿيندي، ته پوءِ الله جا بندؤ! موت ۽ ان جي اچڻ کان ڊڄو، ۽ ان جي لاءِ توشو جمع ڪريو. هو ايندو ۽ هڪ وڏي حادثي ۽ عظيم مصيبت سان ايندو.جنهن ۾ يا ته رڳو ڀلائي جي ڀلائي هوندي، ۽ برائي جو ان ۾ ڪڏهن به گذر نه ٿيندو، يا ته وري اهڙي برائي هوندي، جنهن ۾ ڪڏهن به ڀلائي جو شبهو به نه ايندو. ڪير آهي (اهو)؟ جيڪو جنت لاءِ عمل ڪرڻ واري کان زياده جنت جي قريب هجي، ۽ (اهو) ڪير آهي؟ جيڪو دوزخ لاءِ عمل ڪرڻ واري کان زياده دوزخ جي قريب هجي، توهان اهو شڪار آهين، جنهن جو موت پيڇو ڪندو ٿو وتي. جيڪڏهن توهان بيهي رهندين، تڏهن به موت توکي پنهنجي گرفت ۾ ڪٽي وٺندو، ۽ جيڪڏهن ان کان ڀڄندين، تڏهن به موت توکي ڪو نه ڇڏيندو. هو ته تنهنجي پاڇي کان به زياده ويجهو ۽ توسان گڏ آهي. موت تنهنجي پيشاني جي وارن سان قابو ڪري ٻڌو ويو آهي، ۽ دنيا تنهنجي پٺيان، ته



Presented by Ziaraat.Com

(هيٺ) ڪئي پئي وڃي، تنهن ڪري جهنم جي ان باهه کان ڊڄ، جنهن جي اونهائي نهايت پري تائين هلي وئي آهي، جنهن جي تپش بي پناهه آهي، ۽ جنهن جو عذاب هميشه نئون ۽ تازو رهندو آهي. اهو اهڙو گهر آهي، جنهن ۾ رحم ۽ ڪرم جو سوال ئي ڪونهي، نه ان ۾ ڪو فرياد ٻڌو ويندو آهي، ۽ نه وري درد ۽ اذيت کان ڇوٽڪارو ملي ٿو. جيڪڏهن تون ائين ڪري سگهين، ته پوءِ تون الله تعاليٰ جو زياده کان زياده (اندر ۾) خوف به رک، ۽ هن کان سٺي اميد جو به لاڳاپو رک، ته پوءِ انهن ٻنهي ڳالهين کي پنهنجي اندر ۾ جمع ڪر، ڇوجو بندي کي پنهنجي پروردگار کان اوتري اميد ٿئي ٿي، جيترو هو ان کان ڊڄي ٿو، ۽ جيڪو سڀ کان زياده الله تعاليٰ ۾ اميد رکي ٿو، اهو ئي سڀ کان زياده ان کان ڊڄندو آهي.

اي محمد ابن ابي بڪر! ان ڳالهه کي ياد ڪر، ته مون توکي مصر وارن تي حڪمران بڻايو آهي، جيڪا منهنجي سڀ کان وڏي سپاهه آهي، هاڻي توکان منهنجو اهو مطالبو آهي، ته تون پنهنجي نفس جي خلاف ورزي ڪر ۽ پنهنجي دين لاءِ سينو سپر ٿي رهه. پوءِ ڪٿي توکي زماني ۾ هڪ ئي گهڙي جو موقعو حاصل ٿئي، ۽ مخلوقات مان ڪنهن کي به خوش ڪرڻ لاءِ الله تعاليٰ کي ناراض نه ڪجئين، ۽ ڇاڪاڻ ته ٻين جو عيوض ته الله تعاليٰ وٽان به ملي سگهي ٿو، مگر الله تعاليٰ جي جڳهه ڪو به ٻئو وٺي سگهي. نماز کي ان جي مقرر ڪيل وقت تي ادا ڪجئين ۽ فرصت ملڻ سببان (نماز کي) وقت کان اڳ ۾ نه پڙهجئين، ۽ نه مشغوليت جي سببان ان کي پوئتي ڇڏجئين. ياد رک! ته تنهنجو هر عمل نماز جي تابع.

هن عهدنامي جو هڪ هي به حصو آهي:

هدايت ڪندڙ امام ۽ هلاڪت ۾ وجهندڙ پيشوا، ۽ پيغمبر جو دوست ۽ پيغمبر جو دشمن اهي برابر ٿيا ٿي سگهن. مون کي رسول الله صلي الله عليه و آله و سلم جن فرمايو هو، ته ڪين پنهنجي امت جي باري ۾ نه مومن کان ڪو کٽڪو آهي، ۽ نه وري مشرڪ کان، ڇو جو مومن جي، الله تعاليٰ ان جي ايمان جي سببان (گمراهه ٿيڻ کان) حفاظت ڪندو، ۽ مشرڪ کي ان جي شرڪ جي سببان ذليل ۽ خوار ڪندو (جو ڪو به ان جي ڳالهه تي ڪن نه ڏيندو)، پر مون کي تنهنجي لاءِ هر ان شخص کان انديشو آهي، جيڪو دل سان منافق ۽ ابان سان عالم آهي. ڳالهائي اهو ٿو، جنهن کي تون نيڪ ٿو سمجهين، ۽ ڪري اهو ٿو، جنهن کي تون برو ٿو سمجهين.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 28: معاويہ جي نالي

هي مڪتوب جناب امير المومنين عليہ السلام جي بهترين مڪتوبات مان آهي:

تنهنجو خط پهتو، تو ان ۾ اهو ذڪر ڪيو آهي، تہ الله تعاليٰ محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي پنهنجي دين جي لاءِ منتخب فرمايو، ۽ تائيد ڪندڙن ۽ مدد ڪندڙن ساٿين جي ذريعي کين قوت ۽ توانائي بخشي. زماني تنهنجي عجائبات تي اجا تائين پردو وجهي ڇڏيو هو، جيڪو ائين ظاهر ٿي رهيو آهي، تہ تون اسان کي خبر ڏئي رهيو آهين انهن احسانات جي، جيڪي خود اسان تي ٿيا آهن، ۽ انهيءَ نعمت جي، جيڪا اسان جي رسول جي ذريعي اسان تي ٿي آهي، سو تو اهڙي طرح آهين، جيئن هجر ڏانهن ڪجور ڪٺي وڃڻ وارو، يا پنهنجي استاد کي تير اندازي جي مقابلي جي دعوت ڏيڻ وارو. تو اهو بہ خيال ظاهر ڪيو آهي، تہ اسلام ۾ سيني کان افضل فلاڻو ۽ فلاڻو آهن، تو اها ڳالهہ اهڙي ڪئي آهي، سا جيڪڏهن صحيح بہ هجي، تہ تنهنجو ان سان ڪو بہ واسطو نہ آهي ۽ جي غلط بہ هجي، تہ ان کان توکي ڪو نقصان نہ ٿيندو. پلا، ڪٿي تون ۽ ڪٿي اهو بحث، تہ ڪير افضل آهي ۽ ڪير غير افضل، ۽ ڪير حاڪم آهي ۽ ڪير رعايا. پلا، آزاد ڪيل ماڻهو ۽ انهن جي پٽن کي اهو حق ڪٿان ٿي سگهي ٿو، تہ هو مهاجرن اولين جي وچ ۾ امتياز ڪري، انهن جا درجا مقرر ڪري، ۽ انهن جي طبقن کي ويهي سڃاڻڻ جي ڪري. ڪيترو نہ نامناسب آهي، جو اصلي تيرن ۾ نقلي تير بہ آواز ڏيڻ لڳڻ، ۽ ڪنهن معاملي ۾ اهو فيصلو ڪرڻ ويهي، جنهن جي خود خلاف هجي. ان ۾ فيصلو ٿيڻو آهي.

اي شخص! تون پنهنجي پيرن جي مدڪائڻ کي ڏسندي، پنهنجي حد تي ڇو نٿو بيهين! تون پنهنجي ڪم فهمي کي ڇو نٿو سمجهين. پوئتي هٽي اتي بيهہ، جتي قضا و قدر جا فيصلا تو کي پوئتي هٽائي چڪا آهن. آخر توکي ڪنهن مغلوب جي شڪست سان ۽ ڪنهن فاتح جي ڪامراني سان ڪهڙو واسطو آهي؟ توکي محسوسو هئڻ گهرجي، تہ تون حيرت ۽ بي قراري جي عالم ۾ هٽ پير هٽي رهيو آهي، ۽ سڌي رستي تان هٽيل آهين. آخر تون نٿو ڏسين، ۽ اهو آءُ جيڪي ڪجهہ چوان ٿو، سو توکي ڪو اطلاع ڏيڻ نہ آهي، بلڪ الله تعالي جي نعمتن جو تذڪرو ڪرڻو آهي، تہ الله تعالي جي راهہ ۾ مهاجرن ۽ انصار جو هڪ گروهہ شهيد ٿيو، ۽ سيني لاءِ فضيلت جو هڪ درجو آهي، مگر جڏهن اسان مان شهيد، شهادت جو جام پيتو، تڏهن ان کي سيد الشهداء چيو ويو، ۽ پيغمبرصلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فقط ان کي اها خصوصيت بخشي هو ان جنازي جي نماز ۾ ستر تڪبيرون پڙهيائون، ۽ ڇا نٿو ڏسين، تہ ڪيترن ئي



Presented by Ziaraat.Com

ماڻهن جا هٿ الله جي راهه ۾ وڍيا ويا، ۽ هر هڪ لاءِ هڪ حد تائين فضيلت مقرر آهي، مگر جڏهن اسان جي ماڻهو لاءِ اهو ئي ڪجهه ٿيو، جيڪو ٻين سان ٿي چڪو هو، تڏهن ان کي ”الطيار في الجنة“ (جنت ۾ پرواز ڪرڻ وارو) ۽ ”ذو الجناحين“ (ٻن پرن وارو) چيو ويو، ۽ جيڪڏهن خداوند عالم خود ثنائي ڪان نه روڪي ها، ته بيان ڪرڻ وارو پنهنجا به اهي فضائل بيان ڪري ها، جو مومنن جون دليون انهن جو اعتراف ڪن ٿيون، ۽ ٻڌڻ وارن جا ڪن انهي کي ٻاڻ ڪان جدا نٿا ڪرڻ چاهين. اهڙن جو ذڪر ڇو ڪجي، جن جو تير نشانن کان گسي وڃڻ وارو آهي،اسين اهي آهيون، جيڪي براهه راست الله تعالي کان نعمتون حاصل ڪري ڪامياب ٿي، عروج تي پهتا آهيون، ۽ ٻيا اسان جي احسانن جا پاليل آهن. اسان پنهنجي نسلاً بعد نسل واري عزت ۽ توهان جي خاندان تي قديمي برتري جي باوجود به ڪو خيال نه ڪيو، ۽ توسان ميل ميلاپ رکيو، ۽ برابري وانگر رشتا ڏنا ورتا ويا، حالانڪ توهان انهي منزلت تي نه هئا، ۽ توهان ٿي به ڪئين ٿا سگهو، جڏهن ته اسان مان نبي ۽ توهان مان ان کي ڪوڙي ڪرڻ وارا. اسان مان اسد الله ۽ توهان مان اسد الاحلاف (قسم ڏيڻ وارو) اسان مان ٻه سردار جوانان اهل جنت ۽ توهان مان (جهنمي) ڇوڪرا. اسان مان سردار زنان عالميان ۽ توهان مان حمالة الحطب، ۽ ٻيون به ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون، جيڪي اسان جي بلندي ۽ توهان جي پستي جون آئينه دار آهن. جئين ته اسان جو، اسلام جي ظهور کان پوءِ وارو دؤر به اهڙو آهي، جنهن جي شهرت آهي، ۽ جاهليت جي دؤر وارو، اسان جو امتياز به انڪار ڪرڻ جهڙو نه آهي، ۽ ان کان پوءِ جيڪي رهجي وڃي، تنهن کي به الله جي ڪتاب، جامع لفظن ۾ اسان جي متعلق ٻڌايو آهي. ارشاد الهي آهي ته ”قرابتدار پاڻ ۾ هڪٻئي جا زياده حقدار آهن“. ٻئي هنڌ فرمائي ٿو، ته ”ابراهيم جا زياده حقدار اهي ماڻهو هئا، جيڪي ان جي پيروي ڪندڙ هئا، ۽ هي نبي ۽ اهي ماڻهو، جن ايمان آندو آهي، ۽ الله ايمان وارن جو سرپرست آهي“، سو اسان کي به قرابت جي سببان ٻين تي فوقيت حاصل آهي، ۽ اطاعت جي سببان به اسان جو حق وڌو آهي.

پڻ سقيفه جي ڏينهن جڏهن مهاجرن رسول جي قرابت کي دليلن سان پيش ڪيو، تڏهن انصارن جي مقابلي ۾ ڪامياب ٿيا، سو انهن جي ڪاميابي جيڪڏهن قرابت جي سببان هئي، ته پوءِ اها خلافت اسان جو ئي حق آهي، نه انهن جو، ۽ جيڪڏهن حقدار ٿيڻ جو ڪو ٻيو معمار آهي، ته انصارن جي دعوي پنهنجي جاءِ تي برقرار رهي ٿي، ۽ تو اهو خيال ظاهر ڪيو آهي، ته مون سيني خليفن تي حسد ڪيو، ۽ انهن جي خلاف شورشون ڪڙيون ڪيم. پلا جي ائين به آهي، ته ان ۾ مون تنهنجو ڇا بگاڙيو آهي، جو تو سان معذرت ڪريان! (بقول شاعر) ”هي اهڙي خطا آهي، جنهن کان توتي ڪوبه حرف نٿو اچي“، ۽ تو لکيو آهي، ته مون کي بيعت جي لاءِ ائين ڇڪي آندو ويو ٿي جيئن ناڪيلي پيل اٺ کي ڇڪي آندو ويندو



Presented by Ziaraat.Com

آهي، تہ پوءِ خالق جي هستي جو قسم! تون تہ لٽين برائي ڪرڻ لاءِ پر تعريف ڪرڻ لڳين! تون ايئن چاهيو، تہ مون کي رسوا ڪرين، پر تون پاڻ خوار ٿي وئين. ڀلا، مسلمان ماڻهون لاءِ ان ۾ ڪهڙي عيب جي ڳالھ آهي، جو اهو مظلوم هجي، پر نہ، تہ هو پنهنجي دين ۾ شڪ ڪندو هجي، ۽ نہ وري هن جو يقين ڊانوان ڊول هجي، جيتوڻيڪ منهنجي هن دليل جو تعلق ٻين سان آهي، مگر جيترو بيان هتي ڪرڻ مناسب هو، سو تو سان ڪيم.

پوءِ تو منهنجي ۽ عثمان جي معاملي جو ذڪر ڪيو آهي، هائو! ان ۾ تو کي حق آهي، تہ تو کي جواب ڏنو وڃي، ڇو جو تنهنجي هن سان مائٽي آهي، تہ چڱو پوءِ (سچ پچ) ٻڌاءِ تہ پاڻ ٻنهي مان هن سان زياده دشمني ڪرڻ وارو ۽ هن جي قتل جو سر و سامان مهيان ڪرڻ وارو ڪير هو؟ اهو جنهن پنهنجي مدد ڪرڻ جي پيش ڪش ڪئي، ۽ هن ان کي (مدد ڪرڻ واري کي) ويهاري ڇڏيو ۽ روڪي ڇڏيو يا اهو جنهن کان هن مدد گهري ۽ اهو ٽٽائي ويو، ۽ پوءِ ان جي لاءِ موت جا اسباب مهيا ڪيائين تانجو ان جي مقدر وارو موت ان تي اچي ڪڙڪيو.

هرگز نہ، خدا جو قسم ! (اهو ٻهريون زياده دشمن هرگز نٿو ٿي سگهي) الله تعالي انهن ماڻهن کي چڱي طرح سڃاڻي ٿو، جيڪو جنگ کان ٻين کي روڪڻ وارا آهن ۽ پنهنجي ڀائرن عزيزن کي چون ٿا تہ اچو اسان جي طرف اچو ۽ پاڻ بہ جنگ جي موقعي تي نالي ماتر ڀهرو وٺن ٿا بيشڪ آءُ انهيءَ ڳالھ جي معذرت ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيان جو آءُ تہ هن جي بدعتن کي پسند نہ ڪندو هوس . جيڪڏهن منهنجي خطا اها آهي تہ آءُ هن کي صحيح راھ ڏيکاريندو هوس ۽ هدايت ڪندو هوس تہ پوءِ اڪثر ڪري نہ ڪيل گناھ بہ ملامتن جو نشان بڻجي ويندو آهي ۽ وري ڪڏهن تہ نصيحت ڪرڻ واري کي بہ بد گماني ڪو مرڪز ٿيڻو پوندو آهي. مون تہ آخر تائين اهو چاهيو تہ حال مطابق اصلاح ٿيووڃي ۽ مون کي توفيق حاصل ٿيڻي آهي، تہ فقط الله تعالي کان جنهن تي منهنجو ڀروسو آهي ۽ انهي سان ئي لئون لڳايان ٿو.

تو مون کي لکيو آهي تہ ”منهنجي ۽ منهنجي ساٿين لاءِ تو وٽ بس تلوار آهي. ائين چئي تون تہ رئندڙ کي بہ کلائين ٿو ڀلا، اهو تہ ٻڌاءِ تہ عبد المطلب جي اولاد کي ڪڏهن دشمن جي پٺ ڏئي ڀڄندو ڏٺو؟ ۽ ڪڏهن تلوارن کان خوفزده ٿيندي ڏٺو؟ (جيڪڏهن اهو ارادو آهي تہ پوءِ بقول شاعر) ٿوري دير لاءِ ساهي کڻ تہ حمل بہ جنگ جي ميدان ۾ پهچي وڃي عنقريب جنهن کي تون طلب ڪري رهيو آهين سو خود تنهنجي تلاش ۾ نڪري ڪڙو ٿيندو ۽ جنن کي پري سمجهي رهيو آهين سو قريب پچندو آءُ تنهنجي طرف جلد ئي مهاجرن ۽ انصارن ۽ چڱي طرح سان انهن جي نقش قدم تي هلڻ وارن تابعين جو انبوھ وارو وڏو



Presented by Ziaraat.Com

لشڪر ساڻ ڪري عنقريب اڏامندو اچي رهيو آهيان . اهڙو لشڪر جنهن ۾ بي پناه هجوم ۽ پکڙيل گرد و غبار هوندو اهي موت جو ڪفن پهريل هوندا هر ملاقات کان زياده انهن کي پروردگار جو ديدار محبوب هوندو انهن سان بدر ۾ شهيد ٿيڻ وارن جو اولاد ۽ هاشمي تلوراون هونديون ، جن جي تيز ڌارن جي وڍ ڪُٽ تون پنهنجي مامن، پائرن، ناناڻن ۽ ڪنبي وارن ۾ ڏسي چڪو آهين. اهي ظالمن کان هيئنر ٻه پري ناهن.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب29: بصري وارن ڏانهن

بصري وارن ڏانهن

توهان جي تفرقہ بازي ۽ شرانگيزي جي جيڪا حالت هئي، تنهن کي توهين خود سمجهي سگهو ٿا، ليڪن مون توهان جي گناهن کي درگذر ڪيو. پٺي ڏيڻ وارن کان تلوار کي روڪيم ۽ وڌي ايندڙن لاءِ مون هٿ وڌايو آهي. هاڻي جيڪڏهن توهان کي وري تباهي ڪندڙ قدمن ۽ ڪَج فهمين کان پيدا ٿيندڙ ڪم عقلي ناداني وارن خيالن، عهد شڪني ۽ منهنجي مخالفت جي راهہ تي آندو، تہ پوءِ ٻُڌي ڇڏيو! تہ مون بہ پنهنجي گهوڙن کي ويجهو ڪري ڇڏيو، ۽ اُٺن تي بہ پلاڻ ڇڪي ٻڌا اٿم ۽ هاڻي جيڪڏهن توهان مون کي پنهنجي ڇُرڻ تي مجبور ڪيو، تہ پوءِ توهان سان اهڙي طرح معرڪ آرائي (جنگ) ڪندس، جنهن جي سامهون جمل واري جنگ جي حقيقت ڪجهہ بہ نہ هوندي! جهڙي طرح ڪو زبان سان ڪا شيءِ چٽي ڇڏي، پوءِ بہ جيڪي توهان ۾ فرمانبردار آهن، تن جي فضل و شرف ۽ خير خواهي ڪرڻ وارن جي حقن کي بہ آءٌ بہ سڃاڻان ٿو، ۽ مون کان ائين نہ ٿي سگهندو، تہ مجرمن سان بيگناهہ ۽ عهد شڪني ڪندڙن سان، متان وفادار بہ لپيٽ ۾ اچي وڃن.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 30: معاويہ جي نالي

معاويہ جي نالي

جيڪو دنيا جو تون وٽ ساز و سامان آهي، تنهن جي باري ۾ الله تعاليٰ کان ڊڄ، ۽ ان جي حق کي پيش نظر رک. انهن حقن کي بہ سڃاڻ، جن کان بي خبري ۾ تنهنجو ڪوبہ بهانو ٻڌو نہ ويندو، ڇو جو اطاعت لاءِ واضح نشان، روشن راهون ۽ سڌيون شاهراهون آهن، ۽ مقصد واري هڪ منزل موجود آهي. عقلمند ۽ دانا ان جي طرف وڃن ٿا، ۽ سفلہ (ڪمذات) ۽ ڪمينا ان کان لهرائن ٿا. جيڪي ان کان مُنهن ڦيرائن ٿا، سي ئي حق کان بي راه ٿين ٿا، ۽ گمراهين ۾ ڀٽڪندا وتن ٿا. الله تعاليٰ انهن کان پنهنجون نعمتون کسي وٺي ٿو، ۽ انهن تي پنهنجو عذاب نازل ڪري ٿو.

تنهن ڪري پنهنجو بچاءُ ڪر! الله تعاليٰ توکي رستو ڏيکاري ڇڏيو آهي، ۽ اها منزل بہ ٻڌائي ڇڏي آهي، جتي تنهنجي معاملن کي پهچڻو آهي. تون زيان ڪاري جي منزل ۽ ڪفر جي مقام ڏانهن سر ميدان ڪري نهايت تکو ڊوڙي رهيو آهين، تنهنجي نفس توکي براين ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي، ۽ گمراهين ۾ ڦسي ڇڏيو آهي، ۽ بربادين ۾ وڃي لاٿو آهي، ۽ رستن کي تنهنجي لاءِ دشوار ۽ مشڪل بڻايو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# وصيت 31: امام حسن عليہ السلام لاءِ هي وصيت نامو

صفين کان موٽنديءَ، جڏهن مقام ”حاضرين“ ۾ منزل ڪيائين، تڏهن حضرت امام حسن عليہ السلام لاءِ هي وصيت نامو تحرير فرمايائين:

هي وصيت آهي ان پيءُ جي، جيڪو فنا ٿيڻ وارو ۽ زماني (جي زبردستين) جي اقرار ڪرڻ وارو آهي، جنهن جي عمر موٽڻ واري آهي، ۽ جيڪو زماني جي سختين کان لاچار آهي، ۽ دنيا جي برائين کي محسوس ڪري چڪو آهي. پڻ مرڻ وارن جي گهرن ۾ مقيم ۽ سڀاڻي هتان وڃڻ لاءِ سفر جو سامان ٻڌڻ وارو آهي.

ان پٽ جي نالي، جيڪو نہ ملڻ واري ڳالھ جو آرزومند، عدم جي رستي جو واقف، بيمارين جو نشانو، مصيبتن جو نشانو، دنيا جو پابند ۽ ان جي فريب ڪارين جو تاجر، موت جو قرضدار، اجل جو قيدي، غمن سان ٺاھ ڪرڻ وارو، ڏک ۽ درد جو ساٿي، آفتن ۾ مبتلا، نفسن کان عاجز ۽ مرڻ وارن جو جاءِ نشين آهي.

تنهن کان پوءِ توکي معلوم هئڻ گهرجي، تہ مون دنيا کان مُنهن ڦيرائي، زماني جي سرڪشي ۽ آخرت جي پيش قدمي کان جيڪا حقيقت سجاتي آهي، سان ان امر لاءِ ڪافي آهي، تہ مون کي پين تذڪرن ۽ پنهنجي فڪر کان سواءِ ٻيو ڪوبہ فڪر نہ هجي، مگر هن وقت جڏهن ٻين جي فڪرن ۽ انديشن کي ڇڏي، آءُ پنهنجي ئي ڌُن ۾ پورو هوس، ۽ منهنجي عقل ۽ بصيرت مون کي خواهشن کان پري ۽ پاسيرو ڪري ڇڏيو هو، تڏهن منهنجو معاملو ظاهر ٿي، منهنجي سامهون اچي ويو، ۽ مون کي اصلي حقيقت ۽ صاف سڌي سچائي تائين پهچائي ڇڏيو.

مون ڏٺو، تہ تون منهنجو ئي ٽڪرو آهين، بلڪ جيڪو آءُ آهيان، سو ئي تون آهين، تانجو توتي ڪا آفت اچي، تہ گويا اها مون تي آئي، ۽ جي توتي موت آيو، تہ گويا مون تي آيو، جنهن کان مون کي تنهنجو ايترو ئي خيال ٿيندو، جيترو پنهنجو ٿي سگهي ٿو، تنهن ڪري مون هي وصيت نامو، تنهنجي رهنمائي لاءِ ان کي مددگار سمجهندي لکيو آهي، پوءِ ڪٿي آءُ جيئرو رهان يا دنيا مان هليو وڃان.

آءُ توکي وصيت ڪريان ٿو، تہ الله تعاليٰ کان ڊڄندا رهجئين، سندس حڪمن جي پابندي ڪجئين، ان جي ذڪر سان قلب کي آباد رکجئين، ۽ ان جي رسي کي مضبوطي سان قابو جهلجئين، تنهنجي ۽ الله جي



Presented by Ziaraat.Com

وچ ۾ جيڪو رشتو آهي، تنهن کان زياده مضبوط پلا ٻيو ڪهڙو رشتو ٿي سگهي ٿو؟ بشرطيڪ، مضبوطي سان ان کي جهل، وعظ ۽ نصيحت سان دل کي زنده رکجئين، ۽ زهد سان انجي خواهشن کي مرده ڪجئين، يقين سان ان کي سهارو ڏجئين، ۽ حڪمت سان ان کي پُرنور بنائجئين، موت جي ياد سان ان کي قابو ۾ ڪجئين، فنا جي اقرار تي ان کي بيهارجئين، دنيا جا حادثا ان جي سامهون آڻجئين، زماني جي گردش کان ان کي ڊيڄارجئين، گذري ويلن جا واقعات ان جي سامهون رکجئين، تو کان اڳ ۾ گذري ويل ماڻهن تي جيڪي ٿي گذريو، تنهن کي ياد ڏيارجئين، انهن جي گهرن ۽ قتل سُجين جاين ۾ گهمي ڏسجئين، ۽ ڏسجئين، تہ انهن ڇا ڪجهہ ڪيو، ڪٿان ڪوچ ڪيو، ڪٿي لٿا، ۽ ڪٿي قيام ڪيائون. جي ڏسندين، تہ توکي صاف نظر ايندو، تہ اُهي دوستن کان منهن موڙي هليا ويا آهن، ۽ پرديس جي گهر ۾ وڃي لٿا آهن، ۽ اهو وقت بہ پري نہ آهي، جو تنهنجو شمار بہ انهن ۾ ٿيڻ لڳندو، تنهن ڪري پنهنجي اصل منزل جو انتظام ڪر ۽ پنهنجي آخرت جو دنيا سان سودو نہ ڪر. جيڪا ڳالهہ نٿو ڄاڻين، تنهن بابت نہ ڳالهجان، ۽ جنهن ڳالهہ جو توسان تعلق نہ آهي، تنهن جي باري ۾ زبان کي نہ ڇورجئين، جنهن راهہ ۾ گمراهہ ٿيڻ جو انديشو هجي، ان راهہ ڏي قدم نہ کڻجئين، ڇو جو گمراهہ ٿيڻ جون سرگردانيون ڏسي، قدم روڪي وٺڻ، خطرن کي ذمي کڻڻ کان بهتر آهي. نيڪي جي تلقين ڪر، تہ جيئن تون خود بہ خير ڪندڙن ۾ شمار ٿي سگهين. هٿ ۽ زبان جي ذريعي برائي کي روڪيندو ڪجئين، جيتري قدر ٿي سگهي، برن کان جدا رهجئين، خدا جي راهہ ۾ جهاد جو حق ادا ڪجئين، ۽ ان جي باري ۾ ڪنهن بہ ملامت ڪرڻ واري جي ملامت کان متاثر نہ ٿجئين، حق جتي بہ هجي، سختين کي لتاڙي ان تائين پهچجئين. دين ۾ سُڌ پُد سان خيال ڪجئين، سختين کي برداشت ڪرڻ جو عادي ٿي، صبر ۽ تحمل بهترين طريقو آهي. هر معاملي ۾ پاڻ کي الله جي حوالي ڪري ڇڏ، ڇو جو ائين ڪرڻ سان تون پاڻ کي هڪ مضبوط پناهہ گاهہ، قوي محافظ جي سپرد ڪري ڇڏيندين، فقط پنهنجي پروردگار کان دعا گهرندو ڪر، ڇو جو ڏيڻ ۽ نہ ڏيڻ فقط انهيءَ جي اختيار ۾ آهي، گهڻي کان گهڻو پنهنجي الله تعاليٰ کان ڀلائي جو طلبگار ٿي، منهنجي وصيت کي سمجهہ ۽ ان کان منهن نہ موڙجئين. بهتر ڳالهہ اِها آهي، جيڪا فائدو رسائي، ۽ ان علم ۾ ڪا ڀلائي نہ آهي، جيڪو فائدو نہ رسائي، ۽ جنهن علم جو سکڻ مناسب نہ هجي، تنهن مان ڪو بہ فائدو حاصل ڪري نٿو سگهجي.

اي فرزند! جڏهن مون ڏٺو، تہ ڪافي عمر تائين پهچي چڪو آهيان، ۽ ڏينهون بڏينهن ڪمزوري وڌندي وڃي ٿي، تڏهن مون وصيت ڪرڻ ۾ جلدائي ڪئي. جنهن ۾ ڪجهہ اهم ڳالهيون درج ڪيون اٿم، تہ ڪٿي متان ائين نہ ٿئي، جو موت مون ڏي جلدي وڌي اچي، ۽ دل جي ڳالهہ دل ۾ ئي رهجي وڃي، يا



Presented by Ziaraat.Com

بدن وانگر عقل بہ ڪمزور ٿي وڃي يا وصيت ڪرڻ کان پھرين توتي خواهشن جو تسلط ٿي وڃي، يا دنيا جا جهيڙا جهڳڙا توکي ورائي وڃن، ۽ پوءِ تون جوش ۾ اچي (پاڻ زورو) اٺ وانگر ٿي وڃين، ڇو جو ننڍي عمر واري جي دل ان خالي زمين وانگر هوندي آهي، جنهن ۾ جيڪو بہ ٻج ڇٽيو ويندو آهن، تنهن کي قبول ڪري وٺندي آهي.

تنهن ڪري ان کان اڳ ۾، جو تنهنجي دل سخت ٿي وڃي، ۽ تنهنجو ذهن ٻين ڳالهين ۾ لڳي وڃي، مون توکي تعليم ڏيڻ لاءِ قدم کنيو، تہ جيئن تون سالم عقل جي ذريعي انهن ڳالهين کي قبول ڪرڻ لاءِ آماده ٿين، جن جي آزمائش ۽ تجربي جي زحمت کان تجربيڪارن توکي بچائي ورتو آهي. اهڙي طرح تون تلاش جي زحمتن کان بي پرواه ۽ تجربي جي تڪليفن کان آسوده ٿي ويندين، ۽ تجربي ۽ علم جون اُهي ڳالهيون (بغير محنت ۽ مشقت جي) تو تائين پهچي رهيون آهن، جن کان آءٌ واقف آهيان، ۽ پوءِ اهي ڳالهيون پڻ تنهنجي سامهون ظاهر ٿي پهچي رهيون آهن، جن مان ممڪن آهي، تہ ڪي ڳالهيون منهنجي نظرن کان بہ پوشيده هجن.

اي فرزند! جيتوڻيڪ مون اجا ايتري عمر نہ ماڻي آهي، جيتري اڳين ماڻهن جي هوندي هئي، پوءِ بہ مون انهن جي ڪارگذارين کي ڏٺو، انهن جي حالات ۽ واقعات تي غور ڪيو، ۽ انهن جي ڇڏيل نشانن ۾ سير و سياحت ڪيم، تانجو آءٌ بہ انهن مان ڄڻ تہ هڪ ٿي چڪو آهيان، بلڪ انهن سڀني جا حالات ۽ معلومات، جيڪي مون تائين پهتا آهن، تن جي ڪري ائين ٿو معلوم ٿئي، ڄڻ تہ مون انهن سان اول کان وٺي آخر تائين گڏجي زندگي گذاري آهي. اهڙي طرح مون صاف کي پليتائي، ۽ گندگي. ۽ نفعي کي نقصان کان جدا ڪري سڃاتو آهي، ۽ هاڻي سڀ جو نچور تنهنجي لاءِ مخصوص ڪري رهيو آهيان. مون خوبين کي چونڊي، تنهنجي لاءِ گڏ ڪيو آهي، ۽ بي معنيٰ ڳالهين کي توکان جدا ڪري رکيون اٿم، ۽ جيئن تہ مون کي تنهنجي هر ڳالھ جو ايترو ئي خيال آهي، جيترو هڪ شفيق پيءُ کي هئڻ گهرجي، ۽ تنهنجي اخلاقي تربيت بہ پيش نظر آهي، تنهن ڪري مناسب سمجهيم، تہ اها تعليم ۽ تربيت بہ انهيءَ حالت ۾ ٿئي، جڏهن تون نوجوان هجين، ۽ دنيا جي معاملن ۾ نئوارد هجين، ۽ تنهنجي نيت صاف ۽ نفس پاڪيزه آهي. مون چاهيو، تہ پهرين خدا جي ڪتاب، شريعت جي حڪمن ۽ حلال و حرام جي تعليم ڏيان، ۽ انهن کان سواءِ ٻين ڳالهين ڏي رخ نہ ڪريان، ليڪن اهو انديشو پيدا ٿيو، تہ ڪٿي اُهي ڳالهيون، جن ۾ ماڻهن جي عقيدن ۽ مذهبي خيالن ۾ اختلاف آهي، سي توتي بہ انهيءَ طرح شڪ واري حالت ۾ نہ اچن، جهڙي طرح انهن تي شڪي ٿيون آهن. حالانڪ انهن غلط عقيدن جو تذڪرو توسان ڪرڻو مون کي



Presented by Ziaraat.Com

ناپسند هو، مگر انهيءَ پهلو کي بہ مضبوط ڪرڻ، مون تنهنجي لاءِ بهتر سمجهو. انهيءَ ڪان تہ توکي اهڙي صورتحال جي سپرد ڪريان، جنهن ۾ مون کي تنهنجي لاءِ هلاڪت ۽ تباهي جو خطرو آهي، ۽ آءُ اميد ڪريان ٿو، تہ الله تعاليٰ توکي هدايت جي توفيق ڏيندو، ۽ صحيح رستي ڏانهن رهنمائي ڪندو. انهن ئي سببن ڪري تنهنجي لاءِ هي وصيت نامو لکان ٿو.

منهنجا فرزند ياد رک! منهنجي هن وصيت مان جن ڳالهين جي توکي پابندي ڪرڻي آهي، تن مان سڀ کان زياده منهنجي نظر ۾ جنهن ڳالھ جي اهميت آهي، سا الله تعاليٰ جي تقويٰ آهي، ۽ اهو تہ جيڪي فرض الله تعاليٰ جي طرفان تنهنجي ذمي آهن، تن تي اڪتفا ڪر ۽ جنهن راھ تي تنهنجا آباءُ و اجداد ۽ تنهنجي گهراڻي جا فرد هلندا رهيا آهن، انهيءَ تي هلندو رهجئن، ڇاڪاڻ تہ جهڙي طرح تون پنهنجي لاءِ سوچ ۽ فڪر ڪري سگهين ٿو، انهن بہ انهي سوچ ۽ فڪر ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي. مگر انتهائي غور ۽ فڪر بہ انهن کي انهيءَ نتيجي تي پهچايو، تہ جيڪي انهن کي پنهنجا فرض معلوم ٿين، تن تي اڪتفا ڪن، ۽ غير واسطيدار ڳالهين کان قدم کي روڪين، ليڪن جيڪڏهن تنهنجو نفس انهيءَ لاءِ تيار نہ هجي، تہ بغير ذاتي تحقيق جي، جهڙي طرح انهن علم حاصل ڪيو هو، تن ڳالهين کي قبول ڪري، تہ پوءِ بہ اهو لازم آهي، تہ تنهنجي طلب جو اندازو سکڻ ۽ سمجهڻ جو هجي، ۽ نہ شڪن شبهن ۾ ٽپي پون، ۽ نہ بحث ۽ نزاع ۾ ڦاسجي پوڻ جو، ۽ انهيءَ فڪر ۽ سوچ کي شروع ڪرڻ کان پهرين الله تعاليٰ کان مدد جو طبگار ٿي، ۽ ان کان توفيق ۽ تائيد جي دعا گهر، ۽ هر انهيءَ وهم جي شبھ کان پنهنجي دامن بچاءِ، جيڪو توکي شڪ ۽ شبهي ۾ وجهي يا گمراهي ۾ آڻي ڇڏي، ۽ جڏهن اهو يقن ٿي وڃي، تہ هاڻ تنهنجي دل صاف ٿي وئي آهي، ۽ ان ۾ اثر قبول ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿي وئي آهي، ۽ ذهن پوري طرح تي يڪسوئي سان تيار آهي، ۽ تنهنجو ذوق شوق هڪ ئي نقطي تي ڄمي ويو آهي، تڏهن پوءِ انهن مسئلن تي غور ڪجئين، جيڪي مون تنهنجي سامهون بيان ڪيا آهن، ليڪن تنهنجي منشا مطابق دل جي يڪسوئي ۽ فڪر ۽ سوچ جي آسودگي حاصل نہ ٿي آهي، تہ پوءِ سمجهي ڇڏ، تہ تون اجا ان وادي ۾ شبڪور (جيڪا رات جو نہ ڏسي) ڏاچي وانگر هٿ پير هڻي رهيو آهين، ۽ جيڪو دين ( جي حقيقت) جو طلبگار هوندو آهي، سو اونداهي ۾ هٿ پير نہ هڻندو آهي ۽ نہ بي فائده بحث ڪندو آهي، اهڙي حالت ۾ بهتر آهي، تہ ان وادي ۾ قدم نہ رکجان.

تہ اي نور چشم! منهنجي وصيت کي سمجھہ ۽ اهو يقين ڪر، تہ جنهن جي هٿ ۾ موت آهي تنهن جي ئي هٿ ۾ زندگي بہ آهي، ۽ جيڪو پيدا ڪرڻ وارو آهي، سو ئي مارڻ وارو بہ آهي، ۽ جيڪو نيست ۽



Presented by Ziaraat.Com

نابود ڪرڻ وارو آهي، سو ئي وري ٻيهر دفعو زنده ڪرڻ وارو بہ آهي، ۽ جيڪو بيمار ڪرڻ وارو آهي، سو ئي صحت عطا ڪرڻ وارو بہ آهي. بهرحال، دنيا جو نظام اهو ئي رهندو، جيڪو الله تعاليٰ ان جي لاءِ مقرر ڪيو آهي.

نعمتن جو ڏيڻ، مصيبت ۽ آزمائش ۾ وجهڻ ۽ آخرت ۾ جزا (نيڪي جو صلو) ڏيڻ يا اهو جيڪو سندس مشيت ۾ ٿي چڪو آهي، جنهن کي اسين نٿا ڄاڻون، يا جيڪا ڳالهہ ان مان تنهنجي سمجهہ ۾ نہ اچي ، تہ ان کي پنهنجي لاعلمي تي قياس ڪر، ڇو جو جڏهن تون شروعات ۾ پيدا ٿيو هئين، تہ ڪجهہ بہ نہ ڄاڻندو هئين، بعد ۾ توکي سيکاريو ويو، ۽ اڃا بہ ڪيترين اهڙين ڳالهين آهن جن کان تون بي خبر آهين، انهن ۾ پهرين تنهنجو ذهن پريشان ٿئي ٿو ۽ نظر گمراهہ ٿئي ٿي، ۽ پوءِ ئي انهن کي سمجهي وٺين ٿو، تنهن ڪري انهي جي دامن جهل، جنهن توکي پيدا ڪيو ۽ رزق ڏنو ۽ خوبصورت ڪري خلقيو، بس انهيءَ جي عبادت ڪر، انهي جي طلب ڪر ۽ انهيءَ کان ئي ڊڄ.

اي فرزند! توکي معلوم هئڻ گهرجي، تہ ڪنهن بہ هڪ الله سبحانہ جي تعليمات کي اهڙو پيش نہ ڪيو ، جهڙو رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن تنهن ڪري انهن کي پنهنجي رضامندي ۽ خوشنودي سان پنهنجو پيشوا ۽ نجات جو رهبر مڃ مون توکي نصيحت ڪرڻ ۾ ڪا ڪمي نہ ڪئي آهي، ۽ تون پنهنجي ڪوشش جي باوجود پنهنجي نفعي ۽ واڌاري تي، انهي حد تائين نظر نہ ٿو ڪري، سگهين، جنهن حد تائين آءٌ تنهنجي لاءِ سوچي سگهان ٿو.

اي فرزند! يقين ڪري، تہ جيڪڏهن تنهنجي پروردگار جو بہ ڪو ٻيو شريڪ هجي ها تہ ان جا بہ رسول اچن ها ۽ ان جي سلطنت ۽ فرمانروائي جا بہ آثار ڏسڻ ۾ اچن ها، ۽ ان جا فعل ۽ وصفون بہ ڪجهہ معلوم ٿين ها، مگر هو هڪ اڪيلو الله آهي، جيئن تہ هن خود فرمايو آهي تہ سندس ملڪ ۾ ڪوبہ ساڻس همسري نٿو ڪري سگهي، هو هميشہ کان آهي ۽ هميشہ ئي رهندو، هو بغير ڪنهن ابتدائي نقطي جي سمورين ڳالهين کان اڳ جو آهي، ۽ بغير ڪنهن انتها جي حد جي سمورين ڳالهين کان پوءِ بہ هوندو، هو انهن (ڳالهين ) کان بلند ۽ بالا آهي. جو هن جو ربوبيت جا ثبوت قلب يا نگاهہ جي گهيري ۾ اچڻ سان مليل هجن جڏهن تون اهو سمجهي وڃين تہ پوءِ عمل ڪر، اهڙو عمل، جيڪو توکي پنهنجي گهٽ درجي، گهٽ طاقت ۽ وڌل عاجزي ۽ هن جي اطاعت جي تلاش ۽ هن جي سزا جي خوف ۽ هن جي ناراضپي جي انديشي سان، پنهنجي پروردگار جي طرف نهايت وڏي احتياج سان ڪرڻ گهرجي، هن توکي انهن



Presented by Ziaraat.Com

ڳالهين جو حڪم ڏنو آهي، جيڪي نيڪ آهن ۽ انهن ڳالهين کان منع ڪئي اٿس، جيڪي بريون آهن.

اي فرزند! مون توکي دنيا ۽ ان جي حالت ۽ ان جي بي ثباتي ۽ ناپائداري کان خبردار ڪري ڇڏيو آهي، ۽ آخرت ۽ آخرت وارن لاءِ جيڪو عشرت جو سامان مهيا آهي، تنهن کان بہ توکي آگاهہ ڪيو اٿم، ۽ انهن ٻنهي جا مثال بہ تنهنجي سامهون پيش ڪريان ٿو، تہ جيئن انهن کا عبرت حاصل ڪرين، ۽ انهن جي گهرجن تي عمل ڪرين جن ماڻهن دنيا کي چڱي طرح سمجهيو آهي، تن جو مثال انهن مسافرن جهڙو آهي، جن جي دل ڏڪار واري منزل کان اداس ٿيل آهي، ۽ انهن هڪ سرسبز ۽ شاداب هنڌ ۽ هڪ ترو تازه ۽ پربهار جڳهہ ڏانهن رخ ڪيو، ۽ انهن رستي جي دشوارين کي برداشت ڪيو ، دوستن جي جدائي سٺائون، سفر جون صعوبتون گوارا ڪيائيون، ۽ کاڌي جي خراب ذائقن تي صبر ڪيائون، تہ جيئن پنهنجي منزل جي ويڪرائي ۽ دائمي قرار گاهہ تائين پهچي وڃون، انهيءَ مقصد جي ڏن ۾ انهن کي انهن سيني ڳالهين کان ڪابہ تڪليف محسوس نہ ٿي، ۽ جيترو بہ خرچ ٿي وڃي، تنهن ۾ نقصان معلوم نٿو ٿئي، انهن کي هاڻي سڀ کان زياده اها ڳالهہ پسند آهي، جيڪا انهن کي منزل جي نزديڪ ۽ مقصد جي ويجهو ڪري.

ان جي برخلاف، انهن ماڻهن جو مثال، جن دنيا کان فريب کاڌو، انهن جهڙو آهي، جيڪي هڪ سربز ۽ سائي گاهہ واري ميدان ۾ هجن، ۽ اتان هو بيزار ٿي وڃن ۽ ان جڳهہ ڏي رخ ڪن، جيڪي مينهن نہ پوڻ سبب تباهہ ٿيون هجن، انهن لاءِ سخت ترين اهو حادثو هوندو، جو هو موجوده حالتن کي ڇڏي، اوڏانهن ويندا ، جتي انهن کي اوچتو پهچڻو آهي، ۽ بهر صورت اتي وڃڻو آهي.

اي فرزند! پنهنجي ۽ ٻين جي وچ ۾ هر معاملي ۾ پنهنجي ذات کي ميزان سمجهہ . جيڪي پنهنجي لاءِ پسند ڪرين ٿو، سوئي ٻين لاءِ پسند ڪر، ۽ جيڪي پنهنجي لاءِ نٿو چاهين، تنهن کي ٻين لاءِ بہ نہ چاهيندو ڪر، جهڙي طرح چاهين ٿو، تہ توتي زيادتي نہ ٿئي، تهڙي طرح ٻين تي بہ زيادتي نہ ڪري ۽ جهڙي طرح اهو چاهين ٿو، تہ توسان سهڻو سلوڪ ڪيو وڃي، تهڙي طرح ٻين سان بہ سهڻي سلوڪ سان پيش اچ . ٻين جي جنهن ڳالهہ کي تون برو سمجهين ٿو، تہ پوءِ اها جي تو ۾ هجي تہ ان کي بہ برو سمجهہ ۽ ماڻهن سان جيڪو تنهنجو رويو هجي، تہ انهيءَ رويي کي پنهنجي لاءِ بہ درست سمجهہ. جيڪا ڳالهہ نٿو ڄاڻين، تنهنجي جي باري ۾ زبان نہ کول ، جيتوڻيڪ تنهنجي.



Presented by Ziaraat.Com

معلومات گهٽ هجي سا ٻين لاءِ اها ڳالهه نه ڇئو، جيڪا پنهنجي لاءِ ٻڌڻ گوارا نٿو ڪرين، ياد رک! تو پوءِ ياد رک! خود پسندي صحيح طريقي جي خلاف ۽ عقل جي تباهي جو سبب آهي، روزي ڪمائڻ ۾ ڊوڙ ڊڪ ڪر ۽ ٻين جو خزانچي نه بڻج. ۽ جيڪڏهن سڌي راهه تي هلڻ جي توفيق تنهنجي شامل حال ٿي وڃي،ته پوءِ انتهائي درجي تائين فقط پنهنجي پروردگار جي سامهون عاجزي اختيار ڪجئين، ڏس تنهنجي سامهون دشوار هلڻ وارو رستو ، جيڪو دور دراز آهي، تنهن جي لاءِ بهترين ثمر جي تلاش ۽ ڪفايت واري توشي جو گڏ ڪرڻ، ان کان سواءِ هلڪي بار وارو ٿيڻ ضروري آهي، تنهن ڪري طاقت کان زياده پنهنجي پٺي تي بار وارو ٿيڻ ضروري آهي، تنهن ڪري پنهنجي طاقت کان زياده پنهنجي پٺي تي نه کڻ، جو اهو بار تنهنجي لاءِ جان جو وبال بنجي ويندو، ۽ جڏهن اهڙا بکايل ماڻهو ( توکي) ملي وڃن، جيڪي تنهنجو توشو کڻي، محشر جي ميدان ۾ پهچائي ڏين، ۽ جڏهن سڀاڻي تو کي ان جي ضرورت پوندي، ته تنهنجي حوالي ڪري ڏين، ته ان کي غنيمت ڄاڻ ۽ جيترو ٿي سگهي، ان جي پٺي تي رکي ڇڏ، ڇو جو ٿي سگهي ٿو ته وري تون اهڙي شخص کي ڳولين ۽ نه لڀين ۽ جيڪو تنهنجي دولتمندي واري حالت ۾ تو کان قرض گهري رهيو آهي، ان وعدي تي، ته جڏهن تو تي تنگدستي جو وقت ايندو، ته پوءِ هو ادا ڪندو، ته ان کي به غنيمت ڄاڻ.

ياد رک! تنهنجي سامهون هڪ دشوار هلڻ وارو سوڙهي لڪ وارو پيچرو آهي، جنهن تي هلڪو سلڪو ماڻهو ڳري بار واري ماڻهو کان وڌيڪ سٺي حالت ۾ هوندو ۽ سست رفتار وارو، تيز قدم ڊوڙڻ واري جي نسبت ۾ بري حالت ۾ هوندو، ۽ انهيءَ راهه ۾ ضرور تنهنجي منزل جنت ٿيندي يا دوزخ تنهن ڪري لهڻ کان پهرين جڳهه جو انتخاب ڪر ۽ منزل انداز ٿيڻ کان پهرين ان جڳهه کي ٺيڪ ٺاڪ ڪر ، ڇو جو موت کانپوءِ خوشنودي حاصل ڪرڻ جو موقعو نه ملندو، ۽ نه وري دنيا ڏانهن واپس اچڻ جي ڪا صورت ئي ٿيندي.

يقين ڪر ته جنهن جي قبضہ قدرت ۾ آسمانن ۽ زمين جا خزانا آهن، تنهن تو کي دعا گهرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي، ۽ قبول ڪرڻ جو ذمو کنيو اٿس، ۽ حڪم ڪيو اٿس، ته توهان گهرو، ته هو توهان کي ڏي، رحم جي درخواست ڪريو، ته رحم ڪري، هن پنهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ دربان مقرر نه ڪيا آهن، جيڪي تو کي روڪيندا هجن، نه تو کي ان تي مجبور ڪيو اٿس، ته تون ڪنهن کي هن وٽ سفارش لاءِ وٺي اچ، تڏهن تنهنجو ڪم ٿئي ۽ جي تو گناه ڪيا هجن، ته هن تنهنجي لاءِ توبہ جي گنجائش ختم نه ڪئي آهي، نه وري سزا ڏيڻ ۾ ڪا جلدي ڪئي اٿس ، ۽ نه ڪو توبہ ۽ ان جي قبوليت کان پوءِ



Presented by Ziaraat.Com

ڪڏھن طعنو ڏنو آھي (تہ پوءِ پھرين ھيئن ڪيو ۽ ھونءَ ڪيو) نہ وري اھڙن موقعن تي ھن تو کي رسوا ڪيو آھي، جتي رسوا ٿيڻ کپندو ھو، ۽ نہ وري ھن توبہ جي قبول ڪرڻ ۾ (ڪڙا شرط لڳائي) توسان سختي ڪئي آھي. نہ گناھ جي باري ۾ توسان سختي سان اعتراض ڪيو آھي، ۽ نہ وري پنھنجي رحمت کان مايوس ڪري ٿو، بلڪ ھن تہ گناھ کان علحدگي ڪرڻ کي بہ ھڪ نيڪ تجويز ڪيو آھي، ۽ جيڪڏھن برائي ھڪ ھجي، تہ ان کي ھڪ برائي ۽ نيڪي ھڪ ھجي، تہ ان کي ڏھن (نيڪين) جي برابر قرار ڏنو آھي، ھن توبہ جو دروازو کولي رکيو آھي، جڏھن بہ ھن کان دعا گھرندين، تہ ھو تنھنجي پڌي ٿو، ۽ جيڪھن بہ راز و نياز ڪندين، ھن کي ڪجھ چوندين تہ ھو اھو سمجھي وڃي ٿو، تون ھن کان ئي مرادون گھري ۽ ان جي سامھون دل جا ڀيد کولين ٿو، انھيءَ سان ئي پنھنجي ڏکن ۽ دردن جا رڻا روئين ٿو، ۽ مصيبتن مان ڪيڻ لاءِ التجائون ڪرين ٿو، انھيءَ سان ئي پنھنجي ڪمن ۾ مدد گھرين ٿو، ھن جي رحمت جي خزانن مان اھي ڳالھيون طلب ڪرين ٿو، جن جي ڏيڻ تي ٻيو ڪير بہ قدرت نٿو رکي، جھڙوڪ: طولاني عمريون، جسماني صحت ۽ توانائي ۽ رزق ۾ ڪشادگي ۽ ان تي ھن تنھنجي ھٿ ۾ پنھنجي خزانن کولڻ واريون ڪنجيون ڏئي ڇڏيون آھن، اھڙي طرح جو تو کي پنھنجي بارگاھ مان دعا گھرڻ جو طريقو ٻڌايو اٿس، اھڙي طرح جڏھن بہ تون چاھين، تہ دعا جي ذريعي ان جي نعمتن جي دروازن کي کولي وٺ، ھن جي رحمت جي مينھن کي وسائي وٺ، ھا، ڪن وقتن تي جيڪڏھن قبوليت ۾ دير ٿئي، تہ ان کان نا اميد نہ ٿيجئين، ڇو جو عطيہ نيت جي مطابق ھوندو آھي، ۽ اڪثريت ۾ انھي ڪري دير ٿيندي آھي، تہ جيئن سائل جي اجر ۾ وڌيڪ اضافو ٿئي، ۽ اميدوار کي عطيہ اڃا بہ وڌيڪ ملي، ۽ وري ڪڏھن ائين بہ ٿيندو آھي تہ تون ھڪ شيءِ گھرندو آھين، ۽ اھا تو کي حاصل نہ ٿيندي آھي، مگر دنيا يا آخرت ۾ ان کان بہ وڌيڪ شيءِ ملندي آھي، يا تنھنجي ڪنھن بھتر مفاد جي پيش نظر تو کي ان کان محروم ڪيو ويندو آھي، اھو ان ڪري جو تون ڪڏھن اھڙيون شيون بہ طلب ڪرين ٿو، جو جيڪڏھن تو کي ڏنيون وڃن، تہ جيڪر تنھنجو دين تباھ ٿي وڃي ، تنھن ڪري تو کي بس اھي شيون طلب ڪرڻ گھرجن جن جو جمال پائيدار ھجي، ۽ جنھن جو وبال تنھنجي سر تي نہ پوڻ وارو ھجي، باقي رھيو دنيا جو مال سو نہ اھو تنھنجي لاءِ رھندو ۽ نہ وري تون ان جي لاءِ رھندين.

ياد رک! تون آخرت جي لاءِ پيدا ٿيو آھين، ۽ نہ دنيا جي لاءِ فنا جي لاءِ خلقيو ويو آھين، نہ بقا جي لاءِ بڻايو ويو آھين، نہ حيات جي لاءِ تون ھڪ اھڙي منزل ۾ آھين ، جنھن کي نہ ٽڪاءُ آھي ، نہ سھارو آھي. ۽ ھڪ اھڙي گھر ۾ آھين، جيڪو آخرت جي ساز و سامان مھيا ڪرڻ لاءِ آھي. ۽ فقط اھا منزل آخرت لاءِ رستو آھي. تون اھو آھين، جنھن جو موت پيڇو ڪيو ٿو وتي، جنھن کان ڀڄڻ وارو ڇوٽڪارو نٿو حاصل



Presented by Ziaraat.Com

ڪري سگهي، ڪير بہ ڪيتري ڪوشش ڪري، تہ ان جي هٿ مان نڪري نٿو سگهجي، ۽ هو بهرحال ان کي جهلي وٺندو. تنهن ڪري، ان جي هٿ مان نڪري نٿو سگهي، ۽ هو بهرحال ان کي جهلي وٺندو. تنهن ڪري انهي ڳالهہ کان ڊڄ جو موت تو کي اهڙي گناهن جي عالم ۾ اچي وٺي، جن کان توبہ جا خيال، تون دل ۾ آڻيندو هئين ، مگر اهو تنهنجي ۽ توبہ جي وچ ۾ حائل ٿي وڃي ( پوءِ جيڪڏهن ائين ٿيو، تہ سمجهي ڇڏ، تہ تو پنهنجي نفس کي هلاڪت ۾ وجهي ڇڏيو.

اي فرزند! موت کي ۽ انهي منزل کي جتي تو کي اوچتو وارد ٿيڻو آهي، ۽ جتي مون کان پوءِ پهچڻو آهي، ( تنهنن کي) هر وقت رکڻ گهرجي، تہ جيئن جڏهن اهو اچي. تہ تون پنهنجو حفاظتي سر و سامان مڪمل ۽ ان جي لاءِ پنهنجي قوت مضبوط ڪري چڪو هجين، ۽ هو اوچتو متان توتي اچي ٽٽي، جو تو کي بي دست و پا ( بيوس ) ڪري ڇڏي.

خبردار ! دنيا دارن جي دنيا پرستي ۽ انهن جي حرص ۽ طمع جيڪو تو کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو تو کي دوکي ۾ نہ وجهي ، انهيءَ ڪري جو الله تعالىٰ ان جي وصف چڱي طرح بيان ڪئي آهي، ۽ دنيا بہ خود پنهنجي حقيقت واضح ڪئي آهي، ۽ پنهنجي براين کي پڻ بي نقاب ڪيو آهي، هن ( دنيا) جا عاشق ۽ مطيع پونڪڻ وارا ڪتا ۽ چيري ڦاڙي کائڻ وارا حيوان آهن، جيڪي پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي گرن ٿا. طاقتور ڪمزور کي ڳهي ٿو وڃي ۽ وڏو ننڍي کي لتاڙي چيپاٽي ٿو ڇڏي، انهن مان ڪي چوپايا يا ٻڌل آهن، ۽ ڪجهہ ڇٽل آهن، جن پنهنجا عقل وڃائي ڇڏيا آهن، ۽ اڻ ڄاتل رستي تي هلي رهيا آهن. اهي مشڪل هلڻ وارين وادين ۾ ۽ آفتن وارن ڏٽن ۾ آجا ڇڏيل آهن، نہ انهن جو ڪو ڌنار آهي. جو انهن جي چوڪسي ڪري، ۽ نہ وري ڪو انهن جو دراڙ آهي. جو انهن کي چاري دنيا تہ انهن کي گمراهہ واري رستي تي آندو آهي، ۽ هدايت جي مناري سان انهن جون اکيون بند ڪي ڇڏيون آهن، هي ان جي گمراهين ۾ سرگردان ۽ ان جي نعمتن ۾ غلطان آهن، ۽ ان کي ئي پنهنجو معبود بڻائي ڇڏيو آهي. دنيا انهن سان کيڏي رهي آهي ۽ هي وري دنيا سان کيڏي رهيا آهن ۽ ان جي اڳئين منزل کي وساري ويٺا آهن.

ترس! اونداهي لهن ڏي، ڇڻ تہ ( حشر جي ميدان ۾) سواريون اچي لٿيون آهن، تيز قدم هلڻ وارن لاءِ اهو وقت پري نہ آهي. جو پنهنجي قافلي سان وڃي ملندا، ۽ معلوم هئڻ گهرجي تہ جيڪو شخص رات ۽ ڏينهن جي گهوڙي تي سوار آهي، سو جيتوڻيڪ بيٺل آهي، مگر حقيقت ۾ هلي رهيو آهي، ۽ جيتوڻيڪ هڪ ئي جاءِ تي ترسيل آهي، مگر سفر طئي ڪري رهيو آهي. ۽ اهو بہ يقين سان ڄاڻي ڇڏ، تہ تون پنهنجي خواهشن کي ڪڏهن بہ پورو ڪري نہ سگهندين ۽ جيتري حياتي وٺي آيو آهين، تنهن کان اڳتي وڌي نٿو



Presented by Ziaraat.Com

سگھين، ۽ تون بہ پنھنجي اڳين واري راھ تي آھين، تنھن ڪري طلب ۾ نرم رفتاري ۽ روزي ڪمائڻ ۾ مياني روي ڪان ڪم وٺ ڇو جو اڪثر طلب جو نتيجو مال ضايع ڪرڻ ٿئي ٿو، اھو ضروري نہ آھي، تہ رزق جي تلاش ۾ رھڻ وارو ڪامياب ئي ٿئي، ۽ تلاش ۾ اعتدال کان ڪم وٺڻ وارو محروم رھي، ھر ذلت ڪان پنھنجي نفس کي بلند تر سمجھہ پوءِ ڪٿي تنھنجي مرضي سان شين تو کي پھچائي ڇو جو پنھنجي نفس جي عزت جيڪا ضايع ڪندين تہ ان جو عيوض ڪو بہ حاصل ڪري تہ سگھندين، ٻين جو غلام نہ بڻج، جڏھن تہ الله تعالیٰ تو کي آزاد بڻايو آھي، ان ڀلائي ۾ ڪا بہ بھتري نہ آھي، جيڪا برائي جي ذريعي حاصل ٿئي، ۽ ان آرام و آسائش ۾ ڪا بہ بھتري نہ آھي، جنھن جي لاءِ ( ذلت جون) دشواريون پوءِ ڏٺيون پون.

خبردار! تو کي طمع ۽ حرص جون تيز رو سواريون متان تباھي جي ڪناري تي اچي لاھين، جيڪڏھن ٿي سگھي، تہ ائين ڪر، تہ پنھنجي ۽ الله تعالیٰ جي وچ ۾ ڪنھن بہ وليءِ نعمت ( پرورش ڪرن واري) کي واسطو بنجڻ نہ ڏي، ڇو جو تون پنھنجو حصو ۽ پنھنجي قسمت جو حاصل ڪندو رھندين، اھو ٿورو جيڪو الله تعالیٰ ڪان، خلق جي بغير احسان ڪرڻ سان ملي سو ان گھڻي کان بھتر آھي، جيڪو مخلوق جي ھٿان تو کي ملي، حالانڪ حقيقتا جيڪي ڪجھہ ملي ٿو، سو الله تعالیٰ جي ئي طرف ڪان ملي ٿو، بي موقعي تي خاموشي جو بدلو بي مھل گفتگو کان آسان آھي، برتن ۾ جيڪي ڪجھہ آھي، تنھن جي حفاظت ائين ٿيندي تہ وات بند رک، ۽ جيڪي ڪجھہ تنھنجي ھٿ ۾ آھي، تنھن کي محفوظ رکڻ، سو ٻين اڳيان سوال ڪرڻ لاءِ ھٿ ڊگھيرڻ ڪان مون کي زياده پسند آھي، ماڻھن جي اڳيان ( سوال لاءِ) ھٿ ڊيگھيرڻ ڪان نااميدي جي تلخي سھي وڃڻ بھتر آھي، پاڪدامني سان محنت مزدوري ڪري وٺڻ بدڪاري ۽ ڪڌن ڪرتوتن ۾ گھيريل دولت مندي ڪان بھتر آھي، انسان خود پنھنجي راز سٺي طرح لڪائي سگھي ٿو. ڪيترائي ماڻھو اھڙين شين لاءِ ڪوششون ڪن ٿا. جيڪي انھن لاءِ نقصانڪار ثابت ٿين ٿيون، جيڪو زياده ڳالھائي ٿو سو بي معنیٰ ڳالھيون ڪرڻ لڳي ٿو، سوچ ويچار سان قدم کڻڻ وارو ( صحيح رستو) ڏسي چڏي ٿو، نيڪ ماڻھن سان ميل ميلاپ رکندين ، تہ تون بہ نيڪ ٿي ويندين برن ماڻھن ڪان بچندو رھندين، تہ انھن ( جي اثرات) ڪان محفوظ رھندين، سڀ ڪان زياده برو ڪاڏو اھو آھي جيڪو حرام ھجي، ۽ سڀ ڪان زياده برو ظالم اھو آھي، جيڪو ڪنھن ڪمزور ۽ ھيٺي تي ڪيو وڃي، جتي نرمي ڪان ڪم وٺڻ نا مناسب ھجي، اتي نھايت سختي ڪرڻ نرمي جي مثل آھي، ڪڏھن ڪڏھن دوا بيماري ۽ وري بيماري دوا بڻجي پوندي آھي، ڪڏھن بدخواھ بہ ڀلائي واري راھ ڏسيندو آھي ۽ دوست فريب ڏئي ويندو آھي.



Presented by Ziaraat.Com

خبردار! اميدن جي سهاري تي نہ ويجهئين ڇو جو اميدون بيوقوفن جي دولت ٿئي ٿي، تجربن کي محفوظ رکڻ عقلمندي آهي، بهترين تجربو اهو آهي، جيڪو هدايت ۽ نصيحت ڏي، فرصت جو موقعو غنيمت ڄاڻ، تنهن کان اڳ، جو هو رنج ۽ ڏک جو سبب بنجي وڃي ، هر ڪو طلب ۽ ڪوشش ڪرڻ واري مقصد کي حاصل نہ ڪري سگهندو آهي. ۽ هر ڪو وڃڻ وارو پوئتي موٽي نہ ايندو آهي، توشي جو وڃائڻ ۽ عاقبت بگاڙڻ سراسر بربادي ۽ تباه ڪاري آهي، هر ڳالهہ جو هڪ نتيجو ۽ ڦل پيو ملندو آهي، جيڪو تنهنجي مقدر ۾ آهي، سو تو تائين پهچندو رهندو، واپاري پاڻ کي خطري ۾ ئي وجهندو آهي، ڪڏهن ٿورو مال گهڻي مال کان بہ زياده بابرڪت ثابت ٿيندو آهي. ڪميني عادت واري مددگار ۾ ڪا ڀلائي نہ آهي، ۽ نہ بدگمان دوست ۾، جيستائين زماني جي سواري تنهنجي قابو ۾ آهي، تنهن سان نباهيندو رهجئين، زياده اميدن کان پاڻ کي خطرن ۾ نہ وجهہ.

خبردار! ڪٿي دشمني ۽ عناد واريون سواريون توسان پاڻ زورائي ۽ سرڪشي نہ ڪرڻ لڳن. پاڻ کي پنهنجي ڀاءُ لاءِ انهيءَ ڳالهہ تي آماده ڪر، تہ جڏهن هو دوستي ٽوڙي، تہ تون ان کي جوڙ. هو منهن ڦيرائي، تہ تون اڳتي وڌي اچينس، ۽ لطف ۽ مهرباني سان پيش اچينس، هو توسان ڪنجوسي ڪري، تہ تون ان تي خرچ ڪر هو دوري اختيار ڪري تہ تون ان جي قريب ٿيڻ جي ڪوشش ڪر، هو سختي ڪندو رهي، تہ تون نرمي ڪر، هو جرم يا سهو جو ڏوهي ٿئي، تہ تون ان جي لاءِ حجت تلاش ڪر، ايتري جو ڄڻ تہ تون هن جو غلام ۽ هو تنهنجو آقا آهي.

مگر خبردار! اهو ورتاءُ بي موقعي نہ هجي، ۽ نا اهل سان اهو رويو اختيارنہ ڪجئين. پنهنجي دوست جي دشمن کي دوست نہ بنائجئين، ورنہ ان دوست جو دشمن سمجهو ويندين. دوست کي صاف صاف نصيحت جون ڳالهيون ٻڌاءِ. پوءِ اهي ان کي سٺيون لڳن يا بريون. ڪاوڙ جا ڪڙا ڍڪ پي ڇڏ. ڇو جو مون نتيجي جي لحاظ کان ان کان زياده خوش مزي وارا ۽ شيرين ڍڪ نہ پيتا آهن. جيڪو شخص توسان سختي سان پيش اچي، تنهن سان نرمي وارو ورتاءُ ڪر، ڇو جو اهڙي رويي سان هو خود نرم ٿي ويندو. دشمن جي لطف و ڪرم جي ذريعي سان سندس راه ۽ تدبير روڪي ڇڏ. ڇو جو ٻن قسمن جي ڪاميابين ۾ اها زياده مزي واري ڪاميابي آهي. پنهنجي ڪنهن دوست سان تعلقات ٽوڙڻ چاهين، تہ پوءِ پنهنجي دل ۾ ايتري جڳهہ رک، جو جيڪڏهن هن جو رويو بدلجي، تہ ان لاءِ گنجائش هجي، جيڪو تو ۾ نيڪ گمان رکي، تنهن جي نيڪ گمان کي سچو ثابت ڪر. پنهنجن لاڳاپن جي بنياد تي پنهنجي ڪنهن ڀاءُ جي حق تلفي نہ ڪر، ڇو جو پوءِ اهو ڀاءُ ڪٿان ٿيندو، جنهن جو حق تلف ڪرين، ائين نہ هئڻ گهرجي، جو تنهنجا



Presented by Ziaraat.Com

گهر وارا تنهنجي هٿان سموري عالم ۾ سيني کان زياده بدبخت ٿي وڃن. جيڪو توسان تعلقات قائم رکڻ پسند نہ ڪندو هجي، تنهن جي خواهہ مخواهہ پٺيان نہ پئہ. جيڪڏهن ڪو دوست قطع تعلق ڪري تہ تون وري محبت جي رشتي کي جوڙڻ ۾ هن کان بازي کٽي وڃ. ۽ جي هو برائي سان پيش اچي، تہ تون سهڻي سلوڪ ۾ ان کان اڳتي وڌ. ظالم جو ظلم تو تي گران نہ ٿئي. ڇو جو پنهنجي نقصان ۽ تنهنجي فائدي لاءِ گرمجوشي سان ڪاروائي ڪري ٿو. ۽ جيڪو تنهنجي خوشي جو باعث هجي. تنهن جو صلو اهو نہ آهي تہ ان سان برائي ڪر.

اي فرزند! يقين ڪر تہ رزق ٻن طريقن جو ٿئي ٿو: هڪ اهو جنهن جي تون ڳولا ڪرين ٿو. ۽ ٻيو اهو جيڪو تنهنجي ڳولا ۾ لڳل آهي. جيڪڏهن تون ان ڏانهن نہ ويندين ، تہ بہ هو تو تائين اچي رهندو، ضرورت پوڻ تي عاجزي ۾ منٿون ڪرڻ ۽ مطلب نڪرڻ کان پوءِ بد اخلاقي سان پيش اچڻ ڪهڙي نہ بڇڙي عادت آهي. دنيا ۾ بس پنهنجو ايترو ئي ( حصو ) سمجھہ جنهن کان پنهنجي عقبيٰ جي منزل سنواري سگهين، جيڪڏهن تون هر انهي شيءِ تي جيڪا تنهنجي هٿان نڪري وڃي ٿي. ۽ ان تي واويلا مچائين ٿو تہ پوءِ هر انهيءَ شيءِ تي رنج ۽ افسوس بہ ڪر، جيڪا تو کي نہ ملي آهي. موجوده حالات مان، بعد ۾ اچڻ وارين حالتن جو بہ خيال ڪر، انهن ماڻهن وانگر نہ ٿي، جن تي نصيحت ان وقت تائين ڪارگر نٿي ٿئي ، جيستائين انهن کي پوري طرح تڪليف نہ پهچائي وڃي. ڇوجو عقلمند ڳالهين مان ئي مڃي ويندا آهن ۽ حيوان لتن کانسواءِ نٿا مڃن. ٿڌي پوڻ واري غم ۽ ڏک درد کي صبر جي پختگي ۽ يقين جي خوبصورتي سان دور ڪر، جيڪو وچولو رستو ڇڏي ٿو، سو بي راهہ ٿئي ٿو. دوست عزيز جي بجاءِ ٿيندو آهي. سچو دوست اهو آهي، جيڪو پر پٺ بہ دوستي کي نباهي، هوا و هوس کان زحمت ۾ پوڻ لازمي آهي. ڪيترائي ويجها (عزيز) ڏاين کان بہ زياده بي تعلق هوندا آهن، ۽ ڪيترائي ڏاريا، قريبن کان بہ زياده ويجها ٿين ٿا. پرديسي اهوآهي، جنهن جو دوست نہ هجي، جيڪو حق کان ڦري ٿو. تنهن رستو تنگ ٿئي ٿو. جيڪو پنهنجي حيثيت کان اڳتي نٿو وڌي. تنهن جي عزت برقرار رهي ٿي، تنهنجي هٿن ۾ سڀ کان زياده مضبوط وسيلو اهو آهي. جيڪو تنهنجي ۽ الله تعاليٰ جي درميان آهي. جيڪو تنهنجي پرواهہ نٿو ڪري، سو تنهجو دشمن آهي. جڏهن حرص ۽ طمع تباهي جو سبب هجي، تو پوءِ مايوسي ۾ ئي فتح آهي هر ڪو عيب ظاهر نہ ٿيندو آهي، فرصت جو موقعو هر هر نہ ملندو آهي. ڪڏهن تہ اکين وارو بہ صحيح رستو وڃائي ڇڏي ٿو ۽ انڌو وري صحيح رستو حاصل ڪندو آهي، برائي کي پٺن پويان ڪري ڇڏ. ڇو جو جڏهن بہ چاهيندين تہ ان جي طرف وڌي سگهين ٿو. جاهل سان تعلقات ٽوڙڻ، عقلمند سان رشتي جوڙڻ جي برابر آهي، جيڪو دنيا تي اعتقاد ڪري مطمئن ٿئي ٿو، تنهن کي دنيا دغا ڏي ٿي. ۽ جيڪو ان کي



Presented by Ziaraat.Com

عظمت جي نگاهن سان ڏسي ٿو، تہ اها ان کي پست ۽ ذليل ڪري ٿي، هر تيز انداز جو نشانو صحيح ڪو نہ ٿيندو آهي، جڏهن حڪومت بدلجي ٿي تہ زمانو بہ بدلجي وڃي ٿو. رستي کان پهرين پنهنجي سفر واري شريڪ ۽ گهر کان پهرين پاڙيسري بابت پڇا ڳاڇا ڪر.

خبردار! پنهنجي گفتگو ۾ ڪلائڻ واريون ڳالهيون نہ ڪر، پوءِ ڪٿي اهي قول جي نقل جي حيثيت سان هجن.عورتن سان هر گز مشورو نہ ڪريو، ڇو جو انهن جي راءِ ڪمزور ۽ ارادا سست ٿين ٿا. انهن کي پردي ۾ ويهاري، انهن جي اکين کي ليئا پائڻ ۽ جهاتين پائڻ کان روڪيو، ڇو جو پردي جي سختي انهن جي عزت ۽ آبرو کي برقرار رکڻ واري آهي. انهن جو گهرن کان نڪرڻ ان کان زياده خطرناڪ نٿو ٿئي. جيترو ڪنهن بي اعتبار کي گهر ۾ اچڻ ڏجي. جيڪڏهن ٿي سگهي، تہ ائين ڪريو تہ توهان کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي اهي نہ سڃاڻينديون هجن. عورت کي سندس ذاتي ڪمن کان سواءِ ٻيا اختيارات نہ سونپيو، ڇو جو عورت هڪ گل آهي، اها حڪم ڪرڻ واري ۽ حڪمران نہ آهي . ان جو خيال ۽ لحاظ سندس ذات کان اڳتي وڌڻ نہ ڏيو، اهو حوصلو بہ منجهس پيدا ٿيڻ نہ ڏيو. جو هو ٻين جي سفارش ڪرڻ لڳي. اجايو بي موقعي شڪ ۽ بدگماني جو اظهار نہ ڪريو. ڇو جو ائين ڪرڻ سان هڪ نيڪ چال ۽ پاڪباز عورت بہ آوارگي ۽ بدڪرداري جي راهه ڏسي ڇڏي ٿي. ، پنهنجي نوڪرن مان هر شخص لاءِ هڪ ڪم مقرر ڪري ڇڏ. جنهن جي ذميداري ان کان ڪري سگهين، انهيءَ طريقي سان هو تنهنجي ڪمن کي هڪٻئي تي نہ ٽاريندا. پنهنجي قوم ۽ قبيلي جو احترام ڪر. ڇو جو هو تنهنجا اهڙا پر آهن. جن سان تون اڏامين ٿو، ۽ اهڙا بنياد آهن جن جو تون سهارو وٺين ٿو، ۽ اهي تنهنجا هٿ ۽ بازو آهن. جن سان حملو ڪرين ٿو. آءٌ تنهنجي دين ۽ تنهنجي دنيا کي الله تعاليٰ جي حوالي ڪريان ٿو. ۽ ان حال ۽ مستقبل ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ تنهنجي لاءِ ڀلائي جي فيصلي جو خواستگار آهيان. والسلام



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 32: معاويہ جي نالي

معاويہ جي نالي:

تو ماڻھن جي ھڪ وڏي جماعت کي تباھ ڪري ڇڏيو آھي. پنھنجي گمراھي سان انھن کي ٿڳيو اٿئي، ۽ انھن کي تو پنھنجي سمنڊ جي لھرن ۾ پڻ وجھي ڇڏيو آھي. انھن تي اونداھيون ڇانيل آھن، ۽ شڪ شبھن جون لھرون انھن کي ٿيڙون ھڻي رھيون آھن. جنھن ڪان پوءِ ھو سڌي راھ ڪان بي راھ ( گمراھ) ٿي ويا آھن، پوئين پيرين ڦري ويا، پنيرا ٿي کسڪي ويا، ۽ پنھنجي حسب نسب تي پروسو ڪري ويٺا. بصيرت وارن ڪانسواءِ جيڪي موٽي آيا ۽ توکي سڃاڻڻ ڪان پوءِ تو ڪان جدا ٿي ويا، ۽ تنھنجي مدد ۽ امداد ڪان منھن موڙي الله تعالیٰ جي طرف تيزي سان ھليا، تڏھن تو انھن کي مشڪلاتن ۾ ڦاسائي ڇڏيو ھو. ۽ اعتدال واري راھ تان ھٽائي ڇڏيو ھو.

اي معاويہ! پنھنجي باري ۾ الله تعالیٰ ڪان ڊڄ، ۽ پنھنجي مھار شيطان جي ھٿ مان ڇڪي وٺ، ڇو جو دنيا تو ڪان بھر حال ٽٽي ويندي، ۽ آخرت تنھنجي قريب پھچي چڪي آھي. والسلام.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 33: مڪي جي والي قثم ابن عباس جي نالي

مڪي جي والي قثم ابن عباس جي نالي:

مغربي علائقہ واري منهنجي جاسوس مون کي لکيو آهي تہ ڪن شام جي ماڻهن کي ( مڪہ ) حج جي لاءِ روانو ڪيو ويو آهي، جيڪي دلين جا انڌا ڪنن کان ٻوڙا ۽ اکين جي روشني کان محروم آهن. جيڪي حق کي باطل واري راهہ تان ڳولين پيا ۽ الله تعاليٰ جو گناهہ ڪري، مخلوق جي اطاعت ڪن ٿا. ۽ دين جي بهاني سان دنيا (جي ٿڻن) مان کير ڏهن پيا. نيڪن ۽ پرهيزگارن جي آخرت واري اجر کي هٿان ڇڏي. دنيا جو سودو ڪن پيا.

ڏسو ! ڀلائي ان جي حصي ۾ ٿئي ٿي. جيڪو ان تي عمل ڪري ٿو، ۽ برو بدلو انهي کي ملي ٿو، جيڪو برا ڪم ڪري ٿو، تنهن ڪري توهان پنهنجي منصبي فرضن کي ان شخص وانگر ادا ڪريو ، جيڪو بافهم، پختہ ڪار، خيرخواهہ ۽ دانشمند هجي. ۽ پنهنجي حاڪم جو فرمانبردار ۽ پنهنجي امام جو مطيع رهي، ۽ خبردار! ڪو اهڙو ڪم نہ ڪجو ، جو توهان کي معذرت ڪرڻ جي ضرورت پيش اچي. ۽ نعمتن جي فراواني جي وقت ڪڏهن بہ وڏائي نہ ڪجو، ۽ سختين جي موقعي تي ڪمزوري ۽ بزدلي نہ ڏيکارجو.

والسلام



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 34: محمد بن ابي بڪر جي نالي

محمد بن ابي بڪر جي نالي ان موقعي تي، جڏهن کيس معلوم ٿيو ته هو "مصر" جي حڪومت کان پنهنجي معزولي ۽ مالڪ اشتر جي مقرر سببان رنجيده آهي، ۽ پوءِ مصر پهچڻ کان پهريائين رستي ۾ انتقال فرمائي ويو. تڏهن پاڻ محمد کي فرمايائين ته:

مون کي خبر پئي آهي ته تنهنجي جاءِ تي "اشتر" کي موڪلڻ سان تو کي ڏک ٿيو آهي، پر حقيقت اها آهي ته مون اها تبديلي انهي ڪري نه ڪئي هئي، ته تو کي ڪم ۾ ڪمزور ۽ سست سمجهيم مون اهو چاهيو ته تون پنهنجي ڪوشش کي تيز ڪرين، ۽ جيڪڏهن تو کي انهي حڪومت جي عهدي تان جيڪو تنهنجي هٿ ۾ هو، هٽايم، ته پوءِ تو کي ڪنهن اهڙي هنڌ جي حڪومت سپرد ڪريان ها، جنهن ۾ تو کي زحمت گهٽ ٿئي ۽ اها تو کي پسند به زياده اچي.

بيشڪ! جنهن شخص کي مون مصر جو والي بنايو هو، سو اسان جو خير خواه ۽ دشمنن لاءِ سخت گير هو، الله تعالیٰ ان تي رحمت ڪري، هو زندگي جا ڏينهن پورا ڪري، ۽ موت سان همڪنار ٿيو، انهي حالت ۾ اسين هن کان راضي آهيون. الله تعالیٰ جون رضامنديون به ان کي نصيب ٿين. ۽ هن کي گهڻي کان گهڻو ثواب عطا فرمائي، هاڻي تون دشمن سان مقابلي لاءِ ٻاهر نڪري نروار ٿي. پنهنجي بصيرت سان روانو ٿي وڃ، ۽ جيڪو توسان وڙهي، تنهن سان وڙهڻ لاءِ آماده ٿي، ۽ پنهنجي پروردگار جي راهه جي طرف دعوت ڏي. ۽ زياده کان زياده الله تعالیٰ کان مدد گهر ته هو تنهنجي مسئلن ۾ مدد ڪندو. ۽ پڻ مصيبتن ۾ تنهنجي مدد ڪندو. انشاءَ الله.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 35: مصر ۾ محمد ابن ابي بڪر جي شهيد ٿي وڃڻ کان پوءِ

مصر ۾ محمد ابن ابي بڪر جي شهيد ٿي وڃڻ کان پوءِ عبد الله ابن عباس جي نالي:

مصر کي دشمنن فتح ڪري ڇڏيو ۽ محمد ابن ابي بڪر رحمہ الله عليہ شهيد ٿي ويو. اسين الله کان ئي اجر گهرون ٿا. ان فرزند جي مارجي وڃڻ تي، جيڪو اسان جو خير خواه سرگرم ڪارڪن، نهايت تيز تلوار ۽ بچاءَ جو ٿنڀو هو ۽ مون ماڻهن کي هن جي مدد لاءِ وڃڻ جي دعوت بہ ڏني هئي، ۽ هن حادثي کان پهرين سندس فرياد تي پهچڻ جو بہ حڪم ڏنو ويو، ۽ ماڻهن کي ظاهر ۽ پوشيده بار بار سڏايم مگر ٿيو ائين جو ڪجھ آيا بہ، پر بي دليا ، ۽ ڪي حيلا بهانا ڪرڻ لڳا ۽ ڪن ڪوڙا بهانا ڪري، تعاون ڪرڻ کان انڪار ڪيائون.

آءُ تہ هاڻي الله تعالي کان اهو ئي چاهيان ٿو، تہ هو مون کي انهن جي هٿن مان جلدي نجات ڏي، خدا جو قسم! جيڪڏهن دشمن جي مقابلي ڪرڻ وقت مون کي شهادت جي تمنا نہ هجي ها ۽ موت تي پاڻ کي آمادو نہ ڪري ڇڏيان ها، تہ آءُ انهن سان گڏ هڪ ڏينهن بہ رهڻ پسند نہ ڪريان ها ۽ انهن کي ساڻ ڪري ڪڏهن بہ دشمن سان جنگ ڪرڻ لاءِ نہ نڪران ها.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 36: پنهنجي ڀاءُ عقيل ابن ابي طالب جي خط جي جواب ۾

جيڪو اميرالمومنين پنهنجي ڀاءُ عقيل ابن ابي طالب جي خط جي جواب ۾ لکيو آهي، جنهن ۾ ڪنهن دشمن جي طرف موڪليل لشڪر جو بيان ڪيل آهي:

مون هن ڏانهن مسلمانن جو هڪ وڏو لشڪر موڪليو هو. جڏهن هن کي خبر پئي تڏهن دامن ويڙهي اٿي ڀڳو، ۽ پشيمان ٿي، پوئتي هٽڻ تي مجبور ٿيو، سج لهڻ جي قريب هو، ته اسان جي لشڪر هن کي وچي رستي ۾ ڦاسايو، ۽ نه هئڻ جي برابر ڪجھ جھڙپون ٿيون هونديون، توري دير ترسيو هوندو، ته جان بچائي وٺي ڀڳو، ۽ وري ان کي وچي ڳچيءَ کان جھليائون ۽ آخري دم کان سواءِ هن ۾ ڪجھ به نه رهيو هو ته اهڙي طرح هو وڏي مشڪل سان بچي نڪري ويو . تون قريش جي گمراهي ۾ ڊوڙڻ، سرڪشي ۾ ولوله ۽ جوش ۾ اچڻ ۽ ضلالت ۾ بڪواس ۽ بدزباني ڪرڻ واريون ڳالهيون ڇڏي ڏي، انهن مون سان جنگ ڪرڻ ۾ اهڙي طرح ٻڌي ڪئي آهي ، جھڙي طرح مون کان پهرين رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن سان وڙهڻ لاءِ ٻڌي ڪيائون. خدا ڪري ته سندن ڪيو ڪرتيو ، سندن سامهون اچي هنن منهنجي رشتي جو ڪو به لحاظ نه ڪيو، ۽ منهنجي ماءُ ڄائي کان حڪومت کسيائون ۽ جيڪا تو جنگ جي باري ۾ منهنجي راءِ پڇي آهي ته منهنجي راءِ آخري دم تائين اها ئي آهي ته جن ماڻهن جنگ کي جائز سمجھو آهي، تن سان جنگ ڪرڻ گهرجي، پنهنجي چوڌاري ماڻهن جا هجوم ڏسي، منهنجي همت وڌندي نه آهي ۽ نه وري انهن جي وڃڻ کان مون کي ڪا گهبراهٽ ٿيندي آهي.

ڏس! پنهنجي ڀاءُ بابت چاهي ڪيترائي ماڻهو ان جو ساٿ ڇڏي وڃن، پر اهو خيال نه ڪجئين، ته هو ڪو بي همت ۽ خوفزده ٿي ويندو، يا ڪمزوري ڏيکاريندي، ذلت جي اڳيان جھڪندو ، يا مهار ڇڪڻ واري جي هٿ ۾ آسانيءَ سان پنهنجي مهار به ڏئي ڇڏيندو، يا سوار ٿيڻ واري لاءِ پنهنجي پٺي کي سواري بنجڻ ڏيندو، بلڪ هو ته اهڙو آهي، جنهن لاءِ قبيلهءِ بني سليم واري چيو آهي ته:

جيڪڏهن تون مون کان پڇين ٿي، ته تون ڪيئن آهين ته ٻڌ! آءٌ زماني جي سختين سهڻ ۾ نهايت مضبوط آهيان، مون کي اهو گوارا نه آهي ته مون ۾ ڏک ۽ غم جا آثار ڏسڻ ۾ اچن، جنهن کان دشمن خوش ٿيڻ لڳن، ۽ دوستن کي رنج پهچي.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب37: معاويہ ابن ابي سفيان جي نالي

معاويہ ابن ابي سفيان جي نالي

الله اڪبر! تون نفساني خواهشن ۽ زحمت ۽ ڏک درد ۽ رنج ۾ وجهڻ واري حيرت ۽ حيراني بيقراري سان، ڪهڙي نہ بري طرح چنبڙيو پيو آهين، ۽ ان سان گڏ حقيقتن کي بہ برباد ڪيو اٿئي، ۽ انهن دليلن کي بہ ٺڪرائي ڇڏيو اٿئي، جيڪي الله تعالي کي گهربل ۽ بندن تي دليل ۽ ثابتيون آهن، تنهنجو عثمان ۽ ان جي قاتلن جي باري ۾، جهيڙي کي وڌائڻ ڪهڙي معني تو رکي؟ جڏهن تو عثمان جي ان وقت مدد بہ ڪئي جيڪا اها مدد خود تنهنجي ذات لاءِ هئي، ۽ ان وقت تو هن کي بي يار و مددگار ڇڏي ڏنو ، جڏهن تنهنجي مدد ان جي حق ۾ مفيد ٿي سگهي ٿي. والسلام



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 38: مصر وارن جي نالي

مصر وارن جي نالي، جڏهن مالڪ اشتر کي اتي جو حاڪم مقرر ڪيو ويو:

خدا جي بندي علي اميرالمومنين جي طرفان، انهن ماڻهن جي نالي، جيڪي الله جي لاءِ غضبناڪ ٿيا، ان وقت زمين تي الله جي نافرماني ۽ ان جي حق جي بربادي ٿي رهي هئي، ۽ ظلم پنهنجا شاميانا، هر چڱي ۽ بري مقامي ۽ پرديسي تي تاڃي رکيا هئا، نه نيڪي جي هلت چلت هئي ۽ نه برائي کان ڪو بچاءُ هو.

توهان کي معلوم هئڻ گهرجي ، ته مون الله جي بندن مان هڪ بندو توهان ڏي موڪليو آهي، جيڪو خطري جي ڏينهن ۾ آرام نٿو ڪري، ۽ خوف جي گهڙين ۾ دشمن کان خوفزده نٿو ٿئي، ۽ فاجرن جي لاءِ ساڙڻ واري باهه کان به زياده سخت آهي، اهو مالڪ ابن حارث مذحجي آهي، ان جي ڳالهه ٻڌو ۽ ان جي هر ان حڪم کي مڃو جيڪو حق جي مطابق هجي، ٿو جو هو الله جي تلوارن مان هڪ تلوار آهي، جنهن جي نه ڌار ڪند (مڏي) ٿئي ٿي، ۽ نه وري ان جو وار (الر) ڳُسي وڃي ٿو، جيڪڏهن هو توهان کي دشمنن جي طرف وڃڻ لاءِ چوي ته وڃو، ۽ جي ترسڻ لاءِ چوي ته بيهي رهو، ڇو جو هو منهنجي حڪم جي بغير نه اڳتي وڌندو، ۽ نه پوئتي هٽندو، نه ڪنهن کي پوئتي هٽائيندو ۽ نه وري ڪنهن کي اڳتي وڌائيندو. مون هن جي باري ۾ توهان کي خود پاڻ تي ترجيح ڏني آهي انهي خيال کان، ته هو توهان جو خير خواه ۽ دشمنن جي لاءِ سخت گير ثابت ٿيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 39: عمرو ابن عاص جي نالي

عمرو ابن عاص جي نالي:

تو، پنهنجي دين کي هڪ اهڙي شخص جي دنيا جي پٺيان لڳائي ڇڏيو آهي، جنهن جي گمراهي لڪيل ڍڪيل نہ آهي، جنهن جو پردو (قاتل ) چاڪ آهي، جيڪو پاڻ وٽ وهاري ، شريف انسان کي بہ داغدار ۽ سنجيدي ۽ بردبار شخص کي پڻ بيوقوف بنائي ٿو، تون ان جي پٺيان لڳي وئين، ۽ ان جي اوبر سوبر جي ٽڪرن جو خواهش مند پڻ ٿي وئين ، جهڙي طرح ڪتو ، شينهن جي پٺيان ٿيندو آهي، ۽ ان جي چنبن کي اميدن جي نظرن سان ڏسندو آهي، ۽ پڻ انهي انتظار ۾ هوندو آهي، تہ ان جي شڪار جي بچيل حصي مان ڪجھ ملي وڃي. اهڙي طرح تو پنهنجي دنيا ۽ آخرت ٻنهي کي وڃائي ڇڏيو، حالانڪ جيڪڏهن حق جو پابند رهين ها تہ پوءِ بہ تون پنهنجي مراد کي ماڻين ها. هاڻي جيڪڏهن الله تعالي مون کي توتي ۽ ابوسفيان جي پٽ تي غلبو عطا ڪيو تہ آءُ توهان ٻنهي کي توهان جي ڪرتوتن جو مزو چکائيندس پر جي توهان ٻئي منهنجي گرفت ۾ نہ آيا ۽ مون کان پوءِ جيئرا رهيا، تہ پوءِ جيڪي توهان کي ان کانپوءِ درپيش ٿيندو، سو توهان لاءِ نهايت برو ٿيندو . والسلام.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 40: هڪ عامل جي نالي

هڪ عامل جي نالي:

مون کي تنهنجي متعلق هڪ اهڙي ڳالهه جي خبر ملي آهي، جو جيڪڏهن تون ان جو ذوهاري آهين، ته گويا تو پنهنجي پروردگار کي ناراض ڪيو، پنهنجي امام جي نافرماني ڪيئي ۽ پنهنجي امانتداري کي به ذليل ۽ خوار ڪيئي.

مون کي معلوم ٿيو آهي، ته تو ( بيت المال جي ) زمين کي صفا چٽ ميدان ڪري ڇڏيو آهي، ۽ جيڪي ڪجهه تنهنجي پيرن هيٺان هو، تنهن تي به قبضو ڄمايو اٿئي ۽ جيڪي ڪجهه تنهنجي هٿن ۾ هو، تنهن کي به نوشجان ڪيو اٿئي. سو تون پنهنجي حساب مون ڏانهن موڪل ۽ يقين ڪر، ته انسانن جي حساب ڇاڻ کان الله جو حساب گهڻو زياده سخت ٿيندو . والسلام



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 41: هڪ عامل جي نالي

هڪ عامل جي نالي:

مون توکي پنهنجي امانت ۾ شريڪ ڪيو هو ۽ توکي پنهنجو بلڪل مخصوص ماڻهو مقرر ڪيو هو، ۽ توکان وڌيڪ همدردي ، مددگاري ۽ امانتداري جي لحاظ کان منهنجي قوم، قبيلي ۾ منهنجي پروسي جو ڪو به ماڻهو نه هو، پر جڏهن تو ڏٺو ته زمانو تنهنجي سوٽ جي خلاف حمله ڪرڻ وارو آهي، ۽ دشمن جوش ۾ ڪاوڙيل آهي، امانتون لٽجي رهيون آهن ۽ امت بي راه ۽ چڙوچڙ پريشان ٿي چڪي آهي، ته پوءِ تو به پنهنجي سوٽ کان منهن موڙي ڇڏيو. ۽ ساٿ ڇڏي ڏيڻ وارن سان تو به ساٿ ڇڏي ڏنو ۽ خيانت ڪرڻ وارن ۾ داخل ٿي تون به خائن ٿي وئين، اهڙي طرح نه تو پنهنجي سوٽ سان همدردي جو خيال ڪيو، ۽ نه امانتداري جي فرض جو احساس ڪيو، چڻ ته پنهنجي جهاد مان تنهنجي مدعا ، الله جي رضامندي نه هئي ۽ چڻ ته تون پنهنجي پروردگار جي طرفان ڪو به روشن دليل نه رکندو هئين، ۽ هن امت سان ان جي دنيا ميڙي گڏ ڪرڻ واري چال هلي رهيو هئين، ۽ هن جي مال ڦرڻ لاءِ غفلت وارو موقعو تاڙي رهيو هئين، اهڙي طرح جڏهن امت جي مال ۾ توکي ڀرپور خيانت ڪرڻ جو موقعو مليو، تڏهن يڪدم چڙهائي ڪري حملو ڪيئي، ۽ وري جلدي سان ٽپي پئين ۽ جيترو توکان ٿي سگهيو، ان مال تي ، جيڪو بيواهين ۽ يتيمن جي لاءِ محفوظ رکيو ويو هو، (ان تي) ائين جهٽ ۽ لامارا هڻڻ لڳين، جهڙي طرح چالاڪ چست بگهڙ ڪنهن زخمي ۽ بيوس ٻڪري کي ٽپو ڏئي کڻندو آهي ۽ تو نهايت خوشي سان اهو مال حجاز موڪلي ڇڏيو ، ۽ ان مال کي کڻي وڃڻ ۾ گناه جو احساس به تنهنجي لاءِ ڪو اٽڪاءُ جو سبب نه ٿيو، خدا تنهنجي دشمنن کي بڇڙو ڪري، چڻ ته اهو (مال) تنهنجي ماءُ پيءُ جو ورثو هو، جنهن کي کڻي، تو پنهنجي گهر وارن ڏانهن موڪلي ڇڏيو.

الله اڪبر! ڇا تنهنجو قيامت تي ايمان نه آهي؟ ڇا حساب ڪتاب جي ڇپا ڇاڇا جو ذرو به توکي ڊپ نه آهي؟ اي اهي شخص! جنهن کي اسان هوشمندن ۾ شمار ڪندو هوس، سو ڪيئن تو توکي اهو کاڌو پيتو خوشگوار معلوم ٿئي، جنهن جي متعلق اها خبر اٿئي ، ته حرام کائي رهيو آهين. ۽ حرام پي رهيو آهين، تون انهن يتيمن مسڪينن، مومنن ۽ مجاهدن جي مال مان ، جنهن کي الله تعالي انهن جو حق مقرر ڪيو هو، ۽ انهن جي ذريعي انهن شهرن جي حفاظت پڻ ڪئي، (تنهن مان ) ٻانهيون تو خريد ڪرين ۽ عورتن سان شاديون تو ڪرين ، هاڻي الله تعالي کان ڊڄ ۽ انهن ماڻهن جو مال انهن کي واپس ڪر، جيڪڏهن تو



Presented by Ziaraat.Com

ائين نہ ڪيو، ۽ وري الله مون کي توتي غالب ڪيو، تہ آءٌ تنهنجي باري ۾ الله جي سامهون پاڻ کي سرخرو ڪندس، ۽ پنهنجي ان تلوار سان توکي ڏڪ هڻندس جنهن جو وار مون جنهن تي بہ ڪيو آهي، اهو سڌو دوزخ ۾ ويو. خدا جو قسم! جيڪڏهن حسن ۽ حسين (عليهما السلام) ائين ڪن ها، جيئن تو ڪيو آهي، تہ آءٌ انهن سان بہ ڪا رعايت نہ ڪريان ها، ۽ نہ وري هو مون کان پنهنجي ڪا خواهش مڃرائي سگهن ها، تانجو آءٌ انهن کان حق کي موٽائي وٺان ها، ۽ انهن جي ظلم کان پيدا ٿيڻ وارن غلط نتيجن کي ختم ڪريان ها، آءٌ رب العالمين جو قسم کڻي چوان ٿو، تہ منهنجي لاءِ اها ڪا دل کي خوش ڪرڻ واري ڳالهہ نہ هئي، تہ اهو مال جيڪو تو هٿ ڪيو آهي، منهنجي لاءِ حلال هجي ها، ۽ آءٌ ان کي پوين لاءِ بطور ورثي جي ڇڏي وڃان ها. ڪجهہ پاڻ سنڀال ۽ سمجهہ تہ تون عمر جي آخر حد تائين پهچي چڪو آهين، ۽ مٽي جي هيٺان سونپيو ويو آهين، ۽ تنهنجا سمورا اعمال تنهنجي سامهون آهن، انهي مقام تي جتي ظالم وا حسرتا جي صدا بلند ڪندو هوندو، ۽ عمر کي برباد ڪرڻ وارا دنيا جي طرف موٽڻ جي آرزو ڪري رهيا هوندا، جيتوڻيڪ هاڻي ڀڄڻ جو ڪو موقعو نہ ٿيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 42: بحرين جي حاڪم عمر ابن ابي سلمہ مخزومي جي نالي

بحرين جي حاڪم عمر ابن ابي سلمہ مخزومي جي نالي:

جڏهن ڪيس معزول ڪري ، نعمان ابن عجلان زرقي کي سندس جاءِ تي مقرر فرمايائين:

مون نعمان ابن عجلان زرقي کي بحرين جي حڪومت ڏني آهي، ۽ توکي ان کان بي دخل ڪيو اٿمہ اهو ان ڪري نہ آهي، تہ توکي نا اهل سمجهو ويو آهي، يا توتي ڪو الزام عائد ٿئي ٿو، حقيقت اها آهي، تہ تو تہ پاڻ حڪومت کي نهايت سهڻي طريقي سان هلايو ۽ امانت کي پوري طرح ادا ڪيو، تنهن ڪري تون مون وٽ هليو اچ نہ توسان ڪا بدگماني آهي ۽ نہ ملامت ڪري سگهجي ٿي، ۽ نہ وري توکي ڪو خطا ڪار سمجهو پيو وڃي اصل واقعو هي آهي تہ مون شام جي ستمگارن ڏي قدم وڌائڻ جو ارادو ڪيو آهي، ۽ چاهيان ٿو تہ تون مون سان گڏ هجين. ڇو جو تون انهن ماڻهن مان آهين جن کان دشمن سان وڙهڻ ۽ دين جي ٿنڀي کي اڏڻ ۾ مدد وٺي سگهجي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 43: مصقلہ ابن هبيره شيباني جي نالي

مصقلہ ابن هبيره شيباني جي نالي، جيڪو سندس طرفان اردشير خره جو حاڪم هو:

مون کي تنهنجي متعلق هڪ اهڙي امر جي خبر ملي آهي، سو جيڪڏهن تو ڪيو آهي تہ تو پنهنجي خدا کي ناراض ڪيو ۽ پنهنجي امام کي بہ غضبناڪ ڪيو، اهو هي آهي تہ تو مسلمانن جي ان غنيمت جي مال کي جنهن کي انهن جي نيزن جي چنهبن ۽ گهوڙن جي سنبن جي آواز جمع ڪيو هو، ۽ جنهن تي انهن جا خون وهايا ويا، تون پنهنجي قوم جي انهن بدوئن ۾ ورهائي رهيو آهين، جيڪي تنهنجا خوشا مدڙيا آهن.

ان ذات جو قسم! جنهن داڻي کي چيريو ۽ ساهوارن کي پيدا ڪيو آهي، جيڪڏهن اهو صحيح ثابت ٿيو تہ تون منهنجي نظرن ۾ ذليل ٿي ويندين، ۽ تنهنجو پلہ (پڙ) هلڪو ٿي ويندو پنهنجي پروردگار جي حق کي سبڪ نہ سمجهہ ۽ دين کي بگاڙي، دنيا کي نہ سنوار نہ تہ عمل جي اعتبار کان خساري کڻڻ وارن مان ٿيندين.

ڏس! اهي مسلمان، جيڪي مون وٽ ۽ تو وٽ آهن، سي انهي مال جي تقسيم ۾ برابر جا حصيدار آهن، انهي اصول تي اهي ان مال کي مون وٽان وٺڻ اچن ٿا. ۽ وٺي هليا وڃن ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 44: زياد ابن ابيہ جي نالي

زياد ابن ابيہ جي نالي:

جڏهن حضرت کي اها خبر پئي، تہ معاويہ زياد کي خط لکي، پنهنجي خاندان سان وابستہ ڪرڻ لاءِ ان کي ٺڳي سان ڏتا ڏيڻ چاهي ٿو، تڏهن پاڻ زياد کي لکيائين تہ:

مون کي معلوم ٿيو آهي، تہ معاويہ تو ڏانهن خط لکي، تنهنجي عقل کي ترڪائي ۽ تنهنجي ڌار کي ڪند( مڏو) ڪرڻ چاهي ٿو ، تون هن کان هوشيار رهہ! ڇو جو هو شيطان آهي، جيڪو مومن جي اڳيان پٺيان ۽ ساڄي کاٻي پاسن کان اچي ٿو، تہ جيئن ان کي غافل ڏسي مٿس ٽٽي پوي، ۽ ان جي عقل تي ڇاپو هڻي، ڳالهہ هي آهي، تہ عمر (ابن خطاب) جي زماني ۾ ابوسفيان جي زبان مان بنا سوچڻ سمجهڻ جي هڪ ڳالهہ نڪري وئي، جيڪو شيطاني وسوسن مان هڪ وسوسو هو، جنهن مان نہ نسب ثابت ٿئي ٿو، ۽ نہ وارث هجڻ جو حق پهچي ٿو، تہ پوءِ جيڪو شخص ان ڳالهہ جو سهارو ڪري ويهي ، سو ائين آهي. جهڙو ڪو مئي خاني ۾ بي سڏيو آيو هجي، ۽ پوءِ جنهن کي ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي، يا گهوڙي جي زين ۾ لٽڪيل ان پيالي وانگر جيڪو هيڏانهن ڪان هوڏانهن پيو هيٺ مٿي ٿيندو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 45: بصري جي والي عثمان ابن حنيف...

جڏهن حضرت کي اها خبر پئي تہ بصري جي والي عثمان ابن حنيف کي اتي جي ماڻهن کائڻ جي دعوت ڏني آهي ۽ هو ان ۾ شريڪ ٿيو آهي، تڏهن کيس لکيائين تہ:

اي ابن حنيف ! مون کي خبر پئي آهي، تہ "بصره" جي جوانن مان هڪ شخص توکي کاڌي جي دعوت ڏني، ۽ تون لبيڪ چئي پهچي وئين، ۽ رنگا رنگي عمدا کاڌا تنهنجي لاءِ چونڊي پئي آندا ويا ۽ وڏا وڏا پيالہ تنهنجي طرف پئي وڌايا ويا. مون کي اها اميد نہ هئي تہ ڪو تون انهن ماڻهن جي دعوت قبول ڪندين، جن وٽان فقير ۽ نادار ڌڪاريا ويندا آهن، ۽ دولت مند مدعو ٿيندا آهن. جيڪي گرها چٻاڙين ٿو، تن کي ڏسندو ڪر ۽ جنهن بابت شڪ هجي، تنهن کي ڇڏي ڏيندو ڪر، ۽ جنهن جي پاڪ پاڪيزو طريقي سان حاصل ٿيڻ جو يقين هجيئي، ان مان کائيندو ڪر.

توکي معلوم هئڻ گهرجي، تہ هر پيروي ڪندڙ جو هڪ پيشوا هوندو آهي، جنهن جي هو پيروي ڪري ٿو، ۽ جنهن جي علم جي نور مان روشني وارو پيشو ڪري ٿو.

ڏس! تنهنجي امام جي حالت تہ اها آهي، جو هن دنيا جي ساز و سامان مان ٻن ڦاٽل پراڻين چادرن ۽ کاڌي مان ٻن مانين تي قناعت ڪئي آهي، آءُ مڃان ٿو، تہ تنهنجي وس جي ڳالھ نہ آهي، ليڪن ايترو تہ ڪر، جو پرهيزگاري، سعي ۽ ڪوشش، پاڪدامني ۽ سلامت روي ۾ منهنجو ساٿ ڏين. خدا جو قسم! تہ مون تنهنجي دنيا مان سون گڏ ڪري نہ رکيو آهي ۽ نہ وري ان جي مال متاع مان انبار گڏ ڪري رکيا آهن. ۽ نہ وري انهن پراڻن ڪپڙن جي عيوض ۾ (جيڪي مون کي پيل آهن) ٻيا ڪي پراڻا ڪپڙا مون مهيا ڪيا آهن بيشڪ هن آسمان جي ڇانو هيٺان ڏئي وٺي ڪري، هڪ فدڪ اسان جي هٿن ۾ هو جنهن تي بہ ڪن ماڻهن جي وات مان گگ پئي وهي، ۽ وري ٻي ڌر ان جي کسجي وڃڻ جي پرواھ بہ نہ ڪئي، ۽ صحيح بهترين فيصلي ڪرڻ وارو الله تعالي ئي آهي، ڀلا آءُ فدڪ يا فدڪ کانسواءِ ڪنهن ٻي شيءِ کي حاصل ڪري آخر ڇا ڪندس؟ جڏهن تہ نفس جي منزل سڀاڻي قبر حاصل ڪرڻ واري آهي، تہ پوءِ جڏهن ان جي اونده ۾ سندس نشان بہ مٽجي ويندا، ۽ ان جون خبرون گم ٿي وينديون، تہ پوءِ اها هڪ اهڙي کڏ آهي جو جيڪڏهن ان کي ڪشادو بہ ڪيو وڃي ۽ قبر کوٽڻ واري جي مدد سان ان کي ويڪرو بہ ڪيو وڃي تڏهن بہ پٿر ۽ ننڍا پٿر ۽ پهڻيون ان کي سوڙهي (قبر) ڪنديون ۽ لڳاتار مٽي جي وجهي وڃڻ کانپوءِ ان جا چير ۽ شگاف بند ٿي ويندا. منهنجو ڌيان تہ فقط انهي طرف آهي تہ آءُ الله تعالي



Presented by Ziaraat.Com

جي تقوي جي ذريعي پنهنجي نفس کي بي لغام ٿيڻ نہ ڏيان، تہ جيئن ان ڏينهن جڏهن خوف حد کان وڌي ويندو . (تڏهن) اهو مطمئن رهي ۽ ترڪڻ وارين جاين تي مضبوطيءَ سان ڄميو رهي. جيڪڏهن آءٌ چاهيان ها، تہ صاف ستري ماکي عمدي ڪڻڪ ۽ ريشم سان اٽيل ڪپڙن لاءِ ذريعا مهيا ڪري سگهان ها، ليڪن ائين ڪٿي ٿو ٿي سگهي، تہ خواهشون مون تي غالب ٿي وڃن ۽ حرص مون کي سٺن سٺن کاڌن جي چوندي وٺڻ جي دعوت ڏي جڏهن تہ حجاز ۽ يمامہ ۾ شايد اهڙا ماڻهو هجن جن کي هڪ ماني جي ملڻ جي بہ آس نہ هجي، ۽ انهن کي پيٽ ڀري کائڻ ڪڏهن بہ نصيب نہ ٿيو هجي (اهڙي حالت ۾ پوءِ) ڇو آءٌ پيٽ ڀري کائي ستو پيو هجان؟ اهڙي صورت ۾ جو منهنجي چوڌاري بکئي پيٽ وارا ۽ اڃايل جگر تڙڦندا هجن يا آءٌ اهڙو ٿي وڃان جو چوڻ واري چيو آهي تہ تنهنجي بيماري اها ڇا گهٽ آهي، جو تون پيٽ ڀري بي فڪر ٿيو ستو پيو هجين ۽ تنهنجي گرد ڪجهہ اهڙا بہ جگر هجن جيڪي سڪل چمڙي لاءِ بہ سڪندا رهيا هجن، ڇا آءٌ انهي ۾ مست هجان، تو مون کي اميرالمومنين سڏيو پيو وڃي مگر آءٌ زماني جي سختين ۾ مومنن جو شريڪ ۽ همدم ۽ زندگي جي ذائقن جي خرابين ۾ انهن لاءِ مثال نہ بڻجان؟ آءٌ انهي ڪري تہ نہ خلقيو ويو آهيان تہ سٺن سٺن کاڌن جي فڪرن ۾ ئي لڳو رهان. انهن ٻڌل چوپائي مال وانگر، جنهن کي فقط پنهنجي چاري جو ئي فڪر لڳو رهندو آهي، يا انهي کليل جانور وانگر، جنهن جو ڪم هوندو آهي وات وجهڻ جيڪو گاہ سان پيٽ ڀري ٿو، ۽ جيڪو سندس نگاهہ جي سامهون مقصد هوندو آهي، تنهن کان غافل رهي ٿو ڇا آءٌ بغير شرط جي آزاد ڪيل آهيان يا بيڪار کلم کلا رها ڪيو ويو آهيان جو گمراهي جي رسين کي ڇڪيندو رهان ۽ ڀٽڪڻ وارين جاين ۾ سوچ سمجهہ کان سواءِ ڦرندو وتان.

آءٌ سمجهان ٿو، تہ توهان مان ڪو چوندو هوندو، تہ جڏهن ابن ابي طالب جي اها خوراڪ آهي، تہ پوءِ ضعف ۽ ناتواني ڪيس دشمنن سان وڙهڻ ۽ دليرن سان مقابلي ڪرڻ کان ويهاري ڇڏيو هوندو پر ياد رک تہ جهنگ جي وڻ جو ڪاٺ مضبوط ٿئي ٿو، ۽ تر و تازه وڻن جا ڇوڏا ڪمزور ۽ سنهڙا ٿيڻ ٿا، ۽ بياباني وڻن جون ڪاٺيون ٻارڻ ۾ وڌيڪ ڀڙڪنديون آهن، ۽ دير سان وسامنديون آهن.

مون کي رسول صلعم جن سان اها ئي نسبت آهي، جيڪا هڪ ئي پاڙ مان ڦٽي نڪرندڙ ٻن ٽارين کي هڪٻئي سان هوندي آهي، ۽ ڪرائي کي ٻانهن سان هوندي آهي.

خدا جو قسم! جيڪڏهن سمورا عرب ٻڌي ڪري، مون سان وڙهڻ چاهين تہ بہ ميدان ڇڏي پٺي نہ ڏيندس ۽ موقعو ملندي ئي انهن جون گردنون جهلي نپوڙڻ لاءِ ڊوڙي اڳتي وڌندس ۽ ڪوشش ڪندس



Presented by Ziaraat.Com

تہ انھي اونڌي ڪوپري واري ٻي ڊول اٿپوري اڏاوت واري هڏن جي پچري (معاويہ) کان زمين کي پاڪ ڪريان، تہ جيئن (ڪري مان ) اناج جي ڍير جي داڻن مان سنهڙا پٿر نڪري وڃن.

اي دنيا ! منهنجو پيڇو ڇڏي ڏي، تنهنجي واڳ تنهنجي ڪلهن تي آهي، آءُ تنهنجي مٺ ۽ قبضي مان نڪري چڪو آهيان، تنهنجي فريبن ۽ مڪرن کان پڻ ٻاهر ٿي چڪو آهيان ۽ تنهنجي ترڪڻ وارين جڳهين ڏانهن وڃڻ کان (پنهنجا) قدم روڪي ڇڏيا اٿم ڪٿي آهن اهي ماڻهو جن کي تو شغلن ۽ تفريحن جي ڳالهين سان ڏنا ڏنا! ڪٿي آهن اهي جماعتون، جن کي تو پنهنجي سجاوٽ سان ورغلائي ڇڏيو؟ اهي تہ قبرن ۾ قابو ٿيل ۽ لحد جي خاڪ ۾ دٻيا آهن.

جيڪڏهن تون ڏسڻ ۾ اچڻ جهڙو مجسمو ۽ سامهون اچڻ جهڙو ڍانچو هجين ها، تہ آءُ خدا جو قسم ! تہ توتي الله تعالي جون مقرر ڪيل حدون جاري ڪريان ها، جو تو ٻندن کي اميدون ۽ آسرا ڏئي، ڏئي گمراه ڪيو، قبيلن جي قبيلن کي (بربادي جي) کڏن ۾ آڻي اڇلايو، ۽ تاجدارن کي تباهين جي حوالي ڪيئي ۽ سختين جي ڪناري تي آڻي لاٿو، جتي ان کان پوءِ نہ سيراب ٿيڻ لاءِ لاٿو ويندو، ۽ نہ وري سيراب ٿي ڪري موٽايو ويندو. پناه بخدا، جيڪو تنهنجي ترڪڻ تي قدم رکندو، سو ضرور ترڪندو ، جيڪو تنهنجي لهرن تي سوار ٿيندو، سو بہ ضرور ٻڏندو، ۽ جيڪو تنهنجي دولابن کان بچندو سو توفيق سان بغلگير ٿيندو، توکان دامن ڇڏائڻ وارو پرواھ نٿو ڪري، پوءِ ڪٿي دنيا جون وسعتون ان لاءِ تنگ ٿي وڃن هن وٽ تہ دنيا هڪ ڏينهن جي برابر آهي، جيڪو ختم ٿيڻ چاهي ٿو، سو مون کان پري ٿئي. آءُ تنهنجي قابو ۾ اچڻ وارو نہ آهيان، جو تون مون کي ذلتن ۾ وجهي ڇڏين، ۽ نہ وري آءُ تنهنجي اڳيان پنهنجي واڳ ڍري ڇڏڻ وارو آهيان جو تون مون کي هڪليندو رهين.

آءُ الله تعالي جو قسم کڻان ٿو. اهڙو قسم ، جنهن ۾ الله تعالي جي مرضي کان سواءِ ڪنهن بہ شيءِ کي ڪنهن بہ شيءِ کان جدا نٿو ڪريان جو آءُ پنهنجي نفس کي اهڙو تہ هيرائي سيکاريندس، جو هو کائڻ ۾ هڪ ماني جي ملڻ تي خوش ٿئي، ۽ ان سان گڏ فقط لوڻ تي قناعت ڪري، ۽ پنهنجي اکين جو چشمو، اهڙي طرح خالي ڪري ڇڏيندس، جهڙي طرح اهو پاڻي جو چشمو، جنهن جو پاڻي تري وارو ٿي چڪو هجي، جهڙي طرح ٻڪريون پيٽ ڀرڻ کانپوءِ سيني ڀر ويهن ٿيون، ۽ ڍؤ ڪري، پنهنجي واڙي ۾ گهڙن ٿيون.



Presented by Ziaraat.Com

اهڙي طرح “علي” بہ پنهنجو ڪاڏو ڪائي ۽ بس سمهي رهي. ان جون اکيون بي نور ٿي وڃن. جيڪڏهن هو زندگي جي طويل سالن گذارڻ ڪان پوءِ چڙواڳ چوپائي ۽ چرڻ واري جانورن جي پيروي ڪرڻ لڳي.

خوشا نصيب ان شخص جو ، جنهن الله تعالي جي فرضن ڪي پورو ڪيو. سختي ۽ مصيبت ۾ صبر ڪري پيو رهيو، راتين ۾ پنهنجي اکين ڪي بيدار ڪيائين . ۽ جڏهن ننڊ جو غلبو ٿيو، تڏهن هٿ ڪي تڪيو بڻائي ، انهن ماڻهن سان گڏ خاڪ واري فرش تي پيو رهيو، جو جن جون اکيون محشر جي خوف ڪان بيدار، جسم بسترن ڪان جدا ۽ چپ الله تعالي جي ياد ۾ آلاپين ٿا، ۽ استغفار جي گهڻائي ڪان انهن جا گناه ختم ٿي ويا.

اهو ئي الله تعالي جو گروه آهي، ۽ بيشڪ، الله تعالي جو گروه ئي سو ڀائتو ٿيڻ وارو آهي.

اي ابن حنيف! الله تعالي ڪان ڊڄ، ۽ پنهنجي ئي ماتين تي قناعت ڪر، تہ جيئن جهنم جي باه ڪان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهين.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 46: هڪ عامل جي نالي

هڪ عامل جي نالي:

توں انهن ماڻهن مان آهين ، جن کان دين جي قيام لاءِ مدد وٺان ٿو ۽ گنهگارن جي هٺ ۽ وڏائي کي ٽوڙيان ٿو ۽ خطرناڪ سرحدن جي حفاظت ڪريان ٿو، پيش اچڻ وارين لڙائين ۾ الله تعاليٰ کان مدد گهر (رعيت جي باري ۾) سختي سان گڏ ڪجهه نرمي جي ٻه ملاوٽ ڪندو رهه. جيستائين نرمي ڪرڻ مناسب هجي، ته نرمي ڪر ۽ جڏهن سختي کانسواءِ ڪو چارو نه هجي ته سختي ڪر. رعيت سان بامروت ۽ کل مکائي سان پيش اچ. انهن سان پنهنجو رويو نرم رک ۽ نهارڻ، چتائي ڏسڻ، اشارن ۽ سلام ڪرڻ ۾ برابري ڪر ته جيئن وڏا ماڻهو توکان آواراگي، بد چال جو توقع نه رکن، ۽ ڪمزور تنهنجي انصاف کان مايوس نه ٿين. والسلام.



Presented by Ziaraat.Com

# وصيت 47: جڏهن ابن ملجم لعنہ اللہ، اميرالمومنين کي ضربت...

جڏهن ابن ملجم لعنہ اللہ، اميرالمومنين کي ضربت هڻي چڪو، تڏهن پاڻ حسن ۽ حسين عليهما السلام جن کي فرمايائين تہ:

آءٌ توهان ٻنهي کي وصيت ٿو ڪريان، تہ الله تعاليٰ کان ڊڄندا رهجو، دنيا جا خواهشمند نہ ٿجو، ڀلي ڪٿي توهان جي پٺيان لڳي، ۽ دنيا جي ڪنهن بہ اهڙي شيءِ تي ڏک نہ ڪجو، جيڪا توهان کان روڪي وڃي. جيڪي بہ ڳالهايو، سو حق جي لاءِ ڳالهائجو، ۽ جيڪي ڪريو ، سو ثواب لاءِ ڪجو. ظالم جا دشمن ۽ مظلوم جا مددگار ٿيندا رهجو.

آءٌ توهان (ٻنهي) کي، پنهنجي سموري اولاد کي، پنهنجي ڪنبي کي، ۽ جن جن تائين منهنجي هي تحرير پهچي، تن سڀني کي وصيت ٿو ڪريان، تہ الله تعاليٰ کان ڊڄندا رهجو، پنهنجي معاملات درست ۽ پنهنجا تعلقات صحيح ۽ نيڪ رکجو، ڇو جو مون توهان جي نانا رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي فرمائيندي ٻڌو آهي، تہ پنهنجي اختلافن کي ختم ڪرڻ، عام نماز ۽ روزي کان افضل آهي، (ڏسجو) يتيمن جي باري ۾ بہ الله تعاليٰ کان ڊڄندا رهجو، تہ جيئن انهن جي وات تي بکن جي نوبت نہ اچي ۽ توهان جي موجودگي ۾ هو تباہ ۽ برباد نہ ٿين. پنهنجي پاڙيسرين جي باري ۾ بہ الله تعاليٰ کان ڊڄندا رهجو، ڇو جو ان باري ۾ بہ توهان جي پيغمبر برابر هدايت ڪئي آهي، ۽ پاڻ ان حد تائين انهن لاءِ سفارش فرمائيندا رهيا. (تڏهن ) اسان کي اهو گمان ٿيڻ لڳو، تہ شايد پاڻ انهن کي بہ ورثو ڏياريندا. قرآن جي باري ۾ بہ الله تعاليٰ کان ڊڄندا رهجو. ائين نہ ٿئي، جو ٻيا ان تي عمل ڪرڻ ۾ توهان تي سبقت ڪٽي وڃن. نماز جي باري ۾ بہ الله کان ڊڄجو، ڇو جو هو توهان جي دين جو ٿنڀو آهي. پنهنجي پروردگار جي گهر جي باري ۾ بہ الله تعاليٰ کان ڊڄندا رهجو. ان کي پنهنجي جيئري تائين خالي نہ ڇڏجو، ڇا ڪاڻ تہ جيڪڏهن اهو خالي ڇڏيو ويو، تہ پوءِ (عذاب کان ) مهلت نہ ملندو. جان، مال ۽ زبان سان خدا جي راہ ۾ جهاد ڪرڻ جي باري ۾ الله تعاليٰ کي نہ وسارجو، ۽ توهان تي لازم آهي تہ پاڻ ۾ ميل ميلاپ رکجو ۽ هڪ ٻئي جي مدد ڪجو، ۽ خبردار هڪٻئي جي طرف کان پٺي نہ ڦيرائجو ۽ تعلقات ٽوڙڻ کان پرهيز ڪرڻ ، نيڪي جو حڪم ڏيڻ . برائي کان منع ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ هٿ نہ ڪڇجو ورنہ بدڪردار توهان تي مسلط ٿي ويندا، پوءِ جي دعا گهرندؤ تہ قبول نہ ٿيندي.



Presented by Ziaraat.Com

)وري ارشاد فرمائين ) اي عبدالمطلب جا فرزندؤ! ائين نہ ٿئي جو توهان اميرالمومنين قتل ٿي ويو! اميرالمومنين قتل ٿي ويو" جا نعرا هڻندي مسلمانن جي خون سان راند ڪيڏڻ شروع ڪريو.

)ڏسو! تہ ) منهنجي عيوض ۾ فقط منهنجو قاتل ئي قتل ڪيو ويندو۽ ڏسجو! جڏهن آءُ هن ضرب سان وفات ڪريان تہ انهي هڪ ضرب جي عيوض ۾ هڪ ئي ضرب هڻجو۽ هن شخص جا هٿ پير نہ وڍجو۽ ڇو جو مون رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ خبردار ڪنهن جا هٿ پير نہ وڍيو۽ توڙي اهو ڪائڻ چڪ هڻڻ وارو ڪتو ئي هجي.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 48: معاويہ ابن ابي سفيان جي نالي

ياد رک! سرڪشي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ انسان کي دين ۽ دنيا ۾ خوار ڪري ٿو، ۽ نڪتہ چيني ڪرڻ واري جي سامهون ان جون خاميون کولي ٿو، توکي خبر ہ آهي، تہ جنهن شيءِ جو هٿ مان نڪري وڃڻ ئي طئي ٿيل آهي، تنهن کي تون حاصل ڪري نہ سگهندين. ڪيترن ئي ماڻهن بغير ڪنهن حق جي . ڪنهن مقصد کي چاهيو، ۽ الله تعالي جي منشاءِ جي خلاف تاويلون (بيان ) ڪرڻ لڳا، تڏهن الله تعالي انهن کي ڪوڙو ڪيو، تنهن ڪري تون بہ انهي ڏينهن کان ڊڄ، جنهن ۾ اهو شخص خوش ٿيندو، جنهن پنهنجي اعمالن جي نتيجي کي بهتر بنايو هوندو، ۽ اهو شخص لڄي ۽ شرمسار ٿيندو، جنهن پنهنجي واڳ شيطان کي جهلڻي ڏني هوندي، ۽ ان جي هٿ مان ان کي کسڻ نہ چاهي ۽ تو اسان کي قرآن جي فيصلي طرف دعوت ڏني آهي، حالانڪ تون قرآن جو اهل نہ هئين، تنهن ڪري مون تنهنجي آواز تي لبيڪ نہ چيو، بلڪہ قرآن جي حڪم تي لبيڪ چيو . والسلام



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 49: معاويہ جي نالي

معاويہ جي نالي:

دنيا، آخرت کان منهن ڦيرائڻ واري آهي، ۽ جڏهن دنيا دار ان مان ڪجهه تورو گهڻو حاصل ڪري ٿو، تڏهن اها وري ان لاءِ پنهنجي حرص ۽ حيراني جا دروازا کولي ڇڏيندي آهي، ۽ ائين نٿو ٿئي، تہ هاڻي جيتري بہ دولت ملي آهي، تنهن تي ڪفايت ڪري، ۽ جيڪي هٿ نہ آيو، تنهن جي پرواهہ نہ ڪري، حالانڪہ نتيجي ۾ جيڪي ڪجهه جمع ڪيو اٿس، تنهن کان جدائي، ۽ جيڪي ڪجهه بندوبست ڪيو اٿس، تنهن جي شڪست لازمي آهي، ۽ جيڪڏهن تون گذريل حالات مان عبرت حاصل ڪرين ، تہ باقي عمر جي حفاظت ڪري سگهندين . والسلام.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 50: لشڪر جي سردارن جي نالي

لشڪر جي سردارن جي نالي:

الله تعالي جي بندي علي اميرالمومنين جو خط، چانوڻين جي سالارن جي طرف:

حاڪم تي فرض آهي ته جنهن برتري کي هن حاصل ڪيو آهي ، ۽ جنهن آسودگيءَ واري منزل تي پهتو آهي، سا پنهنجي رويي ۾ جيڪا رعيت سان آهي، تنهن ۾ تبديلي پيدا نه ڪري، بلڪ الله تعالي جيڪا نعمت ان جي نصيب ۾ ڪئي آهي، سا ان کي الله تعالي جي بندن ڏانهن ويجهڙائي ۽ پنهنجن ڀائرن سان همدردي ۾ اضافي ڪرڻ جو ئي باعث هئڻ گهرجي، توهان جو مون تي اهو به حق آهي، ته جنگ جي حالتن کان سواءِ ڪو به راز توهان کان نه لڪايان ۽ شرعي حڪم کان سواءِ ٻين معاملن ۾ توهان جي راءِ ۽ مشوري کان پاسو نه ڪريان ۽ توهان جي ڪنهن حق کي پوري ڪرڻ ۾ ڪوتاهي نه ڪريان، ۽ ان کي پوري ڪرڻ کانسواءِ ساهه نه ڪٽان، ۽ پڻ اهو به ته حق ۾ توهان منهنجي اڳيان سمورا برابر سمجها وڃو، جڏهن منهنجو ورتاءُ اهو هجي، تڏهن توهان تي الله تعالي جي احسانن جو شڪر ڪرڻ لازم آهي، ۽ منهنجي به اطاعت ۽ پڻ اهو به ته ڪنهن سڏ تي قدم پوئتي نه هٽائجو، ۽ نيڪ ڪمن ۾ ڪوتاهي نه ڪجو، ۽ حق تائين پهچڻ لاءِ سختين جو مقابلو ڪجو، ۽ جيڪڏهن توهان انهي رويي تي برقرار نه رهندا ته پوءِ توهان مان گمراهه ٿيڻ وارن کان وڌيڪ ذليل منهنجي نظرن ۾ ٻيو ڪو نه هوندو. پوءِ ان کي سزا به سخت ڏيندس، ۽ اهو ان باري ۾ مون کان ڪا رعايت به حاصل نه ڪندو.

توهان به پنهنجي (ما تحت) سردارن کان اهو ئي عهد و پيمان وٺو، ۽ پنهنجي طرفان به اهڙن حقن جي گهر ڪريو، جنهن کان الله تعالي توهان جي معاملن کي سلجهائي ڇڏي. والسلام



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 51: ڊل جي مختيار ڪارن جي نالي

ڊل جي مختيار ڪارن جي نالي:

الله تعالي جي بندي علي اميرالمومنين جو خط، ڊل وصول ڪرڻ وارن جي طرف:

جيڪو شخص پنهنجي آخرت کان ڏنو ڊڄي، سو پنهنجي نفس جي بچاءَ لاءِ ڪو به سامان گڏ ڪري ٿو سگهي، توهان کي معلوم هئڻ گهرجي ته جيڪي فرض توهان جي ذمي ڪيا ويا آهن، سي گهٽ آهن ۽ انهن جو ثواب زياده آهي، الله تعالي ظلم ۽ سرڪشي ڪرڻ کان جو روڪيو آهي، تنهن تي جيڪڏهن سزا جو خوف نه به هجي، تڏهن به ان کان بچڻ جو ثواب اهڙو آهي، جو ان جي طلب کان بي نياز ٿيڻ ۾ ڪو به عذر ٿو ڪري سگهجي، ماڻهن سان عدل ۽ انصاف جو رويو اختيار ڪريو ، ۽ انهن جي خواهشن تي صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺو . انهي ڪري جو توهان رعيت جا خزينه دار (خزانچي) امت جا نمائندا ۽ اعلي اقتدار جا موڪليل آهيو. ڪنهن کان به ان جي ضرورتن کي الڳ نه ڪجو ۽ نه وري ان جي مقصد ۾ رنڊڪ وجهجو ۽ ماڻهن کان ڊل وصول ڪرڻ لاءِ انهن جو سياري يا اونهاري جي ڪپڙن ۽ مال کي، جن کان هو ڪم وٺندا هجن ۽ انهن جي غلامن کي پڻ نه وڪڻجو، ۽ ڪنهن کي به پئسن جي خاطر ڦٽڪا نه هڻجو، ۽ ڪنهن به مسلمان يا ذمي ( ڪافر) جي مال کي هٿ نه لڳائجو، مگر اهو ته ان وٽ گهوڙا يا هٿيار هجن، جيڪي اهل اسلام جي خلاف استعمال ڪرڻ وارا هجن، سو انهي ڪري جو اها اهڙي شيءِ آهي، جو ڪنهن به مسلمان لاءِ اهو مناسب نه آهي ، ته هو ان کي اسلام جي دشمنن جي هٿن ۾ رهڻ ڏي، جو پوءِ اهي مسلمانن تي غلبي جو سبب بنجن ۽ پنهنجن جي خير خواهي، ۽ فوج سان نيڪ روش، رعيت جي امداد ۽ الله تعالي جي دين کي مضبوط ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏجو. الله تعالي جي راه ۾ جيڪو توهان جو فرض آهي، تنهن کي پورو ڪجو . ڇو جو الله سبحانه پنهنجي احسانن جي عيوض ۾ اسان کان ۽ توهان کان اهو چاهي ٿو، ته اسين وس آهر ان جو شڪر ۽ طاقت آهر ان جي نصرت (مدد) ڪريون ۽ اسان جي قوت ۽ طاقت به ته خدا جي طرف کان ئي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 52: نماز جي باري ۾ مختلف شهرن جي حڪمرانن جي نالي

نماز جي باري ۾ مختلف شهرن جي حڪمرانن جي نالي:

ظهر (ٻپهري ) جي نماز پڙهايو، ان وقت تائين جڏهن سج ايترو لهي وڃي جو ٻڪرين جي واڙي جي ڀت جو پاڇو، ان (ڀت) جي برابر ٿئي، ۽ عصر (ٽپهري جي) نماز ان وقت تائين پڙهائڻ گهرجي، جڏهن سج اڃا روشن ۽ زنده هجي ۽ ڏينهن اڃا ايترو باقي هجي، جو ڇهن ميلن جي مسافت (مفاصلو) طئي ڪري سگهجي، ۽ مغرب (سانجهي) جي نماز ان وقت پڙهايو، جڏهن روزه دار روزه افطار ڪري ٿو، ۽ حاجي عرفات کان واپس ويندا آهن، ۽ عشا (سمهاڻي) جي نماز، مغرب (اولهه) جي سرخي غائب ٿيڻ کان رات جي ٽئين حصي تائين پڙهايو، ۽ صبح (فجر ) جي نماز ان وقت پڙهايو، جڏهن ماڻهو پنهنجي ساٿي جو چهرو سڃاڻي، ۽ نماز ايتري مختصر پڙهايو، جو انهن مان سڀني کان ڪمزور ماڻهو تي بار نہ ٿئي ۽ ماڻهن جي لاءِ صبر آزما (صبر جي آزمائڻ وارا ) نہ بڻجو.



Presented by Ziaraat.Com

# عهد نامو 53: هن دستاويز کي (مالڪ) اشتر نخعي رحمہ اللہ جي لاءِ

هن دستاويز کي (مالڪ) اشتر نخعي رحمہ اللہ جي لاءِ تحرير فرمايو ويو. جڏهن محمد ابن ابي بڪر جي حالتن بگڙجي وڃڻ تي، مصر ۽ ان جي پسگردائي جي حڪومت مالڪ اشتر جي سپرد ڪئي وئي تڏهن کيس هي عهدنامو لکيو ويو. هي سيني کان طويل عهدنامو ۽ جناب امير عليہ السلام جي شاهي فرمانن ۾ سيني کان وڌيڪ نيڪين تي مشتمل آهي:

بسم اللہ الرحمن الرحيم

هي اهو فرمان آهي، جنهن تي ڪار بند رهڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، اللہ تعالي جي بندي علي اميرالمومنين مالڪ ابن حارث اشتر کي، جڏهن مصر جو کيس والي بنايو ويو، تہ جيئن هو خراج (ڍل) گڏ ڪري دشمنن سان وڙهي، رعيت جي ڀلائي ۽ بهتري ۽ شهرن جي آبادي جو انتظام ڪري

تنهن کي حڪم آهي، تہ اللہ تعالي جو خوف ڪري، ان جي اطاعت کي مقدم سمجهي، ۽ جن فرضن ۽ سنتن جو هن پنهنجي ڪتاب ۾ حڪم ڏنو آهي، تن جي پيروي ڪري، ڇو جو انهن جي پيروي ڪرڻ سان سعادت ۽ انهن کي ڇڏڻ ۽ برباد ڪرڻ سان بدبختي دامن گير ٿئي ٿي، ۽ اهو بہ تہ پنهنجي دل ، پنهنجي هٿ ۽ پنهنجي زبان سان اللہ تعالي جي نصرت ۾ لڳو رهي، ڇو جو خداءِ بزرگ و برتر ذمو کنيو آهي، تہ جيڪو سندس نصرت ڪندو تنهن جي هو مدد ڪندو، ۽ جيڪو ان جي حمايت لاءِ ڪڙو ٿيندو، تنهن کي هو عزت ۽ سرفرازي بخشيندو.

تنهن کان سواءِ کيس حڪم آهي تہ هو نفساني خواهشن جي وقت پنهنجي نفس کي ڇيڀاتي، ۽ ان جي سرڪشين جي وقت ان کي روڪي، ڇو جو نفس برائين جي طرف ئي وٺي وڃڻ وارو آهي، مگر اهو تہ خدا جو لطف ۽ ڪرم شامل حال هجي.

اي مالڪ! هن ڳالھ کي سمجهي ڇڏ تہ توکي انهن علائقن جي طرف موڪلي رهيو آهيان، جتي توکان پهرين عادل ۽ ظالم ڪيئي حڪومتون گذري چڪيون آهي، ۽ ماڻهو تنهنجي عمل جي طرز کي انهي



Presented by Ziaraat.Com

نظر سان ڏسندا جنهن نظر سان توهان پنهنجي اڳين حڪمرانن جي طور طريقن کي ڏسندا رهيا هئا، ۽ توهان جي باري ۾ به اهو ئي چوندا جيڪو توهان انهن حڪرانن جي باري ۾ چوندا هئا.

اهو ياد رک! ته الله تعالي جي نيڪ بندن جي خبر پئجي ٿي وڃي انهي نيڪ نامي سان جيڪا انهن کي پنهنجي بندن ۾ الله تعالي ڏئي ڇڏي آهي تنهن ڪري هر ذخيري مان زياده پسند توکي نيڪ اعمالن جو ذخيرو هئڻ گهرجي. تون پنهنجي خواهشن کي قابو ۾ رک. ۽ جيڪي مشغلا تنهنجي لاءِ حلال ناهن، تن ۾ پاڻ سيڙائڻ کان پنهنجي نفس سان بخل ڪر، ڇو جو نفس سان بخل ڪرڻ ئي. ان جي حق کي ادا ڪرڻ جي برابر آهي. پوءِ کٽي هو خود ان کي پسند ڪري، يا نه. رعايا جي لاءِ پنهنجي دل جي اندر رحم مهرباني ۽ لطف و محبت کي جڳهه ڏي، انهن لاءِ چيري ڦاڙي کائڻ وارو جانور نه بڻج، جو انهن کي ڳهي وڃڻ غنيمت سمجهين انهي ڪري جو رعايا ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو آهن، هڪڙا ته تنهنجا ديني ڀائر ۽ ٻي تو جهڙي خدا جي مخلوق، انهن جون غلطيون به هونديون، خطائن سان به انهن جو واسطو پوندو، ۽ انهن کان ڄاڻي ٻجهي يا ڀلئي ڀلائي غلطيون به ٿينديون، تون انهن کي اهڙي طرح معافي ڏيڻ ۽ درگذر ڪرڻ کان ڪم وٺ جهڙي طرح الله تعالي کان پنهنجي لاءِ عفو ۽ درگذر ٿيڻ کي پسند ڪرين ٿو، انهي ڪري جو تون انهن تي حاڪم آهين، ۽ وري تنهنجي مٿان تنهنجو امام حاڪم آهي ۽ جنهن (امام) توکي والي بڻايو آهي. تنهن جي مٿان الله تعالي آهي، ۽ اهو توکان انهن ماڻهن جا معاملات سلجهائڻ چاهي ٿو، ۽ انهن جي ذريعي تنهنجي آزمائش ڪئي آهي، ۽ ڏس! خبردار! الله تعالي سان مقابلي لاءِ آماده نه ٿجئين ڇو جو ان جي غضب جي سامهون تون بيوس آهين، ۽ ان جي معافي ۽ رحمت کان بي پرواه نٿو ٿي سگهين. ڪنهن کي به معاف ڪرڻ تي توکي پڇتائڻ ۽ سزا ڏيڻ تي وڏائي ڪرڻ نه گهرجي ڪاوڙ ۾ تڪڙ کان ڪم نه وٺ، جڏهن ان کي ٽارڻ جي گنجائش به هجي ڪڏهن به ائين نه چئجئين ته آءُ حاڪم بڻايو ويو آهيان، تنهن ڪري منهنجي حڪم جي اڳيان راضي ٿيڻ گهرجي، ڇو جو اهو دل ۾ فساد پيدا ڪرڻ، دين کي ڪمزور بڻائڻ ۽ بربادين کي قريب آڻڻ جو سبب آهي، ۽ جيڪڏهن حڪومت جي سببان تو ۾ شان يا غرور پيدا ٿئي، ته پاڻ کان بالاتر الله تعالي جي ملڪ جي عظمت کي ڏس، ۽ خيال ڪر، ته هو توتي ايتري قدرت رکي ٿو، جهڙي تون خود پنهنجو پاڻ تي نٿو رکين. اها ئي ڳالهه تنهنجي هٺ وڏائي ۽ سرڪشي کي دٻائيندي، ۽ تنهنجي سختين کي روڪيندي ۽ تنهنجي وڃايل عقل کي واپس آڻيندي.



Presented by Ziaraat.Com

خبردار! ڪڏهن بہ الله تعاليٰ سان سندس عظمت ۾ مقابلو نہ ڪجئين ۽ ان جي بلند شان ۽ جلال سان پهچڻ جي ڪوشش نہ ڪجئين ڇو جو الله تعاليٰ هر زبردست طاقتور ۽ سرڪش کي هيٺ ڪري ٿو ۽ هر مغرور جي سر کي جهڪائي ٿو.

پنهنجي ذات جي باري ۾ ۽ پنهنجي خاص عزيزن ۽ رعايا مان پنهنجي ڪن دلپسند فردن جي معاملن ۾ الله تعاليٰ جي حقن ۽ حقوق الناس جي متعلق پڻ انصاف ڪجئين، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن تون ائين نہ ڪندين تہ ظالم ٿيندين، ۽ جيڪو الله تعاليٰ جي بندن تي ظلم ڪري ٿو، تہ پوءِ بندن جي بدران الله تعاليٰ ان جو حريف ۽ دشمن بڻجي ٿو، ۽ وري جنهن جو هو حريف ۽ دشمن ٿئي تنهن جي هر دليل کي هو ڇيپاٽي ڇڏيندو، ۽ اهو الله تعاليٰ سان برسرپيڪار رهندو، جيستائين هو باز اچي ۽ توبهہ ڪري، ۽ الله تعاليٰ جي نعمتن کي ختم ڪرڻ واري ۽ ان جي سزائن کي جلدي دعوت ڏيڻ لاءِ ڪابہ ڳالھ ان کان وڌيڪ ناهي، جهڙو ظلم تي باقي ۽ قائم رهڻ ڇو جو الله تعاليٰ مظلومن جون دانهون ٻڌي ٿو، ۽ ظالمن لاءِ موقعي جو منتظر رهي ٿو.

توکي سيني طريقن کان زياده اهو طريقو پسند هئڻ گهرجي، جيڪو حق جي اعتبار کان بهترين، انصاف جي لحاظ کان سڀ سان شامل ۽ رعايا جي زياده کان زياده فردن جي مرضي جي مطابق هجي، ڇو جو عوام جي ناراضگي، خاص ماڻهن جي رضامندي کي بي اثر بنائي ٿي، ۽ ڪن خاص ماڻهن جي ناراضگي عوام جي رضامندي هوندي بہ نظر انداز ڪري سگهجي ٿي، ۽ اهو بہ ياد رک! تہ رعيت ۾ خاص کان زياده ڪو بہ اهڙو نہ آهي، جيڪو خوشحالي جي وقت حاڪم تي بار بڻجڻ وارو، ۽ مصيبت جي وقت مدد ڪرڻ کان نٽائڻ وارو، انصاف ڪرڻ تي منهنجي سڃائڻ وارو، طلب ۽ سوال ڪرڻ جي موقعي تي پنٽي ٿيڻ وارو، بخشش ملڻ تي گهٽ شڪر گذار ٿيڻ وارو، محروم ڪري ڇڏڻ تي بمشڪل عذر ٻڌڻ وارو، ۽ زمانہ جي آزمائش تي بي صبري ڏيکارڻ وارو هجي، ۽ دين جو مضبوط سهارو، مسلمانن جي قوت ۽ دشمنن جي مقابلي ۾ بچاءَ جو سامان اهو امت جو عوام ٿئي ٿو، تنهن ڪري تنهنجو سمورو توجهہ ۽ تنهنجو پورو رخ انهن جي ئي طرف هئڻ گهرجي ۽ تنهنجي رعايا مان توکان سڀ کان زياده پري ۽ سڀ کان زياده توکي ناپسند اهو هئڻ گهرجي، جيڪو ماڻهن جي عيب جوئي ۾ زياده لڳل هجي، ڇو جو ماڻهن ۾ تہ عيب ٿين ئي ٿا، سو حاڪم لاءِ انتهائي شايان ائين آهي، تہ انهن تي پردو وجهي، تنهن ڪري جيڪي عيب تنهنجي نظرن کان لڪل هجن، تن کي ظاهر نہ ڪجئين ڇو جو تنهنجو ڪم آهي انهن عيبن کي ميساري ڇڏڻ پر جيڪي توتي ظاهر ٿين، ۽ وري جيڪي لڪل ڍڪيل هجن، تن جو فيصلو الله تعاليٰ جي اختيار ۾ آهي،



Presented by Ziaraat.Com

انهي ڪري جيتري قدر ٿي سگهي عيبن کي لڪاءِ ته جيئن الله تعالي ٻه تنهنجي انهن عيبن جي پرده پوشي ڪري، جن کي تون رعيت کان پوشيدو رکڻ چاهين ٿو. ماڻهن سان حسد جي هر ڳنڍ کي کولي ڇڏ ۽ دشمني جي هر رسيءَ کي وڍي ڇڏ ۽ هر اهڙي رويي کان جيڪو تنهنجي لاءِ مناسب نه آهي، تنهن کان بيخبر ٿي وڃ. چغلخور سان جلدي ۾ ها ۾ ها نه ملاءِ ڇو جو هو فريب ڪاري ٿئي ٿو، جيتوڻيڪ خير خواهن جي صورت ۾ سامهون اچي ٿو.

پنهنجي مشوري ڪرڻ ۾ ڪنهن بخيل کي شريڪ نه ڪجئين جو هو توکي ٻين سان ڀلائي ڪرڻ ۾ روڪيندو ۽ اڻ هوند ۽ مسڪيني جو خطرو ڏياريندو ۽ نه ڪنهن بزدل سان لڙائين ۾ مشورو ڪجئين ان ڪري جو هو تنهنجي همت کي پست ڪندو ۽ نه ڪنهن لالچيءَ سان مشورو ڪجئين جو هو ظلم جي رستي مال گڏ ڪري، تنهنجي نظرن ۾ سينگاريندو.

ياد رک! ته بخل، بزدلي ۽ حرص جيتوڻيڪ جدا جدا خصلتون آهن، مگر الله تعالي سان بدگماني انهن سيني ۾ شريڪ آهي تنهنجي لاءِ سڀ کان بدتر وزير اهو ٿيندو، جيڪو توکان پهرين بدڪردارن جو وزير ۽ گناهن ۾ انهن جو شريڪ رهي چڪو آهي، اهڙي قسم جي ماڻهن کي تنهنجي مخصوصين ۾ نه هئڻ گهرجي، ڇو جو هو گنهگارن جا مددگار، ظالمن جا ساٿي ٿين ٿا، انهن جي جاين تي توکي اهڙا ماڻهو ملي سگهن ٿا جيڪي خيال فڪر ۽ راءِ ۽ ڪارڪردگي جي اعتبار کان انهن جهڙا ئي هوندا، مگر انهن وانگر گناهن جي بارن هيٺان دٻيل نه هوندا، جن نه ڪنهن ظالم جي ان سان ظلم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي هوندي، ۽ نه ڪنهن گنهگار جو ان سان گناه ڪرڻ ۾ ساٿ ڏنو هوندو، انهن جو بار توتي هلڪو ٿيندو، ۽ اهي تنهنجا نهايت بهترين مددگار ثابت ٿيندا ۽ تنهنجي طرف محبت سان جهڪڻ وارا هوندا ۽ توکان سواءِ ٻين سان لڳ لاڳاپو نه رکندا انهن کي تون (اڪيلائي) خلوت ۽ جلوت ۾ پنهنجو خاص مصاحب بڻائج، پوءِ تنهنجي نزديڪ انهن مان زياده ترجيح انهن ماڻهن کي هئڻ گهرجي، جيڪي حق سچ جون ڪڙيون ڳالهيون توسان کلي ڪرڻ وارا هجن، ۽ انهن معاملن ۾ جن کي الله تعالي پنهنجي مخصوص بندن لاءِ ناپسند ڪري ٿو، سي تنهنجا نهايت گهٽ مدد ڪرڻ وارا هجن، پوءِ ڪٿي اهي تنهنجي خواهشن مطابق ڇو نه هجن، پرهيزگارن ۽ سچن سان پاڻ کي وابستو رک پوءِ انهن کي انهي جو عادي بڻائج، ته هو تنهنجي ڪنهن ڪارنامي ڪرڻ جي بغير، تنهنجي تعريف ڪري توکي خوش نه ڪن، ڇو جو زياده مدح سرائي غرور پيدا ڪري ٿي، ۽ سرڪشي جي منزل جي قريب ڪري ٿي، ۽ تنهنجي نزديڪ نيڪو ڪار ۽ بدڪار ٻئي برابر نه هجن، انهي ڪري جو ائين ڪرڻ سان نيڪن کي نيڪي ڪرڻ کان بي رغبت



Presented by Ziaraat.Com

ڪرڻ ۽ برن کي بدي ڪرڻ تي آماده ڪرڻ آهي، هر شخص کي انهي جي منزلت تي رک. جنهن جو هو مستحق آهي، ۽ انهي ڳالھ کي ياد رک، تہ حاڪم کي پنهنجي رعايا تي پورو اعتماد انهي وقت ڪرڻ گهرجي، جڏهن هو پاڻ انهن سان سهڻو سلوڪ ڪندو هجي، ۽ انهن تي بار نہ وجهي، ۽ نہ وري انهن کي اهڙين ڳالهين تي مجبور ڪري، جيڪي انهن جي وس ۾ نہ هجن.

توکي اهڙو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي، جو ان نيڪ سلوڪ کان توکي رعيت تي پورو اعتماد ٿي سگهي، چو جو اهو اعتماد جا اهي مستحق اندروني مونجهارن ۽ جهيڙن کي ختم ڪندو ۽ سڀ کان زياده تنهنجي اعتماد جا اهي مستحق آهن، جن سان تو نيڪ سلوڪ ڪيو هوندو، ۽ سڀ کان زياده بي اعتمادي جا اهي مستحق آهن، جن سان تنهنجو ورتاءُ چڱو نہ رهيو هوندو.

)۽ ڏس!) ان سٺي طريقي کي ختم نہ ڪجئين ۽ جنهن تي هن امت جا بزرگ هلندا رهيا آهن، ۽ جنهن کان اتحاد ۽ يڪڏي پيدا ٿي، پڻ رعيت جي اصلاح ٿي آهي، ۽ اهڙيا طريقا ايجاد نہ ڪجئين جيڪي اڳين طريقن کي ڪو نقصان پهچائين، جيڪڏهن تو ائين ڪيو، تہ نيڪ روش جي قائم ڪرڻ وارن کي تہ ثواب ملندو رهندو، مگر انهن کي ختم ڪرڻ جو گناه تنهنجي سر تي ٿيندو، ۽ پڻ پنهنجي شهرن جي اصلاحي ڳالهين کي مضبوط ڪرڻ ۽ انهن ڳالهين جي قائم ڪرڻ ۾ جن سان اڳين ماڻهن جون حالتون مضبوط رهيون هيون، عالمن ۽ حڪيمن سان گڏجي پاڻ ۾ مشورو ۽ ڳالهيون ٻولهيون ڪندو رهجئين.

۽ توکي معلوم هئڻ گهرجي تہ رعيت ۾ ڪيئي طبقا هوندا آهن، جن جا فائدا ۽ ترقيون هڪٻئي سان وابستو هونديون آهن، ۽ هو هڪٻئي کان بي پرواه ٿي نٿا سگهن، انهن مان هڪ طبقو اهو آهي، جيڪو الله جي راه ۾ ڪم اچڻ وارين فوجن جو آهي، ٻيو طبقو اهو آهيم جيڪو عام ۽ خاص تحريرن جو ڪم ڪندو آهي، ٽيون انصاف ڪندڙ قاضين جو آهي، چوٿون حڪومت جا اهي آفيسر جن سان امن ۽ انصاف قائم رهي ٿو، پنجون خراج ڏيڻ وارن مسلمان ۽ جزيہ ڏيڻ وارن غير مسلمانن جو طبقو. ڇهون واپاري پيشہ ۽ هنرمندن جو. ستون فقيرن ۽ مسڪينن جو اهو طبقو آهي، جيڪو سڀني کان پست آهي، ۽ الله تعالي هر هڪ جو حق مقرر ڪري ڇڏيو آهي، ۽ پنهنجي ڪتاب يا نبوي سنت ۾ ان جي حد بندي ڪري ڇڏي آهي، ۽ اهو (مڪمل) دستور اسان وٽ محفوظ آهي، (پهريون طبقو) فوجي دستو ، اهي خدا جي حڪم سان رعيت جي حفاظت جو قلعو، فرمانروائن جي زينت دين ۽ مذهب جي طاقت ۽ امن جي راه آهن. رعيت جو انتظام ۽ بندوبست انهن سان ئي قائم ۽ برقرار رهي سگهي ٿو، ۽ فوج جي زندگي جو سهارو اهو خراج آهي، جيڪو الله تعالي انهن لاءِ مقرر ڪيو آهي، جنهن سان هو دشمنن سان جهاد ڪرڻ ۾



Presented by Ziaraat.Com

تقويت حاصل ڪن ٿا، ۽ پنهنجي حالت کي درست بڻائڻ ۽ ضررتن کي پورو ڪن ٿا، پوءِ انهن ٻنهي طبقن جي نظم ۽ بقا لاءِ ٽئين طبقي جي ضرورت آهي، جيڪو قاضين آفيسرن ، ڪامورن ۽ دفتر جي منشين جو آهي، جن جي ذريعي پاڻ ۾ انجامن اقرارن جي مضبوطي ۽ ڏيل ۽ ڏيڻ فائدن جي گڏ ڪرڻ جو ڪم ڪيو ويندو آهي، ۽ معمولي خواه غير معمولي معاملن ۾ انهن جي ذريعي پروسو ۽ اطمينان حاصل ڪيو وڃي ٿو، ۽ پڻ سيني جو دارو مدار سوداگرن ۽ دڪاندارن، ڪاريگرن تي آهي، اهي انهن جي ضرورتن کي گڏ ڪن ٿا، بازاريون کولين ٿا، ۽ پنهنجي محنتن سان انهن جي ضرورتن کي مهيا ڪري، انهن کي خود مهيا ڪرڻ کان آسودو ڪن ٿا.

انهن کان پوءِ وري فقيرن ۽ مسڪينن جي طبقو آهي، جن جي مدد ۽ دستگيري ڪرڻ ضروري آهي، الله تعالي انهن سيني جي روزي جون صورتون پيدا ڪرڻ ڇڏيون آهن ۽ هر طبقي جو حاڪم تي حق قائم آهي، تہ هو انهن لاءِ ايترو مهيا ڪري ، جو انهن جي حالت درست ڪري سگهي، ۽ حاڪم الله تعالي جي انهن سيني ضروري حقن کان آزاد ٿي نٿو سگهي، مگر انهي صورت ۾ تہ هو پوري طرح ڪوشش ڪري، ۽ الله تعالي کان مدد گهري ۽ پاڻ کي حق تي ثابت ۽ برقرار رکي، پوءِ چاهي اهي ڳالهيون مٿس آسان هجن يا دشوار بهر حال انهن کي برداشت ڪري، فوج جو سردار ان کي ڪجئين، جيڪو پنهنجي الله جو، ۽ پنهنجي رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو ۽ تنهنجي امام جو سيني کان زياده خير خواه هجي سيني کان زياده پاڪ دامن هجي، ۽ بردباري ۾ نمايا هجي، جلد ڪاوڙ ۾ نہ ايندو هجي، بهاني ۽ معافي تي مطمئن ٿي ويندو هجي، ڪمزورن تي رحم ڪندو هجي، ۽ طاقتورن جي سامهون پاڻ بہ آڪڙ ڪندو هجي، نہ بدخوئي ان کي جوش ۾ آڻيندي هجي، ۽ نہ پست همتي کيس ويهاري ڇڏيندي هجي، پوءِ ائين هئڻ گهرجي تہ تون بلند خاندان نيڪ گهراڻي ۽ عمده رويتين کي رکڻ وارن ۽ همت ۽ شجاعت ۽ جود و سخاوت جي مالڪن سان پنهنجو ميل ميلاپ وڌاءِ چاڪاڻ تہ اهي ماڻهو بزرگين جو سرمايو ۽ نيڪين جو سرچشمو ٿين ٿا. پوءِ انهن جي حالات جي اهڙي طرح سنڀال ڪجئين جهڙي طرح ماءُ پيءُ پنهنجي اولاد جي سنڀال ڪن ٿا، جيڪڏهن انهن سان اهڙو سلوڪ ڪرين جيڪو انهن جي تقويت جو سبب هجي، تہ ان کي وڏو نہ سمجهہ ۽ پنهنجي ڪنهن معمولي سلوڪ کي بہ غير اهم نہ ڄاڻج (جو ان کي ڇڏي ڏين) ڇو جو ان نيڪ سلوڪ سان انهن جي خير خواهي جو جذبو ابرندو ۽ نيڪ اعتماد ۾ اضافو ٿيندو ۽ انهي خيال سان تہ تو انهن جي وڏين ضرورتن کي پورو ڪيو آهي، ليڪن انهن جي ننڍين ضرورتن کان بہ اک کي بند نہ ڪجئين، ڇا ڪاڻ تہ اهي ننڍي قسم جون مهرباني واريون ڳالهيون بہ پنهنجي جاءِ تي فائدي واريون ٿين ٿيون، ۽ اهي وڏيون ضرورتون وري پنهنجي جاءِ تي اهميت واريون هونديون آهن، ۽



Presented by Ziaraat.Com

فوجي سردارن مان تو وٽ اهو بلند منزلت وارو سمجهيو وڃي، جيڪو فوجين جي مدد ڪرڻ ۾ برابر جو حصو وٺندو هجي، ۽ پنهنجي روپين پئسن سان ايترو سلوڪ ڪندو هجي، جنهن مان سندس ۽ سندس پوئتي رهجي وڃڻ وارن ٻارن ٻچن جو چڱي طرح گذارو ٿي سگهندو هجي، ته جيئن هو سمورن فڪرن کان بي فڪر ٿي ڪري پوري يڪسوئي سان دشمنن سان جهاد ڪري ، انهي ڪري جو فوجي سردارن سان تنهنجو مهرباني سان پيش اچڻ، انهن جي دلين کي تنهنجي طرف موڙيندو. حڪمرانن لاءِ سڀ کان وڏو اکين جو ٺار هن ڳالهه ۾ آهي ته شهرن ۾ عدل ۽ انصاف برقرار رهي، ۽ رعيت جي محبت ظاهر ٿيندي رهي، ۽انهن جي محبت تڏهن ظاهر ٿيندي آهي، جڏهن انهن جي دلين ۾ مير نه هجي، ۽ انهن جي خير خواهي انهي صورت ۾ ثابت ٿيندي آهي. جڏهن هو پنهنجي حڪمرانن جي چوڌاري حفاظت لاءِ گهيرو ڪيو ويٺا هوندا آهن، ۽ ان حاڪم جو اقتدار سر تي بار نه سمجهندا هجن، ۽ نه ان جي حڪومت جي خاتمي جون گهڙيون ڳڻيندا هجن، تنهن ڪر سندن اميدن ۾ وسعت ۽ ڪشادگي رکڻ انهن کي سٺن لفظن سان ساراهيندو رهڻ، ۽ انهن مان ڪن سٺن ڪارڪردگي ڏيکارڻ وارن جي ڪارنامن جو تذڪرو ڪندو رهجئين. انهي ڪري جو انهن جي سٺن ڪارنامن جو ذڪر بهادرن کي جوش ۾ آڻيندو آهي، ۽ پست همتن وارن کي اڀاري ٿو، انشاءَ الله ، جيڪو به شخص جنهن ڪارنامي کي پورو ڪري ، تنهن کي سڃاڻندو رهجئين، ۽ هڪ جو ڪارنامو ٻئي جي طرف منسوب نه ڪجئين ۽ ان جي حسن ڪارڪردگي جي صلي ڏيڻ ۾ ڪمي نه ڪجئين، ۽ ڪڏهن به ائين نه ڪجئين، جو ڪنهن شخص جي بلندي ۽ رفعت جي سببان ان جي معمولي ڪم کي وڏو ڪري سمجهين، ۽ وري ڪنهن جي وڏي ڪم کي ان جي پست هئڻ سببان معمولي ڪري ڄاڻين.

جڏهن اهڙا مشڪل توکي درپيش اچن ، جن جو حل نه ٿي سگهي، ۽ اهڙا معاملات، جيڪي توکي شڪ ۾ وجهن ته پوءِ ان صورت ۾ الله ۽ رسول جي طرف رجوع ٿي، چو جو الله تعالي جن ماڻهن کي هدايت ڪرڻ چاهي ٿو، تن لاءِ فرمايو اٿس، ته :

”اي ايمان وارؤ! الله جي اطاعت ڪريو، ۽ ان جي رسول جي، ۽ انهن جي جيڪي توهان مان صاحبان امر هجن،

ته پوءِ الله ڏي رجوع ڪرڻ جو مطلب اهو آهي ته ان جي ڪتاب جي محڪم آيتن تي عمل ڪيو وڃي، ۽ رسول ڏي رجوع ڪرڻ جو مطلب اهو آهي ته سندن انهن متفق عليہ ارشادن تي عمل ڪيو وڃي، جن ۾ ڪوبہ اختلاف نه آهي.



Presented by Ziaraat.Com

۽ ٻي ڳالهه ته ماڻهن جي معاملات جا فصلا ڪرڻ لاءِ اهڙي شخص کي منتخب ڪر جيڪو تنهنجي نزديڪ تنهنجي رعيت ۾ سڀني کان بهتر هجي، جيڪو واقعات جي پيچيدگين کان دشواري ۽ پريشاني ۾ نه پئجي وڃي، ۽ نه وري جهيڙن ڪرڻ وارن جي رويي کان ڪاوڙ ۾ ايندو هجي، ۽ نه پنهنجي ڪنهن غلط فڪرن جي انداز تي آڪڙ ڪندو هجي ۽ نه حق کي سڃاڻندي به ان جي اختيار ڪرڻ ۾ طبيعت تي بار محسوس ڪندو هجي، نه ان جو نفس، ذاتي لالچ تي جهندو هجي، ۽ نه بغير ڪنهن چنڊ ڇاڻ ڪرڻ جي سرسري طور تي ڪنهن معاملي کي سمجهڻ تي اڪتفا ڪندو هجي، شڪ ۽ شبهي جي موقعي تي قدم روڪيندو هجي، ۽ دليل ۽ حجت کي سڀني کان زياده اهميت ڏيندو هجي. ڌرين جي بحث مباحثي کان ڪڪ يا بيزار نه ٿيندو هجي، معاملات جي تحقيق ۾ نهايت صبر ۽ ضبط کان ڪم وٺندو هجي، ۽ جڏهن حقيقت آئيني وانگر ظاهر ٿي وڃي، تڏهن بي ڌڙڪ فيصلو ڪري وٺندو هجي، هو اهڙو هجي، جنهن کي تعريف ۽ ساراه مغرور نه بنائي ۽ نه ڇڪي تاڻي طرفداري تي آماده ڪري . جيتوڻيڪ اهڙا ماڻهو گهٽ ملندا آهن پوءِ اهو ته تون خود ان جي فيصلن جو بار بار جائزو وٺندو ڪر، دل کولي، انهن کي ايترو ڏي، جو انهن جي هر بهاني کي قبول نه ڪرڻ جي لائق بنائي، ۽ نه ماڻهن جو ڪو انهن کي احتياج رهي، پاڻ وٽ انهن کي اهڙي باعزت مرتبي تي رک، جو تنهنجا درباري انهن کي ذرو به ضرر پهچائڻ جو ڪو خيال نه ڪري سگهن، ته جيئن اهي تنهنجي مهرباني ۽ توجهه جي سببان ماڻهن جي سازشن کان محفوظ رهن انهي باري ۾ انتهائي بالغ نظري کان ڪم وٺ ڇو جو (ان کان پهرين) هي دين بدڪردارن جي پنجي ۾ اسير رهي چڪو آهي، جنهن ۾ نفساني خواهشن جو ڪم وٺڻ هو، ۽ ان کي دنيا طلبي جو هڪ ذريعو بنايو ويو هو.

پوءِ پنهنجي عهديدارن جي باري ۾ نظر رکجئين، انهن کي چڱي طرح آزمائش کان پوءِ منصب ڏجئين، ڪڏهن به فقط رعايت ۽ جانبداري جي لحاظ کان انهن کي منصب عطا نه ڪجئين، انهي ڪري جو اهي ڳالهيون نا انصافي ۽ بي ايماني جو سرچشمو آهن، ۽ اهڙن ماڻهن کي منتخب ڪجئين، جيڪي آزموده ۽ غيرت مند هجن، اهڙن خاندانن مان جيڪي نيڪ هجن، ۽ جن جون خدمتون اسلام جي سلسلي ۾ پهرين کان هجن ڇو جو اهڙا ماڻهو بلند اخلاق ۽ بي داغ عزت وارا ٿين ٿا، حرص ۽ طمع جي طرف گهٽ جهڪندا آهن، ۽ عاقبتن ۽ نتيجن تي زياده نظر رکندا آهن، ان بعد انهن جي پگهارن جو معيار بلند رکجئين، ڇو جو انهي مان انهن کي پنهنجي نفس جي درست رکڻ ۾ مدد ملندي، ۽ انهي مال کان بي پرواه رهندا، جيڪو انهن جي هٿن ۾ بطور امانت جي هوندو، ان ڪانپوءِ به هو تنهنجي حڪم جي خلاف ورزي يا امانت ۾ رخنه اندازي ڪن، ته پوءِ تنهنجي حجت انهن تي قائم ٿيندي، وري پوءِ انهن جي



Presented by Ziaraat.Com

ڪارڪردگين کي ڏسندو وائسندو رهجئين، ۽ سچن ۽ وفادارن خبر ڏيڻ وارن کي انهن تي ڇڏي ڏجئين جو جو خفيہ طور تہ انهن جي ڳالهين جي نگراني، انهن کي امانت جي واپرائڻ، ۽ رعيت سان نرم رويي رکڻ جو باعث ٿيندي . بدديانت مددگارن کان پنهنجو بچاءُ ڪندو رهجئين، جيڪڏهن انهن مان ڪو بہ خيانت جي طرف وڌي ۽ متفقہ طور تي جاسوسن جا اطلاع تو تائين پهچي وڃن، تہ پوءِ شاهدي لاءِ بس ان کي ڪافي سمجھ ان کي جسماني طور تي سزا ڏيڻ ، ۽ جيڪي ڪجھ هن پنهنجي عهدي مان فائدو حاصل ڪري گڏ ڪيو آهي، سو ان کان واپس وٺ ۽ ان کي ذلت واري منزل تي بيهارج، ۽ خيانت جي رسوائي کان ان کي روشناس ڪرائي، پوءِ ننگ ۽ رسوائين جو طوق هن جي ڳچي ۾ وجهجئين.

ڍلن وصول ڪرڻ جي معاملن ۾ ڍلن ادا ڪرڻ وارن جا فائدا نظرن ۾ هجن، ڇو جو ڍلن ۽ ڍلن ڏيندڙن جي ڪري ئي ٻين جا حالات درست ڪري سگهجن ٿا سڀئي انهي ڍل ۽ ڍلن ڏيندڙن جي سهاري پيا هلن، ۽ ڍل جي وصولي کان زياده زمين جي آبادي جو خيال رکجئين، ڇو جو ڍل بہ تہ زمين جي آبادي مان ئي حاصل ٿي سگهي ٿي، ۽ جيڪو آبادي ٿيڻ کان سواءِ ڍل گهري ٿو، سو ملڪ جي بربادي ۽ الله تعالي جي بندن جي تباهي جو سامان ڪري ٿو، ۽ ان جي حڪومت ٿورن ڏينهن کان زياده رهي نہ سگهندي، هاڻي جيڪڏهن ان ڍل جي گهٽائي يا ڪنهن اوچتي آفت جي اچڻ يا نهري توڙي باراني علائقن ۾ آبپاشي جي ذريعن سان ختم ٿيڻ يا زمين جو ٻوڏ هيٺ اچڻ يا خشڪ سالي هئڻ سبب زمين جي تباه ٿيڻ جي شڪايت ڪن، تہ پوءِ ڍل ۾ ايتري ڪمي ڪجئين جنهن کان توکي انهن (زميندارن) جي حالتن جي سڌرڻ جي توقع هجي، ۽ انهن جي بار کي هلڪي ڪرڻ سان توکي بہ ڏکيائي محسوس نہ ٿئي، ڇو جو انهن کي قرض وغيره کان بچائڻ هڪ اهڙو ذخيرو آهي جيڪو تنهنجي ملڪ جي آبادي ۽ تنهنجي حڪومت جي زيب و زينت واري صورت ۾ توکي واپس ملندو ۽ ان سان گڏ تون، انهن کان تحسين (تعريف) واري ڍل (داد) ۽ عدل قائم ڪرڻ سببان بيحد خوشي پڻ حاصل ڪري سگهندين، ۽ پنهنجي ان سهڻي سلوڪ سببان جيڪو ذخيري طور تو انهن وٽ رکيو آهي ( تہ ڏکئي وقت ڪم اچي) سو انهن جي قوت جي ڪري ڀروسو حاصل ڪري سگهندين، ۽ رحم و ڪرم جي واڳ ۾ جنهن عدل واري خصلت جو تو انهن کي عادي بنايو آهي، تنهن جي سببان توکي انهن تي ڀروسو ۽ اعتماد ٿي سگهندو، ان کانپوءِ ممڪن آهي، تہ اهڙا حالات بہ پيش اچن ، جن ۾ توکي انهن تي اعتماد ڪرڻ جي ضرورت هجي، تہ پوءِ اهي انهن کي پاڪائي جي خاطر برداشت ڪري ونندا، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ملڪ آباد آهي ، تہ پوءِ جيترو بہ بار انهن تي رکندين، تہ اهو کڻي سگهندا، ۽ زمين جي تباهي انهن کان ئي ٿيندي آهي، جو هارين جا هٿ خالي ٿي وڃن، ۽ وري انهن جي تنگ دستي انهي ڪري ٿئي ٿي، جو حاڪم مال ۽ دولت جي گڏ ڪرڻ تي



Presented by Ziaraat.Com

لاهي پاهي تري بيهن ٿا، ۽ انهن کي پنهنجي اقتدار جي ختم ٿيڻ جو ڪٽڪو لڳو رهي ٿو، ۽ عبرتن مان نهايت گهٽ فائدو وٺڻ چاهين ٿا.

پوءِ اهو ته پنهنجي دفتر جي منشين جي اهميت تي نظر رک، پنهنجا معاملا انهن جي سپرد ڪر، جيڪي انهن مان بهتر هجن ، ۽ پنهنجي فرمانن کي، جن ۾ مخفي تدبيرون ۽ (مملڪت جا) راز ۽ اسرار درج ٿين ٿا، سي خصوصيت سان انهن جي حوالي ڪر ، جيڪي سيني کان زياده نيڪ اخلاقن جا مالڪ هجن، جن کي عزتن جو حاصل ٿيڻ سرڪش نه بنائي، جو هو پريل محفلن ۾ تنهنجي خلاف ڪي ڪجهه چوڻ جي جرات ڪرڻ لڳن ۽ اهڙا بي پرواهه به نه هجن، جو ڏيتي ليتيءَ جي باري ۾ جيڪي تنهنجي متعلق هجن، سي تنهنجي ڪامورن جا خط تنهنجي سامهون پيش ڪرڻ ۽ انهن جي مناسب جوابن جي رواني ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪندا هجن، ۽ هو تنهنجي حق ۾، جيڪو به معاهدو ڪن تن ۾ ڪا خامي نه ڪن ۽ نه تنهنجي خلاف ڪنهن ساز باز جي رد ڪرڻ ۾ ڪمزوري ڏيکارين ۽ اهي معاملات ۾ پنهنجي صحيح مرتبي ۽ مقام کان نا آشنا نه هجن ڇو جو جيڪو پنهنجو صحيح مقام نٿو سڃاڻي، سو پين جي قدر و مقام کان اڃا به زياده ناواقف هوندو.

پوءِ اهو ته ان جو انتخاب توکي پنهنجي دانائي، نيڪ گمان ۽ خوش اعتمادي جي لحاظ تي نه ڪرڻ گهرجي ، ڇو جو ماڻهو، ظاهري نمائش ۽ حسن خدمات جي ذريعي حڪمرانن جي نظرن ۾ سمائجي، تعارف جون راهون ڪڍي وٺندا آهن، حالانڪ انهن ۾ ذرو به خير خواهي ۽ امانت داري جو جذبو نٿو ٿئي، ليڪن تو انهن جي انهن خدمتن سان پرک ڪر، اهي جيڪي توکان پهرين نيڪ حاڪمن جي ما تحت رهي ڪري مڪمل ٿي چڪا هجن، ته پوءِ جيڪي عوام مان نيڪنام ۽ امانتداري جي اعتبار کان زياده مشهور هجن، انهن جي طرف خصوصيت سان توجه ڏي، ڇو جو ائين ڪرڻ سان انهي ڳالهه جو دليل ٿيندو ، ته تون الله جو مخلص ۽ پنهنجي امام جو خير خواهه آهين. توکي لکپڙهه جي کاتي جي هر شعبي تي هڪ هڪ آفيسر مقرر ڪرڻ گهرجي، جيڪو مذڪوره شعبي جي وڏي کان وڏي، ڪم کان عاجز نه ٿئي، ۽ ڪم جي زيادتي کان بدحواس ٿي نه اٿي، ياد رک، ته انهن منشين ۾ جيڪو به عيب هوندو ، ۽ تون ان کان اک بند ڪندين تنهن جي ذميداري توتي ٿيندي.

پوءِ توکي واپارين ۽ ڪاريگرن تي خيال رکڻ ۽ انهن سان سٺي ورتاءَ جي هدايت ڪئي وڃي ٿي، ۽ توکي ان باري ۾ پين کي به هدايت ڪرڻي آهي، پوءِ اهي هڪ هنڌ رهي ڪري واپار ڪرڻ وارا هجن يا ڦيري لڳائي وڪڻڻ وارا هجن، يا جسماني مشقت (مزدوري يا دستڪاري ) سان ڪمائڻ وارا هجن ، ڇو جو اهي



Presented by Ziaraat.Com

ماڻھو فائدن جا سرچشما ۽ ضروريات جي مهيا ڪرڻ جا ذريعا ٿين ٿا. اهي ماڻھو انهن ضروريات کي خشڪي تري، ميداني علائقن، پهاڙن ۽ اهڙن دور افتاده مقامات کان در آمد (آڻڻ ۽ نيڻ ) ڪن ٿا، بلڪ اهڙين جڳهن تان، جتي ماڻهو پهچي نٿا سگهن، ۽ نہ وري اتي وڃڻ جي ڪا همت ڪري ٿا سگهن، اهي ماڻهو امن پسند ۽ صلح جا ڳولائو ٿين ٿا. انهن کان ڪنهن بہ فساد ۽ فتني جو انديشو نہ هوندو آهي، اهي ماڻهو تنهنجي سامهون هجن يا جتي جتي بہ شهرن ۾ پکڙيل هجن، تہ تون انهن جي سار سنڀال لهندو ڪر، ها! ان سان گڏ اهو بہ ياد رک، تہ انهن ۾ ڪي اهڙا بہ ٿين ٿا، جيڪي انتهائي تنگ نظر ۽ نهايت ڪنجوس ٿين ٿا، جيڪي نفعي ڪمائڻ خاطر مال روڪي رکن ٿا ۽ پوءِ وڏا اگهہ مقرر ڪري ٿا ڇڏين اهي ڳالهيون عوام لاءِ نقصانن واريون ۽ حڪام جي بدنامي جو باعث ٿين ٿيون، تنهن ڪري ڪين ذخيرو اندوزي کان منع ڪجئين، ڇو جو رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو ائين ڪرڻ کان منع ڪئي آهي، ۽ خريد و فروخت صحيح تارازين ۽ مناسب اگهن تي سهولتن سان هئڻ گهرجي، تہ جيئن نہ وڪڻڻ واري کي نقصان ٿئي ، نہ خريد ڪرڻ واري کي خسارو ٿئي.

ان کان پوءِ بہ ڪو ذخيره اندوزي جي جرم جو مرتڪب ٿئي ، تہ ان کي مناسب حد تائين سزا ڏجئين ، ۽ پوءِ خصوصيت سان الله تعالي جو خوف ڪجئين، باقي بچيل ۽ ڪريل عاجز پوئتي پيل طبقي جي باري ۾ جن جو ڪو بہ سهارو نہ هوندو آهي سو مسڪينن، محتاجن، فقيرن، ۽ معذورن جو طبقو آهي، جن مان ڪي تہ هٿ ڊگهيري گهرڻ وارا ٿين ٿا، ۽ وري ڪن جي تہ صورت ئي سوال جهڙي هوندي آهي، الله تعالي جي واسطي انهن بيڪسن جي باري ۾، انهن جي ان حق جي حفاظت ڪجئين، جنهن جو هن (الله تعالي) توکي ذمہ دار بنايو آهي، انهن لاءِ هڪ حصو بيت المال مان مقرر ڪر، ۽ هڪ حصو هر شهر جي ان اناج مان ڏجئين، جيڪو اسلام غنيمت جي زمينن مان حاصل ٿيندو هجي، ڇو جو ان ۾ پري وارن جو بہ ايترو ئي حصو آهي، جيترو ويجهڙائي وارن جو آهي ۽ تون انهن سڀني جي حقن جي نگراني ۽ حفاظت جو ذمہ دار بڻايو ويو آهين، تنهن ڪري توکي متان دولت جو نشو انهن (ڳالهين ) کان غافل ڪري وجهي، انهي ڪري ڪنهن بہ معمولي ڳالهہ کي نظر انداز نہ ڪجئين، جو تو انهن کان وڏيڪ اهم ڪمن کي پورو ڪيو آهي، تنهن ڪري پنهنجو توجہ انهن تان نہ هٽائجئين، ۽ نہ تڪبر سان انهن کان پنهنجو منهن ڦيرائجين ، بلڪ خصوصيت سان انهن جي خبر پيو وٺجئين، اهڙن ماڻهن جي جيڪي توتائين نٿا پهچي سگهن، جن کي اکيون ڏسڻ سان ڪراهت ڪنديون، هجن، ۽ ماڻهو بہ انهن کي حقارت سان ڏڪاريندا هجن، سو تون انهن لاءِ پنهنجي ڪنهن پروسي واري ماڻهوءَ کي، جيڪو الله جي خوف رکڻ وارو، بلڪ تواضع ڪرڻ وارو هجي، تنهن کي مقرر ڪجئين، تہ اهو انهن جا احوال تر تائين



Presented by Ziaraat.Com

پهچائيندو رهي، پوءِ انهن سان اهو طرز عمل اختيار ڪجئين، جنهن ڪان قيامت جي ڏينهن الله تعالي جي سامهون حجت پيش ڪري سگهين، چو جو رعيت ۾ ٻين کان زياده اهي انصاف جا محتاج آهن، ۽ ائين ته سمورا ئي اهڙا آهن، جو تون انهن جي حقن کي ادا ڪرين، جو توکي الله تعالي جي سامهون سر خرو ٿيڻو آهي.

۽ ڏس! يتيمن ۽ تجربيڪار پوڙهن، جو خيال ڪجئين، جيڪي نه ڪو سهارو ٿا رکن، ۽ نه وري ڪو سوال ڪرڻ لاءِ ئي اٿن ٿا، ۽ اهو ئي هڪ اهڙو ڪم آهي، جيڪو حڪام تي ڳرو ٿي گذرندو آهي.

ها! الله تعالي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي عقبي جا طلبگار رهن ٿا، تن جي بار کي هلڪو ڪري ٿو، جيڪي ان کي پنهنجي ذات تي برداشت ڪن ٿا، ۽ وري الله تعالي جيڪو انهن سان وعدو ڪيو آهي، تنهن جي سچائي تي ڀروسو رکن ٿا.

۽ تون پنهنجي وقت جو هڪ حصو حاجتمندن لاءِ مقرر ڪري ڇڏ. جنهن ۾ سمورا ڪم ڇڏي، انهن لاءِ مخصوص ٿي، بلڪ انهن لاءِ هڪ عام دربار سڏاءِ جنهن ۾ پنهنجي پيدا ڪرڻ واري الله تعالي لاءِ تواضع ۽ انڪساري کان ڪم وٺ، ۽ (ان وقت) فوجين پهريدارن ۽ پوليس وارن کي هٽائجان ته جيئن چوڻ وارا بي ڌڙڪ چئي سگهن، چو جو مون رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم ، جن کي ڪيترن ئي موقعن تي فرمائيندي ٻڌو آهي، ته انهي قوم ۾ پاڪيزگي نٿي اچي سگهي، جنهن ۾ ڪمزورن کي چڱي طرح آزادي سان طاقتورن کان حق نٿو ڏيارو وڃي، پوءِ اهو ته جيڪڏهن انهن کي ڪاوڙ اچي يا صاف صاف مطلب نه چئي سگهن، ته ان کي برداشت ڪجئين، ۽ تنگدلي ۽ وڏائي کي انهن جي مقابلي ۾ پاڻ وٽ اچڻ نه ڏجئين، انهي ڪري الله تعالي توتي پنهنجي رحمت جي دامنن کي ڦڪڙي ڇڏيندو . ۽ پنهنجي فرمانبرداري جو تو کي ضرور اجر ڏيندو ۽ اهڙي طرح سهڻو سلوڪ ڪجئين، جو منهن تي گهنج يا سر نه اچي ، ۽ جي نه ڏين ، ته سٺي طريقي سان عذر خواهي ڪجئين.

پوءِ ڪجهه اهڙيون به ڳالهيون آهن، جيڪي توکي خود پوريون ڪرڻ گهرجن، انهن مان هڪ ته بالا عملدارن جي انهن خطن پٽن جا جواب ڏيڻا آهن، جيڪي تنهنجي منشين جي وس ۾ نه هجن، ٻيو ته جڏهن ماڻهن جون حاجتون تنهنجي سامهون پيش ٿين، ۽ پوءِ تنهنجي عملي جي ارڪانن مان ڪي نٽائيندا هجن، ته پوءِ خود توکي اهي پورا ڪرڻا آهن، روز وارو ڪم ساڳئي ڏينهن ختم ڪندو ڪر، چو جو هر ڪو ڏينهن پنهنجي ئي ڪم لاءِ مخصوص ٿئي ٿو، پنهنجي وقت جو بهتر ۽ افضل حصو الله تعالي



Presented by Ziaraat.Com

جي عبادت لاءِ مخصوص ڪري ڇڏ. جيتوڻيڪ اهي سمورا ڪم پڻ الله تعالي جي لاءِ ئي آهن، جڏهن ته نيت بخير هجي، ۽ انهن (جي ڪرڻ ) سان رعيت جي خوشحالي ٿئي.

انهن مخصوص شغلن مان جن سان گڏ تون خلوص سان الله تعالي جي لاءِ پنهنجي ديني فرضن کي ادا ڪرين ٿو، تن مان واجبات جي پڻ سر انجامي هئڻ گهرجي جيڪي ان (الله تعالي) جي ذات سان مخصوص آهن، تون رات ۽ ڏينهن جي عرصي ۾ پنهنجي جسماني طاقتن جو ڪجهه حصو الله تعالي جي سپرد ڪر، ۽ جيڪا به عبادت الله جي قرب حاصل ڪرڻ جي غرض سان بجا آڻين، سا اهڙي هجي، جو نه ان ۾ ڪو خلل هجي ۽ نه وري ڪو نقص هجي، پوءِ چاهي ان ۾ توکي ڪيتري به جسماني زحمت ڪٽڻي پوي، ۽ ڏس! جڏهن به ماڻهن کي نماز پڙهائين ته اهڙي نه هجي، جنهن کي (طول ڏئي) ماڻهن کي بيزار ڪرين، ۽ نه وري اهڙي مختصر، جو نماز ئي برباد ٿي وڃي انهي ڪري جو نمازين ۾ ڪي بيمار به هوندا آهن. ۽ وري ڪي اهڙا به جن کي ڪا ضرورت درپيش هوندي آهي، اهڙي طرح جڏهن مون کي رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن يمن جي طرف روانو ڪيو، تڏهن مون کانئن دريافت ڪيو، ته آءُ انهن کي ڪهڙي طرح نماز پڙهايان ؟ تڏهن پاڻ فرمايائون، ته جهڙي انهن مان سڀني کان زياده ڪمزور ۽ ناتوان جي نماز ٿي سگهي ٿي، ۽ توکي به مومنن جي حال تي مهربان هئڻ گهرجي.

ان کانپوءِ اهو به خيال رهي، ته گهڻي عرصي تائين رعيت کان روپوشي اختيار نه ڪجئين، ڇو جو حڪمرانن جو رعيت کان لڪي رهڻ، هڪ قسم جي تنگ دلي ۽ معاملات کان بي خبر رهڻ جو سبب آهي، ۽ پڻ اها روپوشي انهن کي به انهن ڳالهين جي (مطلع ) آگاه ٿيڻ کان روڪي ٿي، جن کان هو پڻ ناواقف آهن، جنهن جي سببان وڏي ڳالهه انهن جي نگاه ۾ ننڍي ۽ ننڍي ڳالهه وڏي، سٺي ڳالهه بري، ۽ بري ڳالهه سٺي ٿي وڃي ٿي ۽ حق باطل سان ملي جلي وڃي ٿو، ۽ حڪمران به آخر ساڳيو ئي بشر آهي، جيڪو اهڙن معاملن کان ناواقف رهندو، ڪائنس جيڪي پوشيده رکيا ويندا، ۽ حق جي پيشاني تي ڪو نشان ته نه هوندو آهي، جنهن جي ذريعي ڪوڙ کان سچ جي قسمن کي جدا ڪري سڃاڻي سگهجي، ۽ پوءِ تون ٻن ئي قسمن جو ماڻهو ٿي سگهين ٿو، يا ته تون اهڙو آهين، جو تنهنجو نفس حق جي ادائيگي لاءِ آماده آهي، ته پوءِ واجب حقن جي ادا ڪرڻ ۽ نيڪ ڪمن ڪرڻ کان منهن موڙڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي، ۽ يا ته تون اهڙو آهين جو ماڻهن کي تو کان ٺلهو جواب ئي ملڻو آهي، ته پوءِ جڏهن ماڻهو تنهنجي عطا کان مايوس ٿي ويندا تڏهن پاڻ ئي نهايت جلد توکان گهرڻ ڇڏي ڏيندا ۽ پوءِ اهو ته ماڻهن جون اڪثر ضرورتون اهڙيون به هونديون، جنهن کان تنهنجي کيسي تي ڪو بار نه پوندو، جيئن ڪنهن جي



Presented by Ziaraat.Com

ظلم جي شڪايت يا ڪنهن معاملي ۾ انصاف جو مطالبو ان ڪانپوءِ معلوم هئڻ گهرجي، ته حڪمرانن وٽ ڪي خاص ۽ حجتي ماڻهو به هوندا آهن، جن ۾ خود غرضي، دست درازي ۽ بي ايماني هوندي آهي، تون اهڙين حالتن جي پيدا ٿيڻ جي سبب کي ختم ڪري، اهڙي گندي مواد کي ناس ڪري ڇڏ ۽ ڏس! پنهنجي آسپاس ويهڻ وارن خوشامدين ماڻهن ۽ ويجهي مائٽ کي جاگير نه ڏجئين ۽ نه وري انهن کي ڪو توکان اهڙو توقع رکڻ گهرجي، ڪنهن اهڙي زمين تي قبضي ڪرڻ لاءِ جيڪا آبپاشي، يا ڪنهن گڏيل معاملي ۾، ۽ ان جي آسپاس جي ماڻهن لاءِ ضرر جو باعث ٿئي، اهڙي طرح جو ان جو بار ٻين تي وجهي ڇڏي، ان صورت ۾ ان جا خوشگوار مزا ته ان لاءِ هوندا، ۽ نه تنهنجي لاءِ مگر ان جو بدنما داغ دنيا ۽ آخرت ۾ تنهنجي دامن تي رهجي ويندو.

۽ جنهن تي جيڪو حق فرض ٿئي ٿو، تنهن تي ان حق کي جاري ڪرڻ گهرجي پوءِ اهو تنهنجو پنهنجو هجي يا بيگانو هجي، ۽ ان جي باري ۾ تحمل کان ڪم وٺ، ۽ ثواب جو اميدوار رهڻ گهرجي، ان جي چپيٽ جو، تنهنجي ڪنهن به ويجهي عزيز يا ڪنهن به خاص دوست تي ڪهڙو به اثر پوي، ۽ ان ۾ تنهنجي طبيعت تي جيڪو بار محسوس ٿئي، تنهن لاءِ آخرت وارن نتيجن کي نظر ۾ رکجئين، جنهن جو انجام بهرحال نيڪ ٿيندو.

۽ جيڪڏهن رعيت کي تنهنجي باري ۾ ڪڏهن اها بدگماني ٿي وڃي، ته تو انهن تي ظلم ۽ زيادتي ڪئي آهي، ته پوءِ پنهنجي عذر کي واضح طور سان پيش ڪجئين ۽ عذر واضح ڪري، انهن جي خيالات کي بدلائجئين، جنهن کان تنهنجي نفس جي پرورش ٿيندي، ۽ رعايا تي مهرباني ثابت ٿنيدي، ۽ انهي عذر آڻڻ کان انهن کي حق تي استوار ڪرڻ جو تنهنجو مقصد پورو ٿيندو.

جيڪڏهن دشمن، اهڙي صلح جي توکي دعوت ڏي، جنهن ۾ الله تعالي جي رضامندي هجي، ته ان کي ڪڏهن به نه ٺڪرائجئين، ڇو جو صلح ۾ تنهنجي لشڪر لاءِ آرام ۽ فرحت آهي، ۽ خود تنهنجي لاءِ ڳڻتين کان نجات ۽ شهرن لاءِ امن جو سامان آهي، ليڪن صلح ڪانپوءِ به دشمن کان هوشيار رهجئين، ۽ نهايت هوشيار رهڻ جي پڻ ضرورت آهي، ڇو جو اڪثر ائين ٿيندو آهي ته دشمن قرب حاصل ڪري وٺي ٿو، ته جيئن تنهنجي غفلت مان فائدو وٺي، تنهن ڪري احتياط کي خيال ۽ ڌيان ۾ رکجئين، ۽ ان باري ۾ غلط فهمي کان ڪم نه وٺجئين، ۽ جيڪڏهن پنهنجي ۽ دشمن جي وچ ۾ ڪو معاهدو ڪرين، يا ان کي پنهنجي دامن ۾ پناه ڏين، ته پوءِ ان عهد جي پابندي ڪجئين، وعدي جو لحاظ رکجئين ، ۽ پنهجي قول ۽ قرار جي حفاظت (پوري ڪرڻ ) لاءِ پنهنجي جان کي ڍال بڻائجين، ڇو جو الله تعالي جي فرضن مان عهد



Presented by Ziaraat.Com

جي وفائي جهڙي ٻي ڪابہ اهڙي ڳالھ نہ آهي، جنهن جي اهميت تي دنيا پنهنجي جدا جدا نظرن ۾ مختلف راين جي باوجود يڪجهتي سان متفق هجي، ۽ مسلمانن کان سواءِ مشرڪن بہ پنهنجي وچ ۾ معاهدن جي پابندي ڪئي آهي، انهي ڪري جو عهد شڪني جي نتجي ۾ هنن بہ تباهين جو اندازو ڪيو هو. تنهن ڪري پنهنجي عهد وپيمان ۾ غداري ۽ قول و قرار ۾ بد عهدي نہ ڪجئين ۽ پنهنجي دشمن تي اوچتو حملو بہ نہ ڪجئين، ڇا ڪاڻ تہ الله تعالي تي جرات ، جاهل ۽ بدبخت کان سواءِ ٻيو ڪو ڪري سگهي، ۽ الله تعالي عهد و پيمان جي پابندي کي امن جو پيغام مقرر ڪيو آهي، ۽ جنهن کي پنهنجي رحمت سان بندن ۾ عام ڪيو آهي ، ۽ (ان کي) اهڙي پناه گاه بڻايو آهي، جنهن جي حفاظت واري دامن ۾ پناه وٺڻ ۽ ان جي پاڙي ۾ منزل ڪرڻ لاءِ هو تيزي سان وڌن ٿا، تنهن ڪري ان ۾ ڪابہ ٺڳي، مڪاري ۽ فريب نہ هئڻ گهرجي، ۽ اهڙو ڪو معاهدو ئي نہ ڪر جنهن ۾ بيانن ڪرڻ جي ضرورت پوڻ جو امڪان هجي، ۽ معاهدي جي پڪي ۽ طئي ٿي وڃڻ کانپوءِ ان جي ڪنهن شڪي گول مول لفظ جي ٻي معني ڪري (غلط ) فائدي وٺڻ جي ڪوشش نہ ڪجئين، ۽ ان خداوندي عهد و پيمان ۾ ڪنهن دشواري جو محسوس ٿيڻ، تنهنجي لاءِ ان جو باعث نہ هئڻ گهرجي، تہ تون ان کي ناحق منسوخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرين، ڇو جو اهڙين دشوارين کي برداشت ڪرڻ ، جن مان ڇوٽڪاري جي ۽ انجام بخير ٿيڻ جي اميد هجي، ان بد عهدي ڪرڻ کان بهتر آهي، جنهن جي بري نتيجي جو توکي خوف هجي، ۽ انهي ڳالھ جو انديشو هجي، تہ الله تعالي وٽ توکان ان بابت پڇا ٿيندي، ۽ اهڙي طرح تنهنجي دنيا ۽ آخرت ٻنهي جي تباهي ٿيندي.

ڏس! ناحق خونريزي کان دامن کي بچائي رکجئين، ڇو جو الله تعالي جي عذاب جي ويجهي ٿيڻ جو، ۽ سزا جي لحاظ کان سخت ۽ نعمتن جي کسجڻ جو ۽ عمر جي خاتمي جو سبب ، ناحق خونريزين کان زياده ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي، ۽ قيامت جي ڏينهن الله سبحانہ سڀ کان پهرين جيڪو فيصلو ڪندو، سو انهن خونن جو هوندو، جيڪو خدا جي بندن هڪٻئي جو وهايو هوندو. تنهن ڪري ناحق خون وهائي، پنهنجي اقتدار کي مضبوط ڪرڻ جي ڪڏهن بہ ڪوشش نہ ڪجئين، ڇو جو اها ڳالھ اقتدار کي ڪمزور ۽ کوکلي ڪرڻ واري ٿيندي آهي، بلڪ ان کي بنيادن کان لوڏي، ٻين کي سونپڻ واري ۽ ڄاڻي ٻجهي قتل جي جرم ۾، الله تعالي جي سامهون تنهنجو ڪو بہ عذر هلي نہ سگهندو، ۽ نہ منهنجي سامهون، ڇا ڪاڻ تہ ان ۾ قصاص ضروري آهي، ۽ جيڪڏهن غلطي کان تون ان جو مرتڪب ٿي وڃين ۽ سزا ڏيڻ ۾ تنهنجا ڦٽڪا لڳڻ، يا تلوار يا هٿ حد کان وڌي وڃي، انهي ڪري جو ڪڏهن ٺونشو ۽ ان کان بہ ننڍي



Presented by Ziaraat.Com

ضرب (ڌڪ) پڻ موت جو سبب ٿيندا آهن، تہ پوءِ اهڙي صورت ۾ اقتدار جي نشي ۾ بيخود ٿي ڪري، مقتول جي خون بها (خون جي قيمت ) ان جي وارثن تائين پهچائڻ ۾ ڪوتاهي نہ ڪجئين.

۽ ڏس! سرڪشي ۽ خود راءِ کان بچندو رهجئين ۽ پنهنجي سٺين ڳالهين تي غرور نہ ڪجئين، ۽ ماڻهن جي اجائي پڏائڻ کي پسند نہ ڪجئين، ڇو جو شيطان کي جيڪي موقعا ملن ٿا، تن مان اهو سڀ کان زياده هن جي نزديڪ پروسي جو ذريعو آهي، ۽ پوءِ هو انهي طرح نيڪو ڪارن جي نيڪين تي پاڻي ڦيري ڇڏي ٿو،

۽ رعيت سان نيڪي ڪري، ڪڏهن بہ پنهنجي احسان کي ياد نہ ڏيار جئين، ۽ جيڪو انهن سان سهڻو سلوڪ ، ڪري، تہ ان کي زياده نہ سمجهجئين، ۽ انهن سان وعدا ڪري بعد ۾ وعده خلافي نہ ڪجئين ڇو جو پنهنجي احسان ڪرڻ جي ياد گيري ڏيارڻ سو نيڪي کي برباد ڪري ٿو، ۽ پنهنجي ڀلائين کي زياده سمجهڻ ، سو حق جي روشني کي ختم ڪري ٿو، ۽ وعده خلافي کان الله تعالي ناراض ٿئي ٿو، ۽ پڻ بندا بہ . جئين تہ الله سبحانہ خود فرمائي ٿو تہ:

”الله تعالي جي نزديڪ اها وڏي ناراضگي واري ڳالهہ آهي، جو جيڪي توهان چئو ٿا، سو نٿا ڪريو.

۽ ڏس! وقت کان پهرين ڪنهن بہ ڪم ۾ جلد بازي نہ ڪجئين ۽ جڏهن بہ ان جو موقعو اچي، تہ پوءِ ڪمزوري نہ ڏيکارجئين، ۽ جڏهن صحيح صورت سمجهہ ۾ نہ اچي، تہ ان تي اصرار نہ ڪجئين، ۽ جڏهن طريقہ ڪار واضح ٿي وڃي، تہ پوءِ سستي نہ ڪجئين مطلب اهو آهي تہ هر شيءِ کي ان جي مناسب هنڌ تي رک، ۽ هر ڪم کي ان جي موقعي تي پورو ڪر.

۽ ڏس! جن شين ۾ سڀني ماڻهن جو حق هڪ جيترو ٿئي ٿو، تنهن کي پنهنجي لاءِ مخصوص نہ ڪجئين، ۽ ڌيان ۽ پرهيز جي قابل حقن کان غفلت نہ ڪجئين، جيڪي نظرن جي سامهون نمايان هجن، ڇو جو ٻين جي (حقن جي) اها ذمہ داري بہ توتي عائد آهي ۽ مستقبل قريب ۾ سمورن معاملات تان پردا هٽايا ويندا، ۽ توکان مظلوم جي داد خواهي طلب ڪئي ويندي . ڏس! غضب جي سختي ۽ ڏاڍائي ڏس! سرڪشي جو جوش، هٿ جي جنبش ۽ زبان جي تيزي تي هميشہ ضابطو رک، ۽ انهن ڳالهين کان بچڻ جي صورت اها آهي، تہ جلد بازي کان ڪم نہ وٺ، ۽ سزا ڏيڻ ۾ دير ڪندو ڪر، تانجو تنهنجي ڪاوڙ گهٽ ٿي وڃي، ۽ تون پاڻ تي ضابطو رک، ۽ ڪڏهن بہ اها ڳالهہ تون پنهنجي نفس ۾ پوري طور تي پيدا نٿو ڪري سگهين، جيستائين الله جي طرف پنهنجي موٽي وڃڻ کي ياد ڪندي زياده کان زياده انهن



Presented by Ziaraat.Com

تصورات کي قائم نہ رکندي، ۽ تو کي لازم آهي، تہ گذريل زماني ڳالهين کي ياد رک، پوءِ اهي کٿي ڪنهن عادل حڪومت جا طريقا هجن يا ڪو نيڪ عمل هجي، يا رسول صلي الله عليہ و آلہ جن جي ڪا حديث هجي، يا الله جي ڪتاب ۾ درج شده ڪو فريضو هجي، تون انهن ڳالهين جي پيروي ڪر، جن تي عمل ڪندي مون کي ڏسين ٿو، ۽ انهن ئي هدايتن تي عمل ڪندو رهجئين، جيڪي مون هن عهد نامي ۾ درج ڪيون آهن، ۽ انهن جي ذريعي مون پنهنجي حجت تو تي قائم ڪري ڇڏي، تہ جيئن تنهنجو نفس پنهنجي خواهشن جي طرف وڃي، تہ تو وٽ ڪو بهانو نہ هجي.

۽ آءٌ پڻ الله تعالیٰ کان ان جي وسيع رحمت ۽ هر حاجت روائي جي پوري ڪرڻ تي عظيم قدرت جو واسطو ڏئي، ان کان دعا گهران ٿو، تہ هو مون کي ۽ تو کي ان ڳالهہ جي توفيق عطا فرمائي، جنهن ۾ سندس رضامندي آهي، تہ اسين الله تعالیٰ جي سامهون ۽ ان جي بندن جي سامهون هڪ کليل عذر قائم ڪري سرخرو ٿيون، ۽ ان سان گڏ بندن ۾ نيڪنامي ۽ ملڪ ۾ سٺا اثرات ۽ سندس نعمتن ۾ فراواني ۽ روزانو وڌندڙ عزت کي قائم رکون، ۽ اهو بہ تہ منهنجو ۽ تنهنجو سعادت وارو خاتمو شهادت تي ٿئي. بيشڪ اسان کي انهي (الله تعالیٰ) جي طرف ئي موٽڻو آهي.

والسلام علیٰ رسولہ صلي الله عليہ و آلہ الطيبين الطاهرين. و سلم تسليما ڪثيرا. و السلام.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 54: جيڪو عمران ابن حصين خزاعي جي هٿان طلحہ...

جيڪو عمران ابن حصين خزاعي جي هٿان طلحہ ۽ زبير ڏي موڪليائين هن خط کي ابو جعفر اسڪافي، پنهنجي ڪتاب "مقامات" ۾ ذڪر ڪيو آهي، تہ هي جناب امير عليہ السلام جي فضائل ۾ آهي.

چاهي توهان ڪيترو بہ لڪايو، مگر توهان بئي واقف آهيو، تہ آءُ ماڻهن ڏانهن نہ وڌيو هوس، بلڪ هو وڌي مون ڏانهن آيا هئا. مون پنهنجو هٿ بيعت وٺڻ لاءِ نہ وڌايو هو، بلڪ هنن خود منهنجي هٿ تي بيعت ڪئي، ۽ توهان بئي بہ انهن ماڻهن مان ئي آهيو، جيڪي منهنجي طرف وڌي آيا هئا، ۽ بيعت ڪئي هيوَ ۽ عوام منهنجي هٿ تي نہ تسلط ۽ اقتدار (جي خوف) کان بيعت ڪئي هئي، ۽ نہ مال ۽ دولت جي لالچ ۾. هاڻي جيڪڏهن توهان ٻنهي پنهنجي رضامندي سان بيعت ڪئي هئي، تہ ان (عهد شڪني) کان واپس ٿيو، ۽ جلدي الله تعالىٰ جي بارگاه ۾ توبهہ ڪريو، ۽ جيڪڏهن ناپسندي سان بيعت ڪئي اٿوَ، تہ پوءِ اطاعت کي ظاهر ڪري، ۽ نافرماني کي لڪائي توهان پنهنجي خلاف منهنجي لاءِ حجت قائم ڪري ڇڏي آهي، ۽ مون کي پنهنجي زندگي جو قسم، تہ توهان (پنهنجي) دلي حالت تي پردي وجهڻ ۽ ان کي لڪائڻ ۾ ٻين مهاجرن کان زياده لائق نہ هئا، ۽ بيعت ڪرڻ کان پهرين ان کي رد ڪرڻ جي توهان لاءِ ان کان وڌيڪ گنجائش هئي، جو هاڻي اقرار ڪرڻ کان پوءِ ان مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪريو، ۽ توهان اهو خيال ظاهر ڪيو آهي، تہ مون عثمان کي قتل ڪيو آهي، سو منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ مدينہ جا اهي ماڻهو، جيڪي توهان کان ۽ مون کان پڻ عليحده آهن، سي شاهدي ڏيڻ لاءِ موجود آهن، ان کان پوءِ جنهن شخص جيترو بہ حصو ورتو آهي، تنهن کي اوتري جو ذمہ دار سمجهيو ويندو. اي بزرگو! پنهنجي انهي رويي کان باز اچو، ڇو جو اجا تہ توهان ٻنهي جي سامهون ننگ ۽ عار جو ئي وڏو مرحلو آهي، مگر ان کان پوءِ تہ انهي ننگ ۽ عار سان گڏ (دوزخ جي) باه بہ جمع ٿي ويندي. والسلام.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 55: معاويہ جي نالي

معاويہ جي نالي:

حمد ۽ صلاۃ کان پوءِ معلوم هئڻ گهرجي تہ خداوند عالم هي دنيا، هن کان پوءِ واري منزل لاءِ بنائي آهي، ۽ ان ۾ ماڻهن کي آزمائش ۾ وڌو اٿس، تہ جيئن اهو معلوم ٿئي، تہ هن ۾ ڪنهن جا عمل بهتر آهن، ۽ اسين دنيا لاءِ پيدا نہ ڪيا ويا آهيون، ۽ نہ وري ان ۾ ڊوڙ ڊڪ لاءِ اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي. اسين تہ هتي انهي ڪري آندا ويا آهيون، تہ جيئن انهي جي ذريعي اسان جي آزمائش ٿئي، سو هاڻي اهڙي طرح الله تعالىٰ توهان جي ذريعي مون کي ۽ منهنجي ذريعي توهان کي آزمائش ۾ وڌو آهي، ۽ هڪ کي ٻئي تي حجت ڪري رکيو آهي، مگر تون قرآن جون (غلط سلط) تاويلون ڪري دنيا تي ڇاپا هڻڻ لڳين، ۽ مون کان ان ڳالھ جي پيو گُهر ڪرين، جنهن ۾ منهنجو هٿ ۽ منهنجي زبان ٻئي بي گناہ آهن، مگر تو ۽ شامين گڏجي ان کي (الزام کي) منهنجي سر تي مڙهيو آهي. توهان مان واقفڪارن، اڻ واقفن کي ۽ بيٺلن، ويٺلن کي جنگ لاءِ آمادو ڪيو آهي، پنهنجي دل ۾ الله تعالىٰ جو ڪجھ خوف ڪر، شيطان کان پنهنجي واڳ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪر ۽ آخرت جي طرف پنهنجو مُنهن موڙ ڇو جو منهنجو ۽ تنهنجو اهو ئي رستو آهي، ۽ انهي ڳالھ کان ڊڄ، تہ الله تعالىٰ تو کي ڪنهن اهڙي اوچتي مصيبت ۾ نہ جڪڙي ڇڏي، جو پوءِ نہ تنهنجي پاڙ رهي ۽ نہ ٽاري.

آءُ تو سان قسم کڻان ٿو. اهڙو قسم، جنهن جي ٽٽڻ جو ئي سوال پيدا نٿو ٿئي، تہ جيڪڏهن تقدير جي سببن، مون کي ۽ تو کي هڪ هنڌ ملايو، تہ پوءِ ان وقت تائين تنهنجي مقابلي ۾ ميدان کي ڪو نہ ڇڏيندس، جيستائين الله تعالىٰ پنهنجي وچ ۾ فيصلو نہ ڪري، ۽ اهو ئي بهترين فيصلي ڪرڻ وارو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# وصيت 56: جڏهن شريح ابن هاني کي شام ڏانهن ويندڙ لشڪر...

جڏهن شريح ابن هاني کي شام ڏانهن ويندڙ لشڪر جي پهرين دستي (مقدمة الجيش) جو سردار مقرر ڪيو، تڏهن ان کي هي هدايت ڪئي وئي:

صبح توڙي شام، برابر الله تعالىٰ جو خوف ڪندو ڪر ۽ هن فريب ڏيڻ واري دنيا کان بہ ڊڄندو رهہ ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ ان کان مطمئن نہ ٿي. جيڪڏهن تون ڪنهن بہ اڻ وڻندڙ ڳالهہ جي خوف کان، پنهنجي نفس کي نهايت دل کي وڻندڙ ڳالهين کان نہ روڪيو، تہ پوءِ تنهنجون نفساني خواهشون تو کي ڪيترن ئي نقصانن ۾ وجهي ڇڏينديون، تنهن ڪري پنهنجي نفس کي روڪيندو ٽوڪيندو ۽ ڪاوڙ جي وقت پنهنجي ٽينگڻ ٽپڻ کي دٻائي ڇيپاٽيندو ڪر.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 57: مديني کان بصره ڏي، رواني ٿيڻ وقت

مديني کان بصره ڏي، رواني ٿيڻ وقت، ڪوفه وارن جي نالي:

حمد ۽ صلواة کان پوءِ واضح هجي، ته ٻه صورتون ئي آهن، يا ته آءُ پنهنجي قوم قبيلي جي شهر کان ٻاهر نڪتو آهيان، پوءِ ظالمانه حيثيت سان يا مظلوم جي حيثيت سان، آءُ باغي آهيان يا ٻين منهنجي خلاف بغاوت ڪئي آهي. بهرصورت، جن جن وٽ به منهنجو هي خط پهچي، تن کي الله تعاليٰ جو واسطو ڏيان ٿو، ته اهي اچن، ۽ (ڏسن ته) جيڪڏهن آءُ صحيح راه تي آهيان، ته منهنجي مدد ڪن، ۽ جيڪڏهن آءُ غلط رستي تي هلي رهيو آهيان، ته پوءِ مون کي پنهنجي مرضي جي مطابق هلائڻ جي ڪوشش ڪن.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 58: جيڪو مختلف علائقن جي رهندڙن کي صفين جي...

جيڪو مختلف علائقن جي رهندڙن کي صفين جي روئداد کان واقف ڪرڻ لاءِ تحرير ڪيو ويو:

ابتدائي صورتحال اها هئي، ته اسين ۽ شام وارا آمهون سامهون ٿياسون. انهي حالت ۾ اسان جو الله تعالىٰ هڪ، نبي هڪ ۽ اسلام جي دعوت به هڪ هئي. نه اسان ايمان باالله ۽ ان جي رسول جي تصديق ۾ انهن سان ڏاڍائي يا غلبو ٿي ڪرڻ چاهيو، ۽ نه وري هو اسان کان ڪو اضافي جا طالب هئا. بلڪل اتحاد هو، سواءِ ان اختلاف جي، جيڪو اسان تي عثمان جي قتل جي باري ۾ ٿي ويو هو، ۽ حقيقت به اها آهي، ته اسين ان جوابداري کان بلڪل ڇٽل هئاسون. ته پوءِ اسان هنن کي چيو، ته اچو، ۽ فتني جي باه کي وسائي ۽ ماڻهن جي جوش کي ٺڏو ڪري، انهي مرض جو وقتي علاج ڪريون، جنهن جو پورو تدارڪ اجا ٿتو ٿي سگهي، جيسين ڪا صورتحال مضبوط ۽ سنئين سڌي ٿئي، ۽ سڪون ۽ اطمينان به حاصل ٿئي، پوءِ ان وقت اسان کي اها طاقت ٿيندي، جو اسين حق کي ان جي جڳهه تي رکي سگهون، ليڪن هنن ماڻهن چيو، ته اسين ان جو علاج جنگ و جدل سان ڪنداسون، ۽ جڏهن هنن اسان جي ڳالهه مڃڻ کان انڪار ڪيو، تڏهن جنگ پنهنجا پير پکيڙيا ۽ ڄمي بيٺي، جنهن جا شعلا ڀڙڪجي نڪتا، ۽ڏاڍائي ۽ تيزي وڌي وئي. هاڻي جڏهن ان اسان کي ۽ هنن کي ڏندن سان چڪ هنيا، ۽ پنهنجي چنبن ۾ جڪڙيو، تڏهن اهي انهي ڳالهه تي آماده ٿيا، جيڏانهن اسان خود هنن کي پئي سڏيو. بهرنوع، اسان هنن کي پئي سڏيو. بهرنوع، اسان هنن جي پيشڪش کي مڃيو، ۽ هنن جي خواهشن کي جلدي سان قبول ڪيو. اهڙي طرح هنن تي حجت پوري طرح سان واضح ٿي وئي، ۽ نه وري هنن لاءِ ڪا بهاني ڪرڻ جي گنجائش رهي. هاڻي انهن مان جيڪو به پنهنجي عهد تي قائم رهندو، سو اهو هوندو، جنهن کي الله تعالىٰ هلاڪت کان بچايو آهي، ۽ جيڪو ضد ۽ هوڏ ڪري گمراهي ۾ ڳُسڙجي ويندو رهندو، ته اهو ئي عهد شڪن ٿيندو، جنهن جي دل تي الله تعالىٰ مهر هنئي آهي، ۽ زماني جا حادثا ان جي سر تي لامارا هڻي رهيا آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 59: اَسوَد ابن قطيبہ والي حلوان جي نالي

اَسوَد ابن قطيبہ والي حلوان جي نالي:

ڏس! جڏهن حاڪم جا رجحانات (مختلف شخصن جي لحاظ کان) مختلف هوندا، تہ اهو امر هن کي اڪثر ڪري انصاف ڪرڻ کان منع ڪندو، تنهن ڪري حق جي لحاظ کان سيني ماڻهن جو معاملو تنهنجي نظرن ۾ هڪجهڙو هئڻ گهرجي، ڇو جو ظلم، انصاف جو ڪڏهن بہ قائم مقام ٿئو ٿي سگهي، ۽ پين جي جن ڪمن کي تون برو ٿو سمجهين، تن کان پنهنجي دامن بچائي رک، ۽ جيڪي ڪجھ الله تعالىٰ تو تي واجب ڪيو آهي، تنهن کي مصروفيت ۾ بجا آڻيندو رهہ ۽ ان جي ثواب جي اميد ۽ سزا جو خوف قائم رک. ياد رک! تہ دنيا آزمائش جو گهر آهي، ۽ جيڪو بہ ان ۾ پنهنجي ڪا بہ گهڙي بيڪاري ۾ گذاريندو، تہ قيامت جي ڏينهن اها بيڪاري ان جي لاءِ حسرت جو سبب ٿيندي، ۽ ڏس ڪا بہ شيءِ تو کي حق کان بي نياز نٿي بڻائي سگهي، ۽ اهو بہ هڪ تو تي حق آهي، تہ تون پنهنجي نفس جي حفاظت ڪر ۽ پنهنجي وس آهر رعيت جي نگراني ڪر. اهڙي طرح جيڪو فائدو تو کي ان ۾ پهچندو، اهو انهي فائدي کان ڪيترائي دفعا وڌيڪ هوندو، جيڪو تو کان (پين کي) پهچندو. والسلام.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 60: حڪومت جي انهن حاڪمن ڏي

حڪومت جي انهن حاڪمن ڏي، جن جي علائقن مان فوجون لنگهڻيو هيون.

خدا جي بندي علي امير المومنين جي طرفان ڍل جمع ڪرڻ وارن ۽ شهرن جي آفيسرن ڪي، جن جي علائقن مان فوج لنگهندي:

حمد ۽ صلاة کان پوءِ معلوم هجي، ته مون ڪجھ فوجيون روانيون ڪيو آهن. جي الله تعاليٰ چاهيو، ته عنقريب توهان جي علائقن مان لنگهنديون. مون انهن کي هدايت ڪئي آهي، ته انهي بابت ته جيڪي الله تعاليٰ جي طرفان انهن تي لازم آهي، ته هو ڪنهن کي بہ نہ ستائين، ۽ ڪنهن کي بہ تڪليف نہ ڏين، ۽ آءُ توهان کي ۽ توهان جي ذمہ وار ماڻهن کي پڏائڻ چاهيان ٿو، ته فوج وارو ڪا دست درازي ڪري، ته پوءِ آءُ ان کان بي تعلق آهيان، سواءِ ان صورت جي، ته جڏهن ڪو بک جي گهبراهٽ واري حالت ۾ هجي، ۽ پيٽ پرڻ جي ڪا صورت ان کي نظر نہ اچي. تنهن کان سواءِ انهن مان ڪو بہ دست درازي ڪري، ته توهان کي گهرجي، ته ان کي سزا ڏيو. ليڪن پنهنجن اڍنگن ماڻهن کي بہ انهن سان هٿ چراند ڪرڻ کان منع ڪريو، ۽ جنهن ڳالهه جي اسان اجازت ڏني آهي، تنهن کان انهن کي نہ روڪيو، ۽ آءُ ته فوج ۾ اندر ئي موجود آهيان، تنهن ڪري جيڪي بہ زيادتيون توهان تي ٿين، يا ڪا اهڙي سختي توهان تي هجي، جنهن جي روڪٿام لاءِ، توهان کي الله تعاليٰ جي مدد ۽ جي منهنجي طرف رجوع ٿيڻ جي ضرورت هجي، ته مون کي اطلاع ڏجو، آءُ انشاءَ الله، الله تعاليٰ جي مدد سان ٺيڪ ڪندس.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 61: ”هيت“ جي حاڪم، ڪميل ابن زياد نخعي جي نالي

”هيت“ جي حاڪم، ڪميل ابن زياد نخعي جي نالي:

هن ۾ سندس انهي روش تي ناپسنديدگي جو اظهار ڪيو ويو آهي، ته جڏهن دشمن جون فوجون سندس علائقي ۾ ڦرلٽ جي ارادي سان داخل ٿيون، ته هن انهن کي نه روڪيو.

ماڻهو جو اُن ڪم کي نظر انداز ڪرڻ، جيڪو کيس سپرد ڪيو ويو آهي، ۽ جيڪو ڪم ان جي بجاءِ ٻين سان واسطو رکي ٿو، تنهن ۾ خواه مخواه ٽپي پوي ٿو، جيڪا هڪ کليل ڪمزوري ۽ تباه ڪندڙ فڪر آهي. توهان جي ”قرقيسا“ وارن تي چڙهائي ڪرڻ، ۽ پنهنجي سرحدن کي خالي ڇڏڻ، جڏهن ته اتي کو به حفاظت ڪرڻ وارو نه آهي، ۽ نه وري دشمن جي سپاه کي ڪو روڪڻ وارو آهي، سو هڪ پريشان خيالي جو مظاهرو هو. اهڙي طرح تون پنهنجي دشمنن لاءِ پل بنجي وئين. جيڪي تنهنجي دوستن تي حملي ڪرڻ جو ارادو رکندا هجن. اهڙي عالم ۾ نه تنهنجي ٻانهن ۾ طاقت آهي، ۽ نه وري تنهنجو ڪو رعب ۽ دٻدٻو ئي آهي. نه تون دشمن جي رستي روڪڻ وارو آهين، ۽ نه ان جو زور ٽوڙڻ وارو آهين، نه پنهنجي شهر وارن جي ڪم اچڻ وارو آهين، ۽ نه وري پنهنجي امير جي طرفان ڪو ڪم سرانجام ڪرڻ وارو آهين.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 62: جڏهن مالڪ اشتر کي ”مصر“جو حاڪم تجويز ڪيو ويو

جڏهن مالڪ اشتر کي ”مصر“جو حاڪم تجويز ڪيو ويو، تڏهن سندس هٿان مصر وارن ڏانهن (هي مڪتوب) موڪليو ويو.

الله سبحانہ محمد صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن کي سڀني جهانن لاءِ (انهن جي بداعمالين جي عيوض کان) ڊيڄاريندڙ ۽ سڀني رسولن تي گواه بڻائي موڪليو. پوءِ جڏهن رسول الله صلي الله عليہ و آلہ سلم جن جي رحلت ٿي، تہ ان کان پوءِ مسلمانن خلافت جي باري ۾ ڇڪتاڻ شروع ڪئي. ان موقعي تي خدا جو قسم! تہ مون کي اهو ڪڏهن بہ تصور نہ ٿيو هو، ۽ نہ وري منهنجي دل ۾ ڪو اهڙو خيال ٿيو هو، تہ پيغمبر صلي الله عليہ و آلہ و سلم جي کان پوءِ عرب خلافت جو رخ سندس اهل بيت کان ڦيرائي ڇڏيندا. ۽ نہ وري اهو بہ تہ ان کان پوءِ ان کي مون کان هٽايو ويندو، مگر يڪدم منهنجي سامهون اهو منظر آيو، تہ ماڻهو فلاڻي شخص جي هٿ تي بيعت ڪرڻ لاءِ ڊوڙي رهيا آهن. ان حالت ۾ مون پنهنجو هٿ روڪي ڇڏيو، تانجو مون ڏٺو تہ مرتد ٿيڻ وارا اسلام کان مرتد ٿي ڪري محمد صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن جي دين کي ڊاهڻ جي دعوت ڏئي رهيا آهن. اتي آءُ ڊنس تہ جيڪڏهين ڪو رخنو يا خرابي ڏسندي آءُ اسلام ۽ اسلام وارن جي مدد نہ ڪندس، تہ اها منهنجي لاءِ ان کان وڌيڪ مصيبت ٿيندي. جيتري اها مصيبت، تہ توهان جي هيءَ حڪومت منهنجي هٿ مان نڪري وڃي، جيڪا ٿورن ڏينهن لاءِ سرمايو آهي، ۽ جنهن جي هر ڪا ڳالهہ (يا شي) زائل ٿي ويندي. اهڙي طرح جيئن سَراب (يعني واري، جنهن تي گرمي جي موسم ۾ اُس جي وقت پاڻي جو ڌوڪو ٿيندو آهي) بي حقيقت ثابت ٿيندو آهي يا جهڙي طرح ڪڪر ٽڪرا هليا ويندا آهن. بهرنوع، آءُ انهن بدعتن جي هجوم ۾ اٿي کڙو ٿيس، ايتري تائين جو باطل ديجي فنا ٿي ويو، ۽ دين محفوظ ٿي تباهي کان بچي ويو.

ساڳئي خط جو هڪ هي بہ حصو آهي:

بخدا، جيڪڏهن آءُ اڪيلي سر انهن سان مقابلي جي لاءِ نڪران، ۽ زمين جون سموريون وسعتون انهن سان ڇلڪي رهيون هجن، تڏهن بہ آءُ پرواه نہ ڪريان، ۽ نہ پريشان ٿيان، ۽ آءُ، جنهن گمراهي ۾ هو آهن، ۽ جنهن هدايت تي آءُ آهيان، تنهن جي متعلق پوري بصيرت ۽ پنهنجي پروردگار جي فضل و ڪرم سان



Presented by Ziaraat.Com

يقين رکان ٿو ۽ آءُ الله تعالىٰ جي حضور ۾ پهچڻ جو مشتاق ۽ ان جي نيڪ ثواب لاءِ پنهنجي اميد جي دامن کي پکيڙيو، منتظر آهيان، مگر مون کي ان جو فڪر آهي، ته ان قوم تي حڪومت ڪن، جيڪي بدمغز ۽ بدڪردار ماڻهو ۽ اهي الله تعالىٰ جي مال کي پنهنجي ملڪيت چاڻي ۽ ان جي بندن کي غلام ٺائين، نيڪوڪارن سان وڙهن، ۽ بدڪردارن کي پنهنجي ساٿ ۾ رکن، ڇو جو انهن مان ڪن جو مشاهدو توهان کي ٿي چڪو آهي، جو هن تنهنجي اندر شراب نوشي ڪئي، ۽ اسلامي حد جي سلسلي ۾ ان کي ڦٽڪا لڳايا ويا، ۽ انهن ۾ اهڙو به شخص آهي، جنهن ان وقت تائين اسلام نه آندو، جيستائين هن کي آمدنيون نه ٿيون. جيڪڏهن ان جو فڪر مون کي نه هجي ها، ته آءُ اهڙي طرح تو کي (جهاد) تي آماده نه ڪريان ها، ۽ نه اهڙي طرح جهنجهوڙي ڏونڌاڙيان ها، ۽ نه تو کي گڏ ڪرڻ ۽ شوق ڏيارڻ جي ڪوشش ڪريان ها، بلڪ تون سرتابي ۽ ڪوتاهي ڪرين ها، ته تو کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيان ها.

ڇا تون نٿو ڏسين، ته تنهنجي شهرن جون حدون (ڏينهن و ڏينهن) گهٽبيون پيون وڃن، ۽ تنهنجي ملڪ جي مختلف حصن تي قبضا ڪيا پيا وڃن، توهان جون ملڪيتون کسجي رهيون آهن، ۽ توهان جي شهرن تي حملا ٿي رهيا آهن. الله تعالىٰ توهان تي رحم ڪري، جو پنهنجي دشمنن سان وڙهڻ لاءِ اٿي کڙا ٿيو، ۽ سست ٿي ڪري زمين سان چنبڙيا نه رهو. ورنه ياد رکو، ته ظلم ۽ ستم سهندا رهندو، ۽ ذلت ۾ پيا هوندو، ۽ توهان جو حصو انتهائي پست ٿيندو.

پڙو! جنگ ڪندڙ هوشيار ۽ بيدار رهي ٿو، ۽ جيڪو سمهي رهي ٿو، دشمن ان کان غافل ٿي نٿو سُمهي. والسلام.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 63: ڪوفي جي حاڪم ابو موسیٰ اشعري جي نالي

ڪوفي جي حاڪم ابو موسیٰ اشعري جي نالي:

جڏهن جناب امير عليہ السلام کي خبر پهتي، تہ هو ڪوفہ وارن کي جنگ جي باري ۾ روڪي رهيو آهي، جيتوڻيڪ حضرت کيس مدد لاءِ سڏايو هو. خدا جي بندي علي امير المومنين جي طرفان عبد الله ابن قيس (ابو موسیٰ) جي نالي:

مون کي تنهنجي طرفان اهڙي ڳالهہ جي خبر ملي آهي، جيڪا تنهنجي حق ۾ بہ ٿي سگهي ٿي، ۽ تنهنجي خلاف بہ ٿي سگهي ٿي. جڏهن منهنجو قاصد تو وٽ پهچي، تہ (جهاد جي لاءِ) دامن کي ويڙهي ۽ سندرو ٻڌي، ۽ پنهنجي ٻر کان ٻاهر نڪري اَچ، ۽ پنهنجي ساٿ وارن کي بہ دعوت ڏي، ۽ جيڪڏهن حق تنهنجي نزديڪ ثابت ٿئي، تہ پوءِ اٿي کڙو ٿي، ۽ جيڪڏهن بزدلي تو ڏيکارين، تہ پوءِ (منهنجي نظرن کان) پري ٿي وڃ. خدا جو قسم! تہ تون هِتان هُتان گهلبو ايندين، پوءِ ڪٿي بہ هجين ۽ ڇڏيو نہ وينديں، تانجو تون پنهنجي بد انتظامي سببان بد حواس ٿي اٿندين، ۽ تنهنجو سمورو تاجي پيٽو ڇڙوڇڙ ٿي ويندو، تانجو تو کي اطمينان سان ويهڻ بہ نصيب نہ ٿيندو، ۽ سامهون بہ اهڙي طرح ڊڄندين، جهڙي طرح پنهنجي پٺيان ڊڄين ٿو. جيئن تہ تو سمجهي ڇڏيو آهي، تہ هي ڪا آسان ڳالهہ نہ آهي، بلڪ اها هڪ وڏي مصيبت آهي، جنهن جي اٺ تي بهرحال سوار ٿيڻو پوندو، ۽ ان جي دشوارين کي هموار ڪيو ويندو، ۽ انهي پهاڙ کي پڻ فتح ڪيو ويندو، تنهن ڪري پنهنجي عقل کي يڪجا ڪر، پنهنجي حالتن تي ضابطو رک، ۽ پنهنجي مزي ۽ نصيب کي وٺڻ جي ڪوشش ڪر، ۽ جيڪڏهن اها ڳالهہ ڏکي آهي، تہ هوڏانهن دفع ٿي، جتي نہ تنهنجي لاءِ آڏر ياءُ آهي، ۽ نہ تنهنجي ڇوٽڪاري جي ڪا صورت، هاڻي ائين مناسب آهي، تہ تو کي بيڪار سمجهي، نظر انداز ڪيو وڃي، مزي سان ستو پيو هُج، ڪو بہ ائين نہ پڇندو، تہ فلاڻو ڪٿي آهي؟

خدا جو قسم! تہ هي حق پرست جو صحيح قدم آهي، ۽ مون کي بدبينن جي ڪرتوتن جي ڪا بہ پرواهہ ٿي نٿي سگهي. والسلام.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 64: معاويہ جي جواب ۾

معاويہ جي جواب ۾

جيئن تہ تو لکيو آهي، تہ (اسلام کان پهرين) منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ اتفاق ۽ اتحاد هو، ليڪن ڪالهہ کان مون ۾ ۽ تو ۾ اهو تفرقو پيو، جو مون ايمان آندو، ۽ تو ڪفر اختيار ڪيو. ۽ اڄ ائين آهي، تہ آءُ حق تي مضبوطي سان چميل آهيان، ۽ تون فتنن ۾ پئجي ويو آهي، ۽ توهان مان جنهن بہ اسلام اختيار ڪيو، تنهن مجبوري کان، سو بہ ان وقت، جڏهن سمورا (عرب جا شريف) اسلام اختيار ڪري، رسول الله صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن سان گڏ ٿي چڪا هئا، تو (پنهنجي خط ۾) ذڪر ڪيو آهي، تہ مون طلحہ ۽ زبير کي قتل ڪيو آهي، ۽ عائشہ کي گهر مان ڪڍيو اٿم، ۽ (مدينو ڇڏي) ڪوفي ۾ بصري ۾ قيام ڪيو اٿم، مگر اهي تہ اهڙيون ڳالهيون آهن، جن سان تنهنجو ڪو بہ واسطو نہ آهي، (ڇو جو) نہ تو تي ڪا زيادتي ڪيل آهي، ۽ نہ وري تو سان ڪا عذرخواهي (ڪرڻ) جي ضرورت آهي.

۽ تو اهو بہ ذڪر ڪيو آهي، تہ تون مهاجرن ۽ انصارن جي ٽولي سان گڏجي، مون سان ملڻ (مقابلي لاءِ) نڪرڻ وارو آهين، ليڪن هجرت جو دروازو تہ انهي ڏينهن بند ٿي ويو هو، جنهن ڏينهن تنهنجو ڀاءُ گرفتار ڪيو ويو هو. جيڪڏهن جنگ لاءِ تو کي ايتري جلدي آهي، تہ ڪجهہ دم پَٽ، ٿي سگهي ٿو، تہ آءُ خود تو سان ملڻ اچان، ۽ ائين ئي بهتر ٿيندو، انهي اعتبار کان تہ الله تعالىٰ تو کي سزا ڏيڻ لاءِ مون کي ئي مقرر ڪيو هجي، پر جيڪڏهن تون مون سان ملڻ ايندين، تہ پوءِ ائين ٿيندو، جيئن بني اسد شاعر چيو آهي:

”هو اونهاري جي اهڙين هوائن جو مقابلو ڪري رهيا آهن، جيڪي جبلن ۽ لاهين تي اچي، پٿرين جو مينهن وسائيندا آهن“

منهنجي هٿ ۾ اها ئي ساڳي تلوار آهي، جنهن جي چوٽ سان تنهنجي ناني، تنهنجي مامي ۽ تنهنجي ڀاءُ کي هڪ ئي هنڌ پهچائي چڪو آهيان.

خدا جو قسم! تو جهڙي کي آءُ سڃاڻان ٿو. اهڙو آهين، جنهن جي دل تي تهہ چڙهيل آهن، ۽ جنهن جو عقل نهايت ئي محدود آهي، تنهنجي باري ۾ ائين ئي چوڻ زياده مناسب آهي، تہ تون هڪ اهڙي ڏاڪڻ تي چڙهي ويو آهين، جتان تنهنجي لاءِ برو منظر پيش نظر ٿي سگهي ٿو، جنهن تي تنهنجي بربادي ٿيندي، ۽ ڀلائي نہ ٿيندي، ڇو جو غيرن جي وڃايل شيءِ جي ڳولا ۾ آهين، ۽ ٻين جي چوپائي مال کي چارڻ لڳو



Presented by Ziaraat.Com

آهين، ۽ اهڙي شيءِ جي لاءِ هٺ پير هٺي رهيو آهين، جنهن جو نہ تون اهل آهين، ۽ نہ وري تنهنجو ڪو ان سان بنيادي واسطو آهي. تنهنجي قول ۽ فعل ۾ ڪيترو نہ فرق آهي، ۽ تو سان پنهنجي انهن چاچن مامن جي ڪيتري نہ قريبي شُباهت (مطابقت) آهي، جن کي بدبختي ۽ باطل جي آرزوئن، محمد صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن سان انڪار ڪرڻ تي اياريو هو، جنهن جي نتيجي ۾ هو قتل ٿي ٿي ڪري مري کپي ويا، ۽ جيئن تہ تو کي معلوم آهي، تہ نہ هو ڪنهن بلا کي ٽاري سگهيا، ۽ نہ پنهنجي محفوظ احاطي جي حفاظت ڪري سگهيا. انهن تلوارن جي ڌڪن ڪان، جن ڪان لڙائي جو ميدان خالي نٽو ٿئي، ۽ جن ۾ سستي جو گذر پڻ آهي.

۽ تو عثمان جي قاتلن جي باري ۾ گهڻو ڪي ڪجهہ لکيو آهي. پهريائين تہ منهنجي بيعت ۾ داخل ٿي وڃ! جنهن ۾ سمورا داخل ٿي چڪا آهن، پوءِ منهنجي عدالت ۾ انهن ماڻهن تي مقدمو داخل ڪجئين، تہ پوءِ آءُ الله تعاليٰ جي ڪتاب (قرآن) موجب، تنهنجو ۽ انهن جو فيصلو ڪندس، ليڪن اهو جيڪي تون چاهي رهيو آهي، سو اهڙو ڏوڪو آهي، جهڙو ٻار کي کير کان روڪڻ لاءِ ڏنو ويندو آهي. سلام ان تي، جيڪو ان جو اهل هجي.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 65: معاويہ جي نالي

معاويہ جي نالي:

هاڻي اهو وقت آهي، تہ روشن حقيقتن کي ڏسي، انهن مان فائدو حاصل ڪر، مگر تون تہ باطل جي دعوىٰ ڪرڻ، ڪوڙ ۽ فريب جي مصيبت ۾ ماڻهن کي ڦسڻ، پنهنجي حيثيت کان وڌيڪ ڳالهين جي، بي دليل ڳالهہ ڪرڻ ۽ منع ڪيل ڳالهين کي هٿ ڪرڻ ۾ پنهنجي وڏن واري ڍنگ تي هلي رهيو آهين. اهو انهي ڪري، تہ حق کان پڇڻ چاهين ٿو، ۽ انهن ڳالهين کان جيڪي گوشت ۽ خون کان بہ زياده تو سان چنبڙيل آهن، ۽ تنهنجي ڪنن ۾ محفوظ ۽ سيني ۾ پريل آهن، تن کان بہ انڪار ڪرڻ چاهين ٿو. حق کي ڇڏڻ کان پوءِ کليل گمراهي ۽ حقيقت جي بيان کي نظر انداز ڪرڻ کان پوءِ سراسر ڌوڪي بازي کان سواءِ ٻيو آهي بہ ڇا؟ تنهن ڪري شڪ شبهن ۽ انهن جي ڌوڪي وارن اثرن کان پاڻ بچاءِ، ڇو جو فتنا ڪيتري ئي مدت کان دامن پکيڙي بيٺا آهن، جن جي اونداهين، اکين کي چنجهو ڪري ڇڏيو آهي.

تنهنجو خط مون کي مليو آهي. اهڙو خط، جنهن ۾ طرحين طرحين جون بي ترتيب ڳالهيون آهن، جن مان دامن واري صلح جي مقصد کي ڪا بہ تقويت نٿي پهچي سگهي، ۽ ان ۾ اهڙيون تہ بيهوده ڳالهيون آهن، جن جي تاجيءَ واري ڏاڪي کي علم ۽ دانائي سان نہ اڻيو ويو آهي. تون تہ انهن ڳالهين جي سببان اهڙو ٿي ويو آهين، جهڙو ڪو ڏبڻ ۾ گپندو پيو وڃي، يا اونده واري کوه ۾ هٿ پير هڻي رهيو هجي. تون پاڻ کي ايترو مٿي ڪري، اهڙي بلند مقام ۽ بي نشان چوٽي تائين کڻي ويو آهين، جو عقاب بہ اتي پَرَ نٿو هڻي سگهي، بلڪ "عيوّق" ستاري جي بلندي سان پيو ٽڪر هڻين.

هرگز نہ! ائين ڪٿي ٿو ٿي سگهي، تہ تون منهنجي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ مسلمانن جي سفيد و سياه جو مالڪ بنجين يا آءُ تو کي ڪنهن اهڙي شخص تي پڻ حڪومت ڪرڻ جو ڪو پروانو يا دستاويز لکي ڏيان! خير! ائين ئي صحيح، پر پنهنجي نفس کي بچاءِ ۽ ان جي سار سنڀال ڪندو ڪر، ڇو جو جيڪڏهن تون تو ان وقت تائين ڪوتاهي ڪئي، جڏهن الله تعالىٰ جا بندا تو سان مقابلي ڪرڻ لاءِ اٿي کڙا ٿيندا، تہ پوءِ تنهنجون سڀ راهون بند ٿي وينديون، ۽ جيڪا ڳالهہ تنهنجي اڄ قبول ڪري سگهجي ٿي، سا ان وقت قبول نہ ڪئي ويندي. والسلام.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 66: عبد الله ابن عباس جي نالي

عبد الله ابن عباس جي نالي:

هي خط هن کان پهرين بہ ٻي عبارت ۾ درج ٿي چڪو آهي:

بندو ڪڏهن تہ ان شيءِ کي حاصل ڪري، خوش ٿيڻ لڳندو آهي، جيڪا ان جي هٿان وڃڻ واري ئي نہ هوندي، ۽ اهڙي شيءِ جي ڪري غمگين ٿيندو آهي، جيڪا ڪيس ملڻ واري ئي نہ هئي، انهن لذتن جو حاصل ڪرڻ ۽ انتقام جي جذبي کي ٿڌو ڪري. تنهنجي نظرن ۾ دنيا جي بهترين نعمت نہ هئڻ گهرجي، بلڪ باطل کي ختم ڪرڻ، ۽ حق کي زنده ڪرڻ ئي نعمت آهي، ۽ تنهنجي خوشي انهي ذخيري تي هئڻ گهرجي، جيڪا تو آخرت لاءِ گڏ ڪئي آهي، ۽ تنهنجو رنج انهي سرمائي تي هئڻ گهرجي، جنهن کي صحيح ڪم ۾ صرف ڪرڻ کان سواءِ ڇڏي رهيو آهين، ۽ تو کي فڪر فقط موت کان پوءِ جو هئڻ گهرجي.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 67: مڪي جي والي قُثم ابن عباس جي نالي

مڪي جي والي قُثم ابن عباس جي نالي:

ماڻهن جي لاءِ حج جي قيام سامان جو بندوبست ڪر ۽ الله جي يادگار ڏينهن جي، ياد ڏيار ۽ ماڻهن جي لاءِ صبح ۽ شام پنهنجي نشست مقرر ڪر! مسئلي پڇڻ واري کي مسئلو ٻڌاءِ، جاهل کي تعليم ڏي ۽ عالم سان تبادلہ خيالات ڪر ۽ ڏس! ماڻهن تائين پيغام پهچائڻ لاءِ تنهنجي زبان کان سواءِ ڪو بہ سفير نہ هئڻ گهرجي، ۽ تنهنجي چهري کان سواءِ ڪو بہ تنهنجو دربان نہ هئڻ گهرجي، ۽ ڪنهن بہ ضرورتمند کي پنهنجي ملاقات کان محروم نہ ڪجئين، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن پهرين دفعي حاجت تنهنجي دروازن تان ناڪام ٿي موٽي وئي، تہ پوءِ ان کي پوري ڪرڻ سان بہ تنهنجي تعريف نہ ٿيندي.

۽ ڏس! تو وٽ جيڪو الله تعالىٰ جو مال جمع ٿيل هجي، ان کي پنهنجي طرف جي عيالدارن ۽ اگهاڙن ۽ بکين تائين پهچاءِ. انهي خيال سان، تہ اهي مستحق ۽ احتياج جي صحيح مرڪزن تائين پهچن، ۽ جيڪي ان مان بچي، تنهن کي مون ڏي موڪلي ڇڏي، تہ جيئن آءُ بہ ان کي انهن ماڻهن ۾ ورهايان، جيڪي منهنجي چوڌاري گڏ ٿيل آهن.

۽ مڪي وارن کي حڪم ڪر، تہ هو ٻاهر کان آيل ترسڻ وارن کان ڪرايو نہ وٺن، ڇو جو الله سبحانہ فرمائي ٿو، تہ انهن ۾ عاڪف ۽ بادي هڪجهڙا آهن. عاڪف اهو آهي، جيڪو اتي مقيم هجي، ۽ بادي اهو آهي، جيڪو ٻاهران حج جي لاءِ آيو هجي.

خداوند عالم مون کي ۽ تو کي وڻندڙن ڪمن ڪرڻ جي توفيق ڏي. و السلام.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 68: پنهنجي خلافت واري زماني کان اڳ

پنهنجي خلافت واري زماني کان اڳ، سلمان فارسي رحمت الله جي نالي تحرير فرمايائين تہ:

دنيا جو مثال نانگ جھڙو آهي، جيڪو ڇهڻ ۾ تہ نرم ٿو معلوم ٿئي، مگر ان جو زهر قاتل ماريندڙ ٿيندو آهي، تنهن ڪري دنيا ۾ جيڪي شيون تو کي سٺيون ڏسڻ ۾ اچن، تن کان منهن موڙيندو رهجئين، ڇو جو انهن مان تو سان گڏ هلڻ واريون شيون نهايت گهٽ آهن. انهن جي فڪرن کي پاڻ کان پري رک، انهي ڪري جو تو کي انهن جي جدا ٿيڻ ۽ انهن جي حالتن جي تبديل ٿيڻ جو يقين آهي، ۽ جنهن وقت انهن سان نهايت زياده وابستگي محسوس ڪرين، انهي وقت انهن کان زياده پريشان ٿي، ڇاڪاڻ تہ جڏهن بہ دنيا دار ان جي خوشي کان مطمئن ٿئي ٿو، تڏهن هو ان کي سختين ۾ اڇلائي ڇڏي ٿي، يا (جيڪو) ان جي محبت تي ڀروسو ڪري ٿو، تہ اها ان جي محبت کي وحشت ۽ هراس سان بدلائي ڇڏي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 69: حارث همداني جي نالي

حارث همداني جي نالي:

قرآن جي رسي کي مضبوطي سان جهل، ان مان نصيحتون ۽ نيڪ مشورو حاصل ڪر، ان جي حلال کي حلال ۽ حرام کي حرام سمجهه، ۽ حق جي گذريل ڳالهين جي تصديق ڪر، ۽ گذري ويل دنيا مان باقي دنيا جي باري ۾ عبرت حاصل ڪر، ڇو جو ان جو هر دور پئي دور سان ملندو جلندو آهي، ۽ ان جو آخر به پنهنجي اول سان وڃي ملڻ وارو آهي، ۽ هي سموري دنيا فنا ٿيڻ واري، ۽ وڇڙڻ واري آهي. ڏس الله جي عظمت جي پيش نظر، حق (جي) ڳالهه کان سواءِ ان جي نالي جو قسم نه کڻ. موت ۽ موت کان پوءِ واري منزل کي زياده ياد ڪر. موت جو طلبگار نه ٿي، مگر اطمينان وارن شرطن سان ۽ هر انهي ڪم کان بچندو ڪر، جيڪو ماڻهو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو، ۽ عام مسلمانن لاءِ ان کي ناپسند ڪري ٿو. هر انهي ڪم کان پري رهندو ڪجئين، جيڪو لڪي، خفيه ڪري سگهجي ٿو، مگر ظاهر ظهور ڪرڻ ۾ شرم ٿئي ٿو، ۽ هر انهي فعل کان پاڻ بچائجئين، جو جڏهن به ان جي ڪندڙ کان پڇيو وڃي، ته اهو خود به ان کي برو سمجهي، يا معذرت ڪرڻ جي ضرورت پويس. پنهنجي عزت ۽ آبرو کي (چه ميگوئي) راءِ زني ۽ ڳالهين جي تيرن جو نشانو نه بنائجئين. جيڪي ٻڌين، تنهن کي ماڻهن سان واقعي جي حيثيت ۾ بيان نه ڪندو وتجئين، جو ڪوڙي ٿيڻ لاءِ، ايترو ئي ڪافي ٿيندو، ۽ ماڻهن کي به هر ڳالهه ۾ ڪوڙو نه ڪجئين، جو اها پوري پوري جهالت آهي. ڪاوڙ کي روڪيندو ڪر، ۽ اختيار ۽ اقتدار جي هوندي، به معافي ۽ بخش ڪرڻ کان ڪم وٺجئين، بلڪ ڪاوڙ جي وقت بردباري اختيار ڪجئين، ۽ دولت ۽ اقتدار جي هوندي معافي ڏجئين ته انجام ۽ نتيجي جي ڪاميابي تنهنجي هٿ ۾ رهندي، ۽ الله تعالىٰ جيڪي نعمتون تو کي عطا ڪيون آهن، (تن تي شڪر ڪندي) انهن جي واڌاري ۽ ترقي جي طلب ڪر ۽ هن جي ڏنل نعمتن مان ڪنهن به نعمت کي ضايع نه ڪجئين. ۽ هن جيڪي انعامات تو کي بخشيا آهن، تن جو اثر تو تي ظاهر هئڻ گهرجي.

۽ ياد رکو! ته ايمان وارن مان سڀ کان افضل اهو آهي، جيڪو پنهنجي طرفان ۽ پنهنجي اهل وعيال ۽ مال جي طرفان خيرات ڪري، ڇو جو تون آخرت جي لاءِ جيڪي ڪجهه به موڪليندين، سو ذخيرو بڻجي تنهنجي لاءِ محفوظ رهندو، ۽ جيڪي پٺيان ڇڏي ويندين، تنهن مان ٻيا فائدو حاصل ڪندا، ۽ ان ماڻهو جي صحبت کان بچجئين، جنهن جي راءِ ڪمزور ۽ ڪم بڇڙا هجن، ڇو جو ماڻهو جو ان جي ساٿي سان



Presented by Ziaraat.Com

خيال ڪيو ويندو آهي، وڏن شهرن ۾ رهائش ڪر، ڇو جو اهي مسلمانن جا اجتماعي مرڪز هوندا آهن. غفلت ۽ بيوفائي وارين جڳهين ۽ انهن هنڌن تان، جتي الله تعالىٰ جي اطاعت ڪرڻ ۾ مددگارن جي ڪمي هجي، اتان پرهيز ڪجئين، ۽ فقط مطلب جي ڳالهين ۾ پنهنجي فڪر ڪرڻ کي محدود رکجئين، ۽ بازاري اَڏن ۾ اٿڻ ويهڻ کان الڳ رهجئين، ڇو جو اهي شيطان جون بيٺڪون ۽ فتنن جي تير اندازي جون جايون هونديون آهن، ۽ جيڪي ماڻهو تو کان گهٽ حيثيت وارا آهن، تن تي زياده نظر ڪجئين، ڇو جو اهو تنهنجي لاءِ شڪر جو هڪ رستو آهي. جمعي جي ڏينهن نماز ۾ حاضر ٿيڻ کان سواءِ سفر نہ ڪجئين، سواءِ ان جي تہ الله تعالىٰ جي راه ۾ جهاد لاءِ وڃڻو هجي، يا ڪا لاچاري درپيش هجي، ۽ پنهنجي سمورن ڪمن ۾ الله تعالىٰ جي اطاعت ڪجئين، ڇو جو الله تعالىٰ جي اطاعت ٻين ڳالهين کان مقدم (پهرين) آهي. پنهنجي نفس کي بهانا ڪري ڪري، عبادت جي راه تي آڻ، ۽ ان سان نرم رويو بہ ڪر، دٻاءُ کان ڪم نہ وٺ. پوءِ جڏهن هو ٻين فڪرن کان بي فڪر ۽ هوشيار ٿئي، تڏهن ان وقت ان کان عبادت جو ڪم وٺ، مگر جيڪي واجب عبادتون آهن، تن جي ٻي ڳالھ آهي، انهن کي تہ بهرحال ادا ڪرڻو آهي، ۽ وقت تي بجا آڻڻو آهي، ۽ ڏس! ائين نہ ٿئي، جو موت تو تي اچي وڃي، اهڙي حال ۾، جو تون پنهنجي پروردگار کان ڀڄي، دنيا طلبي ۾ لڳل هجين، ۽ فاسقن (ڪوڙن) جي صحبت کان بہ بچندو رهجئين، ڇو جو برائي وري بہ برائي جي طرف وڃندي آهي، ۽ الله تعالىٰ جي عظمت ۽ توقير جو خيال رکجئين، ۽ ان جي دوستن سان دوستي ڪجئين، ۽ ڪاوڙ کان بچجئين، ڇو جو اهو شيطان جي لشڪرن مان هڪ وڏو لشڪر آهي. والسلام.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 70: مديني جي والي، سهل ابن حنيف انصاري جي نالي

مديني جي والي، سهل ابن حنيف انصاري جي نالي:

مديني جي ڪجھ باشندن جي باري ۾، جيڪي معاويہ سان وڃي مليا هئا.

مون کي معلوم ٿيو آهي، تہ توهان مان ڪجھ ماڻهو لڪي ڇپي معاويہ جي طرف کسڪي رهيا آهن، تون ان تعداد تي، جيڪو نڪري ويو آهي، ۽ انهي فوجي مدد تي، جيڪا هلي وئي آهي، تنهن تي ذرو بہ افسوس نہ ڪجئين. انهن جي گمراه ٿي وڃڻ ۽ تنهنجي انهي رنج ۽ ڏک کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ اهو ئي گهڻو آهي، تہ هو حق ۽ هدايت جي طرف کان پٺي ڏئي رهيا آهن، ۽ گمراهي ۽ جهالت ڏي ڊوڙي رهيا آهن. هي دنيادار آهن، جيڪي دنيا جي طرف جهڪي رهيا آهن، ۽ انهي جي طرف تيزي سان ڊوڙي رهيا آهن، انهن عدل کي سڃاتو ڏٺو، ٻڌو ۽ محفوظ ڪيو، ۽ ان کي چڱي طرح سمجهي ڇڏيو، تہ هتي حق جي اعتبار کان سڀئي هڪجهڙا سمجهيا وڃن ٿا، تنهن ڪري اهي اوڏانهن ڀڄي نڪتا، جتي طرفداري، حمايت ۽ خصوصيت واپرائي وڃي ٿي.

خدا جو قسم! هو ظلم کان نہ ڀڳا، ۽ عدل سان وڃي نہ چنبڙيا، ۽ آءٌ اميدوار آهيان، تہ الله تعالىٰ ان معاملي جي هر سختي کي آسان ۽ ان پٿريلي زمين کي اسان لاءِ سڌو ڪندو، انشاءَ الله. والسلام.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 71: مُنذر ابن جارود عبدي جي نالي

مُنذر ابن جارود عبدي جي نالي:

جڏهن هن ڪن ڳالهين ۾ خيانت ڪئي، جن جو انتظام پاڻ ان جي سپرد ڪيائين.

واقعو هي آهي، ته تنهنجي پيءُ جي نيڪ چلت مون کي تنهنجي باري ۾ ڌوڪو ڏنو. مون ائين سمجهو، ته تون به ان جي روش واري پيروي ڪندين، ۽ ان جي راه تي هلندو هوندي، مگر اوچتو مون کي تنهنجي متعلق اهڙا اطلاعات مليا آهن، جن مان ظاهر ٿئي ٿو، ته تون پنهنجي نفساني خواهشن جي پيروي تان هٿ نٿو کڻي، ۽ آخرت لاءِ ڪو توشو باقي رکڻ نٿو چاهين. تون پنهنجي آخرت وڃائي دنيا بنائي رهيو آهين، ۽ دين سان رشتو ٽوڙي پنهنجي رشته دارن سان سهڻو سلوڪ ڪري رهيو آهين، جيڪو مون کي معلوم ٿيو آهي، جيڪڏهن اهو سچ آهي، ته تنهنجي گهر وارن جو اٺ ۽ تنهنجي جتي جو تسمو (ڪشو) به تو کان بهتر آهي، جيڪو تنهنجي افعالن وارو ماڻهو هجي، سو انهي جي لائق نه آهي، ته ان جي ذريعي ڪنهن رخنه کي بند ڪيو وڃي، يا ڪو ڪم سرانجام ڪيو وڃي، يا ان جو درجو وڌايو وڃي، يا ان کي امانت ۾ شريڪ ڪيو وڃي، يا خيانت جي روڪڻ لاءِ ان تي ڀروسو ڪيو وڃي، تنهن ڪري منهنجي خط ملڻ سان يڪدم مون وٽ اچي حاضر ٿي. انشاءَ الله.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 72: عبد الله ابن عباس رحمة الله عليہ جي نالي

عبد الله ابن عباس رحمة الله عليہ جي نالي

تون پنهنجي زندگي جي حد کان اڳتي وڌي نٿو سگهين، ۽ نہ ان شيءِ کي حاصل ڪري تو سگهين، جيڪا تنهنجي مقدر ۾ نہ آهي، ۽ تو کي معلوم هئڻ گهرجي، تہ هي زمانو ٻن ڏينهن ۾ ورهايل آهي، هڪ ڏينهن تنهنجي موافق ۽ هڪ ڏينهن تنهنجي مخالف ۽ دنيا مملڪتن جي انقلاب ۽ انتقال جو گهر آهي، ان ۾ جيڪا شيءِ تنهنجي فائدي جي هوندي، سا تنهنجي ڪمزوري، ۽ ناتواني جي باوجود پهچندي رهندي، ۽ جيڪا شيءِ تنهنجي نقصان جي هوندي، ان کي تون قوت ۽ طاقت سان بہ هٽائي نٿو سگهين.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 73: معاويہ جي نالي

معاويہ جي نالي:

آءٌ تو سان سوال جواب جي تبادلہ ڪرڻ ۾ ۽ تنهنجي خطن کي توجهہ سان پڙهڻ ۾ پنهنجي طريقہ ڪار جي ڪمزوري ۽ پنهنجي سمجهہ جي غلطي جو احساس ڪري رهيو آهيان، ۽ تون پنهنجي جن خواهشن جي مڃائڻ لاءِ منهنجي پٺيان لڳو آهين، ۽ مون سان خط و ڪتابت جو سلسلو جاري ڪيو اٿئي، سو چڻ تہ ائين ڪري رهيو آهين، جيئن ڪو گهري ننڊ ۾ پيو خواب ڏسندو هجي، ۽ بعد ۾ ان جا خواب بي حقيقت ثابت ٿين، يا جيئن ڪو حيرت ۾ پيل مُنهن مٿي ڪيو بيٺو هجي، ۽ ان لاءِ نہ پڇڻ جو رستو هجي، ۽ نہ بيهڻ جي جاءِ ۽ ان کي ڪا بہ خبر نہ هجي، تہ سامهون اچڻ واري ڳالهہ کيس فائدو ڏيندي يا نقصان پهچائيندي. ائين نہ آهي، تہ تون بلڪل ئي اهو شخص آهين، بلڪ هو تو وانگر آهي، ۽ آءٌ خدا جو قسم کڻي چوان ٿو، تہ جيڪڏهن ڪنهن حد تائين اهو مثال ڏيڻ آءٌ مناسب نہ سمجهان ها، تہ منهنجي طرفان اهڙين تباهين جو تو کي مقابلو ڪرڻو پوي ها، جيڪي هڏن کي ڀڃي ڇڏين ها ۽ جسم تي گوشت جو نالو بہ نہ ڇڏين ها، انهي ڳالهہ کي چڱي طرح سمجهي ڇڏ، تہ شيطان تو کي نيڪ ڪمن جي طرف رجوع ٿيڻ ۽ نصيحت جي ڳالهين کي ٻڌڻ کان روڪي ڇڏيو آهي، سلام ان تي، جيڪو سلام جي لائق آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 74: ربيعہ قبيلي ۽ يمن وارن جي وچ ۾ معاهدي جي طور تحرير...

جيڪو پاڻ، ربيعہ قبيلي ۽ يمن وارن جي وچ ۾ معاهدي جي طور تحرير فرمايو: (تنهن کي هشام ابن سائب ڪلبي جي تحرير تان نقل ڪيو ويو آهي.(

هي اهو عهد آهي، جنهن تي يمن وارن پوءِ اهي شهري هجن، يا ٻهراڙي وارا ۽ ربيعہ قبيلي وارن، پوءِ اهي بہ شهر ۾ آباد هجن يا ٻهراڙي وارا، انهن اتفاق ڪيو آهي، تہ اهي سمورا الله تعالىٰ جي ڪتاب تي ثابت قدم رهندا، انهي جي طرف دعوت ڏيندا، ان سان ئي حڪم ڏيندا ۽ جيڪو ان جي طرف دعوت ڏيندو، ۽ ان جي روشني ۾ حڪم ڏيندو، تہ ٻيا ان جي آواز تي لبيڪ چوندا، نہ ان جي عيوض ڪو فائدو گهرندا ۽ نہ ان جي عيوض تي راضي رهندا، ۽ جيڪو ڪتاب الله جي خلاف هوندو، تہ ٻيا ان کي ڇڏي ڏيندا، (بلڪ) ان جي مقابلي ۾ متحد ٿي، هڪٻئي جي مدد ڪندا. انهن جو آواز هڪ هوندو، ۽ اهي ڪنهن بہ تنبيهہ ڪرڻ واري جي تنبيهہ سبباں، ۽ ڪنهن ڪاوڙ ڪرڻ واري جي ڪاوڙ سبباں ۽ هڪ گروه جي ٻئي گروه کي ذليل ڪرڻ سبباں، ۽ هڪ جماعت جو ٻي جماعت کي گارين ڏيڻ ڪان، هن عهد کي نہ ٽوڙيندا، بلڪ حاضر، يا غير حاضر، ڪم عقل عالم، بردبار ۽ جاهل سڀئي ان جا پابند رهندا، پوءِ هن عهد جي ڪري انهن تي الله جو عهد ۽ اقرار پڻ لازم ٿي ويو آهي، ۽ الله جو عهد پڇيو ويندو. (هنن سٽن جو ڪاتب علي ابن ابيطالب(



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 75: معاويه ابن ابي سفيان جي نالي تحرير

شروع ۾ جڏهن حضرت جي بيعت ڪئي وئي، تڏهن پاڻ معاويه ابن ابي سفيان جي نالي تحرير فرمايائين ته:
(جنهن کي واقدي، ڪتاب "الجمل" ۾ لکيو آهي.(

الله تعاليٰ جي بندي علي امير المومنين جي طرفان معاويه ابن ابي سفيان جي نالي:

تو کي معلوم آهي، ته مون ماڻهن جي باري ۾ چڱي طرح حجت ختم ڪري ڇڏي، ۽ تنهنجي معاملن کان چشم پوشي ڪندو رهيس، تانجو اهو واقعو ٿيو، جنهن کي ٿيڻو هو، ۽ روڪجي نٿي سگهيو. اهو قصو ڊگهو آهي، ۽ گهڻيون ئي ڳالهيون آهن. بهرحال، جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي گذريو، ۽ جنهن کي اچڻو هو سو اچي ويو، تنهن ڪري اُتي ۽ جيڪي تو سان ماڻهو آهن، تن کان منهنجي بيعت حاصل ڪر، (بلڪ پنهنجي ساٿين جي وفد سان مون وٽ پهچ. والسلام.



Presented by Ziaraat.Com

# وصيت 76: عبد الله ابن عباس جي نالي

عبد الله ابن عباس جي نالي:

جڏهن کيس بصري ۾ پنهنجو قائم مقام مقرر فرمايائين:

ماڻهن سان خنده پيشاني سان پيش اچ، پنهنجي مجلس ۾ ماڻهن کي جڳهه ڏي، حڪم ۾ تنگي کي روا نہ رک، ڪاوڙ کان پرهيز ڪر، ڇو جو اهو شيطان لاءِ سٺو سَوڻ آهي، ۽ انهي ڳالهہ کي سمجهي ڇڏ تہ جيڪا ڳالهہ تو کي الله تعالىٰ جي قريب ڪري ٿي، اها ئي (تو کي) دوزخ کان پري ڪري ٿي، پر جيڪا ڳالهہ الله تعالىٰ کان تو کي دور ڪري ٿي، سا ئي دوزخ جي قريب ڪري ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# هدايت 77: جيڪا عبد الله ابن عباس کي خارجين سان مناظره

جيڪا عبد الله ابن عباس کي خارجين سان مناظره ڪرڻ لاءِ موڪلڻ وقت فرمايائين:

تون انهن سان قرآن جي سامهون بحث نه ڪجئين، ڇو جو قرآن ڪيترن ئي معنائن جو حامل آهي، ۽ ڪيئي سبب رکي ٿو. تون پنهنجي چوندو رهندين، ۽ هو پنهنجي چوندا رهندا، بلڪ تون حديث سان انهن جي اڳيان دليل پيش ڪجئين، جنهن کان هو ڀڄڻ جي ڪا راه نه حاصل ڪري سگهندا.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 78: ابو موسیٰ اشعري جي نالي

ابو موسیٰ اشعري جي نالي:

حڪمين جي سلسلي ۾ ان جي هڪ خط جي جواب ۾ (جنهن کي سعيد ابن يحيیٰ اموي پنهنجي ڪتاب "المغازي" ۾ لکيو آهي.(

ڪيترائي ماڻهو آهن، جيڪي آخرت جي ڪيترين ئي سعادتن کان محروم ٿي رهجي ويا. هو دنيا سان ٽي چڪا، نفساني خواهشن سان ڳالهائڻ لڳا. آءُ انهي معاملي سببان هڪ حيرت ۽ تعجب جي منزل ۾ آهيان، جتي اهڙا ماڻهو گڏ ٿي ويا آهن، جيڪي وڏائي ۽ خود پسندي ۾ مبتلا آهن. آءُ انهن جي زخمن جو ته علاج ڪري رهيو آهيان، پر ڊڄان ٿو، ته ڪٿي اهي ڄميل خون واري صورت اختيار ڪري، لا علاج نه ٿي وڃن. تو کي معلوم هئڻ گهرجي، ته مون کان زياده ڪو به شخص، محمد صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن جي امت ۾ جماعت بندي ۽ باهمي اتحاد جو خواهشمند نه آهي، جنهن کان منهنجو مطلب فقط نيڪ ثواب ۽ آخرت جي سربلندي آهي. مون جيڪو عهد اقرار ڪيو آهي، تنهن کي پورو ڪري رهندس، جيتوڻيڪ تون انهي نيڪ خيال کان، جيڪو تو کي منهنجي باري ۾ آخري ملاقات تائين هو، (ان تان) هٽي ڦري وڃ، يقينا اهو بدبخت آهي، جيڪو عقل ۽ تجربي جي هوندي به، ان جي فائدن مان محروم رهي. آءُ ته ان ڳالھ تي نهايت بيقرار ۽ فڪر انديشي ۾ آهيان، ته ڪو چوڻ وارو باطل ڳالھ چوي يا ڪنهن اهڙي معاملي کي خراب ٿيڻ ڏيان، جنهن کي الله تعالیٰ درست ڪري چڪو هجي، تنهن ڪري جنهن ڳالھ کي تون نٿو سمجهين، تنهن جي پٺيان نه پئو، ڇو جو شرير ماڻهو بريون ڳالهيون تو تائين پهچائڻ لاءِ اڏامي به اچي پهچائيندا. و السلام.



Presented by Ziaraat.Com

# مڪتوب 79: ظاهري خلافت تي قائم ٿيڻ کان پوءِ فوجي سپہ سالارن...

جيڪو ظاهري خلافت تي قائم ٿيڻ کان پوءِ فوجي سپهه سالارن کي تحرير فرمايائين:

اڳين ماڻهن کي انهي ڳالهه تباه ڪيو ته انهن ماڻهن جا حق روڪيا، تڏهن انهن (رشوتون ڏئي ڪري) اهي خريد ڪيائون ۽ انهن کي باطل جو پابند بنايائون، ته اهي انهن جي پٺيان انهن ئي رستن تي هلندا رهيا.

تم باب الڪتب بحمد الله.



Presented by Ziaraat.Com

# حکیمانا جملا



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 1: فتني ۽ فساد کان عليحدگي

فتني ۽ فساد ۾ اهڙي طرح رهو جهڙي طرح اٺ جو اهو ٻچو، جنهن پنهنجي عمر جا اچا ٻه سال مس پورا ڪيا هجن ۽ نه جنهن جي پٺي تي سواري ڪري سگهجي، ۽ نه وري ان جي ٿڻن مان کير ڏُهي سگهجي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 2: چند وصفون

نفس جي ذلت جا سبب

جنهن طمع (لالچ) کي پنهنجي عادت بڻايو، تنهن پاڻ کي هلڪو ڪيو، ۽ جنهن پريشان حالي جو اظهار ڪيو، سو ذلت تي آماده ٿيو، ۽ جنهن پنهنجي زبان کي قابو ۾ نہ رکيو، تنهن خود پنهنجي بي وقعتي جو سامان ڪري ڇڏيو.

عيب ۽ نيڪيون:

بخل (ڪنجوسي)، ننگ (اگهاڙپ) ۽ عار (عيب) آهي ۽ بزدلي، نقص ۽ عيب آهي، ۽ غربت هوشيار ۽ دانا مرد جي زبان کي، دليلن جي طاقت ڏيکارڻ سان عاجز بنائي ڇڏي ٿي، ۽ مفلس پنهنجي شهر ۾ رهي ڪري بہ بي وطن هوندو آهي. عجز (ڪمزوري) ۽ درماندگي (لاچاري) مصيبت آهي، ۽ صبر ۽ بردباري، شجاعت آهي، ۽ دنيا سان بي تعلقي وڏي دولت آهي، ۽ پرهيزگاري هڪ وڏي ڍال آهي.

علم و ادب:

تسليم (بندگي) ۽ رضا (خوشي مرضي) بهترين ساٿي ۽ علم نهايت شريف ميراث آهي، ۽ علمي ۽ عملي وصفون نو بہ نو خلعتون آهن، ۽ فڪر، صاف ۽ شفاف آئينو آهي.

چند وصفون:

عقلمند جو سينو ان جي رازن جو خزانو آهي ۽ خنده پيشاني، محبت ۽ دوستي جو ڦندو يا ڪوڙڪو آهي، ۽ تحمل ۽ بردباري عيبن جو مدفن آهي (يا ان جملي جا بجاءِ حضرت هيئن فرمايو تہ) صلح ۽ صفائي عيبن کي ڍڪڻ جو ذريعو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 3: خود پسندي

جيڪو شخص پاڻ کي وڏيڪ پسند ڪري ٿو، سو ٻين کي ناپسند هوندو آهي ۽ صدقو ڪامياب دوا آهي ۽ دنيا ۾ بندن جا جيڪي بہ اعمال آهن، سي آخرت ۾ انهن جي اکين اڳيان هوندا.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 4: انساني حواس

هي انسان تعجب جي قابل آهي، جو هو چربي سان ڏسي ٿو، ۽ گوشت جي ٻوٽي سان ڳالهائي ٿو، ۽ هڏي سان ٻڌي ٿو ۽ هڪ سوراخ مان ساهه کڻي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 5: خوش بختي ۽ بد نصيبي

جڏهن دنيا (پنهنجي نعمتن کي کڻي) ڪنهن جي ٻه طرف وڌي ٿي، تڏهن ٻين جون خوبيون ٻه ان کي وقتي طور ڏي ٿي، ۽ جڏهن ان کان منهن موڙي ٿي، تڏهن خود ان جون خوبيون ٻه ان کان کسي وٺي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 6: سٺي حياتي گذارڻ

ماڻهن سان اهڙي طريقي سان ملو، جو جيڪڏهن مري وڃو، ته توهان تي روئن ۽ جي جيئرا رهو ته توهان جا مشتاق رهن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 7: عفوءِ اقتدار

)جيڪڏهن) دشمن تي طاقت حاصل ڪريو، ته ان جي شڪراني ادا ڪرڻ ۾ کيس معافي ڏيو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 8: عجز ۽ درماندگي

ماڻهن ۾ نهايت درمانده (لاچار) اهو آهي، جيڪو پنهنجي عمر ۾ ڪجھ ساٿي پنهنجي لاءِ حاصل نہ ڪري سگهي ۽ ان کان بہ زياده مجبور ۽ بيوس اهو آهي، جيڪو حاصل ڪري، وري وڃائي ويهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 9: ناشڪري

جڏهن تو کي ٿوريون گهٽيون نعمتون حاصل ٿين، تڏهن بي شڪري سان انهن کي پاڻ تائين پهچڻ کان اڳ ۾ ئي نہ ڀڄائي ڇڏ.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 10: پنهنجا ۽ پراوا

جنهن کي قريب (پنهنجا) ڇڏي ڏيندا تنهن کي پراوا ملي ويندا.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 11: مبتلائي فتنه

هر فتني ۾ پوڙ وارو سيڪت جي لائق نه ٿيندو آهي.هر فتني ۾ پوڙ وارو سيڪت جي لائق نه ٿيندو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 12: تدبير جي لاچاري

سمورا معاملا تقدير جي اڳيان جهڪيل آهن، تانجو ڪڏهن تہ، تدبير جي نتيجي ۾ موت اچي ويندو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 13: خضاب

پيغمبر صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن جي حديث جي متعلق، تہ پيري کي (خضاب جي ذريعي) بدلائي ڇڏيو ۽ يهودين سان مشابهت اختيار نہ ڪريو، جناب امير عليہ السلام کان سوال ڪيو ويو، تڏهن پاڻ فرمايائين، تہ پيغمبر صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن اهو انهيءَ موقعي تي فرمايائون، جڏهن دين (وارا) گهٽ هئا، ۽ هاڻي جڏهن ان جي دامن ڪشادي ٿي چڪي آهي، ۽ سينو ٽيڪي ڄمي چڪو آهي، تڏهن هر شخص کي اختيار آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 14: غير جانبداري

انهن ماڻهن جي باري ۾، جيڪي ساڻس همراهه ٿي، جنگ ڪرڻ کان ڪناره ڪش رهيا، تڏهن فرمايائين، ته انهن ماڻهن حق کي ڇڏي ڏنو، ۽ باطل جي به مدد نه ڪيائون.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 15: وڏي اميد

جيڪو شخص اميد جي راهه ۾ تمام تڪو ڊوڙي ٿو، سو موت کان ٺوڪر کائي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 16: لحاظ ۽ مروت

با مروّت ماڻهن جي خطائن کي درگذر ڪريو، (ڇو جو) انهن مان جيڪو به لغزش (خطا) ڪائي ڪِري ٿو، ته الله تعالىٰ ان جي هٿ ۾ هٿ ڏئي، ان کي مٿي ڪري ڇڏي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 17: شرم و حيا

خوف جو نتيجو ناڪامي ۽ شرم جو نتيجو محرومي آهي، ۽ فرصت جون گهڙيون (تيز رو) ڪڪر وانگر گذري وڃن ٿيون، تنهن ڪري ڀلائي ۽ نيڪي جي ملندڙ موقعن کي غنيمت ڄاڻو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 18: حق کان محرومي

اسان جو هڪ ”حق“ آهي، جيڪڏهن اهو اسان کي ڏنو ويو، ته اسين وٺنداسون، نه ته اسين اٺ جي پوئين حصي واري پٺن تي سوار ٿينداسون، (يعني نس نس ۾ ويهي رازدار ٿينداسين) جيتوڻيڪ رات جي مسافري طويل هجي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 19: عمل ۽ نسب

جنهن کي سندس اعمال پوئتي هٽائي ڇڏين، تنهن کي حسب و نسب اڳتي وڌائي نہ سگهندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 20: دستگيري

ڪنهن مضطرب (پريشان) جو داد فرياد ٻڌڻ ۽ مصيبت جي ماريل ڪي، مصيبت کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ، سو وڏن گناهن جو ڪفارو (يعني ڪنهن خطا يا گناه جو عيوض) آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 21: مهلت

اي آدم جا اولاد! جڏهن تون ڏسين ته الله سبحانہ تو کي مسلسل لڳاتار نعمتون ڏئي رهيو آهي، ۽ تون ان جي نافرماني ڪري رهيو آهي، تڏهن ان کان ڊڄندو رهجئين.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 22: ڳاله لڪي نٿي سگهي

جنهن به ڪا ڳالهه دل ۾ لڪائي رکڻ چاهي، سا ان جي زبان مان بي ساخته نڪتل لفظن ۽ چهري جي آثارن مان نمايان (ظاهر) ضرور ٿئي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 23: همت نہ ڇڏيو

مرض (بيماري) ۾ جيستائين همت ساٿ ڏي، تہ گهمندا ڦرندا رهو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 24: زهد کي لڪائڻ

بهترين زهد (عبادت)، زهد کي مخفي رکڻ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 25: موت

جڏهن تون (دنيا کي) پٺي ڏيکاري رهيو آهين، ۽ موت تنهنجي طرف رخ ڪندو وڌندو اچي ٿو، ته پوءِ ملاقات ۾ دير ڇا جي؟



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 26: پرده پوشي

ڏڄو! ڏڄو! انهيءَ ڪري جو خدا جو قسم! الله تعاليٰ انهيءَ حد تائين تنهنجي پرده پوشي ڪئي آهي، جو
جڻ تہ توهان کي بخشي ڇڏيو اٿس.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 27: ايمان ۽ ڪفر

حضرت کان ايمان جي متعلق سوال ڪيو ويو، تڏهن فرمايائين، ته ايمان چئن ٿنين تي قائم آهي: صبر، يقين، عدل ۽ جهاد. پوءِ وري عدل جون چار شاخون آهن: اشتياق، خوف، دنيا کان بي پرواهي ۽ انتظار. انهيءَ ڪري، جو جيڪو جنت جو مشتاق هوندو، سو خواهشن کي وساري ڇڏيندو، ۽ جيڪو دوزخ کان خوف ڪندو، سو (محرمات) حرام ڪيل ڳالهين کان پاسو ڪندو، ۽ جيڪو دنيا کان بي اعتنائي (بي پرواهي) اختيار ڪندو سو مصيبتن کي آسان سمجهندو، ۽ جنهن کي موت جو انتظار هوندو، سو نيڪ ڪمن ۾ جلدي ڪندو، ۽ پڻ "يقين" جون به چار شاخون آهن: روشن نگاهي، حقيقت رسي، عبرت اندوزي ۽ اڳين وارو طور طريقو. پوءِ جيڪو دانائي ۽ چاڻ حاصل ڪندو، تنهن جي سامهون علم ۽ عمل جون راهون واضح ٿينديون، ۽ جنهن جي لاءِ علم ۽ عمل آشڪارا ٿيندو، سو عبرت کان واقف ٿيندو، ۽ جيڪو عبرت کان واقف ٿيندو، سو ائين آهي، جيئن هو اڳين ماڻهن ۾ رهيو هجي ۽ "عدل جون به چار شرطون آهن، تهن (گهرائين) تائين پهچڻ وارو فڪر ۽ علمي گهرائي، فيصلي جي خوبي ۽ عقل جي پائيداري. اهڙي طرح جنهن غور ۽ فڪر ڪيو، سو علم جي گهرائين (اونهاين) کان واقف ٿيو، ۽ جيڪو علم جي گهرائين ۾ لٿو، سو فيصلي جي سرچشمن کان سيراب ٿي موٽيو، ۽ جنهن حلم ۽ بردباري اختيار ڪئي، تنهن پنهنجي معاملات ۾ ڪا به ڪمي نه ڪئي، ۽ ماڻهن ۾ نيڪ نام رهي ڪري، زندگي بسر ڪيائين، ۽ پڻ "جهاد" جون به چار شاخون آهن. امر بالمعروف، نهي عن المنڪر، سيني موقعن تي راست گفتاري (سچ ڳالهائڻ) ۽ بدڪردارن کان نفرت. سو جنهن امر بالمعروف ڪيو، تنهن مومنن جي پشت مضبوط ڪئي، ۽ جنهن نهي عن المنڪر بجا آندو، تنهن ڪافرن کي ذليل ڪيو، ۽ جنهن سيني موقعن تي سچ ڳالهايو، تنهن پنهنجو فرض ادا ڪيو، ۽ جنهن فاسقن کي برو سمجهيو ۽ الله جي لاءِ غضبناڪ ٿيو، ته الله تعالىٰ به ان جي لاءِ ٻين تي غضبناڪ ٿيندو، ۽ قيامت جي ڏينهن ان جي خوشيءَ جو سامان مهيا ڪندو.

ڪفر:

"ڪفر" به چئن ٿنين تي قائم آهي: حد کان وڌيڪ تلاش، جهڳڙالو، ٽيڙهي راهه هلڻ وارو ۽ اختلاف. پوءِ جيڪو بيجا ڪنهن خيال جي تهه تائين پهچي تلاش ڪري ٿو، سو حق جي طرف رجوع نٿو ٿئي، ۽ جيڪو جهالت جي سببان جهيڙا فساد ڪري ٿو، سو حق کان هميشه انڌو رهي ٿو، ۽ جيڪو حق کان



Presented by Ziaraat.Com

منهن موڙي ٿو، سو چڱائي کي برائي ۽ برائي کي چڱائي سمجهڻ لڳي ٿو، ۽ گمراهي جي نشي ۾ مدهوش رهي ٿو، ۽ جيڪو حق جي مخالفت ڪري ٿو، تنهن جا رستا نهايت دشوار ۽ ان جا معاملات سخت پيچيده ٿي وڃن ٿا، ۽ بچي نڪرڻ جي راهه هن لاءِ تنگ ٿي وڃي ٿي ۽ پڻ ”شڪ“ جون به چار شاخون آهن: خواهه مخواهه حجت ڪرڻ وارو، خوف، آوارگي ۽ پريشاني ۽ باطل جي اڳيان جهڪڻ. پوءِ جنهن لڙائي جهڳڙي کي پنهنجو شيوه بڻايو، تنهن جي رات ڪڏهن به صبح سان همڪنار نٿي ٿي سگهي، ۽ جنهن کي سامهون وارين ڳالهين خوف ۾ وڌو، سو پوئين پيرين موٽي وڃي ٿو، ۽ جيڪو شڪ شبهن ۾ سرگردان رهي ٿو، تنهن کي شيطان پنهنجي چنبن سان لتاڙي ڇڏي ٿو، ۽ جنهن دنيا ۽ آخرت جي تباهين جي اڳيان سر کي جهڪايو سو ٻنهي جهانن ۾ تباهه ٿيو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 28: نيڪي ۽ بدي

نيڪ ڪم ڪرڻ وارو خود ان ڪم ڪان بهتر ۽ برائي جي ڪرڻ وارو خود ان برائي ڪان به بدتر آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 29: مياڻ روي

سخاوت ڪريو، پر فضول خرچي نہ ڪريو؛ ڪفايت شعاري ڪريو، مگر ڪنجوسي نہ.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 30: اميدن جو ترڪ ڪرڻ

بهترين دولت مندي اها آهي، ته تمنائن کي ترڪ ڪري.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 31: جيڪو هر ڳاله ۾ خوش رهي

جيڪو شخص ماڻهن جي باري ۾ جهڙ ۾ اهڙي ڳالھ چئي ڏي تو، جيڪا انهن کي ناگوار گذري، تہ پوءِ اهي بہ هن لاءِ اهڙيون ڳالهيون چون ٿا، جن کي هو ڄاڻي بہ نٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 32: ڊگهيون اميدون

جنهن ڊگهيون اميدون رکيون، تنهن پنهنجا اعمال بگاڙي ڇڏيا.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 33: تعظيم جو هڪ طريقو

جناب امير عليہ السلام سان شام ڏي روانہ ٿيڻ وقت ”انبار“ جا زميندار ملڻ آيا، تہ اهي ڪيس ڏسي، پيادا ٿي ۽ سندس سامهون ڊوڙندا آيا. تڏهن پاڻ فرمايائين، تہ توهان هي ڇا ڪيو؟ هنن چيو، تہ اهو اسان جو عام طريقو آهي، جنهن سان اسين پنهنجي حڪمرانن جي تعظيم بجا آڻيندا آهيون. تڏهن پاڻ فرمايائين تہ خدا جو قسم! ائين ڪرڻ سان توهان جي حڪمرانن ڪي ڪو بہ فائدو نٿو رسي، البتہ توهان هن دنيا ۾ پاڻ ڪي تڪليف ۽ زحمت ۾ وجهو ٿا، ۽ آخرت ۾ انهيءَ جي سببان بدبختي خريد ڪريو ٿا. اها تڪليف ڪهڙي نہ خساري واري آهي، جو ان جو نتيجو آخرت جي سزا آهي، ۽ اها راحت ڪيتري نہ فائديمند آهي، جنهن جو نتيجو دوزخ کان امان آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 34: حضرت امام حسن ع جي نصيحت

پنهنجي فرزند امام حسن عليہ السلام کي فرمايائين، تہ اي فرزند! مون کان چار ۽ وري بہ چار ڳالهيون ياد رک. انهن جي هوندي جيڪي ڪجھ ڪندين، سو تو کي ضرر نہ رسائيندو. سڀ کان وڏي دولت، عقل ۽ دانائي آهي ۽ سڀ کان وڏي اڻ هوند، بي سمجهي ۽ بي عقلي آهي، ۽ سڀ کان وڏي اداسي، غرور ۽ خود پسندي آهي، ۽ سڀ کان وڏو جوهر، ذاتي حسنِ اخلاق آهي.

اي فرزند! بيوقوف سان دوستي، نہ ڪجئين، ڇو جو هو تو کي فائدو پهچائڻ چاهيندو، تہ نقصان بہ پهچائي ويهندو، ۽ بخيل سان بہ دوستي نہ رکجئين، ڇو جو جڏهن تو کي هن جي مدد جي انتهائي ضرورت ٿيندي، تڏهن هو تو کان پري ڀڄي ويندو ۽ بدڪردار سان پڻ دوستي نہ ڪجئين ورنہ هو تو کي ڪوڏين جي ملھ تي وڪڻي ڇڏيندو، ۽ ڪوڙي سان بہ دوستي نہ ڪجيئن، ڇو جو سراب (يعني واري جنهن تي گرمي جي موسم ۾ اس جي وقت پاڻي جو ڌوڪو ٿئي ٿو) وانگر تنهنجي لاءِ پري وارين شين کي ويجهو، ۽ ويجهي وارين شين کي پري ڪري ڏيکاريندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 35: فرض جي اهميت

مستحبات (يعني حضور صلعم جي پسند ڪيل) مان الله تعالىٰ جو قرب تڏهن حاصل ٿي سگهي، جيسين هو واجبات ۾ حائل ٿئي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 36: دانا ۽ نادان

عقلمند جي زبان ان جي دل جي پٺيان هوندي آهي، ۽ بيوقوف جي دل ان جي زبان جي پٺيان هوندي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 37: عقلمند ۽ بيوقوف

ساڳيو مطلب ٻه ٻين لفظن ۾ حضرت کان مروي آهي، ۽ اهو هي آهي تہ: بيوقوف جي دل ان جي وات ۾ آهي ۽ عقلمند جي زبان ان جي دل ۾ آهي. بهرحال، انهن ٻنهي جملن جو مقصد ساڳيو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 38: ثواب ۽ عيوض

پنهنجي هڪ ساٿي کي، ان جي بيماري واري حالت ۾ فرمايائين، ته الله تعالىٰ تنهنجي مرض کي تنهنجي گناهن کي دور ڪرڻ جو ذريعو مقرر ڪيو آهي، چاڪاڻ ته خود مرض جو ڪو به ثواب نه آهي، مگر هو گناهن کي ميٽي ٿو، ۽ انهن کي اهڙي طرح ڇاڱي ٿو، جهڙي طرح وڻ مان پن ڇڻندا آهن. ها! ثواب ان ۾ ٿيندو آهي، جو ڪجھ زبان سان چيو وڃي، ۽ ڪجھ هٿن پيرن سان ڪيو وڃي، ۽ خداوند عالم پنهنجي بندن مان نيڪ نيتي ۽ پاڪ دامني جي سببان جنهن کي چاهي، ان کي جنت ۾ داخل ڪري ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 39: خَبّاب بن ارت

خَبّاب بن ارت جي باري ۾ فرمايائين: ته الله تعاليٰ خباب بن ارت تي پنهنجي رحمت فرمائي. هن پنهنجي رضامندي سان اسلام آندو ۽ (پنهنجي) خوشيءَ سان هجرت ڪيائين، ۽ ضرورت مطابق قناعت ڪيائين، ۽ الله تعاليٰ جي فيصلن تي راضي رهيو، ۽ مجاهدانه شان سان زندگي بسر ڪيائين.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 40: مومن ۽ منافق

جيڪڏهن آءُ مومن جي نڪ تي تلوارون هڻان ته هو مون کي دشمن سمجهي، پر تڏهن به هو مون سان دشمني نه رکندو، مگر جيڪڏهن دنيا جو سمورو مال متاع ڪافر جي اڳيان ڍير ڪري رکان، ته هو مون کي دوست ڪري سمجهي، پر تڏهن به هو مون کي پنهنجو دوست ڪري نه سمجهندو، ڇاڪاڻ ته هي اهو فيصلو آهي، جيڪو پيغمبر امّي صلي الله عليه و آله وسلم جن جي زبان مبارڪ مان ٿي ويو آهي، ته ”اي علي! ڪو به مومن تو سان دشمني نه رکندو، ۽ ڪو به منافق تو سان محبت نه ڪندو.“



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 41: خود پسندي

اهو گناهه جنهن ڪان تو کي رنج ٿئي، سو الله تعاليٰ جي نزديڪ ان نيڪي ڪان گهڻو چڱو آهي، جيڪا تو کي خود پسند بڻائي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 42: قدر افزائي

انسان جي جيتري همت هوندي آهي، اوترو ئي ان جو قدر و قيمت ٿيندو آهي، ۽ جيتري مروت ۽ جوانمردي هوندي، اوترو ئي سچ ڳالهائڻ وارو هوندو، ۽ جيتري حميّت ۽ ۽ خود داري هوندي، اوتري شجاعت هوندي، ۽ جيتري غيرت هوندي اوتري پاڪدامني هوندي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 43: هشياري ۽ احتياط

ڪاميابي، دور انديشي سان لاڳاپو رکندڙ آهي، ۽ دور انديشي، فڪر ۽ تدبر کي ڪم آڻڻ سان ۽ تدبر وري ڀيد ۽ راز کي لڪائي رکڻ سان.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 44: شريف ۽ رذيل

بکئي شريف ۽ پيٽ ڀريل ڪميني جي حملي کان ڊڄندا رهو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 45: وحشت واريون دليون

ماڻهن جون دليون وحشي جانورن مثل آهن، پوءِ جيڪو انهن کي جيئن هيرائيندو، انهيءَ وانگر جهڪنديون.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 46: خوش بختي

جيستائين، تنهنجا نصيب مددگار آهن، تيسين تنهنجا عيب ڍڪيا رهندا.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 47: معاف ڪرڻ

معاف ڪرڻ سپ ڪان زياده ان ڪي ٿهي تو، جيڪو سزا ڏيڻ تي قادر هجي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 48: سخاوت جي معنيٰ

سخاوت اها آهي، جيڪا بنا گهرڻ جي هجي، ۽ گهرڻ تي ڏيڻ يا تہ شرم آهي يا غيبت ۽ گلا کان بچڻ.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 49: چند وصفون

عقل کان وڌيڪ ڪا دولت نہ آهي، ۽ جهالت کان زياده ڪا مفلسي ۽ محتاجي نہ آهي، ادب کان وڌيڪ ڪا ميراث نہ آهي، ۽ مشوري کان وڌيڪ ڪا بہ شي مقرر ۽ مددگار نہ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 50: صبر جا ٻه قسم

صبر ٻن قسمن جو ٿئي ٿو، هڪ نہ وڻندڙ ڳالهين تي صبر، ٻيو وڻندڙ شين کان صبر.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 51: اميري ۽ غريبي

دولت هوندي ته، پرديس ۾ به ديس آهي، ۽ مفلسي هوندي ته، ديس ۾ به پرديس آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 52: قناعت

قناعت (ڪفايت) اها شاهوڪاري آهي، جيڪا ختم نٿي ٿي سگهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 53:. مال ۽ دولت

مال نفساني خواهشن جو منڍ ۽ مُنهن آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 54: نصيحت ڪندڙ جي تلخ بياني

جيڪو (برائين کان) ڊيڄاري، سو توهان جي لاءِ خوشبخري ڏيڻ واري وانگر آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 55: زبان دراز

زبان هڪ درنده (چيرڻ ڦاڙڻ واري جانور وانگر) آهي، جو جيڪڏهن انکي ڇڙواڳ ڇڏي ڏجي، ته جيڪر چيري ڦاڙي کائي ڇڏي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 56: عورت وڇون آهي

عورت هڪ اهڙو وڇون آهي، جنهن جي چنبڙڻ ۾ به مزو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 57: احسان جو بدلو

جڏهن تو تي سلام ڪيو وڃي، ته ان جو سٺي طريقي سان جواب ڏي ۽ جڏهن ڪو تو تي احسان ڪري، ته ان کان وڌيڪ (ان کي) بدلو ڏي، حالانڪ ان صورت ۾ به فضيلت اڳرائي ڪرڻ واري لاءِ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 58: سفارش

سفارش ڪرڻ وارو، اميدوار لاءِ پرن جي مثال تئي تو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 59: دنيا وارن جي غفلت

دنيا وارا اهڙن سوارن وانگر آهن، جيڪي ستا پيا آهن ۽ سفر جاري آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 60: دوستن کي وڃائڻ

دوستن کي وڃائڻ غريب الوطني (پرديس) آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 61: نا اهل کان سوال

مطلب جو هٿان نڪري وڃڻ، نا اهل جي اڳيان هٿ ڊگهيرڻ کان آسان آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 62:. سائل کي واپس نہ موٽايو

توري ڏيڻ ڪان نہ شرمايو، ڇو جو خالي هٿ ڦيرڻ تہ ان ڪان بہ ڪريل ڳالھ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 63: پاڪائي ۽ شڪر

عفت (پاڪائي) فقر (فقيري) جو زيور آهي ۽ شڪر دولت مندي جي زينت آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 64: ناڪامي ڪي خيال ۾ نہ آڻيو

جيڪڏهن توهان جي مرضي مطابق ڪم نہ بنجي سگهي، تہ پوءِ جنهن حالت ۾ هجو، تنهن ۾ مگن (خوش ۽ مست) رهو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 65: افراط و تفريط

جاهل کي ڏسندو، ته يا هو حد کان اڳتي وڌيل هوندو ۽ يا ته ان کان گهٽ پوئتي پيل.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 66: عقل جو ڪمال

جڏهن عقل وڌندو آهي، تڏهن ڳالهائڻ گهٽ ٿي ويندو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 67: زماني جو رويو

زمانو جسمن کي جهونو ۽ جهريل ڪري ڇڏي ٿو، ۽ اميدن کي تازو توانو ڪري ٿو، موت کي قريب ۽ اميدن کي پري ڪري ٿو. جيڪو زماني کان ڪجھ حاصل ڪري ٿو، سو به رنج سهي ٿو، ۽ جيڪو وڃائي ٿو، سو به ڏک سهي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 68: پيشوا جون وصفون

جيڪو ماڻهن جو پيشوا بنجي ٿو، تنهن کي، ٻين کي تعيلم ڏيڻ کان پهرين، پاڻ کي تعليم ڏيڻ گهرجي، ۽ زبان جي وسيلي، اخلاق جي سبق ڏيڻ کان پهرين، پنهنجي سيرت ۽ ڪردار جي وسيلي، تعليم ڏيڻ گهرجي، ۽ جيڪو پنهنجي نفس کي تعليم ڏي ۽ ادب سيکاري، سو ٻين کي تعليم ۽ ادب سيکارڻ واري کان زياده احترام جو مستحق آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 69: هي ساهه

انسان جو هر هڪ دم، هڪ قدم آهي، جيڪو ان کي موت جي طرف وڌائيندو رهي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 70: وڃڻ ۽ گذرڻ وارو

جيڪا شي ڳڻپ ۾ اچي، تنهن کي ختم ٿيڻ گهرجي، ۽ جنهن کي اچڻ گهرجي، اهو اچي ئي رهندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 71: آغاز ۽ انجام

جڏهن بہ ڪنهن ڪم ۾ نيڪ ۽ بد جي سڃاڻپ نہ رهي، تڏهن آغاز کي ڏسي، ان جي انجام ڪي سڃاڻڻ گهرجي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 72: ضرار جو بيان

جڏهن ضرار ابن ضمرة ضبائي، معاويه وٽ ويو ۽ معاويه، جناب امير عليه السلام جي متعلق ان کان سوال ڪيو، تڏهن هن چيو: ته آءُ انهيءَ ڳالهه جي شاهدي ٿو ڏيان ته مون ڪن موقعن تي ڪيس ڏٺو ته جڏهن رات پنهنجي اونداهي جي ڪاري چادر ڦهلائي ڇڏي، تڏهن پاڻ عبادت جي محراب ۾ بيٺل ۽ ريش مبارڪ کي هٿن ۾ جهلي، نانگ جي کاڌل وانگر ڦٿڪي رهيو هو، غمن جي ستايل وانگر پڻ روئي رهيو ۽ چئي رهيو هو ته "اي دنيا! اي دنيا! مون کان پري ٿي، ڇا منهنجي سامهون پاڻ کي آڻين ٿي! يا منهنجي لاءِ ماندي ٿي ۽ فريفته بنجي آئي آهين. تنهنجو اهو وقت شل نه اچي، (جو تون مون کي فريب ڏئي سگهين) پلا، ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي. وڃ! ڪنهن ٻئي کي پاٽي ڏي. مون کي تنهنجي خواهش نه آهي، آءُ ته ٽي دفعا تو کي طلاق ڏئي چڪو آهيان، جنهن کان پوءِ رجوع ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. تنهنجي زندگي ٿوري، تنهنجي اهميت بلڪل ئي گهٽ ۽ تنهنجي آرزو ذليل ۽ پست آهي. افسوس! مسافري جو خرچ ٿورو، رستو طويل، سفر دور دراز ۽ منزل سخت آهي."



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 73: قضا و قدر

هڪ شخص جناب امير عليہ السلام ڪان پڇيو: تہ ڇا! اسان جو شام وارن سان وڙهڻ جي لاءِ وڃڻ، قضا ۽ قدر مان هو؟ تڏهن پاڻ هڪ طويل جواب ڏنائين، جنهن جو هڪ منتخب حصو هيءُ آهي:

خدا تو تي رحم ڪري، شايد، تو قضا ۽ قدر کي حتمي ۽ لازمي سمجهيو آهي. (جنهن جي ڪرڻ لاءِ اسين مجبور آهيون). جيڪڏهن ائين هجي ها، تہ پوءِ نہ ثواب جو ڪو سوال ٿو پيدا ٿئي ۽ نہ عذاب جو. نہ وعدي جي ڪا معنيٰ رهندي، ۽ نہ وعيد جي. خداوند عالم تہ بندن کي خود مختار بنائي، حڪمن جو پابند ڪيو آهي ۽ (عذاب کان) ڊيڄاريندي، (گناهن کان) منع ڪئي آهي. هن سهل ۽ آسان تڪليف ڏني آهي، ۽ دشوارين کان بچائي رکيو آهي. هو، ٿوري عمل ڪرڻ تي زياده اجر ڏي ٿو. هن جي نافرماني انهيءَ ڪري نٿي ٿئي جو هو دٻجي ويو آهي، ۽ نہ سندس اطاعت انهيءَ ڪري ڪئي وڃي ٿي، جو هن مجبور ڪيو آهي. هن پيغمبرن کي بطور تفريح جي تہ، نہ موڪليو، ۽ بندن جي لاءِ ڪتاب بہ بي فائدا تہ نہ موڪليا آهن، ۽ آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي ڪجھ انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي، تن سيني کي بيڪار پيدا نہ ڪيو اٿس. اهو تہ انهن ماڻهن جو خيال آهي، جن ڪفر اختيار ڪيو، تہ پوءِ افسوس آهي انهن تي، جن ڪفر اختيار ڪيو، جهنم جي باھ جي عذاب ڪان.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 74: حڪمت

حڪمت جي ڳالهه جتي ٻه هجي، تنهن کي حاصل ڪريو، ڇو جو حڪمت منافق جي سيني ۾ ٻه ٽيندي آهي، پر جڏهن ان وٽان نڪري مومن جي سيني تائين نه پهچندي آهي، تيسين تڙڦندي رهي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 75: حڪمت جو سرمايو

حڪمت مومن جي ئي گم ٿيل شيءِ آهي، تنهن ڪي حاصل ڪريو، جيتوڻيڪ منافق ڪان وٺي پوي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 76: قدر هنر جي و قيمت

هر شخص جي قيمت اهو هنر آهي، جيڪو ان شخص ۾ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 77:. پنج نصيحتون

توهان کي اهڙين پنجن ڳالهين جي هدايت ڪئي وڃي ٿي، جيڪڏهن انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اٺن کي ڪڙيون هٽي تيز هڪليندا، ته پوءِ اهي به انهيءَ قابل ٿينديون.

توهان مان ڪو به شخص الله تعالىٰ کان سواءِ ڪنهن ۾ به اميد نه رکي، ۽ هن جي گناهه کان سواءِ ڪنهن شيءِ کان خوف نه ڪري، ۽ جيڪڏهن توهان مان ڪنهن کان به ڪا اهڙي ڳالهه پڇي وڃي، جنهن کي اهو نه ڄاڻندو هجي، ته پوءِ ائين چوڻ ۾ نه شرمايو، ته مون کي خبر نه آهي، ۽ جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن ڳالهه کي نٿو ڄاڻي، ته ان جي سکڻ ۾ نه شرمايو، ۽ صبر ۽ بردباري اختيار ڪريو، ڇو جو صبر کي ايمان سان اها نسبت آهي، جيڪا سر کي بدن سان ٿئي ٿي، جيڪڏهن سر نه هجي ته بدن بيڪار آهي. اهڙي طرح ايمان سان صبر نه هوندو، ته پوءِ ايمان ۾ ڪا خوبي ناهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 78: مدح سرائي

هڪ شخص سندس نهايت زياده تعريف ڪئي، حالانڪ هو سائنس عقيدت ۽ ارادت نہ رکندڙ هو، تڏهن پاڻ فرمايائين تہ: جيڪي تنهنجي زبان تي آهي، آءُ ان کان گهٽ آهيان، ۽ جيڪي تنهنجي دل ۾ آهي، تنهن کان زياده آهيان.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 79: تلوار کان بچيل

تلوار کان بچيل ماڻهو زياده باقي رهندا آهن، ۽ انهن جو نسل بہ زياده ٿئي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 80: سيني عملن کان واقف

جنهن بہ ائين چوڻ ڇڏي ڏنو تہ ”آءُ نٿو ڄاڻان“، تہ اهو چوٽ کائڻ وارين جاين تي چوٽ کائيندو رهندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 81: وڏن جو مشورو

پوڙهي جي راءِ مون کي، جوان جي همت کان زياده پسند آهي. (هڪ روايت ۾ هيئن به آهي) ته ”پوڙهي جي راءِ مون کي جوان جي خطري ۾ بي خوف تي رهڻ کان زياده پسند آهي.“



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 82: استغفار

ان شخص تي تعجب ٿئي ٿو، جيڪو توبھ جي گنجائش هوندي بہ مايوس ٿي وڃي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 83: هڪ نازڪ نتيجو

ابو جعفر محمد بن علي الباقر عليهما السلام کان روايت ڪئي آهي ته امير المومنين فرمايو ته: دنيا ۾ الله تعالىٰ جي عذاب کان ٻه شيون امان جو باعث هيون، هڪ انهن مان کڃي وئي، مگر ٻي توهان وٽ موجود آهي. تنهن ڪري ان کي مضبوطيءَ سان جهليندا رهو. اها امان جيڪا کڃي وئي سا رسول الله صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن هئا، ۽ اها امان، جيڪا باقي آهي، سا توبهہ ۽ استغفار آهي، جيئن ته الله سبحانہ فرمايو آهي ته:

”الله انهن ماڻهن تي عذاب نہ ڪندو، جيستائين تون انهن ۾ موجود آهين، ۽ الله انهن ماڻهن تي ٻہ عذاب نہ آڻيندو جيستائين اهي ماڻهو توبهہ ۽ استغفار ڪري رهيا هوندا.“



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 84: آخرت کي سنوارڻ

جنهن پنهنجي ۽ الله تعاليٰ جي وچ ۾ معاملات کي ٺيڪ رکيو، ته الله تعاليٰ ان جا ۽ ماڻهن جا معاملات پڻ سلجهائي رکندو، ۽ جنهن پنهنجي آخرت کي سنواريو، ته الله تعاليٰ ان جي دنيا به سنواريندو، ۽ جيڪو خود پنهنجو پاڻ کي نصيحت ڪندو رهي ٿو ته پوءِ الله جي طرفان به ان جي حفاظت ٿيندي رهندي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 85: پورو علم

صحيح عالم ۽ دانا اهو آهي، جيڪو ماڻهن کي خدا جي رحمت کان مايوس نہ ڪري، ۽ ان جي طرفان حاصل ٿيڻ واري راحت کان نا اميد نہ ڪري ۽ نہ انهن کي الله تعالىٰ جي عذاب کان بلڪل مطمئن ڪري.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 86: دل جي مفلسي

دليون بہ اهڙي طرح ٿڪجن ٿيون، جهڙي طرح بدن ٿڪجي پوندا آهن، تنهن ڪري (جڏهن ائين ٿئي تہ) پوءِ انهن جي (وندرائڻ) لاءِ لطيف حڪيمانہ نڪتا تلاش ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 87: علم بي عمل

اهو علم نهايت بيقدر و قيمت آهي، جيڪو فقط زبان تائين رهجي وڃي، ۽ اهو علم نهايت بلند مرتبي وارو آهي جيڪو عضون ۽ هٿن پيرن ۽ زبان مان نمودار ٿئي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 88: فتني جو تفسير

توهان مان ڪو به شخص ائين نه چوي ته ”اي الله! آءُ تو کان فتني ۽ آزمائش کان پناه ٿو گهران“. انهيءَ ڪري جو ڪو به اهڙو شخص نه آهي، جيڪو فتني جي لپيٽ ۾ نه هجي بلڪ جيڪو پناه گهري، سو گمراه ڪرڻ وارن فتنن کان پناه گهري. ڇاڪاڻ ته الله سبحانه جو ارشاد آهي، ته ”انهيءَ ڳالهه کي سمجهي ڇڏيو، ته توهان جو مال ۽ اولاد فتنو آهي“. ان مان اها مراد آهي، ته الله تعاليٰ ماڻهن کي مال ۽ اولاد جي ذريعي آزمائي ٿو، ته جيئن اهو ظاهر ٿي وڃي، ته ڪير پنهنجي روزي تي بيقرار آهي، ۽ ڪير پنهنجي قسمت تي شاڪر آهي. جيتوڻيڪ الله سبحانه انهن کي ايترو سڃاڻي ٿو، جيترو هو خود به پاڻ کي ايترو نٿا سڃاڻن. ليڪن اها آزمائش انهيءَ ڪري آهي، ته اهي افعال سامهون اچي وڃن جن کان ثواب ۽ عذاب جي تحقيق پيدا ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ ته ڪي نريني اولاد کي چاهين ٿا، ۽ نياڻين کان دل جا ڏکويل ٿا ٿين، ۽ وري ڪي مال وڌائڻ کي پسند ڪن ٿا، ۽ ڪي شڪسته حالي (تنگ دستي) کي برو سمجهن ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 89: خير جي تشريح

حضرت کان پڇيو ويو، ته نيڪي ڪهڙي شيءِ آهي؟ تڏهن فرمايائين ته نيڪي اها نه آهي، ته توهان جي مال ۽ اولاد ۾ اضافو ٿئي، بلڪ نيڪي اها آهي، ته توهان جو علم زياده ۽ حلم به زياده هجي، ۽ پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي عبادت تي ناز ڪري سگهو. هاڻي جيڪڏهن چڱا ڪم ڪريو، ته الله تعاليٰ جو شڪر بجا آڻيو، ۽ جيڪڏهن ڪنهن برائي وارو گناهه ڪريو، ته پوءِ توبهه ۽ استغفار ڪريو، ۽ دنيا ۾ فقط ٻن شخصن لاءِ ڀلائي آهي. هڪ اهو، جيڪو گناهه ڪري ته توبهه سان ان جو بدلو پورو ڪري، ۽ ٻيو اهو جيڪو نيڪ ڪمن ۾ تيزگام هجي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 90: ويجهڙائي جي ڪسوٽي

نبين سان زياده خصوصيت انهن ماڻهن کي حاصل ٿئي ٿي، جيڪي انهن جي آندل ڳالهين جو زياده علم رکندا هجن (۽ پوءِ حضرت هن آيت جي تلاوت ڪئي) "ابراهيم سان وڌيڪ خصوصيت انهن ماڻهن کي هئي، جيڪي ان جا فرمانبردار هئا، ۽ هاڻي هن نبي (صلعم) ۽ ايمان آڻڻ وارن کي خصوصيت آهي (وري فرمايائين) ته حضرت محمد مصطفىٰ صلي الله عليه و آله و سلم جن جو دوست اهو آهي، جيڪو الله تعالىٰ جي اطاعت ڪري، جيتوڻيڪ ساڻن ڪا قرابت نه رکندو هجي، ۽ سندن دشمن اهو آهي، جيڪو الله تعالىٰ جي نافرماني ڪري پوءِ ڪٿي اهو ويجهي قرابت وارو هجي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 91: هڪ خارجي جي عبادت

هڪ خارجي جي متعلق پاڻ ٻڌائين ته اهو تهجد جي نماز پڙهي ٿو، ۽ قرآن جي تلاوت ڪري ٿو. تڏهن حضرت فرمايو ته يقين جي حالت ۾ سمهڻ، شڪ جي حالت ۾ نماز پڙهڻ کان بهتر آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 92: زباني نقل ۽ دانائي

جڏهن به ڪا حديث ٻڌو ته ان کي عقل جي معيار تي پرکيو، فقط لفظن جي نقل تي بس نه ڪريو، ڇو جو علم جي نقل ڪرڻ وارا ته ڪيترائي آهن، ۽ ان ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ وارا گهٽ آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 93: انا لله و انا اليہ راجعون جو تفسير

هڪ شخص کي ”انا لله و انا اليہ راجعون“ (اسين الله جا آهيون ۽ اسان کي ان ڏي موٽڻو آهي) چوندي ٻڌو ويو، تڏهن پاڻ فرمايائين، تہ اسان جو ائين چوڻ تہ ”اسين الله جا آهيون“ سو هن جي ملڪيت هئڻ جو اعتراف آهي، ۽ وري ائين چوڻ تہ ”اسان کي ان جي طرف موٽڻو آهي“، اهو پنهنجي لاءِ فنا جو اقرار آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 94: مدح جو جواب

ڪجھ ماڻھن سندس روبرو سندس ئي مدح سرائي ڪئي، تڏھن چيائين تہ: اي الله! تون مون کي مون کان بہ زياده ڄاڻين ٿو، ۽ ھنن ماڻھن کان وڌيڪ آءُ پنھنجي نفس کي سڃاڻان ٿو. اي خدا! جيڪو ھنن ماڻھن جو خيال آھي، مون کي ان کان بھتر مقرر ڪر ۽ انھن (خطائن) کي بخش ڪر جن جو ھنن کي علم نہ آھي



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 95: حاجت روائي

حاجت روائي ٽن ڳالهين کان سواءِ پائدار نٿي ٿئي، ان کي ٿورو سمجهيو وڃي ته جيئن اها زياده ٿي پوي، ان کي لڪايو وڃي ته اها خود بخود ظاهر ٿي پوي، ۽ ان ۾ جلدي ڪئي وڃي، ته اها خوشگوار ٿي پوي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 96: هڪ پيشن گوئي

ماڻھن تي ھڪ اھڙو بہ زمانو ايندو، جنھن ۾ اھي بارگاھن ۾ مقرب ھوندا، جيڪو ماڻھن جا عيب بيان ڪرڻ وارو ھوندو. سو ئي خوش مزاق سمجھيو ويندو جيڪو فاسق ۽ فاجر ھوندو ۽ انصاف پسند کي ڪمزور ۽ ناتوان سمجھيو ويندو، صدقي کي ماڻھو خسارو سمجھندا. قرابتدارن ۽ عزيزن سان سٺي سلوڪ ڪرڻ کي احسان سمجھندا ۽ عبادت ماڻھن تي فوقيت ۽ وڏائي ڏيکارڻ، ڀڏائڻ خاطر ھوندي. اھڙي زماني ۾ حڪومت جو دارومدار عورتن جي مشوري ۽ نوجوان ڇوڪرين جي ڪارفرمائي ۽ خواجہ سرائن جي تدبير ۽ راءِ تي ھوندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 97: پراڻو لباس

حضرت جي جسم مبارڪ تي هڪ پراڻو ۽ چتين لڳل پهراڻ ڏٺو ويو، تڏهن ڪيس ان باري ۾ چيو ويو، جنهن بعد فرمايائين، ته هن (لباس) سان دل خاطري ڪندڙ نفس مطيع ۽ قبضي ۾ ٿئي ٿو ۽ مومن ان جي پيروي ڪن ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 98: دنيا ۽ آخرت

دنيا ۽ آخرت پاڻ ۾ ٻه ابتڙ اڻ پورا دشمن ۽ ٻه جدا جدا رستا آهن، سو جيڪو دنيا کي چاهيندو ۽ ان سان دل لڳائيندو، سو آخرت سان وير ۽ دشمني رکندو، اهي ٻئي بجاءِ اوڀر ۽ اولهه جي آهن ۽ انهن ٻنهي طرفن جي وچ ۾ هلڻ وارو جڏهن به هڪ جي ويجهو ٿيندو، تڏهن ٻئي (طرف) کان پري ٿيٺو پوندس، ۽ وري انهن ٻنهي جو پاڻ ۾ اهڙو رشتو آهي جهڙو ٻن پهاڄُن جو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 99: نوف بڪالي جو بيان

نوف (ابن فضالہ) بڪالي چوي ٿو، تہ مون رات امير المومنين عليہ السلام کي ڏٺو، تہ هو بستري تان اٿي، ستارن ڏي ڏٺائين، ۽ پوءِ فرمايائين، تہ اي نوف! ستو پيو آهين يا جاڳين پيو؟ مون عرض ڪيو، تہ يا امير المومنين! آءٌ جاڳان پيو. پاڻ فرمايائين تہ اي نوف! خوش نصيب آهن اهي، جن دنيا ۾ زهد اختيار ڪيو ۽ سمورو ڌيان آخرت جي طرف ڏنائون. هي اهي ماڻهو آهن، جن زمين کي فرش، مٽي کي بسترو ۽ پاڻي کي خوشگوار شربت مقرر ڪيو. قرآن کي سيني سان لڳايائون ۽ دعا کي ڍال بنايائون. پوءِ حضرت مسيح وانگر پلئو ڇنڊي دنيا کان الڳ ٿلڳ ٿي ويا.

اي نوف! دائود عليہ السلام رات جي انهيءَ حصي ۾ اٿيو، ۽ فرمايائين، تہ هي اها گهڙي آهي، جنهن ۾ بندو جيڪا بہ دعا گهرندو، سا مستجاب (قبول) ٿيندي سواءِ ان شخص جي، جيڪو سرڪاري محصول وصول ڪرڻ وارو، يا ماڻهن جون برايون ڪرڻ وارو يا (ڪنهن ظالم حڪومت جي) پوليس ۾ هوندو يا سارنگي يا طبلي يا دهل وڄائڻ وارو هوندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 100: فرضن جي پابندي

الله تعاليٰ توهان تي چند فرض مقرر ڪيا آهن. جن کي ضايع نہ ڪريو، ۽ توهان جي ڪمن جون حدون مقرر ڪيون اٿس، انهن کان وڌيڪ نہ ڪريو، هن ڪن ڳالهين کان توهان کي منع بہ ڪئي آهي، ان جي خلاف ورزي نہ ڪريو، ۽ جن چند ڳالهين جو هن حڪم بيان نہ ڪيو آهي، تن کي بہ ڀل کان نہ ڇڏيو آهي، تنهن ڪري خواه مخواه انهن کي ڇاڻ جي ڪوشش نہ ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 101: دين کان بي پرواهي

جيڪي ماڻهو پنهنجي دنيا سنوارڻ لاءِ دين تان هٿ کڻن ٿا، ته الله تعاليٰ ان دنيوي فائدن کان ڪيتريون ئي وڌيڪ انهن لاءِ نقصان جون صورتون پيدا ڪري ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 102: بي فائدو علم

ڪيترن ئي پڙهيلن کي (دين کان) بي خبري تباهه ڪري ڇڏي ٿي، ۽ جيڪو علم انهن وٽ هوندو آهي، سو انهن کي ذرو به فائدو نٿو پهچائي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 103: دل جي حالت

هن انسان کان به زياده عجيب اهو گوشت جو هڪ لوٿڙو (ڇميل خون سان گوشت جو وڏو ٽڪڙو) آهي، جيڪو ان جي هڪ رڳ سان ٽنگيو ويو آهي، ۽ اها دل آهي، جنهن ۾ حڪمت ۽ دانائي جا ذخيرا آهن، ۽ ان جي برخلاف به صفتون موجود آهن. جيڪڏهن ان کي اميد جي جهلڪ نظر اچي ٿي، ته پوءِ طمع ان کي ذلت ۾ مبتلا ڪري ٿي، ۽ جيڪڏهن طمع اڀري ٿي، ته پوءِ ان کي حرص تباهه ۽ برباد ڪري ٿو، پر جيڪڏهن نا اميدي ان تي ڇانئجي وڃي ٿي، ته پوءِ حسرت ۽ رنج ڏک ان لاءِ دشمن بڻجي وڃن ٿا، ۽ جيڪڏهن غضب ان تي طاري ٿئي ٿو، ته پوءِ غم ۽ غصو شدت اختيار ڪري وٺي ٿو. ۽ جيڪڏهن خوش ۽ خوشنود ٿئي ٿو، ته پوءِ پهرين کان ئي بچاءُ ڪرڻ کي وساري ڇڏي ٿو. ۽ جيڪڏهن اوچتو ان تي خوف طاري ٿئي ٿو، ته پوءِ فڪر ۽ انديشو ٻين قسمن جي تصورن کان ان کي روڪي ٿو. جيڪڏهن امن و امان جو دور دوره ٿئي ٿو ته پوءِ غفلت ان تي قبضو ڪري ٿي ۽ جيڪڏهن مال ۽ دولت حاصل ڪري ٿو ته پوءِ دولتمندي ان کي سرڪش بڻائي ڇڏي ٿي، ۽ جيڪڏهن ان تي ڪا مصيبت اچي ٿي، ته پوءِ گهٻراهٽ ۽ بيقراري ان کي خوار ڪري ڇڏي ٿي، ۽ جيڪڏهن فقر ۽ فاقه جي تڪليف ۾ مبتلا ٿئي ٿو، ته پوءِ مصيبت ۽ آزمائش ان کي ڇڪي ٻڌي ٿي، ۽ جيڪڏهن بک ان تي غلبو ڪري ٿي، ته پوءِ ڪمزوري ان کي اٿڻ نٿي ڏي، ۽ جيڪڏهن ڍئو وڌي وڃي ٿو، ته پوءِ اهو ڍئو هن لاءِ ڏک درد ۽ اذيت جو باعث ٿئي ٿو. هر ڪوتاهي ان لاءِ نقصانڪار ۽ حد کان وڌيڪ گهٽائي يا ڏاڍائي ان لاءِ تباهي ۽ بد نصيبي ٿئي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 104: هدايت جو مرڪز

اسين (اهلبيت) ئي اهي برابر درست نشانن وارا مرڪز آهيون، جتي پوئتي رهجي ويندڙن کي انهن سان اچي ملڻو آهي، ۽ اڳتي وڌي ويندڙن کي انهن ڏانهن موٽي اچڻو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 105: حاڪم جون وصفون

الله تعاليٰ جي حڪم جو فرمان، اهو جاري ڪري سگهي ٿو، جيڪو (حق جي معاملي ۾) نرمي نہ ڪري، عاجزي ۽ ڪمزوري جو اظهار نہ ڪري، ۽ حرص ۽ طمع جي پٺيان نہ لڳي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 106: سهل ابن حنيف

سهل ابن حنيف انصاري، جناب امير عليہ السلام ڪي سيني ماڻهن کان وڌيڪ پيارو هو. هي جڏهن حضرت سان همراه ٿي صفين کان موٽي ڪوفي ۾ پهتو، تہ انتقال ڪيائين، جنهن تي حضرت فرمايو، تہ ”جيڪڏهن پهاڙ بہ مون کي دوست رکندو تہ اهو بہ پرزا پرزا ٿي ويندو.“



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 107: اهل بيت جي محبت

جيڪو اسان اهلبيت سان محبت ڪري، تنهن کي ”جامئہ فقر“ (فقيري جي پوشاڪ) پهرڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 108: وڏندڙ وصفون

عقل کان وڌيڪ ڪو به مال فائديمند ناهي ۽ تڪبر کان وڌيڪ ڪا به تنهائي وحشتناڪ نہ آهي، ۽ تدبير کان وڌ ڪا به عقل جي ڳالھ نہ آهي، ۽ ڪا بہ بزرگي، تقوىٰ جي مثل ناهي، خوش خلقي کان بهتر ڪو ساٿي نہ آهي، ۽ ادب جهڙي ڪا ميراث نہ آهي، ۽ توفيق جهڙو ڪو رهنما ناهي، ۽ خير جي عملن کان وڌيڪ ڪو واپار نہ آهي، ۽ ثواب جهڙو ڪو نفعو ناهي، ۽ پرهيزگاري جو مطلب ئي اهو آهي، تہ شڪ شبهن وارن موقعن تي ڍر ڏئي، دير ڪري ۽ حرام جي طرف بي رغبتي کان وڌيڪ ڪو زهد نہ آهي. فڪر ۽ عاقبت انديشي کان بهتر ڪو علم نہ آهي، ۽ فرض جي ادائيگي کان بهتر ڪا عبادت ناهي ۽ حيا ۽ صبر کان وڌيڪ ڪو ايمان ناهي، ۽ مسڪيني کان وڌيڪ ڪا سرفرازي ناهي، ۽ علم جهڙي ڪا بزرگي ۽ شرافت ناهي، ۽ حلم جهڙي ڪا عزت ناهي، ۽ مشوري کان مضبوط ڪا پشت پناهہ ناهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 109: خوش گماني ۽ بدگماني

جڏهن دنيا ۽ دنيا وارن ۾ نيڪي واري هلت چلت هجي ۽ پوءِ ڪو شخص ڪنهن اهڙي شخص سان جنهن کان خواري واري ڪا ڳالهه ظاهر نہ ٿي آهي، تنهن باري ۾ بدگماني رکي، تہ ان مٿس ظلم ۽ زيادتي ڪئي ۽ جڏهن دنيا ۽ دنيا وارن تي شر ۽ فساد جو غلبو هجي، ۽ پوءِ ڪو شخص، ڪنهن ٻئي شخص تي نيڪ گمان رکي، تہ ان ماڻهو (پنهنجو پاڻ کي) خطري ۾ وڌو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 110: خير عافيت پڇڻ جو جواب

جناب امير عليہ السلام ڪان پڇو ويو، تہ توهان جو ڪهڙو حال آهي؟ تڏهن فرمايائين تہ ان جو ڪهڙو حال هوندو، جنهن کي زندگي، موت جي طرف وٺي ويندي هجي. ۽ جنهن جي صحت، بيماري جو پيش خيمو هجي، ۽ جنهن کي پنهنجي پناهہ گاهہ مان گرفت ۾ ورتو ويو هجي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 111: آزمائش

ڪيترائي ماڻهو اهڙا آهن، جن کي نعمتون ڏئي رفتہ رفتہ عذاب جو مستحق بڻايو وڃي ٿو ۽ ڪيترائي ماڻهو اهڙا آهن، جيڪي الله تعالىٰ جي پرده پوشي کان ڌوڪو کائي ويٺا آهن. ۽ پنهنجي باري ۾ پڏائڻ وارا لفظ ٻڌي، فريب ۾ پئجي ويا آهن، ۽ مهلت ڏيڻ کان زياده الله تعالىٰ جي طرفان ڪا بہ وڏي آزمائش نہ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 112: دشمن ۽ دوست

منهنجي باري ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو تباهه ۽ برباد ٿيا: هڪڙا چاهڻ وارا جيڪي حد کان وڌي ويا ۽ ٻيا اهي دشمني رکڻ وارا جيڪي عداوت رکن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 113: موقعي وڃائڻ جو نتيجو

موقعي کي هٿان وڃائڻ، رنج ۽ افسوس جو سبب ٿئي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 114: دنيا جو هڪ مثال

دنيا جو مثال نانگ وانگر آهي، جيڪو ڇهڻ ۾ ته نرم معلوم ٿئي، مگر ان جي اندر زهر قاتل ڀريل آهي، فريب کاڌل جاهل ان جي طرف ڇڪجي ويجي ٿو، ۽ هوش وارو دانا ان کان بچندو رهي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 115: قريش جون خصوصيتون

حضرت کان قريش جي باري ۾ سوال ڪيو ويو، تڏهن فرمايائين ته:

)قبيلہ ء) بني مخزوم، قريش جو سُرهو گل آهي، انهن جي مردن سان گفتگو ۽ انهن جي عورتن سان شادي ڪرڻ وڻندڙ آهي، ۽ بني عبد شمس وارا دور انديش ۽ غير حاضري ۾ لڪل ڳالهين جي پوري روڪٿام ڪرڻ وارا آهن، ليڪن اسين (بني هاشم) سو جيڪي اسان جي هٿ ۾ هوندو آهي، تنهن کي ڪپائي ڇڏيندا آهيون، ۽ موت اچڻ تي جان ڏيون ٿا، نهايت جوان مرد هوندا آهيون، ۽ اهي (بني عبد شمس) ڳڻڻ ۾ زياده حيلہ باز ۽ بد صورت هوندا آهن، ۽ اسين خوش گفتار خير خواه ۽ خوبصورت هوندا آهيون.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 116: ٻه عمل

انهن ٻن قسمن جي عملن ۾ ڪيترو نه فرق آهي، هڪ اهو عمل، جنهن جي لذت متجي وڃي ٿي، ليڪن ان جو بار رهجي وڃي، ۽ ٻيو اهو عمل، جنهن جي سختي ختم ٿي وڃي، ليڪن ان جو اجر ۽ ثواب باقي رهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 117: جنازي جي پٺيان هلڻ

جناب امير عليہ السلام هڪ جنازي جي پٺيان وڃي رهيو هو، ته هڪ شخص جي کلڻ جو آواز ٻڌائين، جنهن تي پاڻ فرمايائين ته:

چڻ ته هن دنيا ۾ موت، اسان کان علاوه ٻين لاءِ لکيو ويو آهي، ۽ چڻ ته هي حق (موت) ٻين تي ئي لازم آهي ۽ چڻ ته جن مرڻ وارن کي اسين ڏسون ٿا، سي مسافر آهن، جيڪي عنقريب اسان جي طرف موٽي ايندا. هوڏانهن اسين انهن کي قبرن ۾ لاهيون ٿا، ۽ هيڏانهن انهن جي ڇڏيل ميراث کي کائڻ لڳون ٿا. چڻ ته انهن کان پوءِ اسين هميشہ رهڻ وارا آهيون، ۽ وري اسان هر نصيحت ۽ هدايت ڪرڻ واري کي، پوءِ اهو مرد هجي يا عورت، تن کي وساري ڇڏيو آهي، ۽ هر مصيبت جو نشانو بڻجي ويا آهيون.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 118: چند صفتون

خوشا نصيب ان جا، جنهن پنهنجي جاءِ تي مسڪيني اختيار ڪئي، جنهن جي ڪمائي پاڪ، پاڪيزه نيت نيڪ ۽ عادت ۽ خصلت وڻندڙ رهي. جنهن پنهنجي ضرورت کان بچيل مال خدا جي راهه ۾ صرف ڪيو. بيڪار ڳالهين کان پنهنجي زبان کي روڪيائين. مردم آزاري کان ڪناره ڪش رهيو، سنت ان کي ناگوار نہ لڳي، ۽ بدعت جي طرف منسوب نہ ٿيو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 119: غيرت

عورت جو غيرت ڪرڻ ڪفر آهي، مرد جو غيور ٿيڻ ايمان آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 120: حقيقي اسلام

آءُ اسلام جي اهڙي صحيح تعريف بيان ڪريان ٿو، جو مون کان پهرين ڪنهن به بيان نہ ڪئي. اسلام سر کي جهڪائڻ آهي، ۽ بندگي وارو سر جهڪائڻ يقين آهي، ۽ يقين، تصديق آهي. ۽ تصديق اقرار ڪرڻ آهي. ۽ اقرار ڪرڻ فرض جي بجا آوري آهي. ۽ فرض جي بجا آوري عمل آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 121: تعجب واريون ڳالهيون

مون کي تعجب ٿئي ٿو بخيل تي، هو جنهن فقر ۽ ناداري کان ڀڄڻ چاهي ٿو. تنهن جي طرف تيزيءَ سان وڌي ٿو. ۽ جنهن دولت ۽ خوش حاليءَ جو طالب ٿئي ٿو، سا هن جي هٿ مان نڪري وڃي ٿي. هو دنيا ۾ فقيرن واري زندگي بسر ڪري ٿو، ۽ آخرت ۾ دولت مندن جهڙو حساب ان کان ورتو ويندو.

۽ مون کي تعجب ٿئي ٿو وڏائي واري ۽ مغرور تي، جيڪو ڪالهه هڪ نطفو هو ۽ سڀاڻي مردار ٿيندو، ۽ مون کي تعجب آهي ان تي، جيڪو الله تعاليٰ جي پيدا ڪيل ڪائنات کي ڏسي ٿو، ۽ پوءِ بہ ان جي وجود ۾ شڪ ڪري ٿو.

۽ تعجب آهي ان تي، جيڪو مرڻ وارن کي ڏسي بہ ٿو. ۽ پوءِ موت کي وساري ڇڏي ٿو. ۽ تعجب آهي ان تي، جيڪو شروعاتي پيدائش کي ڏسي ٿو، پر وري ٻيهر اٿڻ جو انڪار ڪري ٿو، ۽ تعجب آهي ان تي جيڪو سرائي فاني کي آباد ڪري ٿو ۽ بقا واري منزل کي ڇڏي ڏي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 122: عمل جي ڪوتاهي جو نتيجو

جيڪو عمل ۾ ڪوتاهي ڪري ٿو، سو رنج ۽ ڳڻتي ۾ مبتلا رهي ٿو ۽ جنهن جي جان ۽ مال ۾ الله تعاليٰ جو ڪجهه به حصو نہ هجي، الله تعاليٰ کي اهڙي جي ڪا ضرورت نہ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 123: بهار ۽ خزان ۾ احتياط

شروع واري سردي ۾ سردي کان احتياط ڪريو ۽ آخر ۾ ان جو خير مقدم ڪريو، ڇو جو سردي جسمن ۾ اهو ڪري ٿي، جيڪو هوءَ وڻن ۾ ڪري ٿي، ۽ ابتدا ۾ وڻن کي ساڙي ڇڏي ٿي ۽ پڇاڙيءَ جو سرسبز و شاداب ڪري ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 124: خالق جي عظمت

الله تعاليٰ جي عظمت جو احساس، توهان جي نظرن ۾ ڪائنات کي حقير ۽ پست ڪري ڇڏيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 125: مئلن کي خطاب

صفين کان موٽنديءَ ڪوفه کان ٻاهر قبرستان تي نظر پوڻ سان فرمايائين ته:

اي وڏندڙ وحشت وارن گهرن، برباد مڪانن ۽ اونداهي وارين قبرن ۾ رهڻ وارو! اي خاڪ نشينو! اي مسافري جي عالم ۾ رهڻ وارو! اي اڪيلائي ۽ ڏکيائي ۾ گذارڻ وارو! توهان تکا آهيو، جو اسان کان اڳتي وڌي ويا آهيو ۽ اسين توهان جي نقش قدم تي هليءَ توهان سان ملڻ چاهيون ٿا. هاڻي صورت اها آهيءَ ته توهان جي گهرن ۾ ٻيا آباد ٿي ويا آهن. زالن سان ٻين نڪاح وڏا آهن ۽ توهان جو مال ۽ اسباب ورهائجي چڪو آهي. اها ته اسان جي (ملڪ) هتي جي خبر آهي. هاڻي توهان ٻڌايو ته ايڏانهن جي ڪهڙي خبر آهي؟

)پوءِ حضرت پنهنجي اصحابن جي طرف متوجه ٿي فرمايو ته) جيڪڏهن هنن کي ڳالهائڻ جي اجازت ڏني وڃيءَ ته هي توهان کي ٻڌائيندا، ته بهترين مسافري جو توشو تقويٰ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 126: دنيا جي تعريف

هڪ شخص کي دنيا جي (گلا) ڪندي ٻڌندي، فرمايائين ته:

اي دنيا جي برائي ڪرڻ وارا! ان جي فريب ۾ مبتلا ٿيڻ وارا، ۽ ان جي غلط سلط ڳالهين جي ڌوڪي ۾ اچڻ وارا! تون ان تي عاشق ٿين ٿو ۽ وري ان جي مذمت به ڪرين ٿو. ڇا، تون دنيا کي مجرم بڻائڻ جو حق رکين ٿو يا هو تو کي مجرم (ڏوهاري) بڻائي ته حق بجانب آهي؟ دنيا ته ڪڏهن کان تنهنجا هوش حواس ختم ڪري ڇڏيا. ۽ ڪهڙي ڳالھ سان فريب ڏنائين؟ ڇا! هلاڪت ۽ پيري سان تنهنجي پيءُ ڏاڏي جي مرده ٿي ڪرڻ سان يا مٽيءَ جي هيٺان تنهنجي مائن جي سمهڻ سان؟ تو ڪيترن بيمارن جي سنڀال ڪئي، ۽ ڪيترا دفعا خود انهن جو علاج ڪيو. انهيءَ صبح جو جڏهن نه دوا ڪارگر ٿيندي نظر آئي، ۽ نه تنهنجو روڄ راڙو انهن لاءِ ڪجھ مفيد ٿيو. تون انهن لاءِ شفا جو خواهشمند هئين، ۽ طبيبن کان دوا دارون پڇندو ڦرندو پئي وتين، انهن مان ڪنهن هڪ لاءِ تنهنجو انديشو فائديمند ثابت نه ٿي سگهيو، ۽ تنهنجو مقصد حاصل نه ٿيو، ۽ پنهنجي معالج تان تون موت کي ان بيماري کان هٽائي نه سگهين. دنيا ته ان ڳالھ جي پردي ۾ خود تنهنجو انجام (پڇاڙي) ۽ ان جي مرڻ سان خود تنهنجي مرڻ جو نقشو به تو کي ڏيکاري ڇڏيو. بيشڪ! دنيا ان شخص لاءِ جيڪو يقين ڪري، سچائي جو گھر آهي ۽ جيڪو ان جي انهن ڳالهين کي سمجهي، تنهن لاءِ امن ۽ عافيت جي منزل آهي ۽ ان کان توشو حاصل ڪري، ان لاءِ دولتمندي جي منزل آهي، ۽ جيڪو ان کان نصيحت حاصل ڪري تنهن لاءِ وعظ ۽ نصيحت جو محل آهي، اها خدا جي دوستن لاءِ عبادت جي جاءِ، الله تعالىٰ جي فرشتن لاءِ نماز پڙهڻ جو مقام، خدائي وحي جي منزل ۽ اوليا الله جي تجارت گاھ آهي. هنن ان ۾ فضل ۽ رحمت جو سودو ڪيو، ۽ ان ۾ رهندي جنت کي فائدي ۾ حاصل ڪيو، ته هاڻي ڪير آهي، جيڪو دنيا جي غيبت ڪري؟ جڏهن هن پنهنجي جدا ٿيڻ جو اطلاع ڏئي ڇڏيو آهي، ۽ پنهنجي علحدگي جو اعلان به ڪري ڇڏيو آهي، ۽ پنهنجي رهڻ وارن جي موت جي خبر به ڏئي ڇڏي آهي، تنهن ڪري هن پنهنجي آزمائش سان آزمائش جي به خبر ڏني آهي، ۽ پنهنجي خوشين ۽ مزن سان آخرت جي خوشين ۽ فرحتن جو پڻ شوق ڏياريو آهي. انهيءَ رغبت ڏيارڻ ۽ ديڄارڻ، خوفزده ڪرڻ ۽ تنبيھ ڪرڻ لاءِ شام جو امن ۽ عافيت وارو ۽ صبح جو ڏک ۽ ڳڻتيءَ وارو ڪئي اچي ٿي، ته جن ماڻهن شرمسار ٿي صبح ڪيو، سي ئي ان جي گلا ڪرڻ لڳا، ۽ ٻيا ماڻهو وري قيامت جي ڏينهن ان جي تعريف ڪندا، ته دنيا انهن کي آخرت جي ياد ڏياري، ته پوءِ انهن ياد رکيو. ۽ ان کين خبر ڏني، ته انهن تصديق ڪئي، ۽ ان کين پند و نصيحت ڪئي ته انهن به نصيحت حاصل ڪئي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 127: فرشتي جي ندا

الله تعاليٰ جو هڪ فرشتو هر روز اها ندا ڪري ٿو، ته موت لاءِ اولاد پيدا ڪريو، برباد ٿيڻ لاءِ جمع ڪريو ۽ تباهه ٿيڻ لاءِ عمارتون ڪڙيون ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 128: فاني دنيا

دنيا اصل قرار (بقا) جي منزل لاءِ هڪ گذرگاهه آهي، جنهن ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو آهن: هڪڙا اهي جن ان ۾ پنهنجي نفس کي وڪڻي هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ ٻيا اهي، جن پنهنجي نفس کي خريد ڪري، آزاد ڪري ڇڏيو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 129: دوستي جا شرط

دوست ان وقت تائين دوست نٿو سمجهي سگهجي، جيستائين هو پنهنجي ياءُ جي ٽن موقعن تي سار سنڀال نہ ڪري، مصيبت جي موقعي تي، ان جي پرپٺ ۽ ان جي مرڻ ڪان پوءِ.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 130: چار ڳالهيون

جنهن شخص کي چار ڳالهيون عطا ٿيون آهن، سو چئن ڳالهين کان محروم نٿو رهي. جيڪا دعا گهري، سا قبوليت کان محروم نہ ٿيندي، جنهن کي توبہ جي توفيق هجي، سو مقبوليت کان نا اميد نٿو ٿئي، جنهن کي استغفار نصيب هجي، سو مغفرت کان محروم نٿو ٿئي ۽ جيڪو شڪر ڪري، سو اضافي کان محروم نٿو ٿئي.

۽ ان جي تصديق قرآن مجيد مان ٿئي ٿي، تنهن ڪري دعا جي متعلق الله تعاليٰ جو ارشاد آهي، تہ "توهين مون کان دعا گهرو، آءُ توهان جي دعا قبول ڪندس"، ۽ پڻ استغفار جي متعلق ارشاد فرمائي ٿو، تہ "جيڪو شخص ڪو برو عمل ڪري يا پنهنجي نفس تي ظلم ڪري ۽ پوءِ الله تعاليٰ کان مغفرت جي دعا گهري، تہ اهو الله تعاليٰ وڏو بخشڻ وارو ۽ رحم ڪرڻ وارو ڏسندئو". ۽ پڻ شڪر جي باري ۾ فرمائي ٿو، تہ "جيڪڏهن توهان شڪر ڪندو تہ آءُ توهان تي (نعمت ۾) اضافو ڪندس"، ۽ پڻ توبهہ جي لاءِ فرمائي ٿو تہ " الله تعاليٰ انهن ئي ماڻهن جي توبهہ قبول ڪري ٿو، جيڪي جهالت جي ڪري ڪا بري حرڪت ڪري ويٺا، ۽ پوءِ جلد ئي توبهہ ڪيائون، تڏهن بہ الله تعاليٰ اهڙن ماڻهن جي توبهہ قبول ڪري ٿو، ۽ الله تعاليٰ ڄاڻڻ وارو، ۽ حڪمت وارو آهي."



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 131: ڪن عبادتن جي تشريح

نماز هر پرهيزگار لاءِ (تقرب) ويجهڙائي جو سبب آهي، ۽ حج هر ضعيف ۽ ڪمزور جو جهاد آهي، هر شيءِ جي زڪوات ڏيندي آهي، ۽ بدن جي زڪوات روزو آهي، ۽ عورت جو جهاد مڙس سان، ملي گڏجي سهڻي سلوڪ سان زندگي گذارڻ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 132: صدقو

صدقي جي ذريعي روزي طلب ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 133: رزق ۽ روزي

جيترو ٻه خرچ تيندو، اوترو ئي امداد ملي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 134: ڪفايت شعاري

جيڪو ڪفايت شعاري اختيار ڪري ٿو، سو محتاج ٿو ٿئي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 135: راحت ۽ آسودگي

متعلقين (ٻار ٻچا اهل و عيال) جي ڪمي، ٻن قسمن مان هڪ قسم جي آسودگي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 136: صبر

مصيبت جي اندازي تي (الله تعاليٰ جي طرفان) صبر جي همت حاصل ٿيندي آهي، جيڪو شخص مصيبت جي وقت ران تي هٿ هڻي، تنهن جو عمل، ضايع برباد ٿئي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 137: عمل بي روح

ڪيترائي اهڙا روزه دار آهن، جن کي روزن جو ثواب، بک ۽ پياس کان سواءِ ڪجهه به نه ملي، ۽ ڪيترائي عابد رات ڀر جاڳڻ وارا اهڙا آهن، جن کي عبادت جي نتيجي ۾ جاڳڻ ۽ زحمت سهڻ کان سواءِ ڪجهه به حاصل نه ٿو ٿئي. سمجهو ۽ دانا ماڻهن جو سمهڻ ۽ روزه نه رکڻ به لائق تعريف ٿئي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 138: صدقو ۽ زڪوات

صدقہ سان پنهنجي ايمان جي حفاظت ۽ زڪوات سان پنهنجي مال جي سنڀال ڪريو۽ ۽ دعا سان مصيبت ۽ آزمائش جي لهرن کي دور ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 139: علم جي فضيلت

حضرت ڪميل ابن زياد نخعي چوي ٿو، ته امير المومنين علي ابن ابيطالب عليہ السلام منهنجو هٿ جهلي ۽ قبرستان جي طرف وٺي هليو. جڏهن آبادي کان ٻاهر نڪتاسين، تڏهن هڪ وڏو ساهه کڻي فرمايائين، ته:

اي ڪميل! هي دل اسرار ۽ حڪم جا ٿانوَ آهن، انهن ۾ سيني کان بهتر اهو آهي، جيڪو زياده سنڀال ڪرڻ وارو هجي، تنهنڪري جيڪي آءُ تو کي ٻڌايان، ان کي ياد رکجئين.

ڏس! ٽن قسمن جا ماڻهو ٿيندا آهن: هڪ عالم رباني، ٻيو متعلم (جنهن ان کان علم پرايو) جيڪو نجات جي راهه تي برقرار رهي، ۽ ٽيون عوام الناس جو اهو پست گروهه آهي جيڪو هر پڪارڻ واري جي پٺيان ٽئي ٿو، ۽ هر هوا جي رخ تي مڙي ٿو، نہ هنن علم جي نور مان روشن پيشو حاصل ڪيو. ۽ نہ ڪنهن مضبوط سهاري جي پناهه ورتائون.

اي ڪميل! ياد رک، تہ علم مال کان بهتر آهي، (ڇو جو) علم تنهنجي سنڀال ڪري ٿو، ۽ مال جي تو کي حفاظت ڪرڻي پوي ٿي، ۽ مال خرچ ڪرڻ سان گهٽجي ٿو، ليڪن علم ورهائڻ سان پاڻ وڌي ٿو، ۽ مال ۽ دولت جا نتيجا ۽ اثرات، مال دولت جي ختم ٿيڻ سان فنا ٿي وڃن ٿا.

اي ڪميل! علم جي سڃاڻپ هڪ قرض آهي، جنهن جي پيروي ڪئي ٿي وڃي، انهيءَ کان انسان پنهنجي زندگي ۾ ٻين کان پنهنجي اطاعت مڃائي ٿو. ۽ مرڻ کان پوءِ نيڪ نامي حاصل ڪري ٿو. ياد رک، تہ علم حاڪم هوندو آهي، ۽ مال دولت محڪوم.

اي ڪميل! مال گڏ ڪرڻ وارا جيئرا هجڻ جي باوجود بہ مرده هوندا آهن، ۽ علم حاصل ڪرڻ وارا رهندي دنيا تائين باقي رهن ٿا. بيشڪ انهن جا جسم نظرن کان غائب ٿين ٿا، مگر انهن جون صورتون دلين ۾ موجود رهن ٿيون. ان کان پوءِ حضرت پنهنجي سيني اقدس ڏي اشارو ڪري فرمايو تہ:

ڏس! هتي علم جو هڪ وڏو ذخيرو موجود آهي، ڪاش! هن جي حاصل ڪرڻ وارا مون سان ملن ها، ها مليو، ڪو تہ، يا اهڙو جو ذهين تہ آهي، مگر اطمينان جي قابل ناهي، ۽ جيڪو دنيا جي خاطر دين کي هٿيار بنائڻ وارو آهي، ۽ الله تعالىٰ جي انهن نعمتن سببان ان جي بندن تي ۽ هن جي حجتن سببان ان جي



Presented by Ziaraat.Com

دوستن تي فوقيت ۽ برتري ېدائڻ وارو آهي، يا جيڪو حق جو مالڪ ۽ دانائي جو مطيع ته آهي، مگر ان جي دل جي ڪُندبن ۾ بصيرت جي روشني ناهي. بس، هوڏانهن ذري جيترو شبهو پيدا ٿيو، ته هن جي دل ۾ شڪن ۽ شبهن جون چڻنگون پڙڪڻ لڳيون.

ته هاڻي معلوم هئڻ گهرجي، ته نه هي ان جي قابل آهي ۽ نه هو ان جي قابل آهي، يا وري اهڙو شخص ملي ٿو، جيڪو لذتن تي اکن چڪن آهي، ۽ پوءِ آسانيءَ سان نفساني خواهشن جي راه تي ڇڪجي وڃڻ وارو آهي، يا اهڙو شخص، جيڪو ميڙڻ ۽ ذخيره اندوزي تي جان قربان ڪيل آهي. اهي ٻئي پڻ دين جي ڪنهن به ڳالهه جي رعايت ۽ پاسداري ڪرڻ وارا ناهن. انهي ٻنهي سان نهايت ويجهي شڪل، چرڻ وارا، چوپايو مال رکن ٿا. اهڙي طرح ته پوءِ علم جي خزينه دارن جي مرڻ کان علم ختم ٿي وڃي ٿو.

ها! مگر زمين اهڙي فرد کان خالي نٿي رهي، جيڪو خدا جي حجت کي برقرار رکي ٿو، پوءِ چاهي اهو ظاهر ۽ مشهور هجي يا ڊڄڻو ۽ پوشيده، ته جيئن الله تعالىٰ جا دليل ۽ نشان مٽجي نه وڃن، ۽ اهي آهن ئي ڪيترا ۽ ڪٿي آهن؟ خدا جو قسم! اهي ته ڳڻپ ۾ نهايت ٿورا هوندا آهن، ۽ الله تعالىٰ جي نزديڪ قدر ۽ منزلت جي لحاظ کان نهايت بلند. خداوند عالم انهن جي ذريعي پنهنجي حجتن ۽ نشانين جي حفاظت ڪندو آهي، تانجو اهي ان کي پاڻ جهڙن جي سپرد ڪري ڇڏين، ۽ پاڻ جهڙن جي دلين ۾ انهن کي پوکين. علم انهن کي هڪدم حقيقت ۽ بصيرت جي انڪشافات تائين پهچائي ڇڏيو آهي. هو يقين ۽ اعتماد جي روح سان ملي هڪ ٿي ويا آهن ۽ انهن ڳالهين کي، جن کي آرام پسند ماڻهن دشوار سمجهو هو، تن کي پنهنجي لاءِ سهل ۽ آسان سمجهي ڇڏيو آهي، ۽ جن ڳالهين کان جاهل ڇرڪن ٿا، تن سان اهي دل لڳايو ويٺا آهن. هو اهڙن جسمن سان دنيا ۾ رهن ڪن ٿا، جن جا روح ملاءُ اعلىٰ سان مليل جليل آهن. اهي ئي ماڻهو ته زمين تي الله تعالىٰ جا نائب ۽ ان جي دين جي طرف دعوت ڏيڻ وارا آهن. هاءِ انهن جي ڏسڻ لاءِ منهنجي شوق جي (فراواني) ڪثرت. (وري فرمايائون ته) اي ڪميل! (مون کي جيڪي ڪجهه چوڻو هو سو چيم) هاڻي جنهن وقت چاهين، واپس هليو وڃ.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 140: انسان جي زبان

انسان پنهنجي زبان جي هيٺان لڪل آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 141: قدر و منزلت

جيڪو شخص پنهنجي مان ۽ شان کي نٿو سڃاڻي، سو تباهه ۽ برباد ٿي ويو ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 142: وعظ ۽ نصيحت

هڪ شخص حضرت کي وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ جي درخواست ڪئي، تڏهن فرمايائين ته تو کي انهن ماڻهن مان نه هئڻ گهرجي، جيڪي عمل کان سواءِ نيڪ نتيجي جي اميد رکن ٿا ۽ اميدون وڌائي توبه کي تاخير ۾ وجهن ٿا. جيڪي دنيا جي باري ۾ زاهد وارين ڳالهيون ڪن ٿا، مگر انهن جا اعمال دنيا جي طالبن جهڙا ٿين ٿا. جيڪڏهن دنيا انهن کي ملي ته انهن جا پيٽ نٿا ڀرجن، ۽ جيڪڏهن نه ملي، ته وري قناعت نٿا ڪن. جيڪي انهن کي مليو آهي، تنهن تي شڪر ڪرڻ کان لاچار رهن ٿا، ۽ جيڪي بچي ٿو، تنهن جي اضافي جا خواهشمند رهن ٿا. ٻين کي منع ڪن ٿا ۽ پاڻ خود باز نٿا اچن، ۽ ٻين کي اهڙين ڳالهين جو حڪم ڪن ٿا، جن کي پاڻ بجا نٿا آڻين. نيڪن سان دوستي رکن ٿا، مگر انهن جهڙا عمل نٿا ڪن، ۽ گنهگارن سان نفرت ۽ بغض رکن ٿا، حالانڪ اهي خود انهن ۾ داخل آهن. پنهنجي گناهن جي ڪثرت سبب موت کي برو سمجهن ٿا، مگر جن گناهن جي ڪري موت کي نٿا پسند ڪن، انهن تي قائم آهن. جيڪڏهن بيمار ٿا ٿين، ته پشيمان ٿين ٿا ۽ تندرست ٿين ٿا، ته مطمئن ٿي راند روند ۾ لڳي ٿا وڃن. جڏهن بيماري کان ڇوٽڪارو حاصل ڪن ٿا ته وڏائي ۾ پون ٿا ۽ وري مبتلا ٿين ٿا، ته مٿن مايوسي ڇائنجي وڃي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن سختي ۽ آزمائش ۾ پون ٿا، تڏهن لاچار ۽ بي وس ٿي دعائون گهرن ٿا ۽ جڏهن دولت نصيب ٿئين ٿي، تڏهن فريب ۾ مبتلا ٿي منهن ڦيرائين ٿا. انهن جو نفس خيالي ڳالهين تي انهن کي قابو ۾ آڻي ڇڏي ٿو، ۽ هو يقيني ڳالهين تي انهن کي نٿا دٻائين. (اهي ماڻهو) ٻين جي لاءِ انهن جي گناهن کان زياده خطرو محسوس ڪندا آهن، ۽ پنهنجي لاءِ اعمالن کان زياده جزا جا اميدوار رهن ٿا. جيڪڏهن مالدار ٿين ٿا ته وڏائي ڪرڻ لڳن ٿا ۽ گمراهي ۽ فتني ۾ پئجي وڃن ٿا، جيڪڏهن مسڪين ۽ فقير ٿين ٿا، ته نا اميد ٿين ٿا، ۽ سستي ڪرڻ لڳن ٿا. جڏهن عمل ڪن ٿا، ته ان ۾ به سستي ڪن ٿا، ۽ جڏهن گهرڻ تي اچن ٿا، تڏهن زور ۾ (وري وري گهرڻ ۾) حد کان وڌي وڃن ٿا. جيڪڏهن انهن تي نفساني خواهشن جو غلبو ٿئي ٿو، ته گناهه جلدي کان جلدي ڪن ٿا، ۽ توبه کي سستي ۾ وجهي رکن ٿا. جيڪڏهن ڪا مصيبت لاحق ٿئي ٿي، ته اسلامي جماعت جي خصوصي امتياز کان جدا ٿي وڃن ٿا. عبرت جا واقعات بيان ڪن ٿا، مگر خود عبرت حاصل نٿا ڪن، ۽ وعظ ۽ نصيحت تي زور ٿا ڏين، مگر پاڻ ان نصيحت جو اثر نٿا حاصل ڪن. تنهن ڪري ڳالهين ڪرڻ ۾ ته وڏا ٿين ٿا، مگر عمل ۾ گهٽ جا گهٽ ۽ پٺتي رهن ٿا. فاني ڳالهين ۾ ته نفسي نفسي ڪن ٿا ۽ باقي رهڻ وارين ڳالهين ۾ آرام طلبي ۽ سستي ڪن ٿا. هو نفعي کي نقصان ۽ نقصان کي نفعو خيال ڪن ٿا. موت کان ڊڄن ٿا، مگر فرصت جي موقعي نڪري وڃڻ کان پهرين اعمال ۾ جلدي نٿا ڪن. ٻين جي اهڙن گناهن کي نهايت وڏو ٿا سمجهن،



Presented by Ziaraat.Com

جنهن ڪان وڏي گناهه ڪي خود پنهنجي لاءِ نندو ٿا تصور ڪن ۽ پنهنجي جهڙي تهڙي اطاعت ڪي زياده ٿا سمجهن، جنهن جهڙي ٻئي جي لاءِ ننڍي ٿا سمجهن، تنهن ڪري اهي ماڻهن تي پڻ اعتراض ڪندا آهن، ۽ پنهنجي نفسن جي وڏنڊڙ ڳالهين سان تعريف ڪندا آهن. دولتمندن سان گڏجي عيش و عشرت ۾ مشغول رهڻ، انهن ڪي غريبن سان گڏ ويهي ذڪر جي محفل ۾ شريڪ ٿيڻ ڪان وڌيڪ پسند آهي. پنهنجي حق ۾ ٻين جي خلاف ته راءِ ڏين ٿا، ليڪن ڪڏهن ائين نٿا ڪن، ته ٻين جي حق ۾ پنهنجي خلاف به حڪم لڳائين، ٻين کي ته هدايت ڪن ٿا، پر پاڻ کي گمراهي واري راهه تي ٿا هلائين. اهي اطاعت وٺن ٿا، ۽ خود نافرماني ڪن ٿا، ۽ حق پورو پورو وصول ڪن ٿا، مگر خود ادا نٿا ڪن. هو پنهنجي پروردگار کي نظر انداز ڪري مخلوق کان ڊڄن ٿا، ۽ مخلوقات جي باري ۾ پنهنجي پروردگار کان نٿا ڊڄن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 143: انجام

هر شخص جو هڪ انجام آهي، خواهه اهو مٺو هجي يا ڪڙو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 144: فنا ٿيڻ

هر اچڻ واري ڪي واپس ٿيڻو آهي، ۽ جڏهن واپس ٿيو، ته ڄڻ هو ڪڏهن هو ڪونه.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 145: صبر

صبر ڪرڻ وارو فتح ۽ ڪاميابي کان محروم نٿو ٿئي، چاهي ان ۾ ڊگهو عرصو گذري وڃي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 146: عمل ۽ ان تي رضامندي

ڪنهن جماعت جي فعل تي رضامند ٿيڻ وارو ائين آهي، جيئن ان جي ڪم ۾ شريڪ هجي، ۽ غلط ڪم ۾ شريڪ ٿيڻ واري تي ٻہ گناھ آهن: هڪ ان تي عمل ڪرڻ جو. ۽ ٻيو ان تي رضامند ٿيڻ جو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 147: عهد ۽ پيمان

عهد ۽ انجام جي ذميدارين کي انهن سان وابسته ڪريو، جيڪي ڪِلين جهڙيون مضبوط هجن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 148: امام جي معرفت

توهان تي اطاعت بہ لازم آهي انهن جي، جن کان ناواقف رهڻ جي پڻ توهان کي معافي مليل نہ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 149: نصيحت

جيڪڏهن توهان ڏسو، ته توهان کي ڏيکاريو ويو آهي ۽ جيڪڏهن توهان هدايت حاصل ڪريو، ته توهان کي هدايت تي چڪي آهي، ۽ جيڪڏهن ٻڌڻ چاهيو ته توهان کي ٻڌايو ويو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 150: برائي جو بدلو

پنهنجي ڀاءُ کي احسان سان شرمندو ڪريو، ان کي تنبيهه ڪريو ۽ لطف و ڪرم جي ذريعي سان ان جي شرم کي دفع ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 151: تهمت

جيڪو شخص بدنامي جي هنڌن تي پاڻ وجي، ته پوءِ ان کي برو نہ چئو، جيڪو ان کان بد ظن هجي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 152: جانبداري

جيڪو اقتدار حاصل ڪري ٿو، سو جانبداري (طرفداري) ڪرڻ لڳي ٿو.

جيڪو خود راءِ ڪان ڪم وٺندو، سو تباھ ۽ برباد ٿيندو ۽ جيڪو ٻين ڪان مشورو وٺندو، سو انھن جي عقلن ۾ شريڪ ٿي ويندو.

جيڪو پنھنجي راز کي لڪائي رھندو، تنھن کي پورو ضابطو رھندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 153: غريبي

فقيري سڀ کان وڏو موت آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 154: حق جي ادائگي

جيڪو اهڙي جو حق ادا نہ ڪري، جيڪو ان جو حق ادا نہ ڪندو هجي، تہ پوءِ اهو ان جي بندگي ڪري ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 155: مخلوق جي اطاعت

خالق جي نافرماني ۾ ڪنهن مخلوق جي اطاعت نہ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 156: حق تان دستبرداري

جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي حق (وٺڻ) ۾ دير ڪري، ته پوءِ ان تي عيب نٿو لڳائي سگهجي، بلڪ عيب جي ڳالهه ته اها آهي جو انسان پين جي حقن تي چاپو هڻي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 157: خود پسندي

خود پسندي ترقي کان روڪي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 158: موت جي ويڇڙائي

آخرت جو مرحلو ويجهو آهي، ۽ (دنيا ۾) باهمي رفاقت جي مدت گهٽ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 159: صبح جو سوجهرو

اڪين واري لاءِ صبح روشن ٿي چڪو آهي



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 160: توبه ۾ مشڪلات

گناھ کي ترڪ ڪرڻ واري منزل بعد ۾ مدد گهرڻ کان سولي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 161: حرص ۽ طمع

اڪثر ڪري هڪ وقت جو کاڌو ڪيترن ئي وقتن جي کاڌن کان روڪي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 162: جهل ۽ ناداني

ماڻهو ان ڳالهه جا دشمن ٿين ٿا، جنهن کي نٿا ڄاڻن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 163: مشورو

جيڪو شخص مختلف رائين جو مقابلو ڪري ٿو، سو خطا ۾ پل چڪ جي مقامات کي سڃاڻي وٺي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 164: نيت جو روزو

جيڪو شخص الله تعاليٰ جي خاطر غضب جو نيزو تيز ڪري ٿو، سو باطل جي بهادرن جي قتل ڪرڻ تي طاقتور ٿي وڃي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 165: خوف جو علاج

جڏهن ٻه ڪنهن ڳالهه کان دهشت محسوس ڪريو، تڏهن ان ۾ ٽپي پئو، انهيءَ ڪري جو خالي ڪٽڪو رکڻ، انهيءَ نقصان کان وڌيڪ نقصان ده آهي، جنهن جو انديشو رهي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 166: سردار جي علامت

معزز تيڻ جو ذريعو، سيني جي ويڪرائي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 167: بدي کان روڪڻ جو طريقو

بدڪار جي تنبيهہ نيڪ ماڻهو کي، ان جو بدلو ڏئي ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 168: دل جي صفائي

ٻين جي سيني مان، شر ۽ ڪيني جي پاڙ اهڙي طرح وڍي ڇڏيو، (جو ڄڻ تہ) خود پنهنجي سيني مان ان کي ڪڍي اڇلائي ڇڏيوَ.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 169: ضد ۽ وڏائي

ضد ۽ بي انصافي صحيح راءِ کي پري ڪري ڇڏي ٿي



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 170: طمع

لالچ هميشہ جي غلامي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 171: دور انديشي

ڪوتاهي جو نتيجو شرمندگي ۽ احتياط ۽ دور انديشي جو نتيجو سلامتي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 172: خاموشي

حڪيمانہ ڳالھ کان خاموشي اختيار ڪرڻ ۾ ڪا ڀلائي نہ آهي، جھڙي طرح جھالت جي ڳالھ ۾ ڪا بہ چڱائي نہ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 173: ٻه مختلف دعوتون

جڏهن ٻه مختلف دعوتون هونديون، تڏهن انهن مان ضرور هڪ گمراهي جي دعوت هوندي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 174: يقين

جڏهن ڪان مون کي حق ڏيکاريو ويو آهي، مون ڪڏهن بہ ان ۾ شڪ نہ ڪيو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 175: صدق بياني

نہ مون ڪوڙ ڳالهايو اهي ۽ نہ مون کي ڪوڙي خبر ڏني وئي آهي، نہ آءُ خود گمراھ آهيان ۽ نہ مون کي گمراھ ڪيو ويو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 176: ظلم جو انجام

ظلم ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو سڀاڻي (ندامت کان) پنهنجو هٿ پنهنجي ڏندن سان خود چَڪِيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 177: هل هلان جو هنگامو

هل هلان ويجهي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 178: حق کان منهن ڦيرائڻ

جيڪو حق کان منهن موڙي ٿو، سو تباھ ٿئي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 179: صبر

جنهن کي صبر، رهائي نٿو ڏياري، تنهن کي بي تابي ۽ بيقراري پريشان ڪري ڇڏي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 180: خلافت جو معيار

عجب آهي، جو خلافت جو معيار فقط صحابيت ۽ قرابت آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 181: دنيا جي حالت

دنيا ۾ انسان موت جي تير اندازي جو نشانو ۽ مصيبت ۽ آزمائش جي تباهي جو ميدان آهي، جتي هر ڏڪ سان اڳٿو ۽ هر گرهه ۾ نڙي ۾ فاسندڙ ڦندو آهي، ۽ جتي بندو، تيستائين ڪا نعمت حاصل نٿو ڪري جيستائين ٻي نعمت جدا نہ ٿي وڃي، ۽ ان جي عمر جو هڪ ڏينهن بہ نٿو اچي، جيستائين هڪڙو ڏينهن ان جي عمر مان گهٽ نٿو ٿئي. اسين موت جا مددگار آهيون ۽ اسان جون جانيون هلاڪت جي نشاني تي آهن تہ پوءِ اهڙي صورت ۾ اسين ڪٿي بقا جي اميد ڪري سگهون ٿا؟ جڏهن رات ڏينهن ڪنهن عمارت کي بلند نٿا ڪريون، مگر اهو تہ حملو ڪري جو ٻنايوسين، تنهن کي ڪيرايون ٿا ۽ جيڪو گڏ ڪيوسين، تنهن کي پکيڙي ڌار ڌار ڪري ڇڏيون ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 182: ٻين جو حق

اي آدم جا اولاد! تو پنهنجي غذا کان زياده ڪمايو آهي، تنهن ۾ (تون) ٻين جو خزانچي آهين.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 183: خوشدلي ۽ بددلي

دلين جي لاءِ رغبت ۽ لاڙو اڳتي وڌڻ ۽ پٺتي هٽڻ هوندو آهي، تنهن ڪري ان ڪان ان وقت ڪم وٺ جڏهن ان ۾ خواهش ۽ لاڙو هجي، چو ته دل کي مجبور ڪري، ڪنهن ڪم تي لڳائبو، ته پوءِ ان ڪان ڪجھ نہ سجھندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 184: ڪاوڙ ۽ انتقام

جڏهن مون کي ڪاوڙ اچي، ته ڪڏهن پنهنجي ڪاوڙ کي لاهيان؟ ڇا ان وقت جڏهن انتقام نه وٺي سگهان؟ ۽ پوءِ ائين چيو وڃي ته صبر ڪر يا ان وقت جڏهن انتقام تي قدرت هجي، ۽ چيو وڃي ته بهتر آهي ته درگذر ڪر.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 185: گندگي کي ڏسندي

حضرت جو گذر هڪ گند ڪچري جي طرف کان ٿيو، جتي غلاظتون هيون، پاڻ فرمايائين، ته هي اهو آهي، جنهن سان بخل ڪرڻ وارن بخل ڪيو هو. (هڪ ٻي روايت ۾ آهي آهي ته هيئن فرمايائين، ته هي اهو آهي جنهن تي توهان ماڻهن ڪالهه هڪ ٻئي تي رشڪ پئي ڪيو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 186: عبرت جي قدر و قيمت

توهان جو اهو مال اجايو نہ ويو، جيڪو توهان لاءِ عبرت ۽ نصيحت جو سبب بڻجي وڃي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 187:. دلين جي مفلسي

هي دليون بہ اهڙي طرح ٿڪبيون آهن، جهڙي طرح بدن ٿڪجن ٿا، تنهن ڪري (جڏهن ائين ٿئي تہ) انهن جي لاءِ لطيف حڪيمانہ جملا تلاش ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 188:. خارجن جو قول

جڏهن خارجن جو قول ”لا حُڪمَ الا لله“ (حڪم الله سان مخصوص آهي) ٻڌائين، تڏهين فرمايائين، ته اهو جملو صحيح آهي، مگر جيڪو ان مان مطلب ڪڍيو وڃي ٿو، سو غلط آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 189: عوام

بازاري ماڻهن جي پيهه پيهان ۽ هجوم جي باري ۾ فرمايائين، ته:

هي اهي ماڻهو آهن، جو انبوهه تي ڇانئجي وڃن ٿا، ۽ جڏهن منتشر ٿين ٿا، تڏهن سڃاڻپ ۾ نٿا اچن، هڪ قول هي به آهي، ته پاڻ فرمايائين، ته جڏهن گڏ ٿين ٿا، تڏهن ضرر جو باعث ٿين ٿا، ۽ جڏهن الڳ الڳ ٿين ٿا، تڏهن فائديمند ثابت ٿين ٿا. ماڻهن عرض ڪيو، ته اسان کي انهن جي گڏ ٿيڻ سان نقصان جي خبر آهي، پر انهن جي منتشر ٿيڻ مان ڪهڙو فائدو آهي؟ فرمايائين، ته روزگار ڪمائڻ وارا ته پنهنجي ڪاروبار جي طرف موٽي وڃن ٿا، ته ماڻهو انهن مان فائدو حاصل ڪن ٿا، جيئن رازو پنهنجي (زير تعمير) عمارت جي طرف، ڪوري پنهنجي ڪاروبار واري جڳهه ڏانهن ۽ نانوائي پنهنجي تنور ڏانهن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 190: تماشي وارا

حضرت جي اڳيان هڪ مجرم کي آندو ويو، جنهن سان گڏ تماشائين جو هجوم هو، تڏهن پاڻ فرمايائين، ته انهن چهرن تي ڦٽڪار هجي، جيڪي هر رسوائي ۽ خواري جي موقعي تي ئي ڏسڻ ۾ اچن ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 191: محافظ فرشتا

هر انسان سان ٻه فرشتا هوندا آهن، جيڪي ان جي حفاظت ڪندا آهن، ۽ جڏهن موت جو وقت اچي ٿو، تڏهن اهي ان جي ۽ موت جي وچان هٽي ويندا آهن، ۽ بيشڪ، انسان جي مقرر ڪيل عمر ان جي لاءِ هڪ مضبوط ڍال آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 192: طلحہ ۽ زبير جي جواب ۾

طلحہ ۽ زبير حضرت کي چيو، تہ اسين انهيءَ شرط تي توهان جي بيعت ڪريون ٿا، تہ هن حڪومت ۾ توهان سان شريڪ رهنداسين. تڏهن فرمايائين تہ نہ! بلڪ توهان تقويت پهچائڻ ۽ هٿ ونڊائڻ ۾ شريڪ ۽ عاجزي ۽ سختيءَ جي موقعي تي مددگار ٿيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 193: موت جي گرفت

اي انسانو! ان الله تعاليٰ کان ڊڄو، ته جيڪڏهن توهان ڪجهه چيو ته هو ٻڌي ٿو ۽ دل ۾ لڪايو ته هو سهي ڪري وٺي ٿو، ۽ ان موت ڏي وڌڻ جو سامان ٺاهيو، جنهن کان ڀڄندئو، ته هو توهان کي پڇي ويندو، ۽ جيڪڏهن بيٺا رهندا، تڏهن به هو توهان کي گرفت ۾ وٺندو، ۽ جيڪڏهن توهان هن کي وساري به ڇڏيندا، ته هو توهان کي ياد رکندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 194: قدرت جي قدرداني

ڪنهن ماڻهو جو توهان جي سهڻي سلوڪ تي شڪر گذار نہ ٿيڻ توهان کي نيڪي ۽ ڀلائي کان بد دل نہ بڻائي، انهيءَ ڪري جو اڪثر توهان جي ان ڀلائي جو اهو قدر ڪندو، جنهن ان مان ڪجهه فائدو بہ نہ حاصل ڪيو ۽ ان ناشڪري جيترو توهان جو حق ضايع ڪيو آهي، تنهن کان گهڻو زياده توهان هڪ قدردان جي قدرداني حاصل ڪندو ۽ الله تعالیٰ نيڪ ڪم ڪرڻ وارن کي دوست رکي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 195: علم جو ظرف

هر ”ظرف“ ان سان جيڪي ان ۾ رکيو وڃي، (تنهن ڪان) تنگ ٿيندو ويندو آهي، مگر علم جو ظرف وسيع ٿيندو ويندو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 196: حلم ۽ بردباري

بردبار کي پنهنجي بردباري جو پهريون عيوض اهو ملندو آهي، ته ماڻهو جهالت ڏيکارڻ واري جي خلاف ان جا طرفدار ٿي ويندا آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 197: بردبار ٿي

جيڪڏهن تون بردبار نہ آهين، تہ بظاهر بردبار بڻجڻ جي ڪوشش ڪر، ڇو جو ائين گهٽ ٿيندو آهي، تہ ڪو شخص ڪنهن جماعت سان شباهت اختيار ڪري، ۽ انهن مان نہ ٿئي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 198: حساب ڪرڻ وارو

جيڪو شخص پنهنجي نفس جو (محاسبہ) حساب ڪري ٿو، سو فائدو حاصل ڪري ٿو، ۽ جيڪو غفلت ڪري ٿو، سو نقصان ۾ رهي ٿو، جيڪو ڊڄي ٿو سو (عذاب کان ) محفوظ ٿئي ٿو، ۽ جيڪو عبرت حاصل ڪري ٿو، سو (بينا) ڏسڻ وارو، هوشيار ٿئي ٿو. ۽ جيڪو ڏسڻ وارو هوشيار ٿئي ٿو، سو عقل ۽ دانائي وارو ٿئي ٿو ۽ جيڪو عقل ۽ دانائي وارو ٿئي ٿو، تنهن کي علم حاصل ٿئي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 199: آخري دور

هي دنيا اُره زورائي ڏيکارڻ کان پوءِ وري اسان جي طرف جهڪنديءَ جهڙي طرح چَڪن هڻ واري ڏاچي پنهنجي گوري ڏانهن جهڪندي آهي. ان کان پوءِ حضرت هن آيت جي تلاوت فرمائي:

”اسين اهو چاهيون ٿا ته جيڪي ماڻهو زمين ۾ ڪمزور ڪيا ويا آهن، انهن تي احسان ڪريون ۽ انهن کي پيشوا بڻايون، ۽ انهن کي (هن زمين جو) مالڪ بڻايون.“



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 200: آخرت

الله تعالیٰ ڪان ڊڄو، ان شخص جي ڊڄڻ وانگر، جنهن دنيا جي تعلقات کي ڇڏي، پنهنجي (دامن) پلو کي سميٽي ڇڏيو، ۽ دامن سميٽي ڪوشش ۾ لڳي ويو، ۽ نيڪين جي لاءِ هن حياتي جي وقفہ ۾ تيز رفتاريءَ سان هليو ۽ خطرن کي نظر ۾ رکي، انهن نيڪين ڪرڻ جي طرف قدم وڌايو، ۽ پنهنجي (آخري) رهڻ واري جڳهہ ۽ پنهنجي اعمالن جي نتيجي ۽ (پنهنجي آخري) نتيجي واري منزل تي نظر رکيائين



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 201: چند هدايتون

سخاوت، عزت ۽ آبرو جي (محافظ) نگهبان آهي. بردباري احمق جي وات جو تسمو (ڳشو) آهي. درگذر ڪرڻ ڪاميابي جي زڪوات آهي. جيڪو غداري ڪري، تنهن کي وساري ڇڏڻ ان جو عيوضو آهي. صلاح، مشورو وٺڻ خود صحيح رستو حاصل ڪرڻ آهي. جيڪو شخص پنهنجي راءِ تي ڀروسو ڪري، بي پرواهه ٿئي ٿو. سو پاڻ کي خطري ۾ وجهي ٿو. صبر، مصيبتن ۽ حادثن جو مقابلو ڪري ٿو. بيقراري ۽ بيتابي زماني جي مددگارن مان آهي. بهترين دولتمندي اميدن تان هٿ کڻڻ آهي، ڪيترائي غلام عقلن، اميرن جي هوا و حوس جي بار ۾ دٻيا پيا آهن. تجربو ۽ آزمائش جي نگهداشت، توفيق جي سهٽائپ جو نتيجو آهي. دوستي ۽ محبت، محنت واري ڪمائي جي قرابت آهي. جيڪو توهان سان رنجيده ۽ ناخوش هجي. ان تي اطمينان ۽ اعتماد نہ ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 202: خود پسندي

انسان جي وڏائي مغروري سندس عقل جي دشمنن مان آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 203: درگذر

تڪليف کي درگذر ڪريو، ورنه ڪڏهن به خوش نه رهي سگهندا.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 204: نرمي

جنهن وڻ جو ڪاٺ نرم هجي، ان جون شاخون (ٽاريون) گهاٽيون ٿينديون آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 205: اجائي مخالفت

مخالفت، صحيح راءِ کي برباد ڪري ڇڏي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 206: نافرماني

جيڪو منصب حاصل ڪري ٿو، سو دست درازي ڪرڻ لڳي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 207: لاهيون چاڙهيون

حالتن جي ڦرڻ سان ئي مردن جا جوهر کلن ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 208: حسد

دوست جو حسد ڪرڻ، دوستي جي گهٽتائي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 209: طمع ۽ حرص

اڪثر عقلن جا ڏڪ ڪائي ڪرڻ، طمع ۽ حرص جي بجلين چمڪڻ تي ٿئي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 210: بدگماني

اهو انصاف نہ آهي، جو فقط شڪ ۽ خيال جي هٿ تي ڀروسو ڪندي، فيصلو ڪيو وڃي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 211: ظلم ۽ تعدي

آخرت لاءِ نهايت برو توشو آهي، الله تعاليٰ جي بندن تي ظلم ۽ ستم ڪرڻ.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 212: چشم پوشي

بلند انسان جي بهترين افعالن مان هڪ اهو به آهي، ته هو انهن ڳالهين تي چشم پوشي ڪري، جن کي هو ڄاڻي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 213: شرم و حياءُ

جنهن کي حياءَ لباس پهرايو آهي، تنهن جا عيب ماڻهن جي سامهون نٿا اچن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 214: چند وصفون

زياده خاموشي، رعب ۽ هيبت جو باعث ٿئي ٿي، ۽ انصاف ڪرڻ سان دوستن ۾ واڌارو ٿئي ٿو. لطف ۽ ڪرم سان قدر ۽ منزلت بلند ٿئي ٿي، جهڪي ملڻ سان نعمت مڪمل ٿئي ٿي، ٻين جي بار ورهائڻ سان لازما سرداري حاصل ٿئي ٿي، ۽ نيڪ هلت چلت سان ڪيني وارو دشمن مغلوب ٿئي ٿو، ۽ سر ڦريل ماڻهو جي مقابلي ۾ بردباري ڪرڻ سان ان ماڻهو جي مقابلي ۾ پنهنجا طرفدار زياده ٿين ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 215: هي حاسد

تعجب آهي، ته حاسد، جسماني تندرستي تي حسد ڪرڻ ڪان ڇو غافل ٿي ويو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 216: طمع

طمع ڪرڻ وارو ذلت جي زنجيرن ۾ گرفتار رهي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 217: ايمان جي تعريف

حضرت کان، ايمان متعلق پڇيو ويو، تڏهن فرمايائين، تہ ايمان دل سان سڃاڻڻ، زبان سان اقرار ڪرڻ ۽ عضون سان عمل ڪرڻ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 218: دنيا جو غم

جيڪو دنيا جي لاءِ غمگين ٿئي، سو خدا جي (قضا ۽ قدر) تقدير کان ناراض آهي، ۽ جيڪو ان مصيبت تي جنهن ۾ مبتلا آهي، تنهن جو شڪوه ڪري، سو پنهنجي پروردگار جي شڪايت ڪري ٿو، ۽ جيڪو ڪنهن دولتمند وٽ پهچي، ان جي دولتمندي سببان جهڪي، ته ان جو ٻه ڀاڱا دين ويندو رهي ٿو، ۽ جيڪو شخص قرآن جي تلاوت ڪري، ۽ پوءِ به مري، دوزخ ۾ داخل ٿئي، ته اهو اهڙن ماڻهن مان هوندو، جيڪو الله جي آيتن تي مذاق ڪندو هوندو، ۽ جنهن جي دل دنيا جي محبت ۾ چنبڙي وڃي، ته ان جي دل ۾ دنيا جون هي ٽي ڳالهيون چمبڙي وڃن ٿيون.

1.اهڙو غم، جيڪو ان کان جدا نٿو ٿئي،

2.اهڙو حرص، جيڪو ان جو پيڇو نٿو ڇڏي ۽

3.اهڙي اميد، جيڪا پوري نٿي ٿئي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 219: قناعت

قناعت کان وڌيڪ ڪا سلطنت نہ آهي۽ خوش خلقي کان وڌيڪ ڪو عيش ۽ آرام نہ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 220: قناعت، بهترين زندگي

حضرت کان هن آيت متعلق پڇيو ويو، ته "اسين ان کي پاڪ ۽ پاڪيزه زندگي ڏينداسون". پاڻ فرمايائين، ته اها "قناعت" آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 221: شرڪت

جنهن جي طرف ڪشاده روزي رخ ڪري، تنهن سان شريڪ ٿيو، ڇو جو ان ۾ دولت حاصل ڪرڻ جو زياده امڪان ۽ خوش نصيبي جو زياده ڏنگ ۽ نمونو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 222: عدل ۽ احسان

الله تعالىٰ جي ارشاد مطابق، ”الله توهان کي عدل ۽ احسان جو حڪم ڏئي ٿو“. بابت سوال ڪيو ويو، تڏهن فرمايائين، ته عدل انصاف آهي ۽ احسان، لطف و ڪرم آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 223: جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي

جيڪو ڪمزور هيڻو ۽ لاچار هٿ سان ڏي ٿو، تنهن کي با اقتدار هٿ سان ملي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 224: مقابلي جي دعوت

پنهنجي فرزند امام حسن عليہ السلام کي فرمايائين، تہ ڪنهن کي بہ مقابلي جي لاءِ پاڻ خود نہ سڏجئين، ها! جيڪڏهن ٻيو للڪاري پڪاري، تہ يڪدم جواب ڏجئين. انهيءَ ڪري جو جنگ جي اڳرائي ڪري دعوت ڏيڻ وارو سو زيادتي ڪرڻ وارو آهي، ۽ زيادتي ڪرڻ وارو تباهہ ٿئي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 225: مرد ۽ عورت جون صفتون

عورتن جون بهترين خصلتون هي آهن، جيڪي مردن جون بدترين صفتون آهن: غرور، بزدلي ۽ ڪنجوسي. انهيءَ ڪري جو عورت جڏهن به مغرور ٿيندي، ته اها ڪنهن کي به پنهنجي نفس تي ضابطو ڪرڻ نه ڏيندي، ۽ ڪنجوس هوندي، ته پنهنجي ۽ پنهنجي مڙس جي مال جي حفاظت ڪندي، ۽ بزدل هوندي، ته هو هر انهيءَ ڳالهه کان ڊڄندي، جيڪا ڪيس پيش ايندي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 226: عاقل ۽ جاهل

حضرت کي عرض ڪيو ويو، ته عقلمند جون وصفون بيان ڪريو، تڏهن فرمايائين ته عقلمند اهو آهي، جيڪو هر شيءِ کي ان جي موقعي ۽ محل تي رکي، وري حضرت کي عرض ڪيو ويو، ته جاهل جي وصف ٻڌايو، ته فرمايائين، ته آءُ بيان ڪري چڪو آهيان ( يعني مٿين صفت جي ابتڙ هلڻ وارو(



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 227: دنيا جي بيقدري

خدا جو قسم! ته توهان جي هي دنيا منهنجي نظرن ۾ سوئر جي انهن آنڊن کان به زياده ذليل آهي، جيڪي ڪنهن ڪوڙهئي (ماڻهو) جي هٿ ۾ هجن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 228: عبادت جا قسم

هڪ جماعت، الله جي عبادت، ثواب ملڻ جي رغبت ۽ ارادي سان ڪئي اها عبادت سودي ڪرڻ واري جي عبادت آهي، ۽ هڪ جماعت خوف جي سببان عبادت ڪئي، اها غلامن جي عبادت ۽ هڪ جماعت سندس شڪر ۽ احسانن جي ڪري عبادت ڪئي، جيڪا آزادن جي عبادت آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 229: عورت جي مذمت

عورت سموري برائي آهي، ۽ سڀ کان وڏي برائي ان ۾ اها آهي، ته انهي کان سواءِ ڪو چارو نہ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 230: سستي ۽ عيب جوئي

جيڪو شخص ڪاهلي ۽ سستي ڪري ٿو، سو پنهنجي حقن کي تباهه ۽ برباد ڪري ٿو. ۽ جيڪو چغلخور جي ڳالهه تي اعتماد ڪري ٿو، سو پنهنجي دوست کي هٿ سان وڃائي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 231: غصب

گهر ۾ هڪ غصب ٿيل پٿر، ڪي هٽڻ ان ڳالهه جي ضمانت آهي، ته اهو تباهه ۽ برباد ٿي ويندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 232: ظالم ۽ مظلوم

مظلوم جو ظالم تي قابو حاصل ڪرڻ وارو ڏينهن، ان ڏينهن کان گهڻو سخت هوندو، جنهن ڏينهن ظالم، مظلوم جي خلاف پنهنجي طاقت ڏيکاري ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 233:. تقويٰ

الله تعالي کان ڪجھ تہ ڊڄو! پوءِ اهو (ڊپ) ڪٿي گهٽ ئي هجي، ۽ پنهنجي ۽ الله تعالي جي وچ ۾ ڪجھ تہ پردو ڪريو، پوءِ ڪٿي اهو ڪيترو بہ سنهڙو هجي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 234: جوابن جي ڪثرت

جڏهن (هڪ سوال جي لاءِ ) جوابن جي گهڻائي ٿئي ٿي، تڏهن (اصل) صحيح ڳالهه لڪي ويندي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 235: شڪر ۽ احسان

بيشڪ الله تعاليٰ جي لاءِ هر نعمت ۾ هڪ حق آهي، جيڪو ان حق کي ادا ڪري ٿو، الله تعاليٰ ان لاءِ نعمت کي اڃا به وڌائي ٿو، ۽ جيڪو ڪوتاهي ڪري ٿو، سو موجوده نعمت کي به خطري ۾ وجهي ٿو



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 236: خواهش جي ڪمي

جڏهين (مقدرت) طاقت زياده ٿئي ٿي، تڏهن خواهش گهٽ ٿي وڃي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 237:. ڪفران نعمت

نعمتن جي ضايع ٿيڻ کان ڊڄندا رهو، ڇو جو هر ڪا بي قابو ٿي نڪري وڃڻ واري شيءِ واپس نٿي اچي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 238: ڪرم جو جذبو

ڪرم جو جذبو، قرابت جي رابطي کان زياده لطف ۽ مهرباني جو سبب ٿيندو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 239: نيڪ گمان

جيڪو توهان ۾ نيڪ گمان رکي، تنهن جي گمان کي سچو ثابت ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 240: بهترين عمل

بهترين عمل اهو آهي، جنهن جي بجا آڻڻ تي توهان کي پنهنجي نفس کي مجبور ڪرڻو پوي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 241: خدا شناسي

مون الله سبحانہ کي سڃاتو، ارادن جي ٽوڙڻ سان، نيتن جي بدلائڻ سان همتن جي پست ٿي وڃڻ سان.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 242: تلخي ۽ شيريني

دنيا جي تلخي، آخرت جي خوشگواري آهي، ۽ دنيا جي خوشگواري آخرت جي تلخي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 243: فرض جا حڪم ۽ مصلحتون

خداوند عالم شرڪ جي گندگين کان پاڪ ڪرڻ لاءِ ايمان جو فرض عائد ڪيو، غرور کان بچائڻ لاءِ نماز کي فرض ڪيائين، رزق جي واڌاري لاءِ زڪواة فرض ڪيائين، مخلوق جي دوستي ۽ محبت کي آزمائڻ لاءِ روزه فرض ڪيائين. دين کي تقويت پهچائڻ لاءِ حج کي فرض ڪيائين. اسلام کي سرفرازي بخشڻ لاءِ جهاد فرض ڪيائين، مخلوق جي اصلاح لاءِ امر بالمعروف کي فرض ڪيائين، سرڪشن جي روڪٿام لاءِ نهي عن المنڪر کي فرض ڪيائين، (يارن ۽ مددگارن) کي ڳنڍپ ۾ وڌائڻ لاءِ عزيزن جي حقن کي ادا ڪرڻ فرض ڪيائين، خونريزي جي روڪڻ جي انتظام لاءِ (قصاص) خون جو عيوضو فرض ڪيائين، محرمات (حرام ڳالهين) جي اهميت قائم ڪرڻ لاءِ شرعي سزائون ۽ حدن جي جاري ڪرڻ کي فرض ڪيائين، عقل جي حفاظت ڪرڻ لاءِ شراب خوري جي ترڪ ڪرڻ کي فرض ڪيائين، پاڪباز ٿي رهڻ سببان، چوري کان پرهيز ڪرڻ کي فرض ڪيائين، نسب جي محفوظ رکڻ خاطر زناڪاري کان بچڻ کي فرض ڪيائين. نسل وڌائڻ لاءِ، اغلام بازي (لونديباقي) ترڪ ڪرڻ کي فرض ڪيائين، حقن کان انڪار ڪرڻ جي مقابلي ۾ ثبوت مهيا ڪرڻ لاءِ گواهي کي فرض ڪيائين. سچائي جي شرف ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪوڙ کان علحدگي فرض ڪيائين. خطرن کان تحفظ لاءِ امن جي قيام (پائداري) کي فرض ڪيائين. امت جي نظام درست رکڻ لاءِ، امانتن جي حفاظت کي فرض ڪيائين. امامت جي عظمت ظاهر ڪرڻ لاءِ اطاعت کي فرض ڪيائين.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 244: ڪوڙو قسم

حضرت فرمايو، ته جيڪڏهن ڪنهن ظالم کان قسم وٺڻو هجي ته ان کان اهڙي طرح قسم کڻايو، ته جيئن هو الله جي قدرت ۽ قوت کان پري هجي، ڇو جو جڏهن هو اهڙي طرح قسم کڻندو، ته جلد ئي ان جي سزا لوڙيندو، پر جيڪڏهن هيئن قسم کڻندو ته قسم ان الله جو، جنهن کان سواءِ ڪو ٻيو معبود نه آهي، ته پوءِ جلدي ان جي گرفت نه ٿيندي، ڇو جو هن الله تعالي کي سندس وحدت ۽ يڪتائي سان ياد ڪيو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 245: خير جي ڪمن جي وصيت

اي ابن آدم! پنهنجي مال ۾ پنهنجو وصي پاڻ خود ٿي، ۽ جيڪي تون چاهين ٿو، ته تنهنجي مال مان تو کان پوءِ خيرات ڪئي وڃي، سا تون پاڻ ڏئي ڇڏ.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 246: غيظ و غضب

ڪاوڙ هڪ قسم جي ديوانگي آهي، ڇا ڪاڻ ته ڪاوڙ وارو بعد ۾ ضرور پشيمان ٿئي ٿو. پر جيڪڏهن پيشان نٿو ٿئي، ته پوءِ ان جي ديوانگي پختي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 247: حسد

حسد جي گهٽتائي، بدن جي تندرستي جو سبب آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 248: حاجت روائي

ڪميل ابن زياد نخعي کي فرمايائين، ته اي ڪميل پنهنجي عزيزن قريبن کي هدايت ڪر، ته هو نيڪ خصلتن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڏينهن جي وقت نڪرن، ۽ رات جو به سمهڻ واري جي حاجت روائي لاءِ نڪرن، ان ذات جو قسم، جنهن جي ٻڌڻ جي قوت سيني آوازن تي حاوي آهي، ته جنهن به ڪنهن ٻئي جي دل کي خوش ڪيو ، ته الله تعالي ان لاءِ ان سرور مان هڪ خاص لطف خلق فرمائيندو ته جڏهن به ان تي ڪا مصيبت نازل ٿئي ته هو هيٺائين ڏي وهندڙ پاڻي وانگر تيزي سان وڌي، ۽ ڌارين اٺن تي هڪلڻ وانگر ان مصيبت کي هڪلي دور ڪري.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 249: صدقو

جڏهن مفلس غريب محتاج ٿي وڃو، تڏهن صدقي جي ذريعي الله تعالي سان واپار ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 250: وفا ۽ غداري

غدارن سان وفا ڪرڻ، الله تعالي جي نزديڪ غداري آهي، ۽ غدارن سان غداري ڪرڻ ، الله تعالي جي نزديڪ عين وفا آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 251: آزمائش

ڪيترائي ماڻهو اهڙا آهن، جن کي نعمتون ڏئي، آهستي آهستي عذاب جو مستحق بڻايو ويجي ٿو، ۽ ڪيترائي ماڻهو اهڙا آهن، جيڪي الله جي پرده پوشي سبب دوکي ۾ آهن، ۽ پنهنجي باري ۾ چڱا لفظ ٻڌي، فريب ۾ پئجي ويا آهن، ۽ مهلت ڏيڻ کان وڌيڪ الله تعالي جي طرفان ٻي ڪا به وڏي آزمائش نہ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 252: بيوفا ساٿي

جڏهن جناب امير المومنين عليہ السلام کي اهو اطلاع مليو، تہ معاويہ جي ساٿين (شهر ) انبار” تي چڙهائي ڪئي آهي، تڏهن پاڻ پنهنجي سر پيدل هليو، تانجو ”نخليہ“ تائين وڃي پهتو، ايتري ۾ ماڻهو بہ وٽس پهچي ويا، ۽ چوڻ لڳا، تہ يا اميرالمومنين! اسين پاڻهي دشمن سان نبرنداسين، توهان جي هلڻ جي ضرورت نہ آهي، پاڻ فرمايائين تہ توهان پاڻ کان تہ منهنجو بچاءُ ڪري نٿا سگهو، باقي ٻين کان ڪهڙو بچاءُ ڪندا. مون کان پهرين رعيت پنهنجي حاڪمن جي ظلم ۽ بيدادي جي شڪايت ڪندي هئي مگر آءُ اڄ پنهنجي رعيت جي زيادتين جي گلا ڪريان ٿو، ڄڻ تہ آءُ رعيت آهيان ، ۽ هو حاڪم ۽ آءُ سندن زيردست آهيان، ۽ هو فرمان روا آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 253: حارث ابن حوط

بيان ڪيو ويو آهي، ته حارث بن حوط حضرت جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ چيائين ته ڇا! توهان جي خيال ۾ مون ڪي ان جو گمان به ٿي سگهي ٿو، ته ”جمل“ وارا اصحاب گمراهه هئا؟ حضرت فرمايو، ته اي حارث! تو هيٺان ڏٺو، پر مٿي نظر ڪانه ڪيئي، جنهن جي نتيجي ۾ تون حيران ۽ سرگردان ٿي ويو آهين، تون حق ئي ڇوڻ نٿو ڄاڻين، جو حق وارن کي سڃاڻين، ۽ باطل کي ئي نٿو سڃاڻين، ته باطل جي راهه تي هلڻ وارن کي ڇا سڃاڻندين ، حارث چيو ته آءُ سعد ابن مالڪ ۽ عبدالله بن عمر سان وڃي ٿو گوشه نشين ٿي رهان، حضرت فرمايو ته سعد ۽ عبدالله ابن عمر نه حق جي مدد ڪيائون ۽ نه باطل جي نصرت تان هٿ ڪنيائون.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 254: بادشاه جا ساٿي

بادشاه جو نديم (دوست ) يا مصاحب (ساٿي) ائين آهي، جيئن شينهن تي سوار ٿيڻ وارو، جو ان جي مرتبي تي رشڪ ڪيو وڃي ٿو، ليڪن هو پنهنجي موقف ڪان بہ چڱي طرح واقف آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 255: حسن سلوڪ

پين جي پونئيرن سان ڀلائي ڪريو، ته جيئن توهان جي پونئيرن تي به مهرباني جي نظر ٿئي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 256: حڪيمن جو ڪلام

جڏهن حڪيمن جو ڪلام صحيح هجي ته اها دوا آهي، ۽ غلط هجي ته سراسر بيماري آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 257: هڪ سائل جي جواب ۾

حضرت کان ڪنهن شخص سوال ڪيو ، تہ ايمان جي تعريف ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائين، تہ سڀاڻي مون وٽ اچجئين، تہ جيئن آءُ ترڪي انهيءَ موقعي تي ٻڌايان تہ جيئن ٻيا بہ ٻڌي سگهن، ڇو جو جيڪڏهن تو وساري ڇڏين تہ ٻيا ياد رکندا، انهيءَ ڪري جو ڪلام ڀٽڪ جهڙي شڪار وانگر ٿئي ٿو، جيڪو هڪ جي گرفت ۾ اچي ٿو، ۽ ٻئي جي هٿ مان نڪري وڃي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 258: سياڻي جو فڪر

اي ابن آدم! ان ڏينهن جي فڪر جو بار جيڪو اچا آيو نہ آهي، سو اڄوڪي پنهنجي ڏينهن تي نہ وجهہ جيڪو اچي چڪو آهي انهيءَ ڪري جو جيڪڏهن هڪ ڏينهن بہ تنهنجي عمر جو باقي هوندو ، تہ الله تعاليٰ تنهنجو رزق تو تائين پهچائيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 259: دوستيءَ دشمنيءَ ۾ احتياط

پنهنجي دوست سان بس هڪ حد تائين محبت ڪر، جو جو شايد ڪنهن ڏينهن هو تنهنجو دشمن ٿي وڃي، ۽ دشمن جي دشمني به هڪ حد تائين رک، ٿي سگهي ٿو، ته ڪنهن ڏينهن هو تنهنجو دوست ٿي وڃي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 260: دنيا ۽ آخرت جا عمل

دنيا ۾ ڪم ڪرڻ وارا ٻن قسمن جا آهن، هڪڙو اهو جيڪو دنيا لاءِ عمل ۾ سرگرم رهي ٿو، ۽ ان کي دنيا، آخرت کان روڪي رکيو آهي، هو پنهنجي پوئين لاءِ غريبي ۽ مسڪيني جو خوف ڪري ٿو، مگر پنهنجي تنگدستي کان مطمئن آهي، اهو ماڻهو ٻين جي فائدي ۾ ئي پوري عمر بسر ڪري ٿو.

ٻيو اهو آهي، جيڪو دنيا ۾ رهي ڪري، ان کان پوءِ ايندڙ منزل لاءِ عمل ڪري ٿو. ان کي ٻچ ڏڪ کان سواءِ پڻ دنيا حاصل ٿي وڃي ٿي ۽ اهڙي طرح هو ٻنهي حصن کي گڏ ڪري وٺي ٿو، ۽ ٻنهي گهرن جو مالڪ بڻجي وڃي ٿو. اهو الله جي نزديڪ (قرب) ۾ باوقار ٿئي ٿو، ۽ الله کان ڪا دعا نٿو گُهري، جيڪا الله پوري نہ ڪري.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 261: خانهء ڪعبه جا زيور

بيان ڪيو ويو آهي، ته عمر ابن خطاب جي سامهون خانه ڪعبه جي زيورن ۽ انهن جي گهڻائي جو ذڪر ٿيو، ڪن ماڻهن ڪيس چيو ته، جيڪڏهن توهان انهن زيورات کي کڻي ۽ انهن کي مسلمانن جي لشڪر تي صرف ڪريو، ۽ انهن جي روانگيءَ جو بندوبست ڪريو، ته زياده ثواب جو باعث ٿيندو، ۽ خانه ڪعبه کي انهن زيورات جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ نيٺ عمر ارادو ڪيو، ته امير المومنين عليه السلام سان ان باري ۾ مشورو ڪيو وڃي، تڏهن امير المومنين فرمايو، ته جڏهن قرآن مجيد نبي اڪرم صلي الله عليه و آله و سلم جن تي نازل ٿيو، تڏهن ان وقت چئن قسمن جا مال هئا، هڪ مسلمانن جو ذاتي مال هو، تنهن کي پاڻ انهن جي وارثن ۾ سندن حصن مطابق تقسيم ڪرڻ جو حڪم ڪيائون. ٻيو غنيمت جو مال هو، جنهن کي ان جي مستحقين ۾ ورهايائون. ٽيون خمس جو مال هو، ان مال جا خاص مستحق الله تعاليٰ مقرر ڪري ڇڏيا، چوٿون زڪوات ۽ صدقا هئا، انهن کي به الله تعاليٰ اتي صرف ڪرڻ جو حڪم ڪيو، جيڪو ان جو مصرف آهي، اهي خانه ڪعبه جا زيورات ان زماني ۾ به موجود هئا، ليڪن الله تعاليٰ انهن کي انهيءَ حال ۾ رهڻ ڏنو، ۽ اهو ڀُلجي ڀُلائي ته ائين نه ڪيو ويو هو، ۽ نه وري انهن جو هجڻ ڪو حضور جن کان پوشيده ڪيو ويو، تنهن ڪري پاڻ به انهن کي اتي ئي رهڻ ڏنائون، جتي الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول انهن کي رکيو آهي. اهو ٻڌي، عمر چيو، ته توهان نه هجو ها، ته اسين رسوا ٿيون ها، ۽ پوءِ زيورن کي انهيءَ حالت ۾ ئي ڇڏي ڏنو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 262: بيت المال جي چوري

روايت آهي، تہ حضرت جي اڳيان ٻن ماڻهن کي پيش ڪيو ويو، جن بيت المال مان چوري ڪئي هئي، هڪ انهن مان غلام جيڪو خود بيت المال جي ملڪيت هو، ٻيو ماڻهن مان ڪنهن هڪ جي ملڪيت مان هو. پاڻ فرمايائين، تہ هي غلام، جيڪو بيت المال جو آهي، تنهن تي حد جاري ٿي نٿي سگهي، ڇاڪاڻ تہ الله تعالىٰ جو مال، الله تعالىٰ جي مال ئي کاڌو آهي، ليڪن ٻئي تي حد جاري ٿيندي، جنهن ڪري ان جو هٿ ڪپيو ويو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 263: حڪمن ۾ ترميم

جيڪڏهن هنن ترڪڻ وارين جاين کان بچي نڪري منهنجا پير ڄمي ويا، ته پوءِ آءُ گهڻين ئي ڳالهين ۾ تبديلي آڻيندس.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 264: تقدير ۽ تدبير

پوري يقين سان هن امر کي ڄاڻندا رهو! ته الله سبحانه ڪنهن به بندي لاءِ پوءِ چاهي ان جون تدبيرون نهايت زبردست هجن، ان جي جستجو نهايت گهڻي ۽ ان جون ترڪيبون به طاقت واريون هجن، پر ان کان گهڻو رزق مقرر نه ڪيو، جيترو ان جي تقدير ۾ ان جي لاءِ مقرر ٿي چڪو آهي، ۽ پڻ ڪنهن به بندي لاءِ ان جي ڪمزوري ۽ بيوسي جي باوجود، لوح محفوظ ۾ ان جي مقرر ڪيل رزق تائين پهچڻ ۾ ڪا به رڪاوٽ نٿي ٿئي. ان حقيقت کي سمجهڻ وارو ۽ ان تي عمل ڪرڻ وارو فائدي ۽ منفعت جي راحتن ۾ سڀني ماڻهن کان گهڻو وڌ آهي، ۽ ان ڳالهه کي نظر انداز ڪرڻ يا ان ۾ شڪ شبهي ڪرڻ وارو سڀني ماڻهن کان زياده زيان ڪاري ۾ مبتلا آهي. ڪيترائي اهي ماڻهو جن کي نعمتون مليون آهن، سي نعمتن جي بدولت آهستي آهستي عذاب جي نزديڪ ڪيا پيا وڃن، ۽ ڪيترن ئي سان فقيري ۽ مسڪيني جي اوٽ ۾ متن الله تعاليٰ جو لطف ۽ ڪرم شامل حال آهي، تنهن ڪري اي ٻڌڻ وارا! شڪر گهڻو ۽ جلد بازي گهٽ ڪريو، ۽ جيڪا تنهنجي روزي جي حد آهي، تنهن تي قائم رهه.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 265: علم ۽ يقين

پنهنجي علم کي جهل ۽ پنهنجي يقين کي شڪ نہ بڻايو. جڏهن سمجهي وڃو، تہ عمل ڪريو، ۽ جڏهن يقين پيدا ٿي ويو تہ پوءِ اڳتي وڌو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 266: طمع ۽ حرص

طمع ڪناري تي آڻي لاهي ٿي، مگر سيراب ڪرڻ کان سواءِ ئي موٽائي ڇڏي ٿي، ذمہ داري جو بار کڻي ٿي، پر ان کي پورو نه ٿي ڪري، ۽ اڪثر ائين ٿئي ٿو، ته پاڻي پيئڻ واري کي پيئڻ کان اڳواٽ ئي نڙي ۾ پاڻي ڦاسي پوڻ واري حالت ۾ اٿو ٿئي ٿو، ۽ پڻ جيتري ڪنهن وٽندڙ ۽ پسند ايندڙ شيءِ جي قدر و منزلت زياده ٿئي ٿي، اوترو ئي ان کي کسجي وڃڻ جو ڏک زياده ٿئي ٿو. اميدون دانائي وارين اکين کي انڌو ڪري ڇڏين ٿيون، ۽ جيڪي نصيب ۾ ٿئي ٿو، سو پهچڻ جي ڪوشش ڪرڻ کان سواءِ ملي ويندو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 267: ظاهر ۽ باطن

اي الله! آءُ تو کان پناهه ٿو گهران، ان کان تہ جيڪو منهنجو ظاهر، ماڻهن جي نگاهن ۾ بهتر هجي، پر جيڪي اندر ۾ لڪل هجي، ۽ اهو تنهنجي نظرن ۾ برو هجي، هوڏانهن آءُ ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ پنهنجي نفسن جي انهن ڳالهين کي لڪايان، جن سيني کان تون آگاهه آهين. اهڙي طرح ماڻهن جي اڳيان ظاهر جي نيڪ هجڻ جي نمائش ڪريان، ۽ تنهنجي سامهون پنهنجي بد اعمالن کي پيش ڪندو رهان، جنهن جي نتيجي ۾ تنهنجي بندن جو تہ قرب حاصل ڪريان، پر تنهنجي خوشنودين کان پري ئي ٿيندو رهان.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 268: هڪ قسم

)ڪنهن موقعي تي قسم کڻندي ارشاد فرمايائين تہ) ان ذات جو قسم، جنهن جي ڪري اسان اهڙي اونداهي رات جي باقي رهيل حصي ۾ گذاريو، جنهن جي موڪلائڻ کان ئي چمڪندڙ سوجهري وارو ڏينهن ظاهر ٿيندو، اهڙو ۽ اهڙو نہ ٿيو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 269: مفيد عمل

اهو ٿورو عمل، جيڪو پابنديءَ سان بجا آندو وڃي ٿو، سو زياده فائديمند آهي ان گهڻي عمل کان، جنهن مان دل ڪڪ ٿي وڃي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 270: فرض جي اهميت

جڏهن مستحبات فرض ۾ رڪاوٽون وجهن تڏهن انهن کي ڇڏي ڏيو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 271: آخرت

جيڪو سفر جي دوري کي پيش نظر رکندو آهي، سو تيار رهندو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 272: عقل جي راهبري

اڪين جو ڏسڻ، حقيقت ۾ ڏسڻ نہ آهي، ڇو جو اڪيون ڪڏهن پنهنجي مالڪ سان بہ غلط بياني ڪنديون آهن، مگر عقل انهيءَ شخص کي ڪڏهن بہ ڌوڪو نہ ڏيندو آهي، جيڪو ان مان نصيحت وٺڻ چاهيندو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 273: غفلت

توهان جي ۽ واعظ و نصيحت جي وچ ۾ غفلت جو هڪ وڏو پردو حائل آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 274: عالم ۽ جاهل

توهان جا جاهل زياده دولت حاصل ڪري وٺن ٿا ۽ عالم آئينده جي اميدن ۾ مبتلا رکيا وڃن ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 275: عذر جو ختم ٿيڻ

علم جو حاصل ٿي وڃڻ، بهاني ڪرڻ وارن جي عذر کي ختم ڪري ڇڏي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 276: مهلت جي طلب

جنهن کي جلدائي سان موت اچي ٿو، سو مهلت جو طلبگار ٿئي ٿو، ۽ جنهن کي مهلت، حياتي ڏني وئي آهي، سو بهانا ڪندو رهندو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 277: خراب ڏينهن

ماڻهو ڪنهن به ڳالهه تي ”واهه واهه“ نٿا ڪن، مگر اهو ته زماني ان جي لاءِ هڪ برو ڏينهن لڪائي رکيو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 278: قضا و قدر

حضرت ڪان قضا و قدر (الله تعاليٰ جي حڪم) بنسبت پڇيو ويو، ته پاڻ فرمايائين، ته هي هڪ اونداهي وارو رستو آهي، هن ۾ قدم نه رکو. هي هڪ اونهون سمند آهي ان ۾ نه لهو. الله تعاليٰ جو هڪ راز (ڳجهه) آهي، تنهن کي ڄاڻڻ جي تڪليف نه ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 279: علم کان محرومي

الله تعالىٰ جنهن بندي کي ذليل ڪرڻ چاهيندو آهي، تنهن کي علم ۽ دانائي کان محروم ڪري ڇڏيندو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 280: هڪ ديني ڀاءُ

گذريل زماني ۾ منهنجو هڪ ديني ڀاءُ هو، ۽ اهو منهنجي نظرن ۾ انهيءَ ڪري با عزت هو، جو دنيا ان جي نگاهن ۾ پست ۽ حقير هئي. ان تي پيٽ جون خواهشون ڇانيل نہ هيون، تنهن ڪري جيڪا شيءِ ان کي حاصل نہ ٿيندي هئي، تنهن جي خواهش نہ ڪندو هو، ۽ جيڪا شيءِ وٽس هئي، تنهن کي ضرورت کان وڌيڪ ڪم ۾ نہ آڻيندو هو، هو گهڻو ڪري خاموش رهندو هو. پر جيڪڏهن ڳالهائيندو هو، تہ ڳالهائڻ وارن کي چُپ ڪرائي ڇڏيندو هو، ۽ سوال ڪرڻ وارن جي پياس اجهائي ڇڏيندو هو. ائين تہ هو ڪمزور ۽ عاجز هو، مگر جهاد جو موقعو اچي وڃي تہ، هو گجندڙ شينهن ۽ ميدان ۾ ڪارو نانگ هو، هو جيڪو دليل ۽ ثابتي پيش ڪندو هو، سو فيصلو ڪندڙ هو. هو انهن ڳالهين ۾ جن ۾ عذر جي گنجائش هوندي هئي، ڪنهن کي بہ تنبيهہ نہ ڪندو هو، جيستائين ان جي عذر، معذرت کي نہ ٻڌندو هو، هو ڪنهن بہ درد ۽ تڪليف جو ذڪر نہ ڪندو هو، مگر ان وقت (ڪندو هو جڏهن) ان مان ڇوٽڪارو حاصل ڪندو هو. جيڪي چوندو هو سو ئي ڪندو هو، ۽ جيڪي نہ ڪندو هو، سو نہ چوندو هو، جيڪڏهن ڳالهائڻ ۾ مٿس غلبو حاصل ڪيو ويندو هو، تہ بہ خاموشيءَ ۾ مٿس غلبو حاصل ڪري نہ سگهبو هو. هو ڳالهائڻ کان زياده ٻڌڻ جو خواهشمند رهندو هو، ۽ جڏهن اوچتو ان جي سامهون ٻہ ڳالهيون اينديون هيون، تہ هو ڏسندو هو تہ انهن ٻنهي مان ڪهڙي ڳالهہ زياده نفس جي خواهش کي ويجهي آهي ۽ پوءِ هو ان جي مخالفت ڪندو هو. تنهن ڪري توهان کي بہ انهن عادتن ۽ خصلتن کي حاصل ڪرڻ گهرجي، ۽ انهن تي عمل ڪرڻ گهرجي. ۽ انهن جو خواهشمند رهڻ گهرجي، جيڪڏهن انهن سيني جو حاصل ڪرڻ توهان جي طاقت کان ٻاهر هجي، تہ پوءِ انهيءَ ڳالهہ کي سمجهي ڇڏيو، تہ ٿوري ڳالهہ بہ حاصل ڪرڻ، صفا ڇڏي ڏيڻ کان بهتر آهي.

)مٿي ذڪر ڪيل شخص بابت حضرت رضي عليہ الرحمہ جو گمان آهي، تہ اهو حضرت ابوذر غفاري هو.(



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 281: گناھ جو ترڪ ڪرڻ

جيڪڏھن پروردگار عالم پنھنجي نافرمانين (جي عذاب) کان نہ ڊيڄاريو ھجي ھا، تہ پوءِ ان جي نعمتن تي شڪر ڪرڻ جي تقاضا اھا ھئي، تہ ان جا گناھ نہ ڪيا وڃن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 282: تعزيت

اشعث ابن قيس وٽ، سندس پٽ جي عذر خواهي ڪندي فرمايائين، ته اي اشعث! جيڪڏهن تون پنهنجي پٽ تي رنج ۽ ملال ڪرين ته اها خون جي رشتي جي تقاضا آهي، پر جيڪڏهن صبر ڪرين، ته الله تعالىٰ جي نزديڪ هر مصيبت جو عيوضو آهي. اي اشعث! جيڪڏهن تو صبر ڪيو، ته تقدير الاهي جاري ٿيندي، (پر) انهيءَ حالت ۾ ته تون اجر ۽ ثواب جو حقدار هوندين، ۽ جيڪڏهن رڙيون ۽ دانهون ڪندين، تڏهن به قضا جو حڪم جاري ٿي ڪري رهندو، مگر انهيءَ حالت ۾ تو تي گناه جو بار ٿيندو (جيتوڻيڪ) تنهنجي لاءِ (تنهنجو) پٽ خوشي جو باعث بڻيو، حالانڪ اها زحمت ۽ آزمائش هئي ۽ تنهنجي لاءِ رنج ۽ مصيبت جو سبب ٿيو، حالانڪ هو (مرڻ کان) تنهنجي لاءِ اجر ۽ رحمت جو باعث ٿيو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 283: رسول جن جي قبر تي

رسول الله صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن جي دفن ٿيڻ وقت قبر تي هي الفاظ فرمايائين، تہ صبر عام طرح نيڪ ڳالهہ آهي سواءِ توهان جي غم جي ۽ بيقراري، بيتابي عموما بري ڳالهہ آهي سواءِ توهان جي وفات جي، تحقيق، توهان جي موت جو صدمو آهي، ۽ توهان کان اڳ ۾ ۽ توهان کان پوءِ اچڻ واري هر مصيبت هلڪي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 284: بيوقوف جي صحبت

بي وقوف جي صحبت اختيار نہ ڪريو، ڇو جو هو توهان جي سامهون پنهنجي ڪمن کي سينگاري پيش ڪندو، ۽ هو ائين چاهيندو، تہ توهان بہ هن جهڙائي تي وڃو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 285: مغرب ۽ مشرق جو فاصلو

حضرت کان پڇيو ويو، ته اوڀر ۽ اولهه جي وچ ۾ ڪيترو فاصلو آهي؟ پاڻ فرمايائين، ته سج جي هڪ ڏينهن وارو رستو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 286: دوست ۽ دشمن

توهان جا ٽن قسمن جا دوست آهن، ۽ ٽن قسمن جا دشمن. دوست هي آهن: توهان جو دوست، توهان جي دوست جو دوست ۽ توهان جي دشمن جو دشمن. ۽ وري دشمن هي آهن: توهان جو دشمن، توهان جي دوست جو دشمن ۽ توهان جي دشمن جو دوست.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 287: ايذا رسائڻ

حضرت هڪ اهڙي شخص ڪي ڏنو جيڪو پنهنجي دشمن ڪي اهڙي شيءِ جي ذريعي نقصان پهچائڻ لاءِ تيار هو، جنهن جي ذريعي هو خود پاڻ کي به نقصان پهچائي ها، تڏهن حضرت فرمايو، ته تون ان شخص وانگر آهين، جيڪو پنهنجي پٺيان سوار کي قتل ڪرڻ لاءِ پنهنجي سيني ۾ نيزو هڻي.



Presented by Ziaraat.Com

# حکمت 288: عبرت ۽ بصيرت

نصيحتون ڪيتريون تہ زياده آهن ۽ انهن مان اثر حاصل ڪرڻ وارا تمام ٿورا آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 289: دشمنيءَ ۾ خدا جي خوف جو لحاظ

جيڪو لڙائي جهڳڙي ۾ حد کان وڌي وڃي ٿو، سو ئي گنهگار ٿيندو آهي، ۽ جيڪو ان ۾ ڪمي ڪري، تنهن تي ظلم ڪيا ويندا آهن، ۽ جيڪو وڙهندو ۽ جهيڙا ڪندو آهي، تنهن جي لاءِ مشڪل ٿئي ٿو، تہ هو خدا جو خوف قائم رکي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 290: توبه

اهو گناهه مون کي غمگين نٿو ڪري، جنهن کان پوءِ مون کي ايتري مهلت ملي وڃي جو آءٌ ٻه رڪعتون نماز پڙهان، ۽ الله تعالىٰ کان امن ۽ عافيت جي دعا گهران.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 291: حساب ۽ ڪتاب

امير المومنين عليہ السلام ڪان پڇيو ويو تہ خداوند عالم هن هيتري ساري مخلوق جو حساب ڪيئن وٺندو؟ فرمايائين تہ جهڙي طرح انهن جي گهڻائي جي باوجود بہ انهن کي روزي رسائي ٿو. پڇو ويو تہ هو ڪيئن حساب وٺندو؟ جڏهين تہ هن کي مخلوق ڏسندي ئي ڪونہ. حضرت فرمايو تہ جهڙي طرح انهن کي روزي ڏي ٿو، ۽ هو ان کي نٿا ڏسن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 292: قاصد

توهان جو قاصد توهان جي عقل جو ترجمان آهي. ۽ توهان جي طرفان ڪامياب ترين ترجماني ڪرڻ وارو توهان جو خط آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 293: دعا جو محتاج

اهڙو شخص، جيڪو سختيءَ ۽ مصيبت ۾ مبتلا هجي، سو دعا جو ايترو ئي محتاج آهي ان کان گهٽ اهو محتاج نہ آهي، جيڪو هن وقت خير و عافيت سان تہ آهي، پر انديشو اٿس، تہ الائجي مٿان ڪڏهن ڪا مصيبت اچي وڃي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 294: دنيا دار

ماڻهو هن ئي دنيا جو اولاد آهن، ۽ ڪنهن شخص کي پنهنجي ماءُ سان محبت ڪرڻ تي لعنت ملامت نٿي ڪري سگهجي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 295: خدا جو موڪليل

غريب ۽ مسڪين ٻ الله تعاليٰ جو موڪليل آهي، تہ پوءِ جنهن ان کان پنهنجو هٿ روڪيو، تنهن خدا کان هٿ روڪيو، ۽ جنهن ان کي ڪجهہ ڏنو، تنهن خدا کي ڏنو.



Presented by Ziaraat.Com

# حکمت 296: غیرتمند

غيرتمند کڈھن بہ زنا نٿو ڪري.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 297: زندگي جو محافظ

حياتي جي مدت، نگهباني لاءِ ڪافي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 298: مال سان محبت

اولاد جي مرڻ تي ماڻهو ڪي ننڊ اچي وڃي ٿي، پر مال جي ڪسجڻ تي ان ڪي ننڊ نٿي اچي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 299: دوستي ۽ قرابت

والدن (پيئن) جي باهمي محبت اولاد جي وچ ۾ هڪ قرابت ٿيندي آهي، ۽ محبت کي قرابت جي ايتري ضرورت نہ آهي، جيتري قرابت کي محبت جي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 300: مومنن جا گمان

ايمان وارن جي گمان کان ڊڄندا رهو، ڇو جو خداوند عالمؔ حق کي انهن جي زبانن تي مقرر ڪيو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 301: الله تعاليٰ تي ڀروسو

ڪنهن بندي جو ايمان ان وقت تائين سچو نٿو ٿئي، جيستائين پنهنجي هٿ ۾ موجود هئڻ واري مال سان، ان تي زياده اطمينان نہ هجي، جيڪو قدرت جي هٿ ۾ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 302: انس ابن مالڪ

جڏهن حضرت بصره ۾ وارد ٿيو، تڏهن طلحه ۽ زبير ڏي انس بن مالڪ کي موڪليائين، ته تون انهن ٻنهي کي ڪجهه اهي اقوال ياد ڏيار، جيڪي منهنجي باري ۾ انهن خود پيغمبر صلي الله عليه و آله و سلم جن کان ٻڌائون، مگر هنن انهيءَ کان نٽايو ۽ جڏهن انس واپس آيو، ته چيائين، اها (اصل) ڳالهه مون کي ياد ئي نه رهي، تنهن تي حضرت فرمايو، ته جيڪڏهن تون ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي، ته ان جي عيوض ۾ خداوند عالم اهڙن چمڪدار داغن ۾ تو کي مبتلا ڪندو، جن کي دستار به لڪائي نه سگهندي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 303:. دلين جي حالت

دليون ڪڏهن مائل ٿينديون آهن، ته وري ڪڏهن اداس ۽ بيزار به ٿينديون آهن تنهن ڪري جڏهن مائل هجن، تڏهن ان وقت انهن کي مستحبات جي بجا آوري تي آماده ڪريو، ۽ جڏهن اداس هجن، ته واجبات تي اڪتفا ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 304: قرآن جي جامعيت

قرآن ۾ توهان کان اڳ جون خبرون، توهان کان پوءِ جا واقعات ۽ توهان جي درمياني حالتن لاءِ حڪم آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 305: پٿر جو جواب پٿر سان

جنهن طرف کان پٿر اچي، ان کي انهيءَ طرف ئي موٽايو، ڇو جو سختيءَ کي سختي ئي دفع ڪري سگهي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 306: خطاطي جي سهڻائي

پنهنجي منشي عبيد الله بن ابي رافع کي فرمايائين، ته مس ۾ صوف (ريشمي ڪپڙو) وجهندو ڪر ۽ قلم جي زبان ڊگهي رکندو ڪر، سٽن جي وچ ۾ فاصلو زياده ڇڏيندو ڪر ۽ حرفن کي گڏي ملائي لکندو ڪر جو اهي تحرير جي ديده زيبي لاءِ مناسب آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 307: يعسوب المومنين

آءُ ايمان وارن جو يعسوب آهيان ۽ بدڪردارن جو يعسوب مال آهي.

)نوٽ: يعسوب المومنين، يعني مسلمانن يا مومنن جو سردار، اهو حضرت علي عليہ السلام جو لقب آهي،
از مترجم(



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 308: هڪ يهودي

هڪ يهودي حضرت کي چيو، ته اجا توهان ماڻهن، پنهنجي نبي کي دفن ئي نه ڪيو هو، ته ان باري ۾ اختلاف شروع ٿي ويا. پاڻ فرمايائين، ته اسان ان جي باري ۾ اختلاف نه ڪيا، پر ڪائنن بعد جانشيني جي سلسلي ۾ اختلاف ٿيو، مگر توهان ته اهي آهيو، جو اجا دريائي نيل مان نڪرندي توهان جا پير به خشڪ نه ٿيا هئا، ته توهان پنهنجي نبي کي چوڻ لڳا، ته اسان جي لاءِ به هڪ اهڙو خدا بڻائي ڏي جهڙا ٻين ماڻهن جا خدا آهن، تڏهن موسىٰ عہ چيو، ته بيشڪ توهان هڪ جاهل قوم آهيو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 309: غلبي جو سبب

حضرت کي چيو ويو تہ توهان ڪهڙي سببان پنهنجي حريفن تي غالب ٿيندا رهيا آهيو؟ پاڻ فرمايائين تہ، آءٌ جنهن شخص جو بہ مقابلو ڪندو هوس، تہ اهو پنهنجي خلاف منهنجي مدد ڪندو هو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 310: اڻ هوند ۽ مسڪيني

پنهنجي فرزند محمد بن حنفيه کي فرمايائين، ته اي فرزند! آءُ تنهنجي مسڪيني ۽ تنگدستي کان ڊڄان ٿو، تنهن ڪري مسڪيني ۽ اڻ هوند کان الله تعالیٰ جي پناهه گهر، ڇو جو اهي دين جي نقص، عقل جي پريشاني ۽ ماڻهن جي نفرت جو باعث آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 311: سوال جو طريقو

هڪ شخص هڪ مشڪل مسئلو حضرت کان پڇو، تڏهن پاڻ فرمايائين، تہ سمجهڻ لاءِ پڇ، منجهڻ لاءِ نہ پڇ، انهيءَ ڪري جو اهو جاهل، جيڪو سکڻ چاهي ٿو، سو مثل عالم جي آهي، ۽ اهو عالم، جيڪو منجهڻ چاهي ٿو، سو مثل جاهل جي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 312: هڪ مشورو

عبد الله ابن عباس هڪ امر ۾ ڪيس مشورو ڏنو، حضرت جي نظريہ جي خلاف هو، تڏهن ڪيس فرمايائين، تہ تنهنجو اهو ڪم آهي، تہ مون ڪي (پنهنجي) راءِ ڏي. ان ڪان پوءِ مون ڪي مصلحت ڏسٹي آهي، پر جيڪڏهن آءُ تنهنجي راءِ ڪي نہ مڃان، تہ بہ تو تي منهنجي اطاعت لازم آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 313: ڪوفي جون عورتون

مروي آهي، ته جڏهن پاڻ ”صفين“ کان موٽندي ڪوفه پهتو، تڏهن ”شبام قبيلہ“ جي ڳوٺ مان ٿيندي لنگهيو، جتي صفين ۾ قتل ٿيلن تي روئڻ جو آواز سندس ڪن تي پيو، ايتري ۾ حرب ابن شرجيل شبامي، جيڪو پنهنجي قوم جي سردار ماڻهن مان هو، سو حضرت وٽ آيو، تڏهن پاڻ ڪيس فرمايائين، ته ڇا، تنهنجو انهن عورتن تي وَس نٿو هلي؟ جيڪي آءُ (روئڻ جا آواز) ٻڌي رهيو آهيان. انهيءَ روئڻ رڙڻ کان تون انهن کي منع نٿو ڪرين؟ حرب اڳتي وڌي حضرت سان همرڪاب ٿيو انهيءَ حالت ۾، جو حضرت پاڻ سوار هو، ۽ فرمايائين، ته تون موٽي وڃ، تو جهڙي ماڻهو جو مون جهڙي سان گڏ پيادو هلڻ، والي جي لاءِ فتنو ۽ مومن جي لاءِ ذلت آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 314: نهروان جا خارجي

نهروان جي ڏينهن خارجين جي قتل ٿيلن جي طرف ڪان لنگهيو، تڏهين فرمايائين، ته توهان جي لاءِ بربادي ۽ تباهي هجي. جنهن توهان کي برغلايو، تنهن توهان کي ڏوکو ڏنو. چيائيون، ته يا امير المومنين! انهن کي ڪنهن برغلايو هو؟ فرمايائين، ته گمراهه ڪرڻ واري شيطان ۽ برائي تي اڀارڻ واري نفس، جن انهن کي اميدن جي فريب ۾ وڌو ۽ گناهن جو رستو انهن لاءِ کولي ڇڏيو. فتح ۽ ڪاماراني جا انهن سان واعدا ڪيا ويا، ۽ پوءِ اهڙي طرح انهن کي دوزخ ۾ اڇلايو ويو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 315: گواهه ب ۽ حاڪم ب

)تنهائي) اڪيلائي ۾ الله تعالىٰ جي مخالفت ڪرڻ کان ڊڄو، ڇاڪاڻ ته جيڪو گواهه آهي، اهو ئي حاڪم آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 316: محمد ابن ابي بڪر جو موت

جڏهن حضرت کي محمد ابن ابو بڪر (رحمت الله عليہ) جي شهيد ٿيڻ جي خبر پهتي، تڏهن فرمايائين تہ، اسان کي هن جي مرڻ جو ايترو ئي ڏک درد آهي، جيترو دشمنن کي ان جي خوشي آهي، تحقيق، هنن جو هڪ دشمن گهٽ ٿيو ۽ اسان بہ هڪ دوست کي وڃايو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 317: عذر قبول ڪرڻ وارو

اها عمر جنهن کان پوءِ الله تعالىٰ ماڻهو جي عذر کي قبول نٿو ڪري سٺ ورهيه آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 318: غلط طريقي سان ڪاميابي

جنهن تي گناهه ضابطو ڪري، سو ڪامران نہ آهي، ۽ شر جي ذريعي غلبي حاصل ڪرڻ وارو، در اصل مغلوب آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 319: فقيرن جو حصو

الله تعاليٰ دولتمندن جي مال ۾ فقيرن جو رزق مقرر ڪيو آهي، تنهن ڪري جيڪڏهن ڪو فقير بکيو رهي ٿو، سو انهيءَ ڪري، ته دولتمند، دولت کي گڏ ڪيو آهي، ۽ خداءِ بزرگ و برتر انهن کان ان جي جواب طلبي ڪرڻ وارو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 320: عذر خواهي

سچي عذر پيش ڪرڻ کان اهو زياده مناسب آهي، ته عذر جي ضرورت ئي نه پوي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 321: نعمت جو اجايو صرف

الله تعاليٰ جو گهٽ ۾ گهٽ جيڪو حق توهان تي عائد ٿئي ٿو، سو هي آهي، ته ان جي نعمتن کان گناهن ۾ مدد نہ وٺو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 322: فرض جي ادائگي جو موقعو

جڏهن ڪاهل ۽ بيڪار ماڻهو، عمل ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪندا، تڏهن الله تعالىٰ جي طرفان عقلمندن لاءِ فرض ادا ڪرڻ جو هڪ بهترين موقعو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 323: بادشاھ جي حيثيت

حاڪمَ الله تعاليٰ جي زمين ۾ ان جا چوڪيدار آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 324: مومن جون وصفون

مومن جي باري ۾ فرمايائين، ته مومن جي مُنهن تي خوشي ۽ دل ۾ غم ۽ ڏک هوندو آهي. سندس همت بلند آهي ۽ پنهنجي دل ۾ هو پاڻ کي ذليل ۽ خوار سمجهي ٿو، وڏائي کي ٻه برو سمجهي ٿو ۽ شهرت کان نفرت ڪري ٿو. هن جو غم (بي پايان) بي انداز ۽ بي حد ۽ همت بلند ٿئي ٿي. نهايت خاموش، سمورو وقت مشغول، شاڪر، صابر، فڪر ۾ غرق، طلب واري سوال جي هٿ ڊگهيرڻ ۾ ڪنجوس، خوش خلق ۽ نرم طبيعت ٿئي ٿو، ۽ هن جو نفس پٿر کان زياده سخت ۽ هو خود غلام کان ٻه زياده آڏرياءُ ۽ نهٺائي ڪرڻ وارو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 325: اميدن جا ڏوڪا

جيڪڏهن ڪو بندو حياتي جي مدت ۽ ان جي نتيجي کي ڏسي، ته جيڪر اميدن ۽ ان جي فريبن کان نفرت ڪرڻ لڳي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 326: ٻه حصيدار

هر شخص جي مال ۾ ٻه حصيدار آهن: هڪ وارث ۽ ٻيا حادثا.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 327: وعده وفائي

جنهن ڪان گهريو وڃي، سو ان وقت تائين آزاد آهي، جيستائين وعدو نہ ڪري.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 328: بي عمل جي دعا

جيڪو عمل نٿو ڪري ۽ دعا گهري ٿو، سو ائين آهي، جيئن بنا ڪمان جي تير هڻڻ وارو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 329: علم جا ٻہ قسم

علم ٻن قسمن جو ٿئي ٿو: هڪ اهو جيڪو نفس ۾ رچي راس ٿئي، ۽ ٻيو اهو، جيڪو فقط ٻڌو وڃي، ۽ ٻڌل ٻڌايل علم فائدو تڏهن ڏئي، جيستائين هو دل ۾ مضبوط ۽ پڪو نہ ٿئي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 330: بد اقبالي

رسائي پهچ ۽ رهائي واري راءِ دولت ۽ اقبال سان تعلق رکي ٿي. جيڪڏهن هي آهي ته هو به ٿئي ٿو، ۽ جيڪڏهن هي نه آهي ته هو به نٿو ٿئي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 331: شڪر ۽ پاڪدامني

فقيري جي زينت پاڪدامني ۽ تونگري جي زينت شڪر آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 332: ظالم ۽ مظلوم

ظالم جي لاءِ انصاف جو ڏينهن، ان کان زياده سخت ٿيندو، جيترو مظلوم تي ظلم جو ڏينهن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 333: وڏي دولتمندي

سڀ کان وڏي دولتمندي اها آهي، تہ ٻين جي هٿ ۾ جيڪي ڪجهہ آهي، تنهن جي آس نہ رکي وڃي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 334: ڪن ماڻهن جي حالت

گفتگويون محفوظ آهن، ۽ دلين جي ڀيدن کي جانچڻ ڄاڻڻ وارا ٻه آهن. هر شخص پنهنجي اعمالن جي هٿن ۾ گروي آهي، ۽ ماڻهن جي جسمن ۾ نقص ۽ عقلن ۾ فتور اچڻ وارو آهي، مگر ائين ته جنهن کي الله تعاليٰ بچائي رکي، ان ۾ پڇڻ وارو منجهائڻ چاهي ٿو، ۽ جواب ڏيڻ وارو (سواءِ سمجهڻ جي جواب جي) زحمت ڪئي ٿو. جيڪو ان ۾ درست راءِ رکي ٿو، تنهن کي گهڻو ڪري خوشنودي ۽ ناراضگي جا خيال صحيح راءِ کان موڙي ڇڏين ٿا، ۽ جيڪو ان ۾ عقل جي لحاظ کان پختو ٿئي ٿو، تنهن کي نهايت ممڪن آهي، ته هڪ نگاهه ئي ان جي دل تي اثر ڪري ڇڏي، ۽ هڪ لفظ ئي ان ۾ انقلاب پيدا ڪري.

نصيحت ۽ هدايت:

اي مردن جا گروهه! الله تعاليٰ کان ڊڄندا رهو، جو ڪيترائي اهڙين ڳالهين جي اميد رکيو ويٺا آهن جن تائين نٿا پهچن، ۽ اهڙي گهر تعمير ڪرڻ وارا آهن، جن ۾ رهڻ نصيب نٿو ٿئي ۽ اهڙي مال جمع ڪرڻ وارا آهن جنهن کي ڇڏي وڃن ٿا، حالانڪ ٿي سگهي ٿو، ته ان کي غلط طريقي سان جمع ڪيو هجي، يا ڪنهن جو حق ڦٻائي حاصل ڪيو هجي. اهڙي طرح ان کي بطور حرام جي حاصل ڪيو هجي، ۽ ان جي سببان گناهه جو بار کنيو هجي ته ان جو وبال کڻي موٽي، ۽ پنهنجي پروردگار جي حضور ۾ رنج ۽ افسوس ڪندي وڃي پهچي. ان دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ نقصان حاصل ڪيو، اهو ئي ته کليو کلايو خسارو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 335: گناھ کان مجبوري

گناھ تائين نہ پھچڻ بہ ھڪ صورت پاڪدامني جي آھي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 336: سوال

توهان جي آبرو قائم آهي، جنهن کي سوال جو هٿ دراز ڪري لوڙهي ٿو ڇڏي، تنهن ڪري اهو خيال رهي ته ڪنهن جي اڳيان پنهنجي آبرو ريزي ڪري رهيا آهيو؟



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 337: مدح ۾ برابري جي حد

ڪنهن ڪي ان جي حق کان زيادہ ساراهڻ چاپلوسي آهي، ۽ حق ۾ ڪمي ڪرڻ ڪوتاه بياني آهي، يا حسد.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 338: وڏو گناھ

سڀ کان وڏو گناھ اهو آهي، تہ جنهن جي عمل ڪرڻ وارو ان کي هلڪو سمجهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 339: نيڪ ۽ بد وصفون

جيڪو شخص پنهنجي عيبن تي نظر رکندو، سو ٻين جي عيبن ڳولڻ کان باز رهندو، ۽ جيڪو الله تعالىٰ جي ڏنل رزق تي راضي رهندو، سو نہ ملڻ واري شيءِ تي ڏک نہ ڪندو. جيڪو ظلم جي تلوار ڇڪي ٿو سو انهيءَ سان ئي قتل ٿئي ٿو، جيڪو اهم ڳالهين کي زبردستي سان ڪرڻ چاهي ٿو، سو تباهہ ۽ برباد ٿو ٿئي، جيڪو اٿندڙ لهرن ۾ ٽپي ٿو، سو ٻڏي ٿو، جيڪو بدنامي جي هنڌن تي ويندو، سو بدنام ٿيندو. جيڪو گهڻو ڳالهائيندو، سو ئي زياده خطائون ڪندو، ۽ جنهن جون خطائون زياده هونديون، تنهن جو حيا گهٽ ٿيندو، ۽ جنهن جو حيا گهٽ هوندو، تنهن ۾ تقوىٰ گهٽ هوندي، ۽ جنهن ۾ تقوىٰ گهٽ هوندي، تنهن جي دل مرده ٿي ويندي، ۽ جنهن جي دل مرده ٿي وئي، سو دوزخ ۾ وڃي پيو. جيڪو شخص ماڻهن جا عيب ڏسي، منهن ۾ گُهنڊ وجهندو، ۽ پوءِ انهن کي پنهنجي لاءِ پسند ڪري، سو سراسر احمق آهي. قناعت اهڙي دولت آهي، جيڪا ختم نٿي ٿئي، جيڪو موت کي زياده ياد ڪري ٿو، سو ٿوري دولت تي بہ خوش رهندو آهي، جيڪو شخص ائين سمجهي ٿو، تہ سندس قول بہ عمل جو هڪ جز آهي، سو مطلب جي ڳالهہ کان سواءِ نٿو ڳالهائي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 340: ظالم جون نشانيون

ماڻهن ۾ جيڪو ظالم هوندو، تنهن جون ٽي نشانيون آهن: هو ظلم ڪري ٿو پاڻ کان، وڏي هستي جي خلاف ورزي ڪان ۽ پاڻ کان گهٽ ماڻهن تي قهر ۽ تسلط سان ۽ ظالمن جي حمايت ۽ امداد ڪري ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 341: سختي ڪان پوءِ آساني

جڏهن سختي انتها تي پهچي وڃي ٿي، ته پوءِ ڪشادگي ۽ فراخي ٿيندي ۽ جڏهين آزمائش ۽ مصيبت جون سختيون تنگ ٿي وڃن، ته پوءِ راحت ۽ آسائش حاصل ٿئي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 342: زال ۽ پٽ سان محبت

پنهنجي اصحاب مان ڪنهن هڪ کي فرمايائين، ته زال ۽ پٽ جي فڪر ۾ زياده نه رهه، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن هو خدا جا دوست آهن، ته خدا پنهنجي دوستن کي برباد نٿو ٿيڻ ڏي ۽ جي اهي خدا جا دشمن آهن، ته پوءِ تو کي خدا جي دشمنن جي ڳڻتين ۽ فڪرن ۾ پوڻ سان ڪهڙو مطلب.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 343: عيبن ڳولڻ وارو

سڀ کان وڏو عيب هي آهي، تہ انهيءَ عيب کي برو چئو، جنهن جهڙو خود توهان اندر موجود آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 344: پٽ جي مبارڪباد

حضرت جي سامهون هڪ شخص، ٻئي ماڻهو کي پٽ جي ڄمڻ تي مبارڪ ڏيندي هيئن چيو، ته ”توکي شهسوار جي مبارڪ هجي“، جنهن تي پاڻ فرمايائين، ته ائين نه چئو! بلڪ هيئن چئو ته تون بخشڻ واري (خدا) جو شڪر گذار ٿي. ۽ هي بخشيل نعمت تو کي مبارڪ هجي، ۽ هي پنهنجي ڪمال کي پهچي، ۽ هن جي نيڪي ۽ سعادت تو کي نصيب ٿئي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 345: دولت جا آثار

حضرت جي حاڪمن مان ڪنهن هڪ بلند عمارت ٺهرائي، جنهن تي پاڻ فرمايائين، ته چاندي جي سڪن سر ٻاهر ڪڍيو آهي. تحقيق، هي عمارت تنهنجي سرمائي جي چغلي هڻي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 346: رزق رساني

حضرت کي چيو ويو، تہ جيڪڏهن ڪنهن شخص کي گهر ۾ ڇڏي ان جو دروازو بند ڪيو وڃي، تہ پوءِ ان جي روزي ڪٿان ايندي؟ فرمايائين تہ جتان ان جو موت ايندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 347: عذر خواهي

جناب امير عليہ السلام هڪ جماعت کي ان جي مرڻ واري جي تعزيت ڪندي فرمايو تہ هن موت جي ابتدا تو کان نٿي آهي ۽ نہ وري ان جي انتها تو تي آهي، پر هي تنهنجو ساٿي سفر ۾ مصروف رهندو هو، هاڻي بہ ائين سمجهہ تہ هو پنهنجي ڪنهن سفر ۾ آهي، سو جيڪڏهن هو آيو تہ بهتر ورنہ تون خود ان وٽ پهچي ويندين.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 348: دولت ۽ عذاب

اي انسانو: هئڻ ته ائين گهرجي، ته الله تعالىٰ توهان کي نعمت ۽ راحت جي موقعي تي به اهڙي طرح ڊڄندڙ ۽ خوف ۾ ڏسي، جهڙي طرح توهان کي عذاب کان هراس ۾ ڏسي ٿو. بيشڪ، جيڪو مالدار يا سخي هجي، ۽ اهو دولتمندي کي آهستي آهستي عذاب جي طرف وڃڻ جو سبب نه سمجهي، ته چڻ هن پاڻ کي خوفناڪ ڳالهه کان مطمئن سمجهيو، ۽ جيڪو مفلس غريب هجي، ۽ اهو ان کي آزمائش نه سمجهي، ته پوءِ ان ثواب کي ضايع ڪري ڇڏيو، جنهن جي اميد ۽ آرزو ڪئي ويندي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 349: نفس جي اصلاح

اي حرص ۽ طمع جا قيديو! باز اچو، ڇو جو دنيا تي ٽٽي پوندڙن کي زماني جي حادثن جي ڏندن ڪرڻ جو انديشو ڪرڻ گهرجي. اي انسانو! پاڻ ئي خود پنهنجي اصلاح جو ذمو کڻو، ۽ پنهنجي عادتن جي تقاضائن کان منهن موڙي ڇڏيو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 350: بدگماني

ڪنهن جي ٻه زبان مان نڪرڻ واري ڳالھ ۾ جيڪڏهن چڱائي جو پهلو نڪري سگهندو هجي تہ ان جي باري ۾ بدگماني نہ ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 351: دعا جو طريقو

جڏهن الله تعاليٰ کان ڪا حاجت طلب ڪريو، ته پهرين رسول صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن تي صلوات پڙهو، پوءِ پنهنجي حاجت طلب ڪريو، ڇو جو الله تعاليٰ انهيءَ ڳالهہ کان نهايت بلند تر آهي، تہ انهيءَ کان بہ حاجتون طلب ڪيون وڃن، ۽ هو هڪ کي پورو ڪري، ۽ ٻي کي روڪي ڇڏي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 352: عزت جي سنڀال

جنهن کي پنهنجي عزت پياري هجي، سو جهيڙي جهڳڙي کان پري رهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 353: موقعو ۽ مهل

امڪان پيدا ٿيڻ کان پهرين ڪنهن ڪم ۾ جلد بازي ڪرڻ ۽ موقعي اچڻ تي وري دير ڪرڻ، ٻئي حماقت ۾ داخل آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 354: بي فائدو سوال

جيڪا ڳالھ نہ ٿيڻ واري ھجي، ان جي متعلق سوال نہ ڪريو، ڇو جو جيڪا بہ آھي، اھا ئي توھان جي لاءِ ڪافي آھي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 355: وڻندڙ صفتون

فڪر هڪ روشن آئينو آهي. عبرت حاصل ڪرڻ، هڪ خير خواه تنبيھ ڪرڻ واري ڳالھ آهي. نفس جي اصلاح لاءِ اهو ڪافي آهي تہ جن ڳالهين کي پين لاءِ برو سمجهجي، ان کان بچندا رهو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 356: علم و عمل

علمُ عمل سان وابستہ آهي، سو جيڪو ڄاڻي ٿو، اهو عمل بہ ڪري ٿو ۽ علم عمل کي سڏي ٿو. جيڪڏهن اهو لبيڪ چئي ٿو تہ بهتر نہ تہ هو بہ ان کان رخصت ٿي وڃي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 357: انقلاب جو ڦيرو

اي انسانو! دنيا جو ساز و سامان سڪل سڙيل بوسو آهي، جيڪو وبا پيدا ڪرڻ وارو آهي، تنهن ڪري ان چراگاهه کان پري رهو، جنهن کان هليو وڃڻ ئي اطمينان سان منزل انداز ٿيڻ کان زياده فائديمند آهي، ۽ فقط مناسب روزي حاصل ڪرڻ ان دولت ۽ حشمت کان زياده برڪت واري آهي. هن جي دولتمندن لاءِ فقيري طئي ٿي چڪي آهي، ۽ ان کان بي پرواهه رهڻ وارن کي راحت جو سهارو ڏنو ويو آهي. جنهن کي هن جي سونهن سوڀيا لالچائي ٿي، اها آخرڪار هن جي اکين کي انڌو ڪري ڇڏي ٿي، ۽ جيڪو ان جي چاهه ۽ پيار کي پنهنجي عادت بنائي ٿو، ته اهو ان جي دل کي اهڙن غمن سان پري ڇڏي ٿو، جيڪي دل جي گهراين ۾ جوش برپا ڪن ٿا، اهڙي طرح ته ڪڏهن ڪيس ڪهڙي به ڳڻتي گهيري وٺي ٿي، ته ڪڏهن وري ان کي ڪهڙو انديشو رنجيده بڻائي رهي ٿو. هو اهڙي حالت ۾ هوندو آهي، جو ان جو گلو گهٽيو وڃي ٿو ۽ ان کي بيابانن ۾ ڦٽو ڪيو وڃي ٿو. اهڙي عالم ۾ ان جي دل جون ٻئي رڳون ٽٽل هونديون آهن، الله تعالىٰ کي ان جو فنا ڪرڻ آسان ۽ ان جي يارن کي قبر ۾ لاهڻ سولو ٿي ويندو آهي.

مومن دنيا کي عبرت جي نگاهه سان ڏسندو آهي، ۽ ان کان ايتري غذا حاصل ڪري ٿو، جيتري پيٽ جي ضرورت مجبور ڪري ٿي، ۽ ان جي باري ۾ هر ڳالهه کي بغض ۽ دشمني جي ڪنن سان ٻڌي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن جي باري ۾ ائين چيو وڃي ٿو، ته هو مالدار ٿي ويو آهي، ته پوءِ ائين به چوڻ ۾ اچي ٿو، ته هو غريب ٿي ويو آهي. جيڪڏهن حياتي تي خوشي ڪئي وڃي ٿي، ته مرڻ تي به ڏک ٿيندو آهي. بس اها حالت آهي، حالانڪ اڃا اهو ڏينهن نه آيو آهي، جنهن ۾ بلڪل مايوسي ڇانئجي ويندي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 358: ثواب ۽ عذاب

الله سبحانہ پنھنجي اطاعت تي ثواب ۽ پنھنجي نافرماني تي سزا ان لاءِ رکي آھي، تہ پنھنجي بندن کي عذاب کان پري ڪري، ۽ جنت جي طرف گھيري ۾ آڻي وٺي ڇڏي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 359: ڪو زمانو

ماڻهن تي هڪ اهڙو به دور ايندو، جنهن ۾ فقط قرآن جا نقش ۽ اسلام جو رڳو نالو باقي رهجي ويندو، ان وقت مسجدون تعمير ۽ زينت جي لحاظ کان آباد ۽ هدايت جي اعتبار کان ويران هونديون. انهن ۾ رهڻ وارا ۽ انهن کي آباد ڪرڻ وارا، سمورا زمين تي رهڻ وارا، سڀ کان بدتر هوندا، اُهي فتنن جا سرچشما ۽ گناهن جا مرڪز هوندا. جيڪو انهن فتنن کان مُنهن موڙيندو، انهن کي انهن فتنن ڏانهن موٽائي آڻيندا، ۽ جيڪي پٺتي قدم هٽائيندا، تن کي ڌڪي انهن جي طرف آڻيندا. الله تعالیٰ جو ارشاد آهي، ته ”مون کي پنهنجي ذات جو قسم! ته آءٌ انهن ماڻهن تي اهڙو فتنو نازل ڪندس، جنهن ۾ حليم ۽ بردبار کي پڻ حيران ۽ پريشان ڇڏي ڏيندس“. بهرنوع هو ائين ئي ڪندو. اسين الله تعالیٰ جي غفلت جي ٺوڪرن کان عفو جا اميدوار آهيون.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 360: تقويٰ ۽ پرهيزگاري

جڏهن به حضرت منبر تي رونق افروز ٿيندو هو، ته اهڙو اتفاق نهايت ورلي ٿيندو هو، ته خطبہ کان پهرين هي ڪلمات نہ فرمائي:

اي انسانو! الله تعاليٰ کان ڊڄو، ڇو جو ڪو به شخص بيڪار پيدا نہ ڪيو ويو آهي، ته هو راند روند ۾ پئجي وڃي، ۽ نہ وري ان کي ڇڙواڳ ڇڏيو ويو آهي، ته بيهودگيون ڪندو وتي، ۽ هي دنيا جيڪا ان جي لاءِ آراستہ و پيراستہ آهي، سان انهيءَ آخرت جو عيوض ٿي نٿي سگهي، جو جنهن کي ان جي غلط نگاهہ بري صورت ۾ پيش ڪيو آهي. اهو فريب خورده جيڪو پنهنجي بلند همتي سان دنيا حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو هجي، سو ان ٻئي شخص وانگر ٿي نٿو سگهي، جنهن آخرت جو ٿورو گهڻو حصو حاصل ڪري ڇڏيو هجي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 361: نيڪ ۽ بد صفتون

ڪو به اسلام جي شرف ڪان بلند تر نہ آهي، ڪا به بزرگي تقوىٰ ڪان زياده وقار واري نہ آهي، ڪا به پناهہ جي جاءِ پرهيزگاري ڪان بهتر نہ آهي، ڪو به سفارش ڪرڻ وارو، توبهہ ڪان زياده ڪامياب نہ آهي، ڪو به خزانو قناعت ڪان زياده بي پرواهہ ڪرڻ وارو نہ آهي، ڪو به مال ضرورت مطابق روزي تي رضامند رهڻ واري ڪان وڌيڪ فقر ۽ احتياج جي جي دور ڪرڻ وارو نہ آهي. جيڪو شخص قدري حاجت تي اڪتفا ڪري ٿو، اهو راحت حاصل ڪري ٿو، ۽ آرام ۽ آسودگي ۾ منزل بنائي ٿو. خواهش ۽ رغبت، ڏک ۽ تڪليف جي ڪنجي ۽ سختي ۽ اندوهہ جي سواري آهي. حرص تڪبر ۽ حسد گناهن ۾ ٽپي پوڻ لاءِ اپارڻ وارا آهن، ۽ بدڪرداري سيني برن عيبن تي حاوي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 362: جابر ابن عبد الله

جابر ابن عبد الله انصاري کي فرمايائين تہ اي جابر! چئن قسمن جي ماڻهن سان دين ۽ دنيا جي پائداري آهي.

.1عالم، جيڪو پنهنجي علم کي ڪم ۾ آڻيندو هجي.

.2جاهل، جيڪو علم جي حاصل ڪرڻ ۾ عار نہ ڪندو هجي.

.3سخي، جيڪو خير خيرات ۽ سخاوت ڪرڻ ۾ بخل نہ ڪندو هجي.

.4فقير، جيڪو آخرت کي دنيا جي عيوض نہ وڪڻندو هجي.

سو جڏهن عالم پنهنجي علم کي برباد ڪندو، جاهل ان جي سکڻ ۾ عار سمجهندو، جڏهن دولتمند نيڪي ۽ احسان ۾ بخل ڪندو، فقير پنهنجي آخرت، دنيا جي عيوض ۾ وڪڻندو. اي جابر، جنهن تي الله تعاليٰ جون نعمتون زياده هونديون، تہ ماڻهن جون حاجتون بہ ان جي دامن سان زياده وابستہ هونديون. تنهن ڪري جيڪو شخص انهن نعتمن تي لازم ٿيڻ وارن حقن کي الله تعاليٰ جي خاطر ادا ڪندو، تہ هو انهن لاءِ هميشگي ۽ دوامي وارو سامان ڪندو ۽ جيڪو انهن واجب حقن کي ادا ڪرڻ جي لاءِ اٿي نٿو کڙو ٿئي، تہ هو (الله تعاليٰ) انهن کي فنا ۽ بربادي جي چپيٽ تي آڻيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 363: امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر 1

ابن جرير طبري پنهنجي تاريخ ۾ عبد الرحمن ابن ابي ليلىٰ فقيھ کان روايت ڪئي آهي، ۽ هي (عبدالرحمان) انهن ماڻهن مان هو، جيڪو ابن اشعث سان گڏجي ”حجاج“ سان وڙهڻ جي لاءِ نڪتو هو. (سندس چوڻ آهي) تہ جڏهن آءُ ماڻهن کي جهاد جي لاءِ آماده ڪري رهيو هوس، ۽ جڏهن شام وارن سان وڙهڻ جي لاءِ وڃياسين، تہ مون علي عليہ السلام کي فرمائيندي هن طرح ٻڌو، تہ:

اي ايمان وارو! جيڪو شخص ڏسي، تہ ظلم ۽ دشمني ڪرڻ تي عمل تي رهيو آهي، ۽ برائي جي طرف دعوت ڏني پئي وڃي، ۽ اهو ماڻهو دل سان ان ڳالھ کي برو سمجهي، تہ اهو (عذاب کان) محفوظ ۽ گناھ کان آجو ٿي ويو، ۽ جيڪو انهيءَ کي زبان سان برو چوي، سو اجر و ثواب يافتہ آهي، ۽ فقط دل سان بري سمجهڻ واري کان افضل آهي، ۽ جيڪو شخص جنگجو ٿي ڪري، ان برائي جي خلاف ڪڙو ٿئي، تہ جيئن الله تعالىٰ جي هنڌين ماڳين تعريف ٿئي، ۽ ظالمن جي ڳالھ پست ٿئي، تہ اهو ئي اهو شخص آهي، جنهن هدايت جي راھ کي حاصل ڪيو، ۽ سڌي رستي تي پهتو، ۽ ان جي دل ۾ يقين، روشني ڦهلائي ڇڏي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 364: امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر 2

ساڳئي انداز تي حضرت جو هڪ هي به ڪلام آهي، ته ماڻهن مان هڪ اهو آهي، جيڪو برائي کي هٿ، زبان ۽ دل سان برو سمجهي ٿو، تنهن نيڪ خصلتن کي پوري طور تي حاصل ڪيو آهي، ۽ هڪ اهو به آهي، جيڪو زبان ۽ دل سان ته برو سمجهي ٿو، پر هٿ سان ان کي نٿو ڦٽائي، ته پوءِ ان نيڪ خصلتن مان ٻن سان ته ساٿ ڏنائين، پر هڪ خصلت کي رائگان ڪري ڇڏيائين، ۽ اهو به هڪ آهي، جيڪو دل سان ته ان ڳالهه کي برو سمجهي ٿو، پر ان کي ڦِٽائڻ مٽائڻ لاءِ هٿ ۽ زبان کي ڪم نٿو آڻي. هن ٽن نيڪ خصلتن مان ٻن سٺين خصلتن کي ضايع ڪري ڇڏيو، ۽ فقط هڪ سان وابسته رهيو، ۽ وري هڪ اهو به آهي، جيڪو نه زبان سان، نه هٿ سان ۽ نه دل سان برائي جي جهَل پل ڪري ٿو. هي ماڻهو جيئرن ۾ (گهمندڙ ڦرندڙ) لاش آهي، توهان کي معلوم هئڻ گهرجي، ته سمورا خير جا عمل ۽ جهاد في سبيل الله، امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جي مقابلي ۾ اهڙا آهن، جيئن اونهين سمنڊ ۾ وات جي ڳگ جا ذرا هجن، نيڪي جو حڪم ڪرڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ اهي عمل اهڙا نه آهن، جو انهن جي ڪري، وقت کان اڳ ۾ اچي، يا مقرر ڪيل رزق ۾ ڪا ڪمي ٿي وڃي، ۽ انهن سڀني عملن کان بهتر عمل اهو آهي، ته ڪنهن جابر حڪمران کي منهن تي حق سچ جي ڳالهه چئي وڃي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 365: امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر 3

ابو جحيفہ کان روايت آهي، تہ مون امير المومنين کي فرمائيندي ٻڌو، تہ پهريون جهاد، جنهن کان توهين مغلوب ٿي ويندا، اهو هٿ جو جهاد آهي، پوءِ زبان جو، تنهن کان پوءِ دل جو، جنهن دل سان تہ ڀلائي کي نيڪ ۽ برائي کي برائي نہ سمجهو، تنهن جي اهڙي طرح اُٿل پُٿل ڪئي ويندي، جو مٿيون حصو هيٺ ۽ هيٺيون حصو مٿي ڪيو ويندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 366: حق ۽ باطل جو نتيجو

حق ڳرو، مگر لذيذ ٿئي ٿو ۽ باطل هلڪو، مگر وبا پيدا ڪرڻ وارو ٿئي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 367: اميد ۽ نا اميدي

هن امت جي بهترين شخص جي باري ۾ پڻ الله تعالىٰ جي عذاب کان بلڪل مطمئن نہ ٿيو، ڇاڪاڻ تہ الله سبحانہ جو ارشاد آهي، تہ ”نقصان کڻڻ وارا ماڻهو ئي الله جي عذاب کان مطمئن ٿي ويهن ٿا“ ۽ هن امت جي بدترين ماڻهو جي باري ۾ بہ الله تعالىٰ جي رحمت کان مايوس نہ ٿيو، ڇاڪاڻ تہ الله تعالىٰ جو ارشاد آهي تہ: ” الله تعالىٰ جي رحمت کان ڪافرن کان سواءِ ڪو بہ ٻيو نا اميد نٿو ٿئي.“



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 368: ڪنجوس

ڪنجوسي سمورن برن عيبن جو مجموعو آهي، ۽ اهڙي مهار آهي، جنهن ڪان هر برائي جي طرف ڇڪي وٺي وڃي سگهجي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 369: رزق ۽ روزي

رزق ٻن قسمن جو ٿئي ٿو: هڪ اهو، جنهن جي تلاش ۾ توهان آهيو، ۽ ٻيو اهو، جيڪو توهان جي تلاش ۾ آهي، پوءِ جيڪڏهن توهان ان تائين نہ پهچي سگهندو، تڏهن بہ هو توهان تائين پهچي ويندو، تنهن ڪري پنهنجي هڪ ڏينهن جي فڪر تي سڄي سال جون ڳڻتيون نہ وجهو. جيڪو هر ڏينهن جو رزق آهي، سو توهان جي لاءِ ڪافي آهي. جيڪڏهن توهان جي عمر جو ڪو بہ سال باقي آهي، تہ الله تعالىٰ روزانو هر نئين سج نئين رزق کي توهان جي لاءِ مقرر ڪري رکيو آهي، سو توهان کي ڏيندو، ۽ جيڪڏهن توهان جي عمر جو ڪو بہ سال باقي نہ آهي، تہ پوءِ ان ڳالهہ جو فڪر ڇو ٿا ڪريو. جيڪو توهان جي لاءِ نہ آهي. توهان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ ڪو بہ طلبگار توهان جي رزق جي طرف توهان کان اڳ ۾ وڌي نٿو سگهي. ۽ نہ ڪو غلبي حاصل ڪرڻ وارو ان ۾ توهان تي غالب ٿي سگهي ٿو، ۽ جيڪي توهان جي لاءِ مقدر ٿي چڪو آهي، ان جي ملڻ ۾ ڪڏهن بہ دير نہ ٿيندي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 370: زندگي ۽ موت

ڪيترائي ماڻھو اھڙن ڏينھن جو مقابلو ڪن ٿا، جنھن ڪان ھنن ڪي پٺ ڦيرائڻ نٿي ٿئي، ۽ وري ڪيترائي اھڙا ٿين ٿا، جو رات جي پهرين حصي ۾ انھن تي رشڪ ڪيو وڃي ٿو، ۽ آخري حصي ۾ انھن تي روئڻ وارين جو ڪھرام بپا ٿئي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 371: زبان جي سنڀال

ڪلام توهان جي قيد و بند ۾ آهي، جيستائين توهان ان کي (زبان سان) ڳالهايو ناهي پر جڏهن توهان ڳالهائي ويٺا، ته پوءِ توهان ان جي قيد و بند ۾ آهيو. تنهن ڪري پنهنجي زبان جي اهڙي طرح حفاظت ڪريو، جهڙي طرح پنهنجي سون چاندي جي حفاظت ڪريو ٿا، ڇو جو ڪي ڳالهيون اهڙيون به ٿين ٿيون، جيڪي ڪنهن وڏي نعمت کي کسي وٺن ٿيون، ۽ مصيبت کي نازل ڪن ٿيون.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 372: خاموشي

جيڪي نہ ٿا ڄاڻو، تنهن بابت نہ ڳالهايو، بلڪ جيڪي بہ ڄاڻو ٿا، اهو بہ سڀ جو سڀ نہ ٻڌايو، ڇو جو الله سبحانہ توهان جي سمورن عضون تي ڪجهہ فرض بہ عائد ڪيا آهن، جن جي ذريعي قيامت جي ڏينهن توهان تي حجت آڻيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 373: گناھ

انهيءَ ڳالهہ کان ڊڄندا رهو، تہ الله تعالیٰ توهان کي پنهنجي گناھ ڪرڻ وقت موجود ۽ پنهنجي اطاعت جي وقت غير حاضر ڏسي، تہ پوءِ (ان حالت ۾) توهان جو شمار نقصان ڪٽڻ وارن ۾ ٿيندو، پر جيڪڏهن قوي ۽ طاقت وارو ثابت ٿيڻو هجيوَ، تہ پوءِ الله تعالیٰ جي اطاعت ڪرڻ تي پنهنجي طاقت ڏيکاريو، پر جي ڪمزور ٿيڻو هجيوَ، تہ ان جي گناھ ڪرڻ ۾ ڪمزوري ڏيکاريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 374: پروسي وارو موقعو

دنيا جي حالت ڏسندي، ان جي طرف جهڪڻ جهالت آهي، ۽ نيڪ عملن جي ثواب جو يقين ڪندي، ان ۾ ڪوتاهي ڪرڻ، نقصان ۾ پوڻو آهي، ۽ پرکڻ کان سواءِ هر ڪنهن تي پروسو ڪرڻ، هيڻائي ۽ ڪمزوري آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 375: دنيا

الله تعاليٰ جي نزديڪ دنيا جي حقارت لاءِ اهو ئي گهڻو ڪي ڪجهه آهي ته الله تعاليٰ جا گناهه ٽين ٿا، ته ان (دنيا) ۾ ئي ان جون نعمتون حاصل ٿين ٿيون، ته انهن کي ڇڏڻ سان.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 376: ڳوليندڙ، ليندڙ

جيڪو به شخص ڪنهن شيءِ ڪي طلب ڪندو، ته ان ڪي يا ان جي ڪجهه حصي ڪي حاصل ڪندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 377: نيڪي ۽ بدي

اها ڀلائي، ڀلائي نہ آهي، جنهن کان پوءِ دوزخ جي باھ هجي، ۽ اها برائي، برائي نہ آهي، جنهن کان پوءِ جنت هجي. جنت جي سامهون هر نعمت حقير ۽ دوزخ جي مقابلي ۾ هر مصيبت راحت آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 378: وڏي نعمت

انهيءَ ڳالهه کي ڄاڻندا رهو، ته اڻ هوند ۽ تنگي هڪ مصيبت آهي، ۽ اڻ هوند کان زياده سخت جسماني مرض آهن، ۽ جسماني مرضن کان زياده سخت دل جو روڳ آهي. ياد رکو، ته مال جي فراواني هڪ نعمت ۽ مال جي فراواني کان بهتر بدن جي صحت آهي، ۽ بدن جي صحت کان بهتر دل جي پرهيزگاري آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 379: حسب ۽ نسب

جنهن کي عمل پٺتي هٽائي، تنهن کي نسب اڳتي نٿو وڌائي سگهي. (هڪ ٻي روايت ۾ هن ريت آهي) ته جنهن کي ذاتي شرف ۽ مرتبو حاصل نه هجي، تنهن کي ابن ڏاڏن جو مرتبو ۽ منزلت ڪجهه به فائدو پهچائي نٿي سگهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 380: مومن جا وقت

مومن (جي حياتي) جا وقت ٽن ساعتن ۾ ورهايل هوندا آهن: هڪ اهو، جنهن ۾ پنهنجي پروردگار سان راز و نياز جون ڳالهيون ڪري ٿو، ۽ ٻيو اهو، جنهن ۾ پنهنجي معاش جو سروسامان ڪري ٿو ۽ ٽيون اهو، جنهن ۾ حلال ۽ پاڪيزه لذتن ۾ پنهنجي نفس کي آزاد ڇڏي ٿو. عقلمند ماڻهو کي اهو نٿو ٺهي، ته هو گهر کان پري هجي، مگر ٽن ڳالهين لاءِ روزي جي بندوبست لاءِ يا آخرت جي امر جي طرف قدم کڻڻ لاءِ يا اهڙي لذت اندوزي جي لاءِ جيڪا حرام نہ هجي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 381: دنيا جو زهد

دنيا کان بي تعلق رهو، ته جيئن الله تعالیٰ توهان ۾ دنيا جي برائن جو احساس پيدا ڪري ۽ غافل نہ ٿيو. انهيءَ ڪري جو توهان جي طرفان بہ غفلت نہ ڪئي ويندي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 382: انسان جو ان جي زبان

ڳالهايو ته جيئن سڃاتا وڃو، ڇو جو ماڻهو پنهنجي زبان جي هيٺان پوشيدو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 383: دنيا جي طلب

جيڪي دنيا مان تو کي حاصل ٿئي، تنهن کي وٺي ڇڏ ۽ جيڪا شيءِ رخ ڦيرائي، ان کان بہ منهن موڙي ڇڏ ۽ جيڪڏهن ائين نہ ڪري سگهو، تہ پوءِ حاصل ڪرڻ ۾ ۽ طلب ۾ مياني روي اختيار ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 384: ڳاله جو اثر

ڪيترائي گفتا حملي کان زياده حڪم جو جاري ڪرڻ ۾ پڻ اثر رکن ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 385: قناعت

جنهن شيءِ تي قناعت ڪئي وڃي، سا ڪافي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 386: ٻه ڏينهن

موت هجي، ۽ ذلت نه هجي، گهٽ ئي ملي، پر ٻين کي وسيلو بڻائڻو نه پوي. جنهن کي ويٺي نه ٿو ملي، تنهن کي اٿڻ سان به ڪجھ حاصل نه ٿيندو. زمانو ٻن ڏينهن تي ورهايل آهي: هڪ ڏينهن توهان جي موافق ۽ ٻيو توهان جي مخالف. جڏهن توهان جي موافق هجي، ته وڏائي نه ڪجو، ۽ جڏهن مخالف هجي، ته صبر ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 387: مشڪ

بهترين خوشبوءِ مشڪ آهي، جنهن جو ٿان هلڪو ۽ سرهاڻ عطر واري آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 388: فخر ۽ اقبال مندي

فخر ۽ سربلندي کي ڇڏيو، تڪبر ۽ غرور نہ ڪريو ۽ قبر کي ياد رکو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 389: پيءُ ۽ پٽ جا حقوق

هڪ حق پٽ جو پيءُ تي هوندو آهي، ۽ هڪ حق پيءَ جو به پٽ تي هوندو آهي. پيءَ جو پٽ تي اهو حق آهي، ته هو الله تعالىٰ جي گناهه کان سواءِ هر ڳالهه ۾ ان جي اطاعت ڪري، ۽ پٽ جو پيءُ تي اهو حق آهي، ته ان جو نالو سٺو تجويز ڪري رکي، هن کي سٺن اخلاقن ۽ آدابن سان آراسته ڪري. ۽ قرآن جي هن کي تعليم ڏي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 390: با اثر ۽ بي اثر

بد نظر، منتر، جادو ۽ نيڪ فال انهن سڀني ۾ حقيقت ۽ اصليت آهي، البتہ بدفال ۽ هڪ جي بيماري جو ٻئي کي لڳي وڃڻ، سو غلط آهي. خوشبو سُنگهڻ، ماکي کائڻ، سواري ڪرڻ ۽ ساوڪ تي نظر ڪرڻ، غم، فڪر، بيقراري ۽ گهڀراهٽ کي دور ڪري ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 391: اخلاق ۾ هڪجهڙائي

ماڻهن سان انهن جي اخلاق ۽ اطوار ۾ هڪجهڙو ٿيڻ، سو انهن جي شر کان محفوظ ٿيڻ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 392: بي موقعي ڳالهائڻ

هڪ همر ڪلامر ٿيڻ واري سان، جنهن پنهنجي حيثيت کان متي پئي ڳالهايو، تنهن کي فرمايائين تہ تون ڪنيڙاٽين نڪرڻ سان ئي اڏامڻ لڳين، ۽ جوان ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي لُڇڻ لڳين.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 393: طَلَب الڪلّ فوت الڪلّ

جيڪو شخص مختلف شين جو طلبگار ٿئي ٿو، تنهن جون سموريون تدبيرون ناڪام ٿي وڃن ٿيون، (جيئن عربي ۾ آهي ته "طلب الڪلّ فوت الڪلّ.)



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 394: لاحول و لا قوة جي معنيٰ

حضرت کان لاحول و لا قوة الا بالله (يعني طاقت ۽ قوت نہ آهي، مگر الله جي ڪري) جي معنيٰ پڇي وئي، تڏهن فرمايائين، تہ اسين الله تعاليٰ سان گڏ ڪنهن بہ شيءِ جا مالڪ نہ آهيون. هن اسان کي جن بہ شين جو مالڪ بنايو آهي، بس اسين انهن تي ئي اختيار رکون ٿا، تہ جڏهن هن اسان کي اهڙين شين جو مالڪ بنايو، جنهن تي هو اسان کان زياده اختيار رکي ٿو، (تڏهن) اسان تي پڻ هن شرعي ذمہ واريون بہ مقرر ڪيون، ۽ جڏهن انهن شين کي واپس وٺندو، تڏهن اسان تان بہ انهن ذمہ دارين کي برطرف ڪري ڇڏيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 395: مغيره ابن شعبہ

عمار بن ياسر کي جڏهن مغيره بن شعبہ سان سوال جواب ڪندي ٻڌائين، تڏهن ان کي فرمايائين، تہ اي عمار، هن کي ڇڏي ڏي، هن دين مان فقط اهو حاصل ڪيو آهي، جيڪو هن کي دنيا جي ويجهو ڪري، ۽ هن ڄاڻي ٻجهي پاڻ کي شڪ شبهن ۾ وجهي ڇڏيو آهي، تہ جيئن انهن شبهن کي پنهنجي خطائن لاءِ بهانو بنائي سگهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 396: تواضع ۽ خود داري

الله تعاليٰ کان ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ دولتمندن جو فقيرن سان عجز ۽ انڪساري ڪرڻ ڪيترو نہ سٺو آهي، ۽ ان کان وڌيڪ اهو سٺو آهي، تہ فقراءَ الله تعاليٰ تي ڀروسو ڪندي، دولتمند جي مقابلي ۾ غرور سان پيش اچن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 397: عقل

الله تعاليٰ ڪنهن به شخص کي عقل امانت ڪري نه ڏنو آهي. مگر ائين ته هو ڪنهن ڏينهن ان جي ذريعي کيس تباهي کان بچائيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 398: حق سان ٽڪراءُ

جيڪو حق سان ٽڪرائيندو، ته حق ان کي مُنهن ڀر ڪيرائيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 399: دل

دلہ اکين جو ڪتابچو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 400: تقويٰ

تقويٰ سمورين خصلتن جي سرتاج آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 401: استاد جو احترام

جنهن ذات توهان کي ڳالهائڻ سيکاريو آهي، تنهن جي خلاف پنهنجي زبان جي تيزي صرف نہ ڪر ۽ جنهن تو کي راهہ تي لڳايو آهي، تنهن جي مقابلي ۾ گفتار جي فصاحت جو مظاهرو نہ ڪر.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 402: نفس جي درستي

توهان جي نفس جي آراستگي لاءِ اهو ڪافي آهي، ته جنهن شيءِ کي ٻين لاءِ تنو پسند ڪرين، تنهن کان تون خود بہ پرهيز ڪر.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 403: صبر

جوان مردن وانگر صبر ڪريو، نہ تہ ساده لوح (طبيعت) وانگر ڀالا ڀولا ٿي ڪري چپ رهو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 404: عذر خواهي

هڪ ٻي روايت ۾ آهي، ته پاڻ اشعث ابن قيس سان تعزيت ڪندي فرمايائين، ته جيڪڏهن بزرگن وانگر تو صبر ڪيو، ته خير، ورنہ چوپائي مال وانگر هڪ ڏينهن (پاڻهي) وساري ڇڏيندين.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 405: دنيا جي حالت

دنيا جي باري ۾ فرمايائين، ته:

دنيا ڏوڪي باز نقصانڪار ۽ خراب خستہ آهي. الله تعاليٰ پنهنجي دوستن لاءِ ان کي بطور ثواب جي پسند نہ ڪيو، ۽ نہ وري دشمنن لاءِ ڪو ان کي بطور سزا جي پسند ڪيو. دنيا وارا سوارن وانگر آهن، جو انهن اڃا منزل مَسَ ڪئي، تہ هڪلڻ وارن کين للڪاريو، ۽ اهي هليا ويا.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 406: امام حسن ع کي هدايت

پنهنجي فرزند امام حسن عليہ السلام کي فرمايائين ته:

اي فرزند! دنيا جي ڪا به شيءِ پنهنجي پٺيان نه ڇڏجيئن، انهي ڪري جو تون پڻ مان هڪ جي لاءِ اها ڇڏيندين. هڪ اهو، جيڪو ان مال کي خدا جي اطاعت ۾ صرف ڪندو ۽ اهڙي طرح، جيڪو مال تنهنجي لاءِ بدبختي جو سبب بڻجي، سو ان لاءِ ته راحت ۽ آرام جو سبب ٿيندو، يا ائين ٿيندو، جيڪو ان کي خدا جي نافرماني ۾ خرچ ڪندو، ته (اهڙيءَ طرح پوءِ) اهو تنهنجي گڏ ڪيل مال سببان بدبخت ٿيندو، ۽ انهيءَ صورت ۾ تون به خدا جي معصيت ۾ ان جو مددگار ۽ ساٿي ٿيندين ۽ انهن ٻنهي مان ڪو به هڪ شخص اهڙو نه آهي، جنهن کي پنهنجي نفس تي ترجيح ڏين.

”سيد رضي فرمائي ٿو، ته اهو ڪلام هڪ ٻي صورت ۾ به روايت ڪيل آهي، جيڪو هيئن آهي“:

جيڪو مال تنهنجي هٿ ۾ (هاڻي) آهي، تو کان پهرين ان جو مالڪ ٻيو هو ۽ اهو مال تو کان پوءِ ٻين جي طرف موٽي ويندو ۽ تون ٻن مان هڪ لاءِ جمع ڪرڻ وارو آهين، هڪ اهو، جيڪو تنهنجي گڏ ڪيل مال کي خدا جي اطاعت ۾ صرف ڪندو، ته پوءِ جيڪو مال تنهنجي بدبختي جو سبب بڻبو، سو هن جي لاءِ سعادت ۽ نيڪ بختي جو سبب ٿيندو، يا اهو، جيڪو ان مال مان خدائي گناهن ۾ خرچ ڪري، ته پوءِ جيڪو تو ان لاءِ گڏ ڪيو، سو تنهنجي لاءِ بدبختي جو باعث ٿيندو، ۽ وري انهن ٻنهي (ماڻهن) مان هڪ به ان ڳالھ جي لائق نه آهي، ته ان کي پنهنجي نفس تي ترجيح ڏين، ۽ ان جي ڪري پنهنجي پٺن تي ايڏو بار کڻين. جيڪي ٿي گذريو، تنهن لاءِ الله جي رحمت ۽ جيڪو باقي رهجي ويو آهي، تنهن جي لاءِ خدائي رزق جو اميدوار رھ.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 407: استغفار جي معنيٰ

هڪ ڇوڪر واري حضرت جي سامهون ”استغفر الله“ چيو، تڏهن فرمايائين، ته تنهنجي ماءُ تو تي ماتم ڪري، ڪا خبر به اٿئي، ته استغفار ڇا آهي؟ استغفار بلند عزت وارن ماڻهن جو مقام آهي. هي هڪ اهڙو لفظ آهي، جيڪو ڇهن ڳالهين تي حاوي آهي. پهرين اهو، ته جيڪي ٿي چڪو، تنهن تي شرمسار ٿئي. ٻيو ته هميشه جي لاءِ ان ڪم جي نه ڪرڻ جو پڪو تهيو ڪري ڇڏي. ٽيون ته مخلوق جا حق ادا ڪري، تانجو الله تعاليٰ جي حضور ۾ اهڙي حالت ۾ پهچين، جو تنهنجي دامن پاڪ صاف هجي، ۽ تو تي ڪا به ذمه داري (رهيل) نه هجي. چوٿون اهو، ته جيڪي فرض تو تي لازم ڪيا ويا هئا، ۽ تو انهن کي ضايع ڪري ڇڏيو، انهن کي هاڻي پوري طور تي بجا آڻ. پنجون اهو، ته جنهن حرام گوشت کي کائي پلجي وڌو ٿئين، تنهن کي غم ۽ فڪر سان ڳاري ڇڏ، تانجو کل کي هڏن سان ملائي ڇڏ، ته وري (نئين سر) انهن ٻنهي جي وچ ۾ نئون گوشت پيدا ٿئي. ڇهون اهو، ته پنهنجي جسم کي اطاعت جي رنج سان آشنا ڪر، جهڙي طرح ان کي گناه جي شيريني سان لذت اندوز ڪيو اٿئي، پوءِ هاڻي پلي چئو، استغفر الله.“



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 408: حلم ۽ بردباري

حلم ۽ تحمل هڪ پورو قبيلو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 409: بيڪسي

ويچارو ماڻهو ڪيڏو نہ بي وس آهي، جو موت ان کان لڪل، بيماريون ان کان پوشيده ۽ ان جا اعمال محفوظ آهن. مڇر جي چڪ سان دانهون ڪري ٿو، هڏڪي ٿيڻ سان مري وڃي ٿو، ۽ پگهر منجهس بدبوءِ پيدا ڪري ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 410: بي پرواه نگاهون

منقول آهي، ته حضرت پنهنجي اصحابن جي وچ ۾ ويٺو هو، ته انهن جي سامهون هڪ حسين عورت جو گذر ٿيو، جنهن کي انهن سيني ڏسڻ شروع ڪيو، جنهن تي پاڻ فرمايائين، ته:

انهن مردن جون اکيون، تڪڻ ۽ گهوري ڏسڻ واريون آهن، ۽ ائين اک ٽيٽ ۽ جهاتيون پائي ڏسڻ، انهن جي خواهشن کي آماده ڪرڻ جو سبب آهي، تنهن ڪري جيڪڏهن توهان مان ڪنهن جي به نگاهه ڪنهن اهڙي عورت تي پوي، جيڪا ان کي وڻندڙ لڳي، ته پوءِ ان (مرد) کي پنهنجي زال جي طرف توجهه ڏيڻ گهرجي، ڇو جو اها عورت به ان عورت وانگر آهي. اهي (لفظ) ٻڌي، هڪ خارجي چيو، ته (معاذ الله) خدا هن ڪافر کي قتل ڪري، هي ڪيڏو نه وڏو فقيهه آهي. ائين ٻڌي، ماڻهو ان کي قتل ڪرڻ لاءِ اٿيا، تڏهن پاڻ فرمايائين، ته ترسو، وڌ ۾ وڌ گار جو عيوض گار سان ئي سگهي ٿو، يا وري هن جي گناهه کي درگذر ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 411: عقل جي راهبري

ايترو عقل توهان جي لاءِ ڪافي آهي، جيڪو گمراهي جي راهن کي هدايت جي رستن کان جدا ڪري توهان کي ڏيکاري.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 412: ننڍي ۽ وڏي نيڪي

نيڪ ڪم ڪريو، ۽ ٿوري به ڀلائي کي گهٽ نہ سمجهو، ڇو جو ننڍي نيڪي به وڏي آهي، ۽ ٿوري ڀلائي به گهڻي آهي. توهان مان ڪو به شخص ائين نہ چوي، تہ نيڪ ڪم جي ڪرڻ ۾ ڪو ٻيو مون کان زياده لائق آهي، نہ تہ خدا جو قسم! تہ ائين ئي ٿي رهندو، ڪجھ نيڪي وارا هوندا آهن، ۽ ڪجھ برائي وارا. جڏهن توهان نيڪي يا بدي ڪنهن هڪ کي ڇڏي ڏيندو، تہ توهان جي بدران ان جا اهل ان کي پورو ڪندا رهندا.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 413: آخرت ڪي سنوارڻ

جيڪو پنهنجي اندروني حالتن کي درست رکي ٿو، ته الله تعاليٰ به ان جي ظاهر کي درست ڪري ڇڏي ٿو، ۽ جيڪو دين جي لاءِ عمل ڪرڻ ۾ سرگرم رهي ٿو، ته الله تعاليٰ به ان جي دنيائي ڪمن کي پورو ڪري ڇڏي ٿو، ۽ جيڪو پنهنجي ۽ الله تعاليٰ جي وچ ۾ معاملن کي صاف رکي ٿو، ته خدا به ”ان جي ۽ بندن جي وچ جا معاملات درست ڪري ڇڏي ٿو.“



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 414: حلم ۽ عقل

حلم ۽ تحمل ڍڪڻ وارو پردو ۽ عقل وڍڻ واري تلوار آهي، تنهن ڪري پنهنجي اخلاق جي ڪمزور پهلو کي حلم ۽ بردباري سان لڪايو ۽ پنهنجي عقل سان نفساني خواهشن جو مقابلو ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 415: نعمت جا حق

بندن کي فائدي رسائڻ لاءِ الله تعاليٰ ڪجهه بندن کي نعمتن سان مخصوص (عطا) ڪري ڇڏي ٿو، تنهن ڪري جيستائين هو ڏيندا ڏيارينداا رهن ٿا، ته الله تعاليٰ انهن نعمتن کي انهن جي هٿن ۾ به برقرار رکي ٿو ۽ جڏهن اهي نعمتن کي روڪي وٺن ٿا، تڏهن الله تعاليٰ به انهن کان کسي ٻين جي طرف منتقل ڪري ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 416: دولت منديءَ صحت

ڪنهن بہ بندي لاءِ مناسب نہ آهي تہ هو ٻن ڳالهين تي ڀروسو ڪري. هڪ صحت ۽ ٻي دولت، ڇو جو هاڻي تون ڪنهن کي تندرست ڏسي رهيو هئين، تہ ان کي ڏسندي ڏسندي هو بيمار ٿي پوي ٿو، ۽ هاڻي تون ان کي دولتمند ڏسي رهيو هئين، تہ هو فقير ۽ غريب ٿي وڃي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 417: الله تعاليٰ جو شڪوه

جيڪو شخص پنهنجي حاجت جي ڳالهه ڪنهن مرد مومن سان ڪري ٿو، ته ڄڻ ته هو الله تعاليٰ جي سامهون پنهنجي شڪايت پيش ڪئي، ۽ جيڪو ڪافر جي سامهون ڳالهه ڪري ٿو، تنهن ڄڻ ته پنهنجي الله تعاليٰ جي شڪايت ڪئي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 418: عيد

هڪ عيد جي موقعي تي فرمايائين ته:

عيد فقط انهن جي لاءِ آهي، جن جي روزن کي الله تعالىٰ قبول ڪيو هجي، ۽ ان جي بيهڻ (نماز) کي قدر جي نگاهه سان ڏٺو هجي، ۽ هر اهو ڏينهن، جنهن ۾ الله تعالىٰ جو گناهه نه ڪيو ويو هجي، سو عيد جو ڏينهن آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 419: حسرت ۽ اندوهه

قيامت جي ڏينهن سڀ کان وڏي حسرت ان شخص کي ٿيندي، جنهن الله تعالىٰ جي نافرماني ڪري، مال حاصل ڪيو هوندو، ۽ ان جو وارث اهو شخص ٿيو هوندو، جنهن ان مال کي الله تعالىٰ جي اطاعت ۾ صرف ڪيو هجي، ته پويون ته ان مال جي سببان جنت ۾ داخل ٿيو، ۽ پهريون ان سبب کان دوزخ ۾ ويو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 420: ناڪام ڪوشش

ڏيتي ليتي ۾ سڀ کان زياده نقصان حاصل ڪرڻ وارو ۽ ڊڪ ڊوڙ ڳولا ۾ سڀ کان زياده ناڪام ٿيڻ وارو اهو شخص آهي، جنهن مال جي طلب ۾ پنهنجي بدن کي پراڻو ڪٽل سٽل ڪيو هجي، مگر تقدير ان جي ارادن ۾ ان جو ساٿ نہ ڏنو هجي، تنهن ڪري هو دنيا مان بہ حسرت کڻي ويو، ۽ آخرت ۾ بہ ان جي عذاب جو مُنهن ڏٺائين.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 421: رزق ۽ روزي

رزق ٻن قسمن جو ٿيندو آهي: هڪ اهو، جيڪو خود ڳوليندو آهي ۽ ٻيو اهو، جنهن کي ڳوليو ويندو آهي. ٻهرنو ع، جيڪو دنيا جو طلبگار ٿئي ٿو، تنهن کي موت ڳوليندو آهي، تانجو ان کي دنيا مان ڪڍي ٻاهر ڪري ٿو، ۽ جيڪو شخص آخرت جو خواستگار ٿئي ٿو، دنيا خود ان کي تلاش ڪري ٿي، تان جو هو ان مان پوري ڪمال سان پنهنجي روزي حاصل ڪري ڇڏي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 422: خدا جا دوست

خدا جا دوست اهي آهن، جو جڏهن ٻه ماڻهو دنيا جي ظاهر ڪي ڏسن ٿا ته هو وري ان جي باطن تي نظر رکن ٿا ۽ جڏهن ماڻهو ان جي جلد ميسر ٿيڻ وارين نعمتن ۾ گم ٿي ويندا آهن، تڏهن اهي وري آخرت ۾ حاصل ٿيڻ وارين شين ۾ رُڌل رهن ٿا ۽ پڻ جن ڳالهين جي متعلق انهن کي اهو کٽڪو هو، ته اُهي انهن کي تباهه ڪري ڇڏينديون، تن کي هنن خود برباد ڪري ڇڏيو ۽ جن شين متعلق انهن کي ڄاڻ هئي، ته هو انهن کي ڇڏي ڏيڻ واريون آهن، تن کي وري انهن پاڻ ڇڏي ڏنو ۽ ٻين جي دنيا زياده گڏ ڪرڻ واري خيال کي گهٽ سمجهيو ۽ ان جي حاصل کي وڃائڻ جي برابر سمجهيو. اهي انهن شين جا دشمن آهن، جن سان ٻين جي دوستي آهي ۽ انهن شين جا دوست آهن، جن سان ٻين جي دشمني آهي. انهن جي ذريعي قرآن جو علم حاصل ٿيو ۽ قرآن جي ذريعي سان ان جو علم ٿيو ۽ ان جي ذريعي سان خدا جو ڪتاب محفوظ ۽ هو ان جي ذريعي سان برقرار آهن. هو جنهن شيءِ جي اميد رکن ٿا، تنهن کان وڌيڪ ٻي ڪنهن ٻه شيءِ کي بلند نٿا سمجهن، ۽ جنهن شيءِ کان خوفائتا آهن، تنهن کان زياده ڪنهن ٻه شيءِ کي خوفناڪ نٿا ڄاڻن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 423: موت جي ياد

لذتن جي ختم ٿيڻ ۽ عذابن جي باقي رهڻ کي ياد رکو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 424: آزمائش

آزمايو، ته پوءِ ان کان نفرت ڪريو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 425: شڪر، دعا ۽ توبه

ائين نہ آهي، تہ خدا ڪنهن بندي جي لاءِ شڪر جو دروازو کولي ۽ (نعمتن جي) واڌاري جا دروازا بند ڪري، ۽ ڪنهن بندي لاءِ دعا جو دروازو کولي، ۽ قبوليت واري در کي ان لاءِ بند رکي، ۽ ڪنهن بندي جي لاءِ توبهہ جو دروازو کولي، ۽ مغفرت جو دروازو ان جي لاءِ بند ڪري ڇڏي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 426: شرافت جي رڳ

ماڻهن ۾ سيني کان زياده ڪرم ۽ بخشش جو اهو اهل آهي، جنهن جو رشتو اشراف سان ملي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 427: عدل ۽ سخاوت

حضرت کان پڇيو ويو ته عدل بهتر آهي يا سخاوت؟ فرمايائين، ته: عدل سيني معاملن کي سندن موقعي ۽ محل تي رکي ٿو، ۽ سخاوت انهن کي سندن حدن کان ٻاهر ڪري ڇڏي ٿي، ۽ عدل سيني جي نگهداشت ڪرڻ وارو آهي، پر سخاوت انهيءَ سان مخصوص ٿيندي، جنهن کي ڏني وڃي، تنهن ڪري عدل سخاوت کان بهتر ۽ برتر آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 428: جهالت

ماڻهو جنهن ڳالهه کي نٿا ڄاڻن، تنهن جا دشمن ٿيندا آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 429: زهد جي تعريف

)زهد جي مڪمل تعريف قرآن مجيد جي ٻن جملن ۾ آهي) الله تعاليٰ جو ارشاد آهي، ته جيڪا شيءِ توهان جي هٿ مان ويندي رهي، تنهن جو ڏک نه ڪريو ۽ جيڪا شيءِ خدا توهان کي عطا فرمائي، تنهن تي فخر نه ڪريو، تنهن ڪري جيڪو شخص وڃڻ واري شيءِ تي ڏک افسوس نٿو ڪري، ۽ اچڻ واري شيءِ تي فخر نٿو ڪري، تنهن زهد کي ٻنهي طرفن کان گڏ ڪيو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 430: غفلت

ننڊ ڏينهن جي اهم ڪمن ۾ وڏي ڪمزوري پيدا ڪرڻ واري آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 431: حڪومت

حڪومت ماڻهن جي لاءِ (آزمائش) جو ميدان آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 432: بهترين شهر

توهان جي لاءِ هڪ شهر ٻئي شهر کان زياده حقدار نہ آهي، (بلڪ) بهترين شهر اهو آهي، جيڪو توهان جو بار کڻي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 433: مالڪ اشتر

جڏهن مالڪ اشتر رحمة الله عليہ جي شهادت جي خبر آئي، تڏهن فرمايائين، تہ مالڪ! ۽ مالڪ اهڙو شخص هو، خدا جو قسم! جيڪڏهن هو پهاڙ هجي ها، تہ هڪ بلند پهاڙ هجي ها ۽ جيڪڏهن اهو پٿر هجي ها، تہ هڪ ڳرو پٿر هجي ها، جو پوءِ تہ، نہ ان جي بلندين تائين ڪو پهچي سگهي ها ۽ نہ وري ڪو پکي ان تائين پر هڻي سگهي ها.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 434: استقلال

اهو ٿورو ئي نيڪ عمل، جنهن ۾ هميشگي (جٽاءُ) هجي، سو ان زياده کان بهتر آهي، جيڪو دل جي تنگي جو باعث ٿئي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 435: صفتن ۾ هڪجهڙائي

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو ۾ عمدي ۽ پاڪيزه خصلت هجي، ته اهڙين ٻين خصلتن جي به اميد رکو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 436: غالب ابن صعصعہ

فرزدق جي والد غالب ابن صعصعہ سان گفتگو ڪندي فرمايائين، تہ اهي تنهنجا ايترا اٺ ڪيڏانهن ويا؟ چيائين، تہ حقن جي ادائگي انهن کي هيڏي هوڏي ڪري ڇڏيو. فرمايائين، تہ اهو تہ انهن جو نهايت سٺو مصرف ٿيو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 437: تجارت

جيڪو شخص فقھ جي احڪامن جي ڄاڻ کان سواءِ واپار ڪندو، سو (وياج) ۾ مبتلا ٿيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 438: وڏي مصيبت

جو شخص ٿورڙي مصيبت کي وڏو ٿو سمجهي، الله تعالیٰ ان کي وڏين مصيبتن ۾ مبتلا ٿو ڪري.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 439: نفس جي عزت

جنهن جي نظر ۾ خود پنهنجي نفس جي عزت هوندي، سو پنهنجي نفساني خواهشن کي حقير سمجهندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 440: خوش طبعي

ڪو به شخص ڪنهن به دفعي کل مذاق تڏهن ڪري، مگر اهو ته هو پنهنجي عقل جو هڪ حصو پاڻ کان جدا تڏهن ڪري ڇڏي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 441: خودداري

جيڪو توهان جي طرف نوڙت ڪري، تنهن کان لاغرضي ڪرڻ پنهنجي حظ ۽ نصيب ۾ خسارو ڪرڻو آهي، پر جيڪو توهان کان بي رخي اختيار ڪري، تنهن جي طرف جهڪڻ نفس جي ذلت آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 442: فقيري ۽ اميري

اصل غريبي ۽ دولتمندي (قيامت ۾) الله تعاليٰ جي سامهون پيش ٿيڻ کان پوءِ ٿيندي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 443: عبد الله ابن زبير

زبير هميشہ اسان جي گهر جو ماڻهو رهيو، تانجو سندس بدبخت پٽ عبد الله ظاهر ٿيو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 444: وڏائي ۽ تڪبر

آدم جي اولاد کي فخر ۽ وڏائي سان ڪهڙو واسطو. جڏهن ته ان جي ابتدا نطفو ۽ انتها مردار آهي، هو نه پنهنجي لاءِ روزي جو سامان ڪري سگهي ٿو، ۽ نه وري موت کي پاڻ کي هٽائي سگهي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 445: امراء القيس

حضرت ڪان پڇيو ويو، ته سيني ڪان وڏو شاعر ڪير آهي؟ فرمايائين، ته شاعرن جي ڊوڙ هڪ روش تي نه هئي، جو ڳوءِ سبقت ڪٽي وڃڻ سان ان جي آخري حد کي سڃاتو وڃي، ۽ جيڪڏهن هڪ کي ترجيح ڏيڻي آهي، ته پوءِ ملڪ ضليل (گمراه بادشاه) آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 446: دنيا جو ترڪ ڪرڻ

ڇا! ڪو بہ اهڙو جوان مرد آهي، جيڪو هن ڇباڙيل لقمي (دنيا) کي ان جي اهل لاءِ ڇڏي ڏي؟ توهان جي نفسن جي قيمت فقط جنت آهي، تنهن ڪري جنت کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ قيمت تي ان کي نہ وڪڻو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 447: ٻه طلبگار

ٻه اهڙا خواهشمند آهن، جيڪي ڍاپجن ئي نٿا: هڪ طالبِ علم ۽ ٻيو دنيا جو طلبگار.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 448: ايمان جي علامت

ايمان جي علامت اها آهي، ته جتي توهان جي لاءِ سچائي، نقصان جو سبب ٿئي، تڏهن ڪيس ڪوڙ تي ترجيح ڏيو، پوءِ ڪٿي اهو ڪوڙ توهان جي فائدي ۾ هجي، ۽ توهان جون ڳالهيون توهان جي عمل ڪان زياده نہ هجن، ۽ ٻئي جي متعلق ڳالهہ ڪرڻ ۾ خدا جو خوف ڪندا رهو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 449: تقدير ۽ تدبير

تقدير، مقرر ڪيل اندازي تي غالب اچي ٿي وڃي تانجو تدبير ٻ تباهي ۽ آفت بڻجي وڃي ٿي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 450: همت جي بلندي

بردباري ۽ صبر ٻنهي جو هميشہ لاءِ ساٿ آهي، ۽ اهي ٻئي بلند همتي جو نتيجو آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 451: گلا

ڪمزور جو اهو ئي زور هلي ٿو، ته هو پرپٺ گلا ڪري.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 452: ثنا جي خوبصورتي

ڪيترائي ماڻهو انهيءَ سببان فتني ۾ مبتلا ٿين ٿا، ته انهن جي باري ۾ چڱن خيالن جو اظهار ڪيو وڃي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 453: دنيا

دنيا هڪ ٻي منزل جي لاءِ پيدا ڪئي وئي آهي، ۽ نہ پنهنجي (بقا ۽ دوام جي) لاءِ.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 454: بني اميہ

بني اميہ جي لاءِ هڪ مِروَد (مهلت جو ميدان) آهي، جنهن ۾ هو ڊوڙي رهيا آهن، جڏهن انهن ۾ باهمي اختلاف پيدا ٿيندو، تہ پوءِ ڳوريٽ بہ انهن تي حملو ڪندو، تہ انهن تي غالب اچي ويندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 455: انصار

انصارن جي وصف ۽ مدح ۾ فرمايائين، ته:

خدا جو قسم! هنن پنهنجي خوشحالي سان اسلام جي اهڙي طرح تربيت ڪئي، جهڙي طرح هڪ سال جي وڇيري کي پاليو ويندو آهي، پنهنجي ڪريم هٿن ۽ تيز زبانن سان.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 456: استعاره

اک، پُٽ جي لاءِ تسمو (چمڙي جي ڪشي) وانگر آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 457: هڪ والي

هڪ ڪلام جي ضمن ۾ پاڻ فرمايائين، تہ ماڻهن جي معاملات جو هڪ حاڪم ۽ فرمانروا ذميوار ٿيو، جيڪو سڌي رستي تي هليو، ۽ پين کي بہ ان راهہ تي هلايائين تانجو دين پنهنجو سينو اچي ٽيڪيو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 458: خريد و فروخت

ماڻهن تي هڪ اهڙو نقصان ۽ رنج پهچائڻ وارو دور ايندو، جنهن ۾ مالدار پنهنجي مال ۾ بخل ڪندو، حالانڪ ان ڪي اهو حڪم ناهي، بهرنو ع، الله سبحانہ جو ارشاد آهي، تہ "پاڻ ۾ نيڪ سلوڪ رکڻ ڪي نہ وساريو". ان زماني ۾ شرير ماڻهو اتي ڪڙا ٿيندا، ۽ نيڪ ڪردار ذليل ۽ خوار سمجهيا ويندا، ۽ مجبور ۽ بيوس ماڻهن کان خريد و فروخت ڪئي ويندي، حالانڪ رسول الله صلي الله عليہ و آلہ و سلم جن مجبور ۽ لاچار ماڻهن کان (جهڙي تهڙي) خريد ڪرڻ کان منع ڪئي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 459: دوست ۽ دشمن

منهنجي باري ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو هلاڪت ۾ مبتلا ٿيندا: هڪڙا محبت ۾ حد کان وڌي وڃڻ وارا ۽ ٻيا ڪوڙ ۽ بهتان هڻڻ وارا.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 460: توحيد ۽ عدل

حضرت کان توحيد ۽ عدل جي باري ۾ سوال ڪيو ويو، ته فرمايائين، ته توحيد اها آهي، ته ان کي پنهنجي وهم ۽ گمان جو پابند نه بنايو، ۽ عدل اهو آهي، ته ان تي الزام نه لڳايو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 461: ڪلام ۽ خاموشي

حڪمت جي ڳالھ ڪرڻ کان خاموشي اختيار ڪرڻ ڪا خوبي نہ آهي، جھڙي طرح جھالت سان ڳالھ ڪرڻ ۾ ڪا ڀلائي نہ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 462: مينهن جي طلب

مينهن وسائڻ واري هڪ دعا ۾ فرمايائين، ته:

بارِ الها! اسان کي فرمانبردار ڪڪرن سان سيراب ڪر ۽ نه انهن ڪڪرن سان، جيڪي سرڪش ۽ شرير آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 463: خضاب جو ترڪ ڪرڻ

حضرت کي عرض ڪيو ويو، تہ جيڪڏهن توهان اڇن وارن کي (خضاب سان) بدلايو تہ، جيڪر بهتر ٿئي. فرمايائين، تہ خضاب زينت آهي ۽ اسين سوگوار (ماتمي) آهيون.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 464: پاڪائي

اهو مجاهد، جيڪو خدا جي راهه ۾ شهيد ٿئي، ان شخص کان زياده اجر جو مستحق نه آهي، جيڪو اختيار ۽ طاقت رکندي به پاڪ دامن رهي. ڪهڙو عجب آهي، جو اهو پاڪدامن (شخص) فرشتن مان هڪ فرشتو ٿي وڃي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 465: قناعت

قناعت اهڙي دولت آهي، جيڪا ختم ٿيڻ جي نہ آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 466: زياد بن ابيہ

پاڻ جڏهن زياد بن ابيہ کي عبد الله ابن عباس جي جاءِ تي فارس ۽ اُن جي آسپاس وارن علائقن تي عامل مقرر ڪيائين، تڏهين هڪ باهمي گفتگو جي دوران، جنهن ۾ ڪيس پيشگي ڍل وصول ڪرڻ کان منع ڪرڻ چاهيائين ٿي، تڏهن فرمايائين، تہ عدل واري روش تي هلو. آوارگي، بدچلني ۽ ظلم کان ڪنارو ڪريو، ڇو جو آوارگي جو اهو نتيجو ٿيندو، جو انهن کي گهر بار ڇڏڻو پوندو، ۽ ظلم انهن کي تلوار کڻڻ جي دعوت ڏيندو.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 467: ڪاهل

سڀ کان ڳرو گناھ اهو آهي، جنهن کي ڪرڻ وارو هلڪو سمجهي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 468: علم سکڻ ۽ سيکارڻ

خداوند عالم جاهلن کان ان وقت تائين سکڻ جو انجام نہ ورتو، جيستائين ڄاڻ وارن کان اهو انجام نہ ورتائين، تہ اهي سيکارڻ ۾ ڪوتاهي نہ ڪن.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 469: ظاهر داري

بدترين اهو ياءُ آهي، جنهن لاءِ زحمت ڪٽڻي پوي.



Presented by Ziaraat.Com

# حڪمت 470: وڇوڙو

جڏهن ڪو مومن پنهنجي ڪنهن ڀاءُ کي غضبناڪ ڪري، ته اهو ان کان جدا ٿيڻ جو سبب ٿيندو.

هاڻي هي منهنجي ڪم جي آخري منزل آهي، ته آءُ امير المومنين عليہ السلام جي منتخب ڪلام جو سلسلو ختم ڪريان، آءُ الله سبحانہ جي بارگاهہ ۾ شڪر گذار آهيان، جو هن مون تي اهو احسان ڪيو، ۽ مون کي توفيق عطا ڪيائين، ته آءُ حضرت امير عليہ السلام جي منتشر ڪلام کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ۽ پڻ پري واري ڪلام کي ٻہ ويجهو ڪريان. منهنجو ارادو آهي، ته جيئن پهرين طئي ٿي چڪو آهي، ته هنن بابن مان هر باب جي آخر ۾ ڪجهہ سادا ورق ٻہ ڇڏيان، ته جيڪو ڪلام، اڃا تائين هٿ نہ لڳو آهي، تنهن کي قلمبند ڪري سگهان، ۽ جيڪو ملي، تنهن کي لکي ڇڏيان. شايد، اهڙو ڪلام، جيڪو اڃا منهنجي نظرن کان پري آهي، سو بعد ۾ مون کي هٿ اچي سگهي، ۽ پري هئڻ کان پوءِ منهنجي دامن ۾ سميٽجي اچي، مون کي توفيق حاصل آهي، ته الله تعالیٰ کان ٿي آهي، ۽ انهيءَ تي ئي منهنجو ڀروسو آهي، ۽ اهو ئي منهنجي لاءِ ڪافي ۽ نهايت ڪارساز آهي. هي ڪتاب ماهہ رجب سن 400 ھ ۾ اختتام تي پهتو.

و صلي الله علي سيدنا محمد خاتم الرسل و الهادي الي خير السبل و آلہ الطاهرين و اصحابہ نجوم اليقين.



Presented by Ziaraat.Com

# مشکل جملا



Presented by Ziaraat.Com

# :1حجت جو ظهور

جڏهن اهو وقت ايندو، تڏهن دين جو يعسوب.... پنهنجي جڳهه حاصل ڪندو ۽ ماڻهو ان ڏي اهڙي طرح وڌندا، جهڙي طرح خريف جي موسم جا ”قزح“ (يعني خالي ٽڪر ڪڪرن جا ) گڏ ٿيندا آهن.



Presented by Ziaraat.Com

# 2:كامل خطيب

هي خطيب نهايت وڏو خوش بيان آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# 3:لڙائي ۽ جهيڙو

لڙائي جهيڳڙي جو نتيجو ”قحم“ (تباهيون) تين ٿيون.



Presented by Ziaraat.Com

# 4مڙس جي انتخاب جو حق:

جڏهن ڇوڪريون ”نص الحقائق“ کي پهچن، تڏهن انهن لاءِ ٽيج جا رشتيدار زياده حق رکن ٿا.



Presented by Ziaraat.Com

# 5ايمان:

هڪ ”لمظہ“ (يعني سفيد نشان) جي صورت سان دل ۾ ظاهر ٿئي ٿو، پوءِ جيئن ايمان وڌندو آهي، تہ اهو ”لمظہ“ بہ وڌندو رهندو آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# 6: زڪواة

جيڪو شخص ”دين ظنون“ (يعني قرض) وصول ڪري، ته جيترا سال ان تي گذريا هوندا، ته ان جي زڪواة ڏيڻ لازمي آهي.



Presented by Ziaraat.Com

# 7:لشکر کي هدايت

جڏهن پاڻ جنگ جي لاءِ لشڪر کي روانو ڪيائين، تڏهن انهن کي رخصت ڪرڻ وقت فرمايائين، ته جيترو ٿي سگهي ، ته عورتن کان "عاذب" رهو، (يعني عورتن جي ياد کان(



Presented by Ziaraat.Com

# 8: ڪامياب انسان

اهو ان ”ياسر فالج“ (يعني نحر ڪيل ڏاچي، جنهن تي جوئا جي تيرن جو ڏارو اڇلائبو آهي) وانگر آهي ، جيڪو جوئا جي تيرن جي ڏاري کي اڇلي، پهرين ئي داءُ ۾ ڪاميابي جو اميدوار ٿئي ٿو.



Presented by Ziaraat.Com

# 9:ميدان جنگ

جڏهن "احمر ارباس" (يعني جنگ جو سرخ تي وڃڻ) ٿيندو هو، تڏهن اسين رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي "ڍال" ۾ ويندا هئاسين ۽ اسان مان ڪوبہ انهن کان زياده دشمن جي نهايت ويجهو نہ ٿيندو هو.



Presented by Ziaraat.Com

# خطبہ فدڪيہ حضرت بيبي فاطمہ زهرا س

خطبہ فدڪيہ جو سنڌي ترجمو

سنڌيڪار: سرفراز مهدي چانديو

تعريف جي لائق آهي اهو پرودگار جنهن اڻ ڳڻيون نعمتون عطا ڪيون، ان طرفان عطا ٿيل توفيق تي شڪر گذار آهيان ۽ ان طرفان ملندڙ هدين تي ان ذات جي ثنا خوان آهيان.

خدا جو شڪر ان جي وسيع نعمتن جي ملڻ تي جيڪي ابتدا کان وٺي موجود آهن ۽ انهن اڻ ڳڻيل عطائن تي جن سان اسان تي احسان ڪيائين ۽ انهن سيني شين تي جيڪي هميشہ ۽ مسلسل اسان کي شامل حال آهن ۽ اهڙين نعمتن تي جن جو ڳاڻيٽو انسان جي وس کان ٻاهر آهي.

۽ خدا جو شڪر ان جي اهڙي وسعتن تي جيڪي زماني جي بستر ۾ هرگز قابل جبران ناهن ان جي ادراڪ جي وسعت انسان جي وس کان ٻاهر آهي ۽ جنهن پنهنجي بندن کي انهن نعمتن ۾ اضافي ۽ پنهنجو شڪر ادا ڪرڻ لاءِ خلق ڪيو ۽ مخلوقات کي ان تعريف کي مڪمل ڪرڻ لاءِ پنهنجي طرف دعوت ڏني ۽ انهن کي پاڻ جهڙيون صفتون حاصل ڪرڻ جو شوق ڏياريو( پنهنجي صفات جو مظهر بڻجڻ جي دعوت ڏني) .مان گواهي ٿي ڏيان تہ الله کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي هو بي مثال آهي ، ان جو ڪو بہ شريڪ ۽مٽ يا ثاني ناهي هي اهڙي گفتگو آهي جنهن جو روح اخلاص آهي ۽ مشتاقن جون دليون ان سان ڳنڍيل آهن ۽ انهن جي فڪر ۾ انهن جا آثار موجود آهن هي اهڙو پروردگار آهي جيڪو ظاهري اکين سان نٿو ڏسي سگهجي ۽ ان جي صفتن کي هن زبان سان بيان ڪرڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي ۽ ان جي صفتن کي درڪ ڪرڻ عقل ۽ انديشي سان ممڪن ناهي جنهن هن جهان جي موجودات کي خلق ڪيو هر شيءِ جي وجود کان پهريان ، ۽ هنن کي خلق ڪيائين ان کان پهريان جو انهن لاءِ ڪو نمونو يا مثال هجي انهن کي( موجودات ) پنهنجي قدرت سان عالم تڪوين ۾ آندو ، پنهنجي ارادي سان خلق ڪيو جڏهن تہ انهن جي خلقت جو محتاج بہ نہ هيو نہ وري انهن جي خلقت ۾ ان جي ذات جو ڪو فائدو هو، ان جي ذات پاڪيزه ۽ بي مثال آهي.

هن جي خلقت جو هدف پنهنجي حڪمت کي ظاهر ڪرڻ هيو ۽ ماڻهن کي پنهنجي اطاعت جي دعوت ڏيڻ ، ۽ پنهنجي بي انتها قدرت کي ظاهر ڪرڻ جو هڪ ننڍڙو مثال پيش ڪرڻ، ۽ پنهنجي بندن کي



Presented by Ziaraat.Com

پنهنجي عبادت ڏانهن رهنمائي ڪرڻ ، پروردگار پنهنجي پيغمبرن جي دعوت کي عالم تڪوين ۽ تشريع ۾ قوت عطا ڪئي پوءِ پنهنجي اطاعت لاءِ انعام ۽ پنهنجي مخالفت ڪرڻ تي عذاب مقرر ڪيو ته جيئن ان وسيلي سان پنهنجي بندن کي پنهنجي عذاب ۽ انتقام کان محفوظ رکي ۽ بهشتي باغن ڏانهن رهنمائي ڪري.

۽ مان گواهي ٿي ڏيان ته منهنجو بابو حضرت محمد الله جوٻانهو ۽ ان طرفان موڪليل آهي ۽ ان کي مبعوث ڪرڻ کان پهريان ئي منتخب ڪيائين هن کي خلق ڪرڻ کان پهريائين ان مقام لاءِ مقرر ڪيو هيائين ۽ بعثت کان پهريان ئي هن کي چونديائين ان زماني ۾ جڏهن سڀ انسان اڃان غيب جي پردي ۾ هيا ۽ اڃان هو عدم ۽ نابودي جي سرحدن ۾ نہ هجڻ سان مليل هيا اهو سڀ ڪجهه انڪري هيو جو الله سائين ايندڙ زماني کان آگاهه هيو ۽ جهان ۾ ٿيندڙ واقعن تي ڪنٽرول رکندڙ آهي ۽ هر ڪنهن جي تقدير کان با خبر آهي ۽ حضرت رسول ڪريم کي مبعوث ڪيائين ته جيئن پنهنجي حڪم جي تڪميل ڪري ۽ ان حڪم کي جاري ڪري ۽ پنهنجي قانونن کي نافذ ڪري . رسول الله جڏهن مبعوث ٿيو ته ڏٺائين ته امتون مختلف مذهبن جون پيروڪار آهن ڪجهه باهه جو طواف پيا ڪن ته ڪجهه وري بتن آڏو پيا جهڪن ۽ دل ۾ خدا کي سڃاڻيندي بہ ان جا انڪاري آهن . الله سائين حضرت محمد جي نور سان زمين کي انڌيري مان نجات ڏني ۽ ان انڌيري جا پردا انهن جي دلين تان بہ ختم ڪري ڇڏيا ۽ غلط پيروي جي بادلن کي انهن جي اکين اڳيان غائب ڪري ڇڏيو . هن ماڻهن جي هدايت لاءِ قيام ڪيو ۽ انهن کي گمراهي ۽ انڌيري مان نجات ڏياري ، اکين کي نور بخشيائين ۽ اسلام جي مضبوط آئين ڏانهن رهنمائي ڪيائين ۽ سڌو رستو ڏيکاريائين.

پوءِ الله سائين بي انتها محبت ۽ سندس اختيار ۽ شوق سان ان جي روح کي قبض ڪيائين ۽ خلاصو هي ته هو دنياوي مصيبتن کان آجو ٿي ويو ۽ هن مهل فرشتن جي درميان ۽ پروردگار جي خشنوديءَ سان الله سائين جي قرب واري منزل تي فائز آهي . الله جا درود منهنجي بابي حضرت محمد 7 مٿان جيڪو وحي جو امانتدار ۽ مخلوقات مان چونڊيل مخلوق آهي سندس مٿان خدا جون رحمتون ۽ برڪتون نازل ٿين.

سائڻ پنهنجي خطبي دوران انصار ۽ مهاجرن سان مخاطب ٿيندي انهن کي پنهنجي ذميوارين جو احساس ڏياريندي فرمايو : اي الله جا ٻانهو! الله جي حڪمن ۽ ان جي مخالفت نہ ڪرڻ جا ذميوارو! اي ديندارو ۽ وحي الاهي جا پابند انسانو ! پنهنجي متعلق ۽ ٻين امتن تائين پيغام پهچائڻ جي لاءِ توهان خدا جا نمائندا آهيو ۽ توهان خدائي حقوق جا پاسدار ۽ خدا سان ڪيل واعدي جا پابند آهيوجيڪي اوهان جي هٿن ۾



Presented by Ziaraat.Com

آهن ۽ جيڪو ڪجهه رسول الله 7 اوهان جي درميان ڇڏيو آهي يعني الله جو ناطق قرآن ۽ صامت قرآن جيڪو سچ جو مجموعو، چمڪندڙ نور ۽ روشني ئي روشني آهي هي اهڙو ڪتاب آهي جنهن جا دليل روشن، باطن ظاهر ۽ ان جو ظاهر نوراني آهي، ان جا پيروڪار ڪامياب، هن تي عمل ڪندڙ جنتي ۽ ان کي پڙهندڙ نجات حاصل ڪندڙ آهن هن جي ذريعي انسان حق تائين پهچي سگهي ٿو ان ۾ هر حلال ۽ حرام جو ذڪر موجود آهي هي ڪتاب ڪيترن ئي دليلن سان سر شار ۽ اخلاقي دستورن جو مجوعو آهي. ۽ جيڪو ڪجهه جائزآهي اهو ان ۾ لکيل آهي. وڌيڪ فرمايائين:

الله سائين توهان کي شرڪ کان پاڪ ڪرڻ لاءِ ايمان کي ضروري قرار ڏنو آهي. ۽ نماز کي غرور ۽ تڪبر کان بچڻ جو ذريعو، زڪات کي نفس جي پاڪائي ۽ رزق ۾ اضافي خاطر، روزي کي ايمان مضبوط ٿيڻ جو وسيلو، حج کي اسلام جي تقويت جو ذريعو، عدالت کي ان ڪري ضروري قرار ڏنو آهي ته جيئن دليون هڪ ٻئي جي قريب رهن.

اسان اهلبيت جي اطاعت کي اسلامي ملت جي نظام هلائڻ خاطر، اسان جي امامت کي اختلاف کان بچڻ جي ڪري ضروري قرار ڏنو آهي جهاد اسلام جي عزت آهي ۽ صبر انڪري ضروري آهي ته جيئن انسان وڌيڪ اجر ۽ ثواب حاصل ڪري سگهي.

الله سائين امر بہ معروف (نيڪي جو حڪم ڪرڻ )کي ماڻهن جي اصلاح لاءِ، والدين جي اطاعت کي الله جي ڏمر ۽ انتقام کان بچڻ لاءِ مائٽن سان چڱائي (صلہ رحم) کي طاقت ۽ قوت ۾ اضافي لاءِ، قصاص کي ماڻهن جي جان جي حفاظت لاءِ، نذر سان وفا بخشش جي لاءِ ۽ گهٽ تورڻ کان ان ڪري منع ڪيائين ته جيئن شين جي کوٽ پيدا نہ ٿئي.

شراب پيئڻ کان منع انڪري ڪيائين ته جيئن بدن پاڪ ۽ سالم رهي، غلط نسبتون ڏيڻ ۽ تهمت هڻڻ کان ان ڪري روڪيائين ته جيئن الله جي ڏمر کان بچي سگهجي، چوري کان منع عزت نفس جي حفاظت لاءِ ۽ شرڪ کي حرام ان ڪري ڪيائين ته جيئن ٻانهو خالص خدا جي عبادت ڪري.

بس جيڪڏهن ائين آهي ته تقوا الاهي اختيار ڪريو ۽ جيترو ان جو مقام بلند اهي اوترو ئي قدر ان جي مخالفت کان پرهيز ڪريو. اسلام جي دائري ۾ رهندي (مسلمان هوندي ) هن دنيا مان وڃو. خداوند



Presented by Ziaraat.Com

متعال جي اطاعت ڪريو، امر ۽ نهي ، علم ۽ آگاهي جو رستو اختيار ڪريو .ان ڪري جو الله سائين ڪان تہ فقط عالم ۽ آگاھ انسان ڊڄندڙ آھن ۽ اھي ئي پنھنجي ذميواريءَ جو احساس رکندڙ آھن.

اي انسانو! سڃاڻي وٺو تہ مان فاطمہ آھيان ۽ حضرت محمد (سندس مٿان خدا جا درود ۽ سلام ھجن) منھنجو بابو آھي.

جيڪو ڪجھ چوان ٿي ان جي ابتدا ۽ نتيجو ساڳيو آھي ان ۾ ڪو بہ عيب ، نقص يا ضد ناھي . مان نہ غلط چوان ٿي نہ وري ڪڏھن منھنجي عملن ۾ ڪا خطا ٿي آھي.

توھان منجھان ئي ھڪ رسول توھان ڏانھن آيو جنھن جون مصيبتون ڏاڍيون دشوار ھيون. ليڪن ھو توھان جي ھدايت لاءِ پريشان ھيو ۽ مومنن لاءِ رئوف ۽ مھربان ھيو جڏھن بہ ان جو خيال دل ۾ آڻيندو تہ سمجھي ويندو تہ اھو منھنجو بابو آھي توھان جي عورتن جو نہ؟ منھنجي چاچي ڄائي جو ڀاءُ ھيو توھان جي مردن جو نہ ؟ ھي ڪيترو نہ فخر وارو نسب آھي (خدا جا درود ۽ سلام سندس ۽ خاندان مٿان ) ۽ ھو آيو ۽ پنھنجي ذميواري کي ڀلي نموني سان انجام ڏنائين ، ماڻھن کي واضح نموني سان انذار ڪيائين ، مشرڪن سان جنگ ڪيائين ۽ ان جون گردنون ڪٽيائين ، انھن جو ڳلو گھٽيائين تہ جيئن شرڪ کي ڇڏي ماڻھو توحيد جا راھي ٿين. ھن بت ٽوڙيا، متڪبرن جي غرور کي مٽيءَ ۾ ملايائين، جھالت ۽ گمراھي جي انڌيري کي ختم ڪري علم ۽ عزت جو نور ڦھلايائين، ايسيتائين جو حق واضح ٿي ويو. ديني نمائندن ڳالھائڻ شروع ڪيو. شيطاني آواز خاموش ٿي ويو. نفاق مٽيءَ ۾ ملي ويو. ڪفر ۽ اختلاف جون پاڙون پٽجي ويون. توھان جي زبانن تي " لااله الا الله" جو ڪلمو جاري ٿيو. جڏھن تہ ان زماني ۾ توھان بلڪل ٽورڙا ۽ محتاج ھيو. جھنم جي پڙڪندڙ باھ جي ڪناري ھيو توھان جو تعداد ايترو تہ گھٽ ھيو جيئن اڃايل انسان لاءِ پاڻي جو ھڪ ڍڪ يا بکايل انسان جي لاءِ ھڪ لقمو، يا باھ جو اھڙو شعلو جيڪو اوھان جي تلاش ۾ ھجي جنھن جي لپيٽ ۾ اچي توھان ٽڪڙا ٽڪڙا ٿي وڃو ھا ان زماني ۾ اوھان جي پيئڻ جو پاڻي بدبودار ۽ گندو، توھان جو کاڌو وڻن جا پن ھيا. توھان ذليل ۽ رسوا ھوندي ھميشہ ان خوف جي ور ھوندا ھيو تہ توھان کان طاقتور دشمن ڪڏھن اوھان تي حملو ڪري پنھنجي شڪار جو لقمو نہ بڻائي. ليڪن الله سائين حضرت محمد ۽ سندس خاندان جي برڪت سان ( جنھن تي خدا جا درود ۽ سلام ھجن ) انھن سيني ذلتن، خوارين ۽ مجبورين مان نجات ڏياري. ان وڏن وڏن پھلوانن سان مقابلو ڪيو، عربن جي بگھڙن (نصاريٰ ۽ يھودين) سان مھاڏو اٽڪايو، ليڪن اھي جڏھن بہ جنگ جي باھ پڙڪائيندا ھيا تہ الله سائين ان کي وسائي ڇڏيندو ھيو ۽ جڏھن شيطاني ماڻھو مشرڪن جي صورت ۾ ظاھر ٿي



Presented by Ziaraat.Com

ڪو بہ فتنو برپا ڪندا هيا تہ منهنجو بابو پنهنجي پاءُ (علي ) کي انهن سان مقابلي جي لاءِ موڪليندو هيو ۽ علي جي ذريعي انهن جي تباهي ٿيندي هئي ۽ علي ڪڏهن بہ اهڙي خطرناڪ ذميواري ۾ بہ مشرڪن جا سر ڪٽڻ کان سواءِ ڪڏهن بہ واپس نہ ٿيندو هيو ۽ انهن جي غرور کي مٽيءَ ۾ ملائي ايندو هيو.

ليڪن جڏهن پروردگار نبين جي سرواڻ کي پيغمبري لاءِ چونڊيو ۽ چونڊيل انسانن جو مرڪز بڻايو، تہ اچانڪ اوهان جي دلين ۾ لڪيل نفاق ظاهر ٿي پيو، دينداري جو پردو ختم ٿي ويو، گمراهن جا آواز بلند ٿيڻ لڳا، امت اسلامي مان ترڙيل ماڻهن، ظاهر ٿي باطل جا نعرا هڻڻ شروع ڪيا ۽ توهان جي اجتماع ۾ متحرڪ ٿي ويا. لڪيل شيطاني بنياد ظاهر ٿي ويا، انهن توهانکي پاڻ ڏانهن دعوت ڏيڻ شروع ڪئي توهان بہ انهن جي دعوتن کي قبول ڪيو ۽ ان جي فريب جا منتظر پوءِ هُن اوهان کي قيام جي دعوت ڏني ۽ حرڪت لاءِ اوهان کي ئي مناسب سمجهيائين، توهان جي دلين ۾ بہ انتقام جي باھ جا شعلا پڙڪي پيا، غضب جا آثار اوهان منجهان ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويا ۽ اها شيءِ ( شيطان جي پيروي ) سبب بڻي تہ ٻئي جي اٺ کي توهان نشان هڻو ۽ ٻئي جي ٿانو مان پاڻي پيئو ۽ نتيجي ۾ اهڙي شيءِ جي ڪڍ ويو جيڪا اوهان جي هئي ئي ڪانہ !نہ وري توهان جو ڪو حق هيو. بهرحال توهان حڪومت کي غصب ڪري غاصب بڻجي ويو ،جڏهن تہ رحلت رسول کي اڃان ڪو گهڻو زمانو نہ گذريو هيو ان جي وڇوڙي جي مصيبت تي مرهم بہ اسان جي دلين تائين نہ پهتي هئي ايتري قدر جو پيغمبر جو جسم اڃان دفن بہ نہ ٿيو هيو تہ توهان اهو بهانو بڻايو تہ " ڊڄون ٿا تہ ڪٿي فتنو ايجاد نہ ٿئي" جڏهن تہ ان کان وڌو ڪهڙو فتنو ايجاد ٿيڻو آهي جنهن ۾ اوهان موجود آهيو ؟ يقينا دوزخ ڪافرن جي لاءِ معين ٿيل آهي. هي ڪم اوهان کان ڪيترو پري هيو ؟ توهان کي ڇا ٿيو آهي ؟! ڪهڙي رستي ڏانهن پيا وڃو ؟ جڏهن تہ الله جو ڪتاب توهان وٽ موجود آهي جنهن جي هر شيءِ نوراني، ان جون نشانيون واضح، ان جون منع ٿيل شيون بہ روشن آهن. ڇا توهان ان کان منهن موڙي ڇڏيو آهي؟ يا وري ڪنهن ٻئي ڪتاب جو حڪم مڃيو ٿا؟! افسوس جو ظالمن قرآن بجاءِ ڪو ٻيو خراب جانشين منتخب ڪيو آهي. ۽ ياد رکو جيڪو بہ اسلام کان سواءِ ڪو ٻيو دين اختيار ڪندو تہ اهو قبول نہ ڪيو ويندو ۽ اهو آخرت ۾ نقصانڪارن منجهان آهي.

ها توهان خلافت واري اٺ جي مهار جو ڪنٽرول پنهنجي هٿن ۾ رکيو ۽ ايترو بہ انتظار نہ ڪيوَ تہ هو صبر ڪري اوهان کي قبول ڪري وٺي ۽ ان ڪم سان فتني جي نہ وسامندڙ باھ پڙڪائي ڇڏيوَ ۽ اغوا



Presented by Ziaraat.Com

ڪندڙ شيطان جي سڏ کي قبول ڪيو ۽ حق جي چمڪندڙ نور کي ختم ڪرڻ لاءِ رسول الله جي نسبتن کي پائمال ڪرڻ شروع ڪيوَ (نلڪي جي نل تي هٿ رکڻ جي بهاني) نلڪي جو سڀ کير چوري پي ڇڏيوَ. ظاهري طور تي پين جا پٽر سيني ۾ هٺو پيا ليڪن مخفي طور تي انهن کي قوت بخشيندڙ هيو ، پنهنجي خاندان ۽ اولاد کي بہ هنن جي بيٺڪ ۾ ويهاريوَ. ايسيتائين جو اسان وٽ صبر ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ رستو نہ بچيو هيو اسان جي حالت ان انسان جهڙي هئي جنهن جي ڳلي تي خنجر ۽ دل تي نيزي جي نوڪ رکيل هجي.

۽ وڌيڪ تعجب جي ڳالھ هي تہ توهان گمان ٿا ڪريو تہ الله سائين اسان جي لاءِ ڪا بہ ميراث ناهي ڇڏي ۽ اسان، رسول الله جي ڪنهن بہ ملڪيت جا وارث ناهيون ڇا توهان جاهليت واري زماني جي حڪم جي پيروي ٿا ڪريو ؟ ڀلا خدا جي حڪم کان ڪنهن جو حڪم ڀلو آهي يقين رکندڙ انسانن جي لاءِ؟ ڇا توهان کي انهن مسئلن جي خبر ناهي؟ بيشڪ توهان ڄاڻيو ٿا ؟ ! ۽ اونهاري جي گرم سج کان بہ واضح آهي تہ مان رسول الله جي ڌيءَ آهيان.

اي مسلمانو! ڇا منهنجي ميراث مونکان زبردستي کسي وڃي؟ ۽ ابوبڪر سان مخاطب ٿي فرمايو:

اي ابوقحافہ جا پٽ ! مون کي جواب ڏئي تہ ڇا قرآن ۾ آهي تہ توکي تنهنجي بابي جي ميراث ملي ليڪن مان پنهنجي بابي جي ميراث کان محروم؟ اها ڪيڏي نہ غلط ڳالھ آهي. ڇا ڄاڻي واڻي الله جي ڪتاب کي ڇڏي ان کي پٺي ٿا ڏيو؟ جڏهن تہ چئو ٿا " سلمان دائود جو وارث ٿيو" يا زڪريا جي فرزند جي قصي ۾ چئو ٿا " اي منهنجا الله ! پنهنجي طرفان مونکي هڪ جانشين عطا فرماءِ جيڪو منهنجو وارث ۽ يعقوب جي نسل منجهان هجي. يا الله سائين قرآن ۾ فرمائي ٿو " پنهنجا (مائٽ ۽ عزيز) ٻين کان وڌيڪ حقدار آهن انهن احڪامن جي نسبت جيڪي خدا مقرر فرمايا آهن " ۽ فرمائي ٿو: الله سائين توهان جي لاءِ مقرر ڪيو آهي " تہ پٽ جي ميراث جو حصو ڌيءَ جي ميراث واري حصي جي ٻہ برابر آهي " اجان وڌيڪ فرمايو آهي تہ : ( اگر ڪير پنهنجو مال ملڪيت ڇڏي وڃي تہ پيءُ ماءُ لاءِ ڀلو آهي تہ ڀلي وصيت ڪن ۽ اهو پرهيز گارن جي حقوق منجهان آهي.

توهان ڇا ٿا سمجهو تہ منهنجي بابي جي ميراث ۾ منهنجو ڪو بہ حصو ناهي نہ وري منهنجي ان سان ڪا پنهنجائپ ۽ نہ وري ڪو رشتو يا نسبت؟ ڇا الله سائين ڪا خاص آيت نازل ڪئي آهي جنهن ۾ منهنجي بابي کي ان عام حڪم کان جدا ڪيو هجائين؟ يا وري چئو ٿا تہ ٻن مختلف مذهبن جا



Presented by Ziaraat.Com

پيروڪار هڪ ٻئي جا وارث ناهن. ڇا منهنجي ۽ بابي جو مذهب هڪ ناهي؟ يا وري ائين آهي جو توهان منهنجي چاچي ڄائي ( علي ) کان وڌيڪ قرآن جي خاص ۽ عام جا ڄاڻو آهيو ؟

هاڻي اگر ائين آهي ته منهنجي ميراث کي وٺ! اهڙي سواري وانگر جيڪا سواري جي لائق ۽ بلڪل تيار آهي ۽ دنياوي فائدو حاصل ڪندي ان تي سوار ٿي ويھ ! ليڪن ڄاڻي وٺ ته قيامت جي ڏينهن جڏهن تو سان ملاقات ٿيندي ته توکان سوال ٿيندو. ۽ اها ڳالھ ڪيتري نه ڀلي آهي جو ان ڏينهن فيصلو ڪندڙ خدا هوندو، دعوا ڪندڙ رسول الله هوندو ۽ ڪورٽ محشر جو ميدان، ان ڏينهن باطل تي رهندڙ ماڻهو نقصان ۾ هوندا. ليڪن اتي تنهنجي پشيماني تو کي ڪو به فائدو نه ڏيندي ۽ ڄاڻي وٺو ! هر اها شيء جيڪا اوهان کي ملي آهي ان جو فيصلو ٿيڻو آهي ۽ پنهنجي جڳھ تي ان جو حساب ٿيڻو آهي ۽ عنقريب ڄاڻي وٺندو ته خوار ڪندڙ بدترين عذاب ڪنهن جي لاءِ ايندو ۽ هميشه رهندڙ عذاب ڪنهن جي لاءِ مقرر ڪيو ويندو.

پوءِ سائڻ انصارن سان مخاطب ٿي بلند آواز ۾ فرمايو: اي جوانمردو! اي اسلام ۽ مسلمانن جا مددگارو ! منهنجي ان مسلم حق جي کسجي وڃڻ کي اوهان اڻ ڏٺو ڇو ٿا سمجهو ؟ هي ڪهڙي غفلت ۽ ڪيترو ظلم آهي؟ جيڪو مون مٿان آيو پر اوهان خاموش رهي ڇا ٿا سمجهايو ؟! ڇا منهنجي بابي نه فرمايو هيو " هر اولاد جو احترام ان جي والدين جي نسبت ضروري آهي " حالات ڪيترو نه جلدي بدلائي ڇڏيا اٿو؟ ۽ ڪيترو جلدي گمراهيءَ ڏانهن وک وڌائي اٿو، جڏهن ته منهنجي حق جو دفاع ڪرڻ جي سگھ به اٿو، ان کسيل حق کي واپس وٺڻ جي طاقت به رکو ٿا. يا اهو چوڻ چاهيو ٿا ته رسول الله جي دنيا ڇڏڻ سان سڀ شيون ختم ٿي ويون ۽ ان جو خاندان نابود ۽ ان سان موجود سڀ نسبتون پائمال ٿيڻ گهرجن؟! واقعا رسول الله جو وڇوڙو اسلام جي لاءِ دردناڪ ۽ خطرناڪ آهي جنهن سيني کي غمگين ڪري ڇڏيو۽ هر روز ان غم ۾ واڌارو ۽ ان جو خال وڌيڪ محسوس ٿئي ٿو. زمين ان جي وڇوڙي سببان اونداهيءَ جو شڪار آهي ان جي وڇوڙي واري مصيبت سببان ستارن جي چمڪ ۾ گهٽتائي ۽ اميدون مايوسين ۾ تبديل ٿي ويون آهن جبل متزلزل ٿي ويا آهن. قابل عزت انسانن جي حرمت پائمال ڪئي وئي آهي ۽ ان جي موت سان ڪنهن جي به حرمت باقي ناهي رهي. خدا جو قسم! هي وڏو سانحو ۽ جبران ناپذير مصيبت آهي ليڪن اهو نه وساريو ته اگر رسول ڪريم ويو هليو ته سڀ ڪجھ ختم ٿي ويو بلڪ قرآن مجيد ته ان جو پهريان ئي اطلاع ڏنو آهي اهو ئي قرآن جيڪو اوهان جي گهرن ۾ موجود آهي صبح شام وڏي آواز سان يا آهسته، مختلف طريقن سان توهان جي ڪنن تائين پهچي ٿو ۽ گذشته پيغمبر به ان حقيقت کي ڏسي



Presented by Ziaraat.Com

چڪا آهن ان ڪري جو موت اهڙي حقيقت آهي جنهن کان پڇڻ انسان جي وس کان ٻاهر آهي قرآن وضاحت سان فرمايو آهي تہ " حضرت محمد الله جو موڪليل آهي ۽ ان کان پهريان بہ ڪيترائي رسول هيا ليڪن اگر رسول تي موت اچي يا ان کي قتل ڪيو وڃي تہ توهان وري پهرين دين ڏانهن واپس موٽي ويندو " يعني اسلام کي ڇڏي ڪفر ۽ جاهليت ڏانهن واپس ٿيندو. ۽ ڄاڻي وٺو تہ جيڪو بہ واپس ويندو ان جو خدا کي ڪو بہ نقصان ڪونہ پوندو ۽ عنقريب الله سائين شڪر گذارن ۽ صبر ڪندڙن کي اجر عطا ڪندو.

تعجب آهي اي قيلہ جا فرزندو! ڇا منهنجي ميراث پائمال ڪئي وڃي ۽ توهان ان کي ڏسندا ۽ ٻڌندا رهو؟ توهان جي ڪچهرين ۾ بہ ائين چيو ٿو وڃي، سڀ خبرون هجڻ جي باوجود بہ توهان خاموش ويٺا آهيو؟ جڏهن تہ نہ ماڻهن جي کوٽ اٿو نہ وري هٿيارن، طاقت ۽ جرئت جي. منهنجي فرياد ٻڌو تہ ٿا ليڪن ان تي لبيڪ نہ ٿا چئو. جيتوڻيڪ پهلوانيءَ ۾ بہ مشهور آهيو تہ خير ۽ نيڪي ۽ جي ڪمن ۾ بہ، توهان مختلف قومن ۽ قبيلن جا چڱا مڙس بہ آهيو ۽ مشرڪن ۽ عربن سان جنگ بہ ڪئي اٿو ۽ مختلف رنجن ۽ تڪليفن کي برداشت ڪيو اٿو، وڏن وڏن پهلوانن جون گردنون ڪٽيون اٿو، ڪيترن ۽ جنگي ماهرن سان مهاڏو اٽڪائي چڪا آهيو ۽ توهان ئي هميشہ اسان جو ساٿ ڏنو آهي اسان جي حڪمن آڏو سر تسليم ڪيو اٿو ۽ اسان جي فرمان آڏو ڪنڌ جهڪايو اٿوَ جنهن سببان اسلام جو محور ۽ مرڪز اسان جي خاندان ۾ رهيو. زماني جي ماءُ جي ٿڻن ۾ کير اچي ويو، شرڪ ۽ ڪفر جا نعرا ختم ٿي ويا، اختلاف ۽ جهيڙا نابود ٿي ويا، ديني نظام مضبوط ٿي ويو.

بس پوءِ بہ ان قرآني آيتن ۽ رسول الله جي واضح فرمانن جي هوندي بہ خاموش آهيو؟ ڇو حق کي ظاهر ٿيڻ جي باوجود بہ لڪائڻ ٿا چاهيو؟ آخر ڇو ايمان آڻڻ کان بعد وري مشرڪ بڻجو ٿا؟ ڇا توهان ان ٽولي سان جنهن پيمان ٽوڙي دين رسول کي نابود ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو آهي، جنگ نہ ڪندو؟ جڏهن تہ توهان انهن سان اڄان پهريون پيمان ٻڌو آهي يا وري انهن کان ڊڃو ٿا؟ جڏهن تہ اگر مومن آهيو تہ فقط خدا جي ذات کان ڊڄڻ گهرجي.

ڄاڻي وٺو تہ مان ڏسان ٿي تہ توهان آرام جا طالب ۽ عافيت طلب ٿي ويا آهيو ۽ جيڪو انسان مسلمانن جي رهبريءَ لاءِ سيني کان وڌيڪ مناسب هيو ان کان پري ٿي ويا آهيو ۽ پنهنجا جسم پالڻ ۽ سنوارڻ ۾ مصروف ٿي ويا آهيو ۽ ذميواريون نڀائڻ کان نٽائڻ شروع ڪيو اٿو، ليڪن اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ الله



Presented by Ziaraat.Com

سائين فرمائي ٿو ته: ” اگر توهان ۽ زمين تي رهندڙ سڀ انسان به ڪافر بڻجي وڃو ( تڏهن به الله سائين کي ڪو به نقصان ڪونه ٿيندو) ڇو ته الله سائين بي نياز ۽ تعريف جي لائق آهي“

ڇاڻي ۽ وري به سمجهي وٺو ! ته مون کي جيڪو ڪجهه چوڻو هيو چئي ڇڏيم. جيتوڻيڪ مان سمجهان ٿي ته توهان حق جي مدد ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي ۽ حق جي مدد نه ڪرڻ اوهان جي ماس ۽ رت جو حصو بڻجي چڪي آهي واعدي سان بي وفائي اوهان جي دلين ۾ آڪيرا ٺاهي ڇڏيا آهن. پر ان ڪري جو منهنجي دل درد سان سرشار هئي، ۽ پنهنجي ذميواري شدت سان محسوس پئي ڪيم ان ڪري ڪجهه دل جا درد بيان ڪيم ۽ اهو غم جيڪو منهنجي سيني ۾ موجون هڻي رهيو هيو ٻاهر ڪڍيم ته جيئن توهان مٿان حجت کي تمام ڪريان ۽ توهان منجهان ڪنهن لاءِ به عذر ۽ بهانو باقي نه رهي. اگر ائين ئي آهي ته هي خلافت جي سواري ۽ هو فدڪ سڀ ڪجهه اوهان جو آهي، ان کي مضبوطي سان پڪڙيو ۽ ڪڏهن به نه ڇڏيوس ليڪن ڄاڻي وٺو ته! هي اهڙي سواري ناهي جنهن تي چڙهي توهان پنهنجي مقصدن تي رَسي ويندو، ان ڪري جو هن جي پٺي زخمي، ٽنگون پيگل ۽ ان جا عيب مشهور آهن. ۽ خدا جو غضب هميشه لاءِ رسوائي، ۽ جهنم ۾ داخل ٿيڻ جو سبب آهي ۽ اها اهڙي پڙڪندڙ باھ آهي جيڪا توهان جي سڄي وجود کي وڪوڙيندي. اهو نه وساريو ته جيڪو ڪجهه انجام ڏيو ٿا اهو خدا جي سامهون آهي. ۽ جيڪي ظالم آهن اهي عنقريب سمجهي ويندا ته انهن جي موٽ ڪيڏانهن آهي.

مان رسول الله 7 جي نياڻي هجڻ جي ناتي توهان کي عذاب الاهي کان ڊيڄاريم ۽ جيڪو ڪجهه ڪري ٿا سگهو ڪري وٺو ۽ جيڪو ڪجهه اسان کي ڪرڻو آهي انجام ٿا ڏيون توهان به انتظار ڪريو اسان به منتظر آهيون.



Presented by Ziaraat.Com

# نهج البلاغہ جي باري ۾

منابع-:

. 1مقدمہ عبده بر شرح نهج البلاغہ ص:9

) . 2شرح نهج البلاغہ ج11، ص153(

) . 3پيام امامہ آيت الله مڪارم شيرازي، ج1، ص60(

) . 4سيري در نهج البلاغہ شهيد مرتضي مطهري، ص(

) . 5نهج البلاغہ اردو ترجمہ سيد ذيشان حيدر ص14(



Presented by Ziaraat.Com